● كِتنهيُ ع كِتنهيُون: اسمر خاص. درياءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسمر.

● كِنهواريُ: اسمر خاص. تعلقي ناري (خيرپور رياست) هَ هڪ ديهه.

● كِتنهورَ ع كِتنهورُون (ت): ث. لڪجي كاني.

● كِتنهنُ (ت): ث. پسيل كڪڙ ـ كڪڙ پڳڙُ مان ٺهيل طعام جو هڪ قسمر. (ل). ڀاجهري جي رپ. مهينهن جو هڪ قسمر.

● كِتنهيُ: مهينهن جو هڪ قسمر (جنهن مهينهن جو هڪ سگ پڳل هجي ۽ هڪ سڄو هجي).

● كِتنڻُرا: اسمر خاص. تعلقي جاتيءَ هَ هڪ ديهه.

● كِتنڻُنُ: حرف جر. كان ـ وڌان ـ مان ـ تان ـ منجهان ـ كونُ. كنانُ ـ بَ نسبت.

▬ كِتنڻُنُ كِتنڻُنُ: كنگهڻ جو آواز ـ كنگهكار جو آواز ـ ڏوڻُ ڏوڻُ.

● كِنڻتن ع كِنڻُون: (ث. كڊُشيمر = سك). كنوڻ ـ بجلي ـ وڃ ـ برق ـ تجلي ـ شعاع ـ سوجهرو ـ چمكات ـ ڏئو. كلياڻ ـ ٻلو ـ چڱائي ـ خَيرُ ـ خيريت ـ سڌ پاو ـ بهبودي ـ خير خُويِيُ ـ تازائي ـ تندرستي ـ چڱيلائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڪنيءُ ع ڪنيئونءُ (ل): ث. (سن. ڪنيڪا = نينگهڻ). اَنءُ چڙڻ جو آواز يا ٽانءُ - زمين ۾ پيل آ ڪري. جنوَن جي انيءِ يا ٻين اڻن مان نڪيل ٽالهي. ڏريل ياجهريءَ جو پلاءُ. پلي، مانيءَ جو ڳيو - ڪن - ٽڪرو - پور - پورو - پرزو - ڳيو.
- ڪنيءُ ڪرڻ: نينگهه ۾ آن وجهي چڙَڻءُ - ڪڍڻ - ڏڪ هڻڻ.

● ڪنياتو: ذ. اسر. ڪانگ:
"ڪٽيو ڪنياتو خبرون، ڪيرون ڏيو ڪيلهي".
(شاه - پورب).

● ڪنيارِيءُ: اسر خاص. تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه.

● ڪنڀيو ع ڪنڀيا: ذ. صفت. مست - چريو - ڪيو - پاگل - مجنون - نشئي - سوالي - خمارين. عاشق.

● ڪنڀيوءُ ديروءُ: اسر خاص. نيست يا نابود انسان.

● ڪنڍءُ ع ڪنڍَ: ذ. نانگ جو قسر. (ت) - ڪرڙي جي نموني تي ٿيندڙ هڪ زهري جيت (جنهن جي ڪائڻ ڪري ماڻهو برو وقت مري وڃي) - هنڍءُ ڪنڍءُ - ڪوڏياري (بلا).

● ڪِڻَ ع ڪِڻُونءُ: ث. (سن. ڪشٽ) گهڙي - پلَ - لحظو - دمر - ساعت - ويرمر - ڪين - پلڪ - اک ڇنب - اک پُور پٽ - ٽورو وقت - آڇت - آنهيءَ دمر - ڪين ۾. ميراڻ - ميرائي - پاڻيءَ يا تيل جي ڪنهن ٽانو ۾ يا زمين تي ٻڌل اڇ.
- ڪِڻِيٽنگءُ ع ڪِڻِيٽنگَ: ذ. صفت. ڪين جو - ڪِڻڪ - ڪِڻ پُنگرءُ - هڪ ساعت ۾ - گهڙيءَ جو - چلچلائو - لحظي جو - بي بقا - ناپائدار - ساعتي.
- ڪِڻءُ پُنگرءُ ع ڪِڻَ پُنگرَ: ذ. صفت. ڪِڻِنگءُ - ڪين جو - هڪ ساعت جو - گهڙيءَ جو - پلَ جو. فاني - بي بقا - ناس ٿيندڙ - ناپائدار.

● ڪٽءُ ع ڪٽَ: ذ. ظرف. مقرر وقت - ميعاد - مُدو - عرصو - رسيس - مُدت - انجام - ٽيڻ - وارو - وار - وَڃڻءُ - پرتگيا - واڃا - وجهه - مُهلت. پَرتءُ پرڻ جي حالت. تويو - سيبو - ٽاڪو. طرف - پاسو. ورانڊي جي اڏاوت، صُفي ۽ ٻن پاسن جي وچ واري پاري - ڪچي جڳهه جو پاسو. وِٽي - سنڊو - ناغو - وِڇوو - وڇوٽي. سُڪا - سنڪلپ - پِرَنءُ - مجتا - مڇت - مِنت - بِاسَ. ڪالانٽر - ويساهي. (جهاز جو) لنگر. ٻيڙيءَ جو پاڳو - ٻيڙيءَ جو تختو.
- ڪٽائِتوءُ ع ڪٽائِيتا: ذ. صفت. پوريءَ موسر تي اچڻ وارو - مهلائتو - مُندائتو. مدو - ميعاد - وِٽي - انجام - ڪٽءُ - تِيَ.
- ڪٽءُ ٽِيڻءُ: مينهن يا ڳڻن ڪي لڳڻ جو خيال ٿيڻ.
- ڪٽءَ سَرُلوءُ ڪَرَڻءُ (ڪ): رَجَ ۾ رڪيل پاڻيا متي ڪٽي آڇلائڻ.
- ڪٽهيتوءُ ع ڪٽهيتا: ذ. صفت. پوري وقت تي ايندڙ - مهلائتو.
- ڪٽهيتيءُ ع ڪٽهيتيئونءُ: ث. صفت. پوري وقت يا پُوريءَ موسر تي ايندڙ.
- ڪٽهينءُ ڪٽائيڻءُ: ڳالهين ۾ ڪوڙو ڪرڻ - سبين سان ثابت ڪرڻ - دليلن سان ثابت ڪرڻ.
- ڪٽائيءُ ع ڪٽائيئونءُ: ث. ڪٽائڻ جي مزوري - گاڏيءَ جو پاڙو - ڏوڻائي.
- ڪٽائيءُ ع ڪٽائيئونءُ: ث. ڪٽائي - مزوري - پاڙو - محنت - ڪرايو - دامءُ - آجورو.
- ڪٽڻَ ع ڪٽڻئونءُ: ث. ڪٽندو - حساب - آڏار - اوڌر - رَڪٽ - قرض - ڏيڻو - رڪال.
- ڪٽڻِ ڪٽائيڻءُ: ڪنڊي تي وڻڻ - اوڌر تي ڪٽڻ - رڪت تي وڻڻ - قرض ڪٽائڻ - اوڌر ڪٽائڻ - رڪت ڪرائڻ - رڪال ڪرائي ڏيڻ.
- ڪٽڻِيءُ ع ڪٽڻِيءُ: آڏار ڪٽندڙ - قرضي - ڪندو ڪٽندڙ.
- ڪٽڻ پاڻ ڪَرَڻءُ: ڪاهه شيءِ هڪ هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ رکڻ.
- ڪٽءُ پاڻ ۾ وَڃڻءُ: نه ليکڻ جهڙي ڪر ۾ گذارڻ.

● ڪٽوءُ ع ڪٽا: ذ. ڇيت جي ڪائين ۾ هڪڙو ڪٽءُ - ناغو - وِٽي - ڇيٽي - ڦرجو. ويسانهين -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعطيل - ڇوٽي - سوڪل - رخصت - اجازت. بيل گاڏيءَ ۾ ڳانڍي جي ڪنڊن وٽ لڳل ڏنگي ڪاٺي.

● ڪٽيسَ ع ڪٽيسيُونُ: ث. ڪٽڻ - چرچ - سٽڻ.

● ڪٽيڪَ (ت): ث. ڪترپل آنُ.

● ڪٽڪَ ع ڪٽڪُونُ: ث. گمان - شڪ - خيال - ڏيان - سڌ - خبر - سنسو - پيرم - وسواس - وَهم - قياس - ڪلپنا - سنڪلپ - منوگت - پاوُ. فهم - سمجهه. جاڻ - سماءُ - آواز.

● ڪٽڪارُ ع ڪٽڪارَ: ذ. چٽڪات - چمڪار - ڪڙڪاتُ - ڪڙڪو.

● ڪِڙِ ڪِڙِ: ث. چٽڪات - ڪڙڪاٽ - ڪِڙڪِڙ - جهڙ جهڙ - چرچر.

● ڪٽڻُ: مصدر. شيءِ زمين کان مٿي ڪرڻ - چاڙهڻ - چڙهتي ڏيڻ. نِيتڻُ - ڏوئڻ - ڪٽي وڃڻ. مٿي ڪرڻ - چاڻڻ - سورڻ (وَتَ). ڪڙو ڪرڻ - جاڪائڻ - آتارڻ - وڏائڻ (اڳهه) - چاڙهڻ (عُهدو). ڪٽي وڻڻ. قبول ڪرڻ. هٽائڻ. خرچ ڪرڻ. وڻڻ. ڪائڻ (قسم). چِيڪڻ (ساهُ). ڪوڻڻ (ڪاٽي).

▬ ڪٽِيُ: ڪٽڻ مصدر جو ماضي معطوفي، بعضي بين فعلن اڳيان آنهن جي زور وڻائڻ لاءِ ڪم آڻجي. مثلاً: "ڪٽي هلُ"، "ڪٽي لِڪُ".

▬ ڪٽِيُ ڇڏَڻُ: ڪُسائي ڇڏڻ. ختم ڪري ڇڏڻ.

▬ ڪٽِيڇاهُ: ڪٽِجاڻ.

▬ ڪٽِيُ ڏيَڻُ: ڪلپائڻ - ڏَهَڻ - ستائڻ - ڪپائڻ - دِقُ ڪرڻ - هلاڪ ڪرڻ - پائي ڪٽڻ - رڙائڻ - پيڙڻ. چيڙائڻ - ڪاوڙائڻ - رنجائڻ - ڪڪ ڪرڻ - بيزار ڪرڻ.

▬ ڪٽِيُ ڪهُمائِڻُ: مٿهه ۾ ڦيرائڻ. چيلهه تي يا ٻانهن تي ٻارُ ڪٽي کيڏائڻ.

▬ ڪٽِيُ وَڻَڻُ: مدد ڪرڻ - سهارو ڪرڻ - چاڙهو ڪرڻ - حمايت ڪرڻ - پٽيرائي ڪرڻ - واهر ڪرڻ - سهائتا ڪرڻ. علاج ڪرڻ - آپاءُ ڪرڻ. وڻائڻ - ڀڪزائڻ - جهلائڻ. بچائڻ - ڇڏائڻ.

▬ ڪٽِيُ هَٿَڻُ: ساڻُ وٺي هلڻ - ڪڍ وٺي هلڻ - پيڙو ڪري هلڻ.

▬ ڪٽِيُ هَٿَڻُ: زمين تي آڇلائڻ - غالب پوڻ - جيتڻ - فتح حاصل ڪرڻ.

● ڪٽڻُ: مصدر. زمين وَلڻُ - ڪوڻڻ - ڪِوتائي ڪرڻ.

● ڪٽهارُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه.

● ڪٽهيڙِيُ ع ڪٽهيڙِيُونُ: ث. ٻير جي ڪڙِيءَ کان وٺي سُرن تائين وارو حصو.

● ڪٽهيتوُ ع ڪٽهيتا: ذ. زمين ڪوڻڻ جو لوهه جو اوزار، جنهن سان ڪڍ وغيره ڪوڻجي - ڪنو - رَنبو.

● ڪٽهيڻُ ع ڪٽهيڻَ: ذ. منگر مڇيءَ جو قسم، رنگ ڪارو، پيٽ اڇو، منهن ڏگهيرڙو، پُڇُ سنهو، ڪائڻ ۾ لذيذ ۽ قد هڪ - ٻه فوٽ.

● ڪٽهينوُ ع ڪٽهينا: ذ. منگر مڇ جو قسم - ڪٽيڻ جو ٻچو. زمين وَلڻ جو اوزار.

● ڪٽِيُنڊِيُ: ث. جنهن جانور جو ٻير چيريل هجي، آنُ جي پيڏيءَ ۾ ڇنڊب وانگر باهر نڪتل ماسُ. (ت).

● ڪٽِيُنڊِيُ ع ڪٽِيُنڊِيُون (ت): ث. ڪٽيندي.

● ڪوُ ع ڪا: ذ. اسم. زمين ڪوڻڻ لاءِ هڪ قسم جو اوزار - رَنبو.

● ڪِوُ: اسم خاص. جوئر جي پوک ۾ ٽيندڙ اڇين ڦلين سان هڪ گاهه جو قسم.

● ڪُوارُ ع ڪُوارَ: ذ. صفت. خُوار خراب - بدنام - رَذِيل.

● ڪِوائِيُ (ل - ت): ذ. اسم. گاهه جو هڪ قسم - ٿَرُ ملڪ ۾ پاڻيءَ جي ڪناري تي پيدا ٽيندڙ گاهه جو هڪ قسم - وَسَ جو گاهه (ڏسڻ ۾ ٻُوڙا ۽ سنگ اڇو).

● ڪُوبُ ع ڪُوبَ: ذ. صفت. خُوب - چڱو - سُٺو.

● ڪوُبِيروُ ع ڪوُبِيرا (ل): ذ. هُلُ - فساد - جهڳڙو - خرابي - نقصان - خلل - رولو.

"تون جيڪڏهن نه وڃين ها تہ ڪوبرو ٿي پوي ها".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● كُوٗبُ ع كُوٗبَ (ت): ذ. زمين جو كوٻو ـ كڏو. ڏنگو ٿانءُ.

● كوٻرائِيڻُ: مصدر. بيڪار وهاڑڻ ـ ناحق ڦاٻو ڪرڻ ـ ناحق روڪ ـ ناحق بند ڪرڻ.

● كوٻڙَ ع كوٻڑُونُ (ل): ث. ڪڏ ـ كوٻو ـ كاڏ ـ هيناهين مٽاهين ـ ڪڏو.

● كوٻِلو ع كوٗبِلاَ: ذ. صفت. دَلو ـ ڪچر ـ پڙوو ـ ڪسبي ـ مچلو ـ ڳالهائڻ ۾ مذاق جو لفظ. اڇو ـ حرڪتي ـ اوڙنڌرو. ٺاهڙ. بيوقوف ـ چريٽ. (ل). لوهه جو فريم، جو پيتيءَ ۽ دُريءَ ڪي گاڏيءَ سان جهلي ٻيهي ـ بيل گاڏيءَ جي ناڻي جو پرزو (لوهه يا ڪاٺ جو، جو بانڪ ڪي مضبوط ڪري). درن ۽ دريون وغيره جي طاقن ڪي اندران بند ڪرڻ لاءِ لڳل بولٽ يا پٽ.

ـ كوٗبِلاٽو ع كوٗبِلاٽا: ذ. دلائيءَ وارو ـ پڙوت جو.

ـ كوٗبِلائِي: ث. دلالي ـ ڪٽپائي ـ پڙوت.

ـ كوٗبِلِي ع كوبِلِيون: ث. عورت ڪي گار ڏيڻ جو گندو لفظ. ڪسبي ـ وَيشيا ـ ڪسبياڻي ـ رَنَ ـ رنڊي ـ ڪچري. دَلي ـ پڙوي.

● كُوٗبُو ع كُوٗبا: ذ. گهر جو مکيه پاتي ـ گهر جو وڏو. جنهن دِلي يا گهڙي جا ڪنا ڳچ هجن. (ساڪرو). ڪ ـ لپ ـ چرون. (ث).

● كُوٻو ع كُوٗبا: ذ. جهاڪو ـ ڪڏ ـ ڪڏو ـ چدو ـ چُرَ ـ چَرَ ـ چلهو ـ تنگ. هيٺ مٽاهين.

● كوٗبِرَنُ: مصدر. بيڪار وهڻ.

● كوٗبُ ع كوٗبَ: ذ. (سن. ڪُشُوپ > ڪُشُپ = لوڏڻ). قَرقَڙ ـ ولوڙ ـ آندولن ـ گوڙ ـ وگوڙ ـ بحث ـ تکرار ـ شور ـ ڏڪيڙ ـ مونجهارو ـ جهگوڙَ ـ بکيڙو ـ خلل ـ رولو ـ قيتاڙو ـ بي آرامي. گهمسان ـ گهبراهٽ ـ بي قراري ـ پريشاني ـ ماندگائي ـ ڦٽڪو ـ لوچ پوچ.

● كوٗتَرُ (ث): ڪوت ـ گهٽتائي.

● كُوٗتَرا (ث): ذ. خراب اَنَ ـ اَنَ مان هٿ سان صفا ڪرڻ ڪانپوءِ باقي بچيل گند ـ اَنَ ڪتن ڪانپوءِ باقي بچيل ڪچرو ـ اَن جي ڪوٽ.

● كوٗتِرَنُ (ت). مصدر. ڪوٽڻ.

ـ كوٗتو ع كوٗتا: ذ. امر. گڏهه جو نر بچو ـ ڪودو ـ ڪودڙو. گڏهه ـ خر.

● كوٗتيرُو ع كوٗتِيرا: ذ. ننڍڙو جار يا ڪنڊي جو وڻ.

● كوٗتِ ع كوٗتُون، كوٗتِيون: ث. (سن. كوٗدهـ = ڏُوڙڻ. ذري > كُٻ = ٻيهڻ). سُٽُ، ريشم يا ٻي ڪنهن اهڙي شيءِ ڪتيندي ان جون ننڍيون ننڍيون بچيل ذريون. ڏاڳن جا ٽڪر تيرا ـ منجهيل سٽ جي بچت ـ ڪٽل ٽڪرا ٽڪرا ـ ذرا ذرا ـ اوگهه سوگهه ـ ٽڪراٽو ـ پراڻي بچيل ٽوٽ. (ت). موچارو فصل.

ـ كوٗتُ ع كوٗتَ: ذ. صفت. ڪٽل. غيرُ ـ خراب اخلاق ـ گندو.

ـ كوٗتَارُ ع كوٗتَارَ (ل): ذ. صفت. اهو پڪي جنهن جا وار ڪسي ويا هجن ـ ڪٽل. (ث. كوتَارَ ع كوٗتَارُون).

● كوٗتِڙو ع كوٗتِڙا: ذ. ڪڪن جي ناهيل چاڪڙي ـ ڪرڪٽي ـ ڪوسر ـ ڪڪن جو ٺهيل جوتو. چمپل ـ سپات ـ جُتي.

● كوٗتُ ع كوٗتُ: ذ. (سن. كوتر > ڪٽل ـ ڪوڙ). آوڙائي ـ دڙڪار ـ سوس ـ قلت ـ ڪمي ـ هٿي ـ ڪوتي ـ آٽاٽ ـ ڪمي ـ ڪاٻ ـ ڪوتاهي ـ گهٽتائي ـ نراسائي ـ قرض جي ادائي لاءِ پوري وسعت نه رکڻ جي حالت ـ ڪُٽَڻ جي حالت ـ ڏيوالي ڪيڻ جي حالت ـ ٽورائي. نقصان ـ ٽوٽو ـ آبوچي ـ چيهو ـ ضَرَرُ ـ تاوڻ ـ زيان ـ چٽي ـ گاس ـ گهاٽو ـ هرج. چوڪ ـ غلط قدم. دُڪ ـ ايذاءُ ـ سُورُ.

ـ كوٗتِيپو ع كوٗتِيپا: ذ. ڪوت ـ هٿي ـ هار ويرـ زيان. آجائي سيڙپ.

ـ كوٗتِيپو ع كوٗتِيپا: ذ. ظرف. ديرـ اويرـ ڪانڊجاڻا. كوتِيپو.

ـ كوٗتِي ع كوٗتِيون: ث. صفت. ڪوڙي ـ ٺڳيندڙ ـ بيڪار. سيڙپ ـ ديرـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڪوڙي ڪتڻ: ترسائڻ ـ سيڙائڻ ـ ديرڪرائڻ. روڪڻ ـ اٽڪائڻ ـ جهلڻ ـ سنهم ڪرڻ. سيڙاپو ڪرائڻ.

● ڪوڙ ۽ ڪوڙو: ذ. صفت. (سن. ڪٽيل = ڪوٽو) دولاب ـ دغا ـ ٺڳي ـ چتر ـ تڙڪ ـ گهات ـ دوهه ـ ڪپٽ ـ فريب ـ بي ايماني ـ ڪوڙائي ـ ڪوڙ ـ متڙ ـ ميٽيا ـ امت ـ جوڙ ـ متڪر ـ اندر بهرين ـ دورنگي ـ خيانت ـ تغلب ـ خورد برد ـ خرابي ـ دنب ـ پاڪنڊ. بغض ـ حسد ـ ڪينو. ڏوهه ـ گناهه ـ عيب ـ چوڪ ـ غلط قدم. ڏڪ ـ ايذاءُ ـ سور.

ـ ڪوڙائي ۽ ڪوڙائيون: ث. ڪوڙائي ـ دغائي ـ برائي ـ بچڙائي ـ دغابازي ـ فريب ـ ڏوڪو.

ـ ڪوڙائي ڪرڻ: دغا ڪرڻ ـ برائي ڪرڻ.

ـ ڪوڙپائي ۽ ڪوڙپايون: ث. ڪوڙ ـ ڪپٽ ـ ٺڳي ـ متڪر ـ فريب ـ دولاب ـ ڏوڪو ـ تڙڪ.

ـ ڪوڙو ۽ ڪوڙا: ذ. صفت. دغاباز ـ ٺڳ ـ ڪپٽي ـ دولابي ـ ڪوٽ ڪنڊ ـ دغا ڪنڊ ـ فريبي ـ متڪار ـ مڪريل ـ بي وفا ـ بچڙو ـ ڏوڻگي ـ ڪوڙو ـ بي ايمان ـ ڪپٽيو ـ دوهو ـ اندر ڪارو ـ تڙڪتي ـ ويساهه گهاتڪ. سٽو ـ خراب ـ برو ـ بد ـ بد ذات ـ فاسد ـ ناقص ـ نڪمو ـ ندو ـ سست ـ بي ڪمو ـ ڪمينو. جڙتي ـ جڙتو ـ تقليدي ـ بناوٽي ـ ناهيل ـ جعلي ـ منصوبي ـ مصنوعي. بي وفا. غلط ـ اشد. ڏهاري ـ گنهگار ـ عيبدار. گهٽ قيمت وارو.

ـ ڪوڙي: ث. صفت. ڪوڙي ـ ٺڳينڊڙ.

● ڪوڙ: مصدر. (سن. ڪٽ = ڪوٽڻ > ڪاٽ، ڪنا، ڪوٽنو، ڪوتو = ولڻ). زمين ڪوٽڻ ـ ڪوٽائي ڪرڻ ـ ڪاٽي ڪرڻ ـ ڪاهي ڪٽڻ ـ مواد پاهر ڪرڻ ـ ڪوٽڻ ـ ڪورڻ ـ تيرشڻ ـ ڪٽڻ ـ ڪوٽڻ ـ ڪوهه ڪوٽڻ. ڳالهه ڪوٽي ڪيڻ. آڪرڻ ـ ڪودڻ ـ آڪيڻ ـ چيڙ ڪيڻ. آڪوڙڻ ـ پاڻ ڪاٽڻ ـ سيرنگهه هڻڻ. پاڙ پٽڻ ـ اندران ڪاٽ هڻڻ ـ ڪولڻ. ڪپڙو ڪٽڻ. صفا ڪرڻ (ڏند).

ـ ڪوٽ: ث. ڪوٽڻ جي حالت. ڪوٽائڻ.

ـ ڪوڙائيڻ: پئي ڪان ڪوٽائڻ.

ـ ڪوڙائيڻ: ڪٽائڻ ـ ٽنگڻ يا سوراخ ڪرائڻ.

ـ ڪوڙائي: ڪوٽائڻ جي مزوري ـ ڪوٽي.

ـ ڪوڙائي ۽ ڪوڙايون: ث. ڪوٽڻ واري حالت ـ ڪاٽي ـ ڪاٽي ڪڍڻ وارو ڪم ـ ڪوٽيل زمين.

ـ ڪوٽ ڪترن: تترن جو زمين ڪوٽڻ.

ـ ڪوٽ ڪوٽ ڪترن: ڪنهن گالهه جي گهٽي پچار ڪرڻ. تند رست ٽيڻ لاءِ گهٽي انتظاري ڪرڻ.

ـ ڪوٽهڙو ۽ ڪوٽهڙا: ذ. صفت. ڪوٽائي ـ گڏ ڪرڻ جي حالت ـ ڪوٽڻ جي حالت ـ ميڙ ڪي پوري ڪرڻ جي حالت ـ تيتر يا ڪنهن پئي پکيءَ جو متيءَ کي ڪوٽڻ واري حالت.

● ڪوڙي ۽ ڪوڙيون (ث): ث. موچيءَ جو هڪ اوزار ـ ڪاٺ جو ٽڪر، جنهن سان چمڙو ڪٽي سنهون ڪجي ـ ڪٽيي (ڪاٺ جي). (ت). ٻڪري.

● ڪوڙ (ث): پوڙهو ـ ٻڍو. متيون تهه يا ڪل.

● ڪوڙ ۽ ڪوڙر: ذ. ڪوپري ـ ڪوپري.

● ڪوڙرو ۽ ڪوڙرا: ذ. (سن. ڪوپرڪا = ناريل) ناريل جو تيل ـ ڏونگهين جو تيل ـ مغز ناريل جو ـ ناريل ـ ڏونگهي ـ ڪوپرو.

● ڪوڙري ۽ ڪوڙريون: ث. (سن. ڪورپريڪا. ڪپال = متي جو هڏو). بدن جو عضوو ـ متي جي هڏي جو پيالو ـ متو ـ مغز ـ ڪوپري ـ دماغ ـ ڪيپراٽي.

● ڪوڙو ۽ ڪوڙپا: ذ. (سن. ڪڙپر = ڏڪ) ڏاندن کي اڪين جي مٿان ڏڪ يا ڏڪٽيءَ وانگر ڪکن جو ٿهيل ڏڪ، جو هڙلي ۾ پڏڻ وقت ڏاندن کي اڪين مٿان ڏجي ـ ڏڪ ـ ڏاندن جو اڪيارو. ناريل جي ڪل. پٽ ڪينئين چي ڪل. آني (بيضي) جو ڏڪ. ڪوڏ وغيره جهڙي سخت جنس. (۽: ڪوپا). عينڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڪوُپا ڪنڊِيُ چنڈَنُ: چورڻ ـ چيڑڻ ـ گهٽي ڳالهائڻ لاءِ موقعو ڏيڻ.
ـ ڪوُپو ڪوڑَنُ: ڏَرٽو مارڻ.
● ڪُوپِيُ ۽ ڪُوپِيُونُ (ث): ث. ڏَڳي ـ گاڻ.
● ڪوُجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. خوجا.
● ڪوُجَنُ: مصدر. ڳولڻ ـ قولهڻ ـ جاچنا رکڻ ـ سڌ سماءُ ڪرڻ ـ ووڑڻ ـ ڏونڊڻ ـ جاچ ڪرڻ ـ وائڙڻ ـ ڳولڻ ـ سوجهڻ ـ جانچڻ ـ نهارڻ ـ لوچڻ ـ ڪوجنا ڪرڻ ـ شوڌ ڪرڻ.
ـ ڪوُجَ ۽ ڪوُجُونُ: ث. ڳولا ـ قولا ـ سڌ سماءُ ـ ووڑ ـ ڏونڊ ـ تلاش ـ پَرَکَ ـ نِهار ـ لوچ ـ دريافت ـ ڪوجنا ـ پَتو ـ پير ـ نشان ـ ڏَسُ ـ پَتُون ـ جاچنا ـ جهڑتي ـ جهاڑُو ـ سُراغُ ـ تفتيش. ويچار. (ث).
ـ ڪوُجائِنُ: ڳولائڻ.
ـ ڪوُجِنا ۽ ڪوُجِنائُونُ: ث. ڳولا قولا ـ جانچ جونچ ـ ڪوج ـ پُڇا ڳاڇا ـ ڳولا ـ پَرَکُ ـ تلاش ـ ڏونڊ ـ نِهار ـ لوچ ـ ووڑ ـ وَڑول ـ دريافت ـ تجسس ـ پتو ـ پير ـ نشان ـ ڏَس ـ شوڌ.
ـ ڪوُجِيُ: ڪوجنا ڪندڙ ـ ڳولائُو.
● ڪوُجِيڱاڻِيُ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڪوُجِيڱوُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).
● ڪوُچِروُ ۽ ڪوُچِرا: ذ. صفت. چِلوِلو ـ ڪيچلو ـ ڪوُنس ڪندڙ ـ بي سُڪو ـ ايڏنگو ـ حرڪتي ـ هٿ چُراند ڪندڙ.
● ڪوُچِلوُ ۽ ڪوُچِلا: ذ. صفت. چِلوِلو ـ مسخري ڪندڙ ـ ڪوچرو. (ل).
● ڪوُڌڙا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڪوُڌَمَنُ ۽ ڪوُڌَمَنَ: ذ. صفت. ڪائُو ـ پيٽُو ـ گهٽو ڪائيندڙ ـ چڙيوُ ـ دڪيتُ ـ پيٽُوڙي.
● ڪوُڌَنُ: مصدر. (سن. ڪُشْدَ = ڪوڻڻ) ڪوڻڻ ـ ڪوٽهڙو ڪرڻ ـ ڪوڙائي ڪرڻ. اڪرڻ ـ آڪٽڻ ـ چِٽَ ڪيڻ ـ نقش ڪيڻ. (دل تي) چمائڻ ـ وِهارڻ.
● ڪوُڌُڙُو: اسم خاص. ڪٽڪ جو هڪ قسم.
● ڪوُڌوُ ۽ ڪوُڌا: اسم. ڳڏهه جو نر ڏَرـ ڪودڙو ـ ڪوتو. ڪُسُ ـ ڪُسرو ـ مينڍو ٽڪ.
ڳلُپٽُ (چوڪرو). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.
ـ ڪوُڌِيُ ۽ ڪوُڌِيُونُ: ث. ڳڏهه جو سادي ڏَرُ يا پَڇو. ٻارن جي راند جو هڪ قسم. (ث).
● ڪوُڏَ ۽ ڪوُڏُونُ (ث): ث. ڏونگهين يا ڪارڪن ڪي ڪُٽي، آن ۾ ڪنڊ ۽ گيهه ملائي ڪائڻ جي خوراڪ ـ پُرٽ جو بچُ ٻيهي، آن ۾ گيهه ۽ ڪنڊ ملائي ڪائڻ جو سَليدو. سياري ۾ نندن ٻيلن جي وهڻ جي جاءِ ـ ڪوپ. ڪوٽ.
● ڪوُڏِيُ ۽ ڪوُڏِيُونُ: ث. (سن. چاڳ) پَڪري ـ ميمِي ـ ڇيلِي ـ اُڀِي. پَڪَرُ ـ پَٿروُ ـ پَڪرو.
● ڪُوڊَ ۽ ڪُوڊُونُ (ث): ث. مَڇيءَ جو ڪاسنءِ وقت هنيل ٽُونو ـ ٽڪرُ.
● ڪُوڊِيُ ۽ ڪُوڊِيُونُ (ڪ): ث. پکري ـ آڀِي ـ جيڪا پکري ٻئي ڏينهن ڪُسهي.
● ڪوُرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڪُورَ ۽ ڪُورونُ: ث. (ف. خواهر = ڀيڻ) ڀيڻ ـ همشيرهه.
● ڪُورِ ۽ ڪُورِيُونُ: ث. وڻ جو هڪ قسم، ڪنڊِي جهڙو ٿئي، هن جي ڪاڻي ڇڇي ته اندران خوشبوءِ نڪري، هن مان ڪونرُ به نڪري جو طاقت وارو آهي. (ڪ). ڪلراٽي زمين. بُنياد ـ پاڙَ. (ت).
● ڪوُرُ ۽ ڪوُرَ: ذ. پڏنرُ ـ گُونڊَ ـ ايڏنگو ـ بي سمجهه (ڪ). پِستَن، بادامين ۽ ڪير جي ٽهيل مٺائيءَ جو قسم.
● ڪوُرام: (اسم خاص). هڪ ذات (اڪثر ٽرپارڪر ۾).
● ڪوُراهُ: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه.
● ڪوُرِڙوُ ۽ ڪوُرِڙا (ث): ذ. وڏو مرد ماڻهو ـ پُرش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڪوڙڪاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه.

● ڪوڙِموڙ ع ڪوڙِما: ذ. (ع. قورمہ) ٻوڙ جو هڪ نمونو- گوشت جو ٻوڙ. ڪڪڙ جو اڌو ڳوهي، گيهه ۾ پچي، ڪنڊ ملايل ڪٽي. (ث).

● ڪُورو: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه.

● ڪُورو ع ڪُورا: ذ. (ع. ڪورو، ڪوره). سِرن يا چن پچائڻ جو ٻنو يا ٻني- سرن پچائڻ جي جاءِ- باهه يا شراب جي ٻني- آوي- نهائين- ٻني- ٻٽو. ڏنوڻ جي منهن ۾ ڀانڊن کي تيار ڪرڻ لاءِ ڪنيل نديءَ ڪڏ- لوهه کي تپائڻ لاءِ مٽيءَ جو نهيل نسيو تپائون گهر- سنداڻ جي جاءِ- آهرڻ جي بيهڪ- چلهو. وادڪي ڪم ڪرڻ جي چلهه جنهن ۾ لوهه، پتل وغيره تپائجي ۽ رجائجي. ڪڏ- غار. تلاءُ- ترائي- پاڏ- جهڪاڻ. جهولي- پلاند- پاڻ. (ث). (اسم خاص). تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه.

ـ ڪُورا ڪتپتائِنُ: باهيون ٻڌڻ- سچ مچائڻ- دونهان ڏُڪائڻ- دل ۾ درد پيدا ڪرڻ- عشق ۽ محبت ۾ گرفتار ٿيڻ.

ـ ڪُورِي ع ڪُورِيُون: ث. ٻنو- ٻني- نهائين- آوِي.

ـ ڪُورِي ماڳ: ڪُوري جي جاءِ تي- ٻنيءَ وٽ.

ـ ڪُورِيءَ مان ڪَڍَڻُ: مصيبتن کان ڇڏائڻ.

ـ ڪُورِيُون هٿَڻُ: واهن ۾ ڪاٽي ڪٽڻ لاءِ ٻتيون ڪڍون ڪٽڻ. (جنهن جي سنوت تي ڪاٽي ڪٽيجي).

● ڪَڙُورو ع ڪَڙُورا: ٿهڪو- آبارو- جوش- ٿچڪو- ڪاڙهو- آڏمو.

● ڪوڙواهُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه.

ـ ڪوڙواهِي چانوڙ: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ تهي ڪورواهه ۾ پيدا ٿيندڙ چانور.

● ڪوڙ هڏِي: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه.

● ڪُورئِي ع ڪورَئِيُون (ڪ): ث. صفت. ڪاري- خاري- ڪار ڪائيندڙ- سڙندڙ- ساڙيلو.

● ڪوڙِي: اسم خاص. هڪ لڪ جو نالو. تعلقي ديري محبت ۽ جيمس آباد ۾ ديهن جا نالا.

● ڪوڙياري: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوڙِيڙِي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊه باگي ۾ ديهه جو نالو.

● ڪوڙَيو ع ڪوڙِيا (ڪ): ذ. رَلِي يا سَوَڙَ جو مٽيون ٿهه.

● ڪوڙ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڪوڙ ع ڪوڙُون (ث): ث. چوڪ- غلطي. پٽراڻي جي سٽان ڪپڙي جِي جڙُ يا ٽهه. (سن. ڪِيڙ = بند ڪرڻ). رڳيل ڪپڙي کي ڏڪ هڻي ڪوڙڻ يا جمائڻ جو ڪم. گهٽو.

● ڪوڙِ (ث): عيب- اوگڻ- داغ- ٽِڪو. (ن- ب). ڪپڙي کي ڪيل استري- ڏاڪائي- چلڪو- لسائي.

● ڪوڙو ع ڪوڙا (ث): عيبدار.

● ڪوڙُ ع ڪوڙَ: ذ. صفت. تمام گهٽو- ڏيگ- جام- گهٽو- بي انداز- انبارُ- آڻ ڳڻ- بيشمارُ- هنبارُ- ٿهو- گُنڍُ- انبوهه- ديسر- دَڻ- گنجي- سَڙو- مٽي- راهه- ڪوڙي- ڏيگي. (اسم). ڪاڻ جو ٽڪر جنهن کان استريءَ جو ڪم ونجي. ڪپڙي کي ڏڪن جي رستي ڪيل لسو. ڪاڻ جو بند جنهن ۾ سنداڻ بند ڪجي.

ـ ڪوڙ ڪري وَڻُ: جام ڪري وڻ- گهٽو ڪري وڻ.

● ڪَوڙَ ع ڪَوڙُون: ث. اسم. چمڙي کي نرم ڪرڻ ۽ گهنجن ڪيڻ لاءِ ڪاڻ جو اوزار- ڪپڙي جا گهنج ڪيڻ لاءِ ڪاڻ جو اوزارُ- ٽپ- ڪٽ. گهٽا- جهجها.

ـ ڪَوڙَ ڏِيَڻُ: ٿوڪ ڏيڻ- ٽپ ڏيڻ. ڪوڙ گوڏن ۾ ڏيئي ٻچيو هڻڻ.

ـ ڪَوڙَ ڪَرَڻُ: ڪَلَڪُ ڏئل ڪپڙن کي تهه ڪري ٻاڦِ ۽ جو چڀڙو ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڪوڙ هٽڻ: چمڙي جا گهنج لاهڻ.
● ڪوڙاورڻ (ت): مصدر. مغرور ٿيڻ.
● ڪوڙسو ع ڪوڙسا: ذ. سنڌاڻ ڪي قابو ڪندڙ ڪاٺ جي اڏي.
● ڪوڙڻ: مصدر. (سن. ڪيل = بند ڪرڻ) ڪپائڻ - ٻڌارڻ - لڳائڻ - جمائڻ - ٻيهارڻ - برقرار رکڻ - وهارڻ - جاءِ تي آڻڻ - ٿهکائڻ - ٿهکائڻ - ٽيڪائڻ - ٽوکڻ. مقرر ڪرڻ - ٺاهرائڻ - ٽاڪڻ. پڪو ڪرڻ - پختو ڪرڻ - مضبوط ڪرڻ - ڏاڍو ڪرڻ - سوگهو ڪرڻ - قابو ڪرڻ - سڪ ڪرڻ. ڪنڊو ڪرڻ - چاڙهڻ. ٻگڙي سان ڪپڙي جا سڙ ڪيڻ. (ت).
- ڪوڙائيڻ: زمين ۾ هٽائڻ - ڪوڙڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ.
- ڪوڙ ڪڙڻ: پاڻ کي ڪوڙڻ يا جمائڻ - محڪم رکڻ - محڪم ڪرڻ - ڪپائڻ.
- ڪوڙ ڪائيڻ: پٽڻ جي راند ۾ رنگ جو پٽو جو پڙ ۾ پيل هوندو آهي، آنهيءَ جو جيڪڏهين ڪنهن وٽ وڏو پٽو هجي ۽ اهو رکي ڪري نڊو پٽو ڏجي.
● ڪوڙو ع ڪوڙا: ذ. صفت. حساب ڪتاب جي جدول - ضرب جو نقشو - انگ - ڪوڙهو. پٽي - پاڳو. ڳاهڻ - ڪوڙهو - جهٽو - جهٽڪ - جهنجهٽ - جهٽپٽو - آراڙو - جهٽڻ - جهٽلو (وٽن جو). جهنگ جو ٽڪر - پاڇي وغيره جو پارو. تمام گهڻا ڪانا هڪ هنڌ آڻي ڪري رکيل - ڍيڙهو. انبار - ڍڳ. (ت). گهٽي وقت تائين غسل نه ڪرڻ ڪري مٽي جي وارن جي پاڻ ۾ پيدا ٿيل اڇيون سنهون ڪٽلون. مٽي ۾ گندڙ - چيڙهه - ٻڪو - چيڙ. (ل). ماڻ ۾ بيٽل - حيران. (اسم). چار يا وڏي رڄ جو قسم.
- ڪوڙو پيچڻ: راز سلڻ - مسئلو حل ڪرڻ - پيرولي پيچڻ.
- ڪوڙو ٿي نه لڳڻ: ڳالهه جو عقل کان ٻاهر هجڻ - مڃڻ جهڙي ڳالهه نه هجڻ.

● ڪوڙهو ع ڪوڙها: ذ. صفت. حساب ڪتاب جي جدول. جهٽڻو - ميڙ - ڳوڙهو.
● ڪوڙي ع ڪوڙيون: ث. صفت. (سن. ڪوٽيڪا > ڪوٽ = ڪوڙ). مال جو گودام (جتان وهڻ رستي ڪيڏانهن ٻاهر موڪلجي) - آن جو ڍڳ - انبار - ڪوڙ - ڍڳي - ڍڳ - سٽو - ڍير - مال جي گهٽائي - جتي مال جو ڍيرو هجي ۽ مال گهٽو موجود هجي - آن يا گندر جو ڍڳ. حصو - پاڳو - ورهاڳو - پتي. ڪٽنب. مال وارن مسافرن جي ٽڪ پيچڻ لاءِ ٽهيل جاءِ. آڻن جي وهارڻ جي جاءِ جتي پاڙي جا آڻ گڏ ٽيسن. ڪاٺ جو ٽڪر، جنهن ۾ آرن پيل هجي.
- ڪوڙيءَ ڪهي گهميرو: سڀ ڇٽ - هڙئي ناس - ٻڌياد ٽي ٻڪڙو.
- ڪوڙي وڃهن: آن ورهائي جدا جدا ڍڳيون ڪرڻ.
● ڪوڙو: اسم خاص. پٽ شاهه جي ويجهو هڪ ڍنڊ جو نالو.
● ڪوڙي: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه.
● ڪوڙيلو: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه.
● ڪودر ع ڪودرَ (ت): مٺهاڙي - ڪوچو.
● ڪوس (ل): ذ. ڪُجهه.
● ڪوسا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو - هڪ قوم جو نالو - بلوچ قوم جو هڪ قبيلو - (١٢ پاڙا: (١) جمالي (٢) بڪراڻي ڪوسا (٣) ٻيجاراڻي (٤) بشواڻي (٥) ٻاجهاڻي (٦) ٻليلاڻي (٧) گهمراڻي (٨) جروار (٩) مندراڻي (١٠) نوتڪاڻي (١١) عمراڻي (١٢) زنگواڻي). تعلقي ٽل ۽ شهداد ڪوٽ ۾ ديهن جا نالا.
● ڪوسائي: ذ. صفت. ٻڪي - ٻڪ ڏاڙهيو. ٻڪي - ڪوسائي.
● ڪوسيڙ ع ڪوسيڙَ (ت): ذ. صفت. بي ريٽن - بي ڏاڙهيو. ٻڪي - ڪوسائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڪوسيڙوُ ع ڪوُسيڙا: ذ. ڪتر ڪٽي- ڪوڙو- پادر- جوتو- موچڙو- ڪتلو. جُتي.
● ڪوسِڪيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي، تعلقي گوني، تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ ديهن جا نالا.
● ڪوسَنُ جيُ واءِ: اسم خاص. تعلقي ساراري ۾ هڪ ديهه.
● ڪَوُسڻ: مصدر. وڙهڻ- رڙ ڪري جهيڙو ڪرڻ. ڏاهڻ- ڪسڻ- چنڻ. (ث).
● ڪَوُسَ ع ڪوُسُونُ: ث. ڪُسَ- ڪوڙ. حرڪت- چترائي- لڇائي- هٿ چراند. (صفت). ضايع- ڪُٽ.
ـ ڪَوَسَقِنَّائيُ ع ڪَوَسِقِنَّائِيُونُ: ث. حرڪت- چترائي- لڇائي- ڪيچل- شيطانيگِريُ- بدمعاشي- چرچ- چيڙ. خرابي- نقصان- خلل. چڙ- دقت- هلاڪي. تڪليف- خفو. بي آرامي- هٿن ۾ هريون- چن ڪوهه- چن ڪڙائي- لوچو. آٽ وڌهه- چلولائي- هُرَ چُڙ- قتقتِ- بي سود ڪم ڪرڻ.
● ڪوسو ع ڪوسا: نرم، لسي اوچي قسم جي لوئيُ، جا اڪثر ڪشمير مان ايندي آهي. ڪمبل.
● ڪوسُو ع ڪوسُوُ: ذ. زوري ڪسيندڙ- ڦريندڙ- جهت هٿندڙ- ڇنندڙ- ڪسي وٺندڙ- زبرستي ڦريندڙ- زوري وٺندڙ- ڦورو- لوٽُو- جهاڻو.
ـ ڪوسائپي آچَنُ (ث): ڪسي اچڻ.
● ڪوُڪُ ع ڪوُڪَ: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم، (هي ڪاري جي مڇيءَ جو قسم آهي، جنهن جا ۾ قسم ٽيندا آهن: (١) وڏو ڪوُڪُ (٢) ننڍو ڪوڪُ. وڏو ڪوڪ بنا چلر ۽ مغز ۾ هڪ انچ ڊگهو ڪنڊو ٽئيس ۽ ننڍو ڪوڪ ٽن ڪنڊن سان ٽيندو آهي).
● ڪوڪر: ذ. گند ڪچرو- ڪرفتي. (ت). هڪ ذات جو نالو. (ذ). جهڙ- ڪڪر (ت).
لا ڪنوڻ ڪريندا ڪوڪر ڊي وچ، بادل ڪري بهاري. (قادن).
(اسم خاص). تعلقي سورهي، تعلقي گوني، تعلقي ٽنڊو الهيار ۾ ڏيهن جا نالا. مڇيءَ جو قسم.
● ڪوُڪرُ: وڙهڻ جو اِرادو- ڪاوڙ- ڏمر. (ڪ).
● ڪوڪَرائِڻُ (ل): مصدر. ميٽي جي پڳل ٽاڻءَ جو گيگهرو آواز ڪرڻ.
● ڪوڪَروُ ع ڪوڪَرا (ث): ذ. ڇتو آواز نه هڻڻ جي حالت- گهگهو آواز- ڦوٽ پيل.
● ڪوڪِرائِيُ: اسم خاص. هڪ ذات.
● ڪوڪِڙاتُ: اسم خاص. ڏنڊ جو پڪي.
● ڪوڪَڙ رَهَڻُ: پيسو ڏوڪڙ نه رَهَڻُ- سڄو سڪٽو رهڻ.
● ڪوُڪَڙِيُ ع ڪوڪِڙِيُونُ: ث. مهيوي، پاڄي وغيره جو قسم- ڪارڪ جي ڪڪڙي- پتو- ڏوڏي.
● ڪوڪِڙِي تانُ تِرِڪَٽُ: وجهه ڳولڻ- هروپرو وڙهڻ. (ت).
● ڪوڪِڙِيلُ: ڪوڪِڙِيلَ: ذ. صفت. تمام ڏبرو- بلڪل پوڙهو. (ت).
● ڪوُڪَلوُ ع ڪوُڪَلاَ: ذ. صفت. خالي- پورو- اندران ڪاڏل- ٽلهو- سڪٽو- ڦيڦو. پراڻو- پڳل- ڪوڪرائيندڙ (ٽِڪر جو ٽاڻءَ).
● ڪوُڪوُ ع ڪوُڪا: ذ. (سن: ڪوپ=پورو). خالي پهتي- پيتي- پياندبو- دروازن، درين جو قالب. جو ٿوري وقت لاءِ آڏاوت ڪندي ڪم آڏبو آهي- بوتو- پنجرو- خالي- سڪٽو. ٽلهو- پالهو- سڄو- پورو- پينگيو- دُڙبو (سُڪل).
ڳَنَرُ- ڳنو- بُهَ- ڪڙپ- سڪو ڪانو آن جو- ڪاني- ڪابه ڳريل ۽ سڪل شيءِ- پڪل سگر- سڪل پير- ڪوڪلو. ڪچو سِيِيَلُ پهرڻ جو ڪپڙو. (پُٽ پَريَل) هُنڊبيُ، جنهن جا پئسا وصول ٿيل هجن- متايل هنڊي- متايل بل وغيره.
ـ ڪوُڪوُ ٽِيَنُ: پنهنجي طاقت ڪان خالي هجڻ- ڪوبه زور نه هجڻ- اختياري هلائي نه سگهڻ- بي طاقت هڻڻ- سڄو هڻڻ.
● ڪوُڳ ع ڪوُڳَ: ذ. سيڙ سيڙ- اوگهه سوگهه- آخري بچت.
● ڪولُ: ڪنول.
ـ ڪولُ ميرُ: ننڍڙو ٻوٽو، ڦڪا گل خوشبوءِ وارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڪولادارُ ع ڪولادارَ: ذ. ضامن.
ـ ڪولادارِي ع ڪولادارِيُون: ث. ضمانت ـ جوابداري ـ ذمہ برداري.
● ڪولادَرُ ع ڪولادَرَ (ت): ذ. ضامن.
● ڪولانڈَرُ ع ڪولانڈَرَ: ذ. صفت. ضامن ـ ضامني ـ ذمہ برداري ـ جوابدار ـ ڪفيل. (اسم).
هڻڻُ ـ ضمانت.
ـ ڪولانڈَرِي ع ڪولانڈَرِيُون: ث. ضمانت ـ ضامنگيري ـ هڻڻُ. سلامتي ـ سوگهائي ـ امنُ.
ـ ڪولانڈو ع ڪولانڈا: ذ. عيوضو ـ بدل ـ بدل هڻ جو عيوضو.
● ڪولائِيڻُ: مصدر. ڪولڻ جو ڪم ٻئي ڪان ڪرائڻ. ريتيءَ سان مٿلائي صاف ڪرائڻ.
● ڪولتَرَ: اسم خاص. هڪ ذات.
● ڪولِرَ ع ڪولِروُنُ: ث. نديون ٽڻن واري ٻڪري.
● ڪولِرُ ع ڪولِرَ: ذ. ڪلدارُ ـ ڪلَ وارو.
● ڪولڙَ (ث): ذ. جاءِ ـ گهرُ.
● ڪولِسترُ ع ڪولِسترَ: ڪبوتر جو هڪ قسم. تتر جو هڪ قسم ـ بٽگو ـ ڪارڙو.
● ڪوُلڻُ: مصدر. (سن. ڪُڙُ = پڇڻ). (دَرُ) پڇڻ ـ لاهڻ ـ آپهيڻ ـ ڦاڙڻ ـ ڏارڻ. (بحث) شروع ڪرڻ ـ جاري ڪرڻ ـ ظاهر ڪرڻ ـ عيب پڌرو ڪرڻ. آکوڙڻ ـ آکيلڻ ـ کولهي چڏڻ. سلڻُ ـ پڇڻُ. سمجهائڻ ـ سلجهائڻ ـ کونڊڻ ـ ڦلهيرڻ ـ وکڻڻ. سوجهڻ. چوڙڻ ـ چڏڻ ـ آزاد ڪرڻ ـ چوڪارو ڏيڻ ـ رها ڪرڻ. ڪشادو ڪرڻ. آگهاڙو ڪرڻ. (روزو) چوڙڻ.
ـ ڪوُلَ (ث): پتَ ـ ڪشايش ـ ويڪراڻ ـ ڪشادگي.
ـ ڪوُل ڪوُلاڻِي ع ڪوُل ڪوُلاڻِيُون: ث. وائکائي ـ پڌرائي ـ ظاهرائي ـ کلڻ کلائي.
ـ ڪوُلِيِي ع ڪوُلِيِيُون: ث. ٻاڦلي کولڻ واري آکيڙڻي.
● ڪرُلمِيرُ: ذ. اسم خاص. جبل جو ٻوٽو، دوا ۾ ڪم اچي، مال کائيس، پيٽ جي ستور ۽ گوڏي جي سُور لاءِ سڪائي، گهوٽي ۽ ڪنڊ سان ملائي کائجي ـ نڙو. (ن ـ ب).
● ڪَولِڻُ: مصدر. خراب ڪالهائڻ. ڪنگهڻ. (ل).
● ڪوُلوُ ع ڪوُلا: ذ. بندوق جي گهوڙي جي متڪ. آلت جي سوپاري جي مٿان واري ڪَلَ ـ طُهر وهڻ مهل مرداني مخصوص عضوي جو منهن وارو ٻيڪار ڪٽيل چمڙو. ڪَلَ. زمين، جنهن تي اڏاوت نہ ٿيل هجي. (صفت). ڪَلدار ـ ڪل وارو.
● ڪوُلُو ع ڪوُلُو: ذ. صفت. هندو ـ واڻيو ـ طُهر نہ وينل. حرامي.
ـ ڪوُلِرُ ع ڪوُلِرَ: ذ. صفت. اڻ طُهريل ـ واڻيو.
● ڪوُلهِيرو ع ڪوُلهِيرا: ذ. صفت. اڻ طُهريل ـ بي خَتنہ ـ بي سُنت ـ بي سنتيو ـ ڪولهي وارو. گهٽ ذات وارو.
● ڪوُلهَڙَ (ث): ث. جاءِ ـ راهِيرو ـ آجها ـ سموري ڪڪائين تيار ٿيل جاءِ، ڪمپائونڊ وال سميت ـ (لوڙهي سميت).
● ڪوُلِهِيِي ع ڪوُلِهِيِيُون: ث. هڪ واڌ ڪو اوزار.
● ڪوُلِيِي ع ڪوُلِيِيُون: ث. موچين جو چمڙي ڪي چلڪائڻ جو ڪاڻي جو هڪ اوزار ـ چمڙي ڪي چلڪائڻ لاءِ ڪاٺ جي رَنبِي ـ ڪاٺ جي رَنبِي، جنهن سان موچي چمڙي ڪي ستي ڪٽي نرم ڪندا آهن. ڪهي ڪٽڻَ جي ائٽ جي ٽڪ. جيل جي نندڙي ڪوني. واڌن جي رَندي جو هڪ قسم، جو طاقن ۽ تختن کي هڻندا آهن. (صفت). نہ ڦرندڙ لاٽُون.
● ڪوُمان: ڪورمو ـ ڪورما ـ لذت ـ لَذت وارا ڪاڄ.
● ڪُوماڻَ (ث): اسم خاص. ٿر ۾ ٽيندڙ گاهہ.
● ڪُومائڻُ: مصدر. منجهائڻ ـ غمگين ڪرڻ.
● ڪومبرانو: اسم خاص. سنڌ ۾ هڪ ڪاري ڏنڊ جو نالو.
● ڪومَنُ: ڪائڻ جو طعام ڪاڏو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڪُومو ع ڪُوما: ذ. ڪپڙي سڑڻ وقت نڪتل بانس. ڪپھ يا ڪپڙي جو ٽڪر-جوڙيءَ جو ڪپڙو- ٽلھو ڪپڙو. ڪچو ست (ويھو ڏھو چاليھو جن مان گھائي ناھجي). ڏانڊي پڪيءَ کي ب "ڪومو" چئبو آھي.

● ڪَونَ: حرف جر. ڪان- تان- مان- وٽان- منجھان.

● ڪُونيَتُ: ٻوٽي جو ھڪ قسم. (ٿر ۾ پيدا ٿيندڙ). ڪُونيَتُ.

● ڪُونڌَنُ (ث): مصدر. اَن جھڙي شي پڻڻ.

● ڪُونڌُ ع ڪُونڌَ (ل): ذ. صفت. سوگھو ٻڌل، جو ھٿ پير ھٽي نہ سگھي. ستجُو.

● ڪُونڌارُ ع ڪونڌار (ث): ذ. آھا ڏگي جا گھر ۾ ٻڌل ھجي- ٻڌل وَھِتُ.

● ڪُونڌَنُ: مصدر. لڏڻ- سنگ ويڙ. آڏڻ. (ث).

● ڪونڌو ع ڪُونڌا: ذ. مال کي پڌڻ لاءِ ڪتل ڪِلو- ڪل- ڪاني- ٽوٽي- مُني. ڪُنڌو (ڏگي کي ڪونڌي تي ب مھنا پڌي چارجي تہ ٻوءِ ڏاڍو طاقتور ٿئي). (ل). (جملو).

▬ ڪُونڌو ڏِيَنُ: جاءِ يا ھنڌ ڏسڻ. ماڻھو جو پتو ڏيڻ. (ل). "مونکي کونڌو ڏي تہ توکي ھيءَ ڏگي ڪٽان ملي." (جملو).

● ڪُونڌيُ يا ڪُونڌِيُ: پلاڻ جو پويون ڇيڙو جنھن جو سھارو بن ڏانڊين تي ھجي ٿو اھو ڇيڙو ڪڙو ھجي.

● ڪونڌُور (ڪ): ذ. وڻ جو ھڪ قسم، ورينگر جھڙو. (ن- ب).

● ڪُونجانا: اسم خاص. ھڪ ذات.

● ڪُونجو ع ڪونجا: ذ. ٽنائيءَ جو ھڪ قسم- ٽڪندو لڏون- نبات. ڪارکو وڪر. گيھسو. (ث). تين جو پيالو. پاڻي پيڻ جو ڪونجو يا کونجي- ڪُنِي.

▬ ڪونجِيُ ع ڪونجِيُون: ث. (ف. ڪوزه= ٽانءُ). نندو کيسو (ث). چل- ڪرسي.

● ڪونڇار (ل): تکليف. "اسين ھاڻي کونچار ۾ اچي پياسون، ڪريون سو ڪريون ڇا؟" (جملو). مونجھارو.

▬ ڪُونڇِلوُ ع ڪونڇِلا (ث): ذ. کيسو.

● ڪُوند: اسم خاص. ھندن جي پنڌتي ڏيل ھڪ ذات.

● ڪونڊِيُ: اسم خاص. تعلقي ميھڙ ۾ ھڪ ديھ.

● ڪُونڊَنُ: مصدر. سلجھائڻ- ڦلھيرڻ- وکڙڻ. (ڏاڙھي) پٽڻ. "ڏاڙھي کونڊي ڪلاھٽندو سانءِ" (جملو). محبت ڪرڻ- چنڻ- روڙڻ. ڇپي ڏيڻ- جھپو پائڻ. صفا ڪرڻ- صاف ڪرڻ- وھنوار ڪرڻ. چنڻ- ڦاڙڻ- چيرڻ.

▬ ڪُونڊَ ع ڪُونڊُون: ث. تباھي. کوھ- پٽ.

▬ ڪُونڊائِيُ: پٽائڻ- چنائڻ- تباھ ڪرڻ.

▬ ڪُونڊائي وَنَنُ: کسي وڃڻ.

● ڪُونڊُوُ ع ڪُونڊا (ل): ذ. مٽ وريل ٽلھو لکڻ "مونکي کونڊو آڻي ڏي تہ ٽيڪ ڏيئي گھر وڃان" (جملو).

● ڪُونرُ ع ڪونرَ، ڪونرُون: ث. (سن: گُنڊ). ڪنھن بہ وڻ جي ٽڻُ سان نڪتل رَسُ- وڻ جي لڳلڳدار رس، چنڙندڙ. (چنڙائڻ ۾ ڪم اينڊڙ ڪونر).

● ڪُونرُو ع ڪُونرا (ڪ): گھرُو پاڻيانو ننھين پلو آڻ.

"تن اونرن کونرن لمن ليڙن."
(ڪبير شاه).

● ڪُونرا ڪَرَنُ: پيرن سان زمين کوٽي آڇلائڻ- ڪڏ ڪرڻ- دڙھا ھٽڻ- ڏڏڻ.

● ڪُونرا ڪائِيُ: جوش ڪائڻ- پڙڪڻ- پڙڪڻ. (ن- ب).

● ڪُونسَنُ: مصدر. (سن: ڪَدُ = تڪليف ڏيڻ). [سن. ڪوسَنَ = جوشُ، ڪاھ، ڪَوس، ڪاوش = ڪاوڙ. ڪاھ يا حملو]. ڇيڙ خاني ڪرڻ- چرچ ڪرڻ- جھيڙي لاءِ ٻھانو گولڻ- تکليف ڏيڻ- وڙھڻ- دشمني رکڻ. گھٽڻ. آڇائڻ- خار ڏيارڻ- بغض ڪيڏڻ- ضد پاڙڻ- عکس رکڻ- ڪينو رکڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▬ ڪتونس ۽ ڪتونسون: ث. ڪنڌ - چرچ - چيڑخاني - حرڪت - جهيڑي لاءِ ٻهانو - دشمني - ڪيتو - ڪتراڳ - جهيڑو - جهتو - ويڑهه - جهيڑ - مونهاڙو - رقابت - عداوت - وروڌ - نفرت - ڏڪار - چاوت - بدخواهي - ويرا - ايرڪا - عڪس - خصومت - ڪينو - خار - تعصب - بغض - ضد - ساڙ - منگهرائي - ٻيائي - ڏنجهائي - حسد پائي - ريس.

▬ ڪتونسائيتو ۽ ڪتونسائيتا: ذ. صفت. ڪونس ڪندڙ - ڇيڙ ڪندڙ - بدخواهه - عداوتي - ڪنڊو - ويرو سادينڊ - حاسد - دشمن - منگهرو - چاوتي - ڪنڊائتو - خار رکندڙ - خاري - خارباز - وپري - بدو - عدو. (ظرف). خارن وچان - عڪسان عڪسي.

▬ ڪتونسيرو ۽ ڪتونسير: ذ. صفت. ظرف. ڪونسائتو - ساڙ سڙيو - ويري - بدخواهه - بداندیش - بغضي - ڪينرو.

▬ ڪتونسٽو ۽ ڪونسيٽا: ذ. صفت. دشمن - ويري.

● ڪتونڪارڻ (ل): مصدر. ڇڪ.

● ڪتونڪيرو ۽ ڪونڪيرا (ل): ٻڪل - ٽنڊل.

● ڪتونڪيرو ۽ ڪتونڪرا: ذ. ڇاڻي واڻي جهيڑو ڪرڻ.

● ڪونڪو ۽ ڪونڪا: ذ. ٽمام پوڙهو.

● ڪون ڪون: ذ. (سن. ڪاس = کنگهه) کنگهڻ جو آواز - ٽونڪارو کنگهه جو.

● ڪونگهيرو ۽ ڪونگهرا: ذ. (سن. ڪِڪ = باندر: باندر جهڙو آواز ڪرڻ). نڊ ۾ ڪيل آواز - گهوگهرو - خرخر - خراٽو - خرڪي - ڪرڪي - گهرڪي - گهرڪي. دل جو آواز.

▬ ڪونگهرو ڦيهڻ: ذڪر ڪرڻ. (ن-ب).

▬ ڪونگهرو هڻڻ: گهوگهرو هڻڻ - خرخر ڪرڻ - خرڪي هڻڻ - گهرڪي لڳڻ - نڊ ۾ آواز ڪرڻ.

● ڪونماڻ: اسم خاص. هڪ ذات.

● ڪيوڻ ۽ ڪيوڻيون: ث. (سن: ڪُشتَ > ڪڙ پريا = چمڪندڙ). وڄ - بجلي

"تنهن ڪيون ٿي ڪنواءِ جا ڏس ڏاڍاڻ جي."
(شاه - ماروئي).

(مصدر). چمڪڻ.

● ڪوڻ ۽ ڪوڻ (ل): ث. (سن: ڪُوڻ = ڪنڊ). پار - طرف - ڏس - پاسو - پٿلو - ڪنڊ - ڏر - ڏسا. هدايت - ڏس.

● ڪوڻو (ث): مڙس جي مري وڃڻ تي زال جو عدت ۾ وهڻ.

● ڪوڻيتو ۽ ڪوڻيتا: ذ. صفت. پوري وقت تي اچڻ وارو - ڪائتو.

▬ ڪوڻيتي ۽ ڪوڻيتيون: ث. صفت. پوري وقت تي اچڻ واري - ڪائتي.

● ڪوڻي ڪنڊ ۽ ڪوڻيون ڪنڊون: ث. اونهون ڪوهو - اونهي ڪنڊ.

● ڪوهه ۽ ڪوهه: ذ. (سن. ڪوپ، ڪوپڪه > ڪاتن = ڪوهه). زمين اندر پاڻي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنيل اونهي ڪنڊ - زمين ۾ ڪوٽيل ۽ سرن سان اوساريل ڪنڊ، جنهن سان پاڻي حاصل ڪجي - پاڻيءَ جو اونهو هنڌ -

"سنڌجي سنڌجهي ڪوهڙا، ويڙهي ويا ورت"
(شاه - ماروئي).

تڙ - واءِ - چاهه - واڻين - ويتري - ڪوهر - کهاڙو - وانهه. ڪنڊ - ڪاڻ - پاڙ - تلاءُ - ترائي - تراءُ - غار.

▬ ڪوهاڙو ۽ ڪوهاڙا: ذ. نار يا هرلي لاءِ ڪوٽيل ڪنڊ - کهاڙو - بيرچه.

▬ ڪوهاڻو ۽ ڪوهاڻا: ذ. ڪوهه ڪوٽيندڙ - ڪاڻيو.

▬ ڪوهه پوڻ: ڪنڊ پوڻ.

▬ ڪوهه جو آڻڻ: ڪوهه ۾ سڻي جڙ نه هجڻ سبب اندران نار مان واري اينڊڻ.

▬ ڪوهه جيءُ ميٽيءُ ڪوهه ڪهي لڳڻ: جنهن بلهي آمدني ٿئي تنهن بلهي خرچ ٿيڻ. (ن-ب).

▬ ڪوهر ۽ ڪوهر: ذ. ڪوهه - تڙ نڌا ڪوهه يا ڪوهيون. (صفت). ڪوهه جو سنياليندڙ.

▬ ڪوهرو (ث): چاهين - نڊبو ڪوهه.

▬ ڪوهه ۾ ٽيهو ڏيڻ: جوکي جو ڪم ڪرڻ - جوکم ڪٽڻ - جوکو ڪٽڻ - قسمت آزمائي ڪرڻ - خطرناڪ ڪم ڪرڻ - جوکائتو ڪم ڪرڻ. خراب ڪم ڪرڻ - بيڙو ڪم ڪرڻ - نقصان جهڙو ڪم ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڪُوهہ ۾ قِتو ڪرڻ: ڏ ک ڏيڻ ـ ظالمن جي حوالي ڪرڻ ـ ڏيءُ ڪي ڪنهن ظالم ماڻهوءَ سان پرڻائڻ.
ـ ڪُوهہ ۾ ڪَلَ آڇلڻ: سيني ڪي رد ڪرڻ.
ـ ڪُوهڻ جا وات: دنيا جي ماڻهن جون گالهيون.
ـ ڪُوهيِ ع ڪُوهيُون: ث. نيڊو ڪُوهہ ـ ڪورين جي آڻڻ لاءِ پير هيٺ ڪرڻ جي بہ ـ تي فوٽ اونهي ڪَڍَ.
● ڪُوهار: اسم خاص. هڪ ذات.
● ڪُوهارا: اسم خاص. هڪ ذات. تعلقي شڪارپور ۽ تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ ديهن جا نالا. شهر. (سيوهڻ پرسان).
● ڪُوهاڻو: ذ. (سن. ڪوشليا) ڪڙي ۽ سڻي پاڻيءَ جي زمين سچاڻندڙ. آب شناس.
● ڪُوهہ ٻيڙو: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ.
● ڪُوهيرو: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ.
● ڪُوهلي بارائي: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ.
● ڪُوهہ ماڻُون: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهہ.
● ڪُوهہ ميصُري: اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهہ.
● ڪُوهہ مينهُون: اسم خاص. تعلقي ميرپورماٽيلي ۾ هڪ ديهہ.
● ڪُوهہ نتورَنگ: اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهہ.
● ڪوهڻ: مصدر. (سن. ڪوش، ڪش = ڪوهڻ ـ گهٽجڻ) ڪوهڻ ـ ڪُوندڻ ـ چِنڻ ـ پِٽڻ ـ روڙڻ. ڪِسائڻ ـ خراب ڪرڻ ـ وڃائڻ. همت ڏارڻ ـ همت ٻڌڻ. ڦهرڻ ـ اوڍڻ ـ پائڻ ـ ڍڪڻ ـ چوڙڻ ـ هنبائڻ. ٽڪائڻ ـ چُور ڪرڻ. جهلڻ ـ هلڻ ـ چُڙڻ ـ جتاءُ ڪرڻ. ڪوڙڻ (ث). چاڻڻ. (ل). زوال ڪرڻ ـ چٽ ڪرڻ ـ ناس ڪرڻ.

ـ ڪوهہ ع ڪوهڻ، ڪوهون: ث. (ڪپڙي وغيره جي) چوڙ ـ چوڙڻي ـ پٿور ـ هنبائين ـ هٿنبو. چِن ـ ڪوندهہ ـ پٽ.
● ڪُوهو ع ڪُوها: ذ. ٻيڙيءَ جو شڪيلو ـ ٻيڙيءَ جو سُڪان ـ شيخلو، جنهن ۾ آڏ پڌجي ـ ڪاڻيءَ جو ڍلهو ٿوهو، جنهن تي سڙهہ پکڙي.
ـ ڪُوهاڻو ع ڪُوهاڻا: ذ. ٻيڙيءَ جو ڪوهاڻو ـ ڪُوهو ڪٽندڙ.
● ڪُوهہ وارِي چَن: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● ڪُوهيِ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڪوهيِ جَلال: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● ڪُوهيِ ڪينگهيِ: اسم خاص. تعلقي ميرپورماٽيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● ڪوهيو: ذ. ڪاڙهيل کير جو ٽِڪو ـ مائو. اپر سنڌ جي هڪ خاص مٺائي، جمائي، پُڳل مانهہ ۽ سُڪل ميوي مان ناهي ويندي آهي.
● ڪوءِ: ظرف. ٻَنِ ـ ڪڏ ۾ ـ ڪوهہ ۾.
● ڪوئُدُ ع ڪوئُدَ: ذ. گاهہ جو قسم. گهاٽو گاهہ ـ ڪَچڙو گاهہ ـ ڪچا جَوَ ـ ڪاڏو.
● ڪوئُڻُ: مصدر. وڃائڻ ـ ناس ڪرڻ ـ جُدا ڪرڻ ـ جُدا ٽيڻ ـ جان ڇڏائڻ ـ آزاد ڪرڻ.
ـ ڪوئُهي: ناس ڪري.
● ڪوئُنُ: مصدر. ڪاٽ جي اڏي، جنهن تي ڪرڙ ڪجي. (ن ـ ب).
● ڪوئيِڙُ ع ڪوئيِڙَ (ل): ذ. (سن. ڪوئيِڪا، ڪوئيِجَڪا) ڏريل ۽ پاڻيءَ ۾ پُسايل ڏارو (متر، گُوار وغيره) ـ سال جي ڪاڏي لاءِ تيار ڪيل چارو. ٻيڙيل ڪماند جا ڇُوٽا.
● ڪويِڙُ ع ڪويِڙَ (ت): وڏيءَ عمر وارو ـ بلڪل پوڙهو ـ ڏبرو.
● ڪَويِڙُ: ذ. فراسيءَ جي چٽن جو قسم.
● ڪَهِہ ع ڪَهُون، ڪَهِيُون: ث. خارس ـ ڪِرنهن ـ خارش ـ ڪئي ـ سُرسُر ـ ڪهيِ ـ ڪَرُ ـ ڪاجِيِ ـ ڪارش ـ ڪَنُ ڪَنُ ـ ڪِرڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● كُهِڙ : ظرف. كُوهه ـ كَنڊَ ـ پَنُ.
● كُهِڙ پَوَنُ : كَنڊَ ۾ پوڻ.
● كِهڙَ ۽ كِهڙُونُ : ث. گاهه جو هڪ قسم، ديگهه ۾ فٽ ڪن ٿئي، برسات جي موسم ۾ واريا سين پٽن ۽ جابلو مُلڪن ۾ ٿئي، سندس پَن نندا ۽ سنها ٿين، هي گاهه سنگ ۽ جهلي، جو ڏيڍ انچ ڪن ڏگهو ٿئي، وهت کائين ـ خوشبوءِ دار ٽيندڙ، گنديين وارو گاهه. فصل ـ پوک ـ پَنِيُ ـ کهيتي. ڏوڙ ـ دَڙَ ـ ڏُڙِ ـ بُس ـ لتَ ـ بُسيڙ ـ خاڪ ـ متي ـ گرد.
ـ كِهڙَ پَڪُليُونُ : ڏوڙ سان پريل. "جن جون ڪڙيون ڪهه پَڪليون آهن." (لطيفي سير).
● كُهڙُ ۽ كُهڙَ : ذ. ڪوهه ـ چاهه ـ کهاڏو ـ اونهي ڪڏ. قربان ـ صدقي. ٻن ـ ڪڏ ۾.
ـ كُهاڏُو ۽ كُهاڏا : ذ. نندڙو ڪوهه ـ پڙهاڏو ـ آهو ڪڏو جنهن تي پاڻيءَ جو هُرلو ٻيهي ـ ڪامو.
ـ كُهاڻُو ۽ كُهاڻا : ڪوهه ڪوٽيندڙ ـ ڪوهه ڪٽندڙ ـ ڪُوهاڻو.
ـ كُهِڙُوَنُ : تنبيهَ وار لفظ ـ ڪڏ پوڻ ـ ٻن پوڻ ـ ڪوهه ۾ ڪِرڻ ـ ڪڏ ۾ ڪِرڻ ـ برباد ٿيڻ ـ ناس ٿيڻ ـ نقصان رسڻ ـ ڪِرڻ ـ ڏڪو ڪائڻ. وِلُوَرُ وَجڻ.
كُهه كڏسُ : سندس مرضي.
كُهڙُ گهرُ : ڪونهي (زالن جو تڪيه ڪلام).
كُهڙُ گهرَسِ : هن جو گهر ڪوهه ۾ پوي.
ين جي ڳالهين سان اسان جو ڇا. (ت).
● كُهاڏُو ۽ كُهاڏا : ذ. (سن: كُوپ = ڪنب) نندڙو ڪُوهه ـ آهو ڪڏو جنهن تي پاڻيءَ جو هرلو ٻيهي ـ ٽورو اونهو ڪڏو، جنهن ۾ پاڻي گڏ ٿئي ـ اونهي ڪڏ جنهن جي مٿان پاڻي ڇڪڻ لاءِ نار چڙهيل هجي ـ ڪامو.
● كُهاڙُو : اسم خاص. هڪ ذات. (اڪثر اتر سنڌ ۾).
● كُهاوَڙَ : اسم خاص. هڪ ذات. (سنڌ ۾).
● كُهائِڙُ : (سن : كُشِ = گهٽجڻ ـ زوال ڪرڻ). نقصان ۾ وڃهڻ ـ ڪٽائڻ ـ نقصان هيٺ آڻڻ ـ پالهو ڪرڻ ـ بي پتيو ڪرڻ. نهوڙجڻ ـ بي ستو ڪرڻ ـ ڪيرو ڪرڻ ـ ٽڪائڻ ـ ور چائڻ ـ چُور ڪرڻ ـ عاجز ڪرڻ ـ ڪڪ ڪرڻ ـ بيزار ڪرڻ.
● كَهُٽَ ۽ كِهٽُونُ (ڪ) : ث. ڪونس ـ حرڪت ـ ڪيچل. (صفت). جفاڪش ـ محنتي. (ت).
● كهٽَ ۽ كهٽُونُ : چنل جُٽي ـ پراڻي جُٽي.
● كُهُجڻُ : مصدر. (سن. كوِ، كُشِ = گهٽجڻ ـ زوال ڪرڻ). ٽڪجڻ ـ ورچڻ ـ ورچجڻ ـ اولجڻ ـ هُٽجڻ ـ ڪڪ ٿيڻ ـ ڦڙهه تي پوڻ ـ ڪُڙجي پوڻ ـ چُڪي پوڻ ـ غريب ٿي وڃڻ ـ زوالیت ڪي پهچڻ. كِسڻ ـ ڪُسڻ. (وارن جو) ـ ڪِرڻ ـ ڪپڻ ـ پيچڻ ـ گسڻ ـ ڪاڇڻ. (ڪپڙو) ـ چڙڻ.
ـ كُهُجِي وَجڻُ : ڪٽي وڃڻ.
● كَهَر ۽ كَهَرُونُ : ث. ڪير ڏيندڙ چوپائي. (ل). خارس ـ خارش ـ ڪرنهن ـ ڪرسرو ـ ڪهه ـ سُر سُر ـ ڪئي ـ ڪهي ـ ڪَنه ـ ڪهرائي. كَنهُنُ كَنُهنُ. جهيڙي لاءِ ٻهانو ـ جهيڙو ـ ٽنٽو ـ رڳڙو ـ ڪلهه ـ ڪَرنهن ـ وروڌ ـ معاملو ـ تڪرار ـ فساد ـ ڦڏو. دشمني.
● كَهِرُ ۽ كَهِيرَ : ذ. صفت. واچوڙو ـ طوفان.
● كَهُرا : اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● كَهُرُو ۽ كَهُرا : ذ. صفت. (سن : كر). كڙيڙيو ـ آڏ تيڙچو ـ چرڙ ٻرڙ ـ هيٺ متهي ـ ڏڙيل ـ لسو نه ـ جاڏو (ڪپڙو) ـ سادو (ڪاگر). ٽلهو ـ موتو ـ اڻ گهڙيو. پاڻيانو ـ پلو ـ تيز ـ چالاڪ ـ هوشيار ـ فهيم ـ چست ـ جهاجهرو ـ قڙت ـ ڏڪو ـ جلد تيڙو ـ تڪڙو ـ ويرمو ـ تڪو ـ وانڱُڙو ـ جل ڦٽاڪو ـ ڪڙو تڙو. سئون سڏو ڳالهائيندڙ. چيڙاڪ ـ نه سهندڙ ـ آڪرو (سمنبد). ڪچو (خاڪو). سوتُ ـ سخت ـ ڪراڙو ـ شوخ. ڪوڙو ـ ڪڙو ـ ڪسارو. بي سُرو (آواز). ڪَڙ پڙائتو. راڻوڙ. نج ـ نيجو ـ صاف ـ شڌ ـ نبار ـ نيٺ ـ سُٽو ـ اڇتو ـ نرمل ـ خالص ـ آصيل ـ چند. ڪرو ـ تڪو ـ سچو ـ چوڪو. نَهوَرِ (زمين). پلارو ـ آچو ـ آتر ـ آتم ـ خاصو ـ فائق ـ نهايت عمدو ـ نهايت چگو ـ سُرشيت ـ سڀ سُٽو. ڏڪو ـ تيٽو ـ جلد ـ تڪڙو ـ ٽور ويرو. اثرائتو. ڪارگر. ڪروڌي ـ جوشي ـ جوشيلو ـ جوش پريو ـ تامشي ـ ڏسرائتو ـ ڪاوڙيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڪٿهُراڻ ۽ ڪٿهُراڻِ ڪٿهُراڻِيُون٘: ث. ڪٿهُرائي ـ لسائي جو ضد ـ نامُلائمي ـ کڙ ٻڙ جي حالت ـ سختي ـ سادي ـ جاڏي ـ ٽاهي ـ موٽي ـ سخت. خارش ـ خارس. تيزي ـ چڙ.

ـ ڪٿهُرائِي٘ ۽ ڪٿهُرايُون٘: ث. صفت. سادائي ـ لسائي ـ جاڏائي ـ موٽائي ـ سختائي ـ ٽلهائي. ڪُهراڻ. کڙ ٻڙ ـ ٽاپڙ ٽوپڙ.

ـ ڪٿهُرو٘ ٽِيڙ٘: جلدي ڪرڻ ـ ڪاوڙجڻ.

ـ ڪٿهُرو٘ ٽِيڙ٘: جلدي ڪرڻ ـ ڪاوڙجڻ.

ـ ڪٿهُرو٘ ڳالهائِڻ٘: ڏاڍيان ڳالهائڻ ـ ڪاوڙجي ڳالهائڻ. تکڙو ڳالهائڻ.

ـ ڪٿهُرِي٘ ۽ ڪٿهُرِيُون٘: ث. صفت. سخت زمين. ڪنڈ٘ وانگر اونهو. چڪارو ـ لُعابي ـ گَپَ سان پريل.

● ڪٿهُرو٘ ۽ ڪٿهُرا: ذ. نِڪر جو ٽانءُ جنهن ۾ ڪا شيءِ وجهجي.

● ڪٿهُڙا: اسم خاص. تعلقي گهٻٽ (رياست خيرپور ۾) هڪ ديهه جو نالو ـ هڪ ذات جو نالو.

● ڪٿهُڙو٘: ذ. صفت. نِڳيل ـ آپو.

● ڪِهُ: ذ. گِهُ جو ڪَٽ٘ ـ وِشنان.

"آرو، ناڪارو، سو تہ بلوچڪو بِهُ،
ڪاڏہ اِهو ڪِهُ، بلوچاڻي بات جو"
(آخوند).

● ڪُهڙو٘: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر لاڙڪاڻي ۾).

● ڪُهِنبا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڪُهِنبَاتِي٘: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (ڇُرَ جو ڪِ ڪنڈ). تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪُهِنبِڙا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڪُهِنبِڙِي٘ ۽ ڪُهِنبِڙِيُون٘: ث. ڪجيءَ جي ذات، جنهن جو ڏونڪو ڪهنباڻي رنگ جهڙو ٿئي. ماڻهوءَ جي رت خراب ٿيڻ جي بيماري. (اسم خاص). هڪ ڪوٽ جو نالو.

● ڪُهِنبُو٘ ۽ ڪُهِنبا: ذ. (سن. ڪُسُنبَ، ڪُنبُ٘ = گاڙهو گل) گاڙهي ڪڙي جو قسم ـ رنگين ڪپڙو ـ رنگ جو قسم ـ سنهون چمڪيل رنگين ڪپڙو ـ بانڊڻي ـ ڪُسُمبي جو گل. ڪُڪَڙ جو قسم، جنهن جو رنگ ڪيسر (زعفران) جهڙو ٿئي، هن کي ڪيسر به چَوَن. هڪ وڻ، جنهن مان گاڙهو رنگ نڪري ـ جهنگلي زعفران.

ـ ڪُهِنبَاتِي٘ ۽ ڪُهِنبَاتِي٘: ذ. رنگ ڏيندڙ ـ ڪپڙو رنگيندڙ ـ رنگريز ـ رنگ وارو ـ نيروتي ـ نيرولي ـ کهنبا ناهيندڙ.

ـ ڪُهِنبَائِي٘: ڪُهنبي رنگ جهڙو ـ ڪُهنبو ـ رنگُهل.

ـ ڪُهِنبِي٘ ۽ ڪُهِنبِيُون٘: ث. لال گاڙهي رنگ تي زناني پوتي ـ کهنبي رنگ تي زناني پوتي ـ چادر. (صفت). گاڙهي ـ سرخ ـ لال.

● ڪٿهنيڙِي٘: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪٿهَنُ٘: مصدر. (سن. ڪنڈ٘ = تڪليف ڏيڻ) آچاٽڻ ـ ڪونسڻ ـ خار ڏيڻ ـ بغض ڪيڻ ـ ضد پاڙڻ ـ دشمني رکڻ ـ خصومت رکڻ ـ ويرُ رکڻ ـ عکس رکڻ ـ چُرچ بازي ڪرڻ ـ آچاٽ ڪرڻ ـ چُراند ڪرڻ ـ جهيڙي لاءِ سندرو پڌڻ ـ خواهمخواه جهيڙو اٽڪائڻ ـ دشمني ڪرڻ. لِکائڻ. (ث).

● ڪُهَنُ٘: مصدر. (سن. ڪُش = گهٽجڻ ـ زوال ڪرڻ) ٽُڪجڻ ـ وڃڻ ـ ڪُهجڻ ـ اوڻجڻ ـ هُٽجڻ ـ ڦڙهه ٽي پوڻ ـ ڪُڙجي پوڻ ـ چُڪي پوڻ ـ چُور ٿيڻ ـ ٽُٽجڻ ـ ٽڪجڻ ـ چَٽل ٽي پوڻ ـ ٽڪجي پوڻ ـ ساٿو ٽي ڪرڻ ـ ماندو ٿيڻ ـ پڄي پوڻ. ڪُٽڻ ـ ڪُٽي پوڻ ـ ڪُٽجڻ ـ مفلس ٿيڻ.

● ڪَهو٘ ۽ ڪَٿا: ذ. صفت. چُهو ـ جهٽڪو ـ چوهو ـ جهُوٽو ـ جهٽڪو ـ جهاڪو ـ آڏمو ـ تنوار ـ جهلڪو ـ جهڙڪو. مَرَو ـ حظّ ـ رَسُ٘ ـ شوق ـ لذت ـ چشڪو. واڇَتُ٘ ـ مينهن جو طوفان ـ برف جو طوفان. ڪيڪڙاٽ. ڪنڈ. (ل). لوهه جو رنبو. (ل). ڪوڏر جهڙو اوزار، ڪوڏر ڪان ننڍو ٿئي، جنهن ۾ ڏڪهو ڪُن وجهجي ـ ڪٿهيڙُ٘ ـ ڪٿهيڙو. (ل). فصل، جنهن جو هڪ پاسو چڊو ۽ ٻيو پاسو گهاٽو ٿئي. (اسم خاص). هڪ ٽئين جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● كُهوُ ع كُها: ذ. (سن: كوپ = كوه). كوه.

● كيهوُ ع كيها: ذ. بنا پاڻيءَ پوک. ٻئي کي هٿائڻ جي حالت. (ل).

● كُهوالِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ كُهوَرَ: ٻنهنجي خيال سان سڏو ڊوڙڻ ۽ ڪوبه خوف نہ ڪرڻ جي حالت.

● كُهوُنُ كُهوُنُ كَرَنُ: ڪنڪهٽ.

● كُهيِ ع كُهيِيُونُ: ث. (سن: كُجيلئِكا. پرا. كُجيلئِكا = كهي). جوان ٿهي ـ نوجواني ـ قوهه جواني جو ـ رتي ـ جوڀن ـ پوڙهين ۾ ٻ طاقت واري حالت ـ صحتمندي ـ صحتمند بدن. بدن جو ڊيل ڊولُ ـ جسم جو نمونو ـ هاڻي. ٿهي ـ وَهي ـ چمار ـ عُمر. خارس ـ ڪرنهن ـ ڪرسرو ـ سر سر ـ كيهيُ ـ كسر ـ خارش ـ ڪئي ڪه ـ كَنهُنُ كَنهُنُ ـ كرڙو ـ گَر ـ كاڇيُ ـ كارش. رنبي جو نمونو، جنهن سان زمين مان ڪانڊيرا وغيره ڪڍجن ـ نندڙي منهن ۽ ڊگهي ڳڻ واري ڪوڏار. (ل ـ ڪ).

ـ كُهياتو ع كُهياتا: ذ. صفت. جسم ۾ ٿهيل ٽڪيل ـ پيريءَ ۾ صحتمند حالت ۾ رهندڙ.

ـ كُهيِ كَنهُنُ: مشڪل سان فتح ڪرڻ.

● كُهيِ ع كُهيِيُونُ: ث. (سن: كُوپ). ڪچي ڪوٽيل ڪڻ، جنهن مان ٽڪل پاڻي پيئڻ ۾ اچي ـ نندو ڪوهه. (صفت). ڊيئي وڻي رهيل ـ ٽڪل ـ ماندي.

"آن كا ڏني ڏوٽيا كيرن پاس كُهي"
(سر آبري ـ شاه).

خلاص ـ فارغ ـ خالي ـ ڪيئ.

ـ كُهيِيو ع كُهيِيا: ذ. صفت. ٽڪل ـ عاجز ـ ٽٽل. (ل ـ ق).

● كُهيِنُد: سبز ڪڪ جي ڪپيل چوٽي ـ سڻي ڪڪ جي پوک جو نِسرڻ کان اڳ مٽيان لٽيل پن. ڪڪ جي پوک جا پهريان ڳُڇا، جي ڪپي مال کي گاهه ڪري کارائجن. تيلي پڌڻ کان اڳ ۾ پوک جو نالو.

ـ كُهيِنُدَ كائِنُ: طاقت ۾ اچڻ ـ تيار ٿيڻ. پلي ڪڪ جا پن، نسرڻ کان اڳ لٽي کائڻ.

ـ كُهيِنُدَ كهي رَسَنُ: تيار ٿيڻ.

● كهيِرِيُ ع كَهيِرِيُونُ (ث): ث. چمڙي کي لسي ڪرڻ ۽ ليکن ڪيڏن لاءِ ڪاٺ جو اوزار.

● كَهيِڑُو ع كَهيِڑُا (ث): ذ. ڪاٺ جو آوزار ـ ڪاني جو چپڙو ٽڪر، جنهن سان چمڙي مان ستر ڪيڏجن ـ چمر صفا ڪرڻ جو اوزار.

ـ كَهيِڑِيُ ع كهيِڑيُون (ث): ث. سوچين جو اوزار.

● كُهيِلُ ع كُهيِلَ: ذ. صفت. ٽڪل ـ ماندو ـ هڇيلُ ـ هڇيل ـ ماڙو ـ گهيل ـ قس ـ چُورُ ٽيل ـ ماندو ٽيل ـ قان ـ بيزار ـ بيرُ ـ چور ـ ورتل ـ كُهيو ـ سڄيو ـ پينگيو ـ مفلس ـ پينو.

ـ كُهيِوُ ع كُهيِيا: ذ. صفت. كهيل ـ ٽڪل ـ هيڻو ـ ٽٽل. ڏ كيو ـ منحوس ـ پريشان ـ ڏ جهارو ـ ڏوكي ـ آئِي دُ كيِيُ ـ بي حال ـ بلڪل خراب ـ برو حال ـ اڌين ـ تَڇُ. ڪنهن نہ ڪر جو ـ چٽ ڪاتي جو ـ خراب ـ ڪنو ـ بيڪار. پٽي پيل ـ پوٽي پيل. (ل).

● كَئِ: ظرف. (سن كشيِ، كَشِ = زوال ڪرڻ). هاڃي ـ بربادي ـ تباهي ـ ناس ـ خاتمو.

ـ كئِ ٿيءُ: ناس ٿيڻ ـ گم ٿيءُ ـ هڪڙي قسم جو پاراتو.

● كيِئاءُ ع كيِئاءَ: ذ. ڪاڄ ـ ڪاڏو ـ كائڻ ـ كيڻ ـ طعام ـ آهارو ـ غذا ـ خوراڪ ـ قوت گذران. خورش ـ چوڳ ـ چوگو ـ چوٽو ـ چارو.

● كيِئڑُو: اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كيِئنڑُ: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كئِنڑُو ع كَئِنڑُا (ل): ذ. ٿهڪو.

ـ كيِئنُ: مصدر. (سن. كاد = كائڻ) كائڻ ـ كيِئنُ ـ ڏ ڦڻ ـ گِهڻُ ـ گِرڪڻ ـ پيِئنُ ـ (اسم). كاڏو ـ ماني ـ كاڄ ـ كائڻ ـ كيڻ ـ طعام ـ كاڏو ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏو ـ خوراڪ ـ آهار ـ غذا ـ قُوت ـ گذ ران ـ خورش ـ چوڳ ـ چوگو ـ چُوٽو ـ چارو ـ رَسوئي ـ ڪانو.

● ڪيئوُ ع ڪيئا: ذ. صفت. نشو ڪيل ـ نشئي ـ شرابي ـ پيتل ـ مست ـ مڳ ـ آلُوتُ ـ بي هوش ـ خماري ـ خماريل ـ متخمور.

ـ ڪيئائيُ ع ڪيئائيُونُ: ث. نشو ـ مستي ـ متُ ـ خُمار. شرابپڻو.

ـ ڪيئو ڪرڻُ: مخمور ڪرڻ.

● ڪٽونڪٽتُ ع ڪٽونڪٽتَ (ل): ذ. سنهي ڪٽنگهه.

● ڪٽُونُ ڪٽُونُ ڪرَڻُ: ڪٽنگهڻ ـ ڪٽنگهه جو آواز.

● ڪيهي ع ڪيئيُونُ: ذ. (سن. ڪشيه) هار ٽيڻ ـ هارڙ ـ هارائڻ ـ هار ـ بربادي ـ تاراج ـ آجُڙ ـ تباهي ـ اَبتري ـ ستياناسي ـ خانه خرابي ـ گهات ـ فنا ـ وِناس ـ پائمالي. (صفت). قتِل ـ پائمال ـ تباهه ـ ڏنل ـ دڦُ. ڏڪائل. آبتر ـ خانُ مانُ چتُ. ڦٽايل ـ فنا ـ چتُ ـ برباد ـ ويران ـ ناس.

● ڪيءُ: ڪاءُ ـ ڏڪ ـ ڳهڻ ـ ڏَرُ ـ ڦاٽُ.

● ڪُئيِ ع ڪُئيِونُ: ث. نندي ڪچي پاڻيءَ جي ڪنڈ.

● ڪيِ: حرف جر. ڏي ـ ڏانهن ـ طرف ـ واسطي ـ لاءِ ـ ڪول ـ تائين.

● ڪتيُ: (سن. ڪٹِ = گهٽجڻ ـ زوال ڪرڻ) شڪست.

● ڪيِياتوُ ع ڪيِياتا (ڪ): ذ. صفت. بدن ۾ ڏُهيل ڏُکيل.

● ڪيِانٽوُ ع ڪيِانٽا: ذ. صفت. (سن. ڪشيم = سُکُ) خوشيءَ جو پيغام آڻيندڙ ـ ريهارو ـ قاصد ـ خبر آڻيندڙ ـ پارايُو ـ پيغامي ـ پيامي ـ خابرو ـ ٽپالي. آهو پکي، جو نياپو آڻي ـ ڪانءُ (ڪو = لِڪو). جاسوس ـ ڏاهُ ـ چُغل ـ جوٽيت. سرڪاري شاهد.

● ڪيِاءُ ع ڪيِاءِ: ذ. ڪنهن به آدميءَ جي مرڻ جي ساليانو تاريخ ـ وَرسي ـ (هندن ۾) مٽل جي پنڊ ترپڻ جو ڪرم، جنهن ڏينهن ٿي ڪجي.

● ڪيِيائيِ: ث. چريائي ـ مستي ـ پاگلپڻو ـ ديوانگي ـ سوداءُ ـ متوالائي ـ چريائپ ـ جُنون.

● ڪيِيتر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڪيِيتراڻيِ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪيِيترُ ع ڪيِيترَ: ذ. صفت. گهٽو ڪائيندڙ ـ پيٽوڙي ـ پيٽي ـ هيڇي. بي سمجهه ـ بُوزان. (ث). (ث. ڪيِيتري ع ڪيِيرِيُونُ).

● ڪيِيبيِ ع ڪيِيبيِيُونُ (ث): ث. انڪل ـ تجويز.

● ڪيِينٽيَڻُ (ث): مٺا ڪُٽ ڪرڻ ـ ڪَس ڪرڻ.

● ڪيِيتُ ع ڪيِيتَ: ذ. (سن. ڪشيتر. پرا. ڪيتن = پني) ـ پني ـ پوک ـ ڪيتي ـ ڪيت ـ ٻارو ـ زمين. ڪٺهار گُل. ميدان. جنگ جو ميدان. مٽاچرو. پَوتر زمين جو ٽُڪر ـ پاڪ جاءِ. اڻ ڏَل پَڏل، يا اڻ سروي زمين جو ٽُڪر، جنهن تي ڪنهن ڪاتيدار ڪاڻ ساڳي پَرڪار موجب ڏل وٺي هجي.

ـ ڪيِيترَ (ث): پني ـ ڪيت.

ـ ڪيِيتَ ڪٽنڈوُ: حساب ڪتاب ـ وهنوار.

ـ ڪيِيتي ع ڪيِيتِيُونُ: ث. (سن. ڪشيتر = پني) پني ـ پوک ـ ڪيت ـ زمين ـ پوکي ـ تڪُ ـ فصل ـ آبادي ـ پونءِ ـ زراعت ـ پيداواري ـ هاريپ ـ ڪڙمپڻو. اناج ـ آبادگاري ـ ڪاشتڪاري ـ ڪسالي.

● ڪيِيتران: اسم خاص. هڪ ذات (بلوچ قوم جو قبيلو).

● ڪيِيترڻ: مصدر. مست ٿيڻ.

● ڪيِيتڪيِيُ ع ڪيِيتڪيِيُونُ (ث): ث. سنهي نندي ڪائي.

● ڪيِيتلاريُ: اسم خاص. تعلقي ڊيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪيِيتلاريا (ث): اسم خاص. ضلعي ٺرپارڪر ۾ هڪ شهر جو نالو.

● ڪيِيتلاوِيُرُ: چريائيءَ جو لٺهرو ـ مستيءَ جي موج.

● ڪيِيڻيءُ: مصدر. مادي تتر جو ٻولڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڪپتانُ ع ڪپتانَ: ذ. صفت. ڪٺڻائُ ـ ڪپڙيو. اڪنُ چڪڻُ. وحشي ـ اڻ گهڙيو ڪاڻُ. (ل).
"تون تہ ڪو ڪپتان ٿو ڏسجين" (جملو).
● ڪپتَرُ ع ڪپتَرَ: ذ. پُراڻو جُوتو.
● ڪپڙِيُ ع ڪپڙِيُونُ (ڪ): ث. ڊال.
● ڪپڙِيو ع ڪپڙِيا: ذ. صفت. بي عقلي ڳالهائيندڙ ـ بيوقوف ـ سُورَ ڪُ ـ احمق ـ اناڙي ـ چَسو ـ پئوندو ـ اَلُو ـ بي عقل ـ چرپٽ ـ ڪپڙيلُ ـ ڪپڙياٽو ـ سِفلو ـ بيهودو ـ بي وَنسُ ـ پورڙو ـ البيلو.
ـ ڪپڙِياٽوُ ع ڪپڙِياٽا: ذ. صفت. بي سمجهه ـ بيوقوف ـ نادان ـ اَلو ـ جهڪَ ـ رِبَ ـ بکواڊي ـ پاگل ـ ڪپڙيو ـ ڪپڙيل.
● ڪپتُ ع ڪپتَ: ذ. (سن. ڪپتن، ڪشپتر = پرا. ڪپتن = پَڻي) ڪپت ـ پَڻي ـ ٻارو ـ پوک ـ پوڪي ـ آباد ڪيل ٻنيءَ جو ٽُڪر ـ ٻنيءَ جو پاڳو، جو پوک هيٺ هجي ـ فصل ـ آباڊي ـ ڦلهاريل فصل. ميدان ـ مٽاچرو. پَٽو ترزمين ـ پاڪ زمين. شڪار ـ شڪارگاهه.
ـ ڪپتُ ڪانياڻيُ چڏَنُ: سپ لاگاپا ٽوڙڻ ـ ناتا چڏڻ ـ رستو ٽوڙڻ ـ تعلقات چڏڻ ـ واسطو ٽوڙڻ.
ـ ڪپتاڻيُ دُنبُو: مشهور وڏي چڪل وارو دُنبو.
● ڪپتِروُ ع ڪپتِرا: ذ. جُتو ـ پادر ـ ڪرڪٽو.
● ڪپتِنڪنُ (ث): انبيرڻ ـ ڪير جي جمائڻ لاءِ ٽورو ڪٽو وجهڻ.
● ڪپڻڻ (ل): راند ڪرڻ ـ سڪت ڪرڻ
"اسان صبح ڪان وٽي ڪيڏ لڳا آهيون، مگر اڃان ٽڪا ڪونہ آهيون" (جملو). (ڪپتيو، ڪپڙيل، ڪپتندي، ڪپڙندو).
● ڪپڙوُ ع ڪپڙا: ذ. (سن. ڪپت = راند) ڪوڙي ٽُهمت ـ بيهودي گهُر ـ اجائي طلب. بيهُودو تڪرار ـ بيوقوفي جو بحث ـ اجايو مناظرو ـ فضول ـ خَترخَسو. ڪَنهن ٻار جي اجائي پَٺندي ـ گهُر گهُر ـ ڪِل ڪِل ـ گُهپي ـ ڪِٽ پِٽ ـ تيسو ـ ضِد ـ ٻار جو روسامو ـ هوڏ ـ شدت ـ ارڏائي ـ ڏنگائي ـ شرارت ـ بُڇڙائي ـ بُرائي ـ ڪِروڌ ـ جهيڙو ـ فساد ـ تقاضا ـ رُسامو ـ ڪِينرو ـ قَڏو ـ ڪتراڳ ـ معاملو ـ حرڪت ـ چُرچو. (ل).
ـ ڪپڙِيُ ع ڪپڙِيُ: ذ. صفت. هوڏي ـ شِدتي ـ ارڏو ـ ڏنگو ـ پَٺندُ ـ جِجا ـ لِيلائيندڙ ـ گِڪُ ـ چَنبڙ ـ تقاضائي ـ شريـر ـ زور ڪندڙ ـ ڪِروڌي ـ گهپي خور ـ گهپيرُ ـ بُڇڙو ـ بُرو ـ قَڏائي.
ـ ڪپڙَرُ ع ڪپڙَرَ: ذ. صفت. فسادي.
ـ ڪپڙوُ ڪترَنُ: ضد ڪرڻ.
● ڪپڙَرُ ع ڪپڙَرَ: ذ. بلڪل پراڻي جُتي ـ پراڻو پادر.
● ڪپڙَ ع ڪپڙُونُ: ذ. ث. (سن. ڪپ، ڪُشپَ، ڪُشپڙَ = آڇلڻ، موڪلڻ ـ روانو ڪرڻ. پرا. ڪپ = گهِمرو) گهُمرو ـ وارو ـ دفعو ـ ڦيرو ـ ڦيرو ـ اڇ وڇ ـ سفر پُورو ـ ٻُڪي ـ هڪڙي گهُمري جهاز ۾ چاڙهيل سامان ـ نوبت ـ لڳَ ـ دَسُ. درياٽي مسافري ـ ٻيڙيءَ جو پُورُ. ساڳو ـ قطار. بارُ ـ بوجهو. پرتي ـ مال ـ وڪر ـ وَڪارُ ـ وڻج. پاڙو ـ عطيه ـ بخشش ـ سوغات ـ سوڪڙي ـ چٽاڪت. ڪپڙن ڏوڻ جو هڪڙو گهمرو ـ ڏُڻي ـ ڏُڻپَ ـ ڏوپ (ڪپڙن جو). آباڊي ـ پوک ـ فصل ـ لاباروُ. هيمياٽي ـ فتح. ڪاپو ـ ڪپڙ جي حالت. (ل ـ ق). دغا ـ فريب. (ڪ). جنس جنس. وَر ـ سنياڻ ـ ساڏار.
ـ ڪپڙَ پِترُنُ: بار لڏڻ ـ مال پرڻ ـ ڏيسا ور جي واسطي گهٽو مال لڏڻ ـ توشو گڏ ڪرڻ.
ـ ڪپڙَ ڪتَنُ: آفرين حاصل ڪرڻ ـ شاباس وٺڻ ـ انعام حاصل ڪرڻ ـ سوپ ڪرڻ ـ مُهم سَر ڪرڻ ـ پهلواني جو ڪم ڪرڻ ـ چڱي ناموس ڪيڏڻ ـ وڏو درجو حاصل ڪرڻ ـ ڪرتب ڪري ڏيکارڻ ـ وڏي ڳالهه ڪرڻ. ڪم پورو ڪرڻ.
ـ ڪپڙَ ڪَترُو: لٽيل فصل جي گڏ ڪري رکڻ جي جاءِ ـ ڪترو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● كيپ ۽ كيپَ: ذ. (سن: ڪَشيپَ = نشئي). نشو ـ ڪيف ـ خمار ـ آنڊ ـ مستي ـ اڪين تي نشي جو خُمار
"اچن سي اَرَهَ سين منجهان كيپ ڪروهَ".
(جلال).
مَئُ ـ شرابخوري ـ سائنائي ـ موگائي. شرابپڻو. شاباس. سامان ـ مال.
ـ كيپ چڙهَڻ: نشو چڙهڻ ـ خمار چڙهڻ ـ نشو ٿيڻ ـ خمار ٿيڻ ـ غشي طاري ٿيڻ.
ـ كيپ ۾ آليپ هُڻڻ: تمام گهُري نند ۾ هڻڻ ـ خواب ۾ بي حجاب هڻڻ ـ نشن ۾ آلُوٽ هُڻڻ.
ـ كيپي ۽ كيپي: ذ. صفت. كيپيل ـ نشي ۾ آيل ـ خماريل.
● كيپيرائي ۽ كيپيرائيون: ميڇاهي جي جاءِ ـ هڏائون پيالو. ڪيپيراڻي ـ آم الدماغ.
● كيپيو ۽ كيپيا: ذ. صفت. نياپو ڏيندڙ ـ تكڙو قاصد ـ جلد نياپو رسائيندڙ ـ قاصد. (اسم). تكڙو خط.
● كيچ ۽ كيچون: ڪِروڌ ـ فساد ـ جهيڙو ـ لُڙ ـ جهگڙو ـ تَنَ تو. ملكيت. (ث).
ـ كيچ ڪرڻ: جهيڙو ڪرڻ ـ فساد ڪرڻ ـ ڪِروڌ ڪرڻ ـ وڙهڻ ـ جهيڙو ڪرڻ.
● كيچ ۽ كيچ: ذ. خوشي ـ مزو ـ فرحت ـ لطف ـ ذوق ـ وِنڊر. پوڳ بِلاس ـ عيش پسندي ـ اختيار ـ مَوج ـ مرضي ـ پسندي. آنند ـ جشن ـ خوشي ـ حَظ. سڻي ڳالهه ـ ناز نخرو ـ انگل آرا ـ تال. فائدو. (ل ـ ق).
ـ كيچيرو ۽ كيچرا: ذ. صفت. كيچ كندڙ ـ خوشي كندڙ ـ موجي ـ عيش پسند.
ـ كيچاكِڙ ۽ كيچا كِڙ (ث): ذ. صفت. متكبّر. لاڏلو.
● كيچر (ث): ث. ڪنديءَ جو وڻ.
● كيچِراڑي: اسم خاص. تعلقي عمركوٽ ۾ هڪ ڳوٺ. تعلقي عمركوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كيچيرو ۽ كيچرا: تكليف ـ درد سَري ـ ڏک.
● كيچر (ل ـ ث): ث. ڪنديءَ جو وڻ. اُها زمين جنهن کي پاڻي سان پرائي منجهس گاهه وغيره پيدا ڪرائجي، جا ڪيڏن جي لائق نه هجي.
● كيچڙو ۽ كيچڙا: ذ. كپت.
● كيچڙو ۽ كيچڙا: ذ. ارمان ـ ڏک.
● كيچڙي (ث): ث. ڪنديءَ جو وڻ. (ٿر ۾ ٿئي).
● كيچڙيو ۽ كيچڙيا (ث): ذ. چهيلو.
● كيچڙيو ڪڙن (ت): پڪر ڪهڻ.
● كيجو: ذ. اسم. فساد ـ جهگڙو ـ جهيڙو. وڌاءُ.
● كيجهو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كيچر ۽ كيچريون: ث. اجائي مستي ـ كيچل ـ كيچلاڻ ـ كيچلائي ـ حركت ـ چُرچ ـ ڪؤنس بازي ـ لُڇائي ـ شرارت ـ حركت بازي ـ مسخري. خلق جو گوڙ. (ت).
● كيچر ۽ كيچر: ذ. صفت. بدافعال ـ بدمعاش.
ـ كيچراڻ: ث. كيچر ـ كيچل ـ ڪؤنس ـ حركت ـ چُرچ ـ ڪؤنس بازي ـ لُڇائي ـ شرارت ـ حركت بازي ـ مسخري ـ چلولائي. بدافعالي.
ـ كيچرائي ۽ كيچرايون: ث. كيچر ـ كيچراڻ ـ كيچل ـ ڪؤنس ـ حركت ـ چرچ ـ ڪؤنس بازي ـ لچائي ـ شرارت ـ حركت بازي ـ مسخري.
ـ كيچيرو ۽ كيچرا: ذ. صفت. كيچلو ـ متي جو سور ـ حركتي ـ شرارتي ـ بي ڍنگو ـ بدفضيلتو ـ شرير ـ منحوس.
● كيچل ۽ كيچلون: ث. كيچر ـ كيچراڻ ـ كيچرائي ـ كيچلائي ـ ڪؤنس ـ حركت ـ چُرچ ـ لچائي ـ ڪؤنس بازي ـ شرارت ـ چرچو ـ حركت بازي ـ مسخري ـ مستي ـ لُڙ ـ اجايو گوڙ ـ پوڳ ـ هٿ چراند. خچر ڪلو ـ خلق جو انبوهه ـ هنبوچي ـ ٽينگ ٽپو ـ خرابي ـ نقصان ـ كونسڦٽائي. تكليف ـ درد ـ ڏک ـ ارمان. (ل ـ ق).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڪيچِلاڻ: ث. ڪيچر ـ ڪيچراڻ ـ ڪيچرائي ـ ڪيچل ـ ڪيچلائي ـ ڪونس ـ حرڪت ـ چُرچ ـ لُڇائي ـ ڪونس بازي ـ شرارت ـ حرڪت بازي ـ مسخري.

ـ ڪيچلائيُ ع ڪيچلايُونُ: ث. صفت. ڪيچر ـ ڪيچراڻ ـ ڪيچلائي ـ ڪيچل ـ ڪيچلاڻ ـ ڪونس ـ حرڪت ـ چُرچ ـ لُڇائي ـ ڪونس بازي ـ شرارت ـ حرڪت بازي ـ مسخري.

ـ ڪيچَلُ ُبازِيُ: بي مزي لُڏواري راند ـ مسخري.

ـ ڪيچَلُ ُڪَرَڻُ: حرڪت ڪرڻ ـ نازنخرو ڪرڻ.

ـ ڪيچِلوُ ع ڪيچِلا: ذ. صفت. حرڪتي ـ ڪونس ڦِٽيو ـ سُڪ ڦِٽيو ـ چِترو ـ مستي خور ـ مستي ڪندڙ ـ ڪيچل ڪندڙ ـ ڪيچرو ـ درد سِرُ ـ شراراتي ـ بي ڍنگو ـ بد فضيلتو ـ شرير ـ مسخرو ـ مسخري ڪندڙ ـ چِلو لو ـ هلڪي طبيعت وارو ـ متحسُوس.

● ڪيچُ ع ڪيچَ: ث. ڪَتَشَ ـ چِڪَ. (ت).

● ڪيچَڻُ: مصدر. چِڪڻ ـ ڪَتشڻ.

ـ ڪيڇُو ع ڪيڇا: ذ. چانورن جي اڻي جي مانيِ ـ ڍوڍو. ڪيسو. (ل).

ـ ڪيڇِيئا (ث): ذ. صفت. تريل پاڻي، چانورن جي اڻي ۾ مصالح ملائي، اُن مان ناهيل پاڻي.

● ڪيڊُ ع ڪيڊَ: ذ. (سن. ڪيڊَهَ = ڏُک) ڏُک ـ پيڙا ـ آزار ـ ڪَليش ـ ڪَشَٽُ ـ وِٿا ـ بيماري ـ عذاب ـ دُرگتي ـ ڳَرو دُک ـ بُرو حال ـ ڪمبختي ـ ڏولو ـ ڏولائو. دولاب ـ دغا ـ ٺڳي ـ چَلُ ـ تَرَڪَٽ ـ گهاتُ ـ ڪوٽ ـ ڪُپت.

● ڪيڊ رائيُ ع ڪيڊ رايُونُ: ث. مستانگي. (ت).

● ڪيدر روگ: ڏيڊ ـ خارش ـ آچا چِٽا.

● ڪيڊُ روُ ع ڪيڊُ را: ذ. صفت. (سن. ڪيڊ = ڏُک) ڏوکڙائنون ـ ڏُکائتو ـ اهنجائتو ـ هلاڪ ڪندڙ ـ ڪپائيندڙ ـ تڪليف ڏيندڙ ـ پريشان ڪندڙ ـ نچائيندڙ ـ گڙ بڙ وارو ـ ڏکيو ـ دِق ڪندڙ ـ پائي ڪٽندڙ ـ ڏهندڙ ـ ڪٽلپائيندڙ ـ اڍ ٺگو ـ بد فضيلتو ـ درد سِرُ ـ حرڪتي ـ ڪيچرو ـ ڪيچلو ـ شراراتي ـ بي ڍنگو ـ مغز ڪپائُو.

ـ ڪيڊي ُ: صفت. رنجيده ـ ڪاوڙيل ـ ڏمريل. خار ڪاڌل ـ تتپندڙ ـ جوشيلو ـ زود رنج.

● ڪيدوُ ع ڪيدا: ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم ـ بُلبل جو هڪ قسم ـ ڪَراڙو پڪي (خاص ڪري بلبل، جا بين پکين کي ماري ۽ هڪالي ڪڍي) ـ پوُري. بيوقوف ـ اڍ ٺگو ـ ڏَڏُ ـ ٺُٺ ـ مُڏُ ـ پوندو ـ پَسُون ـ اناڙي ـ بي عقل ـ چريٽ ـ مورک ـ ڪٽڙيل ـ سِفلو ـ بيهودو ـ بي ونسُ ـ پورڙو ـ البيلو ـ اڏايو ـ گهيلو ـ بد فضيلتو ـ درد سِرُ ـ ڪيچلو ـ مست. (ت).

● ڪيڊِيُ وارِيُ: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باريءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● ڪيڊُ ع ڪيڊَ: ذ. (سن. ڪيڊَ = ڏُک) ڏُک ـ ارمان. دشمني رکڻ جي حالت. (ث).

● ڪيڊَ ڪَرِ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● ڪيڊَڻُ: مصدر. (سن. ڪيڊَنَ = ڪيل، ڪيلِ، ڪيلن، ڪيڊ. پرا. ڪيلتَڪَن = راند ڪرڻ) راند روند ڪرڻ ـ راند ڪرڻ ـ راند رهڻ ـ ڪيلڻ ـ ڪيل تماشو ڪرڻ ـ سانگ ڪرڻ ـ ناٽڪ ڪرڻ ـ ڪُڏڻ ـ وِندرڻ ـ روح ۾ ٻي گالهه وجهڻ ـ رَوَنُ

"ما سرتيون ميان سومرا،
ڪُڙ ڪُڙ راند رَوَنُ"

(قليچ).

سفلائي سان هلڻ ـ وِڃاڻ ـ بيهودو ڪم ڪرڻ ـ لَڏو لَعَبَ ڪرڻ.

ـ ڪيڊَ ع ڪيڊَوُنُ: ث. راند ـ کيل ـ بازي ـ رَوُنشو ـ تماشو ـ وندر ـ جُٹا. اٽڪل بازي ـ فنُ ـ حرفت ـ هٿ جي چالاڪي ـ حرڪت بازي ـ مستي ـ لُڇائي ـ چالاڪي ـ ڍنگ ـ تَلَ ـ تجويز ـ رَمز. فريب ـ ترڪت ـ فندُ ـ گوهي ـ ڦُڙتي ـ ڦندُ ـ پرپنچ ـ ڦڪن. لٽڪو ـ چهٽڪ ـ ناٽڪ ـ چَلتر ـ چَلَٽ. اُپاءُ ـ وَجهُ ـ بِلو ـ چاڳ. ناز.

ـ ڪيڏارُ ع ڪيڊارَ: ذ. صفت. ڪيڏاري ـ راندِيگر. تيز فهم ـ حوصلي وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▬ كهيڏاريُ ع كهيڏاريُ: ذ. صفت. راندگر- هنرمند- كاريگر- كرتب چاٽندڙ- بازيگر- اُستاد- هنري- كيڏ باز- كيڏ كندڙ- حرفتي- انكلي- رمزي. سياڻو- سمجهو- پكو- هوشيار- چالاڪ- جاڻو- مانڃهيرو. ٽپتائي- جواري.

▬ كهيڏائيڻُ: راند كرائڻ- كُڏائڻ. غالب پوڻ.

▬ كهيڏبازُ ع كهيڏبازَ: ذ. صفت. چالاڪ- حرفتي.

▬ كهيڏَ كرَڻُ: انكل كرڻ- چالاكي كرڻ.

▬ كهيڏوُ ع كيڏا: ذ. صفت. چالاڪ- سياڻو- هوشيار.

● كهيڏوُنُ: راند جو ٻال- كهينهونُ- كينهوڙو.

▬ كهيڏوٽوُ ع كيڏوُٽا: ذ. صفت. ٻارن جو راندڪو- كينهوڙو- كينهون.

▬ كيڑَ ع كيڑوُنُ: ث. (سن: ڪُشيڑَ كيٽڪه= گوٽ. ف: شيڑُ= كيڑُ)- مبارڪ- مبارڪبادي- كيرون- مبارڪون- واڌائي- دُهل جي مبارڪ واري وڄت- واڌاڻو. سڪانت ناٽڪ- اِنهيءَ قسم جو ناٽڪ جنهن ۾ حياتيءَ جي خوشيءَ جو طرف وندرائيندڙ نمونو ۾ ڏيكاريل هجي. ٽوپو ڏيڻ جو نمونو. (ت)- ڪڙي جي ٻن پلاندن ڪي گڏي ٽوپو ڏيڻ جو نمونو- كيل. (نڪ تي نڪتل) ڳوڙهو- ڳوڙهي- ڳنڍ. سيا- متڀلي- مجلس- جماعت- ميڙ- ٽولي- سڀر- ساٿاري- ساٿ- ولر. سنگ- صحبت. بصر جي ٻارين كي سٽون سڌو ڪرڻ جو نمونو. (ت).

▬ كيڑونُ كيَڻُ: ٻاريون كيڻ.

● گِگھوُ ۽ گِگا: ذ. صفت. نِرڙي ۽ ويڻل آواز ـ گھُٽيل آواز ـ ويڻل آواز ـ جھڪو آواز ـ گِگو ـ گھِگھو ـ ٽلھو آواز.
ـ گِگھيُ ۽ گِگھيُ: ث. ڳورو ڳالھاءُ ـ نِرڙي ۽ ويڻل ڳالھاءُ ـ بي ڍَولو ڳالھائڻ ـ بي ڍَولو آواز ـ خوف يا ڏڪ سبب ويڻل ڳالھاءُ.
ـ گِگھيُ ھَوَنُ: نِرڙي ھوڻ ـ نِرڙي گھُٽجن.
● گُگھُو ۽ گُگھُو: ذ. ڳھيري جي پوليي ـ گھُو گھُو.
● گُگھيُ ۽ گُگھيُون: ث. سوڙھي ڍڳھي ڳِچي ۽ سان پاڻي پري رکڻ لاءِ ٺڪر جو ٽانءُ ـ صُراحي ـ گھُگھي. برسات جي ڇاڻ لاءِ اوني ڪپڙو. (ث).
● گُلُ ۽ گُلُ: ث. ڇڪاڻي مال جو وَلَرُ ـ ڏَنُ ـ وَڳر ـ وَڳُ ـ ميڙ ـ مجموعُ ـ گلوُ.
ـ گُلارو ۽ گُلارا (ت): ذ. صفت. گھٽي مال وارو ـ مالدار ـ پاڳيو ـ وَڳر وارو.
ـ گُلبانُ ۽ گُلبانَ: ذ. صفت. مال جي ولرَ کي چاريندڙ ـ مال کي سنياليندڙ ـ ساربان ـ جَتُ ـ ڏنار ـ ڏَراڙ.
● گِل ۽ گِلُون: ث. کاري ڪَپَ ـ چِکَ ـ چِکڻ ـ راڦو.
● گِلُ ۽ گِلَ: ذ. اِتي ڏَکر يا ٻلورن راند ڪرڻ لاءِ ڪوٽيل ننڍي ڪَڈ ـ سَچُ ـ گِڏ.
● گُلَ: اسم خاص. ھڪ ٻوٽيءَ جو قسم (اڪثر ٿر ملڪ ۾ ٿئي). ھڪ ذات جو نالو.
● گُلُ ۽ گُلَ: ذ. (ف. گُلُ = قُولُ) ڪنھن ٻوٽي جي قُل يا قُول جو نالو ـ قُلُ ـ قُول ـ پُشپُ (قسم: گلاب، موتيو، سوسن، سمن، زعفران، ڪَيسر، دائودي، سُنبل ـ آتشي، نرگس، گونٽو، بِنفشو، ياسمين، جاءِ گل، رتن جوت، خيرو، ٽانگر، ڪيتڪي، چنبيلي، مُگرو، ڪٽھار، نيلوفر، ڪنول، جافري وغيره). قُندن ـ چوٽي. داغُ ـ ڪِلنڪ ـ ٽِڪو ـ ڏَنبُ. حقي جي ٽوپيءَ ۾ سڙي ويل تماڪ جو ڳوٽو. پَرت جو ھڪ قسم (ناڙيءَ گُل، جاءِ گُلُ). (ڪ). معشوق. (اسم خاص). ھڪ شاعر آخوند گل محمد سانوٽيءَ جو تخلص "گُل". ديوان گُل. ھڪ ماٺھوءَ جو نالو.
ـ گُلُ آتشيُ ۽ گُلُ آتشيُ: ذ. صفت. گُل جو نالو ـ گلاب جي گل جو ھڪ قسم ـ سدا گُلاب.
ـ گُلُ اَبيَضُ ۽ گُلَ اَبيَضَ: ذ. صفت. ھڪ گُل جو نالو ـ زنگي گل.
ـ گُلُ اَرغُوانُ ۽ گُلُ اَرغُوانَ: ذ. ھڪ گل جو نالو ـ گٹونٽي جو گل.
ـ گُلُ اَشرَفيُ ۽ گُلُ اَشرَفيُ: ذ. ھڪ گل جو نالو ـ گنونٽو ـ گل اَرغَوانُ.
ـ گُلُ اَنارُ ۽ گُلُ اَنارَ: ھڪ گل جو نالو ـ ڏاڙھونءَ جو گل.
ـ گُلُ اَندامُ ۽ گُلُ اندامَ: ذ. گل سان مشابهت رکندڙ بدن وارو ـ گلن جھڙن نرم لڳڻ وارو ـ اڇي ڳاڙھي جسم وارو ـ نازڪ بدن. سُھڻو ـ حَسين.
ـ گُلُ بَدَنُ ۽ گُلُ بَدَنَ: ذ. گل جھڙو بدن ـ گل اندام ـ نازڪ بدن. سُھڻو ـ حَسين ـ خوبصورت. ھڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو (جدا جدا نمونن جو، سھڻن ليکن ۽ ٻٽن وارو ڪپڙو، جو ڪنھن زماني ۾ وڻ ايشيا کان ڪابل جي رستي هندستان ۾ ايندو ھو. پنجاب، دھلي ۽ آڳ جي آسپاس اڃان تائين اِھو نالو مشھور آھي، اھڙي قسم جي ولائتي ڪپڙي کي به "گلبدن" ڪوٺيندا آھن "پيشہ وران").
ـ گُلُ بَرگُ: گلاب جي گل جي پنکڙي.
ـ گُلُ بَڪاوَليُ: ذ. نھايت عمدي اڇي رنگ جو خوشبوءِ دار گل. ھڪ ھٿراڏو افسانو ـ ھڪ خيالي ڳالھ. ھڪ مصنوعي ٻکاولي پَريءَ جو گُلُ ۽ قصو.
ـ گُلُ بِنَفشُوُ: ذ. گل جو ھڪ قسم ـ بنفشي جا سڪل گل ـ دوائن ۾ ڪم ايندڙ ھڪ پسارکو ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گلبوءَ: ث. گل جي بوءِ ـ گل جي سڑهاڻ ـ سڳنڌ ـ خوشبوءِ ـ واس ـ هيڪاءَ ـ هڪاءَ ـ هيڪار. لالن ـ ساجن ـ پرين ـ محبوب ـ دولن ـ دلبر. منڙي ـ پياري ـ دل واري ـ ساهيڙي

"گولي ٿيان گل بوءِ جي مون نيو پاڻسين"

(شاھ).

ـ گلبهار: ذ. گل جو هڪ قسم.

ـ گل ٽڪن: صفت. گلن جهڙا چٽ ٽڪ ـ گلڪاري ڪيڻ ـ چتسالي ڪرڻ ـ نقش نگاري ڪرڻ ـ اڪر جو ڪم ڪرڻ.

ـ گل پشپ ۽ گل پشپ: ذ. گل جو هڪ قسم.

ـ گلپوش ۽ گلپوش: ذ. صفت. گلن جو ڍڪ ـ پشپ مٿڪ.

ـ گل جافر ۽ گل جافر: ذ. گل جو هڪ قسم.

ـ گل جاولي: ذ. گل جو هڪ قسم. جاءِ جو گل. (ن ـ ب).

ـ گل جاءِ: ذ. جاءِ تي ٽڪڻ واري وَل جي گل جو هڪ قسم ـ گل ياسمين.

ـ گل جليل ۽ گل جليل: ذ. رنگڻ ۽ دوائن جي ڪم ايندڙ گل جو هڪ قسم (گل آڇا گلاب جي گل وانگر ۽ خوشبوءِ ڪتوري جهڙي).

ـ گل جهڙو تي ڇوٽ: صاف تي ڇوٽ ـ سهڻو لڳڻ ـ چمڪ ـ زيبائتو ٿيڻ. نازڪ بدن ٿيڻ ـ گل اندام ٿيڻ.

ـ گل چنبيلي: ذ. گل جو هڪ قسم (هي گل آڇا خوشبوءِ دار آهن، سندن سڳنڌ اڏ مٽي جي سور کي فائدو ڪري ٿو ۽ سندس تيل دوائن ۾ ڪم اچي).

ـ گل چندن: ذ. گل جو هڪ قسم (ت): شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار کان گلن چونڊائڻ جي هڪ رسم ادا ڪرائڻ ـ گل ميڙڻ ـ قل ميڙڻ (شاديءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي مٿن تي ڪپهه جا ذرا ذرا رکي ڇوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار هڪ ٻئي جي مٿن تان آهي گل چونڊين). عيش ڪرڻ ـ مزا ماڻڻ ـ عيش عشرت ڪرڻ.

ـ گلڇهڙو ۽ گلڇهڙا: ذ. صفت. گلاب جي گل جهڙي صورت وارو ـ گل جهڙو حسين ـ سهڻو ـ خوبصورت ـ وٿندڙ.

ـ گل چينن ۽ گل چينن: ذ. صفت. گل چونڊيندڙ. تماشو ڏسندڙ.

ـ گل چيني مٿهن ۾ ڏيڻ: روبرو مهڻو ڏيڻ ـ عتاب ڏيڻ ـ ڏوراپو ڏيڻ ـ مهڻو ڏيڻ ـ طعنو هڻڻ ـ ويڻ وجهڻ.

ـ گل چيني هٿ ۾ ڏيڻ: ڳالهه جو تت پڌائڻ ـ ڳالهه جو تات پرج پڌائڻ ـ ڳالهه جو مقصد پڌائڻ ـ مطلب جي ڳالهه ڪرڻ.

ـ گل حنا: ذ. گل جو هڪ قسم ـ مينديءَ جو گل.

ـ گل خطمي: ذ. نيري رنگ جي گل جو هڪ قسم.

ـ گل خزان: ذ. گل جو هڪ قسم ـ آسماني رنگ جو گل (لاجوردي رنگ خوشبوءِ دار گل ٿئي ۽ دوائن جي ڪم اچي).

ـ گل خطمي: ذ. گل جو هڪ قسم ـ خيڑي جو گل.

ـ گلخن ۽ گلخن: گلن جي عرق ڪيڻ جو ٽاڻ ـ قرنقل.

ـ گل خنڊان: ذ. ٽڙيل گل ـ گل شگفته ـ ڪڙيل گل. هڪ ڪتاب جو نالو. (جانعالم جو قصو).

ـ گل خئرو ۽ گل خئرا: گل جو هڪ قسم.

ـ گل خيرو ۽ گل خيرا: ذ. گل جو هڪ قسم (نيري رنگ تي) ـ گل خطمي يا گل خئرو ـ دوا ۾ ڪم ايندڙ گل.

ـ گل خيڑي: ذ. گل جو هڪ قسم (سوسني رنگ تي هيڏاڻ ماڻل، جو تپ ۽ جگر جي گرميءَ لاءِ رات جو پسائي فجر جو جهڳي ـ مصري وجهي پيار جي ته فائدي مند آهي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گلدانَ ع گلدانَ: ذ. صفت. گلن رکڻ جو ٽانءُ ـ گلدستو. گلاب داني.

ـ گلُ دائودِيُ ع گلُ دائودِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم (هيءُ گل هيڊي ۽ گاڙهي رنگ تي ٿورو خوشبوءِ دار ٿئي، هيڊڪي، دستن ۽ تپ لاءِ گاڙهي پيئجي تہ فائدي مند آهي).

ـ گلُ دَسْتُوُ ع گلُ دَسْتا: ذ. صفت. گلن جو ويڙهو ـ گلن جو مجموعو ـ گلن جي ٻڌل مُٺ ـ گلن جو ڇڪو ـ گلن جو ٻڌل مُٺيو ـ ويڙهو ـ مُٺکو ـ جهُمٽو ـ مُشْقُر. گلن جي رکڻ جو ٽانءُ ـ گُلدانُ.

گُلدوزُ: ذ. گلن سان پرت پريل ـ قُلدار. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم ـ گلدار ساٽين ـ قُولدار ريشمي ڪپڙو.

ـ گلُ ڏاڙهُونُ ع گلُ ڏاڙهُونُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ ڏاڙهونءَ جي وَڻ جو گل ـ گل انارُ. گل اڇو، بنفشي ۽ زردي رنگ تي ٿورو خوشبوءِ دار ٿئي ۽ دوائن ۾ ڪم اچي.

ـ گلُ رُبا ع گلُ رُبا: ذ. صفت. گل جي شڪل جهڙو ـ گاڙهو ڳلو ـ حسين ـ سُهڻو ـ وٽندڙ ـ خوبصورت. دلربا ـ محبوب ـ معشوق.

ـ گلُ رُخُ: صفت. گل جي صورت سان مشابهت رکندڙ ـ سُهڻو ـ حسين ـ خوبصورت ـ گلربا ـ گلعذار ـ گاڙهو ڳلو.

ـ گلُ رَعِنا: ذ. گل جو هڪ قسم (ڦ رنگو، اندران گاڙهو ۽ ٻاهران ڦيڪو ٿئي).

ـ گلُ رَنْگَ: ذ. صفت. گل جهڙو رنگ ـ گلابي ـ گاڙهاڻ مائل ـ قرمزي رنگ. گهوڙي جي رنگ جو هڪ قسم ـ گلابي رنگ وارو گهوڙو.

ـ گلُ روءِ ع گلُ روءُ: ذ. صفت. گل جهڙي شڪل جهڙو ـ گاڙهو ڳلو ـ گلعذار ـ گل رنگ ـ گل رُخ ـ گلربا ـ حسين. خوبصورت وٽندڙ ـ محبوب ـ معشوق ـ مَنُ.

ـ گلُ زارُ ع گلُ زارَ: ذ. صفت. ڏڻ سان پريل ـ چمنُ ـ باغ ـ باغيچو ـ گلستان ـ قُلواڙي ـ تختہ گل ـ گلن جي ڪياري. شاداب ـ خوشآب ـ هريو پريو ـ سرسبز ـ تازو توانو. ڊولائتو ـ موچارو ـ اوگهو ـ سُهڻو ـ وينگس ـ زيبائتو ـ شڪيل ـ ڏجُ متج جهڙو ـ سدا ملوڪ ـ چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو ـ خوبصورت. رنگدار قول ـ سُهڻا چِتَ ـ نقشُ.

ـ گلُزارِيُ ع گلُزارِيُونُ: ث. قُلواڙي. هريالي ـ ساوڪ. سُونهن ـ سهڻائي. گلڪاري ـ نقشبندي ـ چِتسالي.

ـ گلُ زَعْفَرانُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ زعفران جو گل ـ ڪيسر جو گل.

ـ گلُ زَنگِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ خوشنما گاڙهي ۽ اڇي رنگ تي گل ـ دوائن جي ڪم ايندڙ گل. (ن ـ ب).

ـ گلِسْتانُ ع گلِسْتانَ: ذ. صفت. (ف). گلن جي جاءِ ـ باغيچو ـ باغ ـ چمن ـ گلزار ـ واڙي ـ قُولستان ـ قُلواري.

ـ گلُ سُورِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم.

ـ گلُ سُوسَنُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ آسماني رنگ جو گل.

ـ گلُ سُوءِ: ث. گل جي بُوءِ ـ سُرهي بُوءِ ـ هُڪار ـ خوشبوءِ ـ سُگنڌ. دلداري ـ ميڙي ـ ساهيڙي ـ سڃڻ ـ لڏڻ ـ منٺار.

ـ گلُ شَڪَرُ: ذ. صفت. گل جا پَنَ ۽ ڪنڊ ملائي ٺاهيل هڪ قسم جو مرڪب ـ گلقند.

ـ گلُشَنُ ع گلُشَنَ: ذ. صفت. گلن جي جاءِ ـ گلن جو ٻارو ـ باغ ـ باغيچو ـ چمن ـ اِرم ـ گلستان ـ قُلواڙي ـ قولستان ـ گلزار.

ـ گلُ صدُ بَرُگ: ذ. (ف). گل جو هڪ قسم ـ سئو پَنن سان گل ـ گينڊو گل.

ـ گلُ صَنَوبَرُ: ذ. گل جو هڪ قسم. (ت). هڪ عاشق ۽ معشوق جي خيالي نالن تي بَدل ڪهاڻي. "گل با صنوبر چِکَرد".

ـ گلُ عَبّاسِيُ: ذ. عجب جهڙو گل ـ عجيب قسمن جو گل (هي گل خوشبوئدار آهي، صبح کان رات تائين طرح طرح جا رنگ ڪيڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن تہ "فجر جو آڇو، منجهند جو ڪارو، رات جو ڳاڙهو وغيره" اهڙي ريت رنگ ڦيرو بدلائي [انهيءَ ڪري هَنڌَ رنگي (سَت رنگي) گل ۾ چوندا آنس، سنگهڻ ۾ دل ۽ دماغ کي قُوَتَ ڏئي).

▬ گُلُ عِذارُ: ذ. صفت. (ف. ع). گل جي شڪل سان مشابهت رکندڙ شڪل وارو - گُلُ - ڳاڙهن رُخسارن وارو - ڳاڙهو ڳِلو - ڳاڙهو ڳِلو - گُلِرنگ - گُلسوءِ - گُلفام.

▬ گُلُ فامُ ≈ گُلُ فامَ: ذ. صفت. (ف). گل جي رنگ جهڙو - گلابُ جي گل جهڙو - ڳاڙهو ڳاڙهو ڳِلو - گل انڊامُ - گل رُوءِ - گُلرخسارو - گلسُوءِ - ڳاڙهو ڳِلن وارو - سهڻو - خوبصورت - حَسين. محبوب - معشوق.

● گُلْقَنْدُ ≈ گُلْقَنْدَ: ذ. صفت. گلاب جي گلن جو ناهيل مُرڪب - گلاب جي پَٽن سان ڪنڊ ملائي ناهيل هڪ قسم جي معجون - گُلُ شَڪَرُ.

▬ گُلُ كارِيُ ≈ گُلُ كارِيُون: ث. صفت. باغ ۾ گلن جو چهچتو - گهڻن قسمن جا گُل - مزيداري - چهچتو - بَهاري - قلواڙي - گُلزاريُ. گل چِٽڻ جو ڪم - نقشبندي - نقاشي - چِٽسالي - ڪَمانگري.

▬ گُل ڪَچِنا: ذ. (ف). گل جو هڪ قسم.

▬ گُل ڪَرَنِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم (پنج قاڪو، اڇي ۽ ڦِڪي رنگ تي). موتيو. (ن - ب).

▬ گُل ڪرڻ: وِسائڻ - وِسائڻ - آجهائڻ (بتي) - ڏيئو وڏو ڪرڻ. خراب نتيجن ڏي خيال ڏوڙائڻ - خراب خيال ظاهر ڪرڻ.

▬ گُلُ كَلَنْگُو: ذ. گل جو هڪ قسم (ڦِڪي ۽ ڳاڙهي رنگ تي).

▬ گُلُ كوزه: ذ. (ف). گل جو هڪ قسم.

▬ گُلُ گَشْتُ: ذ. صفت. سَيْر چَمَنُ - باغ جو سَير - قلواڙي ۾ چَڪَرُ - باغيچي جو گشتُ.

▬ گُلُ گُلابُ ≈ گُل گُلابَ: ذ. اسم هڪ مشهور گُلُ - گلابُ جو گل - سدا گلاب. (صفت). سدا سهڻو - حَسين - خوبصورت.

▬ گُلگُونُ: ذ. صفت. (ف). گل جي رنگ جهڙو - ڳاڙهن ڳِلن وارو - ڳاڙهو ڳِلو - گُلِرنگ - گُلسوءِ - گُلفام.

▬ گُلُ گُونٹُو ≈ گُلُ گُونٹا: ذ. گل جو هڪ قسم (هيءُ گُل زرديءَ رنگ تي دل ۽ دماغ کي قوت ڏيندڙ، جيڪڏهن هن کي چاليهه ڏينهن تِرن جي تيل ۾ وجهي آس ۾ رکجي تہ سَٽڏن جي سور کي سندس مالش فائدي مند آهي). (ف - ج). (ن - ب).

▬ گُلُ گِيرُ: ذ. (ف). آها ڪينچي جنهن سان وَتَ کي وَڌي صفا ڪجي - بَتِيُ جي وَتَ جي ڦُلهي ڪَترڻ جي ڪينچي.

▬ گُلُ گِلوُ ≈ گُلَ گِلا: ذ. صفت. گل جي رنگ تي مائل ڳلن وارو - ڳاڙهو ڳِلو - ڳاڙهن ڳلن وارو.

▬ گُلُ لالَ: ذ. (ف). هڪ قسم جو ڳاڙهو گل.

▬ گُلُ مُتَكُ ≈ گُلُ مُتَكَ: ذ. گل جو هڪ قسم. (ت).

▬ گُلُ مَرِيَمُ: ذ. گُل جو هڪ قسم (هي گل هٿ جي چنبي جهڙو ناسي رنگ تي ٿئي، دوائن ۾ بہ ڪم اچي، تنهن کان سواءِ ڪنهن عورت جي ويهِ وقت هي گل چِيڻيءَ جي ٿانءَ ۾ پُسائي رکجي تہ ويهِ آسانيءَ خير سلامتيءَ سان ٿئي). (ن - ب).

▬ گُلُ مُشْكُ: ذ. سُرهيُ خوشبوءِ وارو گل جو هڪ قسم.

▬ گُلُ مَلُوكُ: فراسيءَ جي چِٽَن جو هڪ قسم.

▬ گُلُ مُنْهونُ ≈ گُلُ مُنْهانُ: ذ. صفت. گل جي رنگ جهڙو - ڳاڙهي مُنهن وارو - لال منهون - ڳاڙهو ڳلو - ڳاڙهو ڳِٽو.

▬ گُلُ موسِمِيُ: ذ. گل جو هڪ قسم.

▬ گُلُ مَيْدو: ذ. اسم خاص. بُلْسانُ. آكْسِيبِرُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گُلُ مهيندِيُ: ذ. گاڙهي رنگ جهي گل جو هڪ قسم ـ مينديءَ جي رنگ جهڙو ٽيندڙ گل ـ گُل حِنا ـ گاڙهو گل.

ـ گُلُ نازُ ۽ گُلُ نازَ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ ڏاڙهون جو گل ـ گل آنارُ. گلعذاري رنگ ـ گاڙهو گلابي رنگ ـ گاڙهو پيازي رنگ. گاڙهو شوخ رنگ ـ ارغواني رنگ. (اسم خاص). هڪ عورت جو نالو. (ت).

ـ گُلُ ناغَرُ: ذ. (ف) گل جو هڪ قسم ـ چنبيليءَ جو گل.

ـ گُلُ نِيلُوفَرُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ نيلوفر جو گل (دوائن جي ڪم ايندڙ).

ـ گُلُ وَرْدُ: ذ. (ف.ع) گل جو هڪ قسم ـ گلاب جو گل.

ـ گُلُ هُجَنُ: خوش هجڻ ـ بهار هجڻ ـ مؤج ۾ هجڻ. سهڻو هجڻ ـ حسين هجڻ ـ خوبصورت هُئڻ.

ـ گُلُ ياسِمِينُ: ذ. گل جو قسم ـ جاءِ جو گل ـ جاءِ گل.

● گِلاَ ۽ گِلائُونُ: ث. (ف. گِلُ = شِڪايِتَ) ڪنهن مائهو جي پرهٽ ڪيَل بدناموسيُ ـ ٻئي جي بيان ڪيل آوٽائي ـ بدناموسي ـ بدنامي ـ نندا ـ شڪايت ـ غيبت ـ شڪوه ـ پڇار ـ عيب جوئي ـ خواري ـ چغلي ـ لائي چائي ـ سٽيندي ـ گهٽتائي.

ـ گِلاَ جو گهانڱهوُ: ذ. صفت. گلا جو ڪٽ گلا جو هار ـ گلا جو ٽڪر ـ لعنت جو زنجير ـ بدنامي ـ شڪايت ـ نندا.

ـ گِلاَ جو گهانڱهوُ ڪٽَنُ: گلا جو هار وجهڻ ـ سر تي لعنت وسائڻ ـ پنهنجي بدناموسي ڪرائڻ ـ گلارو ٽيڻ ـ مهٽي هاب ٽيڻ ـ گهٽتائي جهڙو ڪم ڪرڻ ـ بدنامي جو ٽڪر اچڻ ـ پنهنجي لائي چائي ڪيائڻ.

ـ گِلاَ جو گهانڱهوُ ڇڇيءَ ۾ وِجهڻُ: بچڙو ۽ گلا جهڙو ڪم ڪرڻ ـ گلا جو طوق ڇڇيءَ ۾ وجهڻ ـ گلا جو ٽيڪر سِر تي ڪٽڻ ـ سر تي ملامت ڪٽڻ ـ بچڙائيءَ جي پڳ پٽڻ ـ گلا جهڙو ڪم ڪرڻ ـ گلارو ٽيڻ ـ مهٽي هاب ٽيڻ ـ لعنت جو طوق ڇڇيءَ ۾ وجهڻ.

ـ گِلاَ خورُ ۽ گِلا خورَ: ذ. صفت. گلا ڪندڙ ـ نندا ڪندڙ ـ پرائي پڇار ڪندڙ ـ پچاڙو ـ منافق ـ ڪنهن جي پٺ گهٽ وڌ ڳالهه ڪندڙ ـ خواري ڪندڙ ـ بدنامي ڪندڙ ـ چغل ـ نندا خور ـ بدنام ـ عيب جوئي ڪندڙ.

ـ گِلاخورِيَ ڪَرَنُ (ڪ): پچاڙائي ڪرڻ ـ بن گهرن کي باهه ڏيندڙ ـ منافقي ڪندڙ.

ـ گِلارُو ۽ گِلارا: ذ. صفت. ڪارمنهونُ ـ گلا وارو ـ بدنامي جهڙو ـ رذيل ـ ذليل ـ عيبدار ـ لعنتي ـ خوار ـ بدنام ـ عيبدار ـ ڏاهيچ ـ ڏهاري. بدچلنيءَ ۾ بدچلن.

ـ گِلاَ غِيبْتَ ۽ گِلاَئُونُ غِيبْتَنُونُ: ث. صفت. گلا ـ خواري خرابي ـ فتني بازي ـ پرائي پڇار ـ نندا ـ عيبجوئي.

ـ گِلاَ ڪاڏُ ۽ گِلاَ ڪاڏا: ذ. صفت. عيب جويو ـ گلا خور ـ گلا ڪندڙ ـ گلارو ـ ذليل ـ رسوا ـ بدنام ـ عيبدار. خواريءَ جهڙو ڪم ـ بدنام ڪم ـ خراب ڪم ـ بچڙائي ـ ذلالت.

● گُلا: ث. اسم خاص. ڇڇيءَ جو هڪ قسم.

● گُلابُ ۽ گُلاَبَ: ذ. (ف. گُلاب = گُلُ + آب) خوشبوءِ دار گلابي ۽ گاڙهي رنگ تي مائل گُلُ جو هڪ قسم ـ سدا گلابُ. گاڙهو گل ـ گُل اَحْمَرُ. (هن گل جا رنگ پيا ۽ ٽين ٿا، جهڙوڪ، آڇا، زردا). (ف. گُلُ + آبُ = گُلُ جو پاڻي) گل جو پاڻي ـ گلن جو پاڻي ـ گلاب جي گلن جو عرق ـ عرق گلاب.

ـ گُلابِاشِيُ ۽ گُلابِاشِيُونُ: ث. (ف) گلابداني ـ گلاب جي پاڻي ڇٽڪڻ جي بوتل ـ گلاب ڇٽڪائڻ جي صراحي.

ـ گُلاباشِيُ: گلاب جو پاڻي ڇٽڪڻ ـ گلاب جو عرق ڇٽڪارڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گُلابُ جوُ پاڻِيُ: گلاب جو عرق ـ گلاب جي گلن جو نِچوڙُ.
ـ گُلابدانِيُ ع گُلابدانِيُونُ: صفت. گُلاب جي پاڻي چِڪڻ جي بوتل ـ گلاباشي ـ گلاب جي پاڻيءَ جي گهُڪهي ـ گلاب جي پاڻيءَ جي صُراحي.
ـ گُلابُ كَتلِيُونُ: گلاب جون سُڪل مکڙيون ـ گلاب جون ڪتليون.
ـ گُلابِيُ گُلُ: ذ. شربت ناهڻ ۾ دوائن جي ڪم ايندڙ گاڙهي رنگ تي هڪ خوشبوءِ دار گُلُ. (ن ـ ب).
ـ گُلابِيُ ڳُوڙهُو (ت): رنگ جو قسم (گاڙهي رنگ جي لاڪ، جا جنڊيءَ ۾ ڪم اچي).
● گُلابَ پُور: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گُلُ پُرُڙوُ: اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گِلاسُ ع گِلاسَ: ذ. پاڻي پيئڻ جو ٽانوُ ـ شيشي جو ڊگهو آبخورو. (انگ. گِلاس=شيشو) شِيشو ـ ڪاچُ. آئينه ـ آئينو ـ دَرپن ـ دَرسڻِي ـ آرسِي. عَينڪ ـ چشمون.
ـ گِلاسِدانِيُ ع گِلاسِدانِيُونُ: ث. گِلاسن رکڻ لاءِ ٽنگڻ سان ڪاٺ جو طاقُ.
● گِلاقُ ع گِلاقَ (ث): ذ. وات جي ٻنهي پاسن جون پچاڙِيُون ـ گِلاڦ ـ واڇون.
ـ گِلاڦُ ع گِلاڦا: ذ. (سن. گلّ) وات جي پچاڙي ـ گِلاقُ ـ گِلاڦ ـ واڇ.
● گِلال: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ڪنيار.
● گُلالُ ع گُلالَ: ذ. صفت. گاڙهي رنگ جو اتو ـ سِيندَرُ. گاڙهو رنگ ـ لال رنگ ـ سُرخُ رنگ. هولي ۾ هندن جو هڪٻئي تي اڇلايل گاڙهو رنگ. سيندور.
● گِلانِيُ ع گِلانِيُ: ث. ڪَراهت ـ نفرت ـ بُڇان ـ انُرَسُ ـ ڪِرُپَ ـ سُوگ ـ ذِڪار ـ حقارت ـ مَلِيچا.
● گُلاٽِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (هزاري بلوچن جو هڪ قبيلو، رستماڻين جي شاخ).

● گُلُ بُحرُ: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گُلُ تاڙوُ: ذ. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو ـ منزلن ٻڌڻ واسطي سُڪان ۾ ٻڌل هڪ پتڪل ڪاٺيءَ جو ٽُڪر. (ن ـ ب).
● گُلُتانُ ع گُلُستانَ (ڪ): ذ. (ف. غلطان) غلطان ـ غرق ـ ٻُڏل ـ رُڌل ـ مشغول ـ مصروف.
● گُلُتوُ ع گُلُتا: ذ. وادڪي اوزار جو هڪ قسم ـ اهو رندو، جنهن سان ڪاٺيءَ جي ڪناري ۽ ڪاٺيءَ جي ريين تي سُونهن لاءِ ليڪون ۽ گولايون ڪيڏجن ـ اهو رندو، جنهن سان درن ۽ درين جي پانهين تي گولايون وغيره ڪيڏجن ـ ڪاٺيءَ تي ڪنار ڪيڏڻ جو رندو.
● گِلِٽُ ع گِلِٽَ: ذ. ڪنهن ڌاتوءَ تي هٿرادو ڪرايل چِلڪور، هن جا ٻه قسم ٿين (هڪ اڇي رنگ جو ۽ ٻيو سونَ جهڙو رنگ) ـ مُلمعو ـ پاڻي ـ نِڪِل.
ـ گِلِٽُ كَرَنُ: ڪنهن ڌاتوءَ تي اڇو قلعي جهڙو رنگ ڪرڻ. ڪنهن کي دغا سان قُربي وڃڻ.
ـ گِلِٽِيُ: صفت. چاندي جي رنگ جهڙو رنگ چاڙهيل ـ مُلمعو چاڙهيل ـ پاڻي ڏنل ـ گِلِٽ ڪيل ـ نِڪل ڪيل. (اسم). هڪ قسم جو ڌاتُو ـ جرمن سِلور. راند جو هڪ قسم ـ پئسا ڪڏڻ ۾ اڇلڻ سان ڪُڏيل راند.
● گُلُهاڻُ ع گُلُهاڻَ (ڪ): ذ. نوڪر ـ ٽهليو ـ شهيوڪ ـ خدمتگار ـ چاڪر ـ خدمتي ـ شيواڌاري ـ خادِمُ.
ـ گُلُهاڻِيُ (ڪ): ڪَٽ ـ گولتپَ ـ غُلامي ـ پانهپ ـ چاڪري ـ خدمتگاري ـ شهيوا.
● گُلُ چَنُ: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گِلُ حِڪْمَتَ: ث. (ف). حِڪمت واري مِٽِي. (ن ـ ب). طِبُ جو اصطلاح ـ دوا واري ٽاڻ تي اڳڙي ٻَڌي، مٽانس آلي مِٽيءَ جو ڏنل تهه ـ پوٽو ـ ٽِڪ ـ لهپو ـ پوچو ـ پلستر ـ لِنبَ ـ منڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گِلِ حِکْمَتَ کرڻ: کِيمِياگرن جو اصطلاح ـ دوا جي ٺاڻڻ کي ڪپڙي ۾ ويڙهي مٽانس آلي مٽي جو ٽهه ڏيڻ ـ ڪوٽاري ۾ دوا جو ڳوٽو بند ڪري مٽانس اڳڙيون ويڙهي قابو ڪري ان جي مٽان آلي مٽيءَ جو ٽهه ڏيڻ.

● گُلَرُ ع گُلَرَ: ذ. ٽولو ـ وَلَرُ ـ ٽولِي ـ جماعت ـ ڏَڻُ ـ جانگ ـ گلو (جانورن جو). مِيڙُ ـ گوڙ ـ پيهه ـ اَنبوهُ ـ ڪَٺُ ـ پِينڊ ـ پِيڙُ ـ خلق ـ هٿيار.

● گُلَرِ: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گُلَرُ ع گُلَرَ: ذ. ڪُتي جو نينڊو ٻچو ـ نينڊو ڪُتو ـ ڪُتڙو ـ پُونگڙو ـ پُونگ ـ پَلونگڙو ـ ڪِنڊُ. نينڊي قد وارن ڪُتن جو هڪ قسم.

ـ گُلِرڙو ع گُلِرڙا: نينڊو تازو ڄاول ڪُتي جو ٻچو ـ پَلونگڙو.

ـ گُلُرُو: ذ. ڪتي جو نينڊو پلونگڙو ـ گُلَرُ ـ گُلَرڙو.

ـ گُلِرِي ع گُلِرِيُون: ث. نينڊِڙي پُونگڙي ـ ڪُتڙي. پُورُ ـ رِيڇڪ ـ سوداءُ ـ خيالُ ـ بُدبُدو ـ رِيڇِڪِي.

ـ گُلِرِيُونُ ٿيڻ: جاڳڻ.

● گُلاڄاڻِي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات.

● گلرين: اسم خاص. هڪ ذات (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو). (ت ـ بلوچستان).

● گِلڙو ع گِلڙا (ث): ڳالهه تان هر هر ڪري ويندڙ ـ هڪ ڳالهه وارو نه هٽڻ ـ ڪُڙو ڪهڙو ـ هڪ سخن وارو نه هٽڻ ـ محڪم ارادو نه رکڻ.

● گُلڙِي (ل): فراسيٽن جي چِٽن جو هڪ قسم.

● گُلُ سانگهيڙو: اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه.

● گُل شاهُ: اسم خاص. تعلقي ميرو خان، تعلقي ڪنڊياري ۾ ديهن جا نالا.

● گُلشيرزئِي: اسم خاص. هڪ ذات (بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو).

● گُلُ شَڪَرُ: ذ. اسم خاص سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ مشهور پهاڪن جي ڪتاب جو نالو.

● گُلشيراڻِي: اسم خاص. هڪ ذات (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو).

● گُلُڦِڙو ع گُلڦِڙا: ذ. وات جو اندريون پاڳو ـ واڇَ ـ جاڙي ـ واتُ جي ڪُنڊَ.

● گُلُ گُلهوڙو: اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهه.

● گِلڪِي ع گِلڪِيُونُ (ث): هٿن سان بدن جي ڪنهن ٻئي عضوي تي آهستگيءَ سان ڪيل ڪنهار ـ ڪِتڪِتائي ـ ڪِتڪِتوئي.

● گِلِ گِلِ: ذ. نينڊڙي ٻار کي ماءُ ٻيءَ جي سڏ ڪرڻ جو نمونو ـ سباجهو آواز ـ پيار مان سڏڻ جو آواز ـ پيار جو لفظ ـ "گِلگِل ڪير اچي." خوشامد ـ چاپلوسي (ت).

● گِلگَچال (ل): ذ. خارش ـ ڪَهه ـ ڪَنَهَرَ ـ خارشَ ـ خارسَ ـ ڪُجلِي.

● گُلگُلو ع گُلگُلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو ـ هڪ هندن جي ذات ـ گهٽ ذات وارن فقيرن جو هڪ قسم (هندو) ـ گُرُ گُلو ـ ٻڙو.

● گِلِ گولِڙِي: ث. نينڊڙن ٻارن کي ڪوڏائڻ جو نمونو ـ گِلِ گِلولِڙِي.

● گِلِمُ ع گِلِمَ: ذ. (ع. قالِيٰن. ف. گِلِيمُ = رِلِي). پَٽُ تي پکيڙڻ لاءِ وڏي فراسي ـ فَراشُ ـ غالِيچو ـ فَرْشُ ـ تَهَڙُ.

● گُلُ مُحَمَّدُ: اسم خاص. تعلقو ميرپور بٿورو، تعلقو شاهبندر، تعلقي ميهڙ ۾ ديهن جا نالا.

● گُلُ مُحَمَّدُ لِغارِي: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ گُلُ مِيخَ ع گُلُ ميخونُ: ث. ڪِلِيءَ جو هڪ قسم ـ وڪري مٿي واري ڪِلِي ـ ٽوپيدار لوهه جي ڪِلِي ـ ٽوپي واري ڪِلِي. ريزا ميخ. ڪچي سلائي ـ ٽاڪو ـ ڪوڪَ.

● گُلَنْدازُ ع گُلَنْدازَ: ذ. (گولہ انداز) نشانہ بازُ ـ چهٽو ـ توبچي ـ نشان چٽيندڙ ـ غبارچي. ڦوجي ماڻهو ـ سپاهي. (اسم خاص). هڪ ذات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▬ گلٹندازيُ ع گلٹندازيونُ: ث. توپيزَنيي- نشانہ بازي.

● گلندرُ: ذ. اسمِ خاص. پوتي جو قسمِ، کائيون ۽ ہن آن جا سکل ٿين- هڪ پسارکو وکرِ، جو دوائن ۾ ڪمِ اچي. (ن-ب).

● گلوُ ع گلا: ذ. (سن. گَل > گلا=گچي) نِڙِيُ- گهٽ- ڳاٽ- ڪنٺ- سسي- ڪنڌو- هڪي- گچي- گلو- ڪنڌ واري گلي- نڙگهوتو- نڙگهٽ- نِرگهٽُ. نڙيءَ جو آواز- سريلو آواز- مٺو آواز- آواز- صدا- اِلحان- هانڪ- پرلاءُ- تنوار- هولي- ڪوڪ- لات- رڙ- سر- واڪ- واڻي. آڻن جو وڳ- وگر- ولر- گلر- قطار- ڏڻ- ساڳو. (ماڻهن جي) جماعت- ٽولي- سڱر- ساڻاري- ميڙ- مجموعو- ساٿ. (ت). پيڙهي- ڪتنب. قاهي- قاسي- فاسي- سوري. مڇي قاسائڻ جي ڪنديِ. آگرُ- دوڪاندارن وٽ پئسن رکڻ جي پيتي. (ت).

▬ گلاَبَنڈُ ع گلاَبَنڈَ: ذ. صفت. گچيءَ کي ويڙهڻ جو ڪپڙو- آهو روسال جنهن سان ڪن ۽ گچي ويڙهجي- ڪنڊڪ- شانهن پوش- (انگ) متفلرُ.

▬ گلوُ ڪاٽڻُ: سسي لاهڻ- نڙي وڍڻ- گچي ڪپڻ- سِرُ لاهڻ. ڏاڍي سختي ڪرڻ- ڪنور ٿيڻ- بي رحمي ڪرڻ- آزارڻ- ڏکوئڻ- پيڙڻ- ستائڻ- رنجائڻ- ايذائڻ. زوريءَ ڪمِ ونڻ- زبردستي ڪرڻ. جبراً ڪرڻ.

▬ گلوُ ڪٽيڻُ: گلو ڪاٽڻ- گچي وڍڻ- سِر ڪاٽڻ- گلو وڍڻ- ڪنهن جو نڙگهٽ وڍي ڇڏڻ. پئسي جو نقصان ڏيڻ- خواه مخواه ڇيهي ۾ وجهڻ- ٽوٽو رسائڻ.

▬ گلوُ گهٽجڻُ: ڳالهائڻ ئي نہ ڪرڻ- آواز بند ٿي وڃڻ. ساهہ نہ کڄڻ. زبردستي ٿيڻ- جبراً سِرُ تي اچي ٻوڙ.

▬ گلوُ لڏجڻُ: ڪمِ جو پورائو ٿيڻ. (ن-ب).

▬ گلوئيُ گارُ ٿيڻُ: پيڙهي ناس ٿيڻ- ڪتنب تباهہ ٿيڻ- خاندان ئي چٽ ٿي وڃڻ- بنياد تباهہ ٿيڻ- گهر بار تباهہ ٿي وڃڻ. ستياناس ٿي وڃڻ- هڏ موڙي چٽ ٿي وڃڻ.

▬ گلهي پوَڻُ: ستائڻ- ڪپائڻ- هلاڪ ڪرڻ- درِق ڪرڻ- تڪليف ڏيڻ- آزارڻ- رڙائڻ- ريڙائڻ- پائهي ڪٽڻ- ڏهڻ- آچائي ڪٽڻ- دشمني پارڻ- هرو پرو وڙهڻ- ڪنڌ ڪٽڻ- جنجال ۾ وجهڻ.

▬ گلهي جوُ هارُ: مالها- ڪنڌي- هار- ڪنديلو- ڳلپٽو- ڪنديِ- مِڻن- لڙڙ- پين- پرين- دوست- پيارو- مينڊول- سڪيلڌو- بودلو- لاڏلو- چهيلو- طوق پتلو- انگلي. محبوب- معشوق- دلبر- ساجن- جاني.

▬ گلهي جوُ هارُ هُئڻُ: بلڪل پيارو هئڻ- محبوب هئڻ- دلبر هئڻ- سجڻ هئڻ- ساهہ جو سينگار هئڻ- ساجن هجڻ.

▬ گلهي لائيڻُ: پيار ڪرڻ- محبت ڪرڻ- دل ۾ سانديڻ- هنڌين سان لڳائڻ- ڳر لڳائڻ- چاتيءَ سان لڳائڻ.

● گِلئي گوُرُ ع گِلئي گوُرَ: ذ. صفت. گلوگير- ليلڙاٽيو- منٿائتو- سوالي- محتاج- نيازمند- عرضدار- منٿائو- نيازي.

● گِلوُ: اسمِ خاص. پوتي جو هڪ قسمِ. پوتي جي پاڙ، جا دوائن جي ڪتب اچي. پترو- پتڙو- نرم چدو- پاڻيءَ جهڙو- چٽڙو- پتلو- پنگو- چِٽو.

● گلو ع گلا: ذ. ننڍڙي مڇيءَ جو هڪ قسمِ- (بنا چلرن جي، رنگ ڪارو، قد ٻن کان چار انچ هن جا ۽ قسمِ ٿين (۱) مٿيون گلو (۲) چمن گلو.

● گلوُ: اسمِ خاص. ڪُڪڙ جي پاپڙِيُ. گچيءَ کي ٻڌڻ جو ڪپڙو- آن مان ٺهيل گچيءَ کي ويڙهن لاءِ هڪ ڊگهو پتو- گلا بند- (انگ). متفلرُ.

● گلوگِيرُ ع گلوُگِيرَ: ذ. صفت. (ف. گلوگير=طامعُ). طامعُ- لالچِيُ. نڙيءَ کي ونڌڻ ڪڙي شيءِ- گهٽِيرُ. سوالي- عرضدار- منٿائو- نيازمند- دامنگير- پيرين پوندڙ- التجا ڪندڙ- التماس ڪندڙ- عرض ڪندڙ- منٿ ڪندڙ-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاجزي ڪندڙ. ڏکويل ـ اداس ـ دلگير ـ غمگين. (ن ـ ب).
"جاڪي جائين پاڻکي ستگهو منجهه سرير،
تانکي اگهو آهين گهايل گلوگير"
(خانه زئي).

● گلتواني: اسم خاص. تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه.

● گلواهه: اسم خاص. تعلقي ڀڙهي خيرو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گلو پرائن: ڪورين جو اصطلاح ـ ڦٽيءَ جي گهرن ۾ ڏزائين موجب تندون داخل ڪرائڻ.

ـ گلو پتر: (ت): ذ. رَش ۾ هڪ پاسي کان تندون وجهي ٻئي پاسي کان ڪيڻ ـ ڦٽيءَ ۾ نموني سان تندون وجهڻ.

● گلوٽي (ت): ذ. لمبو ـ لامٽ ـ ڊگهو. ڏاهرو ـ هيٺو ـ ضعيف ـ نيستو ـ ڪم طاقت ـ لاغر ـ آپرو.

● گلو ٻتافي: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گلور ۽ گلاور (ل ـ ت): ذ. لشکر ـ ٽولو ـ جماعت ـ دل ـ ولر ـ گلتر ـ جٿو ـ ڏاڻ ـ چانگ.

ـ گلور بند ڪرڻ: شڪست ڏيڻ ـ هيسائڻ ـ دٻائڻ ـ ڊپ ڏيڻ ـ هراس ۾ رکڻ ـ چپ ڪرائڻ ـ خوفزدو ڪرڻ.

● گلور ڪاني: اسم خاص. هڪ ول (جا وڻن تي ڦهلجي وڃي، هن جا پن بانس چي پتن وانگي ٿين، ذاڻقو ڪڙو ۽ ڪسارو) ـ پسارڪو وڪر ـ دوائن جي ڪم ايندڙ. (ن ـ ب).

● گلورِي ۽ گلورِيون: ث. نوريڙي جو قسم. گلوڙي.

● گلول ۽ گلولون: ث. ننڍڙي پٿر جي پري مار ڪرڻ لاءِ ٻسانگي ڪاني جي ٻنهي مُنهن ۾ ٻڌل رَٻڙ ـ پکين ڏي ڦرڻ آچلائڻ لاءِ ڪاني ۽ رٻڙن سان جوڙيل هٿيار ـ گلهيلو ـ ڪمان ـ سينگ. (ت).

● گلولو ۽ گلولا: ذ. صفت. گلول ۾ هڻڻ لاءِ ميٽيءَ جو ٿهيل ڳوڙهو. پنوڙو.

ـ گلولي ۽ گلولين (ث): ث. ميٽيءَ جو ٿهيل ڳوڙهو ـ گلولو.

● گلولي ۽ گلولين (ت): ث. گرڙي ـ ڪتاولي ـ گروڙي.

● گلوهه ۽ گلوهه: ذ. ٿورو ـ ڪُڻ ـ احسان. (ن ـ ب).
"گانڊو سان گلوهه، ڪيوَ تہ ڪتار هاريو".

● گلوئي ۽ گلوئين: ث. جيوَ جوهڪ قسم (گوهه جهڙو ٿئي، هن جو گوشت ۽ چربي دوائن جي ڪم اچي). (اسم خاص). هڪ ذات.

● گلهڏي: اسم خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه.

● گليهي ۽ گليهين (ت): ث. ڪري جو هڪ قسم ـ ڳاڙهن ڳلن واري ڪري.

● گلئي ۽ گلئين: اسم خاص. پکيءَ جو نالو.

● گلي ۽ گلين: ث. (سن. گلي = گهٽي) ڪُوچو ـ ڳلي ـ گهٽي. راهه ـ رستو. پاڪر.

ـ گلي پائڻ: پاڪر پائڻ.

● گليي ۽ گليين: ث. اڻي ـ اڻي ذڪر راند ڪرڻ ۾ ڪم اچي ـ ننهي طرفن نوڪدار ۽ وچ آپريل ڪاني جو ٽڪر ـ راند واري ڪاني ـ ڪاني جو ٿهيل بيضو ـ بدوڙو ـ ڪاني جو ٽڪر، جنهن جو وچون حصو بيضوي ۽ پاسا چُهنبدار.

ـ گليي ذڪر: ذ. هڪ راند. (اڻيءَ ذڪر راند ۾ آگ ونڊڻ چوڪر، اڻيءَ کي ڏڪ هڻي راند جي شروعات ڪندو، آگ ڏيندڙ چوڪر وري اڻيءَ سان پٺ تي پيل ذڪر کي نشان چُنيندو، جيڪڏهن ذڪر کي ذڪ ڪسي ويو تہ هوءَ ذڪر سان اڻيءَ جي دوري ماپيندا آهن. پهرئين ذڪر کي بڪٽ، ٻئي کي لٽين، ٽيئي کي مُون، چوٿين کي نار، پنجين کي آر، ڇهين کي ويئي ۽ ستين کي جُڳ يا يڪو چوندا آهن [اهي مدراسي انگ آهن]. مفاصلو جنهن نمبر تي ختم ٿيو، اُن نمبر واري داءُ جو ذڪ آگ ونڊڻ هٿندو آهي. بڪٽ ۾ پير جي آگرين مٿان اڻي رکي، مٿيرو آڇل ڏيئي ذڪ هڻندو آهي. لٽين ۾ (اڇلهو ٻلهو) ذڪ هٿندا آهن. مُون (منگل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مٹيو) م مُٽ تي اِٽي رکي، مٽي آچلي ڏڪ هٽيو آهي. نار (ٻه گهوڙا يار، بهٽي ۽ ڪلڪتو ڏيکار) م چيچ ۽ ڏسٽي آگرين جي پٽي۽ مٽان اِٽي رکي، مٽي آچلي ڏڪ هٽندا آهن. آر (انڊي اڪ) م اڪ تي اِٽي رکي، هيٺ ڪيرائي ڏڪ هٽيو آهي. ويڙي (وڻ ٽپندي ويڙي) جو ڏڪ ٿونٽ مٽان اِٽي رکي، مٽي آچلي ڏڪ هٽيو آهي. جُڳ م گِل م اِٽي رکي ڏڪ هٽندا آهن. هن راند م ڪنهن ٻه داءُ جي ڏڪ گُٺ سان راندگر ڪاپي پوندو، وري پاڻ وچي آگ ڏيندو).

● گُلِيُ ع گُلِيُون: نيرو رنگ ـ ڪپڙن جو ڪليل رنگ بيهارڻ لاءِ نيرو مان ٺهيل الو (پائوڈر) ـ نيل.

ـ گُلِيُ ڳُوڙهُ: جنڊي۽ م ڪم ايندڙ رنگ جو قسم.

● گُلِيٹُو ع گُلِيٹا (ت): ذ. ڪنهن ڳالهه تان ڪاڏل ڦيري ـ نابري ـ انڪار ـ ڦيرو.

ـ گُلِيٹُو ڪائِيُ: ڪيل ڳالهه کان انڪار ڪرڻ ـ اصل ڳالهه تان ڦري وڃڻ ـ ناڪار ڪرڻ ـ نابري وارڻ ـ نٽائي وڃڻ.

● گِلِيُ خوُرُ: اسم خاص. ذ. هڪ پکيءَ جو نالو (بدڪ جيڏو). (گِني فُول) ولايتي ڪڪڙ. فيل مرغ.

● گُلِيمُرُ ع گُلِيمُرُون (ت): ث. پکريءَ جي نِڙيءَ هيٺان ۾ چڙي جون گلٽيون ـ لڙڪا.

● گُلِيمُرُو: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر حيدرآباد م).

● گِلِيمُڪُ ع گِلِيمُڪَ: ذ. ٻِٽو سِيبل ڪپڙو، جو سياري م سردي۽ کان ويڙهجي ـ غِلاف ـ گِليف.

● گِلِيمُڪُ ع گِلِيمُڪَ (ت): ذ. ٿُلهي ڪپڙي جو قسم ـ ڪپڙو. (شايد گِلِيمُڪُ).

● گُلِيمُلُ ع گُلِيمُلَ، گُلِيمُلُون: ث. پڪين جي هڪلڻ لاءِ سُٽ ۽ ڪاڻي۽ مان ٺهيل ڪانپاٽي ـ رٻڙ ۽ ڪاڻي۽ مان ٺهيل شڪار ڪرڻ جو هٿيار ـ غُلِيل ـ گُلِيلو ـ گِلِولَ ـ ٽِينڊڪ ـ ڪانپاٽي. (اسم خاص). تعلقي گهوڙا ڀاري۽ م هڪ ديهه جو نالو. ميرپورساڪري م هڪ شهر جو نالو.

ـ گُلِيلُو ع گُلِيلا: ذ. صفت. (سن. گلي) مِٽيءَ مان ٺاهيل چِڏو ـ مِٽيءَ جو گوڙهو ـ گولو ڪانپاٽي۽ م وڃي هڻڻ لاءِ ـ مِٽيءَ جو گول روڙو ـ گولو ـ گُلولو. ٻوڙو.

ـ گُلِيلِيُ ع گُلِيلِيُون: ث. ٻسانگي ڪاني مان جوڙيل هٿيار، جنهن سان پکيءَ وغيره مارجن ـ رهڙ، ڪاڻي ۽ چم جي چِلي مان ٺاهيل گُليل. مِٽيءَ جي ننڍڙي گوڙهي.

● گُلِيوُ ع گُلِيا (ڀ): ذ. ڪُتي جو ننڍو ٻچو يا ٻچڙو ـ گُلِرُ ـ پِلونگڙو ـ پونگڙي ـ پُونگڙو.

● گُلِيهه: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر حيدرآباد م).

● گُمُ ع گُمَ گُمُون: ذ. ڪَلَ ـ سماءُ ـ سُڌ ـ معرفت ـ سَمَڪَ ـ پَروڙَ ـ خبرچار ـ ٻوجهه ـ خبر ـ علم ـ جاڻ ـ وِدِيا ـ گِيان ـ گُمان. ڏَس ـ آهُچ ـ آثار ـ نشاني ـ آرپارُ ـ سنگ ـ آهچاڻ ـ پتو ـ پارُ. سمجهاڻي ـ نصيحت ـ هدايت. سَمجهه ـ فَهم ـ زيرڪي ـ بُدِ ـ بُدِي ـ ذهن ـ چَترائي ـ دانائي ـ ڏاهپ ـ سياڻپ ـ سنڌو پَرائي ـ هوشياري ـ چالاڪي.

● گُمُ ع گُمُ: ذ. صفت. (ف. گُم=غائب) غائب ـ لڪل ـ ڇُپيل ـ ڳُجهو ـ الُوپُ ـ مخفي ـ غرق ـ لاپتا. ڪوهيڙل ـ وجايل ـ وِيَلُ ـ ٽِڙيل ـ چَتُ ـ نابود ـ تباهه ـ برباد ـ آجاڙ ـ هاروايل ـ ضايع ٿيل. (ڏڪ لڳڻ ڪري يا رت جي خراب ٿيڻ ڪري). بدن تي نڪري پوندڙ گوڙهو ـ گِنڊو ـ گِٽڙ.

ـ گُمُ ٿِيَنُ: غائب ٿيڻ ـ الُوپُ ٿيڻ ـ هِڙپ ٿيڻ ـ وجائجي وڃڻ ـ غرق ٿيڻ ـ لاپتا ٿيڻ. ضايع ٿيڻ ـ تباهه ٿيڻ ـ برباد ٿيڻ.

ـ گُمُ شُمُ: صفت. گُمُ ـ گُنئون ـ لِڪَل ـ لِڪايل ـ گُمُ نام ـ مخفي ـ ڳُجهو ـ الُوپ ـ غائب. خاموش ـ مات ـ چُپُ ـ سانت. ششدر ـ حيران ـ هڪو ٻڪو ـ وائڙو ـ ويڇُون وِيَلُ.

ـ گُمُ ڪَرَڻُ: لِڪائڻ ـ ڇپائڻ ـ روپوش ڪرڻ ـ ڳُجهو رکڻ ـ ڏڪي ڇڏڻ ـ غائب ڪرڻ ـ الُوپ ڪرڻ. وڃائڻ ـ ضايع ڪرڻ ـ گنوائڻ ـ کوهڻ ـ وجائي ڇڏڻ ـ زبان ڪري ڇڏڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گُماڻِجڻُ: (سن. گُمـ = وڃڻ) وڃڻ ـ کوهجڻ ـ گُجهو رهڻ ـ غائب رهڻ. ناپود ٿيڻ ـ ضايع ٿيڻ ـ چٽ ٿيڻ. (ن ـ ب).

● گُماشِتو ع گُماشِتا: ذ. (ف. گُماشتن = نظرداري ڪرڻ) پٽاوٽ ـ ايجنٽ ـ دَلالُ ـ شاهوڪاري ڪاروبار هلائيندڙ ـ خريد فروخت ڪندڙ ـ ٻئي جي طرفان ڪنهن ڪم لاءِ مقرر ڪيل خاص ماڻهو ـ ڪارڪن ـ نائب ـ ڪامگار ـ ڪارائو ـ ڪمدار ـ مُنيم ـ مُنيب ـ مختيار ـ مئنيجر ـ ڪَرتا.

ـ گُماشِتگيرِي ع گُماشِتگيرِهُون: ث. صفت. پٽاوٽ ـ دَلالي ـ ايجنٽي ـ دستوري ـ نائبي.

● گُماگُمُ (ت): ذ. ذِڪر ـ وَجد ـ ياد اِلاهي. جهد ـ سَعيو ـ ڪوشش ـ اَدم ـ محنت. رَقصُ ـ ناچُ.

● گُمانُ ع گُمانَ: ذ. (ف. گُمان = شَڪُ) شَڪُ ـ شُبهو ـ ظَنُ ـ پَرم ـ منسو ـ وسواس ـ وِشواس ـ وَهم ـ وِسوسو ـ منديهُ ـ عيرت ـ بي ويساهي. ڪَلپنا ـ خيال ـ قياس ـ پاوَ ـ اندیشو ـ منڪلپُ ـ مُنوگيت ـ فَهم ـ سمجهه ـ نظر ـ راءِ ـ قياس آرائي ـ وِچارُ ـ دَليل ـ ڪيافو.

ـ گُمانِجڻُ: مصدر. شَڪجڻ ـ شَڪ آڻڻ ـ بدگماني ڪرڻ ـ گُمان آڻڻ ـ شَڪ هجڻ ـ وَهم هجڻ ـ خيال آڻڻ ـ اوشواش هجڻ ـ پرمجڻ ـ منسو آڻڻ ـ جاڻڻ ـ سمجهڻ ـ يانئڻ ـ وَهم آڻڻ ـ اندیشو ڪرڻ ـ وِسواس ڪرڻ ـ شڪي ٿيڻ.

ـ گُمانُ ڪَرَنُ: شڪ ڪرڻ ـ وَهم ڪرڻ ـ اوشواش هڻڻ ـ پرم ڪرڻ ـ منسو آڻڻ ـ گُمانجڻ.

ـ گُمانِي ع گُمانِيُون: صفت. شڪي ـ سنسي ـ پرمي ـ وِسوسيو ـ بي ويساهو ـ وِسواسي ـ شڪائڻون ـ بي ويساهي ـ بي اعتباري ـ خيالي ـ پُورالو ـ شڪائتو ـ اوشواشي ـ بي اعتبارو ـ اڻ وِسهُو ـ شڪ ڪاڍڻيو ـ بدگمان ـ سنسائي.

● گُمائِنُ: مصدر. وڃائڻ ـ ليڪائڻ ـ گُم ڪرڻ ـ پرائي شيءِ لڪائي ڇڏڻ. غائب ڪرڻ ـ الوپُ ڪَرڻ. چورائڻ ـ قبضائڻ ـ غصب ڪرڻ ـ پرائو مال هڙپ ڪَرڻ. (گُمايو ـ گُمائيندو ـ گُمايل).

● گُمبَتُ: اسم خاص. رياست خيرپور م تعلقي ع ديهه ع شهر جو نالو.

● گُمبِرَلُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه م).

● گُمبُوُ ع گُمبا (ت): صفت. تُلهو ـ موتو ـ جاڏو ـ سَرڪو ـ سَتِيَرُ ـ دُدَمتو.

● گُمبِيرُ ع گُمبِيرَ: ذ. صفت. (سن. گمبير = بُردبار) سوچ وِيچار وارو ـ بُردبارُ ـ گُوڙهو ـ وِيچاروانُ ـ گَنرو ـ مُتحمّل ـ باري ـ ذِيمون ـ آونتهنِ خيالن وارو ـ گيان وارو ـ آونهو ـ جهانُ ديدو ـ آستوار ـ محڪم ـ مستقل مزاج ـ منجيدو ـ سوچيندڙ ـ فهيم ـ دورُ انديش.

● گُمَتَ: راند ـ رؤنشو ـ چَرچو ـ تماشو ـ مَزو ـ کِل خوشي ـ ٽينگ ٽپو ـ رَهسو ـ وِندر ـ پوڪ.

● گُمراهُ ع گُمراهَ: ذ. صفت. (گُم = لِڪَل + راهه = رستو) واٽ ڀُلل ـ رستو ڀُلل ـ رستو وڃايل ـ وائڙو ـ بدليل ـ ڀُليل ـ وسوڙيل ـ بي راهو ـ ڀُلل ـ ڀِرانتمانُ ـ رولُ ـ اوجهڙ ـ آواره ـ مُنجهيل ـ حيران ٿيل ـ پريشان ٿيل ـ غَرق. بدراه ـ مذهب کان ڦريل ـ مُلحد ـ ڪافر ـ مَلعُون ـ اذرمي. تڙيل ـ ذِڪاريل ـ لوڏيل ـ ڦريل ـ بِدعتي.

ـ گُمراهِيُ ع گُمراهِيُون: ث. صفت. بي راهي ـ اوجهڙ ـ اياٽپ ـ رولو ـ جنجل ـ پولو ـ پريشاني ـ حيراني. مَلعُونيت ـ ڪُفر ـ مُلحدي ـ بي ديني. خطا ـ چُوڪ ـ چُڪَ ـ غَلطي ـ سَهوَ. اياٽپ ـ بي سمجهي ـ بيوقوفي ـ ناداني.

ـ گُمِزِي ع گُمِزِيُون: ث. نڱڻي.

● گُمسانُ ع گُمسانَ: ذ. گوڙُ ـ گڙبڙ ـ وِگوڙ ـ فساد ـ لڙُ ـ شور ـ هَلُ ـ هُجوم ـ پيڙ ـ گهمسان ـ مانڌاڻ.

● گُمسانُ ع گُمسانَ: ذ. اسم. گند. خرابي ـ بدبو.

● گُمڪَتودا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد م).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گمليءُ: اسم خاص. ڪانياواڙ علائقي ۾ هڪ شهر (راڻن جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ هڪ جي جاڙيجن حاڪمن ڪاهه ڪري زبون ڪري ڇڏيو).

● گمنامُ ۽ گمنامَ: صفت. (ف. گمنامُ = غيرمشهور) اڻ واقف - ناواقف - اڻ سڌو - اڻ ڄاتل - نامعلوم - اڻ پرت - لڪلُ - غيبسائو - لاپتي - غير مشهور. ليڪلُ - پوشيده - ڳجهو - ڇپيل - لاپتو - گمُ - متخفي. گونگو - ليڪلُ (خط).

- گمنامييُ ۽ گمنامپڻُ: ث. غير مشهوري - نامعلوميت - ڳجهائي - نامعلومي - معدومي.

● گمناڻييُ: اسم خاص. هڪ ذات. (قادري).

● گمنڊهُنُ (ت): ذ. سنڌ جو هڪ حصو (مٽيون حصو). سيروُ - آپو - آتر.

● گمڻُ (ت): مصدر. گمُ ٿيڻ - غائب ٿيڻ - الوپ ٿيڻ.

● گميلُ: ذ. گمراهه - پليل - پٽڪيل - ٽاهڙيل - مُنجهل - مُندل.

● گنُ: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر لاڙڪاڻي هر).

● گنُ ۽ گنَ: ذ. (هـ. گُن = گُڻ) گُڻ - عادت - خصلت - وَصف - صفت - خاصيت - جوهر - اثر - تاثير. لڇڻُ - افعال - ڪرتوت - اعمال - ارڪان - ڪرڻي - فعل. قابليت - لياقت - دانائي - هوشياري - ڏاهپ - سياڻپ. چڱائي - پلائي - نيڪي - خوبي. عنايت - مهرباني - احسان - وَڙ - ڪرپا - ڪرم - ٿورو - لائق. مدح - ثنا - واکاڻ - ساراهه - تعريف - نفعو - فائدو - آپراسو. هُنر - اٽڪل - ڪيڏ - حرڪت - چالبازي.

- گنائيتوُ ۽ گنائيتا: ذ. صفت. گُن وارو - لڇڻائتو - چڱين عادتن وارو - سُڻن لڇڻ وارو - گُڻائتو - اخلاق پريو - احسانائتو - ٿورائتو - وڙائتو - فائدي وارو.

● گنَ چورُ ۽ گنَ چورَ: ذ. احسان نه مڃيندڙ - ٿورو نه مڃيندڙ - ٻئي جي ڀلائيءَ کي وساريندڙ - احسان فراموش - ناشناس.

- گنترُ ۽ گنترَ: ذ. مُفيد - گُنُ وارو - احسان وارو - لڇڻائتو - اخلاقن پريو - گُڻائتو.

- گنُ ڪترَنُ: احسان ڪرڻ - ٿورو ڪرڻ.

- گنوَتيُ: گُن وارو - احسان وارو - وڙائتو - ٿورائتو. (ن - ب).

- گنيوَنٽ: گُڻن وارو - گُڻي وارو - گُڻيونت - گُڻائتو. احسان ڪندڙ - مهربانيون ڪندڙ.

- گنَ هُجنُ: خاصيتون هجڻ - گُڻ هجڻ. چالاڪيون هجڻ - هُنر هجڻ - انڪلون هجڻ - هنرمند هڻڻ.

● گيناتَ ۽ گيناتُونُ: ث. همذات - ذات وارو - عزيز - رشتيدار - قريب. چوڪري يا چوڪريءَ جي ساهرن جو عزيز - پائيچاري - پٽ - قوم وارو. قبيلو - پاڙو. (هي سمائڪو اڪر آهي).

- گناتيُ: ث. رشتيداري - عزيزي. مائٽي - عزازت - قرابت. تعلقات - ڳانڍاپو - لاڳاپو - ناتو - واسطو.

● گناگورُ ۽ گناگورَ (ت): ذ. فيض رسائيندڙ - فائدو پهچائيندڙ - شفاعت ڪندڙ - نفعو رسائيندڙ - فيض وارو.

● گناهُ ۽ گناهَ: ذ. (ف. گناهُ = پاپ) ڏوهه - قصور - جُرم - خطا - اوگڻ - دوش - پُل - عيب - اپراڌ - ڪُڪرم - سڪرم - وِڏَ - گهٽتائي - تقصير - سيار. غير فطري ڪم.

- گناهيتوُ ۽ گناهيتا: ذ. صفت. پاپي - پراچتي - گناهي - پاپائتو - هڇارو - پاپ جو - پاپ جهڙو - عيبدار - ڏوهي - ڀُڇڙو - خراب - دُشٽ - بَد - خبيث - شريير - مَندو - اپراڌي - ڪُڪرمي - قصور وارو - خاطي.

- گناهَ جهڙوُ ۽ گناهَ جهڙا: صفت. ڏوهه جهڙو - ڏوهه جو - ڏوهي - اپراڌي. فوجداري.

- گناهُ صغيرُو: ذ. صفت. ننڍو ڏوهه - ڇوٽي خطا - هلڪو جُرمُ - آهو گناهُ جيڪو ڏئي تعالي (توبه ڪرڻ سان) معاف ڪري ڇڏي - انساني سهوُ. (نظر بد - بد ڌيانت - فاسد خيال جو دل ۾ اچڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گناهُ ڪبيرُو: ذ. صفت. سخت گناهُ ـ وڏو گناهُ ـ ستها پاپُ ـ متها دوشُ. (زِنا ڪاري. [ناحق] خون. خود ڪشيُ وغيره جهڙو ٽيل گناهُ).

ـ گناهُ گارُ ۽ گناهَ گارَ: ذ. صفت. گنهگارُ ـ ڏوهيُ ـ پاپيُ ـ اڌرميُ ـ عاصيُ ـ ڪُڪرميُ ـ فاسِقُ ـ فاجِرُ ـ بَدڪار ـ خطا وار ـ مُجرِمُ ـ آپراڌيُ ـ گناهِتو.

ـ گناهِگارِيُ ۽ گناهگاريُونُ: ث. صفت. خطا ـ قصورُ ـ جُرمُ ـ دوشُ ـ ڏوهُ ـ گناهُ ـ آپراڌ. ڏنڊ ـ جرمانو ـ چٽي ـ عيوضو ـ ڪِفارو ـ پراسچت ـ شُڌِيُ. توبهه ـ پڇتاءُ.

ـ گناهِيُ ۽ گناهيُ: ذ. صفت. گنهگار ـ گناهتو ـ گناهگار ـ ڏوهي ـ پاپي ـ اپراڌي.

● گنڊَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (بلوچن ۾).

● گنڊُ: ذ. ث. ڳوهيل مِٽي ـ گارو ـ گپ ـ چڪَ. مِٽيءَ جو چٽبو. (صفت). نرم ـ ڪُنڊُرو. مِٽيءَ جي پِٽ. آهو پِتُ جو گهٽي پاڻيءَ سبب ڳوڙها يا لئي جهڙو ڪهاڻو ٿي پوي.

ـ گنڊُ پِتُ: ذ. ٿوري گيهه وارو پِتُ ـ آدرَڏو پِتُ.

ـ گنڊُوڙو ۽ گنڊوڙا: ذ. مِٽيءَ جو پِنوڙو.

● گنڊَ ۽ گنڊُونُ: ث. گنڊُ ـ ٿُهوُ ـ ڊِڳُ ـ ڊگِيُ ـ ڪوڙي. ڪوڙ ـ ڊير. گنجُ ـ خزانو. ڪاهه ڳڙڪايل شيءِ. چڊَرو ـ پيٽرُ ـ ڊِڊِرو ـ پهيٽرو. پيٽَ ـ پيٽُ.

ـ گنڊُ وِجهڻُ: چڊَرو ٽيڻ ـ پهيٽرو ٽيڻ.

● گنڊُ ۽ گنڊَ: ذ. ڪوڪهي يا ڪنهن به شيءِ جي چوٽي يا گولائون متو ـ متو ـ سرو ـ چوٽي.

● گنڊا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● گنڊاتُ: اسم خاص. پِٽَ شاهه جي ويجهو هڪ قديم ديهه جو نالو.

● گنڊُتُ ۽ گنڊُتَ: ذ. پيڙيءَ جو وچ. پيڙيءَ جي وچ وارو خال. (جهاز جو) ڪُنُ ـ پِتڪرُ. (اسم خاص). ضلعي خيرپور ۾ هڪ شهر جو نالو.

● گنڊُبَذُ ۽ گنڊُبَذَ: ذ. (ف). عمارت جي مٿان گولائين ديوار. گول ڇت واري عمارت. قُبوُ ـ پُرجُ.

ـ گنڊُبَذ دارُ ۽ گنڊُبَذَ دارُ: ذ. صفت. قُبهي وارو ـ قُبائونُ.

ـ گنڊُبَذ مَدفن: ذ. قبر مٿان قُبو.

● گنڊُبو ۽ گنڊُبا: ذ. ٽُلهو ـ سوڙو. متارو ـ ٿوڙان.

● گنڊُبِيُ ۽ گنڊُبِيُونُ: ث. نارَ جي قرهين ڪي آرڻ سان جڪڙڻ يا مضبوط ڪرڻ لاءِ هنيل ڪاٺ جون چَپرون ـ ٽلهي ڏڳهي چَپَر ـ گول چَپَرَ.

ـ گنڊُبِيُ هَٽِيُ: فائدي ۾ ڳالهائڻ.

● گنڊُبِيُ ۽ گنڊُبِيُونُ (ڪ): ث. آٽ جي ڪير جي ڪڇِيُ.

● گنڊُبَلَ (ٽ): ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● گنڊُبِيرُ ۽ گنڊُبِيرَ: ذ. صفت. (سن). سالتيڪو ـ ڏيرو ـ ڏيريٽو. باري ـ سنجيدو ـ بُردبار ـ تحمل وارو. سياڻو ـ ڏاهو. ڳوڙهو ـ گهرو ـ آونهون. غمگين ـ اداس ـ دِلگيرُ. (ٽ). مانيٽهي طبيعت وارو. خاموش. (ڪ).

ـ گنڊُبِيرائيُ ۽ گنڊُبِيرايُونُ: ث. ڏيرجائي ـ تحمل ـ سانتِيڪائي ـ ڳوڙائي ـ ديرينائي ـ بُردباري ـ سَنجيدگي ـ سانتِ ـ ڏِيرائي ـ ساڻ ـ خاموشيُ.

● گنڊُتو ۽ گنڊُنا: ذ. زمين جي ماپ جي هڪ زنجِيرَ ـ ٦٦ فٽُوٽيُ سَنڪلي. زمين جي ايراضيءَ جو هڪ ماپو ـ گهُنتو.

● گنڊُٽَ (ٽ): ذ. ڏَڍ جو قَنَتُ.

● گنڊُتَرو (ٽ): ذ. آڻن جي بيماريءَ جو هڪ قِسم.

● گنڊُڙِيُ ۽ گنڊُڙِيُونُ (ٽ): ث. گِنڊِڙِيُ ـ گِنڊِڙِيُ.

● گنڊُڻيو ۽ گنڊُنِيا (ٽ): ذ. مرض جو هڪ قِسم (جنهن ۾ سَنڈ سُڪِي پَوَن يا بدن جا هڏ وڏي پَوَن). گاهه جو هڪ قِسم ـ ڏکهين تندن وارو گِنڊِيرُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گنڌج ۽ گنڌجون: ث. (سن. ڪنڌ) يا ڪنڌ). مٿي جا ڪُتل وار- مٿي تي ڪُتل وارن وارو هنڌ. مٿي جي لسائي- ٽپٽي- روڌ- ٿوڙهه- ٽال.

- گنڌجاڻ: ث. گنجائي- ٿوڙهائي- روڌائي.

- گنڌجو ۽ گنڌجا: ذ. مٿي جي ڪُتل وارن وارو يا ڪوڙيل وارن وارو- ٿوڙهو- روڌو- موڌو. (ث. گنجي ۽ گنجيون). (اسم خاص). حيد رآباد ۾ هڪ ٽڪر جو نالو (گنجو ٽڪر).

● گنڌ ۽ گنڌ: ذ. (سن. گنج. ف. گنج= ڪوڙ) ڍڳ- ڪوڙ- انبار- هٿبار- جهڄهو- گهٽو- پنجن جي انگ پوئتان برڪت لاءِ "گنج" چوڻ. گهٽو- دل- اڻ سٽيو- هيڪاندو- سرس- انيڪ- بي انت- پنڌار- خزانو- ستو مال- راهه- گند- ٽنهو- ڪوڙي- انبوهه- ڍير- دڻ- ستو- گنجي- مٿي. بي انداز- گدام- ذخيرو- ڪثيرخزانو- گهٽو مال- ميڙ. بازار- سٽبدي- ڏڻي- مارڪيٽ.

- گنڌ آهي: (ڪونه آهي)- گهٽو آهي. (انڪار جي معنيٰ ۾).

- گنڌ الاهي: ذ. قرآن مجيد- مصحف عزيز- ڪلام الله.

- گنڌ بخش: صفت. وڏو فياض- ڏاتار- لک داتا- لک بخش.

- گنڌجي ڏيڻ: مار ڏيڻي سڌو ڪرڻ. ايٽ ڪي ڏاڍ ۾ آڻي ٺيڪ ڪرڻ.

- گنڌ شهيدان: ذ. صفت. شهيدن جو مقام.

- گنڌ ليڻي و ڏيڻ: تمام جهجهو فائدو ٿيڻ- گهڻي آپت ٿيڻ- زياده نفعو ٿيڻ.

- گنڌ هڻڻ: گهٽو هڻڻ- ڪجهه نه هڻڻ. "هاڻي ان گنڌ آهي".

● گنڌ ۽ گنڌ (ت): ذ. سٽڻ جي آبداڻي وڻان وريل وڪڙ- گهنڊ.

● گنڌ ۽ گنڌ: ذ. ڪاٺ جو دٻلو (جنهن ۾ اندر گهٽا دٻلا بند ٿيل هجن، سندس شڪل گول ٿئي). دبلي ۾ دٻلو.

● گنڌا: اسم خاص. چانورن جو هڪ قسم (ڳاڙها چانور، ٿڌا اڇو، سنگ لتسو). هڪ ذات جو نالو.

● گنڌا ٿوڙها: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گنڌارڻ: مصدر. (سن. گنڌ) لامارا ڏيڻ- ڦيرڻ- چڪر ڏيڻ- لمڻ- تنبڻ- ڦيرڻ- ڦيرا ڏيڻ- چڪر ڪاڻ- گهمرا ڏيڻ- وارا ڪيڻ. (گنڌاريو- گنڌاريندو- گنڌاريل).

● گنڌار: ڦيرا ڏيڻ. "پوڻن جي گلن مٿي گنڌار."

● گنڌاس ۽ گنڌاسون (ت): ث. خيانت. چيهو- نقصان. ٽوٽ.

● گنڌالن: اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گنڌائش ۽ گنڌائشون: ث. ڪمي. ضرورت. سهل- موقعو- جڳهه. لياقت- حيثيت. جاءِ.

● گنڌڻ: مصدر. قاسي وجڻ- اٽڪي وجڻ- چنبڙي وجڻ.

- گنڌجڻ: قاسي پوڻ- بيمار ٿيڻ.

- گنڌجڻ جي پوڻ: گنڊ جي يا قاسي پوڻ- بيمار ٿي پوڻ. ويڙهجي وجڻ.

● گنڌجڙو: ذ. سارين جو هڪ قسم (سڳداسي سنهڙا ۽ خوشبوءِ دار چانور).

● گنڌجس ۽ گنڌجسون: ث. ڪاٺ جي چٽپر.

● گنڌجسيون (ت): ث. غير- ڪٽ- سيرائي.

● گنڌجفو ۽ گنڌجفا: ذ. راند جو قسم- تاس- پتو- پتن جي راند.

● گنڌ گيڙي: اسم خاص. تعلقي ڏگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گنڌجن: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر ڪراچي، حيدرآباد ۾).

● گنڌجڻ: مصدر. پون پون ڪرڻ- جهونگارڻ- رڙون رڙون ڪرڻ- پڙ پڙ ڪرڻ- ميڙ ميڙ ڪرڻ (مڪ وانگر). (گنجيو- گنجندو- گنجيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گنڊجو: اسر خاص. تعلقي ڏوکريءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● گنجو ٽڪر: اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● گنڊجو جٻل: ذ. اسر خاص. حيدرآباد ۾ هڪ ٽڪر جو نالو
"ڪتوڙين پال پنهونءَ جا گنجي منجهه گهريام".
● گنجوڙا: اسر خاص. هڪ ذات (ڪيران بلوچن جو هڪ قبيلو).
● گنجي ۽ گنڊجيون: ث. قميص جي اندران پائڻ لاءِ ننڍي چولي-ڪپڑي جي گنجي-ولايتي آئيل ننڍي چولي، جا قميص جي اندران پائجي. ٽوڙهي، گاهه جو ٻوڙو. (اسرخاص). تعلقي نل ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● گنڊجي يا گجي ۽ گنڊجيون (ڪ): ث. پکيءَ جي نڙ گهٽ وٽ هڪ چمڙي جي ٿيلهي، جنهن ۾ کاڄ ڪٺو ٿئي.
● گنڊج ۽ گنج (ت): ذ. آندي جو پاسو.
● گنڊ ۽ گنڊ: ذ. (سن. کنڊ، گنڊ. ف. گنڊ=ڪچرو). ڪن-ڪچرو-ٻهر-مٽيل-مٽي-مٽ-ميرا-ميل. وگند-چٽ-بدبوءِ-ڏپ-ڏمڪ-دڙڪنڊ-عفونت. غلاظت. نجاست-ناپاڪائي-پليتي. گندي زبان-ڪنج-بارگند. زخم ۾ خراب ٿيل رت. موت (پهڻ جي پاڻ وٽ هيٺان پاڻيءَ ۾ وڌا لوڻهه ٽين). پکو لوڻهه-ڪوول پوٽيءَ جي پاڻ-خراب ٻوجارا ڪڙيل لوڻهه:
"گنڊ جنين جي گوڏ ۾، ڪلهن تي ڪوٽيون" (شاهه).
"گند جنين جي گوڏ ۾، پاڻ-وڙا پوشاڪ" (شاهه-ڪاموڏ).
- گنڊائي ۽ گنڊائيون: ث. صفت. ميرائي-ڪنائي-گدلائي-گندگي-مٽلاڻ-ميراڻ. غليظائي.
- گنڊ ستڻ (ت): خرابي ڪڍ ڪرڻ-خراب ڪم ڪرڻ-بيڄڙائي ۾ پوڻ-بدمعاشيءَ ۾ مبتلا ٿيڻ.
- گنڊ ڦلارڻ: خراب ڳالهه ظاهر ڪرڻ-خراب گفتگو ڪرڻ-بدشڪل ڳالهائڻ-گلا ڪرڻ. ڪنهن جو لڪل عيب ظاهر ڪرڻ.
- گنڊ ڪيڻ: ٻوهاري ڏيڻ. لڄ لٿنگي ڪي تڙي ڪيڻ.
- گنڊ گاڏهڻ (ت): ڪن-ڪچرو-ٻهر. ميل. مٽيل.
- گنڊ گاهڻ (ت): ڪچرو-خرابي.
- گنڊ گي ۽ گنڊ گيون: ث. صفت. گدلائي-ميراڻ-ميرائي-ڪن مان پريل-مٽ-غلاظت. مٽيل-ڪچرو-ٻهر-ڪن قيٽ-غليظائي.
- گنڊ مٽيل (ت): خراب ڳالهائڻ-خرابي پرڻ.
- گنڊو ۽ گنڊا: ذ. صفت. ميرو-ڪنو-لڙو-گچيرو-گندلو-ڏوڙ پڪليو-غليظ-مليل-فاحش-بانسدار-ڪيڪو-اوباش-بي شرميءَ جو-آگهاڙو-ريجالو. چتارو-نرڪ؛ ويدڪاري ۾ مڪتي جي بچاءَ لاءِ.
- گنڊو هڙ ۽ گنڊو هڙ (ت): فساد-جهيڙو-خرابي.
- گنڊي ۽ گنڊيون: ث. صفت. بچڙي-خراب-ميري-ڪني.
● گند ۽ گنڊ: ث. پراڻي رلي-رلهي.
● گنڊ ۽ گنڊ: ذ. صفت. راهه-ٽهو-ڊڇ-ڊڇي-ڪوڙي-آن جو گندلو-ڪوڙ-انبوهه-ڊيرو-گهٽو-جهجهو-ستو-ستي-گدام-دن-دڙو. ڪتلي. آونهو (ڪنڊ انسوار). اوڙاهه.
● گندا ۽ گندايون: ث. فقيرن جي گودڙي-گودڙ-رلي. ڪٿي-ڪدا يا جمني.
● گندا گبري: جهولي. رلهي فقيرن جي.
"نه گندا نه گبري نه لانگوٽي ليڙ"
(شاهه-رامڪلي).
● گنڊا گولنگ: اسر خاص. هڪ ذات (درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو).
● گنڊاوا: اسر خاص. بلوچستان ۾ جهونا غرق ٿيل ڏڙا (جن جي ويجهو پهريائين لاشاري بلوچ اچي آباد ٿيا).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گنڈ پتھو: اسم خاص. لسٻيلي طرف هڪ جبل جي لڪ جو نالو.
● گنڈ پتڙ ع گنڈ پتَ: ذ. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
● گنڈر (ت): ذ. ستر نهن جا ڪچڑا ڪنر- ڪوڪرون يا ستر نهن جا ڪنر- سائيي پاڄي.
● گنڈر ع گنڈرَ (ل): ذ. گنڈر- قاتل ر لبي- گلليم- ڏڙڪي. قاتل اوچڻ.
● گنڈر ع گنڈرَ: ذ. ڏک- فڪر- غم- ڪٻتي.
- گنڈرَ وَل: ڏکن جو وڻ. (سر حسيني- گر).
● گنڈرا: اسم خاص. هڪ ذات (مهاڻن ۾ ملاحن جي).
● گنڈراڻيي: اسم خاص. رياست لسٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، جنهن جي ويجهو جبلن ۾ غارون جڙيل آهن، شايد اڳين زماني ۾ هتي جا رهاڪو، تورم عاد ۽ ثمود وانگر، غارن ۾ رهندا هئا (ت- بلوچستان).
● گنڈرف ع گنڈرَف: ذ. معدني پيدائش جو قسم، جو پارڻ جي ڪم اچي- گندڪ- آنولاسار- ڪنڪر- گوگيرو.
- گنڈرف جو تيزاب: گندڪ جو تيزاب- آنولاسار جو پاڻي.
● گنڈرو ع گنڈرا: ذ. ملاح- مهاڻو.
- گنڈري ع گنڈريون: ث. مهاڻن جي ذات- مهاڻي
"تون ستو آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ"
(شاهه- ڪاموڏ).
● گنڈڙو ع گنڈڙا: ذ. نڍي گندي- گندلو.
● گنڈڪ ع گنڈڪَ: ذ. (سن. گندڪ = گندڪ) گندرف- معدني پيدائش جو قسم، جا برڻ ۾ ڪم اچي- تيزابي شيءِ جو قسم- ڪنڪر- آنولاسار- گوگڙ. پسارڪو ۽ ڪر- هڪ دوا. عطار- عطر وڪڻندڙ- وڻ ۾ ٿيندڙ جيت جو قسم.
● گنڈل ع گندلَ: ذ. ٻه پڙو ڪٽو- ڪمبل. جانهي ۽ سرنهه جا گل.
● گنڈلو ع گنڈلا: ذ. صفت. ڏاڙو مڙو- پٽو- جٽو- زاڙو- ٽلهو- ڦوڦانگ- ستر وَتر- دَڙنسو- سَنڪو- ذِ گَ- بٽ ۾ پريل- چٽوبَڪو- ڳٽڪو- گهڳهيڙو- چڳهيڙو- پرتڙو. وڻ جي ٻچاءُ لاءِ ڏنل لوڙهو- جهنگلو. ڪتبن جي پيٽ چوڌاري آيل.
● گنڈلو ع گنڈلا: ذ. انَ رکڻ لاءِ ميڙيءَ جو ٺهيل نندو ٿانءُ.
● گنڈم ع گنڈمَ: ذ. ڪڪ- گيهون.
● گنڈنا ع گنڈنائون: ذ. ث. گاهه جو هڪ قسم، ٽوم جي پٽن جهڙو، جبلن ۽ باغن ۾ ٿئي. پسارڪو ۽ ڪر- دوائي ٻوٽي.
● گنڈن ع گنڈنَ: اسم خاص. مڇيءَ جو قسم، فوت ڪن ويڪري ۽ ٽن- چئن فوٽن تائين ڊگهي ٿئي، اڇا سنهڙا چيلهه، پٺيءَ جا ڪارڙا چيلهه، ست پر، ويڪر ايڏائي فوٽن تائين، ڊيگهه ۾ پنج- ڇهه فوٽ، تورم وڏي ۾ وڏيءَ جي تور تيهن سيرن تائين ٿئي- پلهي جي شڪل جهڙو، پاڻيءَ ۾ پاسيرو ترندڙ- جرڪي جهڙي ٿيندڙ مڇي جو قسم. وڏي ڪارائي، جا ڪرت ڪان نڍي ٿئي. (ت). عيب لائق. (ت).
- گنڈنيي ع گنڈنيون: مڇيءَ جو قسم.
● گنڈو ع گنڈا: ذ. لوڙهي واريون گندیون ۽ گندڙ، جن ۾ ڏنار نڍيا قطر رات جو پوري، مٽان پهلڙ ڏيئي چڏين، انهيءَ لاءِ ته ڪو ميرون وغيره کين کڻي نه وڃي. (سر مارئي- گر).
● گنڈولو ع گنڈولا: ذ. نڍي رلهي.
● گنڈوئو ع گنڈوئا (ڪ): ذ. سئو- ڳوٽين سيبڻ لاءِ لوهه جو چهنبدار، سنهو ڪيل اوزار. (ڪاڇو).
- گنڈوئيي ع گنڈوئيون (ڪ): ستوڙين سيبڻ لاءِ وڏي سئيي.
- گنڈيي ع گنڈيون: ث. مٽي تي پهرڻ لاءِ هڪ زنانو ڪپڙو- زناني چادر. زالن جي پوتي- ڪپڙو- لتو- چيڙ- رتو- بانڊو- سالورو- دهتو- چتيي- اوڙني- چادر. گودڙي. خراب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت وغيره - ميريءُ - ڪنڊيءُ - فاحش - اوباش - گدلي - غليظ. (ت). چادر - رلي - ٽپڙ.
- گنڊي ٻرڪڻ (ن): چادر ڏيرڪڻ.
- گنڊيءُ پُسال: ٽورو مينهنءُ. جهيڙي برسات - ڪڙي پوس ميءُنهنءُ.
- گنڊيءِ مانيءِ چڙيوءُ هڻ: چٽءُ چريو هڻ. نهايت چٽ ڪان ٻاهر. بلڪل هوش ڪان نڪتل.
● گنڊيءُ ۽ گنڊيُونءُ: ث. رليءُ - رلهي - گودڙي - چادر - ديهاتي عورتون ڪپڙي جي ٽُڪرين سان ڏزائين تي رليون ٺاهين - جمني - ڪدا.
- گنڊيءِ جا آيُونءُ: راز - ڳجهه - مخفي ڳالهه. رمز - اڻڪل. رنگ - طرح.
- گنڊيءُ چنڊڻءُ: سکڻو موٽڻ - خالي هٿين وڃڻ.
● گنڊيءُ ۽ گنڊيُونءُ: ث. آنءُ رکڻ لاءِ ميڻيءِ جو ٺهيل گنڊلو - آن رکڻ لاءِ ميڻيءِ جو وڏو ٽانءُ - آنَ جي پتليءُ - ميڻيءِ جو ٻيڙهءُ آنَ رکڻ لاءِ.
- گنڊيءِ جا آيُون ڪڍڻءُ: عيب ظاهر ڪرڻ - سقم ڳولڻ. راز ڪولڻ.
● گنڊُ ۽ گنڊَ: ذ. (سن. گنڈ = بانس). بانسَ - ڏَپَ - بدبُوءِ - بُوءِ.
● گنڊارُ ۽ گنڊارَ: ذ. (سن. گنڈارُ = گنڊار). راڳ جي ستن آوازن مان هڪ آواز، راڳ جي ستن آوازن مان ٽيون نمبر آواز - علم موسيقي جي ٽئين سُر جو نالو جو رڪب ڪان هڪ درجو متي آهي، هن ۾ مخرج سيني مان نڪري، جيئن (رڍ گهيٽي يا ٻڪريءَ جو آواز) - هڪ راڳيءَ جو نالو - پيرو راڳ جي هڪ راڳڻي. قندار جو مُلڪ يا آتي جو رهاڪو - قندار مُلڪ جي هڪ شهزادي جو نالو - قندار جو هڪ شهر.
- گنڊاريءُ ۽ گنڊاريُونءُ: ث. گندارين جي شهزادي. ڏرت راشٽر جي زال. هڪ راڳنيءَ جو نالو.
● گنڊاريءُ ۽ گنڊاريُونءُ: ث. صفت. ڪينيي - مُهاڻي "بوري گندري".

● گنڊَڻ (ڻ): ذ. سينگهڻءُ. مانيءَ لاءِ ٻوڙ يا پاڄي.
● گنڊيڻ: ڪيرو لباس پهريندڙ، مرلي وڄائيندڙ ۽ نانگ نچائيندڙ جوگي (انهن جوگين جي قبيلي جو نالو).
● گنڊڻءُ: مصدر. بتالڻ - رولو - گهه ٻيهه. مُنجهائڻ - اڙائڻ - ڦاسائڻ - مُبتلا ڪرڻ - حيران ڪرڻ - تنگ مُولَ - گُم ڪرڻ - دق ڪرڻ - پريشان ڪرڻ - تڙڪائڻ.
- گنڊُ ۽ گنڊَ: ذ. آنڊُ گنڊُ - گوڙ - ڪن - ڪچرو - مولجهارو - دقت - حساب ڪتاب جو مونجهارو - گنڊ گوڙ. معاملو - مقدمو. گهنڊُ. مُشڪل مهيو. (ت).
● گنڊائيڻءُ: مصدر. سٽ وغيره وڌهڻ - حساب ڪرائڻ.
● گنڊجڻءُ: مصدر. ڪيڪو وڪو ٽيڻ - وڇوُنءُ: ٽيڻ - فهميونءُ مُنجهڻءُ - وائڙو ٽيڻ - حواس خطا ٿي وڃڻ - آرجهڻ. بدهضمي ٽيڻ.
- گنڊجي پَوَڻءُ: گهٽي ڪاڏي ڪائڻ ڪري پيٽ ۾ گوڙ گهمسان ٽيڻ - تڪليف ٽيڻ.
- گنڊ گوڙ: ذ. صفت. مونجهه - گهوٽالو - گهمٽ گهوڙ - مونجهارو - رولو - پولو - جنجال - پريشاني - گڙٻڙ - بي انتظامي - آبتري - خلل - فساد. ليکي چوکي جي مونجهه. گند ڪچرو - آندگنديءُ ڪنءُ چٽءُ - ٻُهڙءُ - ڪچرو - ڪن - ليٽَ - ناڙ - بودو - بولانڊو - گوگيڙو. آٽل پُٽلءُ - ڦٽڪو - ڏونڏاڙ - چاچول - پوڙ.
● گنڊيٽلءُ ۽ گنڊيٽلَ: صفت. ڪيڪو وڪو ٽيل - وڇون ٽيل - فهيُونءُ منجهيل - آڙيلءُ - گيٽلءُ - ٻڏلءُ.
● گنڊُ ۽ گنڊَ (ڪ): ذ. گهنج - سڙ - وَڙ - مُنهن ۾ شور - گهنڊُ - اندر جي پليتي - ٻيمائي - بغض - ڪينو - ساڙ - مُنهن بَجهڙو - ڪٻٽَ - دل جي خرابي - بدنيت - خرابي - حسد. منجهيل حساب. دعويٰ - مقدمو - معاملو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گنڊ مُنڊ: ذ. صفت. مونجهارو ـ گڙ بڙ ـ گهمسان ـ لڙ ـ وڙوائي ـ بکيڙو ـ رولو ـ گهمگوڙ ـ کچ ـ گول مول ـ گڙ گڙڏاني.

● گنڊو ع گنڊا: ذ. صفت. ڊاکو ـ ڏاڙيل. ٺگ ـ کوٽو ـ اندر جو پليت ـ بدنيت وارو ـ دغاباز ـ اندر جو کارو ـ فريبي ـ مکريل ـ منافق ـ ڊوهو ـ ڊڪو ـ بيڙو ـ خراب.

● گنڊ يرُ: اسم خاص. تعلقي ڪشمور هڪ ديهه.

● گنڊيَ ع گنڊيرَ (ت): گونگهٽ ـ گهنڊ. لڪ لڪاءِ.

ـ گنڊ بتلاڙو ڪترَنُ: منهن ڏکي ويهڻ. پڙدي ۾ ويهڻ. لڪي ويهڻ. گهنڊ گهنڊالو.

ـ گنڊ ڪترَنُ: منهن لڪائڻ. پڙدو ڪرڻ.

● گنڊيڙَ (ث): ذ. ٻانيڻ جي هڪ نڪت. ٻانيڻ جي ذات.

● گنڊوخ ع گنڊوخَ (ت): ذ. بي همت ـ ڍڇو ـ سست. نستو ـ ڪمزور. ضعيف ـ ڏهرو.

ـ گنڊوخائي ع گنڊوخايُونُ: ث. بزدلي ـ ڍڇي طبعيت.

● گنڊيرَ (ث): اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر ٿر ۾ رهندڙ).

● گنڙ: اسم خاص. گاهه جو قسم.

● گنڙوَ: هڪ دلي رکڻ لاءِ ڪاڻيءَ جي ڪهوڙي (مٽجي). ان کي ٽنگون ڪونه ٿين.

● گنڪا ع گنڪائُونُ: ث. ڪسبڻ ـ ويشڻ ـ رن ـ ڪچري ـ بدڪاري ـ چڪلائڻ ـ فاحشه ـ رنڊي ـ ڪسبياڻي ـ طوائف.

● گنڪڙ (ت): ذ. ڪانهن يا سڙن جي ڪوڙي جي ڪاڻي جو سنگ ـ نسريل ڪوٽو.

ـ گنڪڙ ڪنڊَنُ: ڪانهن يا سڙن جي ڪالي جو نسرڻ.

● گنڪڙ ع گنڪڙ: ذ. صفت. بيحد وڏو ـ پاري ـ ڏاڙ دنگ ـ پربت جيڏو ـ وڏو دريا ـ تمام وڏو. ڀيانڪ ـ خوفناڪ. (اسم). سڙ جو ڏوڏو. (ن ـ ب).

"سڙءُ لڳو سڙَ موريا، ڪيڏيا گوش گنگن".

ـ گنگارپڻُ: سڙن جو ڪم.

ـ گنگ ٽيٽُ: گڏجڻ ـ مقابلي لاءِ هٿيارن سان دشمن جي آڏو اچڻ.

● گنگڪ ع گنگڪ: ذ. صفت. گونگو ـ گنگو. محويت. خاموشي. (ع. ا ـ د).

ـ گنگباز ع گنگڪبازَ: ذ. صفت. گونگو نائڪ ڪندڙ ـ سانگ وجهندڙ.

ـ گنگبازي ع گنگبازيُونُ: ث. صفت. سانگ ـ گونگو نائڪ ـ گونگو تماشو.

ـ گنگهوڙ ع گنگهوڙَ: ذ. ماڻ مٽ ـ چپ چاپ ـ سانت ـ سڪات ـ خاموشي ـ ڪُپ چُپ ـ سامت ـ ٺام ـ آرام ـ سناٽو ـ ٽپر ـ بي هوشي ـ غشي ـ ڳهيٽرائي ـ مورڇا ڪتي ـ گيرت.

ـ گنگ ہوڙَ ۾ گذارَنُ: آندر جو اندر ۾ ڳٽيون ڪندو رهڻ. جيءَ سان جهوري لڳڻ ـ ڳٽيءَ ۾ گذارڻ ـ پريشان حال رهڻ.

ـ گنگڙتوڙ ڪتيوُ ڳالهائڻ: چٽيءَ طرح نه ڳالهائڻ. صاف نه ڳالهائڻ ـ آڪي ڳالهائڻ.

ـ گنگڙدارُ ع گنگڙدارَ: ذ. بي زبان ـ حيوان ـ جانور ـ ميرون ـ پسون ـ گڙدام ـ وهٽ ـ جيوُ ـ ساهوارو.

● گنگا ع گنگائُونُ: ث. (سن: گنگا = مشهوري) هندستان ۾ هڪ نديءَ جو نالو ـ پارت ۾ هندن جي پوٽر نديءَ جو نالو.

"گنگا لوچيُ گودڙيا، جر پيٽائُونُ جام"
(شاه. رامڪلي).

هندن ۾ اڪثر عورت جو نالو. دور ديش ۾ مري ويل هندن جي هڏڻ جي رکُ ۽ هاڏيون هندو ماڻهو اتان ڪٽي اچي هن نديءَ ۾ وجهندا آهن.

ـ گنگا آشنانُ ڪترَنُ: ڏرم جو ڪم ڪرڻ.

ـ گنگاتيُ ع گنگاتيُونُ: گنگانديءَ جي مٽي ـ گنگانديءَ جي واري (جا هندو قوم پوڄا پاڻ لاءِ ڪم آڻي). گنگي ماڻهوءَ جي حالت ـ گنگا فقير.

ـ گنگا پرُبتُ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو، جنهن مان گنگا ندي نڪري وهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گنگاڏارا: آڪاش گنگا ـ ڪتھڪشان ـ ڪيرڏارا.
● گنگا راميُ: اسم خاص. چانور جو قسم.
● گنگا: اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.
● گنگائيُ: اسم خاص. ھڪ ذات (اڪثر ڪراچيءَ ۾).
● گنگائڻُ: مصدر. گنگي وانگي ڳالھائڻ ـ ڏَپيل آواز ـ گھگھو ڳالھائڻ ـ سمجھ ۾ نہ اچڻ جھڙو ڳالھائڻ ـ گنگ پوڙ ڪرڻ. (گنگايو ـ گنگائيندو ـ گنگايل).
ـ گنگائيُ ۽ گنگائيُونُ: ث. بي زباني ـ ڳالھائي نہ سگھڻ واري حالت ـ نہ سمجھڻ جھڙو ڳالھائڻ ـ گونگو.
● گنگتيرِڙوُ ۽ گنگتيرِڙا: ذ. صفت. ٽرڙو (لائيُون) ـ ھڪ ٽڪ نہ قرندڙ لاٽون ـ ڪڙڪڙيو.
ـ گنگتيرِڙائيُ ۽ گنگتيرِڙائيُونُ: ث. صفت. لوڏي سان ھلڻ ـ ڏَڏڪي سان ھلڻ ـ نخري واري چال ـ ڪَمَر ـ لوڏو ـ ڏوڏو.
● گنگڏاسِ (ث): اسم خاص. ھڪ ذات (ٿر ۾ رھندڙ راجپوت).
● گنگر ۽ گنگرَ: ذ. صفت. وڏو ڪُٽنب ـ وڏو عيال ـ عيالدار.
● گنگريتُ ۽ گنگريتَ (ڪ): ذ. سڪرات واري حالت ـ لُڪيءَ ۾ ساھ ھڻڻ.
● گنگرڙُ: اسم خاص. ھڪ ذات. تعلقي ڳمبٽ (ضلعي خيرپور) ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
● گنگرڙُ ۽ گنگرڙَ: ذ. نوڙي ـ ڦاھي. نقصان. ڏڦو ـ فساد. چيھو ـ ڪوٽ ـ ٽوٽ.
ـ گنگرڙُ پَوڻُ: فساد ٿيڻ ڪري مشڪلاتون پيش اچڻ.
● گنگرِڙائيُ ۽ گنگرِڙائيُونُ: ث. صفت. ڏَڏڪي سان ھلڻ ـ لوڏي سان ھلڻ.
● گنگڪيُ: اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
● گنگوُ ۽ گنگوُ (ت): ذ. لٽيءَ (وڻ) جو ڳاڙھو گونچُ ـ ڪنگو (ل).
ـ گنگوُتارو ۽ گنگوُتارا (ت): ذ. صفت. ڳاڙھي گونچ وارو لٽيءَ جو ٽارو.
● گنگو: اسم خاص. تعلقي ميھڙ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
● گنگوُ ۽ گنگا: ذ. صفت. (ف. گنگُ) جيڪو ڄائي ڄم ڪان ڳالھائي نہ سگھي ـ بي زبان ماڻھو، حيوان وغيره ـ جيڪو ڳالھائي نہ سگھي ـ ڳالھائي نہ سگھندڙ. ماڻ وارو ـ مانيٽو. ڪُڏام ـ جانور ـ حيوان ـ بي زبانو.
ـ گنگاڻيُ: گنگا فقيرَ جي نہ ڳالھائين.
ـ گنگنُ ۽ جنگنُ: آڻن ۽ پھلوان جتن سان. (ن ـ ب).
ـ گنگيُ ڪانءِ ھُنڻُ: مانيٽو ھڻڻ ـ سادي سياڻ وارو ھڻڻ.
● گنگوُ ۽ گنگا: ذ. اسم. نڪ ڪان گھٽو.
● گنگوُتريُ ۽ گنگوُتريُونُ: (سن. گنگوتري = گنگا نديءَ جو مُنھن) ث. گنگا نديءَ جو منھن ـ گنگا نديءَ جي ھمالہ جبل مان نڪرڻ واري جاءِ. ھمالہ جبل جي ھڪ پربت جو نالو. جبل جي ھڪ چوٽيءَ جو نالو.
● گنگوُ ڊَھوُ: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
● گنگوُنُ (ل): ذ. آڻ جي ڇڻ ڪان وٺي ڪنڌ جي پاڙ تائين ٿُوھي جي مٿان وارن جو ليڪو سنڌو.
● گنگوُ وارو گوڙُ لائيُ: ڳالھائي ٽڪجڻ ـ رڙيون ڪرڻ.
● گنگڻُ: خوفناڪ ـ خطرناڪ ـ پٽو پريو.
● گنگھہ ۽ گنگھہ: ذ. نندڙو ڳوٺ ـ ڳوٺڙو ـ نندو ڳوٺ ـ وستي ـ واھڻ ـ گامُ ـ ديھ.
● گنگھرُ ۽ گنگھرَ: ذ. آھدا ـ مصيبت ـ آفت ـ غضب ـ ڪمبختي ـ نياڻڪ ـ شامت ـ ماجرا ـ سوڙھ ـ لاچار حالت ـ مشڪلات. جنجل ـ جنجال. ڏڪ ـ اھنج ـ سُورُ ـ رَنجُ ـ ڪُٽُ ـ ڦاھو ـ ڪُٽُ ـ سُرڪڻ ـ ڦاھي. تنگي ـ اِفلاس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گِنگھروءُ ع گِنگھرا: ذ. (سن. گگتر + اوک = گِنگھرو) زيور جو قسم ۾ پيرن ۾ پائڻ جو وڇندڙ زيور- پيرن ۾ پائڻ جو ڪُهڙ - نندڙو مٽر- زَنگلو- قُلقو. چٽي جو ڦوٽو - سِٽي جو ڦوٽو- گھنگِرِيو.

● گِنگھڙ جاگِيرَ: اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گُنگھِٽِيءُ ع گُنگھِٽِيُونءُ (ل): ث. جِيءُ جو قسم، ڪاڙهي رنگ جو ٽٽي، گدري ۽ ڇانهين جي ول ڪائي. گھريٽڙي.

● گُنگھ ہوڙ ع گُنگھ ہوڙا: ذ. ڪالهه اهڙي ڪالهائي، جنهن جو اول آخر نه هجي، ۽ نه سمجهه ۾ اچي. بنا سمجهه جي ڪم ڪرڻ.

● گُنگھِي ع گُنگھِيءُ: ث. گھُٽِيل آواز- ويڙل نڙي- گھِگھِيءُ.

● گُنمِيچِيءُ: اسم خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گُنوارءُ ع گُنوارَ: ذ. ڳوٺاڻو- واهٽي- دَهُقاني- گاميڙيو. جَٽءُ- آناڙِيءُ- جهنگِليءُ.

- گُنوارءُ سَمجهَٽءُ: ڳوٺاڻو يا جَٽءُ سمجهڻ.

● گُنوار: آن جو قسم- هڪ پوڪ.

● گُنوائِڻءُ: مصدر. (سن. گَمْياوي = وڃائڻ. پرا. گَماوي = وڃائڻ). وڃائڻ- ضايع ڪرڻ- ڪوهڻ- برباد ڪرڻ- بگاڙَڻ- نابود ڪرڻ- جَٽ ڪرڻ- آجاڙڻ- آجڙڻ- ويران ڪرڻ- اجايو وڃائڻ- لُٽڻ- دُفءُ ڪرڻ- ڦوڪي ڇڏڻ- چَٽِيءُ چُورو ڪرڻ- خرچي ڪائي ڇڏڻ- آڏائڻ- ڪوهڻ- ناس ڪرڻ. گُم ڪرڻ- لِڪائڻ- چورائڻ- چُپائڻ. (گنوايو- گنوائيندو- گوانيل).

- گُنوائِيڻ: وڃائين- ضايع ڪرين.

● گنوتر: اسم خاص. هڪ ذات (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾).

● گُنوَتِيءُ ع گُنوَتِيءُ (سس): ذ. صفت. گُڻ وارو- گُڻ ڪندڙ:
"گُنِيءُ، گيانِيءُ، گنوتي، اعليٰ دوس عجيب"
(نامعلوم).

● گُنوُخءُ ع گُنوُخَ (ت): ذ. صفت. ڪوڙو- ٽوڻي- غافل. سستءُ. جاهل- بيوقوف- ڪِهيلو- مورک- اناڙي- بي عقل- بي سمجهه.

● گُنَهءُ ع گُنَهَ: ذ. گُناهءُ- ڏوهه. دوش- پاپ.

- گُنَهگارءُ ع گُنَهگارَ: ذ. صفت. ڏوهي- آپَراڌي- تقصير وارءُ- عيبدارءُ- عاصي- خطا وار- قصوروار- پاپي- بُڇڙو- ڪلنڪي- داغي- بدڪار- دوشي- حَرفي- ڏوهو- هراچِتِي- گُناهِي- مازم- مُجرم- فاسق- ڪُڪرمي- پاپاٽو- هڇارو- گُناهٽو- پاپ جو- پاپ جهڙو- سزاوار.

- گُنَهگارِيءُ پَرَنءُ: ڏنڊءُ پرڻ- ڏوهه ڏيڻ.

● گُنهورا: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گِنهولوءُ ع گِنهولا: ذ. بَلا ۽ نانگ جو قسم.

● گُنُونرُوءُ ع گُنُونرا: ذ. صفت. ڪير پياڪ نندو آڻ يا آڻ جو نندو پُڇو- ڪَنوات- ڪنواڻ.

● گُنُنُنءُ: ذ. صفت. ويل- گُم- وڃايل- برباد ڪيل- ڪوهيل- آجڙيل. ڪوهڻ- آڏائڻ- ضايع ڪرڻ- هارايل. جَٽءُ- ناس- برباد- گُنُنءُ. غلطان (ڪ ۾).

- گھُراڻو ۽ گھُراڻا: ذ. صفت. گهر جو - گهُرو - گهر جو ٿهيل - گهريچو - خانگي. وڏي گهراڻي جو - خاندائي.

- گھُرائِتو ۽ گھُرائِتا: ذ. صفت. شاهاڻو - بُنيادي - اَصل - نسل - آنس - خاندائي - ڪُل. گهراڻو - وڏي گهراڻي وارو.

- گھُرائِيُ ۽ گھُرائِيُونُ: ث. گهر ڏياڻي - گهر ڏَڻِيُ.

- گھُرُ ٻارُ ۽ گھُرُ ٻارَ: ذ. ٻار ٻچا - ڪُٽنب - عيال - اطفال - جاءِ - ٽڪاڻو - هنڊ. قبيلو - ڪل - نسل - آل و اولاد - خاندان - گهراڻو - گهر.

- گھُرَ (ٻ) ٻارَڻُ: جهيڙو آڙاڻ - فساد جاڳائڻ - جهڳڙو مچائڻ - ٻن جي وچ ۾ لائِيُ چائِيُ ڪرڻ.

- گھُرُ ٻاري ڏِياريُ ڪَرَڻُ: ٿوري ڏيکاءُ لاءِ گهڻو نقصان ڪرڻ - پرائي ماڙي ڏسي ٻنهنجو ٻونگو ٻاهڻ - ٿوري آٿت تي گهڻو خرچ ڪرڻ.

- گھُرَ ٻَڌَڻُ: صلاح ڪرڻ - پاڻ ۾ اتفاق ڪرڻ - گهر جا ڀاتي اتحاد ۾ رکڻ - يڪراءِ ٿيڻ.

- گھُرُ پَچَڻُ: چوري ڪرڻ - نڪسي ڪرڻ - نقصان ڪرڻ.

- گھُرُ پَچُوُ: ذ. صفت. رَنڊُ. (ث. گهر پَچِي).

- گھُرَ پَچِيُ ۽ گھُرَ پَچِيُونُ: ث. گهر جي ڪم مان واقف - گهر جي حال مان جاڻو - سليقه مند - پوشيده.

- گھُرَ پَچِيُ هُجَڻُ: گهر جي ڪم مان واقف هڻڻ - گهر جي حال مان جاڻو هڻڻ - سليقه مند هڻڻ - پوشيده هڻڻ.

- گھُر ٽڏوُ ٽيڻُ: گهر ڇڏي وڃڻ - نقصان ٿيڻ - گهر کي باهه لڳڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گھرُ نرِ يو هُنڌُ: گھر سڙيو هڻڻ ـ گھر ڏکيو هڻڻ ـ گھر جو رنجايل هڻڻ.
ـ گھرُ پارُ: ذ. صفت. گھر پالينڊڙ.
ـ گھرَ جا ٽپڙَ تڪڻُ: لالچ رکڻ ـ تمنا رکڻ ـ طمع رکڻ. دشمني کرڻ ـ ويرَ وڌڻ.
ـ گھرَ جا پٽجرَ ڪٽڻُ: خراب خيال رکڻ ـ اجايا پٽهه پچائڻ.
ـ گھرَ جا ڪُڪڙَ مارَڻُ: هيٺائي ڏيکارڻ ـ بي شناس هجڻ ـ هيڻن تي ظلم کرڻ ـ ڪمزورن کي دٻائڻ ـ غريبن کي آزارڻ.
ـ گھرَ جوُ ڏيوُ ٽيڻُ: سُنو ٽيڻ ـ چڪو ماڻهو ٽيڻ. ايکو کرڻ ـ پٺڊي کرڻ.
ـ گھرَ جوُ ڪُنوُ: آرام پسند.
ـ گھرَ جوُ مالڪُ: ذ. گھر وارو ـ صاحب خانه ـ مالڪ مڪان. مڙس ـ خاوند ـ پتي ـ ميان صاحب.
ـ گھرَ جيءُ دال روٽيءُ يادُ ڪَرَڻُ: گھر ويهي رهڻ ـ مسافريءَ کان ڊڄڻ ـ باهر نڪرڻ جي وائي نه کرڻ ـ ڪنهن مشڪل ڪم لاءِ همٿ نه سارڻ. (مسئي پنهون).
ـ گھرَ جيءُ گھريتيڙِيءُ هُنڌُ: گھر کان باهر نه نڪرڻ.
ـ گھرُ جھلڻي وِهڻُ: سڀ بندوبست رکڻ ـ ناکا بندي کرڻ ـ گھٽ پٽڻ ـ رستا جھلڻ ـ گھيڙ جھلڻ.
ـ گھرُ خيرُ کوُ هُنڌُ: گھر ۾ نه هجڻ ـ غير حاضر هجڻ.
ـ گھرَ ڏ ياڻيءُ: ث. زال ـ گھر واري. مائڏاڻي. (عام راءِ).
ـ گھرَ ڏَڻيءُ: ذ. گھر جو مالڪ ـ جاءِ جو ڏاڏي ـ ڏاڏي ـ وارث. وڏو ڪُٽو ـ چُوهو.
ـ گھرُ ڊَهڻُ: پنهنجي زال وڃائڻ ـ زال سري وڃڻ.
ـ گھرُ کَرَڻُ: شادي کري ويهڻ ـ زال آڻڻ. ناسور ٽيڻ (بيماري وغيره جو).
ـ گھرُ کَري وِهڻُ: بٽڪ کرڻ. ترسي پوڻ.
ـ گھرُ کاوائيڻُ: مفت ۾ کاوائڻ ـ تڪليف وڌڻ.

ـ گھرَ کي ٻُھاريءُ ڏيڻُ: گھر صاف کرڻ ـ گھر جو سڀ سامان چوري کري وڃڻ ـ گھر تباهه کري ڇڏڻ.
ـ گھرُ گُسائيڻُ: (محاورو) پنهنجي کان پاسو کرڻ ـ کداکري ڇڏي ڏيڻ ـ خود دار هڻڻ. (ديوان فاضل).
ـ گھرَ گُنڍيرُ ۽ گھرَ گُنڍيرَ: ذ. صفت. عميق ـ گھٽو اونهو. گوڙهو. (لغت قديم). فاضل. گهرو.
ـ گھرُ گُونھُنڻُ کَرَڻُ: کين کرڻ ـ نقصان کرڻ ـ گلارو کرڻ ـ بچڙو کرڻ.
ـ گھرَ گھاتُ: گھر ۾ سامان ـ سامان نڪاڻو ـ ٽيڙ ٽانهُ.
ـ گھرَ گھاتُ نه هُنڌُ: بيواهه هڻڻ ـ بي گھر هڻڻ.
ـ گھرَ مانُ ٻَرَڻُ: پنهنجن سان دشمني پيدا ٽيڻ.
ـ گھرَ مانُ لٽجڻُ يا پَوَڻُ: پنهنجي کنب سان ويرَ پيدا ٽيڻ.
ـ گھرُ مٽهي تهي رَکڻُ يا کڻڻُ: ڏاڍو گوڙ کرڻ ـ تپائڻ ـ گھمسان کرڻ ـ غلغلو کرڻ ـ ٻاٽيتال ٻارڻ.
ـ گھرَ مٽَ: جاءِ جي متاسٽا ـ گھر جي بدلي.
ـ گھرُ مَسيتُ ٽيڻُ: گھر سچو ٽيڻ ـ گھر پينگ ٽيڻ ـ گھر کي نقصان ڏيڻ ـ گھر صفا چٽ يا نابود کرڻ.
ـ گھرَ ۾ ڪُٽوُ ٽيءُ لٽجڻُ: گھر جو نقصان کرڻ ـ گھر جي چوري کرڻ ـ گھر کي کوت وجهڻ.
ـ گھرَ ۾ گڏگا وَهڻُ: پاڻ وٽان مطلب پورو ٽيڻ ـ پاڻ وٽ سڀڪجهه موجود هڻڻ ـ ڪنهن کان ضرورت جي گھر ۾ گھرج نه پوڻ.
ـ گھرَ ۾ گھاريُ: رضا تي راضي ٽيڻ ـ هرڪالهه ۾ خوش ٽيڻ.
ـ گھرو: ذ. صفت. گھر جو يا گھر سان واسطو رکندڙ ـ گھريلو ـ گھربچو ـ خانگي ـ اندروني ـ گھراٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گھرَ وارو ۽ گھرَ وارا: ذ. مڙس ـ مڙد ـ خاوند ـ پتي ـ شوهر ـ وَرُ ـ ڏڻي ـ وارث ـ پتار. گھر جو مالڪ ـ گھر هلائيندڙ ـ وڏو ـ مکيہ. (ث. گھرَ واري ۽ گھرَ واريون).

ـ گھرَ وِہنُو ڪائِنُ: بيڪار وينڊ ـ واندو وهڻ ـ بنا ڪم جي وهڻ.

ـ گھرَ وِہنِي تِيُرُ هٽڻُ: گھر وينڊي اڻ ٽيڻي رِتَ رِتڻ ـ اڻ ٽيڻيون تجويزون گھڙڻ ـ واريءَ تي قلعا اڏڻ ـ اجايا پٽھ پچائڻ ـ اڻ ٽيڻا دليل ڏوڙائڻ.

ـ گھرَ پِتوُ ۽ گھرَ پِتا: ذ. صفت. گھر جو ڌڻي ـ گھريچو ـ گھروُ ـ هڪ گھراڻي جو. شاهاڻو ـ بُنياد ي ـ خاندان ـ اصلي.

ـ گھرَ پِتِيُ ۽ گھرَ پِتِيُونُ: ث. گھر واري ـ گھر ڏياڻي ـ گھر جي مالڪياڻي. وَرِپِتِي ـ مڙس واري ـ سُهاڳ واري.

ـ گھرِ پِچُو ۽ گھرِ پِچا: ذ. صفت. گھريتو ـ گھر جو ـ گھر جومالڪ. بنيادي ـ شاهاڻو ـ اصل ـ چِندُ.

ـ گھرَ پِلُو ۽ گھرَ پِلا: ذ. گھرو ـ گھر جو ـ گھر وارو ـ خانگي ـ گھر جو ڌڻي ـ هٿراڏو ـ پالتو ـ گھر جو پالي.

● گھرُ ۽ گھرُونُ: ث. تقاضا ـ خواهش ـ مرضي ـ چاهہ ـ طلب ـ دعويٰ ـ اسدعا. ڏڻي سائين جي مرضي ـ پسندي. لهٽو ـ قرض.

ـ گھرَءِ: رب جي رضا ـ الله سائين جي مرضي يا خوشي.

● گھِرائُو ۽ گھِراڻا: ذ. خاندان ـ ڪُل ـ ڪُٽنب ـ ڪُٽُم ـ وَنس ـ قبيلو ـ بُٽ ـ ڪِيڙُ ـ پيڙهي ـ نسل ـ اولاد.

● گھُرائِڻُ: مصدر. خواهش ڪرڻ ـ چاهڻ ـ گھُرڻ ـ ڪوڻ ـ سڏائڻ ـ چوائڻ ـ ڪوائڻ ـ آڌائڻ ـ اِچا ڪرڻ ـ حڪم ڪرڻ. (گھرايو ـ گھُرائيندو ـ گھُرايل).

● گھِرتُ ۽ گھِرت: ذ. (سن. گو = آواز ڪرڻ يا گھُڻ = ڦيرا پائڻ). گھِرت ـ چڪو.

● گھرتَنُ: مصدر. گھوٽڻ ـ رهٽڻ ـ گھرڙڻ. (گھَرُتيو ـ گھرتيندو ـ گھرتيل).

ـ گھرَ ڙُتُو ۽ گھرَ ڙُتا: ذ. گھررات گھرڙو.

● گھرَ ڙُتِي: ث. جَنڊُ.

● گھرَ ڙِتِي ۽ گھرَ ڙِتيُونُ (ل): ث. بندري ـ گھُٽڪي. قدم نديڪي شيءِ. جيئن "مائي گھرَ ڙتي ويئي وڃي".

● گھرَ ڙِجَنُ: مصدر. ضروري ٽيڻ ـ گھُرَ بل ٽيڻ ـ هُٽَنُ ـ هُجڻ ـ رهڻ. آوس يا ضروري هڻ ـ واجب يا لازم هڻ. ڪپڻ ـ جڙڻ.

ـ گھرَ ڙِجَ ۽ گھرَ ڙِجُونُ: ث. ڪتبُ ـ ضرورت ـ مرضي ـ چاهہ ـ لاڙو ـ سَڌَ ـ رغبت ـ اِچا ـ منشا. احتياج ـ طلب ـ لوڙ ـ گتي ـ ڪاڻ ـ حاجت ـ گھُرَ ـ چِڪَ ـ تقاضا ـ دعويٰ.

ـ گھرَ ڙِجائُو ۽ گھرَ ڙِجائُو: ذ. ضرورت مند ـ ضرورت وارو ـ احتياجمند ـ طلبائُو ـ حاجتمند.

ـ گھرَ ڙُجي: ڪپي ـ ملهي ـ حاصل ٿئي ـ جُڙي.

● گھرِ ڙِڙ (ث): ذ. صفت. بيوقوف ـ چِتسو ـ اناڙي.

● گھرَ ڙَڻُ: مصدر. (سن. گھوش = گھٽا). آڏو گابرو گھوڻڻ ـ ڪتي ذرا ڪرڻ ـ ٽلهو پيهڻ ـ پورڻ ـ ڏارو ڪرڻ. گھڻ ـ گھوڻڻ ـ گسَنُ ـ ملهڻ ـ گسائڻ. رڱڙڻ ـ مهٽڻ. خارش ڪرڻ. (ث). سزا ڏيڻ ـ تکليف ڏيڻ. (گھرَ ڙِيو ـ گھرَ ڙيندو ـ گھرڙيل).

ـ گھرَ ڙَاتُ ۽ گھرَ ڙَاتَ: ذ. ڀن شين جو پاڻ ۾ گسڻ ڪري نڪتل آواز ـ گاڏي هلڻ جو آواز ـ ڏندي ۾ ڪوندي جو آواز.

ـ گھرَ ڙَاڻُو ۽ گھرَ ڙَاڻا: ذ. گھرڻو ـ گھرڙو ـ گھرڙات. (مرڻ وقت) نڙيءَ جو آواز ـ گھوگھِرو.

ـ گھرَ ڙُڪو ۽ گھرَ ڙُڪا (ث): نڙيءَ جو آواز.

ـ گھرَ ڙُ گھرَ ڙُ: ڏندي ڪوندي ۾ شئي ڪي گھوڻڻ جو آواز ـ ڏرڻ جو آواز جنڊ جو آواز.

ـ گھرَ ڙُ گھائُو: ذ. زوردار ـ سخت (جلاب). ڪنور ـ بي قياس ـ بي رحم ـ ڪاسائِي.

ـ گھرَ ڙُوُ ۽ گھرَ ڙُا: ذ. گھٽڪو ـ گسڪو ـ گھوٽو ـ گھنڊي ـ گھرڙ گھرڙ ـ گھرڙات ـ سنيتو ـ ڪرت للڪار. رڱڙڻ. نڙيءَ جو آواز ـ گھوگھرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھرڙي: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گھيرڪڻ: مصدر. (سن. گھرش) رسڻ - سرڪڻ - گسڙڻ - گسڪڻ - ترڪڻ. جيئن: "واري گھيرڪندي وڃي". (اسم خاص). تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (گھيرڪيو- گھرڪندو - گھيرڪيل).

- گھيرڪائيڻ: مصدر. ترڪائڻ - گسڪائڻ - قسڪائڻ - ڪسڪائڻ - سيرڪائڻ.

- گھيرڪيڄڻ: مصدر. هيٺ سرڻ - گھيرڪڻ - تيرڪڻ - گسڪيڄڻ.

● گھرڪٽڻ: مصدر. (سن. گھر = ڀياڪ آواز ڪرڻ). گوڙڻ - گڙڻ - گرڻ - گھڙڪڻ - ڏاڙهي ڏيڻ - چڙب ڏيڻ - هڏي ڏيڻ - جسي پائڻ - چھڙ پائڻ - گير ڪرڻ - تڙي ڪيڻ - جھيڙڪڻ. (گھرڪيو - گھرڪندو - گھرڪيل).

- گھرڪيڄڻ: ڪاوڙجڻ - رنج ٿيڻ.

- گھرڪو: رسو، جنهن سان گھٽي واءُ لڳڻ ڪري آڏون ڪڍيل پيڙيءَ جو اوزار.

- گھرڪيي ۽ گھرڪيئون: ث. هڏي - چڙب - ڏاڙهي - پيڪ - دَبَ - ڏمڪي - ڏنار - سوتَ - جھٽڪ - چنڊ - ڪاوڙ. جُٽ.

● گھرڪو: ذ. پيڙيءَ جي هڪ اوزار جو نالو - گھٽي واءُ لڳڻ سبب آڏن ڪڍڻ ۾ ڪم ايندڙ رسو.

● گھيرڪوڙي: ٻار ڪي پيرن تي ٻيهاري راند ڪرائڻ جو هڪ قسم - گيدڙ گيدوليڙي.

● گھير گھير: (سن. گھر گھر). پاڻي وغيره جي گھرگھر جو آواز. شور - گيرگير - ٽين ٽين. جنڊ وغيره جو جھيڙو آواز.

● گھيرڪھلو ۽ گھيرڪھلا: ذ. صفت. مقدار ڪان وڌيڪ - موڪرو - ويڪرو - ڪشادو - ڊيرو - ڦلھڙو - ڊيرو - ڇپلو - خلاصو. (ث. گھيرگھيلي ۽ گھيرگھيليئون).

- گھيرڪھلو پيرُ ڪٽڻ: گھر ڪان ٻاهر جلد وڃڻ - آٻهرو ڪم ڪرڻ - تکڙو قدم ڪڍڻ.

● گھرڙو (ث): ذ. مٽيءَ جو ڪچو ڪنو. (جنهن ۾ ٽنگ ڪري زالون ڊيو ٻاري سيکنهن جي دروٽ گيت ڳائين).

● گھيرڻ: مصدر. (سن. گلڻي = ماندو ٿيڻ) بدن ۾ سُستي يا بيماري محسوس ٿيڻ - دل ماندي ٿيڻ - گھيرڪڻ. (گھيريو - گھيرندو - گھيريل).

● گھرڻ: مصدر. (سن. گھڻ = وڻڻ، جھلڻ) گھرَ ڪرڻ - پُڇڻ - پُڇا ڪرڻ - چاهڻ - پسند ڪرڻ - مرضي هڻڻ - خواهش رکڻ - طلب - دعويٰ ڪرڻ - چڪڻ - اڇا ڪرڻ - منشا ڪرڻ. شوق ڪرڻ - پيار ڪرڻ. هٿ ٽنگڻ - سوال ڪرڻ - منگڻ. وٺڻ.

● گھير ٽاڪرَ: جھگڙو ڪرڻ سا فساد ڪرڻ - جھيڙو ڪرڻ. (خوني سماج ۳۰).

● گھرو ۽ گھرا (ڪ): ذ. ڪرين جي قطرن پورڻ لاءِ پٽرن جو واڙو (هڪ ٻئي مٿان پٽر رکي ناهيل گھر).

● گھرو ۽ گھرا (ت): ذ. سوراخ - ٽنگ - ڪُٽڪ.

● گھروڙڻ: مصدر. ٻُجي وارو هٿ منهن سان ملائي زور سان هيٺ ڪرڻ. پُوندو منهن تي گسائڻ - ڪوڙڻ (ٻُجو). (گھروڙيو - گھروڙيندو - گھروڙيل).

- گھروڙي رَکڻ: پوندو منهن تي گسائڻ. منهن تي چوڻ يا ٿيڻ.

● گھرُه: ث. (سن. گھرُتو. پيرا = گرُهه) آڻ ٽُٽ - ڪٻٽي. فڪر - سوداءُ.

● گھريي ۽ گھريئون: ث. پيڙيءَ جي رسي وڻڻ لاءِ ميربحرن جي ڪم ايندڙ ڪاٺ جو اوزار. (ڪ). حقي جي پتل واري نلي يا نڙي، جنهن ۾ نڙ پوي. (ڪ).

● گھيريي ۽ گھيريئون (ل): ث. حقي يا چلم جي ڊيڊي.

● گھريي ۽ گھريئون: ث. ولجھوٽيءَ راند جي ٻاري يا ڏڙي.

- گھريئون ڪرڻ: تولبون ڪرڻ - ٻاريون ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھُرِيا: اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو.
● گھَرِيتڙو ع گھَرِيتڙا: ذ. جيت جو هڪ قسم - ڏينهُو - ڏکڻ هاري - آکراڻ.
● گھَرِيُڪ ع گھَرِيُکَ: ذ. صفت. برهمڻ کي دعوت ڏيڻي اُن کي کارايل کاڌو يا ڏامو.
● گھَڙ ع گھَڙُونُ، گھَڙِيُونُ (ل): ث. رَسيءَ جو وَتُ يا وَيُ يا نشان. ياڪُنُڻُونءَ جو پُڙ. (پره). ڊِگُ - انبار - نونر (ل). جيئن "سرڪار تہ ڏوکڙن جي گھَڙ پيئي گھَڙي". گھٽا گھڙا - جهجها ڊِلا "هيري گھَڙ خالي پيئي آهي پريندو ڪير" (ل).
- گھَڙَ وانڍُ ع گھَڙَ وانڍُونُ: ث. گھَڙن رکڻ جي جاءِ - گھڙا منجي - گھڙانجي.
● گھَڙا ڪارنگا: اسمِ خاص. تعلقي ساماري ۾ ديهہ جو نالو.
● گھَڙِپَ ع گھَڙِپُونُ (ل): پاڻيءَ ۾ ساريَن جو ڀِڄُ چَٽڻ جو نمونو.
● گھَڙِهُ ع گھَڙِهُونُ (ت): ث. بلڪل پڙو ٽيل. گھاٽو. اڻ وٽندڙ - نہ وڻڻ جهڙو.
● گھَڙِيِ: اسمِ خاص. تعلقي بدين ۾ ديهہ جونالو.
● گھَڙِيِ ع گھَڙِيِيُونُ: ث. پَويَن جي راند. نائڪ. سانگ.
● گھُڙُ هِيلڻُ (ت): مصدر. خراب ڪرڻ - گندو ڪرڻ - ڪِنو ڪرڻ - آبالو ڪرڻ - رڊ ڪرڻ - ڪنهن ڪم جو نہ ڪرڻ. ولوڙڻ - جهنجهوڙڻ - ڏونڊڻ - رڳڙڻ. (گھُڙ هِيلِيو - گھُڙ هِيلِيندو - گھُڙ هِيلِيل).
● گھُڙِ پِڇ: ث. سوچُ - ويچارُ.
● گھَڙَتَ ع گھَڙَتُونُ: ث. بناوت - آڏاوت - جڙاوت - ساخت - گھاڙيتو - گھاڙ - بيهڪ - ناهپ - گھڙپ. گھڙائي - پورهيو - مزوري - محنت - ٺهرائي - جوڙائي جو آجورو.
● گھَڙَپَ ع گھَڙَپُونُ (ل): ث. گھڙت - بناوت - جڙاوت - ساخت - گھاڙيتو - گھاڙ - بيهڪ - ناهپ. گھڙائي - پورهيو - محنت - مزوري - ٺهرائي - جوڙائي جو آجورو.
● گھَڙِ پِڙُهُ ع گھَڙِ پِڙُهُو (ت): ذ. گھٽو ڪائيندڙ - پيٽيسُرُ - پيتوڙي - گھٽو ڪائڪ - وڏ قوتو. عيار - چالاڪ - مڪار - دوکيباز - دغاباز - فريبي - مڪريلو.
● گھَڙِجَڻُ: مصدر. (سن. گھَتَ). ٺهڻ - جُڙڻ - آڏجڻ - بنجڻ - تيار ٿيڻ. چِلجڻ.
● گھَڙُڪَ (ل): ذ. گاڏيءَ جي هلڻ جو آواز - گھَڙُ گھَڙُ. جيئن "اڄ گاڏي گھَڙُڪَ گھَڙُڪَ ڪندي اچي".
● گھَڙِڪَڻُ: مصدر. وَڄڻ - پُرَڻ (ڪنن ۾) - گھٽڪن - ڇڻ ڇڻ ٿيڻ يا ڪرڻ - ڇم ڇم ٿيڻ - گھِڙ گھِڙ ٿيڻ. (پرم). گھنڊ وڄائڻ - گھنٽي مارڻ - آواز ڪرڻ. (گھڙڪيو - گھڙڪيندو - گھڙڪيل).
- گھَڙُڪو ع گھَڙُڪا: ذ. گھِنڊ - گھنڊ جو آواز.
● گھَڙ گھاتَ گھَڙَنُ: ناهہ ناهڻ - بڻاءُ بنائڻ - رڙون ڪرڻ - تجويزون گھڙڻ - انڪلون سِٽڻ - ڪم ناهڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
● گھَڙائِڻُ: مصدر. (سن. گھٽ = ناهڻ). بناوائڻ - ٺهرائڻ - جوڙائڻ - آڏائڻ - منڊائڻ - تيار ڪرائڻ.
- گھَڙائِيُ ع گھَڙائِيُونُ: ث. گھڙئي - ٺهرائي - ناهٽي - جوڙائي. پورهيو - محنت - مزدوري - آجورو - عوضو. (ڪنهن شئي کي ٺهرائڻ جو).
- گھَڙائِيُ ع گھَڙائِيُونُ: ث. ٺهرائي - ٺهرائي - آجرت - گھڙائي - مزدوري - پورهيو. گھڙائپ - گھڙجڻ واري حالت.
● گھَڙَڻُ: مصدر. (پرا. گيدي. سن. گھڻ > گھٽ = گھڙڻ). ناهڻ - جوڙڻ - بنائڻ - سنوارڻ - تيار ڪرڻ - ساخت ڪرڻ - سوڏڻ - ڏائڻ - پڙڻ - پلڻ - ناهي بهارڻ - سڏارڻ.
- گھَڙَ پِڇَ ع گھَڙَ پِڇُونُ: ث. ناهہ ٺُوهہ - پچ ڏاهہ.
- گھَڙِيُ ع گھَڙِيُونُ: ث. گھڙئي - ٺهرائي - ناهٽ - جوڙپ. ڊول - گھاڙ - شڪل - شبيهہ - نمونو. هُنر - ڪاريگري - آستادي. گھڙائي - ٺهرائي - بناڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھيڙڻ: مصدر. (سن. گھُورڻ = گھمڻ) داخل ٿيڻ - گھيڙي وڃڻ - لنگھي وڃڻ - چُڀڻ - پيھڻ - درج ٿيڻ - ٻوڙڻ. پيرو وڃھڻ - اندر وڃڻ يا اچڻ. ٽپي ھٽڻ (ٻاڦ ۾). ڪنھن ڪم جي شروعات ڪرڻ. (گھيڙيو - گھيڙندو - گھيڙيل).

● گھڙو ۽ گھڙا: ذ. (پرا. گھڡيو. سن. گھٽ = دِلو. ف. سبوچه). ٻاڦ پرڻ جو ٽانءُ - دِلو - گاگھر - موريو - مٽکو - پيلو - گھڙي - ججھري - نادي - ڪُنپ. (ث. گھڙي ۽ گھڙيُون). وڄائڻ جو ھڪ ساز. (اسم خاص). تعلقي شاھندر ڪوني ۽ ديري محبت ۾ ڏيھن جا نالا.

- گھڙا پڙڻ: گھٽي خدمت ڪرڻ - شيوا ڪرڻ - ٽھل ڪرڻ - چاڪري ڪرڻ. خوشامد ڪرڻ - نوڪري ڪرڻ.

- گھڙا مٽُجيو ۽ گھڙا مٽُجيُون: ث. دلن رکڻ لاءِ ڪاٺ مان ٽھيل گھوڙي - گھڙانجي - گھڙوانجي. مٽجڻ.

- گھڙانجيو ۽ گھڙانجيُون: ث. گھڙامنجي.

- گھڙو پُجڻ يا ڦاٽڻ: ڳالھ ڪُلڻ - پيد پڌرو ٿيڻ - راز فاش ٿيڻ - ڦڪڙ ڦاٽڻ - لڪل ڪوڙ ظاھر ٿيڻ - پول پڌرا ٿيڻ. وسيلا وڃڻ.

- گھڙو پُرجڻ (پاپ جو): سچو ڪناھن سان پريل ھٽڻ.

- گھڙ ٽُڙاڌار: گھڙڻ يا دِلن ڪان سواءِ. جيئن "گھڙيُون گھڙٽُڙاڌار ڪاھي پيون ڪُڻ ۾" (سر سھڻي، شاھ).

● گھڙو ستر مُسٽ: اسم خاص. تعلقي ٽارو ڪوٽ ۾ ھڪ ديھه جو نالو.

● گھڙولو ۽ گھڙولا (ل): ذ. ننڍي ٻار جي چرڪ يا ڊپ لاھڻ لاءِ ھڪ سوٽ - گھڙيالو. (ٽالھ ۾ ٽانڊا رکي مٽان خالي دلو اونڌو ڪن، ھوءِ ٽالھ ۾ پاڻي وجھن تہ گھڙو بُڙ بُڙ جو آواز ڪري). پينگھو - جھولو. (لس).

● گھڙيو ۽ گھڙيُون: ث. (پرا. گھٽيا. سن. گھٽڪا = ڪِن). رات ڏينھن جو ستُون حصو - ھڪ ڪلاڪ جو ۲/۵ حصو - ۲۴ منٽن جو وقفو. وقت ماپڻ جو اوزار - وقت جو پيمانو - واچ - گھڙي. ڪِن - پلڪ - ساعت - ويرم - لحظو - لمح - جھٽڪو. انجام. ٿوري دير - پل - وقت - سمون - زمانو. مُنڊيءَ تي ٽِڪ چاڙھڻ واري جاءِ - گھٽ. (سن. گھٽ = دِليِ). پاڻي پرڻ جو نڌيو ٽانو - دِليِ. شاديءَ جي ھڪ رسم - شاديءَ جو ستُون (شاديءَ واري رات گھوت ۽ ڪنوار کي وھجارڻ لاءِ سائڻ ۽ سوڻن سان پريل پاڻيءَ جي دِليِ).

- گھڙيِ پڙڻ: وھانوَ وقت ساڻ ڪرڻ (شاديءَ جي موقعي تي گھٽو ڪري باھر ڪنھن ڪُوھ يا ڪُھيِ تان پاڻيءَ جو دِلو پرين، جنھن سان گھوت تڙ ڪري، آھو دِلو گھٽو ڪري گھوت جي پيئڻ يا ٻي ويجھي عزيزياڻي پڙي اچي).

- گھڙيِ جيو رات: شاديءَ ۾ گھڙيءَ جي رسم ادا ڪرڻ واري رات - پرب.

- گھڙيِ ڪڙڻ: (ڪپڙا) ھڪيئي مٽان سڱي رکڻ - ڪپڙا ھڪيئي مٽان ناھي رکڻ.

- گھڙيِ ڪِن: ٿوري ساعت - ٿوري ويرم - ٿوري پلڪ - ٿورو لمح - ٿورو دَمُ - ٿورو وقت - اک ڇِنڪَ.

- گھڙيِ ڪٽڻ: شاديءَ جي ھڪ رسم (شادي ڪان ھڪ رات اڳ ۾ ڪوري گھڙي يا دِليِ ڪٽي مسجد مان يا ستن ڪوھن تان پاڻيءَ سان پري، گھوت ڪي وھنجارڻ جي ھڪ رسم).

- گھڙيءَ ۾ تولُو ۽ گھڙيءَ ۾ ماسو ٿيڻ: مستقيم طبع نہ ھٽڻ - ڦرڙو گھيرڙو ھٽڻ.

- گھڙيِ ھٽائڻ: شاديءَ جي سُور لاءِ ڪيِءَ ڪي انو وغيره ھٽي چيلھ تي چنبڙائڻ - ڏيِ ھٽائڻ.

- گھڙيءَ جا گھڙيال ھُٽڻ: خداوند ڪريم جي قدرت جا ڪرشمہ ھٽڻ - اللہ سائين جي قدرت جا جدا جدا نمونا ظاھر ٿيڻ - ڪڏھين گھڙي ۽ ڪڏھين گھڙي حالت ھٽڻ.

- گھڙيءَ چٽ (ڪ): ث. ٻالا جو ھڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گھڑيءَ ساعتُ تي هُجڻُ: قريب الموت هجڻ ـ مرڻ تي هجڻ.

ـ گھڑيءَ گھڑيءَ: ث. هرَ هرَ ـ هردم ـ همیشه ـ ساعت بہ ساعت ـ پلک بہ پلک ـ لحظي بہ لحظي ـ لمحہ بہ لمحہ ـ دم دم ـ دمبدم ـ هر وقت ـ هر ساعت ـ هر همیشه ـ وَرِي وَرِيُ ـ بار بار ـ هر دفعي ـ پيري پيري. متواتر ـ لڳاتار ـ سدا ـ نت ـ سدائين.

ـ گھڑيُ ماسوُ گھڑيُ تولوُ: ذري ۾ ڪُچُ ذري ۾ ڪُچُ، ڦرندو گھرندڙ ـ چنڇلُ ـ چلولو ـ بي وفا ـ بھہ رنگيُ ـ ڦڙتيون ڪائيندڙ ـ آوقاتي ـ گھڻ متيو ـ سرد گرم ـ دل دالِيوُ ـ ڳٻي خور.

● گھڑيالُ ۽ گھڙيالَ: ذ. (هرا. گھڙيالِيُ. سن. گھڙيالھہ > گھنٽي = گھڙيال). وقت جاچڻ جو اوزار ـ ٽائيم يا وقت ڏيکارڻ جي مشين ـ جنرَسُ ـ گھنٽو. درگاهن تي ڏمال ڪرڻ وقت وڄائڻ جو هڪ ساز ـ گھنڊُ. پاڻي جو هڪ جانور ـ مانگرمڇ. مڇيءَ جو هڪ قسم.

"وجن گھنڊ گھڙيال نوبت نغارا"

(مصري شاهہ).

بلا جو هڪ قسم (گھوڙيال).

ـ گھڙيالچوُ ۽ گھڙيالچا: ذ. وقت ڏيکارڻ جي ننڍبري مشين ـ ننڍو گھڙيال.

ـ گھڙيالچيُ ۽ گھڙيالچيِ: ذ. گھنڊ وڄائيندڙ ـ گھنٽا وڄائيندڙ. گھڙيال ٺاهيندڙ. گھڙيال جي وقت جا ڏڪ هٽندڙ اوزار.

ـ گھڙيالوُ ۽ گھڙيالاَ: ذ. گھڙيال ـ گھنٽو ـ ڪلاڪ مشين ـ وقت ڏيکاريندڙ هڪ مشين. هٿرلي يا نار جي تڙَ جو تنرو ـ کوهاڙي جو تنرو، جنهن ۾ پاڻيُ ٻيهي. ننڍي ٻار جي ڊپ وغيره لاهڻ لاءِ هڪ ستوُن ـ گھڙولو.

● گھڙيوُ ۽ گھڙيا (ڪ): ذ. چوٽالو ـ آن جو هڪ ماپو.

● گھسُ قسُ: ث. سُس قُسُ ـ ٻُٽ پُٽ ـ ٻاهوڙ ـ ٻڪو ـ ٻڪار ـ جهونگار ـ ڪن جي ڳالهہ.

ـ گھسُ قسُ ڪرڻ: ڪن ۾ ڳالهائڻ ـ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪا ڳالهہ ڪرڻ ـ آهستي ڳالهائڻ.

ـ گھسُ قسُ ۾: ظرف. ڏيري ـ آهستي ـ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪيل ڳالهہ.

● گھسُتنُ: مصدر. زور سان اندر وجهڻ ـ قسُڻ ـ سمائڻ. گھڙڻ لنگهڻ ـ پيهي وڃڻ ـ داخل ٿيڻ. (گھسيو ـ گھسيندو ـ گھسيل).

● گھتنُ ۽ گھٽنَ (ت): ذ. جماع ـ ميلاپ. ڳانڍاپ.

● گھٽشُو ۽ گھٽشا (ت): ذ. ڏکو ـ ٽيلهو ـ ٽاپو. گھٽکو ـ گھٽندي ـ گھرڙو ـ رهڙو ـ کرڙو. کنهن شئي کي زور سان هيٺ مٿي دٻڻ واري حالت. حقي جو دَمُ ٻرڻ واري حالت ـ کش لڳائيڻُ ـ حقي جو ٻُڙڪو. ڏَتو ـ گشو ـ ميکر. جماع ـ ميلاپ ـ ڳانڍاپ.

● گھڪھہ ۽ گھڪھوُن: ث. اوندهہ ـ پنپ ـ ڏُنڊ ـ ميڙُ ـ آجهندو ـ گھور ـ تمام اونداهي.

ـ گھڪھہ اونڌاهہ يا اونڌاهيُ: تمام گھٽي اونداهي ـ پنڀ اونداهي ـ ٻات اونداهہ.

● گھڪڙھہ ۽ گھڪڙھہ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. چهرو ـ چپ ـ گھگهو ـ آلو. مڇيءَ ۾ ڪوئن وانگر گھر ٺاهيندڙ ننڍي جيت جو هڪ قسم (جون ڪان وڏو، مک ڪان ننڍو، رنگ جو ٻُورو). وڏو دلو. (اسم خاص). تعلقي ڊگھڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

ـ گھڪھہ پڪيُ: اسم خاص. پکيءَ جو هڪ قسم. جهنگلي ڪُڪڙ.

● گھڪھاڻُ: مصدر. آواز جهڪو ٽيڻ ـ آواز ڏيمون ٽيڻ ـ نيڙي پوڻ ـ گھگهو پوڻ ـ گهرو آواز ٽيڻ. (گھڪھايو ـ گھڪھاڻيندو ـ گھڪھايل).

● گھڪھيٽيُ ۽ گھڪھيٽيُونُ: ث. ڏوڻشو ـ ڪُوشو ـ مُڪ ـ گھوسو. ڏڪڙُ ـ ڏَڪُ ـ چوڪَ ـ چمات. غوطو ـ ڏُبيُ ـ گھوتو (ک).

● گھڪھيٽيُ ۽ گھڪھيٽيُونُ: ذ. صفت. ڊِمٽي ـ چوٽو موٽو ـ ڊِمڪڙو ـ چهڪٽي ـ ڊِمي ـ ٽُلهو ـ متارو ـ ڊينبو ـ دوتر ـ ڏوسو ـ ڊيهڪڙو ـ رُگھٽيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھنگھرَ: اسم خاص. تعلقي ڪراچيءَ ۾ ديهه جو نالو.

● گھنگھرَ ۽ گھنگھروُنُ: ذ. ڊگھي ۽ سوڙهي گڇيءَ وارو دلو- وڏو دلو.

● گھنگھيراڻيُ ۽ گھنگھيراڻيُونُ (ت): ث. منت- عاجزي- اِلائون بِلائون- نيزاري. نياز- نوڙت- هيڻا هين.

ـ گھنگھيراڻيُونُ ڪرڻُ: ايلاز ڪرڻ- منٽون ڪرڻ- عاجزي ڪرڻ.

● گھنگھروُ ۽ گھنگھرا: ذ. (سن. گھوگھرا= گھنگھريدار ڪپڙو). زالن جي پائڻ جو پيشگير- وڏي گھيري وارو چولو. گھگھو- ڊگھو چولو- جُبو. بلوچي ۽ مارواڙ جي هندو عورتن جو قومي لباس. (ث. گھنگھرِيُ ۽ گھنگھريُونُ).

● گھنگھرِي ۽ گھنگھرِيُونُ: ث. سرگرِ ڳائڻ جو نمونو- تانُ- پلٽو.

ـ گھنگھرِيُ ھٽڻُ: ڳائڻ جو هُنر ڏيکارڻ- سرگر ڪي پلٽائي ڳائڻ- تانُ هڻڻ- پلٽو هڻڻ.

● گھنگھرِيُ ۽ گھنگھرِيُونُ: ذ. ڪُھرَ (ڪوءِ اڻ چڙيل سڄو انُ ۾ لُڻُ پاڻيءَ ۾ وجهي رڌي رکجي ۽ ڪٽو ڪٽو جدا هجي).

● گھنگھڙُو ۽ گھنگھڙا (ت): ذ. ننڍو گھرڙو.

● گھنگھلڻُ: مصدر. گيري جو آواز ڪرڻ- گھوگھو ڪرڻ.

● گھنگھلِيو ۽ گھنگھلِيا: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

● گھنگھوُ ۽ گھنگھا: ذ. وڏين ڀانهن سان پيرن تائين ڊگھو چولو- جُبو.

ـ گھنگھيرَنُ: ث. گھنگھڻي پاتل عورت- بروچائي- گھگھيلي- گھگھيري.

ـ گھنگھيرِيُ ۽ گھنگھيرِيُونُ: ث. گھگھڻي پيريل عورت- گھگھڻي سان- گھگھيرڻ- گھگھيلي.

ـ گھنگھيليُ ۽ گھنگھيليُونُ (ڪ): ث. ڊگھي چولي وري- گھگھي واري عورت- بروچائي- گھگيرڻ- گھنگھيري.

● گھگھوُ ۽ گھگھا: ذ. ويندل نڙيءَ جو آواز- جھڪو آواز- گھٽو آواز- گھٽيل آواز.

● گھگھوُ ۽ گھگھا: ذ. نڙيءَ تي ڏنل زور- گھٽو- گھوگھو. پکيءَ جو هڪ قسم.

● گھگھوُلوُ (ڪ): وڏي ٻيري، جنهن سان ٻار راند ڪن. چُن جي گولي.

● گھگھيُ ۽ گھگھيُونُ: ث. ڪر جو سوڙهي منهن سان ٽهيل ننڍو پاڻي رکڻلاءِ ڏانوُ- ڪُوزو- صُراحِي. سِريءَ ٻنان ڏڙُ. بدن جو هڪ عضو. (ت). برقعو. اونداهي. طرف. (اسم خاص). تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ گھگھيُ پاڻِيُ: برقعو پائڻ- چادر پائڻ- منهن لڪائڻ- پڙدو ڪرڻ- پوش ڪرڻ. ڍارو ڍرڻ.

ـ گھگھيُ وِجھنُ: برقعو ڍڪڻ- منهن لڪائڻ- پڙدو ڪرڻ- پوش ڪرڻ. ڍارو ڍرڻ. ڪيل ڪرڻ.

ـ گھگھيُونُ ٽِيڻُ: ڪارڪن جو سُڪي خراب ٽيڻ- ڪجيءَ جو سُڪي وڃڻ.

ـ گھگھيُ ھٽڻُ: ڪيل ڪرڻ.

● گھگھيٽِڙوُ ۽ گھگھيٽِڙا: ذ. سنهي جيت جو قسم.

● گھلَ ۽ گھلَنُ: ث. ڦورن جو ٽولو- ڏاڙيلن جو ٽولو يا جماعت- لُٽيرن جو گروهه- ويري- لشڪر. ڪُٽن يا ٻارن جو انبوهه. نياپو. رڙ. چِٽَ ٻوڙو.

ـ گھلَ اچنُ: ٽولو اچڻ- جماعت اچڻ- گروهه اچڻ.

ـ گھلِ ٻوڙوُ: ذ. جو بلڪل نه ٻڌي سگھي- صفا چِٽَ ٻوڙو- وڏي آواز سان به نه ٻُڌي سگھندڙ- بَھِرو.

ـ گھلَ تي پَوَنُ: ٽولهي تي پوڻ- لشڪر تي پوڻ.

ـ گھلِيرُ ۽ گھلِيرَ: ذ. ڏاڙيل- ڪاڪو- لوٽو- ڊاڪو- ڦورو- چور- رهزن- چورن جو سردار.

ـ گھلَ ڙِي: حرف نِدا. دانهن ڪرڻ واري حالت- گھوڙا ڙي- الاڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھيلَ ۽ گيھلُونُ (ل): ث. نند- پنڪي- اوجھراڻي. بي هوش- آنوشائي- بي سُرتيءَ. "توکي گيھل اچي ويئي اٿئي" (جملو).
- گيھلا: نندون.
- گيھلَ آوَڻُ: نند اچڻ- پنڪي اچڻ- اوجھراڻي اچڻ.
- گيھلَ گيھنڻُ: نند وڻڻ- پنڪي وڻڻ- اوجھراڻي وڻڻ.
● گھيلَپُور: ڏسو جو نالو- تپو ٽنڈو جان محمد تعلق ڊگھڑي، ضلع ٽنڊوالهيار.
● گھيلَر ۽ گھيلَرُونُ: ذ. وَلَرُ- ٽولو- جماعت- گروھ- انبوھ- گوڙ- هجوم- مجموعو.
● گھيلَريو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).
● گھيلڙا: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ ڏسو جو نالو.
● گيھليڪيءُ ۽ گيھليڪيُونُ: ث. پاڻيءَ جو هڪ قسم- ٽئور يءُ.
● گيھلِ گيھلِ: ث. زور سان دانهون- ڪُوڪَونُ- رڙِ يُونُ- واڪا- هَلَ.
- گيھل گيھلِ ڪَرَڻُ: رڙيون ڪرڻ- واڪا ڪرڻ- گوڙ ڪرڻ- گوڙ گھمسان ڪرڻ- دانهون ڪرڻ- ڪُوڪَون ڪرڻ. گڙ گڙ ڪرڻ- ڏڙ ڏڙ ڪرڻ.
● گھيلَنُ (ڪ): مصدر. پُڏائڻ- سلائڻ- سُڌائيڻ- ظاهر ڪرڻ. ٽُسڻ- زبردستي وڃڻ. قاصد هٿان نياپو موڪلڻ- پيغام موڪلڻ. (گھليرَ- گھليندو- گھليل).
● گھلَنُ: مصدر. لڳڻ- وَڄڻ- ڇُرڻ- ڪلڻ (هوا جو)- شوشاٽ ڪرڻ- زوزاٽ ڪرڻ. (گھليو- گھلندو- گھليل).
● گھلُو: اسم خاص. ذات جو هڪ نالو. تعلقي شڪارپور ۾ ڏسو جو نالو.
● گيھلوُرو ۽ گيھلوُرَا (ٿ): ذ. جھنڊ آڻڻ لاءِ ڪر جو ٽانڊو- وڏو دلو يا ٽڪو- وڏي ڏڪي يا ڪُنيءَ.
- گيھلُوريءُ ۽ گيھلُوريُونُ (ٿ): ث. گيھ رکڻ لاءِ ٽامي يا پتل جي لوٽي- پتل جو لوٽو- ٽامي جو دلو.
● گيھلُوڙو ۽ گيھلُوڙَا (ٿ): ذ. ڪر جو ٽيپو- ڪِنڪَرُ- لوٽو. پارو.
- گيھلُوڙيءُ ۽ گيھلُوڙ يُونُ (ٿ): ث. گيھ رکڻ لاءِ ڪر جو ٽانڊو- ڪر جو نندو برتن- لوٽي- ٽيپيءُ- ڪِنڪَريءُ.
● گھلھيجَڻا: اسم خاص. ذات جو نالو.
● گيھليُونُ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ ڏسو جو نالو.
● گيھمَ ۽ گيھمُونُ: ث. پاڻيءَ جي سيرَ- پاڻيءَ- رطوبت- سيلاب- پوسل- آلاڻ. وَٽَ- ادڪائي. ماڪ- ڪوهيرو.
- گيھرِ جُھنڊُ: آلاڻ وڻڻ- پوسل وڻڻ- پاڻيءَ جي سيرَ ڪرڻ.
● گھمّ ۽ گھمُونُ: ث. گھمڻ جي حالت- گھوم. گھُمَ- آگر- اوپاس- آس- آڙ ننگ.
● گھيمائيجَڻُ: مصدر. (سن. گھورڻيان =) متو ڦرڻ- پنوائجڻ- گھمرو ڪائڻ- ڦيرو ڪائڻ. پريشان ڪيڻ- پروڙجڻ. (گھمائيو- گھمائيندو- گھمائيل).
- گھمائيءُ ۽ گھمائيءُ: ذ. متي ڦرڻ واري حالت- پنوائي- ڦيري- گھمري.
"ڪا ڪن وَهي وسيري جا گھائي گھمائي" (سر آبري- شاهه).
● گھماگھمُ: ذ. (سن. گھناگھن = پرپُور) پرپُور- ٽلهو- ڳوڙهو- گيھرو- ڳُٽيل. گھٽائي وارو- جھجھائي وارو.
● گھمائيڻُ: مصدر. (پرا. گھمتاو. سن. گھورڻ = گھمائڻ). چڪر ڏيارڻ- ڦيرائڻ- هلائڻ- چلائڻ. آٽلائڻ- پٽلائڻ- هيٺ مٿي ڪرڻ. هوا خوري ڪرائڻ- ٽهلائڻ- سير ڪرائڻ. (هٿيار) لوڏڻ. هلائڻ- (ڪنهن ٽاڻءِ ۾ ڪاڏو) جھڳڻ- جھوڳڻ- چاچولڻ. آسري ۾ رکڻ- فريب ڏيڻ- دلبو ڏيڻ. تنگ ڪرڻ. (گھمائيو- گھمائيندو- گھمائيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گُھمائي مارڻ: زوريءَ ڪٽي وڃڻ. دغا سان مارڻ ـ ٺڳيبازي ڪرڻ. زبردستي ڪرڻ ـ تنگ ڪرڻ ـ ماري مڃائڻ.

● گُھمڻتاري ۽ گُھمڻتاريُون: ث. چڪر ـ گھوم ـ ٽورو سير ـ هواخوري ـ تفريح ـ پسار ـ جھوت ـ شڪل شڪار ـ چرخ شماري. چڪري ـ ڦيري ـ ٻنواڻي. ٽلاڻي ـ پٽلاڻي.

ـ گُھمڻتاري ڏيڻ: گُھمڻ ڦيرڻ ـ چڪر ڏيڻ ـ سير ڪرڻ ـ هواخوري ڪرڻ ـ پسار ڪرڻ ـ تفريح ڪرڻ. ڦيراڻي ڪيڻ ـ ٻنڌواڻي ڏيڻ.

● گُھمڻتُ ۽ گُھمتَ (ل): ذ. ناز نخرو ـ ناھ نُوھ ـ تال تُول ـ راڳ رُوپ ـ انگل آرو.

● گُھمڻجڻ: مصدر. آلو ٽيڻ ـ ماکجڻ ـ سيلابجڻ ـ آبوڪو ٽيڻ ـ گھميل ٿيڻ ـ پاڻياڻجڻ ـ ٻوسلجڻ (گھميو ـ گھمندو ـ گھميل).

● گُھمڻچڙُ ۽ گُھمچڙَ: ذ. شور ـ فساد ـ جھيڙو ـ جھگڙو ـ هنگامو ـ آواز ـ گوڙ ـ غلغلو ـ ڏمچر.

● گُھمُرا: اسم خاص. ذات جو ھڪ نالو.

● گُھمرو ۽ گُھمرا: ذ. (سن. گھورڻ=) پيرو ـ دفعو ـ وارو ـ مرتبو ـ پرڪو ـ وار ـ لڳڻو. گرداب ـ ٻنور ـ ڪُن ـ چڪر ـ ڦيرو ـ گيڙو ـ وراڻو ـ نؤبت. بيماريءَ جو ھڪ قسم ـ دست.

ـ گُھمرا ٻوڙ: بدھاضمي سبب پيٽ ۾ ھوا جو ٻرڻ.

ـ گُھمرو آچڻ: ذ. ڦيرو آچڻ ـ چڪر آچڻ ـ ڦيراڻي آچڻ ـ بيھوشي اچڻ ـ مغز خراب ٿيڻ ـ دل گھبرائڻ. آجھڙجڻ ـ مشڪلات ۾ ڦاٿڻ ـ تڪليف ۾ اچڻ ـ دربدر ٿيڻ.

ـ گُھمرو ٿيڻ: گھڙي گھڙي ڪاڪوس جو خيال ٿيڻ.

ـ گُھمرو ڏيڻ: پيرو ڏيڻ ـ ڦيرو ڏيڻ ـ چڪر ڏيڻ. دلاسي ۾ رکڻ ـ دغا ڏيڻ ـ فريب ڪرڻ ـ ٺڳي ڪرڻ ـ نقصان پھچائڻ. عذاب ڏيڻ.

ـ گُھمرو ڏيئي بيھڻ: ناس ڪرڻ ـ نابود ڪرڻ ـ تباھ ڪرڻ ـ فنا ڪرڻ ـ ڇڏ ڪرڻ ـ آسرو لاھي ڇڏڻ.

ـ گُھمرو ڪڍڻ: وارو ڪيڻ ـ وراڻو ڪيڻ. ڪاوڙ ڪرڻ ـ غصي ۾ اچڻ. چڑ ڪيڻ ـ ڏمکي ڪيڻ ـ خار ڪيڻ. ٺڳي وڃڻ ـ دغا ڪرڻ ـ فريب ڪرڻ ـ دوکو ڏيڻ.

ـ گُھمرو گھٽي: ث. واري ڦيري ـ جاچ جُوچ ـ اچ وچ ـ ڏيک ٻال ـ سنيال سڙي.

ـ گُھمرو لڳڻ (ت). آن جو خراب ٿيڻ. وارو ورڻ.

ـ گُھمرو نه ڪرڻ: پيرو نه ڪرڻ ـ دفع نه ڪرڻ ـ نه اچڻ ـ خبر نه وٺڻ ـ سار نه لھڻ ـ يادگيري نه ڪرڻ.

ـ گُھمري ۽ گُھمريُون: ث. متي يا دماغ جي بانئٽي يا ڦيري ـ چرخ ـ ٻاڻ ـ چڪر ـ ڦيرو ـ گھمتاري.

ـ گُھمري ڏيڻ: ملھم ۾ اٽڪل ڪري اوچتو ڦيري ڏيئي ڪيرائڻ ـ وڪڙ ڏيئي ڦاسائڻ ـ رفت سان ڪم ڪيڻ ـ چالاڪي ڪرڻ ـ دلبو ڏيڻ ـ فريب سان ڦاسائڻ. ڇيھو پھچائڻ ـ نقصان پھچائڻ ـ ڦيري ڏيئي ھڙ مُوڙي ڪائي وڃڻ.

ـ گُھمري ڪڍڻ: ث. ڏمکي ڏيڻ ـ چڑ ڪيڻ ـ دب ڪيڻ ـ چنڊ ڪيڻ. زيربار ڪرڻ ـ ھيٺ مٽي ڪرڻ ـ گھٽ وڌ ڳالھائڻ ـ ٻڌ شڌ ڳالھائڻ.

● گُھمُستان ۽ گُھمستانَ: ذ. (سن. گھور شمشان > گھر + ستمُستان = گھمسان). ماٺھن جو گوڙ ھ ـ ميڙ ـ انبوھ ـ ڪٺ ـ گوڙ ـ ھُجوم ـ ھنگامون ـ ھشام. شور ـ ھُل ـ غوغاءُ ـ ٻائيتال ـ ڏمچر ـ اُٺ ـ گڙبڙ ـ ڏور ـ ڪڙڪو ـ غلغلو ـ ڪرگل ـ ھنبس ـ ٻڙڌام ـ غوغا ـ ھشر ـ واڪو. لڙائي ـ جڏ ـ جنگ ـ خونريزي ـ چتي جنگ ـ جھيڙو. ڪوس. مونجھارو ـ ڏڦير ـ جھگوڙ ـ بکيرو ـ خلل ـ رولو ـ ڦٽاڙو ـ بي آرامي.

● گھتمُستانُ ۽ گُھمُستانَ: ذ. جھگوڙ ـ فساد ـ گھمسان. مانڊاڻ ـ ماچانگ ـ شور ـ ھُل ـ غوغاءُ ـ ٻائيتال ـ ڏمچر ـ اُٺ ـ ڪڙڪو ـ غلغلو ـ ڪرگل ـ ھنبس ـ ٻڙڌام ـ غوغا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھمڪوڙ ۽ گھمڪوڙ: ذ. گوڙ - شور - هُل - گهمسان - غوغاءُ - ڪڙڪو - ڏوم - لڙ - ٻائيتال. مولجهارو - گڙٻڙ - وائڙائي - بکيڙو - رولو - رگڙو.

● گھمڪھمو ۽ گھمڪھما: ذ. پاڻي گرم ڪرڻ جو ٽاڻ - ستاوار.

● گھمڻ ۽ گھمڻ: ذ. صفت. گھمڻ - جاڻو - جبرو - جوڌو - پهلوان - بانڪو. ناهوڪو - سهڻو - حسين - دلبر.

● گھمنڊڙ ۽ گھمنڊڙ: ذ. صفت. سيلاني - شيلاني - چڪر ڏيندڙ - ڦرندڙ - هلندڙ.

- گھمنڊڙ زال ۽ گھمنڊڙ زالون: ث. ٻاهر ڦري (زال) - بد اخلاق عورت - چڙواڳ عورت - بد فعل عورت - بي حيا عورت - بي شرم عورت.

● گھمنڊ ۽ گھمنڊ: ذ. (سن. گرمتن > ڪرو = وڏائي) هٺ - وڏائي - فخر - تڪبر - ايمان - بانور - اهنڪار - غرور - مغروري - آڪڙائي - ڪر - فر. اِغماض. ناز. (ت).

- گھمنڊي ۽ گھمنڊي: ذ. ايمان ڪندڙ - تڪبر ڪندڙ - فخر ڪندڙ - هٺ ڪندڙ - بانور ڪندڙ - اهنڪار ڪندڙ - وڏائي ڪندڙ - آڪڙ ڪندڙ. ناز ڪندڙ. (ت).

● گھمڻ ۽ گھمڻ: ذ. صفت. تمام وڏو - جبرو - جُنگ - جوڌو - پهلوان - بانڪو - بهادر.

● گھمڻ: مصدر. (سن. گمن > گھورڻ = گھمڻ) هلڻ - رمڻ - چلڻ - ڦرڻ - پنڌ ڪرڻ - ٽُرڻ ڦرڻ - جنگهون ساهڻ - ٿهلڻ - شڪل ڪرڻ - سير ڪرڻ - تفريح ڪرڻ - ڏسڻ - وائسڻ - چڪر هڻڻ - پسار ڪرڻ - رلڻ - پڪڻ - پڪ - پنوڻ - لڪڻ - وَڃڻ - پرمڻ - ڪلڪڻ - آجهڙڻ. چوڌاري ڦرڻ - چڪليءَ پائڻ - گول ڦرڻ. (اسم خاص). گاهه جو هڪ قسم. (گھمیو - گھمندو - گھميل).

- گھمڻ ڦرڻ: پسار ڪرڻ - شڪل شڪار ڪرڻ - تفريح ڪرڻ - گھمڻ گھمڻ - پرمڻ پڪڻ - پڪ پنوڻ - جنگهون ساهڻ.

- گھمڻ گھوڙو ۽ گھمڻ گھوڙا: ذ. رُلندڙ - گھمندڙ - ڦرندڙ - سير ڪندڙ - تفريح ڪندڙ - پڪندڙ - سَئيلاني - سياح - رولو - گھومڻ - رمڻ - رولاڪ - رول.

- گھمڻ وَڃڻ: چڪر هڻڻ لاءِ وڃڻ - سير لاءِ وڃڻ - تفريح لاءِ وڃڻ.

● گھمڻگھوڻو ۽ گھمڻگھوڻا: ذ. گھمڻ نشيدار شين کي گڏي گھوڻڻ جي حالت.

● گھن ۽ گھن: ذ. مارتول - لوهه جو هڪ اوزار - لوهه جو وڏو اوزار - وڏاڻ - هٿوڙو - مترڪو. (سن. گھن = بادل) بادل - ڪڪر - بادلن جو هُجوم. چالاڪ - عيار - اٽڪلي. لُچ - بد معاش - اوباش - رهزن - غدار - ڦورو - ٺڳ. جُنگ - جوڌو - پهلوان - بهادر.

- گھن چڪر ۽ گھن چڪر: ذ. صفت. چالاڪ - عيار - اٽڪلي - ٺڳ. لُچو - بد معاش - اوباش - رهزن - ڦورو - د غاباز - دلبي باز - د وکيباز - فريب ڪندڙ.

● گھن: صفت. گھاٽي. (ديوان صورت بهار ۲۳۱).

● گھن: (سن. گُو) پائخانو - جسم مان خارج ٿيندڙ گند.

● گھنيئر: اسم خاص. ٿر ۾ گاهه جو هڪ قسم.

● گھنيتيريءَ ۽ گھنيتيريون: ث. چالاڪي - اٽڪل - حرفت - دلاسو - پاليسي. ڏاڻ - ٺڳي.

- گھنيتيريءَ باز ۽ گھنيتيريءَ باز: ذ. صفت. چالاڪي - اٽڪلي - حرفتي - چالاڪ - سياڻو.

- گھنيتيريءَ چاڙهڻ: چالاڪي ڪرڻ - اٽڪل ڪرڻ - د غا ڪرڻ - د وکيبازي ڪرڻ - حرفت بازي ڪرڻ - بد معاشي ڪرڻ.

- گھنيئريءَ هٿيئڻ: ٺڳي ڪرڻ - د ولاب ڪرڻ - فريب ڪرڻ - مڪر ڪرڻ - د وکيبازي ڪرڻ.

- گھنيتيريءَ ميلائيڻ: چالاڪي ڪرڻ - اٽڪل ڪيڏڻ - حرفت هلائڻ. دلاسو ڏيڻ - ڏاڻ ڏيڻ - بد معاشي ڪرڻ - رهزني ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گھنٽيڑي هٿڙ: ٺڳي ڪرڻ ـ دولاب ڪرڻ ـ فريب ڪرڻ ـ مڪر ڪرڻ ـ دوکيبازي ڪرڻ.

● گھنٽيو ۽ گھنٽيا: ذ. (سن. گھنٽي = وقت) ڪلاڪ ـ بتجو ـ وقت. گھنڊ. گھنڊ. (گاڙگند جو ڇڙو الفاظ) ڪن ـ لڙو ـ آلت ـ ڪاڙھ. (سن. گنٽ = گھنٽو) ماپ جو ھڪ عدد. جريب جو ويھون حصو.

● گھنٽيلي ۽ گھنٽيليون: ث. ھٿي سان نندو گھنڊ ـ گھنڊي ـ گھنڊي ـ ٽلي ـ چڙي ـ چنگ ـ واڄو.

● گھنٽيتري ۽ گھنٽيتريون: ث. صفت. چٽ چمر ـ ڪشاپي ـ دم دلاسو ـ راڳ ـ ٺمري ـ ور ڏنو.

● گھنٽ ۽ گھنٽجون (ت): ذ. ھيٺ لڙيل سڪن سان مينھن يا ڏاند جو ھڪ قسم. "ڏڳو گھنٽ مينھن پيل".

● گھنٽجڻ: مصدر. (سن. ڪنٽج = گھنٽ) گھنٽ وجھڻ ـ ور وڪڙ ٽيڻ ـ پيچدار ڪرڻ ـ سرن ـ چنڻ. (گھنجو ـ گھنجندو ـ گھنجيل).

ـ گھنٽ ۽ گھنٽ: ذ. ڪپڙن ۾ سر ـ چڻ ـ ڪنٽ ـ پڳ ـ توڪ ـ تاڪ ـ ور ـ وڪڙ ـ وٽ ـ ويڙھ ـ ڳوپ ـ پيچ ـ تھ ـ تڻ تڻ. ڳنڍ. گنڊ ـ پيچيدگي ـ الجھن ـ مونجھارو ـ جھگڙو ـ گول ۾ مول.

ـ گھنٽجائن: مصدر. ڳچائڻ ـ (ڪنب) ڪانڊارجڻ. گھنڊ پائڻ ـ مٺھن ڇڙو ڪرڻ. چڻ چڻ ڪرڻ ـ تھ ڪرڻ ـ ڳچائڻ ـ چٽائڻ ـ موڙڻ سوڙڻ ـ ور وڪڙ ڪرڻ.

ـ گھنٽ ٽين: سر ٽين ـ ور وڪڙ ٽيڻ.

ـ گھنٽجڻ: مصدر. ويڙھجڻ سيڙھجڻ ـ چڻ چڻ ٽيڻ ـ تھ ٽيڻ ـ ڳنڍجڻ ـ ڳنڍ جڻ. مٺھن ۾ شور وجھڻ. (ڪنب) ڪانڊارجڻ.

ـ گھنٽجر ۽ گھنٽجر: ذ. گھنٽ واري ـ گھنڊيدار ـ گھنجيل ـ موڙيل سوڙيل ـ وڻيل سٽيل ـ چٽيل.

ـ گھنٽجٽا: گھنٽجن واري ـ ڪنٽجن واري ـ وريل ـ ور وڪڙن واري.

ـ گھنٽج وجھ: وڙ وجھڻ ـ شور وجھڻ ـ گھور ڪرڻ.

● گھنٽج ۽ گھنٽجون: ث. خوشي ـ موج ـ بھاري ـ سرمائي ـ عيش ـ جشن ـ لذت ـ مزو ـ لطف. فرحت ـ آرام ـ مرضي ـ وند ر ـ رھسو ـ رھس ـ پوڳ ـ حظ.

● گھنٽج: اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● گھنٽچي: اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● گھنٽ ۽ گھنٽ: ذ. گھڙيال. وڏو چڙو ـ گھنڊ. (صفت) ڏاڍو مڙس ـ بھادر ـ جنگ ـ پھلوان ـ جوڌو ـ ڪوپو ـ گھيڙ. ڪواسي ـ واترادو ـ پتاڪي ـ گھڻ ڳالھاڙو ـ داڙي.

ـ گھنٽارو ۽ گھنٽارا: گھنڊ ھٽل جانور ـ گھنڊ وارو.

ـ گھنٽٽي ۽ گھنٽٽيون: ث. نندي گھنڊڙي ـ نندي ٽلي ـ نندي چڙي ـ گھنٽي.

ـ گھنٽي ۽ گھنٽيون: ث. نندي ٽلي ـ چڙي ـ گھنڊي.

ـ گھنٽيء لار: وڏي يا نندي چڙي جي وچ ۾ ھڪ ڪاڻ يا لوھ جو آواز پيدا ڪندڙ ٽڪر. ٽلي ـ گھنٽي ـ چڙي.

● گھنٽ ۽ گھنٽ: ذ. (سن. گھنٽا). وڏو گھنڊ ـ وڏو چڙو ـ وڄائڻ جو ساز.

ـ گھنٽاڙو ۽ گھنٽاڙا: ذ. صفت. گھنڊ واري.

ـ گھنٽڙي ۽ گھنٽڙيون: ث. نندو گھنڊ ـ چڙي ـ گھنٽي ـ وڄت جو ساز.

ـ گھنٽڪي: نندي گھنڊڻي جا مال ڪي پڌجي.

ـ گھنٽيلي ۽ گھنٽيليون: ث. ڏاتوءَ جي ٿيل نندڙي گھنڊڻي جا ھندو قوم پوڄا ۾ وڄائين. نڍن پالتو جانورن جي ڳچيءَ ۾ سونھن لاءِ ٻڌل چڙي يا مٿر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھُنڊُ ۽ گھُنڊَ: ذ. جھُنڊُ - نقاب - پڙد و. نازُ - نخرو - ماڻو - انگل - لاڏ. شور - گھُنڊُ - سُونڊُ.

- گھُنڊُ ڪرڻُ: منهن ڏيکڻ - جھُنڊ ڪرڻ - نقاب ڪرڻ - پڙد و ڪرڻ. ناز ڪرڻ - نخرو ڏيکارڻ - ماڻو ڪرڻ - انگل ڪرڻ - لاڏ ڪرڻ.

- گھُنڊُ وُ ۽ گھُنڊا (ل): ذ. صفت. منهن ۾ مترَ وڌل - منهن ۾ شور پيل - گھُنڊ وارو - ڦوندِ وارو - هٺ وارو - مغرور - هٺيلو - سيٽيل - آڪڙيل - شوريل.

- گھُنڊُڙِي ۽ گھُنڊِيُون: ث. گھُنڊ - وَڪڙ - وَٽُ - پيچُ - ڳنڍ - مُنجهه. سُونڊ. زُلف - ڪاڪل. مترُ - وَرُ - ڏنگ - اردائي - ڏنڪائي - بدمعاشي.

- گھُنڊُڙِيارُو ۽ گھُنڊُڙِيارا: ذ. گھُنڊيل - مُنجهيل - مُوڙهل - وڪڙيل - جڪڙيل - ڳنڍيل - گھُنڊيدار. مشڪل - اهنجو.

● گھُنڊُڙڪ: اسم خاص. جوئر يا باجهر جو خالي سٽُنگ.

● گھُنڊُلاڙ: ذ. ڪُنهن جو ٽانون تي پيٽُ ڪيڏ جو هڪ قسم.

● گھُنڊُو ۽ گھُنڊا: ذ. وَڪڙ - وَرُ.

● گھُنڊُڙِي: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گھُنڊُڙِي ۽ گھُنڊُڙِيُون: ث. گھُنڊ - سُونڊ - شور. وارن جا وَرَ وَڪڙ - ڪاڪل. اناج جي ٻوٽي ۾ مٽان ڦٽل داڻو يا ٻُور. ڪڻڪ آڻ وقت ڏاڳي ۾ رهجي ويل ڳنڍ - سترُ - مونجهارو - ليٽَ - ناڙُ - ٻوٽ و - ٻوداندو - گوگيڙو. مُڪترُ - ڪَتِيتُ. اندر ٻيرين. رَنڊڪ - روڪ - اٽڪ. پنگ جي سنگ جا ذرا ذرا. نازُ ۾ ڪڍڪ جا سنگ - اُنُ نڪتل جوئر جو سنگ.

- گھُنڊُڙِي پيتُ: پنگ جو سنگ ٻور ٻور ڪري ڪوٽي ٻڌ - نشيدار شيءِ پيڻ.

- گھُنڊُڙِيدارُ ۽ گھُنڊُڙِيدارُ: ذ. صفت. گھُنڊي وارو - گھُنڊي پيل - ورن وڪڙن سان.

● گھُنڊُڙِيلتُ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گھُنڊُگھتُ ۽ گھُنڊُگھتَ: ذ. گھُونگھٽ.

● گھُنڊُگھترُ ۽ گھُنڊُگھترَ: ذ. (پرا. گھنگھل = مونجهارو) مونجهارو - لڙ - گڙبڙ - گھمسان - وائڙائي - ٻائيتال - بکيڙو - رولو - گھمگوڙ. اِبتلاءُ - دقت - پريشاني - هلاڪي - اهنج - دهرم - گھانگهو - گُٽ - ڏڪ - تڪليف - مشڪل - مصيبت. بيقراري - غم - ارمان - ڏک - پريشاني - ڳڻتي - فڪر - چنتا - انتظار - اوڪيا ٿوڪيا. آدڪو - وسواس - انديشو - سانگو - اونَ - اوسيڙو. سُڃَ - پيچنگ.

- گھُنڊُگھترِجڻُ: مصدر. منجهڻ - حيران ٿيڻ - پريشان ٿيڻ. مشڪل ۾ اچڻ - مصيبت ۾ پوڻ - وڏي معاملي هيٺ اچڻ - ڏکوئڻ - مونجهاري ۾ پوڻ - گڙبڙ ۾ پوڻ - رولي ۾ پوڻ - بکيڙي ۾ پوڻ - ميرن ڦاٽل ڪپڙن ۾ ملبوس هجڻ.

- گھُنڊُگھترُ گُذارَنُ: ڏڪ ۾ گذارڻ - پريشان حال گھارڻ - مُفلسي ۾ پوڻ - مصيبت ۾ پوڻ - د رد سَري هيٺ اچڻ.

- گھُنڊُگھترُ ڳچيءَ ۾: آزار ڳچيءَ ۾ پوڻ - مصيبت ۾ هار متي تي ڪڍڻ.

- گھُنڊُگھترُ گھارَنُ: ڏکيو گذارڻ - تنگ گذارڻ - پريشان حال گذارڻ. تڪليف ۾ پوڻ - اهنجن ۽ مصيبتن ۾ گذارڻ.

- گھُنڊُگھِريُو ۽ گھُنڊُگھِرِيا: ذ. صفت. ڏکن جو ورايل يا ماريل - ڏکيو.

● گھِنڊُگھيروُ ۽ گھِنڊُگھيروُ: ذ. (سن. گھترگھترا = زيور جهڙو گھِنڊُ > گھن = هن = مارڻ + گھر = آواز ڪرڻ > ڪِنڪِڻِيُ = گھِنڊ ٽي) چپرَ - تلي - چڙي - گھنگھڙو - چير جو هڪ داڻو - ميٽر. هارن جي پيرن جا زيور. جانورن جي ڳچيءَ جو زيور. آٽ جي سنج جو هڪ قسم. هڪ ساز جي وڄت جو قسم. (ث. گھِنڊُگھيرِيُ ۽ گھِنڊُگھيرِيُون).

● گھنڌواراھ: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھنڪھنُ ۽ گھنڪھٽا: ث. ڪاڪ ڪي ڪائيندڙ جيت جو هڪ قسم.

● گھنگھيڙو ۽ گھنگھيڙا: ث. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم. پڳل وَهڙ جو هڪ قسم - گوگڙو.

● گھنڪھيڙي ۽ گھنڪھيڙيُون: ذ. (سن. گت = آواز ڪرڻ يا پون پون ڪرڻ) جيت جو هڪ قسم. ڪٽني - چنتا. ٻيهو يا ڪورو مرض. دُنبي جي دُنب جي چربيءَ جا ٻاهم تي ڇاڻي سيڪ ڪيل ٽڪر. چٽڻ، مٽڻ جو اوزار. نئين ڏو ٻيٽ - چمڪندڙ. ڪوڪڙو. ڦوڪ. ماڻهوءَ جو ڏسڻ ۾ مائيٽو ۽ حقيقت ۾ هوشيار هڻڻ - داناءُ هڻڻ. (ت).

● گھنڪھورَ ۽ گھنڪھورُون: ث. (سن. گھن = گھاڻو + گھر = آواز ڪرڻ) ڪٽڪڙن جو سيڙ - بادلن جو هُجوم - گھاڻا ڪٽڪڙ - ڪوڙها بادل - هڪٻئي سڃاڻ ڪٽڪڙن جا تهه. رُهيي. مشڪل معاملو - مصيبت واري حالت - ڏکويل حالت - اهنج واري حالت - پريشاني حالت.

● گھنڪوَرَ ڏَنيڻتا: فرمائش - نرمي - ملايميت - نرمائي - ڪُڻائي - پٽڙائي - پتلائي.

● گھنڪيي ۽ گھنڪيُون (ڪ): ث. ڪنن وريل ڪريءَ جو هڪ قسم. ٽسر ۾ ٽيندڙ راند جو هڪ قسم.

● گھنڪيتا: اسم خاص. ذات جو هڪ نالو (اڪثر خيرپور رياست).

● گھنڪِ ۽ گھنڪوُن: ث. (سن. گن = زياد گي) گھٽائي - جھجھائي - زياد تي - زياد گي - متو - ڪوڙ - اِلاهي - گچ - گپل - بي انداز

"گھٽن پُٽان ڪترَ مھڙو،
گھڙ مينڍھان ڪٽِ گھٽ" (نامعلوم)

گھڙو انداز. ٻيهڻ - ميڙ - ڪٺ - ميڙاڪو - گاهت - گوڙ. جماعت. وڏيڪ - وڏ ڪائي - فرط - نهايت - سياري. اَجھلائي - ايڏ نگائي - بوالفضولي - ايڏ نگو خرچ.

▬ گھٽَ آچروُ: ذ. گھڻ اکرو - لفظ وارو. گالھائو - ڏيکھارو - ڪاڏارو - ڏيگھ ڪندڙ - لانڊارو - وستاري - طول طويل.

▬ گھٽِ اَکِروُ: ذ. صفت. گھٽن لفظن وارو - گھڻ اچرو - ڏيگھارو - لانڊارو - ڪاڏارو - ڏيگھ ڪندڙ - وستاري - طول طويل.

▬ گھٽِ ٻِجو: ذ. صفت. گھٽن ٻجن وارو - ڪردار - ميوه دار.

▬ گھٽِ پِتلائيُ ۽ گھٽِ پِتلائيُون: ث. ياراني - لڙهه وڇڙ - لهه وڇڙ - پريت - صحبت - ٺهڪ - گھاڻلي مائلي - ڪھرائي - گھاڻائي - دوستي. مهرباني - احساني.

▬ گھٽِ پَرمٽاٽو: ذ. چار يا وڏيڪ پرماڻا.

▬ گھٽِ پِيتارِيُ ۽ گھٽِ پِيتارِيُون: ث. عام - رواجي - هالو چالو - معمولي. پائيواريءَ واري (زمين وغيره).

▬ گھٽِ جَٽاڻُ: ذ. گھڻو جاڻندڙ - داناءُ - ڄاڻو - قابل - سياڻو - ڏاهو - سڃاڻ - عقلمند.

▬ گھٽِ خَرُچو ۽ گھٽِ خَرُچَا: ذ. گھٽي خرچ واري (ڪابه شيءِ) قيمتي - مهانگي. وڏو خرچ - وڏو خرچ ڪائيندڙ - آڏائو - بي فضول - لٽائو. عالیشان - رونق دار.

▬ گھٽِ ڏَنھوٽو ۽ گھٽِ ڏَنھوٽَا: ذ. گھڻن ڏينهن جو - گھٽي وقت جو - ڪيتري وقت جو - گھڻو اڳي - آڳاٽو - پُراڻو - جھُونو - ڪيتري مدت جو - گھٽي عرصي جو.

▬ گھٽِ رُخو: گھڻن پاسن وارو.

▬ گھٽِ رَسُو: ذ. رسائتو - گھٽي رس وارو - پاڻيءَ وارو - تترُ - رَسدارُ.

▬ گھٽَ رَقمو: وڏي رقم يا خرچ وارو.

▬ گھٽَ ڪُنڍو: گھڻن ڪُنڍن وارو.

▬ گھٽِ ڪَرو: عام طرح - اڪثر - گھڙوڪري - عموماً - رواجي طرح - عام - پڌرو. جيڪر. عام چراگاهه. هميشه جو.

▬ گھٽِ گِٽالِھٽائيٽو: ذ. واترادو - وڏ واتيو - بکبکيو - گالھير - وات ڏارُو - پٽورُ - فصير - وات ڳالھائو - ڏاڙو - ڏهل - يخي هٽندڙ - گھڻ ڳالھائو.

▬ گھٽِ گِٽالِھايو: واترادو - وڏ واتيو - بکبکيو - وات ڏارو - پٽوڙ - فصر - وات ڳالھو - ڏاڙو ڏهل - يخي هٽندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گھٽگھرائيءَ ۽ گھٽگھرائيءُنءَ: ث. خيرخواهي- پلائي- مهرباني. جهجهو پيار.

ـ گھٽِ گھرو ۽ گھٽگھرَا: ذ. پلو چاهيندڙ- سلامتي گهرندڙ- گھٽو گهرندڙ- پيار ڏيندڙ- پلومانس- خيرخواهه- نيڪ انديش. محبتي- همدرد- شُبهُ چنتڪ- دعا گو- ڪجندڙ- پائيندڙ.

ـ گھٽِ متيوءَ ۽ گھٽَ متيا: ذ. گھٽين متين تي هلندڙ- ڦرٽو گهرٽو- اڻ پختو- ڏڏو- لچڪٽو- چترنگ. چنچل- ڦرتيون ڪائيندڙ- اوقاتي ٻهه رنگي- ڳٽي خور- سرد گرم. دلواليو- بي وفا. هرفن مولياڻ- هر هنرو. حرفتي- چلولو. بي قرار.

ـ گھٽِ ۾ پوَنڻ: گرڙ ۾ پوڻ- هجوم ۾ پوڻ- گهمسان ۾ پوڻ. هوش ڪان نڪري وڃڻ. گھٽي پسار ۾ پوڻ. ڏکيئن ڳالهين ۾ پوڻ- اچائي سچائي ٻَڪَ ڪرڻ- زيادتيءَ ۾ وڃڻ- گھٽ و ڳالهائڻ- ڏَڪَ ۾ پوڻ- پٽَ ٿڙ ۾ پوڻ- دنيا گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ- مال ميڙائو ٿيڻ- لُڇاين ۽ ايذ نگين چالن ۾ پوڻ- اڃايا سڃايا رستا هلڻ- بي حيا ٿيڻ- بي ايمان ٿيڻ.

ـ گھٽِ واختيائيءُ ۽ گھٽِ واختيائيءُنءَ: ث. پريشاني- مونجهارو- هلاڪي- مصيبت- تڪليف. آندماند. حيراني. ڪ ۾ رڌل هڻڻ واري حالت- مشغولي- ڪ.

ـ گھٽِ واڪتائيءُ ۽ گھٽِ واڪتايُنءَ: ث. ڪ ۾ رڌل هڻڻ واري حالت. مشغولي- ڪ. گھٽ واختائي.

ـ گھٽِ واڪيتوءَ ۽ گھٽِ واڪيتا: ذ. ڪ ۾ گھٽو مشغول- ڪ ۾ رڌل- ڏنڊي سان لڳل.

ـ گھٽِ واهيتوءَ ۽ گھٽِ واهيتا: ذ. گھٽن ڪمن ۽ خيالن وارو.

● گھٽُءَ ۽ گھٽَءَ: ذ. وٽوهڙ- وڏاڻ- هٿوڙو- متڪو- گھٽَنُ.

● گھٽُءَ ۽ گھٽَءَ: ذ. جيت جو هڪ قسم- گھٽو.

● گھٽائيءُ: مصدر. ڪ جي آواز سان ڳالهائڻ- گھٽو ڳالهائڻ- منائڻ. (گھٽائيو- گھٽائيندو- گھٽائيل).

● گھٽڪورَ ۽ گھٽڪوروُنءُ: ث. گھنگهرن جو آواز. گھنڊ جو آواز.

● گھٽِڪَنءُ: مصدر. (سن. ڪنڪٽي = گھنگهرون) گھنگهرن جو آواز ٿيڻ- چمڪڻ- چٽڪڻ- وڄڻ- ٽڙڪڻ- ٽڙڪو ڪرڻ (ڪنن ۾ ٻُرڻ- گھنڊ وڄائڻ- گھنٽي هڻڻ. (اسم). آواز جو لفظ. (گھٽڪايو- گھٽڪو- گھٽڪايل).

ـ گھٽِڪارَ ۽ گھٽِڪاروُنءُ: گھنڊ جي وڄڻ جو آواز- گھنگهرن يا چير جي چٽڪار- ٻال يا ڪينهوڙي جو آواز- واڄت- ٽڪاءُ- ٽِٽاڪ- چمڪاٽ- چمڪو- گھٽ گھٽ.

ـ گھٽِڪائيءُ: مصدر. وڄائڻ- واڄو ڪرڻ- گھٽڪار ڪرائڻ- چمڪاٽ ڪرائڻ- چٽڪاٽ ڪرائڻ- گھٽ گھٽ ڪرائڻ.

● گھٽِ گھٽِ ۽ گھٽِ گھٽِ: ث. گھنڊ جو آواز- گھنڊ وڄڻ جو آواز- چڙي جو آواز- گھنڊ ٽيءَ جو آواز- گھنگهرن جو آواز. واڄت- ٽِن ٽِن- چٽ چٽ. جيئن:

"گھٽ گھٽ گھنڊ ليون چمڪن چيريون"

(حاجي خانڻ).

● گھٽوءَ ۽ گھٽا: ذ. صفت. (سن. گھن = گھٽو) جهجهو- متو- زياده- جام- بسيار- جال- ڪَٽهل- ٻَهون- گاڙهو- سُٻَتيل- ڏاڍو- ڪچ- ڪئين- ڪيترائي- گھڻي ئي- انيڪ- سڀهو- ڏينهين ڏينهن- وافر- ريل پيل. (ظرف). نهايت- تمام- خوب- اتينت- عموماً- اڪثر- گھٽو ڪري- گھٽڪرو- عام طرح- رواجي نموني- سڄو ڀڄو- ڪو (لڳ)- بلڪل- زور- نيور نٽ يا اڻان (چريو).

ـ گھٽا سترَ آٽلائيءُ: گھٽا زمانا ڏسڻ- آزمودگار هڻڻ- تجربيڪار هڻڻ.

ـ گھٽائيءُ ۽ گھٽائيُنءُ: ث. جهجهائي- وڌيڪائي- زياد تي- متر سائي- عميقائي- سُڪَرُ- سبز سالي- انيڪتا.

ـ گھٽوءُ تٽوءُ: اڪثر ڪري- گھٽو ڪري- عام طور- عموماً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▬ گھٽو ٽيڻ: کي کين ٽيڻ.
▬ گھٽو ڪري: عام طرح - اڪثر ڪري - جيتوڻيڪ - عموماً. گھڻ ڪرو.
▬ گھٽير ڙو ۽ گھٽير ڙا: ذ. گھٽيرو - ڪجھ وڌيڪ - البت سُٽوالو - ٿورو زياده. سرس - جام - جال - انيڪ - زياده - جھجھو - سٽو - عميق - ٻھون.
▬ گھٽيرو ۽ گھٽيرا: ذ. صفت. ڪجھ وڌيڪ - البت سنوالو - زياده - ڪجھ زياده. سرس - جام - جال - انيڪ - ٻھون - عميق.
▬ گھٽير يا: گھٽا - جھجھا - وڌيڪ - زياده.
▬ گھٽي و ٻھڻ سَوَ هُٽڻ: ڪيتري قدر ڏکيائي هڻ - ڪيتري قدر مشڪلات هڻ - ڪيتري مصيبت هڻ - ڪيتري قدر هلاڪي هڻ - ڪيتري قدر پريشاني هڻ.
● گھٽو ۽ گھٽا: ذ. (سن. گھڻ) ڪاڻ يا ان کي ڪائيندڙ جيت جو هڪ قسم - سُرو. (صفت). نڪ مان آواز ڪيندڙ (ماڻھو). سِنو ڳالھائيندڙ - نڪان ڳالھائيندڙ.
▬ گھٽو لڳڻ: جيت جو اَن کي ڪائڻ - سُرو لڳڻ. بيمار ٿي پوڻ - بيماريءَ ۾ گرفتار ٿيڻ. هڪدم پتلو ٿي وڃڻ - سنھو ٿي وڃڻ - ڪٿي پيدا ٿيڻ - فڪر ٿيڻ - پريشان حالت ٿيڻ - مشڪلات ۾ پوڻ.
● گھو (ت): ث. ڪجھارت - پرولي.
● گھوٻاٽو ۽ گھوٻاٽا: ذ. ڏنڊو - سؤنٽو - لٺ - ڏڪو - ڇڙھي - چوب - عصا - گرز. هر لاءِ لوھ جي چُوني (ت). آٻٽو جواب - آڏ نگو ڳالھاءُ - بي ڍنگ هلت - گار گند - گوڙ - فساد. (صفت) ٽلھو - متارو - موٽو - مُستنڈو.
▬ گھوٻاٽو چڙھڻ: (ت). زور يا دباءُ چڙھڻ. تنگ ٿيڻ - عاجز ٿيڻ - پريشان ٿيڻ.
● گھوٻاٽو لٽڪھائڻ: (ت). اغلام بازيءَ جي اصطلاح موجب مقعد ۾ آلت وجھڻ.
● گھوٻاري: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ هڪ ديھه جو ڏالو.

● گھوٻو ۽ گھوٻا: ذ. هر جو هڪ عضوو - زمين کي کيڙڻ لاءِ لوھ جو ٽھيل ڦار يا چوني. ڏوڙ. مٽ - حاصل. رنبڪ - انڪ - آڏ - جٽھل. (ت).
▬ گھوٻو ٻوٽ: (ت). ڪنھن شيءِ جو اڪ ۾ لڳڻ.
▬ گھوٻي ٻوٽيو: (ت). ڪنھي ڪنھن وارو.
● گھوٻي ۽ گھوٻيون (ل): ث. ٺڳي - دغا - فريب - غبن - چار سَوَ ويھ - بي ايماني - دوھُ - ترڪٽ - گھٽَ - ڪپٽ - دولاب - ويسا گھاتي - نقصان ٽوٽ. ڏڏو - روڪ (ت) هٿ جو لڪڻ. گاھ جو قسم.
▬ گھوٻي هٽڻ: ٺڳي ڪرڻ - دغا ڪرڻ - فريب ڪرڻ - ڪپٽ ڪرڻ - دولاب ڪرڻ - ويسا گھاتي ڪرڻ - ڏڏو ڪرڻ - روڪ ڪرڻ.
● گھوٽر ۽ گھوتر (ت): ذ. ڪاتل ڪپڙا.
● گھوتو ۽ گھوتا (ل): ذ. (ف. غوطه) ٻڏڻ وانگر ترڻ واري حالت - ڦڙن ۾ پاڻي پڄي وڃڻ واري حالت - غوطو - گوتو. ڦيرو - چڪر (ڪ) پٽ پٽ - ڪٽي.
"گھوتي م گھوتو مون کي محب ميھار جو"
(شاھ)
▬ گھوتا ڏيڻ: گھٽ گھٽ ڪرڻ - ڪٽيون ڪرڻ.
▬ گھوتا ڪائڻ: ٽپي هڻڻ - غوطه هڻڻ. گھگھٽيون ڪائڻ. پور پچائڻ - دل هڻڻ - ٻڏڻ ترڻ - ڪٽيون ڪائڻ. هڪڪ - هڏڪ. شڪجي ٻيھڻ.
▬ گھوتي ۽ گھوتيون (ڪ): ث. گھوتو - پور - پھت - پٽھ - خيال - ويچار. ڦيرو - بدل. جيئن "تو کي کھڙي گھوتي آئي".
● گھوٽ ۽ گھوٽ: ذ. (پرا. گوھه. سن. گوگھه = گھوٽ) تازي شادي کيل (ماڻھو) لاڙو - وَنو - ڪانڊ - ڪيرو. گھوٽو. شراب. (صفت) پھلوان - بھادر - غازي. خوش مراد ياب.
▬ گھوٽ ٻڌجي وڃي: بي اوسو ٿي وھڻ - بي پرواھ ٿي وھڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گھوتَ پِيءُ ٿي وِهَنُ: بي‌اونو ٿي وهڻ ـ بي خيال ٿي وهڻ ـ بي آلکو ٿي وهڻ ـ بي‌انتظار ٿي وهڻ. آنند م گذارڻ ـ آرام م گذارڻ ـ مک م گذارڻ ـ سکيو ستابو گذارڻ.

ـ گھوت ڪُنوار جو ڏکڻ چڙهڻ: شاديءَ جي هڪ رسم بجا آڻڻ.

ـ گھوٽيتو ع گھوٽيتا: پرڻجندڙ ماڻهوءَ جي پاسي وارا ماڻهو ـ لاڙي جي پاسي وارو ماڻهو.

● گھوٽتا ع گھوٽتا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ضلع حيدرآباد ۾ مڪرڻ اتر سرحد سنڌ ۾.

● گھوٽتارو: تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گھوٽالو ع گھوٽالا: ذ. (سن. گھٽ = بدل مدل ڪرڻ). بي بند وبستي ـ گڙبڙ ـ قڏ يڙو ـ اٽڪاءُ.

● گھوٽِڪو ع گھوٽِڪا: ذ. جنڊ جو آواز.

● گھوٽاٽا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گھوٽاٽو: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گھوٽَنُ: مصدر. (پرا. گھوٽ = گھوٽڻ. سن. گھٽگھت. گوشتهه) ڏندي ڪوندي ۾ وجهي رهڙڻ يا گهرڙڻ ـ خوب ياد ڪرڻ ـ بار بار پڙهڻ. مَلڻ ـ مهٽڻ ـ پيهڻ ـ ٽپوڙڻ ـ رڳڙڻ ـ گوهڻ ـ گهٽ ـ سنهو ڪرڻ (گھوٽيو ـ گھوٽيندو ـ گھوٽيل).

ـ گھوٽو ع گھوٽا: ذ. دوا طور ڪم آڻڻ لاءِ گھوٽيل بسارڪيون شيون ـ دوائن جي ملاوت ـ سُتي ـ جلاب. ٽاڊل جي شين جو مرڪب. پنگ جو رڳڙ. مهرو ـ مترڪو ـ ويلڻ ـ پيسٽو.

ـ گھوٽالائي (ت): پنگ گھوٽڻ.

ـ گھوٽي پِيارَنُ: نشو پياريڻ ـ برغلائڻ ـ ريهٽ ٻيڙ ـ چتَ ڏيڻ ـ پيار ڏيڻ.

● گھوٽِي: اسم خاص. تعلقي ننگر پارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ گھوٽِهين: اڪر.

"ونگا و ر َ پاڻ گھور ٻتي گھوٽِهين"

(شاهه ڪريم).

● گھو ُڙِيو ع گھو ُڙِيا: ذ. نوجوان ماڻهو. ٺهڪو ڦهڪو ـ لياقت پريو ـ سيبتو ـ ملوڪ ـ شوقين ـ ناهوڪو ـ ميل جهول وارو ـ قداور ـ بانڪو ـ جوڌو ـ جُنگ ـ پهلوان.

● گھو ُجارَ ڏِيَنُ (ڪ): منڊائي هلڻ.

● گھو ُچَنُ: مصدر. ڏوڪڻ ـ جهوڪڻ ـ ٽوڪڻ ـ دهي وجهڻ ـ قسڻ ـ ڏڻڻ ـ گهاڻڻ ـ ٽپوڙڻ ـ ڪُپو هلڻ ـ ڏوندڙو هلڻ ـ ٽِوڙڻ ـ ٽوڻ. (گھوچيو ـ گھوچيندو ـ گھوچيل).

● گھوچَ ع گھوچُونُ: ث. دبَ ـ قُسَ ـ ٽوڪَ. بيهوشي.

ـ گھوچَ گھوچَانُ: ٽوڪَ ٽوڪان ـ قُسُ قسان ـ دَب دبان.

● گھوچُ ع گھوچَ: ذ. گھوچو ـ پورُ ـ خيال.

● گھو ُچو ُ ع گھو ُچا: ذ. پُورُ ـ لهر ـ ويچار ـ خيال ـ ريچڪ ـ جهجهڪي ـ بدڪي ـ بدبدو ـ لهرو ـ ترنگ ـ وهم. جهوٽو ـ پنڪي ـ ڪٽي ـ فڪر ـ غم. ڏڪو ـ لوڏو ـ ڏوڏو. ڏيڪو. (ڪ).

ـ گھو ُچائِيُ ع گھو ُچائِيُ: ذ. پورالو ـ لهري ـ دِلوالو ـ مُتِلوّن ـ ريچڪائي. وهمي ـ رنگ رنگ ۾ ڦرندڙ ـ بي وقوف ـ بي عقل ـ نادان. بي خيالو ـ چريو ـ بي نوايو. چرچائي ـ ظريف حريف.

ـ گھو ُچائِيُ ٽِيَنُ: چريو ٽيڻ ـ پورالو ٽيڻ ـ رڪي رڪي بي سمجهائيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ ـ اڻ وٽندڙ لفظ چوڻ. پنهنجو نفعو نقصان نه جانچڻ.

● گھو ُڙُ ع گھو ُرَ (ل): (پرا. گھُلَ. سن. گھورڻ = گھر = پيانڪ آواز ڪرڻ). قيرو ـ وَرُ ـ ڪُنُ سخت وهكرو تيز يا تڪي نظر. گهنڊ. لهر ـ ويچار ـ ڪاهه ـ چِڙَ ـ ڪاوڙ. پهه ـ پور ـ خيال ـ لهر ـ ويچار. يادگيري. وهم. ناز نخرو. ڪنجري ـ ڪنجري. هوا جو شوشات ـ سمنڊ جو شور. گجيءَ ۾ هوا جو آواز (صفت) هٻڪ ناڪ ـ خوفائتو ـ پوائتو ـ خوفناڪ. گھنگھور اوندهه ـ گھٽي اوندهه ـ ڪار ـ تاريڪ. پيٽ جو سور.

● گھو ُرَارِ: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھورا واري: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد سنڌ ۾).

● گھوڙَڻُ: مصدر. (پرا. گھرل = گھڻ. سن. کھورڻ) گھمڻ ـ ڦرڻ ـ ڪُولڻ ڦُولڻ. گھمائڻ ـ ڦيرائڻ ـ صدقو ڪرڻ ـ قربان ڪرڻ ـ گھوري چڙڻ ـ مڃتا وانگر جان مٿان گھمائي ڏيڻ (خيرات) لڳائڻ ـ اوپڻ ـ فدا ڪرڻ ـ وارڻ (بک). ذبح ڪرڻ ـ گُولا ڪرڻ ـ جاچ ڪرڻ ـ تلاش ڪرڻ. نهارڻ ـ ڊوڙڻ ـ ڊُڪڻ ـ ڪُولڻ.

"هنگ سهانگي تہ بہ ڪاپيات ۾ کھوري".

(گھوريو ـ گھورينو ـ گھوريل).

ـ گھوڙَ ۽ گھوڙوڻُ: ث. خوشي وغيره ۾ گھوريل رقم يا شيءِ ـ صدقو ـ خيرات ـ بخشش ـ قرباني ـ عطا. گھورڻي جي گھمڻ واري حالت ـ گھومر ـ چڪر ـ گھُمرو. ڦيري ـ گھمتاري. ستار (ساز) جو ڪاهو هٿو. گُولا ـ تلاش ـ ڊوند ـ ڪُول ـ جاچ (ڪ). سُڌ سماءُ ـ پچا ڳاڇا ـ گُولا ڦولا.

"سيئي ساري مسئي گھر ڪنڊون تون گھور"

(سر آبري، شاهه).

● گھورارو ۽ گھورارا: ذ. (سن. گھورڻ) گھورڙيو ـ سودڙيو ـ گھورڪندڙ ـ شيءِ وڪڻندڙ ـ ڪونجڙو ـ ڦيري وارو.

ـ گھوراڙو ۽ گھوراڙا: ذ. ڦيريءَ وارو ـ گھورڙيو ـ خورد فروش.

ـ گھورائوڻُ گھتنو: رلندڙ ـ ڦيريون پائيندڙ ـ گھمندڙ. قرباني جو گھٽو.

ـ گھوڙَپَ ۽ گھوڙپُڻُ: ث. گُولا ـ تلاش ـ ڊوند ـ ڪُول ـ جاچ ـ جاچنا ـ کوجنا. صدقو ـ خيرات ـ بخشش ـ عطا.

ـ گھوڙَپَ ڪَرَڻُ: گُولا ڪرڻ ـ جاچ ڪرڻ ـ تلاش ڪرڻ ـ صدقو ڪرڻ ـ خيرات ڪرڻ ـ بخشش ڪرڻ ـ عطا ڪرڻ.

ـ گھوڙَ پَتوَڻُ: شادي يا خوشيءَ جي موقعي تي ڳائڻ وڄائڻ وارن کي گھوٽ جي عزيزن وٽان پئسا ملڻ.

ـ گھورڙيوُ ۽ گھوڙڙيا: ذ. (سن. گھورڻ) گھورارو ـ گھورڪندڙ ـ شيءِ وڪڻندڙ. ڪونجڙو ـ ڦيريءَ وارو ـ سودڙيو ـ خورده فروش.

ـ گھوڙُ ڪتيَڻُ: صدقو ڪيڻ ـ خير ڪيڻ ـ قرباني ڪيڻ.

ـ گھوڙُ گھوڙُ: قربان ـ صدقو. ٻلهار ـ خوش.

ـ گھوڙَ گھوڙانُ وَڃڻُ: ٻلهار ٿيڻ ـ صدقي ٿيڻ ـ قربان ٿيڻ ـ خوش ٿيڻ.

ـ گھورَ گھوڙَڻُ: شادي يا خوشيءَ جي موقعي تي ڳائڻ وڄائڻ وارن کي پئسا گھوٽ تان گھوري ڏيڻ.

ـ گھوڙوُ ۽ گھوڙا: ذ. گھولندڙ ـ ڦولندڙ ـ ڊونڊيندڙ ـ لهندڙ ـ تلاش ڪندڙ ـ جاچ ڪندڙ ـ وڙول ڏيندڙ ـ طالبو ـ گھرجائو ـ آسرونڊ ـ خواهان ـ نهارو. (وجايل وهت جو گُولائو) ناسپيٽُو.

ـ گھوڙوڻُ گھوڙَڻُ: صدقو ڪيڻ ـ خيرات ڪرڻ.

ـ گھوڙَي ۽ گھوڙَري: ذ. قربان ڪري ـ صدقي ٿي ـ فدا ٿي.

ـ گھوڙَيا پاڻِي ڏيڻُ: قربان ٿيڻ ـ صدقي ٿيڻ.

ـ گھوڙَي گھوڙَي: صدقي صدقي ـ يارو ياري ـ سڏائين ڪڏ ـ ٻيڙا ٽي پار ـ موڪلاڻيءَ وقت استعمال ٿيندڙ لفظ. جيئن: "ادا، هاڻي گھوري گھوري يا يارو ياري".

ـ گھوڙَ ڀنڊڙَ ۽ گھوڙ ڀنڊَڙَ: ذ. گھرندڙ ـ طلب ڪندڙ ـ تلاش ڪندڙ ـ طالبو ـ گھرجائو ـ خواهان ـ گُولائو ـ گھورو ـ ڪارو. (سر حسيني گر).

ـ گھوڙَ ريوُ ۽ گھوڙَريا: خيرات ڪيل ـ صدقي ڪيل ـ قربان ڪيل ـ پن ڏيو ـ ڪيهه پيتو ـ بيڪار ـ نڪمون ـ فضول ـ اجايو ـ نهيو ـ ڦيريو. (ڪ).

ـ گھوڙَ ريوُ پاڻِي پيئڻُ: صدقو وڃڻ ـ قربان ٿيڻ ـ فدا ٿيڻ.

ـ گھوڙَري وَڃڻُ: صدقي ٿيڻ ـ قربان ٿيڻ ـ فدا ٿيڻ.

● گھوڙاڙا: هڪ قسم جي ٻَلا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھُورَڻُ: مصدر. تڪڻُ - جانچي ڏسڻ - غور سان ڏسڻ - ٽڪٽڪي لڳائي ڏسڻ - تاڙڻ. شوخيءَ سان ڏسڻ - ڪاوڙ مان نهارڻ - شور سان ڏسڻ - گهُنبڻُ (منهن ۾) وجهڻ. (گهُورِيو - گهُورِيندو - گهُورِيَلُ).

▬ گهُورَ ۽ گهُورُون: ث. شوخيءَ واري نگاهه - ڪاوڙ واري نظر - شور واري نگاهه - تيز نظر - نظر جو تيڪ - گهُنبڻُ - اکين جي مار - نراڙ جو گهُنبُ. يادگيري - اونو - خيال - ڪٿي - سارَ - سنڀال - سمڪ - ساروٽي - هُرَ - نشاني - يادگار.

▬ گهُورَپَ ۽ گهُورَپُونُ (ڪ): ث. تاڙَ - تڪَ - تلاش - جاچ - ڳولا.

▬ گهُورُنِ سانُ گهائِيُ: نظر (ڪشش ڪندڙ) سان زخمي ڪرڻ. نازسان مارڻ - نخرن سان مارڻ - اشارن سان مارڻ - پريشان ڪرڻ - حيران ڪرڻ.

▬ گهُورِيتو ۽ گهُورِيتا (ڪ): ذ. ڪاوڙيل - شوخ - تِيکو - گرم مزاج - گهنڊيل - گهنڊير.

▬ گهُورِيُونُ گهُورَنُ: هيڏي هوڏي نهارڻ - تلاش ڪرڻ - جاچ ڪرڻ - ڳولڻ ڦولڻ.

"گهُوريون ڪارنيار سان مڙنهون سپرين"

(سر سهڻي، شاهه).

● گهو'رِڙو' ۽ گهو'رِڙا: ذ. پوڳڙي جو اوزار - منڊيءَ جنهن سان دال وغيره مهٽجي - ڦلن آٽلائڻ لاءِ لوهه جو وڏو چمچو.

● گهو رو' لُهارُ: اسم خاص. تعلقي جيمس‌آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گهُورِيُ' ۽ گهُورِيُونُ (ت): ث. راند جو هڪ قسم - هارين يا ونجهوٽي راند.

● گهو'رِي گهو'رِي: شڪاري ڪُتي کي سوئرن يا رڇ تي ڇڏڻ وقت چوندا آهن.

● گهوڙا هاڙِيُ': تعلقي گهوڙا هاڙِيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● گهو'ڙالِ ۽ گهو'ڙالُونُ: ث. هڪ وڏي خطرناڪ بلا جو نالو - گهوڙيال.

● گهو'ڙاوَلِ ۽ گهو'ڙاوَلُونُ: ث. دوا طور ڪم ايندڙ وَلِ جو هڪ قسم.

● گهو'ڙا گهو'ڙا: (ندا) دانهون - رڙيون - واڪا - ڪوڪون - سڏ. فرياد - واءِ ويلا - ڪوڪرو - ڪوڪاٽ - هاءِ هاءِ - الا الا (انهيءَ زماني جي يادگيري ڏياري ٿو جڏهين ڦورو، گهوڙن تي چڙهي ڦرڻ ايندا هئا).

▬ گهو'ڙا گهو'ڙا ڪرَنُ: پڪار ڪرڻ - دانهن ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - واڪا ڪرڻ. (مدد لاءِ) زور سان آواز ڪرڻ - فرياد ڪرڻ - رُئڻ پِٽڻ - ارمان ڪرڻ.

● گهو'ڙو' ۽ گهو'ڙا: ذ. (پسرا. گهوڙيو = گهوڙو. سن. گهوٽڪه > گهوت) هڪ مشهور جانور - آسِپُ - ترنگ - توسن - فرس. شطرنج جي راند ۾ هڪ ساريءَ جو نالو. گهرو ساڻان وغيره رکڻ لاءِ لوهه يا ڪاٺ جو ٺهيل ڪٽ. بندوق جو هڪ پرزو. (ث. گهوڙِيُ' ۽ گهوڙِ يُونُ').

▬ گهو'ڙا پَتو ڻُ: ذ. ظلم ٿيڻ - ڏرجڻ - لٽجڻ - بغداد ٿيڻ - واويلا مچڻ - هاءِ دوس پوڻ. مصيبت پوڻ - آفت اچڻ - تڪليفون اچڻ. پاڇ پوڻ - ڦٽاڙو پوڻ - قوت پوڻ - نقصان پوڻ - خانو خراب ٿيڻ.

▬ گهو ڙا چڙَهَنُ: ذ. مار پوڻ - سوڇڙا پوڻ - پادر پوڻ - مصيبت ۾ ڦاسڻ - مشڪل ۾ پوڻ - پريشان ٿيڻ - خطري هيٺ اچڻ.

▬ گهو'ڙا ڊُڪائِيُ': ذ. ڊُڪَ ڊوڙ ڪرڻ - هٽ پير هڻڻ - حيلا وسيلا ڪرڻ - تمام گهڻيون ڪوششون ڪرڻ - مٿا سونا هڻڻ.

▬ گهو'ڙا گَٽلا: ذ. گهوڙن جا ڏَڪَ - گهوڙن جا وَلر - گهوڙن جا گلر - گهوڙن جا هجوم - گهوڙن جا هشام.

▬ گهو'ڙو' پَڏَنُ: ڊيرو ٿيڻ - ترسڻ - ڏيرج ڪرڻ - ڪمڻ.

▬ گهو'ڙو' پَٽَهلو' ۽ گهو'ڙا پَٽَهلا: ذ. پارن جو هڪ راندِيڪو - پاراڻو راندِيڪو. ڪلوڻو.

▬ گهو'ڙو' پَتو ڻُ: برباد ٿيڻ - تباهه ٿيڻ - فنا ٿيڻ - ڦرجي وڃڻ - لٽجي وڃڻ - چٽُ ٿي وڃڻ - ناس ٿي وڃڻ. سرڪار جي پيڙ هيٺ اچڻ - تنبيهه هيٺ اچڻ - چيڪَ تاڻ ۾ پوڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ گھوڙَنِ جوُ گھيڙُ: تمام پري.
ـ گھوڙُو چوڙَنُ: روانو ٿيڻ ـ وڃڻ ـ وڃڻ لاءِ هڪدم تيار ٿيڻ ـ نہ ترسڻ.
ـ گھوڙُو ڏوڙائيڻُ: گھوڙو پڃائڻ. پنهنجي مرضي موافق هلڻ يا ڪم ڪرڻ ـ خواهش پوري ڪرڻ.
ـ گھوڙو سَنڀَجڻُ: گھوڙي تي هنو يا زين رکڻ. گھوڙو مسافريءَ لاءِ تيار ڪرڻ ـ گھوڙو چڙهيءَ لاءِ تيار ڪرڻ.
ـ گھوڙو وِجھَڻُ: ڏيجارڻ ـ ٽاهڻ ـ ڏکائڻ ـ ڏهکائڻ ـ ڏپ ڏيڻ. مصيبت وجهڻ ـ آفت آڻڻ ـ تڪليف ۾ وجهڻ ـ حيران پريشان ڪرڻ.
ـ گھوڙَنِ هَٿَئِي: مصيبت ۾ آيل ـ آفت ۾ آيل ـ آپدا ۾ آيل. مار ڀيل ـ مصيبت ڀيل.
ـ گھوڙي تي چڙهِي اڇڻُ: گھٽي تڪڙ ڪرڻ ـ گھٽي جلدي ڪرڻ ـ گھٽي آڇرائي ڪرڻ.
ـ گھوڙِ ڇوڙُ ۽ گھوڙِ ڇا: گھوڙي سان تعلق رکندڙ ـ اسڙِي.
ـ گھوڙِي سُوارُ ۽ گھوڙِي سوارَ: ذ. هَسوارُ ـ سُواري ڪندڙ.
ـ گھوڙِي ڪَنَ بَرابَر هُئڻُ: پائڻي ۾ سپ هڪ جهڙا هئڻ. ڪوبه ڦيرو نہ هئڻ.
● گھوڙِي ڪنوُ (اسم خاص): جبل جو هڪ پوٽو، جنهن جا پن گھوڙي جي ڪن جهڙا ٿين ٿا. هن کي اسپنگر به چوندا آهن، جو اصل ۾ اسپغول آهي ۽ ان جو اشتقاق آهي. (اسپ = گھوڙو + غول = ڪن) يعني گھوڙي ڪنو.
● گھوڙِيُ ۽ گھوڙِيُونُ: ث. گھوڙي جي سادي. (منڊي جي آڏ لاءِ) ڪاٺ جي ٽيڪ. ڪاٺ جي بن ڦاڪن جي هڪ هنڌ گڏ ٽيل منجي (جنهن ۾ ڪاٺ جا به وڏا ڪلا ڪتل ٿيندا آهن، انهن ۾ ڪاٺ جا بند قابو ڪري، ڪرت سان به ماڻهو چيريندا آهن). ڪپڙن ٽنگڻ لاءِ ڪاٺ يا لوهه جو پيرو. پينگهي جي ٽنگن وارو حصو يعني وچين ڪاٺي. ٻار جي پنڌ ڪرڻ لاءِ هڪ گاڏيءَ جو قسم. ستار جي تارن چوڻ لاءِ هڪ عاج جو ٽڪر. سٽيئن ٽاهڻ لاءِ مشن. ٢٥ يا ٥٠ سرن جي آيي قطار. تانيءَ سڪائڻ لاءِ ڪورين جو هڪ اوزار. پاڪڙي جي وچين ڪاٺي.
● گھوڙِيالَ: هڪ قسم جي بٽلا.
● گھوڙِيلَ ۽ گھوڙِيلُونُ: ث. بلا جو هڪ قسم.
● گھوڙِيَنِ جا نالا: مارڻي ـ سورٺ ـ وڻجاري.
● گھوڙِيو ۽ گھوڙِيا: ذ. (ڪ). پينگهو ـ جهولو.
● گھوڙِي وَلَهَ ۽ گھوڙِي وَلَهُونُ: ث. گاهه جو هڪ قسم.
● گھوسوُ ۽ گھُوسا: ذ. (سن. گھشي). ٺڪَ ـ ٺوڪ ـ ڏڪ ـ ٽڪر ـ لپاٽَ ـ چماٽَ ـ گھوشو.
● گھوشِيڻا: ذ. (سن. گھُشَ) پڌرائي ـ اعلان ـ ظاهر خبر.
● گھوشوُ ۽ گھُوشا: ذ. ڏونشو ـ ٺڪَ ـ ڏڪ ـ چماٽ ـ لٽپاٽ.
● گھوڪرَ ۽ گھوڪروُنُ: ذ. (ڪ). ڏيهه ـ گھوڪَ ـ ٽڪرُ ـ ڏونو.
● گھوڪِڻُ: مصدر. تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ ـ ڏوڪڻ. (گھوڪيو ـ گھوڪيندو ـ گھوڪيل).
ـ گھوڪوُ ۽ گھوڪَ: تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ واري حالت ـ ڏوڪ. (ل). تمام وڏي.
ـ گھوڪِيڙوُ ۽ گھوڪِيڙا: ذ. (ل). ڪاءُ ڪيائيندڙ ـ چٽ سرائيندڙ ـ بدفعلي ڪرائيندڙ.
● گھوڪوُ ۽ گھُوڪا: ذ. (ٿ). ڪنهن شيءِ جو اوچتو آواز ـ شور ـ غُل ـ ڪاءُ ـ گجگوڙ.
ـ گھوڪا ڏِيَڻُ: بدن ۾ آگريون ڪڍائڻ. جهوڪون ڏيڻ ـ نوڪون ڏيڻ ـ چوڪون ڏيڻ.
● گھوگھِ ۽ گھوگھِ (ت): ذ. وڏو آواز ـ گوڙ ـ شورُ ـ غُلُ. ڪنڀيل آواز (نڙيءَ جو).
ـ گھوگھِ مارڻُ: گھٽي ٻڪَ شڪَ ڪرڻ ـ جهجهو ڪالهاءُ ـ ٻڪاڪ هڻڻ ـ اجايو گوڙ.
ـ گھوگھِ هَڻڻُ: وڏو آواز ڪرڻ ـ هرو ڀرو لُڙُ ڪرڻ ـ ڪروڌ ڪرڻ ـ جهيڙو ڪرڻ ـ ڦڏو مچائڻ.
● گھوگھاتُ ۽ گھُوگھاتَ: ذ. (سن. گھ = آواز ڪرڻ) هوا جو آواز ـ گھوگھتُ ـ گھونگھات ـ شوشات ـ زونگھاتُ ـ رونگاٽ ـ (لائونءَ وغيره جي) تيز ڦڙڻ جو آواز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● گھوگھاتَ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گھوگھارو: اسم خاص. تعلقي ڪنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● گھوگھاريُ ۽ گھوگھارِيُونُ: ث. گيهه يا تيل وجهڻ لاءِ چمڙي جي هڪ قسم جي ڪپي يا ٿيلهي - چمڙي جي دَبي.
● گھوگھاءُ ۽ گھوگھاءِ: ذ. (سن. هتّ نقصان پهچائڻ) سخت آواز - گاج - گجگوڙ.
ـ لالَ جوُ آرِسِيُ هُجڻُ: بيڪار هڻڻ ـ تمام سست هجڻ.

ـ لالُ گُلُ ۽ لالَ گُلَ: ذ. پوٹي جو هڪ قسم (جنهن جو گل گاڙهو ڪاري داغ سان ٿئي). (ف. ج).

ـ لالِيرِيُ ۽ لالِيرِيُونُ: ث. گاڙهي رنگ واري ميوي جو هڪ قسم. جواهرين جي تورڻ جي ڪم ايندڙ نسيدو ڪارو ۽ گاڙهو هيرُ ـ صرافڪي تور جو هڪ وَتُ ـ پيٹوئي.

● لالَ ۽ لالا: ذ. پينگهو ـ جهولو ـ هندورو ـ جملو: "اسين وڃي تا لالا ۾ لڏون". جناب ـ صاحب ـ حضرت ـ ميان ـ سَرُ ـ بابُو ـ سائين ـ جي ـ آقا ـ آغا ـ آگو. سوامي. لقب (هندن ۾) ـ مهاڃڻ ـ دڪاندار ـ واڻيو ـ معزز هندن جو لقب ـ ٻيءُ جو لقب ـ ٻاٹو ـ پيتا ـ پيتاجي. پٹاڻن ۾ وڏي ٻاءُ جو خطاب. پٹاڻ. معشوق جو چٹُ. عاشق جي دل. (آصفيہ). گاڙهي گل جو هڪ قسم. (آصفيہ). (اسم خاص). هندن جي هڪ ذات جو نالو (جيسلمير ڪان آيل).

ـ لالَ جوُ جُونُ ڪَرَنُ: ستائڻ ـ آزمون ڪرڻ ـ ليلهڙائڻ ـ منٽ ڪرڻ. خوشامد ڪرڻ. لولي ڏيڻ.

ـ لالا ڪُنُرَ ڪَرَنُ (ڪ): مِنٹُون آزمون ڪرڻ ـ گيسيون ڪرڻ. ليلهڙائڻ.

ـ لالا ڪُو ۽ لالا ڪا: ذ. صفت. پيار جو پاليل ـ سُک جو پليل. نهنجي مرضيءَ وارو. ڪجهہ نہ سهندڙ ـ چيڙاڪ.

ـ لالانُ ۽ لالانُ: ذ. گل جو هڪ قسم ـ پُست جو گل (جنهن سان آفيم پيدا ٿيندو آهي) ـ گل لالا.

● لالا پَتهُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٹ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● لالا نِگرو ۽ لالانِگرا (ل): ذ. آڪاڻيو. ميل. لاڙو ـ رَغبت. دل جو نرم.

● لالانْگهرُ ۽ لالانْگهرَ: ذ. ضرورت ـ گهرج ـ احتياج ـ ڪتپُ ـ لوڙهہ ـ ڪٹي ـ ڪاڻ ـ حاجت ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طلب. سبب. ڪارڻ. دوستي - ياراڻي - يارائي - ياري - اخلاص - آشنائي - ميترتا - ٽهڪ - آسائڏ. تعلق - پروسو - آسرو - آڌار - مدار - آڌار.

- لالانگهيرو ۽ لالانگهيرا: ذ. اميد - آسرو - آڌائڏو - ميل - تعلق - لاڙو. جملو:

"آڳ اوهان جي لالانگهري اچي لڳو آهيان".

● لالانگهيري لڳڻ: (ڪنهن جي) دوستي يا آسري پٽيان لڳڻ يا (ڪنهن تي) اعتبار ڪرڻ - پروسي لڳڻ.

- لالانگهو ۽ لالانگها: ذ. اميد - آسرو - لالانگهيرو - پروسو - آڌائڏو.

● لالائي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. مزاري بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

● لالائڻ: مصدر. (سن. وَنْدَن) منت ڪرڻ - آزي ڪرڻ - ليلهوائڻ - ريجهائڻ - ليلائڻ. (سر آبري - گر).

"لڏائين لطيف چئي، لالڻ لالائي"

(سر آبري - شاهه).

(لالائيو - لالائيندو - لالائيندل).

● لالٽين ۽ لالٽينَ: ذ. (انگ. لئنٽرن = بتي) ڪاسليٽ تي هرندڙ بتيءَ جو هڪ قسم - بتي - شمعدان - ليمپ - فانوس - شيشي جو قنديل.

● لالچ ۽ لالچون: ث. (سن. لالسا = لوپ) حرص - طمع - هٻڪ - هٻتج - ڏَنُ - ترشنا - لَبُ - لوپ. موهه - آڪير - واجهه - لاڙو - خيال - چاهه - ڪامنا - سڌ - متشا - اچا - خواهش.

- لالچائڻ: مصدر. لالچ ڏيڻ - پرمائڻ - ريهڻ - برغلائڻ - ڏڪارڻ - لوپائڻ - ريسڻ - حرصائڻ - هيرسائڻ - هيرڪائڻ - دل سڙڪائڻ - ڏاڍ راڻڻ - ريجهائڻ - اچائڻ. فريبڻ - فريب ڏيڻ - دوکو ڏيڻ - ڏلو ڏيڻ - دغا ڪرڻ.

- لالچي ڏيڻ: ريجهي وڃڻ - لالچي وڃڻ - هيرڪجي وڃڻ.

- لالچ ڏيڻ: لوپ ڏيڻ - لَبُ ڏيڻ - طمع ڏيڻ. فريب ۾ آڻڻ.

- لالچ ڪرڻ: هٻڪ ڪرڻ - لالچي ٿيڻ - لوپي ٿيڻ - طمعدار ٿيڻ - طمعائو ٿيڻ - طمع ڪرڻ - حرص ڪرڻ.

- لالچڻ: لالچي ٿيڻ - حريص ٿيڻ - هيچي ٿيڻ.

- لالچي ۽ لالچيو: ذ. صفت. لالچ وارو يا لالچ رکندڙ سڀ لوپي - حريص - هيچي - طمعي - تاکائو - طامع - مطلب پرست - خود غرض.

● لالچندن: ث. پساريڪي وڪڻ جو هڪ قسم - خوشبوءدار ۽ ڳاڙهي ڪاٺيءَ جو هڪ قسم.

● لالچو ۽ لالچا: ذ. ڏهري ڳهڻ جي ستر جي چوٽيءَ ۾ پيل بلڪل ننڍڙي مانگهه.

● لالر ۽ لالرون: ث. صفت. ننڍاکڙي (اک) - پوريل (اک). دلپسند - وٹندڙ.

- لالر هڄڻ: ننڍاکرو ٿيڻ. جملو:

"منهنجون اکيون هاڻي لالر هڄن ٿيون".

بيهوش ٿيڻ - مدهوش ٿيڻ.

● لالسا: ذ. لالچ - لوپ - حرص - طمع. سڪ - چڪ - اڪير - حب - آڪند - تانگهه.

● لالڪائيون: (ل): سارين جو هڪ قسم.

● لالڪي: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لالن ۽ لالنَ: ذ. (سن. لل = ڪيڏائڻ) پيارو - پيار مان پالي - لاڏلو - دادلو - چهلو - ڪوڏ نيندو - آنگلي - سڪي لڏو - بودلو - طوق پٽلو. دوست - پرين - ساجن - دلبر - محبوب - ديولن - مينڍ - ستڙ - لالڻ - مشتاق - مرغوب. پٽن - لڏڻ - مينڍو. حسين - ناز ڪندڙ. آوڄ. جملو:

"ڀنين جا لالن هاڻي چڏي ويا آهن".

- لالن تنين لتن: دوست انهن ڪي حاصل ٿي ٿو. (سر سهڻي - گر)

"لالن تنين لتن، عشق جن جي اڳ ۾"

(سر سهڻي - شاهه).

- لالن لڳ: محبوب وت - محبوب مان ڳڏ. (سر سهڻي - گر).

● لالن ۽ لالنَ: ذ. پرين - محبوب. (ڏسو "لالنَ").

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لالٹنگھہ ع لالٹنگھ (ت): ذ. صفت. جوڏو - سُورو ويرُ - پهلوان - بهادر - نِيڈرُ - بانڪو - سورهيه.

● لالو ع لالا: ذ. صفت. لالڻ - پيارو - سڄڻ. (گاجرا).

● لالُواڻيُ: ذ. اسر خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● لالُ واهہ جوُ چيڙوُ ع لال واهہ جا چيڙا: ذ. صفت. انگريزن جي اوائلي زماني ۾ لال واهہ جي ڪٽائڻ لاءِ بيگر ۾ وهندڙ - ماڻهن لاءِ مشهور ٽيل جملو: "لال واهہ جا چيڙا". نڏڪو - غريب - سُڄو. ڪاسبي.

- لالُ واهہ جوُ چيڙوُ هُجڻُ: نڏڪو هجڻ - لاوارث هڻ - بي ماڻتو هڻ.

● لالہ ع لالہ: ذ. (ف. لالہ) گل جو هڪ قسر (گاڙهو).

- لالہ رُخُ ع لالہ رُخ: ذ. صفت. (ف. لالہ) گاڙهي منهن وارو - گاڙهن گلن وارو. معشوق - دلبر - دلربا - پرين - محبوب - مَنڍو.

- لالہ رُخسارُ ع لالہ رُخسار: ذ. صفت. گاڙهن گلن وارو. معشوق - سهڻو - محبوب - لالہ رُخ.

- لالہ رُو ع لالہ رُو: ذ. صفت. گاڙهي منهن وارو. معشوق - محبوب. لال رخ - لال رخسار.

- لالہ زارُ ع لالہ زار: ذ. صفت. (ف. لالہ + زار = لال گل + ٻني) لال گل جي ٻني. باغ - گلزار - چمنُ - بوستان - باغيچو.

- لالہ عِذارُ ع لالہ عِذار: ذ. صفت. گاڙهن گلن وارو. معشوق - محبوب - دلبر.

- لالہ فامُ ع لالہ فام: ذ. صفت. گاڙهي رنگ وارو - لال - سُرخ - گاڙهو.

- لالہ گُونُ ع لالہ گُون: ذ. صفت. (ف. لال + گون = لال گل + رنگ) گاڙهي رنگ وارو - لال - سرخ - لال فام - گاڙهو.

● لاليُ ع لاليُون: ت. لعلاڻ - لعلائي - لالائي - گاڙهاڻ - سرخي. چين ڪي لائڻ جو رنگ - سرڪي.

● لالِيُ پُراڻِيُ: ث. اسر خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● لالِيجا: ذ. اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لالِي ٽئين: تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● لام ع لامُون: ث. (سن. لَنَمْبَ = لَنَمْبُ) وڻ جي سنهي ڏاري - ڏار - ڏاري - شاخ. ڏيکهہ - ڏکهائي - لنبائي - لنمبائي - طول - مُهاري آڻ. اسپتالن ۾ مريضن کي ڪٽڻ لاءِ ڏولي - چنگُل. (پرمانند). آجهو - آسرو - پناهہ - دامن - پناهہ

"پرين اوهان جي پوئتا، لڙهہ لڳاسين لام".

آس - اميد - پروسو

"لڳس جي لام، سو دلاسي دوست جي سُهي"

(سر سهٽي - شاهہ).

ڪارو داغ، جو نظر ٽارڻ لاءِ ٻارن جي منهن تي ڏيندا آهن. فوجي آفيسر جي ڪمان ۾ هڪ فوجي دستو - بريگيڊ - سوار ۽ پيادن جي فوج - پلٽڻ جو مجموعو. تويخانو. (آصفيه). ڪامر ديوتا جو تير. (گاجرا). زَر - دَنُ - دولت - مايا - ملڪيت.

- لامرَ پَڏڻ: چڙهائيءَ واسطي فوج ۽ سامان ڪٺو ڪرڻ.

- لامير ع لامِر: ذ. صفت. لامِن وارو. وڏن ٽٽن واري (ڏڳي يا مينهن وغيره).

- لامرَ لڙَڻُ: ڏڻيءَ جو رحر ٽيڻ - سڪيو پنجڻ - سرسبز ٽيڻ - خوشحال ٽيڻ.

- لامرَ لڳڻُ: آجهو وڻڻ - پناهہ وڻڻ - پاند پڪڙڻ - سهارو ڪري سمجهڻ - وسيلو اختيار ڪرڻ - پناهہ ۾ اچڻ - سار پوڻ - پناري پوڻ

"هوءَ جا لڳي اوهان جي لامرَ،
سا هٿان چڏ مرَ هيڪلي"

(راڄن شاهہ).

- لامِيُ ع لامِيُ: ذ. صفت. (سن. نامت) لام وٽندڙ - نمندڙ - نامي - لڙڪندڙ - شرف وٽندڙ.

● لاما: اسر خاص. ٽبيٽ ملڪ جي شهر لاسا ۾ رهندڙ ٻڌ ڌرم وارن جو گُرُو.

● لامارو ع لاماروُ: ذ. پڪين جو ڦهنجي شڪار ٿيڻ جهڙا ڪٽڻ واري حالت - ٻڪيءَ جو جهپو -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهت - والارو - جهيڙو - بولاتي - قيرو - وڙو .
(صفت). ليئيل - پاوڙجرو - ترچو - ٽيڙو - نمنديءَ
وارو - سلامي وارو - لڙيل .
= لامارو ڏيڻ: جهتيون ڏيڻ - وري وري اچڻ -
قيرون پائڻ - پرواز ڪرڻ . آلسي وڃڻ - اٽڪل
ڪرڻ . لوڏو ڏيڻ .
● لامتهيئر: اسم خاص . تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ
ديهه جو نالو .
● لانب ۽ لانبون (ت): ث . لمبائي يا لڏائي -
ڏکائي - ڏيگهه .
= لانبڙ ۽ لانبڙ: ذ . صفت . (سن . لنب =
لنبو) لمبو - لنبو - ڏگهي (ڪائي) - ڏگهو .
● لانبت ۽ لانبت: ذ . صفت . (سن . لنبت =
لنڊو) لڇ - بدمعاش - لڦنگو - لڇو . بي شرم -
بي حيا - نرالجو . بدچال - ايڊنگو .
● لانبر ۽ لانبر: ذ . وڻ جو نئون ڦٽل
ڪونڇ - غنڇ .
● لانبڙ ۽ لانبڙ: ذ . صفت . (سن . لنبت =
لنڊو) نرلڇو - بي حيا - بي شرم - بي لڇو -
بي مانو - لاهي پاهي بيهندڙ - ٿوهيو - بدمعاش -
لڇو - لڦنگو - لڇ - انوري - چٽيسو - چرٽو . (پرما).
رولو - رولاڪ - پيناڪ - بي هٿڏو - بي ڏرو -
بي ماڳو - آوارو - بي ٺاهيڪو - ٽلڪائو .
● لانبوسي ۽ لانبوسي . ذ . صفت . ڪمزور -
نيستو - نرپل - ڪمر هيڻ - درپل - ضعيف -
هيڻو - ڏرو . بي وقوف - اناڙي - ابوجهه - چٽ .
● لانبي ۽ لانبيون: ث . ڪاڪ جي فريم ۾
شيشن کي مضبوطيءَ ڪرڻ لاءِ لڳايل سفيدو - لاڀي .
● لانبو ۽ لانها (ت): ذ . صفت . (سن . لنب =
لنبو) لنبو - لمبو - ڏگهو - قداور - لانبڙ .
= لانبڙ ۽ لانبڙ (ت): ذ . صفت . (من . لنب
= لمبو) لنبو - لانبڙ - ڏگهو (ماڻهو) - قداور .
● لانٽي ۽ لانٽيون: ث . آڪ جي لڪ ۾
مٿار ٻڌڻ لاءِ وڏل ڪاني - لاڻي - ناڪيلي .
● لانجاري: اسم خاص . تعلقي ديري محبت ۾
هڪ ديهه جو نالو .

● لانجهه ۽ لانجهون: ث . لاغري - ڏهرائي -
ضعيفائي - ڪمزوري - ضعف - ڪمهمتي - دڙپلتا -
هيڻائي - ڪمهيڻتا - نرپلتا - بي زورائي .
ماندڪائي - ساڻائي - سستي - ڳاموڙ - تڪاوٽ -
موڳائي . ڪمي . ڪهڻتائي - آٽاڻ . آواز جو لمونو -
نمونو . جهيڻائي . درد . فڪر - ڳڻتي . عشق .
= لانجهه ۽ لانجهه: ذ . صفت . (من . رڳو)
سيڙو - ضعيف - بي قوت - ڪمزور - نستو - بي سگهو -
زچ - نرپل - ڪمهيڻ . لاغر - ڏهرو -
آپرو .
= لانجهارو ۽ لانجهارا: ذ . صفت . درد ۾
ڏڪ ۾ قاتل - ڏکويل - رنجور - آزاريل .
= لانجهائي: ذ . صفت . جهگڙالو - تکراري -
ٽنٽائي (گاجرا) .
= لانجهو ۽ لانجها: ذ . صفت . (من . رڳو)
بي طاقت - هيڙو - ڪمزور - بي سگهو - بي همت -
بي روحو - ڪمهمت - ڪمهيڻ - ري همت -
لهلهڙ - بي پاڙيو - نستو - نرپل - آپرو - لاغر -
ڏرو . سڪالو - بيمار - ناچاق - بي مزي . اداس -
حيران - پريشان . ٽڪل - ماندو . سست - ڪاهل .
آرسي - ڪانڊ - ٿوٻي - ڏاکن ڏيلو - عاري -
شوستي - ڪمر ڪوس - ڪمر چور - هڏ رکو .
ڦڏو - تکرار - جهگڙو .
● لانچ ۽ لانچون: ث . ڪيس جي زور تي
هلندڙ ٻيڙيءَ جو هڪ قسم . رشوت - وڍي -
لٻ - ڳڦو - حرام جو هڏو - لالچ - طمع .
● لانچ ۽ لانچ (ڪ): ذ . ويس - وڳو -
پوشاڪ - لباس - لڳڻ .
● لانچڻ: مصدر . مسافريءَ لاءِ تيار ٿيڻ -
سندرو ٻڌڻ - ڪمر ڪسڻ - سجاوٽ ڪرڻ - سنيرڻ -
سنڀيٽ ڪرڻ - پانهون ڪنجڻ - ور ڪٽڻ
"حب ماروئي لانچياڻون، پانياڻون تان نه ٻهي"
آچانڪ - لنجڻ . ڳولڻ - تلاش ڪرڻ - ڪوجڻ -
ڳولا ڪرڻ - لنگهڻ - لتاڙڻ - ڏونڊڻ - نهارڻ - ڏورڻ
"لاڇي ڪ لطيف چئي، ٻڌيءَ ڪيچين ڪاهيه"
(سر آبري - شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاچ. لوچن - لٿڻ. سوچڻ - ويچارڻ - خيال ڪرڻ - پٿڻ پڇائڻ. (لانچيو، لانچيندو، لانچيل).
- لانچ ۽ لانچون: ث. ڪمربند - سندرو - چيلهڪي - پيٽ - پٽو - خردمر. تياري - ستيت - اڏاوت - سجاوت - هلڻ وقت ليڇڪو - سانباهو. پوشاڪ - ويس - لڳڻ - لباس.
● لانڊو پانڊو ۽ لانڊا پانڊا: ذ. ڪتڙو - حساب ڪتاب - قرض. لالچ - لوڀ - طمع.
- لانڊا پانڊا ڪرڻ: چوراٽا حساب ڪتاب ڪرڻ. مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ - پاڙ جهاڙ ڪرڻ.
● لانڊ ۽ لانڊون (ڪ): ث. لنبائي - ڏيگهه - طوالت (جملو). "ڳالهه ڪي لانڊ نه ڏي، جلد پورو ڪريس". گهٽ جو ستٿهڻ - چٽو.
● لانڊي ۽ لانڊيون: ث. لانبي - لنبي يا رنڊي - ڪچري - ڪسبياڻي.
- لانڊ ۽ لانڊ: ذ. (سن. لنٻٽ = شهوت پرست - گنهگار. لچو - بدمعاش.
- لانڊارو ۽ لانڊارا: ذ. صفت. (سن. لنٻٽ = شهوت پرست) شهوتي - ڪامي - آوباش - لانگ چوٽو - اٻتر - فاحش - وراچائي - ڪنيتو - ڪلٽچٽو - بدڪردار - ڪميڙو - بداخلاق - بچڙو. بدچال - بدمعاش - لچو. مسخرو - ترڙو - ڏڪر. (ث. لانداري ۽ لانڊاريون).
- لانڊارائي ۽ لانڊرائيون: ث. شهوت پرستي - لانگ چوٽائي - چنچلائي - متواسي - مستائي - مستي - بدمعاشي - بدچال.
● لانڊر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لانڊي ۽ لانڊيون (ڪ): ث. مسافرن جي ٽڪ ڇڻ لاءِ رستي ۾ ٺهيل جاءِ - لانڊي - مسافرخانو (اسم خاص). تعلقي شاهبندر ۾ تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لانڊيَ ۽ لانڊيون: ث. (سن. لنٻَ = ڏيگهه) - ڏيگهائي - طوالت - طول. ڏيگهه - لنبائي. قطار - ستنبيڙ - ستنگهڙ - اينگهه. ڌار - ڏير - جهيڙ. چٽ ٻڌل جاءِ - (مسافرن جي) لانڊي. (صفت). ڏيگهارو - ڪاندارو - لانداروء -

ڏيگهه ڪندڙ - ليسو ڪندڙ - وستاري - طول طويل - ڏگهو - لنبو - وڏو.
- لانڊيار ۽ لانڊيارون (ڪ): ث. ڏيگهائي - لنبائي - ڏيگهه - طوالت - طول. ڌار - جهيڙ - ڏير.
- لانڊيَ ٻڌڻ: قطار ڪري هلڻ - قطار ڪري بيهڻ.
● لانڊيه ۽ لانڊيَ: ذ. صفت. نڪمو - اڻ سڪيل - پهراڙيءَ جو چٽ - بزم. ڏگهو ماڻهو.
● لانڊيار ۽ لانڊيارون (ڪ): ث. رڙاڪو - وڏي آواز سان روڄ - ڏندڪار - اوچنگار.
● لانڊياروء ۽ لانڊياراء: ذ. صفت. شهوت پرست - نفس پرست - شهوتي - اٻتر - اوباش - لانگ چوٽو - وحشي - ڪامي - فاحش - عيش پرست. ڏيگهارو - ڏيگهه ڪندڙ.
● لانڊيه ۽ لانڊيون: ث. پڪن سان اڏيل ڪچي جهوپڙي - چپراڻين اوطاق - چاپرو - چاهو - متٿهڻ - ڪچو گهر - چٽو - چنجر - چٽ - چپراڻين اوطاق. (اسم خاص). تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ مرڪزي حڪومت ۾ هڪ ديهه جو نالو - هڪ ڳوٺ جو نالو - هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو.
● لانڪ ۽ لانڪون (ل): ث. گودڙ جو ڪپڙو - اجرڪ يا چادر (اگهاڙ مٽان پڌل) - ٻاڌ - منجهه - منجهو.
● لانڪارو ۽ لانڪارا (ڪ): جبل جي وات - جبل مان لنگهڻ - لڪ.
● لانڪير ۽ لانڪيرَ: ذ. لٽي وڻ وغيره جا ٽڪا چها - ڪاڻيون. (گاجرا).
● لانڪڙ ۽ لانڪڙ: ذ. (سن. لڪڙ) لاڪڙي ڪٽڻ - ٻانڊ واري پيٽ - وڻ جي سنهين ڪاڻين جي ڏنل پيٽ - آجهو - ڏڪ - پناهه. جهوپڙي يا چني جا ڪايا - سنهيون ڪاڻيون.
● لانڪ ۽ لانڪون: ث. شلوار جو وچ وارو حصو - ڳنگن جي وچان پاتل ڪپڙو - سڙن وٽان ڏوتي جا ورايل ور - ڏوتيءَ جو ٻن سڙن وچان لنگهيل پلاند - ٻن ڳنگن جي سڙن جي وچ وارو حصو -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوتيءَ جو پٽيان ٽنگڻ وارو پلاند. گوڏ (اُگهاڙ مٿان پڌل). چادر ـ ڏوتي ـ انگوچو ـ پوتڙو. ورانگهه ـ پيرانگهه ـ وڪ. پيڙيءَ جي پويان وڻيٽي وٽ هڪ اوزار ـ سُڪان کي جهلڻ واري کاٽي.

ـ لانگٽ چوتائيءُ ع لانگٽ چوتايُونُ: ث. شهوت پرستي ـ بدپرهيزگاري ـ زناه لُچپڻُ ـ چِلولائي ـ مَٽولائي ـ پيرشٽتا ـ لنگوتاڙائي. قرندي گهرندي ـ بي وفائي.

ـ لانگَ چوُتوُ ع لانگَ چوُتا: ذ. صفت. شهوت پرست ـ زناهي ـ شهوتي ـ اوباش ـ زناڪار ـ خراباتي ـ عياش ـ لانبارو ـ ابتر ـ بدفضيلتو ـ لنگوتاڙو. لُچو ـ لُڏنگ ـ بدمعاش.

ـ لانگَ چوُتوُ هُئڻُ: مڙس جو زناڪار هجڻ ـ زاني هڻ ـ بدڪار هڻ.

ـ لانگ چوڙَنُ: لاهي پاهي ٻيهڻ ـ بي حيا ٿيڻ ـ بي شرم ٿي ٻيهڻ.

ـ لانگَ رَکڻُ: ٽورو ڪرڻ ـ احسان جتائڻ ـ لائق ڪرڻ ـ (ڪنهن تي) مهرباني ڪرڻ ـ لانگ وراڻ.

ـ لانگٽِ لاهڻُ ع لانگٽڙُ لاهڻ: ذ. صفت. نِرلڄو ـ نِرجو ـ بي حياءُ ـ بي شرم ـ اجايو خرچ ڪندڙ ـ فضول خرچ ـ هٿ ڦاڙُ.

ـ لانگَ ڪٽڻُ: اُگهاڙو ڪرڻ ـ پردو کولڻ ـ لانگ لاهڻ.

ـ لانگَ لاهِڻُ (ڪ): گهوڙي تان لهڻ. چڏي ڏيڻ ـ اوسراڻ ڪرڻ ـ بخش ڪرڻ. جملو: "ويچاري غريب تان زميندار مس مس لانگ لاٿي آهي."

ـ لانگٽ لڪٽڻُ: ڊاڙ هڻڻ ـ لاف هڻڻ ـ ٻڪ هڻڻ ـ وڏائي ڏيکارڻ ـ ٽِنڊَ ڦوڪ ۾ رهڻ.

ـ لانگَ متهي ڪَرَنُ: اگهاڙو ڪرڻ ـ پردو کولڻ. بي حيا ٿيڻ ـ بي لڄو ٿيڻ.

ـ لانگَ ميلائِڻُ: هرڪدم رٽيڻ. ريجهائڻ ـ پرچائڻ.

ـ لانگوٽُ ع لانگوٽَ: ذ. لانگوتو ـ ڏوتي ـ چوتو ـ زيربند.

ـ لانگوٽِيوُ ع لانگوٽِيا: ذ. ڏوتي ٻڌڻ جي ڪم ايندڙ ڪپڙو ـ ڪاچوٽي.

ـ لانگوٽِيءُ ع لانگوٽِيُونُ: ث. ڏوتي يا گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو ـ لانگوٽو ـ ڪڇو ـ جانگيا ـ لنگوٽي.

ـ لانگوٽِيوُ ع لانگوٽِيا: ذ. صفت. لانگوٽي ٻڌڻ وارو ـ لانگوت ٻڌندڙ. زنا ڪار ـ بدچال. بي حيا ـ بي شرم ـ بي نڪو ـ بي ديدو ـ ڪميڻو ـ اوباش ـ لانبارو ـ بدفضيلتو. فتنه انگيز ـ چالاڪ. نڊو چوڪر. نڊيڻ جو ساٿي ـ گهرو دوست.

ـ لانگوٽِيوُ يارُ: ذ. نڊيڻ جو ساٿي ـ گهرو دوست.

ـ لانگٽ وَرائِڻُ: گهوڙي يا اٺ وغيره تي ٽنگَ وَرائي چڙهڻ ـ (ڪنهن تي هٿ رکي) ٽپڻ ـ (ڪنهن شيءِ مٿان) چال مارڻ. تڪڙو روانو ٿيڻ ـ هليو وڃڻ ـ ڪُڙڪي ڪڍڻ. ٽورو رکڻ ـ زور جمائڻ ـ سيني تي ستر ٽيڻ ـ غالب پوڻ ـ نصرت لهڻ.

ـ لانگُونُ وَرائِڻُ: ٽنگن ۾ جهلي قابو ڪرڻ ـ پيڙڻ.

ـ لانگٽ هيٺانُ ڪَرَنُ: قابو ڪرڻ ـ هٿ ڪرڻ. پرائو پيسو ڦائڻ.

ـ لانگٽ هيٺانُ لنگهائِڻُ: آڻ مڃائڻ ـ ساري مات ڪرڻ.

ـ لانگٽ هيٺ ڪَرَنُ (ڪ): حياءُ ڪرڻ ـ شرم ڪرڻ ـ اوگهڙ ڏيکڻ.

ـ لانگِيُ ع لانگِيُ: ذ. ستڻ جو وچ وارو ٽوپو ـ پچيءَ وارو حصو.

● لانگارُو ع لانگارا: ذ. آڏامندڙ جيت جو هڪ قسم ـ متڪ جو هڪ قسم.

● لانگاڻُو: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لانگاڻِيُ: اسم خاص. سَري باوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

● لانگاهڙ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. خيرپورميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو. (سکر جي پرسان) هڪ ڳوٺ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لانگوٗتي: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لانگوٗهَ: اسر خاص. (بروهي) بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو.
● لانگتها: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لانگهاڻو: تعلقي ڏکوڙي ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لانگهاڻي: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لانگهڙجي: اسر خاص. تعلقي ڪنڊيارو ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لانگهو ۽ لانگها: ذ. (ڪنهن جي) لنگهڻ جو رستو - واٽ - لنگهڻ - پيچرو - ڪس - پيلاڻي - لڪ - گهٽ - گذرگاهه - گهپر - تڙ - پاڻي ۾ مان لنگهڻ جو رستو - پاڻي ۾ جو ٿورو مفاصلو. ٻڪ جو ويلو - ٻڪ. مشڪلات - دک درد - ڏک - گهاري - وچوٽي - وقت - مهل. (صفت). تانگهو - تانگهڙو - تراکڙو - تراشو - پاياب. (اسر خاص). تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- لانگهاڻو ۽ لانگهاڻو: ذ. صفت. لنگهندڙ - واڌڙو - راهه گذر - گذرندڙ - ٽپندڙ - واٽ ويندڙ - مسافر - رهگير - چاڙهو - چترو. وچون وهه - درمياني - متديم - پورو پنو - هالو چالو.
- لانگهائي ۽ لانگهائيون: ث. صفت. تانگهو - تانگهڙو - تراشو - تراکڙو.
- لانگهو ۽ لانگهو: ذ. صفت. رهگير - رهگذر - لانگهاڻو - مسافر.
- لانگهو ڪيڻ: لنگهڻ ڪيڻ - فاقو ڪيڻ - ٻڪ مرڻ.
- لانگهو لنگهڻ: اسر مصدر. تراکڙي پاڻي ۾ جي پيچري مان پار پوڻ - پاڻي ۾ جو لنگهه ٽپڻ. تڪليف ڪاڻ - دک درد سهڻ.
● لانتوان ۽ لانتوائون: ذ. خط جي شروعات جو اکر، جيئن: بسم الله ۷۸۶ اوم وغيره.
● لانهڻ ۽ لانهڻ (ڪ): ذ. ڪوهه جي پاڻي ۾ پرڻ وارو رسو. وڻ جون پاڙون.
● لاڻ ۽ لاڻون: ث. شادي ۽ وقت (هندن ۾) برهمڻ جو سندن اولياڻ ۽ مهاديون وغيره جا نالا وڻڻ واري حالت - ڪموت ۽ ڪنوار جو ست دفعا پاڻ ۾ متا ٽڪرائڻ واري حالت - (هندن جي) شادي ۽ جي هڪ رسم - ستون ماڻ.
- لاڻون لٿهڻ: شادي ڪرڻ - پرڻجڻ - وهاڻ ڪرڻ.
● لاڻ: ث. گهٽتائي. جملو: "تو هين مان گهڙي لاڻ ڪيدي آهي، جو نٿو وڻين". نقص - اوڻائي - عيب. خطا - پُل - چُوڪ - ڏوهه - ڪَمي - وِيڪ - سُقم - جيءَ - وِنگ - وِڏَ - گهٽ - ڏيڻ - آڻ چِڻ - آلَ - خامي. ٽڪو - داغ - ڪلنڪ.
- لاڻ لاهيڻ: هتڪ عزت ڪرڻ - بي عزت ڪرڻ - بي مانو ڪرڻ.
- لاڻون ۽ لاڻوان: ذ. صفت. خراب - گهٽ - لڏو. (ث. لاڻي).
● لاڻ: ث. بيماري ۽ جي پرهيز ۾ رک ڇڪ - نظر لڳڻ. تڪليف رسڻ
"عالم خان کي عشق جي، لڳي ويئي کا لاڻ"
(عالم خان نظاماڻي).
● لاڻَ ۽ لاڻيون: ث. کوڙو ٺيڪر - اِهانت - بُهتان. گِلا - خواري - بدنامي - پَرِ نندا - نِندا - غيبت - ڪُوارَ - طوفان.
- لاڻَ لاڻ: مصدر. عيب لاڻ - گِلارو ڪرڻ.
- لاڻَ لڳڻ: اکين آٽيل مانهوءَ کي اکين ۾ ڪڪ ڪتر پوڻ.
● لاٽا: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لاٽو ۽ لاٽا: ذ. کلراٹي زمين ۾ پيدا ٿيندڙ گاهه جو هڪ قسم، جو اکثر آٽ کائيندا آهن. پوٽهي جو هڪ قسم - لاٽي. (اسر خاص). تعلقي ڏکوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- لاٽا لُوهَ ۽ لاٽا لُوهُون: ث. وَٽ پٽڻ - بي حد گهڻي ڪوشش - هِتان هُتان ڪري وڃي پار پوڻ جي حالت.
● لاٽي ۽ لاٽيون: ث. (ف. بيدر) پوٽي جو هڪ قسم، هن جا ست قسم ٿيندا آهن: (۱. آوتُ لاٽي يا آشڪ لاٽي ۲. ميٺي لاٽي يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمندر لائي ٣. گهرو لائي ٤. ڪاري لائي ٥. ڪوئنتي لائي ٦. پٽ لائي يا گڏهه لائي ٧. چوٽي لائي يا ٽيسر لائي) هن کي ساڻي ڪار ناهين ۽ پاڇيءَ طور ب ڪم اچي.

● لاڏيرو: اسم خاص. تعلقي ساماري ۽ تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لاوارو ۽ لاوارا: ذ. نندو گابو ـ ٻئون جاول ڦر ـ ڪونهون ـ نندو

"هُو دائم جام چنيسر داسڙو،
سوڪٽئي ليلهان لاوارو"

(صاحبڏنو).

ـ لاوارا ڪانڱهارا: ذ. گهٽ وڌ عمر وارا ٻه ڇڻا.

ـ لاوارو بٽيڇڻ: نادان ٽيڙ ـ بيوقوف ٽيڙ ـ اڻوجهه ٽيڙ.

● لاوِرو ۽ لاوِرا: ذ. پالين ـ هٿايو ـ هيرايل (پکي يا جانور وغيره). تمام نندو ـ هلکو ـ نندو ـ ڇوٽو. ڪير ڏائڪ (ڳوڙي وغيره). (سرديسي ـ گر).

ـ لاوِرو بٽيڇڻ: نادان بنجڻ ـ چريائي ڏيکارڻ ـ بيوقوف ٽيڻ.

● لاوِري ۽ لاوِريون: ث. تازي ويائل ڳئون وغيره. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

● لاوَڪُشا ۽ لاوَڪُشائون: ث. راز ـ پيد ـ ماترا ـ ڳُجهه (سامي). اشارو. رَمزَ.

● لاوَڻ ۽ لاوَن: ذ. مسلمان عورتن جي پائڻ لاءِ گج جو هڪ قسم ـ گهگهو ـ گها گهرو ـ گَجَ ـ ڪُرتي ـ شيمي ـ (بلوچڪو) وَڳو

"ڪينَ لاوڻَ ڪي لڇايو وقت تي وريام خان،
ڪيئن بلوچاڻو پيلا بنياد ٽيندو بي وفا؟"

(حامد).

● لاوَهارو ۽ لاوَهارا: ذ. صفت. لاهيءَ جي طرف وارو ـ پاڻيءَ جي وهڪري طرف لڙهندڙ.

● لاهڻ ۽ لاهه: ذ. اسم. ٻنيءَ ۾ پوکڻ وقت بينل سکل ڪکن جو ٻوڙو ـ ٽڏو ـ زمين مان وٽن جون ڪيل پاڙون ـ ٻنيءَ ۾ بينل ڪک ڪچرو. لاهي ـ نشيب ـ لهندي ـ لهيتَ ـ لاهو ـ لاڙ ـ سلامي ـ خيانهين ـ لاڙو ـ ڦيرو. پاڻيءَ جي لاٽ ـ گهٽجڻ جي حالت ـ ٻوڏ جو رُخ. (هرڻ وغيره جو) چال ـ ٽپو

"ڏنائين لاهڻ لئيَن تان، پُنتي ڪين نهاري"

(علي).

عيب ـ اوڻائي ـ ڪَمي ـ سُڪُم ـ گهٽتائي ـ نقصُ ـ گهٽتِ ـ پُل ـ ڏوهه ـ خطا ـ ستهُو. نمونو. دستور. فائدو. ڏڪ (طرف)

"جي آتر جي لاهه، سڄڻ سپ پرکيا"

(شاهه ڪريم).

ذ. صفت. ضدي ـ هوڏي ـ مغرور.

ـ لاهارو ۽ لاهارا: ذ. لٿهارو ـ لاهيءَ تي. (ضد ـ اوپارو).

ـ لاهڻ ٻڌَنُ: مصدر. رڙيون ڪرڻ ـ ڪوڪڑيون ڪرڻ. لٽل ٻڌڻ ـ لُڙڙ ٻڌڻ (مهراڻ).

ـ لاهڻ پاهه: هيٺ متي ڪرڻ واري حالت ـ هڪ ٽانوَ سان ٻئي ۾ لاهڻ ۽ وجهڻ واري حالت.

ـ لاهڻ ترآنيُ: ڏاڍو ڪَوڙو ـ تکو.

ـ لاهڻ ڪيڏنُ: ٻوٽي کي پاڻ سوڏو ڪيڻ ـ پوک سان نقصان ڪندڙ گاهه ڪيڻ. مُوڙهه ڪيڻ پاڙ پٽڻ ـ نابود ڪرڻ ـ ناس ڪري ڇڏڻ ـ تباهه ڪرڻ.

ـ لاهڻ ڪيڏيُ ڇڏَنُ: مصدر. خوب سزا ڏيڻ ـ بچڙي سخت سزا ڏيئي سڌارڻ ـ ملامت ڪري سٽين راهه تي آڻڻ.

ـ لاهڻ لڙَنڊوُ: (ڪو ڪم) لاچاريءَ سان ڪيل ـ مٽين دل سان ڪيل (ڪم).

ـ لاهڻ لٽڪهائيُ: ٻنان سوچ ويچار جي ڪم ڪرڻ ـ آڏو آهستو ڪم ڪرڻ. تير تُڪلي ۾ ڪرڻ ـ بيڪر ڪرڻ. ٽُڪَ ٽيڙ ڪرڻ ـ ڏانگها وَهائڻ ـ متو هڻڻ ـ سني طرح ڪم نه ڪرڻ ـ مٽاچرو ڪم ڪري پورائو ڪرڻ.

ـ لاهڻ نِڪرَنُ: مصدر. ٻُڌِ نڪرڻ ـ ناس ٽيڻ ـ بنياد بنجڻ ـ برباد ٽيڻ ـ تباهه ٽيڻ.

ـ لاهڻ نِڪرِي وَڃَنُ: مصدر. پاڙ پٽجي وڃڻ ـ تباهه ٿي وڃڻ ـ برباد ٿي وڃڻ ـ ناس ٿي وڃڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لاهوٗ ۽ لاها: ذ. (سن. اوروهـ = لهڻ) لاهڻ ـ هيڻانهين. هيڻانهينءَ ڏي هلڻ جي حالت ـ پٺيرو ڏي هلڻ ۽ وڃڻ جي حالت

"ڪير لڙهـ لال لڙڪن سان،
لـڙي لڙڪ ٽيـا لاهـا"

(احمد ملاح).

ـ لاهـ ۽ جَڻُ: ناس ٿيڻ ـ تباهـ ٿيڻ ـ برباد ٿيڻ ـ بنياد وڃڻ ـ چٽُ ٿيڻ.

ـ لاهوٗ چاوَهوٗ ۽ لاها چاوَهـا: ذ. زمين جي هيٺ مٿانهين. ڏک سک.

ـ لاهُوڪتڙُ ۽ لاهُوڪتڙَ: ذ. صفت. لاهيءَ وارو ـ نشيبدارو ـ نشيبي ـ سلامي وارو ـ ليتيل ـ لاڙو ـ مائيل ـ راغب.

ـ لاهوٗ گاهوٗ ۽ لاها گاها: ذ. گهٽ وڌ ـ ڪٽس ڪٽر.

ـ لاهوٗ گاهوٗ ڪَرَڻُ: مصدر. اڳهه گهٽ ڪرڻ ـ مُلهه گهٽائڻ ـ چڙچوٽ ڪرڻ.

ـ لاهِيَ ۽ لاهِيُونُ: ث. لهندي ـ لِوَڻِ ـ هيٺانهين ـ نشيب ـ تترُ. تانگهي ايراضي. جهوڪ ـ جهر. آڻ جي وهڻ واري حالت.

ـ لاهِيُونُ چاڙِهِيُونُ ڏِيڻُ: برغلائڻ ـ ڏڻا ڏيڻ ـ ڏڙ دلاسو ڏيڻ.

● لاهارِيوٗ ۽ لاهارِيا: ذ. صفت. (سن. لُو = لُٽڻُ) لاباروَ ڪندڙ ـ پوڪ لُٽندڙ ـ لاهيندڙ ـ لاهيارو ـ لايارو. ڪميڻ ـ مزورَ ـ همراهـ ـ پورهيت.

● لاهَتڻُ: مصدر. گهُٽڻ يا گهوٽڻ. جملو: "ٽاڏل لُهاڻي وَڃُ". (لاهيتو ـ لاهيندو ـ لاهيل).

● لاهِرُو ۽ لاهِرُو: ذ. صفت. لهرين ۾ لڙهي آيل.

● لاهِرِي: اسمِ خاص. لاڙڪاڻي جي پر ۾ هڪ بندِ محلي جو نالو.

● لاهِڻُ: مصدر. (سن. اوروهـ = لهڻ) هيٺ آڻڻ ـ ڏارڻ. (ڪَٽل) آتارڻ ـ (ڪپڙا وغيره) لاهڻ ـ (بن) روڙڻ ـ چنڻ. درجو گهٽائڻ. (وار) ڪٽڻ. (ٻني يا فصل) لُٽڻ ـ ڪٽڻُ. (سُڪيءَ تي) آڻڻ. (ڪنهن جي) سيسي وڍڻ. (آنا يا بيضا) ڏيڻ. ٻاهر ڪيڏڻ. (چت) ڏاهڻ. (ڀاڻ ڪي) حقير سمجهڻ. ساڻ ڪرائڻ ـ سرچائڻ. (حساب) صاف ڪرڻ ـ قرض ادا ڪرڻ ـ (اوڌار جا پيسا) ڏيئي چڏڻ ـ رقم وارڻ. (حساب ۾) پيسا ڪائڻ ـ پيسا گهٽائڻ ـ پيسا ڪٽ ڪرڻ. (سُڪا) پوري ڪرڻ. سٽيمي ڪرڻ. چڏ چوٽ ڪرڻ. آڇ مارڻ. پٽي راند ۾ پيس ڪندڙ جا پتا لاهي رکڻ. (لاڙو، لاهيندو، لاهيل يا لاڙل).

ـ لاهـ ۽ لاهُونُ: ث. لاهڻ جي حالت ـ لاهپ.

ـ لاهـ ٻاهـ: ث. هڪ ٽانءَ مان (ڪا شيءِ) پئي ۾ لاهڻ پائڻ واري حالت. آڇا ٻاجا ـ مٽومٽ ـ هڪجهڙائي ـ مٽا سٽا ـ لٽ پٽ. (ٻاڻيءَ جي) آڏل پٽل ـ هار وير.

ـ لاهـ ٻاهـ ڪَرَڻُ: هڪ ٽانءَ مان ڪيڏي ٻئي ٽانءَ ۾ اوتڻ. حساب صاف ڪرڻ ـ آجو ٿيڻ ـ ڏيئي وڻي چڏڻ.

ـ لاهِيٽِيُ ۽ لاهِيٽِيُونُ: ث. (عزت) لاهڻ واري حالت ـ جڻ ـ قِيڪار ـ ملامت ـ لعنت.

ـ لاهِيٽِيُ لاهِيڻُ: (محاوو) ٻي عزتو ڪرڻ ـ ٻي مانو ڪرڻ ـ اپمان ڪرڻ ـ نرسڪار ڪرڻ ـ ٻي عزتي ڪرڻ. ڏيان نہ ڏيڻ ـ ڪَنَ لاٽار ڪرڻ.

ـ لاهِي ٻاهِي: ظرف. ظاهر ظهور ـ آشڪار ـ پدرو ـ سهي سنيري ـ مُصمم ارادي سان.

ـ لاهِي ٻاهِي ٻِيهُڻُ: مصدر. ضد ڪري ٻيهڻ ـ ارادتا ڪنهن ڪم جي پڻيان پوڻ. ننگو ٿي ٻيهڻ ـ آگهاڙو ٿي ٻيهڻ ـ ٻي حيا ٿيڻ ـ ٻي لڄو ٿيڻ ـ بيهود و ٿيڻ ـ ڪو لحاظ نہ ڪرڻ ـ طعنہ زني ڪرڻ.

ـ لاهِي چڏَڻُ: مصدر. (ڪم ڪار) ختم ڪرڻ ـ پورو ڪرڻ ـ ڪري چڏڻ. ڪيڏي چڏڻ ـ بند ڪرڻ ـ منسوخ ڪرڻ.

ـ لاهِي ڏِيڻُ: مصدر. ٻارهلڪو ڪرڻ ـ پٽي تي مڙهڻ.

ـ لاهِي ڪُلهوٗ ڏِيڻُ: مصدر. همدرد بنجڻ ـ سِڪَ وڌائڻ. ڪنهن ٻار کي وچ ڪان ٽورو هيٺ پرو ڪلهو ڏئي ڪڍڻ.

● لاهوٗ ۽ لاها: ذ. (سن. لابَ = نفعو) فائدو ـ نفعو ـ ڪٽيو ـ آيت ـ پرايت ـ لابُ ـ آپراسو ـ سوباسو ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصلات ـ مرسي. لٿي وڃڻ جي حالت ـ لٿڻ واري حالت.

ـ لاهاتوُ ع لاهاتا: ذ. لٿڻ جهڙو.

ـ لاهائيتوُ ع لاهائيتا: ذ. صفت. فائدي وارو ـ نفعي وارو ـ سودمند ـ واڌاري وارو ـ وڌاءَ وارو ـ اُپائتو ـ لاپائتو ـ گنجائشي.

● لاهُوُ ع لاهُوُ: ذ. صفت. گولي ڪيڏڻ ـ گولينڊڙ ـ لينڊڙ ـ لهندڙ ـ هٿ ڪندڙ ـ ڊوڙيندڙ ـ ڦولينڊڙ ـ گولُو ـ پتو ڪيڏڻ.

● لاهُوتُ: ذ. (ع. لاهُوتُ = عالم ذات الاهي) عالم ذات الاهي، جنهن ۾ سالڪ ڪي فنافي‌الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي ـ صوفي طريقي جي چوٿين منزل ـ لٽُونُ ـ متحوِيَتَ. (اسم خاص). ڪراچيءَ کان چٽيهه ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ زيارت گاهه جو نالو ـ پب جبل جي هڪ وڏي صفي جو نالو. هڪ مڪان جو نالو.

ـ لاهُوتيُ ع لاهُوتيُ: ذ. صفت. عبادت ۾ محو يا غلطان ـ جوگي فقيرن جو هڪ قسم ـ سنياسي ـ آديسي ـ رِشي ـ لوڪ تياگي ـ الله لوڪ. سيلاني ـ سيّار. سچو عاشق ـ بي پرواهه ـ لاهُوت لامڪان جي خبر رکندڙ (فقير). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

ـ لاهُوتيڪوُ ع لاهُوتيڪا: لاهُوت جو ـ لاهوتي فقيرن وارو.

● لاهورُ: اسم خاص. پاڪستان جي پنجاب علاقي جي هڪ مشهور شهر جو نالو. پرت جو هڪ قسم.

ـ لاهوُرِيُ ع لاهوُرِيُ: ذ. لاهور جو رهاڪو ـ لاهور وارو.

ـ لاهوُرِيُ ڪَمَنڈُ: ذ. پنجاب ۾ ٿيندڙ وڻين گُرين وارو ڪمند.

ـ لاهوُرِيُ گجرَ: ذ. گجر جو هڪ قسم.

ـ لاهوُرِيُ مرچُ: ذ. گاڙهن سرخ مرچن جو هڪ قسم.

ـ لاهوُرِيُ: ذ. اسم خاص هڪ ذات جو نالو. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه ۽ گوٺ جو نالو.

لاهُوڙِيوُ ع لاهُوڙِيا: ذ. هڪ وڻ يا ٻوٽي جو هڪ قسم.

● لاهوڪتڙُ: ذ. لاهيءَ وارو ـ لاهيءَ تي.

● لاهيارُ ع لاهيارا: ذ. صفت. لاڀارو ڪندڙ ـ لاڀاريو. لاڀيءَ وارو. فائدي مند ـ لاهائتو ـ لاپائتو ـ سُود مند.

ـ لاهيُوارُ ع لاهيُوارَ: ذ. صفت. لاڀارو ڪندڙ ـ لائي وڻندڙ.

● لاءِ: حرف جر. واسطي ـ جي لاءِ ـ جي ڪري ـ ڪاڻ.

● لاءُ ع لاءَ: ذ. مزو ـ لذت ـ رَسُن (چَوَڻِي) "مُنڌِ پيڙهائي ٻلي، آپڻين تہ لاءُ نڪو ساءُ". سواد ـ لطف. وڻ جو هڪ قسم ـ لٽيي ـ لئيءَ جي وڻن جو جهنگ ـ ٽارو. عادت ـ وصف ـ خصالت ـ خصلت ـ وَضعُ ـ چال ـ حال چال ـ شيوو ـ رَوَش ـ پَٽ ـ هير ـ وِردُ ـ غٽڌا ـ خوءِ ـ سُڀاءُ ـ حالت ـ عِلّتَ ـ ريت.

ـ لاءِ ساءُ ع لاءَ ساءَ: ذ. اسم. مزو ـ لذت ـ ذوق ـ شوق.

● لاءِ جوُ شِڪارُ: ذ. هڪ ڏاريل تتر جي ذريعي ٻيا تتر قاسڻ يا مارڻ وارو شڪار.

● لاءُ آچڻُ (ث): مصدر. رڍ يا ٻڪريءَ جا وار ڪترڻ جيڏا ٿيڻ.

● لائِرُو ع لائِرا: ذ. اسم. ٻڪريءَ جو نندو ڦَرُ ـ گاهو. بي سمجهه ـ بي وقوف.

● لائِقُ ع لائِقَ: ذ. صفت. نيڪ ـ ديانتدار ـ وڙائتو ـ لائق پريو ـ ڳڻن وارو ـ ڀاتر ـ پاتُ ـ چگو (ماڻهو) ـ ستڪترُ ـ لياقت پريو ـ سنو پرو ـ ڳڻونت ـ لياقت وارو ـ قابل ـ سمجهو ـ هوشيار ـ رُوڙو ـ شائستو. جوڳو ـ جوڳ ـ شايان ـ واجب ـ موزون ـ مُناسب ـ ٺيڪ ـ ٻجا ـ درست ـ برابر ـ لتلائتو ـ جڳائتو ـ ٺهندڙ ـ آچيت ـ مناسب ـ معقول ـ آچت. پورو ـ ڪم جو ـ ڏانوَ جو ـ باب جو ـ وٽندو ـ ياوَندو ـ جڙندڙ.

ـ لائقائيتوُ ع لائقائيتا: ذ. صفت. لائق پريو ـ لياقت پريو ـ عدو ـ بهتر ـ چگو ـ سُٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لائيقائيءُ ۽ لائيقائيءُن: ث. اسم. لائقي ـ شرافت ـ لياقت ـ مهارت ـ استعداد ـ نيڪ نامي ـ لحاظ ـ مروت ـ پاڻمانسائي ـ قرب ـ پلائي ـ مهرباني ـ ٿورو ـ احسان.

ـ لائيقُ فائيقُ ۽ لائيقَ فائيقَ: ذ. صفت. عزت وارو ـ مان وارو ـ مانائتو ـ باعزت.

ـ لائيقُ ڪرڻُ: مصدر. مهربائي ڪرڻ ـ عنايت ڪرڻ ـ و ڙ ڪرڻ ـ پال پلائڻ ـ احسان ڪرڻ ـ ٿورو ڪرڻ.

ـ لائيقُ وَنڊُ ۽ لائيقَ وَنڊَ: ذ. صفت. لياقتن وارو ـ لياقت پريو ـ لائق. شانائتو ـ مانائتو.

ـ لائيقُ هُجڻُ: هوشيار هجڻ ـ لائقن پريو هڻ ـ قابل هجڻ ـ مُستحق هجڻ ـ گُنيي هجڻ ـ موزون هجڻ ـ واجب يا معقول هجڻ.

ـ لائيقيءُ ۽ لائيقيئُونُ: ث. لائق ڪرڻ واري حالت ـ شرافت ـ نيڪ نامي ـ نيڪ نيتي ـ جوڳائي ـ مُناسبي ـ برابري ـ شائستگي ـ مرجاتا ـ سُنيهتي ـ سياڻپ ـ ڏاهوڪائي. احسان ـ پلائي ـ وَڙُ ـ ٿورو ـ قُرب. لياقت.

ـ لائيقيءَ لڳڻُ: مصدر. چڱي درجي ڪي پهچڻ ـ مان وارو ٿيڻ.

● لائيقَ پُورُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٿوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لائيقُ پيرُ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لاءِ لشڪرُ ۽ لاءِ لشڪرَ: ذ. پٺهنجي آفيسرن ۽ سامان وغيره سميت هڪ فوج يا ڪٽڪ. ڪٽم ـ قبيلو.

● لائيڻُ: مصدر. (دوا وغيره) لڳائڻ ـ هڻڻ ـ مکڻ. اٽڪائڻ ـ ڪُپائڻ ـ ڦاسائڻ ـ اڙائڻ ـ ڪوڙڻ ـ بيهارڻ ـ ويهارڻ. ملائڻ ـ گڏائڻ ـ گڏيڻ. ڏرڻ ـ رکڻ ـ ناهي رکڻ. پابندي جو شرط لاڳو ڪرڻ ـ ڪم ۾ رڌائڻ ـ ڪم ۾ رکڻ. (ڏوهه) مڙهڻ ـ شامل ڪرڻ. (هٿ) رکڻ ـ ڇُهڻ. نَرَ جو مادي ۽ مٽان پوڻ ـ ڪنهن جانور جو قُرَنُ ـ ملائڻ ـ لاڳو ڪرڻ. (ڪو اوزار، پٿر تي) تکو ڪرڻ ـ سراڻ تي چاڙهڻ ـ ڪلاڪائڻ ـ چيرو ڏيڻ. ڏاڪڻ ڪي مانجهو هڻڻ. پيڙڻ ـ پرڻ. (ڏوهه) مڙهڻ ـ شامل ڪرڻ. (لائيو ـ لائيندو ـ لائيل يا لاتل).

ـ لائهي ڏيئُ: وڏائي ڏيڻ ـ گڏي ڏيڻ ـ واڏاري ڏيڻ ـ ڪجهه ملائي زياده ڏيڻ.

ـ لائهي رکيُ: نيات مان ڪڍي ڇڏڻ ـ پاڻ برادر مان نيڪالي ڏيڻ.

ـ لائهي ڳالهائڻُ: مصدر. نموني سان ڳالهائڻ ـ برخلاف ڳالهائڻ ـ وڌائ ڪري ٻڌائڻ ـ خراب ڪرڻ. (ڪنهن تي) سڌيءَ طرح حملو ڪرڻ. (پرمانند). اڻ سڌيءَ طرح ڪنهن کي طعنو هڻڻ.

ـ لائهي لائيُ: ٿورو ٿورو ڪري ڪائڻ. ماني سرس ۾ ٻوڙ ٿورو ٿورو ڪري ڪائڻ ـ مکهي چکهي ڪائڻ.

● لائوُ ۽ لائا، لاوا: ذ. (سن. لتگهـ). (و ـ ڪوش) (سن. لاوُ). (قليچ). پلهي (مڇيءَ جو) بنان ڪنڊي وارو اڌ. (ضد: ڪانڊو). (صفت). لئيءَ جي وڻ جو ـ ناري جي وڻ جو. مُڏو ـ ليمو ـ ڪُنڊ ـ موگو ـ سادو سُودو ـ ڳالهائڻ جو ٽُلهو. جڙتو ـ ڪوڙو ـ ڪوٽو ـ جعلي ـ مصنوعي. صفا نئيو ـ تمام گهٽ ـ بلڪل گهٽ ـ بلڪل چوٽو ـ ڪسو ـ اوٽو ـ گهٽ ـ ڪَمِ ـ ڪمتي ـ نرسو ـ زائل ـ اڻ پورو. خراب ـ بُرو ـ بيڙو ـ عيبدار ـ مَندو ـ بدتر ـ ابتر ـ بَند ـ ڪميڙو ـ ڪُڌو ـ پاجي ـ مُٺَ پيڙُ. ليمو ـ مٺو ـ جَڏو. پالپل (پکي، جانور) ـ هيرايل ـ ڏاريل (خصوصا تتر). جملو: "هي تتر لائو آهي". "آهي حرامي هميشه جام جن لاوا لتکايا" (جام خان جي شعر جي سٽ).

(ث. لائيُ ۽ لائيئُونُ).

ـ لائوُ ٿيڻُ: مصدر. هيرڻ ـ هيري مري وڃڻ (پکي يا جانور جو)

"ستهو لائو نه ٿئي. جوکيو ٿئي نه يار" (سُکهڙ).

ـ لائوُ پاسوُ ۽ لائا پاسا: ذ. پلهي يا مڇيءَ وغيره جو بنان ڪنڊن وارو اڌ. وڻهاءَ ۾ گهٽ حصو. (ضد ـ ڪانڊو پاسو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لائوُ ڏوڪتڙُ: ڪوڙو سڪو ـ ڪوڙو پيسو.
● لائنُون ع لائانُ، لاوانُ: ذ. صفت. خراب (چڱي جو ضد) ـ ڍلو ـ ڪنسو. عيبٽو ـ ڏُهرو ـ ضعيف ـ ڪمزور. ڪوجهو ـ گهٽ ـ عيبدار. منڍو. غريب ـ نماڻو ـ مسڪين. (ث. لائيِنُ ع لائيِنُون).
ـ لائوُ ڪنڊوُ ع لاوا ڪانڊا: ذ. چڱومنو ـ گهٽ وڌ ـ عام خاص ـ ڪسو پڪو.
ـ لائوُ ڪانڊوُ ٽيٽڙُ: رَسُ ڪري هلڻ ـ هڪٻئي جي ڳالهه ڪٽڻ ـ اٽڪل سان ڳالهائڻ ـ حرفت ڪرڻ ـ چالبازي ڪرڻ.
ـ لائي ٻڪيءَ سانُ جهلّڻُ: ڏُتارن ـ لڳڻ ـ برغلائڻ ـ ريبڻ ـ قُسلائڻ ـ قاسائڻ ـ لڳارڻ.
ـ لائيِ لنڊجيِ ع لايُونُ لنڊجيِونُ: ث. صفت. پلي ٻُجڙي ـ چڱي سڙي.
● لائنُونُ (جمع): ث. (سن.) شاديءَ جي وقت گهوٽ ڪنوار جا مٽا نمائي آهستي آهستي پاڻ ۾ ملائڻ واري رسم ـ مٽا ميڙ ـ پرڻو ـ شادي ـ شاديءَ جو ساڻ ـ ٽڪرَ ـ ٽڪروٽ.
ـ لائنُ اوٽنُو ع لائنُ أوٽا: ذ. اهو مڙس جنهن جي ويجهڙائيءَ ۾ شادي ٽيڻ واري هجي ـ گهوٽ.
ـ لائنُونُ ڏِيارَنُ: مصدر. شاديءَ واري رات گهوٽ ۽ ڪنوار کي مٽا ميل ڪرائڻ.
ـ لائنُونُ ڏِيڻُ: مصدر. گهوٽ ۽ ڪنوار کي نڪاح خواني بعد مٽا ميڙ ڪرائڻ ـ شاديءَ جي رسم پوري ڪرڻ.
ـ لائنُونُ ڪرَنُ: مصدر. پاڻ ۾ ميل ڪائڻ ـ موافقت پيدا ڪرڻ ـ هڪجهڙائي حاصل ڪرڻ.
ـ لائنُونُ لنهڻُ: مصدر. پرڻجڻ ـ شادي ڪرڻ ـ شاديءَ جي رسم ادا ڪرڻ ـ شاديءَ رات مٽا ميڙ ڪرائڻ.
ـ لائنُونُ هڻڻُ: مصدر. (هڪ ٻئي سان) جهجهي پريت هجڻ ـ گڏ وڏ هجڻ. جملو:
"فلاڻن جون هڪٻئي سان لائنون آهن".
ـ لائنُونُ نه لنهڻُ: مصدر. شاديءَ کان اڳ جوانيءَ ۾ فوت ٿي وڃڻ. پاراتو يا ٻيڙ ـ "شل لائنون نه لهين!".

● لائيِ ع لائيِيُونُ: ث. (سن. لاونسيِ = لائيِ ـ پترا. لاوينا = لائيِ) لاباري يا فصل ڪٽائيءَ جو آجورو ـ لڻائيءَ جي عيوض ۾ ميل يا ڏنل اناج وغيره ـ مزوري ـ لاپو. لابارو. مٽائيءَ جو هڪ قسم ـ ڪُٽڻ ۾ پُسائي ۽ پُڃائي ڪاهيل ڪاڏور. چُغلي ـ ڪِلا ـ چورت ـ چيٽا پور ـ جهيڙو. مرهٽي بولي ۾ جو ڪِيت.
ـ لائيِ ڪترُ ع لائيِ وَترَ: ذ. فاعل. (بل). لابارو ڪندڙ (۽ عيوض ۾ "لائي" جنس جو حصو ونڊڻ). (ن ـ ب).
ـ لائيِ وارُ ع لائيِ وارَ: ذ. صفت. لائيءَ وارو ـ لائي ونڊڻ ـ لاهو ونڊڻ.
ـ لائيِ جائيِ ع لائيِيُونُ جائيِيُونُ (يا) لايُونُ چايُونُ: ث. جهيڙي جاڳائڻ واري حالت ـ فتنه انگيزي ـ گهٽ وڌائي ـ ڪِلا غيبت ـ لُوٽ مار ـ لُڇائي ڪرڻ ـ حرامپائي ـ چالاڪي ـ حرفت. ڏُک ـ دُک ـ رنج. راز ـ ڳُجهه. خوشي ـ راحت. (ت).
ـ لائيِ چائيِ ڪرَنُ: هڪڙي جو راز ٻئي کي ٻڌائي، جهيڙو پيدا ڪرڻ ـ گهٽ وڌ ڳالهه ڪرڻ ـ چغلي هڻڻ ـ ڪِلا غيبت ڪرڻ ـ نندا ڪرڻ.
● لائيِنُ ع لائيِنُونُ: ث. (انگ. لائيِنُ = لِيڪَ) سيتَ ـ لِيڪَ. خط ـ ڌار. ڏورِي ـ رَسيِ ـ نوڙي ـ رِيکا ـ قطار ـ صف. پد ـ مصرع. لوهه جي وات ـ لوهه جي پتڑي. (آصفيه). ڏوهه ـ خطا ـ گناهه ـ قصور. عيب ـ اوڻائي. ذ. (صفت). محتاج. (گاجرا).
ـ لائيِنُ ڪِلِيِنَرُ: ذ. (انگ). رستو صاف ـ صفائي وات جي ـ وات صفا. استيشن ماسٽر جو گاڏيءَ جي ڊرائيور کي رستي جي صفائي بابت لکي ڏنل ڪاغذ.
● لاباروُ ع لاباراَ (ڪ): ذ. صفت. لاباروَ ڪندڙ ـ لاباري وارو ـ لاهيارو.
● لايترُ ع لايترَ (ڪ): ذ. صفت. لاباروڪندڙ ـ لاباروَ ـ لاهيارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لايتطاقُ ع لايتطاقَ: ذ. صفت. (ع). بي طاقت - نيرپتل - ڪمزور هيڻ - ڪمزور. (پرمانند).
● لايوُ ستجايوُ ع لايا ستجايا: ذ. اميدون پوريون ٿيڻ واري حالت - شادي - ڪاج. خوشي. فائدو (راس ٿيڻ واري حالت).
- لايوُ ستجايوُ ٿيڻُ: مُراد پُڄڻ - تڪليفون سڃاپون ٿيڻ - محنت ثاب پوڻ - ٿيل خرچ سڃاپو ٿيڻ.
● لبَ ع لبُونُ: ث. ٽُڪَ - قيمتي - لبَ - پِڪَ - گِگٽ - او گاڙَ - لُعاب - ڪفَ. (پرمانند).
● لبُ ع لبَ: ذ. (ف. لبُ = چپُ) - هڪ عضوي جو نالو - چپُ. رشوت - وَڍي - حرام - ڳڻو - نفعو - پوپو - لالچ - لوپ - طمع. طرف - جانب - پاسو - ڪنڊي - ڪنپُ (د رياءَ جو) - ڪنارو - پَرِ - ڪنسُ. (پرمانند). بندوق جو لبُ - گِٽرُ - تير. پيڙيءَ جي سڙهه ڪي هوا ڏانهن ڦيرائڻ واري رَسِي.
- لبَ تي لڙَڻُ: لالچ تي پاسو ڪرڻ.
- لبُ چٽڻُ: روح سُرڪڻ - وات پاڻي ٿيڻ - ستڻ ڪرڻ - خواهش ڏيکارڻ.
- لبُ دانيُ ع لبَ دانيُونُ: ث. بندوق جي لب يا گِٽرَ جي رکڻ جي نالي. (پرمانند). ٽُڪو.
- لبِيرُ ع لبِيرَ: ذ. لبَ وارو - حرام ڪائُو - وَڍِرُ - پئسي جو بندو - لبِي - لبِيجڻَ جو گو - لبِيرُ - ڪائُو - وَڍِي خور - رشوت ڪائُو - رُشوتي.
- لبُ ڪٽڻُ: روح سُرڪڻ - وات پاڻي ڪرڻ - ستڻ ڪرڻ - لبَ چڙڻ.
- لبِيُ ع لبِيُ: ذ. صفت. لبَ وارو - رشوتي - لالچي - حرام ڪائو - پئسي جو پٽ - ڪائُو - وَڍِي خور - پترشتُ - خبيث.
● لبُ ع لبُونُ: ث. (سنڌ لُو = لبُن). (فصل) لُڙڻ واري حالت - لوبُ - لاباروَ - (فصل جي) ڪٽ يا ڪٽائي. طمع. مُوڙي - نقد - روڪڙ. (رام ڪلي).

● لتباتوُ ع لتباتا: ذ. (ف. لتبادَهَ = ڏکوڻ) سيءَ يا برسات جي بچاءَ لاءِ پهريل ڏکو چوغو. (ع. لباد) ڏکو ڪوٽ - چُغو - ڪوڙتو - وردي - اووَر ڪوٽ. جانور جو هڪ قسم.
● لِباسَ ع لِباسُونُ: ث. ڪُوڙي خوشامد - چَٽَ - چاپلوسي - ناز برداري - مک استي. (پرمانند). ڪوڙي ساراهه - پِنيُل - لتلو پتو.
● لِباسُ ع لِباسَ: ذ. (ع. لبَسَ = هُن پهريو) پوشاڪ - وِيسُ - وڳو - ڪپڙا - جامون - وَستُر - ڪپڙو لتو - ڊَڪُ - ستر - برقعو. ڊنگ - روپ - مُلمعو - ڊيڪُ. زرين پوشاڪ - زَرُ - زيور - هار سينگار - ٽِيپ ٽاپ - ڊيڪُ ويڪ - پِيڪو. چاپلوسي - خوشامد - ڊونگ - چَٽَ - لُڏبي خوشامد - قُل هندي - ڪُوڙي ساراهه - لتلو پتو - پِنيُل. ڪاري جي پيڙيءَ جو هڪ عضوو - درياهي پيڙيءَ جو وڏو گوش. (سر ديسي - گر).
- لِباسُ بَتَنُ: چاپلوسي ڪرڻ - چَٽَ پَٽڻ - خوشامد ڪرڻ - لڳڻ - پِنيُلائڻ - تاتارڻ - چترائڻ - برغلائڻ - ڏتارڻ - قُسلائڻ - چاڙهه ڏيڻ - شاهوڏيڻ - ريهڻ ريبڻ - گُلتو پڌڻ. (پرمانند).
- لِباسُ ڪَرڻُ: ويس ڏيڪڻ يا بدلائڻ. پردو رکڻ - منافقي ڪرڻ.
- لِباسِيُ ع لِباسِيُ: ذ. صفت. ڪوڙو - خوشامد ڪندڙ - خوشامدڙيو - مُنهن تي خوشامد ڪندڙ - دل جو هليد - اندر جو ڪوٽو - ڪُپتيو - ڪُپتِي - مڪارُ - ڏورت - چالاڪ - ڏيکاءُ وارو - ٺوڳي - وات مِٺڙو - سياڻو - ريهو - ريهيندڙ - ريبيندڙ - برغلائيندڙ.
● لتباڪُو ع لتباڪا (ل)؛ ذ. نڪ - شرم - حيا - مَرَمُ - لڄ - مرجاتا. ليسو - جهاتي - ليڏو. (مهيري).
● لتبُر ريزُ ع لتبر ريزَ: صفت. (ف. لبُ + ريختنُ = چپ يا ڪنارو + هارڻ) تارُ پريل - تارُون تار - چِڪار - ڪٽڻ تائين پريل - لبالب - پرپور - ڪنارن تار - بَلبل - ٽمٽار - ڪناڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لُبِ لُبابُ ۽ لُبَ لُبابَ: ذ. (ع. لُبِ لُبابُ = تتُ تتُ) تتُ - ستُ - مغز - خلاصو - مطلب - مفهوم.

● لُبُلُبِي ۽ لَبَ لَبِيُونُ: ث. بندوق جي اوزار جو هڪ قسم - بندوق جي گهوڙي کي چوريندڙ اوزار.

● لُبَنُ ۽ لُبَنَ: ذ. (ع). کيرُ. انجيرُ. خسيس شيءِ. (پرمانند).

● لِبُنانُ: اسم خاص. شام ملڪ ۾ پهاڙي علائقي جو نالو.

= لُبَنُ: مصدر. (سن. لُنْبَ) لَبَ ڏيڻ - لالچ ڏيڻ - طمع آچڻ - رشوت ڏيڻ - لالچائڻ - وڍي ڏيڻ - ڪنهن کي ڪجهه ڏيئي، پنهنجي طرف ڪرڻ - پاڙيو ڪرڻ. (بندوق) لُبَنُ. ڪنهن شيءِ کي پائوڊر وغيره لڳائڻ. (پرمانند). (لبيو - لبيندو - لبيل).

= لُبُنُ: مصدر. (سن. لو = لُنْبَ) لابارجڻ - لُبِيجَنُ - لُٹِيجَنُ - (فصل) ڪٽجڻ.

= لَبُوچَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لَبُوسِيُ ۽ لَبُوسِيُ: ذ. صفت. لالچي - بي غيرت. خوشامدڙيو - چاپلوس. تَوَلُ (ڪتو) - نِذَڪو. گيدي - ڪانئِرُ - دڇڙو - بزدل. (پرمانند).

● لَبِيبُ ۽ لَبِيبَ: ذ. معشوق - سوهڻو - جاني - دلبر - منو - پيارو - پريتم - جانب - شيرين - وٹندڙ - محبوب. هوشيار - اڪابر - سياڻو - ڏاهو - داناءُ - عقل وارو - هوشوند - زِيرڪ - سُهوجهه - ستو پرو - پَهچاڻ - سمجهو - فهميدو - چتر - هوشائتو - پُڏوان - گياني - عقل وند. (پرمانند) - پَڙُ - ماهِرُ.

● لَبِيسُ ۽ لَبِيسَ: ذ. لِباسُ - پوشاڪ - وڳو. هار سينگار - صورت - پاهريون ڪاٽ. شڪل - رُوپُ - رنگ. چتُ. (گاجرا). لذت - مزو - خوشي.

● لَبِيسَ ۽ لَبِيسُونُ: ث. خوشامد - چاپلوسي - لِباسَ. (پرمانند).

● لِبِيسُ ۽ لِبِيسَ: ذ. چيڙهه - چميرُ - لڳِ لڳِ - ليو - چڪنائي - چمڙَ - لهيسُ. چتَ - ڏُتار - داڏر - چڙهو - ڳلٹو - ٹلُ - گهير گهيلي. (زبان جو) ميڙاس - ميناج - شيري. (پرمانند).

● لَبَّيْكَ: حرف ندا. (ع. لَبَّيْكَ = حاضر آهيان) سڏَ جو حاضر جواب - حاضر آهيان - ٻيو آهيان - حاضر سائين - حاضر حضور - خدمت ۾ موجود آهيان.

● لَبَ ۽ لَبُونُ: ث. لافَ - لٻاڙ - داڙ - ٻڪاڪ. (مهراڻ).

● لَبُ ۽ لَبَ (ڪ): ذ. خَمُ - وَرُ - وڪڙ. ڪانچو - ڪانٽو. جبل جي سلسلي ۾ ڪاڏل زمين. خالي جاءِ - تَبُ - ٽُنڪ - سوراخ.

● لِبَ ۽ لِبُونُ: ث. ٽُڪَ - ڦيٽي - پِڪَ - وات جو پاڻي - لُعاب - گِفَ - گِگَ - چِيچُ - جيجَ - ريشو. (ڪ). واهيات گالهاءِ - بڪَ. (ڪ). ليسوڙي يا گيدوڙي جو ريشو. (صفت). لڳلڳدار. گهٹ جو مصالحدار رَهو. (ٻيشه وران). پڪيءِ جو هڪ قسم. (شرٽ). (اسم خاص). تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= لِبَ وِ جهائِنُ: پِڪَ وجهائڻ - دعا ڪرائڻ.

= لِبُونُ جهٹلَنُ: چينچڙ - تنبيهه ڪرڻ.

= لِبُونُ چٹَنُ: بي مانو ٿيڻ - بي عزتو ٿيڻ.

● لُبَ ۽ لُبُونُ: ث. پاڻي لُٻَڻ واري حالت - پاڻي خراب ڪرڻ جي حالت. (وفا). جهڪ - پوڙ وغيره ۾ هٽ وجهي، ڦاٽڻ واري حالت. ميهڙو - طعنو - عتاب. چِڙَ - جُٹ - ڦِٹ - وياڏ - ويڙ - لعنت. ناچيز. (ذ). پاڻيءَ جي گاهه جو هڪ قسم. جانورن جو چارو (جنهن ۾ ڪڙ ۽ بوسو جام هجي).

= لُبَ ڪَرَنُ: (پاڻي وغيره) لُٻاڙي خراب ڪرڻ. تنگ ڪرڻ - هيسائڻ - دٻائڻ - تنبيهه ڪرڻ.

● لَبَاتَ ۽ لَبالُونُ: ث. (سن = لَبُ) اجائي لٻاڙ - بڪ بڪ - بڪواس - بڪوات - لٻاڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لٻاڇوءُ ۽ لٻاڇا (ل): ذ. صفت. گندلو- ميرو- گڇيلو- ڪينو- غليظ. (ث. لٻاڇيءِ ۽ لٻاڇيئُونُ).

● لٻاڙَ ۽ لٻاڙُونُ: ث. (سن. لٻ = اجائي گالهه ڪرڻ، ڌاڙ) - ڌاڙَ- ٻتاڪ- وڙِيلَ- لافَ- لاڻ. (شرت)- بڪواس- بڪوات- يڪخيي- ياوه گوئي- ڊيڪ- ڊينگ- لٻاتَ- ڊينگل- ٻڙَ- جاڙي- مبالغو- وڏاءُ- آڪاءُ- زياد تي- زياده بياني.

- لٻاڙَ هڻڻُ: لاف هڻڻ- ٻتاڪ هڻڻ- ڌاڙ هڻڻ- بڪواس ڪرڻ- بڪوات ڪرڻ.

- لٻاڙِيَ ۽ لٻاڙِيُ: ذ. صفت. لٻاڙ ڪندڙ- لٻاڙ هڻندڙ- ڌاڙي- گهڻو گالهائيندڙ- ٻتاڪي- لاف زن- بڪ بڪيو- ڪوڙ گالهائيندڙ- بڪواتي- ڊيڪر- ڪوڙا آڦواهه آڪاريندڙ- اجائي بڪ بڪ ڪندڙ- ڦڙهاڻي.

● لٻاڪيءُ ۽ لٻاڪيئُونُ: ث. نڊي مڇيءَ جو هڪ قسم.

● لٻاڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. سڪ قوم جي هڪ فرقي جو نالو. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● لٻاڻو ۽ لٻاڻا (ڪ): ذ. صفت. لاباروڪندڙ- لاياروء- لاهياروء. ڪائيون وڪٽندڙ. (وفا). جلاڻو ڪائيون وڪٽندڙ جي هڪ ذات. (پرمانند).

● لٻٽڻُ ۽ لٻٽَ (ٿ): ذ. عادت- هير- ڏنڊو.

● لٻڙُ ۽ لٻڙَ (ت): ذ. رليي- ڏپر. پراڻو چنل ڪپڙو. (مهيري). لڳڙُ.

● ليٻڙُ ۽ ليٻڙَ: ذ. صفت. نيرپل- ڏڙپل- ليٻل- ڪمزور- نيرُ- هيڻو- ضعيف- عاجز- ناتوان- بي پهچ. (منصور نامو).

● لٻڙَ: شاديءَ وقت ڪهوت ڪنوار جي لاءِ زعفران جي رنگ تي ناهيل گاديلو. (پرمانند).

● لٻڙُ لٻڙُ ڪرڻُ: تڙ تڙ ڪرڻ- هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ- اڏ و ڪابرو ڪرڪرڻ- جهڙو تهڙو پوراڻو ڪرڻ. (گنگا جو ڪتب).

● لٻڙُ ٿُوءُ ۽ لٻڙَ ٿُوءُ يا: ذ. صفت. گهٽ وڌ گالهيون ڪندڙ- لائي چائي ڪندڙ- چُغل خور. بدمزاج.

- لٻڙُ ٿُوءُ ٽيهٽڻُ: ڏڻو ڏيڻ- گهٽو هڻڻ- دلاسي ۾ رهائڻ.

- لٻڙُ ٿُوءُ ۽ لٻڙُ ٿُنا: ذ. صفت. آڦواهه آڪاريندڙ- آڦواهي. بڪواتي- بڪ بڪيو- لڙاڪي- واهيات گالهيون ڪندڙ. بي عزتو- بي مانو- لانڙُ. (شرت).

- لٻڙُ ٿُنائيءُ ۽ لٻڙُ ٿُنائيُ: ذ. صفت. مفت خور- حرام خورُ. اوبر ڪائيندڙ.

- لٻڙَ شٻڙَ: ث. اڏوري گالهه- سمجهه ۾ نه اچڻ جهڙي گالهه- گپڙ شپڙ- خلط ملط. (آصفيه).

● لٻڙَڻُ: مصدر. هٿ هڻي گندو ڪرڻ- خراب ڪرڻ- جهڳڙڻ- لٻٽڻُ.

- لٻڙِ ڏٻڙُ ڪرڻُ: لٻڙ- جهڳڙڻ- هٿ وغيره وجهي خراب ڪرڻ. (پرمانند).

● لٻڪڻُ: مصدر. بڪوات ڪرڻ- واهيات ۽ بي ڍنگو گالهائڻ- اجايو بڪڻ.

- لٻڪوءُ ۽ لٻڪا (ڪ): ذ. بدگفتگو- گيلا- لٻ لٻُ- بي ڍنگائي- بڪَ. (ت). مينهن جي ڪير وڌائڻ لاءِ ڪُنڊ ۾ منڊن جو ڏارو- چانورڻ جي ڪٽي گهٽي هاڻيءَ سان ملائي ڏنل چارو.

● لٻِ لٻِ ۽ لٻِ لٻُونُ: ث. واهيات گالهيون- بيوقوفيءَ جي گفتگو- اجائي بڪ بڪ- يڪخيي- چرپائي- بڪوات.

- لٻِ لٻِ ڪرڻُ: طعنا هڻڻ- مهڻا ڏيڻ- ڏوراپو ڏيڻ- ستائڻ.

● لٻِ لٻيُ ۽ لٻِ لٻيئُونُ: ث. بندوق جي اوزار جو هڪ قسم- بندوق جي گهوڙي جي هيٺين ڪلي.

● لٻڻُ: مصدر. ڪاڏو خراب ڪرڻ- پليد ڪرڻ. جملو: "ڪانوَن جو لٻيل پت ڪير ڪائيندو". جهڳڙڻ- لٻڙ ڏٻڙ ڪرڻ. ٽڪ لعنت ڪرڻ- (ماڻهوءَ کي) تنبيهه ڪرڻ- جُٽ ڪرڻ. هيسائڻ- ڪتبائڻ- ڊيڄارڻ- ڏمڪائڻ- ڊپائڻ- سُونڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکوئڻ ـ ڀيڙڻ ـ ستائڻ ـ ظلم ڪرڻ. عيب ڪيڏڻ. (لُٻيو ـ لُٻيندو ـ لُٻيڻ).

● لٹھوُ ع لٹھا (ل): ذ. صفت. جانورن جو هڪ قسم (ڪتن ۽ ريل).

● لڙھوُ ع لڙھا (ل. ث): ذ. صفت. ڏندن ۾ڳل يا ڏندن اکويل ـ ٻٽھو ـ قدوُ. (وفا).

● لٹھوُ ٹٹھوُ ع لٹھا ٹٹھا: ذ. تنگ گذرانُ ـ غريبي گذر ـ ٽوڙائي مان پورت ڪرڻ واري حالت ـ ايرائي ميرائي ـ اوڏو سوڏو ـ قناعت. ڪٹل ٽُنل. اڪل سڪل ـ تيرڙ و رڙ ـ لتم ٹٹھ ـ آٹا ماري ـ جهڙو تهڙو. حيلو ـ سازباز.

ـ لٹھوُ ٹٹھوُ ڪرڻُ: دلچسپيءَ سان ڪم ڪار ڪرڻ ـ مٽاچرو ڪم ڪرڻ ـ بي خيالو ڪم ڪرڻ ـ بنا شوق جي ڪم ڪرڻ.

ـ لٹھي ٹٹھي رَهڻُ: ڪنهن معاش جي ذريعي کان سواءِ گذارڻ.

● لڙھوڙڻُ (ت): مصدر. ڪاڌي ۾ آگريون وغيره وڃي خراب ڪرڻ ـ جهڳڙ ـ لُٻڻُ ـ ڪاڌو خراب ڪرڻ ـ لوڙڻ ـ گڏڻ. لعاب هارڻ. (وفا).

● لٹھُ ع لٹھُ: ذ. لاڀ ـ فائدو ـ پيدائش ـ حاصلات ـ پيداوار ـ نفعو ـ آپراسو ـ ڪتيسو ـ آپت. لالچ ـ لوڀ ـ طمع.

● لٹھائيڻُ: مصدر. (سن. لٹھ) ٻاهرائڻ ـ شيءِ کولڻ ۾ مدد ڪرائڻ ـ ڳولهائڻ.

ـ لٹھائيُ ع لٹھائيُونُ: ث. ڳولائڻ جو عيوض ـ لٹھائي ـ ڳولائي.

● لُٹھائيڻُ: مصدر. لوڀُ ڏيڻ ـ هيرڪائڻ ـ لالچائڻ. (پاڻ تي) مست ڪرڻ ـ موهڻ ـ ريجهائڻ.

● لٹھيجڻُ: مصدر. ملڻ ـ هٿ اچڻ ـ گڏجڻ.

● لڙھڪُ ع لٹھڪَ: ذ. آسمان ۾ سپ کان وڌيڪ روشن ستارو. ڪُتو ـ ڪتلب ـ ثُريا.

● لٹھنُ: مصدر. (سن. لٹھ = هٿ ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ) حاصل ٿيڻ ـ هٿ ڪرڻ يا هٿ اچڻ ـ ملڻ ـ لهڻ ـ پراپت ٿيڻ ـ پائڻ ـ گولي لهڻ ـ پيڙهون ـ لڇڻ. (لٹھيو يا لٹھو ـ لٹھندو ـ ليل يا لڏل).

ـ لٹھيڙهُ ع لٹھيڙا: ذ. صفت. ملي سگهندڙ ـ ملڻ جهڙو ـ وٺڻو ـ مڙهو ـ حاصل ٿيڻو ـ ملڻ جوگو ـ ميسّر ـ دستياب.

● لُٹھيڻُ: مصدر. (سن. لُٻ = لالچ ڪرڻ) (و ـ ڪوش) ـ لُٻڻ ـ لاڀارو پوڻ ـ لُٹجڻ ـ وڌجڻ ـ گاهه جو ڪڇڻ ـ لاڀارو ٿيڻ. لالچ ڪرڻ ـ لوڀجڻ ـ لوب ڪرڻ. ڪم ۾ مشغول ٿيڻ. (لُٻيو ـ لُٻندو ـ لُٻيل).

● لٹھوُلوُ ع لٹھوُلا: ذ. آڪير ـ سِڪَ ـ چِڪَ ـ تانگهه.

● لٹھَ ع لٹھُونُ: ث. بدن جي عضوي جو هڪ قسم ـ چتنگهه ـ پيرُ ـ ٽنگ. ٽڏو ـ ٽوڪر ـ ٽنگ سان ڏڪ ـ ٽٽونٽي ـ پشتاڙ ـ اِٽ ـ چڙهي ـ آٹهيو ـ آڇل ـ پير جو زور ـ د ڪو ـ آهٽ. (ڪ). ڀڙيءَ جي رسيءَ جو هڪ قسم ـ ڀڙيءَ جي پرسان ڪي ڪوهي تي لاهڻ چاڙهڻ لاءِ اڳئين پاسي بدل واجهه.

ـ لٹھَ ڏيڻُ: ٽنگ سان زور ڏيڻ. چپٹنُ ـ چپياڻڻ ـ لتاڙڻ. زور رکڻ ـ تنگ ڪرڻ ـ تڪليف ڏيڻ.

ـ لٹھيرُ ع لٹھيرَ: ذ. صفت. لٹھون هٹندڙ ـ ٽڏو هٹندڙ ـ ٽٽونٽيرُ (گڏهه وغيره). چالاڪ ـ هوشيار ـ محنتي. ٽنگ جو گوشت. (گاجرا).

ـ لٹھَرَ ع لٹھَرُونُ: ث. لتاڙَ ـ پيرن ۾ پيل ـ عام لنگهه جو هنڌ.

ـ لٹھيڙُ ع لٹھيڙَ: ذ. صفت. لٹھون هٹندڙ ـ ٽڏو هٹندڙ ـ لٹھيرُ ـ اِٽيرُ ـ پُستيرُ ـ ننديءَ ڪڙيءَ واري جُتي.

ـ لٹھَ ڪٹرِيُ ٹيڻُ: مصدر. زور پوڻ ـ نه پُڄڻ ـ نه پُڄَڻ.

ـ لٹھَ ڪٹورِيُ هٹجَنُ: اثر وارو هجڻ ـ اثردار هُڻڻُ.

ـ لٹھَ هٹنُ: نوڪر لڳائڻ ـ چڙهي هڻڻ ـ پيرن جي ضرب رسائڻ. نقصان پهچائڻ. ڏڪارڻ ـ ناڪار وارڻ. ڪم ڌاهي ڇڏڻ ـ رندڪ وجهڻ. ڏڳي يا مينهن جو ڪير ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ ـ (ڪير) چڙي ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لتيڑيو ۽ لتيڑيا: ذ. صفت. لتون هٽندڙ- پسڻيرو- ٽونٽيرو- لتيرو.

● لت ۽ لتون: ث. عيب- عادت- خصلت- خو- چوس- نمونو- سياڻ.

● ليتَ ۽ ليتُون (ت): ث. گوهي. جيت جو هڪ قسم- ڪٽ. تمام گهاڻي.

● لتاڑڻ: مصدر. لتن يا پيرن هيٺ لتوڙڻ- جهاڳوڙڻ- گوهڻ. چاهڻ. لتون هڻڻ- لتن سان مارڻ- لتن سان چيپاڻ. زور ڏيڻ- سٽڻ- پيڙون ڏيڻ- مڪون هڻڻ- ٽڪ لاهڻ- لتون ڏيڻ. ذڪارڻ- ذليل ڪرڻ. ملامت ڪرڻ.

ـ لتاڑَ ۽ لتاڑُون: ث. پسيءَ يا گاهه کي مانهن يا مال جي لتاڑ- اورانگهه- پيراڻ. لتون ڏيڻ واري حالت- چپ- چپيٽ- گوهه. (ل)- گوهيل. (ل). مهٽ- زور- پيڙون- مڪيون- جهاڳوڙ- لڙ- لتوڙ.

ـ لتاڑَ تي وهڻُ: رستي تي ڪوڙ پٽڻ. اڇ وڇ جي رستي تي وهڻ.

ـ لتاڑَ ۾ اچڻُ: چپ يا پيهٽَ ۾ اچڻ- تڪليف ۾ اچڻ- چڪر ۾ اچڻ.

ـ لتاڑِيُ ۽ لتاڑِيُون: ث. پيڙيءَ تا لهڻ ۾ چڙهڻ جو تختو.

● لتاڑِيو ۽ لتاڑيا (ڪ): ذ. صفت. اهو ماڻهو جو مهمان کي ماني نه ڪارائي (ڪوهستاني اهڙيءَ سيءَ ڪان تمام گهٽي سنيال ڪندا آهن، پاڻ فاقو ڪيندا، پر مهمان کي ماني ڪارائيندا). (سمون).

● ليتائِنُ: مصدر. ليتڻ- بند ڪرڻ "جي ليا ڪ لوڪَ ڏُون، جان جان سي نه لتاءِ" (شاهه ڪريم).

● لتتر ۽ لتترُون: ث. ٽنگ جو گوشت.

● ليترُ ۽ ليترَ: ذ. اسم. جُتيءَ جو هڪ پادر- موچڙو. پراڻي جُتي- ليترُ.

● لتترَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لتترَ ۽ لتترُون: ث. اسم. لتاڙ- زور- پيڙون- جهاڳوڙ- لتوڙ- مڪيون- مڪيون- هيرن جي دَبَ.

ـ لتترَ ڪترَنُ: مصدر. ڏورن ڏيڻ جو ڪ جا سلا لتاڙڻ. واهه جي ڪڙ تي گهمڻ.

● ليترُ ۽ ليترَ: ذ. اسم. ڪلو- پادر- موچڙو- ليترُ- جُتي.

● لتيڑَنُ: مصدر. ليتڑڻ- گيندا ڙڻ. (پاڻيءَ ۾) ٽُبڪڻ. ميرو ڪرڻ- گندو ڪرڻ.

ـ لتيڑِ يتلُ ۽ لتيڑِ يتلَ: ذ. صفت. لهيتڑيل- گيندا ڙيل. (پرماڻندا). ميرو ڪيل.

● لتيڪا (ڪ): تڪڙا تڪڙا چڪر- گوهيُون- لتِ لتِ- گهٽُون هڻڻ واري حالت.

● ليتلُ ۽ ليتلَ: ذ. صفت. ليٽبيل- چنبڙيل- متڪيل- مٿيل- لڳل- ٽڪيل- لهيهتلُ.

● لتِ لتِ (ڪ): ث. گهٽتن هڻڻ واري حالت- گهڙيءَ گهڙيءَ اڇ وڇ.

ـ لتِ لتِ ڪترَنُ: هيڏانهن هوڏانهن اڇ وڇ- گهر گهر هلڻ- اجايو رلڻ- ناسُون هڻڻ.

ـ لتِ ليتيوُ: ذ. صفت. لتِ لتِ ڪندڙ- بي صبر- نوسيي. رولاڪُ- رولُو.

● لتنُ: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ليتنُ: مصدر. ليٽبنُ- لهپو پائڻ. (ث). جاءِ جنهن جي جن کي گاري سان ليٽبي ڇڏجي. (ذ). سادو گارو (ميتيءَ جو).

● ليتنُ ۽ ليتنَ: ذ. گندي پاڻيءَ جو تلاءُ يا ڪنڊَ- (پاڻيءَ جو) دُهو- دهو. (پرماڻند).

● ليتيُيونُ جاگيرَ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ليتوُ ۽ لتا: ذ. پاڙو- متحلو.

● ليتوُ ۽ ليتا: ذ. ليتڻ يا ليٽبڻ مان اسم مفعول- ليٽبيو- مرمت ٿيل- پوڙهو (ماڻهو). (ذ). پرتي- ڏات- ٽيڪي. بندوق جي منهن وارو ڏندو. (ڪپڙي جي) ٿهي- (ڪاغذ جو) مٽو. گنگتڙائي.

● لتوُ پتوُ ۽ لتا پتا: ذ. ڏيتي ليتي- ڏي وٺ- لاگاپاهو.

ـ لتهي پتهي وارو ۽ لتهي پتهي وارا (ث): ذ. صفت. پنهنجي پاسي وارو- لاگاپيدار- ڏيتي ليتيءَ وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لتوڙڻ: مصدر. لتاڙڻ. لتڻ ۽ ڇپتڻ. تڪليف ڏيڻ. (لتوڙيو ـ لتوڙيندو ـ لتوڙيل).
ـ لتوڙ ۽ لتوڙون: ث. زور ـ ٻيڙون ـ جهاڳوڙ ـ مڪيڙيون ـ مڙيون ـ متن ـ لتاڙ ـ لتڙ.
● لتيءُ ۽ لتيئون: ث. پير جو ڏڪو ـ ٽڏو ـ ڏڪ.
ـ لتيءُ لڱڻ: ٽڏو لڳڻ ـ انگڙو لڳڻ. رندڪ پوڻ. ڏمر مچڻ. جهيڙو ٿيڻ ـ معاملو ٿيڻ.
ـ لتيءُ هٽڻ: ٽڏو هٽڻ ـ ڇڙتي هٽڻ. رندڪ يا رڪاوٽ وجهڻ. هر هر پنڊ ڪرڻ ـ گهٽو ڊوڙڻ ـ تڪليف ڪرڻ.
● لٽ پٽ: ث. لهيکهي وهنوار ـ لاڙ پاڙ ـ پاڙ جهاڙ ـ حساب ڪتاب.
● لٽاڙيڻ: مصدر. دلاسو ڏيڻي ترسائڻ ـ ڪسائي يا گهٽو ڏيئي پڇي وڃڻ. (لٽاڙيو ـ لٽاڙيندو ـ لٽاڙيل).
● لٽاڙ پٽاڙ (ل): ث. هيٺ متي ـ آٽ سٻٽ. ليٽ ويٺ ـ آٽ پاٽ ـ ليٽ ڪبوتر. (آصفيه).
● لٽاڙڻ: مصدر. لٽڻ ـ لٽاڙيون پائڻ.
● لٽل ۽ لٽلَ: ذ. صفت. گهٽ ٽيل يا گهٽيل ـ (پاڻي) گهجتي ويل ـ (بدن ۾) ڪمزور ٿي ويل. (برادريءَ مان) خارج ٽيل.
● لٽڻ: مصدر. متيءَ يا ڪچري مان پرجڻ ـ ڪنءَ ۾ لٽاڙڻ.
● لٽو: لٿل مان زمان ماضي.
● لٽوڙڻ: متيءَ ۾ لٽاڙيون پارائڻ. ٽاقوڙا هٽڻ ـ لٽاڙيون پائڻ. لٽبڻ ـ جهڪڻ.
ـ لٽي پٽي: (محاورو). آخرڪار ـ ليٺان ويٺ ـ پويان پوءِ ـ ڏاڍي ورتي ـ ويٺ ٽڏان ـ هوڃاڻان. قصو ڪوتاهه.
ـ لٽي لاباري: محاورو. آخرڪار ـ ڪر لهڻ ڪان پوءِ ـ لاباري لهڻ ڪان پوءِ ـ دير سان ـ اوسر.
ـ لٽي لٽ ٿيڻ (ت): ڍڇو ٻنجڻ. سُٽ ٿيڻ ـ ٽوٽي ٿيڻ.

● لٽ ۽ لٽون: ث. (سن. رِيهءُ) ميٽي ـ ڊُسيڙ ـ ڊَس ـ ڏَز ـ ڏُوڙ ـ ٻُسيڙ ـ ڏُڙ ـ غٻار ـ گرد ـ رڙ ـ واري. (ث). ڏرتيءَ جي ڪيٽن جو هڪ قسم. جيت ـ گڏر. (ڪ). پاڻيءَ جي از خود وهڪري سبب ٺهيل ڊوري.
ـ لٽياري ۽ لٽيارين: ث. صفت. لٽ واري ـ ريت واري ـ ريتائين. ميٽيءَ گڏيل.
● لٽ ۽ لٽ: ذ. اسم. (سن. رَجس) وهندڙ پاڻيءَ جو رَڙ ـ واري ـ ريٽ ـ ميٽي.
● ليٽ ۽ ليٽون (ڪ): ث. ڪٽيل وارن جي چٻڪ ـ وارن جي ڳوپ ـ وارن جو ناڙو ـ مونجهارو ـ بودو ـ بولانڊو ـ گوگيڙو.
ـ ليٽي ۽ ليٽيون (ت): ث. نه وهنجڻ سبب وارن جي ٽيل حالت ـ ليٽ ـ وارن جو ناڙو ـ مونجهارو.
● لٽ ۽ لٽون: ث. اسم. (سن. لُٽ = قُرڻ) قُر ـ قُر لٽ ـ ڏاڙو ـ لُٽ ـ هٽ ڪٽ ـ زوري. ظلم. ڪٽپٽ ـ ڏيپ ـ مصرف ـ فضول خرچي ـ اجايو خرچ. حد ڪان وڌيڪ ڏنل دانُ. عام خيرات. تباهي ـ بربادي ـ نقصان ـ زيان ـ خرابي. (صفت). تمام ٿڪو. گهٽو.
ـ لٽ ٽيٽ: قُر ٽيڻ ـ تاراج ٽيڻ ـ غارتگري ٽيڻ. ظلم ٽيڻ ـ الڌير ٽيڻ.
ـ لٽ جو مال: قُر جو مال ـ مال غنيمت. ڏاڙي جو مال. حرام جو مال. مفت جو مال.
ـ لٽ لٽان: ث. مسلسل قُر لٽ. قُرقران.
● لٽاڪو ۽ لٽاڪا: ذ. لڙ ـ گوڙ ـ گهمسان ـ گڙٻڙ ـ مونجهارو ـ رولو ـ يڪيڙو ـ گهمگوڙ ـ گهپري ـ منجهائيندڙ خيال ـ ڪيڙاڳ ـ ڪاسارو ـ ڪاپارو ـ مغز خوري ـ خفو ـ پائيتال ـ شور ـ غوغاءِ. جهيڙو ـ وائڙائي ـ (ل). سَر دردي ـ متي هٽ ـ ڪيٽ ويٽ ـ مشڪلات ـ اهنجائي ـ حيراني ـ پريشاني. (ت). اميد. لڇ. قصو. حساب ڪتاب.
ـ لٽاڪو لاهڻ: رهيل ڪر پورو ڪرڻ ـ ڪر جي گهيل ۽ اوسيڙي ڪي ختم ڪرڻ ـ ڏڪيو ڪر پورو ڪري ڇڏڻ يا جند ڇڏائڻ. بدنام ٽيڻ. (ت).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لتاڪوءُ لٿڻُ: مصيبت دور ٿيڻ ـ جهگڙو نرڻ ـ ڏجو لهڻ. ڏرو ٿيڻ. خوار ٿيڻ.
● لتائڻُ: مصدر. ڏيڪائڻ ـ ڦهرائڻ. ڇيهائڻ ـ لڪائڻ ـ پردو ڏيارڻ. بند ڪرڻ ـ پوروائڻ ـ دفن ڪرائڻ. (لتائيو ـ لتائيندو ـ لتائيل).
● لتائڻُ: مصدر. (سن. لُتْ=لٽڻ) ڦرائڻ ـ آڏائڻ ـ لٽڻ ـ نقصان ڪرڻ ـ گنوائڻ ـ وڃائڻ ـ ڪٽهائڻ ـ اجايو وڃائڻ ـ برباد ڪرڻ ـ فضول وڃائڻ. ويران ڪرڻ ـ تاراج ڪرڻ ـ غارت ڪرائڻ ـ برباد ڪرائڻ ـ نقصان ڪرائڻ ـ خراب ڪرائڻ يا ڪرڻ.
ـ لتائوءَ لتائو: ذ. صفت. لتائيندڙ يا لتائيندڙ ـ خرچائو ـ آڏائو ـ پائو ـ بوالفضول ـ وڃائو ـ چٽو ـ ٻچ تر چٽو ـ هٿ ڦاڙو ـ لٽڪ لُوٽ. ڏاتار ـ سخي ـ اُدار چتُ ـ ڪشاده دل ـ درياءِ دل.
● لتيجڻُ: مصدر. متيءَ سان ڍڪجي وڃڻ ـ رَليجڻ ـ ٽرجڻ.
● لتڙيُ: اسم خاص. هڪ ٽين جو نالو.
● لتڪَ ۽ لتڪونُ: ث. ناز نخرو ـ ادا ـ لوڏَ ـ مُنهن جو بناءُ ـ مُنهن جو ڏيک ـ نازُ ـ چمڪَ ـ انداز.
● لتڪڻُ: مصدر. (سن. لدْ) لڙکڻ ـ لڏڻ ـ آويزان ٿيڻ ـ ٽنگجڻ. سُوريءَ تي چڙهڻ ـ قاسيءَ تي چڙهڻ. هلڻ ـ قِرڻ.
ـ لتڪائڻُ: مصدر. (سن. لدْ) لڙکائڻ ـ ٽنگڻ ـ هيٺ لاڙڻ يا ڏارڻ ـ ڏورکائڻ. گلي ۾ وجهڻ ـ آويزان ڪرڻ ـ متي رکڻ. قاسي ڏيڻ.
ـ لتڪڻُ ۽ لتڪَڻُ، لتڪيشونُ: ث. ڏاڪي ۾ هڏل پٽ، جنهن کي لٿڙ جهڻ لاءِ مٿان ڏاڪي تان آڇلائبو آهي ـ لتڪيل شيءِ ـ لڏڻو ـ لتڪو. ڪاڻ جي ڪومچي ۾ رکڻ لاءِ هڪ متنجڻ. ڪن جي سور جي دوا جو هڪ ڦڙو.
ـ لتڪيڙو ۽ لتڪيا: ذ. گهنڊ جي لار ـ هڪ ڪاڻي جا گهنڊ ڪي وڃائي. جهاڙ ـ جهوڙا (لتڪندڙ).
● لتڪڻُ: مصدر. هيڏي هوڏي هلڻ ـ چُرڻ ـ گهمڻ ـ سير ڪرڻ ـ قِرڻ ـ رُلڻ ـ رَمڻ ـ پيتڪڻ ـ پٽڻ ـ پنوڻ ـ وَتڻ ـ ٽڪڻ ـ اُجهڙڻ ـ پرهڻ. ڦُرجڻ ـ لٽجڻ.
● لتڪوءُ ۽ لتڪا: ذ. عمل ـ مندُ ـ منتر ـ ٽيٽُو ـ ٽوٽڪو ـ چنڊو. مزاحيه اُڪاڻي يا گاله ـ لتڪو چٽڪو ـ موهڻي. حرفت ـ حرڪت بازي ـ نٽهي بازي ـ نيٽري ـ مسخري.
ـ لتڪوءُ چتڪوءُ ۽ لتڪا چتڪا: ذ. پوڪ چرچو. چالاڪي ـ ٺڳي.
● لتڪوءُ ۽ لتڪا (ل): ذ. جادو ـ سِحرُ ـ افسون ـ منتر ـ جنتر ـ ٽوٽو ـ ٽيٽو ـ جادوءَ جي موٽ. محبت جو عمل ـ ڪنهن کي گرفتار ڪرڻ جو عمل ـ موهني ـ شعبده ـ ڪرتب ـ هٿ جي چالاڪي ـ عياري ـ مڪر ـ فن ـ فريب. چٽڪو ـ چوٽي ـ مٽيون گالهيون. ناز نخرو ـ تالُ. نزاڪت ـ سونهن ـ سوڀيا ـ زينت ـ زيب ـ سُهڻائي ـ سندرتا ـ لطف (جوانيءَ جو ڦوهڙ). رونق ـ شان. (صفت). نزاڪت پريو ـ زيب آور. (اسم خاص). تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
ـ لتڪيءُ سانُ لٽڻُ: ناز نخري سان پاڻ تي اڪڻُ چٽڪڻُ ڪرڻ ـ موهڻ.
● لٽڻُ: مصدر. ڍڪڻُ ـ پورڻ ـ متي وجهڻ ـ پرڻ ـ ملائڻ ـ (ڏر وغيره) متيءَ سان بند ڪرڻ يا پرڻ. (لاش) دفن ڪرڻ. (لٽيو ـ لٽيندو ـ لٽيل).
● لٽنَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لُٽڻُ: مصدر. (سن. لنتنْ) ڦرڻ ـ ڪٽسڻ. ڏوهڻ ـ لٽي وڃڻ. چورائڻ ـ چوري ڪرڻ. اجايو وڃائڻ ـ اجايو خرچڻ ـ فضول خرچ ڪرڻ ـ آڏائڻ ـ ضايع ڪرڻ ـ برباد ڪرڻ ـ تباهه ڪرڻ.
● لٽوءُ ۽ لٽا: ذ. اسم. (سن. لتتڪَ. پرا. لتيا = ڪپڙو) ڪپڙو ـ ڪندي ـ لڳڙُ ـ اوڍڻ ـ جامو ـ پارچو ـ اڳڙي ـ ليڑَ ـ چيوٽ ـ ڪهڙي جو ٽڪر. ميرو ۽ قائل ڪپڙو.
ـ لٽا لاهڻُ: مصدر. وهنجڻ لاءِ ڪپڙا لاهڻ ـ آگهاڙو ٿيڻ. بي غيرت بنجڻ ـ پنهنجي عزت جو ڪو خيال نه ڪرڻ ـ تمام فاحش ۽ بدڪار ثابت ٿيڻ ـ بي شرم بنجڻ ـ بي حيا ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لتا ليڙون ڪرڻ: ڪپڙا ڦاڙڻ ـ گريبان چاڪ ڪرڻ ـ ديوانو ٿيڻ ـ وحشي ٿيڻ ـ مجنون ٿيڻ ـ وحشت طاري ٿيڻ.

● لٽو ع لٽا (ڪ): ذ. صفت. نشيدو ـ چوتو ـ ڪٽيل ـ هانڊو ـ لٽندو.

● لٽو بٽو واري: اسم خاص. تعلقي ساماري م هڪ ديهه جو نالو.

● لٽوستو ع لٽوستي: ذ. ڳٻيدو ـ ڳوڙهو "ريڍ کي پڇ م ڪهڙا نه پيا لٽوستي لڏن".

● لٽيي ع لٽيون: ث. بازاري عورت ـ ڪسبياڻي ـ چڙواڳ زال ـ گهومڙائو زال ـ ويڇهو زال ـ ولد حرام. پٽيڙي ـ پياري. (آصفيه). (ت). عورت جو عورت ڏانهن طعني طور مخاطبت "لٽيي هيڏانهن تہ اچ". (حرف ندا). زالن جو سڏ ڪرڻ م ايندڙ لفظ ـ اڙي! ـ آئيي! ـ پٽڙي! ـ لٽيي!. (ڪ). (اسم خاص). بلوچ قوم جي هڪ ذات جو نالو.

● لٽيي ع لٽيون: ث. وارن جي چڱڀڻ ـ ناڙو ـ ليت.

● لٽهرو ع لٽهيرا: ذ. صفت. لٽيندڙ يا قزلٽ ڪندڙ ـ ڦورو ـ ڦريندڙ ـ ڏاڙيل ـ ڊاڪو ـ لوٽو ـ ٽڳ. ظالم.

● لٽيو ع لٽيا: ذ. قورو ـ لوٽو ـ لٽهيرو. ٽڳ ـ بدمعاش ـ لچو. بد اخلاق.

● لٽ ع لٽيون: ث. (سن. لٽيڪا = لٽ. پرا. لٽيا = لٽ) ـ لڪ ـ ڏنبو ـ لڪڙي ـ لوڙهه ـ ڏنڊي ـ ڏڪو ـ ڪاٺي ـ مدگر ـ مٽيٿر ـ چوب ـ عصا ـ جهانگهه ـ ڏانگهه ـ ڏاگورو ـ سونٽي ـ وانجهه ـ جاگرو ـ وانجهيلي ـ بانڊو ـ سونٽو ـ چڙهي ـ چڙهه ـ چڙ. لڙهه ـ سرخ (تنبوءَ جو) ـ (ڪمند جي) وڏي ڳري. نار جو هڪ عضوو ـ چڪر ع ڊينگي م جند تيل ڀرڻ گول ع ٽلهي ڪاٺي. گهاڻي جي اڪريءَ م پيل سال کي پوڙهيندڙ وڏي ٽلهي ڪاٺي. (ڪ). بند ـ بٽڻ ـ ڪٽر. (ت). گهرو جانورن جو ٽولو يا ڏڻ. ٽري پرت جو هڪ قسم.

ـ لٽ بيه ڏيڪارڻ چٽ بيه ڏيڪارڻ: زور ۽ ڏيڪارڻ ع چٽ ۽ ٽڏ ـ ڏڏيون ڪوميون ڏيڪارڻ ـ ڪجهه ڏڪو تاب ڪجهه پيار محبت ڪرڻ.

ـ لٽ چٽ: قرب ڪلفت ـ پيار ڏمان ـ ڏڪو دلاسو.

ـ لٽ چٽ ڏيڪارڻ: ڪجهه مار ڪجهه پيار ڏيڪارڻ.

ـ لٽيڙيو ع لٽيڙيا: ذ. صفت. لٽ ڪٽندڙ ـ لٽ وارو ـ چوبدار.

ـ لٽ لٽڪڻ: فساد ٽيڻ ـ گوڙ مچڻ ـ جهيڙو وڌڻ ـ ضد ٽيڻ ـ مارا ماري ٿيڻ ـ هنگامو يا جهيڙو ٽيڻ. ڪوشش ٽيڻ. سوڙهه هڻڻ ـ تنگي هڻڻ.

ـ لٽ م هٽڻ: سنيال م هڻڻ ـ ڪنهن جي هٽ هيٺ هڻڻ.

● لُقمُو ۽ لُقما: ذ. وات ۾ وجهڻ لاءِ هٿ ۾ ڪنيل ڪاڏي جو مقدار ـ گِرهُ ـ ڳچي ـ نيوالو ـ ڳيو ـ ٽڪر ـ پورُ ـ ڳڦو ـ خُرمُوُ ـ گِراس. عمدو ڪاڏو.

● لُقو ۽ لُقا: ذ. واڳٽائي يا ڪاڙهي رنگ تي مائل رنگ وارو لُغتنُ. چِٽيڪمرو ڪبوتر. (ث. لُقيُ ۽ لُقيُونُ).

● لُقوو ۽ لُقُوو: ذ. (ع. لقوة = اڌ رنگ). بيماريءَ جو هڪ قسم ـ اڌ رنگ ـ (جنهن ۾ جسم جا عضوا سُڪي ۽ ڦري ويندا آهن).

● لڪَ ۽ لڪُونُ: ث. تڪليف ـ مصيبتَ ـ ڏاڪڙا ـ رنج ـ عذاب. (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو.

ـ لڪَ لڳنُ: تڪليفون ڏسڻ ـ مصيبت ۾ هٿ ـ ڏڪ ٽيڻ. ٻُڪ ـ وڻ ـ حرص ٽيڻ ـ حسد وڻ.

● لڪُ ۽ لڪ: ذ. جبل. ٻيتَ. ڪرين جي وچان ويندڙ پيچرو ـ جبل جو رستو يا اٽانگو لنگهه. لنگهه ـ گهٽُ ـ گهيڙ ـ سرنگهه. پيت مٽان لنگهندڙ گس ـ وات ـ لانگهو. ٻيٽ ـ ڪمر ـ ميانُ ـ چيلهه.

"گل سرخ سجڻ، سيه سرس سيسيُ،
لڪ ليٽ پسي نه لهن" (محمد).

ٻيڙيءَ جي اڏي ڪان پاڇيل وارو پاسو. بيماريءَ جو هڪ قسم ـ طاعون مرض. مهامري (پليگ) ڏکيو وقت ـ تڪليف. خيال. (ماروئي). سندرو ـ همت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لڪُ ٻَنڌَڻُ: چيلهه ٻڌڻ ـ همت ڪرڻ ـ مندرو ٻڌڻ.

ـ لڪُ ڇيڪي ٻَڌَڻُ: خيال قائم رکڻ ـ پڪو ارادو ـ عزم ڪرڻ.

ـ لڪِدارُ ۽ لڪِدارَ: ذ. صفت. سنهي چيلهه وارو ـ چيلهه سنهو ـ سهڻو. (ث. لڪِدارِ ۽ لڪِدارُون).

ـ لڪڙِ يارُو ۽ لڪڙِ يارا: ذ. صفت. لڪن ۾ رهندڙ ـ لڪن وارو ـ جابلو ملڪ جو رهاڪو ـ لڪيو ـ لڪياروَ.

ـ لڪَ لانگها (ت): گهيڙ گهات. ڏک تڪليفون ـ دک درد.

ـ لڪَ لاهيڻُ: ڏک سهڻ ـ تڪليفون ڏسڻ. راز فاش ڪرڻ.

ـ لڪ لنڱهَڻُ: لنگهڻ يا ڊڙو لنگهڻ ـ گهيڙ يا سرلنگهه اچڻ. وڏي مشڪلات مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ ـ وڏي مرض مان بچي اٿڻ ـ مشڪلاتن کان پار پوڻ ـ ڏکيو وقت گذاري وڃڻ.

● لِڪَ ۽ لِڪُون: ث. لڪڻ يا لڪائڻ واري حالت ـ چِپ ـ دَبُ ـ گُجهه ـ ڏَک ـ پوشيدگي ـ لِڪاءُ ـ بي خبري. نڊي پڪيءَ جو هڪ قسم (جو چمڪندڙ ڪاري رنگ جو ٿيندو آهي).

ـ لِڪَ چِپَ: ظرف. چوري ـ مخفي ـ گُجهيءَ طرح ـ گُجهه گوهه.

ـ لِڪَ چِپَ ۾: ظرف. لڪائي ـ چوريءَ ـ چُپائو ـ گُپ چُپ ۾ ـ پنهنجي ٻَرَ ۾ ـ گُجهه گوهه ۾ ـ ماڻ ميڙ ۾ ـ تخليه ۾ ـ خلوت ۾.

ـ لِڪَ لِڪائي: ث. ٻارن ۾ راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ ٻار لڪندا آهن) ـ لڪ لِڪوٽي.

ـ لِڪُ لِڪوٽِي ۽ لِڪُ لِڪوٽِيُون: ث. لڪ چپ راند جو هڪ قسم ـ هڪ راند جو نالو، جنهن ۾ هڪڙو اکيون ٻوري ٿو ٻيا لِڪن، وڃي هو پين کي ڳولي لهي.

ـ لِڪ لِڪوٽِي قِرَنُ: گمنام رهڻ ـ دنيا جي ڏاڍڻ ماڻ کان واسطو نه رکڻ.

ـ لِڪوڪڙَ ۽ لِڪوڪڙَ (ت): ذ. صفت. لڪندڙ ـ لڪي گهمندڙ.

ـ لِڪُونڍُو ۽ لِڪُونڍا (ت): ذ. صفت. لڪندڙ ـ ڳُجهو ـ لڪل ـ ڇُپيل.

● لِڪُ ۽ لِڪَ: ذ. گُجهه ـ راز ـ پيد ـ ڏنڊ جي پڪيءَ جو هڪ قسم.

ـ لِڪُ رَکڻُ: ڳالهه لڪائڻ ـ راز مخفي رکڻ.

ـ لِڪُ لِڪائِڻُ: راز مخفي ڪرڻ ـ پيد ظاهر نه ڪرڻ.

● لُڪَ ۽ لُڪُونُ: ث. گرم هوا ـ ڪوسو واءُ ـ لُوهه ـ لُوءَ ـ لُڪ ـ جهولو ـ گرمي ـ بياباني ـ بادِ سموم ـ ساڙو. لُتَ.

ـ لُڪَ ڪائِڻُ: گرم هوا ڪائڻ.

● لڪا: پڪيءَ جو هڪ قسم ـ ڪبوتر جو هڪ قسم. (اسم خاص). هڪ جبل جو نالو.

● لِڪائِڻُ: مصدر. ڇُپائڻ ـ ڍڪڻ ـ پوشيده رکڻ ـ گُجهو رکڻ ـ روپوش ڪرڻ ـ راز ۾ رکڻ ـ چَپرُ ڪرڻ ـ تلُ ڪرڻ ـ ٽمڻ ـ دَپڻ.

● لُڪائِڻُ: مصدر. لِڪائِڻُ.

● لُڪَپُور: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لڪِدارُ ۽ لڪِدارَ: ذ. صفت. گهوڙي جو هڪ قسم ـ هڪ سهڻو ۽ چيلو (گهوڙو).

● لڪَرُ ۽ لڪَرَ (ث): ذ. مانيءَ جو ٽڪر ـ حصو.

● لڪڙُ: ث. ڏڳها ٽارا ـ وڏيون لڪڙيون ـ لئيءَ جون ڪاڻيون (جن سان ڪندي ٺاهيندا آهن) ڪاڻين جي ٽهيل پت يا پناهه.

● لڪڙِ ۽ لڪڙُون: ث. ڍڪڻ يعني وڍڻ جي هڪ اوزار جو نالو ـ چار يا پنج فوٽ ڪاڻيءَ ۾ ڏورو يا نوڙي ٻڌي سيراڻي قيراڻلاءِ ڪراينڊ اوزار. ڏنوڻ يا ڏمڻ کي ٿوڪڻ يا ڏمڻ لاءِ هڪ وڏي لٺ.

● لڪُڙُ ۽ لڪُڙَ: ذ. لاڪڙ جي ٺاهيل جهوڙي ـ لڪڙ ـ لاڪيڙ ـ ڳاهڻُ. لڪڻ ـ ٻيد ـ چاهڪ ـ ڪاڻي. ٽنگ ڪيندڙ سيراڻيءَ جو ڳُڻُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● **لڪڙا** (ج): ذ. هندن جو سڙيل مردو- مردي ساڙڻ لاءِ ڪاٺ ايندڙ ڪاٺيون- لونگا.
- **لڪڙا ڏيڻ**: (مُردي کي) ساڙڻ- جلائڻ- پسر ڪرڻ.

● **لڪڙو** ع **لڪڙا**: ذ. (سن. لڪُڊ = چڑهو) ڪاٺي- لڪڙ- ڇينيو- لٺ- چڑهه- لوڙهه- عصا- ڏَڪو- ڏنبو- گهوپاڻو. اختياري- حاڪِميءُ. (اسم خاص). تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **لڪڙياريءُ**: ث. (سن. لڪُڊ = چڑهو)- لڪڙي جهڙي سنهي يعني نازڪ. جابلو- جابلو ماڻهن جهڙي (لڪ=جبل). (سر حسيني- گُر).
لڪڙيُونءُ وِجهڻ: جاءِ ۾ پٿرن جي بدران وڻن جون سڏيون لڪڙيون کپي هڻڻ.
- **لڪڙِيءَ کي سلامُ ڪرڻ**: (سرڪاري) آڳيا ۾ رهڻ- اختياريءَ کي مڃڻ.

● **لُڪڙيُ** ع **لُڪڙيُون**: ث. گِڇيءَ يا لُڪيءَ ۾ پائڻ جي گهه جو هڪ قسم- لُڪيءُ ۾ سون يا چانديءَ جو ٿاهي پاتل پتلو يا بِلو.

● **لڪڙِيُ جاگِيرُ**: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **لڪڻمي**: ث. (لڪش = ڏسڻ، ناهڻ: لڪشمي = ڏسندڙ، ناهيندڙ) دنيا جو ٻنائيندڙ ماتا جي روپ ۾. پاڳواري- دولت جي ديوي. (ڏسو لڇمي). (گاجرا).

● **لڪِ لُڪ**: ث. ڪتي جي چٽ يا پاڻي پيئڻ جو آواز- لپُڪوءُ- چٽڪو.

● **لُڪندرُ** ع **لُڪندر** (ل): ذ. صفت. لُچ- بدمعاشُ- ٺڳ و- آدنگو- بد فضيلتُ. (مقبول).

● **لڪڻُ**: مصدر. چٽڻ- لڪهي وڃڻ- چٽي وڃڻ- لپ لپ ڪري (ڪاڏو) ڪاڻڻ. ڪڪ ٽيڻ- دِق ٽيڻ- بيزار ٽيڻ- تنگ ٽيڻ. (لکيو- لکيندو- لکيل).

● **لڪڻُ**: مصدر. ڏسو لڪڻُ.

● **لڪڪڻُ** ع **لڪڻَ**: ذ. (سن. لڪُڊ=چڑهو) هٿ ۾ جهلي هلڻ جي چڑهيي- چڑهه- لٺ- ٻانڊو- ڪاني- هاسو- عصا- ڏنبو- ڏَڪو- سوٽو- گهوپاڻو. چهڪ.

- **لڪڻ لڳڻ**: ميار ميڙڻ- خواه مخواه ڏوهيڙڻ.

● **لِکڻُ**: مصدر. لِکيُ وڃڻ- چِيڻُ- گُهڙ ٽي وڃڻ- روپوش ٿيڻ- پوشيدو ٿيڻ- لُڪڻُ- ڳجهو رهڻ. (لِکيو- لِکندو- لِکل).
- **لِکي چِپي وڃڻ**: مخفي طرح وڃڻ- چوريءَ چوريءَ وڃڻ.

● **لُڪڻ**: مصدر. لِکڻ.

● **لڪِڻا**: اسم خاص: پکيءَ جو هڪ قسم.

● **لڪو** ع **لڪا**: ذ صفت. لڪو (ضد: اُپتيو).
- **لڪائي** ع **لڪائيُون**: ث. لڪايل.

● **لِکو** ع **لِکا**: ذ. ڪانگ- ڪانءُ. ڪانءَ کي هڪلڻ جو آواز. لِکڻ جو ماضي. چِهيو- گهُريو.

● **لُڪوُ** ع **لُڪا**: ذ. سوراخ- ڏُنگ- ڏَرُ- لوڪو. لٿڪو- سڏَ- جُنبش. ڏکي پُڇَ واري پکيءَ جو هڪ قسم.

● **لِکوڙُ** ع **لِکوڙَ**: ذ. صفت. ٽوٽي- ڪاهل- هڏ رکو- سليو ساڻ- ڪم چور- سست- ڪم ڏ ڪندڙ.

● **لُڪِي** ع **لُڪيون**: ث. جبل جو لٽڪهه- ڪنهن ٽڪريءَ تان گهڙيل وات- سوڙهو پيچرو رستو. مشڪل جاءِ. ڳڙڪيي- سوراخ. (اسم خاص). هڪ جيل جو نالو. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **لُڪِي** ع **لُڪيُونءُ**: ث. گِڇيءَ جو هيڻيون حِصو- نرڪهٽ جو مُنهن- ماڻهوءَ جي گِڇيءَ جي پچاڙيءَ وٽ ڪڏ- ڳاٽ واري ڪڏ- نِڙي- گِڇي. سوراخ- ڏُنگُ- خال. مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم. (ت).

● **لُڪِيُ** ڪاڻڻ: اندر سڙڻ- ڏَڪ ٽيڻ. ارمان ٽيڻ- افسوس ٽيڻ.
- **لُڪِيءَ ۾ ساه هُجڻ**: ٽوورو ساه هُجڻ- آخري گهڙيءَ ۾ هڻ- مرٽينگ- حالت ۾ هڻ- سڪرات ۾ هڻ- مرڻ وارو ٽيڻ. تمام ضعيف ۽ ڏهرو هڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لڪياريُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو ـ سيڊن جي هڪ قبيلي جو نالو، جنهن جا وڏا لڪيءَ جا رهاڪو هئا.

● لڪيِئرَ ۽ لڪيِئرُونُ: ث. ليِکَ ـ سيتَ. پيروي ـ تقليد ـ نقش قدم ـ پئي جي پئيان هلڻ واري حالت ـ پيروي ڪرڻ واري حالت.

ـ لڪيِئرَ جوءُ فقيِئرُ ٿيِئنُ: انڊي تقليد ڪرڻ ـ اجائي پيروي ڪرڻ ـ اڪ ٻوٽي مريد ٿيڻ ـ اڪيون پوري پئي جي پئيان هلڻ ـ قدامت پرست ٿيڻ.

● لڪٽ ۽ لڪُونُ: ث. (سن. لڪُنَ) خبر ـ جاچ ـ شناخت ـ سُرت ـ سُجاڳي ـ سوچيتائي ـ سُڃتي ـ سمجهه ـ ڪَلَ ـ گم ـ سماءُ ـ سُڌ ـ ڏاهـ ـ معرفت ـ سمڪ ـ پروڙ ـ جاڻ ـ معلومات ـ علم ـ راز ـ حقيقت ـ پرک ـ سار ـ نظر. آتما. خط ـ نشان "ڏيِءَ جا لڪَ پارَ ڪهڙا آهن."

ـ لڪٽ پتيِجيِ وَڃڻُ: خبر پوڻ ـ حقيقت معلوم ٿي وڃڻ. يادگيري پوڻ.

ـ لڪٽ وِجهڻُ: (پکريءَ کي) خط وجهڻ يا نشان ڪرڻ.

● لڪٽ ۽ لڪَ: ذ. صفت. (سن. لڪُشَ) هڪ سئو هزارن جو گڏيل عدد ـ هڪ ايڪي کي اڳيان پنج ڇهڙيون ڏنل انگ ـ ڳڻڻ جو هڪ انگ. گهڻو ـ جهجهو. ڪيترو ـ ڪيترو ئي ـ ڪيتري قدر.

ـ لڪاتِپتيِ ۽ لڪاتِپتيِ: ذ. صفت. لڪن جو مالڪ ـ شاهوڪار ـ امير ـ لڪاپتي ـ هوند وارو ـ گيڙنگ ـ آسودو ـ سيٺ ـ سکيو ـ سرسبز.

ـ لڪاپتيِ ۽ لڪاپتيِ: ذ. صفت. لڪن جي ملڪيت وارو ـ لک روپين جي حيثيت وارو ـ نهايت امير ـ دولتمند ـ ڌڻ پتي.

ـ لڪَ تهي ڏيِوُ پترَنُ: وڏو شاهوڪار هڻڻ يا ٿيڻ ـ دولتمند ٿيڻ.

ـ لڪپالُ ۽ لڪپالَ: ذ. صفت. لڪن کي پاليندڙ ـ رازق ـ خدا جو هڪ صفاتي نالو.

ـ لڪَ تهي متروُ ڏوٽنُ: هٿ آڇل ڪرڻ ـ فضول خرچڻ ـ اجايو هٿ ڦاڙ ٿيڻ.

ـ لڪڻتيِ ۽ لڪڻتيِ: ذ. صفت. لڪن روپين جي سرمايـ وارو ـ لکاپتي ـ لکي ـ لکيسري ـ لکاتپتي ـ لکن جو مالڪ ـ شاهوڪار ـ دنيا دار ـ تونگر ـ جوپ.

ـ لڪَ لڳائِنُ: گهٽي سخاوت ڪرڻ. بي ڊنگو يا فضول خرچ ڪرڻ.

ـ لڪُ لعنتَ: ث. گهٽي ڦٽڪار ـ نفرت.

ـ لڪَ لُوٽُ ۽ لڪَ لُوتَ: ذ. صفت. لکين روپيا خرچي چڏيندڙ ـ ڏاتار ـ سخي. (حاتم جهڙو) دريا دل ـ داني پُرش ـ آدارتا ـ فياض. اجايا لک لٽائيندڙ ـ اجايو ـ ايڈنگو ـ بوالفضول ـ گهڻ خرچو ـ هٿ ڦاڙ ـ اڏائو ـ هٿ ڦاٽو.

ـ لکنُ جوُ ڏاتارُ ۽ لکنُ جا ڏاتارَ: ذ. صفت. سڄڻ.

ـ لڪيِ ۽ لڪيِ: ذ. صفت. لڪپتي ـ لکاپتي ـ لکيسري ـ لکاتپتي ـ شاهوڪار ـ لکن جو مالڪ ـ دنيا دار ـ تونگر.

ـ لڪپستَرُ ۽ لڪپستَرَ: ذ. صفت. لکاپتي ـ ملڪيت وارو ـ لکن جو مالڪ.

ـ لڪپستَرِيُ ۽ لڪپستَرِيُ: ذ. صفت. شاهوڪار ـ لکاپتي ـ ملڪيت وارو.

● لڪُ ۽ لڪَ: ذ. نشان ـ پارِ پتو ـ اُهڃاڻ ـ ڦُنگي ـ ڪکرُ ـ ڪُڏُ ـ (مال جي ڪن ۾ پيل) چير.

● ليِکَ ۽ لِکُون: ث. (سن. لِکُشا) ذرو ـ ٿورو ـ گهٽ حصو ـ ذري ـ رتي

"ليِکي منجهان ليِک ذرو ضايع نـ ٿئي".

پيچڪ ـ ليِچَ. گهڙي ـ ساعت ـ پَل ـ ڪِن ـ پَلڪ ـ ويرم ـ لحظو

"وِچُ مرَ پوءِ وِصال ڀرِ،
ليِکَ مرَ پوءِ لسپاکو"

(سر آبري ـ شاهـ).

لبک ـ قسمت. پاڳ. نيري يا فيروزي رنگ جي (پٿري لاءِ) نگيني يا پٿر جو هڪ قسم ـ سنهڙو مٽيو

"لوٽهي لـڏن ٿيون لعل ليِکون،
جـوئـيءَ جـوڌار جهڪ ٿکون"

(محمد ٿالپر).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪن جي) گهڻ جوهڪ پاڳو. (سر يمن ڪلياڻ ـ گر). فيروزو. چَرُ (سوچين جو اصطلاح). پکيءَ جو هڪ قسم.

ـ لِکَ ٹِکَ ۽ لِکت ٹِکُونُ: ث. آئينو ـ آرسي.

ـ لِکت پِچَ (ث): ث. ذرو پرزو.

● لُکَ ۽ لُکَونُ (ل): ث. (سن. لُوکا = لُکَ) لُکَ ـ جهولو ـ گرم واءُ ـ گرم هوا ـ لُوءَ ـ لُوهَ. آچَ ـ پياس. گهٽتي ـ ڏک ـ فڪر ـ مانداڻي ـ دلرماندگي ـ انتظار.

ـ لُکَنُ لوڙُ: ڏک وڪوڙ ـ مصيبتون اچڻ.

● لِکا ۽ لِکائُونُ: ث. (سن. لِکْشَ = خبر) خبر ـ پڌرائي ـ لِکَ ـ سُڌ ـ سماءُ ـ معلومات ـ جاڻ "ڏک لڳو تہ لِکا ئي ڪانہ پيئي". ڏيکاءُ ـ نماءُ.

● لِکاءُ ۽ لِکاءِ: ذ. (سن. لِکْشَ = خبر) ڏسو لِکا.

ـ لِکا پوَنُ: خبر پوڻ ـ سڌ پوڻ ـ معلوم ٿيڻ.

ـ لِکاپڙهِي ۽ لِکاپڙهِيُونُ: ث. لِک پڙهہ ـ لکڻ پڙهڻ ـ خط و ڪتابت ـ چٽي چپاتيءَ جو رستو.

● لِکانُو: اسم خاص. رجب مهيني جو نالو، جنهن ۾ زڪوات ۽ خير خيرات ڏجي.

● لِکانُ: اسم خاص. هڪ سنڌي ذات جو نالو، جنهن جا ٻہ پاڙا آهن: (۱) بند ٻوٽا (۲) ٽِندائي.

● لِکائِ: ذ. صفت. (پارن جي) بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ پارن کي دست ڪهڻا ٿين).

● لِکائِنُ: مصدر. (سن. لِکْشَ) لِکا ڏيڻ ـ لکڻ ـ ظاهر ٿيڻ ـ جاڻائڻ ـ نظر اچڻ ـ ڏيکائي ڏيڻ ـ اشارو ڪرڻ ـ ظاهر ڪرڻ ـ ڏسڻ ۾ اچڻ ـ معلوم ڪرڻ ـ خبر هجڻ ـ جاڻ هڻ ـ ياد گيري ڪرڻ ـ پڌرو ڪرڻ ـ ڏنو ڪرڻ ـ سمجهائڻ. پڪ ڪرڻ ـ تحقيقات ڪرڻ ـ جاچ ڪرڻ. حاصل ڪرڻ ـ ملڻ ـ پرائڻ ـ (ڪنهن جي) خبر ڳولي ڪڍڻ ـ سمجهڻ ـ مغز ۾ (ڪا ڳالهہ) وهارڻ. (اسم). لڇڻ ـ افعال ـ چيهٽُ ـ اخلاق.

● لِکائِنُ: مصدر. تحريرڪرائڻ ـ نوشت ڪرائڻ ـ دستاويز لکائڻ ـ تحريري اقرار وٺڻ ـ ٻئي کان لکارائڻ ـ ڪتابت ڪرائڻ. جاڻائڻ. (ث). پرت پرڻ لاءِ ليکا ۾ گُل وغيره ڪڍي تي ڪيائڻ.

ـ لِکائِي ۽ لِکائِيُونُ: ث. ڪنهن شيءِ جي لکائيءَ جو عوضو ـ لکڻ جو اُجورو ـ لکڻ جي محنت، في يا مزوري.

ـ لِکاوت ۽ لِکاوَتُونُ: ث. لِکاوَتَ ـ ڪنهن شيءِ جو حڪم ـ لکپڙهہ ـ مال جو طلب نامو ـ سامان وغيره جي يادداشت. لِکت.

ـ لِکائِي ۽ لِکائِيُونُ: ث. لکيت ـ لکڻ واري حالت. لکائڻ جي مزوري ـ محنت.

ـ لِکَت ۽ لِکتَونُ: ث. (سن. لِکت = لکيل) ڪاب لکيل حقيقت ـ لکيت ـ تحرير ـ نوشت ـ هٿ اکري ـ دستاويز ـ اقرارنامو. لکڻي ـ اکر لکڻ جي بيهڪ ـ خط. صورتخطي.

ـ لِکَتِ پڙهَتِ: لکپڙهہ ـ هٿ اکري ـ لکڻ پڙهڻ جي حالت.

● لِکتِيا: اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهہ جونالو.

● لِکتِيُرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لِکتُپتُ: اسم خاص. ڪچ ۾ هڪ مشهور بندر جو نالو.

● لِکتپڙهِہ ۽ لِکتپڙهُونُ: ث. لِکتِ ـ لِکاوَت ـ لِکاوت ـ لکڻ پڙهڻ جي حالت. چٽي چپاتيءَ جو رستو.

● لِکْماسکُٹِي: پسارکي وڪر جو هڪ قسم ـ پوٽيءَ جو هڪ قسم، ٽڪرن ۾ ٽيندڙ ۽ رات جو چمڪندي آهي، پاڙ نشيدار ٿئيس.

● لِکمان: اسم خاص. دودي سومري جي ڏيءَ سونڍ جي دائيءَ جو نالو.

● لِکْمِيسار: اسم خاص. تعلقي سنيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● لِکْمِيُرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي مڪرنڊ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● لِکنُ: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لکڻ: مصدر. (سن. بکڻ = معلوم ڪرڻ) پرکڻ - معلوم ڪرڻ - سمجهڻ - سمجهي وڃڻ - سهي ڪرڻ. ڏسڻ واڻڻ - نظر ڪرڻ - جانچڻ.

● لکڻ ۽ لکڻ: ذ. (سن. لکڻ) لڇڻ - گڻ - عادت - ارڪان - اطوار - خصلت - افعال - چڱو گڻ
"جو لکڻ هر مار ڏهين، سو ڪُلکڻ هر ڪيرُ" (شاهه ڪريم).

- لکڻ ڪرڻ (ث): اجايا پنهنجا وس ڪرڻ.

- لکيڻو ۽ لکيڻا: ذ. (سن. لکڻ) سُڻي سياڻ وارو - چڱن لڇڻ يا لکڻ وارو - نيڪ افعال "ٻٽيهه لکڻو، ڇٽيهه لکڻو" سڏجڻو - نيڪسيرت - بلند اخلاق - سڻڻ عادتن وارو - چڱن لڇڻ وارو - هردل عزيز - سياڻهڙو - سُهاڻجڙو - موهن - وڻندڙ - ڪل مُڪ.

● لکڻ: مصدر. (سن. لکڻ = لکڻ) تحرير ڪرڻ - لکائي ڪرڻ - نقل ڪرڻ - لکي وڃڻ - درج ڪرڻ - نوٽ ڪرڻ - داخل ڪري لکي ڇڏڻ - رجسٽر ڪرڻ - وهيءَ هر چاڙهڻ - ڪتاب هر درج ڪرڻ - فهرست هر داخل ڪرڻ - روزنامچي هر چڙهائڻ. رَجسٽر ڪرڻ - بنائڻ - تصنيف ڪرڻ - مضمون لکڻ. نقش ڪيڻ - ليکون ڪيڻ - دول ناهڻ. اوڙ ڪيڻ. تحريري عهد ڪرڻ. خط موڪلڻ. (لکيو - لکندو - لکيل).

- لکيتل ۽ لکيتَ: ذ. صفت. تحريرڪيل - لکي ڇڏيل - ليکيل. تقدير هر لکيل. (اسم). نصيب - پاڳ.

- لکيتلُ پڙهيتلُ: ذ. صفت. تعليم يافته - خواندو - ودياوان.

- لکڻهارُ ۽ لکڻهارَ: ذ. صفت. لکڻهارو - لکندڙ - نويس - لکڻ وارو - نويسنده - ڪاتب - راقم - مُنشي - ليکاري - ليکڪ - مُحرّر.

- لکيڻيُ ۽ لکيڻيُون: ث. لکڻ - هٿ اکر - اکرن جي ٻيهڪ - صورتخطي - تحرير - عبارت - لوشت. (ڪ). قلم - ڪلڪ.

- لکڻيڏاس: ذ. لکڻ جو هوشيار - خوش نويس.

● لکڻ ۽ لکڻ: ذ. ڳاڻيٽو - حساب - شمار، "لکيا جي لکڻ هر، سي قرب رسندا ڪيئن" (سر يمن ڪلياڻ - شاهه). قسمت - وارڙاتا جو ليک - نصيب - لکيت.

● لکو ۽ لڪا (ل): ذ. لشان - وات ڏيکارينڊڙ - ڪچ ڏانهن وڃڻ واري رستي هر ڪچ جي رڻ هر وات سڏي وڃڻ لاءِ ڪي اڇا ٿنيا يا پٿر لڳل هوندا آهن، انهن کي چٻو آهي "لکو". (اسم خاص). ٻاڻيءَ جي ٻهڪيءَ جو هڪ قسم. لاکهي جانڀي.

● لکوارا (ث): اسم خاص. ٿر هر رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● لکواڻيُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ هر هڪ ديهه جو نالو.

● لکيُ: اسم خاص. شڪارپور لڳ سنڌ جي هڪ جهوني شهر جو نالو. شڪارپور شهر هر هڪ دروازي جو نالو. تعلقي سکر، تعلقي ٺٽي، تعلقي بدين، تعلقي شاهه بندر، تعلقي مغل ڀين هر هڪ ديهه جو نالو. لاکي جي مشهور گهوڙيءَ جو نالو "لاکو لکيءَ تي چڙهيو، لکيُ لاکي هيٺ". ذ. (صفت). رَچ چڱو مڙس - لائق - لک لهندڙ - لکي مڙس - چڱن لڇڻ وارو - وڻندڙ. لکن وارو - قيمتي. شاهوڪار.

● لکيا (ث): اسم خاص. ٿر هر رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● لکيتِ ۽ لکيتُون (ڪ): ث. اقرار نامو - تحرير - لکيو.

● لکهيسَرُ: اسم خاص. تعلقي ڪپرو هر هڪ ديهه جو نالو.

● لکهيسَرُ جاڳيسُرَ: اسم خاص. تعلقي هالا هر هڪ ديهه جو نالو.

● لکيُ ڪهٽيُ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد هر هڪ ديهه جو نالو.

● لکيو ۽ لکيا: ذ. لکيل - تحرير ڪيل. دستاويز. قسمت - نصيب - پاڳ - ڪرم - تقدير -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاوِري – پِرالبَڌ – هوونهار – مقدر – شُڌ ني آسر. ازلي حڪم – قضا – قدرتي قلم – سرنوشت – ڪتاب الله – جيڪي لوهه محفوظ ۾ لکيل هجي. انگ. لِلات – لِڙات – لِبراڙ – زِراڙ. زنجير – ڳنڍ – تعلق – واسطو – لاڳاپو – نڪاح.

– لِکِيوُ اَنْگُ پَرَنُ: قسمت جو قلم وهڻ – پاڻ موجب ضرور ملڻ.

– لِکِيوُ پاڙَنُ: ڪرم ڀوڳڻ – ڪرمن جو ڦل ڪائڻ – قسمت پٽڻ – مصيبت ڪاڻ – تقدير جي لکئي کي لوڙڻ – مصيبت جا ڏينهن ڪاڻڻ.

– لِکِيوُ ماڻڻُ: مڙس ڪرڻ – پنهنجي مڙس سان زندگي بسر ڪرڻ.

– لِکِيءِ جُونُ لامُونُ: قسمت جا نتيجا.

– لِکِيءِ جُونُ لامُونُ ڪوڙَنُ: قسمت جو نتيجو ملڻ – لکيو انگ پورو ٿيڻ

"اسان جي اکين آگر لائيا،
هِتِ لِکِيءِ ڪوڙِي لار"

(سُگهڙ).

● لنگات: ظرف. شامل – سوڌو – سان – سميت – لغائت – لِغايت – داخلي – بَتمعه.

● لنگارَ ۽ لنگارُونُ: ث. (سن. لنگهـ = نڌڙو. لنگ = چنڊڻ) لورِي – لغار – لڇپيٽ – ڪاب چنڊندڙ شيءِ – چنڊڙيل شيءِ – لڳل شيءِ – پلستر. ذرو – جُزو – رَتِي – ٿورڙي – هَوَ – لِکَ – پڇڪرو.

● لنگاڙ ۽ لنگاڙَ (ت): ذ. آلت – مرد جو مخصوص عضوو.

● لنگامُ ۽ لنگامَ: ذ. (سن. ع. ف. وَلْگا، لجامُ، لگامُ = لتغام). گهوڙي جي وات ۾ لوهه جي ڪڙين سان پيل واڳ – گهوڙي جي سڄن مان هڪ سڄ – واڳ – عِنان – آلُياڻ – لغام.

● لنگائِڻُ (ت): مصدر. لوهه يا رُڪ جو اوزار روهيءِ تي تکو ڪرڻ – لائِڻُ.

● لُنگائِيُ ۽ لُنگائِيُونُ (ت): ث. زال – جوءِ – گهر واري – اهليه.

● لنگُتِيُ ۽ لنگُتِيُونُ: ث. ڏَڪُ – مُڪَ – نَڙونشو – نُوشو – لُنتي – ڪُوشو – ٽُڏو. عشق جي چمات يا ڏَڪُ.

● لنگَڙُ ۽ لنگَڙَ: ذ. لنگڙ – راند لاءِ ڪاغذ جو ٺاهيل پتنگ. شڪاري پکيءِ جو هڪ قسم – جهگڙ (باز جي مادي).

● لنگِڙا (ت): اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● لنگِلامُ ۽ لنگِلام (ل): ذ. ڪاڏي جي شين ترڻ لاءِ هڪ پاسي ڳڻ واري ٽهي جو هڪ قسم – ڪڇي.

● لنگَنُ ۽ لنگَنَ: ذ. (سن. لنگَنَ > ازلگ = لڳڻ) هندوڪي شاديءِ جي رسم جو هڪ ساڻ – سَنوڻ. نڪاح – شادي – ويڌي – چڻي. آڪاس گرپ تي آپرندڙ ٻَرج يا راس – راس ۾ سج يا سج ۾ راس گهڙڻ جي حالت يا گهڙي. بخت – پاڪ – نصيب.

– لنگَنَ ڪُنْڊِلِيُ: چڻي – جنم پتري – زانچو – زائچو.

– لنگَنَ ڪُنْڊِلِيُ ڪِينچَنُ: نجوم جي حساب موجب ڪنهن جو بخت جاچڻ – ستارو ڏسڻ.

● لنگَنُ: ث. (سن. لنگ > لج = لاڳاپو رکڻ) پريم – پيار – رغبت – چاهه – موهه – پريت.

● لنگَڀ ۽ لنگَڀُونُ: ث. پيار – محبت – اُلفت – قُرب – پريت – اَڪنجهر – سوهه – پاڻ – ارواح – سَتِيهُ – حُبَ – شوق – اَڪير – رُڄ – پريم – دل – لنئون – نِينهن – لاڳاپو. صحبت داري – جماع – سنجوگ – لنگَڀ (جنّ وغيره جي).

● لنگِبَ: حرف جر. لاءِ – جي ڪري – ڪارڻ – جي سبب – واسطي – وَٽ – پرسان – ويجهو – نيڑي – قريب – نزديڪ – ويجهڙو – ساڻ – پر. (صفت). لاڳيتو – متصل – د نگئي – لڳاتار – يڪو – پاسي وارو. (اسم). دوستي – لاڳاپو – واسطو.

– لنگِبَ پِنگِبَ: ظرف. اڻڪل روءِ – قريب قريب – ذري گهٽ تي – برابر – گهٽو ڪري. (اسم). لاڳاپو – دوستي – اچ وچ.

– لنگَڀ وارو: لاڳاپيدار – واسطيدار – لاڳاپو رکندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لڳڻ ۽ لڳ: ذ. پکين يا جانورن جو ميلاپ يا جماع ـ نر مادي ۽ جو ميلاپ ـ مجامعت. لاڳاپو ـ متي مائڻي ـ ناتو ـ سنڀٽ. رنديک

"ڪينَ ترائن ڪينَ تار مون،
ڪين سگهان ڪين سگهه،
آڏو ڏيج مرَ لڳ، مون هيڪل وَلتها"

(شعر).

ـ لڳڻ ڪرڻ: ڪڍجڻ ـ ملائڻ يا ملڻ ـ جماع ڪرڻ.

● لڳڻ ۽ لڳت: ذ. صفت. ڪمزور ـ لڙيڙو.

● لڳاتار: ظرف. مسلسل ـ متواتر ـ پئي در پئي ـ ڪڏو ڪڏ ـ سانده ـ يڪتار ـ سائ ٽي سائ ـ يڪسا هي ۽ ـ يڪو.

● لڳارائين: مصدر. پئي جي معرفت لڳائڻ ـ ڳنڍائڻ ـ ڳڏائڻ ـ جوڙائڻ ـ لاڳو ڪرڻ ـ ملائڻ ـ ميڙائڻ.

● لڳاءُ ۽ لڳاءَ: ذ. تعلق ـ نسبت ـ ڳانڍاپو ـ ناتو ـ جوڙ ـ واسطو ـ ربط. ضبط ـ پيار ـ اخلاص. ميل ـ ميلاپ ـ قرابت ـ سڳاوت ـ ملاوت ـ آميزش ـ رشتو ـ سنڀٽ. پهچ ـ دخل ـ مداخلت.

ـ لڳاءُ لڳائين (ڪ): نينهن لائڻ ـ پريت ڪرڻ.

● لڳائين: مصدر. (دوا) لائڻ. (پيٽ ۾ فوٽو وغيره) هڻڻ. ڳنڍڻ. جوڙڻ ـ شامل ڪرڻ ـ ملائڻ ـ جمائڻ ـ چُهٽائڻ ـ چنبوائڻ ـ چوڙائڻ ـ ڪُپائڻ ـ پيوست ڪرڻ ـ ڪوڙڻ ـ ٻيهارڻ ـ ويهارڻ ـ هونو نصب ڪرڻ ـ پوکڻ. ٽانڪڻ ـ سيبڻ ـ ڪنار لڳائڻ ـ جوڙڻ. چغلي هڻڻ ـ برغلائڻ ـ پڙڪائڻ. (سرمو) وجهڻ. دل لائڻ ـ ڏيان ڏيڻ. (هٿ) رکڻ يا هڻڻ. (ڪلهه) وڃائڻ. جوڙ ڪرڻ ـ بنائڻ ـ ٺاهڻ.

ـ لڳائي ڇڏڻ: لهپ ڪرڻ ـ لهپو ڪرڻ ـ پلستر هڻڻ ـ راڳو ڏيڻ ليپو ڏيڻ. مالش ڪرڻ. دوا لڳائڻ ـ ملهم رکڻ. شامل ڪرڻ ـ گڏي ڇڏڻ ـ ملائڻ ـ ڇهڻائڻ. پُلائڻ ـ برغلائڻ ـ آپارڻ. هوڏ رکڻ ـ شوط رکڻ.

ـ لڳائين (ڪ): مصدر. تيڳائڻ ـ چوري ڪرڻ ـ هيرڻ.

● لڳت ۽ لڳتون: ث. جن يا پوت وغيره جو اثر ـ حساب ـ جادو ـ ڪاڻ ـ دوهه. ڳنڍ جڙ يا ملڻ واري حالت ـ چنبڙ. هٿ چڙهڻ يا لڳڻ واري حالت. قيمت ـ مُلهه ـ اڳهه ـ بها.

● لڳڻ (س): مصدر. لڳڻ.

ـ لڳو ۽ لڳتا (ل): ذ. صفت. ٽوڙي ـ ڪاهل ـ ڪم چور. سست. گندو ـ غليظ ـ ميرو ـ ڪينو.

ـ لڳو ۽ لڳنا (ل): ذ. لڳت ـ جماع.

ـ لڳڻو ڪرڻ: جماع ڪرڻ ـ لڳ ڪرڻ.

● لڳڙي ۽ لڳڙيون (ل): ث. وَجهه ـ موقعو ـ جهتي ـ پل.

● لڳڙ ۽ لڳڙَ: ذ. صفت. لڳلڳڙو ـ لڳلڳيو ـ جَميرُ ـ چنبڙندڙ ـ چيڙهالو ـ ليسدار.

ـ لڳڙو ۽ لڳڙا: ذ. صفت. چيڙهه وارو ـ چنبڙندڙ. سنهڙو ـ نيبل ـ لهيڙو ـ قيلڙو ـ قهيڙو ـ هيٺو ـ سست ـ موگو ـ ديرو. (ضد: سخت).

● لڳڙ ۽ لڳڙَ: ذ. ڪڙو ـ ميرو يا ڏوتل ڪپڙو ـ پاتل ڪپڙو. "لڳڙا ميرا ٽي ويا آهن" (جملو). (صفت). ميرو ـ گندو ـ خراب ـ نڪمو ـ گدلو ـ ڪينو ـ ڪچهرو. قيلهڙو ـ بي زورو ـ سست ـ موگو ـ هيٺو. نالائق ـ نڪمو ـ وڃائنڊ ـ ڪٺ هيڻ ـ نڪار ـ نامراد ـ ناخلف ـ ڪميرڪ ـ ڪين جهڙو.

ـ لڳڙ لڳڙَ (جمع): ذ. چنڊ قاتل ڪپڙا ـ چيهون ـ ليڙون ـ چيهاڙيون.

ـ لڳڙو ۽ لڳڙا (ث): ذ. صفت. هيٺو ـ ڪمزور ـ جنهن ۾ قوڙتائي گهٽ هجي ـ لِميڙو. (اسم). پراڻو يا ردي ڪپڙو ـ ميرو قاتل ڪپڙو.

● لڳل: ذ. صفت. ڪڏيل ـ ملهل ـ ڳنڍيل ـ شامل ٿيل ـ ڪنهن سان بد پيشي جي رستي ڳنڍيل. ڪنهن سان پيار ۾ قاتل ـ اڙيل ـ منجهيل. ٺهڪيل. (ميوو) ڪينو ٿيل ـ سڙي ويل ـ داغدار ٿي ويل. (پاڻ ۾) وڙهيل ـ جهگڙيل.

● لڳلڳ ۽ لڳلڳون: ث. لبيس ـ ليو ـ چيڙهه ـ جمر ـ ڪونر يا (ماڪيءَ جهڙي) چنبڙندڙ شيءِ. (صفت).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳلڳدار - چيڙهه وارو - جيڙهالو - چڪنو - جنهنجهه - ليو وارو - چنبڙندڙ.
- لڳلڳڙو ۽ لڳلڳڙا: ذ. صفت. چيڙهه وارو - ليو وارو - چنبڙندڙ - ٽنيئ.
- لڳلڳيو: ذ. چيڙهالو - لڳدار.
● لڳلڳو ۽ لڳلڳا: ذ. هڪ برتن جو نالو - ڪنڍي - تي جهڙو برتن - ڪرچي - ڪنڍو پاسڻ. مارڪٽ. لڳو لڳ.
● لڳڻ: مصدر. (سن. لڳي. پرا. لڳائي = لڳڻ) (هوا يا طوفان) لڳڻ - گهلڻ. (ڪ). هوا جو هلڻ. لاڳاپو رکڻ - نسبت رکڻ - واسطيدار ٿيڻ - لاڳاپيدار ٿيڻ. ڪٽڻ - ڪوڙجڻ - جڙڻ - بيهڻ - پورو ويهڻ - ٽهڪڻ - ٽيڪڻ - چُهٽڻ - جنبڙڻ - گڏجڻ. (هڪ ٻئي سان) لڳڻ - گسڻ. (ٻاجاگهڙيال جا) وڄڻ - ٽڙڪڻ - وقت گذرڻ. چُٽيڻ - ٽهڪڻ. ٽڪرڻ - زخمي ٿيڻ - ڏڪجڻ - ٽڪرجڻ - (ڏ ڪ) لڳي وڃڻ. لپيڃڻ - راڳجڻ - لِنبجڻ. ڏيان ڏيڻ - توجهه ڏيڻ. عشق لڳڻ - ناتو لڳڻ - لٽون لڳڻ - (د ل) لڳڻ - نينهن اڙڻ - (د ل) قاسڻ - آڙڻ - ٻڌڻ - (د ل) قابو ٿيڻ. ڏڪي ٿيڻ - پيٽ سان ٿيڻ - ڦرجڻ. (وَجهه) مسڻ - (موقعو) هٿ اچڻ - (د ل ۾) اچي وڃڻ - ڦرڻ - ڪُٽڻ - سمجهه ۾ اچڻ - هنڌڻ - د ل سان هنڌائڻ - اعتبار اچڻ - (ڪنهن ڳالهه تي) پروسو ٿيڻ. هٿ اچڻ - دستياب ٿيڻ - وَر چڙهڻ. لڙائي شروع ٿيڻ. محسوس ٿيڻ. (باه) ٻرڻ - جلڻ. (ڪنهن شيءَ کي) لڳڻ - گهٽو سڙي وڃڻ (چانور پاڇي وغيره). (ڪنهن ڳالهه تان) چڙڻ. (ڪنهن کي سنو نصيب) هڻڻ. لياقت حاصل ڪرڻ - پاس ڪرڻ - پاس ٿيڻ. (بوٽ ۾) ڪوڪو يا نالون وغيره هڻڻ. (نوڪري تي) بيهڻ - چڙهڻ - مشغول ٿيڻ - رونيڻ - ڪم تي چڙهڻ - لڳي وڃڻ. گهُر گهُر لائي ڏيڻ - پٽندي لائڻ - ڏُرٽو هڻڻ - ڏُرٽو مارڻ. زخم ٿيڻ - (ڏ ڪ) لڳڻ - وڄي پوڻ. ڦاڙ هڻڻ - ٻوڪڻ - قُٽڻ - (ٻوٽو) جمڻ - پيدا ٿيڻ - قائم ٿيڻ - ڪڙو ٿيڻ - راڳڻ - (پنن جو) لڳڻ - قُٽڻ - مورجڻ - انگورجڻ - ٻُورجڻ - (انب وغيره جو) سلو ڪيڏڻ. ڏسڻ ۾ اچڻ - پائڻ - ڏٺل معلوم هڻڻ (جيئن شڪل لڳڻ) اثر ڪرڻ. (ڇُهڻ سان) پليد ٿيڻ. ڪارگر ٿيڻ - اثرائتو ٿيڻ - فائديمند ٿيڻ. (رقم) خرچ ٿيڻ يا اچڻ. بند ٿيڻ - پورجي وڃڻ (اڪ وغيره جو) - ننڊ اچڻ. شروع ڪرڻ - شروع ٿيڻ - شروعات ڪرڻ "فلاڻو ڪالهائڻ لڳو = ڪالهائڻ شروع ڪيائين" (جملو). (ميوو) ڪنو ٿيڻ - سڙڻ - ڳرڻ - (ميوي کي) داغ ٿيڻ - ٽِڪو ٿي پوڻ. ملي اچڻ - ٺهي اچڻ - برابر ٿيڻ - ٽهڪڻ - ميل ڪائڻ - جمع ٿيڻ. ميلو لڳڻ.
- لڳڻو ڀڳڻو: رلڻو ملڻو - ميل ميلاپ وارو - هيريل ميريل.
- لڳڻي ٻيڙي هُڻڻ: جتي وٽي آتي (ڪالهين ۾) بيهي رهڻ.
- لڳي پتوڻ: ٿوري پاڻيءَ جي ڪري ٻيڙيءَ جو ترو زمين سان اٽڪي پوڻ.
- لڳي ڇڙهڻ: پنيان پوڻ - سائ هلڻ - گڏ هلڻ - گڏجي هلڻ.
- لڳي رهڻ: سُڪيءَ تي رهجي وڃڻ.
- لڳي لائڻ: حوالي ڪرڻ - گلي لائڻ "مال ميڙوئي تن جو، ٻئي لڳي نه لاءِ" (جملو).
● لڳڻ (ڪ): مصدر. لُٻڻ - جهُڳڻ - جهپڻ - ميرو ڪرڻ - لوٽڻ.
● لڳو ۽ لڳا: ذ. صفت. اڳو (ڀاءُ وغيره) - پيءُ يا ماءُ جو اولاد. (ضد: سڳو). پورو پورو - ڪُتو.
- لڳو آڙيو: ذ. صفت. لڳي ٽيڙندڙ - بي اثرائتو.
- لڳو ٻڌو: ذ. صفت. پورو نشان تي لڳندڙ - برابر - پورو - مقرر ٿيل.
- لڳو لڳ: ذ. صفت. گڏ - سائ - قريب - ويجهو - پيٽ - جُٽيو - ڪُٽمبي سان - گڏ وگڏ - لاڳيتو - متصل - د نڪتي - لڳاتار - ڪاتار - ساندهه - مسلسل - آڳاٽ ساڳيٽ.
- لڳو رهڻ: گڏ هجڻ - سائ هجڻ - پيڙو هجڻ - شامل هڻڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- لڳو هلڻ ۽ ڪڏ وڪڏ هلڻ - همراه ٿي هلڻ.
● لڳهه ۽ لڳهه (ت): ذ. جهڙ جي اونده يا ڪاراڻ - گهاٽا ڪڪر. وڏو ڪڪر
"زلف لوٽن ٿي لڙيا لڄ ڪان،
لڳهه پيو چنڊ لڪي"
(ملاح).
گهاٽو ڪارو ڪڪر - مينگهه. (سر د يسي - گر).
سنهڙو مينهن - ڦڙيون.
● لڳي ۽ لڳيون: ث. (پرا. اِيا. سن. ايڪا = لڳي) لڳڻي - پيار - موهه - پريم - پيوند - لئون - محبت - عشق - قرب - لڳن - اُلفت - نينهن - سنيهه - پريت - پياءُ - چاهه - شوق - اُڪنجهر - اُڪير - خواهش - اِڇا - چاهت گهٽي. آرزو - تمنا. اشتها - ٻڪ. دوستي - آشنائي - لاڳاپو - تعلق - نسبت. دشمني - ويس - وِروڌ. اٽڪ. رنڊڪ - روڪ. مڃيءَ جو هڪ قسم.
● لڳهه ۽ لڳهه: ذ. (سن. لڳهه = نڊڙو + نڪا = شڪ) پيشاب - مُٽ - سيمو. سوراخ - ٽُنڪ.
● لڳهه ۽ لڳهون: ث. اونداهي. (وفا).
● لڳهات ۽ لڳهاتون: طعنو - مهڻو - عتاب - وين - ڏوراپو.
- لڳهاتون هڻڻ: طعنو مارڻ - مهڻو ڏيڻ. ڏونڪا هڻڻ.
● لڳهٽي ۽ لڳهٽيون: ث. ڪِتڪِتوئي. گوهيي.
● لڳهو ۽ لڳها: ذ. گهر جو جارو - ڪٻٽ - پٽ ۽ لڳل تختو.
● لڳ ۽ لڳ: ذ. (ف. لنڪ = سنڌو) سنڌ - سنڌاڻ - سنڌ ڪائي - سنڌ ڪاءُ.
- لڳو ۽ لڳا: ذ. صفت. منڌو - لنگڙو - ڦِڏو - بيمار
"چارڻ لڳو، پنڌ گهٽو، ڪي چوتائي چڇيج"
(شاهه).
بي خوش - بي مزي - اڌ ماٺهو - بي وس. خراب - بُڇڙو.

● لڳ ۽ لڳ: ذ. پيرو - گهمرو - دَسُ - وارو - دفعو - ڪيپ - پُور.
لڳ ۽ لڳون: ث. پيرو - گهمرو - دَسُ - لڳ - ڪيپ - پُور (ڪا شيءِ ڪٽڻ هل) - ڦيرو - وارو - دفعو. "آءٌ گاهه جي هڪ لڳ ڏيئي آيو آهيان" (جملو). عضوو. (ن - ب).
● لڳا: ذ. پيرو - گهمرو - وارو - وقت - سمو - دفعو.
- لڳو ۽ لڳا: ذ. پيرو - گهمرو - وارو - دفعو - موقعو - وَهڻ - وقت - سمو.
● لڳ ۽ لڳ: ذ. (من. لِنگ) عضوو - انگ - بدن - جسم - بازو - بدن جو پاڳو. ڪنديءَ جا ٻن. (ج. لڳ). بيماري - مرض - روڳ - تپ - ٻَرو - ڪوسو - بخار.
- لڳ ٽيٺ: تپ اچڻ - بخار ٽيڻ.
- لڳ سِٽڪيجڻ: ٻَٽ ڪي نه وٺندڙ واءُ لڳڻ.
- لڳ ڪانڊارِجڻ: پُڇ ونڊي وڃڻ - ڪنهن خوفناڪ ڳالهه ٻڌڻ ڪري دل تي اثر ٽيڻ.
- لڳ ڪوسا ٽيٺ: بخار اچڻ - تپ ٽيڻ.
- لڳ لُوڻ ٽيٺ: لُڇڻ ڦٽڪڻ - لوري لڳڻ - بيقرار ٽيڻ - بيتاب ٽيڻ - سوز ۽ سڙڻ - جهوريءَ ۽ جهيڙڻ - ڪُٽنين ۽ ڪرڻ.
- لڳ سڙڻ: تپ محسوس ڪرڻ - تپ اچڻ - بخار چڙهڻ.
● لڳ (ت): ع. هميشه جمع جي صورت ۾ ڪم ايندڙ. ڪنديءَ يا پير جا ٻن.
● لڳائڻ: مصدر. (ف. لنگ = منڊ ڪائڻ) منڊائڻ - منڊ ڪائڻ - لنگڙائڻ - ڦِڏ ڪ ڦِڏ ڪري هلڻ. (لڳائيو - لڳائيندو - لڳائيل).
- لڳائي ۽ لڳائيون: ث. منڊائڻ - لڳ - منڊ ڪائي - منڊ ڪاڻ - اڳهائي - بيماري - طبيعت جي ناسازي - ناچڳائي - روڳ - پيڙا - مرض - ڏوار - ڏوجُ - ڏُجندو - آزار - ڪُمتهرائي - بي مزائي - ناچاقائي - عليلائي. خرابي - بچڙائي - بَدي - مَٺائي - سُرائيي - مَدائي - بدڪاري - ڪُبيد - آپڪار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لٹکائيءُ چٹکائيءُ ۽ لٹکايُونءُ چٹکايُونءُ: ث. بيماري سيماري. بُرائي پلائي.

● للءُ ۽ للَ: ذ. (سن. لـلـ=کُڏڻ). لڇڻءُ ـ ڪِرءُ ـ عادَتَ ـ خوبي ـ لٽڪڻَ ـ ارڪان ـ افعال ـ ڇپيهڙءُ ـ شعور ـ نشست برخواست ـ ادب انداز ـ سڻي چال ـ چڱي چلت ـ للءُ ليکَرءُ. مايوءُ ـ ٽپڙ ـ حالءُ ـ همت ـ طاقت ـ زور ـ چاڙهو ـ وَتءُ. بِلو ـ آڌاءُ ـ تدارڪ ـ چارو ـ وسيلو ـ ذريعو ـ حيلو

"ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو ، لڻءُ ريءَ ڪونهي للءُ"

(سر آبري ـ شاهه).

مهر ـ پلائي. اٽڪل ـ تجويز.

ـ للاڻيتوءُ ۽ للاڻيتا: ذ. صفت. ڪِرائتوءُ ـ فضيلت وارو ـ لائق. سمجهوءُ ـ عقلمند ـ سياڻو. للءُ ليکَرَ وارو ـ ڪجهه وَٽ وارو. هوند وارو. تجويز وارو ـ آٽڪلي.

ـ للءُ ليکَرءُ ۽ للءُ ليکَرَ: ذ. مايو ـ وَتءُ ـ ٽپڙ ـ حال ـ هوند. بِلو ـ آڌاءُ ـ ذريعو.

● للءُ ۽ للَ: ذ. صفت. چريو ـ بيگانو ـ مست ـ نڪمو ـ بيڪار ـ جَتءُ ـ بي عقل ـ بي وقوف ـ ٽُلهي ماني ـ ڊبل روٽي ـ روٽلي جو هڪ قسم ـ روٽي ـ نانءُ.

ـ للاڻيءُ ۽ للاڻيُونءُ: ث. چريائي ـ بيوقوفي ـ نادانيءُ.

ـ للَ متڻءُ: اجائي بکوات ڪرڻ ـ لاف هڻڻ.

● للا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● للا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● للاتءُ ۽ للاتَ: ذ. (سن. لالاٽڪ=نراڙ) لِراڙ ـ نِرڙءُ ـ نلاڙ ـ لِلاڙءُ ـ پيرون ـ پيشاني ـ نِلات. (ل)

"لکيو جو لِلات، قلم ڪياڙيءَ نه وهي" (جملو).

پاڳ ـ نصيب ـ قسمت ـ تقدير ـ لوح قلم ـ بخت ـ پاڳو. جوت ـ روشني ـ تجلو.

● للاڻيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لِلّٰهه: حرف ندا. (ع. ل+اللّٰه=خدا واسطي) اللّٰه جي واسطي ـ خدارا ـ خدا لاءِ.

ـ لِلاهُونءُ: ث. هميشه جمع جي صورت ۾ ڪم ايندو آهي). منتون ميڙون ـ عاجزيون نيازيون.

● لِلا ٽُوءُ ۽ لِلا ٽُوءُ: ذ. ٻارن کي ڏيجارڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ ـ للُوءُ ـ جِن ـ پوت ـ ٻاڻُوءُ ـ جهوجهوءُ ـ جهوجهاڻو ـ رڇ پورو ـ ڪُڙيدو.

● للٽِ: اسم خاص. هندول راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

● للڇِپ ۽ لِلڇِپُونءُ: ث. چاپلوسي ـ خوشامد ڪوڙي.

● للُرءُ ۽ للُرَ: ذ. گاهه جو قسم جو پاڻيءَ طور ٻه ڪم اچي.

● للٽر ٿلَر: ث. ڏڏَر ٿڏَرَ.

● للڪارڻءُ: مصدر. (سن. رٽ+ڪاري=پڪار). پرڪاڻ ـ اوپارڻ ـ جوش ڏيارڻ (مٺي آواز سان) ـ هلڪارڻ. پڪارڻ ـ سڏ ڪرڻ ـ آواز ڏيڻ ـ سڏڻ. هوڪارڻ ـ نعرو هڻڻ ـ ڏمڪي ڏيڻ. مقابلي لاءِ سڏڻ يا هُشڪارڻ ـ چئلنج ڏيڻ. (للڪاريو ـ للڪاريندو ـ للڪاريل).

ـ للڪارَ ۽ للڪارُونءُ: ث. مٺو آواز ـ سُرءُ ـ ترانو ـ لاتِ ـ آلاپءُ ـ (تتر ، مانَ يا مست فقير جو) آواز. هلڪار ـ سڏ ـ نعرو ـ ڏمڪي ـ رعب دار آواز ـ پُڪار ـ چئلنج. سُونهنءُ ـ سوپيا ـ حُسن ـ زينت.

● لِلءُ لِلءُ: ث. خوشامد ـ مِنٿ ـ عاجزي ـ محتاجي.

ـ لِلءُ لِلءُ ڪَرَڻءُ: خوشامد ڪرڻ ـ محتاجي ڏيکارڻ ـ منتون ڪرڻ ـ عاجزي ڪرڻ ـ ٿورو ڪڍڻ. جهڳيءُ هڻڻ

"اجائي ڪهڙي ڪٽي لِلءُ لِلءُ ڪئي آڻي"

بکوات ـ بکواسَ ـ يڌيءُ.

● للنڱهه ۽ للنڱهَ: ذ. صفت. رئيس ـ امير ـ وڏو ماڻهو ـ نواب. سُورءُ وِيرءُ ـ وِيرءُ ـ نايڪءُ ـ سورهيه ـ پهلوان ـ بهادر ـ جوڌو. نوجوان ـ آڏو ساماڻو ـ وهيءَ کي پهتل. سڏو ـ ملوڪ ـ سهڙو ـ وٹندڙ ـ موچارو.

● للوءُ ۽ للاَ: ذ. (پرا. للئيءُ=للو. سن. للَ+ڪ=للوءُ) چوڪرو ـ ٻالڪ ـ پيارو چوڪر ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٹندڙ چوکر ـ البيلو چوکر ـ ڇوڪرو ـ ٻار ـ طفل .
پُٹ ـ ٻيٽو . ڪرشن جو لقب . مرد جو مخصوص عضوو ـ آلت (اسم تصغير = لٹليُ) . اڃايل رکي ڏکر سان ڏَڪُ هڻڻ واري جاءِ . واٽڪن اکرن ۾ لامَ جو نالو . پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم ـ لٹلو هنج ـ پاڻيءَ جو هنج . (صفت) . البيلو ـ پيارو ـ عزيز ـ دُلارو ـ لاڏلو ـ ناز پرور . نادان ـ ڪمسن ـ لو عمر ـ نوخيز . چريو ـ بيوقوف ـ احمق ـ نادان .
ـ لٹلوُ پتوُ ۽ لٹلا پتا : ذ . ناز برداري ـ چاپلوسي ـ خوشامد ـ چٽَ ـ ريهه ريهه ـ ڳلڦو ـ چڙهو ـ ڏاڙ ـ ٽَل ـ ڳهيرڪهيلي . دارمدار .
ـ لٹلوُ ڈِيئَنُ : حساب وهنوار ڪرڻ . جوڙ ملائڻ ـ ميزان ملائڻ .
ـ لٹلوُ هٹنجُ : پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (جنهن جو اڳيون ٻٽ اڇو ۽ ڪُلندڙ هجي) .
● لِٹلوُ : ذ . چاهه ـ شوق . " هيءَ ٻار ڪائڻ تي اهڙو لِٹلوُ نه ٿو لائي " (جملو) .
● لُٹلُوُ ۽ لُٹلوُ : ذ . ٻچڙي شڪل وارو ـ پاڻو ـ جين پُوت ـ لِلاڻُوُ ـ جهوجهاڻو (ٻارن کي ڏيڇارڻ لاءِ ڪتب اينڊڙ لفظ) . " بابا، بس ڪري سمهه نه ته جنَ ٿو اچي يا لُٹلُو ٿو اچي " (جملو) . (صفت) . ڊڇڻو ـ ڪاڻر ـ بزدل ـ ڳيڊي ـ پست ـ گورڊ ليو ـ بيڪار ـ نڪمو ـ نامرد .
ـ لُٹلُو پَچائِنُ : ڏيڇارڻ .
ـ لٹلوُ پَچُوُ : ذ . صفت . واهيات ـ رولو ـ لوفر ـ ڪميڻو ـ جهڙو تهڙو ـ نالائق .
ـ لٹلوُ پَٹَجُوُ : ذ . صفت . بدآرڪان ـ ٻُڇڙي چال وارو . ضعيف ـ هيڻو ـ ڪمزور ـ بي طاقت ـ بي حشمت ـ زنانو . ڪوبه نه .
ـ لٹلوُ پَٹَجُوُ هُٹنُ : ڪير به نه هٹڻ ـ ڪوبه نه هٹڻ . خسيس هٹڻ .
● لٹلهِڪارَ ۽ لٹلهِڪارُونُ : ث . بلند آواز ـ لٹلڪار ـ هوڪار ـ آواز ـ هَٹَلَ . مالِيوا (شهر) مان آندل ڪٽو يا لوئِي ـ ٽونڪار .
● لٹلهَٹُ ۽ لٹلهَٹُ : ذ . صفت . پهلوان ـ سورمو .
● لٹلهَٹنگُ ۽ لٹلهَٹنگَ : ذ . صفت . پهلوان ـ بهادر ـ سورمو ـ سورو ويرَ ـ جوڌو . اميرـ رئيس ـ وڏو ماڻهو .
● لِٹلهوُ ۽ لِٹلها : ذ . صفت . سوڳو ـ ڍلو ـ سست . جهڪو (رنگ) . ڪٻرو ـ ڪرو . ڪُرسو ـ ڪُجسو . (پڌڻ جو) گهپرو .
● لٹلهوُرَ ۽ لٹلهو رُونُ (ل) : ث . صفت . سُني ـ پلوڙ . " ڳئون لٹلهوُرَ آهي " .
● لٹلهوُڙِيُ ۽ لٹلهوُڙِيُونُ (ث) : ث . نڍي ٻار جي پيشاب ڪرڻ جو عضوو ـ لٹلِي .
● لٹلهِيوُ ۽ لٹلهِيا (س) : گهوٽ . (ن ـ ب) .
" لعل الهيا ماريا، گڏين گهڪهيلن "
(ڏ نڪريو) .
● لٹلِيوُ : اسم خاص . تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو .
● لٹلِيُ ۽ لٹلِيُونُ : ث . نڍي ٻار جي آلت ـ ٽٽِي ـ نُٹِي ـ پيلِي . چوڪري ـ چوري ـ ڇوري ـ ڇوڪري . (آصفيه) . (صفت) . نامرد ـ ڪمر ڊرو ـ عورت تي قادر نه ٿيندڙ مڙس . ليڙو ـ ليلو .
● لِٹلِيُ ۽ لِٹلِيُونُ : ث . تعلق ـ پروسو ـ مدار ـ آسرو ـ آڌار ـ اعتبار (قسمت تي) ـ سهارو ـ توڪل ـ پرتِيت ـ ويساهه ـ (خدا تي) توڪل ـ تڪيو ـ اميد ـ آس ـ آسانگو . (پرمانند) . گل جو هڪ قسم .
ـ لِٹلِيُ چِڇِيُ : ث . خوشامد ـ چاپلوسي ـ وٽَ ـ پاسخاطري . چٽ پٽ ـ چٻڪو ـ منهن پڪائي . مان ـ سُن .
ـ لِٹلِيُ چِڇِيُ ڪرَنُ : ڳالهائڻ ۾ خوشامد ڪرڻ .
ـ لِٹلِيءَ لاڻِنُ : شڪِيُ هُٹنُ : دربدر ڪرڻ
" مون کي مهرباني ڪري لِٹلِيءَ نه لاءِ "
(مهيري) .
آسري ۾ رکڻ ـ انتظار ڪرائڻ ـ اوسيڙو ڪرائڻ ـ آلکو ڪرائڻ .
● لٹلِيا : اسم خاص . هڪ ذات جو نالو . تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو .
● لُٹلِيا : اسم خاص . هڪ ذات جو نالو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لٽيجا: اسم خاص. (ڪلهوڙن جي پاڙي مان) هڪ ذات جو نالو.

● لٽيجو ۽ لٽيجا: ذ. صفت. چور- چورٽو- چوراڪار- ڪيسهي ڪَتُ- ڳنڍي چوڙ- بدمعاش- ٺڳ.

● لٽيجو ۽ لٽيجا (ت): ذ. صفت. ڏسو لٽيجو.

● لَٽُ ۽ لَٽَ: ذ. ٽيڙ- ٽپو (هال جو)- ٽيلهو- ڏِڪو- آسرو- آوسيرو- پانهن جي زور تي ڪنهن کي مٿي ڪٽي آن جا پير ڪيڏ واري حالت. آبتڙ ڳالهه- ڪوڙ.

- لَٽَ ٽَپَ: چالبازي- آٽڪل سٽڪل "هلهي ڪيئن هرگز آتي لَٽ ٽَپَ" (جملو).
- لَٽَ ٽَپَ ڪرڻ: آڏوڙو ڪرڻ.
- لَٽُ ڏيڻ: پانهن جي زور تي ڪنهن کي مٿي ڪٽي جنگهون ڪيڏ- چڪي پٽڻ- ملهه ۾ راند جو هڪ قسم. ڪشو هڻڻ. ڏسو ڏيڻ- ڪوڙ ڳالهائڻ- ڳالهه ٽالڻ. (هال جو) ٽپو ڏيڻ. ڪسڪي وڃڻ- چوريءَ پڪي وڃڻ.
- لَٽيرَ ۽ لَٽيرَ: ذ. صفت. ٺاڪيو- چالاڪ.
- لَٽُ هٽڻ: دغا ڪرڻ- اٽڪل ڪرڻ.

● لِٽَ ۽ لِيمون: ث. ٽڪَ جو ڪند- سنگهه.

- لِٽيرو ۽ لِٽيرا (ت): ذ. صفت. سنگهو (جنهن ماڻهوءَ جي نڪ مان سنگهه وهي)- ڳدلو.
- لِٽَ سِنگهه ڪَنڊ ٽيڻ: منجهي پوڻ- تڪليف پوڻ- آئيءَ ۾ آڇڻ- تڪليف ۾ ڦاسڻ- مصيبت ۾ پوڻ.

● لِٽُ ۽ لِٽَ، لِيمُون: ث. وڻ جو هڪ قسم- نيرُ.

● لٽمائيڻ: مصدر. آهستي آهستي چوريءَ ڪسڪائي وڃڻ- چورائڻ- چوريءَ ڪرڻ- لَٽُ ڏيڻ- لٽيڙي ڏيڻ- لٽمائي وڃڻ- لِڪائڻ- سنهي چوري ڪرڻ.
- لٽمائي آڇَنُ: لڪائي ڪٽي اڇڻ- چوري ڪري آڻڻ- يڪدم ڪٽي اڇڻ.

● لَٽَمبَرُ ۽ لَٽمبرَ: ذ. (انگ. نمبر=عدد) نمبر- عدد- انگ- رقم. درجو- رُتبو- گريڊ- عهدو- منصب وارو- ٽوبَتَ- دفعو- وقت.

● لَٽَمبُو ۽ لَٽمبا: ذ. صفت. (سن. لَٽمبُ= ڊگهو) ڊگهو- دراز- طويل قامت- لَٽَبو- بُلند- طويل- وڏو- قداور- آوچو. احمق- بيوقوف- نادان.
- لَٽمبُو ۽ لَٽَمبُو: ذ. صفت. ڊگهو. ڊگهو- وڏي قد وارو- طويل قامت- قداور. بيوقوف- احمق.

● لَٽُ لوڙ: ذ. ڪوڙ ڪهسان- ڪوڙ ڪائلو.

● لَٽَمبِي ۽ لَٽيمُون (ل): ث. ڏسو "اهڙي لَٽَمبي هَٽيءِ اٽي، جو ڪڏهن ڪونه ايندو" (جملو)- ڪشو- ٽيڙ.
- لَٽَپَ (ث): ٽر ۾ پيدا ٿيندڙ گاهه جو هڪ قسم.

● لَٽَپَتُ ۽ لَٽُپتَ: ذ. صفت. (سن: لٽپَتُ= لٽندو) لانگ چونڊو- لانڊاوو- آٻُترُ- اوباش- لنگوتاڙو- ٽرڙو- وِيلُ- لونيو- چتُ- لانبڙ- لٽندو.

● لَٽِجَنُ: مصدر. آڏاسڻُ.

● لَٽُحو ۽ لَٽُحا: ذ. (ع. لمحة= اڪ چنبَ) پلڪ- ڪهڙي- لمحو- اڪ ڇنيڻ جيترو وقت- تمام ٿورو وقت- سيڪنڊ- ساعت. بجليءَ جي هڪ چمڪي جيترو وقت- پَلُ- دَمُ- لحظو.

● لَٽَڏاڻُ ۽ لَٽَڏاڻَ (ت): ذ. ڪوڙُ. جهيڙو- فسادُ- دشمني. رڳڙو- معاملو. نقصانُ- ڇيهو.

● لَٽَسُ: ث. (ع. لمس= هٿ ڇُهيو) ڇُهڻ واري حالت.

● لَٽَمڪارُ ۽ لَٽَمڪارَ: ذ. (ڪجيءَ جو سُڪاورو) ٻُهارا نيوڙائي ڇڏڻ.
- لَٽَڪو ۽ لَٽَڪا: لوڏو- لوڏَ.
- لَٽَڪو ڏِيڻُ: لوڏو ڏيئي هلڻ (عورت جو).
- لَٽَڪي ڏِيڻُ: ڪوڙي تي چڙهي ڊوڙائڻ- ڪوڙي تي چڙهي چڪر ڏيڻ.

● لَٽَيٽُ ۽ لَٽَيٽُون: ث. (انگ.) ليمن جو ٻاڻي.

● لَٽَندُ ۽ لَٽَندَ (ت): ذ. صفت. وڏو- لمبو- ڊگهو- ڏِنگو. لڙيل- نيوڙيل.
- لُمَندا ڪَنَ: ڊگها ڪَنَ (شاه ڪريم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جيڪا ڏاريان ٻڪري، تنهن لمندا ڪن"
(جملو- گل شڪر).

● لِيرُ ليرَ ڪرڻ: بلڪل ٿورو چمڪڻ.

● لِتمَڻُ: مصدر. (سن. تمرُ = جهڪڻُ) لاماروڏيڻ (پڪيءِ جو)- آڏڻ- آڏامڻ- سيڃ ٽيڻ- مٿي چڙهي وڃڻ. جهت هڻڻ- جهپو هڻڻ. ڪِسڪڻ- گر ٽي وڃڻ- رفو چڪر ٽي وڃڻ- غائب ٽيڻ- پڄي وڃڻ. لڙڪڻ- ٽڱيو رهڻ- لڏڻ- لٽڪڻ- نِڙڻ- جهڪڻ- نِوڻ- نِمڻ- ڪُٻڙو ٽيڻ- هيٺ ٽيڻ. لڏڻ.

● لِمڙُ: مصدر. لِمڙڻُ- (سُستيءِ ۾) لهڻيو رهڻ. لمندو لڏندو هلڻ. نند مان سجاڳ ٽي او پاسيون ڏيڻ- ڪر موڙڻ. تماڪ هٽن ۾ سُهڻڻ- چلم يا حقي لاءِ تماڪ تيار ڪرڻ. نِوڙڻ- جهڪڻ- نِمڻ.

- لٽمو ۽ لما: ذ. صفت. مُڏو- "ڪپ لمو ٽئي روهيءَ تي لائجي"- لائو- ڪُل- ٽڪل (زمين)- ڪوڙو (سڪو وغيره)- سادو سودو- لٽسو. هيڻيون يا ڏاڪڻو پاڳو. (اسم) لاڙ- ڏڪڻ سنڌ جو هڪ حصو (خيرپور، روهڙي، سکر ۽ شڪارپور تعلقا). (اسم خاص). لس ٻيلي جي هڪ جبل جو نالو. (ظرف). پري- دور- ڏورانهون "مون اوهان کي لمو ڏٺو هو". (ڪ).

- لٽيءُ راهَ: ث. اڻ لتاڙيل رستو- اڻ ٻيرو ڪٽيءُ- نئون رستو.

● لٽنَ ۽ لٽنَ: ذ. (ف. لٽد = آلت. سن. لٽنڊ = آلت) انسان يا حيوان جو مخصوص عضوو- انساني آلت- عضو تناسل- لٽوڙو- ٽٽو- رڳ. ذڪر- ڪيڙ- ڪِلو- لٽنگ- اِندريءُ- آڳونو- ٻائي وارو.

- لٽنَ آڳهٽو: ذ. حسد يعني- لالچي. حاسدُ.

- لٽنَ جا ليڪَ پُڄڻ: ڪجهه به نه هجڻ- سُڃائپ نه هڻڻ.

- لٽنَ جهڙو منهن ڪرڻ: خراب منهن ڪرڻ- ڦِڪو منهن ڪرڻ- ڪاوڙ ڏيکارڻ.

- لٽنَ ڏيئيءُ ڇڏڻَ: انڪاري جواب ڏيڻ- ناڪار ڪرڻ.

● لٽنبَ ۽ لٽنبَ: ذ. جهنگلي گاهه جو هڪ قسم جو ڏٺ طور به ڪم اچي
"ويڙهيجا وسڻ تي لٽلُر لٽنبَ لاڻا"
مينهن جي موسم ۾ ايرندو آهي، ٽري ماڻهو ان کي "لٽنبَ مٽڻ چنبَ" ڪري چون، جو ته هن جي ڪائڻ ڪري مال مڪئ وڌائيندو آهي.

● لٽنبَ ۽ لٽنبَ: ذ. صفت. روٽلو- پينانگ- ٿوهو- پٽنواورو- رولو- مارڪو- روهيه رُليو- ٽولاڪٽڙ- ٽر ٽاپڙيو- رول پائي- آواره- دربدر. (شرت). ڦيٽهڙ- لاٻڙ- لفنگ- چور- لوفر- لُچ- بدمعاش. چڙو- جنهن جي شادي ڪيل نه هجي يا ڪيس کو عزيز نه هجي- ڪنوارو- چڙو چانڊ- مڪٽو. نڏڪو- غيباٽو- آنات- نِڏر- ويڳاڻو- ڏُليل- آٻالو- غريب- مسڪين- دَرَدَريءُ- تيهي دَستَ- ڪُٽنل- آتابوُ. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● لٽنبِڪوُ ۽ لٽنبِڪا: ذ. لٻڪو. وچ ۾ ڳالهائڻ واري حالت.

● لِنبَڻُ: مصدر. (سن. لِپ = لِنبَڻُ) لهڻ- راڳو ڏيڻ- ڇنڻ- گاري سان لِٽڻ- راڳڻ- مڪڻ- لِڦڻ- پلستر هڻڻ (مٽيءِ جو)- لنباوت ڪرڻ- پٽين کي گارو وغيره هڻڻ- لهپو ڏيڻ. گاري مٽيءِ سان جاه جي مرمت ڪرڻ. (لنبيو- لنبندو- لنبيل).

- لِنبَ ۽ لِنبُنوُ: ث. لِنبڻ واري حالت- گاري جو لهپو- راڳو- تهه- آستر- لهپو.

- لِنبارائيڻُ: لِنباوَتَ يا لنبڻ جو ڪم ڪرائڻ.

- لِنباٽِيُ ۽ لِنباٽِيونُ: ث. (سن. لِپ) لِنباوَتَ ڪراڻي- لنبائڻ يا ليپي ڏيارڻ جو خرچ- لنبڻ جي مزوريُ- محنت- پورهيو- آجورو.

- لِنباوَتَ ۽ لِنباوَتونُ: ث. لنبائڻ يا لنبڻ واري حالت- پٽين چٽين جي لنبائڻ جو ڪم- لنبائي.

● لِنبائڻ: مصدر. (سن. لپ=) لنباوت ڪرائڻ- گاري جو راڳو ڏيارڻ- لهپو ڏيارڻ. (لنبائيو- لنبائيندو- لنبائيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= لِنْبائيُ ۽ لِنبائيُ گاري مَتيءَ سِان لنبڻ جو ڪر.

= لِنبِيٽِيُ ۽ لِنبِيٽِيُونُ: دوزن ڪي بند ڪرڻ يا لنبڻ يا سيمينٽ جو گارو يا ڪچُ.

● لنبُو ۽ لنبا: ذ. (من. لنبُ =) ڀارڻ وارين ڪائين جو ستو يا ڊگِيُ (مردي جلائڻ وقت). طول- دراز- وڏو- ڏگهه- اُوچو- وڏي ڏيکهه وارو- ڏگهي قد وارو- قداور.

= لنبا ۽ ذ. وڏا گره- وڏا ٽُڪُرَ (مانيءَ جا)- وڏا پور. (پرماند)- لپا- لپوڙا.

= لنبا ڏِيڻُ: لنبَ ڏيڻ: هرندڙ نديين ڪائين سان چڪيا ڪي ٻاهه ڏيڻ.

= لنبائِ: ث. ڏِيکهه- لنبائي- ڏِکهائي.

= لنبائيُ ۽ لنبائِيُونُ: ث. ڏيکهه لنبائ- ڏِکهائي.

= لنبُوڙو ۽ لنبُوڙا: وڏو گراهه- پريل لپَ- لٽو.

● لِنبُ: ڪرائي زمين تي پيدا ٿيندڙ گاه جو هڪ قسم.

● لُنبُ ۽ لُنبَ (ث): ذ. صفت. ڏِکهو- اڻبو- لمبو- قداوَرُ- اُوچو. بد- خراب.

= لُنبِيڪو هٽُ: وچ ۾ گهالهائڻ. خراب گهالهائڻ.

● لُنبِيٽُ ۽ لُنبِيٽَ: ذ. صفت. ضعيف- ڏهرو- ننڍڙو- لاغر- هيٺو- نربل- ڪمزور.

● لُنبِيٽُ: مصدر. بد شد گهالهائڻ. لڄي ڪرڻ- شرمندو ڪرڻ. (لُنبِيو- لُنبِيندو- لُنبِيٽل).

= لُنبِو ۽ لُنبا: ذ. جهتُ- جِيڙُبُ- ڏمڪي. طعنو- مهڻو- ڏوراپو.

● لنبَ: ٿر ۾ ٿيندڙ ننڍي گاه جو هڪ قسم.

● لِنجُ ۽ لِنجُونُ: ث. آوٽائي- ڪوت- اٽاڻ- (پائيءَ جي) ڪا پَتِ- ڪوتاهي- گهٽتائي- تراسائي- آوٽ- هيٺا- لتصُ- (عقل جي) مار. احتياج- گهرج- طلب- لوڙ- ضرورت- ڪٽي- ڪپُ- ڪاڻ- حاجتَ.

● لنجا: اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● لنجارَ: اسم خاص. ڪاري ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.

● لنجارِي: اسم خاص. تعلقي پنو عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لنجرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لنجواڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لِنجهتَ ۽ لِنجهُونُ: ث. ٿورو واسطو- گهٽ رشتو- ٿوري مائٽي، بيماري- اگهائي- عليلائي.

● لنجهڻِ ۽ لنجهڻتونُ (ت): ث. بيماري- روگ- اگهائي- مرض.

● لنڊو (ت): رڍن جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

● لنڈَوُرُ ۽ لنڈَوُرَ: ذ. صفت. لفنگ- لُچُ- بدچال- بدفضيلتُ- لوفر- بدمعاش.

● لنڈُ ۽ لنڈَ: ذ. صفت. بدمعاش- لوفر- لُچُ. بِنا پُڇ- لنڈو.

= لنڈَرُ ۽ لنڈَرَ (ل): ذ. صفت. بيهودو ماڻهو ڪيڏنگو- آيڏنگو- بدچال- بي فضيلتو.

● لِنڈُ ۽ لِنڈَ: ذ. ٿورو- ماڻهوءَ جو پائخانو- گونهه جو چاڙو- لينڊو- گونهڻ- ميلو. راند ۾ جيت يا هارَ- آڱُ.

= لِنڈُ ڏِيڻُ: راند ڏيڻ- راند چاڙهڻ- شڪست ڏيڻ.

= لِنڈُ سپيراندِيءَ آچتُ: پريشان ٿيڻ- مُنجهڻُ- مونجهو- ٿيڻ- تڪليف ۾ اچڻ.

= لِنڈُ ڪاڻِيُ: راند هارائڻ.

= لِنڈُ گهپتُ: سخت قبضيُ ٿيڻ- مشڪلات ۾ آچي وڃڻ.

= لِنڈُ گهوگِيرِيُ ٿيتُ: پريشان ٿيڻ- آئيءَ ۾ اچڻ- تڪليف ۾ هُجڻُ.

= لِنڈُ لِنڈائي: راند جو هڪ قسم.

= لِنڈُ مَڪرُوهُ ٿيتُ: تڪليف ۾ پوڻ- پريشان ٿيڻ- مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ.

= لِنڈُ مَڪرُوهُ كَرَنُ: منجهائڻ- پريشان ڪرڻ- سوڙهو گهٽڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لِنڊو ۽ لِنڊا: ٻارن جي راند ۾ هڪڙي طرف جي شڪست ـ هار.
● لِنڊو ڏِيڻ: جيتڻ ـ راند ۾ کٽڻ.
● لُنڊ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لُنڊِ: تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لُنڊ ۽ لُنڊَ: ذ. هندن جو آڏڪ مهينو ـ ڪبيسَهَ ـ پرشوتر. ڪاساين جي چنب کان سواءِ ٻُلهي هڏن وڍڻ جي ڪاتي ـ ڪاتُ. (ت). رچَ جو هڪ حصو ـ "گهايُن" جي پاسي وارا سڳا، جي چونڪن منجهان واڄجي، وڄي پين چونڪن سان جوڙ ڪن. (ک). (اسم خاص). بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ڪپري ۽ تعلقي ڳڙهي خيرو ۾ هڪ ديهه جو نالو. (صفت). لُڇ ـ لُڦنگ ـ لوفر ـ بدمعاش ـ بدچال. بنا پُڇ ـ لُنڊو. زهريلي نانگ يا بلا جو هڪ قسم.
ـ لُنڊُ ڏِيڻ: ملاحن جو اصطلاح. "گهايُن" جا پاسي وارا سڳا واڌڻ.
ـ لُنڊَڪَ (ث): آڏڪ مهينو ـ پرشوتر.
● لُنڊا ميڙارا: تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لُنڊائُو: تعلقي ديرو محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لُنڊائُو: ذ. صفت. (من. لُنڊ) بڪبڪيو ـ بڪواز تي ـ گوڙ ڪندڙ. معاملائي ـ جهيڙائي ـ لُنڊائي.
● لُنڊُرُ ۽ لُنڊُرَ (ڪ): ذ. صفت. لالچي ـ لوپي ـ لُٻيرُ. (اسم خاص). بلا يا نانگ جو هڪ قسم ـ سَنڀُ ـ ڪَنڀُرُ ـ لُنڊِري. (ث. لُنڊري ۽ لُنڊريون).
● لُنڊِڪِي: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لُنڊو ۽ لُنڊا: ذ. صفت. (من. لنڊ) بي شرمو ـ بي حياءُ ـ لُڇِي ـ ڦِڪو ـ لُڦنگ ـ اوباش ـ لوفر ـ زناڪار ـ زاني ـ خراباتي ـ لانگ چوٽو ـ عياش ـ لُڇو ـ ڪامي ـ لانبارو ـ شهوتي (ماڻهو) ـ چٽيلو ـ بدمعاش ـ حرامي ـ بدذات ـ ڪمينو.
ـ لُنڊائِي ۽ لُنڊائِيُون: ث. بي شرمائي ـ بي حياڻي. حرام. بي وفائي. (گاجرا).
ـ لُنڊُو ۽ لُنڊُو: ذ. صفت. حرامي ـ اوباش. لُنڊو ـ بدمعاش ـ لوفر.
ـ لُنڊِي ۽ لُنڊِيُون: ث. صفت. اوباش (عورت) ـ نالائق ـ لُنڊِي پُٽِي ـ بدڪار (عورت) ـ ڪميني ـ گهٽ ذات
"سَتي ٽي سيڏائي، لُنڊِي ٽي ڪائي".
ـ لُنڊِي پُٽِي: ث. صفت. بدڪار عورت ـ وٽشيا. خاص عام ـ نندو وڏو ـ هرڪو ـ سيڪو.
ـ لُنڊِي ڪُتُور ي: سيڪو ـ غريب غني ـ عام خاص ـ هرهڪ يا هرڪو. گهٽ درجي وارو ـ خسيس.
● لُنڊو ۽ لُنڊا: ذ. صفت. (من. لون = وڏيل) پُڇ کان سواءِ ـ بي پُڇو ـ ڪٽيل پُڇ وارو ـ پُڇ وڏيل. پُنن کان سواءِ وڻ. بي يارومددگار ـ بي يارو ـ جنهن ماڻهوءَ کي عزيز دوست وغيره نه هجي. لانگو ـ ڏٻو. مرد، جنهن جي زال مري ويئي هجي. بي ڪَس. آها ريل گاڏي، جنهن ۾ ٿورا گاڏا هجن ـ گهٽ ـ نندو ـ ڇوٽو. عيبدار ـ ناقص. بي حيا ـ بي شرم ـ بي لڇو ـ بي ديدو ـ بي نڪو ـ وِيَلُ ـ وِلوَرُ ـ نِيريل ـ وِنِيَلُ ـ لُڇو ـ اوباش ـ لمپٽ ـ لنگوتاڙو ـ لوفر ـ بدمعاش ـ لُڦنگ. لڇي ـ شرمسار ـ شرمندو. (اسم خاص). تعلقي آباوڙي، تعلقي جيمس آباد، تعلقي بدين، تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو. ڀڳي ٽوڙهي کان اڳهندي طرف هڪ جبل جو نالو. تعلقي نواب شاهه ۾ هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو. سنڌو نديءَ جي ملتان هيٺان هڪ حصي جو نالو.
ـ لُنڊائُو ۽ لُنڊائُو: ذ. صفت. لُنڊائي ـ گوڙ وارو ـ گوڙي ـ شوري ـ غوغائي ـ گوڙ ڪندڙ ـ هُلر ـ آجهل ـ خچرخٽلو ـ خرمَسْتُ ـ بي لغامُ ـ فسادِيُ ـ جهيڙائي.
ـ لُنڊُ پٽلائِنُ: ضد ڪري ٻيهڻ ـ هوڏ ڪرڻ.
ـ لُنڊُو ڪونهو (ت): لوفر ـ لڇو ـ چڙو چاند.
ـ لُنڊُو ڪُتو: بدمعاش ـ لڇو اوباش ـ لُڦنگ.
● لُنڊُو ۽ لُنڊُو: ذ. صفت. (من. لُنڊَ + ڪ = لُنڊُو) پانڊو ـ بنا پُڇَ جي ـ بي پُڇو ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريل پُڇَ سان (بلبل وغيره). (صفت). نالائق- بي حيا- ڪمينو- اڻ سڌريل - بي لڇڻو - اڊ نڪو- بي فضيلتو.

● لٹنڈي: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لٹنڈيءَ ۽ لٹنڈيئون: ث. بنان پُڇَ. بلا يا نانگ جو هڪ قسم - زهريلي بلا - مانجهو. ٻُڇڙي- نالائق - ڪميني - لُڇي. (اسم خاص). تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو. ٻڌي ٽوڙهي ڪان آلهندي طرف هڪ جبل جو نالو.

- لٹنڈي تان نہ لٹهڻ: لُڇائي نہ ڇڏڻ- بدمعاشيءَ ڪان باز نہ اچڻ.

- لٹنڈي پاسيري: پاسن وارن هڏين مان هڪ هڪ نڊي هڏي.

- لٹنڈي خوشامد: ڪوڙي يا متاچري خوشامد- لجائي تعريف. چٹَ - ڏاڍَ ر - چاپلوسي.

- لٹنڈي خوشامد ڪرڻ: خسيس چاپلوسي ڪرڻ - ڪوڙي واکاڻ (منهن تي) ڪرڻ.

- لٹنڈي ڪاڏَ: ذ. دشمن - حاسد - حسد وارو. ظالم - قهار.

● لٹنڈي ٻهڻي: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لٹنڈو ۽ لٹنڈيا (ل): ذ. رسو - ٽوڙهو- واجهه - ٽُلهي ٽوڙي.

● لٹنڈو ۽ لٹنڈيا (ت): ذ. بدمعاش - لچو- لفنگ - لوفر - اوباش.

● لٹنڪا: اسم خاص. هڪ مشهور ٻيٽ جو نالو- راوَڻَ جي راجڌاني جو نالو - سراندیپ - جزيره سلون - سيڱل ديپ - سيلون.

● لٹنڪارَ ۽ لٹنڪارُون (ت): ث. عشق جي تار. لٹنڻُ.

● لٹنڪِ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لٹنگ ۽ لٹنگَ: ذ. صفت. (ف. لنگ: متبو) هڪ ٽنگ وارو - متبو - لنگڙو - پنگلو - لولهو - اپاهج. متڀڙڪ. عيب - گهٽتائي.

- لٹنگڙو ۽ لٹنگڑا (ت): ذ. صفت. متبو- پنگلو- لنگ - لولهو.

● لٹنگو ۽ لٹنگا: ذ. صفت. لنگڙو - متبو - لولهو.

● لٹنگ ۽ لِٹنگَ: ذ. هندن جي پوڄا لاءِ پٿر جي لهيل شيوَ مهراج جي آلت. انساني مخصوص عضوو. (گرامر ۾) جنس.

● لٹنگايٹ ۽ لٹنگايتَ: ذ. شيو جي لنگ يا پٿر جي لهيل مخصوص عضوي کي پوڄيندڙ.

● لُٹنگ ۽ لُٹنگَ: ذ. گوڏ يا سلوار هيٺان ڪپڙي جو لنگ - لُٹنگ پڌڻ جو ڪپڙو- نڊي گوڏ - لانگوٽو - ڪڇو - چوتو - لانگوٽي - نڊي چڊيءَ - لانگوت. پرهيز- پاڪائي (ت). شيوَ مهراج جو مخصوص عضوو جنهن کي هندو عورتون پوڄين ۽ ان جي ٿهل ڪن. سڃاڻ جي نشاني.

- لٹنگڻ ڪڍَڻ: لنگوٽو پڌڻ - نڊي ڪپڙي ٽڪر سان آگهاڙ ڏيکڻ - گوڏ پڌڻ - ڪڇو پائڻ.

● لٹنگر ۽ لٹنگرَ: ذ. (سن. لاگٹکلا > لنگر) (ف. لنگر: ناتاري) جهاز يا ٻيڙي کي روڪڻ لاءِ لوهه جو اوزار - ناتاري - ڪنڊيو - ٻيليءُ - پڪڙهه- لنگر. اها جاءِ جتي هر ڪنهن مسافر، فقير وغير کي خيرات ملي - ڪاڏي ملڻ جو هنڌ. سداوت- خيرات. دان - زڪات - مڱ. مُٹل کي ثواب ڏيڻ لاءِ ختمي جو رڌل پت وغيره. چترَ - چُلهه. ٻيرن ۾ پائڻ جي زيور جو هڪ قسم.

● لٹنگر ڪٹڻ: ناتاري ڪٽڻ - جهاز ڇوڙڻ - جهاز هلڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

- لٹنگر هٹڻ: ناتاري ڪوڙڻ - جهاز ٻيهارڻ - ٻيڙي پڌڻ.

- لٹنگريءُ ۽ لٹنگريءُ: ذ. لنگر پچائيندڙ- بورچي - رسوئيو - واڌائو.

● لٹنگرائيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (د رکاڻي بلوچن جو قبيلو).

● لٹنگڑيءُ ۽ لٹنگڑا (ت): ذ. صفت. ڪپڙو- لٹڪندڙ.

- لٹنگڑيارءُ: ث. قاتل ڪپڙن واري.

● لٹنگڻ: مصدر. (سن. لٹنگهن = لٹنگهڻ) ٽپڻ - ٽپو ڏيڻ - ٽنگ ڏيڻ - وڃڻ - پار پوڻ -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي وڌڻ - اورانگھڻ - لنگھڻ - وڪ وڌائڻ. (ذ).
لانگھو - بنا ڪاڏي جي - بڪٽ - روزو - فاقيو. (لنگيو - لنگندو - لنگيل).
● لنگوٽ تاڑو ۽ لنگوٽ تاڑا: ذ. صفت. بي حيا - لانبارو - بي شرم - لوڏيو - بي نڪو - بي ديدو. بيهودو - لُڦنگو - لُچ - فاحش - لُچو - بد چال - ڪمينو - ويَلُ - چٽُ - لمپٽ. زناڪار - خراباتي - عياش - لانگ چوٽو - اسيميي - نفس پرست - شهوت پرست - لالگوٽيو. مسخرو.
- لنگوٽ تاڑائيي ۽ لنگوتاڑائيُون: ث. لانگ چوٽائي - لاندر پائي - بي شرمائي - لُڦنگائي - لُچائي - زناڪاري - آسنيمي.
- لنگوٽ تاڑيي (ل): ث. بدچال رَن - ڪميني - وٽيشيا.
● لنگوٽ ۽ لنگوٽ: ذ. (سن. لنگ + پٽ = لنگوٽ. پرا. لنگوٽي). ٽنگن وچان لنگهائي چيلهه ۾ پٽڻ جو ڪپڙو - لانگوٽو - لنگوٽو - ڏوتي - ٻن سڙن وچان لنگهيل ڏوتيءَ جو پلاند. اڳهاڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو - لُنگ - پوتڙو - پوچو - انگوشو - چوتيو.
- لنگوٽو ۽ لنگوٽا: ذ. صفت. پوتڙو - چوتو - انگوشو - لُنگ - چوتيو - لانگوٽو - گوڏ - لاڪ - منجهلو - ڏاب - ڏوتي.
- لنگوٽيي ۽ لنگوٽيُون: ث. ڏوتي - اڳهاڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو - چوتو - لُنگ - لانگوٽ - چوتيو - چڊيي.
● لنگور ۽ لنگورَ: ذ. صفت. (سن. لانگولين = باندر) ڏکهي پڇ ۽ ڪاري منهن سان باندر جو هڪ قسم - پولڙو - باندر - پولون - وانترُ. سست - ٿوٿي.
لُنگيي ۽ لُنگيُون: ث. (ف. لُنگي) پٽ مان ٺهيل ڪپڙي جو هڪ قسم، جو پٽڪي طور ڪم اچي.
● لنگها: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو - مڱٿار.
● لنگهڻ: مصدر. (سن. لنگهتـ) گذرڻ - مٽيءُ - رستي تان لنگهڻ - رستو پار ڪرڻ - ڪٽان پنڊ ڪري وڃڻ - لنگهي وڃڻ - وڃڻ - اڳتي نڪري وڃڻ - پار پوڻ - اورانگهڻ - اڳتي وڌڻ - هليو وڃڻ - لتاڙڻ - حد ٽپڻ - آڪرڻ - جها گي چڙهڻ. (لنگهيو - لنگهندو - لنگهيل). (ذ). سجو ڏينهن بڪ ڪيڻ واري حالت - فاقو - اپواسُ - روزو - بڪٽ (ذ. صفت). روزيدار - بڪيو - بنان ڪاڏي - بڪايل - نيرانو.
- لنگهڻ ۽ لنگهتـ: ذ. صفت. لنگهڻ جو رستو - وات - لانگهو - لڪُ - رستو - پيچرو - دڳ - وات - سيڙُ - گس - راهه - گذر - اچڻ وڃڻ جو رستو. پيلاڻي - پهاياب - سڙڪ - گهٽ - ٻُڌيو - ڪڙاهيه. آمدرفت - اچ وچ - لتاڙ.
- لنگهائيڻ: مصدر. لنگهائي چڏڻ - پار پهچائڻ - رَسائڻ - منزل تي پهچائڻ. وڇهڻ - اندر ڪرڻ - داخل ڪرڻ - گهيڙائڻ. (لنگهائيو - لنگهائيندو - لنگهايل).
- لنگهڻُ لنگهڻ: تڪليف ڪان ٽپڻ - مصيبت مان آزاد ٿيڻ - مشڪلاتن مان پار پوڻ.
- لنگهڻ پتوڻ: بڪ ڪيڻ - روزو رکڻ - فاقو ڪيڻ.
- لنگهڻ ڪتڻ: بڪٽ هوتال ڪرڻ - بک ڪيڻ - مانيءَ نه کائڻ - بک مرڻ - روزو رکڻ - اپواس ڪرڻ - بڪڻ کائڻ - بڪڻ ۾ پاهه ٿيڻ.
- لنگهڻ ڪترڻ: بغير ڪاڏي گذارڻ - بڪيو رهڻ - فاقي ۾ رهڻ.
- لنگهيٽيي ۽ لنگهيٽيُون: ث. فاقي جي مانيءَ - جنهن گهر ۾ قضيو ٿيل هجي، اُن گهر لاءِ پاڙي واري يا عزيز جي ٺهرايل مانيءَ - ڪڙي ڪُني.
- لنگهيي پارُ پتوڻ: ڏکن منجهان سک حاصل ٿيڻ - مصيبت جا ڏينهن پورا ڪرڻ - ڪابه تڪليف باقي نه رهڻ.
● لنگهيٽيي: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لنگهو ۽ لنگها: ذ. (سن. شلانگ) ڏهلاري - مڱٿار - ڳيٽو - مڱتو - ميراثي. لنگهڻ جو ڏکيو گس - اڻانگو پيچرو - دڳ - لنگهڻ. بي حيا - بي شرم - بي نڪو - بي ديدو - بي لڄو - شوخ -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ي ادب - نرلجو. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (بدڪ). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. (ث. لٹنڪھيءُ ۽ لٹنڪھيئونءُ).

- لٹنڪھوءُ ٽيءُ ٻيھڻءُ: بي حيا ٿيڻ- ظاهر ظهور بيڙو ڪم ڪرڻ- نر لڇو ٽي ٻيھڻ- اکيون پوري ٻيھڻ.

- لٹنڪھوءُ ڏيڻءُ (ث): نشان ڪرڻ.

● لٹنڪھيڇيءُ: اسم خاص. تعلقي ڪراچيءَ ۾ هڪ ديھه جو نالو.

● لٹنڪوءُ ۽ لٹنڪا: ذ. لڪو- دفعو- پيرو- گھمير.

● لٹنوَ ۽ لٹنوَونءُ: ث. (سن: لي=چنبڑڻ) ليسءُ- چيڙڻءُ ھ- چيڙڻءُ- ليوَ- ليپيسءُ- ليڪليڪ- جڪڙ- گھاڻاڻ. لٹنٹڻءُ- تار (تن ۾) - لڳڻي- عشق- چاھءُ- پريت- پريم- موھءُ- پيار- محبت- پيوَندُ- ممتا- الفت. بندگي- عبادت- پڄڻي. عيب- گھٽتائي- نقص. مڇي قاسائڻ جي جار جو هڪ قسم.

- لٹنو لائيڻءُ (ت): عيب لائڻ- ڏوهي ڪرڻ- ميار ي ڪرڻ.

● لٹنواريءُ: اسم خاص. تغلقي بدين ۾ هڪ ديھه جو نالو.

● لٹنوائيڻءُ: مصدر. گوڏاڻ ڪرڻ- نڙائڻ- ڪسائڻ- ليڪيءُ وڃڻ- ڪو خيال يا ڏيان دل ۾ آڻڻ. ڪالھه ڪيري وڃڻ- ڪترائڻ. بي عزتو ڪرڻ- بي مانو ڪرڻ- هتڪ عزت ڪرڻ- بي آبرو ڪرڻ. (لٹنوائيو- لنوائيندو- لٹنوائيل).

- لٹنوائي ڇڏڻءُ: نڙائي ڇڏڻ- لھرائي وڃڻ- ڪسائي وڃڻ- پڇي وڃڻ.

- لٹنوائي وڃڻءُ: نڙائي وڃڻ- ڪسائي وڃڻ- حرفت سان ڪالھه ڪيرائي وڃڻ- گوڏاڻ ڪرڻ- ڪن ٽار ڪري وڃڻ.

● لٹنوَندِيءُ ۽ لٹنوَندِيونءُ: ث. تڪليف- مشڪلات- ڏاڪڙو- اوجھڙ- درد سوري- ڪشالو- دقت- جاکوڙو- زحمت- جنجالو- آزار. خرابي- وگھوڙ- گڙبڙ- ڪٹراڳ- ڪاماروـ ڪاپارو- مغز خوري- خفو- مٿي ھٽڻ- لٹاڪو- ڪيت پيٽ- پٽو- ڀيرانبو.

● لٹنوَنءُ (ل): مصدر. پڪين جو هيٺ لھڻ ۽ چڙھڻ- لھڻ- لڏڻ- لاماراڏيڻ- لھڻ چڙھڻ. لات لنوڻ.

● لٹنوَھارَ ۽ لٹنوھارونءُ (ت): ث. ٽوريءُ هوا- مختصر واءُ.

● لٹنٹڻءُ ۽ لٹنٹونءُ: ذ. عشق- محبت- قرب- پيار- الفت- نيھن- لٹھه- پريت- ناتو- چاھه- موھه- پريم- لغار عشق. عبادت- بندگي- پڄڻي- پنڪتي- پوجا پاٺ. خيال قائم- پڪو ارادو. مڇي قاسائڻ جي جار جو هڪ قسم. لوهي تار.

- لٹنٹڻءُ لٹگائيڻءُ: نيھن لائڻ- دلي قرب ڪيڏڻ. پڄڻي ڪرڻ- عبادت ڪرڻ- بندگي ڪرڻ- دل سان پوجا ڪرڻ.

- لٹنٹڻءُ لٹگٹڻءُ: محبت ٿيڻ- عشق لڳڻ- تن ۾ تار لڳڻ. (محبت يا بندگي) قائم ڪرڻ- پڪو ٿيڻ.

- لٹنٹڻءُ لٹنٹڻءُ: رَڳ رَڳ- روم روم- بدن جو عضوو عضوو- وار وار- نَسَ نَسَ. مسام.

- لٹنٹڻءُ لٹنٹڻءُ لٹرَڻءُ: رَڳ رَڳ لٹرڻ- بيحد مسرور ٿيڻ- تمام گھڻو خوش ٿيڻ.

- لٹنٹڻءُ لٹنٹڻءُ جو يادِ ڪٹرَڻءُ: ساھ پساھ جو ڪھڻ ڪي ياد ڪرڻ- تن ۾ تارَ لڳي رھڻ.

- لٹنٹڻءُ لٹنٹڻءُ ڪي لٹغامءُ چاڙھڻءُ: پوري طرح (محبت ۾) قابو ڪرڻ.

● لٹنڻءُ ۽ لٹنا: ذ. ڪنھن شيءِ ڪي ساڻ لاءِ باھ ٻارڻ لاءِ گاھ جو ٻوڙو- لٹو. باھ جو شعلو- چنگ. جڏ ٻو.

● لٹنڻءُ (ل): سڻي حالت.

● لٹنائيڻءُ: مصدر. (سن. لُو) ڪپائڻ- لھرائڻ- لٹڻ جو ڪم ٻني ڪان ڪرائڻ- لاباروـ ڪرائڻ.

- لٹنائيءُ ۽ لٹنائيونءُ: ث. لاباري جي مزوري- لٹڻ جو عيوضو- لائي- لٹنٹيءُ- لٹنائي- لٹنائي جو اجورو- محنت- مزوري- پورهيو.

● لٹيجھه ۽ لٹيجھونءُ (ت): ذ. صفت. ٻڪل ٽورو حصو- ڪجھه پاڳو.

● لٹنڻءُ: مصدر. ٻڪل فصل يا گاھه وڍڻ- ڪپڻ- ڪٽڻ- لاباروـ ڪرڻ- لاباروـ وجھڻ. (لٹيو- لٹنڈو- لٹنيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لُٹيجَ ۽ لُٹيجُون: ث. ضرورت ـ ڪتپ ـ ڪهرج ـ طلب ـ ڳتي ـ احتياج ـ لوڙ ـ حاجت ـ ڪاڻ ـ خواهش ـ چاهه ـ منشا ـ اِرادو ـ مرضي ـ شوق. (پرمانند).

● لُو: موزون تڪيه ڪلام. (پرمانند). وزن پوري ڀهارڻ لاءِ جملي ۾ ڪو آندل لفظ.

● لِوَ ۽ لِوَون: ث. لِئُوَ ـ چِيڙ ـ چِيڙ ـ لهس ـ لهپس ـ سِرس ـ ٿيڻ ـ ڳچڪ يا لِڳلِڳدار شيءِ. پارڙي جي ڪچي باس. مچيءَ جي ڪِيڪاڻ ـ ليِ. (ن ـ ب).

"پسي لهي لغار، متان مسان گهر متئهين".

ـ لِوارو ۽ لِوارا: ذ. صفت. لِوَ وارو ـ لِڳلِڳدار.

● لُو: ث. لُڪَ ـ گرم هوا ـ بادِ سموم ـ بادِ گرم ـ حرور ـ سموم ـ جهولو ـ ڪوسو واءُ.

● لُو لڳڻ: گرم هوا لڳڻ ـ جهولو لڳڻ.

● لُوا ۽ لُوا: ذ. هڪ ڏاتو جو قسم.

● لِوارُ ۽ لِوارَ (ل): ذ. نديو ڦر.

● لُوڙُ: مصدر. سيرو ڪرڻ ـ جهُبڻ ـ ڳيندائڻ ـ خراب ڪرڻ. (لُوڙيو ـ لُوڙيندو ـ لُوڙيل).

● لِوازُو: اسم خاص. تعلقي ڳمبٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لُوازِمُو ۽ لُوازِما: ذ. (ع. لُوازمه = ضروري سامان) سختائو ـ عيوضو ـ آجورو ـ محنت ـ مزوري ـ پورهيو. دام ـ پگهار ـ لاڀ ـ في.

● لِواطَه: ذ. لونڊي بازي ـ بدفعلي. (ذ. صفت) لونڊي باز ـ لُوطِي ـ بدفعل.

● لُوانڊو: زمين جو ڪو غيرآباد ٽڪر، جتي ڪجهه وٽڪار ۽ ڳاهه هجي.

● لُوائِيُ: مصدر. ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪرڻ ـ ڪن تار ڪرڻ ـ نٽائڻ ـ ڀهانا ڪرڻ.

● لُوبُ ۽ لُوبَ: ذ. پوڪ جو لاڀارو ـ هڪل پوڪ کي ويڙ واري حالت. لاڀارو وجهڻ يا لٽڻ جي حالت. (فصل جو) لاڀارو ـ وَڍَ ـ ڪٽَ ـ لُٻ ـ لُٻ. لالچ ـ لوپُ. آميد ـ اُميرو.

ـ لوبِيُ ۽ لوبِيَ: ذ. لٽڻ وارو ـ لُٽندڙ ـ لاهيارو ـ لاڀ ڪندڙ ـ لاڀارو ڪندڙ.

● لوبانُ ۽ لوبانَ: ذ. (ع. لوبان = خوشبوءِ) پساريڪي وڪڙ جو هڪ قسم ـ خوشبوءِ دار ڪولر ـ جوهر ـ واسُ. خوشبوءِ جو هڪ قسم.

● لُوٻڻ: مصدر. (سن: لرُبَ = وين + برَ = وڃڻ يا لڙ = وِلوڙڻ) طعنا تڪا هڻڻ ـ مهڻا ڏيڻ. ڪُرڪڻ ـ جهڪڻ. ڪاوڙجڻ ـ ڏمرجڻ.

● لوبِيُ ۽ لوبِيُون: ث. پاڻياڻي يا آلي زمين ۾ ڏنل هَرُ ـ زمين رونبي لائق بنائڻ واري حالت.

● لُوبُ ۽ لُوبَ: ذ. (سن. لوب > لُبُ = لالچ ڪرڻ) لالچ ـ طمع ـ لوبُ ـ ڏَن ـ ترشنا ـ هپ ـ حرص ـ هَوَسَ. خواهش ـ اِڇا ـ تمنا ـ موه ـ سَڌَ ـ شوقُ. ٻاجهر جو لُٻَڻَ ڪان پوءِ ٻيو فصل ـ وَڍ.

ـ لُوپائِيُ: مصدر. لوپڻ ـ ڏَڪارڻ ـ لالچائڻ ـ برغلائڻ ـ هرڪائڻ ـ لوپ ڏيڻ يا ڏيڪارڻ ـ حرصائڻ ـ لالچ ڏيڪارڻ ـ دِل سِرڪائڻ ـ موهڻ ـ رِيبڻ ـ ڏاڪوائڻ.

ـ لوپَ جو سَهاتَمِ پڪيڙَنُ: حرص جو چار پڪيڙڻ ـ لالچ ۾ ڦاسائڻ.

ـ لوپڻ: مصدر. لوپُ ڏيڻ ـ لالچائڻ. برغلائڻ ـ هرڪائڻ ـ ڏَڪارڻ ـ حرصائڻ. لوپ ڪرڻ ـ لالچ ڪرڻ ـ لوپي ٿيڻ.

ـ لوپِيُ ۽ لوپِيُ: ذ. صفت. لوپ ڪندڙ ـ لالچي ـ طمعدار ـ لالچ ڪندڙ ـ لوپ رکندڙ ـ حريصُ ـ طمِعيُ ـ تاڪائو ـ هَوَسِيُ ـ طامعُ ـ طمع ڪندڙ. خواهش مند ـ مشتاق. وسوڙل. (ت).

● لوتَ ۽ لوتُون: ث. (سن. لُٽُ = ختم ڪرڻ). غم ـ شوڪ ـ ڏک ـ گوندر ـ پيڙا ـ دُک ـ رنج ـ سوڙ ايذاءُ ـ بي آرامي ـ وِسواسُ ـ لوڇَ پوڇ ـ ڏڪو ـ بيقراريُ.

ـ لوتِ ہارِ: ث. چغل خوري ـ لائي چائي ـ چغلي هڻڻ واري حالتِ. حرڪت بازي.

ـ لوتِ ہارِ ڪرڻ: حرڪت يا لچائي ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لُوتيڑيُو ع لوتيڑيا: ذ. صفت. ٻين جا ڪن پرينڊڙ ـ هڙ تڙيو ـ فضولي ـ هر ديڳي چمچو ـ چغل خور ـ جهيڙائي ـ چيٽا پورُ. وچين آگر. (گاجرا).

● لُوتُ لِباسيُ ڪرڻُ: خوشامد ڪرڻ ـ چاپلوسي ڪرڻ.

ـ لُوتُ لُوتِ ڪرڻ (ڪ): نڪس نڪس ڪرڻ ـ ناسون هڻڻ.

● لُوتيُ ع لُوٽيُ (ڪ): ذ. صفت. چغل خور. رولو ـ نڪسي. چور ـ بدمعاش. (ذ) سوڙ جو هڪ قسم.

ـ لُوتيُ سُورُ (ڪ): ذ. صفت. اڌ مٽي جو سور ـ اڪين جي مٽان يا نيراڙ ۾ پيل سُورُ. مِرون يا سوڙ جو هڪ قسم.

ـ لُوتيُ لائيڻُ: جهيڙو ڪرائڻ ـ عداوت ڪرائڻ ـ ويڑهائڻ ـ جهيڙي کي وڌائڻ ـ معاملو مچائڻ ـ چيڑ ڏ ڪرائڻ ـ جا ڳائڻ ـ پڙڪائڻ ـ ڪنڌ ڪٽڻ ـ تپائڻ.

● لُوتُ ع لُوتَ: ذ. گاهه جو هڪ قسم. جيئن ته "لٽنُبَ لُوت لهي پيا ڪي پٽن ۾ پوتر" ون جو هڪ قسم. لُوت ون جون پاڙون، جيئن ته: "لوت ڪائي عمر آئي، ڏول وڏي سين ڏار ميان" (ولي محمد).

ٻوٽي جو هڪ قسم.

● لُوٽارُ ع لوٽارَ (ڪ): مُنهن ڪان پرتي واري پُراڻي ڪتيلَ بندوق جو هڪ قسم ـ مزل لوڊ.

● لوتڙيُ: اسم خاص. پيٽَ جي ويجهو هڪ مڪان جو نالو.

● لوٽيڪوُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لوٽُ ع لوٽُونُ: ث. (سن. لُنٺَ = مارڻ) مُرده جسم ـ تن مرده ـ لاش ـ لاشو ـ مڙهه پراڻي ـ مُردو ـ جنازو ـ ميت ـ مُئل ـ ڏڙ ـ بدن ـ ڏُونڊيُ. هڏ ـ ڪڙيُ. ڊيرُ ـ پرت.

● لوٽُ ع لوتَ (ل ـ ڪ): ذ. ٽلهو ـ موٽو. جهولُ ـ جهولڻ ـ وڏو ڪوترو ـ وڏو پيٽ ـ ڳوٽري. ڪنڌ واري اونهي جاءِ. پڪيڙ ـ سطح.

ـ لوٽُ پوٽُ: تمام ٽلهو ـ ڦيڦو.

ـ لُوٽرُ ع لوٽرَ: ذ. صفت. ٽلهو ـ بهادر ـ مضبوط.

ـ لوٽُ موٽُ: سُڄيل ـ موٽو ـ ٽلهو. مضبوطُ.

ـ لوٽُ موٽُ ٽيٽُ: سُڄيُ وڃڻ ـ ٽلهو ٽيڻ.

● لوٽيُ ع لوٽيُونُ: ث. سُئيُ! ـ جئليُ!

● لوٽَ (ث): ذ. آنو.

● لُوتَ ع لُوٽُونُ: ث. (سن: لُتُ = قُر) لُٽنَ واري حالت ـ قُر ـ ڏاڙو ـ زبردستي ـ هٿ ڪنس ـ لُوٽ ـ قُرمار. غارت ـ غنيمت ـ غارت گري ـ تاراج. يغما. عام بيماريءَ ۾ هڪ قسم.

ـ لُوٽ ڪٽسُوٽ ڪرڻُ: قُرڻ ـ قُرمار ڪرڻ ـ لوٽ مار ڪرڻ. ظلم ڀاري ڏيڻ.

ـ لُوٽ لائيڻُ: لُٽنُ ـ قُرڻ ـ قرون ڪرڻ ـ هٿ ڪنس ڪرڻ ـ زبردستي قُر ڪرڻ.

ـ لُوٽُو ع لُوٽُو: ذ. صفت. سن. لُٽڻ وارو ـ لٽيندڙ ـ قورو ـ چور ـ ڏاڙيل ـ لُٽيرو. ٺڳ ـ رهزن. فضول خرچ ـ هٿ ڦاڙ ـ خرچاءُ ـ پساڻو ـ اڏائُو ـ اڏائيندڙ ـ لُڏائيندڙ ـ بالفضول ـ چٽُو ـ پيچُ تہ چٽُو ـ لٽڪَ لوٽُ.

● لوٽِ ع لوٽيُونُ (ل): ث. مٽَ ـ لوٽي ـ ٽيبيُ ـ لڏي دڪيُ.

ـ لوٽيڪيُ: دڪي ـ دڪو ـ ٽيبوُ ـ ننڍو لوٽو.

● لوٽهي لُوٽُ ٽيٽُ: (پاراتي جو اصطلاح) لوٽي (ٽاڻهَ) ۾ لوٽ وانگر گهري وڃڻ ـ نڳوسار ٽيڻ. (ن ـ ب).

● لوٽڻُ (ڪ): مصدر. چيٽيڻ ـ چڙهون ڏيڻ ـ ڏمڪائڻ ـ تڙي ڏيڻ.

● لوٽيُ ع لوٽيُونُ: ث. ڪاڻيءَ جو هڪ قسم ـ مُڪل ڪاڻي.

● لوڻي: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لوٽيوُ ع لوٽيا: ذ. (سن. لُٽنڪ) بي حياءَ ـ بي عزت ـ بي شرم ـ بي غيرت ـ بي نڪو ـ بي عزتو ـ اڳين ڏڪيو ـ بي ديدو ـ مَردُودُ ـ وِيلُ ـ چٽُ ـ وِلُوَرُ ـ چنڊ و ـ ٽوهو ـ ٻبريل ـ جٽلان ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و نڪيل - تهه نپا گو - لڇو - لوفر - بد معاش - ڦورو. مائٽ ميٽ کان سواءِ - سر آ گهاڙو - چڙو - نانگو - نپتو. ڪنڊل - پينگيو - سڄو.

- لوڻيي ۽ لوڻيڻ: ث. بي عزت. اڇ کان خالي - نرلجي - ناقص - ڪمتر تر.

● لوڻ: ث. گهٽ قيمت ۾ وڪڻ. جهٽڪ. جهڙپ. (ت). ڏمڪي - چينب.

● لوڻ ۽ لوڻ (ڪ): ذ. ڪنڌ جو قسم - سرڪڻ ڪنڌ - سڙڻ لڳ (تترن قاسائڻ لاءِ دام ۾ گهوڙي جي پڇ جي وارن سان ٺاهيل لڪ، سڙڻ کي ڏنل رڙهندڙ ڪنڌ، جا تترن جي ڪنڌ ۾ قاسيءَ وانگر قاسي پوي). رليي يا سوڙ جو گهنج - ورڙ - وڪڙ. (اسم خاص). ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- لوڻيي ۽ لوڻيڻ: ث. ڪنڌ جو هڪ قسم - لوڻ.

● لوڻيرڻ: مصدر. ڪائڻ. (ل). لڻڻ - وڍڻ. (ت).

● لوڻڻ: مصدر. موڙڻ. (لوڏيو - لوڏيندو - لوڏيل).

● لوڻڻ: مصدر. (سن. لڻ = ڦرڻ) لڻڻ - ڦرڻ. ڪٽڻ - سڄو ٽيڻ. خرچڻ - صرف ڪرڻ - بخش ڪرڻ. ٽوڪڻ - ٽڪ لعنت ڪرڻ - ڇيڻيڻ - بي عزتو ڪرڻ - ڪوڙو ڪرڻ - ٻئي کي گالهين ۾ چالاڪيءَ سان ڪائي وڃڻ. گولڻ. پيٽڻ.

- لوڏي وڃڻ (ڪ): منهن تي ڪوڙو ڪري وڃڻ - منهن تي مڃائڻ.

● لوڏي: ث. پاڻياڻي يا آلي زمين ۾ ڏنل هر.

● لوڏر: اسم خاص. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ث. لوڏير ي ۽ لوڏيرون).

● لوڏهه: خوارين - جنين ڦنين

"بنده عملي چشي عشق اڙايس،
سڀهن ۾ سدائين آيس، لوڏهن جون لاچار،
پاڻ پهلئه مون پاتيون پاتيون".

● لوڙ ۽ لوڙون (ڪ): ث. پاڻهي - نوڪرياڻي. جيئن: "مان ڇتو نم لوڙ - الخ" (شاهه)

● لوڙوڙو ۽ لوڙوڙا (ث): ذ. صفت. رلندڙ - رولاڪو. رولو - ڪنڌڙ - رولاڙ.

● لوڙ: ث. (سن. لوچن = اک) اک - ديد - چشم - ليڻ.

● لوڙڻ: مصدر. (سن. لوڇ = ڏسڻ) نهارڻ - ڳولڻ - ڦولڻ - ڏيڻ - جانچڻ - سوجهڻ - وڙڻ - ڏسڻ - جاچڻ - وائيسڻ - وائسڻ - تلاشڻ - ڦولهڻ - ڳوجڻ - سوجڻ - ڳولا ڪرڻ - تلاش ڪرڻ

"لوڇي لعل لڪن ۾ لٿه ڙي"
(شاهه).

اندر جهاتي پائڻ - پاڻ پسڻ. اڇا ڪرڻ - چاهڻ - منشا ڪرڻ - خواهش ڪرڻ. ڪم ڪرڻ - محنت ڪرڻ - پورهيو ڪرڻ - روزگار ڪرڻ - ڪرت ڪرڻ - نوڪري ڪرڻ. پريشان رهڻ - ماندو ٿيڻ - بي آرام رهڻ - بيقرار رهڻ.

- لوڙ ۽ لوڙون: ث. ڳولا - دوڙ - ڏونڊ - جانچ - سوجهه - ڦول - نهار - تلاش - ڳولا ڦولا - جاچ - دريافت. خواهش - سڌ - ڪامنا - اڇا. سڪ - طلب. بي چيني - بيقراري - بي تابي - بي آرامي. محنت - ڪم - پورهيو.

- لوڙچي: محنت ڪري. پرڪاشت ڪري - خواهش ڪري.

- لوڙچي لٿهڻ: ڪشالي سان ڳولي هٿ ڪرڻ - ڏڪ درد سهي مطلب حاصل ڪرڻ.

● لوڙ ۽ لوڙون: ث. لوچ پوچ - ڦڪو - آند ماند - درد يا سور ۾ ڦٽڻ واري حالت. بيقراري - بيچينيءَ. پريشاني - وياڪلتا. رنج - ڏک - درد - ايذاءُ - پيڙا - ڏنج.

● لوڙ پوڙ: ث. لوچ - ڦڪو - آڏل پڏل. بي آرامي - بي قراري - بيچينيءَ.

- لوڙ پوڙ ٽيڻ: آڏل پڏل ٽيڻ - هيٺ مٿي ٽيڻ - آند ماند ٽيڻ. بيقرار ٽيڻ - بي آرام ٽيڻ.

- لوڙ لڳڻ: گالهه ڏ وڻڻ - تڪليف پهچڻ.

- لوڙو ۽ لوڙا: ذ. آند ماند - ڦڪو - بي آرامي - بيقراري - لوچ پوچ. آدڪو - ڪڪو - اوسيڙو - آلڪو.

● لوڙنڊ ۽ لوڇنڊو (ث): ذ. نوس نوس - گهٽتون - جهوتون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لوچنبون ڏيڻ: جهوتون ڏيڻ ـ ڪهڙتون هڻڻ ـ نوس نوس ڪرڻ.

● لوح: ث. (ع. لوح = قرهي) لکڻ لاءِ ڪاٺ جي تختي ـ قرهي ـ پٽي. قسمت ـ نصيب ـ لوح قلم ـ پاڪ ـ لکيو.

ـ لوح قلم ۽ لوح قلمَ: ذ. قدرت يا عرش جي تختي ۽ قلم ـ لکيو ـ انگ ازل ـ سرنوشت ـ قسمت ـ پاڪ. پاوي ـ پرالڻ ـ پيرالبتڻ ـ هونهار.

ـ لوح قلم ۾ لکيو هڻڻ: تقدير ۾ لکيو هڻ ـ اصل ڪان اهڙو نصيب هڻڻ ـ قسمت ۾ ائين هڻڻ ـ قدرت طرفان نصيب ۾ ائين لکيو هڻ.

ـ لوح محفوظ: ث. دنيا جي حساب ڪتاب جي قدرتي اڳ لکيل ۽ آسمان تي محفوظ رکيل تختي. لوح قلم. (ث. صفت). ڏاڍي پڪي ـ پختي.

● لوڏائي: اسم خاص. هلواڻي بلوچن جي هڪ قبيلي يا ذات جو نالو.

● لوڏي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (پاڙا: ١. اسد خيل ٢. احمد خيل ٣. دولت خيل ٤. عيسيٰ خيل ٥. اِشڪ زئي ٦. محمود خيل ٧. تور خيل).

● لوڏي ۽ لوڏون: ث. (من: لبڌڪ) شڪاري ڪتن وغيره جو ميڙ ـ هلڻ (ڪتن جي) ـ ٽولو يا ولر. تڙ ـ هڪل. هلڻ ـ ميڙ. لوڏڻ يا ڏڪارڻ واري حالت ـ ڏڪار ـ نفرت.

ـ لوڏ ڪهي جواب ڏيڻ: سخت لڇائي ڏيڪارڻ.

ـ لوڏو ۽ لوڏو: ذ. شڪار اڌارينڊڙ ـ ماريندڙ ـ هڪلينڊڙ. سائريو ـ ٽاهيڙيو.

ـ لوڏي ۽ لوڏيون: ث. ڪتن جو ڏڻ ـ ڪتن جي ٽولي ـ لوڏ ـ ولر. لوپي. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

ـ لوڏين ڪي اڳواڻو ڏيڻ وارو هڻڻ: دغا باز هڻڻ. دوکيباز هڻڻ.

● لوڏڻ: مصدر. (من. لبڌ، پرا. لودڏو) لوڏي ڪيڻ ـ هڪالي ڪيڻ ـ ڏڪا ڏيئي ٻاهر ڪيڻ ـ ٻاجائڻ ـ هڪلڻ ـ تڙڻ ـ ٻاهر ڪيڻ ـ ڏڪڻ ـ ڏڪارڻ ـ هڪالڻ.

ـ لوڏ ۽ لوڏ: ذ. لوڏڻ مان امر، تڙ. ڪتن جو تعداد.

● لوڏي ۽ لوڏي: ذ. (من: لبڌ. پيرا = لڌ) آکنديو ـ سکايل ـ مشتاق. شڪاري ـ صياد. لوڏيل ـ نڪاليل ـ هڪاليل.

ـ لوڏيڙو ۽ لوڏيڙا: ذ. سيکايل ـ لوڏي ـ مشتاق. پيارو ـ محبوب، جيئن ته:

"لبڙ ٽيڻا لطيف چئي لڏيو لوڏيڙن"

(سر مومل راڻو ـ شاهه).

● لوڏامان: ناز ـ لاڏ

"اڳ غريب هو هاڻ لوڏامان پيو ڪري".

(ن ـ ب).

● لوڏڻ: مصدر. (من: لبڌ = لڌڻ) ڏڪائڻ ـ ڏوڙيڻ ـ هلائڻ ـ ڏوڙڻ ـ لوڏو ڏيڻ ـ ٽلڪائڻ ـ ڏرڻ ـ جهلڻ ـ چولڻ ـ ڏڌڻ ـ ڏوڻڻ ـ جهولڻ. (خيال يا ارادي تان) ٽارڻ ـ لاهڻ. گهمائڻ ـ ڦيرائڻ ـ (پکو وغيره) هتلائڻ. لولي ڏيئي سنڀارڻ.

ـ لوڏ ۽ لوڏون: ث. هلڻ جو ڍڱ ـ ناز جو هلڻ ـ رفتار ـ هلڻي ـ نازُ ـ ٽينڊ. گهمڻي ـ پيرو ـ پينگهه ـ لڏڻ ـ ڏڌڪو ـ لوڏو ـ لرزش ـ چول ـ ڏوڻ ـ ڌار ـ جهول ـ تڪليف ـ مشڪلات. ڏڪو.

ـ لوڏ بڏن: پينگهه ٻڌڻ. هلڻ وقت پانهن يا ٻٽ کي لوڏڻ.

ـ لوڏ ڏوڏ: لڇڪ سڇڪ ـ ور وڪڙ.

ـ لوڏ لڪ لٽهڻ: بلڪل موعيندڙ هلت هلڻ ـ ناز سان هلڻ.

ـ لوڏ لوجهه: لوڏا لوڏي ـ چينگهه ـ پينگهه.

ـ لوڏو ۽ لوڏٽا: ذ. صفت. پينگهي لوڏڻ جي رسي.

● لوڏو ۽ لوڏا: ذ. ڏونڊاڙ ـ لوڏ ـ لٽهرو ـ ڏوڏو ـ تڙڪو ـ ڏڪو ـ لرزش ـ جنبٽ ـ جهولو ـ جهوٽو. اوچتي دهشت ـ ڏڪو. (واها وغيره ۾) اوچتو نقصان ـ ٽوٽو ـ ڇيڻهو يا ڏڪ (تندرستيءَ جي اوچتي) ڪرڻ واري حالت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لوڏا ڏيڻ: پينگھ تي لڏائڻ ـ لوڏڻ ـ تکليفون ڏيڻ ـ ڏونڊاڙڻ ـ ستائڻ.
ـ لوڏا کڌيڻ: مانڈه ۾ چار چڪيون پڻڻ.
ـ لوڏا کائڻ يا لوڏن ۾ هڻڻ: جوکائي ۾ هڻڻ ـ سکڻو هڻڻ ـ ڏکا کائڻ ـ دربدر هڻڻ.
ـ لوڏا لوڏي: ث. لوڏ لوجهه ـ چينگھ ـ پينگھه.
ـ لوڏو آڇڻ: تکليف اچڻ ـ نقصان رسڻ ـ ڏکو اچڻ ـ سرير کي شڪست پهچڻ.
● لوڏي ع لوڏيون: (سن: لُبْ=لوڏو). ڏولي ـ مُحافو ـ چوڏول ـ پالکي ـ جهولو ـ هندورو.
● لوڏ ع لوڏون: ث. پسارکي وکر جو هڪ قسم ـ دوا سازي ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڇوڏو. ٺهکيل ڪوئر ـ مُهار. رنگاوت جي ڪم ايندڙ مسالي جو هڪ قسم. ماٺهوءَ جي رواجي آلت کان وڏي آلت. (بلبل).
● لوڏ ع لوڏ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ، پسارکي وکر جو هڪ قسم. رڱاوت جي ڪم ايندڙ جهنگلي وڻ جي ڇوڏي جو هڪ قسم.
● لوڏا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لوڏا: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لوڏاڻو: اسم خاص. تعلقي گهوڙا پاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لوڏڪي: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۽ تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لوڏو ع لوڏا (ت): ذ، صفت. مُنْهنجو ڏکوئيندڙ ـ مُنْهنجو ڏکهي مُنْهنجو وارو.
● لوڏي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لوڏ ع لوڏ (ت): ذ. بار ـ سامان. پوجهه. پوجو.
● لوڏا: اسم خاص. (هندن ۾) هڪ ذات جو نالو.
● لوڏي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لوڏيڙا: لڏائي جا رهاکو يا رهندڙ. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.
● لوڙ ع لوڙ (ڪ ـ ل): ذ. ننڍو چاول قسم (گابو ـ چيلو وغيره). لار. (ن ـ ب).

ـ لوڙو ع لوڙڙا (ت): ذ. ننڍڙو چيلو يا ننڍو قسم.
ـ لوڙ قسم (ل): لار قسم ـ ننڍڙو قسم.
● لوڙ ع لوڙون: ث. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم. تمام سنهڙو ڪپڙو. (ت).
● لوڙا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لوڙالائي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لوڙانڊو ع لوڙانڊا: ذ. ڪاري ۾ ڏوري جي ڪپ تي ٽيندڙ گاهه جو هڪ قسم.
● لوڙڙ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لوڙ لوڙ: ظرف. وري وري ـ هڙ هڙ گهڙي گهڙي.
ـ لوڙ لوڙ ڪرڻ: گهڙي گهڙي اچڻ بنان ڪوڪار جي وري وري اچڻ ـ پنهجي مطلب لاءِ ذري ذري اچڻ ـ نوس نوس ڪرڻ ـ پويان گهمڻ ـ هرهنڌ ساڻ هجڻ ـ ڪتي وانگر هلڻ ـ خوشامد طور ڪنهن جي پويان رُلڻ. (ت).
● لوڙو ع لوڙا: ذ. صفت. ڪميڻو ـ نيچ ـ اوچو ـ گهٽ ـ خسيس ـ ڪمذات ـ ڪنڊو ـ ناقص ـ مهاڻو ـ ڪڙتوتن ڪنو ـ لچ. ڪاڪ جو پيچو لهه چڏيندڙ ـ لنگهو ـ منگتو ـ پتنبو ـ پتڻ. بي غيرت ـ هلڪي طبيعت وارو. ٿر ۾ ٽيندڙ گاهه جو هڪ قسم. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. (ث. لوري ع لوريون).
● لوڙي ع لوڙيون: ث. (سن. لولا+ نوڙي=لرزش ڪندڙ). تير ـ ڪان ـ بان. تات ـ طلب ـ پچار ـ تانگهه ـ چڪ ـ آڪيڙ ـ جهوري ـ سارڻ ـ يادگيري ـ محبت ـ چاه ـ لئون ـ شوق ـ عشق ـ بيقراري. فڪر ـ چنتا ـ آلڪو ـ آٽڻ ـ ڪٽني ـ هڙڪڙ ـ ويچار ـ وائي ـ ٻولي. سخت اچا ـ سخت ايلاشا. پيار کي سمهارڻ لاءِ چيل گيت ـ آلاپ ـ لولي. سنڌ کان ٻاهر ٽيندڙ پکيءَ جو هڪ قسم ـ جبل جو هڪ خوشبوءُ دار ٻوٽو، مال کائيس. (ن ـ ب). (ذ. صفت) لرزش ڪندڙ ـ لڏندڙ ـ ڦڙڦڙ ڪندڙ. (اسم خاص). تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لوُڙِيُ جهوُڙِيُ: گهٽي ـ فڪر ـ چنتا ـ اوڪيا پوڪيا ـ آدڪو ـ وسواس ـ انديشو ـ سانگو ـ اوُنَ ـ سخت انتظار ـ بيچينيُ.

ـ لوُڙِيُ لائيُ: لوڙي نالي وارو تير هڻڻ. آزار ڏيڻ ـ ڪنهن ڪم يا گالهه لاءِ آرام ڦٽائڻ.

ـ لوُڙِيُ لڳڻُ: جهوري لڳڻ ـ تير لڳڻ ـ ڏک لڳڻ. آرام ڦٽڻ ـ ڪنهن ڪم پويان مسلسل ڪوشش ڪرڻ. گهٽي هڻڻ ـ فڪر هڻڻ ـ آلڪو هڻڻ.

● لوُڙِيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لوُڙِيا: ذ. نڍڻ ٻارن کي ڪن ۾ پائڻ جهي زيور جو هڪ قسم.

● لوُڙِيڙَ: اسم خاص. تعلقي درياري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لوُڙَ ۽ لوُڙُونُ: ث. (سن: لڱ = اچاڪرڻ) گهُرج ـ ضرورت ـ احتياج ـ ڪتپَ ـ طلب ـ گهٽي ـ ڪاڻ ـ حاجت. خواهش ـ اچا ـ منشا ـ مرضي ـ ارادو. سبب ـ آڪير ـ هُرڪُر ـ ڪارَڻُ ـ لالانگهر ـ واسطو ـ سبب. مڃيءَ جو هڪ قسم.

ـ لوُڙائوُ ۽ لوڙائا: ذ. صفت. حاجتمند ـ گهُرجائو ـ ضرورتمند ـ طالبو.

ـ لوُڙَ پوڻُ: گهرج پوڻ ـ ضرورت پوڻ ـ فساد ٿيڻ ـ گوڙ ٿيڻ. (ت).

● لوَڙَ ۽ لوَڙونُ (ت): (ث). هٿ جيڏي ڏکهي ڪاڻي، جا چوريدي پاڻ سان ڪٽڻ ۽ سوڙهه جي وقت ڪم آڻين.

ـ لوَڙَانُ هڻڻ: چورن واريون ڪاڻيون هڻڻ ـ لڪي لڪي ڏک هڻڻ ـ مخفي طرح نقصان رسائڻ.

ـ لوَڙَ هڻڻُ: ڦري ڪان ٻڌي ڪنهن ڪاڻيءَ سان آڇلي ڏک هڻڻ ـ ڪوهاڙو آڇلي هڻڻ. ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ ـ مخالفت ڪرڻ. (ت).

● لوُڙُ ۽ لوُڙ: ذ. لُڙُ ـ هُلُ ـ گوڙ ـ شور ـ ڏمچر ـ لوڙا.

● لوُڙائو ۽ لوڙائو: ذ. سُر سان ٻيت يا شعر چوڻ جو هڪ نمونو ـ ٻيت رستي ظاهر ڪيل درد جي داڻهن ـ راڳڻي. لوتو ـ ڦورُو ـ ڏاڙيل ـ ڏاڙيوال ـ چورُ. لوڙهيندڙ ـ درياءُ.

● لوُڙڻُ: مصدر. (سن: لڱ) ٻئي جي هاڻيءَ ۾ اچڻ ـ ڪيتو اچڻ ـ ڪيتو ڏيڻ ـ پوگهڻ ـ ڪاٽڻ ـ سهڻ ـ ٻارڻ ـ پيڙ جهڻ ـ گهمڻ ـ ڳُسرڻُ. محنت ڪرڻ ـ ڪم ڪرڻ ـ لوڙ يا گهرج ڏارڻ.

● لوڙو ۽ لوڙا: ذ. ٻڪ ٻڪ ـ ٽين ٽين ـ ٻڪوات ـ گڙٻڙ ـ مؤنجهارو ـ گهمسان ـ ٻاٽيتال ـ رولو ـ ٻکيڙو ـ لُڙُ ـ گوڙ ـ گهمگوڙ ـ وائڙائي ـ هٻتَسُ ـ هُلُ ـ شور ـ ماندڻاڻ ـ ماچانگ ـ هنگامو ـ

خسر خسو ـ هل حشر،
"دوهڙ ڏسن دريـاء ۾،
جت لهريون ڪن لوڙا."

هُلڙ ـ غلغلو ـ متمڙُ ـ حشر ـ ڏمچر ـ رڙڪا ـ آواز ـ راماڙو ـ جهيڙو جنگ. گاڻ جو آواز.

● لوڙوُ ۽ لوڙا: ذ. (سن: لُڪُته =) مردانو مخصوص عضو ـ انساني آلت ـ عضوءِ تناسل ـ لِنگ ـ لنگ.

ـ لوڙوُ پٽڻُ: ڪجهه نه ڪرڻ ـ آگوني ڪي ڇڪي ڏيڻ.

● لوُڙَهه ۽ لوُڙ هُونُ: ث. (سن: لوشتنرُ) لوهه جي ڪڙين واري لٽ ـ آها لٽ جا لوهه جي پٽن سان ويڙهيل هجي ـ ڏنبو ـ ڏڪو ـ سونتو ـ مُڊُگرُ ـ مڊُهَرُ. قَرَ ـ لُٽ. مٽرن جو لاهارو ـ مٽرن جي پوکَ ڪي پٽهي ڳڏُ ڪرڻ واري حالت فِڪر ـ گهٽي. گهرج ـ ضرورت. پيٽ جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

ـ لوُڙَهه اچڻُ: پيٽ ۾ سور پوڻ (ت).

ـ لوُڙَهيو پوڻُ: مٽرن ۾ لاهارو پوڻ. پيٽ ۾ وائي بادي سبب گهمرا پوڻ. (ت).

ـ لوُڙَهيو جهلڻُ: جهيڙي ڪي منهن ڏيڻ يا ميڙ ڪي سامهون ٿيڻ. (ڪ).

ـ لوُڙهه ڪرڻُ: مٽرن جي ڇڻ تي وَڻَ ڦرين سميت پٽهي اچڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لوڙهه وارو (ک): ٻَل وارو ـ بُٽَ ۾ لهيل ـ رَتُ ۾ وَرهل ـ طاقت وارو.
ـ لوڙ هيئون هٿڻُ: ڏاڙا هڻڻ ـ قُرلاٽ ڪرڻ.
● لوڙهه ع لوڙهه: ذ. مُڙدو ـ لاش ـ ميت ـ جنازو ـ قبر ـ لحد ـ تربت ـ گور.
"اُتي لوڙهه لٽيڄ جتي جهوپا جهانگيڙن جا"
(شاهه).
قبر جي چوڌاري ناهيل ٽلهو. (ف. لورچڪ).
پاڻيءَ تي ٽيندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جو ڦَلُ ميوي ۽ پاڄيءَ طور ڪم اچي) ـ پڻ جي پاڙ. ول جي پاڙ جي اوائلي صورت ـ لوڙهي. (ن ـ ب).
مڇيءَ جو هڪ قسم.
ـ لوڙهه پٽنِي: پَٽلُ. لوڙهه جي ول. (ن ـ ب).
ـ لوڙهڻ لٽڻُ: ميت کي قبر ۾ ڏيڻ ـ پُورڻ ـ دفن ڪرڻ.
● لوڙهِي ع لوڙهِيُونُ: ث. پاڻيءَ جي ڦل جو هڪ قسم، جو ڪاڏي طور ڪتب اچي ـ لوڙهه ـ ڪوٽيءَ جي پاڙ واري ڳڏ.
● لوڙهاڏ جاڳيرُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لوڙهائُو ع لوڙهائا: ذ. (سن. لٺ) ٽڪري ـ ٽڪر ـ جبل ـ ڏنو ـ ٽوڙهو ـ ٽاڪرَ ـ دبُ ـ دڙو ـ دڙو ـ جِبُ ـ ترنڊ شيءِ ـ ترهو. بيت جو قسم.
● لوڙهڻُ: مصدر. (سن. پُلّنو = لوڙهڻ).
پاڻيءَ ۾ ريڙهڻ ـ درياءَ داخل ڪرڻ ـ ٻوڙڻ ـ پاڻيءَ ۾ آڇلائڻ ـ وَهائِڻ ـ اولڻُ. پاڙون پٽڻ ـ مٽڻ وغيره جي لوڙهه ڪرڻ.
● لوڙهُو ع لوڙها: ذ. ٻرن جي ٽارين جي ٻٽ ـ ڏنگرن جي آڏَ ـ جهنگلو ـ پناه ـ واڙ ـ پٽهير ـ پيهرُ ـ خاربند ـ حُرن لاءِ جيل. ڇِيڏو ـ هلڪل ڇڊي جهڙ. (ت).
ـ لوڙهو آڇِيُ وَڃڻُ: رستو بند ٿيڻ ـ رنڊڪ پَڄي وڃڻ.
ـ لوڙهو ڏِيڻُ: ڏنگهرن جي آڏ ڏيڻ ـ واڙ ڏيڻ.
ـ لوڙهي ۾ يَوڻُ: سرڪاري طرح بند ٿيڻ يا ڪنهن خاص هنڌ ويهڻ ۽ پوليس ۾ حاضري پرائيندو رهڻ.
ـ لوڙهي مانُ اوڙانگهڻُ: قسم کائي وڃڻ ـ وَچنَ تي نه ٻيهڻ.
● لُوڙهوُ ع لوڙها (ت): ذ. صفت. ڏُٻرو ـ ضعيف ـ ڪمزور ـ هيٺو ـ لاغرُ.
● لوڙهي ع لوڙهيون: ث. چورن يا ڏاڙيوالن جي ٽولي.
● لوڙيُ: گاهه جو هڪ قسم (جو ڊور ڪائين). قُر ـ چوري. (اسم خاص). هڪ ذات (بلوچستان، مڪران ۾ رهندڙ "لورا") جو نالو.
● لوڙيو ع لوڙيا (ت): ذ. طوفان. گذاريو ـ سهو.
ـ لوڙيو گهُلٽڻ (ت): طوفان لڳڻ ـ چوهو گهُلٽڻ.
● لُوس: ث. ڪاهي اچڻ واري حالت. دشمني ـ وِروڌُ ـ ناسازي.
● لُوسُ ع لُوسَ: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم ـ وَبا.
● لُوسائڻُ: مصدر. سن. ساڙڻ ـ بارڻ ـ جلائڻ ـ پَسم ڪرڻ ـ جَرائڻ ـ لُوهڻ ـ لتهِسَ ڏيڻ ـ لتهِسڻُ ـ ڪاسڻ ـ پچڻ. (لوسائيو ـ لوسائيندو ـ لوسائيل).
ـ لوساتَ ع لُوساتُونُ: ث. جَرَ ـ باهِ ـ باهه جو تَؤ ـ ڪاڙهو ـ تپَت ـ لُساتَ ـ آڪِرسَ ـ ڪوسي هَوا ـ گَرِيرُ ـ لُوهَ ـ لتهِسَ ـ لُوساتَ سخت گرمي ـ ساڙ.
ـ لُوسائِجڻُ: آس يا پاري جي تيزي سبب سڙي وڃڻ ـ سُڪِيُ وڃڻ ـ رنگ ڦيرائڻ ـ لهسڻ.
● لُوسڻُ: مصدر. لُساتڻُ ـ جلائڻ ـ بارڻ ـ ساڙڻ ـ جرائڻ ـ ڪاسڻ ـ پچڻ ـ لتهِسڻُ. چِيڀَٽڻُ ـ چُڙهون ڏيڻ. (ڪ). (لُوسيو ـ لوسيندو ـ لُوسيل).
● لُوسَ ع لُوسُونُ: ث. لتهِسَ ـ ڪانسَ ـ ساڙو ـ سڙيل شيءِ. قُوس ـ خراب هوا. ٻاڪ. چِيڀَٽِپَ. (ت).
ـ لُوسِجڻُ: مصدر. لهسڻ ـ ڪاسڻ ـ پچڻ.
ـ لُوسائڻُ: مصدر. ساڙڻ ـ جلائڻ.
● لُوسڻ: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم. بترسيمُ.
● لوُسوُ ع لوُسا: ذ. ٻُڪيو ـ لنگهيٽلُ ـ لنگهڻ ـ نيرانو ـ ٻُڪايل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لُوسيءُ ۽ لُوسيءِ: ذ. صفت. گهر گهر ۾ لوهون ڏيندڙ- نُوس نُوس ڪندڙ- ناسون هڻندڙ. فتنہ انگيز- فساد پيدا ڪندڙ- جهيڑائي- ٽنٽائي. لوفر- پڙوو. ڪم همت- سست. چندو- نياگو. بي اثر- بي ڪار. پُڄي ڏاڙهيءَ وارو. بد شڪل. بدبخت. اڻ پرندو.

● لُوشُ ۽ لُوشَ: ذ. صفت. پُٽڻ اڳهاڙو- ڪپڙن ۾ اپالو.

● لوشِنگ ۽ لوشِنگ (ڪ): ذ. عورت جو مخصوص عضوو.

● لُوطُ ۽ لُوطَ: ذ. ماڻهو ڪان سواءِ ٻين پڪرين ڪي ٻه ڏاڙيندڙ پڪر جو هڪ قسم- دوا طور ڪم ايندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم. (اسم خاص). هڪ پيغمبر جو نالو. جو هاران جو پٽ ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جو ڀائٽيو هو.

- لُوطِيءُ ۽ لُوطِي: ذ. صفت. حضرت لوط پيغمبر جي قوم- قوم لوط واري. لونڊي بازي ڪندڙ- لونڊي باز- زناڪارُ- ڪودڪ باز- بدڪردار. ڏڪهو- لوط جهڙو. (ت).

- لُوطِيءُ سُور (ت): مٽي ۾. اڪ ٽائين ٽيندڙ سور جو هڪ قسم.

● لوطائِيءُ: اسم خاص. مزاري بلوچن جي هڪ قبيلي يا ذات جو نالو.

● لُوطِ لِباسُ (ت): ذ. پوشاڪ جو هڪ قسم. پالسي- چاپلوسي.

● لُوطِيءُ (ت): ذ. سوئر جو هڪ قسم. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● لُوفُ ۽ لُوفَ: ذ. آگهاڙو- لونيو- بي غيرت لوفر- نڪار

"اشراف لاءِ اڄ ڪلهه آزار آهڪ آهي.
تنرڙا ٽيلن ٿا لوليا لغور لُوفَ"
(فاضل شاهم).

- لُوفَرُ ۽ لُوفَرَ: ذ. بدمعاش- لُچ- بدخصلت- لُڏنگ- لونيو.

● لوڪُ ۽ لوڪَ: ذ. (سن. لوڪَ = ماڻهو) انسان- ماڻهو- ڏمي- آدم ذات- ڏمزادو- خلق- آدم. مخلوقات- خلقت- منش- بشر- شخص. جهان- عالم- دنيا- جڳت- سنسار- لوڪ- مُلڪ- ڏيهه- ديس- راشٽرُ- زمانو- جُڳ- ڪائنات- سرشٽي. پرتوَيءُ- پيرُٽي- طبق.

"لاڻي وچان لوڪ. توکي ڪهڙي اکر آوڙي."
(شاهم)

هندي ڪتابن ۾ ست لوڪ (دنيائون) آهن (١) پُور لوڪ: دنيا (٢) پور لوڪ: رشين جي رهڻ جو مڪان (٣) سُور لوڪ: اندر ديوتا جي رهڻ جي جاءِ (٤) مهر لوڪ: جنهن ۾ پوگي رشي وغيره رهن (٥) جن لوڪ: جتي برهما جو پٽ سنڪ- سترن- سناتن ۽ سنت رهن ٿا (٦) تپو لوڪ: جتي تپشي رهن (٧) ست لوڪ. برهم لوڪ ڪُل ١٤ آهن، جن جا ست لوڪ پاتال جا ٻه آهن. ١- اتل ٢- وتل ٣- سُتل ٤- تلاتل ٥- مهاتل ٦- نتل ٧- رساتل. (آصفيہ).

- لوڪا چارُ (ت): ذ. صفت. عادل- انصاف پسند يا انصاف ڪندڙ. عدل- نياءُ- انصاف.

- لوڪاچاري: ث. (سن: لوڪ + آچار = هلت چلت) لوڪائي- لوڪ مرجاتُ- دنيا جا رسم رواج- ڍنگ- پترِ- طور طريقا.

- لوڪانُ: لوڪ ڪان.

= لوڪاڙو ۽ لوڪاڙا: ذ. صفت. لوڪ جو- ماڻهن جو. قومي- قوم جو- راشٽريہ- جاتيہ- ڏرماڙو- پٽنچاتي. وقف ٽيل.

- لوڪُبُوڪُ: ذ. جَهانُ- دنيا- سنسار.

- لوڪُبُوڪُ هُئڻُ: ماڻهن ڪي جيڪي وٽي سو ڇڏي ڏين.

- لوڪپالُ: ذ. صفت. (سن: لوڪ + پال = رکشا ڪندڙ) دنيا جو مالڪ- جهان جو سنپالينڊڙ- ملڪ جو والي- پروردگار- بادشاهہ. راجا.

- لوڪَ جا لِياڪا لِنبَنُ: لوڪ جي نهارڻ ڪي ريتي ڇڏڻ- لوڪاڻي لڄ لاهڻ.

- لوڪڪُ: ذ. صفت. (سن: لوڪڪ = لوڪ جو) لوڪ وارو- جهان جو- دُنيا جو- سنساري- غير ازدِيني- دُنيوي- گيرهستيُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لوڪَ لڄا (ت): ماڻهن کان لڄ ـ ماڻهن جو شرم.
ـ لوڪَ لڪا (ت): ماڻهن جي لڄ ـ شرم ـ خبر ـ خواري.
ـ لوڪَ لڪا نہ پوڻ: ڪابہ خبر نہ پوڻ.
ـ لوڪَ لڪاءِ: لوڪ کي لڪائڻ يا ڇپائڻ ڪري.
ـ لوڪ لوڪاڻيتر (جمع): ذ. آسماني جسم (سج ـ چنڊ ـ تارا وغيره) ۽ سندن وچ ۾ رهيل خال. ساري سرشتي ـ ڪل ڪائنات.
ـ لوڪ مَٽ: ث. عام رعيتي رابو يا صلاح.
ـ لوڪَڻ مَٽجهيہ لِڪَڻ: اندر جو پيدہ ظاهر نہ ڪرڻ ـ معرفت جو راز مخفي رکڻ.
ـ لوڪَ مُنهَنْ موڪَ (ت): ماڻهن جو مُنهن موڪ واڪر وهندڙ آهي آن کي کوبہ بند ڪري نہ ٿو سگهي.
ـ لوڪَ مَٽيارَ: ث. ماڻهن جا ڏوراپا ـ طعنا.
ـ لوڪِيُ (ت): ذ. لوڪ جو مٽيارو دنيا جي هلت ـ جهان جي رَوَش.
● لوڪاتُ: ذ. پيلي رنگ جي ميوي جو هڪ قسم. (گاجرا).
● لوُڪَرُ ۽ لوُڪَرَ (ڪ): ذ. ٻهير ۽ ڪوڏي جي وچواري ڇنڊ جو هڏو.
● لُوڪَڙُ ۽ لُوڪَڙَ: ذ. (سن. ڪَڪَڪَٽ). جهنگلي جانور جو قسم ـ لُومڙ ـ لونڙ. ڍڇو ـ سُڪل. ڏهرو (ت). ڍڪهي ڇڇي ـ ڍڪهو ـ پڪتهو.
ـ لوڪَڙِيُ ۽ لُوڪَڙِيُون: ث. لومڙي ـ لونڙي.
● لوڪَلُ ۽ لوڪل: ذ. انگ. مڪاني ـ آستاني.
● لُوڪوُ ۽ لُوڪا (ل): ذ. ٻڪريءَ جو ڇڇي ڏاڍيندڙ قسر.
ـ لوڪوُ پَٽڪُرُ: آرازو ڪيل ٻڪر جو هڪ قسم.
● لُوڪَٽ (ل): ث. گاهہ جو هڪ قسم (سنهڙو تازو جاول گاهہ).
● لوڪڙوُ ۽ لُوڪِڙا: ذ. جانور جو هڪ قسم.
● لوُڪ ۽ لوُڪ ذ. دُنيا ـ آدم ـ مخلوق ـ جهان ـ سنسار ـ جڳت ـ جڳ ـ زمانو ـ ڪائنات ـ عالم ـ خلق ـ خلقت ـ لوڪ ـ ستمو ـ سرشتي.
ڪوٽ جا رهاڪو. (ت). ڏاڙهي (ت). لوڪهو ـ سُوراخ.
● لُوڪِڙوُ ۽ لُوڪِڙا (ت): ذ. ڪپڙو ـ لٽڪُڙ.
● لوُڪِيُ: اسر خاص. تعلقي ٽُل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● لوُڪِٽ ۽ لوُڪِٽ (ت): ذ. سوراخ گهر جو ـ لوڪهو. ڏاڙهي.
● لُوڪِڙو ۽ لُوڪِڙا: ذ. ڪپڙو ـ لٽو ـ لٽڪُڙ ـ ميرو پراڻو ـ ڦاٽو ٽُٽو ـ اڳڙي ٽڳڙِيُ.
● لوُڪهو ۽ لوُڪها: ذ. صفت. سوراخ ـ ٽنگ ـ خال ـ ڳڙڪي. ڪهتَ ـ رستو ـ لڪُ ـ لنڪهہ ـ ٽڪر مان ڀيڙو. ڪهتائي ـ ڪمي ـ نقصُ ـ خرابي ـ عيب. ڪمزور ـ ضعيف يا پتلو پاڳو.
● لُوڪهوُ ۽ لوُڪها: ذ. ڪسو حصو ـ ڪهٽِ ـ مهرُ ـ آوٽائي.
● لُولُ ۽ لُولَ: ذ. (سن. لئو = بيوقوف ٽيڻ) متوالو ـ اَڻانُ ـ بيوقوف. پلال جو ڳنڍو، جو تور ۾ انگل ۾ مڙ ٽئي. (ت).
ـ لُولُ چگاري: ذ. (سن. لئو = چريو ٽيڻ + لَلُ = لُڏڻ) گپ ۾ ڀريل لڏندڙ ڀُڄُ.
● لُولاتَ ۽ لُولاتُون: ث. منٽ ـ ميڙ ـ اِيلاز ـ آزي لياز ـ ويڙتي ـ آرِداسَ ـ عاجزي ـ نيزاري ـ عرض ـ زارِيُ ـ ليلڙات ـ لُولائي ـ ليلات. خوشامد. نياز ـ نيوڙت.
ـ لُولاتِي ۽ لُولاتِيُون: ث. منٽ ـ ميڙ ـ ايلاز ـ آزي نيازي ـ ويڙتي ـ آرِداسَ ـ عاجزي ـ نيزاري ـ عرض ـ زارِيُ ـ ليلڙات ـ خوشامد ـ نياز ـ نيوڙت.
● لُولاکَ: (ع:) رسول مقبول صلعم جن جي تعريف ـ حديث قدسي ۾ سرور ڪائنات جي تعريف ۾ چيل هڪ ڪلمو. (جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ هي آسمان ۽ نہ خلقيان ها).
● لولائي: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لُولُ پَٽجاڙوُ: ٻلا ـ آفت ـ جهنگلي جانور جو هڪ قسم.
● لُوڙتَ ۽ لُولُتُون (ت): ث. منٽ ـ نيزاري عاجزي ـ آزي ـ ميڙ.
● لول پنو (ڪ): گاهہ جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لُولِيجا: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لَولُ چَڪارِي: ث. جانور جو هڪ قسر.
● لُولِيرَاتُ ۽ لُولِراتَ (ت)؛ ذ. زاري-نيزاري- لُولِڙاتُ - عاجزي - آزي - منٽ.
● لُولَرُ ڪرڻُ (ڪ): ڪر ۾ رندڪ وجهڻ يا اڪاءُ وجهڻ - اعتراض ونڊڻ.
● لُولِڙاتُ ۽ لُولِڙاتَ (ل): ذ. عاجزي - منٽ - نيزاري - عرض - هٽ جوڙَ - تمام گهٽو - ستاءُ - عاجزي - ليلڙات.
● لُولنگ: ذ. اسر خاص. جبل جي هڪ قسر جو ٻوٽو، هار جو ڪاڪڙو لهي پوي تہ ڦري ڪري مٽي تي پڏنس. (ن-ب).
● لُولُو ۽ لُولا: ذ. مانيءَ جو هڪ قسر - نڍي مالي - مني ماني - ڪوڪيُ - تانبڙن تي پڪل ماني.
- لُولا ڏيڻ: مُنجهي پوڻُ. گهبراهٽ ۾ اچڻ.
- لولا ڪرڻ: معاملا منجهائي ڇڏڻ - گڙبڙ ڪري ڇڏڻ.
- لُولا لولا: فڪر - ڳڻتي - هاءِ گهوڙا.
- لُولا لولا ڏيڻُ: پريشان ڏيڻ - ڳڻتين ۾ هجڻ - ويچارن ۾ هجڻ - دليون هڻڻ - حيران ڏيڻ.
- لُولا ڪرڻُ: ڪاڏو ناهڻ - ڪانو تيار ڪرڻ.
- لولا مانيُونُ يا لُولا لُولا ڪرڻ: خراب ڪرڻ - بگاڙڻ.
لولو آ گهاٽو: خيرات ڏنل ماني خدا جي درگاهه ۾ قبول پيل.
- لولو وجڻُ: جوڪي ۾ وجڻ - گهٽي دير ڏيڻ.
- لولهي جو لُوڻُ ب. نہ هُجڻُ: بلڪل مست هجڻ - صفا سڄو هجڻ.
- لُولهي جو لُوڻُ نہ ڏيڻُ: ڪجهہ ب نہ ڏيڻ.
● لُولوُ ۽ لُولا: ذ. صفت. (سن: لُوتَ: هٿن پانهن کان جڏو) هٿن پانهن کان جڏو - عضون ڪتيلُ - هٿ پير سُڪل - ڏنڍو - لُولهو - لنگڙو - آو ڏو - رُو ڏيو - جڏو - منڍو - ڏو ڏنو - رو ڏنو. مرواريد (ت). ڏنڍي ڇوڪريءَ جو مخصوص عضو.

- لُولُهاتُ: ث. خوشامد - چاپلوسي.
- لُولُهاتُ ڪرڻ: خوشامد ڪرڻ.
● لُولُهتُ ۽ لُولَهتَ (ت): ذ. ڪُتي جو خوشامدي آواز.
- لولهتُ ڪرڻُ: خوشامد ڪرڻ - ڪتي جو مالڪ کي ڏمي آواز ڪرڻ - ستائڻ - مُنهن آزيون ڪرڻ.
- لولُهر ۽ لولُهر (ل): ذ. گاه جو هڪ قسر. جهيڙو - جهڪڙو.
● لولُهرو مچائيُنُ (ڪ): ذ. دنگو فساد ڪرڻ - جهيڙو جهڪڙو ڪرڻ.
● لُولُهڙاتُ ۽ لُولُهڙاتَ: ث. منٽون - آزيون - ليلهڙائي.
● لولُهيُ ۽ لولُهيُونُ: ث. (سن: لولي = اوراڻو) راڳ جو هڪ قسر - گائڻ جو هڪ قسر - پار کي سمهارڻ لاءِ ماءُ جو گائيل گيت. ماتا جو راڳ - لوري - اوراڻو - اولاڻو - ستو راڳ. نڍي ماني - مني ماني. (اسر خاص) تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ڏيهہ جو نالو.
- لولُهيُ ڏيڻُ: اوراڻو گهائڻ - اوراڻو چوڻ - راڳ گائڻ - گيت چوڻ.
- لولُهيُون ڏيڻ: ڏاند جو تڪو وهڻ.
● لولِيازُ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لُومڙُ ۽ لُومڙَ: ذ. (سن: لومشا =) جهنگلي جانور جو هڪ قسر - لونڙ - لومڙ - لُوڪڙ. عيار - مڪار. (ث: لومڙن ۽ لومڙيون).
● لُومڙِيا: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لونُ: اسر خاص. منگر مڇيءَ جو هڪ قسر.
● لُونُ ۽ لُونَ: سوتي گاڙهي ڪپڙي جو هڪ قسر - حُلِيوانُ. تارَ - تند - ڏاڪو.
● لُونُ ۽ لُونَ: (سن: رومنُ = لومُ) رڳ - رومِ - تند - تار - لُونڻُ - وارن جي آمد - پُرُ - ريُهڙ - وارن جي ساوڪ - نرم وار - وار - ڏاڪو - تار - تند.
- لُونُ لُونُ کانڊار جَنڊُ: وار ڪڙا ڏيڻ (جوش وغيره ۾).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لُونِ ۽ لُونُون: ث. ڏاهي (سُتَ جي) ـ تندُ ـ ڏاهين ـ ذرو. پشم. رونق. (ت).
لُونارَ ۽ لُونارَ: ذ. لُوڻ واري زمين ـ لوڻ پيدا ڪندڙ زمين.
ـ لُونارِيُ: ث. لُوڻ جوڙيندڙ ـ لوڻ جو ڪم ڪندڙ.
● لُونبُوءُ ۽ لُونبُوڙَ: ذ. جهنگلي جانور جو هڪ قسم ـ لوڪڙ ـ لُومڙ. (صفت). لُفتنگ.
بدمعاش ـ لُچو ـ ڪاوڙُ. (ت). سنهو ـ ڏُبرو ـ بي ساهو. (ث. لُونبُوي ۽ لُونبڙيُون).
● لُونبَ ۽ لُونبُونُ (ت): ث. آٽ ڪي سونهن لاءِ ٻدل جهوڙا يا ٻيٽي ـ تنورُ.
ـ لُونباڙُو ۽ لُونباڙا (ت): ذ. تنورن وارو.
● لُونبِيُ (ت): ث. سُڪل ڪدوءَ جو ڪوڪو.
● لُونيائيُ (ت): مصدر. ڪيرائڻ ـ وَسڻ ـ ڪيرڻ. (لُونيائيو ـ لُونيائيندو ـ لُونيائيل).
● لُونيَنُ (ل): مصدر. چيڀڻ ـ جُٽ ڦٽ ڪرڻ ـ ملامت ڪرڻ. چيڀ ڪرڻ ـ تڙي ڏيڻ ـ تڙڻ ـ ڏمڪي چاڙهڻ. (لُونيو ـ لُونيندو ـ لُونيل).
ـ لُونيُ ۽ لُونيُونُ: ذ. چيڀ ـ جُٽ ـ قيٽ ـ هيس. ڏمڪي ـ تڙي.
● لُونيَنُ: مصدر. قَرڻ ـ لُوڻ ـ لُٽڻ. (لُونيو ـ لُونيندو ـ لُونيل).
● لُونُو ۽ لُونُا (ت): ذ. صفت. مضبوط ـ ڏاڍو ـ پڪو ـ پُختو.
● لُونجهَ ۽ لُونجهُونُ (ل): ث. ڪهڙو شوق ـ خَفَتُ ـ ونڊ ولو ـ خيال. لالچ ـ نوس. هوءَ ـ هانءُ. لوس. خبر.
ـ لُونجهانُ ڏِيَنُ: (ت): رُلڻ ـ خراب سنڪت ۾ رهڻ ـ ناسون هڻڻ.
ـ لُونجهَ تي ڪِرَنُ: لالچ ۾ ڦاسڻ ـ طمع تي مَرڻ.
ـ لُونجهَ لُڳَنُ: عشق لڳڻ ـ تار لڳڻ ـ محبت ٿي وڃڻ ـ پيار ۾ ڦاسڻ.
● لُوَنُدُ ۽ لُوَنُدَ: ذ. گهوڙي جي سيڪت لاءِ ـ لغام ڪان ڪمر ٿي تائين ٻدل پٽو يا رسو.

● لُوَنُدِڙِيُ ۽ لُوَنُدِڙِيُونُ: ث. ڪَنَ جي پرسان مٿي يا منهن جو هڪ پاسو ـ مغز جو پاسو ـ اک ۽ ڪن جي وچ ۾ نازڪ چمڙي سان ڍڪيل خال ـ ڪنن جي پاسن وارا اڳيان هنڌ ـ لٿوٿو ـ پاسو.
● لُوَنُدُلا: ذ. لِوَنُدُ ـ گهوڙي جي اڳين ٽنگن وچان لنگهائي پٺڻ جو پٽو ـ زيربند.
● لُوُنُدُ ۽ لُوُنُدَ (ل): ذ. لُهَنُد ـ نُهَنُدُ. نيٺ. ڪپ ـ ڪانهُ.
● لُوُنُدَكَ ۽ لُوُنُدَكُونُ (ڪ): ث. ڳالهه ۾ رندڪ ـ اٽڪ ـ اڙ ـ ڦيٽاڙو. ڊينگ ـ چغلي. گهوڙي جي ڏڪي رفتار ـ گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم.
ـ لُوُنُدَكَ وارو: لُوُنُدَكَ هڻندڙ (گهوڙو).
ـ لُوُنُدَكَ هَڻَنُ: اٽ وٺندڙ ڳالهه ڪرڻ ـ ڊينگ ڏيڻ.
● لُوُنُدُو ۽ لُوُنُدا: ذ. ڪُٽي مارائو ـ بدفعلي ڪرائيندڙ (چوکر) ـ چُٽو ـ قسو ـ مفعول ـ گانڊو. گيرو چوکرو. لونڊر ـ پڙوو.
ـ لُوُنُدِيُ ۽ لُوُنُدِيُونُ: ث. بدچال عورت ـ ڪيري ـ رنڊي ـ پڙوي. سَريت. نوڪرياڻي ـ پانهي ـ گولي.
ـ لُوُنُدِيُ باز ۽ لُوُنُدِيُ باز: ذ. صفت. چوکريُ باز ـ چوڪرن سان بدفعل ڪندڙ ـ غير فطرتي ڪم ڪندڙ ـ زناڪار ـ لوطي ـ مُغتلمُ ـ اِغلام.
ـ لُوُنُدِيُ بازِيُ ۽ لُوُنُدِيُ بازِيُونُ: ث. صفت. چوڪرن ڪي ٻري ڪم ڪرڻ جو فعل ـ لواطت ـ چوڪري بازي ـ بچه بازي ـ بدفعلي ـ لِواطه.
ـ لُوُنُدِيُ بازيُ ۽ ڪَرَنُ: بچي بازي ڪرڻ ـ چوڪرن سان برو فعل ڪرڻ.
● لُونُدَنُ (ڪ): مصدر. بانبڙا پائڻ ـ رهڙهيون پائڻ جو ڪم ـ ڪيسڙاڻي.
ـ لُونُدَبَ ۽ لُونُدَبُونُ: ث. رهڙه ـ ڪيسڙاڻي.
ـ لُونُدِ لُونُدُ: آهستي آهستي هلڻ ـ آهستي آهستي ڪم ڪرڻ. (صفت). ڪم جو ڪوڙو ـ جِلهو ـ سست.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لُونْڦَكَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لَونْكارَ ۽ لَونْكارُونْ: مالوا جو ٿهيل ڪتو - بلاڪيٽ - لوئي - لمڪار. عشق جي تار. (ن - ب).
● لُونْكَتَرَ (ث): ذ. لومڙ - جهنگلي جانور جو هڪ قسم - لُونڙ.
● لَونْكِ لَونْكِ: ث. بڪ بڪ - اجائي ٻڪي - ر ٻ - ياوه گوئي - بڪواس - لٻ لٻ.
- لَوُنْكو ۽ لَوُنْكا: ذ. لنڊن. پريم. پڪي - لڳاتار ڏيان. هڪ ڏاتوءَ جو ٻئي تي لڳڻ ڪري نڪتل آواز - گرگر - جهڪار.
- لَوُنْكو لائِيْ: جهڪار ڪرڻ - آواز ڪرڻ. جيڪي اڇي سو بکي وڃي. بکڻ - ٻڪي هڻڻ - بکواس ڪرڻ - پوُنڪڻ - بڪ بڪ ڪرڻ.
● لُونْكَت (ث): ث. ٽر ۾ ٿيندڙ هڪ گاهه جو قسم.
- لُونْكِيْ (ث): ذ. گاهه جو هڪ قسم (نندو مائو گاهه).
● لُونْگَ ۽ لَونْگَ: ذ. (سن. لَوَنْگَ = لونگ) وڻ جو هڪ قسم - خوشبوءِ دار وڻ جو هڪ شڪوفو يا ميڙي - مصالح جو هڪ قسم - مصالح طور ڪم ايندڙ وڪر جو هڪ قسم - گرم مصالح جو هڪ وکر، دواسازيءَ ۾ ڪم ايندڙ. تڪ يا ڪَنَ ۾ پائڻ جو هڪ زيور. سونو ڪوڪو - قُلي - هيرو. ڪَرَڦل - قرنفل. (آصفيه). خوشبوءِ دار گاهه جو هڪ قسم.
- لَونْگڙا: لونگ جي شڪل وانگر ڦل.
● لَونْگِيْ ۽ لَونْگِيْ: ذ. صفت. لونگ جي خوشبوءِ وارو - لونگن وارو - لونگن پيل. گاڙهين مرچن جو هڪ قسم. ڪن جي ٻيڙي. (ل).
- لَونْگِيْ ميرچَ: ذ. نندن مرچن جو هڪ قسم - تيز مرچ.
● لَونْگاڻِيْ ۽ لَونْگاڻِيُونْ (ڇ): ث. شاديءَ رات گهوٽ جي پڪي ۾ ٻڌل نندي گوٽري.
● لَونْگائِيْ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لَونْگائِيْ ڪَنْهوڙا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لُونْگَتَ (ڇ): ذ. پاڻجهريءَ جي اڇي ماڻ بنان گيهه جي تيار ڪيل ڪاڏي جو هڪ قسم. مٽي يا چيلهه ۾ ٻڌڻ يا ڪُلهن ۾ پائڻ جي لاءِ پٽَ جي رنگين ڪپڙي جو هڪ قسم.
● لُونْگِيْ ۽ لُونْگِيُونْ: ث. چيلهه بند - ڪمر بند - چيلهڪي - پيٽ - سندرو - پٽو - لانچ - خُرد م. پٽڪو - بوچڙ.
- لُونْگِيْ پٿرائِيْ: انعام طور يا اُجوري طور يا تحفه طور ڪنهن کي لونگي ڏيڻ - تحسين جو گي خدمت جي عيوض اُجورو يا لونگي ڏيڻ.
● لُونْگهَتَ (ڇ): ذ. پاڻجهري يا ڪڪ جو انو پائيءَ ۾ رڌي، سيري وانگي ناهيل ايٽي يا پيڻ.
● لُونْڍائِيْ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لُونْڍُوْ ۽ لُونْڍا: ذ. اک ۾ ڪن جي وڇ ۾ نازڪ چمڙيءَ مان ڏکيل خال - لُونڊڙي.
- لُونْڍا هَتَنْ: هيڏانهن هوڏانهن منهن ڦيرائي ڏسڻ.
● لُونْڍِيْ ۽ لُونْڍِيُونْ (ڇ): ث. چوٽي - گُٽَ - چُٽَ.
- لُونْڍِيْ پَتَنْ: چوٽي پٽ سڳُٽَ پَتَڙ.
● لُونْهُونْ: ذ. آلو - شولو - شعلو.
● لُونْهانڊُوْ ۽ لُونْهانڊا (ڪ): ذ. نندڙا وڻ - پُوتا.
● لُونْهَرُوْ ۽ لُونْهَرا (ڪ): ذ. شڪل شبيهه - صورت - مُهانڊو.
● لُونْهَنْ: (سن. رومن) وارن جي پاڙ - بدن تي ٻيهل ننڍا وار - لونءَ - روم - رُڳ.
● لُونِيْ ۽ لُونِيْ: ذ. جسم تي ٻيهل ننڍا ۽ سنهڙا وار. (ث. صفت) لوڻاڻي - ڪلراٺي - غيرآباد. (اسم خاص). آتر الهندي سرحدي علاقي ۾ هڪ ندي (جا برسات جي موسم ۾ وهي) جو نالو.
● لَوَنْ: مصدر. لات لتون - ٻولي ڪرڻ (پکين جو) ٻولڻ - آواز ڪرڻ. تڪو ڪالهائڻ - بڪڻ - ٽِن ٽِن ڪرڻ - ٽَوُڪڻ - چٽهڪڻ - جڪڻ. جالاڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ. حرفت ڪرڻ. تيل ۾ ڪي گرم شيون ڪڍي سرديءَ ڏينهن ۾ تديل ماٹهوءَ جي مٿي يا بت ڪي مالش ڪرڻ. (لَوِ يو - لَوَندو - لَوِيل).

● لُوڻُ ۽ لُوڻَ: ذ. (سن. لَوَڻ > لُون) سمنڊ جي پاڻيءَ مان پيدا ٿيندڙ سفيد ڪارو مصالحي جو هڪ قسم - نِمڪ - نيمڪ - لِيمڪ - مِينُو - راڪَ رَس - هٽ جو وڪر. ڪاراڻ.

- لُوڻُ آتارَڻُ: ساٹ يا سَوَڻ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڪهوٽ جي پيٽ لوڻي ۾ لوڻ ڪٽيون وجهي ڪهوٽ جي پويان ڇڻ ڇڻ ڪندي آهي).

- لُوڻاتو ۽ لُوڻاتا: ذ. لوڻائيو - لوڻ وارو - لُوٽيل.

= لُوڻاتِجَڻُ: آداس ٿيڻ - بي دل ٿيڻ - مَروٽِيَل ٿيڻ - مُنجهَڻُ لڳل ٿيڻ.

- لُوڻائو يا لُوڻائيو ۽ لُوڻاڻا: ذ. صفت. لوڻ وارو - لوڻيل - لوڻاتو.

- لُوڻ ٿيڻ: ڳرڻ - داڻا داڻا ٿيڻ - ڳري وڃڻ.

- لُوڻَ پاڻيءُ ٿي لڳڻُ: نہ ڦيڻ - فائدي بدران نقصان ٿيڻ.

- لُوڻُ پاڻي ٿِيڻُ: ناس ٿي وڃڻ - ڪم ٿيڻ - ڳري وڃڻ. معاف ٿي وڃڻ - مصيبت ٽري وڃڻ.

- لُوڻُ پاڻيءُ ڪَرڻُ: ٽاري ڇڏڻ.

- لُوڻِجَڻُ: مصدر. لُوڻ وارو ٿيڻ - لوڻائيو ٿيڻ. آداس ٿيڻ - مايوس ٿيڻ - بيدل ٿيڻ.

- لُوڻُ ماڻِيرَ: ذ. لوڻ جو هڪ قسم، زمين ۾ پيدا ٿئي، خاصيت لاهوري لوڻ جهڙي ٿئي.

- لُوڻُ ڪاڻُ: ث. لوڻ جي ڪاڻ - لوڻ ليڻ واري جاءِ. نونار جتي لوڻ جو ڪم هلي.

- لُوڻُ لڳڻُ: لوڻ لڳل ڪجيءَ جي ڏوڻڪَڻُ جو ٽاڏو مان ڪيڏ بعد نرم ٿيڻ.

- لُوڻُ مٽِيڻُ: شاديءَ جي موقعي تي لائٽن ڏيڻ وقت ڪهوٽ ۾ ڪنوار جو هڪ ٽالهي ۾ لوڻ وجهي هڪ ٻئي جي هٿن ۾ ڏيڻ واري رسم ادا ڪرڻ (تِرن مٽ واڱڻ).

- لُوڻُ و جهٽُ: رسيل (ڪجيءَ جا) ڏونڪا پٽي. لوڻ سان مٿي ڪنهن ٽاڻ ۾ بند ڪري رکڻ.

- لُوڻُ وِڪٽُ: ڪوڙ ڳالهائڻ. ڏکوئڻ - ايذائڻ - رنجائڻ.

- لُوڻُ هٽِيُ: رسيل ڏونڪا پٽي، لوڻ ۾ مٿي رکڻ. ٽاڻ ۾ بند ڪري رکجن، بن تن ڏينهن کان پوءِ کڍجن.

- لُوڻِيُ ۽ لُوڻِيُون: ث. صفت. لُوڻ هڻي تيار ڪيل (ڪارڪ وغيره) - لوڻائيل - لوڻ ڏنل - لوڻ پُرڪيل. بد دعا - پِٽَ. بي همتي - سستي. (ت).

- لُوڻي ڇڏَڻُ: لُوڻ ڏيئي رکڻ. (کاڌ شيءِ) سانڍي رکڻ.

- لُوڻِيَلُ ۽ لُوڻِيلُ: ذ. صفت. لوڻ ڏنل - لوڻ لڳل شيءِ.

● لُوڻَڪ ۽ لُوڻَڪُونُ: ث. (سن. لاونِڪَ = لوڻڪ. ف. خرفہ) پاڇيءَ جو هڪ قسم. لوڻ واري - لوڻائي. لوڻيال. دوا جو هڪ قسم.

● لُوڻِڪِيُ (ت): اسر خاص. ٽر ۾ هڪ پِٽَ جو نالو.

● لُوڻَ ڪاڻُ: اسر خاص. تعلقي بدين، تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● لُوڻَڻُ: مصدر. (سن. لَوَڻ) لُوڻ ڏيئي - ڪنهن شيءِ ڪي ڪارو ڪرڻ - لوڻ وجهڻ - لوڻ پُرڪڻ - لوڻ ڳڏڻ - لوڻ ملائڻ - لوڻ هڻڻ. (لُوڻيو - لوڻيندو - لُوڻِيل).

● لُوڻُو ۽ لُوڻا: ذ. (سن. لاوڻ) اک جي پاسي وارو خال يا ڪڍ - لوندڙي - مغز يا ڪن جو پاسو - نِراڙ جو پاسو - لُوڻون. لوندڙي جاوارَ.

- لوڻان هڻڻُ: هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ - واهون ڏسڻ.

- لَوُڻو ڦهرائڻ: چمات هڻڻ - مُنهن ڪرڻ.

- لٹوٹي سر: لوندڙيءَ تي - لوڻي پِٽ.

- لٹوٹي ڦير لٹپاٽَ: ث. چمات جنهن سان منهن ڦري وڃي. سخت چوٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لُوٹِيُ ۽ لُوٹِيُون: ث. ڪشتي - اَلڪو - فڪر. بيماري - جهوري. (ت). (اسر خاص) هڪ مڪان جو نالو (ڏهر). تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= لُوٹِيُ چُڪَنُ: نراس ٿيڻ - نا اُميد ٿيڻ - مرضي يا منشا ۾ ناڪامياب ٿيڻ - اِرادن ۾ ناڪام ٿيڻ.

= لُوٹِيُ لڳَنُ: لورِي لڳڻ - ڪٿي لڳڻ - فڪر ٿيڻ - اُداس هڻ - بيدل ٿيڻ - بيماري ٿيڻ - ضعيف ٿيڻ - ڪرڻ - بُٽ ۾ ڪرڻ.

● لُوٹِيا: اسر خاص. تعلقي ميرپوربٹوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لُوٹِيلو: اسر خاص. تعلقي ڳوني ۽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لُوٹِيهار: اسر خاص. تعلقي منيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لوھہ ۽ لوھَہ: ذ. (سن. لوهه = لوهه) ڌاتوءَ جو هڪ قسم - معدني جمادات - زمين مان پيدا ٿيندڙ ڌاتو - رُڪ. هٿيار. لوهي تير - پيڪان - لوهه جا ڪان. زنجير - ڪڙي - ڪڙا - ڪُلف. مضبوط - پڪو - پختو. قيد - بند - سزا. رت - خونُ.

= لوھارُ ۽ لوھارَ: ذ. (سن. لوهڪار) لوهه جون شيون ٺاهيندڙ. لوهه جو ڪم ڪندڙ - لوهه وارو ڪاريگر - آستو - هٿيار ٺاهيندڙ - ڪاريگر - اهنگر - حَداد - لوهاڻو - لُهار - لُهَرُ.

= لوھارُخانو ۽ لوھارَ خانا: ذ. صفت. لوهار جو دڪان - لُهَرُخانو - لُهارڪو دُڪان.

= لوھاڪوٽَ: سخت پابندي - حفاظت - پرهيز.

= لوھا لڳامَ واتَ ۾ ڏِيڻُ: انتظام ۾ رکڻ - دَبائڻ - قبضي ۾ رکڻ - قابو ڪرڻ.

= لوھا لِڳَتُ (ت): صحت - تندرستي - طاقت - چڱيلائي.

= لوھا لِڳَتُ هُجڻُ: صحت مند هجڻ - تندرست هجڻ - طاقت ور هجڻ.

= لوھانڊو ۽ لوھانڊا (ل): ذ. صفت. (مڇيءَ وغيره) تقرڻ لاءِ لوهه جو تنئو.

= لوھانڻُون: ذ. صفت. لوهه جو ٺهيل - لوهه وارو - لوهي.

= لوھانڻان ڪوٽَ پَڇَنُ: مشڪل ۾ مشڪل ڪم ڪري ڏيکارڻ - هرگز نه ڪرڻ - سخت ۾ سخت مقابلو ڪرڻ.

= لوھاڻو ۽ لوھاڻا: ذ. لوهار - آهينگر - لوهر - لُهَرُ.

= لوھاڻُون: ذ. صفت. لوهه جو - لوهي - لوهه وارو.

= لوھہ ٽِيَنُ: ڏاڍو ٿيڻ - مضبوط ٿيڻ - بند ٿيڻ - قابو ٿيڻ - ڪاوڙجڻ - چِڙڻ - جوش ۾ اچڻ. دل جو سخت ٿيڻ.

= لوھہ ٽِيُ وِيهَنُ: بي پرواهه ٿي ويهڻ - خوش ٿي ويهڻ - ڪنهن جو پَرَوَ نه ڪرڻ - اطمينان سان وقت گذارڻ.

= لوھہ ٽِيوُ وِيوُ هُئَنُ: ستوٿو ٽيو ويٺو هجڻ.

= لوھہ جا چَٽا چَٻاڙَنُ: تمام ڪٺن ۽ سخت ڪم ڪرڻ. مشڪل وقت گذارڻ.

= لوھہ جا ڪِلا: ڪاڻيءَ ۾ ڪاساڻي جنڊيءَ قيرائڻ لاءِ ڪم ايندڙ.

= لوھہ چاڙَهَنُ: تير ڪمان ۾ وجهڻ - ٻاڻ تيار ڪرڻ.

= لوھہ چَٽَنُ: صفا نابري وارڻ - اَلِي وڃڻ - انڪار ڪرڻ - جواب ڏيڻ.

= لوھہ ۽ لوھَرَ: ذ. صفت. لوهه جو ڪم ڪندڙ - لُوهارُ - لُهَرُ.

= لوھہ ڪوٽَ: لوهن وارو - لوهارن جو.

= لوھہ ڪَرَنُ: قابو ڪرڻ - ڏاڍو ڪرڻ - مضبوط ڪرڻ.

= لوھہ لڳَنُ: هٿڪڙيون لڳڻ. قابو ٿيڻ.

= لوھہ مَروڙَ ۽ لوھہ مَروڙَ: ذ. صفت. لوهه ڪي پيچندڙ - لوهه موڙيندڙ - ڏاڍو - سڙس - سُورهيه - جوڌو - بهادر - پهلوان - بلوان - جانلو - مضبوط.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لوهُ هُنڊُ: ڏاڍو هڻڻ ـ سوتُ ٽيڻ ـ لوهه وانگر مضبوط هڻڻ ـ لوهه وانگر سخت هڻڻ. قابو هڻڻ ـ سُڪَ هڻڻ ـ سوگهو هڻڻ.

ـ لُوهنُونُ لنڪهيلُ: آجهل ـ اڻ پليو.

ـ لوهيُ ۽ لوهيُ: ذ. لوهه جو ٺهيل ـ لوهه جهڙو ـ لوهه وارو ـ لوهه وڪنڊڙ ـ لوهانئونُ.

ـ لوهيڙو: ذ. ٺڪرين جو لوهي ڪاڻ ـ لاڪڙو.

ـ لوهيُ قلمُ ۽ لوهي قلمَ: ذ. لوهه جو ٺهيل قلم ـ اِسٽيلَ.

ـ لوهيُ ڪمانَ چڪنُ: سخت ڏکيو ڪم ڪرڻ ـ مشڪل ڪم ڪرڻ.

● لُوهه ۽ لُوهُونُ: ث. اوچتي ڪاهه ـ گهيري ڪرڻ وارن تي جُلِيهُه ـ ٽپو ـ ٽپُ ـ چال ـ ڏمرَ ـ گڙدي ـ حملو ـ چڙهائي ـ ڪاهُ ـ آلرُ. لُڪَ ـ ڪوسي هَوا.

ـ لُوهنُ ۾ اچڻ: ڦيرين ۾ اچڻ ـ جهڙپن ۾ اچڻ.

ـ لُوهي (ڪ): ذ. لُوهون ڏيندڙ. ڪوڙو ـ بناڪي ـ ڪشي باز ـ ڪوڙ ڳالهائيندڙ.

ـ لوهارَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لوهاراڻيُ: اسم خاص. مَري بلوچن جي هڪ قبيلي يا ذات جو نالو.

● لوهانيُ: اسم خاص. هڪ ذات (افغانن جو هڪ قبيلو) جو نالو.

● لوهاڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لُوهاڻنُ: مصدر. ساڙڻ ـ ٻارڻ ـ جلائڻ ـ جَرائڻ ـ برڻ ـ جلڻ ـ سڙڻ ـ ڪامڻ.

● لوهرُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لُوهِرِ ۽ لُوهِرُونُ: ث. لُونجِريُ ـ ننڍي مڇيءَ جو هڪ قسم ـ لُوجهريُ.

● لوهِرڻي ۽ لوهِرِ ٽيُونُ (ڪ): ث. پٽر جا يادگار ـ قبرن تي هنيلَ پٽر.

● لوهِريو ۽ لوهِريا (ڪ): ذ. ننڍن چانديءَ جي تائٽن جو ڪُنڊلو.

ـ لوهرُ ۽ لوهڙ: ذ. ٻني پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم.

● لوهڙا (ڪ): اسم خاص. برهمڻ جي هڪ ذات جو نالو.

● لوهِڙِي ۽ لوهِڙِيُونُ (ڪ): ث. نينگري ـ چوڪري ـ ڪنڌيا.

● لوهِڻيُونُ: ث. جبلن جي پاڙ ۾ ڏورين منجهان لنگهندڙ ڪُس يا ٻيڙا.

● لُوهنُ: مصدر. ساڙڻ ـ لٽهڻ ـ جلائڻ ـ جرائڻ ـ لُوساڻِڻ ـ باهه ۾ پُرڙجڻُ ـ لهس ڏيڻ ـ ٻارڻ ـ جراڻڻ. آگهڻ ـ صفا ڪرڻ.

ـ لُوهه ۽ لُوهُونُ: ث. گرمي ساڙو ـ باهه ـ تتوءَ ـ ڪوسي هَوا ـ لُڪَ ـ گرم واءُ ـ لُوءَ ـ ڪُهتونُ ـ گوئي ـ تڪي هوا ـ ڪوسو واءُ ـ بياباڻ جو جهولو ـ باد سَمُومُ ـ ڪوسي چَرَ ـ آولڙ ـ سخت باهه ـ باهه جي جِيِيُ ـ باهه جو گرم جهولو ـ پاري جي سَتَ.

ـ لُوهاتُ ۽ لُوهاتَ: ذ. صفت. ساڙو ـ لُڪَ ـ جهڙپ.

ـ لُوهاڻِجِيُ وِڇ: سَڙي وَڃُ ـ جلي وڃ.

ـ لُوهاڻِيلُ: ڪوماڙل ـ لوساڻيلُ.

ـ لُوها ڏيڻ: زباني تيرو نشتر هلائڻ. جملو: تو تہ لُوهي لُوهي منهنجو اندر ٿي ساڙي چڏيو آهي.

ـ لُوهه اچنُ: پاري ۾ سڙڻ.

ـ لُوهاڻِڪو ۽ لُوهاڻِڪا: ذ. صفت. ٻاريندڙ ـ جلائيندڙ ـ ساڙيندڙ ـ جَرائيندڙ ـ ٻرندڙ ـ جلندڙ ـ سڙندڙ ـ باهه جهڙو ـ گرم.

ـ لُوهِجنُ: پاري جي ڇاڙ ۾ سڙي وڃڻ.

ـ لُوهِجِي ويل: تَنوَ ۾ سڙي ڪاري ٽيل ـ ٽانبي تي سڙي ويل ـ سَڙِيُ تنوَ هيٺ اچي ڪارو ٿي ويلَ.

ـ لُوهِيُونُ: سڙڻ ـ عشق جي آگ ۾ سڙيل.

● لوهِيڻيُ: اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم ـ پاڻيءَ جي جانور جو هڪ قسم.

● لوهُوُ ۽ لوهُوُ: ذ. (سن. لوهِتَ=رَتُ) رَتُ ـ خُونُ. اصل ـ بنياد ـ نسل ـ ماڻُ ـ ميتُ.

ـ لوهُوڪوُ ۽ لوهُوڪا: ذ. صفت. قاتل ـ خونريز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لوهُوكو: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم. جهنگلي جانور جو هڪ قسم. رَتُ پيشندڙ.

● لوهِيءَ ۽ لوهِيُون: ث. ننڍن ٻاڙهن ڪنن واري ٻڪريءَ جو هڪ قسم. ڪٽو- لوٽي. جبل تي پٿرن جو قدرتي حوض. (اسم خاص). تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

- لوهِيءَ ڪٽيرِ: ث. رڍ جو هڪ قسم.

● لوهِيڙو: وڻ جو هڪ قسم- ڪاٺ جو هڪ قسم، جو تمام ڏکهو ٿئي ۽ عمارتي ڪم ۾ اچي- آبنوس. روهيڙو- لولو لاکڙو (جبلن جو). ٽلهو- ڏنڊو. (اسم خاص). هڪ ماڻهوءَ جو نالو.

● لوهُ ۽ لوهُٽِيُون: ث. رهڻ جو هنڌ- رهاڻ واري جاءِ- عاشق جو ماڳ- پرين جو ڳوٺ- رهائش- سڪونت- ساتر ٻومي- گهر- مڪان- ڇڳهه- وطن- ملڪ- ڳوٺ- شهر- ماڳ- جهان- دنيا. سڄي سنڌ ۾، آتر ۾، پريالوءِ ۽ سنجهوري تعلقي ۾ ٽهو ٻرلوءِ ۽ ڇپرلوءِ؛ ڏکڙيءَ ۾ ٽهو ڪاپڙلوءِ ۽ عمرڪوٽ ۾ ڏيرلوءِ. طرف. ڪافيه.

- لوهُ بلوهُ: ڏيهه بديهه- ڳوٺ ۽ ڳوٺ.

- لوهُٽڙ يارِيُ: لوٽي ڏيندڙ- لوءِ جي وينل.

- لوهُ لٿڻُ: ڳوٺ جي لڄ لاهڻ- حملي وقت لڄون لٽڻ- پار پچا ڪرڻ.

● لوهُ ۽ لوهُ: ذ. آل اولاد- گهر- گهر ٻار- ڪٽنب- خانُ مانُ- ٽبرُ- قبيلو- عيال- آڪه- خاندان- گهراڻو- وَنس- ڪُل- نسل- ذات- نيات- قوم.

● لُوءِ: ث. (هر شيءِ جو) ذرو- هَوَ- لغار (عشق جي). نرم وار. لوٽِڻُ.

● لُوءِ (ٿ): ث. لُڪَ- گرم هوا- جهولو- ڪوسي هوا.

● لوهُٽانڊِوُ ۽ لوهُٽانڊا: ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● لُوٽَرَ ۽ لُوٽَرُونُ: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● لُوٽَرُ ۽ لُوٽَرَ: ذ. سُوٽر- ميرون. بي غيرت- لالچي- حرامي- بي شرم.

● لوهُٽِڻُ: مصدر. ٻاڦيءَ سان ڳوهڻ (اٽو وغيره) ڪير جانور لوٽڻ- ڪپڙا مٽيءَ ۾ خراب ڪرڻ- ڳوهڻ- ملڻ- گندڻ- خراب ڪرڻ- وڃائڻ- ميلائڻ. خوار ڪرڻ- روبرو بي عزتي ڪرڻ- بي آبرو ڪرڻ- بد ڳالهائڻ- لڄائڻ. (ت). ڪتڪ ڪرڻ- ٽڪائڻ. شاديءَ جي ساڻ جو هڪ قسم. ميارون ڏيڻ- مهٽا ڏيڻ- طعنه ڏيڻ. بيمار کي تيل ۽ وڏي ڦوٽي يا سُٽيءَ جي مالش ڪرڻ. خُوب پُسائڻ- تتر ڪرڻ- پترڻ. ڦاسائڻ- اڳائڻ- لوٽڻ.

- لوهُٽِڻُ ڪَرَڻُ (ل): تعدي ڪرڻ- جُٽ ڪرڻ.

- لوهُٽِي: مَهٿِي- مَٽِي- پُسائِي.

● لُوئوُ ۽ لُوئا: ذ. ٻاهر ٻارڻ لاءِ گاهه جو پُوڙو- لُئو. ڏاريل تتر، جنهن جي ٻولڻ تي ٻيا تتر اچن.

● لوهُٽِيُ ۽ لوهُٽِيُونُ: ث. (من. لوسن = لوم + لاکا) اوني ڪپڙي جي چادر- اوني ڪمبل- اوني ڪپڙو- ڪٽِي- شال- سال- اوني چُنِي- مٽي تي ڏکڻ جو گرم ڪپڙو. نئين جي پيٽ ۾ سخت پٽرائين سطح ۾ ڪڏهن جا برسات جي وقت ۾ ٻاڦيءَ سان پرجي- تڙاڙ- پٽر جو چيتر، وَتُ. ويڪرو پٽر. (ڪ). (اسم خاص). تعلقي ٽُل ۾ ڏيهه جو نالو.

- لوهُٽِيُ لڄاڻِيُ: اخلاقن جي خلاف ڪم ڪرڻ- گهٽتائي يا بي عزتي ڪرڻ.

- لوهُٽِيُ لِيڙَ ٽِيٽَرُ: ليڙون ليڙون ٽيڻ- ڦاٽڻ.

● لوهُٽِيا: اسم خاص. ٿري هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● لوهُياچَ: اسم خاص. ڪوهستان ۾ هڪ مڪان جو نالو.

● لوهُڙڻُ (ل): مصدر. ويڙهڻ- ڳوهڻ.

● لوهُيُو: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● لوهُيو ۽ لوهُيا: ذ. اٽي جو چاٽو- ڳوهيل اٽو- پيڙو.

● لٿهُ ۽ لٿهَ: ذ. نشيب- لاهِيُ- هيٺاهين. لاڙو- رغبت- چاهه- موهه- پيار- قُرب. درياءُ وغير ۾ ٻاڦي ڳهڻجڻ واري حالت. لٿهُ- سالڪو- سنڌو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهه ـ اٽڪل. ڏسُ ـ پارُ ـ هدايت. ڏس ـ طرف. بندوبست ـ حيلو. پاڻ ـ طاقت. لاڳ.

ـ لُهانجوءُ (ت): ذ. صفت. وجهه ـ پيچ ـ اٽڪل ـ تجويز.

ـ لُهڻ ٻُهڻ ٿيڻُ: لاڙ پاڙ ٿيڻ ـ لت پت ٿيڻ ـ هڪ ٻئي کي پورو عيوض ڏيڻ ـ چڪتو ٿيڻ.

ـ لُهڻ ٻُهڻ: وَرُ وَراکو ـ وَکتڙُ ستکڙُ. لاڳاپو ـ ڳانڍاپو. وَجهه سنجهه ـ اٽڪل.

ـ لُهڻ چڙهُ: ذ. هيٺ مٿاهين ـ هيسٺ مٿي ـ لڳ لاڳاپو ـ لُهڻ وچڙُ. پريت ـ قُرب ـ پيار ـ محبت. پريم ـ رغبت ـ لاڙو ـ موه ـ عشق. ڪنهن کي پسند وغيره پيارڻ لاءِ مليل وقت يا موقعو. ڪنهن سان ٽيل اٽڪت.

ـ لُهڻ چڙهُ ڪرڻ: لهڻ چڑهڻ ـ هيٺ مٿي ٿيڻ.

ـ لُهڻ چُهڻ (ت): ڪم ـ خفو ـ ڳڻتي ـ فڪرُ ـ پريشاني.

ـ لُهڻ چُوءُ لاهيڻُ (ت) ڳڻتيءَ مان جند ڇڏائڻ ـ چڪتاڻ ڪان ڇڏائڻ.

ـ لُهڻ رکڻُ: ڪنهن سان عشق رکڻ ـ محبت ڪرڻ ـ پيار ڪرڻ ـ نينهن لڳڻ ـ ياراڻي يا دوستي رکڻ.

ـ لُهڻ ڳُهڻ: ذ. ڳهت وڌ ـ ٽوڙ ڳهڙو ـ هيڏانهن هوڏانهن. ڏڪو ـ اندازو.

ـ لُهڻ لڳڻُ: لاڙي لڳڻ ـ محبت ٿيڻ.

ـ لُهڻُهڻ: متُ ـ پتُنتُ ـ جيپيُ ـ پڙڪو.

ـ لُهڻوار ڏيڻُ (ت): پڏائڻ ـ ٽيڙي ڪرڻ. ٽيڪڙ ڏيڻ ـ آڏر ڏيڻ.

ـ لُهڻ وِيڇڙُ: ذ. لڙهُ وَچڙُ ـ لهڻ وچڙ ـ ڏيتي ليتي.

● لُهڻ ۽ لِهڻ: ذ. ڪاهه جو هڪ قسم ـ اوني ڪپڙو ٽڪيندڙ جيت جو هڪ قسم ـ رلي جي اندر سنهيون اڇڙيون يا ڪپهه وجهي ٺاهيل تهه. عشق ـ پريت ـ پيار. شڪل ـ شبيهه ـ بناوت ـ اڏاوت ـ لونڙو ـ مهانڊو ـ منهن ـ پُوٽ: (ڪ).

ـ لِهڻ ڪيڻ (ت): وٽن کي ڪي ڪنهن جي ڪائين مان اٽڪ جا پاڳا تري ڏاهڻ.

ـ لِهڻ ٽيءُ تہ ڪترڻُ: ٽلهو نہ ٽيڻ ـ بدن ۾ ڏهرو رهڻ.

● لُهڻ ۽ لُهون: ث. لُوهَ (ڏسو).

● لِهيا: ذ. پُراڻي قائل پکي جو هڪ قسم ـ ديلو اڏامندڙ ٻاڙ. ڪپڙن جا ٽڪراء

● لُهاچَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لِهڙا ۽ لِهڙا: ذ. (ع لِهذا=انهين واسطي) اُن واسطي ـ انهيءَ لاءِ ـ اُن لاءِ ـ تنهنڪري ـ اُن ڪري ـ هن ڪري. پوءِ ـ الحاصل. الغرض ـ قصو ڪوتاهه. قطع ڪلام.

● لُهارُ ۽ لُهارَ: ذ. لوهه جو ڪر ڪندڙ ـ لوهاڙو ـ لوهَر ـ لوهار ـ آهينگرُ. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● لُهاراڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لُهاراڻي لٽڪُهه يا لوهارکو لٽڪُهه: اسم خاص. حبُ ندي جي پرڀان پب جبل ۾ هڪ لڪ جو نالو.

● لُهارکو لٽڪُهه اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لُهاري ۽ لُهاريَ: ذ. هڪ خوفناڪ نانگ يا بلا جو هڪ قسم ـ وڏو نانگ ـ آزدهانُ.

● لُهانڊڙوُ ۽ لُهانڊڙا: ذ. ننڍو ٽئو ـ ڪڙاهي ـ تيٽي ـ قرهيُ پانُ.

ـ لُهانڊو ۽ لُهانڊا: ذ. ٽئو ـ لُهانڊڙو.

ـ لُهاڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو ـ لُهاڻان.

● لُهاڻوُ ۽ لُهاڻا: جلاڏيندڙ ـ ساڙيندڙ ـ ٻاريندڙ

"آڻيو وجهي آڙ ۾ لُهاڻو لُوهيُون"

(سر سهڻي ـ شاه)

عشق ـ پيار. (اسم خاص) هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● لُهاڻون: اسم خاص. تعلقي شهداپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لُهيُر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لُهيڻُ (ل): مصدر. وڪڻڻ ـ مهانگو سهانگو وڪڻڻ. مٽي تان بار لاهڻ. (اُهيڻيو ـ لُهيڻيندو ـ لُهيڻيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لتهپ ۽ لتهپُون: ث. آڇل يا وارو (پتن جي راند ۾ پتي جي لهڻ جو) - ٽاپ.

● لتهجڻ ۽ لتهجتَ: ذ. ضرورت - لحاظ - لياقت.

● لتهجو ۽ لتهجا: ذ. (ع. لهجة = آچار) زبان جو محاورو - آچار - تلفظ - لفظ جو آواز - وضع تڪلم - طرز ڪلام. قومي لُغت - زبان. بول چال. مينهن آواز - لٽهي - سُر.

● لتهچُهه ۽ لتهچُهُون: ث. د وڪالداريءَ ۾ واپار وقت سنيال ڪرڻ - چڌ چوت - قناعت - صرفو. هوشياري - خبرداري - چالاڪي.

● لتهر ۽ لتهرُون: ث. (سن. لهرَ) درياء جي موج - جُنبش آب - چولي - لوڏ. وڏي لتهر - آچارو. تلاطم. موج - اُمنگ - ريچڪ - سن موج - اوسار - چنڀ - آچنگ - جذبو - دل - شوق دل. جوش - جذبو - پاڻ - حال - وجد - تڪ - تاءُ - جوش طبع. ڏاڍي خوشي - ترنگ. تڙڦڙ - جوش و خروش - بي خودي - هوش - ضبط - مستي - وهم - ديوانگي - خيال - ولولو. لهرو - جهوٽو - غشي - جهٽڪو. مٽي جي جهول - لوڏو - گهمرو - پُور - ڦيرو - زماني جو واءُ.

- لتهر آچڻ (ت): ڏڪ لڳڻ - ستڻ اچڻ - ڦيرو اچڻ.

- لتهرائيتو ۽ لتهرائيتا: ذ. صفت. من موجي - لتهري - پُورالو - ريچڪي - ترنگي. خيالي - مڙي جهڙو. خمار خيال - وهمي - شڪي - دلوالو - خُشڪي - رَوائتو - مُتلتوَنُ.

- لتهر بتهر: ذ. آنند - سُک - ڪلياڻ - خوشي - منگل - سمپدا - برڪت - فترتُ خي - اقبال - چڙهتي - طالع - چڙهو - چڙهندي.

- لتهردار ۽ لتهردارَ: ذ. صفت. لهر وارو - پُورالو - موجي - ريچڪي - چولي وارو - لهرن جي نموني ناهيل يا پريل - پٽاپٽي - پرت تي پريل ڪپڙو - چُريل يا پريل لٽو - جهيرمير.

- لتهرڪ ۽ لتهرڪَ (ت): ذ. صفت. پڪي يا وڃي جو هڻڻ.

- لتهرو ۽ لتهرا: ذ. صفت. لهرن ۾ لڏندڙ - اوڙاهه ۾ اولهيل (پيڙي يا ناڪتو).

- لتهررُوڪ ۽ لتهررُوڪَ: ذ. لتهر ٿوڙ. ڪنڌ يا درياءُ جي ڪناري وارو بند (جنهن سان چوليون روڪجي پون) - بريڪ واٽر (انگ).

- لتهرَ هٽائيڻ: منجهائڻ - لاچار ڪرڻ.

- لتهري ۽ لتهري: ذ. صفت. من موجي - موجي - دل جو بادشاهه - روح جو راجا - لاآباليمزاج - ريچڪائي. پُورالو - لهرائتو - دلوالو - مُتلتوَنُ. جوشيلو. بي پرواهه - خوش طبع - زنده دل - ظريف - بي غم - رنگين مزاج - خوش دل - عاشق مزاج.

- لتهرَ يائڻ: لهر وارو.

- لتهر يُون لٽڪڻ: خيال ڪرڻ - چنتا ڪرڻ.

- لتهر يُون هُٽڻ: نوان نوان ويچار اچڻ ٿيڻ.

● لُتهرَ ۽ لُتهرَ: ذ. هڪ ذات. لوهه ڪٽيندڙ - لهار - لوهاڙو - آهينگر.

● لُتهرائي: اسم خاص. هڪ ذات. تعلقي ڪوٽ ڏيجي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لتهرائيڻ: مصدر. انڪار ڪرڻ - لاوهائڻ - ڪنڌ ڪيائڻ. هيٺ رکڻ - ڏرڻ - ٻار هلڪو ڪرڻ. سوج ڪرڻ - لُڏڻ - جهولڻ - جهومڻ - نچڻ - ٽپڻ - ڪُڏڻ - خوش ٿيڻ.

● لتهرو ۽ لتهرا: ذ. ساز جو هڪ قسم - وڄت جو قسم - وڄت جي گت - ساز جو آواز - سُرلي وڄائڻ جو نمونو - الگوزو وڄائڻ جو نمونو - سازجي هڪ لئي جو قسم - لهر وارو - گت - لرزش - سُرڪ - سُر - آواز - لئي - گنمڪ - ترانو. ڏڪڻي - لوڏو - جوش - ڏوڏو - ڏوڻ - ڏانڊول - ٽُلڪو - رومانچ - سيانو - جنبش - ترٽلو - پُلڪ (ڀ پ ۾) - ٽڙڪو. جهولو - پور - ريچڪ - جهجهڪي - بُڌبُدو - ترنگ - وهم - بُڌڪي - دُورُ - من موجي - لهر وارو - بُودڪي - جهوٽو - جهٽڪو - غشي.

- لتهرو تڙو: ذ. لاڙو. ميل. محبت. (گاجرا).

- لتهرو وَجائيڻ: سرلي يا الگوزو وڄائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لُهُرِيُ: ث. سياري ۾ ٿڏو واءُ لڳڻ. (اسم خاص). هڪ پکريءَ جو قسم.
– لُهُرِيُ پُنگِيُ: ث. صفت. پکريءَ جو هڪ قسم.
● لُهُرِ پِجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● لُهيڙُ: اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● لُهيڙوُ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.
● لُهڙِي: اسم خاص. بلوچستان جي ڪچي علاقي ۾ هڪ شهر. هڪ ذات. (بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو). تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لُهڙِي (ت): اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم. هڪ ذات (بلوچ).
● لُهڙِي ڏُومبِيڪِي: اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● لُهڻُ: مصدر. باهه جي سيڪ ۾ ڪارائجڻ– باهه. جي ڪري ڪاريڙو ٿيڻ– لهسجڻ – لهسائڻ– دونهائجڻ–لوسائڻ – لهس ڏيڻ–لوهڻ–تئجڻ – جرائجڻ– جرائڻ – ساڙڻ – جلائڻ.
– لهڻس ۽ لُهڻسون: ث. باهه جي جهڙپ – باهه جي جر – باهه جو سيڪ – باهه جي جيي – باهه جو تاءُ – لات – لوسات – تئپي – ڪوسائ – جر – تؤ.
– لُهس اچڻ: تؤ اچڻ.
– لُهڻسائُ: باهه جي سيڪ ۾ ڪارائجڻ – لهسجڻُ – تئجڻُ – جرائجڻ.
– لُهڻسِجڻُ: مصدر. ڪارائجڻ – سيڪجڻ – تئجڻ– لهسجڻ – سڙڻ – ٻرڻ – جلڻ – جرائجڻ – لوسائجڻ – دونهائجڻ.
● لُهڻسيا: لوسائيا – ڪانيا – باهه جي جريءَ ساڙيا.
● لُهڪُ: مصدر. پڙڪڻ – باهه لڳڻ – ٻرڻ – ٻارڻ – دڪائڻ – جلائڻ – سڙائڻ – هڪڻُ – دهڪڻ – ڏُڪڻ – سڙڻ – روشن ڪرڻ. ڏُهرو ٿيڻ. (ل).
– لُهڪَ ۽ لُهڪُونُ. ث. ڏهرائي.
– لُهڪارِجڻُ: مصدر. (سن. لِسُ = نفيدو ٿيڻ) بٽ ۾ لهي وڃڻ. پيلو ٿيڻ – سائو ٿيڻ – او دو ٿيڻ.
– لُهڪائِجڻُ. (ت): مصدر. ڏهرو ٿيڻ.
– لُهڪائِيلُ ۽ لُهڪائِيلَ (ت): ذ. صفت. ڏهرو ٽيل.

● لُهڻلُهڪ ۽ لُهڻلُهڪٽ (ڪ): ذ. لاڪيڻو– اوڪيءَ تان آڪرڻ وارو – تمام ناهوڪو – بهادر– سُنو.
● لُهڻلو ر ۽ لُهڻلورَ (ل): سنهي داڻي واري ميوي جو ڇڪو– ٽانگرُ، خاص ڪري جارين (ڪڙين) جو ڦر.
● لُهڻلهَ ۽ لُهڻلهُون: ث. پنيٽ – مڇُ – پڙڪو.
– لُهڻلهائُ: مصدر. ٻارڻ – دڪائڻ – مڃائڻ – پنيٽ ڪرڻ – پرڪڻ – ٻرڻ – جيي ڪيڻ.
● لُهر (ڪ): ذ. ضعيف ٿي وڃڻ – نستو ٿي وڃڻ.
– لُهڻدو ۽ لُهڻدا: ذ. لاهي –لاه – ليٽ–لاهو– لاڙ– نشيب. آدو پر (ٽڪرڻ جو).
– لُهڻدِيُ ۽ لُهڻديونُ: ث. ليٽ – لاهي.
● لُهڻدُ ۽ لُهڻدَ (ل): ذ. اوزار جو هڪ قسم – ڪوبو اوزار–رڪ يا لوهه جو ٿهيل–وڏنڪَ جو اوزار– هٿيار – اوزار (ڪپ، ڪهاڙي، ڪاتي وغيره).
● لُهڻدا: ث. هڪ پوليءَ جو نالو، جا آلهندي پنجاب ۽ بلوچستان جي اتر اوپر ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، ان کي "هندڪو" چون.
● لُهڻوارُ ۽ لُهڻوارَ (ت): ذ. خيال – عشق – محبت.
● لُهڻُ: مصدر. (سن. آودوهڻ = هيٺ لهڻ) هيٺ اچڻ (ڪوڻي، گاڏي، گهوڙي وغيره تان). هيٺ لهڻ – متاهين تان هيٺ اچڻ. ڪهن اولاهه تان هيٺ لهڻ – لهي وڃڻ – هيٺ ٿيڻ – آترڻ – ڏَرَڻ – غروب ٿيڻ. (سن. لپ = لڀڻ) (مسافرخاني يا هوٽل ۾) ٽِڪڻُ – ترسڻ – ٺهرڻ (سج جو لهڻ – غروب ٿيڻ. (نڙيءَ تان) هيٺ ٿيڻ. صفا ٿيڻ (حساب ڪتاب) – ڳرڻ (بٽ ۾). (تاس راند ۾ پتو) هيٺ چڏڻ – آڇلڻ. لهپ (لاپ) لهڻ. (مرض) گهٽ ٿيڻ – (بيماري) چڏڻ. (ليکو) ملڻ – جُڙڻ – حاصل ٿيڻ – ڪي ڪجهه پلي پوڻ–پوڻ– ليڻ – پرائڻ – هٿ ڪرڻ– ڪولي لهڻ – ڪٽڻ – پائڻ. اڳهه پڌڻ – ملهه ٺهرائڻ–قيمت ڪٽڻ – قدر ڪرڻ – غنيمت جاڻڻ – ليکڻ – لهڻ. لهڻ. ڏَرَڻ – آلهڻ–

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لتهڻ. لاهڻ. (ليکو) چڪتو ٽيڻ - لٽ پٽ ٽيڻ - آجو ٽيڻ - جند ڇڏائڻ. ڇڏڻ - ڇوٽڪارو ملڻ. گهٽ ٽيڻ (پاڻي). مُڙڻ (تپ) سائو ٽيڻ - ڇڇڻ - جُڦامڻ - گهٽجڻ - جُهڪجڻ - ڪانو ڪائڻ - هٽڻ.

- لتهي ۽ آڇڻ: آماده ٽيڻ - راضي ٽيڻ - قبول ڪرڻ.
- لتهي پائڻ: ايندڙ جي سڌ پوڻ - اڳڪٿي ڪرڻ.
- لتهي ۽ وڃڻ: ڏهرو ٽيڻ - لاغر يا سنهڙو ٽيڻ - ڪمزور ٽيڻ. غير موزون ٽيڻ - ڪا گهٽتائي پيدا ٽيڻ. مڃيءَ جو رڄ مان لڪري وڃڻ.

● لتهڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● لتهڻ: مصدر. (ويدڪ سن. وسنبِتر = ماهر) ٻي جي طرف پُسن جي طلب هجڻ - قرض هڻڻ - لهڻو هڻڻ - واجب هڻڻ - طلب هڻڻ.

- لتهڻو ۽ لتهڻا: اوڌر وارا پُسا - آڌارا ورتل ڏوکڙ - قرض - طلب - گهُر - ڏيڻو - ميلاپو - رکت - اوڌر - آڌارا - لهڻو ليکو.
- لتهڻو ڏيڻو نه هجڻ: نه قرض نه اوڌر - ليکو صاف هجڻ.
- لتهڻو ليکهي: قرض يا آڌار جو حساب.
- لتهڻيات ۽ لتهڻيات: ذ. اهو جنهن کي ٻئي کان لهڻو ملڻو هجي. لهڻيدار - قرض آڳاڙيندڙ - گهُرندڙ - طلبيندڙ - لهندڙ. گهوٽ جا مائٽ (جاکاڻ جو کين ڏاج ملڻو آهي).
- لتهڻيدار ۽ لتهڻيدار: ذ. صفت. لهڻو رکندڙ - طلب جو حق رکندڙ. لهڻيات - قرض خواه - قرض گهرندڙ - لهندڙ.

● لتهڻون سامهيو: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لٹهيڙي: ث. مڃيءَ جو هڪ قسم - لوهڙي.

● لٹهو: ذ. (ع. لهوَ = کيل تماشو) اجايو ڪم - کيل - تماشو - بازي - راند روند. جماع - مجامعت. پوڳ - پلاس - صحبت واهيات.

- لتهوَ لتعب: ذ. کيل تماشو - راند روند - عيش و نشاط - عياشي. دل لڳي. تفريح - ڪل پوڳ - پوڳ چرچو.

● لتهو: اسم خاص. جابلو وڻ جو هڪ قسم - لوهيڙو. (ن - ب).

● لهو ۽ لها: ذ. هڪ لغز يا ساز جو قسم.
يارائي - دوستي - ياري - سٻنڌ - تعلق - آشنائي - ڏيٺ - اخلاص - ميڙ تا - ٽهڪ - مُهاڪو و - واقفيت - ڄاڻ پڇاڻ. داغ - چٽو - ڪلنڪ - ٽيڪو - عيب - نشان - ڪارات - لانڇ. قائل ڪڍڻي جو ٽڪر - ريڙ - لهه - رلي جو اندر يون تهه (ل). لٹو - محبت - رمز - عشق - واسطو - گاندپاپو. وسهلو. (ث).
- لهو سهو (ت): ذ. سهوليت - سهنجائي.

● لٹهوارو ۽ لتهوارا: ذ. جنهن پاسي پاڻي جو وهڪرو هجي - درياء ۾ هلڻ - وهڪ جي ٻئير و ويندڙ. لڙهيل. (ث). لتهواري ۽ لتهواريون.

● لتهوار يون او ياريون: (ث). هيٺايون متاپون.

● لتهويٽ: ذ. اهو اکر جنهن جو آواز تارونه تي زبان رکڻ سان نڪري، جيئن ت ج - ي - تارونه جو.

● لهي: ث. ڏڏو واءُ. (ت). (حرف جر). واسطي - لاءِ - ڪارڻ.

● لتهيرو: اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● لتهيو ۽ لتهيا (ث): ذ. آڻ.

● لٹهه: (سن. لهه) مزو - لذت - فرحت - راڳ ۾ تار ۾ مزو يا لٹهه - سُرن ۾ سازن جو ميل - سُر تار. موج - مستي.

● لٹهه: پاسو - پاڳو - سطح.

● لٹهه لٹڪڻ: عشق ٽيڻ.

● لٹيار ۽ لٹيار: لٹيارون: ث. هڪ وڻ جو قسم - ميوي جو قسم.
- لٹياري: ذ. صفت. ٽورو پيلو ۽ ڪاڙهو. لٹار جي رنگ جهڙو - لٹيار جي رنگ تي رنگدار شيءِ - لٹياري رنگ جهڙي شيءِ.

● لٹارو ۽ لٹارا (ث): ذ. ڏڳيءَ جو ڪير پياڪ قر - نڌڙو گاهو - گابو.
- لٹاري (ث): ث. ڏڳيءَ جي ڪير پياڪ مادي قر - گابي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لِڙاڙُ (ت): مصدر. وڃائڻ - خراب ڪرڻ.
● لِڙاڪوءُ ۽ لِڙاڪا (ت): ذ. منظر. جهاتي.
● لڙالڏوءُ (ل): اسم خاص. ڪاهه جو هڪ قسم.
● لڙِبرُريءُ: ث. (انگ). ڪتابن جي جاءِ - ڪتب خانو.
● لڙِجڻُ (ت): مصدر. ڪهت ٿيڻ.
● لِڙڙُ ۽ لِڙرَ: ذ. جهاتيون پائيندڙ - لِيڙو پائيندڙ - لياڪا پائيندڙ - جهاتيرُ.
● لڙرُ: اسم خاص. ساونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم. سُوئر جو ڪير پياڪ ڦر. ڇوڪ - پاڇ - ڦرُ. ڪيڏُ.
● لِڙرَ ۽ لِڙرَ: ذ. ليئو - جهاتي - لياڪو.
● لڙلُپُورِيءُ: اسم خاص. ڪڪ جو هڪ قسم.
● لڙن: اِڙِي.
- لڙن هڙڻُ: اِڙِيءَ ڪي ٻن ڏڪڻ سان مٽي آماڻڻ.
● لڙِنَ ۽ لڙِنُونُ: ث. رستو - وات - پاسو - لائين.
- لڙِنَ و لڙنُ: لائين وڻڻ - رستو وڻڻ - پاسو وڻڻ - ساڪيو نمونو اختيار ڪرڻ.
● لڙنُ: دل جي تار - عشق.
- لڙنُرِ (ل): ث. سنها وار.
● لڙنُرُوءُ ۽ لڙنُرا (ل): ذ. تڪليف.
- لڙنُ ڪانڊارِجڻُ: وار ڪڙا ٿيڻ.
● لڙنُ: مصدر. ڪهوڙي وغيره ڪي ٻڌڻ - ڪيلهي ۾ رَسيءَ سان ٻڌڻ. قابو ڪرڻ - ٻڌڻ. مال وڙڪائڻ - سال چارڻ. (ل). پڪيءَ جي لات ڪرڻ - پولڻ - چَوَڻُ.
● لڙنُوءُ: اسم خاص. وڻ جو هڪ قسم. تعلقي ٻدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- لِيڙرُ: ذ. ليٽا پائيندڙ.
- لِيڙرَ: ذ. ننڍو ليئو - ٿوري جهاتي.
● لِيڙوءُ ۽ لِيڙا: جهاتي پائڻ - منهن ڪيڻ - جهاتي - جهانڪو - ليڙو - لياڪو. پيوءُ - ڏَپُ - ديڇو. فڪر - ڳڻتي - خيال. لڄ - حياءُ - حجاب. سِيبل ڪپڙو. (ث). سنيال.
● لڙوءُ ۽ لڙا: ذ. ٻه چار ڪڏ ٻريل ڪاٺا. ٽاندي يا ٻاهه ٻارڻ لاءِ ڪکن وغيره جي مُٺ - آساڙي. ٻاهه ٻارڻ لاءِ ذرا ذرا - چِٽڪون - آلارڻ.
- لڙا لاڙِيءُ: جهيڙو ڪرائڻ - ٽنٽو مڃائڻ - جهڳڙو لڳائڻ - جهيڙي لاءِ چيڙچاڙ ڪرڻ - چُرچ ڪرڻ - ڪٽونس ڪرڻ - جهيڙو آڻارڻ - ٻه گهر ٻارڻ.
● لڙوڙُوءُ ۽ لڙوڙُڙا: ذ. ماڻهوءَ جي آلت.
● لڙوڻُ: عشق - محبت - پيار.
● لڙوڻُ (ڪ): مصدر. مالش ڪرڻ - آڏڻ.
● مائِلُ: صفت. (ع). لاڙو ڪيل - جهڪيل - لئيل - نميل. راغب - لاڙو. چاهه وارو - شائق - خواهشمند. متوجهه. ملتفت. عاشق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ مائِلُ ٿِيڻُ: لاڙو ڪرڻ ـ جهڪڻ ـ لڙڻ. راغب ٿيڻ ـ متوجهه ٿيڻ ـ رجوع ٿيڻ ـ رغبت ڪرڻ. فدا ٿيڻ ـ مفتون ٿيڻ ـ فريفته ٿيڻ.

ـ مائِلُ ڪرڻُ: رُجوع ڪرڻ ـ راغب ڪرڻ ـ متوجهه ڪرڻ ـ توجهه ڏيارڻ. پنهنجي طرف ڪرڻ ـ لاڙڻ ـ لاڙو ڏيارڻ.

● مائِلو ع مائِلا: ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (نانگ جهڙي) ـ مائِيلو. (ن ـ ب).

● مائِڻ: مصدر. مانڊڻ ـ ماپڻ ـ سمائڻ ـ پورو اچڻ. (مائيو ـ مائيندو ـ مائيل). (پرمانند).

● مائو ع مائُو: ماوا: ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم. ڪيرڪي ڪاڙهي گهاٽو ڪري اُن مان ٺاهيل مٺائي. (ف. مايه) مار ـ تت ـ ست ـ جوهر ـ مايو ـ مغز ـ ماهيت ـ مال. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم. رنگ جو هڪ قسم ـ نيلو رنگ. ساپ ـ انداز ـ وزن ـ مقدار. (ت). ٽولهه ـ ٽلهائي ـ ٽلهاڻ. (صفت). نيلو ـ نيرو ـ آسماني. ڪُنڌرو ـ نرم ـ پٽڙو.

ـ مائِيدارُ ع مائِيدارَ: ذ. صفت. مائي جو ـ مائِي وارو ـ مائو هيل. ڪردار. ستر و ڪر ـ جسم وارو ـ پينو ـ مضبوط ـ ٽهرو.

● مائِيُ ع مايُونُ: ث. (سن. ماتر = ماءُ) ماءُ ـ امڙ ـ امان ـ ماتا ـ مادر ـ آئي. ڄائيندڙ عورت ـ نپائيندڙ عورت ـ دائي ـ آيا. ڪاڪ عورت. ڪنهن به عورت کي سڏ ڪرڻ لاءِ عزت وارو لفظ. بيماريءَ جو هڪ قسم ـ وڏي مائي ـ ماتا ـ تڏي ـ ميتلا ـ چيچڪ ـ وڏي ماتا.

ـ مائِيُ پِتاپُ: ذ. ماءُ پيءُ ـ ماتا پتا ـ مادر پدر ـ والدين. پالڻهار ـ ان داتا. حاڪم.

ـ مائِيتو ع مائِيتا: ذ. صفت. ماءُ جي طرفان. ماءُ جو. هڪڙي پيٽ جو.

● مائِيتو پِيٽو: ذ. صفت. هڪڙي ئي ماءُ پيءُ جو ـ سڳو.

ـ مائِيءَ جو مٽبدل ڪٽڻ: مائي جي بيماري وقت مٽيءَ جو چاڙو پائيءَ سان پري ڪڍڻ.

● مائِيءَ جو موٽ ڪائِيڻُ: مائيءَ جي بيماريءَ جو هٿي وري شروع ٿيڻ.

ـ مائِيُ جي مِهِرَ ڪرَڻُ: ماتا جي بيماري نڪرڻ.

ـ مائِيُ مَٽائِيڻُ: مائي جي بيمارڪي آرام ڏيڻ. لاءِ ڪائڻ ۽ سڳن ساڪ ڪرڻ.

ـ مائِيُ نِڪرَڻُ: ماتا نڪرڻ ـ چيچڪ جي بيماريءَ ۾ ونجڻ.

● مائِيهُوتو ع مائِيهُوتا: ذ. صفت. سون جو ڪم ڪندڙ ـ سونارو ـ سونارُ ـ سُنار.

● مائِيُ ڪُٽاڙهِيُ: اسم خاص. ڪراچي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مائِيُونُ پُوجڻُ (ث): شاديءَ جي پٻي ڏينهن تي ڪهوٽ طرفان پنهنجي ڪاڏي مان ست گيرهه نياڻين لاءِ ڏار ڪري رکڻ.

● مايا ع مايا: مايائُونُ: ث. (سن). قدرتي طاقت ـ عجيب طاقت. خدائي طاقت. ايشور شڪتي. قدرت. ظهور قدرت ـ نيچر ـ فطرت ـ خلقت ـ رچنا ـ بازي ـ کيل ـ هٿ ناٽ ـ هٿ جي چالاڪي ـ طلسم. ڪرشمو ـ ڪرامت. ٻاهرين شين جو ڪوڙو ڏيکاءُ (جو حقيقت ۾ ڪجهه نه آهي، پر رڳو وهم آهي) ـ نڪڻو روپ. جڙتو ٺاهه ـ ڪوڙو خيال ـ پيرت پاس ـ آو ديا واد. وهم ـ پرم. ٻاهريون نظارو ـ ڏيک ـ ويک ـ ڏيکاءُ. ٺڳي ـ دغا ـ دلبو ـ ڏاتار ـ مڪر ـ فريب ـ ڪپٽ ـ چَلُ. لوپ ـ موهه ـ لالچ ـ لالچائيندڙ شيءِ ـ پرم ـ جال. ناٽو ـ ڌن ـ دولت ـ مال ـ ملڪيت ـ زر ـ مايا ـ پئسو. وَسهه ـ وَسلو ـ ٽيڙ ٽاڙي ـ اسباب. ڪرپا ـ رحم ـ ڪرم ـ ديا ـ ٻاجهه. قرب ـ پيار. بازيگر جي زال. زال. عورت. رونق. روشني. بهار. ڪيفيت. لطف. روح ـ آتما ـ پران ـ جان.

ـ مايا آڏائِيڻُ: اجايو خرچ ڪرڻ ـ پئسو ڦوڪڻ ـ ناڦو دُڦ ڪرڻ.

ـ مايا جو مُريدُ ٿِيڻُ: ڪنجوس ٿيڻ ـ بخيل ٿيڻ.

ـ مايالُوُ ع مايالُوُ: ذ. صفت. مهربان ـ ٻاجهارو ـ ڪرپالو.

ـ مايَاوِيُ: ذ. صفت. مايا جو ـ مايا روپي ـ چالاڪ ـ ٺڳ. (گاجرا).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مايڪ يا مائڪ: ذ. صفت. خدا جي مايا جو- قدرتي. (گاجرا).

● مايَتَ: ث. (ع. ماهيت جو بگڙيل). ماهيت- حقيقت - اصليت - بناوت.

● مايَر: ذ. صفت. جوپن کي پهتل - مايهي وارو- متارو - تُلهو - سٽيو. (ذ). پلهي جو هڪ قسم- آنيارو پلو- مادي مچي. (نر مڇيءَ کي آپڙو چوندا آهن).

● مايو ≈ مايا: ذ. (ف. مَايَہ). اصلي ماد و- اَصل - حقيقي وجود. سار- تت - ست - جوهر- مغز- ماهيت - سال. مائو. سبب - جڙ - ماد و- پُهائي - کارڻ - بنياد. ذ خيرو- موجودات - موڙي. (شاهه).

= مايهيدارُ ≈ مايهيدارُ: ذ. صفت. تت وارو- سار پريو - پريل - وزلائتو.

● مايُوسُ ≈ مايُوسَ: صفت. (ع). نراس- نا اميد - ويڳاڻو - بي آس - نراسو- بي توقع - ناڪام- نامراد - دل شڪستو - بي اميد.

= مايُوس ٿيڻ: نااميد ٿيڻ-نراس ٿيڻ- بي آس ٿيڻ- اميد ٽٽڻ - ناڪام ٿيڻ - دل ٽٽڻ - دل شڪستو ٿيڻ.

= مايُوس ڪرڻ: نا اميد ڪرڻ - نراس ڪرڻ- بي آس ڪرڻ - ناڪام ڪرڻ - دل توڙڻ.

= مايُوسيُ ≈ مايُوسيُون: نراسائي - نااميدي - دل شڪستي - محرومي - نامرادي - ناڪامي.

● مايَہ: ذ. (ف. مايہ = هُوندَ) هُوند - پُونجي- سرمايہ - جمع. راس المال. اصل. ماد و. مقدار. قدرت. سامان. بنياد. زر - دولت. مايو.

● مُبَاحُ ≈ مُبَاحَ: صفت. (ع). مناسب - رَوا - جائز - واجب - حقي - حقائتو - حَلال - حَلال جو- رِهنڊو - قانوني - شرعي - باقاعدي - درست - صحيح - برحق. پاڪ - صاف - شُڌ - پوٽر. (ظرف). بخش - مُعاف - چُوٽ.

= مُبَاحُ ڪرَنُ: جائز ڪرڻ - روا رکڻ - حلال ڄاڻڻ - درست سمجهڻ. بخش ڪرڻ - معاف ڪرڻ - بخشي ڇڏڻ.

● مُبَاحثو ≈ مُبَاحثا: ذ. (ع). بحث - مُناظرو - تڪرار - سوال جواب - رد بدل - وادُ وادُ - واکَ ٻڌِ - مقابلو - حُجت.

● مُبَادا: ظرف. (ف). متان - نہ ڄاڻا - متجاڻ - متجڻِ - جيم - متان ٽي - الاجي - شال ائين هجي - خدا رکي وڻي - خدانخواسته - خدا نہ ڪري - اتفاقاً - ڏسو ڪٽي - کهڙي خبر - جهڙ - ممڪن - هُوند - ٿي سگهي ٿو.

● مُبَادلو ≈ مُبَادَلا: ذ. (ع. مبادلہ) متا ماتا - بَدل سَدل - واري قيري - تبادلہ.

● مُبَارَکَ ≈ مُبَارَکُونُ: ث. (ع. مبارک = کيرَ) واڌائي - کيرَ - مبارکي - مبارڪ. جسُ- شاباس - شابَس. دُعا - آشيرواد - آسيس - بندگي. (اسم خاص). تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

= مُبَارَکبَادَ ≈ مُبَارَکبَادُونُ: ث. کيرَ - واڌائي - مبارک - مبارکباد.

= مُبَارَکبَادِيُ ≈ مُبَارَکبَادِيُون: ث. کيرَ - واڌائي - مبارک - مبارکباد.

● مُبَارَکُ ≈ مُبَارَکَ: ذ. صفت. (ع. برَک = دعا گو کيو ويو) برکت وارو - بابرکت - خوش نصيب - خوش قسمت - پلارو - پاڳ وارو - سڳورو - سياڳو - ڏنُ - شُبُ - سعيد - سَعِدُ. پوتر - پاک - مُقدس. سُٽو - چڱو - مُوافق - لائق - وٺندڙ - موچارو.

● مُبَارَکُپُورُ: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ پني عاقل ۾ تعلقي ٽنڊ ۾ هڪ ٽپي ۾ ديهہ جو نالو.

● مُبَارَکُجَاگِيرَ: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● مُبَارَکُ واهُ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● مُبَارَکِيُ ≈ مُبَارَکِيُون: ث. مغز جي هڪ بيماري - مغز جي سوج - سرسام - بي هوشي. (گاجرا). خشڪي - وائنُ - هَذَرُ - هذيان - چريائي. وڪل - بَڪَ - ڪالهاءُ. (پرمانند).

● مُبَارُو ≈ مُبَارَا: ذ. اسم. پڪيءَ جو هڪ قسم- چهري جو هڪ قسم - ڪهڪهہ پکي. (پرمانند).

● مُبَاشرَتَ: ث. (ع). همبستري - جماعُ - محبت واري - صحبت - خلوت - مُجامعت - پوڳ - رنڪ رَسُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُباشرَتَ ڪرڻ: جماع ڪرڻ - صحبت ڪرڻ - پوڳ ڪرڻ - مجامعت ڪرڻ - همبستري ڪرڻ - بَهَنُ. (آصفيه).

مُبالَغو ۽ مُبالَغا: ذ. (ع. بَلَغَ = هن کوشش ڪئي) اجائي ڏيکه - پَساڙ - آڻاءُ - وڌاءُ - زياده بياني - ڏکهي ڳالهه - حد کان زياده ڳالهائڻ.

= مُبالَغو ڪَرَنُ: وڌاءُ ڪرڻ - ڏيکه ڪرڻ - پَساڙ ڪرڻ - حد کان وڌيڪ ڳالهه هولهه ڪرڻ - اجايو و سِتارُ ڪرڻ.

● مُباهيُ ۽ مُباهيُ: صفت. تيجسي - تيجوانُ - پَرتاپي - مڙيار - مُنوّرُ. جَلِيل - بُزرگ - اوچو - مٿاهون - اعليٰ - عالي - وڏو - چند يو. عاليشان. (پرمانند).

● مُبْتَدا: ث. (ع). شروع - آوَلُ - مُنڊ - مُهاڳ - ابتدا. علمِ نحو جي اصطلاح م، جملي م ضروري لفظ مان آهو لفظ، جنهن بابت ڪجهه چيل هجي. مثلاً: "احمد عالمُ آهي". انهيءَ جملي م احمد مبتدا آهي. (علمِ نحو).

= مُبْتَدِيُ: صفت. ظرف. شروع وارو - شروع جو - ابتدائي - شروعاتي - اوائلي. (پرمانند).

● مُبْتَلا: صفت. (ع). ڦاٽلُ - گرفتار - ورتل - مُنجهيل - اڙيل - گِيٽَلُ. ڪنهن آفت م ڦاٽل. بُڌل - غلطان - پيچانُ. وَرُ وَڪَڙَ م آيل - گهيريل - وکوڙيل. عاشق - فريفته - دلداده - گِرويده - موهتُ - چَڪَن - مست. مصروف - مشغول - رُڌل - لڳل - جُنبيل - چُهٽيل.

● مُبَدّلُ: صفت. (ع). بدليل - مُتغيّر - ڦريل - مَتيل - بَدلايل. (آصفيه). ڦرندڙ گهرندڙ. (پرمانند).

● مَبْذولُ: (ع). خرچ ڪيل - خرچيل. قبول ڪيل - مڃيل - اقرار ڪيل. بخشيل (شيءِ).

● مُبَرّا: صفت. (ع). بيزار - ڪَڪُ - خَفِي - وِرچيل - تَنگ - عاجزُ. آزاد - بَري - چُٽل. پاڪُ.

● مُبَرائيُ (ت): اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُبَرو ۽ مُبَرا: ذ. ڏاڙين شين جي ماپڻ لاءِ هڪ وڏو ماپو - ڪرندي. (پرمانند). (ث. مُبري ۽ مُبريون).

= مُبَرُو مَنَنُ: ڪنهن ماپي يا برتن کي ٽمڻ ڀرڻ - زور سان ڏبي ڀري وڻڻ.

● مُبَشِّرُ: صفت. (ع). بشارت ڏيندڙ - خوشخبري ڏيڻ ڏيندڙ.

● مُبَصِّرُ: صفت. (ع). ڏسندڙ - جاچيندڙ - نهارينڊ. سجاڳ - جاڳيل. پرکيندڙ - سڃاڻندڙ. جوهري - صراف. (آصفيه).

● مُبَلِّغُ: ذ. (ع). مقدار - انداز - وزن - رقم جو تعداد.

● مُبَيِّني: صفت. (ع). جنهن تي ڪنهن ڳالهه جو بنياءُ هجي - بنياد ڪيل - بنياد رکيل - بنيادي.

● مُبُو ۽ مُبا (ث): ذ. ڇيڙو - ڇاڙي - ڇيهه - دنگ. ڦاٽي - حدّ.

● مُبْهَمُ: صفت. (ع). ڳُجهو - ليڪَلُ - پوشيده - مخفي. شڪي - مُشتبه - مَشڪُوڪ - ڀيه ڇڏيو - گول مول. مُنجهيل - پَرميلو - اڻ ڇڻو - جهڪو - مُذبذب. آهو ڪلامُ، جنهن جو ٻن معنائن هجڻ سبب صحيح مطلب سمجهه م نه اچي. گرامر جي اصطلاح م ضمير جو هڪ قسم - نامعلوم اسم جي بدران ڪم آيل ضمير. مثلاً: "ڪو، ڪير، ڪهڙو وغيره".

● مَبْهُوتُ: صفت. (ع). حيران - وائڙو - حيرت زده.

● مُبهيجا (ت): اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُبهيجائيُ: اسمِ خاص. تعلقي نوشهري م هڪ ديهه جو نالو.

● مُبِيِّنُ: صفت. (ع). ظاهر - آشڪار - پڌري پٽ - صاف - صَريح - ڪُليل - پرگهٽ - روشن - ساڪيات - پڌرو - ظاهر ظهور - و بِڪَتِ - نشان بَرُ - صفا - ڇڻو. سڃڻتر - تصويرن سان - صاف ڪيل - ڇڻو ڪيل - سمجهايل - ڪولي ٻڌايل - ارٿ ڪيل - نِروار ڪيل - ظاهر ڪيل - پڌرو ڪيل - نِرمل - آڇو - اوجلُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● متِ ۽ متيُون: ث. (من. متِ = سمجھ) سمجھ - ہوجھ - ہُڏي - هوش - فهم - ادراڪ - پُرجھ - پروڙ - وقوف - هوش - حوصلو - چيتو - عقل - زيرڪي - خِرد. دانائي - سياڻپ - هوشياري. سوچ - ويچار - خيال - غور - قياس - خوض. گِڻت. ڏيان. انديشو - ڪتَ - هم تر - انسنو. ڏَس - صلاح - رت - راء - انڪل. نصيحت - هدايت - آپديش - سمجھاڻي - سبق. عادت - علت - هير - ورد. سيکت - سزا - جٹ - مارَ - تنبيھ.

"جنھن مت موني جت ڙي اديون."

(فتح).

▬ متِ آڇنُ: عقل اچڻ - هوش اچڻ - سمجھ اچڻ. سبق سکڻ - نصيحت حاصل ڪرڻ. سيکت سکڻ - سزا ملڻ - جٹ ٿيڻ.

▬ متِ ڏيئنُ: صلاح ڏيڻ - راء ڏيڻ - عقل ڏَسڻ - تدبير ٻڌائڻ - عقل جي گاله ٻڌائڻ - مشوره ڏيڻ - نصيحت ڪرڻ - آپديش ڏيڻ - وات ڏَسڻ - رستو ٻڌائڻ - ترڪيب ڳولي ڪيڏ. سزا ڏيڻ - تنبيھ ڪرڻ - جٹ ڦٽ ڪرڻ.

▬ متِ قِرَنُ: مت مارجڻ - هوش گم ٿي وڃڻ - عقل مارجي وڃڻ - مت کسجي وڃڻ.

▬ متِ ڪٽنُ (ت): عقل ڇڏائي وڃڻ - هوش حواس گم ٿي وڃڻ.

▬ متِ ڪٽو ۽ متَ ڪٽا (ت): ذ. صفت. بي سمجھ - ڪم عقل - ڪم ظرف - بيوقوف - چريٹ.

▬ متِ ڪسِجنُ: سمجھ وڃڻ - عقل چٹ ٿيڻ.

▬ متِ ساجنُ: سمجھ وڃڻ.

▬ متِ ڪسنُ: هوش وڃائڻ - حوصلو خطا ڪرڻ - عقل وڃائڻ - حواس گم ڪرڻ - بي خطا ڪرڻ.

▬ متَ ڪِستنُ: آلتي مت اچڻ - آٻتي سمجھ ٿيڻ - ہُڏي مارجي وڃڻ.

● متِيِي ۽ متيِيُونُ (ت): ث. سزا - مار - سيکت - تنبيھ - هدايت.

▬ متِ هيئنُ ۽ متِ هيئنَ: ذ. صفت. سمجھ ڪان خالي - بي هوشو - بي وقوف - ڪم ذهن. بي عقل - مورک - ڪهيلو - نؤدُ - يڪو - موگھ متِ - آڏاهو - اڏايو - جاهل - موڙهل - ڪنڈ - جڙُ. آناچاري - آدرمي - بي دين - ڏرم هيئنُ.

▬ متِيُونُ مُنجھنُ: حواس خطا ٿي وڃڻ - وائڙو ٿي وڃڻ - حيران ٿي وڃڻ. موگھو ٿيڻ - مست ٿيڻ.

● متُ ۽ متَ: ذ. (من. متتر = رايو) مذهبي ٽولي - پنٿ - فرقو - ڪوفو. "مثلاً: ہُڏ مت وغيره." ڏرم - دين - مذهب - آمت - ملت. ويساهه - نشچو - پروسو - ايمان - عقيدو - اعتبار - يقين - نياءُ درشن - نياءُ شاستر - سِدانت - خاطري - پڪ. (پرمانند). جبل جي پُڄي - ماڻري - ماڻر. (ڪ).

▬ متنائِيِ يا متتَئِيِ: ٻي جي مٽي تي هلندڙ.

▬ متُ متتانتترُ: ذ. ڏرمي عقيدو - مذهبي سڌانت. (پرمانند). جدا جدا اعتقاد - جدا جدا پنٿ. (گاجرا).

▬ متُ هيئنُ ۽ متُ هيئنَ: ذ. صفت. آناچاري - بي دين - آدرمي - ڏرم هيئنُ.

● ميِ: ث. (من. ما = متتنَ). شمار. ماپ - ماپ.

▬ ميِ آهارِيُ ۽ ميِ آهارِيُ: ذ. صفت. ٿورو کائيندڙ - واجبي کائيندڙ.

● متُ ۽ متَ (ت): ذ. صفت. ٽُلھو - دڙنسو - مُڪو - ڏڳ. (وفا).

● مُتابَعتَ: ث. (ع). تابعداري - فرمانبرداري - اطاعت.

● مُتاثِرُ: صفت. (ع). اثر هيٺ آيل - اثر پذير - اثر قبول ڪندڙ - اثرائتو - مؤثر. ڪارگر - ڪارآمد. دل تي اثر ڪندڙ - دل ۾ چُبندڙ - رقت انگيز. (آصفيه).

● متارا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● متارو ۽ متارا: ذ. صفت. (من. مدَ = مستي) ٽلھو - موٽو - (بدن ۾) پير يل - دُنبو - ڏنو مُٽو - ستر و تر - چوپُڪو - ڏَمتالُ - جٻرو - جالنو - قوي - جُنگ - سڏَرُ - يٽو - جٽو - زَنو - قوڏانگ - دَڙنسو - مُڪو - ڏڳ - سَپٽرُ - رُڏُ. تندرست - چگو پلو - نيمرو - جوپُ. چَرٻيءَ وارو (چوپايو مال) - چيڪنو - سڻيو - سَپيرو - سوڪو (پَڪترُ). چگي چال وارو. (گاجرا). ذ. (ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُطهرة = ساندارِي) مسافريءَ تي پاڻ سان گڏ پاڻي ڪڍي وڃڻ لاءِ ڇمڙي جي ٽيلهي - ڪتليُ - نڊو ساندارو - پکال - مشڪ. (پرمانند). (ث. مٽارِيُ ۽ مٽار يُونُ).

= مٽاراڻيُ ۽ مٽاراڻيُونُ: ث. ٽولهه - ٽُلهاڻ - ٽُلهائي - چوٻڪائي - موتائي - جاڏائي - ڏڻسائي - جانڻائي. سٽاڻي - سٽي - چڪناڻي - چربي.

= مٽارا مُجَ ڪَرَڻُ: زبردستن ڪي مات ڪرڻ.

● مٽارو سانڊِ: اسر خاص. تعلقي سڀيءَ مرهڪ ديهه جو نالو.

● مُٽاسِفُ: صفت. (ع). افسوس ڪندڙ - ارمان ڪندڙ - ڏُک ڪندڙ. غمگين - ڏکارو - ڏکويل. آٽس - مايوس.

● مٽاعُ ۽ مٽاعَ: ذ. (ع). گهر جو سامان - اسباب - پدارٿ - مڈي - وسلا - تَپتڙ. مالُ - ملڪيت - مالِي - مالِيات - ڏن - دولت - ٽاڙو - راس - تيٽ - اِملاڪ - هُونجي. سوداگريءَ جو مال اسباب - مال تجارت - واپار جو سامان. سودو سامان. و ستُو - چيزَ - شيءِ.

● مٽانُ: ظرف. نٽ - مرَ. بلڪل نه - اصل نه. مُبادا - جيرَ - نه ڄاڻا - متچُڻ - جيڪس - الاجي - شايد - جيڪر - مڃاڻ.

● مٽانتِ: ث. (ع). مضبوطي - پُختگي - سوگهائي. استواري - استقامت.

● مُٽائِيُ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مٽاهُ ۽ مٽاهَ: ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم - ڏکي پُڄَ ۽ قسمين قسمين رنگن وارو پکي - مٽاءُ - ماٽاهُ.

● مٽاءُ ۽ مٽاءَ: ذ. مٽاهُ - ماٽاهُ.

● مُٽبدّلُ: صفت. (ع). تبديل ٿيندڙ - بدلجندڙ - منجندڙ - آٻٽو ٿيندڙ - اونڌو ٿيندڙ - مقلُوبُ. واري تي ڦرندڙ گهرندڙ - آٻٽو سُٻٽو ٿيندڙ. بدلي ٿيندڙ - بدل سدل ٿيندڙ. (پرمانند).

● مُٽبرّڪُ: صفت. (ع). برڪت وارو - پلارو - سڳورو. مقدس - پوٽر. پاڪ - صاف. نيڪ. قابل تعظيم - معزز - بزرگوار - بزرگ. فرشته خصلت - فرشته خو.

● مُٽبسّمُ: صفت. (ع). ڪلندڙ - مرڪندڙ - مُشڪندڙ.

● مُٽبحِدُ: صفت. (ع). اتحاد ڪيل - هڪڙي ڪيل - سهيل - متفق - شامل - گڏ - گڏيل - ڪٺيل - مخلوط - پيوسته - هڪ ٽيل.

● مُٽحرّڪُ: صفت. (ع. تحرّڪ = هُو چُريو) حرڪت ڪندڙ - حرڪت پذير - هلندڙ - چُرندڙ - چرندڙ ڦرندڙ - جنبان - رَوانُ - جاري. رمندڙ - رڙهندڙ - ڦرندڙ گهرندڙ - ڦرٽو گهرٽو. لڏندڙ. ڏڪندڙ. ڪنڌٽو - ڪنڌڻ جهڙو. علم لحو جي اصطلاح ۾ حرڪت وارو اکر - زبر، زير يا پيش وارو اکر.

● مُٽحمّلُ: صفت. (ع). تحمّل ڪندڙ - برداشت ڪندڙ - سهي ويندڙ - سهن شيل - سهن هارُ - سهندڙ. صبر ڪندڙ صبرائتو - صابر - ڪمندڙ - ڪنپير - گهيبر. مستقل مزاج.

● مُٽحيّرُ: صفت. (ع). حيران - مُتعجب - حيرت زده - عجبائتو. حواس باخته - هڪو بڪو - وائڙو. (آصفيه).

● مٽرَ (ث): اسر خاص. برهمڻ جي هڪ ذات جو نالو.

● مُٽيرُ ۽ مُٽيرَ: ذ. تماشو. (گاجرا).

● ميٽُرُ ۽ ميٽُرَ: ذ. (سن. ميٽُرَ = ميٽُ) مائٽُ - ميٽُ - عزيز - خويش - رشتيدار - قريب. سنگتي - ساٿي - دوست - يارُ - سڄڻ. گهٽگهرو - مخلص - خيرخواهه - خير انديش. ياوُر - مددگار - همراهه - ساٿي. سُجب - حبيب - پيارو - دِل وارو. آشنا - واقف - سُهاڪڙو - هيتُو - جاڻ سُجاڻ - ڏِنل واڻل - واقفڪار.

= ميٽُرتا: ث. مائٽي - رشتيداري - عزارت - قرابت - ميٽِي. دوستي - ياري - يارالي - اِخلاص. آساڻتُ - ٿهڪ - آشنائي - واقفيت - سُجاڻپ - سُهاڪڙائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مٿيرائيڻُ (ل): مصدر. لڳارڻ ـ لالچائڻ ـ دلبو ڏيڻ ـ رٻيبڻ. (مٿرائيو ـ مٿرائيندو ـ مترائيلُ).

● مُتَرجِمُ: ذ. (ع). ترجمو ڪندڙ ـ هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ بيان ڪندڙ ـ ترجما نويس ـ ترجمان.

● مُتَرَكو ۽ مُتَر ڪا: ذ. (ع. مُطَرِقَهُ: سن. مُدگرُ). هڪ اوزار جو نالو ـ (لوهه وغيره کي) ٽوڪڻ يا ٽپڻ جو لوهي اوزار ـ هٿوڙو. گهڻ ـ وڏاڻ ـ مارتول ـ ٻهوڙو. (ت). (سوناري جو ڇوڙَسو ـ مٿارٽيُ).

ـ مُتَرِكيُ ۽ مُتَرِكيُونُ: ث. نندو مترکو ـ هٿوڙي.

● مُتَرَنُ (ث): مصدر. پيشاب ڪرڻ ـ مُٽڻ. (مُتريو ـ مُترينڊو ـ متريل). (راء).

ـ مُتَرُ: ذ. پيشاب ـ مُٽ. (راء).

ـ مُتَرانگو ۽ مُتَرانگا: ذ. پيشاب رهڻ وارو هنڌ ـ مثانو. گڙدو ـ گرده. (راء).

ـ مُتِريُ ۽ مُتِريُونُ: ث. پيشاب ڪرڻ جي جاءِ. (گاجرا).

● مُتَروُكُ: صفت. (ع. تَرَكَ = هن ڇڏيو). ترڪ ڪيل ـ ڇڏيل ـ خارج ڪيل ـ نيڪالي ڏنل ـ نيڪال ڪيل. رَد ـ منسوخ ـ مخروج ـ باطل ـ معطل. (آصفيه).

● مُتَرِي ۽ مُتَرِيُونُ: ث. جدا جدا ماپن جي سوراخ ٿيل لوهه جي پٽي. (انهن سوراخن مان ڪو ڏاتو لنگهائي مختلف ماپ ۾ ٽوڙهه واريون تارون ٺاهيون ويندیون آهن). (گاجرا).

● مُتِيريُ ۽ مُتِريُونُ: ث. پيشاب جي رهڻ وارو هنڌ ـ مثانو. (پرمانند).

● مُتَزَ (ث): اسم خاص. هندڻ جي هڪ ذات جو نالو. (راء).

● مُتَزَلزَلُ: صفت. (ع). لرزش ڪائيندڙ ـ ڏڪندڙ ـ ڦڙڪندڙ ـ ڏڍندڙ ـ جهوپا ڪائيندڙ ـ ڏڍڪندڙ ـ لوڏا ڪائيندڙ ـ لڏندڙ ـ ٽوڦندڙ ـ ڏڪندڙ. (آصفيه).

● مُتَشابِهُ: صفت. (ع). هڪ شڪل ـ هڪ جهڙو ـ هڪ شبيهه ـ هوبهو ـ ساڳيو ـ ايس پيس. (ع. ا. د).

● مُتَشَرِّعُ: صفت. (ع). شريعت جو پابند ـ پارسا ـ پرهيزگار ـ ديندار ـ متقي ـ نيڪ پانهو ـ رياضتي ـ الله لوڪ. (آصفيه).

● مُتَشَكِّيُ: صفت. (ع). شڪ وارو ـ شڪي ـ وهمي ـ وَسوسو. (ع. ا. د). گرامر موجب زمان جو هڪ قسم ـ شڪي حالت ظاهر ڪندڙ زمان (حال متشڪي، ماضي متشڪي).

● مُتَعَدّيُ: صفت. (ع). برخلاف ويندڙ ـ سامهون ٽيندڙ ـ رَد ڏيندڙ ـ رَد قد ڏيندڙ ـ اعتراض ڪندڙ. (ع. ا. د). تياري ڪندڙ ـ سانباهو ڪندڙ ـ شروعات ڪندڙ ـ ڪوشش ڪندڙ ـ سعيو ڪندڙ. (ع. ا. د). منشي ـ محرر ـ ميتو ـ ليکاري ـ لکندڙ ـ لکڻ وارو ـ راقم ـ ڪاتب ـ ليکڪ ـ حسابي. (پرمانند).

● مُتَصَرِّفُ: صفت. (ع). قبضو ڪندڙ ـ تصرف ڪرڻ وارو ـ قابض. (آصفيه). مالڪي رکندڙ ـ مالڪ ـ ڏڻي. حقدار. (پرمانند).

ـ مُتَصَرِّفُ ٽِيڻُ: قبضي دار ٽيڻ ـ مالڪ ٽيڻ. قبضو حاصل ڪرڻ. (پرمانند).

ـ مُتَصَرِّفِيُ: ث. مالڪي ـ قبضيداري ـ قبضو ـ ملڪ ـ ملڪيت. (پرمانند).

● مُتَّصِلُ: صفت. (ع). اتصال رکندڙ ـ ويجهو ـ قريب ـ نزديڪ ـ پرسان. لڳل ـ گڏ ـ ڳنڍيل ـ ملحق ـ جڙيل ـ ميليل. برابر. مُتواتر ـ لڳاتار ـ سلسلي وار. (آصفيه).

● مُتَضادُ: صفت. مخالفت ڪندڙ ـ مخالف ـ منافي. برعڪس ـ اُلٽو ـ ناموافق ـ اُبتڙ ـ اونڌو. (آصفيه).

● مُتَعارِفُ: صفت. (ع). نالي وارو ـ نامياروـ مشهور ـ معروف ـ شهرت وارو. (ع. ا. د). سڃاتل ـ واقف ـ سڃاڻ جاڻ ـ واقفڪار ـ ڏٺل واڻل. (ع. ا. د).

● مُتَعَجِّبُ: صفت. (ع. عجب = هو اچرج ۽ ٻيو) اچرج ۽ ٻيل ـ تعجب ڪندڙ ـ حيرت ۽ ٻيل ـ حيران ـ حيرت زده ـ مُتَحَيِّرُ. (آصفيه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُتَعَدِّدُ: صفت. (ع). شمار کيل - گڻيل - گاڻيتو کيل. ٽورا - گهڻ گاڻيا - کجهه. گهڻا - جهجها - بي انداز - وڏي انداز ۾ - بيشمار - بيسيار - لا تعداد - ان گڻيا - بي حساب (ذهن هزارن کان مٿي).

● مُتَعَدِّي: صفت. (ع). ٻئي ڏانهن ويندڙ - وڃڻندڙ - ٻڪڙندڙ - سانگيڙو - اٽکندڙ - ڦاسندڙ (مرض وغيره ۾). زهري - زهر وارو - زهرائتو. زهري بيماريءَ جو ورتل. (ع. ا. د). (ذ). فعل جو هڪ قسم - مفعول سان لاڳاپو رکندڙ فعل.

● مُتَعَصِّبُ: (ع. عَصَبَ = هن وکوڙيو) تعصب کندڙ - ڪٽر - تعصبي - بدگمان - پکڙ پاتي. حاسدي. دين جي طرفداري کندڙ - ڪٽر مذهبي - ڪٽو. هٺ ڌرم - مٽ ايماني - نارواداري. ٻه اکيو - رياڪار - پاس کندڙ - پاس خاطر.

● مُتَعَلِّقُ: صفت. (ع. عَلَقَ = هن چاهه رکيو) چاهه رکندڙ. تعلق رکندڙ - لاڳاپو رکندڙ - واسطو رکندڙ - نسبتي - واسته. لاڳاپيدار - واسطيدار. عزيز - مائٽ - رشتيدار - قريب - ميٽ - عزازت وارو. شامل - گڏ. منسلڪ - ڪٽو. تابع - ماتحت - زيردست - هٿ هيٺ.

● مُتَعَلِّمُ: صفت. (ع). تعليم حاصل کندڙ - سکيا وٺندڙ - طالب علم - شاگرد - مُبتدي - تلميذ. چيلو - پالکو - هوٽلنگ. (آصفيه).

● مُتَعَهِّدُ: صفت. (ع). گڏ کيل - ڪٽو کيل - پيڙو کيل. سڌ کيل - سڌايل - ڪوٽيل. (پرمانند).

● مُتَعَيَّنُ: صفت. (ع). مقرر کيل - ڪنهن کي تي لڳايل - سونپيل - ٽاڪيل - سپرد کيل - لڳايل. (آصفيه).

● مُتَغَيِّرُ: صفت. (ع). انقلاب ۾ آندل - ڦيرايل - متايل - بدلايل - تبديل کيل - ڦير ڦار کيل - بدل سدل کيل. تبديل پذير - متجن جهڙو - بدلجن جهڙو - بي جوڙو - ان ميل - اسمپو - ان ٺهندڙ - ناموافق. (ع. ا. د). بيگاڙبل - ڦيٽايل - ابتر کيل - دربدر کيل. سڌاريل - درستي کيل - اصلاح کيل - سنواريل.

● مُتَفَرِّقُ: صفت. (ع). فرق کيل - جدا جدا - الڳ الڳ - مختلف - پيانت پانت - قسمين قسمين - طرحين طرحين - علحده - ڇڙوڇڙ - فالتو - گاڏ ڙساڏ ڙ - متفرقو. (ع. ا. د).

= مُتَفَرِّقُو & مُتَفَرِّقا: ذ. صفت. مُتفرّق.

● مُتَّفِقُ: صفت. (ع). اتفاق کندڙ - ملايل - شامل - ڪٺيل - گڏيل - متحد - ايڪي ۾ - يڪ مشت. هڪ راءِ - هڪ زبان - هم زبان - هم صلاح - هم مشوره - هڪ ڳالهه - يڪ راءِ - هڪ صلاحيو - هڪ متيو - ٻلا اختلاف - هڪ دليو - متفق راءِ - سمت. لاڳاپيل - واسطيدار - واسطو رکندڙ - نسبتي. راضي - رضامند - خواهان - موافق - خوش - سرهو.

= مُتَّفِقُ ٿيڻُ: موافق ٿيڻ - يڪ راءِ ٿيڻ - راءِ ۾ شريڪ ٿيڻ - هم زبان ٿيڻ - يڪ دل ٿيڻ - اتفاق ڪرڻ - شامل راءِ ٿيڻ.

= مُتَّفِقُ راءِ: ظرف. يڪراءِ - هڪ صلاحو - هڪ متيو - ٻلا اختلاف - يڪ زبان - شامل راءِ - هم صلاح - هم مشوره.

= مُتَّفِقي: ذ. صفت. متفق ٿيل - همراهه - ساڻي - گڏيل - متحد - سڀيل - سڀيل جُڀيل - يڪ مُٺ - متفق راءِ.

● مُتَفَكِّرُ: صفت. (ع. فَكَّرَ = هن مٿي خيال کيو) خيال کندڙ - فڪر کندڙ - فڪرمند. ڳڻتي وارو - ڳڻياروا. مغموم - دلگير - اداس - سُست.

● مُتَقَدِّمُ: صفت. (ع). پيش ٿيندڙ - اڳيان وڌندڙ - اڳوان - پيشوا - مهندار. (ع. ا. د). اڳرائي کندڙ - اڳرو.

● مُتَّقِي: صفت. (ع). ڪُڪي وارو - سونڪي وارو. پرهيزگار - گناهن کان ٻچندڙ. خلاف شرع کان پرهيز کندڙ - زاهد - عبادت گذار - عابد - پارسا - خُدا پرست - پڪٽ - دٻندار - ڏرمي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُٹڪاڻي: اسم خاص. پٺاڻي بلوچن ۾ هلواٽي بلوچن جو هڪ قبيلو. (ت. بلوچستان).

● مُتڪبّر: صفت. (ع). تڪبر ڪندڙ - تڪبري - مغرور - هٿيلو - آپسماني - ضدي - هوڏي. (آصفيه).

● مُتڪلّم: صفت. (ع). ڳالهائيندڙ - ڳالهه ڪندڙ - ڪلام ڪندڙ - سُرو ٽو - آلاڻو - الائيندڙ. مخاطب ٿيندڙ. ضمير جو هڪ قسم - ڳالهائيندڙ جي پاران ڪم ايندڙ ضمير. (پرمانند).

● مُتلاشي: صفت. (ع). تلاش ڪندڙ - ڳولينڊڙ - ڳولائو - ڳولها ڦولها ڪندڙ - جانچ جونچ ڪندڙ - سرگردان - پريشان - حيران. (آصفيه).

● مُتلاطم: صفت. (ع). لهرين وارو - چولين وارو - چولير - موجزن. (ستڪو) لهرين جو - (ولوڙو) چولين جو.

● مُتلوّن: صفت. (ع). مختلف رنگن وارو - رنگ برنگ - رنگا رنگي. قرندڙ گهرندڙ - قرڙو - ستر ڪرد - قرڙو - ڦيرائتو. هڪ هنڌ نه ٽڪندڙ - هلڪي طبيعت وارو - هڪ ڳالهه تي نه ٽڪندڙ. بيقرار. گهٽ متين.

● مُتلهميلو: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُتمنّي: صفت. (ع). تمنا ڪندڙ - خواهشمند - آرزومند - مشتاق - خواهان - چاهه رکندڙ - چاهت وارو. ارمان رکندڙ - شوقين. (آصفيه).

● مُتموّل: صفت. (ع). دولتمند - مالدار - تونگر - آميرو - شاهوڪار - ڏنوان - ڏنونت - پاڳيو - غني - ڏني. (آصفيه).

● مُتن ۽ متن: ذ. (ع). وچ - درميان - وسط - درمياني حصو. (آصفيه). ڪتاب جي وچ واري عبارت. (آصفيه). ڪتاب جي آصل عبارت - وِڌان - وِشيءَ - مضمون - پرڪرڻ - ڳالهه. (پرمانند). اهو اصل ڪتاب جو شرح ڪرڻ جي لائق هجي. (ع. ا. ڊ).

● مُتناهي: صفت. (ع. مُتناهي = حد تي پهتل). پڇاڙيءَ تي پهتل - حد تي پهتل - ڇيهه ڪيل - آخرت تي پهتل - چيڙي تي پهتل - پڇاڙي ڪيل - نبيرو ڪيل - خاتمو ڪيل - حد ڪيل - انت ڪيل. (ع. ا. ڊ).

● مُتنبّهه: صفت. (ع. مُتنبّهه = نند مان جاڳندڙ). تنبيهه ڪيل - واقف - آگاهه - خبردار. سجاڳ - سُرتو - سُچيت - بيدار.

● مُتنفّر: صفت. (ع). نفرت ڪندڙ - ڪراهت ڪندڙ - چِڙ و ونندڙ. (ل). ڏڪارينڊڙ. بيزار ٿيندڙ - پري پڇندڙ - ٻئي کي خراب ڄاڻندڙ.

● مُتنڪّس: صفت. (ع). اڪيلو - چڙهو - هيڪلو - هڪڙو - يڪي سِر - واليو. (ع. ا. ڊ).

● متّڻ (ڪ): ظرف. شايد - متان - هرگز - نه - متڃ.

● متو ۽ متا: ذ. (سن. متم = اصول) مت - قاعدو - قانون - اصول - طريقو - پرمان. رايو - راءِ - خيال - ويچار - مقصد. وشواس - اعتبار - ويساهه - پتِ. شردا - صِدق - ايمان - يقين - پڪ - نشچو. عقيدو. دستور - رواج - رسم - ريت - خوءِ - پترِ - هلي چلي - مرجاتا - وتيرو - ليڪو. (سن متنر = ويچار ڪرڻ). ڪارخاني ڪيڏ وقت سيٺ ۽ پائيوارن جي وچ ۾ پئسن جي حساب ڪتاب ۽ ٽيل ڪاغذي لکپڙهه - دستاويز - قبض. مجلس - سڀا - اجلاس - ميڙ. فرقو - ڪوفو - مت. (صفت). (سن. مدّ = مستي) مستيءَ وارو. مستالو - ٽلهو - موٽو. متڃ مصدر جو فعل ماضي. پريو - تار - چڪار. (اسم خاص). آٽ (خاص اهو جنهن تي مستي جا ڏيسر پنهون ڪٽي ويا). تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= متو مهيڙو چڏڻ: عزت سان هليو وڃڻ. ميلي جي ڪٽڻ کان اڳ نڪري وڃڻ. تڪليف پيدا ٿيڻ کان اڳ ميلاڻ چڏي وڃڻ.

● مُتو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُتو ۽ مُتا: ذ. صفت. قديم چوٽو پريت پريل - ڏاڏومٽو - ڏميءُ - ڪهڪهڻي - ڏينهو - ڦوسو - ڏيمڪيڙو - ڏيمڪو - ڏميڪي - ڏميڻي - چوٽو موٽو. ٻٽو - جٽو - زلو - ٽلهو - ڦوڦانگ - سڙوڙ - ڏونسو -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُتکو - ڏگ - چوٻُکو - ٽلهو - سُير - دنبو. (پرمانند). (ذ). روشنيءَ لاءِ ڏنڊي جي چوٽيءَ تي ويڙهيل اڳڙين جو مڇو (جنهن کي تيل ۾ ٻوڙي ٻاري سگهجي) - مشعل - ڏِيات. ساز جو هڪ قسم. هڪڙي ننڍي بندوق. (گاجرا).

● مُتواتِر: صفت. (ع). هڪ ٻئي پٺيان - لڳاتار - سلسليوار - مسلسل - لاڳيتو - جاري - روان. (آصفيه).

● مُتوازِي: صفت. (ع). هڪ ئي برابر - هڪ جهڙا - هڪ پهلو - هم وزن. (ع ا. د).

● مَتِوال (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَتِوالو ≷ مَتِوالا: ذ. صفت. (سن. مَتّ < مَدّ = مستي) مستيءَ وارو - مَست - چڙيو - مستالو - اَنمَتُ - پاگَل - کيو - ديوانو - آنانُ - مجنون - سودائي - خبطقماني - دماغ قريل - وائيسر قريل - جُنوني. پُوڪُ - اَلُو - چُسو - چرپٽ - نادان - جَتُ - بي عقل. نشئي - خمارين - مدهوش - نشي ۾ چُور - مخمور - خماري - مؤجي. (پرمانند).

● مُتوَجّهُ: صفت. (ع). توجُّه ڪندڙ - ڌيان ڏيندڙ - ساوِڌانُ. راغِبُ - مائِلُ - رجوع - مخاطب. هڪ متو - يڪ دِلو.

● مُتوَسِّطُ: صفت. (ع). وچ جو - وچ وارو - وِچُون - درمياني - وِچولو - وچولي درجي جو - وچترو - عامُ - ساڌارڻ - رَواجي - اهڙو جهڙو - معمولي - پورو پُٽو - جهڙو تهڙو. (پرمانند).

● مُتوَسِّل: صفت. وسيلو ڳولينڊڙ - سهارو ڳولينڊڙ.

● مُتوَفّي: صفت. (ع). فوت ٿيل - سري وِيَلُ - مُئل - فوتي - مرحوم.

● مُتوَقِّعُ: صفت. (ع). اُميد رکندڙ - توقع رکندڙ - اُميدوار - آسرو رکندڙ.

● مُتوقِّف: صفت. (ع). دير ڪندڙ - ديرينو - ڍِيلڙ ڪندڙ - ڍِلو - تاخير ڪندڙ.

● مُتوَكِّلُ: صفت. (ع). خدا تي پروسو ڪندڙ - اللّٰه جي مرضيءَ تي هلندڙ - ربّ جي رضا تي رضامند هوندڙ - تَوَڪلي.

● مُتوَلّدُ: صفت. (ع). پيدا ٿيندڙ - چمندڙ.

● مُتوَلّي: صفت. (ع). ڪم تي رهڻ وارو - مُهتمم - نگران ڪار - والي - سرپرست - نگهبان - رکپال - رکوالو. خانگاهه، مقام يا مسجد جو رکپال. (آصفيه).

● مِتُون ≷ مِتُون (ک): ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهڙن چارن سان، چمڪندڙ، قد ڏيڍ انچ يا ٻه انچ، رنگ اڇو).

● مُتَهَبُو ≷ مُتَهَبا: ذ. ڪُوڙي تُهمت - ڪُوڙو الزام - بُهتان - ٽيڪر. (پرمانند).

● مُتَهَتّرُ ≷ مُتَهَتّرَ: ذ. (من. مُدگر = ڏنبو) مُهيلڙو - مُهري - دستو - مُتهرو. مؤنڍو - ڏنبو - ڏمڪو - گهوپاڙو. پتنگ وغيره گهوڙڻ جو سونڍو - ڏنبو.

= مُتَهَتّرُو ≷ مُتَهَتّرا: ذ. مُتَهَتّرُ.

● مُتَهَتّيُ ≷ مُتَهَتّيُ: ذ. صفت. (سن. مَتّرَ = پنڌ) پنهنجي پنڌ تي پڪو - پورو پروڪار - اُصولن جو پابند. اهل بِدعت - سُونّت گيرهي. (پرمانند).

● مِتِيُ ≷ مِتِيُون: ث. (من. مِتِيكا = مهينو) ڏينهن ڏينهن جو عرصو. مقرر ڪيل وقت - تاريخ - تِتَ - ڏَنُ. مهيني جو ڏينهن - وارُ. (آصفيه. پرمانند). وياج - لاڀ - وَرتو - وَٽو. (پرمانند).

● مِتِهِرُو ≷ مِتِهِرا: ذ. چِيڙُ. (صفت). قد ۾ ننڍو - چوٽو - ڪوتاهه قد - مِندرو - جامڙو - بندرو - ڪٽ مِٽيڙيو - گرانٽ مُنڍيو. (پرمانند).

● مِتِهِلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مِتِهِلا ٻي: ٻيڙيءَ جو هڪ اوزار - ڪوهي کي اڳيان ڇڪي آڻو ڪرڻ جو اوزار.

● مَتِهِلُو ≷ مَتِهِلا: ذ. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ اوزار - ڪوهي کي جهلڻ جو اوزار. (ن - ب). ڇاڙهه - ٻَلُ. (پرمانند).

● مَتِهِمَلائِيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● مَتِينُ: صفت. (ع). مُحڪم - استوار - مضبوط - پُختو - ثابت قدم - برجستو. (اسم خاص).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت محمد صلي الله عليه و سلم جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

● مٿَ: ث. (من. مٿ = ولوڙڻ). (ڪير جو) ولوڙو- جهڪ- چاچول. سوچ- غور- ويچار- خيال. سمجهه- دانست- چاڻ- پروڙ- سُڌ. (پرمانند).

صلاح- مت- نصيحت- هدايت. (ظرف) جي نظر تي- جو خيال رکي- جو لحاظ رکي. (پرمانند).

● مٿُ ۽ مٿ: ذ. (من. مستک = متو). متو- سر. مٿاهون پاگو- سيرو. مٿيون حصو- مٿاڇرو- سطح- رُوءُ- تر- سطح.

= مٿُتي: ظرف. مٿين پاسي- مٿانهين ڏي- مٿي.

= مٿاڇرو ۽ مٿاڇرا: ذ. مٿيون پاگو- مٿيون حصو. مٿاڇرو- سطح. مٿيون. (ث. مٿاڇري ۽ مٿاڇريون).

= مٿاخرچ ۽ مٿاخرچ: ذ. وڌيڪ خرچ. ٻاهريون خرچ- بالائي خرچ- مٿيون خرچ- رواجي خرچ. اهو خرچ جو ضرورت جي خرچ ۾ داخل نه هجي.

= مٿاڻهون ۽ مٿاڻهان: صفت. منهن يا وات مٿي ڪندڙ- مٿي وات وارو. خود پسند- ٿرڙو- ڍڏو. آيماني- هٺيلو. تمام مٿي- بلند- اوچو- مٿانهون.

● ميٿ ۽ ميٿَ (ل): صفت. لڇائي ۾ ڪندڙ- غريب. سانتيڪو- ٺاهريو.

● مٿاڇرو ۽ مٿاڇرا: ذ. (من. مستک = متو). مٿ- سطح- سٽات- تر- رُوءُ. (صفت). چوٽيءَ جو- سطح وارو- مٿانهون- سطحي- بالائي. آڇاتيرو- مٿڇرو- ٻاهريون- آتردو- ٻاهران- مٿان مٿان- اڦونگرو. مجازاً- مجازي. بي پرواهي جو- بيڪار جو- اِدرڪيدر جو- لاغرضائي جو- بيخيالي جو- مٽيءَ دل سان- بي خيالو- بنا چاهه جي. ٿورو- ذرو- ٿوري قدر- نالي ماتر. (پرمانند).

= مٿاڇرائي ۽ مٿاڇرايون: ث. مٿ- سطح. آڇاترائي- اڦونگلائي.

● مٿارَ ۽ مٿارون: ث. (من. مستک = متو). مٿانهون پاسو- مٿانهين. مٿاڇرائي. ڪنارو- ڪپر (درياءَ جو). درياءَ جي ڪپ ڪان واري اونهي پاڻيءَ تائين. ڪپ جو حصو. هوا جي طرف وارو درياءَ جو پاسو- سڀائي واءُ وارو ڪپ. (پرمانند). مٿي جو سور- درد سير. (ک).

= مٿارَ پُوڻ: (ک). مٿي ۾ سور پوڻ. مٿي ۾ عادتي (پوندڙ) سور جو پوڻ.

● مٿارُ ۽ مٿارَ: ذ. رسيءَ جو ٿهيل ٻيڙو.

● مٿاريُ ۽ مٿاريُون (ث): ث. (من. مستک = متو) مٿيون حصو. پيٽ جو مٿيون حصو- چوٽي. پيٽَ جو سُهڙ وارو حصو (جنهن تي سج آپرڻ سان آس پوي). ٻن پيٽن جي ڳڏجڻ وارو هنڌ- ڳاٽ. رَٽي يا چادر ڪرڻ جو مٿيون مٿي وارو پاسو.

● مٿاڙُ ۽ مٿاڙَ (ث): ذ. مٿيون پاسو- مٿارَ. ٻنيءَ جو اڳيون (سُهڙ وارو) ۽ ڏنگ وارو حصو- مُنڊو.

● مٿاڙو ۽ مٿاڙا (ث): ذ. مٿاڙُ (ث).

= مٿاڙا هٽڻُ: هر ڏيڙ بعد مُنڊن کي ٻيو دفعو هر ڏيڙ.

● مٿاڪُتَ: ث. (من. مستک = متو+ڪُتَ ڪُتڻُ) مٿي ڪٽڻ جي حالت- مٽا ڪُٽي- مٿاماري. جفاڪشي- سخت محنت- درد سري- جد وجهد- جاکوڙو- ڪوشش- ڪشالو- محنت. پروڙ- سرجوشي. تڪليف.

● مٿاڪُتَ ڪرڻُ: سخت ڪوشش ڪرڻ- سخت محنت ڪرڻ- جفاڪشي ڪرڻ- ڪشالو ڪيڻ.

= مٿاڪُٽي: ث. مٿاڪُٽ- مٿامار.

● مٿاڪيرو ۽ مٿاڪرا (ل): ذ. صفت. مٿو هٽندڙ- مٿاڪٽ ڪندڙ- محنتي.

● مٿامارَ: ث. مٿاڪٽ. (مهيري).

= مٿاماريُ ڪرڻُ: مٿاڪٽ ڪرڻ.

● مٿامو ۽ مٿاما: ذ. (من. مستک = متو) متو- سر- ڪوپري- ڪيهراڻي- ڪيهرائي. ڪنجو متو.

● مٿانُ: ظرف. (من. مشتک = متو) مٿي ڪان- مٿ ڪان- سيري ڪان- چوٽيءَ ڪان- شروعات ڪان- شروع ڪان. (صفت) مٿي- وڌيڪ- اوچو- مٿي جو. (پرمانند).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مٿان پَوَنُ: اچي مٿي کان ڏسڻ - روبرو ڏسڻ - اکين سان ڏسڻ - مشاهدو ڪرڻ. موقعي تي پهچڻ.
= مٿان ڪَڇِيُ وَڄِيُ: ٿَهِ پَهِ وڪامي وڃڻ.
= مٿان وِ بهتُ: سنياڻ ڪرڻ - چوڪيداري ڪرڻ - رکوالي ڪرڻ - پهروڏيڻ - نگهباني ڪرڻ.
= مٿان ٿُيِ مٿان: ظرف. گهٽو مٿي - مقرر ٽيل لرخ کان مٿي، چالو سرشتي کان ٻي طرح يا وڌيڪ.
● مٿانڊِيُ (ت)؛ ث. مٿي وارو پاسو - سيراندي.
● مٿانگِروُ ۽ مٿانگِرا: ذ. صفت. (سن. مَستَک = مٿو) وڏي مٿي وارو. سَهَ - اَتمُ - اعظم - عالي - اعلىٰ - بُلند - اُوچو - ڪبير - لَسناهي. (پرمانند). راکسي - دَئِيت جهڙو - دُشٽ - ڪَٽوال رُوپُ - خَبيثاڻو. هيبت وارو - هَيبتناڪ - ڀياڪ - خوفناڪ - دهشتناڪ.
● مٿانهُونُ ۽ مٿانهانُ: ظوف. (سن. مَستَک = مٿو) مٿي - اُوچو - بُلند - آتاهُون - اَتمِ - اعلىٰ - وڏو - عظيم - صدر - ڪان مٿي - ڪان زياده - متئي. اڳرو - اڳاهون - غالب. (ن - ب). (ث. مٿانهين ۽ مٿانهيون).
= مٿانهينُ ۽ مٿانهيُونُ: ث. بُلندي - آتاهين - چوٽُ - اُچائي. چاڙهه. وڏائي - بزرگي - عظمت - شانُ - مرتبو - بُلندي - درجو - عهدو. مغروري - اُچاڻُ - هَٺُ - تڪبر - غُرور. (پرمانند).
● مٿاهَرُ ۽ مٿاهَرَ: ذ. اڻ کيڙيل زمين جو مُنڊو - مَٽارُ. مٽار.
● مٿاهُونُ ۽ مٿاهانُ: ذ. صفت. مٿانهون. (ث مٿاهين ۽ مٿاهيون).
= مٿاهينُ ۽ مٿاهيُونُ: ث. مٿانهين.
● مٿَٽَرُ ۽ مٿَٽَرَ (ل): ذ. صفت. (سن. مَستَک) اڳواڻ - مهندار. (مهيري).
● مٿَٽِيُ ۽ مٿَٽِيُونُ: ث. (سن. مَستَک = مٿو) مٿانهين. واڌو رقمِ - وڌيڪ رقمِ - واڌي. اصل رقم تي ڪجهه وڌيڪ ڏنل رقم - محصول - چُونگي - سِر شماري. لاپو. جزيه. مٽي. ضرورت - گهرج - لوڙ - طلب. (ت). (ل. وفا).

● مٿَٽِيُ ۽ مٿَٽِيُونُ: ث. مٿَٽِي.
= مٿَٽِيءَ جوُ پٿَلُ: صفت. ڪوبه نه - ڪير به نه. لٽلو ٻَنجُو. (پرمانند).
● مٿَلَجَ ۽ مٿَلَجُونُ: ث. حَياءُ - لَجَ - مُحابو - سَنڪوچ - حجاب - شرم - مَرم - مَرجاتا - شرميلتا. (پرمانند).
= مٿَلَجُ ۽ مٿَلَجَ: ذ. صفت. مٿَلَجو. سرڪش - مغرور - هٺيلو - ضدي - هوڏي. (وفا).
= مٿَلاجوُ ۽ مٿَلاجا: ذ. صفت. حجاب وارو - شرميلو - حياءُ وارو - لڄائتو - ڏوڻگي - چالباز - مڪريلو - مڪري - چندي - نقال - سانگ رچائيندڙ.
● مٿِلوُ ۽ مٿِلا: (ت). ذ. صفت. مٿيون - مٿانهون - مٿاهون.
● مِٽَنُ ۽ مِٽَنَ (ت)؛ ذ. صفت. مست - ڪاهل - ڪوڙي. غافل - ڳهيلو. (ل - وفا).
● مِٽَنَ: ذ. (اسر). آسمان جي بارهن برجن مان ڏهين برج جو نالو - جوزا.
● مٽَنُ: مصدر. (سن. مَٽَنَ = ولوڙڻ) (ڪير) ولوڙڻ - جهڳُنُ - جهڳورَنُ. ماڻڻائي هڻڻ. خيال ڪرڻ - ويچار ڪرڻ - سوچڻ - رِڙڻ - ٻَهَنُ - و ويچارڻ - ٽورڻ ٽڪڻ - ڳڻڻ ڳوٽڻ - گڻُ گوت ڪرڻ. جاڻڻ - سمجهڻ - پائڻ. (پرمانند). (مٽيو - مٽيندو - مٽيلُ).
● مٽوُ ۽ مٽا: ذ. (پرا. مَتِيا. سن. مَستَک = مٿو) بدن جو هڪ حصو - سِرُ - سِرِي - سِسِي - مُنڊي - مغزُ - ڪوپري. ڪوپري - ڪيراڻي - ڪوپراڻي. مٽانهون پاڳو - مٽاهين. ڪنهن به شيءِ جو مٿيون حصو - چوٽي - مٽُ - چوٽُ - سِرو. مُنڊيُ - مُنڊو. منهن. سيراندي. اڳياڙي. (اڳر جي) چوٽي. (عضوي جو) مٿو - ڏُل. ايڪائي (به مٽا = ساڳي شيءِ جون به ايڪايون). (ڳاجرا). چيڙو. پچاڙي - انتُ - توڙ - ڇيهه. (سن. مَدَهَ = جوش) عورتن ڪي ايندڙ ماهواري - حيض.
= مٽاڪُٽَ: ث. محنت - ڪوشش - مٽامارُ - ڪَشالو - جُهدُ جفا - پورهيو - درد سَري - جدوجهد - ٻوڙ - ڪُهَٽ - جاکوڙ - حيلو - سعيو - سخت محنت. سر جوشي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

■ متاڪٽ ڪرڻ: محنت ڪرڻ - سخت ڪوشش ڪرڻ - جفاڪشي ڪرڻ - جاکوڙ ڪرڻ - ٻوڙ ڪرڻ.

■ متاڪٽڻ ڏيڻ: منهن ڏيڻ - تڪليف برداشت ڪرڻ - ڪوشش ڪرڻ - جدوجهد ڪرڻ - جفاڪشي ڪرڻ.

■ متامٽونا متارڻ: متامونا هڻڻ.

■ متامٽونا هڻڻ: ڪوشش ڪرڻ - جدوجهد ڪرڻ - جفاڪشي ڪرڻ - درد سيري ڪرڻ - ڪشالو ڪرڻ.

■ متامهيڙ ۽ متامهيڙون: ٿ. متن ٽڪرائڻ جي حالت - گهوٽ ۽ ڪنوار جا شاديءَ جي هڪ رسم موجب پاڻ ۾ متا ٽڪرائڻ جي حالت - لائون ڏيڻ.

■ متامهيڙائڻ: شاديءَ جي رات گهوٽ ۽ ڪنوار کي لائون ڏيارڻ - متامهيڙ ڪرائڻ.

■ متامهيل ڪرائڻ (ت): متامهيڙ ڪرائڻ.

■ متو ٻڌڻ: خوشامد ڪرڻ - پوٺتان لڳڻ - پٺ ونڻ. هٿ پير لهڻ - ويم ڪرڻ. (ڪ).

■ متو ٻيٺ سان لڳڻ: پشيمان ٿيڻ - شرمسار ٿيڻ - شرمندو ٿيڻ - پڇتائڻ. سمجهه اچڻ - سانگائڻ.

■ متو ٻيٺ سان هڻڻ: پاڻ کان ڏاڍي سان هٿ اٽکائڻ. ناممڪن جي پويان ڪاهي پوڻ.

■ متو ٻيٽن سان ٽڪرائڻ: تمام گهڻو پريشان ٿيڻ - وائڙو ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ - مصيبت جي وقت هاءِ گهوڙا ڪرڻ.

■ متو ٻڌڻ: سخت سزا ڏيڻ - مارڪٽ ڪرڻ - ٺيڪ ڪرڻ - برابر ڪرڻ - درست ڪرڻ - صحيح ڪرڻ. تنبيهه ڪرڻ - هدايت ڪرڻ. جُٽ ڪرڻ.

■ متو تپائڻ: ڪنهن کي بيزار ڪرڻ - ڪڪ ڪرڻ - تنگ ڪرڻ - لاچار ڪرڻ - متو ڪپائڻ. چڙ ڏيارڻ - ڪاوڙائڻ - ناراض ڪرڻ. پريشان ڪرڻ - تڪليف ڏيڻ.

■ متو تپڻ: لاچار ٿي پوڻ - مجبور ٿي پوڻ. ڪنهن کي مجبوريءَ سبب ٻرائي ڪم ۾ پوڻ. ڪمر ڪشڻ.

■ متو ٽيڪڻ: نياز ڪرڻ - سلام ڪرڻ - آداب ڪرڻ. سجدو ڪرڻ - بندگي ڪرڻ. لٽڻ ڪرڻ - هيٺاهين وڻڻ.

■ متو ٽٽڻ پوڻ (ڪ): ڪيري پوڻ - تباهه ٿي وڃڻ - سخت حالت کي رسڻ. ڏيوالو ڪيڻ.

■ متو ٽٽڻ سان لڳڻ: سيڪ پائڻ - ڏڪ کائڻ. نامراد ٿيڻ - ناڪامياب ٿيڻ - شڪست کائڻ.

● متو ٽٽڻ: افسوس ڪرڻ - ساڏ ڪرڻ - دانهون ڪرڻ - فرياد ڪرڻ - هاءِ گهوڙا ڪرڻ. ڏاڪڙا ڏسڻ - ڪشالا ڪيڻ - جاکوڙا ڪرڻ - محنت ڪرڻ - درد سيري ڪرڻ.

■ متو جبل سان هڻڻ: ڏاڍي سان هٿ اٽکائڻ - پاڻ کان زوراور سان مقابلو ڪرڻ - نه پڇڻ جهڙو ڪم ڪرڻ.

■ متو ڇڏ ٿيو وڃڻ: قوت حافظ ناس ٿي وڃڻ - سمجهه موڪلائي وڃڻ. بالڪل ناس ٿي وڃڻ - تباهه ٿي وڃڻ.

■ متو چرخ ٽيهڻ: حيران ٿيڻ - حيرت ۾ پوڻ - اچرج ۾ پئجي وڃڻ - وائڙو ٿيڻ - حيرت زده ٿيڻ.

■ متو چيٽ سان هڻڻ (ڪ): وت کان وڌيڪ زور ڏيڪارڻ - پڇندي کان ٻاهر ڪم ڪرڻ. پاڻ کي وڏو سمجهڻ - هٿ ۾ پرجي وڃڻ - مغرور ٿي وڃڻ.

■ متو چپر سان هڻڻ: وت کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ - زوراور سان هٿ اٽکائڻ - متو جبل سان هڻڻ.

■ متو ڏڌڻ: ڪنڌ لڏڻ - ضعيفي سبب ڪنڌ ڏهڻ. پوڙهو ٿيڻ - پير مرد ٿيڻ - ضعيف العمر ٿيڻ.

■ متو ڏوٽڻ: نفي ۾ جواب ڏيڻ - انڪار ڪرڻ - ناقبول ڪرڻ - نه مڃڻ - ناڪار ڪرڻ.

■ متو ڏوئڻ: وهنجڻ - غسل ڪرڻ - سُٿڻ ڪرڻ - تزڻ ڪرڻ.

■ متو ڏارڻ: متو چيرڻ - متو ڦاڙڻ. حد کان وڌيڪ محنت ڪرڻ - سخت جفاڪشي ڪرڻ.

■ متو ڏاڙهي سُنائيڻ: ڏاڙهي، متو ۽ مُڇون ڪوڙائڻ. آلو بنجي وڃڻ - بيوقوف ٿيڻ - عقل ماريجي وڃڻ - چريٽ ٿي وڃڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= متو ڏونگر سان هٿ: متو جبل سان هڻڻ.
= متو ڏيڻ: مٿن ڏيڻ - سامهون ٿيڻ. شروع ڪرڻ - هٿ ڪنڊڻ. بار سهڻ - تڪليف هموار ڪرڻ. مدد ڪرڻ - واهر ڪرڻ - سهائتا ڪرڻ.
= متو ڌارڻ: سير جهڪائڻ - ڪنڌ نمائڻ. نياز ڪرڻ - نيٺت ڪرڻ - ادب سان پيش اچڻ.
= متو ڦيرڻ: متي ۽ ڦيري ٿيڻ - چڪر اچڻ. پٿواٽي اچڻ. ڪيڪو وڪو ٿيڻ - ويڇون ٿيڻ - ٿهيون مٿنجهڻ. وائڙو ٿيڻ. ڦوندي ۽ پرجي وڃڻ - ٽاڻ ۽ پرجي وڃڻ - مغرور ٿي وڃڻ - مغز ۾ هوا پرجي وڃڻ. چريو ٿيڻ - پاگل ٿيڻ - سودائي ٿيڻ - خفقان ٿيڻ. پٽلجي وڃڻ - بدلجي وڃڻ - بتال ٿي وڃڻ.
= متو ڦوڙائيڻ: هٿ مروڙي وجائڻ - نقصان پرائڻ - چيهو پرائڻ.
= متو ڪتريڻ: مٿن ڪرڻ - ڪنهن پاسي روالو ٿيڻ - پڇي وڃڻ.
= متو ڪتڙهڻ (ڪ): اونو ڪرڻ - فڪر ڪرڻ - انديشو ڪرڻ - اوسيڙو ڪرڻ - انتظار ڪرڻ. ڪنهن ڳالهه جي ويچار ۾ رهڻ.
= متو ڪوڙائيڻ: وارن کي ڪوڙائڻ - نوڙهو ٿيڻ. پاڻ کي ڦرائڻ - ٽڳائڻ. نقصان پرائڻ - توڙو پرائڻ - هٿرجو پرائڻ.
= متو ڪوڙڻ: ٽڳڻ - ڦرڻ. دلبو ڏيڻ - ويساهه گهاتي ڪرڻ. ڪنهن کي نقصان وجهڻ.
= متو ڪائيڻ: اجائي بڪ ڪرڻ - بڪوات ڪرڻ - بڪ بڪ ڪرڻ - بڪي هڻڻ. ڪڪ ڪرڻ - بيزار ڪرڻ - تنگ ڪرڻ - ورجائڻ - خفي ڪرڻ.
= متو ڪٽو ڏيڻ: لباهڻ - گذارڻ. جنب ۽ جوڳ ڏيڻ - حياتي گهارڻ.
= متو ڪپائيڻ: متو ڪائڻ. اجائي مغزخوري ڪرڻ. ڪاپارو ڪرڻ - ڪاسارو ڪرڻ - ڪيڙاڪ ڪرڻ - ڪپت ڪرڻ - هٿ هڻان ڪرڻ.
= متو ڪٽيڻ: ڪنڌ ڪٽڻ. منهن متي ڪرڻ. (بيماريءَ مان) سنڀرڻ ٿيڻ - چاڪ ٿيڻ - چاق ٿيڻ - تندرست ٿيڻ.
= متو ڪوڙڻ: فوت ٿيڻ - مري وڃڻ.
= متو ڪوهيڻ (ت): ناڪام ڪوشش ڪرڻ - اجائي پتوڙ ڪرڻ - اجائي مغزخوري ڪرڻ. ڪاپارو ڪرڻ - متو ڪپائڻ.
= متو گريبان سان ڏيڪيڻ: ڦيڪو ٿيڻ - لڄي ٿيڻ - شرمندو ٿيڻ - ندامت محسوس ڪرڻ - پنهنجو قصور محسوس ڪرڻ - پنهنجو ڏوهه ٻاجهه ڪناهن جو اعتراف ڪرڻ.
= متو گريبان ۾ آڻڻ: لڄي ٿيڻ - شرمنده ٿيڻ - ڪنڌ هيٺ ڪرڻ - پشيمان ٿيڻ - پڇتائڻ - ندامت ظاهر ڪرڻ. معافي گهرڻ - ڏوهه بخشائڻ - قصور معاف ڪرائڻ.
= متو گنجو ٿيهڻ: (ڪ): متي جا وار چٽي وڃڻ - نوڙهو ٿيڻ. سڄو سڪو ٿيڻ - پينگيو ٿيڻ - ڪٽي پوڻ - ڪنگال ٿي وڃڻ - تريءَ ۾ پوڻ.
= متو گونٽڻ: (ت): ٽنري زالن جو خاص نموني ۾ وار ڳٽڻ - متو ويڙهڻ. (راء).
= متو لڏڻ: ضعيفي يا پيرسڻيءَ سبب متو ڏڏڻ. پير مرد ٿيڻ - ٻڌو ٿيڻ.
= متو لڪائيڻ: ڪنهن اڃهي هيٺ رهڻ - ڪنڌ لڪائڻ. رهائش اختيار ڪرڻ. پناهه وٺڻ - اڃهو وٺڻ.
= متو لوڏڻ: متو ڏوڻڻ - هائوڪار ڪرڻ - اقرار ڪرڻ - قبول ڪرڻ - مڃڻ.
= متو مارڻ: متو ڪپائڻ - اجائي ڪوشش ڪرڻ - متو هڻڻ. حد کان زياده محنت ڪرڻ - جفاڪشي ڪرڻ - سخت ڪوشش ڪرڻ - خيال ڪرڻ - سوچڻ - سڀاڻون سيڻ - ويچار ڪرڻ. سمجهائڻ - نصيحت ڪرڻ. ذهن نشين ڪرائڻ. اجايو ڳالهائڻ - ڪهڙو ڳالهائڻ. بحث ڪرڻ.
= متو ماڻيءَ سان لڳڻ (ڪ): ڦولهه ۾ پرجي وڃڻ - ٽاڻ ۾ پرجي وڃڻ - تڪبر ڪرڻ. وڏو ساڻهو ٿي وڃڻ - ڪنهن وڏي درجي تي پهچڻ.
= متو متڀيڙڻ: رڌل رهڻ - هر وقت ڪم ڪرڻ - مدائين مشغول رهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مٿو مُنهن پٽڻ: هاءِ گهوڑا ڪرڻ - ماتم ڪرڻ - پٽڪو ڪرڻ - رڙيون واڪا ڪرڻ - آهه و فغان ڪرڻ. ظلم ٿيڻ سبب دانهون ڪرڻ - گهوڑا گهوڙا ڪرڻ.

= مٿو موٽائي مُنهن تي هڻڻ (ڪ): فقير يا سوالي جو ناراض ٿي ملهل خيرات (خيرات ڪندڙ کي) موٽائي ڏيڻ. ناراض ٿيڻ - ڪاوڙجڻ.

= مٿو مورڻ لڳڻ (ڪ): ڪجهه رقم ڪٽي ڪرڻ - ٿورا پئسا گڏ ڪرڻ. پيٽ سان مٿو لڳڻ - پشيمان ٿيڻ - شرمسار ٿيڻ.

= مٿو مهرو ٿيڻ: مجامعت ڪرڻ يا تڙ وغيره پوڻ سبب بدن پليت ٿيڻ. وارن ۾ مٽي پڄي وڃڻ. وارن ۾ نه وهنجڻ سبب چيڙه پوڻ.

"مٿو منهنجو سومرا، سڙ سيروئي هوءِ."

= مٿو نِمائڻ: ڪنڌ نوائڻ - ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. مٿو جهڪائڻ. اڳيان جهڪڻ. سجدو ڪرڻ. عبادت ڪرڻ - بندگي ڪرڻ - نماز پڙهڻ. بيش پوڻ - آڻ مڃڻ - هار قبول ڪرڻ.

= مٿو و جهائڻ: سير وجهائڻ. گم ڪرڻ - لڪائي ڇڏڻ - چپائي ڇڏڻ - لاپته ڪرڻ (ڪا شيءِ). مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ - تڪليف ۾ وجهڻ - آزار ۾ قاسائڻ.

= مٿو وَڃڻ: سير وڃڻ. گم ٿيڻ - لاپته ٿيڻ - لڪي وڃڻ. تڪليف ۾ قاسڻ - آزار ۾ پوڻ - مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ. سري وڃڻ - ختم ٿيڻ - دفع ٿي وڃڻ.

= مٿو و هاڻي رَکڻ (ڪ): بستري داخل ٿيڻ - بيمار ٿيڻ - ناچاق ٿيڻ - لڳو ٿيڻ - آگهو ٿيڻ - نا خوش هجڻ. بي اونو ٿيڻ - بنا ڪنهن فڪر جي هجڻ.

= مٿو هڻڻ: مغز هڻڻ - مغز خوري ڪرڻ - دردسري ڪرڻ. محنت ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. ڪاپارو ڪرڻ - ڪيتراگ ڪرڻ - ڪاهارو ڪرڻ - خفو ڪرڻ - ڪيتَ ڪرڻ. آجايو ڳالهائڻ - بڪ ڪرڻ - بڪوات ڪرڻ - يخي هڻڻ - لباڙ هڻڻ. سمجهائڻ - نصيحت ڪرڻ - هدايت ڪرڻ.

= مٿي آگهاڙو ۽ مٿي آگهاڙا (ت): ذ. صفت. بي حياءُ - بي شرم - لِر لڄو - بي لڄو - بي ديدو - لوفر - واهيات - اوباش - رولو - نِڪار - بي ڪمو - نِڪمو.

= مٿي پٽر هڻڻ (ت): ڪنڌ پر هڻڻ. تڪليف ڏيڻ - سختي ڏيڻ.

= مٿي تائين غرق ٿيڻ: پاڻي وغيره ۾ بلڪل ٻڏي وڃڻ. غرق ٿيڻ - ٻڏي وڃڻ (ڪنهن خيال ۾). سخت مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ - تڪليف ۾ قاسڻ. (پئسن ۾) پورجي وڃڻ - لکن جو مالڪ ٿيڻ.

= مٿي تي ٽوا ڏيڻ: خالي هٿين واپس ڪرڻ. ڪيي چڏڻ - هڪالي چڏڻ - لوڏي ڪيڻ - تڙي ڪيڻ - بي عزتو ڪري روانو ڪرڻ.

= مٿي تي ٽِکر ٿڄڻ: بهتان اچڻ - ڪوڙي تهمت لڳڻ - اجائي بدناموسي ٿيڻ - بي گناهه الزام لڳڻ.

= مٿي تي ٽِکر ٽوکڻ (ڪ): بهتان مڙهڻ - ڪوڙي تهمت لڳائڻ - الزام مڙهڻ. جهيڙو جهٽو ڪرڻ.

= مٿي تي ٽِکر ڪٽڻ (ڪ): بهتان ڪٽڻ - سير تي ٻدنامي جو گهانگهو ڪٽڻ. گلا پرائڻ - گِلا جو گهانگهو ڳچيءَ ۾ پوڻ. سجو ٿيڻ - وِلهو تي وڃڻ - ڪٽي وڃڻ.

= مٿي تي پٽڪ ٻڌائڻ: چگو مڙس ڪرڻ - پگدار ڪرڻ - وڏيرو ڪرڻ.

= مٿي تي چاڙهڻ: حد کان وڌيڪ پيار ڪري (ڪنهن کي) پاڻ سان حجتي ڪرڻ - اکرو ڪرڻ. دادلو ڪرڻ - چاڪلو ڪرڻ - لاڏلو ڪرڻ - منهن چاڙهه ڪرڻ - من وڌائڻ - گستاخ بنائڻ. رابو رکڻ - پاسخاطري ڪرڻ - لحاظ رکڻ - مروت ڪرڻ - خوشامد ڪرڻ - پاسو ڪرڻ - طرفداري ڪرڻ. ڪاري چڏڻ. مغرور ڪرڻ - هٿيلو ڪرڻ.

= مٿي تي چڙهڻ: دادلو ٿيڻ - لاڏلو ٿيڻ - منهن چاڙهه ٿيڻ - من وڌڻ - چاڪلو ٿيڻ - ريجالو ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغرور ٿي وڃڻ - زور ونی وڃڻ - سن وڌي وڃڻ. وڏائيءَ ۾ ڀرجي وڃڻ.

■ مٿي تي رکڻ (ت): سهڻ - برداشت ڪرڻ. ڪٽڻ. خوشيءَ سان قبول ڪرڻ - رضامند ٿيڻ - اقرار ڪرڻ - هائوڪار ڪرڻ. پوڳڻ - لوڙڻ.

■ مٿي تي ڪارو پٽو پٽڻ (ڪ): موت جي سوءَ رکڻ - غمي ڪرڻ. افسوس ظاهر ڪرڻ. سوءَ ڪرڻ - ارمان ڪرڻ - ڏڪ ڪرڻ.

■ مٿي تي ڪٽنگي رکڻ: مٿي تي تاج رکڻ - ڇٽ پهرڻ - تاجدار ٿيڻ. سلطان ٿيڻ - بادشاهه ٿيڻ. وڏائيءَ وارو ٿيڻ.

■ مٿي تي ڪٽڻ: پنهنجي ذمي ڪرڻ - ذميداريءَ ۾ ڪٽڻ. قبول ڪرڻ - هائوڪار ڪرڻ. خوشيءَ سان سهڻ - برداشت ڪرڻ.

■ مٿي تي مٽڪ پٽڻ: شاديءَ جا سوڙ پٽڻ. گهوٽ ٿيڻ. شادي ڪرڻ - واهه ڪرڻ.

■ مٿي تي موچڑا وسڻ: پاد رپوڻ - مار کٽ جهلڻ. لعنت ملامت وسڻ - جٽ ڦيٽ جهلڻ.

■ مٿي تي مولهائي پٽڻ (ڪ): غربت جو اظهار ڪرڻ. غريب ٿي وڃڻ - مسڪين ٿي وڃڻ.

■ مٿي تي مينهن وسائڻ (ڪ): بي آجهي هجڻ - بنا ڪنهن پناهه جي هجڻ - ڪنهن به اوت ڪان سواءِ هجڻ - ڪوبه گهر تڙ نه هجڻ.

■ مٿي تي مينهن وسڻ (ڪ): مٽ ٿيڻ - جهلهو ٿيڻ - آرسي ٿيڻ - ٽوٽي ٿيڻ.

■ مٿي تي هٿ پڄڻ: پڄندي وارو هجڻ - پهچ وارو هجڻ.

■ مٿي تي هٿ رکڻ: همدردي ڪرڻ - ڏڪ پائي ٿيڻ - مدد ڪرڻ - واهر ڪرڻ. سرپرستي ڪرڻ. دلاسو ڏيڻ. مهرباني ڪرڻ - وڙ ڪرڻ - احسان ڪرڻ - ٽورو ڪرڻ - لائق ڪرڻ - مهر ڪرڻ - اڇا ڪرڻ - عنايت ڪرڻ. ارمان ڪرڻ - افسوس ڪرڻ - ڏڪ ڪرڻ. ڳڻتي ڪرڻ - فڪر ڪرڻ. ڪٽجي پوڻ - واپار وغيره ۾ ٽوٽو پوڻ. ڪو نقصان جهڙو ڪم ٿيڻ - ڇيهو پوڻ. (ڪ).

■ مٿي تي هٿ ڦيرائڻ: مٿي تي هٿ گهمائڻ.

■ مٿي تي هٿ گهمائڻ: پيار ڪرڻ - محبت ڪرڻ - چاهڻ. آسيس ڪرڻ - دعا ڪرڻ - پيرارتنا ڪرڻ - آشيرواد ڪرڻ. شاباس ڏيڻ - جس ڏيڻ - آفرين چوڻ. ريجهائڻ - ڏاڏ رائڻ. پرچائڻ. راضي ڪرڻ. ڦيٽو وجهڻ. (ڪ). سرپرستي ڪرڻ - سنڀالڻ - نگهباني ڪرڻ. آجهو ڏيڻ - پناهه ڏيڻ. نڳڻ - دلبو ڏيڻ - ويساهه گهاتي ڪرڻ. نگي ڪري، ڦري وڃڻ.

■ مٿي تي هٿيڙو گهمائڻ: مٿي تي هٿ گهمائڻ.

■ مٿي تي هٿڻ: زبردستي کو ڪم ڪرڻ لاءِ ڏيڻ. ڏمر ڪرڻ - حوالي ڪرڻ. مجبور ڪرڻ.

■ مٿي تي هاڻي و جهڻ: وهنجڻ - غسل ڪرڻ - تڙ ڪرڻ. بيمار مائٿوءَ جو چگو پلو ٿي وهنجڻ. ويائي عورت جو ويم مان تندرست ٿي تڙ ڪرڻ. غسل صحت ڪرڻ. ڪم ختم ڪرڻ - واندڪائي حاصل ڪرڻ. (ت).

■ مٿي جو ڏاڏو ٽيڙ (ڪ): جٽ ڦيٽ جو ڏاڏو ٿيڻ. بي شعور ٿيڻ - بي حيا ٿيڻ. سخت دل ٿيڻ. هٺيلو ٿيڻ - ضدي ٿيڻ.

■ مٿي جو سور: ڏ. درد سر - مغز جو درد. (صفت). بکواسي - بڪ بکيو - بکواتي - لٻاڙي. بي سمجهه. بيوقوف - مورک. جاهل. ڪند ذهن - موگو.

■ مٿي جو سور ٽيڙ: درد سر ٿيڻ. بيزار ڪندڙ ٿيڻ - ورچائيندڙ ٿيڻ. آزار پيدا ڪندڙ ٿيڻ. خفي ڪندڙ ٿيڻ. بي سمجهه ٿيڻ - مورک ٿيڻ.

■ مٿي جو سور هجڻ: بکواتي هجڻ - بڪ بکيو هجڻ. بي سمجهه هجڻ - ڪاڪ ڳالهه نه سمجهڻ - مورک هجڻ - چريت هجڻ - لاڀدان هجڻ.

■ مٿي جو ڦريل هجڻ: چريو هجڻ. بي عقل هجڻ. بي پرواهه هجڻ. مغرور هجڻ - ضدي هجڻ. سرڪش هجڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مٺي جوءَ موڙ: ذ. مٺي جو چٽ- سرتاج. (صفت). پيارو- عزيز. دل وارو- دل گهرين. چڱو مڙس- سڪٽر. عزت دار- آبرو وارو- مان وارو- شان وارو- مانائتو- شانائتو.

= مٺي جوءَ موڙ هڻڻ: پيارو هجڻ- عزيز هجڻ- دل وارو هجڻ. عزت وارو هجڻ- مانائتو هجڻ- شانائتو هجڻ- سڪٽر هجڻ- راج جو چڱو مڙس هجڻ.

= مٺي جيءُ پٽريءُ: ث. حوالي ٽيل ڪر- ذميداريءَ جو ڪر- سونپيل ڪر- وڏو آواز- مصيبت- هٿچا.

= مٺي جيءُ چڪ وڌائڻ: مٺي جي وارن جي چڪ وڌائي پوئلڳ ٽيڻ- مريد ٽيڻ- چيلو ٽيڻ- شيش ٽيڻ.

= مٺي جيءُ ڦيرڻ: ث. ڦيواڻي- ڦيري- چرخ- چڪر- گهمري- پاڻ- پائٽي (مغز جي). ڏڪٽي- ٽڙڪٽي (گهوڙي جي). مغروري- گهمنڊ- شيخي- هٺ- دماغ- وڏڻ- هوءَ- دم- اغماض- غرور- تڪبر- ٽاءِ- ٽنڊ.

= مٺي جيءُ ميرڪهيءُ لاهڻ (ڪ): دماغ مان واهيات خيال ڪيڏي ڇڏڻ- ماٺهي جي تطار ۾ ڪرڻ.

= مٺي چاڻو ڪرڻ: عارضي گهر ناهي مانجهاند و ڪرڻ- پناهه وٺڻ. آسرو ڪرڻ. (عورت جو) شادي ڪرڻ. مڙس ڪرڻ- نڪاح ڪرڻ.

= مٺيٽر ۽ مٺيٽرو: ذ. صفت. مٺي وارو. وڏي مٺي وارو. پهلوان. سرڪش.

= مٺي ڦريل هڻڻ: بي پرواهه هجڻ- بي عقل هڻڻ. چريو هڻڻ. مٺي جو ڦريل هڻڻ.

= مٺي ڪرڻ: مٺان ڪرڻ. بلند ڪرڻ- اوچو ڪرڻ. مٺي تي ڪرڻ- مٺي مٺان ڏيڪ (ڪپڙو وغيره)- پهرڻ- اوڍڻ- پائڻ- چوڙڻ- هنڊائڻ.

= مٺي ڪائوءَ ۽ مٺي ڪپائوءَ: ذ. صفت. مٺو هٺندڙ- مٺو ڪائيندڙ- يخي هٺندڙ- جهڳير. بيزار ڪندڙ- ڪڪ ڪندڙ- ورچائيندڙ- مٺي ڪپائو.

= مٺي ڪپائوءَ ۽ مٺي ڪپائوءَ: ذ. صفت. مٺي ڪائو. سير جو ڪاپارو- گهبي خور- جيجا. آزاريندڙ- پيڙيندڙ- سنتاپ- آزار. ڪڙاڪ ڪندڙ- ڪڙاڪي- جنجالي. بي سمجهه- نادان- ڪم عقل.

= مٺي ڪنهنءَ جي واند ڪائي نه هڻڻ: ڪم جي گهٽائيءَ سبب واند ڪائي نه ملڻ- فرصت نه هڻڻ- تمام مشغول رهڻ- ڪم ۾ غلطان رهڻ.

= مٺي ڪي وهاڻو ڏيڻيءُ وهڻ: بي اونو ٽي ويهڻ- بي فڪر ٽي ويهڻ- بنا ڪنهن اوسيڙي جي ويهڻ- فڪرات کان خالي هڻڻ.

= مٺي مان پهرُ ڪري ڊوڙڻ: پيار ۽ محبت وچان ڪنهن سان ملڻ لاءِ وڃڻ- آڪنڊ وچان وڃڻ- هيئين سان هلڻ- اڪين سان اچڻ.

= مٺي مان پهر ڪري ڦرڻ: سڪ مان اڳيان پويان ڦرڻ- طواف ڪرڻ- گهور وڃڻ- صدقي وڃڻ- ٻلهار وڃڻ.

= مٺي مان مُڇ ڪڍڻ (ڪ): ساري ماري ميڙالو ڪيڏي ڇڏڻ- ڏاڍي مار ڏيڻ- پڇ ڪيڏڻ.

= مٺي مان مهتُ نه لاهڻ: بلڪل دير نه ڪرڻ- جهٽ پٽ اچڻ- ٿهه پهه اچڻ- ترت اچڻ- هڪدم اچڻ- تڙي ڪڙي اچڻ.

= مٺي مان ميخ ڪڍڻ (ڪ): دماغ مان خراب خيال ڪيڏي ڇڏڻ.

= مٺي مان واءُ ڪڍڻ: دماغ مان خراب خيال ڪيڏڻ- مستي ڇڏي ڏيڻ. ٽنڊ ڪيڏي ڇڏڻ- مغروري ڇڏي ڏيڻ.

= مٺي ۾ آڻ وهارڻ (ڪ): ڪوڙي ڳالهه تي پروسو ڪرڻ- ڪنهن سان ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي ويهڻ- ضد ڪرڻ.

= مٺي ۾ آڻ وهڻ: دماغ ۾ خام خيال پيدا ٽيڻ- دل ۾ ڪوڙي ڳالهه جو ويهي رهڻ- نادائي ڪي ڳنڍ ٻڌڻ- بي عقل ٽيڻ- هوڏ تان نه لهڻ.

= مٺي ۾ آڻ هڻجڻ: مغز ۾ خرابو هجڻ.

= مٺي ۾ پُوتُ وهارڻ (ڪ): ڪوڙي ڳالهه تي يقين ڪرڻ. پرم يا ستسو رکڻ- بي وقوف ٽيڻ- بي عقل ٽيڻ- جاهل ٽيڻ- چسو ٽيڻ- مورک ٽيڻ.

= مٺي ۾ ٽيڏ هڻڻ (ت): آکڙ هڻڻ- سيٽ هڻڻ- ٽينڊ هڻڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مٿي ۾ ٽينڊڻ هُجڻ (ت): هڪ هنڌ سُک نہ هجڻ - ماڻ ڪري نہ ويهڻ - خاموشيءَ سان نہ ويهڻ. چڙ چڙ ڪرڻ - ٽيڙ ٽيڙ ڪرڻ - چُرڻ پُرڻ.

= مٿي ۾ ڪيڙو ۽ جهيڙو هُجڻ (ڪ): دماغ ۾ خرابو ٿيڻ - دماغ خراب ٿيڻ.

= مٿي ۾ ڪيڙا پوڻ (ت): آڙ تُڙ ٿيڻ - سوداءُ ٿيڻ - ڪُٽي ٿيڻ - فڪرات ٿيڻ.

= مٿي ۾ سِر ڪهي اچڻ (ڪ): ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ خيال اچڻ - پَل پَل ۾ پُور پوڻ. سودائي ٿيڻ. چريائپ جا خيال ڏيکارڻ.

= مٿي ۾ واءُ هُڻڻ: دماغ ۾ خلل هُڻڻ. چريائپ هجڻ. سودائي هجڻ - مغروري هڻڻ - هٿيلائي هڻڻ - بي پرواهي هجڻ - وڏائي هڻڻ. مستي هڻڻ.

= مٿي ۾ هَوا پَرجڻ: دماغ ۾ خلل پيدا ٿيڻ. مغروري ٿيڻ. هٿ ٿيڻ. مستي پرجڻ.

= مٿي ميرو ۽ مٿي ميرا: ذ. صفت. مباشرت يا احتلام سبب ٽيل ناپاڪ - غُسل ڪان سواءِ - تڙ پيل - شڪ وارو - شڪي - جُنُبي - غليظ - ناپاڪ - پليت - اڻ پاڪ - اپوتر - پليد. (ث. مٿي ميري ۽ مٿي ميريون).

= مٿي ميرو هُڻڻ: غُسل ڪان سواءِ هڻڻ - شڪ پيل هڻڻ - ناپاڪ هڻڻ - اپوتر هڻڻ.

= مٿي ميڙ ڪرائڻ: مٽا ميڙ ڪرائڻ - لائٽون ڏيارڻ - پرٽائڻ - شادي ڪرائڻ - واهه ڪرائڻ.

● مٿون (ت): ظرف. (سن. مَسْتَكَ = مٿو) مٿان. تان.

= مٿون ڀيارڻ: مٿان ڀيارڻ. نگهبان مقرر ڪرڻ.

= مٿون لٿڻ: آسمان تان لهڻ. وڏي درجي وارو هڻڻ.

● مٿُون: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● مٿُوڙار (ت): ذ. وار.

● مٿي: ظرف. (سن. مَسْتَكَ = مٿو) مٿ تي - مٿيرو - آتي. (صفت). مٿي جو - مٿانهون - مٿيون - بالا - اوچو - آتمر - اعليٰ - چوٽيارو - بُلند - آتاهون. وڏو - صدر. وڌيڪ - زياده - گهڻو - بيش - سرس - آتر - بهتر - اڳ ڪ - اڳرو. عمدو - فائق - برتر - سَجيهه - سُرشت.

= مٿي پَٽ: مٿان پوڻ. ڪنهن مٿان اوچتو اچي ڀيهڻ. شاهد ٿيڻ - شاهدي ڏيڻ - گواهي ڏيڻ. برخلاف ٿيڻ - ويرِ وجهڻ.

= مٿي چڙهڻ: بُلنديءَ تي وڃڻ - مٿ تي چڙهڻ. آتانهون وڃڻ. وڏو عهدو ملڻ - سرس ٿيڻ - بالا ٿيڻ. ڏُولاڻ ۾ پرجڻ. پڌ جڻ - پٽاڪ ۾ پرجي وڃڻ.

= مٿي هلڻ: مٿيرو هلڻ - مٿي چلڻ. اڳتي هلڻ. وڌيڪ چوڻ.

● مٿيا: ذ. (سن). ڪُوڙ - ڪُپت - آسَتْ - جُوٺ - دروغ - خيالي ڳالهه - سن گهڙت ڳالهه. (صفت). ڪوڙو - ڪوٽو - جوٽو. جُڙتو - مصنوعي - ٺهيل - بناوٽي. فاني.

= مٿيا دُرُشْتْ: ذ. صفت. ناستڪ مَتْ - ناستڪي - نِرايشور وادُ - مُلحِد - ڪافر. بدعتي - پاکنڈي.

= مٿيا وادِي: ذ. صفت. ڪُوڙو - جُوٺو - ڪُساڪِي. بي اعتبارو - بي ويساهو. (پرمانند).

= مٿيتر ۽ مٿيتَرَ: ذ. صفت. (سن. مَسْتَكَ = مٿو) وڏي مٿي وارو - بهادر - پهلوان - سورهيه - هونهار - سُور ويرَ - سورمو - دليرِ - جوڌو. هٿيلو - سرڪش. (ل - وفا).

"مارَ پروڙي ڪو مرد مٿير"

(محمد فقير).

سردار - اڳواڻ. وڏي دماغ وارو - سياڻو - ڏاهو - قابل. وڏي مرتبي وارو - مٿانهون - اعليٰ - آتمر - بُلند.

= مٿيرو ۽ مٿيرا: ذ. صفت. بهادر - پهلوان - سردار - اڳواڻ.

● مٿيون ۽ مٿيان: صفت. ظرف. مٿي جو - مٿي وارو - مٿانهون - آتاهون - بلند - اوچو. بالا - صدر. سيان مٽي. وڌيڪ. آترندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= متڀيون پڙهڻ: ڪنهن ڳالهه ۾ نه هڻڻ- پڇا جهڙو نه هڻڻ.
= متڀين اکرين: ظرف. متاچرو- ساڳي دليو. ڇڪيءَ طرح نه.
● متَ: ث. (سن. مرتنم = پڇڻ). جدائي- پاڇ. (گاجرا). متائڻ جي حالت- بدل- قهيرَ. (اسم خاص). تعلقي ميرواهه (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● متَ متَ: ث. وارقير- بدلي سدلي- بدل سدل- متا سٽا. ڏي وٺ- ڏيتي ليتي.
● متَ ۽ متَ: ذ. (پرا. متيا: سن. ماتيڪ = متَ) ڏکر جو پاڻيءَ وجهڻ لاءِ وڏو ٽانءُ. وڏو گهڙو- مائوورو- متڪو. ٽامي جي ۽ ٽيڪر جي ماڻي (جنهن تي چڙهي ميرهر پلا مارين). جزا- ڪيتو- بدلو- عيوض- پاڙو جهاڙو- حساب ڪتاب. (پرمانند). (صفت). جيڏو- برابر- مثل- همسر- هڪ جيترو- سريلو- هڪ جهڙو- هڪ جيڏو- هموزن- تُلُ- سمان- مساوي- ميلُ- جيئُسُ- جوڙ- ثاني- سرتو- شريڪ. قابل- لائق.
= متِ پوَنُ: پوري پوڻ- پڄڻ- پروبري ڪرڻ- برُميچڻ. ملائڻ ٽڪرائڻ- لڳائڻ. ملي اچڻ- ملڻ- ڪهي اچڻ- ڪهڻ- ڦهڪڻ- ڪهڪڻ- لڳڻ- ميل ڪائڻ- هڪ جهڙو ٻيهڻ- تُلُ ٿي اچڻ.
= متُ هُجڻُ: برابر هجڻ- ثاني هجڻ- شريڪ هجڻ- جوڙ هجڻ- ڪهڪي ٻيهڻ.
● ميتُ ۽ ميٽُونُ: ميتَ: ث. ذ. منهن جو هڪ حصو- ڳيتو- گِل- رُخسارُ. گل جو اندريون پاسو.
= ميتِرُ ۽ ميترَ: ذ. صفت. ٽلهين ميتنُ وارو- ڪٽرُ.
= ميتَ سُجاڻيُ: متون ڦوڪڻ- ڦوڪجڻ- شوڪجڻ- ناراض ٿيڻ- چڙڻ.
= ميٽُونُ ڦوڪتنُ: گِل سُجاڻڻ- ڪاوڙجڻ- غصي ٿيڻ- ناراض ٿيڻ- چڙڻ- خفي ٿيڻ.
● ميتُ ۽ ميتَ: ذ. (پرا. ميٽو: سن. ميترَ = مائيتُ) مائٽ- خويش- سڳيٽو- شريڪ- عزيز- رشتيدار- سيال- ميترُ. سڳو- ڀنهنجو- پاڻهي وارو- برادري وارو. ويجهو دوست- يار- سڄڻ- گهٽگهرو. (ذ). وڏو گراهڪ- گاهڪ- لهوڙو.
= ميتُ ڪرَنُ: عزيز بنائڻ- مائٽ ڪرڻ. پيارو ڪرڻ- دوست بنائڻ.
= ميتَ هڻڻُ (ت): وڏا گراهڪ هڻڻ- لهوڙا هڻڻ.
= ميتِياڻيُ ۽ ميتياڻيُونُ: ث. مائٽياڻي- عزيزياڻي- رشتيدارڻ.
● متُ ۽ متَ: ذ. (پرا. موتّر: سن. مُوتر = متُ). پيشاب- ناڙا چوڙ- ريلو. ويڙهو (ڪاغذن جو)- متو. ڪنڊو. (ت).
= متاکو ۽ متاکا: ذ. چوپائي مال جو وٽان ٻڌي پيل گاهه (جو پيشاب ۾ پسي خراب ٿي وڃي هجي).
= متاکيرو ۽ متاکيرا: ذ. صفت. ذري ذري پيشاب ڪندڙ- ذري ذري متندڙ- متيٽو.
= متِ متِ: ث. هرهر متڻ جي حالت. ذري ذري ايندڙ پيشاب. (پرمانند).
= متِ متِ ڪرَنُ: ذري ذري پيشاب ڪرڻ- ذري ذري متڻ. (برسات جو) ٿوري ٿوري دير ڪان پوءِ وسڻ.
= متِ متڻُ: ڇڄڻ- ڊرڻ- ڪنبڻ- دهلجڻ- خوف ڪائڻ- ڪوڪرڻ- ڊڪڻ- ٽڙڪڻ.
= متَ ۾ مائنڈاڻيُ وڇهنُ: بي فائدي ڳالهه تي بحث ڪرڻ. ڪم جي اڌ ۾ رنڊڪ وجهڻ- ڪم بگاڙڻ. جهڳڙو ڪرائڻ- جهيڙو مچائڻ- فساد ڪرائڻ- چيٽو پورڻ. وچ ۾ نفاق وجهڻ- چيڪ وجهڻ- رخنو وجهڻ. آڙي ڪرڻ- چب وجهڻ- خواهه مخواهه رنڊڪ وجهڻ.
● متا ۽ متائُون: ث. متَ- بدل- عيوض- قهيرَ- ڪهير- آٽل. ڏي- وٺ. وٽو- لاٽ- ورتو. مجرائي.
= متا متا ۽ متا متائُونُ: ث. متَ متَ. آٽل پٽل- وارقير- ڏي وٺ- تبادلو. بدل سدل- قهير ڪهير.
= متالوُ ۽ متالا (ل): ذ. متا- متَ. بدل. (مهيري).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● سُڌائڻو ۽ سُڌائڻڪا: ذ. (سن. سُڌ = سڌ) سُڌ جي ٽيلهي - سڌاڻو.
- سُڌائيڻ: مصدر. هڪڙو ڏيئي ٻيو وٺڻ - متا سڌا ڪرڻ - سڌيڻ - وٽائڻ - وار قير ڪرڻ - بدلائڻ - ڦيرائڻ. (رپيو) ڇڏائڻ - ريزو ڪرائڻ. خرُدو ڪرڻ. (سزا) گهٽائڻ. (سڌائيو - سڌائيندو - سڌائيل).
- سڌاءُ ۽ سڌاء: ذ. سڌائڻ جي حالت - سڌا - سڌ.
- سڌاءُ سڌاءُ ۽ سڌاء سڌاء (ل): ذ. وار قير - بدل سدل - واري قيري - ڏي وٺ - سڌا سڌا.
- سڌاءُ سڌاءُ ڪرڻ: ڏي وٺ ڪرڻ (پيسي جي) - ڏيتي ليتي ڪرڻ.
● سڌائيڻ: مصدر. (سن. سَرْجَ = صفا ڪرڻ) ڌاهيڻ - ڪُرڙڻ - لاهيڻ - ميسارڻ (اکر يا نقش وغيره). ناس ڪرڻ - نابود ڪرڻ - گُم ڪرڻ - دفع ڪرڻ. وسائڻ - آجهائڻ - ماڻارڻ - ٽارڻ - جهپائڻ (هٿ وغيره). روڪڻ - دٻائڻ - بند ڪرڻ. (ترشنا) پوري ڪرڻ. (سڌائيو - سڌائيندو - سڌائيل).
- سُڌائيڻ: مصدر. (نشيڙي ٻار کي) ٻيشاب ڪرائڻ. (سُڌائيو - سُڌائيندو - سُڌائيل).
● سڌيجڻ: مصدر. بدلجڻ - قيرڻ سڌيڻ - تبديل ٿيڻ - قيري وڃڻ. ريزو ٿيڻ - خرُد بُرد ٿيڻ. ڪاوڙجڻ - رنج ٿيڻ - غصي ٿيڻ - ناراض ٿيڻ - چِڙڻ - بگڙجڻ. مچرجڻ. فساد ڪرڻ - دنگو ڪرڻ - بغاوت ڪرڻ - بلوو ڪرڻ. فتنو ڪرڻ - ڏڙو ڪرڻ - ڦري ٻيهڻ. ضد ڪرڻ - هٺ ڪرڻ - تيسو ڪرڻ - گهپي ڪرڻ - ڪيروڌ ڪرڻ. (سڌيو - سڌبو - سڌيل).
- سڌيجي ٻيهڻ: ڪاوڙجي ٻيهڻ - مچرجي ٻيهڻ. هوڏ ڪرڻ - زور ڪرڻ - اِتَ هٽي ٻيهڻ. مقابلو ڪرڻ - فساد ڪرڻ - دنگو ڪرڻ.
● سڌيجڻ: مصدر. سڌڻ - ڏهڻ - ميسارجڻ. لتجي وڃڻ. قيتي وڃڻ - نابود ٿي وڃڻ - برباد ٿي وڃڻ - تباهه ٿي وڃڻ. (سڌيو - سڌبو - سڌيل).
● سڌيرُ: اسم خاص. تعلقي ڏکهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● سڌيرُ ۽ سڌيرَ: ذ. (سن. سڌڪُشڌَ = سڌر) اناج جو هڪ قسم - دال جو هڪ قسم - ٻتاڻو. چوپائي جي ڪِچيءَ ۾ ٻڌڻ جو ميڙ - ٽلي - چڙي. (صفت). اڻ ٽر - آڻل - ڪُپ ڪوڙ - اسڙ - ڪاهوڙو - پُختو - پڪو - مستحڪم. نيڙ - هوڏي - اٽوٽو - شديد تي - نجس - ڪندي - نيرجو - اهنڌ - اڻٽر - بُڪئين بچڙو - وڻڪو - ڊنر - هوڏائتو - بحثي - ڪج بحث. بي سمجهه - موڪو. (گاجرا).
- سڌيرُ پُجڻُ (ت): اوکو ڪم ٿيڻ. مشڪل ڪم ٿيڻ. سخت تڪليف ۾ اچڻ - مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ - آزار ۾ قاسڻ - مشڪلات ۾ پوڻ.
- سڌيريُ ۽ سڌيريُ: ث. سڌير. مڙن جي پوڪ. مڙن جون ڦريون.
● سڌيرُ ڪوٺُ: اسم خاص. تعلقي آباوڙه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● سڌيرُو ۽ سڌيرا (ل): ذ. صفت. ڦيرَ تي نه ميڙندڙ چوپايو - ڪنڊيرُ. (مهيري).
● سڌيريُ ۽ سڌيريُ: ث. ڪڪ جي پوڪ ڪيڙن سبب، ڪڪ ۾ ٿيل ڪارو آنڊو. ڪريل ڪڪ.
● سڌيڪُ ۽ سڌيڪَ (ل - ث): ذ. شيءِ - وٽ - ٽوڪُ. شيءِ جو نيڍڙو ٽُڪر.
● سُڌڪُ ۽ سُڌڪَ: ذ. (سن. سُڪُتُ = چِتُ) شاديءَ ۾ گهوٽ کي پهرايل چٽ (اڪثر هندن ۾) - تاج - سُڪٽ. چوٽي - تُرو - ڪلنگي - ڪُلغي.
● مُحْسِنُ: صفت. (ع). احسان ڪندڙ - احسان ڪرڻ وارو - مهربان - پلائي ڪندڙ - ٿورو ڪندڙ - وڙائتو. ساوڪ ڪندڙ - نيڪي ڪندڙ - مهرباني ڪندڙ - نوازش ڪندڙ - چڱائي ڪندڙ - داتا - اپڪاري - سخي - فياض - دَياوان - دَيالو. هٿڪاري - مُرَبِّي - سنڀاڻيتا ڪندڙ - سرپرست - پُٺ پٽرو - آن گِراهي. پشت پناهه - دستگير - حامي - مددگار.
● مُحْسِنُ كُشُ: ذ. صفت. مهربان کي ماريندڙ - چڱائي نه مڃيندڙ - احسان نه مڃيندڙ. ناشڪرو - گُٺچور - گُٺچور.
● مُحَسُّوسُ: صفت. (ع. حَسَّ = حس جاتو) جاتل - جاڻ ۾ آيل - پروڙيل - پروڙ ۾ آيل. ظاهر - پڌرو - معلوم - آشڪار - پرتڪش - قابل امتياز - سهي - معلوم ٿيڻ جهڙو.
● مُحَسُّوسُ كَرَنُ: اندرين سان جاڻڻ - حواسن سان معلوم ڪرڻ - سهي ڪرڻ - سمجهڻ. (گاجرا).
● مُحَشَّرُ ۽ مَحْشَرُ: ذ. (ع حَشَرَ = گڏ ٿيو) حشر - قيام - قيامت. قيامت جو ڏينهن - مسلمانن جي عقيدي موجب پُڇاڻي جو ڏينهن - حساب ڪتاب جو ڏينهن - جزا جو ڏينهن - روز جزا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُحْتَصِّلُ: ذ. صفت. (ع). حاصل كندڙ. (ٽيڪس وغيره) وصول كندڙ.
= مُحْتَصِلا ٿو: ذ. دلالي - چوٽ. ٻلاوٽي - هُٿ ٻاڏو.
= مُحْتَصِيلُ ٽيڻُ: پڙهڻ - سمجهڻ - حاصل ٽيڻ - هٿ اچڻ - ميلڻ - وٽڻ - لهڻ - دستياب ٽيڻ.
● مُحْتَصُورُ: صفت. (ع). گهيريل - گهيري هيٺ آيل - محاصرو كيل - چوڌاري قابو كيل - وڪوڙيل.
● مُحْتَصُولُ ۽ مُحْتَصُولَ: ذ. صفت. (ع. حصل = حاصل كيو) حاصل كيل - هٿ كيل - قبضي كيل. (ذ). ڏيل - رائرُ - ٽَوْلُ - سُنگ - رَكب - خيراج. مَڊي - ناكو - آكٽ - سُونگ - چونگي - ٽيڪس. مسواڙ - پاڙو - ڪرايو - آجرت - جزيه.
● مُحْتَضْ: صفت. (ع). نِيچ - نِيچو - صاف - شُڌ - نِيار - نِهيٽ - سڌو - آڇتو - نِرمل - خالص - اَصيل - چِٽو - آڻ ميليل - آڏسو. قطعي - فقط - نِرو - نِيلو - رڳو - نسورو - سِڌو - باكل - سراسر - اَصل.
= مُحْتَظُوظُ: ذ. صفت. (ع. حظّ). خوش - پترمن - نِهال - سَرهو - راضي - سُهجو - بهار - سكي - لطف اندوز. آسود و - آڇڪ - سُكيو.
● مُحْتَفِلُ ۽ مُحْتَفَلُونُ: ث. (ع. حفل = مجلس). ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ - مجلس - سڀا - جماعت - انجمن - سنڀلي - سماج - سوسائٽي. ميڙ - چوپاري. ڪچهري - رهاڻ. وندر.
= مُحْتَفِلُ ڪرڻُ: مجلس ڪرڻ. ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي ماڻهو گڏ ڪري خوشي ڪرڻ. سڀا گڏ ڪرڻ. ڪچهري ڪرڻ - رهاڻ ڪرڻ - ناچ گانو وغيره ڪرائڻ.
● مُحْتَفُوظُ: صفت. (ع. حَفِظَ = هو بچاءُ هيٺ آيو) بچاءُ هيٺ آيل - حفاظت ۾ آندل - رَکيا كيل - سنياليل. سوگهو - بلائتو - جوپ - سلامت - قابو - هٿيڪو - صحيح سلامت - سانديل - سانڀيل - آجوڪو - بي جوکو.

● مُحْتَقِقُ: ذ. صفت. (ع. حقّ). تحقيق كندڙ - تصديق كندڙ - ثابت كندڙ - سچو كندڙ - چڪاس كندڙ. حڪيم - فيلسوف. دليل ڏيندڙ - دليلباز. ڪنهن منجهيل ڳالهه کي چئو كندڙ. قطعي (حقيقت يا ڳالهه) - تاكيدي - حقيقي - سچي. شافي - صاف - چٽو - ناطق. (پرمانند) - ثابت كيل - مستند - پڪو. (گاجرا).
● مُحْتَكَمُ: ذ. صفت. (ع حَكَمَ). مضبوط - پائدار - جٽادار - مستحكم - برقرار - كپ كوڙ - پختو - ڏاڍو - قابو - سوگهو - آچل - ٽير - سخت. آڏل - آڻ ٽر - نيسچل.
● مُحْتَكِمُ ۽ مُحْتَكِما: ذ. (ع. مُحْتَكِمهُ = حَكَمَ). عدالت گهر - عدالت خانو - نِياءُ سڀا - كورٽ - ڪچهري - درٻار. ڪاتو - ڊپارٽمينٽ.
● مُحْتَكُومُ: صفت. (ع. حكم). حڪم كيل - حكم هيٺ - زير حكم - تابع - تابعي - تاني - مطيع - تحت ۾ - تابعدار - وسيكو - ماتحت - تليد و - زيردست - بجگير - باجگير. هيٺان.
● مُتَحَلْ: اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُتَحَلُ ۽ مُتَحَلَ: ذ. (ع). وڏي عمارت - شاهي مكان - محلات - قصر: محلسرا - حويلي - راج مندر - دولت خانو - دولت سرا - راج پُونُ. بادشاهه يا امير جو گهر. گهر - جاءِ - جڳهه - آرام گاهه - آرام منزل. حرم - ڏيڍي - حرم سراءِ - زنانخانو. بيگم - راڻي - ملكه. (آصفيه).
= مُتَحَلاتُ ۽ مُتَحَلاتَ ۽ مُتَحَلاتَونُ: ذ. ث. (ع. محل جو جمع). محل - بادشاهي گهر - پڪلو. (گاجرا).
= مُتَحَلَ سَتَراءِ: ث. حرم سرا - حرَمُ - ڏيڍي - زنانخانو - حويلي.
= مُتَحَلْكارِيُ ۽ مُتَحَلْكارِيُ: ث. صفت. محل جو سنياليندڙ - عملدار. (گاجرا).
● مُتَحَلا: ث. سڪ ڪرڻ جي چيل واڌيءَ جو حصو. (هڪ گروه جي واڌيءَ کي عدد ڏنا ويا آهن. مثلاً: گرو نانڪ جي واڌيءَ کي محلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پھرين ۽ گرو تيغ بهادر جي واڻيءَ کي محلا ڪوٺين چوندا آهن). (گاجرا). گهر - محلو.

● مَحَلّو ۽ مَحَلاَ: ذ. (ع. مَحَلّه > محل = پاڙو). شهر جو ننڍو حصو - تڪ. پاڙو - ڪوچو. لهڻ جي جاءِ - ترسڻ جي جاءِ - منزل - منزل گاهه - ٺڪاڻو - آستانو - مسڪن. جاين کي ليپي ڏيڻ جو اوزار. (ت). مارو. (ت). انبن جي فصل کي نقصان پهچائيندڙ جيت - مالهو - مهلو. (ت).

● مُحَمَّدُ: صفت. (ع. حَمَّدَ = هن سراهيو) نهايت تعريف ڪيل - گهڻو ساراهيل - حَمَّدَ ڪيل - واکاڻ ڪيل - واکاڻيل - ثنا ڪيل - ثناءِ ڪيل - صفت ڪيل. (اسم خاص). مذهب اسلام جي باني، پيغمبرِ آخرِ زمان جن جو اسم مبارڪ.

= مُحَمَّدي: صفت. ڪنهن جي پيروي ڪندڙ - حضرت محمد صلي‌الله عليه و سلم جو آمتي.

● مُحَمَّدُ آباغُ: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّداڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر آتر سرحد سنڌ ۽ حيدرآباد سنڌ ۾). بلوچ قوم جو هڪ قبيلو. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّدُ پُورُ: اسم خاص. تعلقي ڪوهي خيري، تعلقي آباوڙي ۽ تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّدُ حَسَنُ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّدُ حَسَنُ دَڪَنُ: اسم خاص. تعلقي ڪوهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّدُ خانُ جَلْبَاڻيُ: اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّدُ رَحِيمُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّدُ عالمُ پَٽَيلي: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّدُ وارثُ ڪَپهَرُ: اسم خاص. تعلقي ڪوهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمَّدي ٽانڊو رِرِيُ: اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُحَمِّلُ: ذ. (ع. حَمَّلَ = هن هارڪيو) آڻ تي رکيل ڏولي - ڪجاوو - ڪتڑاڻو - ڪتجاوو - آڻ جي هٿياري. گهوت ڪُنوار جي سواريءَ لاءِ گاڏي. (ت).

● مَحْمُودُ: صفت. (ع. حَمَّدَ = هو سراهيو وپو) ساراهيل - تعريف ڪيل - واکاڻ ڪيل - واکاڻيل - ثنا ڪيل. (اسم خاص). غزنيءَ جي بادشاهه سلطان ناصرالدين ابن سبڪتگين جو نالو. (آصفيه).

● مَحْمُوداڻيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڈي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَحْمُودُو: ذ. پيارڪي وڪر جو هڪ قسم - دوا طور ڪم ايندڙ (ڪنهن ٻوٽيءَ جو) جميل، ڳوڙهن واڪر ڪيرُ. (ف. ج). (اسم خاص). تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَحْمُودي: ث. (ع). سنهي هرڪ جو هڪ قسم. دوائن جي ڪم ايندڙ هڪ پيارڪو وَڪرُ.

● مَحْمِيدُو: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مِحْنَتَ ۽ مِحْنَتُونُ: ث. (ع). رنج - ڏُک - ڪشٽ - زحمت - تڪليف - جفا. پٽوڙ - ڳهڻ - جاکوڙ - مشقت - جانفشالي - سرجوش - ڪشالو - دردسري - جدوجهد. آدم - ڪوشش - مٽاڪُٽَ - مٽا مار. ڪم ڪار - مزوري - پورهيوڪارهيو - ڪيرت ڪار - ڏندو - ڪاريگري - مزدوري - ڪاجُ. روز - روزينو - آجورو - آجرت ڪار.

= مِحْنَتاڻو ۽ مِحْنَتاڻا: ذ. اصل لفظ مِحْنَتاتو. مزدوريءَ جو سُلهه - محنت جو آجورو - پورهيي جي قيمت - مُواجِبُ - مزوري - روزُ - پورهيو - عيوضو - آجورو - لواڙمو - لاڳ - پگهار. (صفت). محنت وارو - محنت جو - محنت طلب - اٺ ڪائيو - ڏڪيو - ڏوکيڙائنون. محنتي - هڏُ پڳل - محنتائتو.

= مِحْنَتاتِيتو ۽ مِحْنَتاتِيتا: ذ. صفت. محنت طلب - اٺ ڪائيو - ڏڪيو - ڏوکيڙائنون - محنتي - هڏُ پڳل - محنتاڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مِحنَتَ سَقلِي ٿيڻ: محنت برصواب ٿيڻ - پورهيو پلئي پوڻ - حق حاصل ٿيڻ - کيل ڪم جو آجورو ملڻ - پورهيي جو لاڀ ملڻ.

= مِحنَتَ کَشَ: ذ. صفت. جفاکش - محنتي - پورهيت. (گاجرا).

= مَحنَتَ کَرَڻ: کوشش ڪرڻ - تندهي ڪرڻ - سرگرمي ڪرڻ - جدوجهد ڪرڻ - جفاکشي ڪرڻ. پورهيو ڪرڻ - مزدوري ڪرڻ. پوڪ پوکڻ - کيڙڻ - وَلڻ. (آصفيه).

= مَحنَتَ وَنبَڻ: ڪم ورهائي ڪٽڻ - پورهيو ورڇڻ.

= مَحنَتِي: صفت. محنت ڪندڙ - جفاکش - زحمت کش - سختي برداشت ڪندڙ - ڪشٽ ڪيندڙ - آدمائتو - آجَمي - سَعياڻتو - هَڏ پڳل - محنتو. پورهيت - مزدور - ڪمي - ڪُولي - بيگاري.

● مَحَلّ: ظرف. صفت. (ع. مَحَلّ = ڪَم) ڪَم - غائب - لاپتا - وِيَلُ. شيفته - فريفته - عاشق. حيران - متوغر - پريشان - واڙو - غلطان - مگن. بي سُرت - بي خبر - بي هوش. فنا ٿي ويل - ميڇي ويل - زائل. دَڪل. پُلِيل - پُلجي ويل - مُنجهيل.

= مَحَلّ ٿيڻ: غرق ٿيڻ (ڪم يا خيال ۾) - بيخود ٿيڻ - غلطان ٿيڻ - مگن ٿيڻ - رَتل رهڻ - رُڌل رهڻ.

= مَحَلّ وَجَهَ: زائل ٿي وڃڻ - آڏامي وڃڻ - ڪم ٿي وڃڻ - غائب ٿي وڃڻ. عاشق ٿيڻ - مست ٿي وڃڻ - چريو ٿي وڃڻ - فريفته ٿي وڃڻ. غلطان ٿي وڃڻ - مگن ٿي وڃڻ.

= مَحَلّ کَري چڏَڻ: ميٽائي چڏڻ - زائل کري چڏڻ - ڪم کري چڏڻ. مُتحير کري چڏڻ - بُت بنائي چڏڻ. موهي چڏڻ - عاشق بنائي چڏڻ - فريفته کري چڏڻ.

= مَحَلّ پِتَ: مَحَلّ پِتَنُ: ث. ڪم شدگي - بي خبري - بي سُرتائي - اغراق. شيفتگي - فريفتگي.

● مِحوَر: مِحوَرَ: ذ. (ع. حَوَرَ = هن ڦيرايو) زمين ۾ڪنهن به آسماني جسر هي وچ واري هڪ خيالي ليڪ (جنهن تي ڌرتي يا ڪوبه آسماني جسر ڦري) - مَدار. گاڏي جي وچين لوهه واري ڪار - لوهه جي ڏري (جنهن سان ٽيڪا ڦرن) - سَرائي - ڏري - ڏرو.

= مَحوَري: مَحوَرِي: صفت. محور وارو - گول ڦرندڙ - چڪر وارو.

● مُحِيطَ: صفت. (ع). گهيرندڙ - گهيرو ڪندڙ. قبضو ڪندڙ - قبضي ۾ آڻيندڙ - وکوڙي ويندڙ - وکوڙيندڙ. (آصفيه). گنجائش وارو - سمائيندڙ. گهيريل - وکوڙيل. وسيع - پکڙيل. ڪشاد و - ويڪرو.

● مُتخادِمَ: ذ. صفت. (ع. خادم جو جمع) ڪم ڪار هلائيندڙ (خاص ماڻهو) - جملي ڪم ڪندڙ جا اڳواڻ - ڪارڪن. ديوان - ڪمدار - ڪارائو. خدمتگذار - پيلي - پانها - نوڪر. ڪاڪيدار - ٻني جو مالڪ - اجاريدار - جو خدمتگار ڪان ٻني آباد ڪرائي، ان کي حصو ڏيندڙ. ڪُڙمي - هاري - ڪاشتگار - پَٽيِيرَ - وٽيدَرَ.

= مُخادِمِي: ث. وُزارتَ - ديوانگيري - ڪمداري. خادمي - نوڪري - بزگيري - هانيهٽپ - خدمتگذاري. مخادم جو ڪم - ڪاڪيداري - اجاريداري - مخادم جا حق حقوق. ڪُڙميت - هارٽپ - ڪاشتگاري - ڪيتي.

● مُتخادِمُ: صفت. (ع). بُزرگ - پَڪارا - سگهورا - سَعيد - نيڪ - شريف.

● مُخاطِبَ: ذ. (ع. خَطَبَ = هن سامهون ڳالهايو) روبرو ڳالهه ڪندڙ - خطاب ڪندڙ - ڳالهائيندڙ - گفتگو ڪندڙ - هم ڪلام - سَروٽو - الاڻو. تقرير ڪندڙ - وياڪياڻي. ڏوراهو ڏيندڙ - ڪاوڙ جندڙ.

= مُخاطِبَ ٿيڻ: روبرو ڳالهائڻ - سامهون چوڻ. خطاب ڪرڻ - خاص آدميءَ جي طرف ڌيان ڏيئي ڳالهائڻ. (گاجرا) - چَوَنُ - اُڪَڻُ - وِيهه گيان ڪرڻ - ليڪچر ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُخالِفُ ۽ مُخالِفَ: ذ. صفت. (ع. خَلَفَ) هر ڀالهه ۾ آڏو ايندڙ - برخلاف - و رُڌُ - پرتي ڪول. خلاف ٿيندڙ - آهٽڙ ويندڙ - آڏو ايندڙ. دشمن - ويري - ڏُڇڻ. مدعي. اونڌو - آهٽو - ٻيرو - آهٽڙ. اڻائو - آڏو - سامهون (واءُ).

▬ مُخالفَتَ ۽ مُخالفتُونُ: ث. برخلافي - وِرُهڻ - اختلاف - پيد - آلٽيڻو - ضِدُ - مُنهن موڙ. مقابلو - سامهڻائي. آونڌائي - آهٽائي - ناموافقت. ٻيائي - ڏُڇڻائي - وِيرُ - ڪُلفت - وِروڌ - عداوت - دشمني - خصومت.

▬ مُخالفَتَ ڪرَڻُ: اختلاف ڪرڻ - برخلافي ڪرڻ - وروڌ ڪرڻ - برخلاف وڃڻ - آهٽڙ وڃڻ. مقابلو ڪرڻ. آڏو ٿيڻ - سامهون ٿيڻ - دشمني ڪرڻ - وِيرُ وڃڻ - ضديت وڃڻ - ڪشيدگي ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ.

● مُخْبِرُ: ذ. صفت. (ع. خبر) خبر ڏيندڙ - خابِرُ - قاصد - پيغامي. نياپو ڏيندڙ. جاسُوس - ڏاهُ - چُغلُ - جُوٽِيتُ - چاري - سُونجهو - جاچُوس - چانچُوس. چاڙتو - ٽِياڪُرُ - دَلال - وچ وارو.

▬ مُخْبِري ۽ مُخْبِرِيُونُ: جاسوسي.

● مُخْبُو ۽ مُخْبا: ذ. (ع. مخباء) ڪنهن شيءِ جي لڪائڻ جي جاءِ. ڀَڪَ واري ٿالهي - ڀاڪُون. لنڊو ڀاڪُون. د ٻلو.

● مُخْتارُ ۽ مُخْتارَ: ذ. صفت. (ع. خير) چونڊيل - پسند ڪيل - اختيار وارو - آزاد - خود مختيار. (گاجرا).

● مُخْتَصَرُ: صفت. (ع. خَتصَرَ = هن ڪهڙيو يا ٿورو ڪيو) اختصار ڪيل - ڪهڙيل - ڪهٽ - ٿورو. ٿورا ڪرو - خُلاصو - سنڪشيپ - مُجمل. لنڊو - ڪوتاهه. رواجي - هلڪو - واجبي - پورو پُٽو - وِچولو - درسيانو - وچٿرو. (ظرف). ٿوري ۾ - جهٽ پٽ. (گاجرا).

▬ مُخْتَصَرُ نَويسيُ: ث. ڪوتاهه قلمي - چوٽَ اکري - ٿور اکري - شارٽ هينڊ.

● مُخْتَلِفُ: صفت. (ع. خَلَفَ = ناموافق) اختلاف ڪندڙ - اڻ ميلُ - ناموافق - هڪ جهڙو نه - غير جنس - بي جوڙ. جُدا - ٻيو - ڌار - ٻيءَ طرح جو - ليارو - علحدو. ٻيانت پائت جو - قسمين قسمين - نموني نموني - طرحين طرحن.

● مُخْتِيارُ ۽ مُخْتِيارَ: صفت. (ع. مختار) چونڊيل - چانڊيل - پسند ڪيل. اختيار ڪيل. اختياريءَ وارو - بااختيار - ڪُل مختيار - خود مختيار - سُوتنتر - سُواتِينُ - آزاد. پنهنجيءَ وارو - هُوندو وارو - رضا جو راڻو - چُڙئي پلاند - پاڻ ڀرو - رُوءسُوءِ - پنهنجي سر - پاڻ سُهاڙو - شُتر اي سَهارُ - مُطلق. مالڪ - ڏڻي - وارث. ايجنٽ - گماشتو - دلال. بِنا پرواني وڪيل - وڪيل. ڪارڪن. ناظر - خانساماڻ - پنداري - مودي. متولي.

▬ مُخْتِيارِ ڪارُ ۽ مُخْتِيارِ ڪارَ: ذ. صفت. ڪم وارو - ڪم ڪندڙ - ڪاردار. متولي - سنڀال ڪندڙ - مهتمم - ڪارپرداز.

▬ مُخْتِيارِ ڪارِي ۽ مُخْتِيارِ ڪارِيُونُ: ث. ڪم ڪرڻ جي آزادي. ڪم جي سنڀال - سربراهي - اهتمام.

▬ مُخْتِيارِ نامو ۽ مُخْتِيارِ نامَا: ذ. لکيل اختيارنامو - لکيل دستاويز - مختياريءَ جي سند - وڪالت نامو.

▬ مُخْتِيارِي ۽ مُخْتِيارِيُونُ: ث. عام اجازت - موڪل - اختياري - اجازت. خود مختياري - سُوتنتَر تا - آزادي. بي محتاجي. حاڪمي - مَجاز - حڪومت - دِگو - اختياري. پرماڻ - هلندي - پُهچ. سند.

● مُخْتِيارڪارُ ۽ مُخْتِيارَڪارَ: ذ. صفت. (ع. مختيار = آزاد + ف. ڪار = ڪم). پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪندڙ. روينيو ڪاتي جو هڪ عهديدار - تعلقي جو آفيسر - تحصيلدار.

▬ مُخْتِيارڪاري ۽ مُخْتِيارڪارِيُونُ: ث. مختيارڪار جو ڪم. مختيارڪار جي آفيس - تعلقي آفيس - تحصيلداري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَخْدُومُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر سکر حيدرآباد ۾ لاڙڪاڻي ۾).
● مَخْدُومُ ۽ مَخْدُومَ: ذ. (ع). خدمت ڪيل- جنهن جي خدمت ڪجي. بزرگ. عزت وارو- مان وارو- مُعزز- سائين- آقا- آغا- آڪو- سوامي- مُربي. مذهبي رهبر- پيشوا- هادي- امام.
● مَخْدُومُ پُورُ: اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَخْدُومُ صاحِبُ: اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَخْرَجُ: ذ. (ع. خَرَجَ = هو نڪتو، وهيو). اڪرڻ جي جڳهه- نڪال- لنگهه. بنياد- اصل- پاڙ- ماده- رُوت- اکر ڏاتو. (آصفيه). علم نحو جي اصطلاح ۾ وات مان "الف، ب" جي اڪرن نڪرڻ جي جاءِ. آچار. وَت سٽ- وکڙ شڪڙ- وَرُوکڙ. هيٺ متانهين. نازنخرو.
● مَخْرُوطُ: صفت. (ع. خَرَطَ = چِلِيو). پتائي گجر جي شڪل جهڙي ڪا گول شيءِ (جنهن جو مٿو ٽلهو ۽ هيٺ پچڙي سنهڙي ٿيندي وڃي)- گاوڏم- سُوچي- ڏاند پُڇ. ڏُول.
● مَخْرُوطِيُّ ۽ مَخْرُوطِيُّ: ذ. صفت. پتائي گجر جي ڏُول جهڙي (ڪاب شيءِ)- گاو دُم- ڏاند پڇو- ڪاڻ پڇو- ڏُول شڪل.
● مَخْزَنُ: (ع. خَزَنَ). خزاني جي جڳهه، ڪڏ ڪرڻ جي جڳهه- گودام. گنج. ذخيرو. (آصفيه). گنجينو مضمون- رسالو. ڪوش- لغت.
● مَخْصُوصُ: ذ. صفت. (ع. خَصَّ = خاص ڪيو ويو). خاص ڪيل- خاص- وشيش- آساڌارڻ- نجو- خالص. چونديل- ڏٺيل- ڏوچيل- جدا- علحدو.
● مُخَفَّفُ: صفت. (ع. خَفَّ = هو هلڪو هو). هلڪو ڪيل- گهٽ ڪيل- اختيار ڪيل- ٿورو ڪيل- چانڪيل- چانگيل.
● مُخْفِيُّ: صفت. (ع. خَفِيَ). ڳجهو- پوشيدو- ليڪل- ڪنپٽ- خفيه- اولاڻيو- نامعلوم- رَهَسِيو- پيدي. (اسم خاص). شهزادي زيب النساء جو تخلص.
= مَخَلُ: ذ. (ع). اندیشو- اونو- آلڪو- فڪر. ڊپ. (س- ش). (ن- ب).
● مخاب: ذ. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم- دوا طور ڪم ايندڙ هڪ وڻ جو ڀڄ. (ف- ج).
● مُخْلِصُ: ذ. صفت. (ع. خَلَصَ). خالص (دوست وغيره). سچو- سچائيتو- سچار- سرلو- صادق- راستباز- کرو. صاف دل- بي ڪپٽ- بسڪپٽ- بي ريا. همدرد- حال وندیندڙ- ڏک پائي- غمخوار- غمگسار. چٽل- آزاد. مُجرد- ڪنوارو- چڙهو- واندو.
= مُخْلِصِيُّ ۽ مُخْلِصِيُّونُ: ث. سچائي- اخلاص. همدردي- غمگساري- وفاداري- غمخواري- چڙهائي- اڪيلائي- وانڍائي. موڪ- چونڪارو- رهائي.
● مَخْلُوطُ: صفت. (ع. خَلَطَ). ملايل- گڏيل- گاڏڙ. آميخته- گندو چڙ.
● مَخْلُوقُ: صفت. (ع. خَلَقَ = هن پيدا ڪيو). پيدا ڪيل- پيدا ٿيل- ٺاهيل- جوڙيل- آهايل- خلقيل- رچايل. پيراڻي- جيءُ- ساهوارو- حيوان- جانور. (ث). خلق- دنيا- سنسار- سرشٽي- ڪائنات.
= مَخْلُوقاتُ: ث. اهايل شيون- سرشٽي- رچنا- خلقت- آهتتي- جوڙ- دنيا- جهان- سنسار.
● مُخَمَّسُ: صفت. (ع. خَمَّسَ = پنج). پنجن ڪنڊن وارو- پنج ڪنڊو. (ذ). شعر جو هڪ قسم- پنجن مصرعن جو نظم. (آصفيه).
● مَخْمَلُ ۽ مَخْمَلَ، مَخْمَلُونُ: ذ. ث. (ع. خَمَلَ). ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم- نهايت نرم ۽ ريشمي ڪپڙو- بتخمل.
● مَخْمُورُ ۽ مَخْمُورَ: ذ. صفت. (ع. خمر). شراب پيتل- پيتل. خمار چڙهيل- نشي ۾ چور- خمارين- مدهوش- نشئي- ڪيئو- آلوٽ- مڇ- مست- متوالو.
● مُخَنَّثُ ۽ مُخَنَّثَ: ذ. صفت. (ع. خَنَّثَ = ڪنڊ ڏوٽيو) ڪڏڙو- هيجڙو- زنانو. خُنثِيُّ- نرمادو-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنسيءِ مڙسيءَ کان سواءِ. بي پهچ - بي زور و - بي وس - بي طاقت.

● مُخولُ ۽ مُخولَ: ذ. ڪِل - مسخري - ٺول - مذاق - چرچو - چيڙ خواني - چرچو گهنبو. (آصفيه). خوشطبعي. فخر - مرڪ - ناز. مغروري - گهمنڊ - شيخي - هٺ - دماغ - وڏائي - هُوءِ - دَمُ - اغماض - غرور.

● مُخولِ بازيَ: ث. مسخري - ٽوڪ زلي - ٽوڪبازي - ٺولي - چرچو گهبو - طعني بازي - مذاق.

- مُخولُ ڪرڻُ: ڪِل مسخري ڪرڻ - ٺول ڪرڻ - مذاق ڪرڻ - چرچو گهبو ڪرڻ - ٽوڪبازي ڪرڻ.

- مُخوليُ: ذ. صفت. چرچائي گهبائي - مذاقي - ٽوڪباز - مسخري ڪندڙ. مغرور - هٺيلو - آپماني - سُجاڻي - آڪريل - دماغي - هٺي - فخر ونندڙ - فاخر - هٺيلو - تڪبري. عاليشان - نڪ وارو - آدمبر وارو - ڏهه پي وارو - شان وارو - طُومان وارو.

- مُخوليُ ۽ مُخوليُونُ: ث. مخول - مخول بازي.

● مُخيُ: اسم خاص. تعلقي ڪَڪڙ هڪ ڏيهه جو نالو.

● مُخيّرُ: صفت. (ع). خيرات ڪندڙ - فياض - داتا - ڏاتار - سخي. نهايت نيڪ.

● مدّ ۽ مَدَ، مَدُونُ: ذ. ث. ڪشش - چڪ - تاڻ. (آصفيه). ڏيکهه - ڏکهائي - لمبائي. علم نحو موجب ڪنهن به آچار کي چڪ ڏيندڙ نشاني - اکر جي آواز کي ڏکهو ڪندڙ علامت "آ". نشاني - علامت.

- مدّ شدّ سانُ: ظرف. گهٽي ٽاڪ ٻاڪ سان - صفائيءَ سان - چٽائيءَ سان - ظاهريءَ طرح - پڌرائيءَ سان - ڪُلُ ڪُلا - ظاهري نموني ۾.

- مدِ نظرُ: ظرف. ڏسڻ جي حد تائين - حد نظر تائين. پيش نظر - مدِ نگاهه. (ذ). اها شيءِ جا نظر جي سامهون هجي. قصد - ارادو - مقصد - مراد - منورٿ - منشا.

- مدِ نگاهُ: ظرف. مد نظر.

● مدّهُ ۽ مدَهَ: صفت. (سن. مدْيه = شراب) پيئڻ لاءِ نشيدار عرق - شراب - باده - دارُو - مئي - صُهبا - مديه سارُ. شراب طهورا - روحاني شراب.

"وَت وَت وڻيءَ ۾ مَتُ مَتُ مدهُ پيو"
(شاهه).

(مدهُ = مستيي) نشو - مستي - خُمار - متوالاپڻ - سرشاري - مدهوشي - مند مستي - مخموري - ڪيف. چريائي - پاگلپڻو - جُنون - سوداءُ. موهُ - عشق - محبت - پيار - قُرب - چاهه - لاڙو - چاهت. آنند - خوشي - لُطف - مزو - موج. مغروري - گهمنڊ - شيخي - هٺ - دماغ - وڏائي - هُوءِ - دَمُ - اغماض - غرور - بانورُ - آڪڙ - هٺ - اهنڪار - وڏائي - تڪبر - ڦوهه - ڦاٽو. (صفت). پيتل - خُمارين - مست - متوالو - مدهوش. خوش - سرهو - راضي - نهال - پرسن. ماڪي. (گاجرا).

- مدهُ مَستُ ۽ مدَ مَستَ: ذ. صفت. نشئي - خُمارين - مَ ۽ چڙهيل - نشي ۾ پُرُ - پيتل - ڪيئو.

- مدهُ مغزُ: ذ. صفت. مغروريءَ سان پريل - هٺيلو - هوڏي - ضدي. متي ڦريل.

● مُدَ ۽ مُدُونُ: ث. مُندَ - موسم - رُتَ.

● مُدا: ث. (ع. مُدّة = مُدو) وقت - سمو - عرصو. ٽيڪ وقت. مُدو.

- مُدا ڪترَنُ: ٽيڪ وقت ٽيڻ. پوروٽيڻ - ختم ٿيڻ.

"محشر ڪيو مُدا اڄ اچوڪي ڏينهڙي"
(خان زئي).

● مدّاحُ: صفت. (ع. مدَحَ = هن سارا هه ڪئي) مدح ڪندڙ - تعريف ڪندڙ - ثناخوان - صفت گائيندڙ. پَتُ. ڪتڪُ. (آصفيه).

● مدّاحَ ۽ مداحُونُ: ث. (ع. مدَحَ = هن سارا هه ڪئي) تعريف - سارا هه - واکاڻ - ثنا - صفت - مدح. شعر جو هڪ قسم - تعريفي بيت.

- مداحُونُ ٻڌائيڻُ: خوشامد ڪرڻ. هيٺيون ٿيون ڳالهيون ٻڌائي خوش ڪرڻ.

● مُداخلتُ ۽ مُداخلتُونُ: ث. (ع. دخل) دخل - دڙڪُ - دست اندازي - وچ ۾ اڪاءُ - مزاحمت. قبضو. تصرّف. قابو. تحت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُداخلتُ کترَنُ: دخل ڏيڻ - وچ ۾ ٽپي پوڻ - دست اندازي کرڻ - انکاءُ کرڻ.

● مُدارُ ۽ مَدارَ: ذ. (ع. دَور) گردش جي جاءِ - کنهن آسماني جسم جي دوري کرڻ جي جاءِ - ڦيري جو چکر - دائرو - گول - چکرو - حلقو. کنهن گرهه جو سج جي چوڌاري ڦرڻ جو رستو. ڦيرو - گهيرو. بنياد - پيڙهه - مُول. آڌار - ٽيڪ - پروسو - سهارو. تعلق - واسطو. ذمو - ذميواري - جوابداري. مقصد - ارادو. (گاجرا). (اسم خاص). هڪڙي مسلمان فقير جو نالو (جو مدارين يعني بازيگرن جو مرشد هو). (گاجرا).

= مدارُ المُنهار: ذ. صفت. آهو ماڻهو، جنهن تي سلطنت جو دارومدار هجي - وزير اعظم - پرڌان منتري. حاڪم - ناظم. سلطنت جو رکن. اڳواڻ. فوج جو حاڪم - سالار - سپهه سالار.

= مدارُ النَّهار: ذ. سج جي اوج وارو وقت - مَڌيان ڦاڪ (اها ڏکهائي ڦاڪ جا کنهن به خاص هنڌ مان لنگهي، جنهن جي مٿان جڏهن سج ايندو آهي ته پوري منجهند ٿيندي آهي) - ڳڳول (آسماني گول) جي اها ڦاڪ، جنهن وٽ کنهن هنڌ جي مٿان سج جو يا کو تارو پوري آڪاشگنگا ۾ پهچي ٿو. (گاجرا). ڏينهن جو وچ - منجهند - پهر - پهري - نصف النهار.

● مُدارَتَ ۽ مَدارَتُونُ: ث. (ع. مُدارت جو بگڙيل) خاطر تواضع - آدر پاءُ. پرجهلو - سهارو - ٽيڪ. آڌت - ڏيءُ - تسلي - دلداري. مدت - مَدد - واهرُ - سهائتا - مدد گاري.

= مُدارَتَ ڏيڻُ: تسلي ڏيڻ - دلداري ڏيڻ - آڌت ڏيڻ. مدد ڏيڻ - واهر کرڻ.

= مُدارَتَ ۽ مَدارَتُونُ: ث. ڏسو مُدارت.

● مُدارِيُ ۽ مَدارِيُ: ذ. صفت. (پرا. مُدارَ + اِي. سن. مُدار + اين + ک = بازيگر). بازي وجهندڙ - ڪٽ. (گاجرا) - بازيگر - راند يگر - کيل تماشي وارو. هٿ جي چالاکي وارو کيل ڏيکاريندڙ - هٿ نات کنڊڙ - کيڏ باز - الکلي.

= مُدافعَتُ: ث. (ع). دفع کرڻ جي حالت. روڪ - جهلل - پتل - انڪ - رندڪ - وکهنُ - منع. شڪست - هار. (آصفيه).

● مُدامُ: ظرف. (ع. دوام = هميشه) هميشه - هاروهي - نيتُ - مدائين - سدا - دائمُ - دائما - روز - لڳاتار - بنا ناغي جي - مُدامي. پُراڻو - قديم - ڪُهنو - پُٽو - آڳاڻو - اڳيون - پَراچين - پيراتن - اڳوٽو.

= مُدامي: ظرف. هميشه جو - هاروهي - نيتُ - سدائين جو - روزمرهه جو. قديمي - آڳاڻو - پراڻو - ڪُهنو - پراچين - جهونو.

● مُداوَمَتُ: ث. (ع). هميشگي. (گاجرا).

● مُدبِّرُ ۽ مُدَبَّرَ: ذ. صفت. (ع. دَبَّرَ) تدبير ڪندڙ. صلاح ڏيندڙ - صلاحڪار - مُشير - پَهي. انتظام رکندڙ - ڪارپرداز - ڪم هلائيندڙ - سرپراهه. وزير - ديوان - منتري - پَرڌان. عاقل - قابل - هوشيار - دانشمند - عقلمند - ڏاهو - سياڻو - سمجهو - دانشمند. سوچيندڙ - فيلسوف.

● مُدَّتَ ۽ مَدَّتُونُ: ث. (ع. مَدد جو بگڙيل). مدد - واهر - سهائتا - حمايت. همراهي - پٺيراڻي - مدارت - پرجهلو.

"مُدت تي، ميهار! يارا! ساهڙ! سائير سير هر." (شاهه).

● مُدَّتَ ۽ مُدَّتُونُ: ث. (ع). مُدو - عرصو - معياد - مَٽمون - وقت - ٽائيم. ٽاڻو - مهل - دير. جُڪ - زمانو.

● مُدَّتَ جو: قديم - آڳاڻو - پراڻو. (گاجرا).

= مُدت خَتارجُ: ذ. صفت. وقت گذري ويل - مدي خارج - مدي پوري - رواج مان ڪري ويل.

● مَدحُ ۽ مَدَحُونُ: ث. (ع). ساراهه - واکاڻ - تعريف - حمد - ثنا - صِفت - مَداح. آفرين - واهه واهه - آستت.

= مَدَحتَ ۽ مَدَحتُونُ (ت): ث. مدح - سارهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ مَدَحِيتہ: صفت. مدح جو ـ مدح وارو. ساراهه ڏيڪاريندڙ. واکاڻيندڙ.

● مَدَحُو ۽ مَدَحا: ذ. گهوڙي جي بيماريء جو قسم ـ اڳين ٽنگن جي مٿان ڦٽ. (مهيري).

● مَدَدَ ۽ مَدَدُون: ث. (ع). حمايت ـ سهائتا ـ ڪمڪ ـ امداد ـ واهر ـ همراهي ـ تائيد ـ دستگيري ـ معاونت ـ تعاون. (آصفيہ). آڌار ـ سهارو ـ ٽيڪ ـ ڏيڙ.

ـ مَدَدَ جو هٿ ڏڪهيرڻ: مدد ڪرڻ ـ سهائتا ڪرڻ ـ واهر ڪرڻ.

ـ مَدَدَ ڏهيُ: ث. مدد ڏيڻ جي حالت ـ امداد ـ همراهي ـ واهر ـ سهائتا. آڌار ـ پٺپراڻي. دستگيري.

ـ مَدَدَ ڏيڻ: سهارو ڏيڻ ـ سهائتا ڪرڻ ـ دستگيري ڪرڻ ـ حمايت ڪرڻ.

● مَدَدَ ڪَرَڻ: سهارو ڏيڻ ـ سهائتا ڪرڻ ـ حمايت ڪرڻ.

ـ مَدَدِ ڪارُ ۽ مَدَد ڪارَ: ذ. صفت. مدد ڪندڙ ـ حمايتي ـ حامي ـ معاون ـ ساٿي ـ واهر ـ سهائڪ.

ـ مَدَدُ ڪاري ۽ مَدَدُ ڪارِيُون: ث. مدد ـ واهر ـ سهائتا ـ حمايت.

ـ مَدَد گهُرَڻ: ڪمڪ طلب ڪرڻ ـ سهارو گهرڻ ـ امداد گهرڻ.

ـ مَدَدُو ۽ مَدَدُو: ذ. صفت. مدد ڪندڙ.

ـ مَدَدِي ۽ مَدَدِي: ذ. صفت. مدد ڏيندڙ ـ همراهه. گناهه جهڙي ڪر ۾ همراهي ڪندڙ. (ڪاجرا).

● مَدَدِ ڪوسو: اسم خاص. تعلقي ٽڪل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَدَدُو: ذ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم ـ دوائن جي ڪر ايندڙ هڪ قسم جي گاهه جا سڪل پن. (ف ـ ج).

● مَدَرُ ۽ مُدَرَ: ذ. صفت. آمڙ ـ ستر ـ آڏل ـ ڪاهوڙو ـ پُختو ـ پڪو. ليٽر ـ ضدي ـ هوڏي ـ آٽوٽو ـ شِدتي ـ نِجس ـ ڪَندي ـ نيرجو ـ آهنبر ـ هٺيلو.

● مَدُرا: ذ. (سن. مَدُرا). مُنڊي. جوڪين جي ڪنن ۾ پائڻ جا ٽلها والا.

● مَدُرا: ذ. (سن. مَدُيہ). شراب ـ مئي ـ مَدُ ـ مَدَ.

● مَدَراسِي: ذ. زناني ڪپڙي جي سُٽڻ جو هڪ قسم.

● مَدَرَّس: ذ. صفت. (ع. دَرَسَ = هن پڙهيو). سبق ڏيندڙ ـ پڙهائيندڙ ـ مُعلم ـ اُستاد ـ سکيا ڏيندڙ ـ ماسٽر ـ پنڊت ـ آچاريہ.

● مَدُرسو ۽ مَدُرسا: ذ. (ع. مَدُرسَہ > دَرَس = هن پڙهيو). پڙهڻ جي جڳهه (لفظي معنيٰ ۾ ڏنل آهي = مڪتب = لکڻ جي جاءِ) ـ ودياآلير ـ تعليم گاهه ـ درسگاهه ـ پاٺشالا ـ دبستان ـ مڪتب ـ خُتاب ـ ڪُتاب ـ اسڪول.

ـ مَدُرساٽُو ۽ مَدُرساٽا: ذ. صفت. مدرسي جو ـ مدرسي وارو. (گاجرا).

● مَدُري ۽ مَدُريُون: ث. (سن. مَدُرا = منڊي). ڪن جي ڪيوٽي. مُنڊي. (گاجرا).

● مَدُعا ۽ مَدُعاٽُون: ث. (دَعيٰ = هُن گهر ڪئي) گهر ـ طلب. مراد ـ مقصد ـ غرض ـ منشا ـ مطلب ـ تمنا ـ مَنورٿ ـ منورتيُ ـ اِرادو ـ خواهش ـ مرضي ـ اِڇا ـ ڪامنا ـ آرزو. گهرج ـ غرض. پروجن ـ ارٿ ـ مطلب.

"ماڻ هيءَ من مُدعا ٻيو سڀ ڪُنو ڪر ڪارڪر." (قاسم).

ـ مُدعا عَلَيہ: ذ. صفت. آهو ماڻهو جنهن تي دعويٰ ڪجي ـ جوابدار ـ گنهگار ـ ڏوهاري ـ جوابده ـ ڏوهي ـ تهمتي.

ـ مُدعي ۽ مُدعِي: ذ. صفت. دعويٰ ڪندڙ ـ دعويدار ـ فرياديُ ـ دانهين ـ چيڪُو ـ داد خواه ـ مستغيث. و روڏي ـ دشمن ـ ويري ـ مخالف ـ رقيب ـ حريف. (ث. مُدعيہ).

● مَدُفَن: ذ. (ع. دَفَنَ = هن پوريو). دفن ڪرڻ جي جاءِ ـ مُقام ـ قبرستان.

ـ مَدُفُون: صفت. دفن ڪيل ـ گم ڪيل ـ پوريل ـ لڪايل. لڪل ـ ڇُپو ـ مخفي ـ پوشيده.

● مَدُڪِي ۽ مَدُڪِيُون (ڪ): ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (پٽي ڪاري، پيٽ اڇو، ڏيکڻ سوا فوٽ تائين). (ن ـ ب).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُدِ کرُ ۽ مُدِ کرَ: ذ. (سن. مُدْ کرُ> مُدْ ک) کمرت کرڻ لاءِ کاڪ مان ٺهيل ڏنڊڙن جو هڪ قسم - مُگدر - مُگر - مُگرو - مُگري.

● مُدَل: ظرف. پٽيءِ - مٿور - هڏ - اصل - بنهه - هرگز.

● مُدَلّل: صفت. (ع). دليل ڏنل - دليل سان ثابت ڪيل. معقول - ٺيڪ - درست - قرين قياس - پڌا - صحيح - برابر. (آصفيه).

● مُدَمّغ ۽ مُدَمّغَ: صفت. مغرور - هٺيلو - ايماني - مجازي - آقريل - هٺيو - دماغي - مزاجي - گهمنڊي - فخرڪندڙ - فاخر - تڪبري - وڏائي خور. رُکو روح. ٺولي ڪندڙ - ٺوڪ ڪندڙ - طعنہ زن. عاليشان - نٽ وارو - اڈمبر وارو - دٻدٻي وارو - تجمل وارو - مان شان وارو.

● مُدَنّ ۽ مُدَنَ: ذ. (سن. منچ) جاءِ جي چڦري کي جهلي بيهندڙ ڪاٺي (جنهن جو هڪ ڇيڙو پٽ واري داسي سان هجي ۽ ٻيو پاسو مٿي چڦري کي جهلي). انگاس جي چونڪ کي جهلڻ لاءِ ڦرڻين مان هڪ ڦرهي. ڪنهن شيءِ کي (جهڙوڪ بتي يا دڪي وغيره کي) ٽنگڻ جي ڪاٺي. ماٺهوءَ کي لڙڪائڻ جي ڪاٺي - ڦاهي - سُوري. پريم جو ديوتا - پريم - عشق. معشوق. (گاجرا).

● مُدَنِي: صفت. (ع. مَدِينَه = شهر) مديني شهر جو رهاڪو - مديني جو ويڙل. (اسم خاص). حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو لقب.

● مُدو ۽ مُدا: ذ. صفت. (سن. مَنْدَ = مدو) خراب - بيڙو - بُرو - ڪنو - لڏو - مَندو - بَدُ. مُدان مان پريل - مَٽ ڪهڙو - ڏُجهن - ويري - دشمن - بدخواهه. (ث. مَدي ۽ مَديون).

- مُدائِي ۽ مُدائِيون: ث. بيڙائي - بُرائي - ڪِنائي - خرابي - مدائي - لڏائي - بدي. عيب. ڏوهه. ڪهٽائي - ڪچائي.

- مُدايُون مِينٽَ: ڏوهه گناهه معاف ڪرڻ.

● مُدُو ۽ مُدُو: ذ. چوپائي جانور جي بدن جو هڪ حصو - گهوڙي، گڏهه ۽ خچر جي اڳئين چونڪ کان ٽوڙو پٺتي وارو مٿي لڪل حصو (گردن). (اٺ جي) ڪنڌ ۽ ٽوهي جي وچ وارو سٽيون پاسو. گهوڙي کي زين جي ڪسڻ کان ٽيل ڦوڙي. (گاجرا).

● مُدو ۽ مُدا: ذ. (ع. مُدّة = وقت) عرصو - مدت - ميعاد - وقت. مهل - ٽاڙو - ويرم. مهلت - فرصت - وِٿي - چيني - وچيٽي. انجام وارو وقت - ڪَٽ. (ع. مُدّعا = گهُرَ) گهُر - طلب. مراد - مقصد - مطلب - مدعا. تقاضا. بحث - تڪرار - مناظرو - خرخسو - حجت - هوڏ - ضِد - گهپي. جهيڙو - جهڪڙو - ٽنٽو - رگڙو - فساد. دشمني - ويرُ - بُغض - عداوت وِروڌ.

- مُدو پَرجَنُ: ميعاد پورو ٿيڻ - وقت پرجي اچڻ - انجام وارو وقت پورو ٿي اچڻ.

- مُدو پائِنُ: عرصو وجهڻ - ميعاد رکڻ - ويچي وجهڻ - وِٿي ڏيڻ - وچيٽي وجهڻ - انجام وجهڻ. بحث ڪرڻ - تڪرار ڪرڻ - مُناظرو ڪرڻ. حجت ڪرڻ - هوڏ ٻڌڻ. بحث مباحثو ڪرڻ. ويرُ وجهڻ - دشمني رکڻ - ضديت رکڻ - ضد ڪرڻ - بغض رکڻ - ٻيائي رکڻ. جهڪڙو ڪرڻ - جهيڙو ڪرڻ - رگڙو ڪرڻ - ٽنٽو ڪرڻ - فساد ڪرڻ.

- مُدي پُڄي: ظرف. (هٺنديءَ ۾) مُدي پوري ٿيڻ تي - مقرر وقت گذرڻ تي. (گاجرا).

● مُدُواڻِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُدَوَرُ ۽ مُدَوَرَ: ذ. صفت. (ع. دَوَر). محرابي - محرابدار - ڪماني - ونگ وارو - ڏِنگو - ور وارو - گول - گولائنون - چڪرائون.

● مُدُو ٽاءِ: ذ. ث. (سن. مندورَم = ڪَتُ. مندري = آڏو هي). اڇيون ماکوڙيون. ڪَتُ. ساکي - شَهد. (غريب اللغات). (ن - ب). (سرڪليان - گُر).

● مُدُهوشُ ۽ مُدُهوشَ: صفت. (ع. دَهشَ = هو گمراهه ٿيو) گمراهه - حيران - پريشان - سرگردان - وائڙو. بيهوش - بي سُڌ. بدمست - مخمور - خمار ۾ پُر - مَسْگن - متوالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَدْهوشيءُ ۽ مَدْهوشِيُونُ: ث. بيهوشي - بد مستي - متوالائي - سخموري - خمار - نشو.

● مَدَنُوءُ: ذ. (من. مَنِيَا = گجي). گهوڙي جو هڪ قسم جو سڏڻ. (شايد مَدُوءُ). گهوڙي جي گردن. زين جي گسڻ ڪري گهوڙي جي گردن تي زخم.

● مَدِيءُ ۽ مَدِيُونُ: ث. (من. مَنْدَ = مَدو) بُرائي - بُڇڙائي - خرابي - بَدي - مَندائي. دشمني - ويرُ - بدخواهي. بدوهيُ - دغا - نسگي - ڪُپت - فريب.

"مَدِي ڏيرن مَتن ۾ آئون ڪيو ڪينڪاريان" (شاهه).

● مَدِيانُ ۽ مَدِيانَ: ذ. (من. مِٽ = گڏيڻ مَدَنُ.

● مَدِيجيءُ: اسر خاص. تعلقي گڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَدِيدُ: صفت. (ع. مَدّ) چڪيل - تاڻيل. ڊگهو - لَمبو - دراز - طويل - وڏو. (آصفيه).

● مَدِيرَمُ ۽ مَدِيرَ: ذ. صفت. (من. مَدْيَرَم = وچولو) وچوڻ - درمياني - وچڙو - وچولو - مديم - وچ واهو - منجهولو.

● مَدِينُوءُ: ذ. (ع. مدينه = شهر) شهر - نگر - نگري - بلده. (آصفيه). (اسر خاص). عربستان جي هڪ شهر جو نالو (جنهن ۾ جناب رسالت مآب صلي الله عليه و سلم جن جو مرقد مبارڪ آهي).

● مَدُ ۽ مَدّ: ذ. (من). ماکي - شهد - گلن جو رَسُ - شراب - مَدُ - مئي - دارُون. نشو. (گاجرا). بهار جي موسم. جواني. (صفت) وڏڙ. فرحتي. (سنديلو). (من. مَدِيه = وچ) وچ - مرڪز. (صفت). وچون - وچ وارو - وچولو.

= مَدُ آڪاسُ: ظرف. آڪاس جي وچ ۾ - ڪاپار تي - مٿان. ظاهر - چٽو. (سامي).

= مَدُ ماتوءُ: ذ. صفت. شراب پيتل - خماريل - مست. (سامي).

= مَدُ مَچَنُ: شراب جو گهٽي وقت رکجڻ ڪري ڦڻ ڪري وڃڻ. بانس ڪرڻ - ڪِنو ٿيڻ - بدبوءِ ڪرڻ - ڏَپَ ڪرڻ - چَتَ ڪرڻ - عُفُونت ڪرڻ.

= مَدُ مَکِيءُ ۽ مَدُ مَکِيُونُ: ث. ماکيءَ جي مک - شهد مکي.

● مَدَ ۽ مَدُونُ: ث. زال - عورت - ناري - مَندُ. (ن - ب).

"مَدَ ۾ منجهه ويهه، آهي آوسڙ آس ۾"
(شاهه ڪريم).

● مَدُ ۽ مَدَ: ذ. صفت. (من. مَوڏَ) بيوقوف - بي عقل - مُورک - احمق - بي سمجهه - الاڙي - چَسو - پوڏو - ڪم ذهن - مَتَ هيڻ - آڏايو - موڪو مَتر - اٽاسو - جاهل - مُوڙهل - ڪُند - جَڙُ - گهيلو.

= مَدُو: ذ. صفت. ڏسو معنيِ مَدُ. (گاجرا).

● مَدُرُ ۽ مَدُرَ: ذ. صفت. ماکيءَ جهڙو - مينهو - شيرين. مزيدار - رس وارو - رسيلو. سُرهو - سُگندیو - خوشبوءِ دار. مئي سُر وارو - سُريلو. موهڻو - موچارو - دلپسند - پياروُ - وڻندڙ - نزاڪت وارو - نفيس - نرم - مُلائم - نازڪ.

= مَدُرُتا ۽ مَدُرُتائُونُ: ث. ميناج - خوبي - لطافت. (گاجرا).

● مَدَرَ: صفت. (من. مَدْيَه = وچ) وچ وارو - وچولو - وچون - درميانو - وچڙو. ڏيمون - آهسته - هيرين هَريسن - هوريان - ڊيرو - ڏيري. جهيڙو - جهڪو. (ذ). سرگرم جو چوڻون سُر يا تال - ستن سُرن مان هڪڙي سُر جو نالو. چتارو - تنبورو. (گاجرا).

= مَدَرُ سُرُ: ذ. ڏيمون سُر - ڊيرو سُر. راڳ جو چوڻون سُر.

● مَدُورُوءُ (ث): ذ. وات جي هڪ بيماري (نيزلو، جنهن ڪري وات مان خراب باس اچي).

● مَدِيانُ ۽ مَدِيانَ: ذ. اسر. (من. مَدْيَه = وچ + آهَن = ڏينهن) وچ ڏينهن - منجهند - پهري - ٻه پهر - نصف النهار. (مِٽ = گڏيڻ) ڇڇهري ڪي جهلڻ جي ڦرهي - مَدَن - مَدُيان. (گاجرا).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ مَڏِيان ڦاڪ ۽ مَڏِيان ڦاڪُونُ: ث. هڪڙي قطب ڪان ٻڌي قطب تائين خيالي ليڪ (جا ڏرتيءَ ڪي بن حصن ۾ ورهائي) ـ زمين ڪي حصا ڪندڙ خيالي ليڪ. (گاجرا).

● مَڏِيرُ ۽ مڏِيرَ (ڪ): ذ. وڏو پٿڪو ـ ڍيڙهو ـ ڍينڊو ـ ڍهيڙ ـ ڍيڙاهه ـ دُنباري ـ پڳ ـ پاڳ.

● مَڏْيَسْتُ ۽ مَڏْيَسْتَ: ذ. (سن. مَڏْيَ = وچ + سْتَا = ٻيهڻ). وچ وارو ـ آمين ـ ثالث ـ ڪِياڪر ـ سَرْپَنچُ.

● مَڏِيرَ: ذ. ساز جو هڪ قسم ـ ستار جو هڪ قسم ـ تنبورو. سرڪم جي چوٽين سر جو نالو. (گاجرا).

● مَڏَ: ظرف. مشڪل سان ـ مَس مَس ـ مَس ـ آجا ـ لاچار ـ ورلي.

● مَڏَ ۽ مَڏُونُ (ل ـ ث): ث. (سن. مَنْد = سينگارڻ). ڪنوار جي مائٽن ڪان ڪنوار کي ملهيل ڪپڙن جو جوڑو ـ وڳو. سامان. (گاجرا). (اسم خاص). تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَڏُ ۽ مَڏَ، مَڏُونُ: ث. ڪاڻ جو ٽُرهو ـ ٽِلو ـ ترُ.

"ڪَڪ. ڪانڊيرا، ڪاڻيون، ميڙي ٻڌم مَڏُ."
(شاهه ـ سهڻي).

پاڻيءَ جي مٿان ڪڪر ڪاڻين مان ڦهيل گهرڙو. رَڇُ ڪي مٽي جهلڻ لاءِ ڪاڻ جو گڏو. ڍير ـ ڍڪُ ـ سٽو ـ گڏام ـ ٽُهو. ڪاڻين جي پَري. مَڇين جو ڍير. ٻيهو. (ل). سامان جو ڍڪُ ـ مَڏي. سامان ـ اسباب (لس). ملڪيت ـ موڙي.

"تيلاهون مون مَڏ، آهي تنهنجو آسرو."
(خان زئي).

● مَڏُ: اسم خاص. تعلقي گمبٽ (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه ڳوٺ جو نالو.

● مُڏُ ۽ مُڏَ: ذ. صفت. مُڏو ـ لَمون. ڍلو ـ مست ـ مودَنُ ـ موڳَشتُ ـ ڪُند ـ موڳو مَٽر. ساد و سود و ـ ڳالهائڻ جو ٽُلهو. پورڙو ـ ڪم عقل ـ ڪم فَهم.

● مَڏَ آبِيٽاڻِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَڏَارُ ۽ مَڏارَ: ذ. راڳ جو هڪ قسم ـ مَلار. ٽڏڙي هِير. جهڙالو.

● مَڏاڙُ ۽ مَڏاڙ (ڪ ـ ڪ): ذ. زڪام ـ ليسُ ـ ٽَڏ جو اثر.

● مَڏالو ۽ مَڏالاَ (ل): ذ. ڊڳُ. سامان ـ ٽپڙ ـ اسباب. بار.

● مُڏَبَاهُوُ: اسم خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَڏَ عَلِّيرُ: اسم خاص. تعلقي لوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَڏُو ۽ مَڏا (ل): ذ. جنازو ـ لاش ـ لاشو ـ مُڙدو ـ مُردو.

● مَڏو ۽ مُڏا: ذ. صفت. (پرا. سن. مُنْدُ = مُڏو). اهو اوزار جنهن جي ڏار تڪي نه هجي ـ لَمو ـ ڪُند ـ بي ڏار ـ ڏُوڏُ ـ ڪَنل. ڪُند فَهم ـ موڳو ـ موڳَشتُ ـ مودَنُ ـ مَڏ.

ـ مُڏائِپَ ۽ مُڏائِپُونُ: ث. اوزار جي اڻ تيزائي ـ ڪُندائي ـ مُڏائي ـ لَمائي.

● مُڏائِيُ ۽ مُڏائِيُونُ: ث. مڏائپ.

● مَڏُهاڙُ (ل): ذ. مڏاڙ.

● مَڏ هِيڻُ: ظرف. يقيناً ـ خاطريءَ سان ـ بيشڪ ـ تصديق سان ـ سچ پچ ـ بنا شڪ شبهي جي ـ بلاشڪ ـ آوَس ـ ضرور ـ يقيني.

● مَڏِيُ ۽ مَڏِيُونُ: ث. (سن. مڏ = سينگارڻ). سامان ـ ٽپڙ ـ اسباب ـ مال. سامان سڙو ـ ٽپڙ ٽاڙي. لڏ پلاڻ جو ٽورو سامان.

"ميان جي مڏي، ۾ ڏندن ڀي تَڏي."
(چوٽي).

مال ـ ملڪيت ـ دولت. محصول وٺڻ جي جاءِ ـ ناڪو. درياءَ جي ڪناري تي قاسايل پَلن يا مڇيءَ جي گڏ ڪرڻ وارو هنڌ. اها جاءِ جتي عمارتي ڪاٺيون وڪرو يا سنواڙ لاءِ رکجن. (گاجرا). (مَڏ = خوشي) خوشي ـ آنند. (گاجرا).

ـ مَڏِيُ وارو ٽِيڻُ: ملڪيت وارو ٽيڻ ـ ڏنوان ٽيڻ ـ شاهوڪار ٽيڻ ـ پاڳيو ٽيڻ. سکيو ٽيڻ ـ آسودو ٽيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَذِي ڪيڻ (ت): مال ملڪيت باهر ڪيڻ. ٽپڙ ٽاڙي ڪيڻ - ڪارخانو چالو ڪرڻ.

● مَذِيئُو ۽ مَذِيئُو: صفت. (ف. مر = ذ + من. دا = ڏيڻ) ڪنهن ڪي شيء ڏيڻ جو ارادو نه ڪندڙ - ڪو - پَڪَتشَ - مَٽ پيڙ - ڪنجوس - چَمچُوس - بخيل - مَڪي چُوس - شُومر - مُوذِي - ڪِرپَڻ.

● مَڏا: (سن. مَدرا) جوگي فقيرن جي ڪنن ۾ پائڻ جا والا.

● مَڊِي ۽ مَڊِيُون (ڪ): ث. مندي - ڪن جي ڪيوڙي. (گاجرا). مڇيءَ جو هڪ قسم.

● مَڊِيءُ ۽ مَڊِيَ (ث): ذ. صفت. ٿوريءَ سمجهه وارو - مُورڪ - بيوقوف - مَتَ هِيڻ - ڪَهيلو - پورڙو - ڪم عقل - ساد و سودو.

● مَڊِيو ۽ مَڊِيا: ذ. گهوڙي جي پيرن جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ گهوڙو منڊ ڪائي). لونڊ ڪ - مَنڊ ڪ. مڇيءَ جو هڪ قسم - شاڪُر.

● مَذاقُ ۽ مَذاقَ: ذ. (ع. ذوق) سواد - ذائقو - لذت - ساءُ - لاءُ - لُطف - مزو - سُڀاءُ - رَسُ - رسنا - چَٽَ - چَڪِي - چَشڪو - چَٽُ - چَشِي - چَهرَ - ونڊيا. شوق - چاڻي - رغبت - لاڙو - ميلان - رُجحان. خوش طبعي - ظرافت - يوڳ - ڪِل چرچو - مسخري - مخول. حاضر جوابي - نُڪتو.

= مَذاقُ ڪرَڻُ: چرچو ڪهڻو ڪرڻ - يوڳ ڪرڻ - خوشطبعي ڪرڻ - مسخري ڪرڻ - ڪِل يوڳ ڪرڻ. ٺَڳي ڪرڻ - ڪُٽت ڪرڻ - دغا ڪرڻ - دولاب ڪرڻ. (ت).

= مَذاقُون ڪرَڻُ (ل): مسخري ڪرڻ. چرچا ڪرڻ.

= مَذاقِيَ: ذ. صفت. مسخري وارو - ڪلائيندڙ. چرچي بازي وارو (ڪلام).

● مَذَبذَبُ: صفت. (ع. ذَبذَبُ = غير مستقل مزاج) غير مستقل مزاج - ڦرٽو گهرٽو - سودائي. شَڪِي - الڏ ڏَنڊ ۾ - غير شفاف - ناصاف.

● مَذَمَّرُ ۽ مَذَمَّرَ: ذ. صفت. (ع. ذَمَّر = نَرُ) نَرُ - مرد - مڙس - پُٺنگ - نَروٽو - نربنو.

● مَذَمُّومُ: صفت. (ع. ذَمّ = هڻ ميار رکي) گِلا - نِنڊا - هيجَوَ - شڪايت. بدي - بُرائي. لعنت - ڦٽڪار - ملامت. (آصفيه).

● مَذمُومُ: صفت. (ع). بَدُ - خراب - بُڇڙو - بُرو - زِشت. لعنتي - ڦٽڪار ويل - ملامتي.

● مَذهَبُ ۽ مَذهَبَ: ذ. (ع. ذَهَب = ويو). وڃڻ جي جاءِ - رستو - لنگهه - گذر. (آصفيه). مذهب رستو - سلامتيءَ وارو رستو. طريقو. پنڌ. ڌرم - دِينُ - ملت - آمت. آئينُ. مت. ايمان - عقيدو - نشچو - يقين. فرقو - ڪُوفو.

= مَذهَبِيُ ۽ مَذهَبِيَ: صفت. مذهب جو - مذهب وارو - شرعي - ديني - ڌرمي - ڌارمڪ. ديندار - ديانتو - سُٽڻي - ڏَرمشٽ - خُدا ترس - وِرِهڪي. پنڌي. ڪنهن جماعت سان ڇڇي ڏار ٽول - فرقه وار. ڪٽر پنڌي - ڪٽو - تعصبي. (گاجرا).

= مذهَبِيُ سِيڪ: سکن جي هڪڙي جماعت جا اڇوت سمجهي ويندي آهي. (گاجرا).

● مَذَكُورُ ۽ مَذَكُورَ: صفت. (ع. ذَكَرَ = هن ياد ڪيو) ذڪر ڪيل - ذڪر ٿيل - موصوف. جنهن بنسبت گالهه ڪجي. (ذ). گالهه - گفتگو - گالهه ٻولهه - هڪلامي - ذڪر - حقيقت. چوپول - چرچا. آکاڻي - ڪٿا. بيان - داستان. ٻڌاڪو - واکيرو - مثال - قول - وَچن - چَوٽِي. آفواهه. شهرت. يادگيري - ياد - يادگيرو.

"موٽڻ جا مذڪُور، جان ڪِي چَيتس جيڏين" (شاهه).

= مَذَكُورُ ٿِيَڻَ (ت): گالهه ٿيڻ - واقعو ٿيڻ - حادثو ٿيڻ - اتفاق ٿيڻ.

= مَذَكُورِيُ: ذ. صفت. ذڪر ڪندڙ - بيان ڪندڙ. چوندڙ - گالهائيندڙ. ديواني ڪورٽ جو قاصد - تَيلف - ڪارروائي پڪاريندڙ.

● مَذَلُ: ذ. صفت. (ع. ذَلَّ = خوار ڪيو). خوار ڪندڙ. نالو خدا جو. (گاجرا).

= مَذَلَّتَ: ث. بي عزتي - بدنامي - خواري. (گاجرا).

● مَذَمَّتَ: ث. (ع. ذَمّ = هن ميار رکي) گِلا - نِنڊا - هيجَوَ - شڪايت. بدي - بُرائي. لعنت - ڦٽڪار - ملامت. (آصفيه).

● مَذمُومُ: صفت. (ع). بَدُ - خراب - بُڇڙو - بُرو - زِشت. لعنتي - ڦٽڪار ويل - ملامتي.

● مَذهَبُ ۽ مَذهَبَ: ذ. (ع. ذَهَب = ويو). وڃڻ جي جاءِ - رستو - لنگهه - گذر. (آصفيه). مذهب رستو - سلامتيءَ وارو رستو. طريقو. پنڌ. ڌرم - دِينُ - ملت - آمت. آئينُ. مت. ايمان - عقيدو - نشچو - يقين. فرقو - ڪُوفو.

= مَذهَبِيُ ۽ مَذهَبِيَ: صفت. مذهب جو - مذهب وارو - شرعي - ديني - ڌرمي - ڌارمڪ. ديندار - ديانتو - سُٽڻي - ڏَرمشٽ - خُدا ترس - وِرِهڪي. پنڌي. ڪنهن جماعت سان ڇڇي ڏار ٽول - فرقه وار. ڪٽر پنڌي - ڪٽو - تعصبي. (گاجرا).

= مذهَبِيُ سِيڪ: سکن جي هڪڙي جماعت جا اڇوت سمجهي ويندي آهي. (گاجرا).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَرُ: ظرف. (ف). پَلُ - پَلِي - بي شڪ - بلاشڪ. شل - شال. هميشه - سدائين.
= مَرُجان: ظرف. پَلِي. (گاجرا).
● مَرَ ۽ مَرَ مَرُونُ: (سن. مَلَ = مَرُ) مِيل - مِيرُ - مِيٽِي. بدن جي مَٽي - گَرُ. ڪَن مان نڪتل ڪچرو. ڪِنُ - ڪِچرو - گندُ - ٻُڌ - گندگي. ميرائي - ميراڻ - گندائي. (ڪپڙي کي لڳل) گندگي - ڪَسُ. (ڪ). پاڻيءَ جهڙي شيءِ. (سڪي ۽ پيل) ڪوت - مَٽُ - ڦِيٽ - جوڙو - غير. گهوڙي جي ڏندن تي ڪارو چِڙو.
= مَرَيَڪُ ڪَرَنُ (ڪ): ڪنهن جانور جو وير ڪان ٻوه اور نه ڪيڻ ڪري بيمار ٿيڻ.
= مَرُ لاهِڻُ (ت): مِٽي لاهڻ - صفا ٿيڻ - آچو آجرو ٿيڻ. ٿورو لاهڻ - احسان لاهڻ.
● مِيرُ ۽ مِيرَ (ت): ذ. ڏاڪ چمي راند ۾ ڪو ايندڙ ڪائي - ڏاڪ. (ل). راند جي مقرر ٿيل جاءِ.
● مُرَ: ذ. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم - خوشبودار گاهه جو هڪ قسم. ڪوئر جو هڪ قسم (جو عربستان ۽ حبش ملڪ جي ڪن وٽن مان ملي ٿو. (گاجرا)).
"عاقل لهون انب ايلا چي - مُر موچاري کار."
● مَراتِبُ: ذ. (ع. مرتبه جو جمع). درجا - رتبا - مرتبا - عهدا.
= مَراتِبو ۽ مَراتِبتا: ذ. (ع. مرتبه = عهدو). درجو - عهدو - رتبو - مرتبو - پَدوي. مان - شان - عزت.
= مُراجَعَتَ: ث. صفت. (ع. رَجَعَ = هو واپس ٿيو). واپسي - موت - اَڏل - ڦري واپس اچڻ جي حالت.
● مُرادَ ۽ مُرادُونُ: ث. (ع. اراد = هُن کهڙيءَ هُن چاهيو). کهڙ - طلب - چِڪ. چاهه - چاهت - چاهنا. خواهش - اِچا - منشا - سَڌ - ڪامِنا - آشا - تمنا - دل جو لاڙو - آرزو - سنڪلپ - وامِنا - ارادو - نيت - مقصد - مدعا - منورٿ. اميد - مرضي - آس. آرٿ - مطلب - غرض - آرزُوئي - عارضُو - پيروجَنُ. سَچتا - باسُوٽِي - نذر - نياز - باس - سُڪا - سپيسا. (آصفيه).
= مُرادَ پُورِيُ ٿِيڻُ: دل جو مقصد ۽ حال ٿيڻ. مطلب پورو ٿيڻ.
= مُرادِ پُورِيُ ڪَرَنُ: دل جو مقصد پورو ڪرڻ - مطلب پورو ڪرڻ - ڪم ڪيڻ - آس پوري ٿيڻ.
= مُرادَ حاصِلُ ٿِيڻُ: مقصد پورو ٿيڻ - مطلب حاصل ٿيڻ - دلي خواهش ۽ حال ٿيڻ.
= مُرادَ وَنڈُ ۽ مُرادَ و نڈ: ذ. صفت. هر دلعزيز - پلمانس - سپاجهڙو - ڪِلمڪ - وٽندڙ - موهڻ - سڀني طبيعت وارو - سڀني سپاءُ وارو - پيرڪاري - سُپاجهڙو. چيو مچيندڙ - چئيوان - چٽاڪر.
= مُرادَ وَنڈي ۽ مُرادَ وَنڈيُون: ث. هر دلعزيزي - پلمانسي. (گاجرا).
= مُرادِيُ: ذ. صفت. ڪجهو - مراد وارو. (گاجرا).
= مُرادِيُ مَعنَيٰ: ٻي معنيٰ - اصطلاحي معنيٰ. (گاجرا).
● مُرادِ آنَرُ: اسم خاص. تعلقي ڪڙهي ياسين ۽ هڪ ديهه جو نالو.
● مُراداڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گهوڙا پاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادِ پُورُ: اسم خاص. تعلقي سجاول ۽ تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادُ شاهَ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادَ عَلِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادَ عَلِيُ وَنڈ: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرادِفَ: ذ. صفت. (ع. رَدَفَ = هو پويان ويٺو) ڪنهن جي پٺيان سوار ٿيندڙ يا ويهندڙ. (هڪڙو لفظ ٻئي لفظ سان) هم معنيٰ ٿيندڙ.
● مُرادو: اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● مُرادِيُ ۽ مُرادِيُون: ث. روڪڙ - نقد - رقم - نقدي. دڪاندار جي اڪثر ۾ سڄي ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گڏ ٽيل رقم - موجودات - روزاني آوت - روزانو وڪرو. اڳئين ڏينهن جي بقايا (ٻئي ڏينهن تي) - بقايا. ڪالهوڪي آمدني. (ن - ب). (اسم خاص). تعلقي ڪنڊ ياري ۾ تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

= مُرادِيُ سَنڀالَڻُ: نقد جمع ڪرڻ - نقدي شمار ڪرڻ. سڄي ڏينهن جو وڪرو وغيره جوڙ ڪرڻ. حساب ڪتاب سنڀالڻ.

● مَرارُ ۽ مَرارَ: اَنُ جو ڏڳ - ڏير - ڪوڙ - ڪوڙو - انبار - گدام.

● مَرارِيُ ۽ مَرارِيُونُ: ث. جواهري جي تارازي - تڪڙي - ڪانٽو - نندي ماهِي. (ج: مَرارِي). ذ. صفت. مَرهياڙ جو سامان وڪڻندڙ - مَرهياڙي.

● مُرارِيُ ۽ مُرارِيُونُ (ڀ): ث. ٻوڙهي جو هڪ قسم. (ن - ب). "ڏُنا ڦوڳ مُراريُونُ." (پرڀل ڀيل).

● مُرارِيُ: ذ. (سن. مُرارِهِ > مُرهَ = نالو هڪ دٽيت جو + آرِهِ = دشمن) مُردٽيت جو دشمن - ڪرشن (مُردٽيت ڪي ماريندڙ) - وشنو. (گاجرا).

● مُراسِلُو ۽ مُراسِلا: ذ. اسم. (ع. مُراسلہ > رَسَلَ = موڪليو) خط - چٺِي - نامہ - رُقعو - لکيل پيغام. نياپو - سنيهو - پيغام - سندیش - پَيامُ.

● مِيراسِيُ ۽ مِيراسِيُ: ذ. صفت. ڳائيندڙ - ڳائڻو - ڳائِڪُ - راڳي - مُطرب - ڳوَئِيو - قوال - ڪَلونت. (اسم خاص). مسلمانن ۾ راڳيندڙن جي هڪ ذات جو نالو - ميراثي.

● مُراقِبو ۽ مُراقِبا: ذ. (ع. مُراقبو = ڌيان) ڌِيان - سوچ - ويچار - ڏَنِ - غور - تصور. هڪ هٿ ويهي ڪنڌ جهڪائي ڪيل فِڪر. دل جي حضور سان خدا جو ڪيل ڌيان - خدا جو خوف - استغراق - تفڪرُ.

= مُراقِبو ڪَيَڻُ: عبادت جي وقت ڪنهن خاص نموني ۾ چادر ويڙهي مُنهن ڍڪڻ. ڪپڙي جو جهنڊ هٽي ويهي عبادت ڪرڻ.

= مُراقِبو هُوهَڻُ: هڪ دل سان ڏٺيءَ جي عبادت ڪرڻ.

● مَرامَتَ ۽ مَرامَتُونُ: ث. (ع. مَرَمّة > رَمَّ = مرمت ڪرڻ) پڳل ٽٽل شيءِ کي جوڙڻ - ڳنڍ ٽوپُ - داغ دوزي - سَنواڻ - دُرستي - ٽيڪائي. پڳل جاءِ وغيره کي لِٻ چنب ڪرڻ جي حالت - مرمت.

= مَرامَتَ ڪَرَنُ: ڳنڍ توپ ڪرڻ - داغ دوزي ڪرڻ - مرمت ڪرڻ.

● مَرائِي: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (رستمائين جي شاخ). (ت - بلوچستان).

● مَراهِيُونُ: زيور - جواهر. (گاجرا).

● مَرائِنُ: مصدر. (سن. مرد + ڪَهَنَ = هٽائڻ) هٽائڻ. بدفعلي ڪرائڻ - ڳٽي مارائڻ.

● مُرائِيُ ۽ مُرائِيُونُ: ث. سارين جي ٻيڙي جا ٻئي تيلا - مَرهِي - مَوڙهي. (ل). (سُڪي ۾ پيل) مَٽُ - ڪوٽ - قيٽ - ملاوتي ڏاتو - ڪَسُ - جوڙو - غَٽير.

● مُرَبَّعُ: ذ. (ع. مُرَبَّع = چوڪنڊو) چوڪنڊو (جنهن جا چارئي پاسا هڪ جيترا هجن) - چورس - هَمَ چورس. چوڪنڊيارو - چوڪاسو - چوڪنڊ - چوڪنڊو. گوني ڪنڊ چوڪنڊو.

● مُرَبّو ۽ مُرَبّا: ذ. (ع. مُرَبّہ = چاشُ) ميوي ۾ ڪنڊ جي چاشُ مان تيار ڪيل ميٺو آچار. ميٺي چٽني.

● مَرَبُوطُ: صفت. (ع. ربط = ٺهڪيو) قاعدي موجب ٻڌل - ڪرامر موجب رکيل. (گاجرا). بندوبست ڪيل - ٺاهي رکيل - ٺيڪ ڪيل - سنواريل - سُڌاريل.

● مُرَبِّي ۽ مُرَبِّيُ: ذ. صفت. (ع. رَبّ = پالينڊڙ) پالينڊڙ - نپائيندڙ - پرورش ڪندڙ. تربيت ڪندڙ - سرپرست. سَنڀائتا ڪندڙ - پٺ پيڙو - انگراهي - پُشت پناهہ - دستگير - حامي - مددگار. بزرگ.

= مِيرُتِ: ث. (سن. مرت > مَر (ي) = مرڻ) موت. (گاجرا).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مرڻ لوڪ: موت جي جاءِ - جهان - فاني دنيا - (هيءَ) ڌرتي. (گاجرا).

● مرتب ع صفت. (ع. رتب = درجي وار رکيو) ترتيب ۾ رکيل - درست کيل - ترتيب ڏنل - سنواريل - ٺهيل - ڍنگ سان لڳايل - قرينې سان ٺاهيل. باقاعده. درست - تيار. تاليف کيل - گڏ کيل (ڪنهن ڪتاب ۾ ڪي مضمون وغيره).

= مرتب ڪرڻ: تيار ڪرڻ - درست ڪرڻ. ترتيب ڏيڻ - تاليف ڪرڻ - بنائڻ - سنوارڻ - اصلاح ڪرڻ. تصنيف ڪرڻ. (آصفيه).

● مرتبان ع مرتبان: ذ. (ف). ٽاڻءُ جو هڪ قسم - ڪنهن ڌاتُو (جهڙوڪ، تامي، پتل، چاندي وغيره) جو چتسالي ٽيل جنگ (Jug)- ڪاشيءَ جو جگ - ڪُولو. شيشي جي برني. (ل).

● مرتبو ع مرتبا: ذ. (ع. مرتبه > رتب = درجي وارو ٿيو) رُتبو - پدوي - منصب - عُهدو - درجو. اوڄ - بُلندي - اقبال. شان - مان - عزت - وڏائي - آبُ - تعظيم. دفعو - وارو - پيرڪو - ڀيرو - ڪهُرو - وار - دفعو - لڳو - پيرڪ - وارو.

● مرتيو: ذ. (سن. مرتيو > مر (ي) = مرڻ) موت جي وقت جا رواج - ختما. (گاجرا).

● مرتد ع مُرتد: ذ. صفت. (ع). ڪافر. دين کان ڦريل. اسلام جو مُنڪر - مُنحرف. مُلحد - بي دين - اذرمي. ملعون. مردود - مَلِيچُ. (آصفيه).

= مرتد ٿيڻ: دين کان ڦرڻ - مُلحد ٿيڻ - ڪافر ٿيڻ.

● مرتضيٰ: ذ. صفت. (ع). پسند ڪيل - پسنديده - چونڊيل - ڏٺيلُ - مقبول. برگزيده. (امر خاص). حضرت علي ڪرم الله وجه جن جو لقب. (آصفيه).

● ميرتڪا: ث. (سن. مرتڪا) ميٽي. (گاجرا).

● ميرتو: ذ. (سن. ميرتيو > مير (ي) = مرڻ) موت.

= ميرتيو: ذ. (سن). موت - قضيو - رحلت - اجل - مرڻو - فوت - وفات - وصال.

● مرت ع مرت: ث. (ت): ذ. انديشو - اونو - فڪر - ڳڻتي - اوسيڙو - انتظار. حيا - شرم - مُروءُ - لڄ - ليهه.

● مرٽ ع مرٽ: ث. (ت): ذ. گاهه جو هڪ قسم - ڏٺ جو هڪ قسم.

● مرٽو ع مرٽا: ذ. (سن. مرٽوان = اندر ديوتا). مان - وڏائي - آب - شان. اقبال - مرتبو - وڏو عهدو - پدوي. حشمت - دٻدٻو - فلڪ - روب - رعب - تاب. ڪنهن شيءِ ڪي پڇي سنهو ڪيل - چورو - پور.

● مرٽيو ع مرٽيا: ذ. (ع. مرثيه > رثيٰ = هن رنو ۽ پٽيو). مثل مانهوءَ بابت روئي ڪيل بيان (جنهن پڌڻ سان رحم اچي) - ميٽت جي صفت. پار - اوسار و - ماتم - سياپو - روج - رودن - گريه - زاري - پيڪو. نظم جو هڪ قسم. (آصفيه). واقعي ڪربلا بابت دردناڪ نظم.

= مرٽيو پڙهڻ: مرثيه خواني ڪرڻ - ماتم ڪرڻ - رئڻ پٽڻ.

= مرٽيه خوان: ذ. صفت. مرثيا پڙهندڙ - پار ڪيندڙ - اوسارا ڪندڙ.

● مرجات ۽ ث. (سن. مرياده = حدّ، شرم). مرجاتا - مرجاد - مرجادا - حياءُ - لڄ. مُحاهو - عار - سنڪوچ - حجاب - شرميلتا - ليهه - مُروّ - شرم. نِدامت - شرمندگي - شرمساري - پشيماني - ننگ. "مرجات ماريندي ان کي جو اصل انسان هوء." (چار خان).

ورتارو - ورتاءُ - هلت - دستور - رواج - وتيرو - پٽ - سِرشتو - هلي چلي - ريت - رسم - راهه ريت - پرويز - رسومات. ڪنهن ٻئي جي دوستن لاءِ عزت. احساس (ٻين لاءِ) - لحاظ - مروت. نيڪي - چڱائي. مان - عزت - شان - مرتبو - مانارتُ.

= مرجاتا ۽ ث. مرجات.

= مرجاتا ڪي مار هڻڻ: چڱائيءَ جو قدر نه هڻڻ. (ن - ب).

= مرجات وارو: ذ. صفت. حياءُ وارو - لڄائتو - شرميلو - لڄوندو - سنڪوچو - مرجاد ڪ. غريب -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم شان - نيهنو - راهه ريت وارو - رسم تي پورو - هلي چلي وارو - مرجاتي - رواجي - نيات سان پورو. لحاظي - مروتي.

= مَرْجاتيِ ۽ مَرْجاتيِ: ذ. صفت. حيادار - غريب - لياقت وارو - مرجات وارو. (ويشنوئن ۾) ڪاڏي ويتي جي رسمن جو سختي سان پابند. (گاجرا).

● مَرْجاد: ث. (سن. مَرْيادا). مرجات - مرجاتا - مرجادا.

= مَرْجادا: ث. مرجات - مرجاتا - مَرْجاد.

= مَرْجادَڪ ۽ مَرْجادِڪَ: ذ. صفت. مرجات وارو - مرجاتي. نيهنو - حيا وارو.

= مَرْجادَ وارو ۽ مَرْجادِ وارا: ذ. صفت. مرجات وارو - مرجاتي - مرجادَڪ.

● مَرْجان ۽ مَرْجانَ: ذ. (ع). پٿر جو هڪ قسم (گاڙهاڻ تي مائل) - حجرالبحر - ڪنڊوئي. سمنڊ سان لڳتل گاڙهي مڻيءَ جهڙي سخت شيءِ (جا ڪن جيتن جو سڪل ڪوپو هوندي آهي). (گاجرا).

● مِرچ ۽ مِرچَ، مِرچُون: ذ. ث. (سن. مَرِچ = مِرْچ). مصالحي جو هڪ قسم - مصالحي طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جو ڦل - ميري. (ساوا مرچ، گاڙهو مرچ، ڪارا مرچ).

= مِرْچائيِ ۽ مِرْچائبي: ذ. صفت. مرچن وارو - مُسالو - ڪَوڙو - تيکو - ڪَڙو. مصالحي دار.

= مِرْچڙيِ ۽ مِرْچڙيُون: ث. نندو مرچ. (گاجرا).

= مِرْچَ لڳڻُ: مرچن کائڻ سان ڪوڙاڻ جو اثر ٿيڻ - ڪوڙائڻ - پوسيرڻ - چيڙڻ - سڙڻ - جلڻ - ڪُونجائجڻ - پوسرات ڪرڻ - تيز لڳڻ. مٽيان لڳڻ - ڪاوڙ لڳڻ - دل ۾ ڪرڻ - ناراض ٿيڻ - ڪاوڙجڻ - غصو لڳڻ - خار لڳڻ. پوسڙ ٿيڻ - پوسرائڻ. بغض لڳڻ - حسد ونڻ - ضد ڪرڻ - تيسو ڪرڻ.

= مِرْچَ مَصالِيحُ گَڏڻ: ڪاڏي ڪي سَوادي ڪرڻ - طعام کي لذيذ ڪرڻ - سلوٽو ڪرڻ. ڪوڙ سچ ملائي گاله ۾ وڌائ ڪرڻ - وڌائي گاله ڪرڻ - اينگهه ڪرڻ - ڏيگهه ڪرڻ - آهٽار ڪرڻ.

= مِرْچِيِ ۽ مِرْچِيِ: ذ. صفت. مرچن وارو - مرچائي - مرچن ويل.

● مِرْچِڙو ۽ مِرْچِڙا (ت): ذ. صفت. ٺڳ - دغاباز - فريبي - دولاهي - ڪُهتيو - ٺڳي خور - دغا خور.

● مِرِچِڙِيِ ۽ مِرِچِڙِيُون: ث. هڪ جي وچين ۽ ڏسڻي آڱر سان گڏي هٿيل هلڪو ڏڪ - چَپيٽ - ٽوڪر.

● مُرْچٽنگ ۽ مُرْچٽنگ: ذ. وات سان وڄائڻ جو چٽنگ. (گاجرا).

● مُرْچو ۽ مُرْچا: ذ. صفت. ڪَتُ - زنگ - موربان - زنگار - ڪَتس. آتساهه - جوش - سرگرمي - سِڪ - شوق - چاهه - چاڻي. خواهش - اچا - منشا - ڪامنا - دل - رُچي - چاهه.

● مُرْچُوٽ ۽ مُرْچُوٽَ: ذ. صفت. شُومُ - ڪنجُوس - چيچِي مار - مُوڏي - ڪِرپٽ - ڪُدرچ - متکي چُوس - چمچوس - بخيل - سوسو - ڏوسو - چمچوس - سوسائتو - مرچوس - مرچوهه. (ت).

= مُرْچُوناڙو ۽ مُرْچُوناڙا: ذ. صفت. شوميائو - ڪنجوساڻو.

= مُرْچُوناڙِيِ ۽ مُرْچُوناڙِيُون: ث. شومائي - ڪنجُوسائي - بخيلائي - چمچُوسي - سوس - ڪسيائي - تِيِر ٽُڪلو.

● مُرْچُوسُ ۽ مُرْچُوسَ (ت): ذ. صفت. مرچُوٽ.

● مُرْچُوهُ ۽ مُرْچُوهَ (ت): ذ. صفت. مرچوٽ - مرچوس.

● مِرْچ ۽ مِرِچَ (ل): ذ. صفت. جهيڙاڪ - ڪاوڙيل - غُصي وارو - ناراض - چِڙاڪ.

● مُرْحَ: ث. (ع). خوشبوءدار دوا جو هڪ قسم. (گاجرا).

● مَرْحبا ۽ مَرْحبائُون: ث. (ع. رَحَبَ) شاباس - آفرين - جَسُ - تحسين. پليڪار - جيڪار - آدر - آدر ياءُ - آدرسڪار - سواگت. خاطري - خدمت - خاطرداري - سنمانُ - ٽهلَ - چاڪري - تواضع. (حرف نداء) آفرين! - جَسُ! - واه واه! -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاباس! - چا چنجي! - سبحان الله! . پلي ڪري آيا - جيءُ ڪري آيا - خوش آمديد.

= مرحبا ڪرڻ: آدر ياءُ ڪرڻ. نيڪ چوڻ - خوش آمديد ڪرڻ - پٺيڪار چوڻ. واهه واهه ڪرڻ - شاباش چوڻ - آفرين ڏيڻ - جس ڏيڻ.

● مرحلو ۽ مرحلا: ذ. (ع. مرحله < رحل = روانو ٿيو) منزل جي جاءِ - ڪوچ جي جاءِ - ڏاپو - نڪاڻو - منزل - منزل گاهه. سفر - مسافري. ڪوچ - روانگي. هڪ ڏينهن جو سفر. درجو - مرتبو - عهدو - پدوي. (آصفيه).

= مرحلو طي ڪرڻ: منزل پوري ڪرڻ - مسافري ختم ڪرڻ. ڏاپو ڪرڻ - منزل گاهه ڪرڻ. معاملو ختم ڪرڻ - ڪم پورو ڪرڻ. (آصفيه).

● مرحمت: ث. (ع. رحم) رحم - قياس - دَيا - ٻاجهه. مهرباني - ڪرپا - پلائي. نوازش - عنايت. احسان - ٿورو - لائق. ايچپو - وڏ (آصفيه).

= مرحمت ڪرڻ: عطا فرمائڻ - عنايت ڪرڻ - بخشڻ - ڏيڻ. (آصفيه).

● مرحوم ۽ مرحومه: ذ. صفت. (ع. رحم) رحمت ٿيل - رحمت ڪيل - ٻاجهه ڪيل - بخشيل - مغفور - رحم ڪيل - رحمتي - نوازيل. مري ويل - فوتي - گذريل - مئل - وفات ٿيل - وفاتي. جنتي - سرگباشي - سرگواسي.

● مرد: ۽ مرده: ذ. (ف). نر (ماڻهو) - نرينو - مذڪر - نروٽو. (مادي جو ضد). ماڻهو - آدمي - آدمذات - انسان - بشر - آدم زاد - پرش - شخص - متش - مانس. گهر وارو - مڙس - خاوند - شوهر - پتار - پتي - سوامي - ور. ڪوبه (ڏاريو) ماڻهو - مڙسالو. (ذ. صفت). پهلوان - شجاع - بهادر - سورهيه - ويرو.

= مردا مردي ۽ مردا مردين: ث. زبردستي - زوري - ڏاڏائي. (گاجرا).

= مردانگي ۽ مردانگين: ث. مڙسي - مردي - مردانو - جوالمردي. بهادري - دليري - سورهائي - شجاعت - جرئت - ساهس - ستيا - فلاڪ - سگهه - قوت - آسترگي - شهزوري.

= مردانو ۽ مردانا: ذ. صفت. مرد جو - مرد وارو. مڙسيءَ جو - مڙسيءَ وارو. همٿ پريو - چاتيءَ وارو - جرئت وارو - بهادر - بانڪو - دليو. مضبوط - جاڏو - جبرو - ٻليار - ٻلي - پٽربل - ڪراڙو - ڪڙاڪيڙي - سڳهو - سترو - سگهارو - سگهائتو - سهتر - زورائتو - زور پريو - سڳتو - قوتي - سڳتي - سٽائتو - قرارو - توانو - سٽاڻو - ٻلوان. تندرست - چگو پلو - نيرويو - جوپ - نيمرو - چاق چگو پلو - خوش ٻاش - جوڙ. (ث. مردانيي ۽ مردانين).

= مردائو ۽ مردانا: ذ. صفت. معنيل ڏسو "مردانو". (ث. مردائي ۽ مردائين).

= مردانيي زال ۽ مردانين زالون: ث. دليو عورت - همٿ واري زال. آڏاهيگني.

= مرد ڪو ۽ مرد ڪا: ذ. صفت. مرد جو - ماڻهوءَ جو - ماڻهوءَ جهڙو.

= مرد ماڻهو: ذ. صفت. مڙس ماڻهو - نر - نروٽو - مذڪر - ڪوبه آدمي - ماڻهو - انسان ذات - آدم ذات - آدمزاد - بشر - شخص.

= مرد ميدان: ذ. صفت. ميدان جو مرد - لڙائيءَ جي ميدان ۾ مقابلو ڪندڙ - جنگي جوڌو. جوان مرد - دلاور - دليو - بهادر.

= مردي: ث. مڙسي - مردانگي - مردانيت - همٿ - بهادري - سورهائي - دليري - سورمائي. انسانيت - ماڻهپو - شرافت. قوت باهه جي طاقت - مڙسي - شهوت. ماده توليد - ذات.

● مردار ۽ مردار: ذ. صفت. (ف. مردار = پنهنجي موت مئل) پنهنجي موت مئل - مئو - مُردهه. مري ويل - (ڪو حلال) جانور (جنهن کي تڪبير نه ٿي هجي). مري ويل جانور - ڏونڌ. اهوتر - ناپاڪ - پليت - ناجائز - نجس - ارهندو - ناروا - غير شرعي - ناحقي - حرام - پرشٽ - ذرم دوشي - غير مباح. گندي ڌٽ مان ڪيل مانس. (گاجرا). سست - ڪانڌ - آرسي - ڏوڻي - سليو ساٽ - ڏاڪن ڏلو - ڪاهل - عاري - ڪم ڪوس - شومتي - ڪم چور - نڪار - ڍلو -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڪار - ڪمُ. بدبخت - نيا گو - نامراد - نيڊورو - نڪمرو - نيا گو - ڪمبخت - منحوس - نيڊڪ - ويڙل - چنڊو. ڪنميٽو - بي شرم - بي حيا - نالائق.

= مُردارُ خورُ ۽ مُردارَ خورَ: ذ. صفت. مردار کائيڊڙ - حرامخور.

= مُردارُ مارُ: ذ. صفت. مُردار خور.

= مُردارِيُ: ث. پنهنجي موت مئل جانور جي ڪل (جنهن جو چمڙو سٽو نڪو ٿئي). (ٻيئر وران ٢). (صفت). پليت - ناپاڪ - حرام - نجس - پرشت - اپوتر.

● مُردا سينگهُ: ذ. دوائن جي ڪم ايندڙ پساريڪي وکر جو هڪ قسم - مُڙداسنگ.

● مُردِ رَوانُ: ذ. پلاويڙو - اولو - ٻيڙ ٻنسو - ڪمرڪوٽ - پُٺت - پٺ ناهه - پُٺتي - پُستي - جهلو.

● مُردُمُ: ذ. (ف). عام ماڻهو - مرد - آدمي - منش - انسان. مهذب ماڻهو. (مرد مڪ جو مخفف) اڪ جي ماڻڪي - پُتلي.

= مُردُمُ آزارُ: ذ. صفت. ماڻهن کي آزاريندڙ. ستائيندڙ - چيچلائيندڙ - ٻيڙيندڙ. ظالم - قهار - ستم گر - ستمي.

= مُردُمُ آزارِيُ: ث. عوام تي ظلم - غريبان مار - الرٽ - انڌير - ظلم.

= مُردُمُ ڪُشا: ذ. صفت. ماڻهو ماريندڙ - خوني - هچارو - وڌاهيي - گهاتي - قاتل.

= مُردُمُ ڪُشيُ: ث. خون - هچا - هتيا - وڌاهه - قتل - گهات - ڪوسُ.

= مُردُميُ: ث. مردي.

● مُردَنُ ۽ مُردَنَ: ذ. سيجلائي - سڻائي - صفائي - پوشيدائي - سهيونچ - سجاوٽ - شهوت. اچائي - آجرائي - آجلائي - پاڪائي.

● مِيرُد نڪُ ۽ مِيرُدَنڪَ: ذ. ساز جو هڪ قسم - پکواز - ميرد نگ.

● مُردوُ ۽ مُردا: ذ. (ف. مُردہ = مئل) مئل ماڻهو - لاش - لاشو - مڙدو - مڙهه - مٽ - ميت - لوٽ. مُردار گوشت - حرام گوشت - ڏونڪ.

= مُردَنُ جوُ مالُ: ذ. مري ويلن جي ملڪيت. مُفت جو مال - سستو سؤدو.

● مُردُودُ ۽ مردُودَ: ذ. صفت. (ع. رَدّ = هن منسوخ ڪيو) رَدُ ڪيل. نيڪالي ڏنل - ڪڍي ڇڏيل - خارج. الڳ ڪيل - باهر رکيل. نامنظور ڪيل - رَدُ ڏنل. رَدي - ناقبول - موٽايل - واپس ڪيل. لوڏيل - ڏِڪاريل. بي عزت - ذليل.

● مُردُوکُ ۽ مُردُوکَ (ت): ذ. صفت. ڪنجوس - شُوم - پڪو - مُرچُوٽ - مرچُوسُ - بخيل. سخت طبع - ڪنور. ظالم - قهار - ستمگر. لُچ - بدمعاش. رولو - لوفر.

● مُردُوئيُ: اسم خاص. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو. (ت - بلوچستان).

● مِيرُدَنڪُ ۽ مِيرُدَنڪ، مِيرُدَنڪُونُ: ذ. ث. (سن. مرد نگ = پخواز) ساز جو هڪ قسم - دُهل جو هڪ نئيو قسم - ڊونڪ - پکوازُ - پخوازُ.

● مِيرُڙِكوُ ۽ مِيرُڙِكا (ت): ذ. موڙو - وَرُ - پُڇڪو. (راه).

● مُرُڙوُ ۽ مُرُڙا (ڪ): ذ. خيال - ويچار - اونو - ڳڻتي - آدڪو - آلڪو - انديشو - فڪر. ڊپ - خوف - ڀؤ.

" فلاڻي ڪي مُرڙو ئي ڪونهي " (ن - ب).

= مُرُڙوُ موڙَنُ: آدڪو ڪرڻ - آلڪو ڪرڻ - اونو ڪرڻ - انديشو ڪرڻ - فڪر ڪرڻ - اوسيڙو ڪرڻ. " سو محمد ميهي ساڻهه جيئن، جو مُرڙو نه موڙي ". (ن - ب).

● مِيرُزا ۽ مِيرزا: ذ. صفت. (ف. مِير = سردار + زا = زاده جو مخفف = پٽ) امير زاده - سردار زاده - شهزاده - صاحبزاده - ڪنورُ - راجڪمار - ڪُمار. (ذ). مغلن جو هڪ لقب.

● مِيرزانُ پُورُ: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين، تعلقي بدين ۽ تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مِيرزانپُورُ جا گِيرُ: اسم خاص. تعلقي وارهه ۽ تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ميرزائيُ: اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● ميرزا واهُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ميرزائي: اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ميرزو ۽ ميرزا (ل): ذ. ڪُنهُ جو هڪ قسم.
● ميرزُهُ لغاريُ: اسم خاص. تعلقي سڪارول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُرْسُ ۽ مُرْسَ: ذ. (سن. پُرُشَ = مڙس). نَر - نروٽو - مذڪر. ماڻهو - آدمي - آدم ذات - انسان - بشر. مَرد - پُرش. جٽو - شخص. پيتار - مڙس - شوهر - وَرُ.
= مُرْسَاڙُ ۽ مُرْسَاڙُ: ذ. مُرْس - مڙس.
= مُرْسَاٽو ۽ مُرْسَاٽَا: ذ. صفت. مڙس جو - مرد جو - مڙساٽو. مڙسيءَ جو - مڙسيءَ وارو. مردانو - جانٽو - بهادر - طاقتمند. (ث. مرساڻي ۽ مرساڻيون).
= مُرْسَاڻيُ ۽ مُرْسَاڻِيُونُ: ث. مڙسي - مردي.
= مُرْسِپَائيُ ۽ مُرْسِپَائِيُونُ: ث. مڙسي - مردي. انسانيت. طاقت - جوانمردي - هِمٽ - دليري - بهادري.
= مُرْسِپَنُ: ذ. مڙسي - مڙسپائي - مردي.
= مُرْسِپُو ۽ مُرْسِپَٽَا: ذ. مرسائي - مرسپائي - مڙسي.
= مُرْسِيُ ۽ مُرْسِيُونُ: ث. سُورمتا - بهادري - مڙسي - مردانگي - هِمٽ - جوانمردي - دليري - طاقت - ٻل - ويرتا - هِمت. جُواني - جوپن. قوت باهه - مَردي.
= مُرْسِپِتِيُ ۽ مُرْسِپِتِيُونُ: ث. صفت. مڙس واري - پيتار واري - پَرٽيل - شادي ڪيل - سُهاڳڻ - وَر واري - وَريتي.
● مُرْسَلُ ۽ مُرْسَلَ: ذ. صفت. (ع. ارسَلَ = هن موڪليو). ارسال ڪيل - موڪليل. رسُولُ - پيغمبر - نبي. اهو نبي جنهن تي خدا جي طرفان ڪتاب لٿو هجي.

= مُرْسَلو ۽ مُرْسَلاَ: ذ. (اصل لفظ مُرْسَلهُ). خط - چٺي. (گاجرا).
● مُرْشِدُ ۽ مُرْشِيدَ: ذ. صفت. (ع. رَشَدَ = هن هدايت ڪئي) هدايت ڪندڙ - هادي. چڱي واٽ ڏيکاريندڙ. الله جو رستو ڏيکاريندڙ - ڏرمي رهبر - مرشد - پيروهيت - گرو. رهنمائي ڪندڙ. اُستاد - چالاڪ - هوشيار. (آصفيه).
= مُرْشِدِيُ: ث. ديني هدايت - مرشدجو ڪم - رهنمائي.
● مُرْصِعُ: صفت. (ع. رَصَعَ = جڙيل) هيرن جواهرن سان جڙيل - جڙاءدار - جڙت ڪيل.
● مَرَضُ ۽ مَرْضَ: ذ. (ع. مَرَض = بيماري) بيماري - ڏُوار - آ گهائي - روگ - ناچڱائي - لڳائي - ڏوجُ - ڏُجهندو - ڪُنمرائي - آزار - بي مزائي - ناچاقي - ناچاقائي - پيڙا - عذاب - ڪشٽ - درد - تڪليف - علالت. (صفت). ڪُمر - ڏِلو - سُست - ڪاهل - آرسي - ٽوڻي - ڏِرو.
= مَرَضِيُ ۽ مَرْضِيُ: ذ. صفت. بيمار - مريض - روگي - مرضيل. (گاجرا).
= مَرْضِيلُ ۽ مَرْضِيلَ: ذ. صفت. مرض ورتل - روگي - بيمار - ڏُکيو - ڏُٺاري. جيءَ جڏو - ڏُجهارو - ناچڱو - اگهو - سڪالو - بي مزي - بي خوش - ناخوش. مرض پيدا ڪندڙ. صحت بِگاڙ - ناگوار - بُڇان جهڙو - ناموافق.
● مَرْضِيُ ۽ مَرْضِيُونُ: ث. (ع. رَضِيَ = هُو مهربان هو). خواهش - اِراده - آرزو - اِڇا - خوشي - سَڌ - آشا - تمنا - مراد. پَسند - پسندي - پسندگي - چاهه. قبوليت - سَچتا - منظوري - رضا - رضامندو - اختيار. اجازت - پَروانگي - موڪل. (آصفيه).
= مَرْضِيءَ تي نَچَتائِيُ: پنهنجي مرضيءَ تي هلائڻ.
= مَرْضِيُ رَکَنُ: ڪنهن جي خوشيءَ سبب ڇيو قبول ڪرڻ - دل رکڻ - دل وٺڻ.
= مَرْضِيءَ سانُ: ظرف. رضا خوشي - خواهش موجب - مرضيءَ موجب. پاڻ مراد و - از خود. قصدا.
= مَرْضِيءَ مُوجِبُ: ظرف. خاطر خواهه - پسنديءَ موجب - وٺڻ جهڙو - دل تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَرْطُوبُ: صفت. (ع. رَطْب = پُسڻ) پُسيل - تَرُ - پِڳل - آلو. رطوبت واري (شيء). تُلهو - موتو - ڦوڦانگ.

● مَرْعُوبُ: صفت. (ع. رعب = رَعبُ هيٺ آيو) رعب هيٺ آيل - دِنل - خوفزده. حشمت پر آيل - هيسيل.

● مرْغُ: ذ. (ع). سائو گاهه.

= مَرْغِزارُ ۽ مَرْغِزارَ: ذ. نرم گاهه جي جاءِ - سبزه زار - ساوَ ڪَ.

● مُرْغُ ۽ مُرْغَ: ذ. (ف). پکيِ - پَرند و - پَرندُ. پکيڙو - طير - پنڇي - پکشي. آڏامندڙ ماهوارو - اڏَندُ. (ڪارو). ڪُڪڙ - مُرغو - خروس. (آصفيه).

= مُرْغِ آبِيُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - ڪَرڙو پکي - چِيڪلو - چِيڪلو پکي.

= مُرْغُ سَحَرُ: ذ. ڪُڪڙ - مُرغو - مُرغ. بلبل - هَزبُل.

= مُرْغِ سُلَيْمانُ: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - هُدهُد - ڪاڪ ڪُٽو.

= مُرْغِ صُبْحُ: ذ. مرغ سحر.

= مُرْغِيُ ۽ مُرْغِيُونُ: ث. ڪُڪڙِ - ڪُڪڙي.

● مُرْغابِيُ ۽ مُرْغابِيُونُ: ث. (ف. مُرغ + آبِي = پاڻيءَ جو پکي) پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم - بَدڪ جو هڪ قسم - آڙي.

● مَرْغُوبُ: صفت. (ع. رَغَبَ = رَغبت ڪئي) رغبت ڪيل - دل لُڀائيندڙ - من ڪي وٺندڙ - دل پسند - پسنديده - وٺندڙ - دلچسپ - دلبر - دلرُبا - دلڪش - دلفريب - سُهائيندڙ - پياروَ - هردل عزيز - خوبصورت - سُهڻو - سُندر. مزيدار - لذيذ - سلوٽو. (آصفيه).

● مَرْغُولُ ۽ مَرْغُولَ: ذ. صفت. (ع). گهنديدار وارن وارو. پيچ و تاب وارو - وَر وڪڙ وارو. (ذ). وَر وَڪڙ ڪائيندڙ ٽنپ. ٻن ٽنين جي وچ ۾ ڪنڊرن واري ڪمان. ٽنو آواز - راڳ جي آلاپ جو هڪ قسم (جنهن ۾ لفظ ڳڏجي ويندا آهن). (گاجرا).

● مَرْقَدُ: ذ. (ع. رَقَدَ = سمهڻ جي جاءِ) آرام گاهه - خواب گاهه. قبر - تُربت - مَزار - گورَ. (آصفيه).

● مَرْقَعُ: ذ. (ع). تصويرن جو ڪتاب - آلبم. (آصفيه).

● مَرْقُوُ ۽ مُرْقَاُ: ذ. (ع. مُرْقَعُ) عورتن جو ڍڪ يا پردو - گهونگهٽ - ٻُرقعو - نقاب. ڍڪ - پردو - پوشُ - پڙدو.

● مَرْكَ ۽ مَرْكُونُ (ڪ): ث. ٻڙيءَ جو هڪ عضو - سِڙهه ڪي اڏمان (واءُ جي جهل لاءِ) جهلي ٻيهندڙ رَسو.

● مَرْكُ: ظرف. لائق - واجب - مناسب - ٺهندڙ - جُڳاءِ - سُهائيندڙ - نيبائيندڙ - پوندڙ (ڪنهن تي) - شايانُ.

● مِرْكَ: ث. گِرهه - نِوالو - ڳُٽي - لُقمو. ڍڪ - سُرڪي - ڳِيت - لُڙڪي.

"مِهاران مِرڪَ ٻِيتائين پريم جي"
(شاهه - سهڻي).

لنپ - ٻُڪ. (گاجرا).

● مِرْكائِنُ: مصدر. آهسته آهسته وات هلائڻ - ڳُجهي طرح ڪائڻ وانگي چپَ چورڻ - چاباڏيڻ - مِرمِر ڪرڻ - پَٻِيون هلائڻ. (زبان ڪي) چورڻ - ڦيرائڻ. (مِرڪائيو - مِرڪائيندو - مِرڪائِيندُ).

● مُرَكَّبُ: ذ. صفت. (ع. رَكَّبَ = ڳڏ ڪيو) ترڪيب ڏنل. ڳڏيل - ملهيل - رَليلُ - آميزش ڪيل - ملاوٽ ڪيل - گاڏڙ ساڏڙ - گڏيل سڏيل - سَخلُوطُ - آميخته. گهڻين شين کي ملائي ٺاهيل. (ذ). آهو جملو، جنهن ۾ ٻه يا زياده مُفرد جملا هجن. (علم نحو).

= مُرَكَّبُ غَيْرُ مُفِيدُ: ذ. اهڙا ٻه گڏيل لفظ يا مُرڪب جملا، جن مان پوري جملي جي معنيٰ نه نڪري سگهي.

= مُرَكَّبُ مُفِيدُ: ذ. اهڙن لفظن جو مجموعو يا ڪلام جنهن جي صفا معنيٰ نڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُرَكَّبُ مُفِيدُ: ذ. اهو لفظ جو مجموعو يا ڪلام جنهن جي معنيٰ صاف نڪري سگهي.
● مَرَكَزُ ۽ مَرڪَزَ: ذ. (ع. رَكَزَ = هُو ڪُپي ويو). گول جو وچ - گول جي وچ وارو ٽِڪو. وچ - وسط - سينٽر. ڪِلي يا دري (جنهن جي چوڌاري ڪا شيءِ ڦري). مَدار. ڪنهن (ٿوس) گول شيءِ جو وچ. ڪنهن شيءِ جي منجهان مَنجهه - وچان وچ. ڪنهن اداري جي مکيه آفيس وارو هنڌ. صدر مقام - دارالسلطنت. بيهڻ جي جاءِ - مقام - جاءِ سِڪونت - جاءِ قرار. بحث جو مکيه نڪتو. "گاف ۽ ک" اکرن جو مٽيون ليکو. (گاجرا).
= مَرَكَزِ ثَقَلُ: ذ. وزن جو وچ. ڏرتيءَ جي وچ وارو اهو خيالي نقطو، جنهن ڏانهن سڀ شيون ڇڪجن ٿيون. (گاجرا).
= مَرَكَزُ قائِمُ كَرَنُ: گول جو وچ ڳولي لهڻ. ڪنهن اداره جي بنياد تي آفيس قائم ڪرڻ.
= مَرَكَزِيُ ۽ مَرَكَزِيُ: ذ. صفت. وچ وارو - وچون - وسطي. بنيادي.
● مَرَكَنُ: مصدر. پڏڻ - پتاڪ هڻڻ - ڊاڙ هڻڻ - دم هڻڻ - لاف هڻڻ. ڦونڊ ۾ پرجي گهلهه ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ - فخر ڪرڻ. ڪِلڻ - خوش ٿيڻ. ڪڇيون هڻڻ - بغل ٿوڪڻ. (مرڪيو - مرڪندو - مرڪيل).
= مَرَكُ ۽ مَرَكَ: اسم. پتاڪ - لاف - ڊاڙ. آپمان - ٽاڻ - گهمنڊ - شيخي - مغروري - دماغ - وڏڻ - هُوءِ - دم - إغماض - غرور - فخر. خود ٽنا. ناز - لاڏ - ماڻو - آنگل - آرو - نخرو - چاڪلائي.
● مَرَكَنُ ۽ مَرَكَنَ: ذ. صفت. اهو جنهن کي پيا پڏائن - جانب - لڏڻ - دلدار.
= مَرَكَائِنُ: مصدر. پڏائڻ. عزت رکڻ (پٺي جي). منهن مٽي ڪرڻ. مشهور ڪرڻ - ملهائڻ - نالو ڪيڏڻ - نيڪي ڪيائڻ - ناماچار ڪيڏڻ. (مرڪائيو - مَرَكائيندو - مَرَكائيل).
= مَرَكَنُ ۽ مَرَكَنَ: ذ. صفت. لباڙي - ڊاڙي - پتاڪي. پاڻ پڏائيندڙ - مَرَكَنُو.
= مَرَكَنُو ۽ مَرَكَنَا: ذ. صفت. پڏندڙ - پتاڪ هڻندڙ - دم هڻندڙ. ڦونڊ ۾ پرجي ويندڙ - ٽاڻ رکندڙ.
● مَرَكَنُ: مصدر. (سن. سَمْتِ = اچرج + ڪر(ي) = ڪرڻ). چپن ۾ ڳِلڻ - مُشڪڻ - پاپوهڻ. ٿورو ڪِلڻ. سڄ جو ڪني ڪيڏ. (گاجرا). لهڻ - آلهڻ - لهي وڃڻ (سڄ جو). (مَرَكيو - مَرَكندو - مَرَكيل).
= مَرَكُ: ث. پاپوهه - مُشڪ. خوشي. راڳ ڳائڻ ۾ آواز کي ڏنل لوڏو - لهرو.
= مَرَكَائِنُ: مصدر. مُشڪائڻ - ڪِلائڻ - هسائڻ. (مَرَكائيو - مَرَكائيندو - مَرَكائيل).
= مَرَكَ مَائَنُ: خوشي مائڻ - مزو مائڻ.
= مَرَكِيلُ ۽ مَرَكِيلَا: ذ. صفت. مشڪندڙ - مُشڪيلو - پاپوهي. ڪِلمڪ - ڪِل منهون - ڪلاڙو - ڪِلندڙ.
● مَرَكُوزُ: ذ. صفت. (ع. رَكَزَ = پوروَ). هڪ جڳهه تي ڪُتل.
● مِرَكِيُ ۽ مِرَكِيُونُ (ل): ث. متڙي. سنهون ٽُنگ.
● مَرَكِيُ ۽ مَرَكِيُونُ: ث. ڳهه جو هڪ قسم - ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور - دُر پَچُو - والي - مَرَكي - ڪِنوٽي - ڪَنوٽي - ڪيوٽي. مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪ) (پٽي ڪاري، پيٽ اڇو) ڏيکهه هڪ ڪان سوا فوٽ تائين).
● مَرِ كَانُ: اسم خاص. تعلقي ٿٽي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● مَرِ كَنان جاگِيرَ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● مَرَ كَپُورُ: اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● مَرَ كَنُبَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر اتر سرحد سنڌ ۾).
● مَرَ كَنُبُ: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● مَرَ كَ (ڪ): ث. مڇيءَ جو هڪ قسم. (نب).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَرُ‌ڪ ۽ مَرَڪ: ذ. (ف). موت ـ ڪال ـ قَضا ـ آجل ـ مَرتيو ـ قَضيو ـ رحلت ـ مَرڻو ـ وصال لاڏاڻو ـ چالاڻو ـ وفات ـ شهادت.

● ميرُ‌ڪ ۽ ميرُ‌ڪَ: ذ. (سن. مر (ي) + ڪ = ميرڪ ـ هَرڻ.

ـ ميرُ‌ڪَ تيرشنا: ث. رڄ ـ مارو ٿل ـ ميرڪ تيرشنا.

ـ ميرُ‌ڪَ چالاَ: ث. هرڻ جي ڪل.

ـ ميرُ‌ڪَ لوچنيُ: ث. صفت. سهڻي ـ هرڻ جي اکين واري. (گاجرا).

ـ ميرُ‌ڪَ نَٽاپُ: ذ. هرڻ جو ڏن ـ اها ڏوڏي جا هرڻ جي ڏن مان نڪرندي آهي جنهن مرڪستوري ٿيندي آهي. (گاجرا).

ـ ميرُ‌ڪَ نَٽينيُ: ث. صفت. (سن. مر(ي) + نٽن = اڪ). هرڻ جي اکين (جهڙي) واري ـ حَسين ـ خوبصورت ـ سهڻي.

● مُرڪارَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر ڪراچيءَ ۾).

● ميرُ‌ڪَل (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ميرُ‌ڪيُ ۽ ميرُ‌ڪيُونُ: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم ـ ميرُ‌ڪهيُ.

ـ ميرڪيلُ ۽ ميرڪيلَ: ذ. صفت. مرڪهي وارو ـ ميرڪهيل. بيمار ـ اڪهو ـ مريض ـ روگي ـ ناچگو ـ لڏو ـ سُڪالو ـ جيءَ جڏو. آرسي ـ مست ـ آرسائتو ـ ڪانتُ ـ وسائل ـ ٿوٿي ـ ڊرڪو ـ ڳم ـ ڪاهل. هيڻو ـ ضعيف ـ لاغر ـ نيستو ـ هڏ هيڻو ـ دُربَل ـ اَلپ بَل ـ ڪمزور ـ آپرو.

● مُرُ‌ڳو (ل ـ ڪ): ظرف. مورهين ـ مڙيئي ـ آصل ـ بنهه ـ ماڳهين ـ پڻي مور ـ ڪڏهن ب ـ هڏهين.

● ميرُ‌ڪهَ ۽ ميرُ‌ڪهَ: ذ. (سن. مر(ي) + ڪهَ = هَرڻ). جانور جو هڪ قسم ـ ميرڪ ـ هرڻ ـ آهو ـ روجهه ـ هَرا (ڪ) ـ چڪارو ـ چيڪارو (ل ـ ث). (آصفيه). ڪُرنگ. جيت جو هڪ قسم (وڏي تيڏَ يا مڪڙ جيڏو، رنگ سائو، اڪثر ڦٽيءَ جي ڪنارن تي رهي، زَهريُ). سرطان ـ برطان ـ چراڙو. چٽراڻو. (ن ـ ب).

ـ ميرُ‌ڪهَ تيرشنَا: ث. رڄ ۾ گرميءَ ۾ تپش سبب ڪوڙو پاڻيءَ جو ڏيکاءُ ـ رج ـ سَراب ـ ڪورڪي نئن ـ مارو ٿل ـ ميرگ ترشن.

ـ ميرُ‌ڪهَ چالا ۽ ميرُ‌ڪهَ چالانُونُ: ث. هَرڻ جي ڪَل ـ ميرگ چالا.

ـ ميرُ‌ڪهَ ناپُ ۽ ميرُ‌ڪهَ ناپَ: ذ. هرڻ جو ڏن. مُشڪ جي ڳوٽري.

ـ ميرُ‌ڪهَ نٽينيُ: ث. صفت. هرڻ جي اکين (جهڙي) واري ـ آهوچشم ـ ميرگهه لوچني. حَسين ـ سهڻي ـ خوبصورت.

● مَرُ‌ڪهتُ ۽ ميرڪهتَ: ذ. (سن). مري ويل (هندوءَ کي) ساڙڻ جي جاءِ ـ مساڻ ـ شمشان.

● ميرڪهه شيرُ: ذ. هڪ بُرج جو نالو. ٽيڙو.

● ميرڪهيُ ۽ ميرُ‌ڪهيُونُ: ث. (سن. ميرڪي = ميرڪهي). بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ماڻهو بيهوش ٿي ويندو آهي ۽ هٿ پير ڏنگا ڏڏا ٿي ويندا اٿس ۽ منهن مان گجي اچي ويندي اٿس). ميرڪهي ـ ميرگي ـ صرع.

ـ ميرُ‌ڪهيُ اچنُ: بيهوشيءَ جو غلبو ٿيڻ. جُنون آچڻ ـ جوش اچڻ.

ـ ميرُ‌ڪهيلُ ۽ ميرُ‌ڪهيلَ: ذ. صفت. مرڪيل ـ مرڪهيءَ وارو.

● مُرُ‌ليُ ۽ مُرليُونُ: ث. (سن. مُرَلَ > مُرُ‌ليُ = مُرليُ). وات سان وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم ـ (جيئن بانسري ـ بين ـ بانسلي ـ وَنجلي ـ الغوزه ـ بَنسري). تُنبي، ڪدوءَ ۾ ڪنگور مان ناهيل ساز. (سن. مرد = شيوا ڪرڻ). ديوداسي ـ خاص ڪري ڪنڌ ڏيا جي پوڄارڻ ـ ويشيا جو هڪ قسم. (گاجرا).

ـ مُرُ‌ليمُڈرُ: ذ. مرلي وڄائيندڙ (خاص طور ڪرشن جو نالو).

ـ مُرُ‌ليُ وَڄائڻُ: ڪنهن کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ ـ چٽ ٻڌڻ ـ ريبن.

ـ مُرُ‌ليُونُ وَڄائڻُ: ڪنهن کي ڏيون ميون گالهيون ٻڌائي ريجهائڻ ـ خوش ڪرڻ.

● ميرلهيتَ (ل): ث. هڪ قَرُ‌ تان هٽائي ٻئي قَرُ‌ تي مهيڙيل چوپائي (مينهن ڏيگي وغيره).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▬ مُرليو ۽ مُرليَا: ذ. صفت. مرلي وڄائيندڙ.
● مَرُمَرُ ۽ مَرَمَرَ: ذ. (سن. مَرمر > مرمُڻ = ڪُجهي معنيٰ) ڪُجهڻ - راز - پيد - رهسيہ. لڪل اوڪڻ. شرم - لڄ - ليهه - حياءُ - حجاب - مُحابو - سنڪوچ - شرمندگي - عارُ - ڪِڪائي - شرميلتا - ساڃهه. نِدامت - پشيماني - افسوس - پڇتاءُ.
▬ مَرَمَ ۽ مَرَ مَرَ يُ وَڄَڻُ: لڄ ۽ مُسي وڃڻ - ڏاڍو شرمسار ٿيڻ - حياءُ ۽ ٻُڏي وڃڻ - پنهنجي ڪيل ڪر تي گهٽو پڇتائڻ - نِدامت ۽ پرجي وڃڻ.
▬ مرُمِيُ ۽ مَرُمِيُ: ذ. صفت. حياءُ وارو - شرم وارو - حجاب وارو - سنڪوچي - لڄارو - شرميلو - شرمسار.
● مَرَمَّتَ ۽ مَرَمَّتُونُ: ث. (ع). درستي - مُڌارو - اصلاح - ڪنهن ڪنهن شيءِ جي سنوار - ترميم - ڪپڙي ٽوپ - داغدوزي. گوشمالي - جُوتاڪاري - موچڙا ماري.
▬ مَرَمَّتَ طَلَبُ: ذ. صفت. ٻڪل - ٻڪل ڪنهن - مرمت لائق - داغدوزي لائق.
▬ مَرَمَّتَ ڪَرائِڻُ: درست ڪرائڻ - ڪپڙي ٽوپو ڪرائڻ - درستي ڪرائڻ - نقص دور ڪرائڻ. (آصفيہ).
▬ مَرَمَّتَ ڪَرَڻُ: سنوارڻ - مُڌارڻ - اصلاح ڪرڻ - درست ڪرڻ - نقص دور ڪرڻ. خُوب مارڻ - گوشمالي ڪرڻ - سزا ڏيڻ - موچڙا ڪَٽ ڪرڻ. (آصفيہ).
● مَرُمَرُ: ذ. (ف. مَرمُر = چمڪڻ. يوناني: مَرُمَرُ = پٿر جو هڪ قسم) پٿر جو هڪ قسم - سفيد ۽ قيمتي پٿر - جيپور ۽ جبل پور جي علائقن جي جبلن مان نڪرندڙ ملائم قيمتي پٿر - سنگ مرمر.
● مُرُمُرا: ذ. (سن. مُرمُرَڪ) بيسن سان ٺهيل چهري شيءِ (پيسويَن وانگر) مُرمُلا. واريءَ ۾ سوڪ ٻُڪل آيون - ٻُڪل چانور. سگر. (گاجرا).
● مَرَمَنُ: مصدر. سن. مَرمَرَهَ. پرا. مُرُمُرَكَ) ٻَڪڻ - ڏُونڪڻ - جهڪڻ - جڪڻ - جهڪ ڪرڻ - ٻڪ ٻڪ ڪرڻ - بڪواز ڪرڻ - بڪواد ڪرڻ - بڪوات ڪرڻ - اجايو ڪاڪاهاٽ. وڪلڻ. اجائي دانهن ڪرڻ. چرڙات ڪرڻ - چين چين ڪرڻ ڏند نڙڪو ڪرڻ. ٽِڪ ٽِڪ ڪرڻ. سستيءَ سان ڪاڪاهاٽ - هري هري ڪاڪاهاٽ - مِڙ مِڙ ڪرڻ - پُڙ پُڙ ڪرڻ - پُڙڪات ڪرڻ - چپن ۾ ڪاڪاهاٽ. پنهنجي ساراه ڪرڻ. (مرميو - مرميندو - مرميل).
● مَرَڻُ: ذ. موت - قضا - قضيو - مَريتو - ميرگ - لاڏاڻو - چالاڻو - وفات. (آصفيہ).
● مَرَڻُ: مصدر. (پرا. مَرَڻي. سن. مرڻ، مَرَنَ = مَرَڻُ) وفات ڪرڻ - رحلت ڪرڻ - رضا ڪرڻ - چالاڻو ڪرڻ - هلاڪ ٿيڻ - لاڏاڻو ڪرڻ - مري وڃڻ - فوت ٿيڻ - پران تياڳڻ - جانُ ڏيڻ - ساهه ڇڏڻ - دم نڪرڻ - دم ڏيڻ - گذاري وڃڻ - انتقال ڪرڻ - پساهه ڇڏڻ. تمام گهٽو چاهڻ - بيحد پيار ڪرڻ - ڏاڍو شوق رکڻ - گهٽو گهرڻ. عاشق ٿيڻ - فريفته ٿيڻ - شيدا ٿيڻ (بڪ ۾) پاهه ٿيڻ. نهايت گهڻي محنت ڪرڻ. جان جوکي ۾ وجهڻ - ڪشٽ ڪاٽڻ - ڏاڍ ڏسڻ - تڪليف محسوس ڪرڻ - تنگي محسوس ڪرڻ - جيتجي وڃڻ. (گاجرا). ڪوشش ڪرڻ - سعيو ڪرڻ - آدر ڪرڻ. (مئو - مَرندو - مُئل) (سن. مرد = گهٽ) (آگر سان) مَٽڻ - متهڻ - ڳوهڻ - مَٽڪو ڏيڻ - مهڻو ڏيڻ (ميٽ وغيره ڪي).
▬ مَرَڻُ تي: ظرف. مرڻ ڪي ويجهو - مرڻينگ - مرڻ ڪلي ۽ - سڪرات ۾ - پوين پساهن ۾ - هٿ هلان ۾.
▬ مَرَڻُو ۽ مَرَڻا: ذ. موت - قضيو - مرتيو - ڪال - رحلت - وفات - ميرڻو - لاڏاڻو - چالاڻو - رضا. گهڻي تڪليف - ڏاڍو مونجهارو. (گاجرا). (صفت). فاني - فنا - ميٽو - نابود ٿيٽو - نابقا. مرڻ لائق - مرڻ هار. (گاجرا).
▬ مَرَڻُ وِهُوگُهُ ۽ مَرَڻُ وِهُوگهَا (ت): ذ. صفت. مرڻ جي قريب - مرڻ جي ويجهو - سڪرات ۾ - مرڻ تي.
▬ مَرَڻُ وَهيڻو: ذ. صفت. مرڻ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَرَڻُ هارُ ۽ مَرَنُ هارَ: ذ. صفت. مرڻ جوڳ - مرڻ لائق - مرڻ وارو. (گاجرا).
= مَرَڻ هارو ۽ مَرڻ هارا: ذ. صفت. ڏسو مرڻ هار.
= مَرڻِينگ ۽ مَرڻِينگ: ذ. صفت. مرڻ جي ويجهو - مرندڙ - مرڻ ڪِلي - مرڻ تي - سڪرات ۾ - پوين پساهن ۾ - هٿ هٿلاڻ ۾ - قريب المرگ - آخري دم.
= مَرڻِي ۽ سُٽُو: صفت. مرڻ جهڙي. فاني - فنا - ختم ٿيڻ جهڙي - ناپا ئيدار - بي بقا - بي جتاءُ.
= مَرِي رَهَنُ: مري وڃڻ - جيئرو نه رهڻ - موت اچڻ. ويهي رهڻ - ديد لائڻ. (آصفيه).
= مَرِي جهرِي: ظرف. ڪشالي سان - سخت پورهئي سان - تمام تڪليف سان - هٿِي هٿِي - ڪَهِي ڪَهِي - مَري مَري - جا ڪوڙي سان - محنت سان - پنوڙجي - پاڻرا پيڻِي - مصيبتون سهي - ڏاڪڻ سان - جفاڪشي سان.
= مَرِي مَرِي: ظرف. مَري جهرِي.
● مَرِڻِي ۽ مَرِڻِيُون (ت): ث. لالچ - سَڌَ - اشتها - هَوَس - ڪامنا - چاهه - رغبت - لاڙو - اشتياق. سيڪت - سزا - جُٽ - گوشمالي.
= مَرِڻِي ڏِيڻُ (ت): سيڪت ڏيڻ - سزا ڏيڻ - جُٽ ڪرڻ.
● مَرُو ۽ مَرُو: صفت. (سن. مَلَ = مَرَ) مَرُ وارو. ڦيٽ پيل - ڪوڙو - ملڙو - ميلاوتي - گاڏڙ - نيرس - نيرسو - ڪسيِلُ (ڏاتو).
= مَرائِي ۽ مَرائِيُون: ث. ميلاوتي ڏاتو - مٽُ - جوڙو - ڪَسُ - غٽِيرُ - ڦيٽ.
● مُرُو ۽ مُرا: ذ. (پير جو) ڳِريو - مُريو. منهي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ڏيگهه ٦-٧ انچ، رنگ اڇو، پکرا چار، پنجون پکرو مٿان).
● مَرُوارِيدَ: ذ. (ف). سيپَ مان نڪرندڙ گول داڻو - موتي - گوهر - دُر - لُولُو.
● مَرُوانِي ۽ مَرُوانِي: ذ. صفت. مذهب ڪان ڦريل - ڏورِ ڪيل - مُرتد - پَتِت.

● مَروَٽَ ۽ مَروَٽُون: ث. رعايت - سهولت - سهنجائي - آساني. هيٺاهين - نياز - نمرتا - نوڙت - هٿ جوڙ. رعايت - لحاظ - پاسخاطر - پاسخاطري - طرفداري. ڏنبِ جي پُسن يا ڪنهن شيءِ جي قيمت ۾ رياءُ سان ڪيل لاٽ. تخفيف - ڇڏت. معافي. ڏيا - ڀاجهه. مهرباني - پلائي - وڙ - ٽورو - احسان - ڪرپا. آدارتا - سخاوت - دريا دِلي - فراخ دلي. لياقت - خُلق - فضيلت - آءُ پياءُ - خوش اخلاقي - اخلاق - انسانيت - پَڌل مانسائي - پَل ماڻهپي. فياضي. عالي همتي - ڪُشاده دلي. (آصفيه).
= مَروَٽَ ڪَرَنُ: رعايت ڪرڻ - لحاظ ڪرڻ - ملاحظو ڪرڻ. تخفيف ڪرڻ - ڇڏ ڇوٽ ڪرڻ - لاٽ ڪرڻ. احسان ڪرڻ - ڀاجهه ڪرڻ - ڏيا ڪرڻ - مهرباني ڪرڻ. (آصفيه).
= مَروَٽَ وارو: صفت. بااخلاق - لحاظ وارو - ملاحظي وارو - لحاظي. رحمدل - دَيالو - دَيا وارو - ڀاجهارو. (آصفيه).
● مَروَٽِي ۽ مُروَٽِي: ذ. صفت. مُروَٽ وارو - سخي - مهربان. (گاجرا).
● مَروڙِيُ: مصدر. وَراڙڻ - موڙڻ - وَرڙ ڏيڻ - پيچ ڏيڻ - وَراڪو ڏيڻ. مروڙو ڏيڻ - مروٽ ڪيڻ. مروڙڻ. آڪيڙو ڏيڻ - چڪي ڏيڻ - چڪڻ - چڀي ڏيڻ - تاڻڻ. ڪسي وڻڻ - ڦري وڻڻ - جهپي وڻڻ - جهپڻ - زبردستي ڇيڻ - زوريءَ ڪسڻ. مارڻ - پنوڙڻ - پائمال ڪرڻ. (گاجرا). معني ڦيرائڻ - اُٻتو مطلب ڪيڻ - چڪي تاڻي مطلب جي اُبتڙ معني ڪيڻ. (مَروڙيو - مَروڙيندو - مَروڙِيل).
= مَروڙَ ۽ مَروڙُون: ث. مروڙ - وڪڙ (پيٽ جو) - مروڙو.
= مَروٽَ مَروٽ ۽ مَروٽُون مَروٽُون: ث. وٽ سٽ - وروڪڙ - موڙموڙ.
= مَروڙو ۽ مَروڙا: ذ. وٽ - ور - پيچ - مروٽ - مروڙ - وڪڙ - وراڪو - آڪيڙو - سٽ. چڀي -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪي ـ ڪتش ـ چڪ ـ لانچ ـ سٽ ـ تاڻ. ڦيرو ـ ولو ـ ڦيرو سهيرو ـ گهمرو ـ گهمتاڙي.

● مُرَوّجُ: صفت. (ع. ترويج). رائج ڪرڻ ـ رواج ڏنل ـ هلايل ـ هلندڙ ـ جاري. رائج الوقت ـ هلندڙ وقت جو ـ رواج ۾ آندل ـ رواجي ـ ورتمانُ ـ عام ـ معمولي ـ ريتائتو ـ رسمي ـ مُستعمل. (آصفيه).

● مَروچَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَروڙُ ۽ مَروڙَ (ت)؛ ذ. آکڙ ـ سيٽ ـ ٽيندـ وڏائي.

ـ مَروڙُ خانَ؛ ذ. صفت. آکڙ باز ـ ٽين ڦون ڪندڙ ـ وڏائي ڪندڙ ـ آکڙ خان ـ سيٽ باز ـ ٽيندڙ ڪندڙ ـ وڏائي خور. (آصفيه).

● مَروڙڻُ: مصدر. وراڙڻ ـ موڙڻ ـ مَروڙڻ ـ وراڪو ڏيڻ ـ پيچ ڏيڻ ـ ور ڏيڻ. آکيڙو ڏيڻ ـ ڏنگو ڪرڻ ـ چهو ڪرڻ ـ ڦيڙو ڪرڻ ـ وٽ ڏيڻ ـ ڦيرڻ ـ ڦيرو ڪيڏ. ٻيٽو ڪرڻ. ٻيڙڻ. ٻوڙڻ ـ ٻوڙي مارڻ. (گاجرا). ڪتسي وڌڻ ـ ڦري وڌڻ ـ ڦرڻ ـ جهپو هڻڻ ـ ڪتسڻ. وهنجڻ مهل وارن گي زور سان مهڙڻ. لُڇڻ ـ ڦٽڪڻ ـ تڙڦڻ. وٿجڻ سٽجڻ. (مَروڙيو ـ مروڙيندو ـ مَروڙيل).

ـ مَروڙَ ۽ مَروڙُونُ؛ ث. وٽ ـ ور ـ پيچ ـ موڙ ـ ڦير ـ ڦيرو ـ مروٽَ ـ مَروٽو (پيٽ ۾) ـ گڙٻڙ (آنڊن جي) وٽ سٽ ـ (پيٽ ۾) گهمرو ـ مروڙو. پيچش ـ آنٽي. (ل) ـ سوري. (آصفيه).

ـ مَروڙو ۽ مَروڙا؛ ذ. وٽ ـ ور ـ پيچ ـ مروٽو ـ وکڙ ـ وراڪو. آکيڙو ـ سٽ ـ مروٽ. موڙ ـ موڙو ـ گهمرو ـ ڦيرو ـ ولو. مروڙ ـ ڦٽڪو ـ تَرڦ ـ لوچ (آنڊن ۾). ڪينچاوت ـ پيڙ ـ چڪ ـ چڪ تاڻ ـ پَتوڙ ـ پَٽوڙ.

● مَروڙو ۽ مَروڙا؛ ذ. وٽُ. ورُ ـ پيڙ (هٿ جي) ـ زور ـ مهڙو ـ مروٽ.

ـ مَروڙا ڏيارَنُ: زور ڏيارڻ ـ پيڙون ڏيارڻ ـ مَروٽا ڏيارڻ.

● مَروڙي ۽ مَروڙيُونُ؛ ث. (سن. مَل = مَرُ). ميل ـ مَرُ ـ مَرَ. آگرين تان لاٽل آنسو. وکڙ ـ وٽ ـ پيچ. ڪنڊ ـ لينجهه ـ پيڙي. (آصفيه). اِسڪرو ـ ورُ.

● مَروڪُ: حرف جواب. (مَرَ + روڪ = بيماري نه هجڻي). ڪنهن جي مسلسل سڏن ڪان تنگ ٿي ڪاوڙ وچان جواب ۾ چوڻ ـ مهور. (ن ـ ب).

● مَروُلَ: ث. پيڙيءَ جو جهنڊو (جو ڪُوهي ۾ ٻڌجي).

● مِروُنُ ۽ مِروُنُ: ذ. (سن. مِرگ = جانور) جانور. جهنگلي جانور ـ حيوان ـ درندو. سُوئر ـ خنزيرُ.

ـ مِروُنٽَنُ: مِرونءَ جهڙي خاصيت ـ حيواني ـ حيوانپ ـ وحشت ـ ڪنورائي.

ـ مِروُنٽِٽو ۽ مِرونٽِٽا؛ ذ. جهنگلي جانور جهڙي طبعيت ـ وحشت ـ درندائي ـ وحشيپو ـ جهنگلپڻو ـ حيوانپ ـ ڪنورائي.

ـ مِروُنٽَڙو ۽ مِروُنٽَڙا؛ ذ. صفت. مرونءَ جو ـ ڪنهن به جهنگلي جانور جو ـ سوئر جو ـ حيواني. خنزير جو.

ـ مِروُنٽِپو ۽ مِروُنٽِپا؛ ذ. حيوانيت ـ وحشت ـ ڪنورائي (گاجرا).

ـ مِروُنٽِڪو ۽ مِروُنٽِڪا؛ ذ. صفت. مرونءَ جو ـ وحشي ـ جهنگلي ـ خونخوار ـ نِردئي ـ بي رحم ـ ڪنور.

● مَروو ۽ مَروا (ل ـ ث ـ ڪچ)؛ ذ. (سن. مَرَوَكَ = نازبو). خوشبودار پوٽي جو هڪ قسم ـ نازبو ـ قَلُ پٽي. (آصفيه).

● مَروُهه؛ ذ. (ع). مڪي معظمه جي هڪ ڪري جو نالو (هي ڪري "صفا" ڪان چڪي مفاصلي تي آهي ـ جن جي درميان حاجين کي هلڻو ۽ ڊوڙڻو پوي ٿو).

● مَروِي: خوشبوءِ دار گاهه جو هڪ قسم.

● مَرَهُنَا؛ اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● مَرَهِٽو ۽ مَرَهِٽا؛ ذ. مرهٽا قوم جو هڪ ماڻهو. (ذ. صفت). مهاراشٽر جو رهاڪو.

ـ مَرَهٽِي: ث. صفت. مرهٽن جي ـ مرهٽن واري ـ (ث). مرهٽن جي ٻولي ـ مرهٽن جي زبان. (آصفيه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَرْهَڏِيُ: اسم خاص. تعلقي ميرپوربنوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَرْهَمُ ۽ مَرْهَمَ: ذ. (ع). قَسَ تي لڳائڻ جي گهاڻي ۽ سٽيي دوا - مَلَم - طبيو. دوا - دارُون - علاج. (آصفيه).

= مَرْهَمُ پَرَڻُ: مَلَم لڳائڻ.

= مَرْهَمُ پٽِيُ ۽ مَرْهَمُ پٽِيُون: ث. قَسَ جو علاج - زخم جو علاج - زخم جي دوا - ملم پٽي. (آصفيه).

= مَرْهَمُ پٽِيُ كَرَڻُ: زخم جو علاج معالجو كرڻ - زخم جي دوا درمل كرڻ. (آصفيه).

● مَرْهَڻُ: مصدر. (سن. مَرْهَنَ = معاف كرڻ). معافي ڏيڻ - معاف كرڻ - بخشڻ - كيمياكرڻ - چڏڻ - آبهَڻُ. رحمت كرڻ - مغفرت كرڻ. عنايت كرڻ - احسان كرڻ - وَڙ كرڻ.

"مولىٰ مرهين مون ڏٽي، سائين سباجها."

(مَرهيو - مَرهيندو - مَرهيل).

= مَرْهَتَ: ث. بخشش - معافي - مغفرت - رحمت - باجهه. مهر - وَڙ.

= مَرْهاتُ ۽ مَرْهاتَ: ذ. صفت. بخشيل - مرهيل. (گاجرا).

= مَرْهِياتُ ۽ مَرْهِياتَ: ذ. صفت. بخشيل - معاف كيل. مرحوم - مري ويل.

= مَرْهِياتو ۽ مَرْهِياتا (ث): ذ. صفت. مرهيات.

● مَرهُو ۽ مَرها: ذ. دوا طور كم ايندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم. ٻن پٽَنَ جي وچ وارو سڏو ميدان - مرهو. (ت).

● مَرْهُوُن: صفت. (ع. رَهَنَ). گروي - گروي ركيل - وياج ۾ ركيل - گهپي ركيل.

= مَرْهُون مِنّت: صفت. مَمنون - احسان مند - شكرگذار - مشكور. (آصفيه).

● مَرَهِيُ ۽ مَرَهِيُون: ث. رونبي كرڻ لاءِ سارين جي ٻجي جو هڪ تيلو. (ل). ڏند جي ٻاڙ وارو گوشت - مَتهاري. (ل). مينهن جي ويامڻ وقت (ڏيپري كيڏ كان اڳ) رت پيت جا تاند ورا - مَريا (ل). ٻكريءَ جي ڏاس مان نڪيل خرزين - مَرئِي. (ل - ك).

● مَرْهِياڙِيُ ۽ مَرْهِياڙِيَ: ذ. صفت. بناوتي ۽ سستن زيورن جي ٺاهڻ ۽ وكڻڻ وارو - مَرهيو - قيريءَ وارو - مَچاري. (ذ) قيريءَ واري جا وكر وٽون.

● مَرَئِيُ ۽ مَرَئِيُون (ك): ث. مَرَهي.

● مَري: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم - وڇڙندڙ مرض جو هڪ قسم - وبائي مرض - آڏند مرض - مهاري. بيماري - مرض - روڳ. آفت - مصيبت. پور - ويچار - ڳڻتي (ل). ٻكريءَ جي رنگ جو هڪ قسم (ك). (اسم خاص). بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جنهن جا ٽي ٻاڙا آهن: ١- گزني، ٢- لهراڻي ۽ ٣- بيجاراڻي). هڪ عورت جو نالو - مُڪتر نالي بهادر مرد جي زال جو نالو (جنهن هڪ انيار (بكرار) تي عاشق ٿي پنهنجي مڙس كي مارايو). (ن - ب). تعلقي كنڊكوٽ ۽ تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مِري ۽ مِريُون: ث. (پرا. مِرِيَ. سن. مِرِچ = مِرچَ) مِرچ. كاري مرچ جو داڻو.

● مَرِي ۽ مَرِيُون: ث. جبل يا ٽكريءَ جي مڙيل چوٽي يا سنهي چوٽي يا چيڙو - چُنڪ (ك). مٿي جي ڇيءَ جو هڪ قسم (چلڙن سان، موراكي جهڙي، قد ۾ ايڏائي انچ). (ن - ب).

● مَر يا (ت): ث. چوپائي جي پيٽ مان ويم وقت نڪتل گند پيت - مَرهي - مَرئِي. (ك).

● مَرِيڻُ: مصدر. (سن. مَرْڏَنَ). پيڙڻ - نپوڙڻ - مروڙڻ. (مَرِيو - مَرِيندو - مَرِيتيل).

● مَرِيخُ: ذ. (ع). هڪ گرهه جو نالو (جنهن جو رنگ ڳاڙهو هوندو آهي، هي سيارو ڌرتيءَ جي رستي كان ٻاهرئين طرف آهي. سندس قطر ڌرتيءَ جي قطر جي اڏكان ٽورو وڌيڪ. سج جي چوڌاري ٦٨٧ ڏينهن ۾ ڦيرو ٽو كري. هن جو ڏينهن ٢٤ ڪلاكن، ساڍن ٣٧ منٽن جو ٿئي ٿو. سنسكرت ۾ هن كي "پومي پُتر" چون. (گاجرا). (هندن جي عقيدي موجب) جڏَ جو ديوتا - منگل - چنڇر - (ع). جلاد فلك. (آصفيه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُرِيدُ ۽ مُرِيدَ: صفت. (ع). اِرادتمند. پيروي ڪندڙ - پيرو - پوئلڳ - عقيدت مند - معتقد. مُطيع - فرمانبردار. ديني شاگرد - چيلو - شِش - سِکُ - بالڪو. نوڪر - تابعدار - خادم - خدمتگار. (آصفيه). خدا جي صفت. (گاجرا).

= مُرِيداڻو ۽ مُرِيداڻا: (ت)؛ ذ. صفت. مريدن جو. (ذ). مريدن کان مليل ڏَنُ وغيره - نذرانو.

= مُرِيدُ ڪَرَڻُ: پوئلڳ ڪرڻ. چيلو بنائڻ - شِش ڪرڻ - بالڪو بنائڻ. تابع ڪرڻ - فرمانبردار ڪرڻ.

= مُرِيدِيُ ۽ مُرِيدِيُونُ: ث. پوئلڳي. شاگردي. اطاعت - فرمانبرداري.

● مُرِيدُ دِيرُو: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ هڪ ديهه جو نالو.

● مُرِيدُ سِيڻارُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور هڪ ديهه جو نالو.

● مُرِيدُ لاکيُرُ: اسم خاص. تعلقي ميهڙ هڪ ديهه جو نالو.

● مَرِيڙا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَرِيڙُو ۽ مَرِيڙا: ذ. (سن. مارِشَ.) پاڻيءَ طور ڪم ايندڙ ڏَٽ جو هڪ قسم (جو اڪثر خريف جي هوڪن ۾ لُلر ۽ لُوڻ سان گڏ پاڻ مراد و آبپري ۽ لُلر ۽ لُوڻ کان زياده ڪاڏي ۾ لڏيڏٽي). "لپي لوڻ کين، مري ٿو مريڙي ڪي" (چوٽي). ملير ڙو.

● مَرِيضُ ۽ مَرِيضُ: ذ. صفت. (ع. مرض) بيمار - اگهو - ناچڱو - لڏو - ناچاڪ - ناچاق - بي مزي - روگي - سُڪالو - عَليل - جَڏو - مرضيل.

● مَرِيڪَتُ: ث. مُروَت - لحاظ - پاسخاطري - رِياءُ - پاسو - طرفداري. (گل قند). "شريڪت ۾ مريڪت چا جي". (پهاڪو).

● مَرْيَمُ: ث. صفت. (ع). ڪنواري - ڪَنيا - دوشيزه - باڪره. پارسا - پاڪدامن - باعصمت. (آصفيه). (اسم خاص). حضرت عيسيٰ عليه‌السلام جي ماءُ (جنهن ڪي بنا مڙس جي حضرت عيسيٰ عليه‌السلام پيدا ٿيو هو).

= مَرْيَمُ گُلُ: ذ. گُل جو هڪ قسم - هڪ خوشبوء دار گُل (جو عورت کي وِيَم وقت سولائيءَ سان هار پيدا ٿيڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ڦنڊڻ لاءِ رکبو آهي. (آصفيه).

● مَرِيڻُو: ذ. اوني ڪپڙي جو هڪ قسم (ڪابل جي ويجهو مرينا شهر ڏٺن جي آن سبب مشهور آهي، آن ڪري آتي جي آنُ مان ٺهيل ڪپڙي کي مرينو چون). (پيشه وران ٢).

● مَرْيُو (ڪ): ذ. ٻيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ رسو. سِڙهُ جي زور جهلڻ لاءِ واڌ ۽ ويڙهه کي بدل واجهه.

● مِرْيُو ۽ مِرْيا: ذ. جيت جو هڪ قسم - نندڙو ڪارو پوٽ (جو جيڏهن نندڙي هار تي وهي تہ هار کي چرڪ يا ڏڪڻي ٿي پوي). هار رُٽارڻي.

= مِرِيبي جوُ ڏَنُبُ: ذ. هار کي چرڪ جي بيماري لاهڻ لاءِ پوٽ جي ٻنهي پَرن جي وچ واري ڊيڊر جو ڏنل ڏنب.

"ڏريما سپ زجاج ٽٽا سپو ڏي ڏيا،
ساءِ نياڳو ڏيهه ۾ مَريو مبارڪا"
(گرهوڙي).

● مُرْيُو ۽ مُرْيا: ذ. پير ۽ ٽَنگ جي گڏجڻ وارو هنڌ - پيڊي - ڪريو.

● مِرِيئُو ۽ مِرِيئا (ت): ذ. آرسيءَ جو پرتو - پاڇولو - اولڙو. گيهه پرڻ لاءِ لوهه جو ٺهيل نندو ماهو - مُبري - ڪَرندي. جيت جو قسم (وڇوڻيءَ جهڙو). (راه).

● مَڙُ ۽ مَڙَ: ذ. مڙس - خاوند - پتار - سوامي. خُدا - پرماتما. گاهه جو هڪ قسم. (ڪ).

● مِڙِ: صفت. (سن. مِل = مِلڻ) سِٽي - مڙئي. (گاجرا).

= مِڙَئِيُ: صفت. سِٽي - سِٻ - جملي.

= مِڙْيائِيُ: صفت. سِٻ - سِٽي گڏ - مڙئي.

● مَڙِدُ ۽ مَڙْدُ: ذ. مرد - مڙس - مرس.

= مَڙْدانُو ۽ مَڙْداناُ: ذ. صفت. پهلوان - جانڀو - بهادر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مڙداڻو ۽ مڙداڻ: ذ. صفت. ڏسو مڙدانو.
● مڙ داسينگهه: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پساركي وڪر جو هڪ قسم. (ف. ج).
● مڙدو ۽ مڙد: ذ. صفت. (ف. مُرده) مئل - مُرده. (ذ). ميّت - مڙهه - لاش - لاشو - مُردو.
● مڙس ۽ مڙسَ: ذ. (سن. پُرش = مڙس. ماڻهو - هوان چوڪرو) مَرس - مَرد - مڙد - پُرش. ماڻهو - بشر - انسان - آدمي. گهر وارو - گهر ڌڻي - خاوند - شوهر - پتار - وَرُ - پتي - ڪانڊ. (صفت). دلير - بهادر - سُورمو - هانڪو - جوڌو.
= مڙسالو ۽ مڙسالا (ل): ذ. مڙس - مَرد.
= مڙساڙو ۽ مڙساڙو: ذ. مڙس ماڻهو. مرد - خاوند - مالڪ. (گاجرا).
= مڙسالو: گهڻا ماڻهو.
= مڙسامڙسي: ظرف. مڙسيءَ سان - بهادريءَ سان - ڏاڍائيءَ سان. (ث). بهادري - پهلوانيءَ - ڏاڍ مڙسي - اُرهه زوراني - همت - جرئت - دليري - سڪهه - زور - بَل.
= مڙساڻو ۽ مڙساڻا: ذ. صفت. مڙس ماڻهوءَ جو. مردانو. (گاجرا).
= مڙسائي ۽ مڙسائيون: ث. مڙس جو ڪم - مڙسي - مردي - جوانمردي.
= مڙس ٿيڻ: همت ڏارڻ - مڙسي ڪرڻ.
= مڙسپائي ۽ مڙسپائيون: ث. مڙس جو يا خاوند جو ڪم - مڙسي.
= مڙسهڻ: ذ. ڏسو مڙسپائي.
= مڙسڻو: ذ. ڏسو مڙسپڻ.
= مڙسي ۽ مڙسيون: ث. مردي - مُرسي. مڙس جي ٻنڊ - ٻيرج - وهڙ - متي. (گاجرا). سڪهه - زور - بَل - همت - طاقت - جرئت. بهادري - دليري.
= مڙسپتي ۽ مڙسپتيون: ث. صفت. مڙس واري - سُهاڳڻ. (گاجرا).

= مڙسي دَرُڪار هُجڻ: همت ضروري هجڻ. سورهيائي گهربل هجڻ.
● مڙڪت (ت): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
● مڙڻ: مصدر. (ڏانهن) ويجهو ٿيڻ - قريب ٿيڻ - نزديڪ ٿيڻ. (ڪنهن ڏانهن) وڃڻ - (ڪنهن طرف) چُرڻ - ڪنهن ڏي منهن ڪرڻ - مُهَڙ ڪرڻ. (مڙيو - مڙندو - مڙيل).
● ميڙڻ: مصدر. (سن. ميل = ميلَنُ) گڏ ڪرڻ - ملڻ - ميڙ - پيڙڻ - گڏ جي وڃڻ. مُڪا ميلو ڪرڻ - گڏجاڻي ڪرڻ - ملاقاتي ٿيڻ. ميڙ ٿيڻ - ڪنڊ ٿيڻ - گڏ ٿيڻ - جملي ٿيڻ - ڪنڊو ٿيڻ. مجلس ڪرڻ - ميڙاڪو ڪرڻ - جماعت ڪرڻ - سَٽ ڪرڻ. انبوهه ٿيڻ - گوڙ ڪرڻ - گهاٽ ڪرڻ - گهيرو ڪرڻ - هشام ڪرڻ - ٻيهر ڪرڻ. مقابلو ڪرڻ - سامهون ٿيڻ - روبرو ٿيڻ - آمهون سامهون ٿيڻ - دوبدو ٿيڻ - پٺيان پوڻ - ڪاهي پوڻ - ڪاهجي پوڻ - ڪاهڻ - تعاقب ڪرڻ. گهاڙو شوروو ڪرڻ - گهاڙو رس ڪرڻ (پوڙ ۾). مينهن يا ڏڪيءَ جو ڪير ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻ. ڏڪي يا مينهن جو ڪير ڏيڻ. قَتَ جو بند ٿيڻ. (ميڙيو - ميڙندو - ميڙيل).
● مڙڻ: مصدر. وَرَڻ - ڏنگو ٿيڻ - ٻيٽو ٿيڻ - چپو ٿيڻ - قِيدو ٿيڻ - ڪُهاڻ. وَتُ ڪاڻ - پيچ ڪاڻ - قيرو ڪاڻ. قيرو ڪرڻ - قيرڻ - چڪر ڪاڻ. موت ڪاڻ. بساز اچڻ (ڪنهن ڪم ڪان) - دور رهڻ. پوئتي سوٽڻ - هٽڻ. پيش پوڻ - آڇ ميڙڻ - تاتي ٿيڻ - هار ميڙڻ - سطيع ٿيڻ. "جو مڙيو سو جڙيو". (چوٽي). (پاڻيءَ جو) ڇڄڻ - گهٽجڻ - جهڄجڻ - ڪٽو ڪاڻ - لَهَڻ - لات ڪرڻ - هٽڻ - ڏرو ٿيڻ. (بخار جو) هٽڻ - ڏرو ٿيڻ. نئين رستي ڪان ڦيرڻ - لڙڻ - موج ٿيڻ - هڏيءَ جو مُڙڻ - عضوي جو مروڙجڻ. ڪاوڙ چڙڻ - غصو نه ڪرڻ - معاف ڪرڻ - بنا ڪنهن سزا جي ڇڏي ڏيڻ. (آصفيه). (مڙيو - مڙندو - مڙيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ مڙڻو ۽ مڙڻا: ذ. صفت. مڙي ويندڙ ـ مڙندڙ ـ جلد مڙندڙ ـ لچڪيدار ـ پچ خور ـ نرم ـ سڙاوندو ـ مُلايم ـ ڪُنڌرو ـ ڪومل ـ قبلهڙو. چيو ڪندڙ ـ مڃي ويندڙ ـ قبول ڪندڙ ـ مڃيندڙ ـ اقرار ڪندڙ.

ـ مڙڻُو جُڙڻُو ۽ مُڙڻا جُڙڻا: ذ. صفت. نرم طبعيت وارو ـ نرم خور ـ هٺ نہ ڪندڙ. (گاجرا).

● مڙو ۽ مڙا (ث ـ ڪ): ذ. صفت. مڙهو.

● مڙهُ ۽ مڙهَ: ذ. (پرا. مڙڳ. سن. مڙ (ي) ت يا مر (ي) تڪَمُ). لاشو ـ لاش ـ مردو ـ متُ ـ لوٿ ـ جنازو ـ مڙدو ـ ميّت. سست ماڻهو. (سن. منڊ = ويڙهڻ). ڊَهلي ـ ڊَڪ ـ اَسترڪاري (بندوق وغيره جو). ڪِپ ـ ميان (ترار يا ڪاتيءَ جو). چمڙي جو پوش (ميان وغيره تي). (گاجرا). (سن. متْ = گهر) رهڻ جي جاءِ ـ ماڳ ـ مڪان ـ مُقام ـ آستانو ـ ٺڪاڻو ـ هنڌ ـ جڳهه.

ـ مڙهُ مُقامُ ۽ مڙهَ مُقامَ: ذ. جاءِ جڳهه ـ گهر گهاٽ ـ اڇڻ وڃڻ جي جاءِ ـ نام ٺڪاڻو.

ـ مڙهُ مُقامُ مان موڪلڻُ: آڻ ٽيٽي ڳالهه ٽيڙ ـ ناممڪن ڪم جو ٽيڙ.

ـ مڙهُ مُقام نہ هُنڊُ: ڪوبہ ٺڪاڻو نہ هجڻ.

● مڙهڻُ: مصدر. (سن. مَنْڊَ > مڊ = ويڙهڻ). جڙت (موتي) ـ جڙاوت ڪرڻ ـ مڙهت ڪرڻ ـ پُوچ ڪرڻ ـ پوڻ. ڳنڍڻ ـ ڳنڍڻ (وارن کي). آڦ ڪرڻ ـ واڻ هڻڻ (ڪت ڪسي). ڏنڊ وڌائڻ ـ سينگارڻ ـ سهڻو ڪرڻ. چمڙي جو پوش ڏيڻ ـ پوشڻ ـ ڊَڪڻ ـ ڊڪ چاڑهڻ. نغاري يا دهل تي ڪل چاڑهڻ. (آصفيه). جاءِ پرڻ ـ بند ڪرڻ. زوريءَ ڏيڻ ـ ذمي ڪرڻ. ٽيڪڻ ـ زور سان هڻڻ ـ مٿان لڳائڻ ـ چاڑهڻ ـ رکڻ ـ زور سان چنبڙائڻ (ڪو ڏوهه وغيره). (مڙهيو ـ مڙهيندو ـ مڙهيل).

ـ مڙهَائيُ ۽ مڙهاڻيونُ: ث. مڙهڻ جو آجورو ـ مڙهت ڪرڻ جو لوازمو ـ مڙهائي.

ـ مڙهاڻيُ: مصدر. مڙهڻ جوڪم هڪ ڪان ڪرائڻ. واڌائڻ (ڪت). مڙهت ڪرائڻ (موتين جي) ـ جڙائڻ.

ـ مڙهٽِ ۽ مڙهٽونُ: ث. مڙهڻ جو ڪم ـ مڙهائي. جڙت ـ جڙاءِ.

ـ مڙهڻُ ۽ مڙهاڻيونُ: ث. مڙهڻ جو ڪم. (گاجرا).

● مڙهِيارُ ۽ مڙهِيارَ: ذ. صفت. مڙهت ڪندڙ ـ مڙهائي ڪندڙ. ڊَڪيل ـ لڪايل ـ پوشيده ڪيل ـ ڇپايل ـ پراجيل ـ سينگاريل ـ ناهه ٿوهه ڪيل ـ جڙيل ـ آرائش زده.

● مڙهُو ۽ مڙهَا: ذ. (سن. مر (ي) ت. مر (ي) تڪَمُ. پرا. مڙڳ = مڙهُ). (ذ. صفت). پوڙهو ـ ڪُراڙو ـ ٻُڍو ـ جهُور ـ عمر رسيده ـ پيرسن. هيٺو ـ ضعيف ـ نيستو ـ لاغر ـ هڏ هيڏو ـ ايرو ـ دُربل ـ اَلسپ بَٽل ـ ڪمزور ـ بي زورو ـ بي پهچ ـ ناتوان. آلسي ـ مست ـ ڪاڻُ ـ آرسي ـ ٽوڙي ـ سِليو ساڻ ـ ڏاڪن ڏيلو ـ شومتي ـ ڪم چور ـ ڪاهل. (ث. مڙهِيُ ۽ مڙهيونُ). (سن. متْ = جاءِ). بن پيٽنُ جي وچ واري هيٺاهين زمين (جا اڪثر وارياسي هجي ۽ ساهيءَ تي آباد ٿئي) ـ جهول. (ث). پوڙو ـ برپٽ ـ ميدان. (ڪ). (اسم خاص). تعلقي ڏڳوڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ مڙهو مَيدانُ: ذ. سڄ واروميدان ـ ڏڙهه. (ڪ) ـ برپٽ.

● مڙهُو بولاَ خان: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مڙهُو راڄيجيُ: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مڙهُو هوصوُ ڏڪو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مڙهَو ڪوڙِيُ: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مڙهُو مارُوُ وارو: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مڙهُو وِ گهور: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مڙهُو وِلهور جڳيئر: اسم خاص. تعلقي گهوڙا باري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مڙهيو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گهوڙا هاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مڙهيو ۽ مڙهيون: ث. (پرا. مڙيا = مڙهي. سن. مٹ + ايڪا = مڙهي). هندو فقيرن جي رهڻ جي جاءِ - جوگي فقيرن جو آستان - سنياسين جو آستانو - مٹ - خانقاهه - درگاهه - مندر - ٽڪاٽو - ڏيوري. سماڌي. اوتارو - دائرو - مڪان. رهڻ جي جاءِ - گهر - جهوپڙي - پُنگي. جاءِ - هنڌ - ٽاڪ. مزار - جسم. (گاجرا).

● مڙهيو ۽ مڙهيون: ث. (پرا. موڙ. سن. مُشْٹ = مٹ > مُوْٹَکَمْ > مُوْ = پنڊ). رونبي لاءِ ڪيديل (جوئار، باجهر). سارين جا ننڍا ٻلا - مڙهيو. ڪڪن جي موڙي (جا ڏيگهه يا مينهن جي سارمي نه ميڙڻ جي حالت ۾ وجهجي). موڙي - مٹ. (سن. مٹڊري). ماکوڙيءَ جو هڪ قسم - ننڍي (اڇي) ماکوڙي - آڏوهي. (گاجرا).

● مڙئي: صفت. سيءَ - ڪُل - سڄوئي - مڙيئي - سارو - سڄو - سمورو - جملي - مڙيوئي.

- مڙئي گاليهيون ڳڙ هُٹَن: تمام چڱو ٿيڻ. مڙئي موچاري ٿيڻ - تمام چڱو ٿيڻ - سيڪجهه ٺيڪ ٿيڻ.

● مڙي: ظرف. (مڙڻ مصدر مان). ميلي - گڏي - گڏجي - ڀيڙو ٿي - ڪنڌو. (آيات سنڌي).

- مڙي مڙي: ظرف. گڏجي سڏجي - رلي ميلي - ڀيڙو ٿي - ڪنڌو ٿي.

● مڙيل ۽ مڙيتل: صفت. ڇهن سالن کان عمر وارو وهٽ. (جنهن کي سيءَ ڏند جاول هجن).

● مڙيوئي: صفت. مڙئي مڙيئي.

- مڙيئي: صفت. مڙئي - مڙيوئي.

● مزاج ۽ ميزاج: ذ. (ع). طبيعت - خصلت - سڀاءُ - خوءِ - طبع - پرڪار - جسماني خاصيت - لاڙو - ڪيفيت - عادت - ڪُٹ - ڪُٽ - خاصيت. مغروري - گهمنڊ - شيخي - هٹ - دماغ - وڏنءُ - هوءِ - دم - اغماض - غرور - دوڙ - ڪبر. ڇٽن عناصرن جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ڪيفيت. ملاوٽ - ميل - ملاپ - آميزش. ماده - ماهيت - اصليت - جوهر - تت - سار. (آصفيه).

- مزاج ڪرڻ: ڇڙ ڪرڻ - ڪروڌ ڪرڻ. مغرور ٿيڻ - هٹيلو ٿيڻ - دماغ ڪرڻ - مزاج رکڻ.

- مزاجي ۽ ميزاجي: ذ. صفت. مزاج وارو. مغرور - هٹيلو - آيماني - مجازي - آقريل - دماغي - هٹي. ذاتي - سياوڪ. سڳوڪارو - ڏوراپو - وٹيڪ - وڪوڪيو - ڪيڇرو - وسوسيو - ڪراهتي - نفرت آڻيندڙ.

● مزاحم: ذ. (ع. زحم). تنگ ڪندڙ - رنج پهچائيندڙ - ڏکڻ رسائيندڙ. اٽڪاءُ وجهندڙ. روڪيندڙ.

● مزاحمت: ث. تڪليف - مشڪلات - آهنج - زحمت - ڏکيائي - آڏڪائي - ڏک - ڪشٽ - ويڌن - پيڙا - درد - سور. روڪ - رندڪ - اٽڪاءُ. (ع سا - ڊ).

● مزاخ ۽ مزاخون: ث. (ع. مذاق). چرچو - ڪُهيو - مسخري - ڪل خوشي - چرچو ڪهيو - مزاح - مذاق - مشڪري - يوڳ.

- مزاخي ۽ مزاخيو: ذ. صفت. مسخرو - بيدموشڪ - چرچائي - يوڳائي - مذاقي - مزاحيه - مشڪرو.

● مزار ۽ مزارون: ث. (ع. زور). زيارت ڪرڻ جي جڳهه - زيارت گاهه. پير يا اولياءُ جو آستان. قبر - گور - تربت - ٻُڌي - مرقد. (آصفيه).

● مزار ۽ مزار: ذ. جانورن جو هڪ قسم - شينهن - شير. (ٻيلا).

● مزاراڻي: اسم خاص. ڪيترن بلوچن جو هڪ قبيلو. (ت. بلوچستان). هڪ ٻولي جو نالو. (ڏ - ج - جو سير).

● مزاد ڏنب (ت): ذ. ڪاهه جو هڪ قسم. (ت - امين).

● مزارع: ذ. صفت. (ع. زرع) هاري - ٻني پوکيندڙ - ڪڙمي - هاري. (ع. ا. ڊ).

● مزاري: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو (ست ڀاڙا: ا. بلوچاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢. گلاڻي ٣. جورڪاڻي ٤. ڪورڪاڻي ٥. خيرد ٦. مدواڻي ٧. سمبلاڻي).

● مَزاڪَ ۽ مَزاڪُنُ: ث. (ع. مضحک = چرچو) چرچو - ڪِلَ - مسخري - مذاق - مزاحُ - گهمهو - رَوَنشو - تماشو - ڪِلَ خوشي. ٺٺولي - ٺٺري - نقط چيني - ٺٺول.

"متان ڪا مَٽَندَ ڪري موٽئ جي مزاڪ" (شاهہ - آبري).

حرڪت - چِترائي - لُڇائي - ڪوڏنڪائي - ڪيچل.

● مَزْدُورُ ۽ مَزْدُورَ: ذ. صفت. (ف. مَزْدُ = پورهيو + وَرُ = واروَ) مزوريءَ تي ڪم ڪندڙ - مزور - پورهيت. هار ڪٽندڙ - بار گير - قلي.

■ مَزْدُورِي ۽ مَزْدُورِيُونُ: ث. مزوري - پورهيو - ڏنڏو - ڪم - ڪِرت - محنت - مَشقَت. روزگار - مزوريءَ جو بدلو - آجرت - آجورو - ٽوازمو. (آصفيہ).

■ مَزْدُورِي ڪَرَنُ: مزوري ڪرڻ - محنت ڪرڻ - پورهيو ڪرڻ - ڏنڏو ڪرڻ.

● مَزَلُ لوديُ (ڪ): ث. بندوق جو هڪ قسم - منهن کان پرڻ واري بندوق.

● مَزَلِيُ (لس): ذ. گاهہ جو هڪ قسم. (پيلا).

● مِيزُمانُ ۽ مِيزُمانَ: ذ. صفت. (ف. مهمان جو بگڙيل) مهمانُ - دعوتي.

■ مِيزُمانِيُ ۽ مِيزُمانِيُونُ: ث. مهماني. دعوت. ڪانو - ڪاڏو - جُڃَ - جهڳل. مهمان نوازي. خدمت - خاطري - چاڪري - ٽهل.

■ مِيزُمانِيُ ڏِيَنُ: مهماني ڏيڻ - دعوت ڏيڻ - ڪانو ڏيڻ - ڪاڏو ڏيڻ - مهمان نوازي ڪرڻ.

● مَزو ۽ مَزا: ذ. (ف. مَزَهُ = لذت) شيءِ جي چکڻ سان معلوم ڪيل ڪيفيت - سَوادُ - ذائقو - لذت - ساءُ - لاءُ - لُطف - سُٺاءُ - رَسُ - رَسنا. چتَ - چڪي - چَشڪو - چَشَ - چَهر - ونڊ نا - چاڻي - شوق. حظُ - آنند - ذوق. خوشي - سرهائي. موج. جوبن - شباب - جواني. عيش - عشرت. پوڳ - تماشو. سڳنڌ - حِسَ - ڏَپُ - لاءُ ساءُ - چُوش. ڏيک - نماءُ - لَقاءُ - ڏيکاءُ - آڏمبر - پيڪو - ناڻُ - ناهہ. ٽُوهہ. جوبن - جواني - شباب - اوج - عُروج. حالت - ڪيفيت - ڪَٽ. (آصفيہ).

■ مَزا ڪَرَنُ: عيش ڪرڻ - لذتون ونڻ. خوشيون ڪرڻ. تماشا ڪرڻ.

■ مَزا ڪترائِنُ: موج ونائڻ. چرچا ڪرڻ. (گاجرا).

■ مَزا ماڻَنُ: عيش ڪرڻ. مزا ڪرڻ.

■ مَزوُ آچَنُ: لذت اچڻ - سواد اچڻ - لطف حاصل ٿيڻ - ذائقو اچڻ - چَشڪو اچڻ - چاڻي اچڻ - چَشُ اچڻ. خوشي حاصل ٿيڻ - راحت ملڻ - موج اچڻ.

■ مَزوُ چَکَنُ: ذائقو ونڻ - مزو ونڻ - لطف ونڻ - سواد ونڻ - چَشڪو ونڻ - لذت ونڻ. مزا ڪائڻ - ڪيڻي جو قَتلُ پوڳڻ - تڪليف برداشت ڪرڻ - مصيبت پوڳڻ. (آصفيہ).

■ مَزوُ چِڏِي وَڃَنُ: ذائقي کان نڪري وڃڻ - بي سواد ٿي وڃڻ - لذت چڏي ڏيڻ - لاءُ ساءُ نڪري وڃڻ. خراب ٿي وڃڻ.

■ مَزوُ ڏِسَنُ: تماشو ڏسڻ - پوڳ ڏسڻ. مزو چکڻ.

■ مَزوُ ڏِيَنُ: لذيذ لڳڻ - سوادي لڳڻ. (گاجرا).

■ مَزوُ ڪَرائِنُ: چرچو ڪرائڻ - پوڳ ڪرائڻ - مسخري ڪرڻ - چيڙائڻ. تماشو ڪرائڻ. وندر ڪرائڻ.

■ مَزوُ ڪَرَنُ: تماشو ڪرڻ - تماشو ڏيکارڻ - لطف ڏيکارڻ - ڪيل ڏيکارڻ. (آصفيہ). عيش ڪرڻ - موج ڪرڻ.

■ مَزوُ نِڪَري وَڃَنُ: مزو چڏي وڃڻ.

■ مَزوُ نٽ هُجڻُ: بي سواد هجڻ - خراب هجڻ - بدمزي هجڻ - بي ذائقي هجڻ.

■ مَزوُ وَنڊَنُ: لذت ونڻ - لطف ونڻ. عيش ڪرڻ. (آصفيہ).

■ مَزي جهڙو: صفت. تماشي جهڙو - ڪِلَ جهڙو - ڪِلائيندڙ - وندرائيندڙ. عجب جهڙو - حيرت جهڙو - عجيب - انوکو. وٿندڙ - دلچسپ - مزيدار - دلپسند - سُهائيندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَزِيدارُ ۽ مَزِيدارَ: ذ. صفت. مزي وارو- لُطف وارو- لذت وارو- لذيذ- هاڏانئڪ - پُر لطف- سُوادي- ذائقيدار- مزي جهڙو- نيڪ ٺارُ- دل قرار- چَشڪي وارو- رَس وارو- وٺندڙ. دلچسپ- عجب جهڙو- حيرت جهڙو- عجيب- انوکو.

= مَزِيدارِيُ ۽ مَزِيدارِيُونُ: لذت- لطف- ذوق. رونق- انوکائي.

= مَزِي ۾ آڇڻُ: ڏاڍي موج ڪرڻ- گهڻا سواد وٺڻ.

= مَزِي ۾ پَٽَڪُ و جهڻُ: لطف ۾ خلل وجهڻ- سُکُ ڦيٽائڻ- آرام خراب ڪرڻ- محفل ۾ رنڊڪ وجهڻ- عيش عشرت ۾ انڪاءُ وجهڻ. دل تي بار ٿيڻ- طبيعت کي ناگوار لڳڻ.

● مَزُورُ ۽ مَزُورَ: ذ. صفت. (ف. مزدور = پورهيت) مزدوري ڪندڙ- مزدور- پورهيت- ڪَمي. حَمال. پَريَتُ. باربردار. محنتي- جفاڪش- آورچُ. (ث. مَزُورِ، مَزُورِنُ ۽ مَزُورِٽيُون).

= مَزُورِيُ ۽ مَزُورِيُونُ: ث. ڪم ڪار- پورهيو- پورهيو ڪارهيو- مزدوري. حَمالي- باربرداري. مزور جو آجورو- مُواجب- روز- پاڙو- ڪرايو- لوازمو. پتوڙ- محنت- ڪشالو- جاکوڙو.

= مَزُورِياٽِيُ ۽ مَزُورِياٽِيُونُ: ث. پورهيو ڪندڙ زال. (گاجرا).

● مَزِيدُ: صفت. (ع. زيد = زياده ڪيو ويو) زياده- وڌيڪ- گهڻو- جهجهو- بيسيار- سرس.

● مُزَيَّنُ: صفت. (ع. زَيَّنَ) زينت ڏنل. آراسته- سينگاريل- تَتُ ونايل.

● مِيڙُگانُ: ذ. (ف). پَنبٽي- چِنيرُ- پينجر.

● مَسَ: ث. لَجَ- شرم. (گاجرا).

● مَسَ: ظرف. مشڪل سان- لاچار- اڃا. فقط. ورلي- ٿورو.

● مَسانُ: ظرف. مُشڪلات سان- ورلي- ڪڏهين ڪڏهين. (گاجرا).

= مَسَ مَسَ: ظرف. مشڪل سان- تمام لاچارسان.

= مَسهين مَسهين: مشڪلات سان- ڏکيائيءَ سان- ورلي- ڪڏهن ڪڏهن. (گاجرا).

● مَسُ ۽ مَسُونُ: ث. (پرا. مَس. سن. مَسِي). اڪرن لکڻ جي پاڻيٽ- سياهي- روشنائي. مس رکڻ جي شيشي- مَسڪُپري- ڪُپي- دوات.

= مَسُ چِتَ ۽ مَسُ چِتَ (ت): ذ. صفت. ڪنجوس- مکي چوس- بخيل.

= مَسَ چِٽو ۽ مَسَ چِٽا: ذ. مس ڪي چهندڙ ڪاغذ.

= مَسُ چِٽو ٽِيٽَ: ڪنجوس ٽيڻ. (گل- ص ١٠٩).

● مِيس: صفت. (سن. مِشرَ = ڪڏيل) ڪڏيل- مليل- حَلل. ڪڏ وچڙ. جمع- ڪنو- ڪڏ. (ذ). ڪڏ وچڙ ڏاتو (جنهن کي ڪيميا سان ٿيرائي سون يا چاندي ڪرڻو ٿئي).

= مِيس ٽِيٽُ: ڪنو ٽيڻ- ڪڏ ٽيڻ- ميڙ ٽيڻ- جمع ٽيڻ. ڪڏ جڙ- پرسان لنگهڻ ڪري پاڻ ۾ گهڇجڻ- گَسَتُ- لڳڻ.

● مِيسُ: ذ. (ف). ڏاتوءِ جو هڪ قسم- ٽامو. مٽي ڏاتو. (گاجرا). بهانو- عذر- مِهڻ. (ث).

= مِيسَ ڪَرَنُ (ث): ڊوڙنگ ڪرڻ- مِڪرُ ڪرڻ- مَڪَرُ ڪرڻ- بهانو ڪرڻ.

● مَسا: ذ. (ع). شام جو وقت- شام- سنجهاڻ- سانجهه- سانجهي. (آصفيه).

● مَسافَتِ: ث. (ع). منزلن جو فاصلو- مسافري- سَفَرُ.

● مُسافِرُ ۽ مُسافِرَ: ذ. صفت. (ع. مسافر = سفر ڪندڙ) مسافري ڪندڙ- سفر ڪندڙ. واٽهڙو- راهي- ويندڙ- راهه گير. سَيّاحُ- ياتري- سئلاني- پانڌيڙو- رَمتُو- گهُمندڙ.

= مُسافِراٽو ۽ مُسافِراٽا: ذ. صفت. مسافر جو- سفر ڪندڙ جو. (گاجرا).

= مُسافِرُ خانو ۽ مُسافِرُ خانا: ذ. مسافرن جي رهڻ جي جاءِ- سراءِ- منزل گاهه- آستانو- ٽڪاڻو. اوطاق. اوتارو- داٽرو. مهمان سراءِ. ڏرمسال.

= مُسافِرِي ۽ مُسافِرِيُونُ: ث. سفر- سَيّاحي. ڪهه- آجهاگو- آجهاڳ. سيلُ- سَٽر. ڪُوچ- روانگي- آسهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُسَاکُ ۽ مُسَاکَ: ذ. (ع. مِسْواکُ = مُسَاگُ) مساڪ ڏندن کي صاف ڪرڻ ۽ چپن کي لائڻ لاءِ اکڙوٽ جو ڇوڙو. (گاجرا).

● مُسَاگُ ۽ مُسَاگَ: ذ. (ع. مِسْواکُ = مُسَاگُ). چپن کي ڳاڙهي ڪرڻ ۽ ڏندن کي صفا ڪرڻ ۽ چلڪائڻ جي ڪم ايندڙ هڪ وڻ جو ڇوڙو (هي وڻ اڪثر افغانستان ۽ ايران طرف ٿئي ٿو).

● مُسَالو ۽ مُسَالا: ذ. (سن. مَشَ = مهڻ). ڏاڍا مرچ وغيره - ويگر - ڪتيل ڏاڍا مرچ - مصالح.

= مَسالي دارُ ۽ مَسالي دارَ: ذ. صفت. مسالي پيل (کاڌو) - مسالي وارو. ذائقي دار - سوادي. چهرو - سلوٽو.

● مَسامُ ۽ مَسامَ: ذ. مَسامَ = وارَ جي ڀاڙ). چمڙيءَ ۾ ننڍو سلونگڙو (جنهن جي وسيلي پگهر باهر نڪري) - وار جي ڀاڙ وارو ٽُنگ - لُوڻ.

● مَسانُ ۽ مَسانَ: ذ. (سن. شَمْشانَ = جنگ جو ميدان، جتي ماڻهو مرن). هندن جي مُڙدن جلائڻ جي جاءِ - شمشان پوميءَ - سرگهٽ - مڙدا گهاٽ - مَسڻ. مساڻ جي رک - سڄ - پينگ - ڏڙيل جاءِ. فساد - جهڳڙو. (گاجرا).

= مَسانِي ۽ مَسانِيُ: مسان وارو - مسان جي رکپالي ڪندڙ - مڙدا ساڙيندڙ - شمشاني. ضدي ماڻهو. (گاجرا).

● مَسانِيا (ث): اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● مُسَاوات: ث. (ع. سوي). برابري - همسري - هڪجهڙائي - سَمتا - سَمانتا - سَريکائي. مشابهت - هم سري - هڪجهڙائي. (الجبرا ۾ حسابي ڪم جو هڪ اصول جنهن ۾ ٻن طرفن رقمون برابر ڪري ملهه ڪيو جي). (گاجرا).

● مُسَاوِي: صفت. (ع). برابر - هڪ جيترو - يڪسان - هڪجهڙو - سَريکو. هم وزن - تل - سمان. هڪ جهڙو.

● مُسَائِڻُ: مصدر. (سن. مُشُ = ڪوٽڻ). ڪُٽائڻ - ڌاهڻ - ڀڳاڙڻ. تلف ڪرڻ - ناس ڪرڻ - ويران ڪرڻ. سخت تڪليف ڏيڻ. مارڻ (ل). مجرم ڪرڻ - ڏهاري ڪرڻ (ت). (مُسائيو - مُسائيندو - مُسائيل).

● مَسْتُ ۽ مَسْتَ: ذ. صفت. (سن. مَتَ = نشو. ف. مست = چريو). پيتل - ڪيئو. نشئي - خماريل - الوٽ - سڪ - مگهن. چريو - متوالو - مجنون - ديوانو - سرمست - پاگل. بيوقوف - بي عقل - بي سمجهه - چريٽ. مجذوب. بي پرواهه - مغرور - ان ڪاڻيو. هٺيلو - آپماڻي - دماغي - ٽهيڙو ڪڏڻو - لنڇڻو ٽپڻو - البيلو - رونشائي - لهري - چنچل. خفي - چيتو - هُوتڙيو - خفتي - سودائي - هورالو - ريجهڪي - خفقاني. شهوتي - ڪامي - ڪام آرٿي.

= مَسْتانائيُ ۽ مَسْتانائِيُونُ: ث. چريائي - مستي - نشو. شهوت جو غلبو. (گاجرا).

= مَسْتانِكو ۽ مَسْتانِكا: ذ. صفت. مست جو - چربي جو - پاگل جو. شرابيءَ جو.

= مَسْتانُو ۽ مَسْتانا: ذ. صفت. (ف. مستانه) مَسْتُ - چريو - پاگل - ديوانو متوالو. نشئي - نشو پيتل - خُمارِيل - سڪُ - الُوتُ. چريٽ - اُڻمتَ - چرياڻو - بيوقوف - بي عقل. عاشق - موهت - اکن چَڪن. جُنوني - خفقاني - سودائي - مَوالو - لهري. شهُوتي - ڪامي - ڪامَ ارٿي. فقير - بالله واصل - الله لوڪ - درويش.

= مَسْتانِيُ ۽ مَسْتانِيُونُ: ث. چريائي - ديوانگي - مستي - پاگلپڻو. شرابخوري - ڪيف - نشو - مرُ - خمار - شرابپڻو. بي وقوفي - بي عقلي - ڪم عقلي.

= مَسْتاڻو ۽ مَسْتاڻا: ذ. صفت. نشئي جو - شرابيءَ جو - مستانکو.

= مَسْتِيجڻُ: مصدر. پاگل ٿيڻ - ديوالو ٿيڻ - چريو ٿيڻ. خمار جڻ - مرُ چڙهڻ - سڪ ٿيڻ - سڪجڻ - نشو چڙهڻ - مستي چڙهڻ - شهوت ٿيڻ - ڪام ۾ پرجڻ - موهجڻ.

= مَسْتِيكو ۽ مَسْتِيكا: ذ. صفت. مست جو - ديواني جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَسْتِيُ ۽ مَسْتِيَوْنُ: ث. چرپائي - كيائي - ديوانگي - پاگلپڻو - متوالائي. كيپ - نشو - مستي - مَ ۽ - خمار - شرابپڻو. حركت - چيترائي - لچائي - كوسڪائي - كوچل - خرابي - نقصان - خلل - زيان - زيانخوري - سستائي - سواسي. چنچلائي - چاگلائي - بي ضابطگي - چٽخن - لاڙ - ماڻو - ناز - نخرو - انگل - آرو - البيلائي - ريجالائي. بي وقوفي - بي عقلي - كم عقلي. سوداءُ - خفو - خفقان - سوالائي - لهر - جُنون. مغروري - گهمنڊ - شيخي - هٽ - دماغ - وڏن ۽ - هوءِ - دم - اغماض - غرور - تكبر - وڏائي. شهوت - كام - ڏاجهه - حرص - موهه.

= مَسْتِيُ ٽِيٽُ: نشوٽيٽ - خمارٽيٽ - شهوت ٽيٽ.

= مَسْتِيِ چڙهنُ: نشو چڙهڻ. وڏائي ٽيڻ. چڙپائپ ۾ اچڻ. شهوت ٽيڻ. جوش اچڻ.

= مَسْتِيُ كَرَنُ: كيچل كرڻ - حركت كرڻ. چلولائي كرڻ.

● مَسْتَائِنُ: مصدر. (من. مَتَ = نشو) نشو بياري مدهوش كرڻ - نشي كرڻ - خمار ۾ آڻڻ - خمار چاڙهڻ. چرين جهڙي حالت كرڻ. (مستائيو - مستائيندو - مستائيل).

= مَسْتَائِيتو ۽ مَسْتَائِيتا: ذ. صفت. مست جو - نشي جو. (ظرف). شرابيءَ وانگر. چربي وانگر.

= مَسْتَائِيُ ۽ مَسْتَائِيَوْنُ: ث. نشي جو جوش - شهوت جو جوش. من چلائي. مغروري - شوخي. (گاجرا).

● مُسْتَجَابُ: صفت. (ع. جوب = جواب ڏنل). جواب ڏنل - اقرار كيل - هاڻوكار كيل. متجيل - قبول پيل - قبول كيل - آگهاميل. (آصفيه).

● مُسْتَحَبُ: صفت. (ع) پسند كيل - پسنديده - وٽيل - چونڊيل. محبت كيل - پيار كيل - قرب كيل. (ذ). رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو كيل ۽ پسند كيل كوبه فعل. (آصفيه).

● مُسْتَحْكَمُ: صفت. (ع. حَكَمَ = مضبوط). مضبوط - پڪو - إستوار - مُحكم. (ع. ا. د).

● مُسْتَحِقُ: صفت. (ع. حَقُ). حق ركندڙ - حقدار - دعويدار. واسطيدار - لاڳاپيدار. مالڪ. لائق - قابل - جوڳو.

● مَسْتَرُ ۽ مَسْتَرَ، مَسْتَرُونُ: ذ. (ع. مسطر جو بگڙيل). ليكن كيڏ جي ٻڌي. رازكي كم جو هك اوزار - لڪيي يا پٽ هموار كرڻ لاءِ كائيءَ جي چوڪنڊي دگهي لڪي ٻڌي.

● مُسْتَرَدُ: صفت. (ع). رد كيل. روكيل. واپس كيل - ڏ كيل. (آصفيه).

● مِسْتِرِيُ ۽ مِسْتِرِيُ: ذ. صفت. (انگ. ماستر = ماستر جاڻو. (پورچوگيز. مينسترى). جاڻو. هنرمند - كاسبي - دستكار - كاريگر - هنري. اُستاد - ماهر - هوشيار - قابلكار - اُستو. داروغو. (سرويز جي هيٺان عملدار).

● مُسْتَزَادُ: ذ. صفت. (ع). زياده كيل - وڌايل. (ذ). اهو شعر جنهن جي هرمصرع يا بيت جي پنهان اهڙي تڪ لڳل هجي جو انهيءَ مصرع جي اول رُكن ۽ آخر رُكن جي برابر هجي. طُرو - تكرو. (آصفيه).

● مُسْتَطِيلُ: ۽ مُسْتَطِيلَ: ذ. (ع). كوني كنڊ چوكنڊو جنهن جا آهپان سامهان پاسا برابر هجن، پر ۽ پاسا نندا ۽ ۽ پاسا وڏا هجن.

● مُسْتَعِدُ: صفت. (ع. عَدَّ). تيار - موجود. لائق. (گاجرا).

● مُسْتَعْمَلُ: صفت. (ع). عمل ۾ آيل. كم ۾ آندل. مروج - رواج ۾ آندل - جاري - چالو - هلميل - هلندڙ. (آصفيه).

● مُسْتَغْرِقُ: صفت. (ع. غَرَقَ). غرق ٿيل - ٻڏل. غلطان - محو. لڳل (كم ۾) - رڌل - مشغول. (آصفيه).

● مُسْتَغْفِرُ: صفت. (ع. غَفَرَ). معافي گهرندڙ - استغفار كندڙ. (گاجرا).

● مُسْتَغْنِيُ: صفت. (ع. غنيٰ). بي پرواهه - مالدار - ڏنوان.

● مُسْتَفْسِرُ: صفت. (ع). استفسار كندڙ - پڇا گاڇا كري پڪ كندڙ. تحقيق كندڙ - محقق.

● مُسْتَفِيدُ: صفت. (ع. فَيْدَ = فائدو گهرندڙ) فائدو گهرندڙ - نفعو گهرندڙ. (آصفيه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُسْتَفِيضُ: صفت. (ع. فِيضُ = فيض خواهان) فيض خواهان - فيض گهرندڙ. (آصفيه).

● مُسْتَقْبِلُ: ذ. (ع. قبل = آئيندو) اڳيون ايندڙ وقت - آئيندو زمانو. (صفت). اڳ وارو - آئيندو - آئيندي جو - پَوَ شَڊ.

● مُسْتَقِرُّ: ذ. (ع. قرّ = ٹيڪاڻو) بيهڻ جو هنڌ - ترسڻ جي جاءِ - ٹيڪاڻو - ٹيڪاڻو - آستانو. اڈو. (آصفيه).

● مُسْتَقِلُّ: صفت. (ع). استقلال وارو - مضبوط - مستحكم - اٽلُ - اٽَرُ - برقرار - پائيدار - پڪو - استوار - قائم. دائم - هميشه. (آصفيه).

● مُسْتَقِيلُ مِزاجُ: صفت. پڪي ارادي وارو - محكم مزاج - ثابت قدم. گنبير - بردبار. (آصفيه).

● مُسْتَقِيمُ: صفت. (ع). سِڌو - سَنئون - اُپرو - کڑو - سِڌو ٻيٽل - عمود بيٽل - سُوڌو. ٻکو - پختو - ڏاڍو - مضبوط - قابو - سوگهو - اڇل - برقرار - کتبُ کوڙ. اِستر.

● مُسْتَكُّ ۽ مُسْتَكَّ: ذ. (سن. مُستَكَ) مٽو - سِرُ - سِري - سِسي - مُنڊي. پيشاني - نِراڙ (خاص ڪري هاٿيءَ جو).

● مُسْتَمَنْدُ: صفت. (ف. مُسْتَ = غم + مَندُ = وارو) غمگين - حاجتمند. (گاجرا).

● مُسْتَنَدُ: صفت. (ع. سَنَدَ = هن ٽيڪ ڏني) سَنَد يافته - سَنَد پاتل - تصديق ڪيل - ٽيڪ - برابر - اعتبار جوگو - پِرماڻِکُ - معتبر. (آصفيه). نِجُ. (گاجرا).

● مُسْتُورات: ث. (ع). زالون - اِستريون - عورتون - ناريون. (صفت). سَتَر واريون - پردي واريون - اشراف (زالون). حرمسراء. (گاجرا).

● مُسْتُوئي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ميري خان ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مُسْتَوِي: صفت. برابر - سَرِ يڪو - موافق - سنئون - سِڌو سنئون - پُورو پُورو. هڪ جيترو - هموار - هَمَ وَزن. سَمسٹل. (گاجرا).

● مُسْتَيُ ۽ مُسْتَيُون: ث. (سن. مُشْت = مٿو > مُسْتِيڊي > مُسْتِيه = مڇي جو انڊو = بيضو) ميڙاڻ. ڪُڙڻ سان ناهيل ڳاڙهي ڪنڊ. ڪُڙ جي پيو ر.

● مُسْتَيُ خانُ: اسم خاص تعلقي ڪڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مِسْتَرُ: ذ. صفت. (انگ). ميان - محترم - صاحب - جناب. مانَ وارو - معزز. (آصفيه).

● مَسْجِدُ ۽ مَسْجِدُونُ: ث. (ع. سَجَدَ) سجدي ڏيڻ جي جاءِ - نماز پڙهڻ جي جاءِ - عبادت گهر - عبادت خانو - مَسِيت.

= مَسْجُودُ: ذ. جنهن ڏي سجدو ڪيو وڃي. (گاجرا).

● مِسْجَنُ: مصدر. (سن. مَشَرَ = ڳڏيل) ڳڏجڻ - ميلڻ. ميلاوت ٽيڻ. جمع ٽيڻ - ميڙڻ. رِلِي ميلي وڃڻ.

● مُسْجَنُ (ت): مصدر. (سن. مُشُ = ڏکوئڻ) عادت ٽي وڃڻ - هير ٽي وڃڻ. نقصان هيٺ اچڻ - ٽوٽي ۾ پوڻ - مشڪلات ۾ اچڻ - برباد ٽيڻ.

● مَسْحُ: ذ. وضو جو هڪ رُڪن - وضوءَ ۾ هٿ مُنهن ڏوئڻ بعد متي، ڪچيءَ هٿن ۾ ڪنن جي مٿان ڦاٿيءَ وارا هٿ گهمائڻ جي حالت.

= مَسْحُ ڪَرَنُ: سَرَ ڪيڻ. (ل). وضو ڪرڻ. طهارت ڪرڻ. (ل).

= مَسْحُو: ذ. وضوءَ جو هڪ پاڪو (وضوءَ ۾ هٿ، منهن، مٿو ۽ ڪچيءَ جي مٿان هٿ گهمائڻ جي حالت). (گاجرا).

● مُسَخَّرُ: صفت. (ع. مَسَخَّر = تابع ڪيل) فتح ڪيل. جيتيل - ڪٽيل. قبضي ڪيل - ماتحت ڪيل. (آصفيه).

● مَسْخِرُو ۽ مَسْخِرا: ذ. صفت. (ع. مَسخره = چرچائي) مسخري ڪندڙ - ڪيلَ وجهندڙ. چرچائي - بَدُ وشڪُ - پوڪائي - مشكرو. رڙنشائي - تماشائي. (ث. مَسْخِري ۽ مَسْخِريُون).

= مَسْخِرِي ۽ مَسْخِرِيُون: ث. ڪيلَ - چرچو - پوڪ - ڪهڙو - مذاق - مشكري - تماشو - مزو - رڙشو - ولدر. چڙ - ٽوڪ - ٽوليي - ٽوڪزني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُسْتَخِرِ يائِي ۽ مُسْتَخِرِ يائِيُون: ث. صفت. مسخري ڪندڙ (عورت). (گاجرا).

● مُسْتَدَسُ: صفت. (ع. چهن پاسن وارو) چهن پاسن وارو - شَشُ پهلُو. (ذ). چهن منهنجن وارو شعر.

● مِسِيرُ ۽ مِسِيرَ: ذ. (سن. مِشَرَ = پُوڄ) پانيءَ - برهمڻ. (گاجرا). برهمڻ جي هڪ فرقي جو نالو. (اسم خاص). برهمڻ جي هڪ ذات جو نالو. (ث). (ذ. صفت). ڪم ڪان نڪائيندڙ - گوسيڙو - نڪائو - ڪم ڪوس. بهانا ڪندڙ. (ث).

= مِسِيراٽِي ۽ مِسِيراٽِيُون: ث. پانيٽياڻي - برهمڻ (زال).

● مُسَرَّتَ ۽ مُسَرَّتُون: ث. (ع. مُسَرَّةَ > سَرَّ = هو تمام خوش ٿيو) خوشي - سَرهائي - پرسنتا. راحت - فرحت - آنند - خُرسَندِي - خَرَّمي - شادماني. نشاط - آنند - سُک - ڪلياڻ - مُنگل. مؤج.

● مُسْرِفُ: ذ. صفت. (ع). فضول خرچ ڪندڙ - اسراف ڪندڙ - اجايو خرچ ڪندڙ. (گاجرا).

● مُسْرَنُ: مصدر. (سن. مر (ي) ج: مر (ي) د = مهڻ) مهڻ - ماڻ. (گاجرا).

● مُسْرُورُ ۽ مُسْرُورَ: ذ. صفت. (ع. سَرَّ = خوشي) سَرهو - خوش - نهال - شاد - پرسن - شادمان - مُنگهن - خُرسند - راضي.

● مِسْرِي ۽ مِسْرِيُون (ڪ): ث. (پيڙيءَ جي ڪَپيءَ ۾ وچ تي لڳل لوهي ڪلي. (ن - ب).

● مُسْڙِي ۽ مُسْڙِيُون (ل): ث. ڏاڙهي - سُونهاري - ريشَ. (ن. ب).

"مرد نڪرندي مُسْڙِي آميٽي آره سَتَ".

● مُسْڙِيارُ ۽ مُسْڙِيارا: ذ. صفت. مصلحت وارو - ڏاهو - عاقل. (گاجرا).

● مُسْتَلِحُ: ذ. چت جو هڪڙو قسم، جنهن ۾ ڪهڪل ٽيل هجي، مگر ان جا شهتير ڏسڻ ۾ نه اچن. (گاجرا).

● مُسْطَرُ ۽ مُسْطَرَ: ذ. (ع). رازن جي سِرُن جي سِڌائي وٺڻ لاءِ ڪم آندل ڪاٺ جي پٽي - مُسْتَرُ - ليڪن پاڻ جو اوزار. (گاجرا).

● مُسْعُودُ: صفت. (ع. سعد = نيڪ) نيڪ - نيڪ بخت - سعيد بختاور - سعاد تمند - سڳورو - پاڳ وارو - خوش نصيب - پلارو. (آصفيه).

● مُسْقَطُ: اسم خاص. (ع. مسقط = ڪرڻ جي جڳهه) ايشيائي روم جي هڪ شهر جو نالو. (آصفيه).

● مُسْكَ ۽ مُسْكُونُ: ث. (سن. مُشْكَ = سانداري) سانداري - ڪَلبي - پخال - مشڪ - اوئي. پُسي - پُسنا. (ڪ). مُنيءَ ۾ پيل سُور. (ڪ).

● مُسْكِرات: ث. (ع. مُسْكِرَ) نشيدار شيون.

● مُسْكِنُ: ذ. (ع. مَسْكَنَ = رهڻ جي جاءِ) رهڻ جي جاءِ - جاءِ سڪونت - جاءِ قيام - قيام ڪاهه - گهرُ. مڪانُ - جاءِ - آستانو - خانو. (آصفيه).

● مُسْكُو ۽ مُسْكا: ذ. (ف. مُسْكَه = مڪن) مسڪَنُ. (آصفيه). خوشامد. ڪاري پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم. (گاجرا).

= مُسْكُو لٽڪائِنُ: خوشامد ڪرڻ. (گاجرا).

● مُسْكُو ۽ مُسْكا: ذ. صفت. ٺلهو - ستارو - ڏمتال. (ذ). مڇيءَ جو هڪ قسم. (ڪ).

● مِسْكِينُ ۽ مِسْكِينَ: ذ. صفت. (ع. سَكَنَ = هو وينو) غريب - نِڌَرُ - تنهي دست - ڪُنڊل - آتايو - مُفلس - نادار - ڪنگال - فاقه ڪش. عاجز - ويچارو - نماڻو - لاچار. لاتوان - اڌِمُ - پي وَس - اپي پهچ - ڪم طاقت. پي حال - ضعيف. ڏُڪجهارو - ڏوڪي - دُکي. شامت زده - حَليم - بُردبار - نهڻو - نِرِ اپماني - نِرِ اهنڪاري - نماڻو - غريبائو.

= مِسْكِينِي ۽ مِسْكِينِيُون: ث. اڻ هوند - ڪُتلائي - محتاجي - غريبي - غُربت - ڪنگالپڻو - إفلاس - وِلهائي - سُڃ - ناداري - حليمي - عاجزي - إنڪساري.

● مُسَلَّحُ: صفت. (ع). هٿيار پنوهار پهريل - هٿياربند - شَسترڌاري - لُهتبدن سان تيار. (آصفيه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُسَلْسَلُ: صفت. (ع). سلسلي بندي ڪيل - زنجير بند - لڙهي بند - مُتواتر - مُتصل - سلسليوار - هڪ پٺي پٺيان. (آصفيه) ترتيب وار.

● مُسَلَّطُ: صفت. (ع. سَلِطَ) تسلط ڪندڙ - قبضو ڪندڙ - قابض - غالب. زورآور - طاقتور. (آصفيه).

● مُسَلَّمُ: ذ. صفت. (ع. سَلَّمَ) سالم رکيل - برقرار رکيل. پُورو - ڪامل - سلامت - سارو - سربستو - سمورو - سڄو - سالم - ثابت. سچ - ڪُل - سيوئي. سڄو سارو - سڄو ئي سڄو - صحيح سلامت. تسليم ڪيل - مڃيل - قبول ڪيل. مڃڻ جي لائق. ٺيڪ - پڪو - درست - اڪند پنهنجو - پُورو پُورو - معقول بين - بيشڪ - بلاشڪ - بجا. حوالي ڪيل - سپرد ڪيل - سونهيل.

● مُسَلِّمُ: ذ. صفت. (ع. سَلَّمَ) مسلمان - اسلام رکندڙ - محمّدي - اهلِ اسلام.

● مُسَلْمانُ ۽ مُسَلْمان: ذ. صفت. (ع. سَلَّمَ) اسلام قبول ڪيل - مذهب اسلام جو پيرو - دين احمد جو پيرو - مومن - مسلم. (آصفيه).

= مُسَلْمانُ ٹِيَنُ: اسلام آڻڻ - اسلام تي اچڻ - دين محمّدي قبول ڪرڻ. (آصفيه).

= مُسَلْمانُ ڪرَنُ: اسلام ۾ آڻڻ - دين محمّدي ۾ شامل ڪرڻ.

= مُسَلْمانِڪو: ذ. صفت. مسلمان جو - مسلمان وارو.

= مُسَلْمانِي ۽ مُسَلْمانِيُون: ث. صفت. مسلمان واري - مسلمان جي. (ت). اسلام - اسلاميت. سُنت - خُتنو - طُهر. (آصفيه).

= مُسَلْمانِياڻِي ۽ مُسَلْمانِياڻِيُون: ث. مسلم عورت. (گاجرا).

● مُسَلْو ۽ مَسْلا: ذ. (ع. مَسْئَله) مذهبي سوال - مسئلو. رِتَ - ٺهراءُ - تجويز - راءِ.

● مُسَلْو ۽ مُسْلا: ذ. صفت. (ع. مسلم جو بگڙيل لفظ). مسلم - مسلمان.

● مُسَلْتُولُ: صفت. (ع). سِلهه جي بيماريءَ وارو - سِلهه جو مريض. (آصفيه).

● مُسَمّاتَ: ث. (ع). عورتن جي نالي اڳيان لڳايل خطاب - عِلامت تانيث.

● مِسْمارُ: صفت. (ع). زبون - ناس - پائمال. (گاجرا).

= مِسْمارُ ڪَرَنُ: ڌاهڻ. (گاجرا).

● مِسْ مِسْ: ث. آهستي ڳالهائڻ - پُٽ پُٽ - ڦُس ڦُس. ڪُجهو ڳالهائڻ.

= مِسْ مِسْ ڪَرَنُ: آهستو ڳالهائڻ - مُس مُس ڪرڻ - ڦُس ڦُس ڪرڻ - پُڪار ڪرڻ - پُڪو ڪرڻ - پُڪات ڪرڻ. نَڙاٽڻ - گوهي ڪرڻ - گوڻڻات ڪرڻ - نَٽ نَٽاءُ ڪرڻ - ڪُس ڪُساءُ ڪرڻ - پاسو ڪرڻ.

= مَنُ هِ مانڊاڻ سَجهَنُ : دل ۾ هُرڪُو ٿيڻ - آتو ويلا ٿيڻ - آند مانڊ ٿيڻ.

= مَنُ وَڏائِيُ : دل وڏائڻ. مٿي تي چاڙهڻ - آڪيرو ڪرڻ - مغرور ڪرڻ. ڇُڙواڪ ڪرڻ - البيلو ڪرڻ - آزاد ڪرڻ - ريجهالو ڪرڻ.

= مَنُ و ڏَنُ : مغرور ٿيڻ - ڦوڪاءُ ۾ پوڄڻ - مٿي تي چڙهڻ - آڪرو ٿيڻ - وڏائيءَ ۾ پوڄڻ - اڪڙ ڪرڻ. البيلو ٿيڻ ريجهالو ٿيڻ - ڇُڙواڪ ٿيڻ.

● مَنُ : ث. مٿي مُنَڻ جي حالت - سِرُ جي وارن جي صفائي - حجامت.

"مَنُ ۽ ڪَنُ" ڪنهن سڄڻ کي سلجي".

● مَنُ = مَنَ ؛ ذ. گهوڙي جي ٻنڊ جو هڪ قسم - وڇون ۽ هيڪاهون ٻنڌڻ. (صفت). مَنو - (پ) ٽي ياڳي چار حصو.

● مَنا : اسم خاص. (ع). عربستان ملڪ جي هڪ شهر جو نالو (جتي حج واري وقت ۾ قربانيءَ کي ويندي آهي).

● مَنا (ت) : ذ. پائيءَ جي پکين قاسائڻ لاءِ ويڇيءَ کي ڦاهو ڪرڻ لاءِ ڪاءِ، جا ناهيل پڇر. (حاسي).

● مَنات : اسم خاص (ع) قديم عرب جي ٽن مشهور بُتن لات، منات ۽ عزا مان هڪ بُت جو نالو. (آصفيه).

● مُناجات = مُناجاتُون : ث. (ع. لجو) ڪنن جي ڪالهه - سرگوشي - مَس ڪَس. ڪهن کي پنهنجو ڏُکَ ٻڌڻ - رازَ - ڳُجهَ : خدا کان حاجات جي لاءِ گهربل دعا (جا اڪثر گهري وڃي جيئن روبرو ويهي ڪالهائجي). خدا جي سارهه ۾ چيل شعر. سارهه - وا ڪاڻ. (آصفيه).

● مُنادي = مُنادِيُون : ث. (ع. نِدا)، پڙهو - ڏينهن ورو - مُنادُ - هوڪو - ٻُڌاڙو - حاڪم جو حڪم ظاهر ڪرڻ واسطي آواز عام اشتهار - اعلان - پرچار. (صفت). سڏڪندڙ. پڙهو ڏيندڙ.

= مُنادي ڪرائِيُ : مُنادي ڪرڻ.

= مُنادي ڪَرَنُ : پڙهو ڏيڻ - هوڪو ڏيڻ - ڏينهن ورو ڦيرائڻ : عام اشتهار ڪرڻ - اعلان ڪرڻ. حاڪم جو حڪم ڦهلائڻ.

● مُنارُ = مُنارَ : ذ. (ع). مُنارو.

"جيئن هت چونڪيون چمن چوڏار،
ٻيون مارُيون محل مُنارُ"
(ڪبير شاهه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُنارا: اسر خاص. تعلقي گھوڙا ہاري ۾ ھڪ ديھ جو نالو. (لست).

● مُنارِ ڪِي: اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو. (لست).

● مُنارو ۽ مُنارا: ذ. اسر. (ع. مُناره) سرن يا پڙن جو ڏکو ٽڪيو - اوچو ٽڪيو مسجد جو ڏکو وڏو پتين مٿان ٽڪنب. (آصفيه). گنبذ - قُبو قبي جي نِيل. مُنار. ٿُورچي جگھ - لائيٽ ھائوس - چراغدان.

● مُنازَڻُ: مصدر. (سن. مَر (ي) دَ = د ہائڻ) ھٿ سان زور ڏيڻ - مھٽڻ. مٿاڙ ڪرڻ. مالش ڪرڻ. مَٽڻُ. پيڙون ڏيڻ - زور ڏيڻ - چاپڻُ - مُڪڙيون ھڻڻ. ھٿن ۾ لوڻِڻُ (ڪپڙن کي). ھيٺ مٿي ڪرڻ - چاچولڻ. گِيندڙ ڪرڻ. ھٿ لائڻ. ھٿ لائي ڏسڻ (ہٿ ڪر کي). قُولارڻ - قلھورڻ.

"پکي پنھنجي وات، مٿاڙئو موتي چُڻي"
(گرھوڙي).

(مٿاڙيو - مٿاڙيندو - مٿاڙيل). (ن - ب).

● مُنازُ ۽ مُنازُون: ث. مَٽَ - چاپ - زور - مالش - مھٽ سھٽ. مُڪڙي - پِيڙ. معلوميت - قياس آرائي - لَمَسُ - حِسُ - ويدنا - جاڻُ. آٽلاڻ.

● مُنازُو ۽ مُنارا: ذ. وھٽ ٻڌڻ جو ڪِلو - مُنو. (ن - ب).

● مُنازِ يُ ۽ مُنازِ يُون: (ڪ): ث. پيڙيءَ جي اڳ ۾ پڇھ ٻڌڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪوڙيل ڪِلو. (ن. ب).

● مُناسِبُ ۽ مُناسِبَ: ذ. صفت. (ع. نَسَب = ھُو عزيز ھو) نسبت رکندڙ. موزون - لائق - واجب مُوافق. شايان - ڏِڪ. دُرست - معقول. لازم - رَوا - جائز. برابر - جو ڪو - آڇت - ہابت جو - ٿھندڙ - ٻُورو - جڳائيندڙ - سونھندڙ. وھنوارڪو - ہاڻُ - ليکائتو - ٽائيستو - جڳائتو - سُھائيندڙ.

= مُناسِبَتُ: ث. ہامي لڳاءُ - تعلق - واسطو - لاڳاپو. (آصفيه). ھڪجوڙائي - برابري - مُوافقت - جوڳائي - موزُونيت.

● مُناظِرُ: ذ. (ع. مَنظر جو جمع > نَظَر = جن ڏنو) نظارا - ڏيکاءُ - لقاءُ - رُوپ - ديدار.

● مُنافِعو ۽ مُنافِعا: ذ. (ع. منافعه > نَفَع = فائدو - لاڀ. آڇت - آپراسو.

= مُنافِعدارُ ۽ مُنافِعدار: ذ. صفت. فائدي مند - فائدي وارو - مفيد. ونڊبندڙ - پائيوار - حصيدار - پتيارُ - پائيٽو - ہٿيار - پاگيرُو - پاگيدار. سرڪاري ڏَل مان حصو وٺندڙ.

● مُنافِقُ ۽ مُنافِقَ: ذ. (ع. نَفَقَ) نِفاق رکندڙ ظاھر ۾ باطن ۾ تفاوت رکندڙ. دل ۾ دغا رکندڙ - رياکار - مڪار - پاکنڊي - ڪُپٽي - ٻَھَہ رُوپي - دغاباز - دغاخور - دلبي - فريبي. بي ويسا سو - اڻ ويساھو - بي اعتبار - اوشوامي. مُلحد - ڪافر - بي دين - ناستڪ.

● مَنّانُ: صفت. (ع). گھڻو احسان کندڙ - نيڪي کندڙ - چڱائي کندڙ. نوازش کندڙ - مھربان. (اسر خاص). الله تعاليٰ جو ھڪ صفاتي نالو. (آصفيه).

● مَنانَ ۽ مَنانِ (ل): ث. قَبرُ نہ جھليندڙ چوپايو وھٽ (سينھن، ڪُتن، ٻکري، رڍ وغيره) - مَناوَڻ. (ت). آٽلاڻ (ل). اڻ ڏِڪي - سَڌ.

● مَنانڻُ (ت): مصدر. مضبوط ڳالھ ڪرڻ - پڪي پيراٿي ڳالھ ڪرڻ. (مَنائيو - مَنائيندو - مَنائيل).

● مَنائِي ۽ مَنائِيُون (ت): ث. قبوليت - رضامندو - اِقرار - ھائوڪار - مڃتا.

● مَناوَڻُ (ت): ث. مَنانَ. (ل).

● مَناھِڪِي ۽ جاڪِيرَ: اسر خاص. تعلقي ڪنڊي ڪاڪِيرَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو. (لست).

● مَناھِي: اسر خاص. تعلقي ھالا ۽ تعلقي موري ۾ ھڪ ديھ جو نالو. (لست).

● مَنا ھيجا (ت): اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● مَنائِڻُ: مصدر. راضي ڪرڻ - خوش ڪرڻ. پرچائڻ - ورپائڻ - رِجھائڻ - سرچائڻ ٺاھڻ - تَسائڻ - ٺارڻ چِٽ ڪرڻ - خوشامد ڪرڻ - آياماڻ - چِٽ ٻَڌڻ - تارائڻ ڏاڏرائڻ - قَسلائڻ - ڪاساڻڻ. قبول ڪرائڻ - اقرار ڪرائڻ - مڃاڻڻ - ہاساريائڻ - مڃتا ڪرائڻ. (سن. مَنَ = پوڄا ڪرڻ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملهائڻ - رکڻ - وارڻ (وڏو ڏينهن). وڏي ڏينهن جي ياد ۾ خوشيون ڪرڻ. ڏم دلاسو ڏيڻ. ڪاوڙ ڏيڻ ڪرڻ. پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ. (سن. مَر (ي) د = ڏيارڻ) پيڙون ڏيارڻ - مَنائڻ ڪرائڻ - چاپائڻ - مڪڙيون هڻائڻ - مالش ڪرائڻ. مهٽ سهٽ ڪرائڻ (ڪپڙن کي کار جي) پاڻي ۾ چاچولڻ ۽ مهٽڻ. پکارڻ - سڏڻ. (مَنائيو - مَنائيندو - مَنائيل).

● مِنائِنْ: مصدر. نڪ مان ڳالهائڻ - گهٽو ٽين - گهٽو ڳالهائڻ - گهٽائڻ. مِڙمِڙ ڪرڻ - پِڙ پِڙ ڪرڻ. (مِنائيو - مِنائيندو - مِنائيل).

● مُنَائِنْ: مصدر. ڪوڙائڻ (وار) - سيرب ڪرائڻ - پاڪي گهمارائڻ - مُنڊائڻ. (مُنائيو - مُنائيندو - مُنائيل).

● مَنَاهِيْ ۽ مَنَاهِيُوْنْ: ث. منع نامو. حڪر - تاڪيد - ٻرجرٻرا.

● مِنْبَرُ ۽ مِنْبَرَ: ذ. اوچي جاءِ - مٿاهين جاءِ. ڪاٺ يا سرن جي چاڑهين سان ٺهيل دڪي. مسجد ۾ خطبي پڙهڻ لاءِ ٺاهيل نيڍڙو ٽلهو - پرچار ٽلهو. (آصفيه). چبوترو.

● مَنْبَعْ: (ع. نَبَعَ) پاڻي ۽ لکڻ جي جاءِ - منڊ (نديءَ وغيره جو). چشمو. (ع. ا. د).

● مَنْبِلَكْ ۽ مَنْبِلَكُوْنْ (ل): ذ. تمار گهٽو - زياده - جهجهو. بيشمار بي انداز. ڳاڻيٽي کان ٻاهر. مثال: "هيترو پئسن جو منبلک (مبلغ) کير ڏيندو."

● مُنْبَئِيْ: ث. سرڪاري آن جو وڪرو.

- مُنْبَئِيدارُ ۽ مُنْبَئِيدارَ: ذ. صفت. سرڪاري اناج جو خريد ڪندڙ.

● مُنْبِيْ ۽ مُنْبِيُوْنْ: ث. پڙين شين جي ماپ جو اوزار - نندو سُبرو - سُبري - ٽوپري. (گاجرا).

● مَنَتْ: ث. (سن. مَنَ = قبول ڪرڻ) منت - مڃتا - پاس - سُڪا. نذرو - نياز - ارداس - پيتا - ڏڻ - ڏڻ - نذرانو. وچن - اچار - ٻرتڪيا - وعدو - واچا - سُنهن - قسم.

- مَنَتَ مَنَائِنْ: سُڪڻ - سُڪا ڪرڻ - ڪيرين - ماڻن - نذر ڪرڻ - نياز ڪرڻ - پيتا ڏيڻ - ڪُن ماڻڻ.

● مِنْتَ ۽ مِنْتُوْنْ: ث. (ع). عاجزي - وينتي - مِنٽ - عَجز - آزي - ليلڙائي - نيزاري. خوشامد - چاپلوسي. التجا - عرض.

- مِنْتَ ڪرڻ: عاجزي ڪرڻ - وينتي ڪرڻ - منٽ ڪرڻ. التجا ڪرڻ. انڪساري ڪرڻ - نيزاري ڪرڻ - آزي نيازي ڪرڻ.

● مُنْتَخَبْ: ذ. صفت. (ع. نَخَبَ = اختصار ٻيو ٽئي). انتخاب ڪيل - چونڊيل - پسند ڪيل - چانٽ ڪيل - ڏٺيل. گڏ ڪيل - پيڙو ڪيل - ميڙيل - ڪنو ڪيل. وڍيل - ٽُڪيل. چيدو. برگزيده - خلاصو ڪيل - گهڻن مان ڪجهه ڪنيل. (ذ) انتخاب ڪيل حصو - خلاصو. (آصفيه). تارج. (گاجرا)

● مَنْتَرُ ۽ مَنْتَرَ: ذ. (سن). وید جي رچا. وید جو ستوتر. وید جي باب جو هڪ شعر وارو حصو - وید جي آيت - شلوڪ. ڪنهن ٻ ڀوتر پشتڪ جو هڪ ٽڪر. شُبد - ٻول. ڳچن - گيت. ڀوتر پرارٿنا. چتوڪ - قِرأت. ڪاڻ. پُراثر ڇوٽي (جا ڪنهن جي قابو ڪرڻ يا مارڻ واسطي پڙهائجي) - (آصفيه). ٽوٽو - ٽيٽو - ٽوٽڪو. جادو - سحر - افسون - منتر. جهاڙ ڦوڪ. ڪجهه - راز - پيد - اندر.

- مَنْتَرُ باز ۽ مَنْتَرَ باز: ذ. صفت. منتر وغيره پڙهندڙ - جادوگر - ٽوٽائي - پوپو - ٽيٽائي. هنروارو. جوتش ودیا جاڻندڙ.

- مَنْتَرُ پڙهڻ: جادو ڪرڻ - منتر پڙهڻ - منتر ڪرڻ. ٽيٽو وجهڻ - ٽوٽو ڪرڻ - جهاڙ وجهڻ.

- مَنْتَرُ جَنْتَرُ ۽ مَنْتَرَ جَنْتَرَ: ذ. جادو. ٽوٽو - ٽيٽو. جهاڙ. منڊ. تعويذ ڦُل. پوت - جين - لڳت.

- مَنْتَرُ ڏيڻ: سکيا ڏيڻ - چونڪارو وجهي ڏيڻ - ٽوٽو ليکي ڏيڻ. منتر ڏيئي چيلو بنائڻ. شش بنائڻ.

- مَنْتَرُ ساڌَنْ: پکوان جو نالو وٺڻ - جپ ڪرڻ - تپشيا ڪرڻ.

- مَنْتَرُ وٺڻ: ڏيئي وٺڻ ماڻهن ڏانهن نياهو آڻڻ - حق جو پيغام آڻڻ. چيلو ٿين - مريد ٿين.

- مَنْتَرُ هَنِيْنْ: ٽوٽو ڪٽڻ - جادو هٽڻ - جادوءَ رستي مغلوب ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُنْتَرُ جَنْتَرُ: ذ (سن. مَنْتَرَ هـ + يَنْتَرَ هـ = هٿيار اوزار). آسماني ميارن کي ڏسڻ جي جاءِ - رصدگاهه. علم جوتش جو تجربه گاهه.

● مُنْتَرِي ۽ مَنْتَرِي: ذ. صفت. (سن. منتري = صلاحکار) صلاحکار - حکومت جو صلاحکار - وزير. ديوان. ڪنهن به جماعت جو ٻڌڻ کان پوءِ مکيه عهديدار.

● مُنْتَشِر: صفت. (ع. نشر = هن پکيڙيو). هيڏانهن هوڏانهن ٽيل - ڪيڏ ريل - پکڙيل - چڙوچڙ ٽيڙو ڪڙ. ڦهليل.

● مُنْتَشِر ڪَرڻُ: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ - جدا جدا ڪرڻ - چڙوچڙ ڪرڻ - ڪنديرڻ - پکيڙڻ.

● مُنْتَظِر ۽ مُنْتَظِر: ذ. صفت. (ع. نظر). انتظار ڪندڙ - واٽ ڏسندڙ - راهه تڪيندڙ ۽ اوسيڙي وارو - اميدوار - آسائتو - اونائتو - فڪرمند - آدڪو رکندڙ - فڪرائتو. ڳٽي خور. (آصفيه).

● مُنْتَظِم: ذ. صفت. (ع. نظم). انتظام ڪندڙ. اهتمام ڪندڙ بندوبست ڪندڙ. جوڙجڪ ڪندڙ. ٻڌندڙ. ٻڌڻ ڌڻ ۽ درست ڪندڙ. مدارالمهام. (آصفيه).

● مُنْتَقِل: صفت. (ع. نقل) هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڪيل - انتقال ڪيل - بدلايل - ڦيرايل. ميڙهه. متبادل - جاءِ تبديل ڪيل. لڏي ويل.

● مُنْتَقِل إِلَيْه: ذ. صفت. وڃڻ جوڳو - وڃڻ لائق - بدلائڻ جوڳو - متائڻ لائق - تبديل ڪرائڻ جهڙو.

● مُنْتَقِل ڪَرڻُ: بدلائڻ - متائڻ - ڦيرائڻ - تبديل ڪرڻ. سودو ڪرڻ - ٻئي کي ڏيڻ - حوالي ڪرڻ - سونپڻ. (آصفيه).

● مُنْتَهِي: صفت. (ع. انتهي) انتها ڪيل = اڪها ڪي پهتل - ڇيڙي ڪي پهتل - انجام ڪي پهتل - پڄاڙي ڪيل. پورو - ڪامل - تمام - مڪمل - سمايت. (ذ). پڄاڻي - آخرت - خاتمو. نتيجو - انجام. حاصلات - ثمر - ڦل. (آصفيه).

● مِنَّت ۽ مِنَّتُون: ث. (ع. منة) نيازي - ويني - نيرتائي - نماڻائي - زاري - ليلڙائي. عاجزي = نيازمندي - نياز. سوال - عرض - التجا - گذارش.

● مِنَّت سَمَاجَت: ث. مِنت ميڙ - آزي نيازي - التجا - گذارش.

● مِنَّت ڪَرڻ: عاجزي ڪرڻ - عرض ڪرڻ - سوال ڪرڻ.

● مَنْتْ ۽ مَنْتْ: ذ. (سن. مَنتر = مَنْدُ) مَنڊ - جادو - ٽوٽو - منتر.

● مِنْتْ ۽ مِنْتْ: ذ. (انگ). ڪلاڪ جو سيڻون حصو - سٺ سيڪنڊن جو عرصو. ٿوري دير - لمحو - پل - پلڪ - ڪن - ساعت.

● مُنْج (ڪ): ث. لُڙ - لُڙاٽ. غبار ۽ آسمان. (ن - ب).

● مُنْجَر (ث): ذ. پوني جو هڪ قسم.

● مُنْجَر ۽ مُنْجَرَ (ث): ذ. ڪنديءَ وٽ جو پُور - مُجَر.

● مُنْجَر: ذ. صفت. (ع. نجر = هن اڪيتي ڪئي) علم نجوم جاڻندڙ. ستارن جو علم جاڻندڙ. نجومي - جوتشي. اختر شناس - هيئت دان. جنتري ٺاهيندڙ. (آصفيه).

● مُنْجَن: ث. (سن. مَنْچَهَ) ڪٽل ڪنوار جهڙي (جنهن تي هند وغيره رکجن). ڪٽل گهوڙامنجي - منجن. ٻار جي گاڏيءَ تي ڪٽل آيي ٻٽي (جنهن کي نار هڪيندڙ ٽيڪ ڏيئي ويهندو آهي). (گاجرا).

● مُنْجَن ۽ مُنْجَن: ذ. (ٻرا. منجن. سن. منجن > منج = صاف ڪرڻ) ڏندن کي (صاف ڪرڻ لاءِ) ملڻ جي دوا - ڏندن جو پورو ● منجهن - سفوف.

● مَنْجَنِيق ۽ مَنْجَنِيقُون: ث. (ع) پٿرن آڇلائڻ جي ڪل - وڏا وڏا پٿر هٿي قلعي جي ديوار کي ٽوڙڻ جي ڪل.

● مَنْجَن ۽ مَنْجَنُون: ث. (سن. منج) ويهڻ جي ڪنولي - چارپائي - منجي. چڻ ڏنگڻ وارو ڪاٺ جو چوڪو. پائي جي دلن ۾ سٽن رکڻ لاءِ ڪاٺ جي ٽهيل منجي - گهوڙا منجي. پائي ۾ سارين جو لاٻارو ڪرڻ وقت سٽن رکڻ لاءِ ڪاٺ جو چڻ ڏنگڻ وارو چوڪو. (ل). ٻاهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مچي وغيره جي پڇائن لاءِ لوهه جي ٺهيل نندي منجن. درياءُ جي ٻيڙيءَ جو هڪ حصو - آڳيل طرف ماڻهن جي ويهڻ يا سامان وغيره رکڻ وارو حصو. (ن - ب).

● مَنْجَنُ: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

● مَنْجَنُ: مصدر. (سن. مَرْ (ي) ج. مَنْجَ = صاف ڪرڻ) صفا ڪرڻ. مَلڻُ (ڏاڻو وغيره) - ماجڻ - مانجڻ. (منجيو - منجيندو - منجيل).

● مُنْجَنُ: مصدر (سن. مُنْجَ = آزاد ڪرڻ) موڪلڻ - روانو ڪرڻ - هلائڻ - اماڻڻ - پٺڻ.

"مُنجا منار مون غمخوار ڏي خط"

(فاضل شاهه).

● مَنْجِيٽِي قَلَ (ڪ): ذ. پرت جو هڪ قسم.

● مَنْجُو & مَنْجا: ذ. (سن. مَنْجَ = ڪٽڻ) وڏي ڪٽَ - ڪٽلو. سادي ڪٽ. ڪٽَ - چارپائي - چوڻائي - انسلو. (ل). (ث. مَنْجِي & مَنْجِيُون). ٻيل ڪاڏيءَ جو نالو. (ت).

= مَنْجُو چَنْدَنُ: ڪٽ ڪي چڏڻ. جاءِ خالي ڪرڻ - هنڌ چڏڻ.

● مَنْجِي & مَنْجِيُونُ: ث. (سن. مَنْجَ = ڪٽ) نندي ڪٽ - ڪٽولي. اٽ جي تري وارو تختو. نار جو هڪ حصو - ويهي ڏاند هڪلڻ وارو حصو - ڪاڏي - گادي. گوهه مان ماڻي ڪيڻ جي ٻوڪي جي منهن ۾ لڳل ڪاٺ جو چوڪ. (ڪ). سکن جي هڪ پاڪ ڪتاب جو نالو.

● مَنْجِيٽَ (ت): ث. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم - ميٿ.

● مَنْجِيري: ث. ٻڪيءَ جو هڪ قسم.

● مَنْجهَ: ث. (سن. مَيْهَ = مينهن) مينهن - مَنْجهي.

● مَنْجهه: صفت. ظرف. حرف جر. (پرا. منجهي. سن. منجهه + ڪ > مڌيَ = وچ) وچ - وسط - درميان. (ظرف). ۾ - اندر - وچ ۾ - اندر.

= مَنْجهارا: حرف جر. منجهان. (ظرف) اندر مان - اندران.

= مَنْجهارو & مَنْجهارا: صفت. ظرف. مان - اندران - اندر ڪان - مَنجهان - مَنجهئون.

= مَنْجهارُون: حرف جر منجهان - مان - ڪان.

= مَنْجهانُ: حرف جر. منجهارون - مان - ڪان - منجهارا ن.

= مَنْجهانهُونُ: ظرف ڪجهه اندر - ٿورو اندر.

= مَنْجهائِيتو & مَنْجهائِيتا: صفت. اندر وارو - اندريون.

= مَنْجهَنُ: حرف جر. منجهارون - منجهان - مان - ڪان - منجهانهون.

= مَنْجهُونُ: حرف جر. مان - ڪان - ڪنان - منجهان - اندران - اندر مان.

= مَنْجهِي: صفت. منجهه ٽي - اندر ۾ ٽي - اندران ٽي - اندر مان. پنهنجي اندر ۾.

"لالن لاءِ لطيف چوي، منجهِي ٽي معذور"

(اُبري - شاهه).

= مَنْجهِيانُ: حرف جر. اندر مان - منجهان - منجهئون - اندران. اندريان.

● مَنْجهِه (ت): ث. گوڏ جو ڪڙو - گوڏ - لاڪ - منجهلو. (ت).

● مَنْجهيهَ & مَنْجهيهَ: ذ. (پرا. مَنجهي. سن. مَنْجهِي + ڪ > مڌيَ = وچ) وچ - اندر - درميان. ڪُنجهه - رازُ - پيد - انتُ - دلي راز - ڪجهو حال.

"ڪنهن ڪي منجهه (ڪڏا) ۾ ڏيج،
هن سڳوري سُور جو"

(خان زئي - ڪليان).

= مَنْجهائِيتو & مَنْجهائِيتا: ذ. صفت. منجهه وارو - دل جو حال چائندڙ - همراز - رازدار - پيدي.

= مَنْجهه ڏِيئُ: مخفي ڳالهه ٻڌائڻ - دل جو راز ڏيڻ - انتُ ڏيڻ پيد ڏيڻ.

= مَنْجهه قِرَنْ: دل ۾ وَسڻ - دل ۾ رهڻ - اندر جي ڳالهه اندر ۾ رهڻ - راز راز ئي رهڻ.

"ڏيلَ جنهن جو ڏَنجهه سو ماري ٿو منجهه قِري"

(ڪارايل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَنجهڻ ڪيڏڻ: دل جو راز معلوم ڪرڻ- ڳُجهه ڄاڻڻ- اندر جو انت لهڻ- پيد معلوم ڪرڻ.

= مَنجهڻ ڪَٽُو: صفت. پٽي جو راز وٺندڙ- ٻي جو راز معلوم ڪندڙ- پيد وٺندڙ- انت لهندڙ.

= مَنجهڻ لهڻ: دل جي ڳالهه معلوم ڪرڻ- دل جو راز هٿ ڪرڻ- انت وٺڻ- پيد ڪيڏڻ- منجهه ڪيڏڻ.

● مَنجهه (ڪ): ث. مُونجهه. آٻت- اُبَس- رُ ڪهه. ڏُنڌ- غُبار- لُڙات.

● مَنجهارَ (ڪ): ث. ٻڙيءَ جي پرماڻ (آڏ) واري پاسي مٿاڙ سان لڳو لڳ سڙهه وٽ اندر سِيپيل واجهه. (ن- ب).

● مَنجهانڊڙو ۽ مَنجهانڊڙا: ذ. وڻ جو هڪ قسم- منجهانڊو.

● مَنجهانڊو ۽ مَنجهانڊا: ذ. مَنجهانڊڙو.

● مَنجهائڻ: مصدر ڪَنڊ وڇڻ ڪرڻ- جهڻ مڪڻ ڪرڻ- مُنجهائڻ- وَرُ وَڪڙو ڏيڻ- ٻيڙدار بنائڻ. ڏاڪي جو سنهن ۽ ٻاڙي گر ڪرڻ. ڦاسائڻ انڪائڻ وات تان لاهڻ- غلط رستو ڏيڪارڻ آٻتو ڪَسُ وٺائڻ- گمراهه ڪرڻ پُلائڻ. حيران ڪرائڻ بيهوش ڪرڻ. صحيح حقيقت نه ٻڌائڻ. (مُنجهائو- مَنجهائيندو- مُنجهيل).

● مَنجهلو ۽ مَنجهيلا (ت): ذ. ڪوڏ جو ڪڙو- ٻوٽڙو ڪوڏ لاڪ- لاڪوڙو- منجهه. (ت).

● مَنجهنڊ ۽ مَنجهنڊون: ث. (سن. مَنڊ = وڇ + اهنَ = ڏينهن) ڏينهن جو وڇ- اڏ ڏينهن- ٻن پهرن جو وقت- ٻيڙهر- ٻيڙهري- مانجهاند و- ڏَوڙتي. ٻن پهرن جي ماني.

● مَنجهنڻ: مصدر. (سن. مُهه = بيهوش ٿيڻ) بيهوش ٿيڻ. صحيح رستو نه لهڻ- پُلجي وڃڻ- پُلجڻ- اوجهڙ وڃڻ- رستي کان ٽِرڻ. حقيقت نه پروڙڻ- برابر جواب نه ڏيڻ- منجهي پوڻ- گمراهه ٿي وڃڻ- گمراهي ۾ وڃڻ. حيران ٿيڻ. سُنهه ۽ ٻاڙي گر ٿيڻ (سٽ جي). (منجهيو- منجهند و- منجهيل).

● مَنجهيٽُ قُلُ ۽ مَنجهيٽي قُلُ: ذ. اسر. ڪَڇ جي پَرت جو هڪ قسم- وِڇيون قُل.

● مَنجهو ۽ مَنجها (ت): ذ. جُتيءَ ۾ پير جي پاسي ڏانهن پيل وڇوارو چمڙو.

● مَنجهولو ۽ مَنجهولا: ذ. رازڪي اوزار جو هڪ قسم- د رزن پرڻ جي ڪم ايندڙ نديڙو چونارو.

● مَنجهي ۽ مَنجهيون: ث. (سن. مِهشَ = مينهن) مينهن- منجهه.

● مَنجُ: ث. (سن. مَنجِشٹا = مَڇَ). پسارڪي وڪر جو هڪ قسم- مَڇُ.

● مَنجُر: ذ. وڻ جو هڪ قسم. ڪنديءَ جي وڻ جو قسم- سِڪر.

● مَنجُرُ (ڪ): صفت. ٽورَ چُرو مال- ڏَچر.

● مَنجو ۽ مَنجُڙا (ث). ذ. (سن. مَنجُهه = مَنجو) منجو. (ث. مَنچي ۽ مَنچيون).

● مَنجيءُ ۽ مَنجيڙون (ت): ث. چوهائي مال جي سڃاڻپ جو هڪ خاص نِشان ([ـــ]).

● مَنجُر: اسر خاص. هڪ مشهور ديند جو نالو. هڪ بادشاهه جو نالو- مَنوچهر.

● مَنجُرُ (سن. مَنَهَ شِلهَ = گاڙهو سنكيو). پسارڪي وڪر جو هڪ قسم- گاڙهو سنكيو. زهر جو هڪ قسم.

● مَنجُور يُ (ت): اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. (سِڪابل).

● مُنحَرِفُ: صفت. (ع). ڦريل- خَمَ ڪاڌل- و رهيل- ٽيرچو- ڏنگو. ٽيڙو. سرڪش- باغي- بغاوت ڪندڙ- غدار. (آصفيه). انڪار ڪندڙ- ناڪاري- اِنڪاري.

● مَنحِصِرُ: صفت. (ع). مدار رکندڙ- آڌار رکندڙ. ٻي جي آڌار.

● مَنحُوسُ ۽ مَنحُوسَ: ذ. صفت. (ع. نَحِسَ). ڪمبخت- ٽيپاڳو- بدبخت- نادوزو- چَٽبدو- نَحس- نامراد- ڪمبخت- بدنصيب. نفرت انگيز. ڪاهي ٽِڪو. برو- بڇڙو- بد- خراب.

● مَنڊ: صفت. (ف. مالِينڈ جو مخفف). جهڙو- جيئن- وانگر. مثال- مثل. مَٽ- برابر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ مَنْدائيُ ۽ مَنْدائِيُونُ: ث. هلڪائي. گهٽتائي. مَنائي ـ خرابي ـ بچڙائي. بَدِي. منگهرائي ـ بدنيتي دشمني ـ ويرُ.

"ڪيڙي جـو ڏس نـه ڏيـو،
مون ڪي لڳندي ڏاڍي مندائي"

(غلام شاهہ).

ـ مَنْدُ خُواهہ ۽ مَنْدُ خواهہ: ذ. صفت بُرائي چاهيندڙ ـ بُري لاءِ خرابي گهرندڙ. مَٽ گهرو ـ بدنيٽ ـ دشمن ـ وبري.

ـ مَنْدُ خُواهِي ۽ مَنْدُ خُواهِيُونُ: ث. منگهرائي ـ بدنيتي ـ دشمني ـ ويرُ. مدائي ـ بچڙائي.

ـ مَنْدَ مَنْدَ: ظرف آهستگي سان ـ ڏيمائي سان ـ نرمائي سان ـ هوريان ـ آهستي.

ـ مَنْدُو ۽ مَنْدا: ذ. صفت. خراب ـ بُڇڙو ـ بَدُ ـ مندُ سُست. ڍرو. جهڪو ـ ڪهٽ ـ هلڪو. (ث. مَندي ۽ مَندِيون).

ـ مَنْدُو ڪُهرَنُ: بڇڙو ڪهرڻ. خراب ڪهرڻ. بُري لاءِ خرابي چاهڻ. بدخواهہ ٿيڻ.

ـ مَنْدُو مَنڊَنُ: مندو ڪهرڻ.

● مَنْدُ: ذ. (سن. مَدَ = شراب) شراب ـ دارون ـ مَدَ ـ مَندَ ـ مَدُ.

● مُنْدَ ۽ مُنْدُونُ: ث. موسم ـ رُت ـ مُدِ. وقت ـ زمانو ـ سمو.

ـ مُنْدائِتو ۽ مُنْدائتا: ذ. صفت. موسم وارو ـ موسم جـو ـ رُتائتو ـ موسمي ـ مُدائتو ـ وقتائتو ـ وقت وارو ـ وقت جو ـ مهلائتو.

ـ مُنْدَ جُونُ بُڌائيُ: تُزُ جواب ڏيڻ. سخت لفظ ڳالهائڻ. گاريون ڏيڻ ـ بدشد ڳالهائڻ.

ـ مُنْدَ ڪَرُنُ: ڪجهہ بـه حاصل نـه ٿيڻ. ڇَهہ ماهي ۾ ڪي بـ نـ ڪمائڻ.

● مُنْدارُ ۽ مُنْدارَ: ذ. صفت. مُنهن دار. دلال. ڪنجُوس.

● مَنْدارائي: اسم خاص. بروهي بلوچن جـو هڪ قبيلو. (ت. بلوچستان).

● مَنْدَرُ ۽ مَنْدَرَ: ذ. (سن). جاءِ ـ گهر ـ حويلي. آستانو ـ تڪيو. عبادت جي جاءِ. پوجا پاٺ جي جاءِ ـ ٺاڪر دئارو ـ ڪاڪاٽو ـ مڙهي. بُتن جـو گهر ـ بُتخانو. جسم ـ بدن ـ ديهي. بن لکو لڳهہ سوڙهيسين پِتَن جي وچ واري اوچي ۽ مٿانهين زمين. (ث)

● مَنْدَرَ (ل): ث. اڇي رنگ واري ڪپڙي ـ ڪَنئُون جو هڪ نالو.

"سِڪر سائيي اٿر ساري، مندر ۽ مور موچاري، طلب تهيلي مندي تاري، بگي پُوري پٽاري جي"

(ملاح).

● مُنْدَرَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُنْدَرَ ۽ مُنْدَرَ: ذ. ڪاٺ جـو واهاري ـ لڪڙي فروش ـ مودر. ڪيرواروـ ڏوڏي (گاجرا).

● مَنْدِرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (قادري).

● مَنْدِرا: ث. (سن: مُدرا = مَندي) والسي. ڪَنبل ـ مُدرا فقيرن ۽ جوگين جي ڪنن ۾ پائڻ جا وڏا گول والا. (سامي) مَندي چـلو. مُهر ـ چاپو. نشان. سِڪو ناڇ ۾ آگريون ڪنهن خاص نموني هلائڻ جي حالت. هٿ يوگ ۾ بدن جي ڪي خاص لٽان. وام مارگين جي ڏرم ۾ پوريون يا ڪچوريون وغيره ڪاڏي جون گول شيون. (گاجرا).

● مُنْدِراتِ (ث): ث. (سن. مُدرا = چِلو) ڪُهاڙي يا ڪوڏر ۾ ڪَنُ وجهڻ وارو ٽنگ ـ پاهو. (راه).

● مُنْدِرائيُ ۽ مُنْدِرائِيُونُ (ل): ث. ڪنهن وڻ يا پوٽي جو (زمين ۾ هنيل) قلم.

● مُنْدِراسِيُ (ث): ذ. پَٽرت پَٽڻ جي سُٽ جو هڪ قسم.

● مُنْدِرائيُ: اسم خاص. ٻُڪتي بلوچن جو هڪ قبيلو ـ هڪ ذات جو نالو (اڪثر اتر سرحد سنڌ حيدرآباد ۽ سکر ۾).

● مُنْدِرائيُ پُورُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● مُنْدَرِجُ: صفت. (ع. دَرَجَ) درج ڪيل. داخل ڪيل ـ لِکيل ـ چاڙهيل (حساب ۾). (اصفيه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُنْدَرُ (ث)؛ مصدر. جادوءَ رستي مُنبڻ.
● مُنْدَرو ۽ مُنْدَرا؛ ذ. (سن. مُدرا = مندبي). چلو. مُدرا - مُندرا.
● مَنْدَرِيُ ۽ مَنْدَرِيونُ؛ ث. وڏيل رڪ جي ٽالهي - ٽُنگ ڪيل رڪ جي ٽالهي.
● مُنْدَرِيُ ۽ مُنْدَرِيُونُ (ت)؛ ث. سونارن جي هڪ اوزار جو نالو. روات جهڙو ٽاهيل چانديءَ جي تندن چڪڻ لاءِ ٽُنگن وارو هڪ اوزار.
● مَنْدَلُ ۽ مَنْدَلُ؛ ذ. وڃائڻ جو ساز - مندل
● مَنْدِيُ؛ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد سنڌ ۽ خيرپور ميرس ۾).
● مَنْدُ ياريُ؛ اسم خاص. لس ٻيلي طرف هڪ ڳٺن جو نالو
● مَنْدْ: ث. (سن مَدْءُ = ميناجُ) ميناج - ميٺ - ميٺاڻ - ميٺاس - شيريني. سواد - لذت. (ن - ب).
● مَنْدَ ۽ مَنْدِ؛ ذ. ث. (سن. مَدَ = شراب. مَدْ = ماڪي). شراب - مد. ماڪي - شهد. (سن. مَدَ = خراب) خراب ڀانس - بدبوءِ ڏَپ - چِتَ.
● مُنْدَ ۽ مُنْدَوُنُ؛ ث. (سن مُڪَنْدا) ننڍي نوجوان زال واسطي عزت پريو لفظ. سهڻي نوجوان زال. زال - ناري - عورت. پورڙي زال - وسوڙل زال - گهٽ عقل واري زال - سادي سياڻ واري زال.
● مَنْدَاڻو (ڻ)؛ اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.
● مُنْدَاوا؛ اسم خاص. تعلقي ميڻيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَنْدَرَ (ڪ)؛ ث. بگي ڪَنئُون جو هڪ نالو.
● مُنْدَرُ ۽ مُنْدَرَ (ت)؛ ذ. چندر - چندرما - ماهتاب.
● مِنْدَرو ۽ مِنْدَرا؛ ذ. صفت. (پرا: مَنْدَري. سن. مَنْدَ + ر + ڪ > مندر = بندرو). چوٽي قد وارو - ڊيڏو - ڊمي - چوٽڙو - جامڙو - بينڊرو - چوٽو - دودڙو - ڊمڪو - ڊمڙي.
"ڪنهن کي ڊگهو مندرو نه چئي،
ڪنهن کي نه آزاري غريب."
- مَنْدَرائيُ ۽ مَنْدَرائيونُ؛ ث. چوٽو قد - جامڙائي - بينڊرائي.

● مِنْدَرو ۽ مِنْدَرا (ت)؛ ذ. صفت. ڊرڙو - ڊرو - سست - ڪاهل - ٽوڙي - آرسي.
● مَنْدَرِيُ؛ اسم خاص. ڪاڇي جي جبلن ۾ هڪ ڊوڙيءَ جو نالو. ڏاڙهيالي جوئر.
● مُنْدَلُ ۽ مُنْدَلَ؛ ذ. صفت. (منجهيل. مصدر مان) منجهيل - پريشان ٽيل - وانڙو - حيران.
● مَنْدو ۽ مَنْدا (ڪ)؛ ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.
● مِنْدو ۽ مِنْدا؛ ذ. صفت. ڊرو - ڊلو - سست.
● مَنْدو ڪلهوڙو: اسم خاص. تعلقي ڪڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَنْدُ ٽَڙو ۽ مَنْدِ ٽَڙا؛ ذ. (سن. مَتْ = ولوڙڻ). ڪير ولوڙڻ لاءِ ڪاٺ جو هڪ اوزار - مندي - جهرٽو. ڪورين جي تاڃيءَ ڪيڏ جو اوزار. نشان جو هڪ قسم - ضرب جو نشان. گاهه جو هڪ قسم. مندِ ٽَڙو.
● مَنْدِيُ ۽ مَنْدِيُونُ؛ ث. (سن. مَتْ = ولوڙڻ). مندڙو. وڏو جهرٽو - مانڌاڻي.
- مَنْدِيا؛ ث وڏي مندي - ٻيهي ولوڙڻ واري مانڌاڻي - وڏو مندڙو.
- مَنْدِيءَ سَاڻُ ڪرڻُ (ل). شاديءَ ۾ لائن بعد گهوٽ ۽ ڪنوار جي مٿي تي مندي ڇُهي ڪائڻ سان ساڻ جي هڪ رسم ادا ڪرڻ.
● مَنْدِيڙو ۽ مَنْدِيڙا؛ ذ. مندي - مانڌاڻي - مندڙو.
● مَنْدِيڙو ۽ مَنْدِيڙا؛ ذ. مندِيڙو.
● مَنْبَ؛ ث. (سن. مَنْبَ = سينگارڻ). اوساريءَ جو هڪ قسم) جنهن ۾ ڪائيون ڪڙيون ڪري انهن جي وچ ۾ سرون پريندا آهن، ماڙيءَ جي ديوار ۾ ائين ٽاهيندا آهن، منب جي ٿولهه اٽڪل سوا ٽي انچ ٿئي، ۽ ڦيٿي ۾ ٿولهه ۾ انچ ٿئي، سير آيي رکجڻ ۾ اچي) اڏاوت. ٽاهڻ. ابتدا - شروعات. منڊاڻ (سن. مَنْبَ = پڇڻ) ٽنگ ڳچل هڻڻ جي حالت - منڊائي. منڊي ڪا شيءِ.
"اندو وڃي منڊو وڃي، ڀر نڊيو وڃي." (چوٽي).
(ن). ڀاڄيءَ جي ٻڪيءَ جو هڪ قسم. پرت جو هڪ قسم. (ڪ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= منڊپ : ث. اڏاوت ـ اڏپ. ٺوري وقت لاءِ ٺاهيل ڪچي جاءِ ـ منڊپ.

● منڊپ ۽ منڊپ : ذ. (سن. منڊپ = پيڄڻ) جادو ـ منتر ـ سحر ـ ڪامڻ ـ افسون ـ ٽوٽو ـ طلسم ـ چايا. ٽوٽو ـ ڦيٽو ـ ٽوڪو. جهاڙ. چار ڦاهي. پڪين ڦاسائڻ جو چار. سيتاءَ ـ مانڊاڻ ـ ٽڪسات. انڪل بازي (سن. منڊپ = پيڄڻ) هڪ ٽنگ پڳل هڻڻ سبب هڪ پير ڪان لوڏو ڪائي هلڻ جي حالت ـ منڊائي ـ منڊ ڪاڻ. منڊي هڄڻ جو عارضو. (صفت). منڊپڪ ـ لنگڙائي.

"انڊ هجي منڊ هجي، پر نينڊ هجي" (چوٽي).

= منڊپ منڊپڻ : جادو ڪرڻ. انڪل ڪرڻ. ٽڪسات ڪرڻ. جار پکيڙڻ.

● منڊپ : ث (سن. منڊرا = منڊپي) هٿ ۾ يا ڪن ۾ پائڻ جو ڪنگڻ. منڊپو. منهر ـ ٿهو. مٿل مانهوءَ جي چوٽين ڏينهن تي سندس عزيزن کي ڪارايل ڪاڏو.

● منڊپ ۽ منڊپ (ڪ) : ذ. ڪاهڙيءَ جي ڳڻ وجهن وارو حصو ـ پاهو.

● منڊپا : ذ. (سن. منڊرا = منڊپي) ڪاٺ جا والا يا چٽلا (جي جوڳي فقير پانهن يا ڪنن ۾ پائين) ـ منڊرا. (رام ڪلي).

● منڊپاڻ ۽ منڊپان : ذ (سن. منڊپ = سينگارڻ) سينگار اڏپ ـ اڏاوت. شروعات. منڊپ.

= منڊپاٽو ۽ منڊپاٽا : ذ. منڊپاڻ ـ مانڊاٽو.

● منڊپا هالا : اسم خاص. تعلقي ٽنڊي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● منڊپائيڻ : مصدر. (سن. منڊپ = پيڄڻ) هڪ ٽنگ سان ٽورو لوڏو ڪائي هلڻ ـ منڊپ ڪائڻ. (منڊپائيو ـ منڊپائيندو ـ منڊپائير).

● منڊپپ ۽ منڊپپ : ذ. (سن. منڊپڀ > منڊپ = سينگارڻ) اڏپ ـ اڏاوت. ٺاهپ. مائهن جي ويهڻ لاءِ ٿوري وقت لاءِ ٺاهيل ڪچي جاءِ. سينگاريل جاءِ (جنهن ۾ جهنڊيون وغيره لڳل هجن) ـ پنڊال. شاميانو ـ تنبو ـ خيمو. ويڙي پڙهڻ لاءِ (سينگاريل) ٺهيل جاءِ. (ث).

● منڊپڪ : ث. (سن. منڊپ = پيڄڻ) منڊپائي. منڊپ ٿي هلڻ جي حالت.

= منڊپڪ منڊپڪ : ث. منڊپائيءَ ۾ هلڻ جي حال ـ ٽپڪ ٽپڪ.

ـ منڊپڪ منڊپي : ث. راند جو هڪ قسم ـ هڪ پير تي هلي، ڪنهن مقرر دائري اندر راند رهندڙ مان ڪنهن ٻ هڪ کي ڪاهڻ جي راند.

= منڊپڪ ۽ منڊپڪ : ذ. (سن. مڪٽ = تاج) مڪٽ. (گاجرا).

● منڊپل ۽ منڊپل : ذ. (سن). سج يا چنڊ جي گول ٽڪي. ڪوبه آسماني جسم ـ گرهه. سج يا چنڊ جي چوڌاري گول ـ مالو ـ دائرو ـ ٻيڙ. ڪنهن به آسماني جسم جي چڪر هڻڻ جو رستو. گهيرو ـ گول ـ چڪر. گولائيءَ ۾ تارن جو مڙ ـ آسمان. گول گهر. ماڙي. ميڙ ـ جماعت ـ ٽولي. مجلس ـ محفل ـ ڪچهري (سن. منڊل = دُمَل) سرمنڊل جو ساز ـ ڏهل جو هڪ قسم ـ اڳرين سان وڄائڻ وارو دُهل. واڄت ـ واجو. مزو ـ تماشو ـ رهسو ـ وندر ـ پوڳ ـ ڪيل ـ ناٽڪ ڏيکڻ ويکڻ ـ بناوٽ ـ بناسريون نمونو ـ رنگ رُوپ.

● منڊپلي ۽ منڊپليون : ث. (پرا. منڊليا = مجلس) مجلس ـ سڀا ـ جماعت ـ ٽولي ـ ڪچهري ـ ميڙ ـ جٿو ـ مجموعو ـ ساٿ ـ وگر. راڪيندڙن يا ساڏو فقرن جي ٽولي.

● منڊپڻ : مصدر. (سن. منڊپن > منڊپ = سينگارڻ) ٺاهڻ ـ جوڙڻ ـ اڏڻ ـ تيار ڪرڻ بنائڻ ـ ترتيب ڏيڻ. سڌڻ (صلاح). پکيڙڻ (چار). ٻيهارڻ ـ ڪڙو ڪرڻ. سينگارڻ (سن. منڊپر هـ) جادو ڪرڻ ـ منتر هڻڻ. قبضي ۾ ڪرڻ ـ وس ڪرڻ ـ جوگو ڪرڻ. سنياڻڻ ـ هلائڻ ـ ڏيان ۾ رکڻ. (منڊپيو ـ منڊپيندو ـ منڊپيل).

= منڊپيل ۽ منڊپيل : ذ. صفت. اڏيل ـ ٺاهيل ـ جوڙيل ـ تيار ڪيل ـ ترتيب ڏنل ـ بنايل ـ سڌيل. سينگاريل ـ سهڻو ڪيل ـ خوبصورت ڪيل. پکڙيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَنْڊَنْ: مصدر. (پرا: مَنْڊ (إيْ)). سن. مَنْڊي (نيْ) = بند ڪرڻ) بند ڪرڻ - پوري - بندڻ. سُڪ ڪرڻ - سوکھو ڪرڻ. تالو ڏيڻ. ڏَڪڻ - روڪڻ. قيد ڪرڻ - بند ۽ وجھڻ. (سن. مَنترھ) جادو ڪڻڻ - منتر پڙھڻ - ٽوٽو ڦيڙو رکڻ - جھاڙ وغيره پڙھڻ - ڪامڻ ڪرڻ. منتر پڙھي ڪنھن ڪم ۾ حرڪت وجھڻ. آڪا ھٽي ڪنھن ڪم ڪي روڪڻ. منتر سان ٽانگ وغيرھ ڪي ھٽ ڪرڻ. ڪنھن ڪي دم ۾ آڻڻ - ڦاسائڻ. (سن. مَنْڊَ = ڪُوڙڻ). مُريد يا چيلي جو مٿو ڪوڙڻ - چڪ ويڻ وارلاھڻ. وار ڪوڙڻ. (سن. مُدرا = مُنڊي). مُھر (منڊيءَ واري) ھڻڻ - ٽپو ھڻڻ. لاک مھر سان بند ڪرڻ. (مُنڊِيو - مُنڊيندو - مُنڊيل).

▬ مَنْڊ ۽ مُنْڊَ: ذ. بندش - پُورَ - قيد - روڪ. ساڻ چپ - خاموشي - صبر.

▬ مُنْڊِ جَنْ: مصدر. بند ٿيڻ - پورجڻ - قيد ٿيڻ - روڪجڻ.

● مَنْڊو ۽ مَنْڊا: (سن. مَنْدَ = پَڇڻ). ھڪ ٽنگ پڳل - چنڪھ پڳو - ھڪ پير ڪان ٿوڏو ڪائي ھلندڙ - لنگڙو. لڏو. (ث. منڊي ۽ مُنْڊِ يُون).

▬ مَنْڊ ٽِيْ ۽ مَنْڊائِيُون: ث. منڊي ھجڻ جي حالت - مَنْدَ.

▬ مَنْڊو ڪَرَنْ: ھڪ ٻئي ڪان جڏو ڪرڻ - ويڪار ڪرڻ.

● مُنْڊو ۽ مُنْڊا: ذ. (سن. مُدْرا = مُنْڊي) چلو. ڪنن يا ھٿ ۾ پائڻ جو لوھي يا ڪاٺ جو وڏو چلو. والو. ڪنگڻ. ڏاڻن وارو ڪنگڻ. ڪَڙو - ڪنڊو. مُنْدرا - مُدرا.

▬ مُنْڊا پائِيُنْ: ڪَڙا چاڙھڻ - قابو ڪرڻ.

"مُنڊا پائج من ڪي، ڪن نہ ڪٽائھج."
(جان علي لغاري).

▬ مُنْڊا چاڙِھُنْ: مُنڊا پائڻ.

"مُنڊا ورھيج من ڪي، ڪن نہ ڏيارج چيرُ."
(جان علي لغاري).

● مُنْڊو ڊائِرو: اسم خاص. تعلقي روھڙيءَ ۾ ھڪ ڏيھہ جو نالو.

● مَنْڊھو ۽ مَنْڊھا (ث). ذ. شاديءَ ڪان اڳ گھوٽيتن طرفان نيات ڪي ڪارايل ماني.

● مَنْڊي ۽ مَنْڊِ يُونْ: ث. (سن. مَنْدَ = سينگارڻ). ڪچي اڏاوت. بازار. مارڪيٽ - مالڪيت. واپار ۾ مکيہ شھر (خاص ڪري اناج لاءِ). وارن جي گھنڊي - لَٽ - چڪ.

● مُنْڊِ يُ (ڪ) اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● مُنْدِ يُ ۽ مُنْڊِ يُون: ث. (سن. مُدير + ڪا > مُنْدُرا = مُنْدي). زيورن جو ھڪ قسم - آڱر ۾ پائڻ جو ھڪ زيور - آڱوٺي.

▬ مُنْڊِ يءَ ۾ ٽِيڪ ٽِيئَنْ: ڪُپي وڃڻ - ٽھڪي ڦھڪي ھڻڻ.

▬ مُنْڊِ يُونْ پَائِيُنْ: آڱرين ۾ آڱريون وجھي زور ڏيڻ. چنبا وجھڻ. قابو ڪرڻ. جھلڻ. ھٿ ادب جا ھڏڻ. آزيون نيزاريون ڪرڻ - ويتي ڪرڻ - منٽ ڪرڻ.

▬ مُنْڊِ يُون ٻُوَنْ: گيڙيون ھوڻ. (گاجرا).

● مُنْڊِيَ ۽ مُنْڊِيَ: ذ. (پرا. مُنْڊِيَ. سن. مُورڌا. پالي. مُدْڌا = مٿو) مٿو. منھن. اڳيون حصو - اڳياڙي - مُھڙ - مُھڻ. مٿيون حصو - مٿ - چوٽ - چوٽي - سير. شروعات - آرنپ - ابتدا شروع ٿيڻ وارو ھنڌ - آوائل - اڳاڙي (ڪتاب جو) ديباچو - مقدمہ - اپياس - پومڪا - مھاڳ. بنياد - مول. پاڙ. پيدائش - ڄُھائي. ڏُر - ڪير. مٿو - سڏانت - مَٽ. تَنھن مان جدا ڪيل جَٽو. پاھو ڪھاڙيءَ جو. مُڇو - ڪَپو - ڪَپ - گھٽ (ڪاٺ ۾). (صفت). مکيہ - وڏو - خاص - ڳرو - آوچو - ھلڪل خاصو سڏو.

▬ مُنْڊائِتو ۽ مُنْڊائِتا: ذ. صفت. ظرف. شروع ڪان - اصل ڪان - ڏُر ڪان - ڏُران - ڏرانتو - آوائلي - اِبتدائي - شروعاتي. اصلوڪو - آصلي - آصل - پراڪرت - پھربون. اصلائتو بنيادي - پيدائشي - موروثي. طبع زاد - جنسي. جھوني زماني جو - قديم - پراچين - اڻوٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُنڊيءُ ڪَرَڻُ: شروعات ڪرڻ - ابتدا ڪرڻ - جَوَ ڇڙڻ. ٿُهن مان جَوَ جدا ڪرڻ.

= مُنڊيائُونُ: ظرف. اصل ڪان - اوائلي - ابتدائي - اصلي.

● مِنڊيڻُ ۽ مِنڊيڻَ: ذ. صفت. سُستُ - ڍِلو - ڍِروُ - مِنڊيٽو. مائيٽو. نِسِڍو - نڪمچندڙ - بي جيو - نِٻر - ڍِنر. اندر جو ڪوٽو، پر باهران ساڏو ڏسجڻ ۾ ايندڙ - اندر ڪوٽو - ڪنڊو.

= مِنڊيٽائيُ: ث. سُستي. ڍِرائي. ڪُنڊائي. اندر ڪوٽائي.

= مِنڊيٽو ۽ مِنڊيٽا: ذ. صفت. مائيٽو. ڍِلو - ڍِروُ. سُست - ڪانڊُ.

● مُنڊيڻُ (ت): مصدر. گاڏهه بند ڪرڻ - بس ڪرڻ. ڪَنڀَڻُ - ڪَنڀَڻُ - ڪاڍڻ - وِڍڻُ. (مَنڊِ يو - مُنڊِ بندو - مُنڊِ ڀل)

= مُنڊِ جِيءُ پَوڻُ (ت): بند جيءِ پَوڻ - روڪجي بوڻ. هيسجي وڃڻ.

● مُنڊِو ۽ مُنڊِيا: ذ. (سن. مُورڌَن = متو) متو - مُنهڻ - سِرُ. چڙو. (آصفيه). مستطيل جو نڊو پاسو - ويڪر. بَرُ. پويون پاسو. ڪُلهو. ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪارڙن ڇِلرن سان، ست پَرَ، ڊيگهه ۾ ڪان ايڏائي انچ). صفت. (سن. مندَ = ڍِلو) مُڍو - لمو. ڍِلو (گاجرا).

● مُنڊِيءُ ۽ مُنڊِيءُ: ث. (سن. مُورڌَن = متو) متو - سِرُ - سِري - سِسِي. ڪُنڊُ. مرڇن جي ڏڙ. (ت) هڪ مڇيءَ جو قسم (ڪارن ڇِلرن سان، سِسِي گول، ڏڙ منهن هڪ جهڙو، ڊيگهه اڌ فوٽ ڪان ڏيڍ فوٽ تائين، اڪثر ساريال هوڪ جي ٻيٽ ٻاڻيءَ ۾ ٿئي).

= مُنڊِي پِڇڻ: ڪنڊ پِڇڻ - سِري مروڙڻ.

● مُنڊِيرِيءُ ۽ مُنڊِيرِيُونُ: ث. (سن). چاقلو هڏي پڪڙڻ ول جو هڪ قسم - دوا طور ڪم ايندڙ ول.

● مُنڊ هوُ ۽ مُنڊَ هَا (ث): ذ. چَنو - ڪُڙهه - چَهر.

● مُنڊ يُ ڪوڙ (ث): ث. شادي ۾ جي پڪي ڪرڻ لاءِ ڪهوڻين جي ڪنواريتن کي ڏنل موڪل. سانيانو.

● مُنتَرِ ۽ مُنتَرِيُونُ: ث. ميڙ بحرن جي اصطلاح ۾ مڇيءَ مارڻ جي ڪُڙهيءَ جو هڪ حصو - مُنتَرَ (ن - ب).

● مُنتَرُ ۽ مُنتَرَ (ت): ذ. ڪڙهيءَ جو هڪ عضو - پاڻ کي سُڪَ ڪرڻ لاءِ ڪاڻيءَ جو گول ڇلو - ڪوڙڪي جي ڳڻَ ۾ تار يا ڪاڻيءَ جو پل ٽڪرو (پکي سينگ ۽ مُنتَرُ جي وچ ۾ قاسندو آهي).

● مُنتَرُ ۽ مُنتَرَ: ذ. صفت. ٿوڙهو - ڪنجو - روڍو. "مُلو وڃي ڪَنڀَڪَرَ، توں مُنتَر ڪوڍ نهار" (شاهه ڪريم).

● مُنِروُ ۽ مُنِرا: ذ. مِٽي يا ڪاڻيءَ جي تصوير - مُورت (ت).

● مُنَرِ يُ ۽ مُنَرِ يُونُ (ل): ث. گول. ٻڙُ (چنبو جو).

● مُنڙوُ (ڪ): ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● مُنڙِ يُ ۽ مُنڙِ يُونُ: ث. مَلهه جو هڪ ڏاءُ - مُڏڙي. (ل). چالاڪي - حيرفت - ڪيڏ. مُنو ڪَڙُ. (گاجرا)

= مُنڙِ يُونُ ڏِيڻُ: چالاڪي ڪرڻ - حرفت ڪيڏڻ - اڪل بازي ڪرڻ.

● مُنڍِ لَ ۽ مُنڍِ لُونُ: ث. (ع) جاءِ نزول - نازل ٿيڻ جي جاءِ - لهڻ يا ترسڻ جي جاءِ - مُسافريءَ ۾ ٽڪ پِڇڻ جي جاءِ - ڀاڪي جي جاءِ - منزل گاهه - ڀاهو - پاڙو. سرڪاري عملدارن ۽ سندن عملي جي رهڻ جي جاءِ. سَراءِ - مهمان سَراءِ - مسافرخانو - ٽِڪاڻو - ٽِڪاڻو - گهرُ - خانو - جاءِ - مَسڪن - مَڪانُ - مُقام - رهائش گاهه - آستانو - جڳهه - هنڌُ. مسافريءَ جي رستي جا مقرر ٿيل نشان. هڪ ڏينهن جي مسافري درجو. حالت - اوسٿا - گت - ڪيفيت. ٻڙين، گاڏين يا ڪنهن جو انداز. نوڙيءَ جو هڪ قسم. (گاجرا).

= مُنڍِ لُ ۾ مَنڍِ لُ: ظرف. آهستي آهستي - ڏيري ڏيري. درجي بدرجي. ڏاڪي ۾ ڏاڪي.

= مُنڍِ لِتُ: ث. درجو. ڏاڪو. طبقو. مٿانهون ڏاڪو. ودو درجو. مرتبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَنْزِلُ کَٹَنُ: اڳتي هلڻ - قافلي جو هڪ هنڌان روانو ٿيڻ - منزل ٻڌڻ - ڪُوچ ڪرڻ.
= مَنْزِلُ گاهَ ۽ مَنْزِلُ گاهَ: مَنْزِلُ گاهُن: ث. منزل ڪرڻ جو هنڌ - منزل. پاهو - آستانو.
= مَنْزِلَ مارَنُ: مهم طئي ڪرڻ - پنڌ وڌڻ. مشڪل حل ڪرڻ.
"منزل مارڻ، پوئتي نهارڻ، اهو عيب آهي" (ڪبير شاهه).
= مَنْزِلِ مَقْصُودُ: ذ. مرضيءَ واري جاءِ. ارادي جي تڪميل وارو هنڌ. حد - ڊيسٽ - ٺڪاڻو - توڙ.
= مَنْزِلُوُ: ذ. صفت. منزل وارو - درجي وارو - ڏاڪي وارو - طبقي وارو. ساڙيءَ وارو. مثلاً: "دو منزلو، ٽي منزلو وغيره"
= مَنْزِلِيُ ۽ مَنْزِلِيُ: ذ. صفت. گهٽو پنڌ ڪندڙ - منزلون هڻندڙ. اڻ ٽڪ - مسافريءَ جو ڏاڍو.
● مَنْسُ: ذ. (سن). گوشت - ماس - مانُس - ماهه.
● مَنِسا ۽ مَنَسائُونُ: ث. (سن. مانس. ع. مَنْشَا = اڇا) اڇا - خواهش - مَنشا - مطلب - مراد - مقصد - چاهه - آس - تمنا - آما - آشا. مرضي - ارادو - نيت. (آصفيه).
● مَنَسُڪُ ۽ مَنَسُڪَ (ل): ذ. صفت. (سن. مَنَسْكَ = دل وارو). دل ڪي سڪ ڏيندڙ. دل وارو - روح وارو - خيال وارو - وٺندڙ - محبوب - دلبر.
● مَنِسُڪَائِي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● مَنَسْلِكُ: ذ. صفت. (ع. سَلَكَ). لڙهي ۽ پوئل - پوتل. گنيڊيل. (ع. ا. د).
● مَنُ سَلْوىٰ: اسم خاص. (ع). بني اسرائيل قوم جي لاءِ مٿان آسمان تان لٿل کاڌو.
● مَنَسُوبُ: صفت. (ع. نَسَبَ) نسبت ڪيل - متعلق. واسطو رکيل - لاڳاپو رکيل - تعلقيدار - لاڳاپيدار. (آصفيه). ڪنهن ڏانهن اشارو ڪيل.
● مَنَسُوخُ: د. صفت. (ع. نَسَخَ = هن رد ڪيو). ڪيڊيل - پري ڪيل. نابود ڪيل.
رد ڪيل - ميٽيل - ريٽيل - ڪاٽيل - ڪاڻا ڪيل - ڪٽيل - نسخ ڪيل - روڪيل. متروڪ - ناجائز - بي قاعدي.
= مَنَسُوخُ ٿيڻ: رد ٿيڻ - موقوف ٿيڻ - ڪٽجڻ - ڪاڻا ٿيڻ - متروڪ ٿيڻ - نامنظور ٿيڻ - نابحال ٿيڻ.
= مَنَسُوخُ ڪَرَنُ: رد ڪرڻ - ڪاڻا ڪرڻ - ڪاٽڻ. نابحال ڪرڻ - بي قاعدي ٺهرائڻ. روڪڻ - بند ڪرڻ - ميٽائڻ.
= مَنَسُوخِيُ ۽ مَنَسُوخِيُونُ: ث. نيورتي - ڪاٽ - چانٽ - نابحالي - نامنظوري.
● مَنَشُ ۽ مَنَشَ: ذ. (پرا. مانَسو > مَنَشْيَ = مائهو) مائهو - آدمي - انسان - ماڻس - بشر - مَنَسُ. مرد - مڙس - پُرش. گهر وارو - پٽيار - پتي - خاوند - شوهر - ڪانڊ.
● مَنشا ۽ مَنَشَائُونُ: ث. (ع. مَنْشا: سن. مانس = اڇا). خيال پيدا ٿيڻ جي جاءِ. ارادي پيدا ٿيڻ وارو هنڌ - دل. ارادو - اڇا - خواهش - مرضي - سڌ - ڪامنا - رُچي - لاڙو - رغبت. نيت - مقصد - مطلب - مراد. خيال - ارادو. معنيٰ - ارٿ. سبب - باعث - ڪارڻ.
● مَنِشِيُ ۽ مَنِشِيُ: ذ. صفت. (ع). آغاز ڪندڙ. پيدا ڪندڙ. پنهنجي دل مان گهاڙهه ڪندڙ. (آصفيه). ڪاتب - محرر - ليکڪ. انشا پرداز. لکپڙهه ڪندڙ - ڪلارڪ. مضمون نگار - خوش تحرير - خوش قلم. (آصفيه).
= مَنِشْگِيرِي ۽ مَنِشْگِيرُيُونُ: ث. لکپڙهه جو ڪم - محرري - ڪلارڪي.
= مَنِشِيانُو ۽ مَنْشِيانا: ذ. صفت. منشيءَ وارو - منشيءَ جو - منشيءَ جهڙو.
● مَنِشِيانِيُ: اسم خاص. آڏواڻي هندن جو هڪ ڀاڙو.
● مَنْصَبَ: ذ. (ع. نَصَبَ = هن ڪيو). قائم ٿيڻ جي جاءِ. رتبو - عهدو - پَدوي. خدمت - ڪم - ڊيوٽي. منصف جي ڪورٽ - ڪچهري. حڪومت. عاملي. (آصفيه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُنْصِفُ ۽ مُنْصِف: ذ. صفت. (ع. نِصْفُ = اڌ). انصاف ڪندڙ - نياءُ ڪندڙ - عادل - جج - ماجسٽريٽ - قاضي - مفتي - نياءُ ڪار. امين - نياڪر - حَڪَم - ثالث - سرپنچ. راءِ ڏيندڙ - وچ وارو.

▬ مُنْصِفَانَهه: صفت. انصاف جو - انصافا - انصاف روءِ - واجبي - حقي - جائز.

▬ مُنْصِفُ مِيزاجُ: ذ. صفت. انصاف پسند - نياڪاري - عادل - حق گو.

▬ مُنْصِفِيُ: ث. انصاف - نِياءُ - نِياءُ ڪاري. نِياڪَري - ٽالثي - اميپنَ. سچائي - رِهنمائي - نِياڪَرائي - امانت - نيبيرو - فيصلو.

● مَنْصُوبُ: صفت. (ع. نَصْبَ = هن ڪُٽايو) آپو ڪيل - ڪوڙيل - ٻهاريل - ڪڙو ڪيل - قائم ڪيل. (آصفيه).

● مَنْصُوبو ۽ مَنْصُوبا: ذ. (ع. مَنْصُوبَه > نَصْبَ = هن ڪڙو ڪو) برپا ڪيل شيءِ - ٻهاريل شيءِ. ڪنهن ڪم کي ٻهارڻ يا پوري ڪرڻ جي تدبير - حڪمت - دانائي. پَڇ گهڇ. سوچ - ويچار. جُڳت - آڌاءُ. قصد - ارادو - منشا - خواهش. رِڃَ - ناهه - تجويز - سِڃا. صلاح. سازش - فتنو - ڏُڪيڙ - بغاوت - ڦَڏو.

▬ مَنْصُوبو ڪَرَنُ: ارادو ڪرڻ - سِڃ سِڃڻ. تدبير ڪرڻ. ڪنهن جي خلاف ڪجهه رِڃَ رِڃڻ. سازش ڪرڻ - فتنو ڪرڻ - ڦڏو جاڳائڻ.

● مَنْصُورُ: صفت. (ع. نَصْرَ = هن مدد ڪئي) ياري ڏنل - مدد ڏنل - همراهي ڪيل - سهائتا ڏنل. (آصفيه). نصرت ڏنل - مُظفر - فيروزمند - فتح مند - فتحياب - سوپاريو. (آصفيه) (اسم خاص). هڪ مشهور صوفي درويش حُسين بن منصور، جنهن اناالحق جو نعرو هنيو. (آصفيه).

● مُنْضِيجُ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پساري وَکر جو هڪ قسم. ڪاڙهو - جوشاندو.

● مَنْطِقُ ۽ مَنْطِق: ذ. (ع. نَطَقَ = هُن ڳالهايو) ڳالهائڻ. نَطقُ - گويائي. ڳالهه - گفتگو - سُخن - گُفتار. ڳالهه ٻولهه - بات چيت - ٻول چال. تلفظ - لهجو. (آصفيه). فصاحت. خوش ڪلامي - خوش بياني. هڪ علم جو نالو - صحيح دليل آڻڻ جو علم - علم منطق - تَرڪ تاستر - نيلي وديا قاعدي جو بحث.

▬ مَنْطَقِيُ: ذ. صفت. منطق جو - منطق وارو. تَرڪ تاستري.

● مَنْطَقُو ۽ مَنْطَقَا: ذ. (ع. منطقه > نَطق = ٻڌو) علم جاگرافي موجب ڌرتيءَ کي پنجن طبعي پٽن مان هرهڪ پٽو - ڪمربند - ٻڌو.

▬ مَنْطَقَتَ الْبُرُوجِ: ذ. برجن جو گهيرو. راسچڪر - رَويو.

● مَنْظَرُ ۽ مَنْظَر: ذ. (ع. نَظَرَ). جاءِ نظر - آک - چڪر. نظر. نگاهه - ديد. اک جو ڪوپو. چهرو - رخ - صورت - شڪل. (آصفيه). نظر گاهه - سير گاهه جلوهه گاهه. تماسگاهه. نِظارو - ڏيک - ڏيکاءُ - لقاءُ. مطمح نظر - حد نگاهه - حد نظر - انتهاءِ نظر. (آصفيه).

● مَنْظُورُ: صفت. (ع. نَظَرَ). نظر ڪيل - ڏٺل. پسند ڪيل. قبول ڪيل - مڃيل - تسليم ڪيل. اقرار ڪيل. اجازت ڏنل. بحال ڪيل. بجا آندل.

▬ مَنْظُورُ ٿيَنُ: بحال ٿيڻ - قبول ٿيڻ.

▬ مَنْظُورُ ڪَرَنُ: قبول ڪرڻ - بحال ڪرڻ. تسليم ڪرڻ. مڃڻ. اجازت ڏيڻ.

▬ مَنْظُورِ نَظَرُ: صفت. پسنديده نظر. اکين ڪي وٺندڙ. مقبول - پسند - قبول. پياروءِ معشوق.

▬ مَنْظُورِي ۽ مَنْظُورِيُونُ: ث. پسندي - بحالي. اِقرار - قبوليت - احابت. رضا - رضامندي - مرضي. موڪل - اجازت. آ گيا - پروانگي - اختيار. (آصفيه).

● مَنْظُومُ: صفت. (ع. نَظْمَ). نظم ڪيل - پوتل. گڏيل. شعر ۾ آندل - علم عروض جي بحر يا وزن ۾ آندل.

● مَنَعُ ۽ مَنَعُونُ: ث. (ع). روڪ - پَل - جهل - اڏڪ - وِرُهن - پَڏڪ - پَڏِڪَ - پڇڪڙي - رندڪ - اڙڪو - اڏڪاءُ - چيڪ. ممانعت. انڪار.

▬ مَنَعُ ڪَرَنُ: روڪڻ - جهلڻ - پلڻ - ممانعت ڪرڻ. انڪار ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُتَبَع نامو ۽ مُتَبَع ناما: روڪ جو اطلاع - جهل نامو.

● مُتَعَقِد: صفت. (ع. عَقدَ). پڌندڙ - ڳنڍيندڙ - ملائيندڙ - جوڙ ڪندڙ. (آصفيه). مقرر ٿيندڙ.

● مُتَعَمِر آباد جاگيرَ: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو (لسٽ).

● مُتَفَعِت: ث. (ع. تفتح) فائدو - نفعو.

● مُتَفِي: صفت. (ع). ڪٽ ڪيل - ڪهٽ ڪيل - ڪائو.

- مُتَفِي نِشاني: ث. الجبرا جي اصطلاح ۾ ڪائو جي نشاني.

● مَتَن قُلِيا (ث): ڏڪ جو هڪ قسم.

● مُتَنَقِش: صفت (ع. نقش) نقس و نگار ڪيل - چِتَ ڪيل - چٽيل.

● مُتَقَطِع: صفت. (ع. قطع) قطع ڪيل - جدا ڪيل - ويڍيل.

● مَتَقُول: ذ. (ع. نَقل) نقل - بيان. (صفت). نقل ڪيل.

● مَتَكائي: اسم خاص. گورچاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● مُتَكَبر: ذ. صفت. (ع. انكبر) انڪار ڪيل. جنهن کي ڏسي سيڪو انڪار ڪري. مڪروهه - خراب - ناشائستو. قبيح - ڪوٽو. معيوب. زبون.

● مُتَكَبر ۽ مُتَكِبر: ذ. صفت. انڪار ڪندڙ - ناڪار ڪندڙ - نابري واريندڙ - نه مڃيندڙ - انڪاري - رد ڪندڙ - ناڪاري. شرع جي خلاف. خدا جي خدائيءَ کي نه مڃندڙ - ناستڪ - دهريو - نيرايشوروادي. (اسم خاص). قبر ۾ پڇا ڪندڙ هڪ فرشتي جو نالو.

- مُتَكِبر ٿيڻ: انڪاري ٿيڻ - ڦري وڃڻ. انڪار ڪرڻ - نه مڃڻ - ڪافر ٿيڻ.

- مُتَكِبر نَكِيرُ: اسم خاص. مسلمانن جي اعتقاد موجب مري ويل ڪنهن قبر ۾ پڇا ڪندڙ ٻن فرشتن جا نالا.

● مُتَكَسِر: ذ. صفت. (ع). ڀڳل - شڪسته - ٽٽل - زبون. (ع. ا. د).

- مُتَكَسِر مِزاج: ذ. صفت. نوڙت ڪندڙ - نياز ڪندڙ - نياز وارو - نيهنو.

● مُتَكِح: صفت. (ع). نڪاح ٻيهل - نڪاح ڪيل - نڪاحيل - اها عورت جنهن سان شرع موجب نڪاح ڪيو ويو هجي - زوجه - زال - استري. گهر واري. (آصفيه).

● مُتَكي ۽ مِتَكِيُون (ث): ث. چوڪري - ڇوڪري - ڇوڪرو - هارڙي. (راه).

● مُتَكَك ۽ مُتَكِك: ذ. (سن. مُتَشِيَة = ماڻهو) ماڻهو - آدمي - انسان - بشر. مڙس - مرد - پُرش.

● مُتَكالو ۽ مُتَكالا: ذ. (سن. مُتَكِل = هاڻ). ڪل - منگل.

● مُتَكائن: مصدر. (سن. مُرْ (ي) گ = مڱڻ). گهرائڻ - سڏائڻ. آڌائڻ. (مُتَكائيو - مُتَكائندو - مُتَكائيل).

● مُتَكتا: اسم خاص. پنندڙ فقرن جو هڪ قسم.

● مُتَكتو ۽ مُتَكتا: ذ. صف. (پرا. مُتَكتيا. سن. مُرِ (ي گ = مڱڻ). گهرندڙ - سوالي - ڀينو - فقير - ڀڪاري - مڱٿهار - پانڊ - گدا - گداگر - سائل - ڀينار.

● مُتَكِتو ۽ مُتَكِتا (ث): ذ. صف. ويڪرو - موڪرو - چوڙو.

● مُتَكَتَ ۽ مُتَكَتَ: ذ. (سن. مُكْتَ = چٽ). هندن جو شاديءَ وقت پاتل چٽ - مُتِڪ - مُڪت.

● مُتَكَتي ۽ مُتَكِتِيُون (ڪ): ث. ڏيڏري.

● مُتَكَتَر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُتَكَر ۽ مُتَكَر: ذ. (سن. مُكَرَه = مڇي). سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم - مُتَكرو - مانگر. (سن. مُتَكِل = هاڻ) هاڻ - آگ. (سرحسني - گر).

- مُتَكَرمَچ ۽ مُتَكَرمَچ: ذ. وڏي مڇيءَ جو هڪ قسم - منگر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= منگرو ۽ منگرا: ذ. منگر - منگرمچ.
● منگر ۽ منگير (ت): ذ. وڻو - جمن.
● منگراڻي: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● منگرکي: اسم خاص. تعلقي ڏني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● منگڙا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● منگسي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ميڙ ۾ تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● منگل ۽ منگل: ذ. (سن. منگل = سياڪو) سياڪو ڪم - سگورو ڪم - شب ڪم. سڀو سوڻ. آنند جي وارتا. خوشي - راحت. ڪلياڻ - سک - آنند. خوشيءَ جو گيت. راڳ. بهار جي سند جو جشن - جشن منڊل - ولاس. محفل. وندر. عيش. ميلو. مثلاً: جهنگل ۾ منگل لڳا پيا آهن. هڪ گرهه جو نالو (جو سورج جو ٻاهريون گرهه سڏجي، سج جي چوڌاري ۶۸۷ ڏينهن ۾ قيرو پورو ڪري، سندس ڏينهن ۲۴ ڪلاڪن ۾ ماڻيا ۳۷ منٽ جو ٿئي ٿو، منگل کي به چند آهن، سندس طبعي حالت ڏرتيءَ جهڙي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، انهيءَ کري سنسڪرت ۾ کيس "پومي پتر" ڪري سڏيندا آهن) - مريخ - مارس. علم نجوم موجب سخت (نحوست) اثر وارو گرهه - جلاد فلک. جنگ جو ديوتا. هفتي جو ٽيو ڏينهن - اڱارو. منگل. گرهه جي اثر ڪارڻ لاءِ نامي جو ڪنڊو ڪرو. (سن منگل = باهه) لوهي چلهه - ڪُل - سکري - ڪُولو - منگالو. ڪُورو - ٻڌي. "منگل منهنجي منَ ۾ ٻاريو هوت هنگام" (شاهه).
= منگلا: صفت. منگل جو - منگل وارو. سياڪو. (ث). صبح پرپات - فجر. (گاجرا).
= منگلا جا درشن ڪرڻ: ولپ آچارڻ. پنڌ وارن جو صبح جو مندر ۾ وڃڻ.
= منگلا چار: ذ. مجلس - جشن - محفل. خوشي - سُهڃ. ڪنهن به ڪم جي شروع ۾ ڪيل پرارٿنا - دعا. ڪنهن به ڪتاب جي مُنڊ واري پرارٿنا. مناجات. ثنا - حمد - صفت - ساراهه - واکاڻ. مبارڪ. سُڻي خبر - خوشخبري. (ث). صبح - پرپات.
= منگلا چوٿ: ذ. قمري مهيني جي ڪرشن پکَ جي آٺين چوٿين تاريخ جا سوير ڏينهن تي ٿئي (هندن جي عقدي موجب سياڪو ڏينهن آهي جنهن تي هندو ورت رکندا آهن).
= منگل سماچار: ذ. سُڻو سماچار - نيڪ احوال. خوش خبري - بشارت - اڇيل.
= منگليڪ: ذ. صفت. سڀي سڀوڻ وارو - منگل چوٿ جو ورت. سياڪو - شُبه - سگورو - نيڪ.
● منگلا: ث. (سن. منگل = سياڪو) صبح - فجر - پرپات.
● منگلاڻي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. (هندن جي تاريخ ص ۱۵۵).
● منگلي ۽ منگليون: ث (سن. منگل = سياڪو) ڪنهن جو هڪ قسم - چانديءَ جو ڪنگڻ - ڪڙو. پير تي اڇي پٽي واري ڪري.
● منگن: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪاڻي ۾). (سينسز ۱۹۳۱ع).
● منگڻ: مصدر. (سن سرْ (ي) گ = منگڻ) گهرڻ - مڱڻ. (منگيو - منگندو - منگيل).
● مينگڻ (ڪ): مصدر. رڌڻ (نديءَ پار جو). (مينگيو مينگندو - مينگينل)
● منگو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۾). تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● منگواليه ۽ منگواليون: ث. زيور جو هڪ قسم - واليه.
● منگوان: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد سنڌ ۾). (سينسز ۱۹۳۱ع).
● منگواڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● منگواڻي: اسم خاص. تعلقي ميڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● منگوچا: ذ. جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. مزا - تماشا - منگولا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَنڱگوچا مائڻ: مزا ڪرڻ - لطف ونڻ - عيش عشرت ڪرڻ.
● مَنڱگولا: ذ. منگوچا.
= منڱگولا مائڻ: منگوچا مائڻ.
● مَنڱگي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَنڱگي لڏه: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٹوري م هڪ ديهه جو نالو - مڱيلڏو (ماٹهوه جو نالو).
● مَنڱگهه ۽ مَنڱگهيڙون (ل): ث. مڪڻ گڏ ڪري رکڻ لاءِ ٽڪر جي وڏي ديگ.
● مَنڱگهه ۽ مَنڱگهه: ذ. (پرا. مَڪڱهه = ٿهلائڻ. سن. مَنڱگهه = وڃڻ). جاءِ جي مٿان هوا جي اچڻ لاءِ چت م لنگهه - بادگير. پاڻي جي پکيءَ جو هڪ قسم (پيٽ اڇو، ٻئي سيرانجهڙي مٽائنس چٽ) - چڪئو. وڙ - احساس - لائق.
● مَنڱگهه ۽ مَنڱگهه: ذ. ٽورو - وڙ - احسان - مڱهه.
= مَنڱگهه ڪرڻ: ٽورو ڪرڻ - وڙ ڪرڻ - احسان ڪرڻ.
● مَنڱگهه (ل): ذ. جانورن جو هڪ قسم.
● مَنڱگهائي: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد م هڪ ديهه جو نالو.
● مَنڱگهت ۽ مَنڱگهتَ: ذ. (پرا. مَنڱگنيتا. سن. مُنڪَ = چٽ). موڙ - مُڪ. گهوٽ کي مٿي تي ٻڌل سهري جو هڪ قسم تاج - چٽ. ٻانهن جي زيور جو هڪ قسم - مڱلي - چوڙو - ٻانهوٽو (ل) - دستي - ڪنگڻ - ڪنگڻ. ڪرائي يا مُرٻئي م ٻڌڻ جو هڪ زيور - بازيب. ڪرائي مُرهو - ڪُرهو.
● مَنڱگهتَ ۽ مَنڱگهتَ (ت): ذ. صفت. موڪو - مَنجيتَل - ويڳاڻو - وِسائتل - ڊِلو.
● مَنڱگهج: ت. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● مَنڱگهيرَ: ذ. (سن. مَارُگ شيوهَ). نالو هڪ مهيني جو - ناهري.
● مَنڱگهنُ ۽ مَنڱگهنَ: ذ. صفت. (سن. مَنڱنَ = محو). سرشار - ٻڌل - غرق - غلطان. خوشيءَ م پريل - هَرسن - آنندي - خوش - شاد. مست - بيخود. (آصفيه). (ذ). پکيءَ جو هڪ قسم.
● مَنڱگهن واري: اسم خاص. تعلقي روهڙي م هڪ ديهه جو نالو.
● مَنڱگهنَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَنڱگهين ۽ مَنڱگهين: ذ. (سن. ميگهه = بادل + و رڻ = رنگ). ليري يا ڪاري رنگ جو ڪوٽ. وڏو ڪوٽ - چوغو. لباس - پوشاڪ. (سن. مَنڱڪ ڻ). جيٽ جو هڪ قسم (جو ڪنڻن م رهي ۽ سهڻ واري جو رت چوسي).
= مَنڱگهنُ وارو ذ نڱگ هڻڻ: چُپ چاپ م نقصان رسائڻ.
● مَنڱگهو ۽ مَنڱگها: ذ. ٻسانگي ڪاني - ٻيلهنگ (جو وڙ جي در تي مٿجي). مُنهي - ٽوٽي. ٽڪر جي ٽاڻهه جو هڪ قسم - ڪير يا ڏڪ جو وڏو ڪنگر (ت).
= مَنڱگهيي ۽ مَنڱگهيڙون: ث. مَنڱگهه - لوٽي - دَڪي - لاتَ (ل) ڪنگر - لوٽو.
● مُنڱگهو ۽ مُنڱگها: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم. ڏٺ جو هڪ قسم.
● مَنڱگهيي: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ م هڪ ديهه جو نالو.
● مُنڱگهيي ۽ مُنڱگهيڙون (ت): ث. چاندي تپائڻ لاءِ لوهه جو چورس ٽڪر.
● مَنڱگهير ۽ مَنڱگهيرِيُون: ث. جهنگلي ڇٽو. ڏٺ جو هڪ قسم - مَنڱگهيري.
= مَنڱگهيري ۽ مَنڱگهيرِيُون: ث. مڪهير.
● مَنڱگ ۽ مَنڱگَ: ذ. آن جو هڪ قسم - مڱ.
● مَنڱگيري ۽ مَنڱگيرِيُون (ل): ث. ڏڳري - ڏونگري - ڏڪي - سؤنٽي.
● مَنڱگر يا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گڙهي ياسين، تعلقي روهڙي ۽ تعلقي ڏهري محبت م هڪ ديهه جو نالو.
● مَڱڻ: مصدر. مڱڻ (منگيو - منگندو - منگيل).
= مَنڱڻ ۽ مَنڱڻون: ث. گهر - طلب - سوال. مڱڻي ٽيل چوڪري - مڱيندي.
● مَنڱگايَل ۽ مَنڱگايَل: ذ. صفت. مڱڻو گهرايل - گهرايل - طلب ڪيل - سوال ڪيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَنڱڻهارُ ۽ مَنڱڻهارَ: ذ. صفت. گهرندڙ- طلب ڪندڙ- سوال ڪندڙ ٻيٽو - فقير- گداگر- ڀکياري.
= مَنڱيندڙُ ۽ مَنڱيندڙَ: ذ. صفت. گهرندڙ- طلب ڪندڙ- سوال ڪندڙ- فقير- ڀکياري- ٻينار - گدا - گداگر.
● مَنڱڻتهارَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَنُ موُدي: ذ. ٻارکي وَ ڪَتر جو هڪ قسم (ٻن سُڪل ميندي ۽ جهڙا، ٻج ڪاري رنگ تي، گول داڻا).
● مَنُ موُريو: ذ. دوائن جي ڪم ايندڙ ٻارکي وڪر جو هڪ قسم.
● مَنُ مُوميڙو (ت): اسم خاص. پکيءَ جو هڪ قسم.
● مَنُ موهيتو: ذ. ٻارکي وڪر جو هڪ قسم.
● مَنَنُ: ث. خُودي- آهو- پاڻپو.
● مَنَنِ ۽ مَنَنڻُ: ث. (سن. مر (ي) ج = صاف ڪرڻ) ڪپڙن کي ڏوئڻ لاءِ مصالحي ۽ وجهي مهڻ واري حالت- مَنارُ. انهيءَ حالت وارن ڪپڙن جو ڍِڪُ.
● مَنَنُ: مصدر. (سن. مرُ (ي) جَ = صاف ڪرڻ) مَلڻُ- مانجڻ. صاف ڪرڻ. گيسيءَ ۽ ڪار ۾ مَلڻ (ڪپڙا)- ڏوئڻ کان اڳ ۾ ڪپڙن کي مصالح ۾ وجهي مهڻ- مناڙڻ- مَناڙ ڪرڻ. مهٽ سهٽ ڪرڻ- مهڻ. (سن مر (ي) د = ليموڙڻ) ليموڙڻ. زور ڏيڻ- پيڙون ڏيڻ. (سن. مَنُ = مڃڻ) مڃڻ- قبول ڪرڻ. وڏو ڪري سمجهڻ- عزت ڪرڻ. يقين ڪرڻ. پروسو ڪرڻ. (منيو- مَنند و- مَنِيَلُ يا موجيو- موجند و- موجل).
● مَنَنُ ۽ مَنَنَ (ل): ذ. ننڍ جو هڪ حصو (جنهن ۾ چوڙيون، هارڙا وغيره پون).
● مَنَنُ: مصدر. (سن مَنْدَ = ڪُوڙڻ) ڪُوڙڻ- (وار) لاهڻ. ٻار جا پهرئين دفعي مٿي جا وار ڪُوڙڻ- جهنڊ لاهڻ (سڳن ۽ ساڻ سان). (مُنيو- مَنيندو- مُنيل).
● مُنَنُ ۽ مَنَنَ: ذ. (سن. مَنْدَ = ڪوڙڻ) ٻار جي پهرئين دفعي مٿي ڪُوڙڻ واري حالت. جهنڊ لهرائڻ واري حالت. (ل). ٻار جا چَرُ وارا- وار- جهنڊ. عقيقه.
= مُنَنُ لَهرائيڻُ: جهنڊَ لاهرائڻ.
● مَنُو: صفت. (سن. مَنَ = سمجهڻ) ڏاهو- دانشمند. (ذ). پهريون انسان. انسان ذات جو ابو (هندن جي خيال موجب هڪ پرلئي ۽ ٻي پرلئي جي وچ ۾ جيترو وقت دنيا رهندي تنهن کي 'ڪلپ' چوندا آهن، هن ڪلپ جا چوڏهن حصا ٿين ٿا، جن مان هر هڪ کي منونتر چيو وڃي ٿو. هرهڪ منونتر جي شروعات ۾ پهرين منو پيدا ٿيندو آهي، اهڙا ست منو هن وقت تائين ٿي گذريا آهن). (اسم خاص). هڪ رشيءَ جو نالو (جنهن شروع شروع ۾ قاعدا قانون ٺاهيا)- نوح عليه‌السلام.
● مِنوُ ۽ مِنا: ذ. صفت. ويندل نڪ وارو- نڊي نڪ وارو- بِينو. (ذ). ٻيلو. (ل). نڊو چوڪرو. (ث).
● مُنوُ ۽ مُنا: ذ. اٽ جو هڪ عضوو- اٽ ۾ لڳل هڪ وڏو ڪِلو. اٽ جي اڳن يا پوئن آپي ڪاٻي- مونو. ٻيڙيءَ جي تَرُ ۽ پاسي کي ملائيندڙ ڪاٻي. بيل گاڏيءَ ۾ ٻانڪ ۽ چورسي جي وچ ۾ لڳل ڪاٻي. ڪَتَ جو پاڻو. نار جو هڪ عضوو- وڏي چڪر ۾ وڏل آپي ڪاٻي. (صفت). ڪنهن به شيءِ جو ٽي يا گهي چار (¾) حصو- پوٽو. گهٽ - ٿورو. اٽپورو. لاٿو. مُڏو.
= مُنوُ پَڪانوُ: ذ. ٽوٽيءَ مٽان ٻن انگهن سان ٽلهي ٽوٽي (جنهن تي ڪاڃ جو هڪ پاسو رکجي).
= مُنوُ مُڙسُ ٽيئنُ: سن بلوغت کي ويجهو ٽين- جوانيءَ کي پهچن.
● مُنڍو: ذ. نڊو چوڪرو. ٻارُ. (صفت). پيارو. لاڏلو- دُلارو.
● مَنوُتِ: ث. مَنوتي.
● مَنوتَ: ث. (سن. مَنَ = سمجهڻ) سمجهڻ جي حالت (تہ ڏڻ، پت، استري وغيره سڀ منهنجا آهن) پنهنجائپ. (گاجرا).
● منوُتيُ ۽ منوتيوُنُ: ث. (سن. مانتَ > مَنُ = مڃڻ) مڃڻ جي حالت (نيبرو وغيره)-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَنجي - مَنجتا - منجوتي - قبوليت - اقرار. رضامند و. هائوڪار - هاڪار - اقرار. خاطر جمع. بلس - مڪا. نڏراڻ - پيتا (ت).

● مَنَوَّرُ ۽ مُنَوَّرُ: ذ. صفت. (ع. نُور). لوڻ ڏنل - روشني ڏسل - نوراني - نورانو. روشن چمڪندڙ - چاڪيدار - تابان. جهلڪا ڏيندڙ. مشهور - پڌرو.

● مَنَوَّراج: ذ. (سن. مَنَسَ = مَنَ + راج = راج > راج = چمڪ يا مشهوريءَ). دل جا وسوسا - من جا خيال - وهم - ڪلپنائون - اجايا پهه. بيوقوفيءَ جا خيال.

● مَنَورَتُ ۽ مَنَورَثَ: ذ. (سن. مَنَسَ > مَنَ + ارث = مطلب). من جي مراد - منو ڪامنا. ويچار - خيال. مطلب - مرضي - مراد. اڇا - خواهش. ارادو.

● مَنهَڪَائِي: اسم خاص. هوتوائي بلوچن جو هڪ قبيلو (تاريخ بلوچستان).

● مَنوهَار كَرَنَ (ث): گڏجي آڻيم و تائڻ.

● مَنوهَرَ: ذ. صفت. (سن. مَنَ + هَرَ = ڪٽي وڃڻ). دل چور - دل کي خوش ڪندڙ. من موهڻو - سهڻو - حسين - پيارو - پرينءَ. (اسم خاص). پرميشور جو هڪ نالو.

● مَنوهيڑي: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَنهَدَ: ظرف. اڳي - اڳيان - اڳتان (گاجرا).

● مَنهَدُ ۽ مَنهَدِ: ذ.ث. (سن مَنَبِپَ = اڏاوت) اڏيل ڪڪائين جاءِ - چڻو - منهن - شاميانو. اڏپ. پناهه - اجهو وسيلو (صفت) پناهه ڏيندڙ سنياليندڙ.

= مَنهَدُ مَنِي: ذ. صفت. مڪيه ماڻهو.

= مَنهِي ۽ مَنهِيُون: ث. پيهي. پونگي. جهوپڙي.

● مِنهَڙ ۽ مِنهَڙ: ذ. (سن. مِش). موسو. پهاڻو - عذر.

● مُنهُ: ذ. (سن. مُكَ = وات). منهن. (ضمير). مون - آءٌ - مان.

= مُنهَان: ظرف. مون ڪان (اڳ) - مونهان.

● مُنهَانڈو: ذ. ث. (سن. مُكَ = منهن). ڪوٽريءَ جو منهن. جاءِ جو اڳيون حصو - اڳياڙي. ڪنهن به جاءِ جي اڳيان پيل زمين ٽڪر - مهاڙي.

● مُنهَانڈو ۽ مُنهَانڈا: ذ. (سن. مُكَ = منهن) منهن - شڪل - شبيهه. بهريون روپ - صورت.

● مِنهَائِي: مصدر. (سن. مِش = منهن) موسو ڪرڻ - منهن ڪرڻ - بهانو ڪرڻ ميڪر ڪرڻ بهاني سان لڳڻ. (مِنهَائيو - مِنهَائيندو - مِنهَائيل).

● مَنهَنْ ۽ مَنهَنَ: ذ. (سن. مَنَبَپ > مَنَبَ = اڏڻ. سينگارڻ). لانديءَ - چاهرو - چاڇو - مَنهه - چنو - چپر - چَن. ڏ ڪ. ڪن ڪان يا تيلن جي چت (جنا فقط ٽوٽين تي ٻيل هجي). شاديءَ مرادي ۽ واري وقت ۾ اڏيل ڪڪائين جاءِ - منڊپ. ڪڪائين جاءِ - جهوپڙي - پنگي - پونگڙي. شاميانو - تنبو. پناهه - اجهو پوش - آڙ - بچاءُ. شاديءَ تي دعوتين ڪان ورتل پئسا - ونڊو - پهت.

= مَنهَنْ ڪوڙ (ث): ث. شاديءَ جي تاريخ جي مقرري - ٽيٻ - سانباهي. (ث).

= مَنهَنْ مَنِي: ذ. صفت. رئيس - مڪي - پريو مڙس - وڏيرو - پٽيل.

= مَنهَنْ مُوكَ ۽ مَنهَنْ مُوكَد: ذ. صفت. مَنهن مَني.

= مَنهَنْ و دَنْ: هندوڪي اصطلاح ۾ چوڪريءَ جمن.

● مَنهَيِ ۽ مَنهَيُونْ: ث (سن. مَنَبَپ = مَنهَنْ). پيهي - پونگي - جهوپڙي - لانديءَ - چاهرو - چاڇو.

= مَنهَنْ: مَنهَنْ - اوتارو - اوطاق.

"جنهين مَندي مَنهَن، تنهين جو آچارُ."
(ن - ب).

● مِنهُنْ ۽ مِنهَنْ: ذ. موسو - بهانو - عذر - ڏوڪ - ميڙ. گيگ - تيتال - مڪر - فريب - سبب - حرف - ڪيڏ بازي - ٽريڙ - چالو. ڏيکاءُ - دعويٰ.

= مِنهَائِي: مصدر. بهانو ڪرڻ - ميلو ڪرڻ - ڏوڪ ڪرڻ - گيگ ڪرڻ - مڪر ڪرڻ.

● مُنهُنْ ۽ مُنهَنْ: ذ. اسم (سن. مُكَ = مُنهَنْ). پيرا. مُنهُنْ = مُهانڈو). مُكَ - مهانڈو - چهرو - شڪل - صورت - مُهڙ - روه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيشاني - منهن جو پنو - نيرڙ - نيراڙ. وات - دهن - مُکُ - هوٺ - دوناڙ - دُون. مسول - مُنڊ - بنياد - اصل - ڏُر - مُهڪ - پيدائش - پُهائي - ڪير. شروعات - ابتدا - پهريائين. سوراخ - ڪِڙڪي - ٽُنڪ - ڇيد - سل. لنگهه - در - دروازو - داخلا. ڪنهن واهه يا درياءَ جي نڪرڻ جو هنڌ - منبع. پاسو - رخ - طرف. شان - ڏَيا - روب - رعب - حشمت - دٻدٻو - تاب - ڏاکو - جمت. نهار - خال - پرواهه - سانگو - لحاظ - رکڻي - ادب - عزت - ماڻ پاڻ - اورانهو - سنمان - قدر - تعظيم - مانُ - وقار. پاڻيءَ جي پسڻ (ڪپ جو) رڻ - ڏار. قلم جو نيب. ڪيڪ جي ڇهنب. رُخ - طرف - پاسو.

= مُنْهانْجِ ڙو ۽ مُنْهانْجِرَاڙُ: ذ. صفت. ڊڇندڙ هار - ڏيڇو هار.

= مُنْهانْڪِڙو ۽ مُنْهانْڪِرَاڙُ: ذ. صفت. روبرو - آهون سامهون - مقابل.

= مُنْهُنْ پَوُنُ: ناسند - نڪ وڻڻ - نڪ گهرڻ. ڪراهت اچڻ - نفرت اچڻ.

= مُنْهانْڊُ ۽ مُنْهانْڊَ: ذ. ڳوڙ جو منهن - پوريءَ جو منهن.

= مُنْهانْڊو ۽ مُنْهانْڊا: مُنهن - شبيهه - شڪل - شباهت. آرڪان - وصف.

= مُنْهانُ مُنْهُنْ: ظرف. منهن تائين (پريل) - چوڻيءَ تائين. ڪنڌ تار. روبرو - آهون سامهون - اڳيان - مُقابل - مُهندان.

= مُنْهُنْ آچو ٿيڻُ: خراب منهن ٿيڻ - ڪو ٻيجا ڪم ڪرڻ.

= مُنْهُنْ آچو ڪَرَنُ: ڪو اجوڳ ڪم ڪرڻ. بدڪاري ڪرڻ. تعدي ڪرڻ - جُٽ ڪرڻ.

= مُنْهُنْ اچو هُڻُ: پاڻ کي نالائق ثابت ڪرڻ.

= مُنْهُنْ آکاڙِي ۽ مُنْهُنْ آکاڙِيُونُ: ث. هرٽيل عورت. بي حيا - بي شرم (عورت).

= مُنْهُنْ آوُنداهِي ۽ مُنْهُنْ آوُنداهِيُونُ: ث. رات جي شروعات وارو وقت - سانجهي - نماشام - سينديا. اونده - انڌوڪار.

= مُنْهُنْ اولاڻِي ڪَرَنُ (ت): سبب ٻاهڻ - ٻهانو ڪرڻ - عذر ڪرڻ.

= مُنْهُنْ ٻُچِڙو ۽ مُنْهُنْ ٻُچِڙا: ذ. صفت. خراب منهن وارو - منهن منهن تي چڙهيل - سوڌ منهون - ڪاوڙيل.

= مُنْهُنْ ٻُچِڙو ڪَرَنُ: خراب منهن ڪرڻ. ڪاوڙ منهن ڪرڻ. منهن کي موڙو ڏيڻ ناراضگي ۽ ڪراهت جو اظهار ڪرڻ لاءِ منهن چيهو ڪرڻ. نفرت ڏيکارڻ.

= مُنْهُنْ ٻَڪو ڪَرَنُ: خراب ڪم ڪرڻ - ڏڪار جهڙو ڪم ڪرڻ - اڇو منهن ڪرڻ.

= مُنْهُنْ ٻَڪو ٿُڻُ: پاڻ کي نالائق ثابت ڪرڻ - ڪين جهڙو ڪم ڪرڻ.

= مُنْهُنْ ٻَنْڌُ ڪَرَنُ: وات بند ڪرڻ. خاموش ڪرائڻ - ماڻ ڪرائڻ. اعتراض ڪرڻ نه ڏيڻ. نڪته چيني کان روڪڻ - عيب جوئي کان ماڻ ڪرائڻ.

= مُنْهُنْ ٻَرَنَ: منهن چمڪڻ (عبادت ڪرڻ) - منهن مان نور يا جوت نڪرڻ.

= مُنْهُنْ پَسَ سان لڳَڻُ: لڄي ٿيڻ - شرمندو ٿيڻ - شرمسار ٿيڻ. پشيمان ٿيڻ - پڇتاءُ ڪرڻ.

= مُنْهُنْ پِٽِجڻُ: نه وڻڻ - منهاڻ پوڻ.

= مُنْهُنْ پَرَ: ظرف. آوندي منهن - آوندو.

= مُنْهُنْ پَرُ ڪِرَنُ: اوندي منهن ڪرڻ - اوندو ڊهڻ. سخت چوٽ لڳڻ. سخ - ڏوکو کائڻ - خوار خراب ٿيڻ - ذليل ٿيڻ.

= مُنْهُنْ پَلِيُ طرف ڪَرَنُ: ڪعبة الله شريف ڏانهن منهن ڪرڻ. حج لاءِ روانو ٿيڻ - ڪعبت الله ڏانهن سفر ڪرڻ.

= مُنْهُنْ پَلِيُ وِلايَت ڪَرَنُ: منهن پلي طرف ڪرڻ.

= مُنْهُنْ پوڪ: ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم.

= مُنْهُنْ پِيلو ٿيڻُ: لڄي ٿيڻ - شرمندو ٿيڻ. پشيمان ٿيڻ.

= مُنْهُنْ تَپِيُ وَڃَڻُ: چڙهه منهن ڪاڙهو ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُنْهنْ تڪڻ: منهن طرف نظر ڪرڻ ۽ صورت ڏسڻ - شڪل ڏسڻ - منهن ڏسڻ. منهن طرف گهور سان نهارڻ. ڪنهن شيءِ لاءِ واڇهائڻ. جهاتيون پائڻ.

= مُنْهنْ تهي: ظرف. سامهون - روبرو - بالمقابل - آمهون سامهون.

= مُنْهنْ تهي تَرار يُونْ مَتارَنْ (ڪ): عيب جوئي ڪرڻ - ڏوهه گناهه ڪولي پڌرا ڪرڻ. دل تراشڻ - آزارڻ - ڏکوئڻ.

= مُنْهنْ تهي تلڪ ڏيڻ (ڪ): منهن تي ليڪا ڪيڻ. عام اڳيان عيب جوئي ڪرڻ. راز فاش ڪرڻ.

= مُنْهنْ تهي تَوْ گهُمائيڻ: ڪارو منهن ڪرڻ. ڏوهه گناهه ظاهر ڪرڻ. عيب ڪولي پڌائڻ. راز فاش ڪرڻ.

= مُنْهنْ تهي تَنقمڙُونْ هَٽڻْ (ڪ): روبرو طعنا مهٽا ڏيڻ - اورانهين ڏيڻ. سڃ چئي ڏيڻ.

= مُنْهنْ تهي ٽامِٽِيي ڪُهمائيڻ (ڪ): ڳالهين ۾ مَيَاري يا حرفي ڪرڻ - ڪاٽيارو ڪرڻ.

= مُنْهنْ تهي ٽانڊا هارَنْ (ڪ): هارڻ هاري ڏيڻ - ستائڻ. ظلم ڪرڻ - ظلم مڃائڻ.

= مُنْهنْ تهي ٽوڪي ڏيڻ (ڪ): روڪ ٽوڪ چئي ڏيڻ - روبرو سڃ چئي ڏيڻ - منهن تي ڪهڪائي ڏيڻ.

= مُنْهنْ تهي ٻَٽاؤ پائيڻ (ڪ): روڪڻ - روڄ ڪرڻ - پار ڪيڻ - اوسارڻ. اوچنگارون ڏيڻ.

= مُنْهنْ تهي ٻَوڻ: جهڪائڻ - سيبائڻ - سُونهڻ. ڏهڻ - نهي ٻيهڻ - نهڪي ٻيهڻ - پورو ٿيڻ - ڪهڪي اچڻ. شان وڏان مڃڻ. پاڻ هوڻ - وڏڻ - پسند اچڻ.

= مُنْهنْ تهي چاڙ هَنْ (ڪ): روبرو ڪرڻ - منهن مقابل ڪرڻ - پيش ڪرڻ.

= مُنْهنْ تهي چِتَ ڪيڻ (ڪ): عام اڳيان سڃ چئي ڏيڻ.

= مُنْهنْ تهي چڙَ هَنْ: منهن مقابل ٿيڻ - رو برو ٿيڻ - مُنهان مُنهن ٿيڻ - سڌمک ٿيڻ - سامهون ٿيڻ - منهن ڏيڻ - مقابلو ڪرڻ.

= مُنْهنْ تهي چَوَنْ: منهن تي ٽوڪي ڏيڻ.

= مُنْهنْ تهي رُکَ چاوَ هَنْ (ڪ): منهن ۾ گهُنڊ پائڻ - شُوڪجڻ. جُٽ جي پرواهه نه ڪرڻ.

= مُنْهنْ تهي گُلَ ڪيڻ (ڪ): منهن تي چِتَ ڪيڻ.

= مُنْهنْ تهي مارُونْ ڏيڻ (ڪ): طعنا ڏيڻ - مهٽا ڏيڻ. اوپالا ڏيڻ

= مُنْهنْ تهي مِٽِيي چاوَ هَنْ (ڪ): منهن ۾ ٽلهو ٽيڻ. ڦڦو ٽيڻ - دَدَستو ٽيڻ.

= مُنْهنْ تهي مِٽ مِٽ ڪرَنْ: چاپلوسي ڪرڻ - خوشامد ڪرڻ - چمچاگيري ڪرڻ.

= مُنْهنْ تهي و رائِيُونْ و رائِيڻْ: روبرو جواب ڏيڻ. سِڌيُون ٻڌائڻ. سامهون ٽيڻ.

= مُنْهنْ تهي هَتْ گهُمائيڻ: نسڪڻ - رهڻ. چِتَ ٻڌڻ - دلبو ڏيڻ. ڏَڪارڻ - ڏاڏرائڻ - تاترائڻ.

= مُنْهنْ تهي هٽڻْ: سڃ چئي ڏيڻ - رک رکائي نه ڪرڻ - مُنهن تي ڪهڪائڻ.

= مُنْهنْ ٽامِٽِيي ٽِيي وَجَنْ: غُصي کان لال ٿي وڃڻ - تپي ٻاهه ٿي وڃڻ.

= مُنْهنْ ٽامِٽِيي هَٽڻْ: ڪاوڙ ۾ منهن ڳاڙهو ٿيڻ.

= مُنْهنْ ٽوڙ: صفت. منهن ڀڃندڙ - دندان شڪن. تمام سخت (جواب).

= مُنْهنْ ٽيِتْ (ت): (ڪنهن ڏي) ميار هجڻ. ڏوهه هجڻ.

= مُنْهنْ ٻاڻي وَرائِيڻْ: منهن ۾ پرجڻ. تندرست ٽيڻ. متارو ٽيڻ. سَرهو ٽيڻ. عزت واروڪرڻ.

= مُنْهنْ ٻائِيڻْ: ٻوٽ وجهڻ. وات وجهڻ. غور سان ڏسڻ - جاچڻ. جهاتي پائڻ. پرچائي ڪرڻ - اعزاز پُرسي ڪرڻ - غم خواري ڪرڻ. ڪنهن کي لحاظ پائي عرض ڪرڻ. ڪنهن کي پنهنجي طرفه جاڻڻ. (گاجرا).

= مُنْهنْ ٻَتائِيي ۽ مُنْهنْ ٻَتائِيُونْ: ث. منهن ڏيکارڻي. شاديءَ ۾ منهن ڏيکارڻ جي رسم جي ادائگي. لٽين پرليل ڪنوار کي منهن ڏسڻ جو ڏنل عيوضو - مُوڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُنْهنُ پَکو ڪرڻ: رڪ مُنهون ٿيڻ- رڪ منهون ٿيڻ. دل جو سخت ٿيڻ. بي حجاب ٿيڻ.
= مُنْهنُ پَوڻ: روبرو ملڻ. پرده نه ڪرڻ- ڪوبه حجاب نه ڪرڻ.
= مُنْهنُ پيلو ٿيڻ: شرمساريءَ سبب منهن جو رونق چڏڻ- منهن ڦڪو ٿيڻ.
= مُنْهنُ جاءِ تي هُجڻ: ٺاهوڪو هجڻ. لائق هجڻ- جوڳو هجڻ.
= مُنْهنُ پَکو ٿيڻ: بي حجاب ٿيڻ- بي شرم ٿيڻ. رڪ مُنهون ٿيڻ.
= مُنْهنُ جو پَنو لهڻ: مُنهن لٽهڻ- مُنهن هارجڻ. شرمنده ٿيڻ- شرمسار ٿيڻ- پشيمان ٿيڻ. ڏاڪارو ٿيڻ- رنجيده ٿيڻ. شڪي ٿيڻ.
= مُنْهنُ جو ڪَچو ٿيڻ: ڪاڇاهڻ جو خراب ٿيڻ. ڪاريون ڪند ڏيندڙ هڻڻ.
= مُنْهنُ جو ڪتجو هُڻڻ: وات ڪاڙهو هجڻ. شرم وارو هجڻ- حجاب وارو هڻڻ. شرميلو هڻڻ.
= مُنْهنُ جو ميٺو ٿيڻ: چتر زبان ٿيڻ. خوش گفتار ٿيڻ دغاباز ٿيڻ. دل جو پليت ٿيڻ.
= مُنْهنُ جُون ميائيون ڪائين (ڪ): دل ڪي خوش ڪرڻ. وات جا پُلاڪ ڪائڻ.
= مُنْهنُ جي مائيتي ڏيکارڻ (ڪ): ظاهري همدردي ڏيکارڻ. ڪُوڙا دلاسا ڏيڻ. نَلهو آسرن تي هلائڻ. دل ۾ دغا رکڻ. ويساهه ۾ مارڻ.
= مُنْهنُ چَنڊ: ث. آلڻي- ڦڻي.
= مُنْهنُ خال: ث. ڦڻي- آلڻي.
= مُنْهنُ ڏيکارڻ: شڪل ڏيکارڻ- صورت ڏسائڻ. ديدار ڪرائڻ. ملاقات ڪرڻ.
= مُنْهنُ ڏي نهارڻ: لحاظ ڪرڻ- مُروَت ڪرڻ- سانگو ڪرڻ.
= مُنْهنُ ڏيڻ: سامهون ٿيڻ. دوبدو ٿيڻ. مقابلو ڪرڻ. (تڪليف کي) سامهون ٿيڻ. (خرچ جو) پورائو ڪرڻ. وات اٽڪائڻ. مُهاڏو اٽڪائڻ. زور آزمائڻ.
= مُنْهنُ رَکڻ (ت): وهنوار رکڻ- ڏيڻ ليڻ رکڻ.

= مُنْهنُ رکيڻي ۽ مُنْهنُ رکيڻيون: ث. ننڍي هار جي مُنهن مٿان وڏل ڪپڙي جي پٽي- مُنهن رکي- دمدار.
= مُنْهنُ رَکي ۽ مُنْهنُ رَکيون: ث. مُنهن رکڻي.
= مُنْهنُ مُنڍو ۽ مُنْهنُ مُنڍا: ذ. ننڍو منهن. پيارو يا منڍو منهن.
= مُنْهنُ زورُ ۽ مُنْهنُ زورَ: ذ. صفت. جنهن کي ضابطي ۾ رکي نه سگهجي. آڇهلُ- بي لغامو- بي مُهارُ. بي ڇيو- بي فرمان. سرڪش- فسادي- بغاوتي. شوخ (گهوڙو)- چڙڙو ڀڃ- آزاد ايڊلگو. وات ڦاٽوڙو- ٻڪبڪيو- ٻڪواديء.
= مُنْهنُ سُڄائڻ: ناراض ٿيڻ- ڪاوڙجڻ- ڦُوڪجڻ- سيٽون سُڄائڻ.
= مُنْهنُ سُوٽو ۽ مُنْهنُ سُوٽا: ذ. صفت. ناراض شُوڪيل- ڦُوڪل- ڪاوڙيل- سيٽيل.
= مُنْهنُ شُوڪَنُ: منهن سُڄائڻ.
= مُنْهنُ فَٽُ: ذ. صفت. ڦاٽل منهن وارو. صاف گو.
= مُنْهنُ ڦُٽُ ۽ مُنْهنُ ڦُٽَ: ذ. صفت. لِلي چِيي نه ڪندڙ- صاف ڪُو- بي رياءِ.
= مُنْهنُ ڦِڪو ٿيڻ: منهن هيبو ٿيڻ- منهن زرد ٿيڻ. منهن جو پنو لهي وڃڻ- مُونجهو ٿيڻ. مايُوس ٿيڻ- غمگين ٿيڻ- اداس ٿيڻ- حيران پريشان ٿيڻ. پشيمان ٿيڻ- شرمسار ٿيڻ- شرمنده ٿيڻ.
= مُنْهنُ ڦَلَ: ث. ڦڻي- آلڻي- اوڪ- ڪيڙ- اوچرو.
= مُنْهنُ ڦيرڻ: منهن ٻئي پاسي ڪرڻ. منهن موڙڻ. بي رُخي اختيار ڪرڻ. ناراضهو ڏيکارڻ- ناراضگي ڏيکارڻ.
= مُنْهنُ ڪارائي ڪَرڻ: ٻُرو ڪم ڪرڻ- ٻُڇڙو ڪم ڪرڻ. ناجائز ڪم ڪرڻ.
= مُنْهنُ ڪارو ۽ مُنْهنُ ڪارا: ذ. صفت. سياه رُو. بد افعال- بد ڪردار. بد نام- رُسوا- خوار- خراب- ذليل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُنھنُ ڪارو ڪرڻ: منھن کي ڪاران لڳائڻ- منھن کي سياهي لڳائڻ. زنا ڪرڻ- حرام ڪرڻ- بدفعلي ڪرڻ. ناجائز ڪم ڪرڻ. بيڙائي ڪرڻ.

= مُنھ ٽِڪاڻ: ث. اعزاز پُرسي - پرچائي - غم خُواري - عذر خواهي.

= مُنھنُڪاڻ ڏيڻُ: پرچائي ڏيڻ - اعزاز پرسي ڪرڻ - غم خواري ڪرڻ.

= مُنھنُڪاڻ لاهيڻُ: اعزاز پرسي ڪرڻ - پرچائي ڪرڻ - غم خواري ڪرڻ - عذرخواهي ڪرڻ.

= مُنھنُ ڪَيڻُ: ٻوٽ ڪيڻ. منھن ٻاهر ڪيڻ - ظاهر ٿيڻ - نروار ٿيڻ - ڏيکاري ڏيڻ - پترو ٿيڻ - نمودار ٿيڻ.

= مُنھنُ ڪَرڻُ: رُخ ڪرڻ. وات (ڀ) وجهڻ. رُخ رکڻ - وڃڻ - روانو ٿيڻ (بنا پڇا ڳاڇا جي). پڄي وڃڻ.

= مُنھنُ ڪُوڙُ ٿَترو & مُنھن ڪُوڙُ ٿَنڀرا: ذ. صفت. نرم منھن وارو. شرميلو. لحاظي. حضور شرم. ڳالهائڻ ۾ نرمي ڏيکاريندڙ. لِلي چِهي ڪندڙ. ٻُني جي چوٽ تي لڳندڙ - پرمتڙيو.

= مُنھنُ ڪارَ: ث. منھن چنبو - منھن خال - منھن ڪال.

= مُنھن ڪالَ: ث. قيءَ - اُلٽي.

= مُنھنُ ڪانُ وَاڻُ (ت)؛ سخت ڳالهائڻ. لڄي ڪرڻ - شرمندو ڪرڻ.

= مُنھنُ ڳاڙهو ٿيڻُ: ڪاوڙ سبب منھن سرخ ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.

= مُنھنُ گھُنجائيڻُ: منھن ۾ گھنبو وجهڻ. ڪاوڙ يا نفرت سبب منھن کي موڙو ڏيڻ - ڪاوڙجڻ - ناراض ٿيڻ - ڪراهت ڪرڻ - نفرت ڪرڻ.

= مُنھنُ لڪائيڻُ: منھن نہ ڏيکارڻ - پردو ڪرڻ. حجاب ڪرڻ. نٺائن. گسائڻ.

= مُنھنُ لڳڻُ: منھن ٻوڙ - پردو نہ ڪرڻ. حجاب نہ ڪرڻ - شرم نہ ڪرڻ.

= مُنھنُ لڳتِيُ: ث. ڏيٺ ويٺ - ملاقات - سڃاڻپ - پَڇاڻ - واقفيت. رستو. لحاظ.

= مُنھنُ لٺھنُ: منھن جو ٻنو لٺھڻ. منھن جو رنگ گھٽ ٿيڻ - رونق لٺھڻ. ڦِڪو ٿيڻ - شرمسار ٿيڻ - لڄي ٿيڻ. پشيمان ٿيڻ.

= مُنھنُ مَارِيُ ڪَرَڻُ: بڪواس ڪرڻ. مهاڏو اٽڪائڻ. جهيڙو ڪرڻ - جهڳڙو ڪرڻ. ٽنٽو مچائڻ - رَدقد ڏيڻ - حجت ڪرڻ.

= مُنھنُ مانُ جوتُ ظاهر ٿِيَڻُ: منھن مان نور وسڻ - منھن چمڪڻ.

= مُنھنُ سانُ رتُ ٽمَڻُ: منھن ۾ رت جي گھٽائي هجڻ. حد درجي جي ڪاوڙ چڙهڻ.

= مُنھنُ مَانُ سَهِيُ ڪَرَڻُ: چهري ڏسڻ سان دل جو حال چائڻ. قياڦو سڃاڻڻ - طبيعت منجهان واقف ٿيڻ.

= مُنھنُ سَانُ مِٺو بولَڻُ: وات مان سٺا الفاظ ڪيڻ. خوش اخلاقيءَ سان ڳالهائڻ. پيار وارو ڳالهائڻ.

= مُنھنُ مان مٺيتا ٻَکَڻُ: منھن مان جوت ٻکڻ. عشق الهيءَ جا آثار منھن مان ظاهر ڏسجڻ ۾ اچڻ.

= مُنھنُ مَان نورُ ٻکَڻُ: منھن مان مٺيا ٻکڻ.

= مُنھنُ مَٽائيڻُ: منھن ڦيرائڻ. رخ بدلائڻ. پيرو پيڙ - اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏيڻ - اڃ وڃ بند ڪرڻ. ناراض ٿيڻ - ڪاوڙجڻ - غصو ڪرڻ.

= مُنھنُ مِٺو & مُنھنُ مِٺا (ڪ)؛ ذ. صفت. سهڻو - خوبصورت - سندر - حسين.

= مُنھنُ مِٺو ڪَرائيڻُ: ڪاڏهه مِٺي شيءِ ڪارائڻ. مٺائي ڪارائڻ.

= مُنھنُ مٺو ٻِڌَڻُ: رڙيون ڪرڻ - دانهون ڪرڻ - آهه و زاري ڪرڻ. رُڙڻ - رَڙڻ. واويلا مچائڻ. فرياد ڪرڻ.

= مُنھنُ مٺي ڪَرَڻُ: عزت وارو ڪرڻ. عزت وڌائڻ - مانائتو ڪرڻ.

= مُنھنُ مٺي ڪري مَلَڻُ: قولاڻ ۾ پرجي هلڻ. ٽبنڊ ڪرڻ - وڌائي ڪرڻ.

= مُنھنُ مُقابلُ & مُنھنُ مُقابِلُ: ذ. صفت. منھن سامهون - روبرو - آمهون سامهون - سنمک. اڳيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ مُنْهُنْ مُقابِلُ آڇڻ: روبرو ٿيڻ ـ آمهون سامهون ٿيڻ.
ـ مُنْهُنْ مُقابِلُ ٿيڻ: آمهون سامهون ٿيڻ ـ روبرو ٿيڻ ـ دوبدو ٿيڻ ـ مُنهان مُنهن ٿيڻ ـ سنمک ٿيڻ.
ـ مُنْهُنْ مُلاحظو: ذ. خيال ـ پرواهه ـ سانگو ـ لحاظ ـ رکڻي. ادب ـ عزت ـ هاءُ پاءُ ـ سَنمانُ.
ـ مُنْهُنْ موڙڻ: منهن ڦيرائڻ ـ رُخ ڦيرائڻ. پاسو کرڻ ـ موڙو کرڻ.
ـ مُنْهُنْ موڪ؛ ث. جهجهائي ـ گهٽائي. مُڪر ـ مٺبڙ سالي.
ـ مُنْهُنْ موڪ (ت): ذ. شادي ۽ جي هڪ رسم.
ـ مُنْهُنْ موٽڻ هٽڻ: ڪنڌ گوڏن ۾ هٽڻ. عبادت ۾ ويهڻ ـ مُراقبي ۾ ويهڻ. شرمندو ٿيڻ ـ لڄي ٿيڻ ڦڪو ٿيڻ. (ک).
ـ مُنْهُنْ ميرُ؛ ذ. منهن اونداهي ـ منهن ميرائي.
ـ مُنْهُنْ ميرائيي: ث. منهن اونداهي ـ منهن ميرَ ـ نِماشار ـ سانجهي ـ آجهندو ـ الڊ پرو. بي لحاظي ـ بي مُروتي ـ بي شرمائي.
ـ مُنْهُنْ ميڙ (ل)؛ ذ. صفت. رلٽو ميلٽو ـ ڪِلڪ. (ذ). سڀڪنهن ڦَرُ تي ميڙندڙ آ.
ـ مُنْهُنْ ميل: ذ. ملاقات ـ گڏجاڻي.
ـ مُنْهُنْ ميل ڪرڻ: ملاقات کرڻ ـ ميلڻ ـ گڏجڻ ـ گڏجاڻي کرڻ.
ـ مُنْهُنْ ۾ پاڻي آڇڻ؛ سرهو ٿيڻ ـ خوش ٿيڻ ـ راضي ٿيڻ ـ آسوده ٿيڻ.
ـ مُنْهُنْ ۾ ڏوڙ پائڻ؛ ٺڇڙو کر کرڻ ـ خراب کر کرڻ ـ ناجائز کر کرڻ. ٺڳي وڃڻ ـ دلبو ڏيئي وڃڻ. ٻُڇڙو ۽ خراب خوار ٿيڻ. "آزمائي کي آزمائي، سو ڏوڙ منهن ۾ پائي" (چوٽي).
ـ مُنْهُنْ ۾ ڏوڙ وهڻ؛ منهن ۾ ڏوڙ پائڻ.
ـ مُنْهُن ۾ سر و جهڻ: پيشاسي ۽ گهُنڄ وجهڻ ناراضگي يا نفرت سبب منهن کي موڙو ڏيڻ.
ـ مُنْهُنْ ۾ گهُنڊُ پاڻڻ: منهن ۾ سَرَ وجهڻ. ناراض ٿيڻ ـ ڪاوڙجڻ.

ـ مُنْهُنْ ۾ گهُنڄَ و جهڻ؛ منهن ۾ سَرَ وجهڻ.
ـ مُنْهُنْ ۾ مانيٽو ٿيڻ: فقيري رُوپ اختيار کرڻ ـ درويش ٿيڻ ـ الله لوڪ ٿيڻ. ظاهري غريب ٿيڻ.
ـ مُنْهُنْ ۾ ميڻي و جهڻ: منهن ۾ ڏوڙ پائڻ. ڪالهين ۾ (ٻُڌي کي) کوڙو ثابت کرڻ.
ـ مُنْهُنْ ۾ مٽيا مُٺڻ: منهن ۾ جوت هڻڻ. رعب وارو هجڻ ـ دٻدٻي وارو هجڻ ـ همٿ وارو هجڻ.
ـ مُنْهُنْ ۾ نُور و سَڻ؛ منهن مان نُور ٽِڪڻ.
ـ مُنْهُنْ هڻڻ: ڏيتي ليتي هجڻ ـ وهنوار هجڻ ـ حساب ڪتاب هجڻ. مُهاڙي هجڻ.
ـ مُنْهُنْ هيٺ ڪَرَڻ؛ ٻي لحاظ ٿيڻ ـ ٻي مُروت ٿيڻ ـ ٻي مُحابو ٿيڻ ـ شرمنده ٿيڻ ـ شرمسار ٿيڻ ـ پشيمان ٿيڻ.
ـ مُنْهُنْ هيٺ ڪَري هلڻ: نيوڙت سان هلڻ ـ نٽهنائي سان هلڻ ـ نماڻائي سان هلڻ ـ تمام غريب ٿي هلڻ. سنيالي هلڻ ـ ڏسي وائسي هلڻ ـ جاچي جُوچي هلڻ.
ـ مُنْهِين: ث. صفت. منهن جي ـ منهن واري. (ث) مُهاڏو.
ـ مُنْهِين آڏڪائين: مُهاڏو اڏڪائڻ. مُنهن ڏيڻ. جهڙو کرڻ. واڙورهڻ.
● مَنهنڊ (ل ـ ک): ظرف. اڳ ـ اوڙ ـ پهريائين. مُنڊ ۾ ـ اوائلي. اڳيان ـ اڳ ۾ ـ پيش. اڳتي ـ اڳيرو.
ـ مَنْهنڊار ≈ مَنْهنڊارَ: ذ. صفت. اڳواڻ ـ منهنديون ـ مهندار.
ـ مَنْهنڊان: ظرف. مَنهنڊ.
ـ مَنْهنڊاهُون ≈ مَنْهنڊاهان: ذ. صفت. اڳيون ـ اصلوڪو. پهريون ـ شروعاتي. اڳواڻ ـ سردار ـ مهندار.
ـ مَنْهنڊ پِرو ≈ مَنْهنڊ پِرا: ذ. صفت. ٽورو اڳيرو ـ اڳتون ـ اڳيان ـ اڳ ۾.
"نہ مولڻ سوت ڪان مانجهي،
هلڻ مَنهنڊار مَنهنڊ پِرا"
(احمد ملاح).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَنهنڊا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مَنهنڊو ۽ مَنهنڊُ (ل): ذ. ڳوڻ جي منهن سڀ وارو ڏاڙهو - پوريءَ جي منهن سڀ وارو ڏورو.
● مِينهن: مُڙي: ث. پيرت جو هڪ قسم - مينهن جي ڦڙين وانگي پريل پرت - پگڙي نموني پريل پرت.
● مَنهنگو ۽ مَنهنگا: ذ. صفت. (پرا. مَنهنگا + پنا: سن. مَنهنگا + پل ڪ = آڪرو). مهانگو - مهنگو.
- مَنهنگائي ۽ مَنهنگاءُ: ث. مهانگائي.
● مَنهن مُڙي: اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِينهن و ساڙو ۽ مِينهن وَساڙا: ذ. جيت جو هڪ قسم ورسات بعد پيدا ٿيندڙ ڪاڙهو جيت. هيندو - هيندوو.
● مَنهن: مصدر. (سن. مَسْ = وچوڙڻ، ڇڏڻ). نقصان پهچائڻ. تڪليف پهچائڻ - ايذائڻ. ناس ڪرڻ. (مَنهيو - مَنهيندو - مَنهيل).
● مَنهون ۽ مَنهان: ذ. (سن. مَشْكَ) جيت جو هڪ قسم (جو زمين جي آلاڻ تي پيدا ٿئي ۽ چڪ هٿي).
"جت مَنهَا. مڇ، ڪارڙا ... الخ."
(نامعلوم).
● مَنهوڻگيڙو ۽ مَنهوڻگيڙا: ذ. چوڙري جو دروازو يا لنگهه.
● مَنهي ۽ مَنهيون: ث. (سن. مَنْدِ = سينگارڻ، اڏڻ) ڪڪائين اڏيل جيت - لنڊ و مَنهه. جهوپڙو. ڇنو. (گاجرا).
● مَنهيار ۽ مَنهيار: ذ. صفت. (سن. مَنْ = جواهر + ڪار = ڪم ڪندڙ). ڪچ جو سامان وڪڻندڙ - سوداگر - مروهياڙ.
● مَنيءُ ۽ مَنيئون: ث. (ع). ذات - نطفو - ٻيرج - ويرو. ٻيندڙ. سن. (سن = مڃي) مڃيءَ جو هڪ قسم.
● مِنيءُ ۽ مِنيئون: ث. ٻيلي - قوسيٽي. نندي چوڪري. (ث). (صفت) ويل ڪ واري - ٻيني. (ل). "مِنيءَ ڪوپ ڪيني." (ٻاهڪو).

● مُنيءُ ۽ مُنيءُ: ذ. صفت. (سن). ڪهرو خيال ڪندڙ - ويچاروارو - مفڪر - ڏياني - فيلسوف - گيناني. تپ ڪندڙ - تپسوي زاهد - رشي - رکي - ولي. ساڌو - جوگي. سنياسي. لوڪ تياگي. پراڻن. (سن. مورڌن = مڪيه) مڪيه ماٿهو - مکي. سردار.
● مُنيءُ ۽ مُنيئون: ث. ٽوٽي - ٽنٽيو - ٽنب. ڪتل ڪاڻي. مَنگهو - ڪاڻي. ڪاهڻ جي لاءِ رکيل ول جي وچ ۾ ڪتل ڪاڻي (جنهن ۾ ڏاند ٻڌجن) - مُنو. (ل) ڪورڪي ڪم جي اصطلاح ۾ تاجيءَ جي ٻچاڙيءَ ۾ زمين ۾ ڪتل ڪاڻي (جهن ۾ آڻاوت مهل تاجيءَ کي ٻڌي ڇڏبو آهي). هُرلي جو هڪ عضوو - چڪر وارو آرو. (ل). هندن ۾ ڪنهن چوڪر جي شاديءَ تي ٺاهيل ڪاڻي (جنهن جي مٿان ٻه ڪاڻيون مٽيٽڙي وانگر لڳل هجن، انهيءَ ڪاڻيءَ ۾ نوڙي ٻڌل هوندي آهي جا اهنر شاديءَ کان اڳ ڪپندو ويندو آهي). چوڪريءَ جي وهاڻ تي چوڪريءَ جي مائٽن کي ڏنل پٺسا. ڪاردار يا اجاردار جي رهڻ جي جاءِ. ريڍن جي بند ڪرڻ جي جاءِ - واڙ - واڙو. (صفت). مُڏي - لَمسي - ڪُند. گهٽ - ٻوٽي. ٽي پائي چار حصي جيتري.
- مُنيائي: ث. مڏائي - لمائي.
- مُنيءُ ٻائيءُ: هندڪي اصطلاح ۾ ڪنهن دوست يا عزيز جي ڏيءَ جي شاديءَ تي ڪجهه پٺسا ڏيڻ لاءِ وڃڻ. (گاجرا).
- مُنيءُ ۾ ٻڌڻ (ت): ٽنب ۾ ٻڌڻ - سوگهو ڪرڻ. ضابطي ۾ رکڻ.
- مُنيئون پَڇڻ (ت): حد ڪان لنگهي وڃڻ.
- مُنيءُ هَريڙ (ت): صفت. نندي قد واروهيندرو.
● مُنيئاڇي (ت): ذ. مڙس ٻار بعد ٻئون ڇاول ٻار.
● مُنيئب ۽ مُنيئب: ذ. صفت. (ع). نائب. ڪارخاني جو مڪيه ڪم هلائيندڙ ماٿهو - گماشتو - پلاوٽو. ڪم هلائيندڙ - ڪارپرداز - سرپراهه - سنڀ.
- مُنيئم ۽ مُنيئم: ذ. صفت. منيب.
● مَنيءُ پُوري: ث. مڃيءَ جو هڪ قسم. (ن. ب).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَنِيئُرُ ۽ مَنِيئِرَ: ذ. صفت. (ع. نُور). نورواروءِ نور. چمڪندڙ - جهاڪندڙ - جهلڪٽو - روشن - چاڪندڙ. چمڪيدار - تجليدار.

● مَنِيئُونُ جاگِيئِرُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

● مَنِيئِڻانُ (ٽ): ٽ. ڪپهه جو پوٽيون جن سان ڪَسَنبي (ڪاريل آئيم) چاڻجي. (ن-ب).

● مَنِ ۽ مَٽِيُونُ: ٽ. اسم. (سن). نانگ جو مُهرُ (جون ٽا تہ واسينگ نانگ جي مٿي سان ٽنڊڙي لَسي ٽِڪي نڪرندي آهي، جا وري ڪنهن زهري نانگ جي ڏنگ تي رکجي تہ اها مَنِ زهر چوسي ڪيڏي ونندي آهي). مٽيو - موتي - مَٽڪو. قيمتي پٿر - جواهر - رَتن - هيرو. ماڻهوءَ جو مٽڪو. مٽيا. تجلّو.

● مَنُ ۽ مَنَ: ذ. (ع. مَنٌ = وزن) چاليهن سير تور جو هڪ وزن. (هيءُ لفظ عربي ۽ پارسيءَ مان "من = وزن" طور ڪم ايندو آهي، اهو لفظ ڏکڻ هندستان جي "ڪالديني" ۽ "دراوڙ" ٻولين ۾ پڻ موجود آهي ۽ پڻ سنسڪرت ۾ "ما = وزن ڪرڻ" آهي. عبراني ۾ "مانيهه + ايمن" موجود آهي. رومن ٻوليءَ ۾ "مين = مڻ" موجود آهي، انهيءَ ڪري اهو تعين ڪرڻ مشڪل آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهو لفظ ڪٿان آيو).

■ مَنُڪُ ۽ مَنُڪَ: ذ. صفت. مڻ وزن جو - مَنُ وارو. مڻ جيڏو.

■ مَنُڪَتِيُ ۽ مَنُڪَتِيُونُ: ٽ. ڪنهن جنس (اناج) جي مڻ ۾ اندازي سان ڪڍ ڪرڻ جي حالت - مَنُ ڪَنُ. سير تي مُجرائي. مڻ ۾ تور.

■ مَنُ ڪَنُ ۽ مَنَ ڪَنُونُ (ت): ٽ. ڪَنِ - داڻا بندي.

● مَنَائِنُ: مصدر. (سن. مَنٌ = جاڻڻ، ڏسڻ) ڏيکارڻ. ظاهر ڪرڻ.

● مَنُڪِرُوُ (ڪ-ل): ذ. پٿرت جو هڪ قسم.

● مَنِڪُوُ ۽ مَنِڪا: ذ. (سن. مَنِ = موتي) مٽيو - موتيي - داڻو. تسبيح جو داڻو. پٿر جو موتي. ڪچيءَ جي ٻُٽ جو هڏو. اک جي ماڻڪي. تارو - پُتلي.

■ مَنِڪُوُ چُڙَنُ: بيهوش ٿيڻ - ڏَڪرجڻ. ڪنڌ ڇڏڻ.

■ مَنِڪُوُ ڦيرنُ: مَنِيو ڦيرڻ - تسبيح پڙهڻ.

● مَنِڪِيُ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مِنِ مِنِ: ٽ. (سن. مَنَ = پُٽِڪو. ع. مِرُ مِرُ) چپن ۾ ڪالهاءُ - پُٽ پُٽ - مِرُ مِرُ - وِس وِس.

■ مِنِ مِنِ ڪَرَنُ: چپن ۾ ڪالهائڻ - پُٽ پُٽ ڪرڻ - مِرُ مِرُ ڪرڻ. پُٽڪات ڪرڻ - پُٽڪو ڪرڻ.

● مَنَنُ: مصدر. (سن. مَنُ = جاڻڻ، ڏسڻ) ڏسڻ - نهارڻ. جاچڻ - پَسڻ. رُخ رکڻ. رُلڻ. والارڻ - ڦرڻ (جاءِ). (مَنِيو مَنِيدو - مَنِيل).

● مِلَنُ: مصدر. (سن. مِلُ = ملڻ) گڏجڻ - مِلَنُ - پِرَنُ. گڏجي وڃڻ. لَهَنُ - حاصل ڪرڻ - هٿ ڪرڻ سهي ڪرڻ - سمجهڻ.

● مَٽُوُ ۽ مَٽا: ذ. صفت. (ع. ف. مَنُ = وزن) مڻ جو - مڻ وارو. مرڪبات ۾ اچي مٿن جو تعداد ظاهر ڪندڙ لفظ. مثلاً: "ٻه مَٽو، ٽي مٽو، چؤ مٽو" وغيره. (ث. مَٽِيُ ۽ مَٽِيُون).

● مِٽُوُ ۽ مِٽا: ذ. صفت. نڪ مان گالهائيندڙ - گهُٽو. مِنو - بِنو.

● مَٽُوهَرَ (ٽ): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● مٽي: حرف جر. ڏي - ڏانهن - پاسا - طرف - وٽ - لڳ - ڀَٽِ.

"هلندي هاڙو مٽي، ڪرڻ ڪوهه پيام"
(شاهه).

"ڀچي مَسَ علاج، ساهڙ مٽي سُوهڻي"
(سهڻي - شاهه).

● مَٽِيُ: ٽ. مَٽِيا. جوت - نُور. (گاجرا). موتي - مٽيو.

■ مَٽِيُ مالا: ٽ. مٽين يا رتنن جو ٺهيل هار - مالها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

■ مَٹيءُ هارُ: ذ. مَٹي مالا.
■ مَٹيءُ ڪنارُ: ذ صفت. مٽين جو ڪر ڪندڙ. سونارو.
● مٹيا ۽ مَٹيائُونُ: ث. (سن. مَٹيءُ). نور - روشنائي. جوت. تيجُ - جلوو. سونهن - سوپيا. تجلو - پرڪاش. خاص خوبي - جوهر. هوشياري. چمتڪار - ڪراست. سگهه - طاقت.
■ مَٹيادارُ ۽ مَٹيادار: ذ. صفت. مٹيا وارو - مَٹيارُ نوروارو. سهڻو - حَسين - خوبصورت - سندر. سگهه وارو - طاقت وارو - بَلوان.
■ مٹيارُ ۽ مٹيارَ: ذ. صفت. مٹيادار.
■ مَٹيارو ۽ مَٹيارا: ذ. صفت. مَٹ وارو. (ذ). ڪارو نانگ (جنهن جي مٿي ۾ مَٹ ٿئي).
■ مَٹيانُ: ث. مَٹيا.
● مٹيءُ پُورُ: ث. (سن). هٿ يوگ موجب بدن جي اٺن چڪرن مان هڪ چڪر جو نالو (جو دل وٽ ٿئي). (ڪاجرا).
● مٹيو ۽ مَٹيا: ذ. (سن. مَٹ = موتيءُ) موتي - مٽڪو - داڻو - پُهڙو. رتن - جواهر - هيرو. گهه - زيور. ڪوڙو موتي - ڪچ. پٿر جو مٽڪو. مٽڪو.
● مَٹيهارَ: ذ. صفت. (سن. مَٹيهٰڪارُ = مَٹيهارُ). مَٹيهاري وارو - زريءَ وغيره جو سامان وڪندڙ - مرعياڙ - مڃار.
■ مَٹيهاريءُ ۽ مَٹيهاريُونُ: ث. زري، ڪپڙا وغيره جو سامان - مرعياڙ جو سامان - مرعياڙي.
● موجَ مُوا: ذ. صفت. (سن مرت = مرڻ مصدر جو ماضي مطلق). مري ويل - مُرده - مُردو.
● مُوُ: ذ. (ف). وار - ڪيس - چِٽا - گيسو - ڪاڪُل. (ضمير) مون - مان - آءٌ.
■ مُوُشِڪافيءُ: ث. باريڪ جاچ - باريڪ بيني. انتهائي غور و خوض.
■ مُوُشِڪافيءُ ڪرڻُ: حد ڪان وڌيڪ خيال هلائڻ. باريڪ بيني ڪرڻ.
● مُوا: حرف ندا. او مري ويلَ! - مُٺا. ڪمبخت. (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو.

● مُواجِبُ: ذ. (ع موجب جو جمع). محنت جو عيوض (جيڪو واجب هجي). پگهار - تنخواهه - وظيفو - ماهيانو. مزوري - مزدوري - پورهيو - لوازمو.
● مُوا چورا: اسر خاص. تعلقي شهداد پُور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُواچَ: اسر خاص. ڪراچيءَ وٽ ماريهو ڪاڻ جي اصل ميدان جو اڳيون نالو. فيدر ايريا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُؤاخذو ڪَرَنُ: و ث پڪڙ ڪرڻ - ڪيتو لوڙائڻ - بدلو وٺڻ - انتقام وٺڻ - عيوضو وٺڻ. ڪيل ڏوهه جي سخت سزا وٺڻ.
● مُوادُ ۽ مُوادَ: ذ. (ع. جمع ساده جو) هر شيءِ جو اصل - مادهه - جوهر - مايو. مال. مصالح مضمون.
● مُوادِي: ظرف. ڪڏهين - بعضي - ڪاهي. ڪاهي ڪاهي - بعضي بعضي - اتفاقاً - اتفاق سان - قسمت سان.
● مُواڙُ ۽ مُواڙَ: ذ. صفت. مٽارو - ٽُلهو.
● مُواڙُ ٽيڻُ: مٽارو ٽيڻ - ٽلهو ٽيڻ.
● مُواڙِ جَنُ: مصدر. ٽلهو ٽيڻ - مغرور ٽيڻ - هٺيلو ٽيڻ - مجازي ٽيڻ - هٺ ۾ پرجڻ. پاڻ زورو ٽيڻ - خود سر ٽيڻ - هوڏِي ٽيڻ - پاڻ ٻُرتڙيو ٽيڻ. خود غرض ٽيڻ. پنهنجي رُ ڪي هلڻ - بي پرواهه ٽيڻ. (مواڙيو - مواڙهو - مواڙيل).
● مُوازِيُ: (ف). مُبادا جو بگڙيل). شايد - متان - جِي - نڃاتا - مَڃُ - جيڪر - الاهي.
● مُواسُ ۽ مُواسَ: ذ. صفت. فسادي - بٽاڪي - باغي - ڦريل. مغرور - هٺيلو - آپماني - مجازي - آفريل - دماغي - هٺي. بحثي - ڪج بحث ضابطي ۾ رهندڙ - بي لغام - آجهل. سرڪش. بيپرواهه - البيلو. رَوشائي - لَهري - چنچل. مست - مَگ. بي غيرت - بي عود و - بي شرم. ناشناس - بي ڏنگو - آن گهڙيو - آڏنگو.
■ مُواسيءُ ۽ مُواسيُونُ: ث. مغروري - گهمنڊ - غرور - تڪبر - مجاز. اپمان. اهنڪار فَخر - مَرڪ - ناز - ماڻو - لاڏ - چاڪ. البيلائي. لاپرواهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= سواسيءُ ۽ مَواسيءُ: ذ. صفت. مَواس- هڻ.
● سواسِجڻُ: مغرور ٿيڻ. هٿيلو ٿيڻ. سڳجڻ- مَست ٿيڻ. ايمان جي ڪري جهلَ پَل ڪان ڪري وڃڻ. اهنڪار ڪري ٻيهودو هلڻ. البيلائي سان ورتڻ. (مواسيو- مواسيندو- مواسيل).
● سواشيءُ: ذ. (ف). چوپايو مال.
● مُوافِقُ: صفت. (ع. وَفَقَ) مُطابق- جهڙو- ساڳيو- موجب- پٽاڌر- سارُو. برابر- ٺيڪ- جوڳو. سهڻ جهڙو- سُهائيندڙ- وٺندڙ- پاءِ هوندڙ- سِياڻيندڙ. هوروپُنو- وچولو- معتدل. مناسب.
= مُوافقَتَ: ث. جهڙائي. برابري. سُٽائي. دلپسندي. ٺاهڪ ميلاپ- ميل. لائقي.
● مَوالِيءُ ۽ مَوالِيءُ: ذ. صفت. (ع. مولىٰ جو جمع) خاوند- ڌڻي. دوست. غلام. نوڪر- چاڪر. (سن. مَد = مستي) مستيءَ وارو- مست. نشو واپرائيندڙ- نشئي. علتي فقير.
● مَواهِيرُ: ذ. (ع. مُهر جو جمع) مُهرون- ٽپا صحيحون. (گاجرا).
● مُوَبِدُ: ذ. (ف). پارسين جو پروهت- زردشتين جو پيرُ. معبد- مڙهي. (گاجرا).
● موُبِيءُ ۽ موُبِيءُ: ذ. صفت. (ع. مُرْبِي = وڏو) وڏو- مُربي. سڀ ڪان وڏو (پٽ يا پاڻ). مُکيُ. سردار. (گاجرا).
● مَوُتُ ۽ مَوُتَ: ذ. (ع. مَوْتُ. سڃ. مرُ (ي) تِيمُتهه > مَترِ (ي) = مرڻ) وفات- مرگ- فوتُ- انتقال- مرتيو- مرڻو- رضا- قضا- رحلت. ڪالُ- اجَلُ- آزلُ- عزرائيل- ڪُني. خرابي. شامت. مصيبت. فنا.
= مَوُتُ آڻڻُ: وفات ٿيڻ- وفات ڪرڻ. ڪالُ اچڻ- آزَلُ اچڻ فنائي اچڻ مصيبت اچڻ.
= مَوُتُ جوُ گهنيڊُ گُڙَڻُ: موت جو پڙلاءُ ڪنن تي ٻوڻ. موت اچڻ جا ڏسڻ ٻوڻ.
= مَوُتُ کي سَڏُ ڪرڻُ: ڪنيءَ کي سڏڻ. عزرائيل کي سڏڻ. خوفناڪ ڪم ڪرڻ. سِرُ وڃڻ جهڙا ڪم ڪرڻ.

= مَوُتِيارُ ۽ مَوُتِيمارَ: ذ. صفت. مارِيندڙ. قاتل- گهاتي- ڪاري- مارُو- خُونِي.
● موُتَڙَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● موُتِيڙُو: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم- ماتا جو هڪ قسم (جنهن ۾ داڻا موتيءَ جي داڻي جيڏا ٿڪرن).
● موُتِيءُ ۽ موُتِيءُ: ذ. (دراوڙي مُڪُنَ. پرا. موتي سن. موتي پڪَ > مئو ڪتِڪَ > مُڪُنا = موتي) مٽيو- هيرو- جواهر- رتنُ. چمڪندڙ رتن. سامونڊي سپ مان نڪتل داڻو- ٻِهُڙو- مرواريد- لُؤلؤ- گوهر- دُر. مٽڪو. ڪوبہ شيشي وغيره مان ٺهيل موتي.
= موُتِياڻُونُ: صفت. موتين وارو. موتين سان جُڙيل.
= موُتِيءَ جوُ داڻوُ هُنَنُ: سوينڪ هڻڻ- سهڻو هڻڻ- حَسين هڻڻ.
= موُتِيءُ وِنڊَڻُ: موتين کي هار ٺاهڻ جي لاءِ ٽُنڪ ڪرڻ.
= موُتِيڻُڙُو ۽ موُتِيڻُڙا: اسم تصغير. ننڍو موتي.
● موُتِيا: ذ. جانورن جو هڪ قسم- موتيا.
● موُتِيا بَنَڊُ ۽ موُتِيا بَنَڊ: ذ. اکين جي بيماريءَ جو هڪ قسم- اک جي ماڪيءَ کي (ڪنهن شيءِ آڏو اچڻ سبب) پردو اچي وڃڻ جي حالت (جنهن ۾ نظر نہ پوندي آهي)- موتيا پاڻي.
● موُتِيوُ ۽ موُتِيا: ذ. ڪُل جو هڪ قسم.
"موتيو آتي مار جتي پاڻي هجي تار"
(گلشڪر).
بيماريءَ جو هڪ قسم- اکين مان هر وقت پاڻي وَهڻ جي بيماري. لڙڪ وهڻ.
= موُتِيوُ پاڻِيُ: ذ. موتيا بَنَڊُ.
● موُتِيُ چُورا جوُ لڈُونُ: ذ. مٺائيءَ جو هڪ قسم. سنهي سُوندي سان ٺهيل لڈون.
● موُتِيُ چُوڙُ لتغارُ ۽ موُتِيُ چُوڙَ لتغارُ: ذ. گهوڙي جي واڇن ۾ وجهن جو لوهي دهانو- ڏالو (جنهن تي لوهي داڻا داڻا ٿين).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● موٹيٹا: ذ. جانورن جو هڪ قسم - موتيا.
● موٹ ۽ موٹُون (ل): ث. (سن. ناگر مُستا) بوٹيءَ جو هڪ قسم (جنهن جي ٻاڙ دوا طور ڪم اچي). ڪتل (گاهه) جي ٻاڙ - موٹ - موٹالو. (ڪ).
= موٹ ۽ موٹ (ڪ): ذ. موٹ.
= موٹالو ۽ موٹالا (ڪ): ذ. موٹ هوٹو.
● موٹاج ۽ موٹاجَ: ذ. صفت. (ع. مُحْتَاج = گهرجاڻو) گهرجاڻو - ضرورتمند - محتاج. هيٺو - ڪمزور - نهل. نماڻو - غريب - نڌر.
= موٹارو ۽ موٹارا (ل): ذ. پوائتو خواب - اوٽارو. (ن.ب).
● موٹر: اسم خاص. تعلقي فيض گنج (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُوٹِري: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موٹو ۽ موٹا: ذ. صفت. (سن. مَتندَ = سُسُت). آلسي - آرسي - ڍوٽي - ڪاهل - سست - ڪاهٽ - گهرَ. آهو ماڻهو جو هڪ هنڌ ٻيو هجي - ڏَهر. ٻي سمجهه.
● موٹا: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. (هندو لهاڻن جو هڪ ٻاڙو).
● مُوٹانُڪو: ذ. (سن. مُوتْرَ = مُٺ). بدن ۾ مُٺ ڪڏ ٿيڻ جو هنڌ - مٿانو.
● موٹر ۽ موٹر: ذ. (انگ). سواريءَ جي لاءِ استعمال ٿيندڙ مشن تي هلندڙ هڪ لنڊ و محفو.
= موٹرُ ڊرائيوَرُ: ذ. صفت. موٹر هلائيندڙ - شوفر.
= موٹرُ سائيڪل ۽ موٹر سائيڪلُون: ث. مشن تي هلندڙ سائيڪل - ڦٽڦٽي موٹر.
● مُوٹري ۽ مُوٹِريُون: ث. هڏ - هڏڙي - پَروٹي - پَروڙي - موٹڙي.
● مُوٹڙي ۽ مُوٹڙِيُون: ث. موٹري.
● موٹڪو (ٿ): ذ. صفت. وڏي ۽ ٿلهي دانهي وارو (آناج).
● موٹيمَلَ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب‌شاهه ۾ رهندڙ).

● موٹَنُ: مصدر. موٹي اچڻ - موٹي وڃڻ - موٽ ڪائڻ - وَرڻ - واپس اچڻ. پوبان پير ڪرڻ - پُنتي هٽڻ. هٽڻ - ٻُٽ ڏيڻ. اصلوڪي حالت ۾ اچڻ. لهڻ (بدن ۾) - ڪهنجڻ. پڌارجڻ - روانو ٿيڻ - آسهن - موڪلائڻ. (موٹيو - موٹندو - موٹيل).
= موٹ ۽ موٹُون: ث. پوئتي ورڻ جي حالت - پوبان پير - واپسي. ٻُٽ - پُشتي - لاڙو - روانگي - آسهه. موٹڻ جو خرچ. ڏل يا محصول واپس ڪرڻ جي حالت. تيرورن جو ڪنهن جسم سان لڳي اڏل ڪائڻ جي حالت - ڪيرڻ جي موڙ.
= موٹَنائِنُ: مصدر. موٹائي ڏيڻ - واپس ڪرڻ - موٹي ڏيڻ - ادا ڪرڻ - واپس ڏيڻ - ورائڻ. پوئتي ورائڻ. رَد ڪرڻ - نامنظور ڪرڻ - ڏيڻ - قبولڻ. اِنڪار ڪرڻ. نااميد ڪرڻ. (موٹائيو - موٹائيندو - موٹائيل).
● موٹ ڪائِنُ: هٽڻ - ٻُٽ ڏيڻ. واپس ورڻ - موٹي اچڻ. پوئتي هٽڻ (ويرَ، لهر وغيره جو). پوبان پير ڪرڻ. جنگ جي ميدان مان هٽڻ. ڪهنجڻ - جهنجڻ - مُڙڻ - لهڻ - چِڙڻ (پاڻيءَ جو).
= موٹِيُ: ظرف. وري اچڻ - واپس ٿي - پوبان پير ڪري - گهرو ڪائي - ڦيرو ڪري. آٽلي. وري - ٻيهر. ٻئي دفعي. آئينده.
● موٹو ۽ موٹا: ذ. صفت. (پرا. موتَ: سن. موٹو + ڪ > موٹ = ٿلهو). ٻ ۽ پ پريل - ٿلهو - متارو - دنبو. گهاٽو - گوڙهو (ڪپڙو). دُهرو - ٻنو. وڏو. سڀو - چڪنو. ٻُسي وارو - شاهوڪار. (ث. موٹِيُ ۽ موٹِيُون).
= موٹائِيُ ۽ موٹائِيُون: ث. ٿلهائي - متارائي. گهاٽائي. دُهرائي.
= موٹِيُ آسامِيُ ۽ موٹِيُ آسامِيُون: ث. صفت. شاهوڪار ماڻهو.
= مُوٹو ۽ مُوٹا: ذ. گهوڙي جي بيماريءَ جو هڪ قسم - پوئين گوڏي تي لڪل هڏي (جنهن ۾ گوڏي جون نسون ڳنڍجي پون ۽ گهوڙو منڊو ٽي پوي). آڻ جي بيماريءَ جو هڪ قسم - سيءُ ڪنڊي ڏاول ٻار يا ڦر جو ناڙو. (ن.ب).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُونءُ چڏائِڻُ: ناڙو ڪڍڻ. (ن - ب).
= مُونءُ مُوڙ هَڻُ: معاملو مُنجهڻ.
● مَونءُ مَهِرِ: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موُڻيارُ ۽ موُڻيارَ (ڪ): ذ. صفت. رئيسُ - حسب نسب ۾ عزت وارو. (ن - ب).
● موُڻَ (ث): ث. ٽوپي جو هڪ قسم - اوني.
= موُڻُ ڏيڻُ: ڪپڙي ڪي اوني ڏيڻ.
● موُڻُ: ذ. (سن. مڪُٽَ = موٽَ) دال جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم. (ت).
● مونڙو ۽ مونڙا: ذ. (پرا. مونڙ يُو). چٽن وارو ڪپڙو. زناني سٽڻ جي ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي سنهيون ليڪون زنجيرن وانگر عجن)
= مونڙانٽُونُ: ذ صفت. مونڙي سان لاڳاپو رکندڙ.
= مونڙِ يو ۽ مونڙِ يا: ذ. مونڙو.
● مونڊُ (ل-ث) مصدر. ڪوهه مان هٿن سان ورت چڪي پاڻي ٻاهر ڪڍڻ. (مونڊيو - مونڊينڊو - مونڊيلُ).
● مَوج ۽ مَوجُونُ: ث. (ع. موج = لَهر). لهر - ترنگ - چَل - چولي. طبيعت جي خوشي - ولولو. جذبات جو اُپار - اُمنگ - آچنگ. جوش - جذبو. لهرو. پور - ريچڪ - ہُڏ ڪي. وهر - خيال - سوداءُ. مستي. خوشي زور - قوهه (درياءَ وغيره جو). مزو - رهسو - وندڙ - عيش - آرام. جهجهاٽي - ڪهٽائي. (اسم خاص). مير رستم خان اول جي مشهور تلوار جو نالو. (ن ب).
= مَوجُزنُ: ذ. صفت. لهريون هڻندڙ - چوليون ڪندڙ.
= مَوجَ ڪرَڻُ: عيش ۽ عشرت ڪرڻ - مزو ڪرڻ.
= مَوج ۾ اچڻُ: لهر ۾ اچڻ - ترنگ ۾ اچڻ - ڏڻ ۾ اچڻ - وجد ۾ اچڻ مزي ۾ اچڻ.
= مَوجُون ڪرڻُ: (سمنڊ جو) اڻڻ - وهر ڪرڻ - آچارو ڪرڻ - چاڙهه ڪرڻ.
= موُجُونُ ڪرڻُ: خوشي ڪرڻ - آنند ڪرڻ - مزا ڪرڻ - عيش عشرت ڪرڻ.
= مَوجُونُ مانڻُ: خوشيون مائڻ - موجون ڪرڻ.

= مَوجِي ۽ مَوجِي: صفت. لهري چاڙهه ڪيل - چڙهيل. پورالو - دلوالو - مَتوالو - مَتلوَن. ريچڪائي - گهوچائي. خيالي. مست.
● موُجاڻِي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (جڪراڻي پاڙو).
● موجاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (ت). تعلقي فيض گنج (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موُجِبُ: ذ. (ع وَجَبَ). واجب ڪندڙ - لازم ڪندڙ - لازم فرض. سبب - باعث - وجهه - ڪارڻُ. (صفت). موافق - حسب - لائق - آن ڪول - پتاند ر - سارو.
● موُجِبو ۽ موُجِبتا: ذ. صفت. (ع. موُجبَه). هاڪاري. آڪاري - سَناواچڪُ. آڏباتي. بحال - قائم. (ذ). وڃ جي ڏارا جو هڪ پاسو (ٻئي پاسي کي 'سالبو' چئبو آهي). (ڪاهرا).
● موُجِدُ: ذ. صفت. (ع وَجَدَ). پيدا ڪندڙ - نئين ڳالهه ايجاد ڪندڙ - نئين ڳالهه ڪيندڙ. باني - بنا ڪندڙ - اِبتدا ڪندڙ. (آصفيه).
● موُجِڙي: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موُجنُ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُوجُو (ل - ڪ): ذ. ڪاري جي مڇي جو هڪ قسم - ہُونڊاڙُ. (ن ب).
● موُجِواهه: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَوجُودُ: صفت. (ع. وَجَدَ). وجود ڪيل - پيدا ڪيل. تيار. سئيريل. حاضر ٿيڻ لاءِ هڪيو. حاضر - سامهون - روبرو - هڪيو. ميسر - حاصل - هٿ وسيکو - دستياب. قائم - برقرار - ڪڙو.
= مَوجُودات: ث. موجوده جو جمع. پيدا ڪيل شيون - مخلوقات - خلق. هستي. دنيا - ڪائنات. الله تعالىٰ جون پيدا ڪيل سڀ شيون. فطرت. حاضري - موجودگي. حاضر مال. بقايا. پونجي - موڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= موجود ڪرڻ: حاضر ڪرڻ - پيدا ڪرڻ - مهيا ڪرڻ. پيش ڪرڻ - اڳيان آڻڻ. تيار رکڻ. پهچائڻ - رسائڻ - پڄائڻ (مال، رسد وغيره). گهرائي ڏيڻ.

= موجودگي ع موجودگيون: ث. حاضري هڻڻ جي حالت. پيشي. روبرائي هستي - وجود.

= موجود: صفت. حاضر. هڪيو - اڳيان. هن وقت جو - هينئر جو. (آصفيه).

● موجڪو ع موجڪا ذ. صفت. (سن. مُنْجَ = مُنج) مينج جو - موجيءَ جو. مُنج جي مُڇن جو. مينج جي رنگ جو. بادامي رنگ جو. ميٽائون. (گاجرا).

● موجي ع موجيي: ذ. صفت. (سن. مُنْجَ = مُنج) مينج جو ڪم ڪندڙ - مينج جون نوڙيون ٺاهيندڙ. مينج وڻيندڙ، ڪنون واڻيندڙ.

● موچ ع موچون: ث. مُرڻ جي مُڙڻ جي حالت. ڪنهن به سنڌ جي مڙڻ جي حالت. مريي جي نسن جي سوچ.

● موچار ع موچارَ: ذ. صفت. (سن. مُک + چهرو = موچارو) سهڻي منهن وارو - سهڻو - حسين - خوبصورت - موچارو. سونهارو. سڳورو.

"اٿي ڏي عليل کي مجنوں موچارُ."
(آبري - شاهه)

● موچارو ع موچارا: ذ. صفت. (سن. مُک = منهن + چهرو = سُهڻو) سهڻو - حسين - سُندر - ٺاهوڪو - موچار. (سن. مَدْيَ = وچ). وچين خاصيت وارو. پورو پنو - وچولو - مڌيم. چڱو. سئو - پلو - اوگهو - آچو - عمدو - چوکو - شُڀ. اُوچو - آنر - خاصو. لائق - فائق - سُريشٽ - سئي ۾ سئو. پٽارو - سڳورو. نيڪ.

= موچارائي ع موچارائيون: ث. سهڻائي - خوبصورتي - حُسن - سونهن. چڱائي - پلائي - پال - خوبي - آچائي. خاصيت - گُڻ - جوهر - ڪٽيبائي - اُتمتا - فضيلت - فوقيت - شرف. واڪاڻ - ساراهه. پورپنائي - اعتدال - موافقت.

= موچاري مُنهن: ظرف. سهڻي منهن سان.

● موچرس: ذ. (سن. موچَهَ = ريشمي ڪپهه جو وڻ + رَسُ = تند). دوا طور ڪم ايندڙ ڪوئر جو هڪ قسم (جو سيٽي يا ووڻ جي ٻوٽي مان ٿئي).

● موچڑو ع موچڑا: ذ. جُتيءَ جو هڪ ٻهر - پادر - ڪنلو - ٿوگرو - جُتي - جوتو.

= موچڑا ڏيڻ: پادر سان مار ڏيڻ.

= موچڑا ڪائڻ: پادر سان مار ڪائڻ. پادر ڪائڻ - جُوتا ڪائڻ - ٿوگرا جهلڻ - ڪنلا ڪائڻ.

= موچڑا ماري: ث. موچڑن سان مارڻ جي حالت. موچڑي بازي.

= موچڑا ملڻ: پادر لڳڻ. سزا ملڻ. ڪجهه نه لهه ملڻ.

= موچڑا هڻڻ: موچڑا ڏيڻ - ڪلا هڻڻ.

= موچڑو سنگهائڻ: سزا ڏيڻ. شرمائڻ. مرگهي واري ماٿهوءَ کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ پراڻو موچڑو سنگهائڻ.

= موچڑي بازي (ت): ث. هڪ ٻٽي کيڏ موچڑن هڻڻ جي حالت - موچڑن سان جهڳڙو - موچڑا ماري جهڙو. موچڑن واري راند. (ت).

= موچڑي جهڙو مُنهن ڪرڻ: خراب منهن ڪرڻ - ڪاوڙجڻ.

= موچڑي ڪٽيو ع موچڑي ڪٽيا: ذ. صفت. موچڑن سان ڪٽيل - هيسايل - هيسيل. هٿ هيٺ.

● موچڻ: ث. ٻلا جو هڪ قسم.

● موچي ع موچيَ: ذ. صفت. (پرا. موچ. سن. موچيڪ. پهاوي. موچڪ = موچي) چمڙو جو ڪم ڪندڙ - چرم دوز - موچي - سراز. جتيون ٺاهيندڙ. ڪفش دوز. پوستين دوز. زين ساز. گهوڙي جو ساج ٺاهيندڙ. چمر رڱيندڙ. (ث. موچياڻي ع موچياٽيون). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

= موچڪو ع موچڪا: ذ. صفت. موچي جو - سرازڪو - موچيءَ جو - موچڪو.

= موچيڪي رنبي: ذ. صفت. بد چال ماٿهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ مُوچِياڻُو ۽ مُوچِياڻا: ذ. صفت. موچڪو ـ سوچڪو ـ سرازڪو ـ موچيءَ جو.

● مُوچَ ۽ مُوچُونُ (ل ـ ث ـ ک): ث. قَسَر سري وڃڻ سبب ٻنا قسر جي ڪير ڏيندڙ ڪٽون، مينهن يا ٻکري. وهڪيل وهت (مينهن، ڪٽون، ٻکري وغيره)

● مُوچاڻِيُ ۽ مُوچاڻِيُونُ: ث. (سن. مُنْچ = آزاد ڪرڻ) هندن ۾ ڪنهن جو نائي يا نُنهن سري وڃي ته نوتيءَ جو پيءُ شاديءَ جي موڪا طور ڪي پنسا ان جي مائٽن ڪي جهوليءَ ۾ پائيندو آهي يا انهن ڪان هن ڪي ملندا آهن، اهڙن پئسن ڪي مُوچاڻي چئجي. ڪنهن مڙس جي مرڻ تي سندس زال ڪي ساهرن ۽ ڏٽئات سيڻن ڪان ملیل پئسا. ڪنهن زال جي مرڻ تي سندس مڙس ڪي ساهرن ۽ ڏٽئات سيڻن ڪان ملیل پئسا. ڪنهن پوڙهي جي مائٽن تي سندس ڏيئن ڪي برادريءَ ڪان ملیل پئسا.

● مُوحَدُ ۽ مُوَحِّدُ: ذ. (ع. وَحَّدَ) خدا ڪي هڪ ڪري ڄاڻندڙ ـ توحيد پرست ـ ايشور ايڪ وادي ـ ايڪائي ـ پڪو مسلمان.

● مُودَّبُ: ذ. صفت. (ع). ادب وارو ـ با ادب ـ اد ٻائتو مُهذب ـ شائستو ـ فضيلت وارو ـ خوش اخلاق ـ سُلجهيو ـ سڌا تورو ـ خَليق ـ باتميز. آگياڪاري ـ چئيوان.

● مُودَّكُ ۽ مُودَكَ: ذ. صفت. (سن). مٽائيءَ جو هڪ قسم ـ چُورمي جو لڏون (جو هندو زالون ڪنهن سومر تي مهاديو جي نالي ٻرپ مٽائي ڪائين). لڏون. الي جو ٻوڙو (جو درياءُ لال جا سنڌي هندو پوجاري هر چنڊ تي ٽاهي درياءُ ۾ وڃي وجهندا آهن) ـ ڪوڙهو. ٻي ڍڪو ـ ان ڪهڙيو. مودَكُ. سرڪش ـ هوڏي ـ مغرور. نادان ـ بيوقوف.

● مُودِيُ ۽ مُودِيُ: ذ. صفت. (سن. مودٌ = مودِي) آنٌ جو واپاري. آنٌ پهچاڏندڙ. انو گيهه وغيره وڪڻندڙ (واپاري جنهن سان ڪنهن جو ڪندو هجي) ـ ڪنڊ ئي. خانساسان ـ پٽنباري. سربراهه. ناظر. عام مختيار. رسائي ڪندڙ.

ـ مُودِيخانُو ۽ مُودِيُخانا: ذ. آنٌ جو پاند و ـ پٽنبارو ـ پانبارو ـ گُدام. ڪاڏي ويتي جي سامان رکڻ جي ڪوٺي.

● مُودَّكُ ۽ مُوڏَكُ: ذ. صفت. (پرا. مودّيو. سن. مودّ + ڪ = ٿوري سمجهه وارو) ٿوريءَ سمجهه وارو ـ ايڏو ـ بيوقوف ـ اڃاڻ ـ نادان ـ مودن ـ موڪشت.

● مُودَنُ ۽ مُودَنَ: ذ. صفت. موڪشتُ ـ موڪو ـ بيوقوف ـ ڪم عقل. بي همت. ري همت ـ ڪم همت. تيج هيڻ ـ ليلهڙ ـ لاجهو ـ نيستو ـ اپرو ـ ضعيف. آداس ـ ويڪاڏو.

● مُودَّو ۽ مُودّو: ذ. صفت. (پرا. مُدَّ. سن. مُڪَّ) سادو ماڻهو ـ بيوقوف ـ ٻالو پولو ـ پورڙو ـ مُدّ ـ مُدّو. (گاجرا).

● مُودّا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُودّرِيو ۽ مُودّرِيا (ث): ذ. نند و ساندارو ـ سانداري.

● مُودّو ۽ مُودّا: ذ. صفت. (سن. مُنْدَ = ڪوڙائڻ) مٽي ڪُوڙيل ـ ٽوڙهو ڳنجو. وارن ڪوڙيل (ساڏو). مٽي خالي. ٻنا سيڻن (جانور) ـ ري سيڻو. (ذ). آنٌ ـ شُنبر. (ث. مودِي ۽ مودّيون). (اسم خاص). تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُودّو ۽ مُوڏا: صفت. (سن. مهيدَ = چربي) چربيءَ وارو ـ ٽلهو ـ سٽيو.

● مُودِيُ جاڳِيرُ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوديُ ۽ مُوديَ: ذ. صفت. (سن. مُودِ هٌ) مورڪ ـ بيوقوف ـ چتسو. موڪشتُ ـ ڏڏُ ـ نُتُ ـ مُدّ.

● مُؤذّنُ: ذ. صفت. (ع. اذنٌ) اذان ڏيڻ وارو ـ ٻانگو. (آصفيه).

● مُوذِيُ ۽ مُوذِيُ: ذ. صفت. (ع. آذي = ايذاءُ ڏيڻ وارو ـ ايذائيندڙ ـ ڏکوئيندڙ. رنجائيندڙ. ظالم ـ جابر. ماريندڙ. بدمعاش. ڪمبخت. شُور ـ ڪرپٽ ـ ڪنجوس ـ ڪدوڇ ـ مَرڇُوٽ ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخيل - چيچي مار - چمچوس. (اسر خاص). تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موڙ ۽ موڙُونُ: ث. (پرا. مورَنَ = نئين اوپڙُ. سن. مُكولَنَ > مُكَلَ = نئين اوپڙ. سن. موڙَ = مُكري) نئين اوپڙ - نئين ڦوتَ - ڦوٽاڙو - ڦوٽهڙو - پُورُ - انكورُ - گوڏچُ. تازا ڦٽل وڻ. قلم ڪرڻ ڪان پوء وڌيل وڻ. ليُون. ملي پاڻيء جي مڇيء جو هڪ قسم. (اسر خاص). تعلقي ڏنڊي ٻاگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موڙِ: ث. پيڙيء جو هڪ عضوو - ڪُوهي جو چيڙو. جهاز جي ڪُهي جي چهنب.

● موڙُ ۽ موڙَ: ذ. (پرا. مورو. سن. مَيورَ = مورُ) پکيءِ جو هڪ قسم - طائوس - ڪارايل - مَجورُ - مُرلا. (ث. ڊِيل ۽ ڊِيلون). واڳُون - واڳهُو. (ڪ). "منڪهي جا تہ مور پلا". نٽ جو هڪ جزو. (ن - ب) چوٽي - مُڪُتُ - تاج - ڪَلنگي - ڪُلاهُ - موڙ. (اسر خاص). منگر مڇيء جو هڪ قسم. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- موڙچَلُ ۽ موڙَچَلَ: ذ. مور جي ڪنڌ مان ٺهيل وڇڻو - چؤنرُ.

- موڙِنِي ۽ موڙِنِيُونُ: ث. مور جي مادي - مورٽي - ڊِيل.

- موڙِٽِي ۽ موڙِٽِيُونُ: ث. مورني.

- موڙَ هُجَنُ: سهڻو هجڻ - خوبصورت هجڻ.

● مُورُ: ث. (ف). ماکوڙي - ڪنلي - ڪِيڙي.

● مُور: اسر خاص. اهي مسلمان جن اسپين تي راج ڪيو هو (مٿن اهو نالو مُوراکو جي رستي اسپين وڃڻ ڪري پيو هو).

● مُور: ظرف. (سن. مُولُ = اصل) اصل - هرگز - مُورهين - مُوراهين - پهتيءِ - تمام - بلڪل - بِنهہ - هڏ - ڪڏهين ب - ماڳهين.

"مُور نہ وِسري تنهنجي چڱائي".

- مُورَانُ (ڪ): ظرف. مُور.

- مُورهِينُ: ظرف. مُور - مُوران - مُوراهين.

● مُورُ ۽ مُوراسُ: اسر خاص. ڪَچ ملڪ ۾ هڪ شهر جو نالو. (لطيفي سَير). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوراکُو ۽ مُوراکا: ذ. مني پاڻيء جي مڇيء جو هڪ قسم (چلر نندي، چلرن جو رنگ ڳاڙهو، اڇي يا سُرمائي ڪارن چلرن سان، سڀ پَرَ ڪرڙي ڪان سنهي منهن سان).

- مُوراکِيُ ۽ مُوراکِيُونُ: ث. موراکوجومونث.

● مُوراڪِيُ ۽ مُوراڪِيُونُ: ث. مڪيہ سيڙهہ (جهاز جو). (گاجرا).

● مُورانجهَرَ: اسر خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوراهِيُ: ث. (ف. مُور = ڪنلي) وڻن جي ٻاڙ ڪي لڳندڙ هڪ مرض (اڪثر ٻهرڻين پاڻي ڏيڻ بعد جڏهن وڻن وڏيرڙا ٿيندا، آن وقت ٻاڙ ۾ زمين اندر پراڻي ڇيڻ يا ڪاڻين سبب اذوهي لڳندي آهي، جنهن ڪري وڻ ڪومائجي سُڪي ويندو آهي).

● مُورائِنُ (ڪ): مصدر. هوڪائڻ - هوڪڻ. هوڻو لڳائڻ. (موراڻيو - موراڻيندو - موراڻيل).

● مُورَتُ ۽ مُورَتَنُونُ: ث. (سن). شڪل - شبهہ - صورت - روپ. ڪنهن ۾ شيء سمان نهيل ماٺهوءَ جو بوتو - پتلي - بت - صنم. پتلو. پُوري - ڊلي. مورتي. تصوير - چِتَ - ڪلڪاري. فقير. انسان. جٽو. (ظرف). في ماٺهو.

● مُورُ ۽ مُوراسُ: اسر خاص. ڪَچ ملڪ ۾ هڪ شهر جو نالو. (لطيفي سَير). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوراکُو ۽ مُوراکا: ذ. مني پاڻيء جي مڇيء جو هڪ قسم (چلر نندي، چلرن جو رنگ ڳاڙهو، اڇي يا سُرمائي ڪارن چلرن سان، سڀ پَرَ ڪرڙي ڪان سنهي منهن سان).

- مُوراکِيُ ۽ مُوراکِيُونُ: ث. موراکوجومونث.

● مُوراڪِيُ ۽ مُوراڪِيُونُ: ث. مڪيہ سيڙهہ (جهاز جو). (گاجرا).

● مُورانجهَرَ: اسر خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوراهِيُ: ث. (ف. مُور = ڪنلي) وڻن جي ٻاڙ ڪي لڳندڙ هڪ مرض (اڪثر ٻهرڻين پاڻي ڏيڻ بعد جڏهن وڻن وڏيرڙا ٿيندا، آن وقت ٻاڙ ۾ زمين اندر پراڻي ڇيڻ يا ڪاڻين سبب اذوهي لڳندي آهي، جنهن ڪري وڻ ڪومائجي سُڪي ويندو آهي).

● مُوراڻِنُ (ڪ): مصدر. هوڪائڻ - هوڪڻ. هوڻو لڳائڻ. (موراڻيو - موراڻيندو - موراڻيل).

● مُورَتُ ۽ مُورَتَنُونُ: ث. (سن). شڪل - شبهہ - صورت - روپ. ڪنهن ۾ شيء سمان نهيل ماٺهوءَ جو بوتو - پتلي - بت - صنم. پتلو. پُوري - ڊلي. مورتي. تصوير - چِتَ - ڪلڪاري. فقير. انسان. جٽو. (ظرف). في ماٺهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُورتيءَ: ذ. صفت. مورت جو - مورت وارو.
= مُورتيءَ ۽ مُورتيُونَ: ث. مورت. پٿر يا ڌاتو جو ٺهيل ڪنهن ديوتا جو بُت.
= مُورتيءَ آستاپتن ڪرڻ: هڪ مندر مان ڪا مورتي ڪڍي بئي مندر ۾ رکڻ جي رسم ادا ڪرڻ. (آصفيه).
= مُورتيءَ پُوجَنَ: ث. بتن جي پوڄا - بت پرستي. (آصفيه).
● مُورَتَ ۽ مُورَتَ: ذ. (سن. مهورت). سڀورو وقت - شبه گهڙي - مهورت.
● مُورَڪي: ذ. صفت. (ع). موروثي - اباڻو.
● مُورجاڻي: اسم خاص. خيرپور ميرس ۾ هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● مورجَنَ: مصدر. (ون جو) ڦٽڻ - الڳورجڻ - دَس ڏيڻ. ڪوڙ ڪيڻ - گوش ڪيڻ - گوشا ڪيڻ - گوها ڪيڻ - هورجڻ - جَمڻ - آڪلڻ - ٽڙڻ - ڪُلڻ. ڳاهه جو نڪرڻ. نوڻ ۾ نڪرڻ. وڍيل وڻ جو ڦٽڻ. ٻيدا ڏيڻ. (موريو - مورهو - موريل).
● مورجَنگو: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مورجو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۽ حيدرآباد ۾).
● مورجَهُر: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مورجَهنگو: اسم خاص. تعلقي ماماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مورچَنگ ۽ مورچَنگ: ذ. سازجو هڪ قسم - وات وارو چنگ.
● مورچو ۽ مورچا: ذ. (ف. مورچه). جنگ ۾ لشڪر جي قطار. قلعي بندي. جنگ جو بنايل اڏو. وڙهه جو هنڌ. ڪاهي. آڙ - ڳڙڪي - مارو (قلعي جو). توبخانو. (ف. مورچانه). ڦرنگ - ڪٽ - جَر - زنگار - ڪَس. (آصفيه).
● مُورڇا: ث. (سن). غشي - بيهوشي - بيخودي - ڏنڊ پوڻ واري حالت - ڊڪر - مورڇائي. بي سُڌي - بي خبري.
= مُورڇا ۽ مُورڇا: ذ. صفت. بي هوش - بي سُرتيو - مورڇت. بي خبر - بي سڌ.
= مُورڇاڳتيءَ: ث. بيهوشي - مورڇائي.
= مُورڇائيءَ ۽ مُورڇائيونَ: ث. مورڇا.
= مُورڇتَ ۽ مُورڇتَ: ذ. صفت. بيهوش.
● مورڇلَ ۽ مورڇلَ: ذ. (سن. مُورشَل = وڇو). مور جي ڪنين جو ٺهيل وڇو - چؤنرو. وڇو - ٻڪو.
● مُورَڇنا: ث. (سن). ڳائڻ جو هڪ لمونو ڪاب راڳڻي اهڙي نموني سان ڪرڻ جو راڳڻي جي سموري ڇيڙ جي وقت ۾ فقط انهي هڪڙي راڳڻيءَ جي ڄاڻ هجي). ايڪيهن راڳڻين مان هڪ راڳڻيءَ جو نالو. مورڇا.
● مُورڇَنَ: مصدر. (سن). موهَڻ - مست ڪرڻ - مفتون ڪرڻ. بيهوش ڪرڻ. (مورڇيو - مورڇيندو - مورڇيل). (ن. ب).
● مُورڙَخَ: ذ. صفت. (ع. آرَخَ = هن تاريخ لکي) تاريخ لکندڙ - وقايع نويس - تاريخ لکار. ناقل. (آصفيه). اهل سيَر.
= مُورڙَخَهَ: صفت. لکيل. تاريخ وڌل - تاريخ ٻيل.
● موردائيءَ: اسم خاص. لاشاري بلوچن جو هڪ قبيلو. (تاريخ بلوچستان).
● مُورڌَنيَهَ: صفت. (سن. مُورْ دَنَ = ڪنڌ). جپ وارو (اڪر) - جپي (اڪر) - زباني. (مورڌني اڪر: ٿ، ٺ، ڙ، ڍ، ڌ، ڏ، ڻ). (وي)، (پيش).
● مورڙو: ذ. نڻون ۽ تازو ٻن، سلو (ندي جي ڪناري تي آپريل). (گاجرا). (اسم خاص). آڪاڻي وقت جي هڪ مشهور مهاڻي جو نالو. (جنهن جو مقام اڄ تاڻين ڪراچيءَ جي ڀر ۾ آهي).
● مُورڙيءَ جاگيِر: اسم خاص. تعلقي ٻدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مورڙيُن (ث): ث. پٽرت جو هڪ قسم. (ن. ب).
● مُورڪ ۽ مُورڪَ: ذ. صفت. (سن. مُورْڪَ = بيوقوف) بيوقوف - بي عقل - بي سمجهه - مت هيڻ - ڪم عقل - ڪم فهم - نادان - احمق -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُوک. اناڙي - جاهل. چَسو. پورڙو - موڳو - ساد و سودو.

= مُورِ کَاڻو ۽ مُورِ کَاڻَا: ذ. صفت. مورک جو - مورک وارو - بي عقليءَ جو - بي وقوفاڻو - احمقاڻو.

= مُورِ کَاڻيُ ۽ مُورِ کَاڻِيُون: ث. بي عقلي - گهيلائي - اڏاهپ - بي وقوفي - آياڻپ - حماقت - مورکتا. جهالت.

= مُورِ کَتَا: ث. مورکائي.

= مُورَ کَتَائِيُ ۽ مُورِ کَتَائِيُون: ث. مورکائي - بي وقوفي.

= مُورِ کَتِيڙو ۽ مُورِ کَتِيڙَا: ذ. مورکتا - مورکائي.

● مُورِ گهو: صفت. ظرف (سن. مُول = مُور). وياج کان سواءِ - نفعي کان سواءِ. اصل قيمت تي خريديءَ اڳهه تي. ماگهين - ويتر - پاڻ - پٽ. اصل - ننهه پٽيءَ - مُورُ - هڏ - بلڪ - بلڪل - بہ - نيگوڙو. گهنجندڙ - پوڙو پوندڙ - گهٽ ٽيندڙ.

● مورلَڪ: اسم خاص. ٽر ۾ هڪ پٽ جو نالو. (جتي عمر سومري جو مورنالي گهوڙو مري ويو هو) (لطيفي سير). ٽر ۾ پيو تڙ وٽ حدبنديءَ لاءِ ڪوڙيل نشان.

● مورمُ ۽ مورَمَ: ذ. ڪکري - سنهي - ڀهٽي - پٿري.

● مور مَنگَرُ: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم - لِياڙو. درياهي جانور جو هڪ قسم (جنهن جا پاسا ڪارائي جي ڏندن جيان ٽين).

● مورڻ (ل): مصدر. وڻن جو آپرڻ - پورجهلڻ - ڪوڇ جهلڻ. نندي گاهه جو ٽوڙهڙو ڪاڻڻ. (موريو - موريندو - موريل).

● مورِ ٽِيُ ۽ مورِ ٽِيُون (ڻ): ث. تنبوري ۾ تندوءَ قابو ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪيلي.

● مورو ۽ مورا: ذ. شعر جو هڪ قسم - سنبهڙو - لِيهڙو. وڻ وڍڻ کان پوءِ پاڙ مان ڦٽل ٻيو دفعو ڪونڇ. ڍڳي گاڏي جي نلهن جي چوڌاري وريل سنهو لوهه جو پٽ. (اسم خاص). تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُورُمُوثَ: ذ. صفت. (ع. وَرَثٌ = من ڪي ورثو ملڻ). ورثي ۾ ڏنل - ترڪي ۾ ڏنل.

= مُورُمُوثِي: صفت. ورثي جو - ورثي وارو - ورثي ۾ ملڻ. ٻيءَ ڏاڏي جو - آباڻو - ڏاڏاڻو - نسلي - خاندائي - ٻيڙهياڻتو.

● مورِ عَڈِي: اسم خاص. تعلقي ديري محبت يا تعلقي بدين ۽ تعلقي ڪهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= مورِ هَڈِي جَاگِيرُ: اسم خاص. تعلقي نندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مورِي ۽ مورِيُون: ث. (پرا. مُهُڈيا = مورِي. سن مُکّ + رَ + ايڪا = موري. ف. مورِي). پاڻيءَ جي نيڪال جي جاءِ. ڍڪيل موري - ڳجهي ڪسي - الي. ڪاڻو - ويڙ. نندي ڪسي - سوڙهو وکرو - پل (ل). موري جو دروازو. نندي پل. پل - ڦُڙ - ڦُڙڙو. گهه جو هڪ قسم - پانهن ۾ پائڻ جو گهه. (گاجرا). هار جو هڪ قسم - ڪاري پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چارن سانءُ پُٽ ڪاري پيٽ اڇو، ڏگهي، گول (قرا) ويڪرو (قرا) لسو. ٢ انچن کان ٦ انچن تائين ٽڻي). (اسم خاص). تعلقي جيمس آباد ۽ تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُورِي ۽ مُورِيُون: ث. (سن. مُولِي = مُولَڪ = موري) پاڻيءَ جو هڪ قسم - (ع) فجر - (ف) ترب. ڪاري جي ٻڙيءَ جي آڳيل ۽ مُهڙ ۾ آپي لڳل ڪاني (ن.ب) درياهي ٻڙيءَ جو مُهرو. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُورِيا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُورِيَا فَقِيرُ: اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مورِيَانُ ۽ مورِيَانَ: ذ. (ف. موريتان = ڪتّ) ڪتّ - مُرچو - زنگ - زنگار - ڪتس.

"لاهندا موريان ڪريندا رُکَ پڏو."
(شاهه)

● مورِيَانِي: اسم خاص. تعلقي نندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُورِيجَا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مور يسرُ ۽ مور يسرَ: ذ. (اڪ م) ڪنڌرُ- سرُٽُ. اڪ جي هڪ بيماري - چاليون. (سن. مَنوڪَنتڪ: موتي + سرَ = لڙهي). اڪ م پيل ڦُلو (اڪين م ٻوندڙ ايا ڦُلا موتين جهڙا ٽين ٽاڻ ان ڪري سندي يا ٻين ٻولين م انهيءَ کي موتيو چون) موتيو. (ن.ب).

● مور يو ۽ مورِيا: ذ. ڪنهن به ڏڌاوءَ جو گها گهر جهڙو ٿهيل برتن - گها گهر- چوڻرو. پٽڪو- پٽڙ- پٽڪ (ث). اسم خاص. ماڻهوءَ جو هڪ نالو. (ن.ب)

● مور يو لاَڪو: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ م هڪ ديهه جو نالو.

● مَوڙ (ل): ذ. آٽ جي ڦڦڙن جي هڪ بيماري.

● موڙ ۽ موڙ: ذ. (پرا. مودَ: سن مُڪت = سِهرو) سهرو. ڪلنگيُ- ڪلاهه. گهوٽ جو شاديءَ جي وقت متي تي پندل تاج - مُڪٽ- مُنڊڪ- چٽ - مُنڱهٽ. (ڪڙ جي) چوني- طرو- ڪلنگي- ڪلغي. چَونر- ڏُونر- ڦندڻ- جهنالو. چوڙو (عاج جو). جهاڄو. گلن جو هار. نٽ جي ڦُلي (جا ويڙهي م انڪائبي آهي). تي چڙهيل گول ٽُلهو سونو (سونهن لاءِ) داڻو.

- موڙُ پَڌَڻُ: سِهرو پَڌڻ.

● مُوڙ: ث. (سن. مُولَ = مُور. سن. مُولڪا = مُوڙي) مُوڙي.

● مُوڙُ ● مُوڙ: ذ. (سن. مولِڪا = مُوڙي) هڙَ- ڪَنيڙ- ڪَنيڙي- ڪَنيڙو. ڪنهن شيءِ جو ڪجهه انداز. مُوڙِ. (سن. مُول = مُور) اصل ناڻو- مُوڙي. وياج تي ڏنل ناڻو. سيڙپ. "مُوڙ ڪان وياج پيارو، پٽ ڪان پوٽو پيارو" (چوڻي)

● موڙَڻُ: مصدر. (پرا. موڙ + اِيُ = موڙُ. سن. موتَ (ني) = موڙَڻُ) مَروڙڻ- وَرائڻ- پيٽوڪرڻ- مَروڙڻ- مَروڙڻ- وِڪوڙڻ- وراڪو ڏيڻ- پيچ ڏيڻ- وَرُ ڏيڻ- وَرُ وجهڻ- مَروٽ ڏيڻ. ڏنگو ڪرڻ. گهمائڻ- ڦيرائڻ- چڪر ڏيڻ- هلائڻ- بدلائڻ- متائڻ- رُخ بدلائڻ- (ڪمانُ) چاڙهڻ- (نوڙي) پَيچڻ- وڻڻ. هڪ طرف ڪرڻ. نيوائڻ- ليپائڻ- لِيڙائڻ- جهُڪائڻ- ختم ڏيڻ- پيچدار بڻائڻ- ڏنگو ڪرڻ- ٽيڙو ڪرڻ. آٽو ڪرڻ- آونڌو ڪرڻ- آنٽو ڪرڻ. واپس ڪرڻ- موٽائڻ- موٽائي ڏيڻ- وري ڏيڻ (ضد تان) لاڻ. معنيٰ ڦيرائڻ- آٽو مطلب ڪيڏڻ چڪي تاڻي ٻي مطلب جي معنيٰ ڪيڏڻ. (سن. مُڊ = هيٺ لهڻ) قيمت م گهٽ ڪرڻ- موڙو ڪرڻ. (موڙيو- موڙيندو- موڙيل).

- موڙُ ۽ موڙِ، موڙوُنُ: ذ. ث. وَٽُ- وَرُ- پيچُ- مَروڙُ- وَڪَڙُ- وَراڪو- آڪيڙو- ڏنگائي. سَهٽَ (وارن جي). اڪرن لڪڻ جو هڪ نمونو. ڪِرڻن جي واپسي- عَڪسُ. پاسو- گوشو- موشو ٽارو- ڪِنارو. لڙل ٻها- گهيل اڳهه- سستائي- موڙي.

- موڙاڻِ: ث. موڙائي.

- موڙَڻتوُ ۽ موڙائتا: ذ. صفت. موڙ وارو. ڏنگو- مُڙيَل- وَريل- ميڙُ- ڦيرو- ڦِڏو. بيڪاڄ- اجايو- بي فائدو. آٽو- آنٽو- آونڌو. موڙي وارو- موڙي مڇڪي وارو.

- موڙائيُ: مصدر. موڙڻ جو ڪم ٻي ڪان ڪرائڻ. ڏنگو ڪرائڻ. سستو ڪرائڻ. (موڙائيو- موڙائيندو- موڙائيل).

- موڙائيُ ۽ موڙائيونُ: ث. قيمت م گهٽتائي- سستائي.

- موڙوُ ۽ موڙا: ذ. وَرُ- پيچُ- موڙُ- موڙَ- ڏنگُ. (منهن کي ڏنل) موڙو مُڇڪو- ميڙَ- اشارو. حجاب- شرم- حيا پاسو- ٽارو- ڪنارو- موشو. (ذ. صفت). اڳهه لڙل- سستو- سهانگو.

- موڙوُ ڏيڻُ: منهن کي چهو ڪري نفرت جو اظهار ڪرڻ. مڇڪو ڏيڻ. ڳاهه نه وڻڻ. انڪار ڪرڻ.

- موڙوُ مُڇڪوُ ۽ موڙا مُڇڪا: ذ. موڙو.

- موڙوُ هڻڻُ: واپار جي اصطلاح م اڳهه گهٽ ٽيڻ. وَڌا ياماتا وغيره جو چڇڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= موڙِيُونُ موڻُونُ ڏيڻُ (ت): ملاکڙي ۽ ملهن جو هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ لاءِ جاننا هڻڻ ۽ ڦيرائڻ ڦهلائڻ. (ميلو شهباز ١٧).

● موڙُوءُ ۽ موڙُا: ذ. سنهن کي ڏنل وڑ - موڙو مُڇڪو. انکڻ - ڪُوڄ - انڪُور - ڪُوشو - سلو. درياءَ جي پاڻيءَ جي چڙي ويل زمين تي جاول هڪ قسم جو ٻُوٽو. بيماريءَ جو هڪ قسم (جو ميهن يا آڻن جي ڏڻ ۾ پوي). مال ۾ موڙو.

● مُوڙُوءُ ۽ مُوڙا: ذ (سن. مُشْتَ = مُٺ) شاديءَ تي ڪنوار کي ڏنل سوغات وغيره. بيڊ - ڪِنڙي - پَري - هڙَ - مُوڙِي - پَروڻي. (سن. مُوتَكَرْ = ڪاري) ڪاڻ جي ڦيل ڪُرسي - مُوڙهو. ڏڳيءَ جو نيڍڙو اوهڙ. (ل).

= مُوڙُوءُ پاڻيُنُ: لاڳ. ڏيڻ. شاديءَ ڪان پوءِ ڪهوٽ مي عزيزن جو ڪنوار کي ڪجهه مٺائي وغيره يا روڪڙ سوڪڙي طور ڏيڻ.

= مُوڙُوءُ جهلڻُ: مُوڙو وڻڻ.

= مُوڙُوءُ ڏيڻُ: مُوڙو پاڻڻ.

= مُوڙِي جيءُ ڪو ٽيرِيءُ (ل): ث. ڪهوٽ جي پٺڪي ۾ هڏل سوپاريون وغيره ويل هڪ پرتَ پريل نيڍڙي ڪوٽري. (ن - ب).

● مُوڙهڙ ۽ مُوڙهڙ: ذ. (سن. مُودِ = مُوڙهه) مُنجهڙ - ڪِنڍو. سَنڍُ - بَنڍُ. ڪِنڍَ - ڪوپُ. مُنجهيل سُٽُ. عضوي جي سَنڍَ تي ٽيل سوج. پيٽ ۾ ٽيل بادي گولو - بادي سُورُ. درياءَ جو آهو پاڪو جنهن مان پاڻيءَ جو ليکال نه هجي. (ت). چوپائي مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم - (وهت جي) آنبي جو وڪڙ ۽ روڪ. (ذ. صفت). (سن. مُكْتَ = موڳو) بيوقوف - نادان - چَسو - بي عقل - مُوڙهل.

= مُوڙهڙ سُوڙهڙ: صفت. ڊُونبِڙو - اونڊي ڪنڊ. ڪَروُنڊڙو. سُسيل - ڪيڪو و ڪو.

= مُوڙهِ هُوُ سُوڙهِ هُوُ ۽ مُوڙِهاسُوڙِهاءُ: ذ. صفت. مُوڙهڙ سُوڙهڙ.

● مُوڙِهلُ ۽ مُوڙِهَلَ: ذ. صفت. مُنجهيل - مُنڊل - اُلجهيل. مُنجهورو - ويچدار. (سن. مُهِ =
بيهوش ٿيڻ) حيران ٿيل. پريشان ٿيل. ڪيڪو و ڪو ٿيل - وائڙو - ششدر - گهبرايل. بيهوش. مُورڪ - بي سمجهه - بيوقوف - جاهل - نادان - بي عقل. موڳو. و مُوڙَل. گُمراهه - پَلِيل - ٽِڙڪيل.

● مُوڙهڻُ: مصدر. (سن. مُهُ = بيهوش ٿيڻ) بيهوش ٿيڻ - مُنجهڻ. (موڙهو - موڙهبو - مُڙهل).

= مُوڙهڻهُ: صفت. مُنجهيل - مُنڊل. بيهوش. گمراهه. ويسو - حيران.

= مُوڙهوُ: صفت. موڙهل.

= مُوڙهوُ مُوڙهوُ: صفت. ٻانهون ۾ جنگهون پيٽ ڏانهن موڙهيون ڪري سمهيل. غمگين ٿي اونڊي ڪنڊ ٻيل - مُوڙهه مُوڙهه.

● مُوڙهوُ ۽ مُوڙهاءُ: ذ. (سن. مُوتكَرْ = ڪاري) ڪاڻ جي ڪُرسي. ڪِنڙي. هڙَ. مُوڙو. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم.

● مُوڙهوُ جَبَلُ: اسر خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موڙِهِيوُ ۽ موڙِهِيا (ث): ذ. پٽڪو - مولهيو. (ل). ڳاڙهي حُلواڻ جو پٽڪو.

● موڙِيُ ۽ موڙِيُونُ: ث. صفت. (سن. مُدْ = هيٺ لهڻ) ڪهٽ - لاٽ واري. موڳي - سائي - ڏَندي - ديلِي - مَندي (بازار).

● مُوڙِيُ ۽ مُوڙِيُونُ: ث. (سن. مُولَ = اصل) ڪنهن واپار وغيره ۾ سيڙايل اصل رقم. اصل رقم - مُورُ. سيڙپ - پونجي - ملڪيت. راس - پدارٿ. (سن. مُولِڪا = مُوڙِي) نيڍي هڙَ - نيڍي ڪِنڙي - پروڙي. ڇڪو - بيڊڙي. (سن. مُشْت = مُٺ) ڪانين جو ڪَڏو. ڪاڻن مُٺ. پنجويهن ٻيڙين جو بنڊل - جهُوڙي. ڪڪڻ مان نهيل سينهوڙي (جا مٽي تي رکي مٿانئس دِلو يا ڪوبه بار ڪڍجي) ويهڻ لاءِ ڪاڻ مان نهيل نيڍڙي ڪُرسي - پيڙهو.

= مُوڙِيُ پَٽڻُ: هڏي ڇڏڻ - جدا ٿيڻ.

= مُوڙِيُ تِيبَنُ: لفعو ٿيڻ - فائدو حاصل ٿيڻ. هميشه لاءِ قُرڻ ڪاڻ جي اميد رهڻ.

= مُوڙِيُ پَٽڻُ: هڏي ڇڏڻ - جدا ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مُوڙِيُ ڪَچَ ۾ هُنڊَنُ: هل هلان ۾ هجڻ. هلڻ و وڻڻ.
"ساران سنپور کي، ڪچ ۾ موڙي،
ڪچ لڏي، ساران ڪُڏي"
(ن - ب).
● موُزاتِيُ (ڪ): ث. مڪران جي ڪجور جو هڪ قسم.
● موُزَ ٻَرُ: ذ. (ف. موزه = پير + پر = کنب) ڪبوتر جو هڪ قسم - اُهو ڪبوتر جنهن جي پير تي کنب هجن.
● موز نڊ ڪاڻِيُ: اسر خاص. سري بلوچن جو هڪ قبيلو.
● موُزو ۽ موُزا: ذ. (ف. موزه) چمڙي جو جوراب. جُتي - پيراز. ڪپڙي جو جوراب.
= موُزِي بَنڊَ ۽ موُزِي بَنڊَ: ذ. جوراب بڌڻ جو پٽو.
● مَوُزُونُ: ذ. صفت. (ع. وَزَنَ) وَزَنُ ڪيل - توريل. ٺهڪندڙ - ٺهندڙ - لائق - جڳهائيندڙ - مُناسب - واجب - زيبا - سُهائيندڙ - ٺيڪ - دُرست. (آصفيه).
● مُوسا: اسر خاص. ٽَرُ ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُوسا واهُ: اسر خاص. تعلقي ٺُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مُوستُ ۽ مُوستَ: ذ. (سن. مِشُ = بهانو) بهانو - عذر - پوزش - ڪيڪُ تالُ. هار سينگارُ - لاڏ ڪوڏ - ناز نخرو - انگل آرو. (ن - ب). سستي. (گاجرا).
● موسِڙو ۽ مُوسِڙا: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.
● مُوسَلَ: ث. (سن). مُهرلو - مُهري. (گاجرا).
● مُوسَلو ۽ مُوسَلا (ل): ذ. (پرا. موسَلَ. سن. مُوسَلَ = مُهرو) انَ ڇڻڻ جو ڪاٺ جو وڏو مُهيرلو - مُهري - ڏَنڊو - ڏڪرو.
● مُوسِلِيُ: ث. (سن. مُسَلي) دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻُوٽيءَ جي ٻاڙ (قوت باهه ۽ ضعف دماغ لاءِ مفيد).
● مُوسَمَرَ ۽ مُوسَمُونُ: ث. (ع). مند - رُت - فصل - تڻُ. ويل - وقت - مهل. ايار - زمانو - سمو. موقعو. گج جي پرت جو هڪ قسم. (ڪ).
= مُوسَمِ بهار: ث. رت بسنت - بهار جي مند - گلن جي کلڻ جي مند. ربيع. ڦگڻ. مارچ. جواني - جوپن.
= مُوسَمِ خِزانُ: ذ. بن ڇڻڻ جي موسم - خريف. زوال جو زمانو - زمانه تنزل. ضعيفي - پيري - پياڻ. جوپن جي پڇاڙي. (آصفيه).
= مُوسَمِيُ ۽ مُوسَمِيُ: صفت. موسم جو. موسمِ وارو - مندائتو - ويلائتو - وقتائتو. ٽوري وقت لاءِ. ميوي جو قسم.
● مُوسَن: ذ. ٻوڙها - پيرمرد - پيا. (ديوان سانگي).
● موسو ۽ موسا: ذ. حياءُ - لَڄ - حجاب - لِهه - شرم. شرم. ڪَٽر - غيرت. حَيف - بد نامي - شرم جي گالهه. سبب. بهانو - عذر - مِنهه. (ڪ).
"جهوري جهڙ هي، موسو مڪن جو." (چوٽي).
منصوبو - ويرُ - سازش - نزاع - د شمني. (ن. ب).
مِهڻو - طعنو - تنڪو - وين - ڏوراپو. (ث).
= موسو ڪَرَنُ (ڪ): بهانو ڪرڻ - عذر ڏيڻ.
= موسو مارُنُ (ث): مِهڻو ڏيڻ - طعنو ڏيڻ - وين ڏيڻ.
● مُوسو ديرو: اسر خاص. تعلقي ڪنڀاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَوسُومُ: ث. (ع). موسم. (گاجرا).
= مَوسُومِيُ: صف. موسمي ميوو.
● مُوسىٰ: اسر خاص. هڪ نبيءَ جو نالو. (جو بني اسرائيل يعني يهودين ۾ پيدا ٿيو، جنهن تي توريت نازل ٿيو. کيس ڪليم الله جو لقب مليل آهي. سندس هٿ هميشه چمڪندڙ هو ۽ سندس لٺ مشهور آهي. هو يهودين جو پيغمبر، قاعدو ٻڌائيندڙ ۽ اڳوڻ هو. طور جبل تي خدا جو ديدار ڪيائين).
● موُسِيانِيُ: اسر خاص. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو. (تاريخ بلوچستان).
● مَوُمِيُ ٻوٽا (ث): اسر خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُوسِيءَ ڦَري: اسم خاص. هڪ لڪ جو نالو.
● مُوسِيقِي: ذ (ع). گائڻ جو علم ـ گاين وديا. سنگيت ـ گائڻ ـ ڪلا.
ـ مُوسِيقار ۽ مُوسِيقَارَ: ذ. صفت. گائڻو ـ گوئيو ـ ڪلاونت ـ مُطرب ـ سازيندڙ.
● مُوسِيءَ مَچِي: ث. مڇي جو هڪ قسم ـ مَنگرو ـ سنگرو. انساني مانس کائيندڙ هڪ وڏي مڇي. (ڏيکھ الڪل چاليھ فوت. (گاجرا).
● مُوش: ذ. (آڻن ۾) ڦڦڙن جي بيماريءَ جو نالو.
● مُوشُ ۽ مُوشَ: ذ. (ف. مُوش: سن. مونڪ = ڪئو). ڪَوئو ـ چوھو ـ ڪئو.
● مُوشِڪافِيءَ ۽ مُوشِڪَافِيُون: ث. (ف). وار تان ڪَڍل لاھڻ جي حالت ـ باريڪ بيني. مڇيءَ مان ڪنڊا ڪڍڻ.
● موشو ۽ موشا: ذ. (سن. مُش = لڪائڻ ڍڪڻ). پاسو ـ ٽارو ـ ڪنارو ـ گوشو. علحدگي ـ جدائي. شرم ـ حياءُ ـ لڄ. منھن لڪائڻ جي حالت ـ پردو ـ ليڪ ـ پرهيز.
ـ موشو ڪرڻ: پرهيز ڪرڻ ـ پري رھڻ ـ گوشو ڪرڻ ـ ٽارو ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ. شرم ڪرڻ ـ حيا ڪرڻ ـ لڄ ڪرڻ.
● مُوصِلي: ث. دوا طور ڪم ايندڙ پھاڙي ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (جنھن جي ٻاڙ ڪتب اچي). مُوسِلي.
● مَوصُوفُ: صفت. (ع. وَصَفَ) وصف ڪيل ـ ساراھ ڪيل ـ ساراھيل ـ واکاڻ ڪيل ـ واکاڻيل ـ ممدوح. بيان ڪيل. مذڪور. (ذ) علم نحو جي اصطلاح ۾ اھو لفظ جنھن جي صفت ڏيکاري ۾ اچي. (علم نحو ٦٠).
● مَوصُول: ذ. صفت. (ع. وَصَل) وصل ڪيل ـ ملايل ـ ملايل ـ ڳنڍيل ـ لاڳاپيل. جڙيل ـ ٻڌل. (آصفيه). (ذ) گرامر موجب ضمير جو هڪ قسم. (جنھن جا به قسم آھن: ١ـ ضمير موصول، ٢ـ ضمير جواب موصول).

● مَوضُوعُ: ذ. (ع). وضع ڪيل. رکيل ـ ڪيل. بيان ڪيل. (ذ) مضمون جو مقصد. عنوان. علم نحو جي اصطلاح ۾ بامعني ڳالھائڻ. (علم نحو ٢).
● موغِلو ۽ موغِلا: ذ. صفت. مغل خاندان جو ـ مُغليو ـ مُغلي.
● مَوقِعَ: ذ. (ع. وَقَعَ). وجھ ـ وار ـ سمجھ ـ ساجي ـ ٽڻ ـ داءُ ـ موقعو ـ سنڌو. واقعي ٽيڻ جي جاءِ.
ـ موقِعو ۽ موقِعتا: ذ. موقع. واقع ٽيڻ جي جاءِ. (آصفيه).
ـ موقِعو ڏِيڻُ: مھلت ڏيڻ ـ مناسب وقت ڏيڻ. وجھ ڏيڻ.
ـ موقِعِهي تِهي: ظرف. پوري وقت تي ـ مھل تي.
● مَوقُوفُ: ذ صفت. (ع. وَقَفَ). بيھاريل ـ ڪڍو ڪيل. ٽاڙيرايل. ڪم ڪان روڪيل. نوڪريءَ ڪان برطرف ڪيل ـ برخواست ڪيل. ڪڍي ڇڏيل. منسوخ ڪيل. مھمل رکيل ـ مھلت ڏنل. ترڪ ڪيل ـ ڇڏيل.
ـ مَوقُوفُ ٽِيڻُ: نوڪريءَ ڪان جواب ڏيڻ ـ برطرف ٽيڻ ـ برخواست ٽيڻ.
ـ موقُوفُ ڪَرَڻُ: برخواست ڪرڻ ـ برطرف ڪرڻ.
ـ مَوقُوفِي ۽ مَوقُوفِيُون: ث. برطرفي ـ برخاستگي ـ معزولي ـ علحدگي. رد. إلتوا ـ توقف.
● موڪَ ۽ موڪُون: ث. (سن. موڪْشَ = چونڪارو). هيٺانھين زمين (جنھن ۾ پاڻي آساني سان اچي سگھي). ٻنيءَ کي واھن رستي ڏنل پاڻي. وھڪ (پاڻيءَ جي). وھندڙ پاڻي. جلارو پاڻي ـ گھٽو پاڻي. پاڻي جي آڏل ـ پالوٽ. گھٽائي ـ جھجھائي ـ زيادتي. (صفت). گھٽو ـ جھجھو ـ جام ـ متو ـ وڌيڪ ـ زياده.
ـ موڪتا: اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديھ جو نالو.
● موڪرِ ۽ موڪرُون: ث. (سن. موڪْشَ = چونڪارو). ويڪرائي ـ ويڪر ـ چوڙائي ـ ويڪراڻ ـ ڪشادائي ـ ڪشادگي ـ موڪراڻ. ٻوٽ ـ ٻيٽ.
ـ موڪرَاڻِ: ث. موڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

■ موڪِرائيي ۽ موڪِرائِيُون: ث. موڪراڻ- موڪڙ- چوڙائي.

■ موڪِرو ۽ موڪِرا: ذ. صفت. ڪشادو- ويڪرو- خلاصو- وسيع- چوڙو. گنجائشي- آزاد- جڳهه وارو- ڪليل- ميڪيو. وڏو.

● موڪُڻ: ذ. (سن). چوڻڪارو- آزادي- آزاد گي- نجات- موڪا- ميڪتي.

● مُوڪِل: ذ. صفت. (ع). وڪيل ڪندڙ- اصيل.

● موڪِلڻ: مصدر. (سن. مُنْجَ = آزاد ڪرڻ) مُنجڻ- پڻڻ- روانو ڪرڻ- (قاصد) ڊوڙائڻ- (لشڪر) چاڙهڻ- پيڄڻ. (موڪليو- موڪليندو- موڪليل).

● موڪَلَ ۽ موڪَلائُون: ث. رخصت- چوٽي- رضا- اجازت. اِذن. رهائي- آزادي- چوڻڪارو- چوٽڪو. نوڪريءَ کان برطرفي- موقوفي.

■ موڪَلَ آئيُئي: جملو. جيڪي وٽيئي سو ڪر.

■ موڪِلائي ۽ موڪِلائِيُون: ث. موڪل- اجازت- رخصت- روانگي- سانباهو. الوداعي. موڪلائڻ وقت ڏنل موڙو يا پئسا (خرچي طور).

■ موڪِلائِڻ: مصدر. رخصت ونڻ- چوٽي وڻ- اجازت وڻ- موڪل ونڻ- الوداع ڪرڻ- موڪلائي ڪرڻ- خدا حافظ ڪرڻ. اِذن ونڻ- آزادي ڏيڻ. (موڪلائيو- موڪلائيندو- موڪلائيل).

● موڪو: ذ. ڪُڌيا جي چپ ۾ پيدا ٿيندڙ ڳوڙهيءَ جو هڪ قسم. (جمع. موڪا) بيماريءَ جو هڪ قسم. موڪن جي بيماريءَ جو جيت.

● موڪا (ت): اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● موڪا ۽ موڪائُون: ث. (سن. موڪش = نجات) چوڻڪارو- رهائي. نذر- نذرانو. ڏکڻا.

● موڪاڻي (ت): ث. ڪنهن شيءِ وڻڻ جي عيوض (ڪُنهر يا دڪاندار کي) ڏنل ڏڻا (اناج).

● موڪِش: ث. (سن). موڪش- نجات.

● موڪَلَ ٻَهَهُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موڪَڻ: مصدر. (سن. موڪشڻ = آزاد ڪرڻ). آزاد ڪرڻ- مُڪت ڪرڻ. مُڪتي ڏيڻ- نجات ڏيڻ. ڇڏائڻ- آزاد ڪرائڻ. عيوضو ڏيئي گروي مان ڇڏڻ. عيوضو ڏيڻ- بدلو ڏيڻ. محصول ڏيڻ مان ڪا شيءِ آزاد ڪرائڻ. عيوض وٺي ڪا شيءِ ڇڏڻ. پوريءَ قيمت ۾ ڪٽڻ. احسان جو بدلو ڏيڻ- احسان لاهڻ. ڪنهن عمل مان خود کي چڱو ثابت ڪرڻ- ملهائڻ- مرڪائڻ. ڪجهه ڪري ڏيکارڻ. سُٿو ڪم ڪرڻ. ڪنهن کي ڏَٽَڻ- منتخب ڪرڻ- چونڊڻ- پسند ڪرڻ. انعام ڏيڻ- ورسائڻ. عزت ڏيڻ. (موڪيو- موڪيندو- موڪيل).

■ موڪَڻ ۽ موڪَڻُون: ث. آزادگي- رهائي- خلاصي- اجائي- چوڻڪارو- نيتارو- نجات- موڪِيرُ. پئسن يا محصول عيوض ڏيڻ مان ڪنهن شيءِ جي آزادي. (گاجرا).

■ موڪَ ۽ موڪَ: ذ. موڪ. چوڻڪارو. معافي. آخرين ۽ دائمي خوشي. ڏنل شيءِ جو عيوض. ڏرمي پستڪ جي قيمت- مٽائي (پاڪ ڪتاب جي قيمت). ڏرمي ڪريا ڪرم جو عيوض- پيٽا.

■ موڪا ۽ موڪائُون: ث. نَذر- نياز- سيسا- سُڪا. موڪ- موڪائي.

■ موڪائيُ ۽ موڪائِيُون: ث. موڪڻ جي بها يا مزوري- موڪ- موڪا.

■ موڪائِڻ: مصدر. آزاد ڪرائڻ- نجات ڏيڻ- چوڻڪارو ڏيارڻ. پاڻ ملهائڻ- مرڪائڻ- فخر ڪرڻ. (موڪائيو- موڪائيندو- موڪائيل).

■ موڪَ ٽِيَنُ: ڪو بلو پيٽي ٽيڻ.

■ موڪِش: ذ. نجات- موڪ. (گاجرا).

■ موڪِيُ: صفت. موڪ ڪندڙ- آزاد ڪندڙ.

● موڪِئِيُ (ت): اسم خاص. ٽنڪر پارڪر ۾ لوڻ جي هڪ ڪاڻ جو نالو.

● موڪِيُ: صفت. (سن. مَدْيَ = شراب) شراب چڪائيندڙ. مَدو وڪڻندڙ- ڪَلالُ. (اسم خاص).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ عورت جو نالو (جا گواڙ پاسي شراب وڪڻڻ جو ڪم ڪندي هئي، هڪ لڳ سنڌس شراب جي ڪنهن مٽ ۾ نانگ وڃي ٻيو ۽ انهيءَ مٽَ جو شراب جن ٻيتو ٿي، سي مري ٿي ٻيا).

"موڪي سندي مٽ ۾ سُري سپ ٻيو،
اِيءُ قضا ڪم ڪيو، ڪونهي ڏوهه ڪلال جو"
(شاهه).

● موڪَرَ (ث): اسم خاص. ٻوٽي جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم.

● موڪِرو ۽ موڪِرا: ذ. خوشبوءِ دار گل جو هڪ قسم - مَڪِرو.

● موڪائِڻ: مصدر. (سن. مُهْ = بيهوش ٿيڻ). موگهو ٿيڻ. هوش خطا ٿيڻ. (موڪائيو - موڪائيندو - موڪائيل).

● موڪِشْتُ ۽ موڪَشْتَ: ذ. صفت. (سن. مُهْ = بيهوش ٿيڻ). بي سمجهه - ڪند فهم - موگو.

● موڪو ۽ موڪا: ذ. صفت. (پرا. موڪو = موگو. سن. موڪ > مُهْ = بيهوش ٿيڻ. منجهيل - موڙ مل. اڻ ڳالهائو. گونگو - مائيٽو. مسڪين - اٻالو. اٻوجهه - ڪوپ - بي وقوف - ڪم ذهن - بي عقل - مورڪ - ڳهيلو - موگو سٽر. جهڪو (رنگ). بيهوش - مورڇت - وِسو. وسائل. سست - ڍيلو - آرسي - ٽوٽي - ڪاهل - ڳمر. ڪيڪو وِڪو ٽيل - حيرت زدو - وائڙو - نيپو - حيران. (ث. موڪِيُ ۽ موڪِيُون). (ذ). هڪ ڏينهن جو نالو. جن - پَوت.

= موڪائي ۽ موڪائيُون: ث. ڳهيلائي - موگهاڻ. آٻاڪائي. بيهوشي - غشي - وِسامائي - سستي - ڳهر - نند. وائڙائي.

= موڪاڻ: ث. موڪائي.

= موڪوسٽَرُ ۽ موڪِ سٽَرَ: ذ. صفت. موڏَن - وڳشتُ.

● موڪهه ۽ موڪهُون (ث): ث. برساتي ڪکر.

● موڪهو ۽ موڪها (ت): ذ. صفت. بيهوش.

● موگو ۽ موگا: ذ. صفت. (سن. مُدْ ڪ = مُڪ) مڪ جو - مڪ وارو. مڪ جي رنگ تي - موگي - هلڪو سائو - سائيڙو.

= موگِيُ ۽ موگَيُ: موگو.

● مول (ڪ): اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● مولُ ۽ مرلَ (ڪ): ذ. ٻڙيءَ جو هڪ عضو - ڪُوهي يا شيخلي جي چوٽي - مورُ. (اسم خاص). ڪوهستان ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو. (ن - ب).

"ملير تيلاهه مَرَڪي، جيلاهه مول ماس."

● مُولِ: ظرف. مُور.

● مُولُ ۽ مُولَ: ذ. (سن. مُول = اصلُ). اصل. پاڙ - جڙ - جڙهه - بيخ - بنياد - ڪيرَ - ٻيڙهه - بناءُ. ذاتو - شبديوني. مُهڇ - مُنڊ - ڏُرُ. پيدائش - ٻُهائي. ڪتاب جو اصل مضمون - متن. علم رياضيءَ ۾ سڳهه جو اصل عدد ("ٻيو مُول، ٽيو مُول" وغيره). هڪ نڪت جو نالو (جنهن ۾ يارهن نحس تارا آهن). (صفت). اصلي. بنيادي. مُنڊ وارو.

= مُول پاشا: ث. اصلي ٻولي. بنيادي زبان.

= مُولُ پاپُ: ذ. اصلوڪو گناهه. حضرت آدم عليه‌السلام ڪان ٿيل گناهه.

= مُول ساڻ شبدُ: ذ. اصل لڪل لفظ.

= مُول شبدُ: ذ. اهو لفظ جو ٻئي لفظ جو بنياد هجي - ذاتو - اشتقاق.

● مُولا: ذ. صفت. (ع). مولىٰ - مولو.

= مُولائي: ذ. صفت. مولىٰ جو طالب. مولىٰ وارو.

● مُولائو ۽ مُولاٽا: ذ. مولهاڻو - پگڙ.

● مولادادُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه. جو نالو.

● مُلارِيُ: ث. ڪاڌي جي ڪم ايندڙ مُوريءَ جون ڏانڊيون ۽ پَنَ.

● مُولانُ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مولانو ۽ مولانا: ذ. صفت. (ع). پڙهيل - وِدوان - عالم - فاضل - پَنڊت - مولوي. قابل - هوشيار - چاڙو - ماهر.

● مولاوَڙو: ذ. صفت. مُهاڇڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مولائيءُ: اسم خاص. هڪ قوم جو نالو (جنهن جي ڪچ ضلعي ۾ اينڪ آهي).
● مؤلِفُ: ذ. صفت. (ع. لَفّ) ڪتاب جو تاليف ڪندڙ- ڪتاب جا مضمون گڏ ڪرڻ وارو- مُصنّفُ.
● مولگو ۽ مولگا (ت): ذ. هٿني جو هڪ قسم- سڳن وارو هٿو. (حامي).
● مولِمُ ۽ مولِمَ: ذ. (ع. مارُقَ = هوا) هوا- واءُ- باد- پون. اوپر جي هوا. (گاجرا).
● مولِمو ۽ مولِما: ذ. صفت. (ع. مُسْلِمٌ) ڪنهن ڪِهڙي تي چڙهيل پاڻي- مُسلمو- مُسلمو.
● مولو: ذ. (ع. مولىٰ) مولا- مولىٰ. (صفت). مُنڍهيل (سُٽ وغيره) گانڊوڙيل. گهنبيدار (وار).
● مَولُودُ ۽ مَولُودَ: ذ. صفت. (ع. وَلَدَ) آهو ٻار جو پيدا ٿيو هجي- جايلُ- جاميلُ- جَميلُ- زاده. (ذ). جنم جو ڏينهن- پيدائش جو ڏينهن. پيدا ٿيڻ جو زمانو. حضور رسول صلعم جن جي جنم جو بيان. (آصفيه). رسول الله جن جي صفت ۾ چيل نظم. جنازي جي اڳيان سُر سان پڙهڻ لاءِ نبي ڪريم صلعم جن جي ثنا جا شعر.
- مَولُودي: ذ. صفت. مولود پڙهندڙ- شُغل پڙهندڙ.
● مولِيُ ۽ مولِيَ: ذ. صفت. (ع). شرع جا احڪام ڄاڻندڙ- دين جو عالم- فقيه. ڌرم شاستر ڄاڻڻ وارو- شاستري. شريعت جو پابند. مُعلمُ- مُدرسُ. راج پنڊت- سيا پنڊت.
● مولِهُ (ت): ث. سُوڙي جيءِ وَٽِ. تڏي يا ٽُوٽي جي ڪِنار.
- مولِهُ وَرائِنُ (ت): تڏي جون پُڇڙيون ورائي سمبڻ.
● مولَهاڻُ ۽ مولَهاڻا: ذ. مٽي تي ٻڌل وڏي ۽ ڊيري پڪوڙي- پڪوڙُ- ڦيڙَهُ- مولَهو- پٽڪو- پڪ- دستار. (ث. مولهائي ۽ مولهائيون).
● مولهاڻُ ۽ مولِهائا: ذ. مولهاڻو.
● مُولهڻ: اسم خاص. تعلقي نوشهري فيروز ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مولِهُ ۽ مولِها: ذ. مولهاڻو- مولهيو. پڪيءَ جو هڪ قسم. وڏيءَ چمار وارو آنءُ. (ث)- هوڙهو آنءُ- ڪيت. (ٿ). (ث. مولهي ۽ مولهيون).
● مولِهيو ۽ مولِهيا: ذ. (سن. مَسُولي = ڪلنگي وارو) ڪلنگي دار پڳ يا پٽڪو. (گهاتو- گُٽر). مولهاڻو- مولهائو- مولهو.
● مولي: ذ. صفت. (ع). ڏاڍي- مالڪ- والي- آقا- خاوند- سائين- صاحب. سردار- امير. پتي- سرتاج. بادشاهه- شاهه- پاتشاهه. سلطان- حاڪم. داتا. الله- ربّ- پريو- ايشور. خدا تعالىٰ.
● مولِيو ۽ مولِيا: ذ. مولهيو- مولهائو.
● مُولِيو ۽ مُولِيا: ذ. (سن). هڪ نڪت جو نالو. مُول لڪڻ ۾ ڄاڻايل ماڻهو. (صفت). سائو- هريو. زرد و- هيڏو. (گاجرا). خوش- آسودو.
● مولهيڏو حاجيءُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مولهيڏو شاهُ: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مولِيمُ ۽ مولِيمَ: ذ. وادڪي ڪم جي هڪ اوزار جو نالو- ماهيچيءَ جو هڪ قسم- گول ليکن ڪيڏ جو اوزار. (ن.ب).
● مومَ: ث. (ف. مومَ. سن. مَدّ تَتّمَ = ميڻ) ميڻ- آها شئي جنهن مان ماکيءَ جي مک پنهنجو مانارو ٺاهي.
- مومُ بتيءُ ۽ مومُ بتيُونُ: ث. ميڻ بتي- موميتي- شمع.
- مومُ جامو: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي موم لڳل هوندي آهي).
- مومُ دل: صفت. نرم دل- دل ڪونئرو- حليم- نرم طبع- نرم مزاج.
- مومُ روغنُ: ذ. ميڻ ۽ ترن جي تيل ڪي گڏي ٺاهيل روغن.
- مومي ۽ مومِيُ: ذ. صفت. ميڻ جو- ميڻ وارو. ميڻ جهڙو- نرم. (گاجرا).
- مومبتيءُ ۽ مومبتيُونُ: ث. ميڻ بتي- موم بتي- شمع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُوْمَرُ ۽ مُوْمَرَ (ث): ذ. صفت. بي سمجهه- مست- چريو.

● مُوْمِيڙائِي ۽ مُوْمِيڙائِيُون: ث. (ف. مومياڻي = مومڙاڻي). ڪاري رنگ جي هڪ سٽيي دوا (جا پڳل هڏ ڪي ڳنڍڻ جي ڪم اچي)- مومياڻي- مومير ي. (آصفيه).

● مُوْمَلَ ۽ مُوْمَلُون: ث. صفت. (سن. وِ = ٻنان + مَلَ = مَٽر). پاڪ- پوٽر. آجري- آچي- آوجل. سهڻي- حسين. (سر مومل راڻو- ڪُر). (اسر خاص). مومل راڻي واري قصي جي هڪ مشهور عورت جو نالو.

● مومِنُ ۽ مومِن: ذ. صفت. (ع. اَمَنَ). ايمان وارو- ايماندار- ايمان آڻيندڙ- سچو مسلمان- مسلمان. دين تي پڪو. (اسر خاص). قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو.

● مومِيائِي: ث. دوا طور ڪم ايندڙ پساريڪي وڪر جو هڪ قسم (جا پڳل هڏن ڪي ڳنڍڻ جي ڪم اچي)- مومڙائي. (مصر ملڪ ۾ پر ٽي زماني جا مصالح جي زور تي رکيل لاش)- ممي.

● مَٿونْ: حرف جر. منجهان- مان- ڪان- وٽان.

● مُوْدُ: ضمير متڪلم. (پرا. مٽيه: سن. مَيا = مُون). مان- آءُ- پاڻ- پنڊ. (هي ضمير فعل متعدي جي ماضيءَ وارن زمانن مان ايندو آهي جيئن "مون لکيو، مون پڙهيو" وغيره).

▬ مُوْنْ جِيان: ظرف مون وانگر.

▬ مُوْ ڪَرِ: حرف جر. ماڻهي (ت)- مون ڪي- پاڻ ڪي.

▬ مون گَرِ: حرف جر. مان گَرِ- مون وٽ- مون تائين.

▬ مُوْنْ هَتانْ: حرف جر. مون ڪان- مون وَٽان- منهنجي طرف ڪان.

● مُوْنْ: ذ (سن. مَوْنَ = ماڻ) ماڻ- چپ- خاموشي- سُڻڻ- ساڻت- سانوڙو. آرام- نمار- سامت- ڏ برج.

▬ مُوْنْ ڌارڻ: ماڻ ٽيڻ- چُپ رهڻ- خاموشي اختيار ڪرڻ- گُپ چُپ رهڻ.

▬ مَوْنِي ۽ مَوْ لِي: صفت. مُڻ- خاموش. سامت- ساڪِت- ساڪَن. (اسر خاص). جوڳي فقيرن جو ماڻ ۾ گذاريندڙ هڪ فرقو.

● مُوْڙِٽْ: ث. (ع. مَوْ نِثْ). مادهه. مادي. عورت- زال. عورت جو مخصوص عضوو. (گاجرا). گرامر موجب جنس جو هڪ قسم- مادي لاءِ ڪم ايندڙ جنس.

● مُوْنْجهُ ۽ مُوْنْجهُون: مُوْنْجهه: ذ. (سن مُهَ = بيهوش ٽيڻ). ساهه گهٽجڻ جي حالت- گهٽ- پسوست. سخت گرمي. سخت گهٽ- سخت گرميءَ سبب بيهوش ٿي وڃڻ جي حالت. ساهه جي بي آرامي- آندماندڻ. بي آرامي- بي قراري. بي چيني- ڪُٽي. فڪرات. هيانءُ تي بار- غُبار. حيراني- پريشاني- واڙائي (ست وغيره جي) منجهڻ جي حالت- مونجهارو- ڳاڙيوڙ. رولو- ڪوڙ- گهوٽالو. مونجهو.

▬ مُوْنْجهارو ۽ مُوْنْجهارا: ذ. مونجهه. رولو. ڪوڙ. مونجهو.

▬ مُوْنْجهو: ذ. مونجهه- مونجهارو.

● مُوْنْجهار ي: ث. پوٽي جو هڪ قسم (ولائتي پير جهڙو، پن ڪهرا، گل هيڏو ڪيوڙي رنگ تي مائل).

● مُونْدَرَ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مُونْدَرْ: اسر خاص. تعلقي دادو، تعلقي ننگرپارڪر ۾ تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ ذات جو نالو.

● مُونْدِراڻي (ت): اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. (ڀٽي پاڙو).

● مُونْڊاوَاءِ: اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُونْڊاهِي: ث. ڪنهن به چوپائي مال جي سار يا فرج.

● مُونْڊو ۽ مُونْڊا: ذ. اسر خاص. (ٻيءَ جو) ٻرنر- جلاويو.

● مُونْڊيو ۽ مُونْڊيا: ذ. صفت. منڊ وارو يا گو- مُهڙ. مُهاڙو- اڳياڙي. (ذ). ڪُلهو. ٻڙيءَ جي آڏ جي چوٽيءَ ۾ پڌل رَسو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُونڊ (ت)؛ ذ. مُنڊ - بنياد.
- مُونڊو اڪٽائڻ (ت)؛ مهاڙو اڪٽائڻ. هروپرو جهيڙو ڪرڻ - فساد ڪرڻ.
● مُونڊو: ذ. گوڏو - مونو. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
● مُونڊي ۽ مُونڊ ٻون؛ ث. ملهه يا ڪُشتيءَ راند ۾ هنيل ٽوريءَ گوڏي جي ٽوڪر.
- مُونڊي: ملهه راند ۾ گوڏي جي ٽوڪر ڏيڻ. انگڙو هڻڻ - ڦڙتي هڻڻ. رنڊڪ وجهڻ - اڙڪ وجهڻ - چيڏڪ وجهڻ - رڪاوٽ وجهڻ.
● مُوڪر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ۾). (سينسز ۱۹۳۱ع).
● مُونڪَ ڦَري (ت): ث. پيرت جو هڪ نمونو. ڪاڇو.
● مُونگهان (ڪ): بوٽي جو هڪ قسم (ٽارين ۽ ٽڻڻ جي ڪل تي ڪنبا ڪنبا ٿين، جن ۾ ڪير آهي، ذائقي ۾ لذيذ).
● مونو ۽ مونا: ذ. صفت. (سن. مُنڈ = ڪوڙڻ). ٽوڙهو. مٿي ڪوڙيل ماٿهو (خاص ڪري جيڪو سپ وار ڪوڙائي ڇڏي). سنياسي. (ذ). سانوڻ جي مند ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ گاهه جو قسم. (ل).
● مونو ۽ مُونا: ذ. گوڏو - گهٽنو. ڪورين جو هڪ اوزار - تُر جي ٻنهي پاسن ڪان زمين ۾ ڪُٽل ڪاڻيءَ ٽڪر (جن ۾ تُر ڦري سگهي). آڏاڻي ڪي جهلڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪلو. ايٽ جي آڻي ڪاڻي - پائو.
- مُونا هڻڻ: گوڏا هڻڻ - اولڙ ڪرڻ. لتاڙڻ. (ڪنيات - گر).
- مُونڍين: ظرف. گوڏن سان.
- مُونن ۾ مُنهن ڏيڻ: گوڏن ۾ منهن وجهڻ. مراقبي ۾ ويهڻ.
● مُونهڻي (ت): ث. پيٽ جي شروعات وارو هنڌ.
● مُونيي ۽ مُونيون: ث. (ڪنهن به جانور جو) ڪَريو - مُرو - مَريو. مُريهي جا وار. (ڪاجرا).

● موٽ ۽ موٽ؛ ذ. (پرا. مِيتَ. سن. مَدَنَ > مِد = سٽيو ڪرڻ) ڪاڏي طعام (يا شيءِ وغيره) کي لذيذ يا نرم ڪرڻ لاءِ انهي ۾ گڏيل مکڻ يا گهيه. (گاجرا).
● موٽ: مصدر. (سن. ما = مَٽِڻ) مَٽِڻ - ماپڻ.
● موٽيي ۽ موٽيون: ث. (پرا. مِيتَ. سن. مَدَنَ > مِد = سٽيو ڪرڻ) انهي ۾ گهيه سان تيار ڪيل مٺائيءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ مٺاڻ گهٽو هوي). ڪهٽي گهيه واري ڪڪي. بسڪوٽ جو هڪ قسم.
- موٽيو: ذ. ڪهٽي گهيه ٻيل ٻُوريون يا ڪچوريون. (گاجرا).
● موهُ: ث. (ف. مُوي = وار) وار. (گاجرا).
● موهه ۽ موهَ: ذ. اسم. (پرا. مُهَ. سن. مُکَ = مُنهن) مُنهن - مَکُ. مُهاڙ - مُوهڙ - مُهڙ. (مارئي - گر).
● موهڙ ۽ مُوهڙ (ڪ): ذ. مُنهن وارو پاسو - مُهڙ - مُهاڙ.
- موهينگ ۽ مُوهينگ (ث): ذ. موهڙ - مُهڙ - مُهاڙ.
- مُوهينگڙو: ذ. منهن - لنگهه - دروازو.
● موهبت؛ ث. (ع. وَهب) سخا. بخشش. (گاجرا).
● مُوهر: ذ. مُهراڻو جو مخفف. ٽُرُ جي هڪ حصي جو نالو - پڪي زمين ۾ ٽُرُ جي دنگ ملڻ ورو هنڌ - مُهراڻو - ڪس.
"ٽُر ٽُوهر، مُلڪ مُوهر" (سانوڻ).
● مُوهرو ۽ مُوهرا (ت): ذ. آٽ جي سنج جو هڪ قسم - مُونهن لاءِ منهن تي ڏاڪڻ جو چاديءَ جي ڦلڙين سان موڙ.
● موهيل: اسم خاص. تعلقي خيرپورميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● موهيلا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● موهنڊاڻي: اسم خاص. سري بلوچن جو هڪ قبيلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● موهڻ: مصدر. (سن. مُهْ = بيهوش ڪرڻ) بيهوش ڪرڻ - بي سُڌ ڪرڻ وَس ڪرڻ. چيت چريو ڪرڻ. موهتَ ڪرڻ - مَنُ لُڀائڻ - عاشق ڪرڻ - مفتون ڪرڻ - دل ڪسڻ - دل ونڻ - سومي چڏڻ. جادُو وجهڻ - سَندڻ - چَلَنُ. لالچائڻ - ڏاتارڻ - ريبن - ڏاڙ رائڻ - لوبَن - پرمائڻ. دَلبو ڏيڻ. پريائڻ - ريجهائڻ. لَبُ ڏيڻ - لَبَنُ. خوش ڪرڻ. (سن. مَدنَ > مِدُ = سٹيو ڪرڻ) الي پر موڻ (گيهه) وجهڻ. (شايد! سن. مَردن = مهڻ). جلائڻ - ٻارڻ - ساڙڻ. (شايد! سن مَدِ = هلڻ) موڪلڻ - روانو ڪرڻ. (گاجرا). (موهيو - موهيندو - موهيل).

- موهُ ۽ موهه: ذ. هوش گم ٿيڻ جي حالت - بيهوشي. اڃاڻائي - بي خبري. اڳيانتا - جهالت. پيار - پريت - محبت - سَنيهه - ارواحُ - لڳڻي - پيوندُ - مَهِنا - حُبُ - پريم - قُرب - پريتڙو - عشق. جادُو - مَندُ - ٽوڻو. سحر. ڪشش - چڪَ. سَڌَ - خواهش - چاهُ - چاهنا - چاهتَ. لوبُ - لالچ. ٻاجهه - مهرباني - دَيا - ڪِرپا - پلائي. چريائي - مستي - جُنونُ سؤداءُ.

- موهِتُ ۽ موهِيتُ: ذ. صفت. بيهوش - غش. اڻ جاڻ - بي خبر - بي سُڌ. موهيل - وس ڪيل. چيتُ چريو - اڪنُ چڪنُ - عاشق - مَفتُون - فِدا - مست - شيدا - شيفته - فريفته. لهايت گهڙو پيار ڪندڙ. جادُو سان سوميل. نظاري جو ماريل. (آصفيه).

- موهِجَنُ: مصدر. بيهوش ٿيڻ. عاشق ٿيڻ. پيار ۾ ڦاسڻ. لوڀجڻ.

- موهِجِيُ پَونُ: عاشق ٿيڻ - پيارو گهرڻ - پائڻ - پسند ڪرڻ.

- موهَ رُوپِيُ: ذ. صفت. نَڪڙو - خيالي - وهمي - ميٿيا.

- موهڙ: ث. پيار - موهه - محبت. موهڙي. ث. موهڙ.

- موهَنُ ۽ موهَنَ: ذ. صفت. چريو ڪندڙ. دل چڪيندڙ - موهيندڙ - مَنوهَرُ - لالَن - ساجن - پريهن - محبوب - دلربا. ڪشش ڪندڙ - سهڻو. (اسم خاص). ڪرشن مهراج جو هڪ صفاتي نالو. مَن موهَن.

- موهَن مالا: ث. ڪٿيئين ۽ سونن دانڻن سان مالها. (گاجرا).

- موهِنو ۽ موهِنا: ذ. صفت. موهن - موهڻو. (ث. موهِني ۽ موهِنيُون).

- موهِنِيُ ۽ موهِنِيُونُ: ث. صفت. دل چڪيندڙ عورت - موهيندڙ زال - موهِيڻي. جادوگرڻ - ساحره. انگل آرو ڪندڙ عورت - بازاري عورت. (گاجرا). (ث). ٻئي جي دل ونڊندڙ. منتر - وشي ڪرڻ - جادو - ساحري.

- موهِنِيُ مَنتُرُ: ذ. ٻئي کي موهيندڙ منتر.

- موهِيڙُ ۽ موهِيڙا: ذ. صفت. دل چڪيندڙ. موهنو - موهيندڙ پيارو (ث. موهڻي ۽ موهڙيون).

- موهُو ۽ موهُوءُ: ذ. صفت. موهيندڙ - موهنو - موهڻو.

- موهِيُ: ذ. موهه. پيار. عشق. ممتا. (گاجرا).

● موهَنُ: اسم خاص. تعلقي ڏنڊي ۾ گي ۽ هڪ ديهه جو نالو.

● موهَنُ ٽالُ: ذ. (سن. موهَنُ = چڪيندڙ + سُٽالَ = ٽالهه) مٺائيءَ جو هڪ قسم - چاشني ۽ پڪل مڱڻ جو اٽو (جو ٽالهه ۾ پلٽائي چڙهايو آهي).

● موهِنو ۽ موهِنا: ذ. ڪبوتر جو هڪ قسم - اڇي منهن وارو ڪارو ڪبوتر.

● موهَنُ: اسم خاص. رڻي ڪوٽ ڪان اوپر طرف هڪ جبل جو نالو. لئي جو نالو.

● موهوُ ۽ موهَا (ڪ): ذ. وڻ جو هڪ قسم.

● موهِيڙو ۽ موهِيڙا: ذ. جوانيءَ جي وقت منهن تي نڪتل چمڪندڙ داڻو (ڦُرڙيءَ وانگر).

● موءُ ۽ موءِ: ذ. (ف. مُو = وار) وارَ. چوٽا - جٽائون. آونداهَ - ڪاراڻ (ڪ).

● موئيرا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● موئيرو ۽ موئيرا (ت): ذ. ڪُل جو هڪ قسم (هيءُ گل اڪثر ٻيٻي پاسي ٿيندا آهن، جن مان شراب ڪرندو آهي). (سنڌ جو سيلاني).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُونڀي يا وڻ جي ٽارين کي مروڙي، ٽانوَ صاف ڪرڻ لاءِ ٺاهيل مُونو. ٻُهٽ سان پريل جانور جي ڪَل. (ت). ٻُٽ- ہوتو.

● موٹَنُ: مصدر. (سن. مَرْدنَ = مهڻ) ڪنهي هڏ سان مَٹسرڻ. مهڻ ملائڻ. لوٹيڻ (ڪپڙو) نيپُوڙڻ - مَروڙڻ. موڙڻ. وَٹَنُ - ويڙهڻ. ورائڻ. (پرا. مَيَنُ. سن. مِدْ = سٹيو ڪرڻ) ڪنهن شيءِ کي سٹيو ڪرڻ ۽ ملائڻ. گهڻ سان اٽو گوهڻ.

= موٹِنُ ڪَرَنُ (ت): ڪُروِي اٽي ۾ گيهه ميلائڻ.

● موٹيٽي ۽ موٹيٽيُونُ: ث. موٽِي.

● موٹيٽيو ۽ موٹيٽيا: ذ. مُوٽِيو.

● مُوٹو ۽ مُوٹا: ذ. مَرَڻ جو چڪو - مُوڙو. (ت). ڪَڪَن يا اڇڙين مان ٺاهيل مُونرو. (ل-ت). مُشعل - مُشال. وڻ جو هڪ قسم. (ڪ).

● مُوٹِيُ: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● مُوٹيڏانُ: اسم خاص. تعلقي ڏٺي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● موٹيڏانُ: اسم خاص. مُول ڪان اُپرندي طرف هڪ جبل جو نالو. (ن - ب).

● موٹيرو ۽ موٹيرا (ت): ذ. آڻَ جي ٻَلاڻ جي گدين ۾ نرم ٽين لاءِ وڏل ڪانڌن جي سرن جا ٻَنڊ. (حامي).

● موٹيلو ۽ موٹيلا (ث): ذ. تيرن ۾ مُڪڻ جي فصل کي نقصان رسائيندڙ جيت جو هڪ قسم.

● موٹيا: ذ. (ع. ماء) پاڻي - آب. (ن - ب).

(اسم خاص) تعلقي ڪُوٽيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُوٹيشيُ: ذ. (ف). چوپايو مال - وهت وانو. چوپاڙي مال جي وڪري تي ورتل سرڪاري محصول.

● مَهٹُ: ذ. (ف. مَاهُ جو مخفف). چَنڊ - قمر - ماهتاب - چندر - چندرما. (ع.ا.د).

● مَهٹُ (ڪ): ذ. (سن. مَه = ماکي) ماکيءَ جي مسڪ - شهد مکي.

● مَهٹُ ۽ مَهٹَ: ذ. صفت. (سن. مِشْرَ = گڏيل) گڏيل - گڏاڙو - مُرڪب - ميلي رليل.

● مِهٹُ: ذ. صفت. (ف). وڏو. بزرگ.

● مِهٹُ ۽ مِهٹَ (ل): ذ. (سن. مشْ = ٻاهوڻ ڪرڻ). ٻاهوڻ - مِنهن - عذر. چارو - علاج. (ديسي - گر).

● مَهَا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهَا ۽ مَهَا: صفت. ظرف. (سن). وڏو - شاهي - ڪبير. اُتر - عالي - بُلند - اڇو. ڏاڍو - سخت. زور وارو - قوي - ڳرو. مضبوط. تمام گهڻو - پي انت - اپار. زياده (ظرف) ڏاڍو - نهايت - تمام - بلڪل - زور - نيُور. (ذ). اڪثر مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ "مَهاپُرش، مَهاتما وغيره"

= مَهَا آدوگيُ: ذ. صفت. وڏو متحنتيُ - جفاڪش - آورچ.

= مَهَا بِراهِمَنُ: ذ. صفت. پِتَرن جو ڪريا ڪرم ڪرائيندڙ براهمڻ.

= مَهَا بَلِي: ذ. صفت. تمام گهڻي طاقت وارو - بَلوان پهلوان.

= مَهَا پارتُ: ث. پارت يا هندستان جي وڏي لڙائي - عظيم جنگ (جا پانڊون ۽ ڪورون جي وچ ۾ لڳي هئي). مهاپاري جنگ جي احوال وارو ڪتاب.

= مَهَاتَمُ ۽ مَهَاتَمَ: ذ. صفت. وڏائي. ساراهه. ڪنهن به نيڪيءَ جي ڪم مان ملهل فائدو. ڪنهن ڏرمي پستڪ پڙهڻ مان ملهل لاڀ - ثواب.

= مَهَاتِما ۽ مَهَاتِماَ: مَهَاتِماَنُ: ذ. صفت مَهَاآتما - پاڪ روح وارو ماڻهو. وڏو پهتل ماڻهو - خدا ترس - ولي - سَنت. نيڪ چلن - گنوان. پاڪ.

= مَهَاتِما پُرشُ: صفت. وڏو ولي.

= مَهَاپاپِيُ ۽ مَهَاپاپِيُ: ذ. صفت. وڏو گنهگار.

= مَهَاپرساد: د. ديوتائن کي نذرانو ڏنل کاڌو يا پل چڙهيل - ديوتائن کي ڏنل کاڌي جي پيٽا. (خالصن جي چوٽي). ريڍو گوشت.

= مَهَاپُرش: ذ. صفت. وڏو ماڻهو. مهاتما. وڏو سَنت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَهاپَرلئي: ث. پورڻ لئي - قيامت.
= مَهاپَرُوِيُنَ ۽ مَهاپَرُوِيُنَ: ذ. صفت. بلڪل هوشيار.
= مَهاڻَنُ: ذ. صفت. وڏو ماڻهو- مشهور ماڻهو. چڱو يا ديندار ماڻهو. سوداگر. صراف. هندو واپارين جي پنچايت - مهاجَنُ. پنڌجات.
= مَهاڇارُ: ذ. ث. مڇيءَ مارڻ جو هڪ وڏو چار. رولو - مونجهارو - گوڙ. وڇوڙ. جنجال - زحمت - ڪشالو - جاکوڙ. مشڪلات - تڪليف.
= مَهاڇَنُ ۽ مَهاڇَنَ: ذ. صفت. مشهور ماڻهو. پَريو مُڙس - چڱو مڙس - پَتيل - مُکي - سردار. ايماندار. پَڌي جو واپاري. واپاري - سوداگر. شاهوڪار - شراف - صراف. (هندن جو هڪ) فرقو- نيات - سماج پنگت. ٽولي - جماعت - سڀر - مهاجن.
= مَهاد يو ۽ مَهادِيو: ذ صفت. چمڪندڙ ۽ نوراني ڇهري وارو. (اسر خاص). هندن جي شِيوُ مهراج جو ٻيو نالو.
= مَهارات (ث): ث. وڏي رات. ڇڇ جي روانگي واري ڏينهن ڪان اڳين رات.
= مَهاراجا ۽ مَهاراجانُونُ: ذ. صفت. وڏو راجا - شهنشاهه - سلطان - قيصر.
= مَهاراڻو ۽ مَهاراڻا: ذ. صفت. مهاراجا.
= مَهاراڻيُ ۽ مَهاراڻِيُونُ: ث. صفت. وڏي راڻي - باد شاهه بيگم - قيصريه - ملڪه.
= مَهاساگَرَ ۽ مَهاساگَرَ: ذ. وڏو سمند- بحر.
= مَهاشيءُ: ذ. صفت. سڻو ماڻهو - آبرو وارو - مُعزز - مانوارو - مانائتو. جناب - مسٽر.
= مَهاڪَرمُ: ذ. صفت. تمام گرم - سخت ڪوسو.
= مَهامَري: ث. وڏو مرض - وڏي بيماري. تمام گهٽو موت آڻيندڙ ڪاب بيماري. پليگ.
● مُهابو ۽ مُهابا: ذ. (ع. حب). لا ڀاهو - واسطو. اثر. سچ ٽپ - ڏيٺ - صدقو.
= مُهاڀي: ظرف. لا ڀاڀي سان. سچائپ سان. صدقي.
● مَهابهارَتَ: ذ. (سن). هندن جو وڏو ڏرمي ۽ تاريخي ڪتاب (جنهن ۾ آرين جي ٻن ڏرين ڪورون ۽ پانڊون جي لڙائي جو احوال درج آهي).
● مَهاتَمَ: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر سنڌ ۾) (سينسز ١٩٣١ع).
● مَهاجَنِ (ت): اسر خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.
● مُهاجِرُ ۽ مُهاجِرَ: ذ. صفت. (ع. هَجَرَ) هجرت ڪندڙ - لڏيندڙ. هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ ويندڙ - ٻنهنجو اصلوڪو ملڪ ڇڏي ٻئي ملڪ ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪندڙ. مسافر. نرواسي. حضرت محمد صلعم جن سان گڏ مڪي شريف کان مدينو منور ڏي هجرت ڪئي.
= مُهاجَرت: ث. وڇوڙو - لاڏاڻو. علحدگي - جدائي. وطن ڇڏي هليو وڃڻ جي حالت - هجرت.
● مُهاڇارُ: ذ. صفت. (سن. مُکت = وات) ساڳيءَ ماءُ جو ڀهربون مَٽي ويل پارُ جڻ کان پوءِ ٻيو جاول (پار) نازڪ ۽ ڍڇو (پار). مُهاڇڙو - روئڙو - آبديده - روئڻهارڪو.
= مُهاڇڙُو ۽ مُهاڇِڙا: ذ. صفت. مُهاڇڙ.
● مُهادِيُ ۽ مُهادِيُونُ (ل): ث. وڪري لاءِ ڪٺل وڏو جانور (ڏاڍو - پاڏو وغيره).
= مُهادِيُ ڪرڻُ: وڏو جانور ڪُهي وڪڻڻ.
● مُهاڏُو ۽ مُهاڏا: ذ. (سن. مُکت = وات. ع. محاذ) مُهاڏُ - اڳُ - مُهاڳُ - مُهاڏُ - اڳياڙي. جنگ وغيره ۾ اڳيان ٽيڻ يا آن جي منهن ۾ اچڻ جي حالت. فوج جو اڳيون پاسو.
= مُهاڏا آڻڪائيڻُ: ڪنهن سان گالهه نه ڪرڻ لاءِ سمجهائڻ. حجت ڪرڻ.
= مُهاڏُو آڻڪائيڻُ: منهن ڏيڻ. بحث ڪرڻ - ضد ٻڌڻ - هٺ ڪرڻ. رڳڙو ڪرڻ. جنگ جوڙڻ - جهيڙو ڪرڻ - سامهون ٽيڻ.
= مُهاڏُو ڏيڻُ: مُهاڏو آڻڪائڻ.
= مُهاڏُو ڪَرڻُ: سامهون ٽيڻ - دوبدو ٽيڻ - منهن ڏيڻ - مُهاڏو آڻڪائڻ. مقابلو ڪرڻ - چٽاپيٽي ڪرڻ - وڙهڻ ڪائڻ. اوچتي ملاقات ڪرڻ. پاڻ ڏي مخاطب ڪرڻ. (ن - ب).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُهاڏِيُ ۽ مُهاڏِيُونُ (ت): ث. شڪار ڪرڻ مهل آها ڪائي جنهن تي بندوق رکي هٿجي.

● مَهارَ ۽ مَهارُونُ: ث. (ف). آڻ جي ناڪيلي - لاڙي. ناڪيليءَ ۾ پڌل رسو (جنهن سان آڻ کي هلائجي). ڏندن جي مٿان وارو گوشت - ڏندن جي هيٺ وارو گوشت - مَڑهي.

- مَهار مُوڙَنُ: سواريءَ واري جانور جي واڳ ورائڻ. موڙڻ - موڙي اچڻ.

"تو لئي گهڙيون ڏکيون گهاريان،
موڙي آءُ محب مهارون."
(بيدل).

● مُهارُ ۽ مِهار: ذ. صفت. مينهون چاريندڙ - ميهار - ميهر.

● مُهار: ث (پرا. مُچ: سن. مَادْيَ > مَدْ = ميلاپ جي خواهش ڪرڻ) جانورن (چوپائي جو) پاڻ ۾ ميلاپ ڪرڻ جي خواهش - چاڙو - وهر - هوڪ.

● مُهارَتُ: ث. (ع. مَهَرَ). آستادي - هوشياري - قابليت.

● مُهار جَڻُ: مصدر. (پرا. مُچ: سن. مَادْيَ > مَدْ = ميلاپ جي خواهش ڪرڻ). مادييءَ جو نرُ سان ملڻ واسطي تيار ٿيڻ. (گهوڙيءَ جو) چاڙو ڪرڻ - (گاءِ جو) وهڙجڻ - (ٻڪريءَ جو) هوڪجڻ (مُهاريو - مهاريندو - مهاريل).

● مُهارُ: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُهارو ۽ مُهارا: ذ. (ع. مِهادَ). پردو - هوش. ڪٽ جو پردو. ڊڪيل ڪٽ - مهاري. چَپر ڪٽ. پلنگ. سيج هندورو. (اسم خاص). تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- مُهاريُ ۽ مُهاريُونُ: ث. مُهارو. مچرداني.

● مُهارو ۽ مُهارا: ذ. (سن. مُکَ = منهن). گهوٽ ۽ ڪنوار جي ڦيرون پٽني راتيون گڏ گذارڻ جو هنڌ. شاديءَ بعد گهوٽ ۽ ڪنوار جي گڏ سمهڻ جي جاءِ.

- مُهاريُ ۽ مُهاريُونُ: ث. مهارو.

● مُهاڙَ ۽ مُهاڙُونُ: ث. جڳهه جي مسواڙ - پاڙو - ڪرايو. ساڻ جو پاڙو.

● مُهاڙُ ۽ مُهاڙُ: مُهاڙُونُ: ذ. ث. (سن. مُکَ = وات). منهن - مُک - مهانڊو - مُهڙ - اڳيون حصو - مهاڳ - اڳر - اڳياڙي. آڳٽ. مُهاڙي. (اسم خاص) نٽي هارڻ جي آترڻين پاسي هڪ جبل جو نالو. (ڪ).

- مُهاڙو ۽ مُهاڙا: ذ. مُهاڙ - مُهڙ. ڏاڙي جو منهن. (ظرف). منهن آڏو - اڳتو - نگاهه ۾ - نظر ۾ - سامهون.

"مڙ ماڻهو جيڪي منهنڊا مهاڙي ۾ رهيا."
(احمد ملاح).

(ذ). جانورن جي وات ۽ پيرن جي هڪ بيماري جو نالو. (ت). (اسم خاص). تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُهاڙِيُ ۽ مُهاڙِيُونُ: ث. مُهاڙ - مُهڙ - مُهاڙو. ڪنهن به جاءِ جو منهن يا مهاڳ. شڪار ڪرڻ ۾ جانورن کي هنڌ ڪرڻ لاءِ چوڌاري لوڙهو - جهنگلو - پنهير - لڪڻ ڪوٽ - لڪڙائين آڙ. پهرئين طرف ڪان در جو ٿيون پاڳو. (ذ. صفت). گهراهڪ - ڏيتي لٻتي وارو. (ل). (اسم خاص). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مُهاڪَ ۽ مُهاڪُونُ (ت): ث. ساندارِي پڌن جو ڏورو.

● مُهاڪڙو ۽ مُهاڪِڙا: ذ. (سن. مُکَ = وات). ڇاڻ پڇاڻ - واقفيت - سهپو - ڏيٺ. خبرچار. (ث. مُهاڪڙيُ ۽ مُهاڪِڙيونُ).

● مُهاڳَ ۽ مُهاڳَ: ذ. (سن مُکَ = وات). ڪنهن به جاءِ جو اڳيون پاسو. مهاڳ - جاءِ جي اڳيان خالي پيل ميدان - پڌر - اڳر - اڳياڙي - مهاڙ - مهاڙي.

- مُهاڻو ۽ مُهاڳا: ذ. مهاڳ.

● مُهامَريُ: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم - ڪالرا. پليڪ. سهان. صفت. (سن). مها.

● مُهانڇِيرو ۽ مُهانڇِيرا: ذ. صفت. مهاڇڙو. (ل.ب).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَهانڊِ: ظرف. (سن. مُکَ = وات) اڳ ۾ - شروع ۾ - اوائلي. پهرئين. مَهِنڊ. (گاجرا).
● مُهانڊُ ۽ مُهانڊ ؛ ذ. اسم. (سن. مُکَ = وات) ڳُوڙ جو مُنهن.
● مَهانڊِي ۽ مَهانڊِيُونُ (ث)؛ ث. گهوٽ جي پيڙ - نِشان - نِشانڊَ.
● مُهانڊَ: ث. (سن. مُکَ = مُنهن) مُنهن - شڪل - چهرو - رُوءِ - صورت - مُهانڊو.
- مُهانڊو ۽ مُهانڊا؛ ذ. مُنهن - شڪل - چهرو - مُهانڊَ. نمونو - حُليه - بناوٽ - ڍُڱ - شبيهه. پُوچ - پُنجو - ڊِيکُ.
- مُهانڊو ۽ مُؤس (ت)؛ ذ. صفت. ڏسڻو واڻسڻو - معتبر - چڱو مڙس - آبرُوءَ وارو.
● مَهانگُ ۽ مَهانگت؛ ذ. ث. (سن. مَها = وڏو + ارُ گهه = اگهه) گهرو اگهه - مهانگائي - تيزي - گِراني - اَگهِي - آڪرائي. قحط - ڪال - ڏُڪار.
- مَهانگائِي ۽ مهانگائِيُونُ؛ ث. مَهانگ.
- مَهانگ مَچِنُ: مهانگائي ٿيڻ - آڪِرائي ٿيڻ. هر شيءِ جي اٽاڪ ٿيڻ - ڏُڪر پوڻ.
- مَهانگو ۽ مهانگا؛ ذ. صفت. گهٽي ويها وارو - گِران - آڪِرو.
● مُهانڍُو ۽ مهانڍُوا؛ ذ. صفت. (سن. مُکَ = وات) منهن ورُو - مڌو.
● مَهانڍِين؛ صفت. (سن. مُکَ = وات) مهمايل - وڊيل - ڪهايل - ڦٽيل زور وارو. شوخ - وحشي - درندو. سُورمو - سُورهيه - بهادر - پَٽِي - پَلوان - جوڌو. آزمودگار. مَهائين.
● مُهاڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو ناڙو.
● مُهاڻُو ۽ مُهاڻا؛ ذ. صفت. مڇي مارينڊڙ - ماڇي. ميرِبحر - ملاح. (ث. مُهاڻِي ۽ مُهاڻِيُون).
- مُهاڻِڪو ۽ مُهاڻِڪا؛ ذ. صفت. مهاڻي جو - مُهاڻي وارو.
● مُهاڻِي: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● مَهاوَتُ ۽ مَهاوَتَ؛ ذ. صفت. زور وارو - زبردست. هاٿي هلائيندڙ - فيلبان - پهلوان.

● مَهائِيُ: مصدر. پاڻ کي وڏو پائڻ - آکاڻ. ٽورو مڙهڻ. "هڪڙو پنڻ پيو مَهائِيُ" (پهاڪو). (مَهائيو - مَهائيندو - مَهائيل).
● مهائِي: صفت. مهمايل. وڊيل - ڪُنڊل. مُنڊل - ڦُريرل. (ڪيڏارو - گر) زور وارو. وريام - سورهيه - پهلوان. آزمود گار. سردار. مَهائِين.
- مَهائِين: صفت. مَهائِي.
● مِهِت: ث. (ع. مَسجِد) مسجد.
"مِهِتِ اڏايان ڪينُ مندر جوڙايان"
(سليمان شاهه).
"جانسين ٻسين پاڻ تانسين مِهِتِ مڙهي جو".
صفت. (سن. مَهَ = وڏو) گهٽسو. چڱو - سُٺو. (گاجرا).
● مُهُتُ ۽ مُهُتَ: ذ. (سن. مَهتو = وڏائي) عزت - آبرُو - مانُ - آبُ. سوپ - فتح - جِيت - ڪاميابي.
- مُهُتُ ٽِيڻُ: عزت ٽيڻ - مان ٽيڻ. شرف حاصل ٽيڻ.
- مُهُتدارُ ۽ مُهُتدارَ؛ ذ. صفت. آبرو وارو. وڏائيءَ وارو. گڻوان.
- مُهُتُ لهڻُ: عزت حاصل ڪرڻ - آبرُو وڃڻ - مانُ حاصل ڪرڻ.
- مُهُتو ۽ مُهُتا: ذ. صفت. عزت وارو - مانائتو - شانائتو - آبرُو وارو - مُعتبر.
● مَهتابُ ۽ مَهتابَ؛ ذ. (ف). چَندُ - قمر - چند رما - ماهتاب. چنڊ جي روشنائي - چانڊوڪي. معشوق. معشوق جو مُنهن.
- مُهُتابِي؛ ذ. صفت. چنڊ سان مشابهت رکندڙ - چنڊ جهڙو. سهڻو - حسين. (ث). آتشبازيءَ جو هڪ قسم. ماتامي.
● مُهُتابِيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● مُهُتَدِيُ: صفت. (ع. هدىٰ) هدايت وارو. سياڻو. (گاجرا).
● مِهِتَرُ ۽ مِهِتَرَ: ذ. صفت. (ف). وڏو ماڻهو - معزز ماڻهو. سردار - بزرگ - مهدار - ڏَرو - اڳوان. چُهڙو - پنگي.
- مِهِتَرائِيُ ۽ مِهِتَرائِيُونُ؛ ث. پنگيائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُهتَمِرُ: ذ. صفت. (ع). ناظر. منتظم. اخبار نويس - سمپادڪ. مدير - ايڊيٽر.
▬ مُهتَمِي: ث. مهتمر جو ڪر - سمپادڪي - ايڊيٽري.
● مَهتو ۽ مَهتا: ذ. صفت. (پرا. مَهتّرَ. سن. مهتّر = وڏو يا مٿاوَنِ = عقل وارو) وڏو ماڻهو - مکيه ماڻهو. لکپڙهه جو ڪم ڪندڙ هندو - ديوان - عاملُ. حساب رکندڙ - ليکاري. جاين وغيره جي سنيال ڪندڙ هندو. (ذ). هندو سيڻن جو هڪڙي ڪي ڏنل لقب. سنڌي هندوءَ ڪي سنڌي مسلمان جو ڏنل مانائتو نالو - واڻيو. هندو (صفت). گهورڙيو - ڦيريءَ وارو. (ث. مَهتي ۽ مَهتيُون).
● مَهڏَنُ: مصدر. (سن. مَرْدَنَ. مَرَج = صفا ڪرڻ) صفا ڪرڻ - اڇو ڪرڻ - چلڪائڻ. ڪَلَ لاهڻ. گهڪو ڏيڻ - گهَنُ - مَلڻ. چِپَڻُ - چوپاڻڻ. چِٽاڻڻ - چِٽڻُ. نِپُوڙڻ - مَروڙڻ. نِچوڙڻ. هٿن ۾ لوڻڻ. گهوڻڻ. مٿي چُورو ڪرڻ. ميٽ وغيره پاڻيءَ ۾ ملائڻ. مالش ڪرڻ. دٻائڻ - چڙهڻ - د ڙڪڻ. چَپيٽ ڏيڻ - اِيذاءُ پهچائڻ - ڏکوئڻ - تڪليف ڏيڻ. (مهتيو - مهتبند و - مهتيل).
▬ مَهڏَنُ ۽ مَهڏُنُ: ث. صفائي. اڇائي - آجرائي. چلڪو. گهڪو - مَهِنتو - گِسڪو - گهَنتو - رهِنتو - رگڙو. مَلَ - مالش. چِپ - چِٽَ. نقصان - ٽوٽو - گهاٽو - گهاتو - تاوان. مصيبت - آپدا - آفت - سختي - مُشڪلات. ٽَڪَ - مَهَڪي - ٽَڪاوَتَ - ٽاڪِيڙو - ماندگي اِيذاءُ - سُورُ. چوپائي مال ۾ پيل بيماريءَ جو هڪ قسم. خارش - ڪارس - گَرَ - ڪرنهن. (ڪ).
▬ مَهڏائِنُ: مصدر. مهڻ جو ڪر. مٿي ڪان ڪرائڻ. صفا ڪرائڻ. چپائڻ.
▬ مَهڏَ مَهڏَ ۽ مَهڏَنُ مَهڏَنُونُ: ث. مَلَ شَلَ. صفائي - اڇائي - آجرائي. ٺاهه ٺوهه - سينگار. چَنڊ ڦُوڪ.
▬ مَهڏَ مَهڏَ ڪَرَڻُ: مَل شَل ڪرڻ. صفائي ڪرڻ. چَنڊ ڦُوڪ ڪرڻ. سينگار ڪرڻ. ٺاهه ٺوهه ڪرڻ.

▬ مَهڏُوُ ۽ مَهڏُنا: ذ. گهڪو. رهنتو. چپ. دٻاءُ. سختي. تڪليف. مَهڏ.
▬ مَهڏِيلَ ۽ مَهڏِيتَلَ: ذ. صفت. مَٽِيل - صاف ڪيل - صفا ڪيل. مَروڙيل - نِپُوڙيل - چيپائيل چِپُوڙيل.
● مَهڏُپارو: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مَهڏَرَ ۽ مَهڏَجَرَ: ذ. ڪنهن گهالهه جو بيان. مباحثو - تڪرار - وادُ و وادُ - بحث - رَدِ قدح. مَهجر.
● مَهڏَجُورُ ۽ مَهڏَجُورَ: ذ. صفت. (ع. هَجَرَ). درد وارو - دَردي - جدائي جو - صدمو رسيل.
● مَهڏَجَرُ ۽ مَهڏَجَرَ: ذ. مَهجر.
▬ مَهڏَجَرُ مَٽِجائِنُ: لُڙ ڪرڻ - شور ڪرڻ - گوڙ مچائڻ.
● مَهڏُ ۽ مَهڏَ: ذ. (ع). هار جو پينگهو - جهولو. (سن. مَهڏُ = پُوجَ). وڏو - مکيه - آتم - اعليٰ. هنيلو - نيئر - هوڏي - اڏوٽو - شدتي - ضدي - بحثي. نِڪمو - ناڪام - نِڪارو - نِڪار - بيڪار - آجايو - اڪيارٽو - و رٽو - راڻيڪان.
▬ مَهڏائِيُ: ث. وڏائي. آتمتا.
▬ مَهڏُ جَنُ ۽ مَهڏَ جَنَ: ذ. صفت. مَٽاپُرش - بزرگ - نيڪ - پلارو - سڳورو.
● مَهڏو ۽ مَهڏا: ذ. صفت. (پرا. مُهڏ = مُکڪ + اندو = وارو). اڳواڻ - سردار - مهندار - مٿهندو. (مارئي - گر). (سن. مَکتَهَ = مُکتي) مَکتي - چوٽڪارو (قيامت ۾).
● مَهڏُي: ذ. صفت. (ع). هدايت ڪندڙ - هادي. رهنما. (اسم خاص). نالو بارهين امام جو (جو اجا تائين ظهور ۾ نه آيو آهي).
● مُهڏَذَبَ: ذ. صفت. (ع). عيبن کان پاڪ - بي عيب. خوش اخلاق - نيڪ خصلت - فضيلت وارو - باادب.
● مُهڏَبَ ۽ مُهڏَبَ: ذ. (سن. مُکَ = وات). مُنڍ. (گاجرا).
● مَهڏُو: اسم خاص. تعلقي ٽٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَهْرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گھوڙا باريءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

● مهرَ ۽ مَهْرُون: ث. ڏندن جي ھاڙ وارو گوشت - مرڪي. مَهار (وات جي) - واڳ.

● مَهَرِ: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديھ جو نالو.

● مهرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نواب شاھ ۽ حيدرآباد سنڌ ۾).

● مَهْرُ ۽ مَهْرَ: ذ. زال کي مڙس جي طرفان نڪاح وقت ملهه يا ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل رقم. کابينو.

● مِهْرُ: ذ. (ف. مِهْرُ - زند - مَتْر. سن. مِتر = ڏينهن جو ديوتا. رومي. مِٿرا = سج - سورج - شمس - آفتاب. (ن.ب).

- مِهْرُو ماھُ: ذ. سج ۽ چند.

● مِهِر: ث. (ف). پلائي - مهرباني. دَيا - رحم - ڪرپا - ڪھل - تِياس. ھاڃھ - مرحمت - بخشش - مغفرت. احسان - ٿورو - وڏ. قرب - محبت - پيار. (من. مِهْ = مني ۽ جو ڇوڙ ڪرڻ). ڏاڇي يا گھوڙيءَ جي ٽپ سان ملڻ جي خواهش. (گاجرا).

- مِهِران: ظرف. مهرمان - مِهرسان - ھاڃھ سان. محبت يا پريم مڃھاڻ.

- مِهْرِبان: ذ. صفت. مِهروارو. ھاڃھ وارو.

- مِهْرِ بانِي: ث. مَهر.

- مِهِرَ كَرَنُ: ھاڃھ ڪرڻ - ديا ڪرڻ - پلائي ڪرڻ.

- مِهِري ۽ مِهِري: ذ. صفت. پلو - مهربان. رحمي - ھاڃھارو - دَيالو - ڪرپالو - پِتڙ - رحمدل - دَيال - بخشيندڙ - ڪھلي. وڙائتو - رحيم. حبيب - دوست - ساڃي - همدرد - غمخوار. (ن.ب).

● مُهْرَ ۽ مُهْرُون: ث. (ف. مُهْرُ: سن. مُدرا). ڇاپ - ٽپو - مُنڊ - سِيل - ڇاپو. مُهْر جي ٽڪ واري مُنڊي. سون جو سِڪو - گِني - اشرفي.

- مُهْرَ كَنُ ۽ مُهْرَ كَنِ: ذ. صفت. مُهرون ناھيندڙ - ڇاپون آڪريندڙ - ٽپا ناھيندڙ. اکر آڪريندڙ.

- مُهْرَ ھَتَ ۾ مُكَرَنُ: فتويٰ جو مالڪ بنجڻ - مفتي ٿيڻ. شرعي مسئلن تي فتويٰ ڏيڻ.

- مُهْرَ ھَٹَنُ: مُنڊڻ - ٽپن ٻوھڻ - ڇاپ ھڻڻ - ڇاپو ھڻڻ - سِيل ڪرڻ - بند ڪرڻ. وڏو احسان ڪرڻ - وڏ ڪرڻ - ٿورو ڪرڻ - پلائي ڪرڻ.

● مَهْرا: اسم خاص. هندن جي ذات جو نالو.

● مَهَراجُ ۽ مَهَراجَ: ذ. صف. (سن). مهاراج. ڀانيڻ لاءِ عزت پريو خطاب. ڀانيڻ - برعڪس. بادشاھ - حاڪم - مهاراجا.

● مَهِراڙو: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

● مِهِراڻُ: ذ. (سن. مها = وڏو + آرڻو = سمنڊ). وڏو سمنڊ - مَها ساگر - بحر - ساگر - ساڻِر - ڪارو. ندي - درياءُ. (اسم خاص). سنڌو نديءَ جو قديم نالو. (جو ڇيو وڃي ٿو ته آرين جو ڏنل آھي، پارسين جي قديم ڪتاب بُنْدَھِش (Bundahish) ۾ ڄاڻايل اصل نالو "مِهرا" آھي ڏسو ويسٽرگيئرڊ جو ڇاپيل "اوستا" ص ۵۱). فيدر ايريا ۾ هڪ ديھ جو نالو.

● مُهراڻو: اسم خاص. ميربحر جي هڪ ذات.

● مَهَراڻِي (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٿر ۽ سنڌ جي دنگ وارو حصو.

● مِهِرْبانُ ۽ مِهِرَبانَ: ذ. صفت. (ف). مِهر ڪندڙ - مِهر وارو. پِتلو - پلائي ڪندڙ. دوستاڻو - اخلاص مند - رحم دل - ھاڃھارو - ڪرپالو - ڪرپامئ - دَيالو. دوست - يار - سجڻ - مِٽر - گھٽگھرو - خيرخواھ - همدرد - غمخوار - ھڏ ڏوکي. وٽندڙ - موھيندڙ - سڀاجھو.

- مِهِرْبانِي ۽ مِهِرَبانِيُون: ث. دَيا - پلائي - مِهر وڙ - احسان - ٿورو ايڇپو - ڪرپا. عطيه - نوازش - عِنايت - ھاڃھ - رحم - ڪرم سڃڻائي - سڃاڻپ - اخلاص مندي - اخلاص - همدردي - غمخواري - گھٽ پلائي - خيرخواھي - دوستي - ياري. پاسخاطري - لحاظ - رعايت - مروت - پاسو - خاطر.

● مِهِر جَنُ: مصدر. ٽپ سان ملڻ جي خواهش ٿيڻ (ڏاڇي يا گھوڙيءَ جي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَهَرَ عَلِيُ: اسم خاص. تعلقي ٻُڌل هڪ ديهه جو نالو.

● مَهِرو ۽ مَهِرا: ذ. پردي واري ڪٺ- مَهارو. (گاجرا).

● مُهُرو ۽ مُهُرا: ذ. (پرا. مُهِلو=مُهِرو. سن. مُڪ + ل+ڪ = مُهِروُ). مُنهن- مُڪ- مُهانڊو- چهرو- شِڪل- صورت. ڪنهن به شيءِ جو اڳيون حصو. مُهڙ- مهاڏو. اڳ- اڳو- مُهاڳو- مهاڳ. اڳرُ- اڳيل سطح- مٿاڇرو- مٿاڙي. اڳواڻ- بانيِ- سردار- مهندار. پيش لشڪر- اڳواڻ لشڪر- قوم اول- پرڌان- سرور. هادي- رهبر- پيشوا- رئيس. شطرنج راند ۾ هڪ ساري. ڏڳي يا آٽ جي منهن تي چڙهيل مُڇيءَ جي نموليِ ڳانو- سرواڳ- نقطو. پاڻيءَ جي هرليِ جو هڪ جزو. پيڙيءَ جو هڪ حصو- پڙيءَ جو اڳيون پاسو- اڳيل. مصالح وغيره جي ڪوٽڻ جو مهلڙو- مهرلو.

- مُهُرو جهلڻُ: لڙائي جي ميدان ۾ سڀني کان اڳ ٽڻ.

● مَهِرَ وَڏا: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهُرو ماڙِيُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهَري: ذ. (ع. مَهْرِيه = مَهره قبيلي جو نپايل آٽ) آٽ جو هڪ قسم- سواريءَ جو تيز هلندڙ آٽ- تمام پلو آٽ. چڙهي جو آٽ. (اسم خاص). تعلقي جاتيِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مِهِري ۽ مِهِريُونُ: ث. (پرا. سن. مهيلا = عورت). زال- عورت- استري- نار- ناري.

● مُهري ۽ مُهِريُونُ: ث. (سن مُسِلمَ = ڏندو). (آنُ چڙن جو) مُهلڙو- ڏندو. (هندوڪي) ٻُڌي. توف جي نالي جو مُنهن. (گاجرا). دال جو هڪ قسم- ڳاڙهي رنگ جي دال- مسور. محصول وٺڻ جي جاءِ- ناڪو. محصول.

● مهرِياڻيُ: اسم خاص. ڪنڊي بلوچن جو هڪ قبيلو- شمباڻي.

● مُهڙُ ۽ مُهَڙِ، مُهڙُونُ: ث (سن. مُڪ = وات). اڳياڙي- اڳ- آڳو- مهاڳو- مهاڳ- آگر. منهن. منڊ- شروعات- مُهڳ. پوٽ- مهاندرو- چهرو- شڪل- صورت. مول- بنياد- اصل- ڏر. سطح- مٿاڇرو- سٻتو پاسو. تصور- ميار حرف

"مُهڙ سپ ميڌرا، اسان ڏي آهين"

(صاحبڏنو).

- مُهڙُ رَکڻُ: واپارين جي اصطلاح ۾ ڏيتي ليتي رکڻ- حساب ڪتاب رکڻ- ڪنڊ و رکڻ- ڏي وٺ رکڻ.

- مُهڙُ ڪَرَڻُ: منهن ڪرڻ. ڏوهه ثابت ڪرڻ- ڏوهي ڪرڻ- ڏوهاري ڪرڻ.

● مُهڙو ۽ مُهڙا: ذ. ڪنهن شيءِ جي حد- پڇاڙي- آخر- پڇاڻي- آنت- انتها- ٽوڙ- ڇيڙو. سِرو- چوٽي- مٿاڙي- مٿاڙُ. پيڙيءَ جو هڪ جزو- پاچيل.

● مهِڪ: صفت. (سن). خوشبوءِ- هِڪار- سُڳنڌ- ٻهڪ.

● مِهِڪيُ (ث): اسم خاص. هڪ پِٽ جو نالو. (راءِ).

● مُهَڪُ ۽ مُهَڪِ: ذ. (سن. مُڪ = وات). اڳيون پاسو- مُهڙ- منڊ- مها ڪو- مُهڙو. مول- بنياد- اصل- منهن- ڏر. ڪير. شروعات- ابتدا.

● مَهَلَ ۽ مهَلُونُ: ث. (ع. وقت- ٽاڻو- ويرم- عرصو- سمون- ويرَ ويل- ويلو- ساعت- گهڙي- پل. دير- ڊير- آهستي. مُنڊ- موسم- رُت. فُرجو- مهلت- فرصت- مُدو- مَعياد. نوٻت- صاحبي- ايام ڪاري. دفعو- پيڙڪو- وار- لڳاءِ- پيڙڪ. وارو- گهمرو. موقعو- وجهه.

- مَهَلائِتا ۽ مَهَهلائِتا: ذ. صفت. پوري مهل تي- مَهل سِر- وقت تي. مندائتو- ويلائتو- وقتائتو- وجهانتو- سجهانتو- ساڃو. موسمي.

- مهَلَ تَنڪَنُ: وجهه ڏسڻ- موقعو جانچڻ- ٽين ڏسڻ.

- مَهَلَ جوُ يارُ: ذ. صفت. وقت سِر ڪم ايندڙ- مهل تي ڪم ايندڙ- موقعي تي همراهي ڪندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

■ مَهَل جي پُڌائِنُ: موقعي موجب ڳالهائڻ- مهل تي چوڻ - وجهه ڏسي ڳالهه چوڻ- مناسب ڳالهه ڪرڻ.
■ مَهَل سِرُ آڇَنُ: پُوري وقت تي پهچڻ.
■ مَهَلُ ڪَرَنُ: وقت تي مدد ڪرڻ.
■ مَهَلَ گُسَنُ: موقعو هٿان وڃائڻ- وجهه وڃڻ.
■ مَهَلَ ۾ پَڪڙَنُ (ت): ڏڪيءَ ويل ۾ ڪم اچڻ.
■ مَهَلُو ۽ مَهَلا: ذ. صفت. مهلائتو.
● مِهَلسُ: ذ. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم. (ن- ب)
● مُهْلَتَ ۽ مُهْلَتُونُ: ث. (ع. مَهَلَ) وقت- ٽائيم- ويلو- ويرم. آهستگي- ڍِر- ديسر- چيرڪ- اويسر. فُرجو- فُرصت- مُدو. وجهه- موقعو- اوڪاسُ. آرام- ويساهين- ساهي. موڪل- تعطيل- ڇُوٽِي. وچ وارو وقت- خالي وقت- وقفو.
■ مُهْلَتَ ڏِيَنُ: فرصت ڏيڻ- موقعو ڏيڻ- وجهه ڏيڻ- ڪُجهه ميعاد ڏيڻ.
● مُهْلَڙُ ۽ مُهْلَڙَ: ذ. (سن. مُسلم) ننڍي مُهري- مُهلڙو.
■ مُهْلِڙُو ۽ مُهْلِڙا: ذ. مُهلَڙُ. (ث. مُهلڙي ۽ مُهلڙيون).
● مُهْلِڪُ: صفت. (ع. هَلَكَ) ماريندڙ- هلاڪ ڪندڙ- موتمار- قاتل- مارُو.
● مُهْلُو: ذ. (سن. مَشْكَ = مهو) جيت جو هڪ قسم. فصل کي نقصان پهچائيندڙ جيت (جو البن، ووٽن ۽ بين زراعت فواد ميوي جي فصل کي نقصان پهچائي) فصلن جو مرض- رتي.
■ مُهْلُو اڇَنُ: فصل کي مهلي جو مرض لڳڻ ۽ مرض سبب فصل جو مارجي وڃڻ.
● مُهِمُ ۽ مُهِمُونُ: ث. (ع. هم) تڪليف ۽ ڏک ۾ وجهندڙ ڪم- ڏکيو ڪم- ڏاڪڙو وڏو ڪم- پاري ڪم- معرڪي جو ڪم. جان جوکي جو ڪم. ضروري ڪم. جوکائتو ڪم. پهلواني جو ڪم. وڏي کيپ- لشکر. جنگ جو ميدان. حملو- ڪاهه- چڙهي- چڙهائي. جنگ- يُڌ- جُڌ- لڙائي- ڪيڏارو- ويڙهه- مقابلو.
■ مُهِمَ کي مَٿُ ڏيَنُ: وڏو ڪم ڪرڻ- تڪليف وارو ڪم ڪرڻ.
■ مُهِمُ مارَنُ: وڏي ڪم ۾ ڪامياب ٿيڻ.
● مَهِما: ث (سن). وڏائي. بزرگي. مهرباني. مروت. نيڪي- تعريف- واکاڻ- آستتِي- حمد- ثنا- ستائش- ساراهه.
■ مَهِمانُ: ث. مَهِمان.
● مَهِمانُ ۽ مَهِمان: ذ. صفت. (ف. مَهُ = وڏو + مان = وانگر) جنهن جي آئي وڏو مان ٿئي) گهر ۾ اچي لٿل ڏاريو ماڻهو- ميزمانُ- دعوتي. مُسافر- پرديسي. معتبر- چڱو مڙس- مَڪَرُ. (آصفيه).
■ مَهِمانُ خانوُ ۽ مَهِمانَ خانا: ذ. مهمانن جي ترسڻ جي جاءِ. مسافرن جي لهڻ ۽ ٽڪڻ جي جاءِ.
■ مَهُمانداُ ۽ مَهُماندارَ: ذ. صفت. مهماني ڪندڙ- مهمان نواز- ميزبان.
■ مَهُمانداري ۽ مَهُماندار يِونُ: ث. خاطرداري- مهماني. تواضع.
■ مهُمان سَراءِ: ث مهمان خانو.
■ مَهُمان نَواڙُ ۽ مَهُمانَ نَوازَ: ذ. صفت. مهمان جي خاطر تواضع ڪرڻ وارو. مسافرن کي ٽِڪائيندڙ ۽ کاڏو ڪارائيندڙ- مسافر نواز- مهماندار- ميزبان. فياض- غريب پرور- غريب نواز.
■ مَهُمان نَواز يِ ۽ مَهُمان نَواز يِونُ: ث. مسافر پروري- مهمان داري- مهماني (آصفيه).
■ مَهُمانِيُ ۽ مَهُمانِيُونُ: ث. خاطرداري- تواضع. مهمانداري. دعوت- ڪانو- کاڏو- ضيافت. مجلس.
■ مَهُمانِيُ ڪَرَنُ: مهمان گهرائڻ. دعوت ڪرڻ- ڪانو ڪرڻ- ضيافت ڪرڻ. کاڏو ڪارائڻ.
● مَهُماءُ: ث. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم- پڳل هڏيءَ کي ڳنڍڻ جي دوا- مهميرو- مومياڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُهِمتَ ۽ مُهِمتَ: ذ. صفت. بهادر - پهلوان - سُورمو - سُورهيه - جوڌو - بَلوان - دلير.
● مُهُمَلُ: صفت. (ع. همَلَ) ڇڏي ڏنل - ترڪ ڪيل. بيڪار - بي ڪَمو - نِڪارُ. زائد - وڌيڪ - زياده. بي معنيٰ. بي سُودُ. (آصفيه). بيهُودو - لَغوُ - واهيات. (آصفيه). مَجهُولُ. سُست - ڪاهِلُ - آرسي. (آصفيه). (ذ). علمِ نحو جي اصطلاح ۾ وات مان نڪتل بي معنيٰ الفاظ. (علمِ نحو ۲).
- مُهُمَلُ رَکَڻُ: ترڪ ڪرڻ - ڇڏي ڏيڻ - مُلتوي ڪرڻ - ٿوري وقت لاءِ رکڻ - زير ويچار ڪرڻ. بيڪار ڪرڻ - بي ڪَمو ڪرڻ.
● مُهُمُوڪُ (لس): صفت. عام جام - تمام گهٽو - بي انداز - منهن موڪُ. (پيلا).
● مُهُمُودِيُ: ث. (ع. ف) ڪپڙي جو هڪ قسم - مهمُوندي. (ڪاجرا).
- مُهُمُونڊِي: ث. مَهمُودي. جگرناڻي. ترڪلي.
● مُهِمُونُ: اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).
● مُهُمِيرُ ۽ مُهُمِيرَ: ذ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم - اڪين جي ايماريءَ لاءِ ڪم ايندڙ دوا جو هڪ قسم. (قليچ). (صف). بهادر - دِلير - شجاع. دانا چالاڪ - هوشيار. حرفني.
● مُهُمِيرُو: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وڪر جو هڪ قسم (هڪ ننڍڙو وڻ آهي، جنهن جي ڇاڙ يا ڪاڻي اڪين جي گرميءَ لاءِ مفيد آهي).
● مُهِمِيزُ ۽ مُهِمِيزُونُ: ث. (ف). ڪنبو - خار. گهوڙي کي تيز هڪلڻ لاءِ سوار جي ڪُڙيءَ ۾ لڳل اوهه جي سيخ. ڏنگي گهوڙي کي ڏُکوئڻ لاءِ گهوڙي جي رڪيب ۾ لڳل لوهي سيخ. ڇڪي مارڻ جو سُوٽو. (ل). اڙي - انگڙي. چوڪ - چُونڪ. چاٻڪ. چيٻٽ. سختي. ڏَکُ. مار - سيڪت - سزا - گوشمالي. مهاڻن جي اصطلاح ۾ ڇڪيءَ کي مٿي ۾ سُوئي هڻڻ جي حالت. (ل).
- مُهُمِيز ڏِيڻُ: چوٽ رسائڻ. سزا ڏيڻ - سيڪت ڏيڻ. ڏُکوئڻ. تڪليف پهچائڻ.
- مُهُمِيزَ ڪَرَڻُ: اڙي هڻڻ - ڏَکُ هڻڻ. گهوڙو هڪلڻ. ڪُڙهي سان ڇڪي مارڻ وقت ڇڪيءَ جو مٿو ۽ ڪِلاڦُون رُکُ جي سُوئي سان پيچڻ. (آصفيه).
● مُهُتالَ ۽ مُهتالُونُ: ث. تلوار جي ميان تي ٽيل جوٽ.
● مُهَنتُ ۽ مُهَنتَ: ذ. صفت. (سن). پوجاري. ٺاڪاڻي دار - مندارِي. ٻاڻو. گُرو. ڏرمي. مکيه هندو فقير.
● مُهَنُ ٽالُ: ذ. ميٺائيءَ جو هڪ قسم - مونڊال.
● مُهَنڊُ: ذ. (سن. مُکَ = منهن) مُنڊ - شروعات. اڳ. ديباچو - مُهڇُ. (ظرف). مُنڊ ۾ - شروع ۾ - اڳ ۾ - اڳتون - اڳتي - اڳيان - اڳيرو. (ظرف). منهندان - روبرو - سَنمُک - آمهون سامهون - پيش - مُنهن مقابل - سامهون - منهن سامهون.
- مَهَنڊا: ظرف. اڳيان - مهندان.
- مَهَنڊارُ ۽ مَهَنڊار: ذ. صفت. اڳ ۾ ٻڌل - اڳوانُ - پيشوا سُونهون - پَوميو - اڳرو - اڳٽو - پيشرُو. سردار. سالار.
- مَهَنڊائِيُ: ث. وڏائي. اڳواڻي.
- مَهَنڊُوٽِکُو ۽ مَهَنڊُوٽِکا: ذ. صفت. مَتهند وٽو.
- مَهَنڊُوٽُو ۽ مَهَنڊُوٽا: ذ. صفت. اڳيون - مَهَنڊِيُون - گذريل (سال يا مَهينو) - ڏنو (مهنو يا چند) - پَرُ (سال) - پهريون - اڳون - اڳوٽڪو - اول - آڳاٽجهو - گذريل - سابق - پوين - آخرين - پڇاڙيءَ جو - چيڙي وارو.
- مَهَنڊُيارُ ۽ مَهَنڊِيارَ (ڪ): ذ. صفت. مهنديون - اڳيون - اڳوان - پيشوا - مهندار - سردار.
- مَهَنڊُيرو ۽ مَهَنڊِيرا: ذ. صفت. ٻئي ڪان ٿورو وقت اڳ - ڪجهه وقت پهرين. ڪنهن هنڌ ڪان ٿورو اڳيان - اڳيرو - ٿورو اڳ ۾ - آڳهون.
- مَهَنڊُيُونُ ۽ مَهَنڊِيانُ: ذ. صفت پهريون - اوائلي. گذريل. سڀني ڪان مٿي (مهنو ورهيه وغيره). ايندڙ - آئيندو. مَتهند وٽو - مهد وٽڪو - اڳوٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مهنڊا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مهنڊڙي ۽ مهنڊڙيون: ث. صفت. موهيندڙ- وڻندڙ- پياري. (رام ڪلي).
● مهنڊس: ذ. صفت. (ع). اندازو ڪندڙ- تخمينو ڪندڙ.
انگن وغيره جو ماهر- گڻت گيائي- مهندسي- رياضي دان. تحرير اقليدس جو ڄاڻو- پوميٽ- جاميٽري ڄاڻندڙ. ڪنڊن ۽ جابن وغيره ناهڻ جو هنر ڄاڻندڙ انجنيئر.
= مهندسي: ذ. صفت. رياضي دان. حسابي. تحرير اقليدس جو ڄاڻو.
= مهندسيي: د. صفت. مهندسي.
● مهندي ۽ مهنديون: ث. (سن). بزرگ زال- محترمه. سائن- ڏياڻي. مڙس جي ڀيڻ- ليڀان- ليڏ.
● مهنڪ: ذ. آسمان. (سنديلو).
"وچون منجهه مهنگ ڪنبي ٻيئون ڪڪرين."
گهٽر.
● مهنگڙو ۽ مهنگڙا: (ث). ذ. دروازو.
● مهنگو ۽ مهنگا: ذ. صوت. (سن. مها= وڏو + آرگهه = اگهه). وڏي اگهه وارو- مهانگو- آڪرو.
= مهنگائي ۽ مهنگائيون: ث. آڪرائي- مهانگائي. قحط- ڪال- ڏڪار. اڻاڻ.
= مهنگڙيات ۽ مهنگڙيات: ذ. صفت. وڏي قيمت تي شيون وڪڻڻ- مهانگو- مهنگڙيو- مال لڪائي مهانگائي پيدا ڪرڻ- ڏڪاري.
= مهنگڙيو ۽ مهنگڙيا: ذ. صفت. مهنگڙيات.
● مهنو ۽ مهنا: ذ. (سن. مَاس. ف. ماهه = مهينو). ڏيهه ڏينهن جو عرصو- سال جو حصو- ماهه- ماس- مهينو.
= مهنجي ماس: ظرف. ڪڏهين ڪڏهين- وقتي- بعضي- تڪاڻي.
● مهنڙ: مصدر. (سن. مڙ = بيهوش ٿيڻ). پيار ۾ مست ڪرڻ- گرويده بنائڻ- فريفته ڪرڻ- مسحور ڪرڻ- جادو ڪرڻ- پاڻ ڏي متوجهه ڪرڻ- پاڻ ڏي ڇڪڻ- موهڻ- موهت ڪرڻ. خوش ڪرڻ- دل ڏيڻ- موهجڻ. (سن. مُشَ = مُستن). ڦرڻ- لٽڻ مُسائڻ. رنج ڏيڻ. عذاب ڏيڻ فنا ڪرڻ. ناس ڪرڻ. (مُهيو- مهندو- مُهيل).
● مهٽو ۽ مهٽيا: ذ. عتاب- ويڙ- ڏوراپو- طعنو- ويار- اورانهو- آلاڻيو- اوپالو- چاڪ- سهڻون.
= مهٽاگور: ذ. صفت. مهٽا ڏيندڙ- طعنا هڻندڙ- مهٽيگور.
= مهٽائيتو ۽ مهٽائيتا: ذ. صفت. مهٽي وارو. مهٽي هاب. (ظرف). مهٽي طور- طعني طور- ٽوڪ نموني.
= مهٽڻ جا مڻ هڻڻ: ڪيروڌ هڻڻ- ڪنراڳ هڻڻ- جهيڙو فساد هڻڻ.
= مهٽيگور ۽ مهٽيگور: ذ. صفت. مهٽاگور- ڏوراپو ڏيندڙ- مهٽيخور- چاڪون هڻندڙ- طعنا هڻندڙ.
= مهٽي هاب ۽ مهٽي هاب: ذ. صفت. مهٽي جهڙو- گلا جهڙو- خواري جهڙو- گلارو- خوار.
● مهٽو ۽ مهٽيا (ل): ذ. صفت. (سن). وڻندڙ- دل لپائيندڙ- موهيندڙ- موهڻو. هميشه "مڻ" سان گڏ استعمال ٿيندڙ لفظ "مڻ مهٽو."
● مهو ۽ مها (ت- ل): ذ. جيت جو هڪ قسم- مڇر.
● مهوءُ ۽ مهوءُ: ذ. وڻ جو هڪ قسم. (ٻيلا).
● مهوه ۽ مهها: ذ. پاڇيءَ جو هڪ قسم- مهيهو.
● مهوال: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● مهورت ۽ مهورت: ذ. سن. مُهُورتُ = شروعات) شروعات- ابتدا. ڪُلَ- ڇَتَ (ڇتڻ- ڪٽڻ مصدر مان) ڪنهن به نئين ڪم جي شروعات- افتتاح- بسم الله. شروعات ڪرڻ جي رسم. وقت- گهڙي- ساعت- لمحظو. ۴۸ منٽن جو عرصو ٿيندو. وقت مسعود- سڳورو وقت- مبارڪ گهڙي- نيڪ ساعت. سڀوسَوَ ڪ- نيڪ سڳڻ. (آصفيه).
= مهورت ڪڍائڻ: ڪنهن به ڪم جي لاءِ نيڪ ساعت ڪڍائڻ. شادي جي تاريخ پڪي مقرر ڪرائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

■ مُهُورتُ ڪَرَڻُ: ڪنهن ڪر ڪي سگورڀ گهڙيءَ ۾ هٿ ڪڍڻ ـ آرنبُ ڪيڻ. ڪوءَ ڪر شروع ڪرڻ.

■ مُهُورَتُ ڪُلتَنُ: شروعات ٿيڻ (ڪنهن ڪر جي). بخت کلڻ ـ پاڻ کلڻ. وارو و رڻ.

● مُهُوَسُ ۽ مُهُوَسَ: ذ. صفت. (ف). لالچي ـ حريص ـ لوپي ـ طمعي. ڪيميا ڪر ـ رسايتي ـ ڪيميا ناهيندڙ. (آصفيه).

■ مُهُوسِيُ: ث. ڪيميا ـ ڪيميا ڪري ـ رسايتي. مُهُوسُ.

● مَهُوڪِيُ ۽ مَهُوڪِيُونُ (ڪ): ث. ماڪيءَ جي مکڙ ـ شهد مکي.

● مَهُونُ: ذ. متهون.

● مَهُونُ: ظرف. جلد ـ ٿهڪ ڦهڪ ـ ٽُرت ـ جلدي ـ سيکهو. هڪدم.

● مَهُونُڙِيُ: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

● مَهِيُ ۽ مَهِيُونُ: ث. (پرا. مَهِيَ. سن. مَتَ = ولوڙڻ) اڌ ولوڙيل ڏُنرو (جنهن مان مکڻ لڪل نه هجي).

"مِهارا مَهِيُ، پيتائين پريم جي"

(شاهه).

ڏَڌَ ـ چاچ ـ لَسِي. زمين ـ ارضُ. مُلڪ ـ ولايت ـ ديس. (آصفيه).

■ مَهِيُ پالُ: ذ. صفت. زمين جو مالڪ ـ مالڪ مُلڪ. سُلطان ـ راجا.

■ مَهِيُ ولوڙُ ۽ مَهِيُ ولوڙَ: ذ. مانڊاڻ ـ ولوڙو. مصيبت. بيقراري ـ بي آرامي ـ لوڇ پوڇ ـ آنڊ مانڊ ـ پريشاني. تڪليف ـ ڏُکُ ـ اهنج ـ ايذاءُ.

■ مهيُ ولوڙُ و جهنُ: ٻيڙو ڪرڻ ـ گهوٽالو ڪرڻ ـ ڦيٽاڙو وجهڻ ـ گڙٻڙ ڪرڻ ـ نفاق وجهڻ ـ پريشان ڪرڻ.

● مُهَيَّا: صفت. (ع). تيار ـ موجود ـ حاضر ـ فراهم ـ هڪيو. (آصفيه).

■ مُهَيَّا ڪَرَڻُ: تيار ڪرڻ ـ موجوه ڪرڻ ـ حاضر ڪرڻ.

● مَهِيبُ: ذ. صفت. (ع. هَيب) ڊيڄاريندڙ ـ خوفناڪ ـ ڀيانڪ ـ ڀوائتو.

● مَهِيجُوَلُ (ڪ): ث. ٻوٽي ۽ ول جو هڪ قسم.

● مَهِيڙُ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● مِهِيڙِ: ث. (ف. مِهر جو بگڙيل لفظ) مِهر ـ مهرباني.

● مَهِيڙُ جَبَلُ: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾هڪ ڊيهه جو نالو.

● مَهِير يُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (آصفيه).

● مَهِيسُ: ذ. (سن. مهيش = مهيشو رَ > مَها = وڏو + ايش = إيشور = سمرٿ وارو) قادر مطلق ـ خدا تعالىٰ ـ مهادِيوُ ـ شِيوُ ـ مَهيش.

■ مَهِيسَرُ: ذ. شِيوُ مهراج جو صفاتي نالو. پِيرُ ٽَنُ ـ پِيرم (جنهن جي گيتوال پوڄا ڪندا آهن ۽ ڪيس شراب جو ڊيوتا ڪري سمجهندا آهن). (ڪناية). پيرمغان. مرشد ڪامل. (ڪلياڻ ـ گر). مَهِيشَرُ.

■ مَهِيسَرُ جوُ مَڏُ: ذ. ايشور لاءِ پريم ـ روحاني مستي.

■ مَهِيسِرِيُ: ذ. صفت. مَهِيسُ جو پوجاري ـ شِيوُ مهراج جو پوئلڳ. فقيرن جو هڪ قسم. مَهِيشري.

■ مَهِيسِيُ: ذ. صفت. مهيسر جو چيلو ـ مهيسري. جوڳي فقيرن جو هڪ قسم. (رامڪلي) ـ مهيشي.

● مَهِيسَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● مَهِيسُ: ذ. صفت. (سن). مَهِيس.

■ مَهِيشَرُ: ذ. صفت. مهيسر.

■ مَهِيشِيُ: ذ. صفت. مهيسي.

● مَهِيشِيوَرِيُ (ث): اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● مَهِيلِيُ ۽ مَهِيلِيُونُ: ث. (سن. مَهِيلا = زال) زال ـ نار ـ مِهر ي. سهڻي عورت ـ خوبصورت زال ـ حسين زال. (ل). ڪُنوار. (ث).

● مُهِيمُ ۽ مُهِيمُونُ: ث. (ع. مُهِمّ > هُمّ) مُهِمَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَهِيڻُ ڪي مَٿو ڏيڻُ: وڏي ۽ تڪليف واري ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ. تڪليف سهڻ- سختيون سهڻ.

● مَهِيڻُ: ذ. صفت. سَنهو- باريڪ. نرم- ڪُنڌرو- لطيف- نازڪ- سنگين- نفيس- ڪومل- سُوڪيمَرُ- پتلو- مُلائم. سُوڏو- سُهڻو- رُوڙو- سُٻو- عمدو. انوکو- انوکڙو- عجيب.

● مَهِينو ۽ مَهِينڙو: ذ. (ف. مَهِنو = مَهِينه. سن. مَاس = ماهه). سال جو بارهون حصو- مَهِنو- ماهُ- وتي- ماس تنخواهه- پگهار- ماهيانو. (انگريزي مهيني ۾ ٢٨، ٢٩، ٣٠، ٣١ ڏينهن ۽ ٿين عربي ۽ هندي مهيني ۾ ٢٩، ٣٠ ڏينهن ٿين. انگريزي سال جا مهينا: جنوري، فيبروري، مارچ، اپريل، مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر، آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر. عربي سال جا مهينا: محرم، صفر، ربيع الاول، ربيع الثاني، جماد ي الاول، جماد الثاني، رجب، شعبان، رمضان، شوال، ذوالقعد ۽ ذوالحج. هندي سال جا مهينا: چيٽ، ويساک، جيٺ، آکاڙ، ساون، ڀدو، اسو، ڪتي، ناهري، پوهه، مانگهه ۽ ڦگڻ). حيض- ڪپڑا- گنديون- خون- ماهواري. (آصفيه). رُت- چُوت- رڳ.

= مَهِينَارِيُ: ث. حيض- ڪپڑا- ماهواري. (گاجرا).

= مَهِينَهيدارُ ۽ مَهِينَهيدارَ: ذ. صفت. مهني وارو- مهني جو- مهني تي ايندڙ نوڪر- پگهاردار.

= مَهِينَهِيُ سِر مَهِينَهِيُ: ظرف. ماهوار- هرماهه- هر مهيني- ماسڪ- ماهيانو.

= مهيني واري: ث. ماهواري- مهياري- حيض- ڪپڑا- گنديون- رڳ.

● مَهِينُ (ل): ذ. ولوڙو. گهر جو التظام.

● مَهِيو ۽ مَهِيا (ث): ذ. سواريءَ جو اُٺ- مهيري اُٺ.

● مَهِيُون: اسر خاص. تعلقي تمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَهِينُوٽ (ث): ڏوڻرو.

● مَٿا: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. (سڪاپل).

● مِيانو ۽ مِيانا: ذ. صفت. (ف. مِيانڊه = وڇولو) وڇولو- ميانو.

● مِيانَ ۽ مِيانُون: ث. (ف). ڪيپ- ميان- ميان- ٽيڪ.

● مِيانِي ۽ مِيانِيُون: ث. مڇي مارڻ جي جاءِ- ميالي.

● مَيِتُ ۽ مَيِتَ: ذ. (ع. مَيِّت = مُڙدو). مَيِّت- مُڙدو- جنازو- لاش- ميت- مڙهه.

● مَيِٽَ: ث. ڪاڙهي رنگ جي وڪر جو هڪ قسم- مَيٿ. (گاجرا).

● مَيِپُ ۽ مَيِپُون: ث. (سن. ما = مَيِڻُ). ماپ- ماڻ- پٿمانو- ڪَچ- ماپو- پَرپ- تور.

● مَيِنْدَرُ: اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● مَيِجَڻُ: مصدر. (سن. مَدَ = مستي). مئي ۾ اچڻ- مستي ۾ اچڻ- نشي ۾ اچڻ. وڏائيءَ ۾ پرجڻ. (سن. ما = مَيِڻُ). ماپجڻ- ماپ ٿيڻ. (مئيو- مئيندو- مئيل).

● مَيِلُ: ذ. (سن. مَلَ = مَرُ) مَرُ. مئي. گندگي.

● مُيَتَلُ ۽ مُيَتَلَ: ذ. صفت. (سن. مَرَ = مرڻ). مري ويل- مئو- مردو. بي جان.

= مُيَتَل سُردي ڪي ڪونڊُ: ڪني ڪالهه ڪي وري وري دهرائڻ- ڪنهن جا خواهمخواه وڪيل عيب ظاهر ڪرڻ.

● مَيِڻُ مصدر. (سن. ما = مڻ). ماپ ڪرڻ- تورڻ- ماڻڻ. ڪچڻ. آزمائڻ (ڪَچ سان). ڪنڊڻ. سمائجڻ- ماپجڻ.

"مائين ڪين ميان ۾ ٻ- ني ترارون."
(شاهه).

(مئيو- مئيندو- مئيل).

● مَئو: ذ. (سن. مَدَ = مستي). لئو- مستي- خُمار- مَني- رڻ. ٽانءُ- ڦوندڙ- ٽاڊَ- ٻَٽاڪ- ڏاڙ- خوشي- مزو- فرحت- لذت- ذوق- لطف- وندر.

موج - ڏؤ. چاڑهو. زور (مايا جو، جواني جو، شهوت وغيره جو).
● مَشُو ۽ مَتُو: صفت. (سن. مَتّ = مستي). جهجهو - جار - وافر - گهڻو - زياده - ريل پيل - ٻَهون - جال - سرس. لشي پ چُور - مخمور. هليو - اپماني.
● مُشُو ۽ مُشَا: ذ. صفت. (سن. مَرّ = مرڻ) مري ويل - مردو - مئل - فوتي. بدبخت - نياڪو - چندو - ڪميڻو. (ذ). سڪل گاهه جو ڇڻ (ٻاهه ڏيڻ لاءِ) - ڪکڻ وغيره جو ٻُنجو. ٽانون ملڻ جو گاهه جو موڙو - مُشي - ڪُوڇي. (ث. مُشِيُ ۽ مُشِيُون).
- مٿا هَتّ هَٽڻُ: ٿوري گهڻي ڪوشش ڪرڻ.
- مُشِي جوءُ ڏُئو: ذ. هندن جي رسم مطابق مائيءَ جي مرڻ کان پوءِ ڏهن ڏينهن گيهه جو پاريل ڏيو.
● مُشُون: ذ. پٽاڪ - دَمُ - مينٽ - ڪٽن - گهڙي - ساعت - لمحو - اڪ چينبَ. (ظرف). ايڏي پيرُ - اڃهو - هينئر - هين گهڙي. (ن. ب).
● مَشِي: ذ. ث. (ف. مَئي = شراب. سن. مَتّ = مستي) شراب - دارون - صهبا - مَدُ - مدرا - باده. نشو - مستي - خمار. مئو. هَتُ - تڪبر. (سن. مَيَ = وارو، جو ٿهيل) وارو - جوٿهيل. مرڪبات پ ڪم ايندڙ صفاتي پڇاڙي "ديا مئي، ڪروٽا مئي وغيره".
- مَشِيخانو ۽ مَئِيخانا: ذ. شراب رکڻ جي جاءِ. شراب جو دُڪان - شرابخانو - ڪٽو - ڪَچُ.
- مَشِي خانو: ذ. مئخانو.
- مَشِي مارڻ: هَتُ ٽِٽو ڪرڻ - تڪبر چڏڻ - وڏائي چڏڻ.
● مَشِيُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (سڪايل).
● مُشِيُ ۽ مُشِيُونُ: ث. (ٽانون ملڻ لاءِ) گاهه جو مُڇو - ڪُوڇي. ٻڌ جي ڪڇي پاڙ (ل). پيٽ ڀي. ڪپڙي جو ٽُڪر (جو دوا مان ٻوڙي ڦڙو ڪين پ وجهجي). ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، رنگ ڪارو، ڏيکهه ۾ ڏاڍو فوت ڪان - ڏيڍ فوت تائين، پر قسم ٽين هڪ مئي ۽ ٻي - چپر مئي، جنهن جا چپَ وڏا ۽ ٽُلها ٿين).
● مُشِيچُوتُ ۽ مُشِيچُوتَ: ذ. صفت. ڪار طور ڪم ايندڙ لفظ. مُوذي - شُومُ - ڪِرهه - ڪنجوس - ڪَنڊ ويچ - بتخيل - مڪيچُوسُ.
● مَشِي خُوشُ: ذ. صفت. ڪنميشو - ڪَنڊ ۽ ميشو.
● مَشِيڙُو (ڙ): ذ. پاڇي جو هڪ قسم - ٽُتري مَرِ يڙو.
● مَتِي: ذ. (ف). شراب - مَٽهي. مئو. (انگ). عيسوي سال جي هڪ مهيني جو نالو.
- مَيخانو ۽ مَيخانا: ذ. شراب وڪڻ جي جاءِ - گُٽو - ڪلال خانو - شرابخانو - مَيڪدَه.
- مَيفَروشُ ۽ مَيفُروشَ: ذ. صفت. شراب وڪڻڻ - ڪلالُ.
- مَيڪدَه: ذ. مَيخانو.
- مَتِي ناب: ذ. خالص شراب. نيچ شراب.
● مِيُ: ث. مٺاڻو - مٺاڻي. (گاجرا).
● مَيا: ث. (سن). پاڇه - ڪَهل - رَحمُ - قياسُ. مرحمت - دَيا. پلائي - مهرباني - ڪِرپا - مَهرَ - وَڙ - احسان - ٿورو.
"هيٺن جي حبيب، مَحبتي مَيا ڪري"
(شاهه. ڪليان - گر).
"پنهنجي مِهر مَيا سان، لونءَ لونءَ سپ نياري"
(سامي).
- مَيالُو ۽ مَيالُو: ذ. صفت. ميا وارو - نرم دل - دَيالو.
● مُياچُ ۽ مُياچَ: ذ. منگر. مڇيءَ جو قسم (پُٽي ڪاري، پيٽ اڇو، منهن سُڪيلو، پُڇ سنهون ۽ قد ٻن فوٽن تائين). مُشِيءَ جو ٻچو. (ن. ب).
● مَيار ۽ مَتيارُونُ: ث. حرف - عتاب - ڏوهه - خطا - ملامت - ٽهڪو - طعنو - ڏوراپو.
- مَيارُ ڏيڻُ: ڏوراپو ڏيڻ - مِهڻو ڏيڻ - طعنو ڏيڻ - عتاب ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= مَيارَ لاهڻ: ڏوهاهو لاهڻ - وات ٽڪائي ڪرڻ.
= مَيارِي ۽ مَيارِيُ: ذ. صفت. ميار وارو - جنهن کي ميار ڏجي - حرفي.
= مَيالُو: ذ. صفت. سالتيڪو - ڪُومل - حَليم - مُلايم - نرم - ڪُنرو. جهيڙو - ڏِرو - جهڪو - ٽڏو - آهستو.
● مَيانُ ۽ مِيانُ: ذ. (ف. ميان جو ڪوئل لفظ) مسلمانن لاءِ عزت وارو لقب. جناب. صاحب. سردار. مالڪ - ڏڻي. مڙس - پتي.
= مِيانجيُ: ذ. مُلي جو لقب - مُلان.
= مِيانُ مِٺُو: ذ. طوطي جو لقب. (صفت). ڇنهنجي واڪاڻ ٻاڻ ڪندڙ.
= مِيانُ مِٺُو ڇ وائِيُ: ڇنهنجي ساراهه ڀاڪيهي ڪرڻ.
● مِيانُ ۽ مِيانَ: ذ. (ف). مَيانَ - ڪِيپُ (تلوار يا ڪاتي وغيره جو ڪوهو).
● مِيانُ جيُ ڪَنڊيُ: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو (لسٽ).
● مِيانُ جيُ مَسجِديُ: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
● مِيانڊِيُ ۽ مِيانڊِيُونُ: ث. آڏاڻي جو هڪ جَزو - آڏاڻي جي ٻنهي وڏين ڪائين کي قابو ڪندڙ ڪاٺي.
● مِيانُ صاحِبُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانُ ڪَنڊُو: اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيانو: صفت. (ف. مِيانهُ = وچوارو) وچوارو - وچولو - مڌيم - وچڙو - هوروپوتو - رواجي - موافق. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ضلعي ۽ ڪراچي ۾).
● مِيانُ ۽ مِيانَ: مِيالُونُ: ذ. ث. (ف. مِيانُ). ڪِيپ - ٽيڪ - نِيام - ميان (تلوار وغيره لاءِ ڪوهو).
● مِيانِ ۽ مِيانُونُ: ث. ٻلي يا ڇپي ماري گڏ ڪرڻ لاءِ ناهيل ميدان - ملاکڙ جي رهڻ جي جاءِ.
● مِيائُو: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۽ تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيائُونُ ڪَڪِڙاڻ: اسم خاص. تعلقي ڪوٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيائِيُ ۽ مِيائِيُونُ: ث. ڍنڊ يا سمنڊ جي ڪناري تي ڇپي ماريندڙن جي بستي - ميربحرن جي بستي. ڇپي يا ٻڌلا ماري آڻي گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ - مِيانُ. (ن.ب). (اسم خاص) تعلقي ڪشمور، تعلقي سکر، تعلقي گهوڙا ٻاري ۽ تعلقي ڪمبٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيائِي باغاتِ: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيائِيُ رِپَ: اسم خاص. تعلقي ڪڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيائِيُ نُور ملاح: اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيائِيُ نِهالُ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● مِيائُونُ: ذ. (آواز). ٻلي جو آواز.
= مِيائُونُ مِيائُونُ ڪرڻ: ٻلي وانگر آواز ڪرڻ.
● مَيتُ ۽ مَيِّتَ: ذ. (ع. مَوْت). لاشو - مُڙدو - مَڙهه - لوٿَ - ميِّي - جَنازو - نعشَ - مُردهه - مَيِّتَ.
● مَيِّتُ ۽ مِيِّتُ: ذ. صفت. (من. مِيتُ = دوست) دوست - يارُ - سجڻ - ميتر - گهٽگهرو - اخلاص مند - همدرد - غمخوار.
● مِيتڙا (ث): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● نَبِيُ سَرُ تَرُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نيا: اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ مسلمان، ڪرن ۽ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

● نِيالُو ع نِيالُو: ذ. صفت. بي طاقت - لِسترو - ڪم هين - ڪمزور - هيٺو - ڏُهرو - آپرو.

● نِيتَرَ ع نِيتَرَ: ذ. صفت. (سن. نِ = نہ + بلَ = بَلُ) بي طاقت - بي زور - بي سگهو - ڪم طاقت - نِيبَلُ - نِيبَلُو - ضعيف - ڪمزور - هيٺو - نِستتو - پوڻو - بي ستو - بي قوتو - زچ - ڏُرپلُ - بل هين - اپرو - لاغرُ - هڏ هيڻو - الپ بَلُ. اڳهو - بيمار. ٺوري ملهه وارو.

= نِيتَرائِيُ ع نِيتَرائِيُونُ: ث. بي طاقتي - ڪمزوري - ضعيفائي - بَل هيڻتا - ضعيف. غريبي.

= نِيتَرُو ع نِيتَرا: ذ. صفت. نِيلو - نِيبَلُ - بي طاقت - ڪمزور - ضعيف.

● نِيبَلُ ع نِيبَلَ: ذ. صفت. (پرا. نيلو. سن. نِ + بَلَ = بَلُ) بي طاقت - ڪمزور - ڪم همت - هيٺو - بي پهچ بي توفيق - نِربَلُ - اپرو - گهٽ. بيمار. مسڪين. نامرد.

= نِيبَلائِيُ ع نِيبَلائِيُونُ: ث. ڪمزوري - بي طاقتي - ضعوف - بَل هيڻتا - ضعيفائي - هيڻائي - نستائي - ڏُرپلتا - لانجهه. پتلائي - هلڪائي - عيبُ - ڪُڇ.

= نِيبَلُو ع نِيبَلا: ذ. صفت. نِيبَلُ - بي طاقت - ڪمزور - هيٺو - ضعيف.

● نَبُ ع نَبَ: ذ. (سن. نَبَسُ) آسمان - آڪاسُ - آپُ. (ذ. صفت). صاف - اوجل - چريءَ مان ڪيل گيهه. (ڪ).

● نِيبُ ع نِيبَ: ذ. لکڻ واري قلم جو لوهي قط - نِيبُ.

● نِيباڪُ ع نِيباڳ: ذ. (سن. نِر + پاڪَ) پاڳ نہ هڻ واري حالت - نِدورائي - ڪمبختي - بد نصيبي - شامت - ماجرا.

= نِيباڳائِيُ ع نِيباڳائِيُونُ: ث. پاڳ - اپاڳ - ڪمبختي - بد قسمتي - نِدورائي. ڦيٽ - خرابي - قلندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ نياگو ۽ نياگا: ذ. صفت. بدبخت ـ بي ساءتو ـ ڪم نصيب ـ بدنصيب ـ ڪم بخت ـ ادورو ـ نحس ـ نيدورو ـ چنبدو ـ ايا گهو ـ بدقسمت ـ ناسراد ـ ڪرم هيڻ ـ گهاٽي ـ اشُبُ ـ بَدسُڳن. ڪٺاتير (ٻار) ـ هوڏي ـ بي چيو ـ نافرمان ـ بي ادب ـ عاق. (ث. نياگي ۽ نياگيون).

● نياڻيُ: مصدر. (پرا. نياهـ. سن. نِواهـ (ڏي) > نِرُواهَ = ٻوراڻي. گذارو) نباهـ ـ پاس ڪرڻ. گهارڻ ـ گذارڻ ـ لنڪهائڻ ـ پڄائڻ ـ توڙ ڪرڻ ـ انت ڪرڻ ـ پڄاڙي ڪرڻ ـ پورو ڪرڻ. سڃائي ڏيکارڻ ـ وفاداري ڪرڻ ـ انجام پارڻ ـ بجاءِ آڻڻ. (نياڻيو ـ نياڻيندو ـ نياڻيل).

● نياڻيو، نياڻو ۽ نياڻي، نياڻا: ذ. صفت. (سن. نـ + پراتر = پاءُ). پاءُ ڪانسواءِ ـ بغير پاءُ ـ پائڻ مڙئل.

ـ نياڻيُ ۽ نياڻيُونُ: ث. اها عورت جنهن ڪي پاءُ نه هجي ـ پائڻ مڙئل ـ بغير پاءُ. ڏيکاريل (پِتَ جو لفظ).

ـ نياڻيُ نيپُتيُ: ث. پاءُ ۽ پُٽ ڪانسواءِ. پِٽ جو خطاب.

● نيئُو ۽ نِيُو: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (هن جا ٻن وڻنجن ۽ ڪپڙا وغيره ڏوئڻ جي ڪم اچن) ـ نينُيُو.

● نيئورُ: ظرف. تمام ـ صفا ـ بلڪل ـ نهايت ـ ڏاڍو ـ نهٽ (چريو) ـ آنان (اڳهاڙو). (ذ. صفت). سچو پچو ـ ڪو (ننگ) ـ ساڳوئو ـ اڻوٽي ـ ساڳيو ـ سُڌ ٻُڌ ـ عين اڻو.

● نتُ ۽ نتُونُ: ث. (ع. نطعَ). اڻ جي سنج جو هڪ قسم ـ چمڙي يا ڪاڙهي جي ڪل مان ٺهيل پوش، خوبصورتي لاءِ اڻ جي ڪشي مٿان ٻڌل چادرُ ـ فرش ـ پاکڙي جي مٿان چمر وارو پردو.

● نتُ: ذ. صفت. (سن. نِر = نمڻ). نميل ـ جهڪيل. مثلاً ("نتُ مستڪ = جهڪايل سير سان").

● نِتُ: ظرف. (پرا: نتو. سن. نِتيَ > نِتيَ = نِتُ). هلندڙ ـ ڪڍيل ـ ڪنديل ـ مسلسل ـ لاڳيتو ـ هڪ ٻئي پٺيان ـ واري واري سان. سدائين ـ همیشه ـ سدا ـ مدام ـ دائم ـ دائما ـ هر روز ـ ٻاروهي ـ سرِودا ـ هر هر ـ ساندهـ ـ هڪ ڏڙو ـ هردم ـ وري وري ـ آڙلي وَ آبڏي ـ قائم ـ سٽاتُنُ ـ انادي ـ همیشه جو ـ جاودانُ ـ هر وقت.

"نت نهاري ڏيهه ڏي، ڪِرڙها ٻير ڪِڙي."

ـ نِت ٻِرُتِ: ظرف. (سن. نِتيَ + ٻِرُتِ = ڏانهن) نِتُ ـ سدا ـ همیشه ـ هر همیشه ـ هرهر ـ وري وري ـ روز روز.

ـ نِتُ ڪرمُ: روزانو ڪم ـ اهو مذهبي يا ڏرمي ڪم جو روزانو ڪرڻ گهرجي جهڙوڪ، سنڌيا، نماز، هوَن وغيره.

ـ نِتُ ڪَرَمُ ڪِتڪو: ذ. هڪ ننڍڙو ڪتاب (جنهن ۾ هر روز ڪرڻ جا ڪم ڏيکاريل هجن) ڀائري.

ـ نِتُ نِتُ: همیشه ـ سدائين ـ وري وري ـ سدا ـ روز روز.

ـ نِتُ نئُونُ: تازه بتازو ـ نوبتنو. هر روز ـ مهيني مير مهيني.

ـ نِتيِتا: ث. همیشگي ـ حيات ابدي.

● نِتارَ ۽ نِتارُونُ (ث): ث. ڪاوڙ مٿان سڄ اچڻ واري حالت ـ وڏي سڄ ٽيڻ واري حالت ـ گهٽو وقت گذري وڃڻ واري حالت.

● نِتارَنُ: مصدر. (سن. نسُتر (ي) = چاڻڻ). ڏاڍ ـ آتارڻ. آنراڻڻ. (نِتارِيو ـ نِتاريندو ـ نِتار ٻَلُ).

● نِتانتَ: ظرف. (سن. نِتانتَ = ڏاڍو گهٽو) هڪدم ـ بلڪل.

● نتر ۽ نتَروُنُ (ل): ث. گهيڻ گهٽائي. ٿورائي ـ سُڄَ.

● نِتِرنُ: مصدرُ. صاف ٽيڻ ـ اجرو ٽيڻ ـ آڻڻ. آنرجڻ (نِترِيو ـ نِترِيندو ـ نِترِيَلُ).

● نِتيانُ ۽ نِتيانَ: ذ. هنڌڪي هڪ رسم ـ پارهائي کان پوءِ ٻِرڻ جو ڪاڏو (ڏاڏو).

● نتيجو ۽ نتيِجا: ذ. ٻاهران آندل ـ ٻاهر ڪڍيل ـ حاصل ـ حاصلات ـ ماحصل ـ چڏيل فرض ـ سڏانت ـ انجام ـ انتها ـ خاتمو ـ انت ـ قتلُ ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب ـ انوسان ـ نچيڙو ـ بچاڻي ـ پاڇي ـ آخرت ـ ثمر. بار.

● نتهيرڻ: مصدر. (پاڻي) آئسرائڻ ـ نِتارَڻ. (نتهيرجو ـ نتهيرندو ـ نتهيرِيلُ).

● نڪ ۽ نڪُون: ث. (پراڪ: نڪا < نڪيا. سن. نتا < نرتا < نسڪتهُ = نڪ. نَسڪتَمُ = جانورن جي نڪَ ۾ ٽنگ) عورت جي نڪَ ۾ پائڻ جو زيور ـ بَٽنسَر ـ وڏو ٽلهو بولو. ڏڳي جي نڪ ۾ پيل نوڙي. ٻيل گاڏي جي ڦٽي جي ٻاهران سرائيءَ مان ڦٽي کي ٻاهر نڪرڻ کان روڪيندڙ ڪِيلي ـ چَپَرَ ـ چاپي. هرنهن ڪُڙهـ کي سوگهي جهلڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ چَپَر ـ چِڇڙي ـ ڪَنبي. ڪنهن وقت تندي جي وَرَ ڏيڻ لاءِ سنهي ڪاٻي تراڙ جي ڪرڙي جي چوڻيءَ ۾ چانديءَ جو نندڙو طوق يا ڦل. پالدي يا ڏينگي ۾ ڦرهين کي جهلڻ لاءِ ولگ.

▬ نڪُر: ذ. صفت. نڪ ٽوپيل ـ نڪ سان. نڪُو.

▬ نڪُو: ذ. صفت. نڪ ٽوپيل ـ نڪُر. هڪ ماٺهوءَ جو نالو.

▬ نڪَ و جهڪُ: ڏڳي جي نڪَ ۾ نوڙي وجهڻ.

▬ نڪَائُون: ذ. صفت. بي ٽانيڪو ـ بي ماڳو ـ اڻ هٿ دو ـ بي گهرو. رولاڪ.

● نڪُرُ: اسم خاص. تعلقي قمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نڪُرُ ڏِيتو: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نڪُرِيُ يا نڪِڙِيُ ۽ نڪِرِيُون يا نڪِڙِيُون: ث. تراڙ ۾ پيل منڊي يا ڇلو. نندي نڪ.

● نڪڻُ: مصدر. ڏڳي يا آٽ کي نڪ ۾ رسي هڻڻ ـ ڪٽ هڻڻ.

● نڪُو: اسم خاص. تعلقي محبت ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نڪورَ ۽ نڪورُون: ث. ڪُنهن جي ٻاسي واري ڪُنڊ يا نوڪ. ناڪو ـ ڪُنهڻڙ.

● نڪَ ۽ نَڪَ: ذ. (سن. نڪَ). ناز ـ نخرو ـ لوڏ ـ لاڏ ـ ڪوڏ ـ انگل ـ ناز ـ ماڻو. ڪيل ـ تماشو. ناچ. گاني جو هڪ آلاپ. بهانو ـ حيلو. هڪ لوهي پرزو. چرچو ـ پوڳ. چٽند ـ ڦند ـ فِلانگ ـ چِل وِل ـ مڪر ـ ڏوهه ـ فريب ـ دغا ـ دوکو ـ ٺڳي ـ دولاب ـ ترڪَتُ. (ذ. صفت). بازيگر ـ لٽ نخرا ڪندڙ ـ مداري ـ ڪيڏاري ـ ناٽ ڪندڙ ـ ناڻڪي ـ آهار ـ مسخرو ـ نقال ـ تالر ـ نخريباز ـ راندِيگر. ٺڳ ـ دوکيباز ـ دغاباز ـ تڙڪني ـ لبيبي ـ تريناڪ ـ ڊَپِٽَر ـ لچو ـ هڙتالو ـ شودو ـ حرام زادو. (انگ. نتُ). ڇڇن سان لوهي چورسٽي واري ڪول ڪِلِي. (اسم خاص). هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

▬ نڪ شڪَ: ذ. ناز نخرا ـ فئشن.

▬ نڪَ شڪَ ڪڙَڪُ: ناز نخرا ڪرڻ ـ اجايا تينتال ڪرڻ ـ چالبازي ڪرڻ. ڪوڙي خوشامد ڪرڻ ـ حرفت هلائڻ.

▬ نڪُ ڪڙڪُ: ذ. صفت. ناز نخري وارو ـ نخريلو ـ حرڪت ڪندڙ.

▬ نڪِڻ يا نڪِڻِي: ث. صفت. نچندڙ زال ـ ناچڻي.

▬ نڪُوڙ ۽ نڪُوڙَ: ذ. صفت. ناچ ڪندڙ ـ ناچو.

▬ نڪُوو: ذ. صفت. ناز نخرا ڪندڙ ـ نخريلو.

● نڪُڻائُ: مصدر. ناٽار ڪرڻ ـ نڪار ڪرڻ ـ گسائڻ ـ گوهي ڪرڻ ـ ٽاڪائڻ ـ لٽهرائڻ ـ ٽارڻ ـ انڪار ڪرڻ ـ ڏيان نه ڏيڻ ـ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪرڻ ـ لاتارڻ ـ نه ليکڻ ـ ڪن نه ڏيڻ ـ ڪن ٽار ڪرڻ. (نڪائيو، نڪايو ـ نڪائيندو ـ نڪائِيل).

▬ نڪُڻاءُ ۽ نڪُڻاءِ: ذ. نڪائڻ واري حالت ـ گسڻاءُ ـ گسائڻ ـ لٽهرائڻ ـ گوهي ـ ناڪار ـ گوڏڻات ـ بهانو.

▬ نڪُڻُو ۽ نڪُڻائُو: ذ. صفت. نڪائيندڙ ـ بهانائي ـ گسائو ـ ٽاڪائو ـ گوسڙ ـ ٽارُو ـ گوسڙو ـ گوهير ـ لاهرائو ـ ڪم چور.

▬ نڪُوائِيُ ۽ نڪُوائِيُون: ث. ڪل ـ مسخري ـ خوشطبعي ـ چرچا.

▬ نڪُو نڪُون: ذ. صفت. هٿ وارو ـ هٿيلو ـ ضدي ـ هوڏي. بي ڏنگو.

● نيڻهڻ (ڪ): ث. (سن. نِشُٹرُ < نِهتهُ = سخت + آوشَرَ = گرمي يا گرمي جي موسم). ٽاڪ منجهند ـ ٽاڪ آس ـ سخت گرمي ـ ڏرتي ـ تيز آس ـ تتل ڏينهن ـ سخت گرميءَ واري آس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● نَٽُو ۽ نَٽُڻا: ذ. صفت. نَٽ وارو - لوڏ وارو - نازنخري وارو - نخريباز - نخرائي. مسخرو - چرچباز - نَٽَڻ نچڻو - ديداري - نَٽَٽُون (اسم). نَٽبڏي. ماکوڙي. (ث. نَٽِيئِين ۽ نَٽِينهُونُ).

- نَٽَٽُونُ ۽ نَٽَٽَانُ: ذ. صفت. نچندڙ چوکرو. چنڊ ٿوڪ ڪندڙ - زلف سينگاريندڙ - وار چڊيندڙ - لُڇايون چائيندڙ - مسخرو.

- نَٽِيُ ۽ نَٽِيُ: ذ. صفت. ناز نخرو ڪندڙ - نخريلو (ث. نَٽِيُونُ) نديءِ - هلڪي.

"آڏريءَ عقل چڏئو، نٽيءَ شرم ناهه"

(ا. س).

● نِٽِرُ ۽ نِٽِرَ: ذ. صفت. (پرا. نِڊورو. سن. نِشْٽُرُ > نڊر = هوڏي) سخت - ڪٺور - سنگدل - ڏاڍو - بي رحم. بي ڏيانو - بي چيو - ناخلَفُ - بي ادب - بي حيا - فاسقُ. هوڏي - ضدي - آڪڙيل - اٿوٿو شيدتي - نِجَسُ - آهنبُ - نِرجو - ڪَٺي - شرير - بحثي - ماڊ ٽمهَرو - آنرُ - مترِ - بُڪئين بچڙو - وونڪر - ڊُڙ - هوڏانٽو.

- نِٽِرائيُ ۽ نِٽِرائِيُونُ: ث. ڪَٺُ - ضِدُ - شدت - هوڏ - ڏوڏ - ڊيڄائي - ڪَجبحثي - دُشٽائي - ڏنگائي.

- نِٽِرُتا ۽ نِٽِرُتائِيُونُ: هوڏ - بحث - هٺ - ڪَٺُ - ضد. سختي - بي رحمي.

- نِٽِرِ پائيُ ۽ نِٽِرِ پائِيُونُ: ث. نِٽِرائي - بي رحمي - ڪٺور پائي. عيّاري - مڪاري.

● نِٽَنُ: مصدر. (سن. نورت = چُٽڻ، چوٽڪارو) وڃڻ - ٻاهر نڪرڻ. (نِٽيو - نِٽِينڊو - نِٽيل).

● نِٽارُ ۽ نِٽارَ: ذ. صفت. نڊر لڪندڙ - نائِرُ.

● نِٽارُ ۽ نِٽارَ: ذ. قربان - ٻلدان - صدقو - ميڙ - فِدا - گهورڻ يا گهورَ - نڇاورَ - صدقي - ٻلهار - قرباني. هرج - نقصان.

- نِٽارُ ڪَرڻُ: قربان ڪرڻ - صدقي ڪرڻ - نِڇاور ڪرڻ - گهورڻ.

● نِٽُرُ ۽ نَٽُرَ: د. پکڙيل - ڪِنڊريَل - هاريل - هيٺ مٿي ٽيل. ڪُڏيه - مضمون - آکاڻي. علم و ادب جو اهو پاڳو، جو صرف نحو جي قانون تي ٻڌل هجي، پر قافيه ۽ رديف جي قيد کان آجو هجي - نظم جو ضد.

● نَٽُ ۽ نَٽَ: ذ. ڳنڍيُ (ڪنهن به ڏگهي ڪاڻيءَ جي ٻڱل ٻوڇڙ کي ڏاڙي ڪاٽ جو ٽڪر ڳنڍڻ). ڇُهنب - نوڪ - ڪُنڊ - مُنڊ - پاسو - ڪنارو.

- نَٽُ ڪَنِڊُ: ٻوڇرن جي منڊن کي گهڙڻ.

- نَٽُ ڪَرَنُ: ٻوڇرن جي منڊن کي سلائڻ. ٻن ڪاڻين کي ٻاڻ ۾ ڳنڍڻ - ڪاڻين ۾ ڪانڇو ڪرڻ. ٻاڪر پائڻ - ڳري لڳڻ.

- نَٽُ هَٽَنُ: ٻڱل ڪاڻيءَ جي چيڙي کي ٻيو ٽڪر هٽي ڳنڍڻ.

● نِهاج ۽ نِهاجَ: ذ. (سن. پدُ = هلڻ، وڌڻ) نِهاجُ - پالنا - پرورش - خدمت - سنڀال - نِهاءُ.

● نِهاج ۽ نِهاجَ: ذ. (سن. پدُ = هلڻ، وڌڻ) مُٺوُ - قوّت ڏيندڙ. سانڍ - نِهاجَ - پال پرورش - تربيت - ڪاڏو خوراڪ - اهار - خورش - عِذا - پالنا - آجيوڪا - پٽپرائي.

● نِهائِنُ: مصدر. (سن. پدُ = هلڻ، وَدَنُ) پالڻ - ڏاڙڻ - سانڍڻ - پالڻا ڪرڻ - سنڀالڻ يا - پال ڪرڻ - پرورش ڪرڻ - سانڍڻ - نِهائي وڌو ڪرڻ - چاڙهڻ - مٽي ڪرڻ - تاڏن - پالڻ پوسڻ - نوازڻ - حمايت ڪرڻ - زور وٺائڻ سارَ لهڻ - سهارو ڏيڻ - انگ پيٽ ڏيڻ - خدمت ڪرڻ. (نِهائيو - نِهائيندو - نِهائيل).

- نِهائِٽهارُ ۽ نِهائِٽهارَ: ذ. صفت. نِهائيندڙ - پالڻهارُ - پرورش ڪندڙ - سانڍيندڙ - پاليندڙ. نوازيندڙ - خدمت ڪندڙ - سنڀاليندڙ. (اسم خاص). خدا جو هڪ صفاتي نالو.

- نِهايَلُ ۽ نِهايِلَ: ذ. صفت. نِهائي وڌو ڪيل - سانڍيل - پاليل پوسيَل - ڏاريَل.

● نِهِتَرُ ۽ نِهِتَرَ (ت) ذ. صفت. چَتُ - برباد - تباهه - ويران - نابود. خراب - ڪِنو. ڏهرو - لانجهو - ضعيف - ڪمزور.

● نِهِتَنُ (ل): ڏيندڙ سان ڪيل آندا ۽ ڪندُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● نِپٽُ: ظرف. (پرا. ٹِپّٹ. سن. نِشْپيٹ> نِپٽُ = ڪرڻ، هيٺ ڪرڻ) محض - بلڪل - تمام - نِرو - سراسر - بِنْهي - اصل - بَني. انسان (چريو). بِنْهن - سُورُ - هرگز - مِرڙ موڙي - اصل ئي - تروتڙ - خوب - نهايت.
"نيو نهوڙي چوڪ، چشمن نوڪ، نيڻ جي نِپٽ" (مخفي)
(ذ. صفت). بنا ڪپڙن - ننگو - اڳهاڙو - بي شرم - بي حيا. نياڳو - ڪمبخت - بد نصيب - چنبو. بي اولاد.
= نِپٽُ آنڊو: ذ. صفا انڊو - بلڪل انڊو.
● نِپُنو ۽ نِپُٽا: ذ. صفت. (پرا. نِپوتيو. سن. نِپوتڪ = ان پُٽيتو) بي اولاد - بنا اولاد - بنا پُٽ - لاولدُ - ننگو - نياڳو - چنبو - نحس - بدبخت - منحوس - مُئو - نالائق. (ث. نِپڻي ۽ نِپڻيُون).
● نِپْجَڻُ: مصدر. پالجڻ - سانڍ جڻ - نهائجڻ - پرورش جڻ - وڏو ٿيڻ - سنيالجڻ.
● نِپُنْسڪُ ۽ نِپُنْسڪ: ذ. صفت. نِپوسڪ - نه مؤنث نه مذڪر - بي جنس - خُنثي - مُخنثُ - ڪدڙو - نامرد - هيجڙو.
● نِپْنَڻُ: مصدر. نپجڻ. جمڻ - پيدا ٿيڻ.
= نِپنُو ۽ نِپُنا: ذ. صفت. پَليو - وڏو ٿيو - پيدا ٿيو.
● نِپَنِيُ (ڪ): ث. هوڪ جو هڪ قسم.
● نِپُوٽُ ۽ نِپُوٽَ (ل): ذ. صفت. نافرمان - بي چيو - ڪپوت.
● نِپوٽَڻُ: مصدرُ. (سن. نِپُوتَ). چپاڻ - نپوڙڻ - چپڻ - چٽارڻ - پيڙو ڏيڻ. گهوٽڻ. (نِپوٽيو - نِپوٽيندو - نِپوٽيلُ).
= نِپُوتَ ۽ نِپُوٽُونُ: ث. (سن. نِپاتن = مارڻ). پيڙ - زور - چپ - چٽ - چپاٽ - نِپوڙ - چپٽ - دٻ.
● نِپوڙڻُ: مصدر. (سن نِپيد = پيڙڻ). نچوڙڻ - زور ڏيڻ - پيڙو ڏيڻ - پيڙڻ - چپڻ - چپالڻ - چٽڻ - نپوڙي ڪڍڻ - چٽڻ. (نپوڙيو - نپوڙيندو - نِپوڙيلُ).

● نِپُوسَڪُ ۽ نِپُوسِڪَ: ذ. نامرد - مخنث - ڪدڙو - هيجڙو. بزدل - ڪائرُ.
= نِپُوسَنْڪَتا: ث. نامردي.
= نِپوسَنْڪُ ۽ نِپُوسَنْڪَ: ذ. نامرد - ڪدڙو - هيجڙو.
= نِپوسَنْڳُ ۽ نِپُوسَنْڳَ (ڪ): ذ. نامرد - ڪدڙو - هيجڙو - مخنث - نپوسڪُ. سُکي چوس - بخيل - ڪنجوس. (ل).
● نِپَهرِيُ (ڪ): ث. نه + پهر = ماٺهو). سنسان هنڌ - جنهن هنڌ ڪا وسندي نه هجي. "هي واهه جي نِپَهري جُوءِ آهي." (جملو).
● نپيڙڻ: مصدر. (سن. نپيد = پيڙڻ). دٻڻ - زور ڏيڻ - زور ڏيئي پاڻي ڪڍڻ. (نپيڙيو - نپيڙيندو - نپيڙيلُ).
● نِيجُ ۽ نِيجَ: ذ. صفت. بنامسلاوت - خالص - صاف - نجو - نبار - شُڌ - صَفا - ٺيٽ - مُئو - آڇتو - نرمل - پوتر - اصيل - چند - سچو - ڪَرو - چوڪو - ٽنڪسالي - ان ميل - تنت - ان مايل - گهرجو - اڇت - هٿرادو - اصلي - ٽيڪو - سنورو - نجات. خاص - نيارو - ذاتي - وشيش وان - صافي (نفعو). خود - پاڻ. (ظرف). پورنسم - نت نيم - ڪٽائتو - نيمائتو - پڪاڪرم.
= نِيجُ بِيجُ: ذ. صفت. نِيج - نِبار - خاص - صاف. ساڳيو - هوبهو.
= نِيجُ بِيجُ (ڪ): ظرف. هوبهو - ساڳيو - نِس بِس.
= نِيجران: ث. ظاهر - آشڪار - پڌرو - صاف.
● نِيجاتَ ۽ نِيجاتَڻُ: ث. آتمتا - خانداني - پلائي - نوابي - شرافت - اصليت - بزرگواري - بزرگي - (ذ. صفت). نجيب.
● نِيجاتَ ۽ نِيجاتُونُ: ث. آڌار - مڪتي - ڪت - موڪيه - نيتارو - چوڪارو - خلاصي - موڪڻ - رهائي - آزادي - معافي (گناهن جي) - بچاءُ - مخلصي - رُستڪاري.
● نِيجات ۽ نِجات: ذ. صفت. بنامِلاوت - نِيج - نِجو - نبارُ - خالص - ٺيٽ - تنت - چوڪو - ان ميل -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاف شڌ - ساڌو - سُٿرو - خاصو - اصل . چڱو - مفرد . سولو - آسان - سليس - سهنجو .

● نِجاسَتَ ع نِجاسْتُونْ: ث. پليدي - ناپاڪائي - پليتي - اَپوتريتا - آلائش - غليظائي - گندگي - غير - ڪدورت - مَلُ - غلاظت .

● نِجاهَتْ: وڻي وڃڻ - نِجاءَ .

● نِجْدْ: ذ. (ع). متاهين زمين . (اسم خاص). عرب جي هڪ مشهور شهر جو نالو .

● نِجرَنْ: مصدر. ڳرڻ - ڏهرو ٿيڻ - ڪمزور ٿيڻ - نِجهرڻ .

● نَجَسْ ع نَجَسَ: ذ. صفت. ميرو - گدلو - ڪِنو - خراب - گندو - ناپاڪ - پليت - پليد - اَڇڙ - آهوتر - اونو - پرشت . ابي چيو - هوڏي - ڪپاتر - بي فرمان - بي ادب - عاق - نِنسر - ضدي - اڻوٽو - شيطاني - ڪنڊي - نرجو - اهنڌ - مادٿمهرو . نياڳو - بدبخت - نامراد - نڏورو - نِڳرو - مُٿو - ڪَٽ - چنڊو - خَر .

● نِجْفْ ع نَجَفَ: ذ. اها جاءِ جتي پاڻي چڙهي نه سگهي . (اسم خاص). عرب جي هڪ مشهور شهر جو نالو (جتي حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جي مزار شريف آهي).

● نَجُمْ ع نَجُمَ: ذ. ستارو - تارو .

● نِجَنْ: مصدر. وڻي وڃڻ - ڪڇي وڃڻ .

● نِجو ع نِجا: ذ. صفت. نِيڇ - صاف - شُڌ - بناملاوٽ - نيارو - ٽيٽ - خالص - تت - چوکو - سٿرو - بهترين . سڏائتو - جدا - ڌار - الڳ - خلاصو - بي ضرر . پنهنجو - خود بخود .

- نِجائِيْ ع نِجائِيُونْ: ث. خالصيت - تنتپائي .

● نُجُومْ ع نُجُومَ: ذ. نجم جو جمع - ستارن جو جمع - تارا - سِتارا . تارن جو علم - علم نُجوم - علم هيئت - آڪاشي - نوار - جوتش .

● نُجُومِيْ ع نُجُومِيِّ: ذ. صفت. علم نُجوم جو ڄاڻو - منترشناس - تارن جي اثر جو حساب لڳائيندڙ - جوتشي - فالچي - هيئت دان - جوتش - سِڌانتي . (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو .

● نجويو ع نِجويا: ذ. صفت. بنان زال جي - بنان جوءَ - بي جويو - بي گهرو . ڪنوارو - ڇڙهو . رنڊ - ڇڙوچانڊ نِروگو تندرست - چڱوپلو .

● نِجُويو ع نِجُويا: ذ. صفت. بي جُوءَ (جنهن وٽ مال چارڻ لاءِ جُوءَ نه هجي) .

● نَجِيمْبْ ع نَجِيمْبْ: ذ. صفت. چڱي نسل وارو - خاندائي - ڪُلين - اصيل - بنيادي - پلو - اتر - رفيع - اميز - شريف - بزرگ - برگزيده - اشراف . (اسم). علاج - آوڪنڊ - دوا - دارون - پلو - آپاءُ - تدارڪ - چارو . آٽ .

● نَجِيمْترو ع نَجِيمْترا (ت): ذ. صفت. ڪمزور - ضعيف - ڏهرو . لاچار - عاجز - ناچار . نڌيو .

● نَجاڻانْ: مجاڻ - مون سمجهيو - شايد - مڃ - الاجي - جيڪس .

● نِجهرڻْ: مصدر. ڪٿيءَ ۾ ڳرڻ - جهڃڻ - جهوري ۾ جهرڻ - ضعيف ٿيڻ - ڏينهان ڏينهن ڪمزور ٿيندو وڃڻ . درد مند ٿيڻ . گهرت ڪاڻ - اوجهرڻ - جهوڻي ۾ ڪنڊ نماڻ - نماڻ - ڊلڪن - ڊرڪڻ - لڙڪڻ - هپامڻ . (نجهريو - نِجهرندو - نِجهريل).

● نِجُهرو ع نِجُهرا: ذ. (پرا. نويس. سن. نويش + رو). جهوپڙي - پونگي - ڇنو - پُنگي - ڇن - جهڪو - گهر - ماڳ - امن جي جاءِ - مڪان - آجهو .

"مون نماڻي جي نجهري ڏيرو ڪج پتار."
(شاهه).

هستي - وسندي - وسنهن .

"پاءِ تيڏاهر ٻڳ، ناهه جيڏاهر نجهرو."

● نجان: "نه جاڻا" جو مخفف .

"نه جان ڪنهن جي آهي قدرت - ظاهر انسان اڀاتي."
(منڌار راجڙ).

● نِجاڻا: شايد - مجاڻ .

- نَچْ ع نَچُونْ: ث (سن. نرتيه. پرا. نچي). نچڻ واري حالت - ناچ - نچڪو .

● نِيڇْ: ذ. (پرا. نِيچْ. سن. نِيتِيَ). پلي ڪري - چڱيا - چڱيءَ طرح - پليءَ پت - بخوبي - خوب - آدرياءُ - مرحبا - خوش ڪيڪار - سدا - پلي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= نيچ آئين: پلي ڪري آئين - خوش آمديد - جيءُ ڪري آئين.

= نيچ چئون: پلي ڪار ڪرڻ - جيءُ ڪار ڪرڻ.

● نچارا: اسم خاص. رياست قلات جي سراوان علائقي ۾ هڪ مشهور علائقي جو نالو.

● نچائيڻ: مصدر. ناچ ڪرائڻ - نچڪو ڪرائڻ - رقص ڪرائڻ - نچائڻ ٽپائڻ - ڪوڏائڻ - پَچ ڪرائڻ. (نچائيو - نچائيندو - نچائيل).

● نِچِڪيٽو ۽ لِچِڪيٽا: ذ. لوهي اوزار جو هڪ قسم - نڪ وغيره مان وارن ڪيڻ لاءِ حجامڪو اوزار - چمٽو. نڪ چٽو.

● نَچِڪو ۽ نَچِڪا: ذ. نچڻ واري حالت - ناچ - نَچَ.

= نَچِڪو ٽَپِڪو: ذ. نچڻ ٽپڻ واري حالت.

● نچانگ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پساريڪي وکر جو هڪ قسم - هڪ پوئيءَ جي ٻاڙ (چار قسم: ١. ڳاڙهي ٢. اڇي ٣. ڪاري ۽ ٤ زردي سنڪٿي وانگر زهردار، هن کي ماري دوا طور ڪم آڻجي ٿو).

● نَچِنڪ: ظرف. آچانڪ - اوچتو - آمالڪ.

● نَچڻُ: مصدر. (من. نرتتيو، پرا. نچئي = نَچ) ناچ ڪرڻ - نچ ڪرڻ - رقص ڪرڻ - ڊانس ڪرڻ - نرت ڪرڻ - نچڻ ٽپڻ - ٽپ ڏيڻ. ڪُڏڻ - خوش ٿيڻ. (نچيو - نچندو - نچيل).

= نَچڻُ پَٽڻُ: نچڻ ٽپڻ - ڪُڏڻ - ٽپ ڏيڻ.

= نَچِڻِي ۽ نَچِڻِيونَ: ث. نچندڙ عورت - ناچ ڪندڙ عورت - رنڊي - ڪچري - وٽشا - طوائف.

= نَچڻِي فقير: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

= نِچوڙڻ: مصدر. (پرا. نيچالو. سن. نيچاري). زور ڏيئي منجهانئس تت پاهر ڪيڻ - نڇوڙڻ - چيونڙڻ - پاٽي ڪيڻ - ڏهيڻ - چنڻ - چپائڻ - پيڙو ڏيڻ (چوڙيو - نچوڙيندو - نچوڙيل).

● نِچوڙ ۽ نِچوڙَ، نچوڙون: ذ. ث. تت - ڪَڍ - مال - قلب - مغز - ڇوڙ - ڪُنب - سار - تنت - جوهر - مول. روغن. پچاڙي - ٽورو "ڪوهه ۾ پاڻيءَ جو باقي نچوڙ رهيو آهي." (جملو). (ذ. صفت). خيج - خالص - نجو - ڪرو.

● نِچوئِڻ: مصدر. ڏاڍو زور ڏيئي ڪيڻ - تت ڪيڻ - رَسُ ڪيڻ - ڏُهڻ - نچوڙڻ. چاڻ. لڙڪ آڳهڻ. (نچوڙيو - نچوڙيندو - نچوڙيل).

● نِچِينْدُ ۽ نِچِينْدَ (ث): ذ. صفت. بي اونو - بي فڪرو - بنا ڳڻتيءَ.

● نِچ ۽ نِچُونُ: ث. نڪ مان زور سان آيل آواز - چِڪ - آڇُو. نَسِيلُ.

= نِچُونَ ڏِيارَڻُ: تنگ ڪرڻ - هيسائڻ - ڏاڍائڻ - هيسڻ.

● نِچارڻُ: مصدر. نچوڙڻ - جدا ڪرڻ - صاف ڪرڻ.

"ذات ۾ تنهن جي ظاهر ٿئي، نالو ۾ نچاريو" (ڪبير شاهه).

● لِچانْبُ ۽ نِچانْبَ (ڪ): ذ. نروار - ظاهر - پڌرو - صاف.

● نِچُتِ (ڪ): ظرف. سنئون - سڌو - تُڙ - ڏُو.

"اهڙو پٿر آڇلايائين جو نِچُتِ وڃي اڪ ۾ لڳس". (جملو).

= نِچُتُوڻُ: ظرف. سِڌو سنئون - پورو.

● نِچ تَرُ ۽ نِچُتَرَ: ذ. آسماني قارن جو هڪ ميڙ - نِڪَتُ.

● نَچِنڊ ۽ نَچِنْدَ: ذ. صفت. ڪجهه به نه چڏيندڙ - نه ڇڏو - نه ڏيندڙ - پڪو - سَچَنڊو. محڪم - ثابت قدم.

● نِچُڙَنُ: مصدر. سامت ۾ اچڻ - نيڪ ٿيڻ - نهڻ - تيار ٿيڻ - (جو) بندوبست ٿيڻ - نبيرڻ - چڪتو ٿيڻ - پڇاڻي ٿيڻ. جدا ٿيڻ - الڳ ٿيڻ - ڌار ٿيڻ. (نِچُڙيو - نِچُڙندو - نِچُڙيل).

● نِچوڙَنُ: مصدر. نچوڙڻ - نبيرڻ - فيصل ڪرڻ - ٺهراءُ ڪرڻ - فيصلو ڀهارڻ. بندوبست ڪرڻ - نيڪ ڪرڻ - ناهي رکڻ. سمجهائڻ - ڪولي ٻڌائڻ - ارٿ ڪرڻ - نروار ڪرڻ - نِرَڻءُ ڪرڻ. جُدا ڪرڻ - ڌار ڪرڻ - الڳ ڪرڻ - علحده ڪرڻ. (نِچوڙيو - نِچوڙيندو - نِچوڙيل)

= نِچوڙو ۽ نِچوڙا: ذ. نِچوڙ - نچيڙ - نچيڙو - نبيرو - فيصلو - ٺهراءُ - صفائي - ناهه - نبيرَ. ڇيهه -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇاڻي - انت - پڇاڙي - پوڇو - انتها - آخر. آڪلاءُ - چُڪت - صفائي - ناهه - بند و بست - پربنڌ - سڌو - جوڙجڪ.

● نڇيڙڻُ: مصدر. فيصلو ڪرڻ - نڇيڙو ڪرڻ - نبيرو ڪرڻ - نبيرڻ - فيصل ڪرڻ - صاف ڪرڻ. (نڇيڙيو - نڇيڙبنڊو - نڇيڙيل).

= نڇيڙو ۽ نيڇيڙا: ذ. نبيرو - فيصلو - نڇوڙو. انصاف.

● نَحسُ ۽ نَحْسَ: ذ. صفت. نامبارڪ - نامسعود - منحوس - نياڳو - ڪمبخت - بدنصيب - نِدورو - چنڊو - بدبخت - بدقسمت - نامراد - ڪرم هيڻ - ادورو - بدسڳڻ - اشُبُ - بدسَوَڻ - تِڪياورو - گهاتي. بُرو - بيڇڙو - خراب - مَڊو. بي چيو - نافرمان - صلاح نه وڌندڙ. جڙ - اولو.

= نحسائيُ ۽ نَحْسائيُونُ: ث. نياڳ - بدبختي - ڪرم هيڻتا - نامرادي - ڪم نصيبي - نياڳائي.

● نَحلُ: ث. ماڪيءَ جي مک. (اسم خاص). قرآن مجيد جي هڪ سورت جو نالو يا لقب.

● نَحْوُ: ذ. جملن جي بناوت - اکرن جي بيهڪ - جملن جي ترڪيب وارو علم - علم گرامر - ويا ڪرڻ. (ظرف). طرح - طور - طريقو - ڍنگ - ريت - نمونو - راهه - رستو - واٽ - نوع - واکر چنا - قصد - ارادو.

= نَحْوَ پيجو (ڪ): ذ. پڇ جي وچ واري اک (جنهن مان پڇ ڦٽي).

= نَحو صرف: ذ. ويا ڪرڻ - گرامر - علم تلفظ.

= نَحو گِرام: گاله جو ذرو هرزو وچور وار پڇ واري حالت - نجي پڇي گاله ڪري ٻڌائڻ واري حالت.

● نَحُوسَت ۽ نَحُوستُونُ: ث. ڪمبختي - نياڳ - شامت - ماجرا - بدنصيبي - بدطالعي - نياڳائي - بدسوٽي - نامبارڪي.

● نَحِيفُ ۽ نَحِيفَ: ذ. ڏهرو - ڪمزور - لاغر - مرد عاجز. پتلو - سنهڙو - نازڪ. حقير - ناتوان.

● نِخالِصُ ۽ نِخالَصَ: ذ. صفت. نيڇ - سنو - صاف - شُڌ - خالص - نيڇو - نِيار - ليٽ - پُوتر - پاڪ - سچو - ڪرو - تيڪو.

● نُخْتُو ۽ نُخْتا: ذ. نقطو - سنڌي اکر جهڙو ڪ: ب، پ وغيره کي ڏنل ٽُهڪو - پُڙي. آڻ جي سنج جو هڪ قسم - آڻ وغيره جي منهن ۾ سُونهن خاطر وڌل سوني رنگين ڏورو - سُڄي - پُوٽيڙو.

● نُختي ۽ نُختيون: ث. مناڻيءَ جو هڪ قسم.

● نخْچِيرُ ۽ نَخْچِيرَ: ذ. نشتر - نيبر. شڪار ڪيل جانور.

● نَخْرُو ۽ نَخْرا: ذ. ميڪيرُ - مَڪَرُ - ڍونگ - چالو - نازُ - چَخَنُ - لاڏُ - چاڪ - ماڻو - منيون گالهيون - تال - ناز نخرو - مستي - لُڇائي - ترڪت - نَٽُ - ڦند - اٽڪل.

= نخْرِ يلو ۽ نَخْرِ يلا: ذ. صفت. نخرا ڪندڙ - ناز ڪندڙ - چاڪلو - دادلو - نخرائي - چلولو. حرڪت باز - اٽڪلي - چالاڪ - حرفتي - رَهڙو - ڏوڪيباز - حريفُ - ڍوهو - ٺڳُ - ڍونگي - نقلي. (ث. نَخرِ يلي ۽ نَخرِ يليُون).

● نَخِيسُ ۽ نَخِيس (ت): ذ. غيرت - حيا - لڄَ - شرم. دل.

● نَخْشَبُ: اسم خاص. ترڪستان ۾ هڪ شهر جو نالو (جتي حڪيم عطا بن مقنع هڪ هٿراڏو چپڪ کوهه مان ڪڍيو هو).

● نَخْلُ ۽ نَخْلَ: ذ. ڪجور جو وڻ - چوهاري جو وڻ - ڪجي. هڪ واڍڪو اوزار (ڪاڻيءَ تي چٽ ڪيڻ لاءِ). اڻي چاڻ واري حالت.

= نَخْلو ۽ نَخْلا: ذ. واڍڪي اوزار جو هڪ قسم - جڏن ڪيڻ لاءِ گول منهن سان زنبيءَ جو هڪ قسم.

● نَخْنُوثَ: ث. (ع). بزرگي. تڪبر - غرور.

● نَدُ: ذ. بحر - درياءُ - ندي. جيئن: "پنج ند". بدبختي - نِدورائي - نياڳائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"او ۽ ڪميڻو ڪبير شاهه چئي،
نِدورو چِڏي نه نِندَ".
ٻڌ - صفا. "هُو نِندَ حرامي آهي". (ل).

● نِدِ (ت): ث. نسبت - نسل - اصل - بنياد. توڙ - ڇڏ - آخر - پڇاڙي - پڇاڙي.

● نِدا ۽ نِدائِ نِدائُون: ث. ذ. آواز - شبد - پرلاءُ - آڇار - تنوار - سڏ - دانهن - رڙ - ڪوڪ - هوڪار - صدا. گِلا. ٻانگ.

● نَدارَتُ ۽ نَدارَتَ: ذ. صفت. (ف. نه + دارد) نه هئڻ جهڙو - بي ڪمو - بي ڪار - ڪنهن نه ڪم جو. نياڳو.

● نَدارُدُ ۽ نَدارَدَ: ذ. (ف). ڪورو - اڇو - خالي - ٻنا نام (وڪاءُ) گهرج - ضرورت - ڪتپ - حاج - ڪاڻ - اڻ هوند - ڪمي - گهٽتائي - اوڻائي. (ذ. صفت). نالائق - نڪمو - گڻ هيڻ - وِڻاند - نِڪارُ - ناخلف - نامراد - ڪسيرڪ - ڪين جهڙو - بيهودو.

- نَدارَكُ ۽ نَدارَكَ: ذ. نِدارت - بي چيو - نافرمان - نڪمو.

● نَدافُ: ذ. ڪهه پِڇيندڙ - پيچارو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● نِداماڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو - نظاماڻي.

● نَدامَتَ ۽ نَدامَتُونُ: ث. شرمندگي - پشيماني - خجالت.

● نِدانُ: ظرف. نيٺ - پڇاڙي - پنڌان پوء - آخرڪار - نينان نيٺ - پوء - پڇاڙي - ڇيهه - انتها - حدَ - ڇيڙو - ڇوڙي - نِدان - نتيجو. مؤت - پڇاڙيءَ ۾ - انت ۾ - پس پيش.

- نِدانَ قِيمَتُ: ث. آخري قيمت - مقررڻيل اڳهه.

● نِدسُ ۽ نِدسَ (ت): ذ. صفت. پاڪ نه هئڻ واري حالت وارو - ناپاڪ - پليت - پليد.

● نَدمُ: خجالت - پشيماني - شرمندگي.

● نَدواڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● نِدورو ۽ نِدورا: ذ. صفت. ڏکيو - کهيو - منحوس - دکي - پريشان - ڏجهارو - ڏوکي - بي حال - بد نصيب - بدقسمت - بي بختو - شامت زدو - ڪمبخت - نياڳو - چنڊو - نحس - نامبارڪ. خراب - بيڙو - ڪنهن نه ڪم جو - تُڇ - هَرو - شرير - ڏنگو.

● نَدِيُ ۽ نَدِيُون: ث. (پرا. نَدِيا. سن. نديکا = ندي) درياءُ - واهڙ - نئين - نهر - جل ڌارا - وڏي نهر يا جُو - مينو درياءُ.

● نَدِيمُ ۽ نَدِما: ذ. مصاحب - دوست. هَمنشين. پريشان.

● نِدِ: ث. خزانو - گنج - ذخيرو - نِدي - ڏن - دولت - مايا - جميعت - سمپت. شجرو - پيڙهه - بنياد - آصل - نسل - منڊ - شروعات. ڇيهه - پڇاڙي - حد - آخر.

● نِدانُ: ظرف. آخرڪار - نيٺ - پڇاڙي تائين - آخرين - نينان نيٺ - پس وپيش - پڇاڙي - ندا - انت - پوڇاڙي - حد - انتها - توڙ - ڇيڙو - ڇيهه - نتيجو. (ذ. اسم). حويلي - محل - قصر - مڪان - گهر - رهاڻ. ڪٽنب - خاندان - ذات. خزانو.

- نڏان ڪرڻ: صفائي ڪرڻ - ڪم ختم ڪرڻ ڪاڻ اڳ نه ڇڏڻ - پڇاڙي ڪرڻ - ڇيهه ڪرڻ - انتها ڪرڻ - حد ڪرڻ.

- نِدانِيُ ۽ نِدانِيُ: ذ. صفت. نڏان ڪندڙ - حد ڪندڙ.

● نِدانَ ۽ نِدانَ: ذ. ڪٽنب - خاندان - ذات.

"اصل آهي اهنجو نالير و نڏان."
(شاهه)

دولت - ڏن - خزانو. گهر - جاءِ - مڪان.

"هتان هنڌ نه ڇڏيان سندو ليهه نڏان."
(شاهه).

آڌار - ڪوپ.

● نِدَرُ ۽ نِدَرُ: ذ. (سن. نِر = نه + آڌر). بنا ڪنهن آڌار جي - بي وسيلي - بي زور بيواهه - نڌورو - بي واهو - بي وس - بي پهچ - آوس - لاچار - عاجز - نِڌڻڪو - اٻالو - آڌين - ڪمزور - هيٺو - ضعيف - نستو - ٻوٽو - نهل - درپل - پل هيٺ - ڏکيو - کهيو. منحوس - نياڳو - چنڊو - نڌورو. نماڻو - ويچارو. اپرو - پروس - مسڪين - بي سهارو - يتيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ نيڏرائيءُ ۽ نيڏرائيڻونءُ: ث. لاچاري ـ اڻ سرندي ـ ڪمبختي ـ خواري ـ شڪست حالي ـ جوڪڙو ـ نياڳ. بي آسڙائي ـ بي رسائي.

● نيڏڙءُ ۽ نيڏڙ: ذ. صفت. ڏر يا ڊ ر نه ڪندڙ ـ نه ڊجندڙ ـ نيڏڙ ـ نڊر ـ نه ڊڇو ـ بهادر ـ همٿ پريو ـ دليرـ بي پرواهـ جرئت وارو ـ بي ڊهو ـ نيرپوءُ ـ ڏنڍر ـ بالڪ ـ دليرـ

● نيڏڪ ۽ نيڏڪڻونءُ ث. صفت. نڏڪي ـ بي واهي ـ بي وسيلي، جيئن ته

"پوري منڊ پتار ري، نڏڪ جئين ٽي نار"

● نيڏڪ ۽ نيڏڪ: ذ. صفت. (سن. لنڊک) بنا ڊڄڪي ـ بي خوف ـ بي ڊهو ـ نڏر ـ بي ڊڄڪ. مصيبت جو ماريل ـ ويچارو ـ ذليل بيڪس ـ نڏڪو. جنهن تي ڏکن جو اثر نه ٿئي ـ سخت ـ ڏاڍو. (ڪ). بي چيو ـ نٽر ـ نيرجو ـ نڏر. نالائق ـ نادان خراب ـ ڦٽل (ٻار).

● نيڏ ٽڪو ۽ نيڏ ٽڪا: ذ. صفت. جنهن جو ڏڻي نه هجي ـ بنا ڏڻي يا مالڪ جي ـ بي وارثو ـ بي مائٽو ـ لاوارث ـ يتيم ـ بنا رکيڪ ـ ري مالڪ. غٽباٽو ـ گيباٽو ـ رهيت ـ هيٺو ـ بي واهو ـ لاچار ـ عاجز ـ ڏڙيل ـ بي پهچ ـ ابتر حال ـ ذليل ـ نيڏرءُ ـ ويڳاڻو ـ بي وس ـ بي وسيلي ـ اڏين. زچ ـ بي ڪڙهو. رولو ـ رولاڪ. (ث ـ نيڏ ٽڪي ۽ نيڏ ٽڪيون).

ـ نيڏ ٽڪائيءُ ۽ نيڏ ٽڪائيڻونءُ: ث. لاوارثي ـ يتيمائي. لاچاري ـ مجبوري ـ اڻ سرندي.

● نڏڙيءُ ۽ نيڏ ڙيڻونءُ (ڪ): ث. ڪري جو هڪ قسم.

● نڏو ۽ نڏا: ذ. (سن. نڊڊ). ننهڙ جو اسم مفعول ـ نڏو ـ ٻڏل ـ ڦاٻو. جيئن ته:

"سا ڪئن نيام نهي، جهڪي نيه نڏو ڪٽي."
(شاهه).

● نڏو ۽ نيڏو: ذ. صفت. نه ڏوتل ـ ميرو ـ بلڪل گندو ـ غليظ ـ صفا گندلو ـ تمام ڪوجهو ـ فاحش.

● نڏوڪ ۽ نڏوڪ (ڪ): ذ. ڪاٻه گري شئي (جنهن سان سخت ڏڪ لڳي سگهي) ـ گهوپاٽو ـ ڏنڍو ـ ٻچر ـ ڏڪو.

● نيڏر ۽ نيڏر: ذ. صفت. ڏر يا ڊ ر نه ڪندڙ ـ نه ڊجندڙ ـ نيڏرءُ ـ بي ڊهو ـ بي پرواهـ ـ نرپوءُ ـ بهادر ـ ڏنڍر ـ بالڪ ـ سورهيه.

● نڏو: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نيڊ ر ۽ نيڊ ر: ذ. صفت. ڊ ر نه ڪندڙ ـ نه ڊجندڙ ـ ڊ پ نه ڪندڙ ـ بي ڊهو ـ نڏر ـ ڏنڍر ـ پهلوان ـ بي پوءُ ـ بالڪ ـ بي پرواهـ ـ بهادر ـ سورهيه.

● نڏر ۽ نڏر: ذ. عهد ـ پيمان. خدا جي نالي تي باسيل صدقو ـ بزرگن جي نالي خدا جي راهه ۾ ڪيل خيرات ـ پيتا ـ نذرانو ـ نذراٽو ـ پٽ ـ گهور ـ نياز ـ سڪا ـ خيرات ـ ڏن ـ بخشش ـ ڏان. تحفو ـ سوڪڙي ـ سوغات ـ ڏالي ـ ڏونڍو.

● نڏر اِمام: امامن جي صدقي ـ امامن جي نالي (ڪيل خيرات).

● نڏرانو ۽ نڏرانا: ذ. تحفو ـ سوڪڙي ـ گهور ـ پيتا.

ـ نڏراٽو ۽ نڏراٽا: ذ. نذر ـ نذرانو ـ تحفو ـ سوغات ـ سوڪڙي ـ پيتا ـ گهور.

ـ نڏر ڇڻ: ميتا مڇڻ ـ سڪا ٻاسڻ ـ پيتا ڪرڻ ـ سنت مڇڻ.

● نر ۽ نر: ذ. (سن. نر) مذڪر ـ مرد ـ مڙس مائهو (مادي جو ضد). هڪ عزت جو لقب ـ سخي. دهل يا نغاري جو ٿلهو آواز ڪندڙ ٻاسو. ڪجيءَ جو قر نه جهلينڊڙ ون. (ذ. صف) بهادر ـ ڏاڍو مڙس ـ پهلوان ـ جوڌو ـ سردانو ـ جانٽو ـ مڙسائو ـ پلنگ ـ پورهيه. (ڪ).

ـ نرءُ پڪيءُ هڪليجنءُ: پردي جي سخت پابندي هئن.

ـ نرءُ گهنٽوءُ ۽ نرءُ گهنٽا: ذ. صفت. جبرو ـ جانٽو ـ قوي ـ جنگ ـ بهادر ـ پهلوان ـ همٿ پريو. ڏڻمنٽو ـ يٽو ـ جٽو ـ ٽلهو ـ ٽوٽانگ ـ وڙسٽر ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

د ڏونسو - پُٽ ۽ پريل - چوڪيو - ڏ ڳ - مُڪو .
سڏر - جهالو - جهلينڊ - پڪو - جاڏو . ڪاميي -
لاڏارو - شهُو تي .

= نرُ مادُ ۽ نرُ مادَ : ذ . مذڪر ۽ مونث -
نرُ ۽ مادي - نر ماد ڪُ - مجاڪرو - هينجيز .

= نرُ مادَڪَ ۽ نرُ مادَڪَ : ذ . مذڪر ۽ مونث - نرُ ۽ مادي - نر ۽ ماد .

= نرُ مادي : مذڪر ۽ مونث - نرُ ماد - نرُ مادَڪُ .

= نرُ وارُ ۽ نرُ وارَ : ذ . پنڪيسر . ڪُل ۾ مادي وار جي پرسان نرُ وار ۾ ٿئي .

= نرو ٻُوُ ۽ نرو ٻُا : ذ . نرُ - مُذڪر .

= نروٽيو ۽ نروٽيا : ذ . نرُ - مُذڪر .

= نرُ و جهڙُ : نر ڪجيءَ جون چوڙيون سندس پُور واريون ٻئي لامون ڪپي ، مادي ڪجيءَ جي چوڙين ۾ وجهڻ .

● نيرُ : حرف جر . (سن) . باهر - ڪان سواءِ - بغير - ٻاهر - ري - بي - بنا .

= نيرُ اپاوُ ۽ نيرُ اپاوَ : ذ . صفت . بنا اپاوَ - بنا علاج . وسويو . سوڌي هٿ نه اچڻ وارو . ناقابل اصلاح .

= نير اپراڏَ ۽ نير اپراڏَ : ذ . صفت . بي گناهه - بنا ڏوهه .

= نيراپُراڏي : ذ . صفت . بي جرم - بي گناهه - بي ڏوهو .

= نيرُ آدَرُ ۽ نيرُ آدَرَ : ذ . (سن . نير = ڪان سواءِ + آدر = عزت) عزت ڪان سواءِ - بي عزتي - بي مانائي - نيرآدري - بي ادبي - آناد رُ - هٿڪ عزت - سُهُڻ - ڪَچ - گارگند . (ذ . صفت) . بي عزتو - بي مانو .

= نيرُ آدَرُ ڪرڻُ : بي عزتي ڪرڻ - نير مانُ ڪرڻ - بي مانو ڪرڻ .

= نيرُ آسُ ۽ نيرُ آسَ : ذ . صفت . بي آسَ - بي اميد - نا اميد - نيراڇا - مايوس .

= نيرُ آڪارُ ۽ نيرُ آڪارَ : ذ . صفت . شڪل يا آڪار ڪان سواءِ . (اسم خاص) . خدا جو هڪ صفاتي نالو يا هڪ صفت .

= نيرُ آهارُ ۽ نيرُ آهارَ : ذ . صفت . بنا ڪاڏي - بغير ڪائڻ جي - بکايل - نيرانو .

= نيرادَرُ ۽ نيرادَرَ : ذ . بي عزتي - نيرادري - بي ادبي - اناد رُ - هٿڪ عزت - سُهُڻ - ڪَچ - گارگند . (ذ . صفت) . بي عزتو - بي مانو - بي ادب .

= نيراد رُ ڪرڻ : بي عزتي ڪرڻ - نير مانُ ڪرڻ - بي مانو ڪرڻ .

= نيرادَريُ ۽ نيرادَريُونُ : ث . بي عزتي - بي ادبي - نيراد ر .

= نيراڏَرُ ۽ نيراڏ ر : ذ . صفت . بنا آڌار - بي آسري - بي وسيلي - بنا سنيال - يتيم - لاوارث - ڏليل - بي مائتو - بي سهارو - بي اجهو .

= نيراسُ ۽ نتراسَ : ذ . صفت . (سن . نيراش) . بنا اميد - بي آس . نا اميد - مايوس - محروم - دلگير - اداس - نير هه - نيراهُ . بي وس - لاچار . انگهن ڪان سواءِ - بنا ڪنڌ جي (ڪاني) . لسو - صاف .

= نيراسا ۽ نيراسائُونُ : ث . نا اميدي - مايوسي - لاچاري .

= نيراسائيُ ۽ نيراسائيُونُ : ث . نا اميدي - مايوسي - آداسائي - نيراسا .

= نيراڪارُ ۽ نيراڪارَ : ذ . صفت . بنا صورت - بي شڪل . بي عيب . نهايت - عدو - آنم - افضل . الاهي - خدائي - ديوتا سروپ - رحماني - ايشوري . (اسم خاص) . هندن جي خدا جو نالو - پرميشور .

= نرهانُ ۽ نيرهانُ : اها حالت جنهن ۾ سڀي اڇائن ۽ دکن ڪان انسان آجو هجي آزادي - مڪتي - موڪش - مڪتي - نجات - رستڪاري - چونڪارو . نروان - پرم پد - پرم آنند - ڪمال خوشي . نرورتي - سعادت .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ نِرْبَلُ ۽ نِرْبَلَ: ذ. صفت. بي طاقت ـ ڪمزور ـ دُرٻل ـ هيٺو ـ ضعيف ـ بي زور ـ نستو.
ـ نِرْپَڙُ ۽ نِرْپَڙُ: ذ. صفت. پڙ نہ ڪندڙ ـ بي ڊپو ـ نڈر ـ نہ ڊڄندڙ ـ نڈر ـ بي پڙ ـ بي پرواهہ ـ بالڪ ـ ڊنڊم ـ دليـر ـ همٿ پريو ـ بهادر ـ پهلوان ـ بانڪو.
ـ نِرْپَڙي: ذ. صفت. ڏسو نرپڙ.
ـ نِرْپَڪُ ۽ نِرْپَڪ: ذ. صفت. پڪ يا رياءُ نہ ڪندڙ ـ پاسخاطري نہ ڪندڙ ـ بي رياءُ ـ بي طرفدار ـ سمدرسي ـ هڪ اکيو ـ نرپڪش ـ انصافي ـ بنا پاسخاطري ـ بي ڇڪو.
ـ نِرْتَنُ ۽ نِرْتَنَ: ذ. صفت. جتن نہ ڪندڙ ـ حيلو نہ ڪندڙ ـ ڪوشش نہ ڪندڙ.
ـ نِرجَل ۽ نِرْجَلُون: ث. روزو ـ اُپواس ـ لنگهن ـ فاقيو.
ـ نِرْجَلُ رَکڻُ: ورت رکڻ ـ فاقو ڪيڻ ـ نيرانو رهڻ.
ـ نِرْجَل ۽ نِرْجَلُ: ذ. صفت. پاڻي کان سواءِ ـ بنا پاڻيءَ جي ـ ري پاڻيو ـ سکل.
ـ نِرْجِيءُ ۽ نِرْجِيءُ: ذ. صفت. جيءَ يا جان کان سواءِ ـ بيجان ـ اچيتن ـ نرجيو ـ بي جيءَ ـ بي جوتيو ـ جڙ.
ـ نِرْجِيو ۽ نِرْجِيا: ذ. صفت. ڏسو نرجيءُ.
ـ نِرْدوشُ ۽ نِرْدوشَ: ذ. صفت. بغير دوش ـ بنا ڏوهہ ـ بي گناهہ ـ بي قصور ـ بي خطا ـ بي ڏوهي ـ ري معيار ـ وڏهو ـ ابهہ ـ اياڻو ـ معصوم. سلامت. اي خوف. (ت).
ـ نِرْدَئِي ۽ نِرْدَئِي: ذ. صفت. (سن. نِرْدَيہ). دَيا کان سواءِ ـ بي رحم ـ بي ڪهل ـ بي قياس ـ ڏاڍا سر ـ ظالم ـ نردیا ـ ڪٺور ـ قهار ـ سنگدل ـ ڪٺيل ـ ڪسائي ـ سخت دل ـ اپاجهو ـ بي حس ـ بي درد ـ بي مهر.
ـ نِرْدَيا ۽ نِرْدَيا: ذ. صفت. ڏسو نردئي.
ـ نِرْدَيائِي ۽ نِرْدَيائُون: ث. دیا نہ هڻڻ واري حالت ـ بي رحمي ـ سنگدلي ـ ڪٺورپائي ـ بي دردي ـ ظلم.

ـ نِرْڏَڪُ ۽ نِرْڏَڪَ: ذ. جنهن تي ڏڪ جو اثر نہ ٿئي ـ بي ڊپو ـ بي پڙ ـ نرپڙي ـ نرپي.
ـ نِرْڏَنُ ۽ نِرْڏَنَ: ذ. صفت. ڏن کان سواءِ ـ غريب ـ مسڪين ـ ڪنگال.
ـ نِرْڏوهِيُ ۽ نِرْڏوهِيَ: ذ. صفت. ڏوهہ يا قصور کان سواءِ ـ بي ڏوهي ـ بي گناهہ.
ـ نِرْگُڻُ ۽ نِرْگُڻَ: ذ. صفت. گڻ کان سواءِ ـ شڪل کان سواءِ ـ نراڪار ـ نرگڻ ـ بي گڻو ـ بي لڇ ـ بداخلاق ـ بدتميز ـ عيبدار.
ـ نِرْگُڻُ ۽ نِرْگُڻَ: ذ. صفت. نالائق ـ نڪمو ـ گن هيڻ ـ وڻواند ـ نڪار ـ ناخلف ـ نامراد ـ ڪسيرڪ ـ ڪين جهڙو ـ ٻُهر ـ بيهودو.
ـ نِرْلَجُ ۽ نِرْلَجَ: ذ. صفت. لج کان سواءِ ـ بي لڇو ـ بي حيا ـ بي شرم.
ـ نِرْلَڄو ۽ نِرْلَڄا: ذ. صفت. لج کان سواءِ ـ بغير خطا ـ بي حيا ـ بي شرم ـ بي لڇو ـ بي نڪو ـ بي ديدو ـ نرڇو ـ بي غيرت.
ـ نِرْلوڀِيُ ۽ نِرْلوڀِيَ: ذ. صفت. نرلوبُ ـ ناخود غرض ـ آسوار ٿي ـ بين جو خيال رکندڙ ـ پراپڪاري ـ نشڪامِ.
ـ نِرْلِيپُ ۽ نِرْلِيپَ: ذ. بغير ليپ ـ نرلپت ـ صاف ـ پاڪ ـ آڇتو ـ آپرشت ـ بي ڏوهي. نيارو.
ـ نِرْمَرُ ۽ نِرْمَرَ: ذ. صفت. سر يا ميرائي کان سواءِ ـ اوجل ـ صاف ـ پاڪ. موهہ کان سواءِ.
ـ نِرْموهِيُ ۽ نِرْموهِيَ: ذ. صفت. بنا موهہ ـ ري پيار وارو ـ بي دل. بي درد ـ بي ترس ـ ڪنور ـ بي قياس ـ سنگدل ـ بي رحم ـ رکو ـ نرموهيو.
ـ نِرْوارُ ۽ نِرْوار: ذ. صفت. (سن. نِرْ = بنا + وار = پردو). بنا پردي ـ ڪابل ـ ظاهرظهور ـ ٻدرو ـ ڪليو ڪلايو. صاف ـ چٽو ـ صفا ـ نرسل ـ اوجل ـ اڇو ـ آجرو ـ اصل ـ نجو. ڌار ـ جدا. سنڌائتو. (اسم) ورنن ـ بيان ـ اظهار.
ـ نِرْوارُ ڪَرَڻُ: ظاهر ڪرڻ. ڏسڻ ـ ڏيکارڻ ـ اشارو ڪرڻ ـ سڃڻ ـ سمجهائڻ ـ ڪولي بڌائڻ ـ آرٽ ڪرڻ ـ بيان ڪرڻ ـ لکڻ ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= نِرْوانْ ع نِرْوانَ: ذ. نابودي - برباديِ - نيستي. پرم پد - پرم آنند - کمال خوشي - نرورتي - سعادت. چوٽکارو - نجات - آزادي.

= نِرْوانْ ع نَرْوانَ: ذ. صفت. وان بغير - آزاد - چڙواڳ. مٺاهين درجي وارو - اتر - ثابت. (ت).

= نِرْوانْ پَدْ پِراڀْ: چوٽکارو حاصل ڪرڻ - نجات حاصل ڪرڻ. مُڪتي حاصل ڪرڻ - دنيا جي دام کان آزاد رهڻ.

= نِرْورْتيْ ع نِرْوِرْتيُونْ: ث. نجات - آزادي - چوٽکارو - آڌار - مڪتي - گت - موڪيه - نستارو - نيتارو - آزادگي.

= نِرْوَڪَلْپْ ع نِرْوِڪَلْپَ: ذ. صفت. وهم، سنسهي ۽ پولهي کان آزاد.

= نِرْوِيرْ ع نِرْوِير: ذ. صفت. ويرِ يا بغض نه رکندڙ.

● نِرْ ع نِيرَ: ذ. پاڻ جي پڻ يا بندن وغيرهه کي ٽيل ٽنگ - سوراخ جنهن ماڻ پاڻي ڪڍڻ ڪري وڃي - پڻيءَ ماڻ پاڻيءَ وهڻ جو ٽنگ - گارچو - رونڊ.

● نَرْ ع نر: ذ. نار جي پڙ هيٺان سنهي ڪسي.

● نَرا (ث): اسم خاص. راجپوتن ۾ ٿڪرن جي هڪ ذات جو نالو.

● نِراچْرِيْ ع نراچِرِيُونْ: ث. اک جي مٽان ٻئي پيرن (وارن) جي گولائي واري جاءِ - پروٽو.

● نِرادِيهيْ ع نِرادِيهيُونْ: ث. سڀني ۾ همٿن (مردن) ۾ ڪامي وقت دعوت ڏيڻي گهرائڻ واري حالت.

● نِراڙْ ع نِراڙ: ذ. (سن. لِلاٽ. پرا. نڌال) اکين ۽ مٿي جي وارن جي وچ ۾ منهن وارو مٿانهون حصو - پيشاني - نِرڙْ - نِراڙي. تالهه - طالع - نلاٽ - تارڪ. (ڪ).

● نِراڙُو ع نِراڙا (ڪ): ذ. پنهن جي منهن - اڪيلو روءِ سوءِ - علحده - جُدا - نِرالو. (ث. نِراڙي ع نراڙ يُودْ).

= نِراڙائيْ ع نِراڙائيُونْ: ث. اڪيلائي - علحدگي - گوڙ گهمسان کان الڳ جڳهه - سنسائي.

● نِرالوْ ع نِرالا: ذ. صفت. (پرا. نِرالِي. سن. نِرالي) الڳ - جُدا - اڪيلو - هيڪلو. ٻئي نموني جو - عجب - ڏاريسون - عجب جهڙو - نيارو - انوکو - عجيب و غريب - نئون - خاص - نجو - ذاتي - و شِيشْ وانْ - نادرْ - غير رواجي - آساڌارڻ - نه ڏٺل نه ٻڌل - ناشنيد و. سڪلو - نلهو - مُجرّد. آزاد. (ث. نِرالي ع نِرالِيُونْ).

= نِرالائيْ ع نِرالائِيُونْ: ث. خصوصيت - وشيشتا - نِرالپڻ.

= نِرالِيْ حالتِ: ث. نرالي ڳالهه - نِيارَپَ - اِستثنا - وِيڪَشْ.

= نِرالِيْ طَبِيعْت: ث. خاص مزاج - انوکي چال - فطرت.

● نِرانَ ع نِرانُونْ: ث. گهوٽ جي ٻيڻ - مڙس جي ٻيڻ - نِرڻان - نِڻان.

● نرانو ع نرانا: ذ. صفت. ٻنا ناشتي کيل. پُڪايل.

● نراهُ ع نراهَ: ذ. صفت. بي راهه - ناآميد - نِرهه - مايُوس - نراسْ - محروم - خستو - شڪستو. آداسْ. رَدْ. (ت).

● نِرائِيْ ع نِرائِيُونْ: ث. نِلائي - هاڪائي - پتو ترتا - سنائي - آڇتائي - نِرملتا - سُو چتا.

● نِرْتِ ع نِرْتُونْ: ث. (سن. نيتر يا نِرتي) نظر - نگاهه - ڏسڻي - بصارت - درشت - جوت - ديد - نِهار - اک جي روشني - ڏيٺ. ڏيانْ - ويچار - خيال - سمجهه - فهم - پوجهه - هوش - حوصلو. نِاچْ - نِماڻ - لڪاءُ - تماشو - ڏيکارو - ڏيکاءُ - نظارو - شڪل - روئداد - ديدار. هيڇ - ذوق - شوق. پيار. حياءُ - لڄ - شرم.

= نِرْتائِتوْ ع نِرْتائتا: ذ. صفت. نرت جو يا نرت وارو - سُڄاڻ - سمجهو - تيز فهم - زيرڪ - چتر - سُٽوپرو - متمان - هوشيار - عاقل - عقلمند.

= نِرْتَنْ: مصدر. نهارڻ - جاچڻ - چتائڻ. (نِرتيو - نِرتيندو - نِرتيل).

= نِرْتَنْ: ظرف. نرت سان - نرت کان. نظر. ڏيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هليان پتليو نہ رهي، نِرتون نيسہ نيبار" (شاهہ).

— نِرْتَنُونْ: ظرف. نِرت ڪسان — نظر ڪان — نظر جي ڪري.

— نِرتَنُونْ: ظرف. نِرت مسان — ڏيان سان — صِدق مان.

— نِرْتو (ڪ): ظرف. نظر ڪي سامهون — سنئون — سِڌو — ڏو. (ع. نِرتا). تيز نظر واري آڻ جو هڪ قسم. (ڪ).

● نِرْجو ع نِرْجا: ذ. صفت. نِرجو — بي حيا — بي شرم — بي لڄو — بي نڪو — بي ديدو — ڏيون پاڻيون ويل. نِڊر — بي چيو — نافرمان — هٺيلو — ضِدي — ڏڙ — نِبريل. سخت — ڏاڍو. اڻ ٽڪ — اوچ. منحوس. (ث. نِرجي ع نِرجيون).

● نِرْجو ع نِرْجا: ذ. صفت. بي شرم — بي حيا — بي لڄو — نِرجو — بي غيرت — بي ديدو — بي نڪو. ڪَڪَ نہ ٽيندڙ — اوچ. هٺيلو — ضدي — نِڊر. بي اثر — سخت — ڏاڍو — مضبوط. بهادر — دلير. (ث. نِرجي ع نرجيون).

— نِرْجائي ع نِرْجائيُونْ: ث. بي حيائي — بي شرمائي — بي غيرتي. هٺ — ضد پڪ — نِڊرپائي.

● نَرْچ: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ڏيهہ جو نالو.

● نَرْخ ع نَرْخَ: ذ. قيمت — مارڪيٽ جو اڳهہ — محصول جي اڳهوتري — نَرخ نامو — پتها — پيٽ — دام — ڪيرو — شرح. نمونو — رواج — چال — هلت چلت. "موجوده زمانو نئين نَرخ سان هلي رهيو آهي." (جملو).

— نَرْخ بَنْدِي ع نَرْخ بَنْدِيُونْ: ث. مقرر ڪيل اڳهن جي لسٽ.

— نَرْخ نامو ع نَرْخ ناما: ذ. محصول جي اڳهوتري جي ياددائشت — اڳهن جي لسٽ — نَرخ بندي.

● نَرْدَ ع نَرْدَ: ذ. ڪٽڻو — مُهرہ — پيش پتها تحفو.

● نَرْدبانْ ع نَرْدبانُونْ: ث. چڙهڻي — ڏاڪڻ.

● نَرْدَنْ ع نَرْدَنْ: ذ. پاڻيء جي ڪيءَ جوهڪ قسم (ڪنهن گهٽاءَ ڪناري تي ڪنڊ جي گاهہ ۾ گذاري).

● نَرْدُورْ (ڪ): ذ. نادر. ظالم.

● نَرْڊِپساوَرْ ع نَرْ ڊِپساوَرَ: ذ. بازار — دڪان — مَنڊي — مارڪيٽ.

● نَرَزْ ع نَرَزْ (ڪ): ذ. صفت. افلاطون — چالاڪ — هوشيار. ڏاڍو — پهلوان — بهادر.

— نَرَزائيپ ع نَرَزائيپُونْ (ڪ): ث. ڏاڍ جواني — ڏاڍ مڙسي.

— نَرَزائي ع نَرَزائيُونْ: ث. ڏاڍ جواني — ڏاڍ مڙسي — پهلواني — بهادري.

— نَرِزْ پُوزْ ع نَرِزْ پُوزَ (ت): ذ. صفت. بهادر — مضبوط. طاقتور — سڪيمو.

● نِرَزْ ع نِرَزَ: ذ. (پرا. نِبال. سن. لاٽ) بدن جو هڪ عضوو — نِراڙ — پيشاني — جبين.

● نَرَزُو ع نَرَزُو: ذ. ڏڪو — دَهڪو — ڏهڪاءُ — خوف — ڊپ. ڀاسن ڪان وڏو. (ث).

— نَرَزُو ڪَنِدَنْ (ت): ڏاڍيان ڪاڙهائڻ — جهيڙو ڪرڻ.

● نَرْسَ ع نَرْسُونْ: ث. (انگ) ڊاڪٽرياڻي. دائي. مَنڊر — مدوائيف — مسٽر.

● نِرْسْ ع نِرْسَ: ذ. صفت. نِرسو — وَزن — هلندي — زور — بوجو — بار — ميزان — بوجهہ. مَٽو — ميلاوتي — گاڏڙ. گهٽ — اوڻو — ڪَسو — ڪَمْ — اڻ پورو — زائل — ڪنل پاڳو — اَڻٽالو — لاڀيرو.

— نِرْسائيُ ع نِرْسائيُونْ: ث. گهٽتائي — ساتيحتي — ڪتمي — ڪوٽ — اوڻائي — ڪمتري — زيردستي.

● نَرْسَنْگو ع نَرْسَنْگا: ذ. وڇائڻ جو توتاڙو — وڇندڙ سِڪ — سِنگڙي.

● نِرسِنْگهہ: اسم خاص. وشنو جي اڏ ماڻهوءَ اڏ شينهن واري ٻت جو پٽلو.

● نَرْغو ع نَرْغا: ذ. گهيرو — حلقو. انبوهہ — هجوم — هنگامو. مشڪل وقت — دشواري.

● نَرَڦونو ع نَرَڦوتا: ذ. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم — وڏي ايلاچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● نَرڪ ۽ نَرڪَ: ذ. نرڳ - جهنم - دوزخ - پاتال - عالم ارواح - اعراف - ميرتيو لئوڪ. ٻُڪري - جُواخانو. (ذ. صف). ڪينو - ميرو - گندو - غليظ - خراب - فاحش.

- نَرڪ گامي: ذ. صفت. دوزخ جو رهاڪو - جهنمي - نيرگي.

- نَرڪي ۽ نَرڪِي: ذ. صفت. دوزخي - جهنمي - شيطان. شرير.

● نَرڪَڻ: مصدر. چمڪڻ - چلڪڻ.

● نَرڪو ۽ نَرڪا (ل): ذ. ڪسيءَ مان پائيءَ جي وهڻ لاءِ سنهون سوراخ (ذ. صفت). لچو - آسرو. بي جيو - نافرمان.

● نيرڪَڻ (ڪ): مصدر. نهارڻ - چڪاسڻ - جاچڻ - تڪڻ - ڏسڻ - پرکڻ - آزمودو ونڻ - ڏيان مان چتائي ڏسڻ.

"رکي نيڻ نيڻن ۾ نرکي نمائي." (سائي).

(نيرڪيو - نرڪيندو - نيرڪيندل).

● نيرڪَ ۽ نيرڪَن: ث. جاچ - چڪاس - تڪ. آزمودو - پرک.

- نيرڪ پرک ڪرڻ: جاچ ٽوڪ ڪرڻ - آزمائش - پرکڻ.

● نَرڳ ۽ نَرڳ: ذ. نرڪ - دوزخ - جهنم.

● نَرگس: گل جو هڪ قسم (اندران ڪارو، باهران پيلو). (اسم خاص). هڪ فلم ايڪٽريس جو نالو.

● نَرڳ ۽ نَرڳ: ذ. دوزخ - جهنم - هاوي - پاڻين جي وهڻ جي جاءِ - پاتال - تحت الثريٰ - سجين - سقر - اسفل السافلين. (ذ. صفت) ڪينو - خراب - گندو - بدفضيلت.

- نَرڳِي ۽ نَرڳي: ذ. صفت. دوزخي - جهنمي - نرڪي - نرڳ جو. ڪينو - ميرو گندو - گندو - غليظ - گدلو - فاحش.

● نيرڳهٽ ۽ نيرڳهٽ: ذ. نڙيءَ جي اندران هوا لاءِ هڪ چلائيندڙ نلي - نڙگهوٽو - نڙي - گلو - شاهه رڳ - گهٽ - گهات - ڪنڊ - هنجي - ڪنڙ - هڪي - ڪُنورن - ڪاڏي جي نلي - هوا چونڙو.

- نيرڳهٽ نيئن (ڪ): نهوڙي وڃڻ - قابو ڪرڻ. ناهوڊ ڪرڻ.

● نَرڳهول ۽ نَرڳهولَ (ل): ذ. صفت. تمام ڏڳهو - قداور - لنبو.

● نَرلي: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نَرلي: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نَرَمُ ۽ نَرَمَ: ذ. صفت. سولو - ڍڪندڙ - لچڪيدار - انگهندڙ. ڪونڊرو - ملايم - ڪومل - ڪچو - سوکيم - حليم - ڪُنڊرو - ملائم. نازڪ - ڦلهڙو رحمدل. سانتيڪو - سليم - لوچدار - خليق - مدام - متحمل - بردبار. ڍيرو - ڏيمون - جهيٽو پُسيل - پينل - آلو ٽيل. لسو - خوشنما. ڪاهل - سست.

- نَرمائش ۽ نَرمائشُون: ث. نرمي - نرمائي - ڪوملتا - جهيڙائي - حليمت - ملايمي - سليمي - طبعي - ڪنڊرائي. ڦلهڙائي. نهٽائي - خلق. نامردي.

- نَرمائي ۽ نَرمائيُون: ث. ڏسو ارمائش - نرمي.

- نَرمُ پاڻي: هلڪو پاڻي - صاف پاڻي.

- نَرمُ دلُ ۽ نَرمُ دلَ: ذ. صفت. نرم دل وارو - رحمدل - موم دل - قياس وند.

- نَرمُ ڪَرڻ: ملايم ڪرڻ - ڪنڊرو ڪرڻ. نارڻ - ڍيرو ڪرڻ. دل ونڻ.

- نَرمي ۽ نَرميُون: ث. فرمائش - نرمائي - ڪوملتا - جهيڙائي - ملايمي - ڪنڊرائي - ڍيرائي - ڪوملائي - ڏيمائي - ڪوٽڙائي. خلق - شيريني - ڦلهڙائي. شفقت - مهرباني - رحمدلي. آهستگي. سهولت - آساني - سولائي. بردباري - تحمل. نامردي.

● نَرمل ۽ نيرمَلَ: ذ. صفت. اڻ ميرو - ٻڌا ڪدورت - پاڪ - پوتر - صاف - نيچ - ڪومل - شفاف - چمڪندڙ - ڏاڍا وارو - اوجل - سنو - اڇو - اجرو - اڇتو - نجو - خاص - نبار - خالص - اصل - ٺيٽ - چند - ڪرو - سچو - بيداغ - شڌ - نيڪ دل - صاف دل - سرل - نسکپٽ - سوڌو - صاف گو - بي رياءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= نرمتلائي ۽ نرمتلائيون: ث. نرملتا - صفائي - اجلائي - پاکائي - پوترتا - سفائي - آچتائي - سڻ چتا - پوشيدائي.

● نرمو ۽ نرمو: ذ. ڪپهه جو هڪ قسم - نرم يا سنهي ڪتيل ڪپهه.

= نرما: ث. آمريڪا جي ڪپهه سان مشابهت رکندڙ نرم ۽ ڏگهي تندن واري ڪپهه جو هڪ قسم (بنگال ۾ ٿئي).

● نرن ۽ نرنون: ث. گهوٽ جي پيٽ - نڙ - نران - نڙان.

● نرنا ۽ نرنا: ذ. نر - مرد - مذڪر - مڙد - مڙس ماڻهو هڪ عزت جو لقب. (ث. ناري نانءُ ۽ ناري نانءُ).

= نرنانءُ ۽ نرنانءَ: ذ. مرد - مڙس - مذڪر.

● نرناهڙ ۽ نرناهڙ (ڪ): ذ. صفت. ظرف. پڌرو - ڪليو - ظاهر ظهور - عيان.

● نرنجن ۽ نرنجن: ذ. صفت. بي عيب - بي عيبو - لڳت يا موهه کان آزاد. خدا جو طالب (ظرف). بنا جذبي - بنا حرص و هوس.

● نرنڊ ۽ نرنڊون (ل): ث. پڙنڪ - گپير. "ڪري مر ڪٽو ٻيو، نيئر ۾ نرنڊ".

● نرنڊو ۽ نرنڊا: ذ. صفت. بي حيا - بي شرم - نرلڄ.

● نرنڻ (ڪ): مصدر. نرڻ ڪرڻ - ڪولڻ - ظاهر ڪرڻ - پڌرو ڪرڻ. (نرنيو - نرنندو - نرنيئل).

= نرن (ڪ): ث. صفت. پڌرو - ڪليل - عيان - صاف - ظاهر - چٽو.

= نرڻ ڪرڻ: صاف ڪرڻ - ظاهر ڪرڻ. فيصلو يا نبيرو ڪري ڇڏڻ.

= نرنهي: ڪولي - نروار ڪري - ظاهر ڪري.

● نرنو ۽ نرنا: ذ. صفت. صبح جي ماني ڪائڻ کان سواءِ - ڪائڻ بنا - نيراني - بنا ناشتي ڪيل - نيرانو.

= نرنهي: صفت. بنا ڪاڏي پيتي - نيراني - نيراڻي - لنگهڻ.

● نرنيءُ ۽ نرنيون: ث. صبح جي ماني - ناشتو - نيرن - نيراني - چاندو پاڻي.

● نرنيءَ: ذ. (سن. نيرڻ) نرنئي - فيصلو - چنڊ چاڻ - نبيرو - سڌائت - نتيجو - انومان. راءِ - راءُ - صلاح - مصلحت.

= نرنيءَ ڪرڻ: فيصلو ڪرڻ - نبيرو ڪرڻ - صاف ڪرڻ. سهي ڪرڻ. پڃاڻ - امتياز ڪرڻ - سڃاڻ - تفاوت سمجهڻ.

● نرڻو ۽ نرڻا: ذ. (سن. نيرڻيءَ) تحقيقات - فيصلو - نياءُ - نبيرو.

= نرڻي: نياڪاري - امين.

● نرو ۽ نرا: بدن جي عضوي جو هڪ قسم - نهاڻين جي پر وارو بدن جو آندو. ستر جو هڏي سان ويڙهيل. چمڙي جي وچ وارو حصو. مثاني جي نلي - مردانو ٻيلو - آنورو - خصيه - خصيو. (ڪ) چاڪ. (ث). ڪتي، ٻڪريءَ وغيره جي اڳيون ٽنگون ڪٽي ٻڌڻ واري حالت - ڳاٽ. آنشبازيءَ جو هڪ قسم. نيسارو - نسارو - نسليو. ڪپرو - چيٽ جي سير. ٻوٽي جو هڪ قسم - ڪوتمير - جهنڪ ڪٽوري. (اسم خاص) تعلقي ميرپورماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= نرا پرجتن: شهوت پيدا ٿيڻ - انگيز ٿيڻ.

= نرا چنبڙ ڪرڻ: هيسائڻ - دٻائڻ - نڙي ڪيڏ.

= نرا چنبڙ: هيسائڻ - ديڇارڻ - وس ڪرڻ.

= نرا ڏيئن: مٿي ٿيڻ مغرور ٿيڻ - هٿ ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ - تڪرار ڪرڻ.

= نرا قاتن: شهوت جو زور وڻڻ.

= نرا ڪتن: اڳيون ٽنگون مٿي ڪٽي سامهون ٿيڻ - پوين ٽنگن تي ٻڌڻ.

= نرا لهڻ: ٻيلا لهي پوڻ - آنورا سڄي پوڻ - ڏٽ ٿيڻ. هرنيا ٿيڻ.

= نروڙيڻ: منهن سامهون ٿيڻ - وڙهڻ لاءِ آماده ٿيڻ - تڪرار ڪرڻ. غرور ڪرڻ. ڪنڌ مٿي ڪٽڻ - آپو گاٽ ڏيڻ. ضد ڪري ٻڌڻ. دٻائڻ - هيسائڻ.

= نرو لهي ڇوڙ: ٻيلو لهي پوڻ - آنورو لهي پوڻ. هرنيا ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● نِرو ع نِرا؛ ذ. صفت. چڙو - اڪيلو - تنها - محض - جدا - ڌار - علحده - الڳ. وائڪو - واسرو. خالص - نجو - نج - نبار - اصل. فقط - رڳو. نسورو. پورو. چڳوپلو.

● نِرُوارَ ع نِروارُونُ: ث. تقرير - ڳالهڪو - بيان.

● نروارُ ع نِروارَ: ذ. ظاهر - ڪليو - پڌرو - عيان.

= نِروارُ ٿيڻُ؛ ظاهر ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ - عيان ٿيڻ.

= نِرُوارُ ڪرڻ؛ ظاهر ڪرڻ - پڌرو ڪرڻ - عيان ڪرڻ.

● نِرواهه (ت): پورائي.

● نِرو ڏَنُ: مصدر. نپوڙڻ - نچوڙڻ - نچوڙڻ - پيڙو ڏيڻ - زور ڏيئي چپڻ - چپيائڻ - چُٽڻ - ڪشڻ - نچوڙي ڪڍڻ - مهٽو ڏيڻ - مروڙڻ - موڙڻ. ولوڙڻ - جهڳڻ - جهڳوڙڻ. (نِروڏِيو - نِروڏيندو - نروڏيل).

● نَرُوَرُ ع نَرُوَرَ: ذ. راجا - شاهه - بادشاهه. (ذ. صفت). راجا جو - راجائون.

= نَرُور سهيريُ: راجائي يا شاهي ڳهٽي.

● نِروڙِيُ ع نِروڙِيُونُ (ڪ)؛ ث. پوٽي جو هڪ قسم.

● نِروگو ع نروگا؛ ذ. صفت. روگ ڪان سوا - بنا روگ - بنا مرض - با جميعت - نرويو - نِروگي - تندرست - چڳو پلو - صحت ياب - هٽ سڄو - جوپ - نمرو - صحت بخش - اروگ - صحيح سلامت - صحت وارو - صحتمند - طاقتور. (ث. نِروگي ع نِروگيون).

= نِروگائيُ ع نِروگائيونُ: ث. روگ يا مرض نه هجڻ واري حالت - صحت - چڱائي - هٽ سڄائي - نروائي - خيريت - سلامتي - صحتيابي - بيماريءَ کان آزادي - تندرستي. (ذ. صفت). بنا روگ - چڳو پلو - تندرست.

= نِروگِيُ ع نِروگِيُونُ: ث. تندرستي - نروگائي. (ذ. صفت). تندرست - چڳوپلو - هٽ سڄو - نرويو - جوپ - نمرو - صحت ياب - صحت بخش.

= نَزُولُ ع نَزُولَ (ل)؛ ذ. صفت. تمام ڏکهو - لمبو.

● نِروئو ع نِروئا؛ ذ. صفت. نويو - بنا مرض - اروگ - تندرست - صحتمند. مفيد. (ث. نِروئيُ ع نِروئيونُ).

= نرو ٿائيُ ع نروِ ٿائيُونُ: ث. صحت يابي. چڱپلائي - تندرستي - خيرت - سلامتي - نرويائي - نروگائي.

● نِروئيُ ع نروئيُ: ذ. صفت. نرويو - نروگ - بنا روگ - چڳوپلو - تندرست - صحتمند - خوش.

● نِرو ِيو ع نِرو ِيا؛ ذ. صفت. بيماري پيدا نه ڪندڙ - صاف - سٿرو - صحت بخش - معتدل - هاضم - موافق - چڳوپلو - تندرست - صحتمند - گوارا - نروگي - خوش گوار - نروگو - صحت ياب - هٽ سڄو - جوپ - نمرو - اروگ - سلامت - تازو توانو - طاقتمند - اروگ - خوش (نِروِئيُ ع نِروِئيُونُ).

● نِرهُ ع نِرهَ: ذ. صفت. نرهه - نراس - مايوس - اداس - نااميد - بي آسرو. رَدُ. سڄو ڏينهن لنگهن ڪيدل - بکيو. (ڪ). (ذ. اسم). زهر. (ت). (ظرف). بنهه - مورهين - اصل - صفا - سورگو - بنهين. (ڪ).

= ذ رَهُ ٿيڻ؛ نراس ٿيڻ - ناراض ٿيڻ - نا اميد ٿيڻ.

= نِر هُ ڪرڻ: نراس ڪرڻ - ناراض ڪرڻ - نا اميد ڪرڻ.

● نِرِيُ ع نَرِيُونُ: ث. (پرا: نليا. سن. نل + ايڪا). پوري نلي (لوهه يا ڪاٺ وغيرهه جي) - نلي - تاڃيءَ جي ٻيٽي جي سٺ ويڙهڻ لاءِ هڪ پوري ڪائي (اڌرٽي جي). نلڪي نل - تڙ ۽ ايندڙ سنهي موڪ. (ڪاڇو) - تڙ جي ٻاڦ جي نلي - ڪسي. بدن جي هڪ پوري ڏکهي هڏيءَ جو قسم - پانهن ۽ ٽنگن جو وڏو ڏکهو پورو هڏو - ويڙي - نلي. ماپ جو هڪ قسم - هٽ جي وچين آڱر ڪان ٿوٿ تائين ڏيکهه جي ماپ - ڏيڍ هٽ. ڪڙ جي نري. نال. بندوق جي نلي. ڪڍڻي اڳيان ڦنيل سوٽر جي بچاءَ لاءِ نالي. تاروءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ قسم. (اسم خاص). تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

- نَرِيُبو ۽ نَرِيُبا (ث)؛ ذ. سرن وجهڻ لاءِ لوهه جو هڪ اوزار.

- نَرِيُبَ ۽ نَرِيُبُونُ (ث): ث. اٽڻ وقت تاڃيءَ مان ڏاڳي لنگهائڻ جو هڪ ڪورڪو اوزار.

- نَرِيو ۽ نَرِيا؛ ذ. صفت. نريءَ وارو- ٽنگن وارو؛ جيئن "ڪارَنريو" (گهوڙو).

- نَرِيُ واهوُ: ذ. پينڊي جي تندن وجهڻ لاءِ ڪ ۾ ايندڙ هڪ ڪورڪو اوزار.

● نَرُ يا؛ ذ. مٽيءَ جا نارا (جي ڪنير ٿاهين ۽ جاين جي مٿان پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ٿين).

● نَرِيڙو: اسم خاص. نڪي بارڻ ڪان آتر طرف هڪ لڪ ۽ جبل جو نالو.

● نَرِيڙِي: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نَرِيلُ ۽ نَرِيلَ؛ ذ. سڪل ڦَلَ جو هڪ قسم- ناريل.

- نَرِيلُو ۽ نَرِيلا: ذ. نَريل- ناريل.

● نَرِيُمانُ: اسم خاص. رستم پهلوان جي ڏاڏي جو نالو.

● نَرِيُنُو ۽ نَرِيُنا (ڪ): ذ. نرُ- مذڪر.

- نَرِيُنُو اولادُ: ذ. نرُ اولاد- پُٽَ.

● نَرِيو ۽ نَرِيا؛ ذ. ناري جو هڪ قسم- ٽِڪر جو نيسارو. گل جو هڪ قسم.

● نڙُ ۽ نڙَ: ذ. (پرا. نندو. سن. نٽ) گاهه جو هڪ قسم- ڪَرين واري ڪانيءَ وارو گاهه. ساريسن وغيره جي پوک ۾ ڪانهي مثل ٽيندڙ هڪ گاهه (پاڻيءَ ۾ ٽيندڙ)- ڪانو- سَرُ ڪاني جو هڪ قسم (ڏڪهو، اندران پورو)- حُقي چڪن جو نڙُ- حُقي چڪن لاءِ پوري ڪاٺ جي نلي- پوپلي. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم- بانسري- مُرلي. نڙانديِ- ڪاني. لٽڪڻ جو هڪ قسم.

- نڙُ سائوُ ڪرَنُ؛ نڙ ڇڄائڻ يا پُسائڻ- نڙ تازو ڪرڻ.

- نڙُ گوهه مانُ ڪڍَنُ: نيات يا برادريءَ مان نيڪالي ڏيڻ.

- نڙُ مانُ ڪڍَنُ؛ پاڻهيءَ مان ڪيڻ- پاڻ نه ڪرڻ.

● نِڙُ ۽ نِڙَ: ذ. نِڙِي- نڙگهٽ- ڪُجي.

- نِڙُ ڦاڙِي ڳالهائڻُ: وڏي آواز سان ڳالهائڻ. جهيڙو ڪرڻ.

● نڙانَ ۽ نِڙانُونُ: ث. مڙس جي پيڙ- نِڍانَ- نِرانَ.

● نڙانڊِيُ ۽ نڙانڊِيُونُ: ث. سٽ وغيره وڙهڻ لاءِ پوري سٿهي نلي- نڙو- نالانبدي- نڍانبدي- خالي نڙو- ڪوٽَ- نالانبدي- ڏانبدي. نندو نڙ (وڄائڻ جو). (ڪ). ڪاني جي نلي (جنهن سان ڪينڍان وغيره ڪيڙجن).

● نڙاوَلِ: ث. ڏنڊن ۾ سِرَ جي پاڻيءَ تي ٽيندڙ گاهه جو هڪ قسم.

● نڙُ بَتُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● نڙُدُولُ ۽ نڙُدُولَ (ل): ذ. صفت. لٽمبو- تمام ڏگهو.

● نِڙُ گهٽُ ۽ نِڙُ گهٽَ: ذ. نڙيءَ ۾ ڪچين چِلراين هڏين جي اسپرنگ وانگر نلي- نِڙُ گهوٽو- نڙ گهوٽ.

- نڙِ گهوتُ ۽ نڙِ گهوتَ: ذ. نِڙُ گهٽُ- نِڙُ گهوٽو- ڪُلو.

- نڙُ گهوٽو ۽ نڙُ گهوٽا: ذ. نڙُ گهٽ- نڙي.

● نڙوُ ۽ نڙا: ذ. ڪورين جي اوزار جو هڪ قسم- سٽ وڙهڻ لاءِ ڪاٺ جي پوري نلي- نڙ نبدي- نڍانبدي- ڪوٽو- ٻَهي- سٽ سان پريل ريلُ گهڻن دستن ٽيڙ واري حالت. ڇڻ ڇڻ لاءِ ڪاٺ جي پوري نلي- نڙِي. رستي وغيره مان پاڻي آڪارڻ لاءِ لوهه جي پوري نلي- پائپ- نل. مڇي مارڻ جي رڇ جو هڪ قسم. پريل ۽ بند ٽيل ڪرڻين سان آن ڪيڙي تپاسڻ لاءِ لوهي اوزار جو هڪ قسم- حقي يا چلم جو نڙُ. وڄائڻ جو ساز- نڙُ- نڙانبدي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= نڑوا پترڻ: نڙن تي ڏاڪا ويڙهڻ - نڑاندي ۽ تي اڀت جي ٽڪ رستي سڌ ويڙهڻ.
= نڑوا رڏڻ: نڙن تي آهر چاڙهڻ لاءِ ديڪڙي ۽ پائي ۽ انو ۽ نڑوا وجهڻ.
= نڑوا سڪڻ: لڦان هوڻ. ٽڪجي هوڻ. ديو ٿي وڃڻ.
= نڑوائي ۽ نڑوائي: ذ. صفت. نڙن وارو - نڙو وڏو ڏڙ. نڙ وڃائيندڙ.
= نڑو پترڻ: هوري ڪائي ۽ يا نڑاندي تي سڌ ويڙهڻ.
= نڑو چاڙهڻ: هڪ نڑي ختم ٿيڻ تي هيو نڑو ان جي جاءِ تي نار ۾ وجهڻ.
● ڑو تر: ث. (سن. نَوَ) ۽ نَوَ (۹) واڌو (+) نَوَ (۹) جيئن ته "۹+۹" وغيره.
● نڑوڻو ۽ نيڑوڻا (ڪ): ذ. نڙ گهٽ - ڪلو - نڑي.
● نڑوچڑو ۽ نڑاچڑا (ڪ): ذ. پائي ۽ جهڙو پڙو دست.
● نڑ يُ ۽ نڑ يُون: ث. (سن. نَدَ). ڪورين جو هڪ اوزار - نڑاندي - نڌاندي. پکي جو هڪ قسم - ماناهه پکي. (ل).
● نڑ يُ ۽ نڑ يُون: ث. (سن. نادَ = نار). بدن جي عضوي جو هڪ قسم - پائي ۽ ڪاڏو وغيره وات مان پيٽ ڏي نيندڙ نلي - نڙ گهوٽو - گلو - ڪچي - هوا جي نلي - شاهه نلي - هيڪي - ڳڙڻ - ڪاڏي جي نلي - گهٽ - ڳاٽ - ڪنڊ.
= نيڑي ۽ تي لٿ اچڻ: لاچار ٿيڻ - مجبور ٿيڻ - بيوس ٿيڻ - عاجز ٿيڻ.
= نيڑي ۽ تي نڪهڻ ڏيڻ: مسڪين مار ڪرڻ - هرو پرو ظلم ڪرڻ - تنگ ڪرڻ.
= نيڑي پوڻ: ڪهڻي ڳالهائڻ ڪري آواز ڪهڪهو ٿيڻ - آواز ٽڪجي يا دٻجي وڃڻ.
= نيڑي ڪيڻ: ڏاڍيان ڳالهائڻ - زور سان ڳالهائڻ. ڪهڻ - ذبح ڪرڻ.
= نيڑي ڪرڻ: ڪهڻو ڳالهائڻ. (جانور وغيره ڪي). حلال ڪرڻ - ڪهڻ - سير وجهڻ.

= نيڑي ۽ لهس ۽ نيڑي ۽ لهس: ذ. نڙي يا چاڻي وغيره ڪي لڳل ٽنڊ - زڪام - لهس - سردي.
= نيڑي ۽ سان پائي ۽ ڪڻ: تمام سهڻو هڻڻ - لزاڪت وارو هڻڻ - تمام نازڪ - ڪوري ۽ حسين ماڻهو لاءِ تشبيهه.
= نيڑي ۾ ساکي ۽ هڻڻ: آواز سڻو هڻڻ - سريلو هڻڻ.
● نيزار: ذ. صفت. لاغر - سنهڙو. مفلس.
● نيزارت ۽ نيزار تون: ث. هيڻائي. نهٽائي.
● نيزاع ۽ نزاع: ذ. (ع). جهڳڙو - تڪرار - ردبدل - ويرُ - تنازعو - دشمني - عداوت - خصومت - قضيو - ٽنٽو - فساد - رڳڙو - حجت - هوڏ - چٽاپيٽي - بحث - عڪسو - مناظرو - ڪشماڪش - اختلاف. آرزومندي - آميد - آسرو.
● نيزاڪت ۽ نيزاڪتون: ث. نازڪپائي - ڪوملتا - ملائمي - خوش اسلوبي - خوبي - نازونداز - نازڪ مزاجي - سونهن سوڀيا - حسن - ڏيک ويک - هراجمان - خوبصورتي - سينگار - زينت - زيب - سهڻائي سندرتا - لطافت - نازڪپڻ ناهه ٽوهه - ملوڪت - نفاست - نفيسائي - ملوڪائي.
= نيزاڪتدار ۽ نيزاڪتدار: ذ. صفت. نزاڪت وارو - عمدو - حسين - سندر - نيڪو - هوڪارو - موچارو سهڻو - سوڀيا وان - صورتوند - سدرشن خوبصورت ناهوڪو.
● نزُد: ظرف. نزديڪ جو مخفف.
● نزُديڪ: ظرف. ويجهو ويجهڙو - وٽ - پرسان - اوڏڙو - اوري - اورتي - اوڏي - اوڏو - قريب. جي محلي ۾ - جي پاڙي ۾.
= نزُديڪي: ث. ويجهڙائي - قربي - اوڏڙائي - ويجهائي.
= نزُع: ذ. دم ٽوڙڻ.
● نزُلو ۽ نزلا: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم - تارونءَ مان نڪ رستي پاڻي ڪرڻ واري حالت - ريزش - سردي - زڪام - ٽنڊ - ليس.
= نزُلو ڪيرڻ: نزول جي پائيءَ جو سيني تي ڪرڻ - نزول ٿيڻ - ريزش لهڻ. نقصان پهچڻ -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقصان پهچڻ - بار ٿيڻ - تڪليف پهچڻ - آفت اچڻ - شامت اچڻ - غضب نازل ٿيڻ .

● نزولُ ع نُزولَ : ذ. لهڻ، هيٺ اچڻ، ڪرڻ واري حالت . ڏوري وقت لاءِ ترسڻ واري حالت - منزل هڻڻ واري حالت . الهام جي لهڻ واري حالت . جماع وقت مرد جي منيءَ نڪرڻ واري حالت . اک جي بيماريءَ جو هڪ قسم (اکين مان پاڻي وغيره و هڻ) . نُزلو - زڪام .

● نزُهتُ : ث. صفت . بي عيب . پاکيزگي . خوشحالي .

● نزُهتُ گاهه : ذ. گهمڻ گهڻڻ جي جاءِ .

● نِزِيتُ ع نِزِيتَ (ڪ) : ذ. صفت . ڪمزور - بي طاقت - نِربَلُ - ضعيف . ٻوڑهو .

● نزِيڪُ ع نزِيڪَ : ذ. صفت . زِيڪ گهڻ سواءِ - هل گهڻ سواءِ - نِربَلَ - ڪمزور - ڪرهيڻ - بي طاقت . نحيف - ڪمزور - لاغرُ - ضعيف - نِزار . (نزديڪ جو هڪڙيل لفظ).

● نِيڻُ ۽ نِيڻَ: ذ. (سن. نَيُنَ، لَيَنَ. هرا. نَتَنَ) اک - چشم - عين - نَيُنُ. شناخت - رايو - قياس - خيال. نظر - نگاهه. چرڪسي - اک ٽيڪ.
= نِيڻان: هُنن جا نيڻ - هُنن جون اکيون.
= نِيڻَ نارُ ۽ نِيڻَ نارَ: ذ. صفت. نيڻ کي نارينڊڙ - بلڪل ٽڏو - دل کي فرحت ڏيندڙ - وٽندڙ - پياروَ.
= نِيڻَ نارَنُ: فرحت ڏيڻ - آسيس ڏيڻ - خوش ڪرڻ. وڇوڙيل سان ملائڻ يا ملڻ.
= نِيڻَ نَرَنُ: خوش ٿيڻ - سرهو ٿيڻ - بهاريءَ ۾ اچڻ - بهار ٿيڻ. خوشي حاصل ٿيڻ - باغ بهار ٿيڻ - اکيون ٺرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ نيئَ جهڙَڻُ: اڪين مان ٻاڦ وهڻ ـ لڙڪ وهڻ.
ـ نيئداسيُ ۽ نيئداسيُ: ذ. ڪنهن جي نيٽن يا اڪين جو غلام ـ عاشق. انڌو.
ـ نيئَ نائيڻُ: اڪيون هيٺ ڪرڻ ـ ڪنڌ نمائڻ.
ـ نيئَ نچوڙيڻُ: اڪيون اڳهه ـ رڙڻ ـ هنجون هارڻ ـ لڙڪ وهائڻ. پرت يا لڪت جو ڪم ڪرڻ. مشڪل ڪم ڪرڻ ـ ڪٺو ڪم ڪرڻ.
ـ نيڻَن مانُ نيسارا وسائڻ: تمام گهڻو رڙڻ ـ هنجون هارڻ ـ ڪوڙهن جو مينهن وسائڻ ـ زار زار روئڻ.
● نيئڻُ: مصدر. (سن. نيُ). ڪٽي وڃڻ ـ نيئڻ ـ وڻڻ. وڻي وڃڻ. ڏوئڻ. ساڻ ڪري وڃڻ. (نيو ـ نينڊو ـ نيل).
● نيئات: ث. لماڻائي ـ نهنائي ـ نمرتا ـ صبر ـ برد باري.
● نيئداسيُ ۽ نيئداسيُ: ذ. اعليٰ درجي جي جانورن جو هڪ قسم.
● نيٺو ۽ نيٺا (ڪ): ذ. ناڙو ـ ٽهڪو ـ ٽهڪي. ڪپڙن ڏوئڻ جي سونٽي ـ ڏونگري ـ ڏنگري. ڪاهه جو هڪ قسم.
● نيٺي: حرف جر. ويجهو ـ نزديڪ ـ نيڙي ـ اورتي ـ اوپرو ـ پاسي ۾ ـ پرسان.
ـ نيٺي لڳڻُ: ويجهو ٿيڻ ـ منزل مقصود تي پهچڻ.
● نيَو: ذ. چاهه ـ جڳهه ـ هنڌ ـ ماڳ.
● نيوا (ڪ): ظرف. هيٺاهون ـ هيٺ ـ نشيب.
● نيوارو ۽ نيوارا: ذ. آن پرڻ وقت پيو آن گڏجي روڪ لاءِ جدا ٻڌل آن (ساهمي ۾).
● نيوالو ۽ نيوالا: ذ. (ف. نواله). عمدو ڪاڏو ـ پٽوري. لذيذ ڪاڏي جو هڪ قسم ـ مليدو. گرهه ـ لقمو ـ گرانهه ـ نوالو.
● نيُوجُ ۽ نيُوجَ: ذ. ڏوتل ڪڪ جي ميدي جي پوري (جا ساوڻ جي اونداهي پهڪ جي ساڻ تي ڏڌو رکي ڪري ڪائجي). ساوڻ مهيني جي ستين تاريخ هندن جي وڏي ڏينهن تي هندن جي ٽاهيل مني ماني يا لوالو.
● ليوَرُ ۽ نيوَرَ: ذ. سُٽ يا چم مان ٽاهيل پيرن ۾ پائڻ جا گول ڪڙا.

● نيوِلو: صفت. رکو ـ فقط ـ نيرو ـ صرف. اڪيلو ـ چڙو ـ يڪو ـ نويلڪو. رشن. (ت).
● نيُونُ ۽ نيُونُ: ذ. صفت. (سن. نُيُونُ = گهٽ) گهٽ. اٿورو. ڏڪار جهڙو ـ ڪميڻو ـ نيچ ـ حقير ـ نندس ـ ننڊڪ ـ ڦٽڪارجو. ڪسو ـ اوڻو ـ گهٽ ـ اٿورو ـ ڪر ـ ڪمتي ـ ٿورو. (اسم). ڏوهي. (ت).
ـ نيونتا: ث. گهٽتائي. لچائي. ڏنگائي. ڇڙائي ـ ڪميٽائي ـ ڪميڻپ ـ خواري ـ نيچپڻ. اوڻائي ـ ڪمي ـ ڪوٽ ـ درڪار ـ گهٽتائي ـ سوس ـ قلت ـ ڪٽس ـ هٿڻي ـ اڻاڻ.
● نيُونُ نيُونُ واڌيُونُ ڪرڻ: نئون وٽ ڪرڻ ـ خوراڪ ڏلائڻ. نوان نوان طعام تيار ڪري کائڻ.
● نيُونُ: ث. جنڊيءَ جي اوزار جو هڪ قسم.
● نيهَ ۽ نيهُونُ: ث. ٻيڙي ـ ڪشتي.
● نيهُ ۽ نيهُه: ذ. (سن. سنيهُ). نينهن ـ پيار ـ محبت ـ پريم ـ الفت ـ پريت ـ دل ـ موهه ـ چاهه ـ عشق ـ لٽو ـ لٽوُن. حب ـ سڪ ـ تانگهه ـ چڪ.
ـ نيها: ظرف. نينهان ـ نينهن مان ـ محبت مان ـ عشق مان.
ـ نيهَ ۾ هوءِ نيهارُ: مون ڪي سيهار وٽ. مٺي هاب ٽيٽو هوندو ۽ هو مون ڪي عيب جي نظر مان ڏسندو.
"وهان تہ ويسرم ٽئي، نيهَ م هوءِ نيهارَ."
(سر سهڻي ـ شاهه)
● نيهيُ ۽ نيهيُ: ذ. صفت. نينهن وارو ـ عاشق ـ پريم وارو ـ محبتي ـ پيار ڪندڙ ـ پريمي ـ چاهيندڙ ـ سنيهي ـ ٽوڙ نياڻيندڙ. دوست ـ يارُ ـ نگهي. پياروُ ـ وٽندڙ ـ شائق ـ ڪوڏيو ـ نازبردار. واصل ـ لاڳاپو.
● نيهار: ث. ٻارو ـ برف.
● نيهاڪ ۽ نيهاڪُونُ: ث. جهت پت گير لاهيندڙ. ديگي يا مينهن.
● نيُهان: ث. گرميءَ جي موسم ـ اونهارو ـ آرهڙ ـ نيهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● نِيهائيُ ع نِيهاڻِيُونُ: ث. ڪنيار جي ٽانوَن ٻڌڻ جي ڪوري - ناهين - نِيهائين - آوِي.
= نِيهائِين ع نِيهاڻِيُونُ: ث. نهائين - آوِي.
● نِيهَرُ ع نِيهَرَ: ذ. لوهه جو نِيئر - نِيئر. زنجير. قفل - جندو - تالو.
● نِيهَرَڻُ (ڪ): مصدر. دفن ڪرڻ - ميتِيءَ ۾ ڏيڪ - زمين يا قبر ۾ پورڻ. (ليهر يو - نيهريندو - نيهريل).
● نِيهَرُو ع نِيهَرا (ڪ): ذ. مانڌاڻي جي رسي ڦاسائڻ لاءِ زمين ۾ ڪٽل ڪاڻي - ڪاڻي - نَهِرو. (ث. نِيهَري ع نِيهَرُون).
● نِيهُڙُو: ذ. (سن. سُنِيه = نينهن) نياهو - پيغام - سنيهو.
● نِيهُڙِي ع نِيهُڙيُونُ (ث): ث. ڏَڏَ واوڙڻ لاءِ ڪٽل ڪاڻي - نِيهرو - نَهيرو.
● نِيهُلاڻِيُ: اسم خاص. درڪاڻي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
● نِيهِينُ: ث. ڳاهڻ ڳاهڻ وقت ول جي وچ ۾ ڪوڙيل ڪاڻي يا مني يا ٽُوٽي.
● نِيهُنُ ع نِيهُنَ: ذ. نِينهُن - عشق - پيار - پريت - اُلفت - پريم - موهُ - چاهُ - چاهت - محبت - لَٽُون - تار.
● نِيهُنبَ ع نِيهُنبُونُ (ث): ث. نِيهَنبَ - دعوت - ڪوٽ - سَڏُ - ڏامو.
= نِيهُنبائُو ع نِيهُنبائُو: ذ. صفت. سڏيندڙ - ڪوٽيندڙ - دعوتي - دعوت وارو.
● نِيهُنڪُ ع نِيهُنڪَ: ذ. شلوار ۾ اڳ وجهڻ واري جاءِ - اُڌاڻو - آٻاڻو.
● نِيهو ع نِيهاُ: ذ. ٻُڌ - بنياد - اصل. تڏو - ڪچهري. محبت. ريت - رسم - راهه ريت - پرويز - پَر - هلي چلي - مرجاتا.
= نِيهِيُ ع نِيهِيِ: ذ. صفت. بنياد وارو - بنيادي - اصل. لائق - باوقار. تڏي وارو. وَڏ ڪُردو. مضبوط. توڙ نباهيندڙ.
● نِيهُونُ: ذ. واڍڻ جي اوزار جو هڪ قسم.
● نِيهِيُ ع نِيهِيِ (ت): ذ. نيهين سان لاڳيتو وهندڙ ڏاند - ڪيه. ڪامل.
● نِيهِيُرُو ع نِيهِيُرا (ل): ذ. سنڌي جي نوڙي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙيل ڪاڻي - نيهرو.
● نِيئَرُ ع نِيئَرَ: ذ. لوهه جي زنجير - لِيئَرُ - نِيَرَ. (اسم خاص). جوڌپور جو قديم نالو.
● نِيئُڙَتُ: ث. (من. نَمر = نمڻ) نوڙت - نيزاري - تواضع.
● نِيئُنبَ ع نِيئُنبُونُ (ث): ث. نِيهَنبَ - دعوت - ڪوٽ - سَڏُ - نوتو - ڏامو.

ڻ

ڻ: ث. سنڌي الف ب جو اٺيتاليهون اکر، سنڌ ۾ آچار جيپ کي مٿين تارون۽ سان ملائي ڪيو وڃي.
● ڻاڊِيُونُ: ث. هند و سنڌي اکرن ۾ 'ڻ' جو نالو.
● ڻَڏُ: ذ. ڪنهن به ڏال ۾ سخت ڏاڙو - ڪَڏَرَ.
● ڻُونُ: ذ. آچار ڪرڻ ۾ 'ڻ' جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و

ذ. (ع.ف). سنڌي الف ب جو اوٽونجاهون اکر. پارسي ۽ جو ٽيهون عربي ۽ جو چوڏهون اکر. حرف علت ۽ حرف صحيح ٻئي کي اچي. ابجد موجب سندس عدد (٦) ڇهه آهي.

● وَ: ذ. (ف). جملي ۾ هن اسمن ڳنڍڻ جو کي ڪندڙ اکر. ۾ "آدم وَ حوا." (جمع، ضمير حاضر جي پڇاڙي). اوهان جو: "ہُتوَ سَنڈُ وَ" وغيره."

● وِ: ظرف. (سن). جدا ـ الڳ ـ ڌار ـ ڪٿ. جيئن ونجوگ ـ وڪوڙ وغيره."

● وَا ۽ وَاءُ: ذ. (پرا. وا. سن. وا = هوا). هوا ـ واءُ ـ واڄ ـ طوفان. وايو ـ ہَوَن.

● وابَسْتَہ: ذ. بدل. تعلق رکندڙ ـ واسطو رکندڙ ـ ڳنڍيل ـ جڙيل. رشتيدار ـ عزيز ـ قريب.

● وايَتُ (ڪ): مصدر. ڪا ڳالهه ڪولڻ ـ ڦاڙڻ ـ راز فاهش ڪرڻ ـ ڳجهون ڳالهيون ظاهر ڪرڻ ـ اڳهاڙو ڪرڻ. ڳڻون جو خاص نالو وٺي سڏ ڪرڻ.

● واتُ ۽ واتَ: ذ. (سن. وَدَ = ڳالهائڻ). ڳالهائڻ جو عضوو ـ دهن ـ مُکُ ـ مُنهن. ہوٺ. گفتگو ـ ڳالهائڻ. ڪيري ـ هرهيز. ڪج جي هيٺين ڦٽي واري حصي جا پرتاوان ڏر.

ـ واتُ آہْهارجڻُ: گرم شين کائڻ ڪري وات ۾ ڦٽلا ٿي ہوڻ ـ وات آڻڻ ـ ايذاءُ ٿيڻ. وات ڦلهارجڻ.

ـ واتُ آڻڻُ: وات جو آہهارجڻ ـ وات ۾ سنهڙيون ڦرڙيون ٿيڻ ـ وات ۾ ڦٽلا ٿيڻ ـ وات پچي ہوڻ ـ وات جو اندريون حصو رنگ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃڻ. وات ۾ ايذاءُ ٿيڻ.

ـ واتَ آچڻ: ٽڪ ٽڪ ٿيڻ ـ وات مان پاڻي اچڻ ـ وات مان گند اچڻ ـ قيءَ اچڻ ـ آلڻي اچڻ ـ خراب ڀاڻي اچڻ ـ ڳڪ ڪهڻي وهڻ.

● واتارَ ۽ واتارُونُ (ڪ): ث. ہڪ ٻڪ ـ آواز. "جهنگ مان ہڪري ۽ جو واتار جو آواز پئي آيو."

● واتارَنُ: جهڳي هڻڻ.

ـ واتانُ: ظرف. وات مان ـ وات ڪان ـ وات سان.

ـ واتان اوجهه اوتَنُ: ڪهت وڌ ڳالهائڻ.

ـ وات ڪيڻ: گاريون ڏيڻ.

ـ واتُ ہٹنڈُ ڪرڻُ: ماڻ ڪرڻ ـ ڳالهائڻ نه ڏيڻ ـ ہڪ ٻڪ ڪرڻ ڪان روڪڻ.

ـ واتُ ہٹَنُ: ڳالهائڻ ڪان منع ڪرڻ ـ آواز نه ڪيڻ ـ ڪونگو ٿي ويهڻ.

ـ واتُ ٹپي آڻڻ: چوڻ ـ ڳالهائڻ ـ ڪُچڻ ـ پچاڙڻ ـ ہول ہوائن ـ آکيڻ. ہڏائڻ.

ـ واتَ ٹُڪاڻِيُ ڪرڻُ: مٺاچري صلاح ڪرڻ ـ ڪجهه ڳالهائڻ. ہرچاڻي ڪرڻ ـ موڪل ونڻ ـ اجازت ونڻ. ٽورو ڪهڙو حال پائي ٿيڻ ـ ڪنهن ڳالهه ۾ شريڪ ٿيڻ ـ ٽوري همدردي ڏيکارڻ. ڏک جي وقت شموليت ڪرڻ ـ ڏک پائي ٿيڻ ـ اهنج ۾ گڏجاڻي ڪرڻ.

ـ واتَ ٹيڙڻُ: ناموزون ڪيڻ ـ اجايو ڪيڻ ـ بي وقتو ڳالهائڻ ـ بي مهلو ڪيڻ.

ـ واتُ پاڻِيُ ٹِيڻُ: پڪ سان وات جو پرجي وڃڻ. سڏ ٿيڻ ـ ريس ٿيڻ ـ ڪنهن شيءِ لاءِ دل جو للچائڻ ـ دلي خواهش ڏيکارڻ ـ ڪنهن شيءِ لاءِ رضامند و ڏيکارڻ.

ـ واتُ پاڻِيُ پاڻِيُ ٹِيڻُ: ڪنهن سوادي شيءِ لاءِ خواهش ڏيکارڻ ـ مرضي ڪرڻ ـ اچا ڪرڻ ـ گدگدائيڻ ـ خواهش ظاهر ڪرڻ.

ـ واتُ ہٹَنُ: حيران ٿيڻ. وات ڪولڻ.

ـ واتُ ہٹيو: ذ. بيوقوف ـ نادان ـ آلڙ ـ بي عقل ـ سمجهه ۾ نه سالم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= واتَ ٻڪا جتوَ ڪُهڙُ: ٺهه ڦهه ڪر ڪهڙ- بنا تڪليف جي ڪنهن شيء جي ڪهڙ ڪرڻ- جلدائي ڏيڪارڻ. گهر ويڻي مطلب سڌ ڪرائڻ، بنا حيلي خواهش پوري ڪرائڻ.

= واتَ ٻڪُو: ذ. ڪڙو. مُنگهن. جيت جو هڪ قسم.

= واتُ ٻوَڻُ: سامهون جواب ڏيڻ- بد شد ڪالهائڻ- ڏاڙهن- چپ ٿيڻ- ضد ٿيڻ- تڪرار جڻ- هوڏ جڻ- ڪاوڙجڻ. ايڏنگي هلت هلڻ.

= واتَ جا ٻُلاءُ ڪائينُ: اجايا ٻهه ڇڏائڻ- ڪوڙا خيال ڪرڻ- خيالي مزا وٺڻ- اجايون سڏون ڪرڻ- بي هُوديون خواهشون ڏيڪارڻ- ٻڌاڪون هڻڻ- ڏاڙون هڻڻ. ڪوڙيون وڏايون ڏيڪارڻ- ڪوڙا ناهه ناهڻ.

= واتَ جا وَرا ٻُچائينُ: بيهوديون يا اجايون ڳالهيون ڪرڻ- زت شت ٻڌڻ- خيالي ٻڌاڪون هڻڻ- ڪوڙي وڏائي ڏيڪارڻ- بي بنياد ڳالهيون ڪرڻ. هَرو ٻَرو دل ڪي خوش ڪرڻ. اجايا ٻهه ڇڏائڻ.

= واتَ جوُ ڇُوٽُ ٽِيڻَ: بي حيا ٿيڻ- اجايو ڳالهائڻ.

= واتَ جوُ ڪَٽِيوُ ڪائينُ: چالاڪي ڪرڻ- حرفت بازي ڪرڻ- انڪلون ڪرڻ.

= واتُ چٻاڙَڻُ: خار ڪائڻ- چڙ لڳڻ.

= واتُ چُٽوُ ٽِيڻُ: سڌ ٿيڻ.

= واتُ چوڙَڻُ: پرهيز نه ڪرڻ- بيماريءَ وقت اجائي شيءِ ڪائڻ. ٻڪ شڪ ڪرڻ- بدشد ڳالهائڻ- بي ڊنگو هلڻ.

= واتُ خَرچُ ٽِيڻُ: مفت ۾ ڪم لڪري اچڻ- ڪو ڪم بنا نقصان جي ٿيڻ. سفارش ڪرڻ- ٻئي جي ڀاران ڪجهه آڻي چوڻ.

= واتُ ڏِيڻُ: ڳالهائڻ- ٻڪ شڪ ڪرڻ- جهيڙو ڪرڻ- تڪرار ڪرڻ- گارگند ڪرڻ- ڪنهن سان هوڏ پوڏ لڙ ڪرڻ.

= واتُ ڏاڙُو: ڪهڙو ڳالهائيندڙ- زبان دراز- ٻڪ ڪندڙ- ڪهڙو ڪوڙ ڪندڙ- لڙ مچائيندڙ- ڪهڙ ڳالهير- اجائي بڪواتي. بي عزتو ڳالهائيندڙ.

= واتَ ڏاريُ: بڪواتُ ڪندڙ عورت- ڪهڙو ڳالهائيندڙ عورت- ويڙهاڪ عورت- جهڪڙالو عورت- چِنال عورت.

= واتِرُ ۽ واتِرَ: ذ. واتُ ڪندڙ- ڪهڙو ڳالهائيندڙ- ٻڪ ڪندڙ- بدشد ڳالهائيندڙ- گارگند ڪندڙ- ٻڌاڪون هڻندڙ- تيز ڳالهائيندڙ- تيکو ڳالهائيندڙ.

= واتِراڏوُ ۽ واتِراڏا: ذ. واتُ ڪندڙ- ڪهڙو ڳالهائيندڙ- ٻڪ ڪندڙ- بدشد ڳالهائيندڙ. آهو جو ڪنهن کي بي عزتو ڳالهائي. بڪواتي- واتُ ذارو- بيهودو. جڙتو ڳالهير- بناوتي قصا ڪندڙ- ڪوڙو ڪوڙ ناهيندڙ- بهتان ٻڌندڙ.

= واتُ رَسُ: ٽُڪَ- ٻِڪَ- واتُ جو پاڻي- آها ٻڙي شيءِ جا واتُ ۾ چپاڙيل ڪاڏي سان ڳڏجي وڃي. مِٺو ڳالهائڻ- نرم نموني ڳالهائڻ- فهميدو ڳالهاءُ- ٻئي کي وٺندڙ ڳالهاءُ.

= واتُ رَکَڻُ: ڪائڻ ٻيڻ ۾ پرهيز ڪرڻ- ڪِرِي ڪرڻ- اجايو سجايو نه ڳالهائڻ- بنا ضرورت گفتگو نه ڪرڻ. خبرداري ڪرڻ (ڳالهائڻ ۾).

= واتِروُ ۽ واتِرا: ذ. صفت. واتُ راڏو.

= واتَڙِيوُ ۽ واتَڙِيا: ذ. ڪهڙو ڳالهائيندڙ- ٻڪبڪيو- لٻاڙي- ڏاڙي- ٻڌاڪي. واهيات- ڪِٽِريل.

= واتَ زِباڻيُ: مُنهان مُنهن- روبرو. هڪدم چئي ڏيڻ- بنا لحاظ جي چوڻ.

= واتُ ساڻُ وارا ڪَرڻُ: رڙيون ڪرڻ- واڪا ڪرڻ- سڏ ڪرڻ- فرياد ڪرڻ- تمام ڪهڙو ڳالهائڻ.

= واتُ سِيڻَ: صبر ۾ رهڻ- مان ۾ رهڻ- سالت ۾ رهڻ- ڪجهه نه ڳالهائڻ- حرف به نه ڳالهائڻ.

= واتُ سُٽيوُ ڪَتَرَنُ: رشوت ڏيڻ- لالچ ڏيڻ- ڪنهن شيءِ جي آڇ ڪرڻ.

= واتُ ڦاڻَڻُ: عجب ۾ پوڻ- حيران ٿيڻ- پريشان ٿيڻ- حيرت ۾ پوڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= واتَ ڦاڙو: ذ. بڪبکيو - ڪهڙو ڳالهائيندڙ - سڀ ڪجهه چئي ڏيندڙ. ڦلهڙو - فصلو. ٻتاڪي - ڏاڙي - لٻاڙي.

= واتَ ڦاڙو ٽيڻ: ٻڪ ڪرڻ - يخ هڻڻ.

= واتُ ڦاڙوڙو: ذ. ڪهڙو ڳالهائيندڙ - ٻڪواتي - ٻڪ ڪندڙ - هلڪڙو - ڦلهڙو - فصلٻيرو - ڏاڙي - ٻتاڪي - لٻاڙي.

= واتُ ڦاڙَڻ: آهاسي ڏيڻ لاءِ وات کولڻ. حيرت ۾ پوڻ - عجب ۾ پوڻ - وائڙو ٿيڻ - موڪو ٿيڻ. دانهن ڪرڻ - رڙ ڪرڻ - وڏي سير ڳالهائڻ - واکا ڪرڻ. رشوت وٺڻ. مرضي رکڻ. چاهڻ.

= واتُ ڦاڙي و هڻُ: رشوتي هجڻ - لالچ ۾ منهن وجهڻ - لالچ وٺڻ لاءِ تيار رهڻ.

= واتُ ڦاڙي هلڻُ: ايڏنگي ريت هلڻ - موڪو ٿي هلڻ - وائڙو ٿي هلڻ - حيرت ۾ هلڻ.

= وات ڦِڪو ٿيڻ: مڌ ٿيڻ - چشڪو چاهڻ.

= واتُ ڪارو: ذ. صفت. آهو ماڻهو جنهن جي ٻيٽ يا پاراتو اثر ڪري.

= واتُ ڪارو هڻڻ: ناظرو هڻڻ - منڪهرو هڻڻ - ٻي جي ڀلائي نه گهرندڙ - بدخواه هڻڻ - خيرخواهي نه ڪرڻ.

= واتُ ڪيڏڻُ: ڏاڍو ڳالهائڻ. بدشد ڳالهائڻ.

= واتُ ڪرڻُ: ٻڪ ڪرڻ - ڪهڙو ڳالهائڻ - بدشد ڳالهائڻ - ڪارڪند ڪرڻ. ڪهڙ وڌ ڳالهائڻ. جهيڙو ڪرڻ - ڦڏو ڪرڻ - فساد ڪرڻ - تڪرار ڪرڻ. دانهن ڪرڻ.

= وات ڪري ڪهڙڻ: ڪاربون ڏئي وري ڦري وڃڻ.

= واتُ ڪَمائيڻُ (ڪ): ڪاربون ڪند ڏيڻ - واهيات ڳالهائڻ - اجائي بڪ شڪ ڪرڻ.

= واتَ ڪِنو: ڪندو ڳالهائيندڙ - خراب ڳالهائيندڙ - ڪارڪند ڪندڙ.

= واتُ ڪِنڊُر ڪرڻُ: ڪاربون ڏيڻ - بدشد ڳالهائڻ - ٻُرا الفاظ ڪيڻ.

= واتُ ڪوسو ڪرڻُ: چلم چڪڻ. چُمي ڏيڻ.

= واتُ ڪِنڊيڙڻُ: لجي ٿيڻ - ڪڪ ٿيڻ - بيزار ٿيڻ.

= واتُ ڪارو ڪرڻُ: لوڻ چڪڻ.

= واتُ ڪوري ڪرڻُ: وات خوري - اجايو ڳالهاءُ.

● واتُ ڪُولڻُ: هرهيز نه ڪرڻ - ڪري نه ڪرڻ - رک نه رکڻ - جهيڙو ڪرڻ - هُل ڪرڻ - ڏاڍو ڳالهائڻ.

= واتُ ڪهي هٽ ڏيڻُ: نه ڳالهائڻ - سانت ڪرڻ - صبر ڪرڻ.

= واتُ ڳاڙهو: آڻ آزمودگار - نئون - الهڙ - جڏُ. هلڪو - ڦلهڙو - فصلو.

= واتَ ڳاڙهو هڻڻُ: ننڍي عمر جو ڇوڪر - ناتجربيڪار هڻڻ - آڻ آزمودگار هڻڻ. ننڍو هڻڻ - نابالغ هڻڻ.

= واتُ لٻو ڪَرڻُ: ڏند نه هجڻ.

= واتُ لِتو هڻڻُ: وات بند هجڻ.

= واتُ مارَڻُ: لٻاڙ هڻڻ - ڏاڙ هڻڻ - ٻتاڪ هڻڻ.

= واتَ مانُ ڪير جيءُ ٻُوءِ آڇڻُ: ٻورو عقل نه هجڻ - سمجهه سالم نه هڻڻ - ناداني ڪان ڪم وٺڻ - بي وقوفي ڏيکارڻ. ٻاراڻي اوسٿا. ننڍپڻ - ٻچپڻ.

= واتَ مان ڪير جي ٻانس اچڻ: عقل گهٽ هجڻ.

= واتَ سانُ نِڪِريُ وڃڻُ: بي اختيار ڳالهائڻ.

= واتَ مان وري اچڻ: ڊهرائڻ - ورجائڻ.

= واتُ مِٺو ڪَرائڻُ: رشوت ڏيڻ - لالچ ڏيڻ - ٻُسا ڏيڻ - راضي ڪرڻ. شادي وغيره جي خوشيءَ واري موقعي تي مٺائي ڪارائڻ يا ورهائڻ.

= وات مٺو ڪرڻ: مٺائي ڪارائڻ - دعوت ڏيڻ.

= وات ۾ اچڻُ: پُڇجڻ - مُنجهي پوڻ.

= واتَ ۾ اچي وڃڻُ: بي اختيار ڳالهائڻ.

= واتَ ۾ زبانُ نَ هُجڻُ: صابر هجڻ - تحمل وارو هجڻ - بردبار هجڻ - مانيٽو هجڻ.

= واتَ مِٺڙو: سٺو ڳائيندڙ - خوشامند ڪندڙ - چاپلوس. خوشامدي - چاپلوسي.

= واتَ ۾ گاهُ ڪرڻُ: نيزاري ڪرڻ - منٽ ڪرڻ.

= وات ۾ ڪُلابُ هڻڻُ: تمام سٺي ڳالهه ڪرڻ - سهڻي صلاح ڏيڻ. ڏنهنجي ڳالهه ڪرڻ لاءِ ٻڌي ڪي ڳالهائڻ جي وچ ۾ روڪڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وات ۾ ماکيءِ هٿ ۾ پاکيءِ: گالهائڻ ۾ ميلاج مگر اندر ۾ ڪوٽ. منافقي ڪندڙ- ٻيچاڙائي ڪندڙ - ٻه گهر ٻاريندڙ.

= واتَ ۾ مُکَ وجهڻ: ساڻ ڪري ويهڻ - صبر ۾ ويهڻ - چپ ڪرڻ - ڇپي ٻس ڪرڻ.

= واتَوارو ۽ واتوارا: ذ. قَ ۽ آوَرُ - آلتي ڪيندڙ. ڪامڻ ڪيندڙ - ٻوٻو.

= واتَ واکارو: ڏاڍو گهالهائيندڙ - بدڪلام - خراب گهالهائ - ڪنو گهالهائيندڙ - ڪهرو گهالهائيندڙ - بدتميز - بي حيا - ڪمينو - بي ادب - ايڏنگو. بدلفظ گهالهائيندڙ.

= واتَ واکاريءِ: خراب ۽ گهٽو گهالهائيندڙ - ڪنو گهالهائيندڙ - بدهلت وارو - بدتميز - بي حيا - بي ادب - ڪمينو - ايڏنگو.

= واتُ واکاڙو: ذ. صفت. واتُ واکارو.

= واتُ وِڃارڻُ: برهيز خراب ڪرڻ - ڪِريُ خراب ڪرڻ - بيماريءَ ۾ اجايون شيون کائي وڌيڪ جان خراب ڪرڻ.

= واتُ وِڇيهڻُ: (ڪاڏي ۾) چڪُ هڻڻ (جيئن ڪو جانور ڪنڌو آهي). سوال ڪرڻ - عرض ڪرڻ - استدعا ڪرڻ - التجا ڪرڻ - التماس ڪرڻ. چَرَڪ - چرٻو ٿيڻ - ٻڪو ٿيڻ - سمجهه چڙڻ - ٻُڌي چڙڻ. ٻڌا سمجهه گهالهائڻ. اڪي ٻوڙ - سُنهن ڏيڻ - فساد ڪرڻ - قڏو ڪرڻ. لالچ رکڻ - طمع رکڻ. جادو ڪامڻ ڪيائڻ.

= واتُ وِڃائيڻُ: ڪنڌو گهالهائڻ - خراب گهالهائڻ - بَدُ شَدُ گهالهائڻ - بيڙو ٿيڻ - بتڪ ڪرڻ. ڦڪو ٿيڻ - بي شرم ٿيڻ - بي حيا ٿيڻ - بي ادب ٿيڻ.

= واتُ وڏو: گهڻ گهالهائو - ٻڪ ڪندڙ - بي ڏنگو گهالهائيندڙ - بدصورت.

= واتُ وَڏو هڻڻ: گهڻ گهالهائو هڻڻ - ٻڪبڪيو هڻڻ.

= واتَ وِرانڊيَ ٽيهَڻُ (ڪ): حيرت ۾ پوڻ - عجب ۾ پڄي وڃڻ - وات ڦاڙي ٻهي ڏسڻ - موڪو ٿي پوڻ - وائڙو ٿي وڃڻ.

= واتُ وِراهيڻُ (ڪ): هڪو ٻڪو ٿيڻ - وائڙو ٿيڻ - موڪو ٿيڻ - حيرت ۾ پوڻ - عجب ۾ پوڻ.

= واتُورڻ: اجايو سجايو گهالهائڻ.

= واتُ وَرَڻُ: ڪائڻ. مال جو اوگهارڻ - وات هلائڻ.

= وات ورهائجي وڃڻ: منافقي ڪرڻ.

= واتُ وَکيِيلُ: ذ. پنهنجي مرضيءَ موجب گهالهائيندڙ. پنهنجي ٻڌاءُ ۾ پاڻ گهالهائيندڙ.

= واتَ وڪيل ٿيڻ: پنهنجو فيصلو پاڻ ڪرڻ - آزاد ٿيڻ.

= واتُ وڪيل هڻڻ: پنهنجي سر سُنهن ڏيڻ جهڙو هجڻ - پنهنجي سر گهالهائڻ جهڙو هڻڻ - پنهنجيءَ مرضيءَ تي هلندڙ. بالغ - عمر رسيده.

= واتُونُ: ظرف. وات ڪان - وات سان.

= واتُونُ و جائڻُ: اجايو خراب گهالهائڻ - بکواتي ڪرڻ - بي مهاو گهالهائڻ.

= واتوٽو: وات سان نڪتل - زباني - لساني - وات جو - ٻَرُ زبان - تقريراً - واتي ويڙي. واتي - ايڪ وچن - پُوڄَڻ - واچڪُ - وڪتا - واتراڏو.

= واتَ وِهٽيُ: ظرف. زباني. زباني گهالهائڻ سان.

= وات هڻڻ: جهڪڻ هڻڻ.

= واتُ هُنَڻُ: ٻڪ ڪرڻ - اجايو گهالهائڻ - گاريون گند ڏيڻ، ڏاڙون هڻڻ - ٻتاکوڻ هڻڻ - لاڙون هڻڻ.

= واتِيُ: صفت. وات جو - زباني. گهٽو گهالهائيندڙ - بکواتي، وچ ۾ گهائيندڙ. بحثي، تکراري.

= واتِيُ وِٺهيُ: ظرف. ياد - زباني - بر زبان. وات زباني - حفظ.

● واتارَ ۽ واتارُونُ: (ڪ): ث. ٻڪ ٻڪ - گهٽو گهالهائڻ. نظر - هُوسَ "پار کي ڪنهن جي واتارَ لڳي آهي." جوٽ - اوبر. آواز. وات ۾ڇڻ جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ چپن تي ڦرڙيون ۽ ڦوڪٽا ٿي پون).

= واتارِڻُ: مصدر. نظرن سان زخم ٻهڃائڻ.

= واتاڙِجَڻُ: مصدر. هوسجڻ - نظر اچڻ - اک چڙهڻ.

= واتراسَ (ڪ): ث. نظر - هوس.

= واتَراسائيُ (ڪ): ث. نظر - هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= واتراسيو ۽ واتراسيا (ک): ذ. نظريندڙ- ناظرو- هوسيندڙ.

● واتيٽيُ: اسر خاص. ذات جو هڪ نالو.

● واتوارا: ڪاٺ جا ٽڪر، جي ٻيهڻيءَ ڪي سُڻهن ۾ ٻڌجن.

= واتُورِيُ ۽ واتُورِيُونُ: ث. پساڪي ڪائي.

● واتُورِجَنُ: مصدر. گاريون ڪڍڻ- ساڻهون ٽيڻ- وات ڏيڻ- بي حيا ٽيڻ- بي ادب ٽيڻ. تڪرار ڪرڻ- فساد ڪرڻ- جهيڙو ڪرڻ- تڪو مٿو ڀالهائڻ. (واتُورِ يو - واتُورِ ٻُڌو - واتُورِ يَل).

= واتُورو ۽ واتُورا: ذ. گهٽو ڀالهائيندڙ- تيڪو ڀالهائيندر. بڪ ڪندڙ.

= واتُوڙِيُ ۽ واتُوڙِيُونُ: ث. گهٽي بڪ ڪندڙ- گهٽو ڀالهائيندڙ- اجايو وات هڻندڙ- بڪبڪيو.

= واتُوڙِيو ۽ واتُوڙِيا: ذ. گهٽو ڀالهائيندڙ- بڪبڪيو- لٻاڙي- ٻڪاڪي- ڏاڙي.

● واتَ ۽ واتُونُ: (سن. وات = رستو) رستو- گهاڙو رستو- سڙڪ- پيچرو- ڏَڪ- گَسُ- راهه. طريقو- نمونو. سمجهاڻي- فصيل. ڊنگ- طريقو. لنگهه- گذر. دستور- رواج. الهندو. (طرف ۽ واءُ). (ک).

= واتا: ظرف. واتان. وات ڪان- طريقت ڪان.

= واتارُنُ: واڻهڻ- وات وارن.

= واتاڙُو ۽ واتاڙَا: ذ. لانگهائو- گذرڪندڙ- مسافر- سئلاني- پانڌيئڙو- راهي- واڻهڙو- واٽاهو.

= واتاڙُئِن: واتاڙُن- واڻهڻ- مسافرن.

= واٽاهو ۽ واٽاها: ذ. صفت. واتاڙو- واٽاهو

● واٽاهُو ۽ واٽاهُو: ذ. صفت. مسافر- سئلاني- پانڌيئڙو- راهي- واڻهڙو. واتاڙو.

= واٽاهُوڪَڙُ: ساهي ڪٽڻ- ٽڪ پڄڻ- ساهه پٽڻ- دم پٽڻ.

= واتائيتو ۽ واتائيتا: ذ. رستي وارو- طريقي وارو- نموني وارو. رستي موجب. رستي لاءِ.

= واتائُو ۽ واتائُو: ذ. صفت. مسافر- سئلاني- پانڌيئڙو- پيغامي- راهي- واڻهڙو- وات ويندڙ- رستي وارو. ساڻي. واتاڙو- واٽاهو.

= واتَ تي وهَنُ (ک): ٽڪو ٽيڻ- ڪم ڪان نڪري وڃڻ.

= واتَ ٽِيَنُ: گس لڳڻ- راهه لڳڻ- ڏڪ لڳڻ- رستو ملڻ. پنڌ پوڻ- هلڻ.

= واتَ ٻُجَنُ: ڳولا ڪرڻ- تلاش ڪرڻ- جاچنا ڪرڻ- جاچ ڪرڻ- ڏونڍڻ- ڳولڻ.

= واتِ ٻُنڌُ: رستي سان- اوجتو.

= واتَ ڏِيَنُ: حساب ڪتاب ڏيڻ- رستو ڏيڻ- راهه سمجهائڻ- طريقو سمجهائڻ.

= واڙِيُ ۽ واڙِيُونُ: ث. واٽ. (تصغير).

= واتَ ڪَٽِيءَ: رستي سان- رستي پنڌ.

= واتَ سٽائِيُ هُنڌَنُ: منزل آسان هڻڻ- رستي ۾ تڪليف نه هڻڻ- تمام سولو ڪري هڻڻ- ڪاميابيءَ جو آسان طريقو نظر اچڻ.

= واتَ لاڙِنُ: رستي تي چاڙهڻ- ڏڪ لائڻ- گَسُ ڏيکارڻ- طرف ڏيکارڻ- رستو ٻڌائڻ- رستو ڏيکارڻ. سونهون ڪرڻ.

= واتَ مارُو: ذ. صفت. اهو مائهو جيڪو مائهن کي رستي تي ماري ۽ انهن کان مال ڦري وڃي. رهزن- لوٽو.

= واتَ نَہ وارَنُ: انڪار ڪرڻ- ناڪار ڪرڻ- ڪنهن کي ڪرڻ کان جواب ڏيڻ.

= واتَ نِهارَنُ: اوسيڙو ڪيڻ- انتظار ڪرڻ- منتظر ٿيڻ.

= واتَ نَہ وارَنُ: بلڪل انڪار ڪرڻ. گسائڻ. منهن نه ڏيڻ.

= واتَنُ وِيهِڻِيُ: لوفر عورت- چنال عورت- بدپيشه عورت.

= واڻُو: وات ڏيندڙ- راهرو- مسافر- واڻهڙو.

= واتواهُو ۽ واتواهُو: ذ. صفت. وات تان ويندڙ- دڪ وڃي ويندڙ- رهگذر- راهي- مسافر- سئلاني- پانڌيئڙو- واڻهڙو- وات وهو.

= واتُ وڻَنُ: رستو وڃي هليو وڃڻ. رستو وڻڻ- نمونو وڻڻ- طريقو وڻڻ- پيروي ڪرڻ- عمل ڪرڻ. حساب ڪتاب وڻڻ.

= واتُوڙ يَنُ (ل): واڻهڻ- رستي وارن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ واتوَن: ظرف. وات ڪان ـ رستي ڪان.
ـ واتُون ُ واسَ ُ: واتون ڏسڻ ـ انتظار ڪرڻ.
ـ واتُون ُ و َنَ ُ: لنگھڻ جي جاين تي بيھڻ ـ رستي تي ويھي انتظار ڪرڻ ـ اڇڻ لاءِ آتو ٿيڻ ـ ملاقات لاءِ منتظر رھڻ.
ـ واتُون ُ و َھائي چَ ُ: ڪنھن ڪي مسلسل تڪليفون ڏيڻ ـ نقصان ڏيڻ ـ اھنج پھچائڻ ـ ايذاءُ ڏيڻ. دربدر ڪرڻ ـ ظلم ڀارڻ ـ ستم ڪرڻ.
ـ وات َ و َھُو ۽ وات و َھُو: ذ. رستي ويندڙ ـ راھ گذر ـ مسافر ـ پرديسي ـ اجنبي.
ـ وات َ و ينڊي: رستي لنگھندي ـ راھ ويندي. اوچتو ـ بي خبر ـ مڃاڻ ـ اڻ ڄاڻ. خواھ مخواھ. بي گناھ ـ بنا سبب. بنا خاص تڪليف وٺڻ جي.
ـ واتھَڙ ُ ۽ واتھَڙ: ذ. صفت. وات وارو ـ مسافر ـ سئلاني ـ پانڌيڙو ـ راھي ـ واٽھڙو ـ وات واھُو.
ـ واتھَڙُو ۽ واتھُڙُو: ذ. صفت. لانگھائُو ـ مسافر ـ وات واھُو.
● واتَر ُ ۽ واتر: ذ. (انگ). نديو واھ ـ واھڙ ـ ڪَسِي ـ نھَر.
ـ واتَر ُ ڪورَس ُ ۽ واتَر ڪورس: ذ. نديون شاخون ـ واھ ـ ڪَسِي ـ نالِيون ـ نھرون.
● واتِڪ (ڇ): ذ. پرت جو ھڪ قسم.
● واتُڪو ُ ۽ واتُڪا (ڇ): ذ. وڻو ـ ڪتورو.
● واتَن ُ: مصدر. (سن. وَنْد > وَنْت = ورھاڻ) حصا ڪرڻ ـ ونڊڻ ـ تقسيم ڪرڻ. ڪَپَڻ ـ وکرائڻ ـ ورھاست ڪرڻ. (واتيو ـ واتيندو ـ واتيل).
ـ واتو ۽ واتا: ذ. حصو ـ پاڳو ـ پتي ـ بخرو ـ وَنڊي ـ وانٽ. تڪَ ـ پُڪو ـ ڦاند ـ چاند ـ ڦاندڙي ـ ورچ ـ تقسيم ـ ونڊ ـ ڦوڙ.
ـ واتيندَڙ ُ ۽ واتيندَڙ: ذ. ورھائيندڙ ـ واٽي ـ ونڊڻ ـ ورھائڻ.
● واتُو ۽ واٽُو: ذ. پتھي (پيسَ ڪوٺ ُ) راند ۾ لاڳيتو ستن ھٿن ڪٽڻ جو وارو.
ـ واٽُو آڇَ ُ يا لڳَڻ ُ: جيڪا ڏَر پيس ڪري تنھن جو لاڳيتا ست ھٿ ڪٽي وڃڻ ـ ٻي جي ھار ٿيڻ.
ـ واٽُو ٻاوَن: نقصان ـ دَ ٻاءُ ـ صدمو.
ـ واٽُو ٻاوَن ڏ يَن ُ: سخت تڪليف پھچائڻ. لاڳيتا نہ رکُو ست ھٿ ڪٽي وڃڻ، پر تاس راند ۾ تيرھن ئي ھٿ ڪٽڻ.
ـ واٽُو ٻاوَن ھٿَن ُ: ساندھ سپ ھٿ ڪٽڻ.
ـ واٽُو ڏ يَن ُ: تاس راند ۾ اول ئي ساندھ ست ھٿ ڪٽي وڃڻ. قيري وڃڻ ـ تڪليف ڏيڻ.
ـ واٽُو ڪوٺ ُ ۽ واٽُو ڪوٺَ: ذ. پتڻ راند ۾ جنھن پارٽيءَ حڪم يا تُرپ ُ ڪيوھجي، تنھن جا ڪا يا لاڳيتو ست ھٿ ڪٽي وڃڻ واري حالت.
ـ واٽُو نالو ُ رَ ڪائِي ُ: پڇي وڃڻ ـ لکي وڃڻ.
ـ واٽُو ھٿَن ُ: پيسَ ڪندڙ ڏَر جي ساندھ ست ھٿ ڪٽي وڃڻ واري حالت.
● واٽوان ُ ۽ واٽُوان: ذ. صفت. وريل (سڳ). (پرمانند).
● واٽُوھڙ ُ ۽ واٽُوھڙ: ذ. پترڻ پڇڻ لاءِ ڪاٺ جو ٿھيل اوزار، جو ھاري ڪتب آڻين ـ وٺوڙ.
● واٽوين: ملھ وڙھڻ جو ھڪ انگ.
● واٽِي ُ ۽ واٽِيُون ُ: ث. ٻہ يا ٽن ڪان وڌيڪ ڪپڙا ڪڌ ناھي سٽي رکڻ واري حالت.
● واٽِيا: اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.
● واٽَڻ ُ: مصدر. آگر سان ڏيکارڻ. ڏسڻ. جھنڊي ڏيکارڻ.
● واٽُو ۽ واٽُو: ذ. مرون ۾ ڪي وڻندڙ ـ جھلينڊڙ (ڪُتو).
● واثِق ُ: (ع. وثق) مضبوط ـ طاقتور ـ جاڻو ـ بانڪو ـ پھلوان ـ جوڌو ـ جنگ ـ بھادر.
● واپار ُ ۽ واپارَ: ذ. (سن. ويا پارَ) وڻج ـ سوداگري ـ سود و ـ تجارت ـ ڏنڌو ـ ڪر ـ پيشو ـ ڪِرت ـ ڪار ـ دوڪانداري. وھنوار ـ لڙھ وڇڙ. مال. دوستي.
ـ واپارِ ڪو: ذ. صفت. واپار جو ـ ڏنڌي جو ـ سوداگريءَ جو ـ سودي جو ـ تجارت جو ـ شاھوڪاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ واپاري ۽ واپاري: ذ. صفت. وٽجارو ـ سوداگر ـ تاجر ـ تجار ـ ڏنڊي وارو ـ پيشي وارو. دڪاندار. واپاري دستور. قاعدي يا رسم موجب.

● واپرائڻ: مصدر. ڪم ۾ آڻڻ. ڪتب لڳڻ. ڪم آڻڻ ـ استعمال ۾ آڻڻ (ڪابه شيءِ) ڪائڻ. (ڪپڙا) هنڌائڻ ـ پهرڻ. خرچ ٽيڻ. گذرڻ. واپرجڻ. کپي وڃڻ. (واپرايو ـ واپرائيندو ـ واپريل).

ـ واپرائڻ: مصدر. ڪم ۾ آڻڻ ـ استعمال ۾ آڻڻ. ڪتب آڻڻ. خرچ ڪرڻ. ڪائڻ.

ـ واپرجڻ: مصدر. واپرڻ.

ـ واپرايل ۽ واپرايل: ذ. ڪم آندل ـ ڪتب آيل ـ پراٽو ـ جهونو ـ ڪُهنو.

● واپس: ظرف. (ف). پٺيان ـ هوءِ ـ پوئتي ـ ورائي. موٽي ـ وري.

ـ واپس اچڻ: موٽي اچڻ ـ وري اچڻ ـ ڦيرو ڪري اچڻ.

ـ واپس ٽيڻ: موٽي اچڻ ـ موٽڻ ـ وري اچڻ ـ ڦري اچڻ.

ـ واپس ڪرڻ: موٽائڻ ـ ڦيرڻ ـ سترو ڪرڻ ـ موٽائي ڏيڻ ـ وري حاجت ۾ موڪلڻ ـ ورائي ڏيڻ ـ ورائڻ ـ موٽائي موڪلڻ.

ـ واپس ملڻ: وري ملڻ ـ موٽي ملڻ.

ـ واپس وڃڻ: موٽائي وڃڻ ـ ورائي وڃڻ ۽ ڦري پوڻ.

ـ واپسي ۽ واپسيون: ث. موٽ ـ ڦيرو ـ واپسي (ڪيت). موڪلڻ (ٽپال). مهلت (محصول جي).

● واپٽبا: ت. پسارڪي وڪڙ جو هڪ قسم (جا ڏوڏي جهڙي ٽٽي ۽ زنانين بيمارين ۾ ڪتب اچي).

● واجب ۽ واجب: ذ. صفت. (ع. وجب = اهو ضروري هو). جائز ـ ٺيڪ ـ مناسب ـ ضروري ـ لازم. پورو پنو. سچو ـ راستو ـ سٽ ـ برحق ـ بتارت ـ برحال ـ ساڌيان ـ پورو ـ ٺيڪ ـ صحيح ـ درست ـ حق ـ رڳ ـ ڪترو ـ ٽنگسالي ـ چوڪو ـ صادق ـ دائم ـ همیشه سزا وار ٿيندڙ. خدا تعالىٰ جو پنهنجي وجود ۾ ڪنهن جو محتاج نه هجڻ.

ـ واجب القتل: ذ. صفت. قتل ڪرڻ جي لائق ـ خون لائق ـ وڍڻ لائق ـ ماري وجهڻ جي لائق.

ـ واجب الوجود: ذ. صفت. حقيقي هستي خدا تعالىٰ (ضد. ممڪن الوجود).

ـ واجب ڄاڻڻ: فرض سمجهڻ ـ لازم سمجهڻ ـ برابر سمجهڻ ـ صحيح سمجهڻ ـ درست سمجهڻ.

● واجبي: صفت. جائز ـ ٺيڪ ـ مناسب ـ ضروري ـ لازم. رواجي. پورو پنو. ٺهڪندڙ ـ ٺهندڙ ـ سهائيندو. برابر ـ جوگو ـ آڇت ـ مناسب ـ لائق ـ شايان ـ پورو ـ ٺيڪ ٺاڪ ـ رڳ ـ ڪرو ـ چوڪو ـ صادق.

● واجيٽو (ل): ذ. لوهار جي اوزار جو هڪ قسم ـ مترڪيءَ جو هڪ قسم.

● واڇت ۽ واڇت: ذ. (سن. واد تر > و د = وڃڻ). وڃائڻ جو ساز. ٺڳارن ڍولن ۽ بين سازن جو آواز ـ واڇو. تمام وڏو آواز. واڇو ـ باجو ـ ساز. واڇا ـ ساز ـ باجا ـ ٺڳارا. (سُرندو ـ دنبورو ـ سارنگي وغيره).

ـ واڇت وڃائڻ: ساز وڃائڻ. متيون منجهائڻ ـ حواس باخته ڪرڻ ـ حيران ڪرڻ ـ پريشان ڪرڻ ـ

ـ واڇت وڃائي ڇڏڻ: دهائي ڇڏڻ ـ هيسائي ڇڏڻ ـ ڊپ ڏيئي ڇڏڻ. ساراهه جوگو ڪم ڪرڻ ـ آفرين ناموڪڻ ـ جس ڪڍڻ.

ـ واڇو ۽ واڇا: ذ. (سن. واديتر > وَدْ = وڃڻ). وڃائڻ جو ساز. ڍولن ٺڳارن وغيره جو آواز ـ دَس. واڇت. گوڙ ـ آواز. گاج. ساز جو هڪ قسم. باجو ـ ٺڳارو.

ـ واڇاڻو ۽ واڇاڻو (ڪ): ذ. صفت. وڃڻو ـ وڃندڙ ـ سريلو ـ لئي وارو.

ـ واڇوتي ۽ واڇوتيون: ث. ڪاڻيءَ جو ٽڪر جنهن ۾ تنبوري جي تار هڏل هوندي آهي. ڊينگي ڪي گهيڙيندڙ ڪاڻي (ڪُهرو).

ـ واڇيندر: ذ. صفت. واڇو وڃائيندڙ. واڇوڪندڙ.

ـ واڇيرو ۽ واڇيرا: ذ. ساز تي جهمر وجهندڙ ـ ساز تي نچندڙ.

واڇي وَت: باجي وانگر.

● واڇورو: گاهه جر هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● واجهڻ ۽ واجهه : ذ. وڏو رسو. رسو- ڏکهو رسو- ٽلهو رسو- ڪاٻار مان ٿهيل نوڙ. (سن. واڄ = چاهڻ). موقعو- وجهه. تجويز- رٽ- آٻاءُ. خبر- سُڌ. ٽڪ- گهور.

"آڻيو آڏيءَ رات ۾ ٿي وڃي جا واجهه وجهي."
(سهڻي- شاهه)

- واجهه وجهڻ: پنجوڙ وجهڻ- دام اڏڻ- ڦاسائڻ لاءِ سيٽون سيٽڻ- ڪوشش ڪرڻ. انڪلون ڪرڻ. وجهه نهارڻ- منٽون ڪرڻ. حيلا ڪرڻ. انتظار ڪرڻ. مناسب رستو اختيار ڪرڻ سيکڻ- نهارڻ. واجهائڻ.

● واجهائڻ: مصدر. (سن. واڄ = نهارڻ) وجهه وجهڻ- تجويزون ڪرڻ آڻڻ. آٻاءُ ڳولڻ. سيکڻ. ڪشش ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. ٽڪ- نهارڻ. انتظار ڪرڻ- جهاتيون وجهڻ. (واجهايو- واجهائيندو- واجهايل).

- واجهائيان: واجهائڻ ڪان- نهارڻ ڪان- سڪ ڪان- انتظار ڪان- طلب ڪرڻ ڪان- غرض يا بندگي ڪرڻ ڪان.

- واجهائيس: واجهايو هُئي- نهاريو هُئي- انتظار ڪيو.

- واجهاءِ: واجهائي. سڪي سڪي.

● واجهن: مصدر. (سن. واڄ = چاهڻ) سيکڻ. پاڻجهه رکڻ. خواهش ڪرڻ. ڪشش ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. نهارڻ- ڏسڻ- ڏيکڻ.

● واجهو ۽ واجها: ذ. (سن. آٻاد يابَ) استاد- اوجهو.

● واجاڻيءُ ۽ واجاڻيون: ث. هندو عورت- هندواڻي- واڻيائي.

● واجڻ (ڪ): مصدر. واڻڻ- سڙهڻ (ڪٽڻ وغيره ڪي). (واڄيو- واڄيندو- واڄيل).

● واڄ ۽ واڄون: ث. (سن. واتْيا = هوا) تُند هوا (جا ڪلاڪ ۾ پنڌ رهن ڪان ويهن ڪوهن تائين مفاصلو ڪري)- طوفان. هوا- واءُ- جهڪڙ- واجوڙو- اينڊوڪار. (انگ). وقت ڏيکارڻ جو اوزار- ڪيسي يا ٻانهن جي واڄ- تائير ڏيکارڻ واري گهڙي. (سن. واڄ = چاهڻ) سيڪ.

"متيون سيڙي ڪان، واڄا ڪجي وڃ هوءَ"
(شاهه ڪريم).

(سن. وَڄْ = ڳالهائڻ) پڙهڻ جي حالت- پڙهڻي.

- واڄڙ ۽ واڄڙَ: ذ. واڄ وارو- طوفاني. طوفان جو زور- آڪرو (سنڌ).

- واڄ سيڪر ۽ واڄ سيڪرَ: ذ. صفت. گهڙي ساز- گهڙيال ٺاهيندڙ.

● واڄا ۽ واڄائون (ل): ث. (سن. واڄا > وَڄ = ڳالهائڻ) انجام- قول. ڏَت پَتْ- پرتگيا- وعدو- وچن- ٻول- ڳالهه- وائي. ساک- قسم- ڏوهي- آڻ- سُنهڻ. نذر. واڌائي.

● واڄڻ: مصدر. (سن. واچن > وَڄيَ). پڙهڻ. جاچڻ- ڏسڻ. (واڄيو- واڄيندو- واڄيل).

- واڄ ۽ واڄ: ث. مطالع- ٻاڻ- گذارش. پڙهڻي- پڙهه. سيکَ.

- واڄاڻي: ث. واچڻ جي قيمت يا ٻها- پڙهائي.

- واڄائڻ: مصدر. پڙهائڻ.

- واڄائي: ذ. صفت. واڄيندڙ.

- واڄ ڏيڻ: ڏوهي ڏيڻ- ٻول ۾ پنڌ- ڏول ۾ آڻڻ.

- واڄڪ: ذ. صفت. زباني. پڙهندڙ- ڏسندڙ- جاچيندڙ.

- واڄڪ ٻولي: ث. زباني ٻولي. آها ٻولي جا رواجي طرح ڳالهه ٻولهه ۾ ڪم آڻي عام ٻولي. (لکڻ جي ٻولي ٻئي قسم جي ٿيندي آهي).

- واڄيءُ ۽ واڄيئُون: ث. پڙهڻ جو ڪم- پڙهڻي- چيٽي- خط.

- واڄيندڙ: پڙهندڙ- ڏسندڙ- جاچيندڙ.

● واڄوڙو ۽ واڄوڙا: ذ. (سن. واتْيا = هوا) واءُ يا واڄ جي ڪهري- واءُ جو گهيرو (جنهن ۾ مٽي، ڪنڪ ۽ ڪانا گهمرو ڪري مٿي چڙهي وڃن). تيکو واءُ- گهمري وارو واءُ- ڦرندڙ واءُ. طوفان. گرد باد- واڄولو.

- واڄولو ۽ واڄولا: ذ. واچوڙو- واءُ- هوا. طوفان.

● واڄيءُ (ل): ث. مٽي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهڙا چلر، ڏيکهه ٣-٦ انچ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● واڇ ع واڇون: ث. (سن. وَ ڪَ = وات) وات جي ڪنڊ- وات جي ٻنهي طرفن جون ڇاڙيون- ڳلاڦون- ڇپن جون ڪنڊون.
= واڇان ع واڇائون: ذ. چريو- بيڪار- بي متيو- بي سمجهه- نڪمو- ويسلو- واهيات. بيوقوف عورت- بيڪار عورت- بي سمجهه عورت. "چريون ڏيڻي چار، واڇان ونجي هڪڙي".
= واڇان جَري: مورک زال.
= واڇ ڏيڻ: اڏرنگ يا لڦوي جي بيماريء سبب واڇ ڦرڻ- واڏڻو ٽيڻ. عجب ۾ پئجي وڃڻ.
= واڇِر ع واڇِرَ: ذ. صفت. وڏين واڇن وارو- واڇرو ڪتو.
= واڇِري: وڏي وات واري- ڪهڙ ڪالهائيو- ٻڪواتڻ- واهيات.
= واڇ ڦرڻ: واڇ ڏيڻ.
= واڇڙه: هڪ ساريکو واڻ- چوٽ لڳندڙ واڻ.
= واڇڻيان: ظرف. واڇن سان- وات سان- ڇپن جي ڪنڊن سان.
= واڇون ڏيڻ: ڪيلڻ- مُشڪڻ.
= واڇون ڦرڻ: هڪ ٻکو ٽي وڃڻ- حيران ٿيڻ- عجب ۾ پوڻ.
= واڇون ڪٽڻ سان: لڳاتار: تمام گهڻو ڪيلڻ- وڏي وات وارو هجڻ.
● واڇِر ع واڇِرَ (ت): ث. هلا جو هڪ قسم، سندس وات وڏو ٿئي، مٿي تي منڊيڙي جو نشان ٿئيس.
● واڇولي (ت): ث. نندي ڪائي ڦر جي ڪل.
● واڇي ع واڇيون (ڪ): ث. قيء- اُلٽي.
● واحِد: ذ. (ع). الله سائين جو نالو. (صفت). هڪڙو- هڪ- ڇڙو- اڪيلو.
= واحِد شاهِد: ذ. خدا شاهد (آهي).
● واحِد ٻُور: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● واد ع واد: ذ. (سن. وَدْ = ڪالهائڻ) تڪرار- بحث- چيٽ- هوڏ. ثابت مناظرو. ڪنهن به ويچار ڌارا جو ورنن- ڪنهن اصول يا عقيدي جو بيان: "وِ ڪاس واد = اصول ارتقا، ادويت واد = هم اوست، وغيره".
= واد و وادُ: ذ. بحث مباحثو- تڪرار. شاسترارٿ.
= وادي ع وادِي: ذ. تڪراري- هوڏي- بحثي- حجتي- جهڳڙائي. ڪهڙ ڪالهائو. مُرڪي.
= وادِي ع وادِيون: ث. (ع). هرپٽ- رڻ- بيابان- صحرا- سڃ- ڌُر بر- ميدان- هوڏو- پٽ- ڇوڪاڻ. جهنگل. پاڻيء جي نالي. زمين نشيب ۽ هموار- هيٺاهين زمين- ماٽري.
"وحدت جي وادِيء ۾ ڪوڙيئون ڪي قليل"
(سهڻي- شاهه).
= وادِيء ايمَن: ذ. (ع). جبل طُور جي ساڄي پاسي وارو جنگل، جتي حضرت موسيٰ عليه السلام کي معراج ٿيو هو.
● واڌ ع واڌون: ث. (سن. ورڌ = وڌڻ) جهجهائي- ڪهٽائي- آسرڻ- آپرڻ- آهڙڻ- وراڻ- واڌارو- چاڙهو- ترقي. ڪهٽائي. سرسي- پلت- وڌيڪائي- فاضل- زياد تي- سرسائي- افراط. آها جاري جا جار جي چِنڀَڙ جي مٿان هٽجي، اُن ۾ تُنبِيُون پڌجن ۽ تر ۾ لوهي ڪُٽڪا وجهجن.
= واڌاپو: ذ. جوڙ ڪرڻ- ڪڍڻ- نشاني. ترقي. زياد تي. نفعو- فائدو. سڌارو- واڌارو.
= واڌارو ع واڌارا: ذ. نفعو- فائدو- لاڀ- آڇت- پراپت- لاهو- ڪٽيو- آهراسو- سوٻاسو- وَڻاءُ- وڻب- ڪفايت. ڪُڻ- ٽوڙو- سڌارو- ترقي- واڌارو- اطلاع.
= واڌاري: ظرف. وڌيڪ- زياده- وڌڪ- گهڻو- جهجهو.
= واڌِهو ع واڌِها: ذ. واڌارو- وڌيل- جهجهو- گهڻو.
= واڏو ع واڏو: ذ. پراپت- فائدو- لاڀ- نفعو- لاهو- ڪٽيو- آهراسو- واڌ- واڌار- آڇت- ترقي. واڌارو. نفعو. فائدو. سوٻاسو- وڻاءُ- وڻب. تمام گهڻا- بيحد زياده- فاضل- سرس- وڌيڪ- فضول- واڌي- اجايو- زائد- اڻ ميو-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چگي، طرح - سان گڏ - زور - غالب - آگاڻجهو - پر پل - فائق - مروج. بي پرهيز - سخت - واڌو - فالتو. حسابن ۾ جوڙ (+) جي نشاڻي.

● واڌاڻو ۽ واڌاڻا: ذ. مبارڪبادي - ڪيرون - واڌائي. خوشخبري. مڱڻي جو ڏينهن. شادي. هندن ۾ شادي، جي پهرين رسم، جنهن ۾ دوستن ۽ عزيزن ۾ جليبيون يا بي ڪا مٺائي ورهائين. ڪاڻ جي ڏوئي يا ڏوئلو - رڌو. ماڦو. واڌائو.

- واڌاڻو ۽ واڌاڻا: ذ، (سن. ورڌ نه). واڌائو - واڌائي - شادي مبارڪ. ويجهه - وراڻ.

"پهري ڪيئا پتن ۾ وجيڙيئن واڌاڻا."

(مارئي - شاهه)

● واڌائيُ ۽ واڌايُونُ: ث. مبارڪون - ڪيرون. خوشخبري. مڱڻي جي ڪ. شادي، جو پهريون سڳڻ (جڏهن متن مائٽن ۾ جليبيون وراهجن). ٽورو - ٽورو ٽڪرو. پاڳو. خوشخبري. جنڊ جي ٻُڪي. ڏوئي.

- واڌائيُ ڏيتُ: مبارڪ ڏيڻ. خوشخبري ڏيڻ. مڱڻي جي ڪ ڏيڻ. (ٻاهه تي وڪيل تئي جوچمڪات) ڏسجڻ ۾ اچڻ. تئي جو ٻاهه تي وڪيل ٻاڌي ڏانهن اوچتو چمڪات ڏيڻ.

- واڌايُونُ مِلڻُ: مبارڪون ملڻ - خوشخبريون ميڙڻ.

- واڌايُونُ و رَڻُ: خوشيون ٿيڻ - مبارڪون ملڻ.

● واڌوُ: صفت. تمام گهڻو. وڌيڪ - جهجهو. زياده. بيوبه. الهيءَ ڪان سواءِ. سرس. حدڪان وڌيڪ. آلجبرا ۽ انڪي حساب ۾ جوڙ جي نشاني.

● واڌِواڻِيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● واڌَ ۽ واڌُونُ (ڻ): ث. (سن. واد > وَدُ = ڪالهائڻ). هوڏ - ضد - بحث - تڪرار - جهيڙو - حجت - وادُ.

- واڌَ ڪرڻُ (ڻ): ذ. ضد ڪرڻ - هوڏ ڪرڻ - بحث ڪرڻ - حجت ڪرڻ - تڪرار ڪرڻ.

- واڌِيُ ۽ واڌِيُ: ذ. صفت. ضدي - هوڏي - بحثي - حجتي.

● واڌاڻُ ۽ واڌاڻيُونُ: ث. (سن. آڌ = هيٺ + وِي = واڻڻ). ڪٽ جي پيراندي، ڪان واڻ چڪڻ لاءِ وڏل رسي - واڌڻ - تانگهه - پالتي.

● واڌاڻو ۽ واڌاڻا: ث. واڌاڻو - شادي، جڏون مبارڪون - خوشخبريون - ڪيرون.

● واڌَر (ڻ): ذ. بادل - ڪڪر - گهٽا.

- واڌَرو ۽ واڌَرا (ڻ): ذ. جهڙالو - آگر. ميرانجهڙي پوري رنگ جا پيرون.

● واڌَڪُ ۽ واڌَڪَ: ذ: (سن. بَدْ = بڌڻ). دروازي جو ڪ. قطر - وتر. ڪاٺائين دروازي ڪي مضبوطي لاءِ ٻُڌڻين پاسي ڪان ڪاٺ جڙون لڳل پٽيون - جهل - آرٽ - ٽيڪ.

● واڌَڻُ ۽ واڌَڻُونُ: ث. (سن. آڌ = هيٺ + وي = واڻڻ). ڪٽ جي پيراندي، واري مڙهيل نوڙي، جا ڪٽ جي واڻيل واڻ کي چڪي ڇڏي - ڪٽ جو واڻ چڪي ۽ سيٽائي پيهارينڊ نوڙي - رسو. واجهه - وايه - تانگهه - پالتي.

● وادِهُ (ت): ذ. ڏگهو رسو - واجهه - نوڙ - اهو رسو جنهن سان ڪوهه مان پاڻي ڪڍجي يا گاڏي، جي ڏڻ چڪڻ لاءِ ڪم آڻجي.

● وادِ ۽ وايْونُ: ث. (سن. وَرْدُرُ = وِدِيُ. وَرْدَ = وِيڻ). چمڙي جو رسو - نيتو - وڏو ڏگهو رسو - واجهه - نوڙ - تانگهه - واڌڻ. ڪوهه مان پاڻي، ڪڍڻ جو رسو. ورت. ڪهيءَ رسوسلي ۾ وجهي ٻڌي، جي آڌ ۽ سيڙهه نه جهڻ واسطي ٻڌڻ. ڪاڻين جي وڌ - چير.

- وايائي: ڪاڻين جي وڌائي ۽ چيرائي.

● وايا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

- وايامو ۽ وايامَا: ذ. رنبي وغيره جي چيڙي جي چوڌاري ويڙهيل چم جو چٽلو. ماڻامو.

- وايڙ جا اوزار: وايامو.

● وايڙُ ۽ وايڙُ: ذ. سڪل ٻَصر جي پاڙ. ٿوڙهو (وڻ) - ٿڙ (وڻ).

● وايڙُ ۽ وايڙُ: ذ. ٻصر جو هڪ قسم. ٻصر جي وڏيل ڳنڍ. ظالم - وڏيندڙ - وڏيل.

● وايڙُ: مصدر. پاڙڻ - ڏگهي رسي سان ٻڌڻ. (واڌ يو - واڌيند و - واڌيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وايوُ ع وايا: ذ. (سن. وَرْد = وَيَنُ) كاڻ كي وڌڻ جو ڪم. ڪندڙ - وڌندڙ. ڪاريگر - سُوتار - سُوٿهڙ - ڏکڻ. درودگر - نجار.
- وايو پائيي: ث. وايي جو ڪم. وايي جو آجورو.
- وايو ڪوَ ع وايڪا: ذ. صفت. وايڻ جو ڪم. وايي جو - ڏکڻو.
● وايوڙڻُ: مصدر. (سن. وَرْڌ = وَيڻ) ترار سان ڪٽڻ. گهائيل. وڌ ڪرڻ. ڏارڻ - ڦاڙڻ - چيرڻ. ڪٽڻ - زخمي - چاڪ ڪرڻ - ڇڄ ڪرڻ - ضرر ڇڻ - رنج ڪرڻ - داغ ڪرڻ - فراقجڻ. (وايوڙيو - وايوڙيندو - وايوڙيل).
- وايوڙَ ع وايوڙُونُ: ث. زخم. ترار جيو گهاءُ. وڌندڙ. ڪٽيل - گهايل - زخمي - ڦاڙيل - وڌيل - وايوڙيل.
- وايوڙُ: ذ. صفت. زخميل - گهايل.
- وايوڙ جَنُ: ڪٽڻ - زخمجڻ - گهائجڻ - ڦاڙجڻ - وڌجڻ.
- وايوڙو ع وايوڙا: ذ. ترار جو گهاءُ - زخم - ڪٽ. زخميل - گهايل - وڌيل - ڦاڙيل. عاشق - پريتوان - پريتم.
- وايوڙ ٿا: ذ. وڌيا - زخميا - ڦاڙيا - چاڪ ٿيا.
- وايوڙ يا: ذ. اي وڌيل - اي ڪٽيل. اي زخميل عاشق - اي وايوڙيل.
- وايوڙ يَلُ ع وايوڙ يَلَ: ذ. زخمي - گهايل - ڪٽيل - وڌيل. وڌيو - ڪٽيو - سُٽيو - دام ۾ ڦاٽل. پڇاڙ سُوئر، جنهن کي ڪُٽن جا چڪ لڳل هجن - ڪُٽن جو ستايل.
● وايو واوُ ع وايو ولا: ذ. واڇيل ڪٽ جي پيراندي، واري پاسي واڌڻ واري نوڙي، جو مُنهن، جنهن ۾ واڌڻ وجهجي - واڻ جو ويڙهو. زيور جو هڪ قسم - عورت جي ڪرائي، جو ڪَٽهُ. گدامڙي، جي وڻ جو ڪَڇو ٻلڙو. (ل).
- وايوليا ع وايوڻيا: ٻانهن جي ڪرائي ۾ منڪلي جي جاءِ تي پائڻ جو زيور، (چاندي وغيره جو ٿئي. منڪليءَ جو گول حلقو لسو ٿئي، هن جي گول حلقي ۾ وَرَ وَڪَڙ ٿين).
● وايو يوَ ع وايو يا: اسم خاص. ذات جو هڪ قسم.
● وارُ ع وارُونُ: ث. (سن. وارَ = ڦيرو) وارو - گهمرو - ڦيرو. ويرو - ويل - وقت - ٽاڪو - مهل - ديئر - وارو - پيرو. پل - ساعت - فرصت - مهلت - ديَر - غفلت - سستي. واند ڪائي - وارڪائي. آلتر - حملو - ڪاهه - وار. گهور - قربانيءَ لاءِ مڃتا جي آڇ. مڃتا مڃڻ واري حالت. پئي جي جاءِ حاصل ڪرڻ واري حالت. گهمرو - ڪنهن جي سارا هه جو گيت، ڪنهن جي واڪاڻ جو ڪيرتن (خماص ڪري سکن ۾ پائي گورواس جي وار). صدقو - گهور. (صفت). ڪن فارسي لفظن جي پڇاڙي (جا معنيٰ ڏيکاري ٿي) - جهڙو - لائق. طوز - دستور. اکر نسبت: جيئن "اميدوار، سزاوار وغيره".
- وارڪائيي ع وارڪائيُونُ (ل): ث. فرصت - واند ڪائي. آجائي - چوٽي.
● وار: ث. (سن. وارڻ = بند ڪرڻ) لوڙهو.
● وارُ ع وارَ: ذ. (سن. بال) مٿي يا بدن جا وار - زلف - لوم - ڪيس. ڇتا. رڇ جي بدن جا وار (ساڙي رکب ڪري، زيتون جي تيل ۾ ملائي سرهر ڪاهين. (ف - ج). آلتر - ڪاهه. پيرو - گهمرو. ڏينهن - تيڪ - چنبه جو ڏينهن - تاريخ. هفتي جو ڪو ڏينهن (جيئن: سنگل وار، وسپت وار).
- وارآڇا ڪيا آڪُسُ: گهٽو زمانو ڏٺو اڻس - وڏيءَ عمر جو آهي. آزمود ڪار - تجربيڪار. عقلمند - ڏاهو - سياڻو.
- وارُ ٻڌڻُ: شادي ڪرڻ لاءِ ڪو ڏينهن مقرر ڪرڻ. حملي لاءِ تجويز رڪڻ. فرصت جو وقت مقرر ڪرڻ.
- وار ناهيڻُ: واڻ ڪي سينگارڻ - وار ڪي ٻنهجي سرخيءَ موجب ڪٽي ڏيئي ٻيهارڻ. زلف ٻيهارڻ - ڇتا ناهڻ - وار ڪُنڊڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وارَ پَتَنُ: نچڪڻي سانَ وار چوندڙ - چڪ ڪوهڻ - ٻئل ڪوهڻ.

= وارَ جو ٽالو نہ ڪِنهَنُ: ڪجهہ ٻ نہ چوڻ - خاموش رهڻ - معاف ڪري ڇڏڻ.

= وارَ جو ٽالو وڃَنُ: ٿورو ايذاءُ ڏيڻ - ٿورو رنج پهچائڻ - ٿوري تڪليف ۾ وجهڻ.

= وارَ جو وِنڪَ نہ هُنُ: ذرو تفاوت ٻ نہ هڻ - ڪجهہ فيرقار نہ هڻ - ذرو ٻ گهٽ وڌ نہ ٿيڻ.

= وارَ چَرُو ۽ وارَ چَرَا: ذ. وارن ڪِرڻ واري حالت - ڪنجاهڻ - وارن ڪي ڪائيندڙ وار جئو ٽالو ۽ چَرندو وار.

= وارِ ڏيَنُ: (هندن) جي رسم ورواج موجب ويجهي مائٽ جي موت وقت پنهنجو منڊ ڪوڙائڻ - وار لهرائڻ - مٿي تان وار صاف ڪرائڻ - ڪنجو ٿيڻ.

= وارِ ڙيُو ۽ وارِ ڙيا: ذ. واري تي ايندڙ وار وجهلائيندڙ - وارو وٺندڙ - واري پڻيان واري وارو - لاڳيتو - مسلسل. وارا ڪٽندڙ ملهہ - ملهہ ۾ واري جو انگ جاڻندڙ - تڪا وارا ڪٽندڙ.

= وارَ سَمُجهائِنُ: وارن کي ڏوئي ڦٽي ڏيڻ - تيل مکي ڦٽي ڏيڻ.

= وارَ سَنڀَوارَنُ: وارن کي ڦٽي ڏيڻ - وارسڌاسنوان ڪرڻ - موڙهل وارن کي سنئون ڪرڻ.

= وارَ ڪَتِرنُ: مشيين يا ڇينچيءَ سان وار ڪترڻ.

= وارَ ڪرڻ: حملو ڪرڻ - آلرڪرڻ - ڪاهه ڪرڻ - جُلهه ڪرڻ. ڪهروڪرڻ - پيروڪرڻ - دفعو ڪرڻ.

= وارَ نَليُونُ: بدن اندر تمام ننهيون وار جهڙيون نسون - رڳون - تَنتون.

= وارَن ۾ ور وجهنُ: چوٽي ڪرڻ - وار ٺاهڻ - وار سنوارڻ - وار ويڙهڻ - وار ٻڌڻ.

= وارڻي وارڻ: پاڳين جو وارو ڪرڻ. (ن - ب).

= وارِ وار: ث. ٻار ٻار - گهڙي گهڙي - ساعت ٻ ساعت - هرهر - پل پل. وري وري.

"صد قو توتان آڳ وار وار." (ڀيڪس).

= وار وارِ ڦيرا ڪَرنُ: جڏهن تڏهن اچڻ - گهڙي گهڙي اچڻ - هرهر اچڻ.

= وارَ وارَنُ: تاريخ مقرر ڪرڻ - ڏينهن مقرر ڪرڻ - فيصلو رکڻ. انجام ڏيڻ - قول ڏيڻ - وعدو ڏيڻ - ٽيٽ ڏيڻ. مقرر ڏينهن تي ڪم نہ ڪرڻ - وارو ٽارڻ.

= وارَ وِنَنُ: وار ڪوڙڻ - ٻاڪيءَ سان منڊ صفا ڪرائڻ.

= وارَ وِجهنُ: پنهنجو حق اڳ ۾ ڏيڪارڻ - پنهنجي اڳرائي ڏيڪارڻ. ٻهريون حق هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ.

= وارووچو ۽ وارووچا (ڪ): ذ. وارن وارو برش - گهوڙي جي ڇڇ جي وارن مان ٺهيل برش جنهن سان فرش صاف ڪجي.

= وارَ وِڇائِنُ: نياڻيءَجو سڳ ڏيڻ - مائٽي ڳنڍڻ - نياڻيءَ جي شادي ڪرڻ - سڳاٻندي ڪرڻ. قربان وڃڻ - ٻلهار ٽيڻ - نياز نڀاڳ ڪرڻ - عزت آجيان ڪرڻ - خدمت چاڪري ڪرڻ - مرحبا ڪرڻ - ڪمي ٻيشي باقي نہ ڇڏڻ.

= وارَ وِنڪو نہ ٿيَنُ: ذرو ٻ نقصان نہ ٿيڻ - ذرو ٻ جوکو نہ رسڻ - صدمو نہ اچڻ - تڪليف نہ اچڻ - رنج نہ ٿيڻ.

● وارِ ياڻيَ ۽ وارِ ياڻيُونُ: ث. نذر ڪندڙ - ٻيڙا رکندڙ.

● واراکو ۽ واراکا: ذ. (سن. ورت = ڦرڻ). ڦيرو - ورُ - وٽ - وکڙ - ٻيچ - محبت جو ٻيچ - محبت جو ڳانڍاپو.

"وينين ناهه واراکو سُٽين کونهي سنگ."
(آبري - شاهه)

● واراڻيُ: اسر خاص. تعلقي ڏٽي ۾ هڪ ديهه جو ٽالو.

● وارائِيُ: مصدر. (سن. وايَ = واڳ). سکائڻ - وائکائڻ - هوا ڏيڻ - هوا ۾ رکڻ - واڳ ڪرڻ. چندڻ. وائڙائڻ. وارڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ. رقم ڏيئي ان جي ڇڇ بندي ۾ لکائڻ. (واريو - واريندو - واريل).

● وراڻيُ: اسر خاص. تعلقي ڏٽي ۾ هڪ ديهه جو ٽالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وارتا ۽ وارتائون: ث. (سن). آکاڻي - کهاڻي - قصو - افسانو - ڳالهه - بيان. خبرچار - خبر - سڌ - خوشخبري - منگل - نئر - سماچار. پچر. بشارت - ماجرا. گفتگو - نقل.

- وارتائون وجهڻ (ک): ث. وڏا قصا يا کهاڻيون ٻڌائڻ - پچڑيون وجهڻ - رنبڪون وجهڻ.

● وارث ۽ وارث: ذ. (ع. ورث = وارث ٿيڻ). ورثو ونڊ وارو - ميراث ونڊ وارو - ملڪيت ونڊڻ - ترڪو ونڊڻ - حقدار - مستحق - مُردي جي ملڪيت مان حصو ونڊڻ. مالڪ. خانوند - ڏٽي - ميان. سنپالينڊڙ - رکيڪ - راکو - نگهبان - ڪرلاهو - سرپرست. وصي - ڪانڊ. ڪانڊي. عزيز - لاگاپو رکندڙ - اولاد - ابا ڏاڏا - مائٽ.

"نہ وارث نہ ولهو نہ سڱ نہ سياکو."
(مومل راڻو - شاهه)

- وارث نامو ۽ وارث نامو: ذ. مرت ليک - وصيت نامو. خواهش - مرضي - منشا - اڇا - وصيت.

- وارثي ۽ وارثيون: ث. ورثي جو حق. موروثي حق - مائٽاڻو حق - مائٽاڻي ملڪيت ۾ ڀيداري - ملڪيت جو حصو - پاڳو.

- وارث ڏنو ماڃي: اسم خاص. تعلقي زتيداري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وارد ۽ وارد: ذ. (ع). اچڻ وارو - پهچڻ وارو - لهڻ وارو. نازل - آمد - حاضر - ڪڙڪڻ واري حالت. ايندڙ - قاصد.

- وارد ٿيڻ: پهچڻ - حاضر ٿيڻ - نازل ٿيڻ - اچي وڃڻ - مٿان اچي ڪڙڪڻ.

● وارادات ۽ وارداتون: ث. (ع. وارد جو جمع) آهو حال جو ڪنهن ماڻهوءَ سان ٿي گذريو هجي - آها حالت جا انسان جي سر مٿان گذري. سرگذشت - حال احوال. حالت. تازيون پيدا ٿيل حالتون. واقعو - حادثو - ساڃرا. اتفاق - ڏوهه - گناهه - هنگامو. سر زمين.

- وارادات جيي جاءِ: ڏوهه جي جاءِ - گناهه ٿيڻ واري زمين - سر زمين (جنهن جاءِ تي گناهه ٿئي).

● وارسو: ذ. ٽر ۾ رهندڙ ميگهواڙن جي ذات جو نالو.

● وارڪيي ۽ وارڪيون: ث. پيتل يا چانديءَ جو ڪن ۾ وجهڻ لاءِ گول ڇلو. (اسم خاص). تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وارڪا ڪرڻ (ک): منٽ ميڙ - ٻاس ٻاسڻ - ميڙتا ميڙ - سڪان ٻاسڻ - ٻڙڪ ٻاسڻ. نچاور ڪرڻ - مٽي مٽان گهوري اڇلڻ.

- وارڪا وارڻ (ک): منٽ ميڙ - ٻاس ٻاسڻ - ميڙتا ميڙ - سڪان ٻاسڻ - ٻڙڪ ٻاسڻ.

● وارلو ۽ وارلا (ک): ذ. زيور جو هڪ قسم - هَس - هسي.

- وارلا هٿڙي: ڪچيءَ جي پهرين هٿڙي - هنجي.

● وارنٽ ۽ وارنٽ: ذ. (انگ) ڪنهن ماڻهوءَ جي گرفتاريءَ جو ڪاغذ - وارنڊ.

● وارنڊ ۽ وارنڊ: ذ. (انگ = وارنٽ) گرفتاريءَ جو حڪم نامو.

● وارنڍين (ث): ذ. ڍڳهو رسو - نوڙ - واڇه.

● وارڻ ۽ وارڻ: ذ. (سن. وهس) هاڻي.

● وارڻ: مصدر. (سن. وادَ = ڏيڻ ۽ ميڙائڻ) ليڪائڻ. (رقم) وارڻ - بند ڪرڻ - چڪتو ڪرڻ - رد ڪرڻ. موڙائڻ. ليڪ پائڻ - ترڪڻ - سنڊا ڪيڻ - ليڪا پائڻ. روڪڻ - ٻڌڻ - جهلڻ - هٽائڻ - الڪار ڪرڻ. (سن. وَرْتَ = گول) وراڻ - وري ڪٽي وڃڻ. لهڻ. منع ڪرڻ - ٽارڻ. (پرا. واهترءِ = شرڌا مان چوڻ. سن. وِ ياهرْ) ڪيي ڇڏڻ. ٽيوڙ ڪرڻ - هار رکڻ - نوارڻ. (ميڙتا ۾) ڪا شيءِ مٽي تا گهوري ڏيڻ قربان ڪرڻ - صدقي ڪرڻ - ٻلهار ڪرڻ. ميڙتا ڏيڻ (ٻاس ٻاسڻ سان). لڳائڻ - ارهن ڪرڻ - والارڻ. گهر جي پرسان ٻيل زمين هٿ ڪري پنهنجون حدون وڌائڻ. فدا ڪرڻ. پنهنجي عزت وڌائڻ - وراڻ - واپس موڙائڻ. قبول ڪرڻ - (ڏينهن مقرر ٿيل) ملهائڻ. ارادو ڪرڻ - تيار ٿيڻ (سن. وري = چونڊڻ) پسند ڪرڻ. چونڊڻ. پنهنجو ڪرڻ. نشان ڪرڻ. وسارڻ - آتلائڻ. (سن. وايَ = واءُ). هوا ڏيڻ - وائرڻ - چنڊڻ (اناج). (واريو - واريندو - واريل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وارڻ پارڻ: ڪارائڻ پياريڻ.
- وار ٽي: ث. ڪن هنڌ و ڏالن جي پٽ جهڻ تي ڪير پيڻ ڪان ايستائين بندش رکڻ (ساڻ سڳڻ سبب) جيستائين ڪنهن مقرر ڏرمي جاءِ تي وڃي اجازت ونڻ. ڪنهن سان مقرر ٽيل وقت تائين ڪنهن سان ڪاڏي پيتي يا ڪم ڪان پاڻ رهڻ. ڪنهن به شاستر جو يڪي سر پُورو پاٺ ڪرڻ.
- وارُو: ويل - ويندڙ - وري ورڻ وارو - موٽندڙ.
- وارِي: ورائپ - ڦيرائي - وري - موٽائي - گهرائي. ٻيهر - دوباره.
- وارِي ڇڏڻ: ورائي ڇڏ - هٽائي ڇڏ - دل تان لاهي ڇڏ.
- وارِي وِجهڻ (ڪ): ذ. پرهيز ڪرڻ.
- وارِيو ۽ وارِيا: موٽايو - هٽايو - ڦيرايو. ماٺهوءَ جو نالو.
- وارِين: ورائين - شال موٽائي آڻين.

"واريين سي والسي، هينڊو جنين هٿ ڪيو"
(سهڻي - شاهه).

- وارِٽي ۽ وارِٽيون: ث. برهمڻ جو شاستر پڙهي ختم ڪرڻ واري حالت. هندن ۾ ٻار جهڻ ڪان پوءِ ڪير وغيره ورهائڻ. ڪُرپي - ٽِڦڻي. آٽلاڻي.
- وارو ۽ وارا: ذ. (سن. وار) وقت - ٽاڻو - ويلو - فرجو - پرڪو - ويرم - سمون - ايام - ڪجهه وقت وات سان ڳائڻ بند ٿيڻ ۽ رڳو سازن جو وڄڻ. تپ جو هڪ قسم (جو هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن ايندو آهي). عرصو - زمانو - ويهر - پيرو - ويل - نوبت - صاحبي - وارو - ايام ڪاري.

"واري ولو راءِ جي سڻ تون حقيقت هيءَ".

ڪُشتيءَ جو هڪ داءُ. (ظرف). البت. عمل. موقعو - وجهه - اوڪاش - سُڪند - مهل - موسم. فرصت - گهمرو - دفعو - لڳو - پرڪ - مدو - ميعاد. ملهه جو هڪ انگ. بخت - قسمت - نصيب - پاڳ. ڪوس پرچي ڦرهڙيءَ تي اچي تہ چٽبو وارو. سوئر جي اچڻ وڃڻ جا ڦيرا. (حرف اضافت) جو - سَڏو ڏڪ - پناهه - واهر - مدد - واهر لاءِ دانهن - فرياد - گهوڑا گهوڑا - هاءِ هاءِ.

"دوا آهين دل جي، وارو واقف ڪار"
(آبري - شاهه).

(ذ). ڪيڻين جو هڪ قسم.
- وارا جُماراڻ: ڪڏهين ڪهڙو وقت ڪڏهين ڪهڙو. وقت - ويل. (گذريل عمر ۾) لاها چاڙها - گرميون سرد يون - ڏڪ سڪ - اهنج سهنج.
- وارا ڦيرا: وجهه - موقعا - مهلت.
- وارا ڪَرَڻ: حملا ڪرڻ - آلرون ڪرڻ - مٿا هُڻون ڪرڻ - وري وري اچي سرتي ڪوڪڻ - هردم ڏڪ ڏيڻ - هر وقت مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ. آفت آڻارڻ.
- وارا ڪيئو وِيَن: شل واري واري تي وڃڻ نہ ڏسي هڪ موسم ۾ تہ ميهار وٽ ڪير موجود رهي! (سهڻي - شاهه).

"ڪاريون ڪَڪيون ڪنديون وارا ڪيو وِيَن"
(سهڻي - شاهه).

- وارا ڳٽڻ: سوئر جي اچڻ وڃڻ جا ڦيرا ڳڻڻ.
- وارا وَڃائڻ: حڪومت ڪرڻ - بادشاهي ڪرڻ - موجون ماڻڻ - مزا ونڻ.
- وارائِتو ۽ وارائِتا: واري وارو - واري تي - پوري وقت تي - ٽيڪ دفعي. ٿوٻتي (تپ) - واري جو (تپ) واري ۾ يا ساهيءَ ۾ ڇڏيل زمين (جنهن کي هڪ سال يا وڌيڪ عرصو ڇڏيو ويندو هجي). مقرر وقت جو - مقرر ڦيري جو. گهمرن يا ڦيرن سان. هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن تي ايندڙ (تپ).
- وارو اچڻ: وجهه لڳڻ - موقعو اچڻ. ڪجهه هٿ لڳڻ - فائدو حاصل ٿيڻ - لاڀ پوڻ - نفعو ٿيڻ.
- وارو ڏِيَڻ: وجهه ڏيڻ - فائدو ملڻ. راند ۾ وارو ڏيڻ. ٻيڙيءَ کي ورائڻ. ٻئي کي زور لڳائڻ لاءِ وجهه ڏيڻ.
- وارو ڪَرَڻ: ملهه ۾ داءُ ڪرڻ. سعيو ڪرڻ - ڪوشش ڪرڻ. جهٽ ڪرڻ - پنهنجو هنر هلائڻ.
- وارو لڳڻ: نصيب کُلڻ. پاڳ ڦِرڻ. وڏو فائدو ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وارو وار: هار هار- وري وري - پيري پيري سان - وَر وَر ڪري.
= وارو وارڻ: چڙهي يا هوڪو ڪوهه ۾ وڃڻ.
= وارو وار مڇائڻ: تنگ ڪرڻ - عاجز ڪرڻ - پريشان ڪرڻ. خراب ڪرڻ - بدنام ڪرڻ - رسوا ڪرڻ.
= وارو وَٽي ڪرڻ: ڪم ۾ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ.
= وارو وَڻڻ: همراهي ڪرائڻ.
= وارو وَڃائڻ: ڏهڻي سان وقت گذارڻ. حڪم هلائڻ. ڏاڪو وڃڻ. عمر جا ڏينهن پورا ڪرڻ - پنهنجي فرض ادائي ختم ڪرڻ.
= وارو وَرڻ: بخت ڪُلڻ - قسمت ڪُلڻ - نصيب ڪلڻ - پاڻ ڀڙائڻ. اوج ۽ اقبال کي رسڻ - ستارو چمڪڻ - ورق ورڻ - بُلند درجي تي پهچڻ.
= واري: ظرف. گهمري - پيري - موڙي - وري - ورائي.
= واري: ث. گهمرو - وقت - وارو - وڃه (ظرف). موڙي - وري.
= واري واريون: ث. پيري - دفعي - گهمري. حق ۾.
"مومل جي واري، ڪهڙ چاڻان ڪه ٿيو"
(مومل راڻو - شاهه).
وري - ٻيو پيرو - ورائي. ورو ڪڙ ڏيڻي - پيچ ڏيڻي. جڳائي - مناسب.
= واري آڇڻ: پيٽ ۾ پورو اچڻ - ننهي نڪي اچڻ - مشابهت ۾ پورو اچڻ - حساب ڪتاب ۾ پورو اچڻ.
= واريلو: واري سان تپ اچڻ - هڪ نه ٻئي ڏينهن تي تپ اچڻ.
= واري ۾ آڇڻ: وڃه ۾ اچڻ - موقعي ۾ اچڻ.
= واري وَٽي: واري سان - نمبر سان - نمبروار - هڪٻئي جي ٻيهر. قاعدي موجب. حق ورهاست سان.
= واري وَٽيڙي: پهاڻ - سهيلي - چنال - فاحشه - بدراهه. (طعني جو لفظ).

= واري وَڃائڻ: همت ڏيکارڻ - حڪومت ڪرڻ.
= واريون وارڻ: ڏينهن مقرر ڪري ڇڏڻ - وارا ٻڌي ڇڏڻ.
● وارو ۽ وارُو (ڪ): ذ. (ف. واهه + رو) سار لهندڙ - سنڀال ڪندڙ - وڙ ڪندڙ. مددگار - واهرو. ورائيندڙ. شڪار کي ٽاهڻ. مڇي ڦاسائڻ لاءِ رڄ جو هڪ قسم. موٽندڙ.
● وارُوچو: ذ. وارن صاف ڪرڻ جو برش - وارُوچو.
= وارُوچو: ذ. وارُوچو.
● وارَهِ: اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● واري ۽ واريُون: ث. (سن. بالڪني = واري) ريگ - ريتي - ڪَڪري - سنهي ڪري - ڪنڪيري. واري. اڇي، ڳاڙهي رنگ جي ٽيندڙ - چمڪندڙ واري. گهمرو - ڦيرو. موج - مزو - لطف. قربان - صدقي - ٻلهار.
= واريا سو ۽ واريا سا: ذ. واريءَ وارو - ريگ وارو - ريتيءَ وارو - ڪنڪيريءَ وارو - سنهي پٽڙي وارو. واريءَ سان مليل.
= واريءَ جو ڪوٽ آڏڻ: بي فائدي گالهه بابت خيال ڪرڻ - اجايا پَهه پچائڻ - نه ٽيڻ جهڙيون گالهيون ڪرڻ - پنهنجا ناهه ناهڻ - من گهڙت افسانه ٻڌائڻ.
= واريءَ جيءُ مُٺِ هُٽَڻ: گهٽو جتاءُ نه ڪرڻ - گهٽو وقت نه هلڻ.
= واري ڪُٽَڻ: بخت وڃڻ - نصيب ڦِٽڻ - پاڻ ڦِٽڻ - مصيبتن ۾ اچڻ - مشڪلاتن ۾ پوڻ.
= واري وَڃڻ (ڪ): بخت ڦِٽڻ - قسمت رُسڻ - ڏکن ڏومن ۾ اچڻ - ڏڪن ڏاڪڙن ۾ پوڻ.
= واري وَرڻ: بخت ڪُلڻ - پاڻ ڪُلڻ - نصيب ڪُلڻ - قسمت جو ساٿ ڏيڻ. ڊهڻي وڃڻ.
= واري وَسائڻ: هاءِ گهوڙا مچائڻ - شور غُل مچائڻ - رڙيون ڪرڻ - ٻيٽون پاراتا ڪيڻ.
= واري ويڙ وَرِي وڃڻ: ڪجهه به ٿي ٻوي هرگز نه مڇڻ - پنهنجي ضد تان نه لهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وار يارو: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه. جو نالو.

● وار ياسو: اسم خاص. تعلقي سوري، تعلقي نوابشاهه، تعلقي دادو، تعلقي جيمس آباد، تعلقي شاهبندر، تعلقي ٽنڊي الهيار، تعلقي ڪڙهي ياسين، تعلقي ميهڙ ۽ تعلقي قمبر ۾ ديهن جا نالا.

● وار يانُ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واڙ ۽ واڙُونُ: ث. (سن. وات = واڙو). ٻڪرين يا رڍن جي ڏکڻ جي جاءِ. لوڙهو. پَنيهر. مُهاڙي. ڪڪائين جاءِ جي چوڌاري ڪَنڊن ۽ ڏنگرن جي پناهه چوڌاري ٻڌڻ. رکب. بچاءُ. جناڪ.

"وهُسن واڙي قسل جڏهن محبتي سچ لاءِ."
(يمن ڪلياڻ - شاهه)

- واڙو ۽ واڙا: ذ. (ف. باره = ديوار، شهر پناهه). مينهن ڏڪين جو وٽاڻ. لوڙهو - بند - ڏَڪ. ديوار. شهر پناهه. ڪچهه جو ٻوٽو. گار جو هڪ قسم (ڏيد واڙو).

● واڙُلُ ۽ واڙَلَ: ذ. هوا سان پريل ڪوڙهو جو ڪچيءَ ۽ بدن جي مٿين حصي تي ٽٽي ۽ سور نه ڪري.

● واڙَلو ۽ واڙلاَ: ذ. زيور جو هڪ قسم - ڪڙولو - هَسُ.

● واڙَنُ: مصدر. گڏڻ - گڏ ڪرڻ - ڪني ڪرڻ - ميڙڻ - وٽورڻ. (واڙيو - واڙيندو - واڙيل).

- واڙو ۽ واڙا: ذ. (سن. وات = واڙو. ف. باره = ديوار، شهر پناهه). وٽاڻ - جاءِ - لوڙهو - ڏَڪ. ڪاري جي ٻيڙيءَ جي حصي جو هڪ قسم، ٻاڦيءَ واري طرف. پاسن ڪان جانبدار ڪاٺ هيٺ وچ وارا ۵-۶ ٻاسا (ڪ-ل). (اسم خاص). پرت جو هڪ قسم، (قسم: طوطائون، گلهايون - ٽِڪُن ۽ منڊ جو واڙو).

- واڙي واڙي (ڪ): ٻڪرين ڪي وٽاڻ ۾ وڃڻ لاءِ ٻڪرار جي هل - نالا.

- واڙِيُ ۽ واڙِيُونُ: ث. پاڇين وغيره جي ٻوڪ - گدرن ۽ ڇانهين جي ٻوڪيل زمين جي حصي کي ٻ چون. باغ - اولاد - آنس - ٻچو - ٻُڌاڙ - آڏ - ڪِير - ڇٽي - جڙ - سنتان.

● واڙِيُ: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واڙِيارو: اسم خاص. ڏوري جو هڪ قسم.

● واڙِيري (ڪ): وڏي قرواري ٻير.

● واڙِيُ قُسَ: ولين جا گل جي اڪثر ڪري زرد رنگ جا ٿين ۽ خصوصن صبح جي وقت چڱو نماڻ ڪن.

● واڙِيلَ (ڪ): اسم خاص. ٻير جي وڻ جو هڪ قسم، صوفي ٻير جو وڻ. ٻنيءَ واري ٻير.

● واڙُ ۽ واڙَ: ذ. ڪليل - ظاهر.

- واڙَ تهي ورائِينُ: سڏي رستي تي ورائڻ - ڏنگهي ڪي سڏو ڪرڻ.

● واساڙو ۽ واساڙا: ذ. ڪاڪوصاحب - نڪته چين. ڏُوپ ٻارڻ جو ٽانوُ. واس ڪرڻ جو ٽانوُ.

● واسامو ۽ واسامَا: ذ. (سن. ٻاسَنْڪَ > وَسُ = رهڻ). آرام - راحت - ساهي - ڏاهو - قرار - سُک - وسرام - آسائش - سانت - ٽانهر - سامت - ڏيرج. جمعيت. فرحت - ڳڻتي - فڪر - ارمان - افسوس - گهنگهور - مونجهارو - آڏمو. گهٽ.

- واسامَا ڳائِينُ: ڳڻتيون ڪرڻ - خيال ڇائڻ - دليل ڏوڙائڻ - پڇ ڇائڻ. ڪنهن جي وات نهارڻ - ڪنهن جي اونهي يا اوسيڙي ۾ ويهڻ.

● واسانگو ۽ واسانگا: ذ. وقت - وجهه - وارو - موقعو - ويل - مهل - ويرو - عرصو.

- واسانگا ڳائِينُ: شڪ ۾ ويهڻ - اوني ۾ ويهڻ - اوسيڙو ڪيڻ - انتظار ڪرڻ. منتظر ٿيڻ.

● واسِتُو ۽ واسِتُو: ذ. سچ - صحيح - ڪرو - ٺيڪ. حقيقت - آتما.

- واسِتِيُنَ ۽ واسِتِيُنُونُ: ث. واستني - اونداهي رنگ ڪِلي يا سَر، جنهن مان قلم ٺهن.

- واستيني: واستين - ڪانهه - سر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● واسِدُ يُو: اسم خاص. هندن ۾ هڪ ماڻهوءَ جو نالو.

● واسُ: ذ. (ف. باش، سن. وَشْ = رهڻ يا وسڻ). رهڻ جي جاءِ - مقام - ويهڪ - ٻيڪ - خلوت جي رهائش - ايڪانتي - ٻيڪ.

● واسِيُ: ذ. صفت. رهاڪو - رهندڙ - ٻيڪي.

● واسِرائِيڻُ: مصدر. انتظار ۾ ترسڻ - اوسيڙڻ - اون ڪرڻ - ٻيڇيءَ سان انتظار ڪرڻ - اوسيڙو ڪرڻ. لاپ پهچائڻ. ڪنهن تي ايڇپو رکي ڪجهه ڪرائڻ. لاپ هٽ ڪرڻ - ڪنهن مان وٺڻ ڪڍڻ. (واسرايو - واسرائيندو - واسرايل).

= واسِرو ع واسِرا: ذ. آس پاس جو ڦهلاءُ (ٻُوءِ يا مرض وانگي) - غلبو - زور - رواج - ڦهلاءُ. امڪان - پکڙيل - انديشو. ڪليل - ظاهر - واڪو. هوادار - هوادارو. ڪليل هوا وارو. هنڌ - ٽڏڪار. هوا. ٻُونءِ واسرو - پواسرو.

= واسِرِيُ ع واسِرِيُونُ: ث. چيلهه سان ٻڌل ٻيسن جي ڪوٽري.

● واسِطو ع واسِطا: ذ. ع. وسط = وچوارو). سبب - ڪارڻ - باعث - وجه. مراد - نيت - منورٿ - آرٿ - مطلب - مقصد - غرض - هارد وئي - ڏنڏو - ڪر - ڪرت. درميان - وچوارو - پورو پنو. لاڳاپو - نسبت - تعلق.

= واسِطي: جي لاءِ - جي ڪري - سبب ڪري. براءِ - خاطر.

= واسِطي خُدا جِيُ: خدا ڪارڻ - وات خدا جي - الله جي لاءِ.

= واسِطِيدارُ ع واسِطِيدارَ: ذ. لاڳاپو رکندڙ - واسطو رکندڙ - تعلق رکندڙ. مطلبي - غرضائو - آلڪائتو.

= واسِعُ: (ع. وسع). خدا تعالىٰ جو صفاتي نالو. پکيڙيندڙ - وسيع - وڏو - ڪشادو.

= واسِڪارڻ: مصدر. دانهن ڪندڙ - رڙ ڪرڻ. ڪوڪ ڪرڻ - رڙڻ - ٻاڪارڻ.

= واسِڪارَ ع واسِڪارُونُ (ڪ): ث. ٻڪريءَ جو آواز - ٻيڪاٽ.

= واسِڪاريُ ع واسِڪاريُونُ (ت): ث. ڪورين جي اوزار جو هڪ قسم، پ. سنهيون ڪاٽيون جي رڇ جي ٻنيان ٻهن ۾ تانيءَ وارن ڏاڱن کي سُنجهڻ ڪان بچائن ۾ تندن کي نمبروار رکن.

● واسِڪوتُ ع واسِڪوتَ: ذ. (انگ). ننڍو ڪوٽ - صدري. ڪوٽ جو هڪ قسم، ڇيڪو چيلهه تائين اچي. (ويست ڪوٽ).

= واسِڪوٽِيُ ع واسِڪوٽِيُونُ: ث. ننڍي ڪوٽ جو هڪ قسم.

● واسِنا ع واسِنائُونُ: ث. (سن. وَسْ = اڇا ڪرڻ). خواهش - مرضي - اڇا - منشا - ڀاوڻا - سڌ - ڪامنا - چاهه - دل - رُچي - آرزو - سنڪلپ - ارادو - نيت.

= واسِنِيُ: پتل جو ٽهيل برتن، جنهن ۾ گهه وغيره رکجي.

● واسُ: مصدر. (سن. واس = خوشبوءِ ڪرڻ). واس ڏيڻ - دونهون ڏيڻ - (لاش کي) سرهائيون مکڻ - واسڻ - سڳنڌ ڪرڻ - خوشبوءِ ڪرڻ. سرهو تيل وجهڻ. لوبان ڏوپ ٻارڻ - ڪُڪڙ ٻارڻ. ٻڪريءَ جي رڙ - دانهن - ٻيڪار. (ڪ). (واسيو - واسيندو - واسيل).

= واسَ ع واسُونُ (ڪ): ث. واسڻ جو آواز - (ٻڪريءَ جي) ٻيڪار - رڙ - دانهن.

= واسُ ع واسَ: ذ. خوشبوءِ دار يا ٻين شين ساڙڻ کان دونهون - خوشبوءِ - سڳنڌ - سرهاڻ - ڏوپ - لوبان - ڪُڪڙ - عطر. بوءِ - هانس. دونهون. واءُ سواءُ. هوا وڻڻ. ڪنهي هوا - سماچار - وهڪ - ٻيڪ. راءِ - پڌرائي - مشهوري. نيڪي. ڪنهن مورتي اڳيان ڏوپ ساڙي پوڄا ڪرڻ.

= واسارو: ذ. پٿر جو ٽاڻ جنهن ۾ واس ڏوپ ڪبو آهي.

= واسائِنُ: (ڪٽين جو اصطلاح). ڪپڙن کي مصالح ۾ سنڌ بعد سُڪائي آڏوڪو ڪرڻ - وٽ ڪڍڻ.

= واسِجِيُ وڇ: خوشبوءِ سان پُر ٽين - سڳنڌ سان ڀرجڻ - تيل سُرهو مکڻ - عطر مکڻ. مشهور ٽي وڇ - پڌرو ٽي وڇ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ واسُ ڏُوپُ: ذ. واس ـ خوشبوءِ ـ دونهون، عطر ـ سرهو تيل ـ لوبان. ڏوپ وغيره خوشبوءِ دار شيون ملائي پوڄا ڪرڻ.

ـ واسَنُ ڏُوهَنُ: واس ڏيڻ ـ واسڻ ـ دونهون ڏيڻ ـ لوبان ڏيڻ ـ اگربتي بارڻ. خوشبوءِ دار شيون جلائي، ڪنهن مورتيءَ جي پوڄا ڪرڻ.

ـ واسيٽِي: واس ڏوپ جي شين رکڻ جي ڪوٺري.

ـ واسُ ڪرڻ ـ خوشبوءِ ڪرڻ.

ـ واسُ وَنَسُ: مزو وٺڻ ـ چس وٺڻ ـ لطف وٺڻ ـ خوشبوءِ وٺڻ ـ سڱنڌ وٺڻ.

ـ واسَ وَرَنِيُونُ: واس سان ورتل ـ خوشبوءِ سان رتل ـ سڱنڌ سان پريل ـ سرهاڻ سان پريل.

ـ واسَ وَسائِيُ (ت): پتڻ. مار ڏيڻ ـ ڏڪوٽڻ ـ آزارڻ ـ اهنجائڻ.

ـ واسَ نَہ وَسَنُ (ث): پريم نہ رکڻ ـ محبت نہ ڪرڻ ـ پيار نہ ڪرڻ ـ عشق نہ ڪرڻ.

ـ واسَ وَسَنُ: ڏاڍو پاڳوسڻ ـ رحمت جو نزول ٿيڻ.

ـ واسِئُو ۽ واسِئا: سرهاڻ سان پريل ـ خوشبوءِ سان ڀُر ٿيل ـ واس وندڙ.

● واسَنُ ۽ واسَ (ث): ذ. ٻاسڻ ـ ٽانو ـ برتن.

● واسِيٽِيُ ۽ واسِيٽِيُونُ (ڪ): ث. چيلهه تي پٽسن ٻڌڻ جي ڪوٺري ـ پٽڻون ـ ٽيلهي ـ همياڻي ـ گولڪ. ڪيڪ ـ خزانو.

● واسُو ۽ واسا: ذ. (سن. وَسُ = رهڻ) رهڻ جي جاءِ ـ مڪان ـ هنڌ ـ آڪاڙو ـ گهر ـ جاءِ. ٻينڪ. جِنَّ جي لڳت. قائم ـ پائدار ـ جتاءُ ڪندڙ. ملُول. ٿر ۾ رهندڙ هندن جي ذات جو نالو. روپ. آبادي ـ بستي. ٻهاري جو هڪ قسم، جا سارين جي ڊيڄر تان تهن تارڻ جي ڪم اچي. گولائُو. (ڪ).

● واسُواڻِيُ: اسم خاص. هندن جو هڪ پاڙو.

● واسُوڙُو ۽ واسُوڙا: ذ. واساڙو ـ ڪائڪو صاحب ـ ڪتي چين.

● واسُو ڪَنڍوڙُو: اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ ڏيهه جو نالو.

● واسُونُ: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

● واسِيُ: صفت. (سن. ٻاسَ ـ ٻُوءِ) گهٽو وقت رکيل ـ ڪَندِي ٿيل ـ ٻاسي ـ ٻُوءِ واري.

● واسِيپُو ۽ واسِيپا: ذ. واقفيت ـ واسطو ـ لاڳاپو ـ تعلقات ـ رستو ـ ناتو (دوستيءَ جو).

● واسِينگُ: ذ. (سن. واسڪَ) ڪاري نانگ جو هڪ قسم ـ ڪاڏيهر ـ بشيهر ـ وسيهر. زهري سپ. ڪارو ڪٻرو.

ـ واسِينگَ وانگَرُ وِيرُ پائِيُ: جاني دشمن ٻنجڻ ـ انتقام وٺڻ کان نہ ٽرڻ ـ رت جو پياسي هئڻ. هر وقت نقصان پهچائڻ جي تاڙ ۾ رهڻ.

ـ واسِينگَنِ سانُ وِيرُ رَکَنُ: خراب ماڻهوءِ سان دشمني وڌائڻ ـ واهيات ماڻهن سان دشمني وجهڻ.

● واسِيندُو ۽ واسِيندا (ث): ذ. ٻُهاري ـ ٻُهارو ـ قريو.

ـ واسِيندِيُ ۽ واسِيندِيُونُ: ث. ٻُهاري ـ ٻُهارو ـ قريو.

● واسِيُ ۽ واسِيُ: ذ. گاهه جو هڪ قسم. مينهن جي موسم. سانوڻ جي وقت پوڻن تي ماڻ ڪاهي وڃي رهندڙ ماڻهو. پاروٽي ـ رات واري رکيل شيءِ. (ث). واس ڏيندڙ. مسافر. هردوسي ـ راهرُو. رهاڪو ـ رهندڙ ـ ساڪن.

● واشِنا ۽ واشِنائُونُ ث. (سن. واسنا) خواهش ـ خيال ـ مرضي ـ اِڇا ـ نيت ـ مراد ـ پاونا ـ سنڪلپ ـ سڌ ـ آرزو ـ تمنا.

● واشِنائِيُ ۽ واشِنائِيُونُ: ث. ٻُوءِ. ڏپ ـ ٻاس ـ واسُ.

● واصِلُ: ذ. (ع). ملڻ وارو ـ پهچڻ وارو ـ ملڻسار. آها رقم جا خرچ ٿئي ـ خرچ جي آڏار وارو پاڳو ـ ملندڙ ـ ملڻ وارو ـ شامل ٿيندڙ ـ حاصل ٿيڻ وارو ـ هٿ لڳڻ وارو ـ هٿ ايندڙ. وصول ٿيل ـ وصول ٿيندڙ ـ ملاقات ڪندڙ. (ذ). وَهيءَ (بنديءَ ۾) ۾ روڪڙ ملڻ وارو پاسو.

ـ واصِلاتَ ۽ واصِلاتُونُ: ث. ميلاپ ـ گڏجاڻي ـ شموليت. حاصلات ـ وصولي. ڪنهن جاگير جي پيداڻش. وڃ جو نفعو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= واصِلُ ٹِيڻُ: ميلڻ ـ گڏجڻ ـ ملاقات ٿيڻ ـ حاصل ٿيڻ.

= واصِلُ كَرَڻُ: ڪاتي لکڻ ـ ڪَنڊي لکڻ ـ آڏار ڏيڻ.

● واصِفُ: ذ. (ع. وصف) تعريف ڪندڙ ـ سنڌ جو مشهور شاعر محمد بخش جو تخلص.

● واضِحُ: ذ. (ع). صاف ـ ظاهر ـ روشن ـ ڪُليل ـ پڌرو ـ معلوم ٿيل ـ عام معلوم ـ چٽو ـ ساڪيات ـ ظاهر ظهور ـ صاف صاف ـ ونڪت ـ نشانبر ـ آشڪار.

● واطِئِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● واعِدو ۽ واعِدا: ذ. (ع. وعده) انجام ـ ٿوڻ ـ اقرار ـ ٻول ـ سُخن ـ وعدو ـ ٻرن ـ ٻرتگيا ـ وَچن ـ ڏَتُ ٻَتُ ـ ڪَٽ ـ عهد. دلاسو ـ اُميد ـ قبوليت.

= واعِدو ڏِيَڻُ: اقرار ڏيڻ ـ ٿوڻ ڏيڻ ـ پرن ڏيڻ ـ وچن ڏيڻ ـ زبان ڏيڻ.

= واعِدو كَرَڻُ: اقرار ڪرڻ ـ ٻوڻ ڪرڻ ـ قول ڪرڻ ـ انجام ڪرڻ ـ سخن ڏيڻ ـ پرن ڪرڻ ـ وچن ڪرڻ ـ زبان ڪرڻ.

= واعِدي خِلافُ: انجام شڪني ـ انجام جي برخلاف ـ ڪوڙو انجام ـ ڪوڙو ٻوڻ ـ ڪوڙو سُخن. ڪوڙو ٽيڪو.

= واعِدي خِلافِيُ: عهد شڪني ـ ڪوڙو انجام ـ ڪوڙو واعدو. بي وفائي ـ انجام شڪني.

= واعِدي شِڪَنُ: انجام ڇڏندڙ ـ انجام پورو نه ڪندڙ ـ سخن تي نه هلندڙ ـ زبان تي نه هلندڙ ـ قير گهير ڪندڙ.

= واعِدي شِڪَنِيُ: انجام جي ڇڪتڻي ـ اقرار نه ٻاڙڻ واري حالت ـ سخن ٽوڙيندڙ ـ ٿوڻ ٽوڙيندڙ ـ زبان تي برابر نه هلڻ واري حالت.

● واعِظُ ۽ واعِظ: ذ. (ع. وعظ = هن نصيحت ڪئي) وعظ ڪرڻ وارو ـ ناصح ـ نصيحت ڪندڙ ـ دين جي تلقين ڪندڙ. ڪٽڪ ـ پرچارڪ ـ منادُ ـ آهِ يشڪ.

● وافِرِ: ث. صفت. (ع. وفر) گهڻو ـ ڪثير ـ ڏينهين ڏير ـ سيهو ڪجهه ـ جهجهو. وڌيڪ ـ سرس. گهرج کان زياده. ڪار وارو مال ـ مٿو ـ جام ـ ٻَهُون ـ ريل چيل.

● وافِيُ ۽ وافِيُ: ذ. صفت. (ع. وفي) پورو ـ تمام ـ ڪامل. ڪافي ـ لائق ـ ٺيڪ ـ جوڳي (سزا) ـ بس ـ گهڻو سارو ـ جهجهو.

● واقِلِيَڻُ: مصدر. و. قِلڻ.

● واقِيَڻُ: مصدر. ڏاڙ هڻڻ ـ ٻڌاڪ هڻڻ ـ لٽهاڙ هڻڻ ـ پنهنجي ٻاڻ سارهه ڪرڻ ـ مشهوري ڪرڻ ـ پڌرائي ڪرڻ ـ ظاهر ڪرڻ ـ ڪولڻ. و. قِلڻ (نندڻ) ـ ڪ بڪ ڪرڻ ـ وڻ وڻ ڪرڻ ـ گهٽ وڌ ڳالهائڻ ـ بدفضيلتو ڳالهائڻ ـ بي ڍنگو ڳالهائڻ. (واڦيو ـ واڦيندو ـ واڦيل).

● واقِعُ: (ع. وقع) ٿيڻ وارو ـ ٽيندڙ ـ موجود ـ وقت تي ٿيڻ وارو ـ پيش ٿيڻ وارو ـ پيش اچڻ ـ ظاهر ٿيڻ ـ نمودار ٿيڻ. اصل. ڏانهن.

= واقِعُ ٿِيَڻُ: جاءِ ٿيڻ.

● واقِعاتُ ۽ واقِعاتِ: ذ. (ع. وقع) واردات ـ ماجرا ـ حادثو ـ روئداد حال ـ سرگذشت. ڳالهه ـ قصو. اتفاق ـ آپدا ـ آفت ـ مصيبت ـ حال. سختي. قيامت. موت. غضب ـ ڏک درد جو سبب. خبر ـ سماچار. لڙائي ـ جنگ. قتل ـ وفات. سختي.

= واقِعَهُ ۽ واقِعات: ذ. خواب. جنگ ـ حادثو ـ موت. سختي ـ قيامت جو زمانو.

= واقِعوُ ٿِيُ وَڃَڻُ: جنگ ٿي وڃڻ ـ حادثو ٿي وڃڻ.

= واقِعِي ۽ واقِعِي: ذ. في الحقيقت ـ درحقيقت. درست ـ سچ پچ ـ صحيح ـ برابر ـ پورو ـ ٺيڪ. اصل ۾.

● واقِفُ ۽ واقِفَ: ذ. (ع. وقف) ڄاڻو ـ ڄاڻندڙ ـ سڃاڻو ـ سڃاڻندڙ ـ آگاهه ـ مانجهيڙو ـ پيدي ـ محرم راز. ڄاڻ پڇاڻ ـ ماهر ـ واقفيت ـ مهارڪ ـ سهيو ـ ڏيٺ ـ پرچو ـ راز ڄاڻندڙ ـ پرچيوان. تجربيڪار ـ حالياڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ واقفڪارُ ع واقفڪارَ: ذ. ڄاڻو ـ سڃاڻو ـ آگاهه ـ سڃيت ـ هوشيار ـ سڃاڻ ـ خبردار ـ آزمودگار ـ تجربيڪار. جهان ديدو. ڄاڻو ڦاڻو.

ـ واقفڪاريُ ع واقفڪاريَونُ: ت. ڄاڻپ ـ سڃاڻپ ـ شناخت ـ آشنائي ـ جانچ. ڄاڻ سڃاڻ. تجربو. هوشياري. آگاهي. علميت.

ـ واقفيُ ع واقفيَونُ: ث. سڃاڻپ ـ ڄاڻپ ـ ڄاڻ ڦاڻ ـ مهاڪڙائي ـ ڏينهويٺ ـ شناس.

ـ واقفيتَ ع واقفيتونُ: ث. واقفي ـ ڦاڻ ـ ڄاڻ سڃاڻ ـ ڄاڻپ ـ پروڙ ـ خبر ـ معلوميت ـ شناسائي ـ مهاڪڙائي ـ آگاهي ـ اطلاع. علم.

● واڪ: ظرف. بلڪل ـ پٽيءَ ـ ڏاڍو ـ گهٽو ـ بنهه.

● واڪُ ع واڪَ: ذ. (سن. واڪيَ). لفظ. جملو. شبد. ٻولي. چوٽي ـ وچن ـ ڪلام. ٻول ـ گفتگو ـ انجام ـ قوُل اقرار ـ وعدو. ٻُڌندي ـ سگهه ـ طاقت ـ سمرٿي ـ وَسُ ـ پهچ ـ ٻَل ـ زور ـ وزن ـ توفيق. دسترسي ـ هلندي ـ ڦڙندي ـ وسعت ـ اختياري ـ چوڻ ـ ٻولڻ. ڦاڪو. مثل ـ آلاءُ ـ واڪيه. سراسر ـ مڙيوئي ـ بلڪل ـ نٽ ـ سيڪجهه ـ مڙيئي ـ سيئي گڏ. آواز. (سن. ونَڪَ). ور وڪڙ ـ پيچ ـ وٽ ـ وَر. ٿنهه ـ بلڪل.

ـ واڪُ ٿيڻُ: (ڪم ڪرڻ لاءِ) مائل ٿيڻ ـ راغب ٿيڻ ـ متوجه ٿيڻ. نيلام ٿيڻ ـ نيڪال ٿيڻ.

ـ واڪُ ڇيدُ: (گرامر ۾) ڇيد ڪرڻ واري حالت ـ جملي کي ٽُڪر ٽُڪر ڪري فاعل، مفعول وغيره ۾ ان جا لاڳاپا رکندڙ ڳالهيون ظاهر ڪرڻ. صرف و نحو جو اهو پاڳو جو ڏيکاري ٿو ته جملا ۽ جملن جا پاڳا ۽ لفظ ڪهڙن قسمن جا آهن ۽ انهن جو ٻاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي.

ـ واڪُ رَچنا: ث. واکن يا جملن جوڙڻ جو هنر.

ـ واڪُ ڏيڻُ: آواز ڪرڻ ـ ٻول ڏيڻ ـ (ليلام وقت) چوٽ ڏيڻ يا وڌيڪ پيسن جو آواز ڏيڻ.

ـ واڪُ نه ٿيڻ (ت): نه آڇهڻ.

ـ واڪيرُ ع واڪيرَ: ذ. واڪ ڏيندڙ ـ ڳالهائيندڙ ـ واکا ڪندڙ ـ رڙيون ڪندڙ ـ چڪيءَ سان يا وڏي واڪي ڳالهائيندڙ ـ ڪيهون ڪندڙ ـ زور سان آواز ڪندڙ.

ـ واڪڙ واڪڙ: ذ. شاڪو شاڪڙ ـ ريل جوآواز ـ انجڻ هلڻ جو سوسات ـ زون زات. ٽڪڙ ـ ٽيڪ ـ جلدائي ـ ٽڪڙائي ـ تيزائي ـ تيز رفتار ـ تڪي چال ـ تڪي هلڻي.

ـ واڪيهٔ: ذ. مثل ـ ٽوڙ ـ جملو ـ فقرو ـ قلم.

ـ واڪيُ ع واڪيُ: ذ. جملو.

ـ واڪيوگيُ حرف جملو.

● واڪڙيُ ع واڪڙيَونُ: ث. سوهاريءَ جو جو هڪ قسم.

● واڪَنُ: مصدر. (سن. واڪيهُ). ڳالهائڻ ـ واکا ڪرڻ ـ ٻڪڻ ـ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ. رڙيون ڪرڻ ـ دانهون ڪرڻ ـ ڪوڪون ڪرڻ. بلند آواز سان ڳائڻ. تڪو هلڻ. ڦيرائڻ. (واڪيو ـ واکيندو ـ واکيل).

ـ واڪُ ع واڪَ: ذ. سڏڻ ـ پڪارڻ ـ واکو ڪرڻ ـ ٻول ـ واک ـ آواز ـ هوڪو ـ واکو ـ رڙ ـ ڪُوڪ ـ دانهن.

ـ واڪِرُ ع واڪِرَ: ذ. گهٽو ڳالهائيندڙ ـ ٻڪ ٻڪ ڪندڙ ـ گهڻ ڳالهائو ـ آواز ڪندڙ ـ رڙيون ڪندڙ ـ دانهون ڪندڙ ـ ڪوڪون ڪندڙ.

ـ واڪو ع واڪا: ذ. (سن. واک > وَچ = ڳالهائڻ). وڏو آواز ـ رڙ ـ دانهن ـ ڪوڪ ـ آواز ـ هوڪو ـ ڪيڪ ـ ڪيڪاٽ. رڙو رڙ ـ گوڙ ـ شور ـ ٻاڪرڪٽو ـ ٻاڪر ـ ٻاڪار ـ ڪيهه ـ ريهه ـ ووهه ـ واويلا ـ ٻوڪ ـ ريهاڙ ـ راڙهه ـ گجگوڙ ـ وڏي سڏ پڪار ـ نعرو ـ حيلو ـ سعيو ـ ڪوشش. صفت.

ـ واڪو واڪارَنُ: دانهن ـ ڪوڪ ـ ڪيهه ـ ريهه ـ ريهاڙ ـ وائويلا ـ رڙورڙ ـ ٻاڪرڪٽ ـ ٻاڪار ـ ڪيڪ.

ـ واڪو واڪاڻ: دانهون دانهن. رڙ لائي ڏيڻ ـ دانهون ڪرڻ ـ رڙورڙ مچائڻ ـ گوڙ شور ڪرڻ ـ هُل ڪرڻ.

ـ واڪوڙو ع واڪوڙا: ذ. حلقو ـ آڏو ـ نعرو. قورو ـ ڪچي پٽ جو قورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ واکو واکاڻ ٻوٽ يا ٽيڻ: دانهن سچڻ ـ رڙ سچڻ ـ ٻاڪار سچڻ ـ گوڙ سچڻ ـ هل سچڻ ـ هوکو سچڻ ـ رڙورڙ سچڻ.

● واڪيءُ: ث. (سن. وَچ = ڳالهائڻ). جملو ـ فقرو.

● واڪيٽو: اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● واڪ ۽ واڪاڻ (ڪ): ذ. واندڪائي ـ فرصت ـ نوبڪلائي. ڪم جو سعيو ـ آدم. ڪوشش. واکاڻ ـ تعريف ـ ساراهه ـ صفت.

ـ واڪارو ۽ واڪاڙا: ذ. صفت. بڪواسي ـ بڪيو ـ ڪوڙ ڳالهائو ـ بد زبان ـ واتراڙو ـ واتير ـ زبان دراز ـ گوڙائتو ـ شورائتو. ڪم جو چڙڪو ـ ڪم ڪرڻ جو تيز ـ جلدائي وارو.

ـ واڪاري ۽ واڪار يَوُنَ: ث. جهيڙاڪڻ ـ واتيري ـ واترادي ـ وڌ واتي ـ گوڙ واري.

● واکاڻَ: مصدر. (سن. ويا کيان > کيا = بيان ڪرڻ) بيان ڪرڻ. واکاڻ ڪرڻ ـ ساراهه ـ تعريف ڪرڻ ـ صفت ڪرڻ ـ چَس ڳائڻ ـ وڏائي ڳائڻ ـ واهه واهه ڪرڻ ـ آفرين ڏيڻ ـ تحسين ڪرڻ ـ ثنا ڪرڻ ـ حمد ڳائڻ. (واکاڻيو ـ واکاڻيندو ـ واکاڻيل).

ـ واکاڻِ ۽ واکاڻُونَ: ث. (سن. ويا کيان > کيا = بيان ڪرڻ). ساراهه ـ صفت ـ تعريف ـ ثنا ـ ناموس ـ مشهوري ـ وڏائي ـ هاڪ. واهه واهه ـ ساک ـ آفرين ـ تحسين. خوشامد. ويد جي واکاڻ. وعظ.

● واڪُبُ ۽ واڪَبَ (ث): ذ. (ع. واقف جو بگڙيل). واقف ـ سونهون ـ ڄاڻو. آزمودگار ـ تجربيڪار ـ سمجهو ـ ڏاهو ـ سياڻو.

● واڪيڻُ ۽ واڪيڻَ: ذ. مڪر مڇيءَ جو هڪ قسم. بن کان ايڏائي فوت ڏکهي، ٽاڦياري سونڊ جنهن جي ٻنهي پاسي ڪنڌا رهن، رنگ هيڏو ميرانجهڙو.

● واڳ ۽ واڳُونَ: (سن. واگا). اٺ جي مهار ـ لغام ـ مهار ـ واڳ ـ ڏور ـ رسي. ٻنڌاڻ ـ نوڙي ـ چر جي ٻڌي جيڪا لغام ۾ لڳي. ڏور واڳ. قسمت ـ نصيب ـ پاڳ ـ بخت. اختيارين وڻڻ ـ قاعدا قانون هلائڻ. دعا جو وٺيل ڏاڳو. جٽيو ـ زنار.

ـ واڳِجڻَ: مصدر. واڳ سان ٻڌڻ. سلڻ ـ ڳنڍ جڻ ـ ٻڌ جڻ ـ وصال جي حالت ۾ هڻڻ. ڳڏيل ـ ملهيل ـ ڳنڍيل. قابو ٽيڻ ـ محڪم ٽيڻ ـ دوستي رکڻ ـ پائيوار ٽيڻ.

ـ واڳِجِيءُ وِيهَڻُ: ڳنڍ جي ويهڻ ـ ڳڏ جي ويهڻ ـ ڪلهوڪلهي ۾ ڏيئي ويهڻ ـ هڪ ٽي وڃڻ. روانو ٿي وڃڻ ـ سهي سنيري وڃڻ ـ تيار ٿي وڃڻ.

ـ واڳ ڇيڪڻ: گهوڙو سنجي روانو ٽيڻ ـ ٻردیس ڈانهن رخ رکڻ ـ مسافريءَ تي وڃڻ ـ وطن کان ٻاهر نڪرڻ ـ سهي سنيري روانو ٽيڻ ـ وڃڻ جي وائي کڻڻ.

ـ واڳ ۾ هٿ هڻڻ: ڪشش ڪرڻ ـ چڪ ڪرڻ ـ گهلي آڻڻ. دلين تي قبول ڪرڻ. حڪومت جو انتظام باقاعدي رکڻ ـ مليل اختيارن تي عمل ڪرڻ.

ـ واڳَنِ ۽ واڳِيٽِيُونَ (ڪ): ث. لغام ـ مهار ـ مهر ـ رسي ـ نوڙي.

ـ واڳڻُ وِڇهَڻُ: مهار وڇهڻ ـ لغام وڇهڻ ـ رسو وڇهڻ.

ـ واڳَ وارَڻُ ۽ واڳُونُ وارَڻُ: رخ رکڻ ـ منهن رکڻ ـ وطن ڈانهن ورڻ ـ اچڻ جو ارادو ڪرڻ ـ سهي سنيري نڪرڻ ـ گهوڙي تي سوار ٿي واپس ورڻ ـ (نصيب) واپس موڙڻ ـ موٽي ملڻ ـ ٻوٽي موٽائڻ.

ـ واڳُونُ وارُ: ٻوٽي موڙ.

ـ واڳَ هَٿُ ۾ رَکَڻُ يا وَڃَڻُ: اختياري پنهنجي وس رکڻ ـ اختياري پنهنجي هٿ هلائڻ.

ـ واڳِيُ: واڳ ـ ڏور ـ رسي ـ لغام ـ پٽي. نصيب ـ پاڳ ـ قسمت ـ بخت. نوڙيءَ جو ٽڪر جنهن جي پنهي ڇيڙين ۾ سرڪڻ ڦاهي ٽئي.

● واڳُ: ذ. (سن. وُيا گُهرَ). شينهن. چيتو. واگهه.

● واڳَنُ واريُ: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه. جو نالو.

● واڳِيڻُ: مصدر. (سن. واگا). واڳ ٻڌڻ ـ واڳ وڻڻ ـ واڳ وجهڻ ـ سلهاڙڻ ـ لغام وجهڻ ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڌڻ - قبضي ۾ ڪرڻ - ڏاوڻ وجهڻ. ڳنڍڻ - اٽڪائڻ - رسي سان پڌڻ - بند ڪرڻ . ٻيڙيءَ کي ڪناري سان پڌڻ . گهوڙي وغيره کي پڌڻ - لئڻ - هڪٻئي سان ڳنڍڻ - پاڻڻ . قابو پڌڻ .

- واڳيوُ ع واڳيا (ڪ): ذ. مشغول - وندريل - مصروف - رُڌل . ڳنڍيل - ڳڌيل . واڳيل .

- واڳيئِيلُ: رُڌل - مشغول - مصروف . قائل - ورتل .

● واڳيڙو: اسم خاص . شڪارپور جي پراڻي قلعي جي اٽن دروازن مان هڪ دروازي جو نالو.

● واڳيڙيُ: اسم خاص . تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● واڳُو ع واڳُو: ذ. (سن . وياگهر . ف . نهنگ) درياهي جانور جو هڪ قسم - واگهُو - نهنگ، هيءُ جانور گوهه جي شڪل جهڙو، پر اُن کان ڏگهو ۽ زوردار. پاڻيءَ ۾ رهندو آهي، هن جي چربي ۽ گوشت دوائن جي ڪم اچي.

● واڳُورِجَنُ: مصدر . وڙهڻ - وات پوڻ - جهيڙو ڪرڻ - ڏڦو ڪرڻ . (واڳورِيو - واڳورِيندو - واڳُوريل).

● واڳهِه: اسم خاص . تعلقي فيض گنج (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● واڳِيُ ع واڳِيئُونُ: ث . رسي - نوڙي - نوڙيءَ جو ٽڪر، جنهن جي هنهي پڇاڙين ۾ سرڪ ڦاهي ٽئي . (در بند ڪرڻ لاءِ) نڌي ڪاٺي يا ڪِلو، جنهن ۾ ٻڪريءَ جو ڦر ٻڌجي). (ٻيڙي جي ڳن کي هڪ جاءِ تي جهلڻ وارو) رسو . ايرينگ وغيره زبور کي جهلڻ لاءِ سُنهن وريل (ڪُنڊو). سُڪان کي جهل ڏيڻ لاءِ رسي (جا آڏ طرح ڪم اچي). پَٽ يا سُٽ جي تندن مان ٺهيل ڏورو، جو ٽيڪ يا جهل لاءِ هيٺان ٻن جهامڻين يا ٻڌن مان لنگهائي، ڪن مٿان ورائي، وري اچي هيٺين ڪڙيءَ ۾ ڦاسائجي.

- واڳِيُ وِيهارَنُ: مال جي ڦرن جو ٻُوٽ ٻڌي ڇڏڻ واري حالت . ڦرن جو رسيءَ سان ٻوٽ پڌڻ .

● واکهُ ع واکهَ: ذ. (سن . وُياگهرَ) شينهن - چيتو - واگهه - ببرُ. درياهي جانور جو هڪ قسم . ٻڙبوڻ - اشڪول - آفت - آهدا - مصيبت . (صفت). مهابلي - شهه زور - جُنگ - پهلوان - ڏهيسر - ارڏو - پاري - گرو - طاقتور - زورآور - سگهارو - سگهائتو - ستاڻو - زوردار - زور پريو - ڪرارو - زبردست - پلوان - پراڪرمي - جبرو - پڇيات - پهچ وارو . (اسم خاص). ذات جو نالو.

● واکها: اسم خاص . ذات جو نالو.

● واکهَڙهيُ: اسم خاص . تعلقي ڪنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● واکهِريوُ: اسم خاص . هڪ ذات جو نالو.

● واکهريجيُ: اسم خاص . تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واکهڙِ ع واکهڙِ: ذ. (تترن جي) وَلَر - پَرو.

● واکهڙجيُ جاگيِئُرَ: اسم خاص . تعلقي ديري مٺ ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● واکهُو ع واکهُو: ذ. (سن. وُياگهُرَ) پاڻيءَ جي جانور جو هڪ قسم (جو پٽ پَر سُرندڙن ۾ شمار ڪيو ويو آهي، اڪثر درياهه جي ڪپ تي ٻيو هوندو آهي، آنا لاهي واريءَ ۾ ڏکي) - واڳو. واگهه. ببر - چيتو.

- واکهُوءَ جي وات ۾ هُٿُنُ: بندش هيٺ هٽڻ - قبضي هيٺ هٽڻ - زبردست ماڻهوءَ جي هٿ هيٺ هٽڻ . زور ظلم ۾ اچڻ - جبر ۾ اچڻ - مصيبت هيٺ اچڻ - نقصان ۾ پوڻ - جوکي هيٺ اچڻ .

● واکهُوءَ ڏَرِ: اسم خاص . تعلقي ڪنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● واکهُو ڏَهوُ: اسم خاص . تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● واکهُوڙِيُ جاگيِئُرَ: اسم خاص . تعلقي ڪنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● واکهيرا: اسم خاص . هڪ ذات جو نالو.

● واکهيئُونُ: اسم خاص . تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● واگڻ ۽ واگڻَ: ذ. (سن. وَنْگنَ. ف. ساد نجان). پاڇيءَ جو هڪ قسم، ٻوٽي جو هڪ قسم، رنگ سوسنو ٽئي، اندر ٻج، اهي ڪاڙها ۽ اڇا گول ٽين.

= واگِٽائيِ: ذ. واگڻ جي رنگ جو- ڪاري پوري رنگ جو- رنگ جو هڪ قسم.

= واگڻُ ڏِيڻُ هڻڻَ مر: ڪجهه به نه ڏيڻ- انڪار ڪرڻ- ناهري وارڻ. ننون اکر وارڻ.

= واگِٽيِ: ذ. صفت. واگڻ جو- واگڻ وارو. واگڻ جهڙو.

● وال ۽ والَ: ذ. ماپ ڪرڻ جي اوزار جو هڪ قسم- هڪ گز- ٽي فوٽ ٽڪر- ڪپڙي ڪاٽڻ لاءِ ماپ.

ء والا: ذ. هاريڪ ريشم جو هڪ قسم. صفت. (ف. بالي. ع. عالا) اوچو- متي- اعليٰ- وڏو- بزرگ- بلند مرتبه.

= والاجاهُ: ذ. صفت. بلند مرتبي وارو- اوچي شان وارو- مان مرتبي وارو.

= والا شانُ: ذ. صفت. وڏي شان وارو- دٻدٻي وارو.

● والاڙَ: مصدر. (سن. وَر = وڻڻ) قبضو هٿ ڪرڻ. چونڊڻ. پنهنجو ڪرڻ. حد پڪيڙڻ. هٿ مر هڻڻ- مالڪي- متصرفي- قبضيداري. والارڻ- اڳ مر روڪي ويهڻ- قبضو ڪرڻ. چونڊڻ- چانڊڻ- چونڊ ڪرڻ. (والاريو- والاريندو- والاريل).

= والارَ ۽ والاڙُونُ: قبضو. چونڊ- چانڊ.

= والارَ ڪَرَڻُ: قبضو ڪرڻ- والارڻ- هٿ مر ڪرڻ. چونڊ ڪرڻ- چانڊ ڪرڻ.

= والارَ و ڇهڻُ: قبضي مر ڪرڻ- هٿ مر ڪرڻ- خريد ڪرڻ لاءِ اڳواٽ ڪوشش ڪرڻ.

= والارو ۽ والارا: ذ. ڪاهه. وَڇهڻ. لامارو. والارڻ جي حالت- ڪوڏنات- ڪسڪساءُ- نٽاڻ- گوهيِ- تار- آناڪاني. وَڇهڻ- وقت- وارُ- وَلُ- اوسر- سَڇهه- ساڇي- ڏڻ- موقعو- سڏو- سانگو- ڏَتُ. (پڪيءَ جو) جهٽ- لامارو.

= والارِيَلُ ۽ والارِيَلَ: ذ. نالي ٽيل- قبضي ٽيل- هٿ مر آيل.

● والِيٽُ ۽ والِيٽَ: ذ. (ع. وارِثُ جو اگڙيل) وارث- مالڪ- ڏڻي- مائٽ- عزيز- حقي حقدار. ورثي جو حقدار- آتراڌڪاري.

= والِيٽِيُ ۽ والِيٽِيُونُ: ث. مائٽي- وارثي. عزازت- قرابت- رشتيداري- لاڳاپو- تعلق- واسطو.

● وال ٻاهڙِيُ: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم- والور.

● والِڇَتِيُ ۽ والِڇَتِيُونُ: ث. ٻازن وغيره پڪڙڻ لاءِ سنهن وارن سان جار يا جاري يا گيندو جو هڪ قسم.

● والِدُ ۽ والِدَ: ذ. (ع). ٻيءُ- پيتا- ٻاپ- پيدر- ٻاهو- ابو- قبلہ گاهه.

= والِدَهُ ۽ والِدَهُ: ث. ماءُ- مان- امان- امي- جيجل ماءُ- مادر- امڙ.

= والِدَيُنِ: ذ. ٻيءُ ماءُ- ماتا پيتا. عزيز- اقربا- ميتُ مائٽ.

● والڙِهيا: اسم خاص. ٿر مر رهندڙ ميگهواڙن جي ذات جو نالو.

● والسِ آبادُ: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين مر هڪ ديهه جو نالو.

● والِڪِيُ ۽ والِڪِيُونُ: ث. ڪنن مر پائڻ جو سون وغيره مان ٺهيل ڪُهه جو هڪ قسم.

● والَمَ ۽ والَمَ (ث): ذ. مڙس- خاوند- ورُ- پتي- ڪانڊ- پٽار- گهر وارو- مالڪ- ڏڻي- ٻالم.

● والَنَبُ ۽ والَنَبَ: ذ. ٻالم- پيارو- محبوب- دوست. آرام- فرحت. آزاد.

● والَڻُ: وارڻ- ميڙڻ- وڃائڻ. وسارڻ.

● والوُ ۽ والا: ذ. (پرا. والهيٽه. سن. وَلُ) ڪنن مر پائڻ جو گهه جو هڪ قسم- وڏي والي. سينگار- سونهن. (ث). مڙس- ور- پٽار- خاوند- مالڪ- ڏڻي. اضافت جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ ٻچاڙي- جيئن: "الله والو وغيره".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ والِيُ ۽ والِيئُونُ: ث. ڪهڙ جو هڪ قسم.
● والُوٽُو: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● والوڙَ ۽ والوڙُنُ: ث. والار ڪرڻ.
● والِهاڻو ۽ والِهاڻا: ذ. ائٽ جو وٽو يا ٽڪ جنهن تي نڙو ڦيرائي ڏاڪو ويڙهجي.
● والهوٽا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● والِيُ ۽ والِيُ: ذ. (ع. ولي). سنياليندڙ. ڏاڻي ـ مالڪ ـ خاوند ـ آقا ـ سرتاج ـ حاڪم ـ بادشاهه. دوست ـ دَمِ پٽ ـ گهر ڏاڻي ـ پاڪيو ـ وارث ـ مددگار ـ حمايتي ـ محافظ ـ نگهبان. (اسم خاص). خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو. (ث). ڪهڙ جو هڪ قسم ـ ڪنڊ ۾ پائڻ جو ڪهڙ.
● والِيشاهُ: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وامَ ۽ وامُونُ (ڪ): ث. وڪ ـ قدم ـ ٽور ـ چال ـ هلڻي ـ چلت.
● وامُ ۽ وامَ: ذ. (سن. وامَه = ڪپو) ڪپو ـ ڪاهو ـ اڻ ٻورو ـ الٽو. ڪميٽو ـ ٽيڇ ـ هوڇو ـ اوڇو ـ مٺو ـ دُون ـ ڪمين ـ حقير. پَرُهه. جهڻ فوٽن جي ماپ جو ڪاڇو. ڪاري جي ناڪٽن جي اوزار سان سمنڊ جي پاڻيءَ جي ڪڍڻ جي ماپ.
. واما: ث. (سن. واما = اها نهر جيڪا ڪاهي پاسي وهي). زال ـ جوءِ.
ـ واما چارُ ۽ واما چارَ: ذ. تنترن جو مَٽو. وام مارڪ. وڇت جو هڪ قسم. هندڪي رسم جنهن ۾ گوشت ۽ شراب وغيره ڪم آڻيجي. بيهودگي ـ بي شرمائي ـ آگهاڙپ وارو (ناچ). بدفعل ـ بي شرم ـ بي حيا ـ زناڪار. حرامخور.
● واما چارِيُ: ذ. تنترن کي ميڙندڙ ـ وام مارگي. بيهودو ـ بي شرم ـ بي حيا ـ زناڪار. حرامخور ـ شرابي.
● وام مارَڪ (سن): هڪڙو مَٽو جنهن موجب پنج وڪار (مانس = گوشت، مڌ = شراب، مِينَ = مڇي، مدرا = پوري ڪچوري، مٿن = جماع) جي وسيلي مڪتي يا نجات ملندي آهي، انهي متي وارا وري انهن لفظن جون ڪجهيون معنائون ٻڌائيندا آهن) ـ تنترن جو مَٽُ ـ چولي مارگ.
ـ وامُ سارگِيُ: ذ. صفت. تنترن کي ميڙندڙ ـ واما چاري ـ چولي مارگ.
ـ وامُ سارگِيُ ٽِيئَنُ: خراب ڪم ڪرڻ ـ ڪُڌا ڪم ڪرڻ ـ گندا ڪم ڪرڻ ـ ڏوهه جهڙا ڪم ڪرڻ ـ فاحش ڪم ڪرڻ ـ اجوگو ڪم ڪرڻ ـ بي ڍنگو هلڻ ـ بيهودگيون ڪرڻ ـ بي شرمايون ڪرڻ. زناڪاريون ڪرڻ ـ حرامخوريون ڪرڻ ـ بدفعليون ڪرڻ.
● وامِقُ ۽ وامِقَ: ذ. (ع). عاشق جو نالو ـ عاشق ـ پريمي ـ محبتي ـ شيدائي.
● وامَنُ: (سن). پراڻن جي ڪٿا موجب هڪ اوتار (جنهن راجا بَلِيءَ سان ٺڳي ڪري ڪائنس سارو راڄ رات ۾ وٺي ڇڏيو).
● وامَنُ: مصدر. طوفان وغيره ۾ ٻيڙيءَ تان مال ڪيرڻ. ٻاهران سامان خريد ڪرڻ. درياءَ ۾ ڪيرڻ ـ سمنڊ ۾ ڪيرڻ. (وامِيو ـ وامِندو ـ وامِيل).
ـ وامِيُ ۽ وامِيئُونُ: ث. طوفان وقت ٻيڙيءَ تان ٻار هلڪي ڪرڻ لاءِ مال گي سمنڊ ۾ اڇلائڻ. سامان خريد ڪرڻ ـ وڪر وهائڻ.
ـ وامِيُ ڪرڻ: وامڻ ـ طوفان ۾ ٻيڙيءَ تان سامان لاهي پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ.
● وامِيو ۽ وامِيا (ڀ): ذ. بندرو ـ قد جو ڇوٽو ـ ٽنگيو ـ نديو ـ گهٽڪو ـ دِمي.
● وانُ: (امر) ـ وڃ ـ ونڃ.
● وانُ ۽ وانَ: ذ. وارو ـ جيئن "ڏَنِيوانُ". ڏنوارو ـ شاهوڪار ـ مالدار ـ دولتمند ـ سرمائيدار. رنگ ـ نمونو. (ڀ).
ـ وانڊُ ۽ وانڊَ: ذ. طرف ـ پاسو ـ ڏِس.
● وانڊِرو ۽ وانڊِرا (ل): ذ. جنهن جون ٽنگون ڏڪيون هجن.
● وانڊُور (ڀ): ذ. طوفان ـ واءُ ـ واڇ ـ هوا.
ـ وانڊُورِيُو ۽ وانڊُورِيا (ڀ): ذ. واپوڙو ـ زور واءُ ـ ڏاڍي هوا ـ طوفان ـ ڪهوڪهاڻي واڇ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وانڊَنُ: مصدر. (سن. وَنْدَ) وَنڊڻ - ورهائڻ - حصا ڪرڻ - پتيون ڪرڻ - پاڳا ڪرڻ - ورچ ڪرڻ - ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ. بخرا ڪرڻ. (وانڊيو - وانڊيندو - وانڊيل).

- وانڊُو ۽ وانڊا: ذ. پاڳو - حصو - پتي - ورچ - ونڊ. وراهه - پتيدار - ورچ وار - ورهاست. (سن. ونڊ) قسمت - پاڳ - نصيب - بخت.

- وانڊُو سَرَڻُ: حصو ملڻ - پتي ملڻ - پاڳو ملڻ - ونڊ ملڻ - بخرو ملڻ - ٽُڪرو ملڻ - هيرو ملڻ.

- وانڊُو وَڙَڻُ: حصو وڙڻ - ونڊ وڙڻ - پاڳو چڏائڻ - ٽُڪرو چڏائڻ - بخرو چڏائڻ. بهرو وڙڻ - ڪوشش وڙڻ.

● وانڊُو ۽ وانڊا (ڪ): ذ. پراءُ - وانڊو. ڏيڻ جو چارو. (ث).

● وانڊِيو: ذ. صفت. وشنو ولپ آچاريه پنٿ جو اهو نوڪر جو پرساد وڃي ورهائيندو آهي - پيٽيو.

● وانِ پَرْسَتُ ۽ وانِ پَرْسِتَ: ذ. (سن. وان پرست) آرين هندن جو ٽيون نمبر آشرم، جنهن ۾ هو گهر چڏي جهنگل ۾ وڃي رهن، اهو عمر جو پنجاهه کان پنجهتر سالن وارو عرصو ٿئي.

● وانڊَڻُ: مصدر. چڏڻ. ڌار ڪرڻ. جدا ڪرڻ. نظرانداز ڪرڻ. گذارڻ - لنگهائڻ. (ڏائيم) پاس ڪرڻ - (سن. وَرْجْ = تياڳڻ > وُجْ = تياڳڻ) چڏي وڃڻ - الڳ ڪرڻ - علحده ڪرڻ - جُدا ڪرڻ - پري ڪرڻ. چڏي ڏيڻ. لِڪائڻ - گُم ڪرڻ - غائب ڪرڻ. ديسر ڪرڻ - وسارڻ - بچت ڪرڻ - بچائڻ - ڪوڻ. وارڻ - نہ ٻڌائڻ. محروم ٿيڻ.

- وانڊَڻَ ۽ وانڊُڻُ: ث. نظرانداز ڪرڻ - خيال ۾ نہ آڻڻ جي حالت - چڏي ڏيڻ جي حالت. گذر - لنگهه - پاس ڪرڻ - گذارڻ.

- وانڊيڊَڻُ: نظرانداز ٿيڻ - خيال ۾ نہ اچڻ - حق ملڻ کان سواءِ رهجي وڃڻ. ڪنهن مال ملڪيءَ ملڻ کان رهجي وڃڻ. محروم رهڻ - رهجي وڃڻ - نہ حاصل ٿيڻ - نہ ملڻ.

- وانڊيو ۽ وانڊيا: ذ. ڏور - پري - ڪمراهه - نراس - ناآميد. چڏي ڏنل - چڏيل. ڌار - جدا - الڳ - علحده. رهت - رهيل.

- وانڊِيتَلُ: ذ. صفت. نظرانداز ٿيل. رهجي ويل. جنهن کي حق پلٽ نہ ٻيو هجي.

● وانجهَ ۽ وانجهُونُ: ث. (سن. بَنْدْ يا) اها زال جيڪا ٻار ڄڻ نہ جڻي - سَنڊ. سنڊ زال - قَنَدُ - قندي. سکڻي.

● وانجهار: ذ. شڪار جو هڪ قسم.

- وانجهوُ ۽ وانجها: ذ. ڇڙهو چانڊ - ننڍا اولاد - سنڊ. ضعيف - ڏهرو - سکڻو - سچو - ويران - نلهو. مسڪين - غريب.

- وانجهيِ پُٽُرُ: ذ. سنڊ جو پٽ. امڪان کان ٻاهر - اسنپو.

- وانجهيٽيلَ ۽ وانجهيٽيلَ: ذ. ناآميد ڪيل - نراس ڪيل. چڏي ڏنل - چڏيل - ڌار - الڳ - علحده.

- وانجهيو ۽ وانجهيا: ذ. ننڍا اولاد - اولاد کان سواءِ. سَنڊِيو.

● وانجهُ ۽ وانجهَ (ڪ): ذ. ڏکهو ڪاٺ. ٻيڙي وارن وٽ ڪم ايندڙ ڪاٺي.

● وانجهَ وَٽِي: ث. راند جو هڪ قسم - ونجهه وٽي. وات روڪڻ.

- وانجهيُ ۽ وانجهيُونُ: ث. ڏکهي ڪاٺي - وڏي ڪاٺي. ٻيڙيءَ جي هلائڻ لاءِ هڪ ڪاٺي.

● وانجهيِ ۽ وانجهيِ: ذ. (سن. سَنْدِيَ = وچ) وانجهه وٽي راند ۾ وچ ۾ والا رهندڙ يا وچ تي ٻهندڙ هاري. ونجهوٽي راند ۾ وچ يا ونجهه سنڀاليندڙ. ونجهه هلائيندڙ - ونجهه هڻندڙ - ٻيڙي هلائيندڙ. هارين راند ۾ ٽهيل وچين ڪهوڙي يا ليڪ. هارين راند ۾ ونجهه تي ٻيٽل پيچي - وانجهي وِيرُ - جوان مرد. هاڙهي - نگهبان.

- وانجهيِ ۽ وانجهيُونُ: ذ. لڪائي رکڻ - گم ڪري چڏڻ - غائب ڪرڻ. چڏي ڏيڻ - وساري چڏڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وانڇ ۽ وانڇُونءُ: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم. سخت هوا سان گڏ لٽ ـ طوفان ـ ڏاڍو واءُ ـ هوا ـ واڇوڙو.
ـ وانڇا ۽ وانڇا (ڪ): ذ. (سن. واچا) بول ـ واڪ. سُنهن ـ قسم ـ ڏوهي. ڪوڙو. ليکڻي جو هڪ قسم، جو فقير نانڪ جهلڻ لاءِ ڪيڏن.
● وانڇڻُ: مصدر. (سن. وَچْيَـ) پڙهڻ ـ مطالع ڪرڻ ـ آپياس ڪرڻ.
● وانڊو ۽ وانڊا: ذ. آجو. آزاد. خالي ـ سکڻو ـ ٺلهو ـ پالهو ـ بيڪار ـ نڪمو ـ فارغ. نڪمو ـ نِوڙو ـ ٻان ڪر ـ ڪر ڪان سواءِ ـ بي روزگار ـ بي ڪارو ـ ري ڪمو ـ اي ڪمو ـ فالتو ـ نسچنت. (سن. وَدْ = ڳالهائڻ) جهڳڙو ـ ٽنٽو ـ اٽڪاءُ ـ اعتراض.
ـ وانڊاڻ (ث): ث. وانڊ ڪائي ـ نويڪلائي ـ نڪمائي ـ سکڻائي. بي روزگار ـ بي ڪاري ـ فرصت ـ اڪيلائي.
ـ وانڊائِڻُ: خالي ڪرڻ ـ پالهو ڪرڻ ـ سکڻو ڪرڻ ـ واندو ڪرڻ. ڇڏي ڏيڻ ـ وساري ڇڏڻ. گم ڪرڻ ـ غائب ڪرڻ.
ـ وانڊائِي ۽ وانڊائِيَونُ: ث. وانڊ ڪائي ـ واندڪي ـ واندگائي ـ واندگي ـ فرصت ـ فراغت ـ نسچنتا ـ فرجو ـ وارڪائي ـ ڏَتُ ـ وارُ ـ نويڪلائي. بي شغل ـ بيڪار ـ بي روزگار.
ـ وانڊِ ڪائِي ۽ وانڊِ ڪائِيُونُ: ث. وانداڻي ـ واندڪي ـ فرصت ـ واندگي ـ نسچنتا ـ واندگائي ـ فراغت ـ وارڪائي ـ فرجو ـ وقت ـ وار ـ وارو ـ گم ڪان چٽل رهڻ.
ـ وانڊِ ڪِي ۽ وانڊِ ڪِيُونُ: ث. وانداڻي ـ فرصت ـ واندڪائي ـ فراغت ـ وار ـ نسچنتا ـ واندگائي ـ واندگي ـ ڏت ـ نويڪلائي ـ اڪيلائي.
ـ وانڊِ گائِي ۽ وانڊِ گائِيُونُ: ث. وانڊ ڪائي ـ نويڪلائي ـ واندگي ـ وارڪائي ـ اڪيلائي. فرصت ـ فراغت ـ نسچنت ـ ڏت ـ وار ـ وقت ـ فرجو.
ـ وانڊِ گِي ۽ وانڊِ گِيُونُ: ث. فرصت ـ فراغت ـ نسچنت ـ ڏت ـ وار ـ وقت ـ فرجو. اڪيلائي ـ وارڪائي ـ واندگائي ـ نويڪلائي.

ـ وانڊو مَلُ: ذ. بيڪار ـ بي روزگار ـ اڪيلو ـ نويڪلو ـ وارڪو ـ نسچنت ـ ڪر ڪان سواءِ ويڪل.
● وانڊو ۽ وانڊا: ذ. (سن. وَدْ = ڳالهائڻ) دانهن ـ رڙ ـ ڪُوڪ ـ ڪيهه ـ ڪيڪ ـ رِهه ـ فرياد ـ پُڪار. بحث ـ تڪرار ـ خرخسو ـ مناظرو ـ معاملو ـ غوغاءُ ـ هُل ـ ڪرڪل ـ غلغلو ـ ٽنٽو ـ فساد ـ رگهڙو ـ جهگڙو. وچوٽي ـ فرق ـ دشمني ـ ويـر ـ بغض ـ حسد ـ خلل.
● وانڊِ ۽ وانڊُونُ (ڪ): ذ. آٺ جي ڪچ يا ٻئي هنڌ ڪڏهين ڪڏهين ڳوڙهيون ٿيندڙ. ڳونڙو ـ ڦاٽ ـ واهڻ ـ بستي. (سن. وند) ورهاست ـ ورڇ ـ ورهاگو ـ وَنڊ.
● وانڊَنُ: مصدر. ورهائڻ ـ وندڻ ـ ورڇڻ.
● وانڊِ يُ: صفت. (سن. وند) شاديءَ مهل وند ورهائيندڙ.
● وانڊِيَ ۽ وانڊِيُونُ: ث. لانديءَ ـ مَنهُنُ ـ منهن ـ ڇنو ـ ڪڪائون گهر ـ جاءِ. ٻن ـ ٽن گهرن جي بستي ـ ڳوٺ ـ واهڻ. جهوپڙي ـ جهونگي ـ ٻونگي ـ اڪيلي جاءِ ـ ويران جاءِ ـ آٻاڪو هنڌ ـ هيڪل جڳهه ـ جهنگ جو وڻاڻ. ڊورو. وسوڙو هنڌ يا جاءِ. ٻوٽن ۽ ويران ٻاسن تي ڇنا اڏي رهندڙ ماڻهن جو ٽولو. مال جي سانگي ڪچيون جايون اڏي رهندڙ ماڻهو. ٻاڦ جو ڊورو. (ث).
ـ وانڊِيَ تِي ويهَنُ: مسافريءَ وقت مسافرن لاءِ ٽهيل ڇنن يا ڪچين لانديين ۾ ويهڻ ـ سفر ۾ هجڻ.
ـ وانڊِيتَرُ: آهو ماڻهو جو ڪچي لانديءَ ۾ ڪنهن سانگي ڪري وڃي ويهي. ٻوٽن تي ڇنا ۽ مَنهَن اڏي رهندڙ ماڻهو.
● وانڊِيُ ۽ وانڊِيَ: ذ. ڪاريگر ـ مزور. (سن. وَنْتَ = ڪنوارو) ڪنٽارو ـ ڇڙو ڇانڊ. اڻ پرٽيل. رَنڙ ـ اڪيلو. پهلوان ـ جوڌو ـ جُٽنگ ـ ڪُوهو ـ بهادر ـ ڪيرو ـ وانڊو.
ـ وانڊيا وهائِنءُ: بدپيشو ڪرڻ ـ بدفعل ٿيڻ ـ گناهن جهوڻن ڪمن تي ڪمر ڪشڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ وانڊو ۽ وانڊيا: ذ. اڻ پرڻيل ـ ڪنوارو ـ ڇڙهو ـ ڇالب ـ رنڊڙ ـ رنوڙ ـ اڪيلو. مزوريءَ تي ڪپڙا آڻيندڙ.

ـ وانڊيڙ ۽ وانڊيوڻ: ث. رنڊ زال ـ مڙس مري ويل زال ـ اڻ پرڻيل زال ـ آها زال جنهن جو مڙس نہ هجي. عيد جي ڏينهن ڪاڏو وغيره ورهائيندڙ زال. ڇڙهي ڇانب ـ اڪيلي. مينهن ـ ڏيکي، پهراڙي جو ڳوٺ، جاءِ هنڌ، مٿن ـ ڇتنو ـ لانبيدي ـ جهوپڙي ـ جهونگي ـ جهوپيڙ ـ جهڪي.

● وانڊيوڻ: ث. (سن. وَتسروپَ = هار جهڙو) مينهون ڪشون ۽ پيو مال. اهي زالون جيڪي مجلس وقت ڪاڏو ورهائين.

● وانر ۽ وانرَ: ذ. (سن. وانرَ = باندر) باندر ـ پولڙو ـ پولو (ث). پولڙي ـ باندري.

● وانسو ۽ وانسات (ث): ذ. ڪهاڙيءَ جو ڳڻ ـ ڪوڏر جو ڳڻ.

ـ وانسولو ۽ وانسولا (ث): ذ. واهولو ـ ڪاڻي ڳهڻ جو اوزار. وادڻ جي ڪر جو اوزار.

● وانڪ ۽ وانڪَ: ذ. بهادر ـ جنگ ـ جوڌو ـ ڪوهو ـ پهلوان.

● وانڪڻ: مصدر. (سن. وَنڪ = ڏنگو هڻڻ) ڇنڊو هڻڻ ـ لڏ ندو هڻڻ ـ ڏڪ ڪنڊو هڻڻ ـ ٽرڙائيندو هڻڻ ـ ڏوڏا ڪائيندو هڻڻ. اڏڻ لمڻ. ڳهمندي هيڏانهن هوڏانهن ٽيڻ. (وانڪيو ـ وانڪيندو ـ وانڪيل).

ـ وانڪَ ۽ وانڪَڻ: ث. هڻڻ ـ ٽور ـ قدم ـ وڪ ـ چال.

● وانڪَ ۽ وانڪَڻ (ث): ث. مڪڻ يا تيل جو ذرو پوڻ ۽ اوراڪ ڪي مڪي ڇڏجي، جئن پوڻ آواز نہ ڪري. (حرف جر). وانگي.

● وانگار ۽ وانگارَڻ: ث. هارپ جي ڪر ۾ مدد جو سڏ ـ سوال تي ڪر ڪرائڻ ـ ماني ڪارائي ڪر ۾ مدد ونڻ ـ مفت ـ بيگر ـ چيڙ.

ـ وانگارَ وَهَڻ: چيڙ وهڻ ـ بيگر وهڻ ـ مفت وهڻ ـ بنا آجوري جي ڪر ڪرڻ ـ ري عيوض ڪر ڪرڻ ـ سوال تي ٻرائو ڪر ڪرڻ. مفت ماني ڪائي ڪر ڪرڻ.

ـ وانگارو ۽ وانگارا: ذ. مفت ڪر ڪندڙ ـ چيڙ وهندڙ ـ بنا آجوري ڪر ڪندڙ ـ سوال تي ٻرائو ڪر ڪندڙ. مانيءَ تي ڪر ڪندڙ.

● وانگُرُ: ذ. وانگو ـ وانگي ـ وانگيان ـ (آنهيءَ) جهڙو ـ طرح ـ (تو) ٻارو ـ جنسي ـ ساڳيو ـ سَرَ ـ ساڳئي قسر جو ـ سرڪو. نمونو. تو جهڙو ـ آن جهڙو ـ وانگي ـ وانگيان. انهي دستور موافق.

ـ وانگو: پسند ڪرڻ ـ چونڊڻ ـ ڏاڻ ـ لائق سمجهڻ ـ مرضي ڏيکارڻ ـ دل ڪي وڻڻ.

ـ وانگيُ: پسند ڪرڻ ـ چونڊڻ ـ ڏاڻ ـ لائق سمجهڻ ـ مرضي ڏيکارڻ ـ دل ڪي وڻڻ ـ خواهش ڏيکارڻ ـ اڇا ڏيکارڻ.

ـ وانگهي: ظرف. وانگر.

ـ وانگيانُ: آن جهڙو ـ تو جهڙو ـ تو وانگر ـ تهڙيطرح ـ تو جيان.

● وانگوڙو ۽ وانگوڙا: ذ. (سن. وِيٽِيُ ٻروٽي) گٽيل وارن جو طرو. وارن جو ويڙهو ـ وارن جو مڇو ـ وار ٿاهي گڏي هڪ هنڌ ٻڌين پاسي مڇو ڪري ٻڌڻ واري حالت ـ چوٽيءَ واري گنڊ. ونگ ـ ڇڇ ـ وَرَ ـ وَڪڙ ـ قيرا ـ گهيرا. چوتو ـ چوٽي.

● وانگيُ: ساهه وارو ـ آدمي. انسان ـ پَهِرَ ـ قاصد ـ پيغامي ـ نياپو پهچائيندڙ ـ سنيهو ڏيندڙ ـ خابرو ـ خبر ڏيندڙ. وارث ـ وسيلو ـ واهرو ـ مددگار ـ همراهه ـ پانڌي. هڪڙو. جهنگ ٻرهندڙ ـ جهانگي. ڳاڙهو لاڻون ـ لاڻون ـ راند يکي جو هڪ قسر.

ـ وانگيُ لاڻونُ: راند يکي جو هڪ قسر ـ آواز ڪري ڦرندڙ لاڻون ـ تيز ۽ تکو ڦرندڙ لاڻون.

ـ وانگيُ ئيُ لَـ هُجَڻُ: ڪو انسان نہ هڻڻ ـ ڪا ٻهر نہ هجڻ ـ ڪو ماڻهو نہ هجڻ واري حالت، مددگار نہ هڻڻ ـ واهرو نہ هڻڻ ـ پيغامي نہ هڻڻ ـ خبر نہ پهچائيندڙ ـ نياپو نہ رسائيندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وانڱهائيءُ ۽ وانڱهائيَونُ: ث. تڪبي ۾ بدل نوڙيءَ جو ٽڪر.
● وانڱڻُ ۽ وانڱڻَ: ذ. (سن. ونگن) پاڇيءَ جو هڪ قسم - بادرنج - ڪر جو هڪ قسم.
● وانڱڻو ۽ وانڱڻا: ذ. آهو سئور جنهن جو قد وڏو، گردن موڪرو ۽ خصيا وڏا هجن.
● واناڻيُ (ڪ): اسم خاص. جبل جو نالو.
● وانو دوُ ۽ وانو دا: ذ. (سن. وائيو = واءُ) واءُ - هوا - پَوَن - واهوندو - وانهوندو - چوهيڪار. دم - بادي - ماه - مولر.
- وانو دا وَريا: هوا بدلي آهي. بدليل هوائون - اونهاري جي شروعات - گرم موسم جي شروعات - واهن ۾ نهرن ۾ پاڻيءَ جو اچڻ.
● وانو ڙَنُ (ث): مصدر. گهوٽ کي عزيزن جو ساڻي ڪارائڻ. (وانوڙيو - وانوڙيندو - وانوڙيل).
● وانهِ ۽ وانهُونُ: ث. ڪوهه. واهه - نهر - ندي.
- وانهِڪوُ ۽ وانهِڪا: ذ. پاڻيءَ جو نڊو وهڪرو - شاخ - نهر.
- وانهِنُ ۽ وانهِيَونُ: ث. وانءِ - نهرون - واهه - شاخون - ڪوهيون.
● وانهاڻُ: اسم خاص. هندن ۾ هڪ ذات (سري رام چندر جي ٻَٽ "ڪشن" جو اولاد). حلوائي - ڪوڙائي.
● وانهُنُ ۽ وانهُنَ: ذ. (سن. واس = رهڻ جي جاءِ) گوٺ - واهڻ - گام - ديهه - گونڍو - وسي - واهَڻ - بستي - وسندي - نڊو گوٺ - پهراڙي.
● وانهُونُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. (سن. وَنهِيُ) پوکڙي.
● وانهُونڊوُ ۽ وانهُونڊا: ذ. واءُ - هوا - پَوَن - واهوندو - چوهيڪارو. دم - بادي - ساهه - مولر.
- واهُونڊا وَريا: هوائون ڦري ويئون - هوائن جي ڦيرگهير - گرم موسم جي شروعات. واهن ۾ پاڻي جو اچڻ شروع ٿيئ.

● واڻ ۽ وانُونُ (ڪ): ث. ساپ جو هڪ نمونو. (جهوني زماني جو) ٻنهي ٻانهن جي ڏيکهه وارو مفاصلو.
- وانء ۽ وانيُونُ: ث. زمين ۾ کوڙيل کوهه وانگر کڏ، جنهن سان هوڪ کي پاڻي ڏجي. واهه - وانهن. کوهه. نهر - شاخ.
● وانُنڌِروُ ۽ وانُنڌِرا: ذ. (سن. وايُو = هوا) هوا جهڙو - تيکو - تيز - چست - چالاڪ - ڦرٽ - ڪڙو تڙو - جلد ڦٽاکو - تيز فهم - جوگند - سڌو هرو - ڀڪو - چوڪس - تکڙ - جهانجهرو - چڙڪ - ارجستو - ڦڙتيدار.
● وانُنڌَنُ: مصدر. (سن. وايُو = واءُ) جهنڊو ڏيکارڻ.
● وانُنڌُوُ: ذ. جهنڊو - ٻيرق. (ث. وانُنڌُني).
● وانُنڌُنيُ ۽ وانُنڌُنِيَونُ: ث. نندڙو وانڌو - ڏاڇا - نشان - جهنڊي - جهنڊو - هائنڊو.
● وانُهِيُ: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● وانُهُوتا: ٿوري ٿوري دير بعد اڪ آڻڻ وقت سُور جون سُوٽُون ٽيئ.
● وانُهُچُ: اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم، چلرن کان سواءِ ست پَر ۽ قد ۾ انچ.
- وانُهُچيُ: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
● وانُهُورَ ۽ وانُهُورَ (ڪ): ذ. سخت واڄ - تيز طوفان.
● وانِيُ ۽ وانِيَونُ: ث. رڪ - خاڪ - ڦُلهير - ڦلهيار - واري - چار - ڪيري.
● وانِيسترِيُ: ٻنهنجو گهڻ گهرو - مددگار - عزيز کان سواءِ.
● وانِ ۽ واڻِيَونُ: نندو گهوٽ - نندي بستي. ڪوهستان.
● واڻُ ۽ واڻَ: ذ. (سن. واڻ) مڇ جي نوڙي - پس مان وڻيل نوڙي - مڇَ. لڇ - ورت - وڏي - سُٽَ - تندُ. رسو - نوڙ. ڪٽ جو واڻ. (سن. واهَنَ > وهُ = وهڻ، هلڻ) پيڙي (خاص ڪري آها جيڪا سمنڊ جي ڪناري تي هلندي آهي). سمنڊ جو وڏي ۾ وڏو ٻيڙو - پيڙي - جهاز - دنگي. (ث).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● واٽيڻ ۽ واٽيڙ: ذ. سوداگر - واپاري - مال وڪڻندڙ.

● واڻ ڪائيي ۽ واڌڻ ڪهي لڳڻ: پيرسن ٽيڊ - عمر ڪان مٿي چڙهڻ - جهونو ٽيڊ - بزرگيء ڪي پهچڻ. ڏاڍو سڄو ٽيڊ - غريب ٽيڊ - پٺهارڪو ٽيڊ.

- واڻ وٿائيڻ: تڪليف ڏيڻ (ڪچي جو اصطلاح). پري آماڻڻ - ڏکيو رستو ڏيڻ - دور ڪيڻ - اهنج پهچائڻ.

● واٿاهيء: مادي آڻ جي ٿڻ تي ڪوٽري چاڙهڻ جيئن قرنڊائهي. جالنگ.

● واڻ ڪنڊ: اسر خاص. تعلقي ٿئي هر هڪ ديهه جو نالو.

● واڻ ڇڻي: ث. جاريء جو هڪ قسر (بازن ڪي قاسائڻ لاء).

● واڻائڻ: مصدر. واڻڻ جو ڪر پئي ڪان ڪرائڻ.

- واڻائي: ث. واڻڻ جي قيمت يا اجورو.

● واڻڪو ۽ واڻڪا: ذ. (سن. وڻج = واپاري) واپاري ماڻهوء جو- واڻين جو- هندن جو- واڻين وارو- هندن وارو.

- واڻڪو ساهء: ڍڇڻو- گيدي - بزدل - بي همت- ڪر همٿ.

- واڻڪو ڪٿو: سست - ڪاهل - بي همت - ڪر همٿ - ڍڇڻو - گيدي - بزدل.

- واڻڪي: ث. واڻڪو ڏرم.

- واڻڪي: واڻين جو - واڻين وارو.

● واڻڻ: مصدر. (سن. وِ = آڻڻ). واڻ سان مڙهڻ - آڻڻ - پڻڻ - جوڙڻ - ٺاهڻ - تيار ڪرڻ. (سن. وانَ). ملائڻ - جڙڻ - ٺاهڻ - ڳنڍڻ. منا ڪچي سان لڳائڻ - جهاري وڻڻ. (واڻيو - واڻيندو - واڻيل).

- واڻائي ۽ واڻيڻ: ث. ڪت واڻائڻ يا مڙهائڻ جي مزوري - واڻ جي مڙهائيء جي قيمت - مڙهڻ جو عيوضو - آجورو.

- واڻائي ۽ واڻائيڻ: ث. ڪوريء جو اوزار.

- واڻيندڙ: ڳڏيندڙ - جوڙيندڙ - مڙهيندڙ.

● واٽو ۽ واٽا: ذ. (پرا. وَڻ: سن. ورڻ). تختن جي چادر جي چت هر پيل تربز. (چت هر). پٽي - واٽو.

● واٽي ۽ واٽيون: ث. (سن. واڻي). ٻاڻي - پومي. هولي - وڻن - زبان - ڪٽا - لپي - ڳالهه هولهه - شعر - بيت. غيب جو آواز. هدايت - راهه. هٿر جي آها پهرين اوڙ چيڪا ٻج چٽڻ لاء نشان طور ڏني وجي.

● واٽيا: اسر خاص. هندن جي هڪ ذات. (ٿر هر رهندڙ ميگهواڙن جي ذات).

● واٽيان: اسر خاص. تعلقي مٿيء هر هڪ ديهه جو نالو.

● واٽياڻي: اسر خاص. تعلقي ڪپري هر هڪ ديهه جو نالو.

● واٽيچا: اسر خاص. تعلقي سيوهڻ هر هڪ ديهه جو نالو.

● واٽيو ۽ واٽيا: ذ. (سن. وڻج = واپاري). واپاري هندو - هندو دڪاندار. مهتو - هندو. دڪاندار - واپاري - سوداگر - هندو تاجر. (ث. واٽياڻي ۽ واٽياٽيون).

- واٽيو وَڪيل: ذ. (ع. بقال = بينه). ڪرار - هندو - بنيو - مهتو.

- واٽياٽي ۽ واٽياٽيون: ث. هندو عورت جو نالو - هندواڻي - واجاڻي.

● واوا ۽ واوا: اسر خاص. هندن جي هڪ ذات ۽ وانهان.

● واوٽ ۽ واوٽ: ذ. خبر رکندڙ - سڌ لهندڙ - سماچار رکندڙ - خبر گيري - سماچاري.

● واورَڻ (ڪ): مصدر. خرچڻ - وجائڻ - واڻڻ. (واوريو - واورينده - واوريل).

- واورِ جي وڃڻ: هوا لڳڻ - واءُ لڳڻ. خالي ٽيڊ. صاف ٽيڊ. چٽج ڏيڻ. واڪو ٽيڊ.

● واوڙاهٽ: اسر خاص. ٻساركي وڪر جو هڪ قسر.

● واوڙنڪ ۽ واوڙنڪٽ: ذ. ٻساركي وڪر جو هڪ قسر. هڪ ٻوٽو، جنهن جا ٻير دوا طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم اچڻ، ڪارين مرچين وانگي داڻا ٿيڻ، رنگ ڪارو، ذائقو ڪوڙو، تيز، جلاب ۽ ڪم اچڻ.

● واوڙ ينڊڙ: اسم خاص. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم.

— واوڙ ينڊڪ: اسم خاص. پساريڪي وڪر جو هڪ قسم.

● واوڪر ۽ واوڪر (ڪ): ذ. هارايل - ڪريل - هيٺ ٻيل. اجايو - فضول - بي قاعدي.

● واونا ۽ واونائون: ث. ٻڌي مهيني جي وڏي پارس - ٻڌي مهيني ۾ ١٢ تاريخ تي رکيل روزو.

● واونڊو ۽ واونڊا: ذ. (سن. وايسو = واءُ). اونهاري جي موسم جي شروعات - ٻاڦ جي چڙهڻ جا ڏينهن - بهاريءَ جي موسم - هوائن جي تبديل - ٿڌيون هوائون لڳڻ - واهوندا. واهه وهڻ - لهرون وهڻ - شاخون وهڻ.

● واوڻي ۽ واڻيون (ڻ): ث. پوکڻ - ڪيت - ٻني.

● واوو ۽ واوا (ڪ): ذ. مٽائي ٺاهيندڙ - حلوائي.

● واويلا ۽ واويلا: ذ. (ع. واليلا). هاءِ - افسوس - گهوڙا. دانهون - رڙيون - فرياد - آهون - ورلاپ - رودن - روڄ راڙو - غم - افسوس - هاءِ هاءِ - گهوڙا گهوڙا.

— واويلا ڪرڻ: آهون دانهون ڪرڻ - ورلاپ ڪرڻ. افسوس ڪرڻ - هاءِ هاءِ ڪرڻ - گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

— واويلا ڪرڻ: آهون دانهون ڪرڻ - ورلاپ ڪرڻ - روڄ راڙو ڪرڻ - رودن ڪرڻ. افسوس ڪرڻ - هاءِ هاءِ ڪرڻ - گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

— واويلا مچائڻ: شور ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ - غلغلو ڪرڻ - غوغائ ڪرڻ - دانهون ڪرڻ - گوڙ ڪرڻ - هاءِ هاءِ ڪرڻ - گهوڙا گهوڙا ڪرڻ. جلدي ڪرڻ - تڪڙ ڪرڻ - تيزي ڪرڻ - ڌم مچائڻ.

● واويلڙي (ڻ): اسم خاص. ول جو هڪ قسم.

● واهڙ ۽ واهڙ: ذ. پلارو - آچو - چوڪو - آتر - آتر - فائق - نهايت - عمدو - سٺو - سريشٺ. جس - آفرين - واکاڻ - ساراهه - تحسين. ناموس. خوب. مدد. وات. واهه واهه - شاباس - آفرين. واهه جي، خاصي روءِ رڳي.

● واهڻ (ف): نڊا. واکاڻ ۽ آفرين جو لفظ - شاباس. ڇيڻ. زه زه.

● واهڻ ۽ واهون: ث. (سن. وهڻ = حاصل ڪرڻ). آڻڻ - رستو - پڇاڻ.

— واهه واهه: آفرين - شاباس - جس. افسوس.

— واهه واهه ٻوڻ: ساراهه ٿيڻ - هاڪ ٿيڻ - ناموس ٿيڻ - واکاڻ ٿيڻ - گهٽي هاڪ. شاباس ٿيڻ - تحسين ٿيڻ.

— واهه واهه ٻڌڻجي وڃڻ: گهٽي ساراهه - گهٽي ناموس ٿيڻ - گهٽي واکاڻ - گهٽي هاڪ. شاباس ٿيڻ. انعام ملڻ - شرط کٽڻ.

— واهه واهه ڪرڻ: آفرين چوڻ - جس چوڻ - شاباس چوڻ. خوش ٿيڻ - راضي ٿيڻ - پسند اچڻ - دل کي وڻڻ.

● واهڻ ۽ واهون: ث. رستو - وات - گس - پنڌ - پيچرو - دڳ. پاسو - طرف - سگهه - سير. اوت - پڇاڻ - رکيا - حفاظت - سرڻ - سام - اجهو - آسرو - آڌار - پرجهلو. آڙ - پناهه - پناهه - حمايت - مدد - وسيلو. وجهه - موقعو - ڏات - سانگو - سٺو - ٽڻ - سمجهه. وَل - وار - اوسر. آڻڻ - رستا - پڇاڻ.

— واهڻ ٻڌڻ: مدد ڪولڻ - سهائتا ڏيڻ - آسرو ڏيڻ - مدد ڪرڻ - وجهه ڏيڻ - آڌار ڏيڻ - پرجهلو ٿيڻ - پڇاڻ ڪرڻ - پناهه ڏيڻ - حمايت ڪرڻ. موقعو ڏيڻ - ڏات ڏيڻ - ٽڻ ڏيڻ. رستا پچڻ - واٽون وڇائڻ - حيلا وسيلا بند ڪرڻ - نقصان پهچائڻ - ضرر پهچائڻ - بنياد کڻي چڙڻ - ناس ڪري چڙڻ - تباهه ڪري چڙڻ.

— واهڻ ڪڻو: رستا بند ٿيل - حيلا وسيلا بند ٿيل. نپاڳو - ڪم بخت - چنڊو - اپاڳو - بدقسمت. لاچار - محتاج - ضعيف. رولو - لوفر - بدمعاش - اوباش - چڙواڳ. لاوارث.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ واهڻ ڪٽي: نياڳي ـ چنڊي ـ بدبخت ـ اپاڳ ـ نامراد ـ ڪم بخت. رولاڪ ـ بدمعاش ـ اوباش ـ چنال. بهي ٺهري ـ بهي پهچ ـ بهي وارث.

ـ واهڻ ونڻ: پاسو ونڻ ـ طرف ونڻ ـ پرجهلو ٿيڻ ـ مددگار ٿيڻ ـ آڌار ٿيڻ ـ آڙ ٿيڻ.

ـ واهڻ وجائيڻ: رستا بندائڻ ـ حيلا وسيلا رد ڪرائڻ ـ نااميد ڪرائڻ ـ نراس ڪرائڻ ـ دڪدائڪ ڪرائڻ. دوستن کي ڦيرائي دشمن ڪرائڻ.

ـ واهڙون ڏيڻ: جهوتون ڏيڻ ـ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ ـ جهاتيون وجهڻ. ڪوششون ڪرڻ ـ حيلا وسيلا چانچڻ ـ رٿون رٽڻ. جاچ جونچ ڪرڻ ـ پڇاڳاڇا ڪرڻ. خيال ڪرڻ ـ ڦيرا ڏيڻ ـ گهمرا ڏيڻ.

ـ واهڙون ڳولڻ: رستا جالچڻ ـ انڪلون سوچڻ ـ تجويزون ڪرڻ ـ ڪوششون ڪرڻ ـ مٽا مونا هٽڻ ـ پهه پڇائڻ.

ـ واهڙون وجائيڻ: رستا بند ڪرڻ ـ گهٽ گهيڙ بند ڪرڻ ـ پنڌ پيچرا چڏائڻ ـ نقصان پهچائڻ ـ ضرر پهچائڻ. امداد نه ڏيڻ ـ مددگار نه ٿيڻ. ناهود ڪرڻ ـ تباهه ڪرڻ ـ فنا ڪرڻ ـ چٽ ڪرڻ.

● واهڙ ۽ واهيڙون (ڪ): ث. وڏو ڪوهه ـ واءِ. ڇڙڻي پاڻيءَ جو ڪوهه ـ وانءِ ـ وانهن ـ واهيون (قلندر جون) سيوهڻ اسٽيشن جي پرسان ڪن خاص ڪنڊن جو نالو.

● واهڻ ۽ واهه: ذ. (سن. وهه). ڪڙيو ـ ڪنال ـ واهه ـ شاخ ـ واهڙ ـ نهر ـ هٿراڏو ڪنهن ندي‌ءَ مان ڪوڙايل شاخ. نارو. درياءَ جو ڦاٽ.

ـ واهڻ پٽڻ: وڏي ڪم ۾ نه اٽڪڻ ـ ڪنهن ڏکئي ڪم کان نه ڇڄڻ. بهادر ٿي بيهڻ ـ همت ڪرڻ ـ گيدي نه ٿيڻ.

ـ واهڻ ۽ واهڙ: ذ. واهه ـ کسي ـ ڪڙيو ـ شاخ ـ نهر ـ واٽر ڪورس. درياهه مان نڪتل ڦاٽ نديو وهڪرو ـ ڦاٽ جو پاڻي، جو پاڻيءَ جي چاڙهه وقت نهايت تڪو هلندو آهي.

ـ واهڙ وهائيڻ: غريبن جي مدد ڪرڻ ـ ڪنگالن جي امداد ڪرڻ ـ وڙ ڪرڻ ـ احسان ڪرڻ ـ مهرباني ڪرڻ ـ ٿورو ڪرڻ.

ـ واهو ۽ واها: ذ. نديو واهه ـ ڪڙيو ـ کسي ـ نهر ـ شاخ ـ واهڙ ـ ڪنال ـ واٽر ڪورس ـ هٿراڏو ڪوتيل شاخ.

ـ واهڻ وهائيڻ: سخاوت ڪرڻ. خوش ڪرڻ ـ خلق جي خدمت چاڪري ڪرڻ.

ـ واهڻ وهڻ: واهن ۾ پاڻي پرجي اچڻ ـ نهرن ۾ پاڻي اچڻ ـ واهڙن ۾ پاڻي اچڻ ـ شاخن ۾ پاڻي اچڻ. تمام گهڻي سخا ڪرڻ ـ فيض عام ٿيڻ ـ جهجهي خيرات ڪرڻ ـ دان ڪرڻ ـ داني پرش ٿيڻ.

ـ واهارو ۽ واهارا: ذ. واهرڪندڙ ـ مدد ڪندڙ ـ مددگار ـ حامي ـ همراهه.

"وارٽا واهارو هاڻون سپ هيڻان ٿيا."
(مارئي ـ شاهه)

● وهب: ذ. (ع. وهب = هن بخشيو). بخشش ڏيندڙ ـ عطا ڪندڙ ـ روزي پهچائيندڙ ـ رزاق. مالڪ ـ والي ـ ڏاڻي ـ الله ـ خدا.

● واهه واڙو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهت ۽ واهتون (ت): ث. سنيال ڪندڙ ـ راکو ـ نگهبان ـ ڪارائو ـ واهي ـ مدد ڪندڙ ـ رکپالي ڪندڙ.

ـ واهتي ۽ واهتيي (ت): ث. سنيالينڊڙ ـ راکو ـ نگهبان ـ ڪارائو ـ واهي ـ مدد ڪندڙ.

● واهيتي ۽ واهيتيون (ڪ): ث. بيل گاڏي وهائيندڙ ـ گاڏي هلائڻ وارو. گاڏير.

● واهپ ۽ واهپ: ث. (سن. وَهُ = وڃي هلڻ، سنيالڻ). واهپو ـ واهپي ـ واهي ڪرڻ ـ جاچ ڪرڻ ـ سنيال ڪرڻ ـ نگهباني ڪرڻ واري حالت ـ رکپالي. نظرداري ـ چوڪسي ـ پهرو ـ سجاڳي ـ چوڪيداري. ڪاپو ـ رواج ـ استعمال ـ وهنوار ـ ڏيتي ليتي ـ لهه وچڙ.

ـ واهپو: ذ. پهريداري ـ سنيال.

ـ واهپي: ث. واهپ.

● واهپو: ذ. هڪ پئي سان هلت چلت ـ هڪ پئي وٽ اچ وڃ جو قاعدو ـ راهه رسم. ڏيتي ليتي ـ استعمال. ڪاپو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● واهتَرَ ۽ واهترُون: ث. (سن. وَهڻ = کوشش ڪرڻ) مدد - سهائتا - حمايت. آسيد - آسرو - آڌار - سهارو - ڏَيءُ - پرجهلو - حفاظت - اوٽ - بچاءُ - رکيا - سَرَڻ - پناهه - آڙ. راهداري. همراهي - ڪمڪ - سموٽ. چال - چلگت جي پروڙ. واهرو - حامي - همراهه. سنيال.

- واهتَرَ ٿيڻُ: مدد ڪرڻ - پٺ پراڻڻ - همت افزائي ڪرڻ - ٻانهن ٻيلي ٿي ٻيهڻ - همراهي ڪرائڻ. حمايت ڪرڻ.

- واهترَپائيُ: ث. حمايتي - مدد گاري - آڌار - پرجهلائي - آڏ - اوٽ - بچاءُ - حفاظت - رکپالي. چوڪيداري - چوڪسي - نگهباني.

- واهتر ٻَلَنُ: چورن جو، ٻويان ايندڙ پاڻين کي ٻوٽي موڪلڻ - ناڪام ڪرڻ. چوري ڪرڻ وقت ٻئي ساڻيءَ جو مالڪن تي نظرداري ڪرڻ.

- واهتَرَ ڪَرَنُ: مدد ڪرڻ - اوکي ويل مدد ڪرڻ - همراهي ڪرڻ. راهه ڏيکارڻ - رستو سمجهائڻ - تجويز ٻڌائڻ - رٿ ٻڌائڻ. مشڪل ڪم مان ٻئي کي پار پهچائڻ.

- واهتَرَ وَسيلُوُ: حامي - مددگار - آجهو - آڌار - پشت پناهه - آسرو - سهارو. معاون - مدد ڪندڙ - ٽيڪو ڏيندڙ.

- واهتُرُوُ ۽ واهتُرو: ڏ. مدد - همراهه - ساڻي - رکيڪ - سرپرست هڻڻ.

- واهتُرو ٻَنِجَنُ: مددگار ٿيڻ - ساڻي ٿيڻ - همراهه ٿيڻ - راکو ٿيڻ - سرپرست.

● واهڙُ: ذ. (سن. وهڻ = وهڻ) واهڻ. ڏورو. ڏنڊ. نهر. ندي جي آها شاخ جا ندي مان ڪري وري اچي ان ۾ شامل ٿئي.

- واهڙُوُ: ذ. واهڙُ.

● واهڻ گاهيُ: اسم خاص. تعلقي ميڙ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● واهڻ گُروُ: (سن. وهڻ = وڻي هلڻ + ترو) سکن ۾ گُروءَ کي ياد ڪرڻ جو ڏينو. واڻين جو ڏاڻي تعالي لاءِ پاڪ نالو - هندو قوم جو پيڪوان لاءِ پاڪ نالو. سک قوم جي گُروءَ يا مرشد جو هڪ لقب - خطاب. پرميشر.

● واهِلُ ۽ واهِلَ (ث): ذ. اڪ جي مٽين پردي (چپر) اندران ڪوڙهو ٻيدا ٿيل.

● واهلُوُ ۽ واهلا (ث): ذ. ٻيهارو - لاڏلو - الڪلي - ناز ڀليو - سڪيلڏو.

● واهلُوُ ۽ واهلا: ذ. وادڪي اوزار جو هڪ قسم.

● واهڻ ميسٽيريُ: اسم خاص. تعلقي نڙ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● واهِمَهُ: (ع. وهم) وهم يا شڪ جي قوت - گمان - سنسو - ڀرم.

- واهِمي: صفت. وهموارو - ڪٻٽي خور. شڪ ڪندڙ.

● واهڻ نٽيبيُ بَخشُ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● واهُنڊوُ ۽ واهُنڊا (ڪ): ذ. (سن. وايُ = واءُ) واءُ لڳڻ جي موسم. آتر - آلهندي جو واءُ. موسم بهار. گرم موسم جي شروعات - هوائن لڳڻ جي مُنڊ - آلهندي واري هوا. ٿورو مينهن - برسات پوڻ جي شروعات. پاڻيءَ وهڻ جي شروعات. سياري جي پڄاڻي ۽ خاتمي وقت، ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهه جي هوا. (ث). واهنديون. (ل)

- واهُنڊوُ نِڪُرَنُ: ٻيڙيءَ جو پاڻي نڪرڻ.

● واهتُ ۽ واهَنَ: ذ. (سن. ووهڻ. وَهَنُ = ٻيڙو) ٻيڙو - غوراب - وڏي ٻيڙي - بار ڪندڙ ٻيڙي - ڪشتي. پاڻيءَ تي ترندڙ ٻيڙيءَ جهڙي ڪا به شيءَ. (سن. وَسُ = رهڻ) ڪوٽ - ڪونڙو - بستي - وسيي - وسين - پهراڙي - وسندي - واڌيد - ننگر - ديهه. (سن. وَهه = وهڻ) واهه - شاخ - ڪڙيو - نهر - واٽرڪورس - آڏ. وڏو واهه - ڪنال - ندي - درياءُ. گاڏي - ٻگي. (اسم خاص). هندن جي هڪ ذات جو نالو.

- واهِڻائِيُ ۽ واهِڻائِيُون: ث. واهڻي - ڪونائي - ڪونائو - دهقاني - گاميريو - پهراڙيءَ جو - واهڻ جو - ڪنوار - ويڙهيچو - اناڙي.

- واهِڻُ و لوڙَنُ: چڱيءَ طرح ڪولا ڪرڻ - جانچ جونچ ڪرڻ - جستجوءَ ڪرڻ - ڪوشش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ - محنت ڪرڻ - آدم ڪرڻ - حيلا هلائڻ. طاقت هلائڻ - زور هلائڻ - ٻلوالي ڪرڻ.

- واهنَ ووڙَنُ: ڳوٽ ڳولڻ - هستي ڳولڻ - وانڍ ڳولڻ - پهراڙي ڳولڻ - و سين ڳولڻ.

- واهِيٽِيُ ۽ واهِيٽِيُونُ: ث. دهقاني - ڳوناٽو - پهراڙيءَ وارو - وَسِينءَ وارو - واهٽائي.

- واهِيٽِيارِيُ ۽ واهِيٽِيارِيُونُ (ڪ): ث. ڳوناٽي - پهراڙيءَ واري - وَسِينءَ واري.

● واهِنُ: مصدر. (سن. وَهْ = ڏيڻ) هلائڻ - ڪاهڻ - ڪم وٺڻ - محنت ڪرائڻ. گهٽو ڪم ڪرائڻ - سخت ڪم ڪرڻ - ڇڪيءَ طرح ڪم وٺڻ - گهٽو پورهيو وٺڻ. (وهاپو - وهائيندو - وهائيل).

● واهوُ: اسم خاص. (سن. وَٽِيُونَ) آڻن جو چارو. ول جو هڪ قسم، هيءُ گاهه سائي رنگ جو ٿئي، زمين تي پکڙيل ٿئي، پن لوٽڪ جي پن جهڙا ٽين ۽ هن گاهه کي آٽ ۽ پکريون کائين. ٻسارکي وڪر جو هڪ قسم، جو دوائن جي ڪم اچي. (سن. وَهْ = وهڻ) وڏي واهي - واهُ.

- واهوُ پِيارَنُ: ذ. پڇڙي حالت ڪرڻ - حد کان وڌيڪ لاچار ڪرڻ - عقوبت ڪرڻ - بي عزت ڪرڻ - عزت وٺڻ (ٻئي جي سامهون). دولاب ۾ آڻڻ - ڪنڊي ۾ قاسائڻ - ٻئي کي دربدر ڪرڻ - ٻئي کي هلاڪ ڪرڻ - ٻئي کي تڪليف ۾ وجهڻ. زهر پيئڻ.

- واهوُ پِيئَنُ: زهر پيئڻ - لاچار ساڻ ڪرڻ - اڻ سرنديءَ ڪان ساڻ ڪرڻ - نقصان ڪائڻ - توتو ٻرائڻ.

- واهوُ ڏِيَنُ: ڏَڪ ڪيڏڻ - ڇيهو ڏيڻ - نقصان ڏيڻ - ٽوٽو وجهڻ. اميد ڏيکاري نااميد ڪرڻ - ويساهه ڏيئي ٺڳي ڪرڻ - دولاب ڪرڻ.

● واهُو ۽ واهُو (ڪ): ذ. رستي تان ويندڙ ماڻهو - لنگهي ويل ماڻهو. واهر ڪندڙ - مدد ڪندڙ - عوام جو همدرد - غريب جو هڏ ڏوکي - سخي - رحم دل - ٻاجهه وارو - قياس وارو. سائي - پانهن ٻيلي. وهندڙ - جاري - هلندڙ.

- واهُو ٽِيَنُ: لنگهڻ. پڇڻ - روانو ٽيڻ - هلڻ.

- واهُو ٽِيُ وَڄَنُ: پڇي وڃڻ - گم ٿي وڃڻ - غائب ٿي وڃڻ - الوپ ٿي وڃڻ - روانو ٿي وڃڻ - هليو وڃڻ - اوجهتو وڃڻ.

● واهُوڪُ ۽ واهُوڪَ (ڪ): ذ. ٽيهو ٽيهو ٿي وهندڙ - قطرو قطرو ٿي وهندڙ - قطرو قطرو ٿي وهندڙ - سيمو ڪندڙ - ٽمندڙ - ڳڙندڙ - سولائيءَ سان ڳڙندڙ.

● واهُو گاهُو هُجَنُ: ڳالهه مچيندڙ - ڪَسُ ڪائيندڙ - ٽوٽ سهندڙ - نقصان سهندڙ - ڪنهن ڳالهه تي اڇو - امنا تمنا ڪرڻ - قبوليت ڪرڻ - حمايي پرڻ - هائوڪار ڪرڻ.

● واهُوچو ۽ واهُوچا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهولوُ ۽ واهولا: ذ. (سن. واسِه) وڍ ڪي ڪم جي اوزار جو هڪ قسم. ڪاٺ گهڙڻ ۽ چلڻ جو هڪ اوزار - ٻسولا - منڪو.

- واهولِيُ ۽ واهولِيُونُ: ث. وڍن جي ڪم جو اوزار.

● واهُونڈوُ ۽ واهُونڈا: ذ. (سن. وايُ = واءُ) وانوندو - اونهاري جي موسم جي شروعات - پاڻيءَ جو واهن ۾ اچڻ - واهن جي تبديل (ڏکڻ، اولهه واريون) هوائون لڳڻ - برسات جي شروعات جي موسم.

● واهُونڱا ۽ واهُونڱا (ڻ): ذ. برسات جي وقت پاڻيءَ جا سنها وهڪرا.

● واهِيُ ۽ واهِيُونُ: ث. (سن. وَهْ = وهڻ) ڪَسِي - شاخ - نندي نالي - پاڻيءَ جي آڏ - نندڙو چشمو - پاڻيءَ جو نندو حوض. (ڻ - ل). چوڪيدار - راکو - رکيڪ - جاگر - ڪارائو. نگهبان - حفاظت ڪندڙ - سنياليندڙ - واهپ ڪندڙ - پهرو ڏيندڙ. سست - ضعيف - ڏُهرو - ڪمزور - بي همت. پوڳڙي - پڳڙن پڇڻ وارو. شڪاريءَ جو دام (سهي وغيره کي ٽپن ڏانهن آماڻڻ لاءِ واهي ٽي ويهڻ).

"واهِي جو ٽاهيل آهين يا اوٽي جو"؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ واهيارو ۽ واهيارا (ڪ): ذ. راکو ـ رکوال ـ رکپال ـ نگهبان ـ چوڪيدار ـ ڪارائو ـ پهريدار ـ سنياليندڙ ـ حفاظت ڪندڙ ـ واهپ ڪندڙ ـ واهي.

ـ واهيتُ ۽ واهيتَ (ڪ): ذ. جاسوسي ـ چوڪسي ـ چارهو ـ نگهباني ـ واهپو ـ راکو ـ رکوال ـ نگهبان.

ـ واهيُ تلاهيُ ٽيئنُ: مدد ڪرڻ ـ همراهي ڪرڻ ـ واهر ڪرڻ. دلداري ڏيڻ ـ غمخواري ڪرڻ ـ ڏک سک پائي ٽيڻ.

ـ واهيرُ ۽ واهيرَ: ذ. راکو ـ رکوال ـ رکپال ـ نگهبان ـ چوڪيدار ـ پهريدار ـ جاگر ـ رکيڪ.

● واهيات ۽ واهياتَ: ذ. (ع. واهي = بي بنياد). بيهودائي ـ بيهودگي ـ بڪواتي ـ بيهود و ـ بڪوات.

ـ واهيات ثابت ڪرڻ: بيهود و ظاهر ڪرڻ.

ـ واهياتيُ ۽ واهياتيُ: ذ. بي بنياد ـ بيهود و ـ پوراڻو ـ خشڪي ـ روائتو ـ ريجهڪي ـ لهري ـ ترنگي ـ وهمي ـ من مؤجي ـ خام خيالاتي. عبث ـ ڪل جهڙو ـ بعيد العقل ـ آڻپٽيُ.

ـ واهيتَ ۽ واهيتَنُ: ث. واهپو ـ رواج ـ رستو ـ دستور ـ رسم ـ ڏيتي ليتي ـ لهه وچڙ ـ واهيپو.

● واهيڙو ۽ واهيڙا: ذ. واسطو ـ تعلق ـ لاڳاپو ـ ڳانڍاپو ـ ميل.

● واهيو ۽ واهيا (ڪ): ذ. ٻوڪيو.

● واهيرو ۽ واهيرا: ذ. (سن. واس + رو > وس = رهڻ). آڪيري ۾ پکين جي ويهڻ جو وقت. آرام جي جاءِ ـ آڪيرو ـ پکين جي رهڻ جي جاءِ. آهيرو ـ آڏو. لاڳاپو ـ تعلقات ـ ڳانڍاپو ـ استعمال. رواج ـ رسم. دوستي.

ـ واهيرو ڪرڻ: رات جو ويهڻ لاءِ اچڻ ـ رهڻ جي جاءِ ٺاهڻ ـ رات جو ترن جو آرامي ٽيڻ.

ـ واهيري جهي ويرَ: (پکين جو) آرام گاهه يا آهيري ۾ وڃڻ جو وقت ـ سانجهي ـ شام ـ سنجها ـ نماشام. آرام ڪرڻ جو وقت.

ـ واهيري جيءُ ويلُ: سانجهيءَ جو وقت ـ نماشام ـ سنجها ـ هتي هارڻ جو وقت ـ پکين جو آرامي ٽيڻ جو وقت.

● واهيءُ ڀانڊيءُ: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهيءُ ڏنو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهيءُ ڪلُ خانُ: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهيءُ مٺبارڪُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهيءُ گهوٽو: اسم خاص تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واهيءُ متجيدُ: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● واءِ ۽ وايُونُ: ذ. (سن. واب). کوهه ـ نندي کوهي. ڪاڻ سان بدل کوهه جو قسم. ڊورو جنهن ۾ همیشه پاڻي ٻيئل هجي (ع). هاءِ ـ افسوس ـ ڏک ـ غم ـ سور ۾ افسوس ـ هاءِ هاءِ ـ توبه ـ ٽوٽو ـ چي چي. چيٽ ـ حيف. (ف. واهـ). چگو ـ واهـ. (سن). واڻي ـ ٻولي.

ـ واءِ واءِ ۽ واءِ واءِ: ث. هاءِ هاءِ ـ افسوس ـ ڏک ـ غم ـ رنج ـ سور ـ ڏک جو آواز.

ـ واءِ واءِ ٽيڻ: گهوڙا گهوڙا ٽيڻ ـ افسوس ٽيڻ ـ هاءِ هاءِ ٽيڻ ـ هُل هلجي وڃڻ ـ ڪُلي پوڻ ـ ظاهر ٽيڻ ـ پڌرو ٽيڻ.

ـ واڪو ويلا ۽ واڪويلائنُونُ: ث. واويلا ـ دانهون ـ آهون ـ ورلاپ ـ روڏن ـ روج راڙو ـ ماتم ـ افسوس ـ هاءِ گهوڙا ـ هاءِ هاءِ ـ ڏک ـ رنج ـ سور ـ غم.

● واءُ ۽ واءِ: ذ. (سن وايُ = واءُ). هلندڙ هوا ـ پوَن ـ هوا ـ واهوندو ـ بهاد. تيز هوا ـ هير. سخت هوا ـ ڏاڍي هوا ـ واچ ـ طوفان. وڏاءُ ـ هٽ. بادي ـ ٽٽ. وهم ـ سنسو ـ خيال. (سن. وايو). واڻي سور ـ سنڊن جو سُڪڻ. چوپائي مال جي هڪ بيماريءَ جو قسم. هن بيماريءَ ۾ پکريءَ جون ڳنگون سُڪنديون آهن، آڻ جون ۽ ڳنگون ۽ ڪنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪي پوي. (وڃڻ جو امر). وڻون ـ وڃ. (ف. واهه). چڱو ـ واهه واهه.

ـ واءِ پَرَ ڪَٽِيءُ: هوا جي رُخ ڏيکارڻ لاءِ لوهي چادر مان ٺهيل پکي (جو ڪنهن منار يا تي ڪٽل هجي). باد نما ـ مرغ باد نما ـ واءِ پرکڻو ڪُڪڙ.

● وائِيجَنُ: مصدر. واءِ لڳڻ ـ هوا لڳڻ ـ واچ لڳڻ ـ طوفان لڳڻ. صاف ٿيڻ ـ چنڊ جڻ ـ چڙ جڻ، پڌرو ٿيڻ ـ ظاهر ٿيڻ ـ چٽو ٿيڻ.

● واءِ جيءُ ڏَڪورَ: ڪنهن کي بادي گيس ٿيڻ. بيماريءَ جو هڪ قسم، جو مال وغيره کي ٿئي.

ـ واءِ چِڙَنُ: ڪجهه ڏرڻ ـ ڪا شيءِ ڦاڙڻ ـ (پيٽ ۾) ٽوٽ پوڻ ـ خال پوڻ. ڪنڊر پوڻ. ريڄَ خارج ٿيڻ ـ ٽِٽ اچڻ ـ قُوس اچڻ.

ـ واءِ سُٽاءُ: خبر چار ـ سُڌ سماءُ ـ ڳالهه ٻولهه ـ گفتگو.

ـ واءِ سُٽاءُ لٺهنُ: خبر چار وٺڻ ـ سُڌ سماچار وٺڻ ـ حال احوال وٺڻ ـ تازي خبر چار هٿ ڪرڻ.

ـ واءِ شِگافُ ٿيڻ: ظاهر ٿيڻ ـ پڌرو ٿيڻ. رعيت يا عام ماڻهو ٿيڻ ـ ماڻهن سان ملي وڃڻ.

ـ واءِ ڪَمارو: بيماريءَ جو هڪ قسم، اکثر چوپائي مال کي ٿئي، هن ۾ ٽڙڪي، ڏڪي ٿئي، علاج: ڪن وٽان سير چوڙڻ يا نڪ وٽان سير چوڙڻ آهي.

ـ واءِ ڪَيَنُ: مانيءَ کي ٿيڻ تي ڇڻ سان واءِ پرجڻ ڪري ڦڦيءَ سان ڏورو آڦلائڻ. اجايا ڏيڪ ڇڏڻ ـ واهيات ڳالهائڻ ـ ڪنن مان ڪهه ڪيڏي ڇڏڻ ـ بي‌فضيلتو ڳالهائڻ ـ ايڏ لگو ڳالهائڻ ـ متوجه ڪرڻ ـ سنئين نموني تي آڻڻ ـ سڌي راه تي آڻڻ ـ سنواري جڏڻ.

ـ واءِ کي پُٺِ ڏِيڻُ: وقت کي سلام ڪرڻ ـ حال پٽاندر هلت ڪرڻ ـ زماني ساز ٿيڻ ـ هڪجهڙو ٿي وڃڻ.

ـ واءِ لڳڻُ: ٻئي سان برابري ڪرڻ ـ ريس ڪرڻ ـ ٻئي جهڙو پاڻ کي سمجهڻ. خراب سنگت ۾ اچڻ ـ ٻڇڙيون عادتون ڪرڻ ـ بدراهه ٿيڻ ـ بدپيشو ڪرڻ.

ـ واءِ مِيهُنهنُ ڪَنڊُو اڇڻ: تيز اڇڻ ـ تکڙو اڇڻ ـ جلدائي ڪرڻ ـ تکڙائي ڪرڻ ـ تڪائي ڏيکارڻ ـ تيزائي ڏيکارڻ ـ چُوهائي ڏيکارڻ ـ هوشياري ڏيکارڻ ـ قابليت ڏيکارڻ.

ـ واءِ وِڪِرِ: صفت. پکڙيل. رُلندڙ. نااميد. نقصان ۾ ڪندڙ.

ـ وائِيءُندِي: آڏامندڙ ـ وائيندي خبر.

ـ وائِيءُنڊِي تہي ڇڄَ ڏيڻ: ڪنهن جي مرضي يا راءِ موجب گفتگو ڪرڻ.

ـ وائِيءُنڊِيُونُ وايُونُ: ٻين جي واتان ٻڌل گالهيون ـ اڻ تصديق ٿيل گالهيون ـ افواهه ـ ڪوڙيون خبرون ـ مٿاڇريون خبرون ـ زت شت ـ ڏاڙون ـ ٻڌاڪون ـ گالهه جو اجايو واڌارو ـ ڪوڙو ڦهلاءُ ـ مبالغ آميز خبرون.

ـ واءِ نِڪرَنُ: گالهه ٻڌري تي ٿيڻ ـ ظاهر تي ٿيڻ ـ کُلي ٿيڻ ـ عالم آشڪار تي ٿيڻ.

ـ واءِ وَڄِنُ: هٽ چڙي وڃڻ ـ متو پٽ سان لڳڻ ـ پشيمان ٿيڻ ـ پڇتائڻ. "گهاءُ پيس واءِ ويس."

ـ واءِ وَرَنُ: ڦَهلَنُ (بيماريءَ وغيره) ـ پکڙجڻ ـ وکوڙجڻ ـ وَرتَنُ ـ چالو هڻڻ ـ هلڻ ـ مند جو واءِ لڳڻ ـ ڦيرو اچڻ ـ نوان خيال پيدا ٿيڻ. عام ٿيڻ ـ ظاهر ٿيڻ ـ چٽو ٿيڻ. عام جام ٿيڻ.

ـ وائِيڑُو ۽ وائِيڑَا (ث): ذ. جهيڙو واءِ ـ ٽورو واءِ ـ هلڪو واءِ.

● وائُنَنُ: مصدر. جاچڻ ـ ڳولڻ ـ کوجڻ ـ دريافت ڪرڻ ـ پُڇڻ ـ ڏورڻ. ڦولڻ ـ ٽٽولڻ ـ ڏونڍڻ ـ تلاش ڪرڻ ـ جاچنا ڪرڻ. (وائڻيو ـ وائِيءُندو ـ وائڻيل).

ـ وائُنَ ۽ وائُنَ (ل): ث. جاچ ـ خبر ـ کوج ـ پُڇا ـ دريافت ـ ڦول ـ ڏونڍ ـ تلاش ـ ڳول.

● وائُنُنُ: مصدر: کوجڻ ـ پڇڻ ـ ڏورڻ ـ جاچڻ ـ جاچ ڪرڻ ـ دريافت ڪرڻ ـ پڇا ڳاڇا ڪرڻ ـ تلاش ڪرڻ ـ ڏونڍڻ ـ ڦولڻ ـ ٽٽولڻ ـ ڳولڻ ـ ڳولا ڪرڻ.

ـ وائُنُ ۽ وائُنَ: ذ. گپ شپ ـ پت شت ـ هَوَرُ ـ لباڙ ـ ڏاڙ ـ خبر چار ـ ڳولا ـ تلاش ـ جاچ ـ ڏونڍ ـ ٽٽول ـ کوج ـ ڦول ـ جستجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ واءُ پَٽَبہ؛ ذ. هي کپھ جي گوگڙن وانگي، چوڏا ڪاري رنگ جا ٿين. ٻارڪي وکر جو هڪ قسم، دوائن جي ڪم اچي.

● وائِرُ ۽ وائِرَ (ڪ)؛ ذ. موڳو ـ بي سمجھ ـ بي وقوف ـ نادان ـ ناسمجھ ـ ناتوان. بي طاقت ـ ڪمزور ـ ڏُهرو ـ هيڻو ـ ضعيف ـ لاچار ـ بي حال.

● وائِرَنُ: مصدر. (سن. وايـ = واءُ) هوا ڏيڻ ـ هوا ۾ رکڻ ـ آنَ صاف ڪرڻ ـ هوا تي آنَ صاف ڪرڻ ـ واءُ ڪرڻ ـ آڏ ڪرڻ ـ آڏ رڻ ـ رانڙن کي اڇو ڪرڻ ـ آپڻ ـ چاڻ ـ چانڻ ـ ڪوڙ کي سچ کان جدا ڪرڻ يا الڳ ڪرڻ. چنڊڻ.

ـ وائِرَ ۽ وائِرُونُ؛ ذ. هوا سان آنَ صاف ڪرڻ جي حالت ـ آڏ ڻ ـ چانڻ ـ چنڊ ـ آپَڻ ـ صاف.

ـ وائِرائِڻُ: مصدر. هوا ڏيارڻ ـ هوا ۾ رکائڻ ـ چنڊائڻ ـ ٻئي کان هوا تي آنَ صاف ڪرائڻ ـ آپڻائڻ ـ چاڻائڻ ـ چانڻائڻ ـ آڏائڻ.

ـ وائِرَ ڪَرَنُ: چج ڏيڻ ـ صاف ڪرڻ ـ چنڊ ڪرڻ ـ چانڻ ڪرڻ ـ الڳ ڪرڻ.

ـ وائِرو ۽ وائِرا: ذ. اڪ جو عارضي مرض ـ آڱل اڪ کي واءُ لڳڻ سبب اڪ ۾ ٿوري اچاڻ ٿيڻ ـ اڪ آڱ ٿڻ وقت اڪ ۾ اڇو نڊو داغ ٿي پوڻ ـ اڪ ۾ ڦُلو ٿيڻ.

● وائِڑو ۽ وائِڑا: ذ. (سن. وايـ = وائي) موڳو ـ منجهيل ـ موڙهل ـ بي وقوف ـ ڪم ذهين ـ بي عقل ـ مسورک ـ مت هيڻ ـ گهيلو ـ پُڪو ـ پُوڪ ـ نئوڊ ـ موڳو منڌ ـ آڏاسو ـ آڏايو ـ جاهل ـ ڪُنڊ ـ جڙ. حيرت زدو ـ حيران ـ پريشان ـ وسو. توائي. بي طاقت ـ هيڻو ـ ڏهرو ـ ڪمزور ـ ضعيف ـ نستو.

ـ وائِڑائي ۽ وائِيڑايُونُ: ذ. موڳائي ـ گهيلائي ـ مورڪائي ـ پُوڪائي ـ ڪُنڊائي ـ جاهلي ـ آپاڪائي ـ بُس ـ بُست.

ـ وائِڑو ٿيءُ وَڃَنُ: منجهي پوڻ ـ حيرت ۾ پنجي وڃڻ. موڳو ٿي پوڻ ـ موڙهل پنجڻ.

● وائِسَرُ ۽ وائِسَرَ؛ ذ. مشين جو پُرزو. عقل ـ هوش ـ سمجھ ـ ذهن. حوصلا ـ ماشا ـ حواس.

ـ وائِسَرَ قِرِيءُ وَڃَنُ: ڪنهن مشين جا پُرزا ڊرا ٿي پوڻ واري حالت ـ گهرگهيلو ٿي پوڻ ـ ويڪرو ٿي پوڻ ـ ڪُشادو ٿي پوڻ. حوصلا ڦري وڃڻ ـ هوش گم ٿي وڃڻ ـ عقل چٽ ٿي وڃڻ ـ حواس خطا ٿي وڃڻ.

ـ وائِسِروءُ ۽ وائِسِرا؛ ذ. واءُ جي مٽ سٽ ـ چڙوايو ـ واءُ جي ڦيرگهير. ٻيماري ٻيدا ڪندڙ واءُ جي ڦيرگهير. هوادار ـ ڪشادو ـ ويڪرو ـ وڏو.

● وائِڪُ ۽ وائِڪَ (ڻ): ذ. خط ـ رقعو ـ نوٽو. ڪوٽ جو سڏ ـ دعوت نامو ـ نيندڻ.

● وائِڪَٽ ۽ وائِڪَوُنُ: ث. هوا ـ واءُ ـ هير. پاسي کان لڳهندڙ شيءِ جي هوا لڳڻ.

● وائِڪائِڻُ: مصدر. وائکو ڪرڻ ـ سُڪائڻ ـ هوا تي رکڻ ـ وائسلو ڪرڻ. خلاصگي ـ ڪشادگي ـ ويڪرائي. (وائڪايو ـ وائڪائيندو ـ وائڪايل).

ـ وائِڪائِيُ ۽ وائِڪايُونُ: ث. هوا ۾ رهڻ جي حالت ـ خلاصگي. عمدي هوا ـ ڪليل هوا ـ هوا واري جاءِ ـ تازي هوا ـ سٿي هوا. ڪشادگي ـ خلاصگي. وائڪگي.

ـ وائِڪِجَنُ: واءُ ۾ رکجڻ. وائکو ٿيڻ ـ هوادار ٿيڻ ـ سُڪڻ.

ـ وائِڪوُ ۽ وائِڪا: ذ. هوا ڏنل ـ هوا وارو ـ واءُ تي رکيل ـ واءُ وارو ـ هوادار ـ ڪُليو ـ ڪُليل. ٿورو سُڪل. وڏو ـ خلاصو ـ ڪشادو ـ ويڪرو ـ سوڪرو ڪري رکڻ. چيڀو ـ هلڪو. ٻرپرو. اهو گهر، جنهن ۾ هوا ۽ سج جي روشنائي جام هجي.

ـ وائِڪوُ ٿيَنُ: هوا ڪائڻ. هوا ۾ وڃڻ. ڪُليل هڻڻ ـ سُڪڻ ـ صاف ٿيڻ ـ هوادار ٿيڻ. جنجل جهڳڙي کان دور ٿيڻ. دور ويهڻ. هليو وڃڻ.

ـ وائِڪوُ ڪَرَنُ: هوا ۾ رکڻ ـ واءُ ۾ رکڻ ـ هوا ڪائڻ. هوا ۾ وڃڻ. ظاهر ڪرڻ ـ پتو ڪرڻ ـ ڪولي چڏڻ ـ ڪليل رکڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وائڪو گهمڻ: بيڪار گهمڻ - نڪمو گهمڻ - بي ڪمو هلڻ - چڀو گهمڻ - ٽورو گهمڻ - ڪڏهن ڪڏهن هلڻ.

= وائڪي ۽ وائڪيون: ث. چڀي - ٻڪري - ڦڪيري - خلاصي - ويڪري - وڏي.

= وائڪيرو ۽ وائڪيرا: ذ. ٽورو ڦيري - ڦرڦرو - خلاصو - هلڪو - ويڪرو - ڪشادو.

= وائڪيي: ڪنديي: ث. مٽي ڪان مٽيرا وريل سڳ.

● وائل: ذ. (انگ). ڪپڙي جو هڪ قسم.

● وائل ۽ وائلون: ث. (سن. وايہ = واءُ). هوا جي ڪري فصل جي سنگن جي ڪيري ٿيڻ واري حالت: مخالف واءُ لڳڻ ڪري سنگ جو خالي ٿي وڃڻ. واءُ جو اثر. فصل جو ساڙ - رتيي - مهلو. ڀاروٽائي. بي حسي - بي هوشي - ڪنٽرائي - خشڪي - هذر - هذيان سرسام. گهوڙي جي گوڏي واري سنڌ ۾ ٿيندڙ بيماريء جو هڪ قسم. (ذ). ڪپڙي جو هڪ قسم.

● وائليجڻ: مصدر. واءُ جي جهٽڪي ۾ اچڻ - هوا کان لڪايل شيءِ جو ڪلي پوڻ. وڪليجڻ - وائڪيجڻ - جڪڻ - گجڻ - رڙڻ - ڦاٽڻ. وهسڻ - گد گد ٿيڻ. بيمار ٿيڻ - (گهوڙي جي گوڏن جو خراب ٿيڻ) - بي هوش ٿيڻ. سرسام جي اثر هيٺ اچڻ. فصل جو هوا جي ڪري خراب ٿيڻ. فصل جو سڙي وڃڻ. ڀاروٽو ٿيڻ. ڪاڏي جو ڀاروٽو ٿي وڃڻ ڪري هوا پيدا ڪرڻ. (ڦرڙيء جو) هوا لڳڻ ڪري زهريلو ٿيڻ. هوا لڳڻ ڪري بيماريء تي خراب اثر پوڻ. واءُ شگاف ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ. (وائليو - وائليندو - وائليل).

= وائليجي وجڻ: ڳالهه پڌري ٿي پوڻ - ظاهر ٿي پوڻ - ڪلي پوڻ.

● وائلڻ: مصدر. (سن. وايہ = واءُ). هوا لڳڻ - واءُ لڳڻ. ڪلڻ - پڌرو ٿيڻ - ظاهر ٿيڻ. بيمار ڪرڻ. (وائليو - وائليندو - وائليل).

● وائلو ۽ وائلا: ذ. وڏي ڪم جي اوزار - جو هڪ قسم - واهلو - ڪاٺ گهڙڻ جي اوزار جو هڪ قسم.

● وائنٽ ۽ وائنٽيون: ث. خبر - سڌ - سماچار.

● وائڻ: مصدر. (سن. وايہ = واءُ). هوا ڏيڻ - واءُ هڻڻ - واءُ ڪرڻ. وجهڻو هڻڻ - تنوارڻ. آواز ڪرڻ. وڄائڻ. ڪڍڻ. (وائيو - وائيندو - وائيل).

= وائو ۽ وائا: ذ. (سن. واک. هرا = وايا). ذڪر - بيان - ڳالهه. بولهه - چوٻول - گفتگو. حالت - حال (عمومي حال جو سڄي ملڪ وارن ماڻهن تي اثر انداز ٿئي).

● وائور ۽ وائورَ (ث): ذ. طوفان - هوا - واءُ - واڄ - ڏاڍو واءُ - تيز واءُ.

● وائوري: (ث): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وائوڙ ۽ وائوڙَ (ث): ذ. طوفان - واڄ - هوا - تيز هوا - ڏاڍو واءُ.

● واءِ وڙَ نڪڻ: اسم خاص. پساركي وڪر جو هڪ قسم.

● وائوڙا (ث): اسم خاص. ميگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

● واءِ وِکيرَ ۽ واءِ وِکيرَ: ذ. پڪڙيل - چڙو ڪڙ - ڪٺو ڪٺو - تتروتر - است وست. اجايو - واهيات - تنوائي - آوارو - رمتو - رلندڙ - نا اميد - مايوس.

= واءِ وِکيرَ ڪرڻ: چڙوچڙ ڪرڻ - ٻڪيڙي ڇڏڻ - است وست ڪرڻ - تتر وتر ڪرڻ - ڪٺو ڪٺو ڪرڻ - وکيرڻ. اجايو وڃائڻ - ضايع ڪرڻ - ڦوڪي ڇڏڻ.

= وائوڪو ۽ وائوڪا: سڪايل - چڀو - هوادار - خلاصو - ڪشادو.

● وائون: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● واءِ وِيلا: ث. (ف). واويلا. ماتم.

● وائي ۽ وائيون: ث. (هرا. وٹا. سن. وايہ > واجا = واءُ). بادِ - وائي بادي. بادي جي وڏن ڪري بيهوشي - سنڌن جو سور. بادي - واءُ - ريح. وائي سور. عادت - پهر - حال - چال - هير - ورد - خصلت - روش - خراب عادت. (سن. واڻي). ڳالهه - ٻاهڪو - ڪهڻي - چوڻي - چوٽ - سخن - عادت. خراب عادت - علت. ڪلام. ڪافي - راڳ - وائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جنهن جو شاهه عبداللطيف مَوجد آهي، جن کي هرهڪ فصل يا مضمون جي پچاڑيءَ ۾ ڏجي).
سُرسلو - وارتا - تقرير. چوُوت - چوُپچو - چوُپول - سُڌيدي - گهالهه - ذڪر. آواز - ٻولي - پُٽڪو. آچار - پچار.
"رُڻان راتو ڏينهن، جڻ ان جي وائِي ۾ ور گهٽا"
(ڪليان - شاهه).
(صفت). وائي جو اثر ڪندڙ - وائي پيدا ڪندڙ - بادي.
= وائِيَ آنوَ ۽ وائِيَ آناءِ: ث. بيڪار شيءِ - بي بنياد گهالهه - اجائي ڪوات. ڪُڪڙ جي ٻُڪ ڪان سواءِ ٻي مادي ڪُڪڑ آنا لاهي.
= وائِيَ آنوَ ڏِيَڻَ: ڪوڙ هڻڻ - بي بنياد گهالهه ڪرڻ. واهيات ٻڪ - اجايو ڪشو ٻڌڻ.
= وائِيَ بادِيَ: وائِيءَ جي بيماري - اجايو گهالهاءُ - بي مطلب ٻَڪَ. خراب گهالهه - اجائي ٻڪوات - ٻڪاڪ - داڙ - لٻاڙ - بي بنياد ڪشو. ناڪامياب. (ل).
= وائِيَ بادِيَ گهالهِيُونَ: اجايون سجايون گهالهيون - بيهودون گهالهيون - بيڪار گهالهيون - بنا اعتبار واريون گهالهيون. مڪر بازيءَ واريون گهالهيون.
= وائِيَ بادِيَ گهالهِيُونَ ڪَرَنَ: اجائي سجائي بَڪَ ڪرڻ - بي بنياد گهالهه ڪرڻ - اعتبار کان سواءِ گهالهه ڪرڻ - اجائي ڍنگ بازي ڪرڻ.
= وائِيَ بَنڌَ ٽِيڻَ: زبان گهالهائڻ کان بند ٿي وڃڻ - گهالهائڻ جي طاقت نه هڻڻ - انسان جي آخري منزل - گهٽَ گهٽجي وڃڻ - آواز نه نڪرڻ - ٿوروبه ٻُڪو نه نڪرڻ - سڪرات جو وقت.
= وائِيَ چَٽَرَ هُئَڻَ: سوجهو ٿيڻ - بي سمجهه ٿيڻ - بي عقل ٿيڻ - ڪُنڊ ٿيڻ - ڪُنڊ ذهن ٿيڻ.
= وائِيَ ڇَوَنَ (ڪ): ڏند ڏيڻ - (زباني) جهيڙو ڪرڻ - وڙهڻ - تون تا تون تا ڪرڻ - هڪٻئي کي گهٽ وڌ گهالهائڻ - تڪرار ڪرڻ. آواز بلند ٿي وڃڻ - گهٽَ گهٽجي ٻوڻ. زبان درازي ڪرڻ.

= وائِيَ ڇيا: وات ڇيا - سخن گهالهايائون - تڪرار ڪيائون - زباني جهڪڙا.
"ويجن سان وائي ڇِڻا ڪِري نه ڪيائون"
(يمن ڪليان - شاهه).
= وائِيَ جوَ وَرَ لهَڻَ: گهالهه جو ڪُڻ سمجهڻ - گهالهه جو وَرَ يا وَتَ سمجهڻ - گهالهه جو ڳُجهه معلوم ڪرڻ - راز پروڙڻ - گفتگو جي رمز سمجهڻ.
= وائِيَ سَنَوائِيَ: چڱي گهالهه - چڱو قول - چڱو ٻول - سُڻي گفتگو - سهڻي وائي.
= وائِيَ سُورَ: بيماريءَ جو هڪ قسم. سَندن جو سُور.
= وائِيَ ڪَنِ وِجهَڻَ: ڪنهن گهالهه لاءِ اڳواٽ چتائي ڇڏڻ - ڪنهن سِتيل منصوبي کان خبردار ڪرڻ.
= وائِيَ ڪَهي وَڪَڙَ وِجهَڻَ: اجايا ناهه ناهڻ - ڪوڙا هُل هلائڻ - اجايون ٻتاڪون هڻڻ - لٻاڙون هڻڻ - داڙون هڻڻ. هَرَ ويَرَ و ڏاڻ - هيسائڻ - ڏيجارڻ.
= وائِيَ گوُلوَ: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم - ٻيٽ جو سُور. آندي جو سُور.
= وائِيَ گهالهه: ث. اجائي ٻَڪَ.
= وائِيَ نَٽَ وَجهَڻَ: ايزار ٽيهڻ - ڪَڪَ ٽيڻ - عاجز ٽيڻ - هلاڪ ٽيڻ - تڪليف ۾ اچڻ.
= وائِيَ نَهَ وَرَنَ: گهالهه نه ڪري سگهڻ - ڪُجي نه سگهڻ - ٻول نه ٻولي سگهڻ - آواز نه ڪرڻ - پُٽڪو نه ڪرڻ.
= وائِيَ نَهَ وَڻَنَ: گهالهه پسند نه اچڻ - نفرت اچڻ - ڏڪار اچڻ - ڪراهت اچڻ.
= وائِيَ وارَنَ: گهالهه ڪرڻ - ويچار ڪرڻ - خيال ڪرڻ - ارادو ڏيکارڻ - هاڪار پرڻ - آماده ٽيڻ - مائل ٽيڻ.
= وائِيَ وَجَنَ: گهالهه ٻولهه وڃڻ - ڪئي ڪمائي ڪَٽَ ٽيڻ - پورهيو چٽ ٽيڻ - محنت گم ڪرڻ - نشان ٻتو ناس ٽيڻ.
= وائِيَ وَرَنَ: گهالهائڻ - گهالهه ٻولهه ڪرڻ - گفتگو ڪرڻ - ڪلام ڪرڻ - سخن ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وايُونْ بتّالْ: گالهائڻ ۾ منجهڻ - وائڙو ٿيڻ - پريشان ٿيڻ - عجب ۾ پوڻ - متيون منجهڻ.
- وايُونْ بتّالجَنْ: حواس باخته ٿيڻ - هوش گم ٿي وڃڻ - سمجهه وڃڻ - عقل هيٺ مٿي ٿيڻ - متيون منجهڻ - دماغ ڦرڻ.
- وايُونْ بتّالْ ٿِيڻْ: حوصلا خطا ٿيڻ - سمجهه چٽ ٿي وڃڻ - عقل هيٺ مٿي ٿيڻ - هوش ڦري وڃڻ.
- وايُون وِلڙِيُونْ ٿِيَنْ: حوصلا خطا ٿيڻ - سمجهه گم ٿيڻ. حواس باخته ٿيڻ - عجب ۾ پوڻ - وائڙو ٿي پوڻ.
- وايُونْ وِلڙِيُونْ كَرَنْ: دهائڻ - هيسائڻ - ڊيڄارڻ - وائڙو كرڻ - پريشان كرڻ - منجهائڻ.
● وايائِيْ ۽ وايائِيُونْ: ث. (سن. بشج). هندواڻي - واجائي.
● وايائِيْ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وايُون ۽ وايا: (سن. وايو = هوا > واءُ). واءُ - هوا - پَون. اونهاري جي موسم ۾ الهندي كان لڳندڙ هوا.
- وايُو چٽكَرْ: ذ. هوا جو گولو جو ڏرتيءَ جي چوڌاري موجود آهي. اهو هوا جو گولو جيكو كنهن به گرهه يا آپ گرهه جي چوڌاري موجود هجي. آكاس منڊل - وايو منڊل.
- وايُو ماپَ: اسم خاص. هوا ماپڻ جي اوزار جو هڪ قسم - هوا ماپ.
- وايُو مانْ: ذ. هوا جي دٻاءُ سَٽُ جو اوزار - بئرامينٽر.
- وايُو مَنْڈَلْ: ذ. ماحول - فضا - حالت.
● وبا ۽ وبا: ث. (ع). بيماريءَ جو هڪ قسم (وڏندڙ مرض آهي هن بيماريءَ ۾ آلتيون ٽين ۽ دست ٿين) - مهاري.
- وبالْ ۽ وبالَ: ذ. (ع). بيماري - مرض - ڏورا - اكاهائي - ناچگائي - روڳ - ڏوج - ڏُجهندو - لڳائي - كمزورائي - آزار - بي سزائي - ناچاقائي. آفت - سزا - سختي - گراڻي - ماجران. بوجو - بار - گرائي - عذاب - قهر - مصيبت. شامت - پيت. جنجال - رنج - تكليف.
● وِپَ ۽ وِيُونْ (ت): ث. سُڃ - پينگ - كُرهه.
- وِپاگ ۽ وِپاگَ: ذ. (سن. وِيچار). زنا - حرام. عيش - عشرت - بد چلني - بد پيشو - بد لڇڻ - بد چال.
- وِيچارْ ۽ وِيچارَ: ذ. (سن). زناكاري - زنا - حرام. عيش - عشرت - بد چلني - بد پيشو - بد لڇڻ - بد چال.
- وِيچارِيْ ۽ وِيچارِيْ: ذ. صفت. زناكار - حرامخور - شهوتي - عشرتي - عيشي - رنڊ باز - بد چال - بهبود و - بي غيرت - بي شرم - بي حيا.
- وِيكَتِ ۽ وِيكَتُونْ: ث. ڏنگو. ڀاونجرو - تيڏو - آرسي. اسم جو ڦيرو - گردان.
● وِيكُتِيْ: (سن). حالت. وِيوت. ث. (سن). كرامت - معجزو - شكتي وان - چمتكار - شاندار - رعبدار - رونقدار - حشمت وارو. كا خاص طاقت. د بد بي وارو - هلندي وارو - پڇ وارو.
- وِيُوتِيْ: ث. وِيوت كندڙ.
● وتِ (ك): چاش - تمام گهاڻي رس (آزاد) گهر. وري - موڪي - ٻيهر (سچل). (ل) - ٻيو.
● وتْ گُهمَنْدو: امر. رلندو رهه.
- وتي گُهمَنْدو: ذ. رلندو ٿو رهي.
● وتُ ٻِهِ: كنهن به قيمت تي - كنهن به حالت ۾. لڄي پڄي. (جينن: "وتُ به توكان چگو آهي.")
● وِتْ ۽ وتَ: ذ. (سن. وِتْ). طاقت - پهچ - پڇت - پڇندي - سمرٿي - وس - دسترسي - پَل - سڪهه - زور - توفيق - وسعت سا اختياري - ملكيت - مال - خزانو - ڏن - دولت - پڌارٿ - ٻسو - ڏوكڙ.
- وِتُونْ وَجَنْ: چئي كان ٻاهر ٿيڻ - وَسَ كان ٻاهر - طاقت كان ٻاهر - پڇندي گهاڻ ٻاهر.
- وَتائِتِيْ (ك): آلي - ٻينڊل - ٻُسيڙل.
● وِتاڙَنْ (ك): مصدر. پاڙون پٽي ڇڏڻ - آچلائي ڦٽي كرڻ. (وتاڙيو - وتاڙيندو - وتاڙيل).
● وَتافتَرَ ۽ وَتافتَرَ: ث. وِجُ - كِنُوَنْ - برق - بجلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَتاکَ ع وَتاکُونُ (ک): ث. جاءِ - مڪان- ماڳ - ماءِ - هنڌ. اوطاق - ٻيڪ. بنياد - ٻُڌ. جان- جند - حياتي. واهه - وسيلو - اجهو - آسرو - آڌار. آڏ. ذرو - پرزو - ٿورو.

- وَتاکَ نِڪرَڻُ: بيسڻ نڪرڻ - هڏي پوڻ - ٽڪجي ٻوڻ - ٽُٽي پوڻ.

- وَتاکَ وِجَڻُ: اجهو نه رهڻ - آسرو نه رهڻ- واهه نه رهڻ - وسيلو نه رهڻ - آڌار نه رهڻ - آڏ نه رهڻ.

● وَتاڳَ ع وَتاڳُونُ: ث. ڳالهه ٻولهه - چوڻ چو - چور چار - چوڻ ٻول. هٿ چرانڊ. نشان - پتو - پيرو - ڪُرو.

- وَتاڳَ نَہ هُجَڻُ: ڳالهه ٻولهه نه هجڻ - يادگيري نه هجڻ - چور چور نه ٿيڻ.

● وَتائِيڻُ: مصدر. آڇلڻ - آڇلائڻ - ڪيرائڻ. هارڻ. ڦيرائڻ - گهمائڻ. (ڪڇي). ڏيڪارڻ. تنگ ڪرڻ.

- وِتائِي يا ڦِڳائِي چِڏَڻُ: اڇلائڻ - هارڻ - آڇلڻ.

● وِتايو ع وِتايا (ک): ذ. آڇلايو - ڦٽو ڪيو. هاريو.

● وَتايو: اسر خاص. سنڌ جي مشهور درويش جو نالو.

- وَتائِي وارو اڳ جهلڻُ: ڪنهن ڳالهه لاءِ سڀ کان آخري تدبير ڪرڻ (وتايو نالي هڪ درويش چورن جي پڪڙ لاءِ قبرستان ۾ وڃي وينو، چي اڳ ٽو وٺان، تنهن تان اِها چوٽي مشهور ٿي آهي).

● وَتائِيُ ع وَتائِي: ذ. ٻيو فقرن جي ذات جو هڪ نالو.

* وِتِهو ع وِتِهِا: ذ. ڳٽتي - خيال - آلڪو. وهم - پيرم - سنسو - ڪُتڪو. تڪڙ - آڇرائي - جلدائي.

- وِتِهو لڳڻُ: تڪڙو ٻڌڻ - آڇرائي ڪرڻ - جلد ٿيڻ.

● وِتِڪ: علم عروض جي اصطلاح موجب ٽ حرفي ڪلمه ڪي وتد چئيو آهي، اِهو ٽن اکرن جو ٺهيل آهي، جئن ته چمن، گلن، ڪلن، وجن ۽ لال، مال، حال - ڪير وغيره ۽ ارڪان ۾ ٿيندو؛ فعو - علن - مفا - علا - لات :- وتد ٻن قسمن جا آهن (۱) وتد مجموع (۲) وتد مفروق. وتد مجموع ۾ ٽن حرفن مان پهريون متحرڪ آهن ۽ ٻيون ساڪن جئن ته چمن - گلن - ڪلن - وجن - يا فعو - علن - مفا. وتد مفروق ٽن حرفن جو ٺهيل آهي جنهن ۾ پهريون ۽ ٻيون متحرڪ ۽ ٽيون حرف ساڪن آهي. جئن ته لال - حال - مال - ڪير - يا لات، جو مفعو لات ۾ آهي.

● وَتَرُ ع وَتَرَ (ث): ذ. گهوڙي جو ٻُٽ - گڏهه جو ٻُٽ - پيشاب.

- وَتِيرو: مڪائيءَ جي گاهه جي ڪُنيءِ.

● وِتِيرو ع وِتِرا: ظرف. (سن. ٻِتهوتَرُ) تمام وڏيڪ. وڏيڪ بهتر. گهٽو - ٻَهُون - جهجهو - ڪَپهه - جال - سرس - ڪائبو - سپيل. سنوالو - زياده - وڏيڪ. بهتر - سڄيه - سڌهي. تيڪو. (ث. وَتِيريُ).

- وِتِرائِيُ ع وِتِرايُونُ (ک): ث. چلولائي - هڪ شڪ - گهٽو ڳالهائڻ. چترائي - چالاڪي.

● وَتَسَلُ: ذ. صفت. (سن. وَتَسَ = ٻُٽ) هارن ڪي پيار ڪندڙ - اهو جنهن ڪي پيار گهٽو وٺندا آهن - مهربان - دياوان.

● وَتَکَ ع وَتَکَ: ذ. وڏيڪ - زياده - جهجهو - گهٽو - ٻَهُونُ - ڪَپهه - جال - سرس - ڪائبو - سنوالو - سُپَلُ.

● وِتِکِتِ ڪرڻ (ت): گهٽي حرڪت ڪرڻ - آجائي ڪينچل ڪرڻ - اجائي ڦير ڦار ڪرڻ.

● وَتُ: مصدر. (سن. وَرتَنَ > وَرُتُ = هلڻ) گهمڻ - ڦرڻ - رُلڻ - ٻُڌڻ - رمڻ - چڪر هڻڻ - هلڻ - ٻُڪڻ - ٻُڌڻ - ٻُوڻ - لُڪڻ - پرمڻ - ٽُلڪڻ.

● وَتو ع وَتا: ذ. وڏو - وڻ جو ماضي. ورتو.

- وَتو کَرائِيڻُ: (ث). حجامت ڪرائڻ - سنوارت ڪرائڻ - سيرب ڪرائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وِتو ۽ وِتا: ذ. (سن. ورتا) نڪمو- ناڪار- ناڪار- نڪارو- بيڪار- بيڪارو- اڪيارتو- رائيگان- اجايو- فضول- ضايع- وِيڪل. سڪٽو- خالي- تڇ- خسيس- بيهودو. بيوقوف.

● وِتِ وِتِ ۽ وِتِ وِتِ: ث. تڪڙ- جلدي- سرعت- هي قراري- ڦٽڪو- لوڇ- آندماندڻ. تيزي- تڪائي- ڦڙتائي- جلدائي. تيزائي.

- وِتِ وِتِ ٹيڻ: تڪڙ ٹيڻ- جلدي ٹيڻ- ڦڙتي ٹيڻ- تيزي ٹيڻ- منٽ ٹيڻ.

- وِتِ وِتِ ڪرڻ: تڪڙ ڪرڻ- جلدي ڪرڻ- ڦڙتي ڪرڻ- تيزي ڪرڻ- تڪائي ڪرڻ.

- وِتِ وِتِ ڪَتِري هلڻ: ٽرڙائيءَ سان هلڻ- ناز نخرو ڏيکاري هلڻ- قونبڙ سان هلڻ- نخري هازيءَ سان هلڻ- ناز و ادا سان هلڻ.

- وِتِ وِتِ ڪنڊو وَتڻ: رُلندو وتڻ- گهمندو وتڻ- پڪندو وتڻ- پنندو وتڻ- پنوندو وتڻ. چڪر هٽندو وتڻ- ٽلڪندو وتڻ- ڏڪا ڪائيندو وتڻ.

- وِتِو تِيو ۽ وِتِو تِيا: ذ. تڪڙو- آهرو- تڪو. طبيعت جو هلڪو- ٽرڙو- ٽُوٽ- سفلو. فصلپڻيرو.

● وَتِيرو ۽ وَتِيرا: ذ. رواج- دستور. ريت- رسم- رواج- راه ريت- پَرَ- پرويز- هلي چلي- مرجاتا- ورتاءَ- ورتارو- سرشتو- ليکو. رُخ. وِرو- غِذا. نمونو. وِردُ- وظيفو. (ن- ب).

● وِتِيو (ٽ): ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

● وَتُ ۽ وَتُون: ذ. (سن. وستُ) شيءِ- چيز- ٽول. جنس- ٽوڪ. وستو- پدارت- ڏراوت. امانت. مُوڙي. (ڪ). ث. (ڪنايتاً) (مجازاً- اشارتاً) زال- ناري- عورت.

- وَتُ سِتُ: ذ. سامان سڙو- اگر تگر- ٽپڙسڙ- ٽڙو ٽپڙ- اڳڙي ٽڳڙي- گهرو سامان.

● وِتِ ۽ وِتُون وِتِيُون: ث. ويونڊ- چِتِيُ. فرصت- فاصلو. چيٽي- ناغو- فرجو- ڪٽو- ساهي- وبجو. تفاوت- فرق- وچوڻي- خال. ڦير- وچاندر. وَجهه- موقعو. وِتِيُ. ڪاهِيُ جو وچون سهيبو. (ٽ).

● وِتاڻُ: مصدر. وقت وڃائڻ- آرس ڪرڻ- آلِس ڪرڻ- دير ڪرڻ- سست ٿيڻ.

● وَتاڻُ ۽ وَتاڻَ: ذ. (سن. آوَسْتان) چوپائي مال جي ڀهارڻ جي جاءِ- هنڌ- لوڙهو- واڙو- ڪَڙه. آستان مال پڌڻ لاءِ. پاڻ- واڙو.

"ووڙيم سپ وَتاڻ ميهر جي ملڻ لئي" (شاهه).

- وَتاڻِي ۽ وَتاڻِيُ (ڪ): ذ. صفت. وَتاڻ ڪري ويندل- ٽانيڪو- هَٿڌاڻتو- ماڳاڻيتو.

● وِتِيرَڻُ: مصدر. (سن. وِ= چڱيءَ طرح+ سُتري= ڏيکڻ) چڙوچڙ ٿيڻ- ٽڙي پکڙي وڃڻ- پکڙڻ- پکڙجڻ. ڦهلڻ. (وِتِريو- وِترندو- وِتريل).

- وِتِيرجَڻُ: مصدر. خراب ٿيڻ- ڪينو ٿيڻ- گندو ٿيڻ.

- وِتِيُ ۽ وِتِيُونُ: ث. (سن. وِ= هري+ سُتا= قائم ڪرڻ) فرق- تفاوت. ديرِ. جدائي. وبجو- وچوڻي، خال- دَري- گهڙڪي- وچوڻي- مفاصلو- وِٿ- جاءِ. سوراخ- ٽنگ. ديرِ- مدد. مهلت. تفاوت.

- وِتِهيرڪو ۽ وِتِهيرڪا: ذ. وِتِيءَ وارو- وچوڻيءَ وارو- مفاصلي وارو- ٽوري مفاصلي تي. جدا- الڳ- علحده.

- وِتِيُ ڏِيڻُ: وچوڻي ڏيڻ- مفاصلو ڇڏڻ- مهلت ڏيڻ- ميعاد وڌائڻ. اڳ وات ڇڏڻ.

- وِتِيرُو: ذ. وِتِيءَ وارو- تفاوت رکندڙ.

- وِتِيُ وِجهَڻُ: جُدائي ڪرڻ- گهٽي عرصي تائين نہ ملڻ- عليحده ڪرڻ- الڳ ڪرڻ- سنڊ و ڪرڻ.

- وِتِيُونُ ڪَرڻُ: تاني، جا مُٽيءَ تائين ڏگهي ٽيل هوندي آهي، تنهن جا ع يا ۶ حصا ڪرڻ.

● وَتُ ۽ وَتُونُ: ث. (سن. وِ رَشُ= آلو ڪرڻ) آلاڻ- پوسل- وَتَ- آهڪائي- رُطوبت- گهِرَ- رِيجُ. (سن. وَتُ= ورهاڻ) پهريون آيل ميوو ۽ پيون کاڌي جون شيون ورهايل (نئين مند ۾). نئون ميوو- نئين شيءِ. سوڪڙي- سوغات- ساکر. مٺي شيءِ. نذرانو- نياز. حصو- ورچ- ٽانبڙ. پاسو- ڪنارو. ڪن فقيرن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرامتي طاقت - چمتڪار. عيوض - بدلي. برڪ. قسمت - ڀرو. (وفا). (سن. وَنْتَ = پاڳو، حصو) قسم - جدا جدا سَواد. پورو وقت - ٽيڪ ٽائيم - نشون سواد. (سن. وَرْتَ = وڻڻ) وَڪَڙُ - وَرُ. موڙُ. ويچ سان سُور. پيشاب ڪرڻ بعد پتر سان آلت سُڪائڻ جي حالت.

= وَٽِ ڪَرَڻُ: چڪڻ - ڪائڻ - ڪنهن به شيءِ مان ڪجهه ڪائڻ. موسم جون ليون شيون ڪائڻ. موسمي ميوو ڀريون دفعو ڪائڻ. خوب ڪائڻ. موج ڪرڻ.

= وَٽِ وَنْڊُ: دل خوش ڪرڻ - هر طرح جا مزا ماڻڻ.

= وٽَ وَرَاڻُ ڪَرَڻُ: تائيد ڪرڻ - سمرٿن ڪرڻ - پٺپرائي ڪرڻ. ٽيڪو ڏيڻ.

= وَٽائيتو ۽ وَٽائيتا: ذ. الو - هريو - تريو - پاٽياڻو - پاٽيارو - پُسيل - پيڳل - ڪهيل - آدوڪو.

= وَٽائيتِي ۽ وَٽائيتِيُون: ث. اڏ سُڪل ڪاٺي.

= وَٽِ ٽِيڻُ: وڌڻ - ورهائجڻ - ورڇجڻ - پاڳو پتي ڏيڻ.

= وَٽَ آڇَڻُ: زمين کي ريج ڪرڻ ڪان پوءِ ان جي ڪَٽَ سُڪي وڃي ۽ ٽوري آلاڻ باقي هجيس تہ پوءِ ان ۾ بج ڇڏجي ۽ هَرُ ڏجي.

= وَٽَ ڇَتَ: ڏينڊن جي پيٽن ۾ سيلاب اچڻ وقت سارين جي بج جي ڇَتَ - ڪڙڀي.

= وَٽَ ڏِيَڻُ: ٽاڏل ڏيڻ - سُڪو ورهائڻ.

= وَرُ: آها زمين جنهن ۾ ريج سنو هجي ۽ هَرُ چڪو هليل هجي.

= وَٽَ ڪَرائِيڻُ: ڪنهن سُند جو ميوو ڪارائڻ. ڪپڙن کي منڻ بعد سُڪائي آدوڪو ڪرڻ.

= وَٽَ ڪَرَڻُ: سوڻ ڪرڻ - سُڄڻ ڪرڻ - سُند جو ڀريون ميوو وغيره ڪارائڻ - چڪڻ. نڏراني طور ڪائڻ - حصو ڪرڻ. زمين جي پيدا ٿيل تازي ڪائڻ جهڙي شيءِ، سُند ۾ ڀريون پيرو ڪائڻ.

= وَٽَ و راهِيڻُ: پڪل ميوو وڪڻڻ ڪان اڳ خيرات ڪرڻ.

= وَٽَ و رِڇَڻُ: برڪت جهڙي ورڇ ورڇڻ - ونڊ ونڊڻ - ورها ڳو ڪرڻ.

= وَٽَ و ٽِسَ: سوڪڙي پاڪڙي - نڏرانو - سوغات - پاڪر. نئين شيءِ.

= وَٽَ هَٿَڻُ: آلاڻ هٿ. "اڄا ڪائيءِ ۾ روٽ آهي."

● وَٽِ ۽ وَڻُونُ: ث. (سن. وَرتُ = وڻڻ) ڏُهي يا ٻيءِ جي وَٽِ. ڪپڙي تي لڳل پرت واري پٽي يا ڪناري - ڪنڊي. ڪور - ڪنڍو - ڪنارو. ڏس - طرف. پَٽ - پاسي - وَٽِ - پرسان - لڳ - ڳڏ - ويجهو. لاڳو - لڳو لڳ - نزديڪ - تو وٽ.

= وَٽانُ: ڪان - مان - منجهان - پرسان.

= وَٽِ پَڏَڻُ: لٿڻ جا پاسا ڏاڪي سان مضبوط ڪرڻ.

= وَٽِ پاءُ ڪَرَڻُ: پاسخاطري ڪرڻ. بي انصافي ڪرڻ.

= وَٽِ پِيَڻُ: ڳاهه ٽيل آنَ کي گڏ ڪرڻ.

= وَٽِ ڏِيَڻُ: جُٽيءِ جي تري جي مٽان چوڏاري چمڙي جي وَٽِ ڏيڻ يا چيپ ڏيڻ.

= وَٽِ سِرُ: صفت. سِرُ جي عيوض. سِرُ جي بدران.

= وَٽِ سوڙَڻ: ڏيئي جي وٽ مٽي ڪرڻ. هر هر چوڻ - يادگيري ڏيارڻ - ياد ڏيارڻ.

= وَٽِيرُ: پاسي ۾ - پر ۾. مون وٽ.

= وَٽَ وَنْڊُ: (ڪنهن ماڻهوءَ کي) ويجهو وڃڻ - پاڏائڻ - ستائڻ - ليلائڻ - عاجزي ڪرڻ. همدرد ٿيڻ - همراهه ٿيڻ - ٽيڪو ڏيڻ. شرڻ پوڻ.

= وَٽَ و وَراڻِ (ڪ): ٿپ پرائي - مدد گاري - حمايت ڪرڻ.

= وٽِ وراڻُ ڪَرَڻُ: سُر وڌائڻ - تائيد ڪرڻ - پٺپرائي ڪرڻ - همت افزائي ڪرڻ. مدد ڪرڻ - ٽيڪو ڏيڻ.

= وٽِ ورائِيڻُ: پاسو ڪٽڻ - طرف وڃڻ. آڇلائڻ - ختم ڪرڻ - بس ڪرڻ.

● وٽُ ۽ وٽَ: ذ. تورڻ جو ماضو - تورو. پاڪيزگيءِ لاءِ پيشاب ڪرڻ بعد مرد جي آگهڙ کي پيٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره سان سُڪائڻ واري حالت. وَر- رکڻ- مروڙ مروت- وراکو- آکيڙو. پيٽ جي سور جو وٽ آنٽي- ٻيچ. وزن- چيپ- تورُ. ڳاڻي جو وٽُ ور- رسي يا لوڙيءَ جو وٽ- وروت ڪرڻ- وٽ چينڊ.

■ وتُ تهي رَسو پَڇڻ: هڪ طرفي ڳالهه ڏيکارڻ- ڪنهن جي مرضيءَ موجب مرعوب ٿي ناجائز طرح ڳالهائڻ.

■ وتُ تهي وُڃائيُ ڏيڻ: جواب ڏيڻ. يڪدم نه ڏيڻ- ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ.

■ وتُ تهي هَلَڻُ: مرضيءَ موجب هلت هلڻ.

■ وتُ چاڙهَڻُ: ڳاهه وقت ٻاهر ٽيل سنگ- ڏاندن جي پيرن هيٺان ڏيڻ.

■ وتُ چِيڙَڻُ: پيشاب ڪرڻ ڪان ٻوءِ مرداني عضوي کي پٽر سان سڪائڻ.

■ وتُ ذيڻُ: ڳالهه کي ڦيري قاسائڻ جي ڪرڻ- ڳالهه کي ڦيرائڻ- اصليت کي ڦيرائڻ يا لڪائي ڪوڙ ڳالهائڻ. پوڙي جو چڻن کي آٽلائڻ پُٽلائڻ.

■ وتُ رَکَڻُ: ڳجهه رکڻ- لڪ رکڻ- مخفي رکڻ. وير رکڻ. تيسو رکڻ- بغض رکڻ- ڪينو رکڻ- ڪُپت رکڻ.

■ وتُ سارَڻُ: وٽ ڪرڻ- وٽ پچائڻ. مسلمانن جو پيشاب ڪرڻ کان پوءِ باقي رهيل قُرڻ کي پٽر سان آلت جي منهن تان سڪائڻ.

■ وتُ ڪَرڻُ: پٽر سان پيشاب ڪيل عضوي تان قُڙا سڪائڻ.

■ وتُ ڪٽيوڪائيڻُ: تور يا ماپ جي ڏڳي ڪرڻ. ڪوڙا تورا رکڻ.

"اڳهه ڪٽيو ڪاڇي، وٽ ڪٽيو نه ڪاڇي."

■ وتُ نه وجهڻُ: سئو هلڻ- چڱو هلڻ- بهتر روش وٺڻ. ٻئي سان ڪپت نه ڪرڻ- بغض نه رکڻ.

■ وتُ وٺاءُ: ذ. نفعو- فائدو.

■ وتُ وجهَڻُ: حساب ڪرڻ- مهرباني نه ڪرڻ. رنڀڪ وجهڻ- روڪ وجهڻ- آڪ وجهڻ- ڏڏو وجهڻ.

● وِڙارَڻُ: مصدر. (سن. وِشٹَنا. پرا. وِڙانَ). ڪنهن جانور جو ڪاڏي مُ وات وجهي ناپاڪ ڪرڻ. ڦٽائڻ- وات وجهي خراب ڪرڻ- ڪاڏي جي شيءِ مُ ڪنهن جانور جو منهن پوڻ- طعام جوٺو ڪرڻ- پليت، پرشٽ، ميرو ڪرڻ- اوبارڻ. (وڙاريو- وڙاريندو- وڙاريل).

■ وِڙارَ ۽ وِڙارُونُ: ث. اوبر ڪرڻ- جوٺو ڪرڻ- پليت ڪرڻ- خراب ڪرڻ- ميرو ڪرڻ. ڦٽائڻ.

■ وِڙارِيلُ ۽ وِڙارِيلَ: ذ. اوباريل- اوبارو- لُٻيل- ڪائي بچايل- هٿ وجهي خراب ڪيل- ڦٽايل- وجايل- اوبر ڪيل- جوٺو ڪيل.

■ وِڙاري وَڃڻُ. خراب ڪري وڃڻ- لُٻي وڃڻ- اوبر ڪري وڃڻ- ڦٽائي وڃڻ- هٿ وجهي خراب ڪري ڇڏڻ- لُٻڻ.

● وِڙاڙَ ۽ وِڙاڙُونُ ث. جوٺ- اوبر- پليت- خراب- پرشٽ- ميرو ڪيل.

● وٽاڻُ ۽ وٽاڻَ (ڪ): ث. جوٺ- اوبر- پليت- خراب.

● وٽاڻُ ۽ وٽاڻَ (ڪ): ث. سنباڻ- ڪٽاڻ. پاڇيءَ جو هڪ قسم. ٻنيءَ جي ڪيڙن پيڇڻ لاءِ ڪاٺ جو سترڪو- وٽهڙُ.

■ وٽاءُ ۽ وٽاءِ: ذ. (سن. وتُ= حصو وٺڻ). نفعو- فائدو- لاڀ- سوباسو- پراپت- ڪٽيو- آپت.

■ وٽاءُ ڪَرڻُ: نفعو ڪرڻ- لاڀ ڏيارڻ- سوباسو ڏيارڻ- فائدو ڏيارڻ- ڪٽيو ڏيارڻ- آپت ڏيارڻ.

■ وٽاءُ وارو: ذ. فائدي وارو- فائديمند- سودمند- پراپت وارو- آپت وارو- ڪٽئي وارو- لاڀ وارو- سوباسي وارو.

● وٽائِڻُ: مصدر. (سن. وَرْتُ= وٽڻ) وٽڻ جو ڪم. ٻني کان ڪرائڻ- (ڏاڍو دعا جو) پڙهائڻ. وٽ ڏيارڻ- موڙائڻ- (ڏوڙي) پيڇائڻ. لنگهائڻ- گذارڻ- حاصل ڪرائڻ- بدلائڻ. ڦيرائڻ. هلائڻ- وڃڻ. وٽڻ- پرسان لنگهڻ- وکوڙڻ- مروٽڻ. ڦري اچڻ. متائڻ. نم ڏيڻ وقت جيڪي ڪپڙا استري نه ڪيا هوندا تن کي تهه ٻڌڻ. (وٽائيو- وٽائيندو- وٽائيل).

■ وٽِيپُ ۽ وٽِيپَ: ذ. فائدي مُ ڳالهائڻ. پاسخاطري- رڪاوٽ- پاسي پکپات- طرفداري حمايت- مدد- واهر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وَٽيڻ ۽ وَٽهڻ: ذ. پاسو - طرف - پر - رياءُ - پاسيخاطر. مدد - حمايت - واهر.

= وَٽيڻُ ڪَرَڻُ: پاسو وٺڻ - طرف ڪٽڻ - طرفداري ڪرڻ - حمايت ڪرڻ - مدد ڪرڻ - واهر ڪرڻ.

= وَٽيڻِي ۽ وَٽيڻِيُ: ذ. صفت. پڪ پاتي - بي اکيو - رياءِ - پاس ڪندڙ. قدري - ڪجه قدر - ٿورو - ان پورو.

● وَٽيجَڻُ: مصدر. وَتُ اچڻ. وکوڙجڻ - ورائڻ - وکوڙڻ - موڙڻ - سروڻ - پيچڻ - وراکو ڏيڻ - پيچ ڏيڻ - وَرُ ڏيڻ - آکيڙو ڏيڻ - مُڙڻ. (وڙي) پيچڻ. حاصل ٿيڻ.

● وِٽِرَڻُ: مصدر. ڪير جو خراب ٿيڻ - قِنڻ.

= وِٽِرجَڻُ: مصدر. (ڪاڏو) اوهارو ٿيڻ - آئٽو ٿيڻ - چٽو ٿيڻ - آنو ٿيڻ - پليت ٿيڻ - آلود و ٿيڻ. آلو ٿيڻ - نمناڪ ٿيڻ - بدبُوءِ ڪرڻ - خراب ٿيڻ - ميلو ٿيڻ. (هندوءَ جو) ذات نيات وڃائڻ.

= وِٽِروُ ۽ وِٽِرا: ذ. وٽارو - جوئو - اوهارو (ڪ). آهي ٿانو يا برتن جي ڪائڻ ڪان پوءِ ٻنان ڏوئڻ يا آڇلائڻ جي رڪي ڇڏجن.

● وِٽڙَڻُ: مصدر. چرڙ ورڙ ٿيڻ - (ڪير) ڪٽو ٿيڻ. ڦاٽڻ - خراب ٿيڻ. ڦسڻ - اڌڙڻ - چٽڪڻ. پکهڙ - ڳرڻ. جوش ڪائڻ. خراب ٿيڻ. سُڇو ٿيڻ - گم ڪرڻ. (وڙيو - وڙڻو - وڙيل).

= وِٽِڙجَڻُ: مصدر. ڪير جو خراب ٿيڻ - ڦٽڻ - ڦاڻي پوڻ.

● وِٽڪَ ۽ وِٽڪُونُ: ث. هُنڊيءَ جو هڪ قسم. آهو ڪاغذ جنهن ۾ پيلاوٽي ڪي لڪي موڪلجي ته منجيل مال مان چا آمدني ٿي آهي.

● وِٽِڪڙِيُ (ڪ): اسم خاص. پرت جو هڪ قسم.

● وَٽَڻُ: مصدر. (سن. وَرْتُ = وٽڻ) وکڙ ڏيڻ. بيچ ڏيڻ. ڪمائڻ - فائدو حاصل ڪرڻ - لاب - آپراسو. آپائڻ - ڪٽڻ - پرائڻ - وٽ ڏين (نوڙي) پيچڻ - موڙڻ - چٽڻ - ڳڏيڻ. ڪٽڻ. نيوڙڻ. حاصل ڪرڻ. مهٽو ڏيڻ - سروڙڻ. منارڻ - ويڙهڻ - پُسائڻ - آلو ڪرڻ - هريو ڪرڻ. ونڊڻ - ورهائڻ - حصا ڪرڻ. ڏيڻ. (وڻيو - وڻيندو - وڻيل).

= وَٽيٽُ ۽ وَٽيٽا: ذ. هڪ گهڙيل ڪاني، جنهن سان ڏاڪو وڻجي. نديءِ پار ڪي ڏانڻن جو اچڻ. ميسّر - حاصل ڪرڻ جهڙو - مال وارو - دستياب - فائدي وارو - لاب وارو. ڏاڪي وڻڻ جو اوزار - ڏکڻلي. نفعو - آپت - ڪٽيو - پراپت - لاب - آپراسو - ڪٽڻ - ڪمائڻ - پرائڻ. (صفت). وڻڻ جهڙو. گيت جو هڪ قسم (جو گهٽو ڪري هوليءَ ۾ ڳائيندا آهن).

= وَٽيٽِيُ: ث. وڻڻ جو ڪم.

● وَٽيوُ ۽ وَٽيا: ذ. (سن. وَتُ = ورهائڻ) ڪنجهي ۽ ڪُٽ مان ڦهيل ٿانو جو هڪ قسم - ڪٽورو - پيالو. وڻيل ڏاڪي جو ٽُڪر، جو ڪَن يا نڪ ۾ ٽوپڙ وقت وجهجي. (پرا. واتّ: سن. وارت) هنديءَ جي لاڀ - وياج. مٿا سٿا ڪرڻ وقت ڏنل عيوض. (واهاري واڌاري جو لفظ) تفاوت - فرق - اڻڪل - لاڀ. (هَنديءَ تان) وياج جو قسم. حساب جو ڦير. ڦيش مان ٿاهيل چلو (جو آڇ جي نڪ جي چونڻيءَ ۾ سوگهو ڪري پوءِ ان ۾ مهار پڏجي). داغ - الزام - ٽڪو. وزن ڪرڻ جو ماڻ - وَتُ - تورو.

= وَٽهي ڪاتهي: ظرف. نقصان ۾ - بنا مطلب جي. نڪمو - ناڪام - نڪارو - نڪارُ - ڪين ٿيو - ٿُوٽُو - بيڪارو - اجايو - فضول - اڪيارتو - ورتو - وِرتو - رائيگان.

= وَٽهي وارو ماڻهُو: ذ. جيڪو واپاري بازار جي نرخ ڪان مٿي ڪَسُ ڪائي، اڌار پُسا وٺي يا هُنڊيءَ ۾ مال جي فروخت ڪري.

● وَٽورَڻُ: مصدر. ڪٽي ڪرڻ - گڏ ڪرڻ - ميڙڻ - گڏي رکڻ - ميڙي چونڊي رکڻ - سَٽَ ڪرڻ. ڪاٽ ڪي واهواسي سان صاف ڪرڻ - گوڙڻ - ڪاٽ ڪي لَسو ڪرڻ.

= وِٽورَ ۽ وَٽورُونُ: ث. ميڙ - ڪَٽِ - ڍوڙي - اوڪڙا - اوڳاڙي - چنڊو.

= وِٽورِيُ وِجهَڻُ: غرق ڪرڻ - هڙپ ڪرڻ - گهيهڻ - هضم ڪرڻ - (پيٽ ۾) لنگهائي وجهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وڻوڙ ع و ٽوڙ: ذ. پترن پيڇ لاءِ ڪاڪ جي ڏکڻي ڳچ سان ڪاڪ جو مترڪو - پترن پيڇ لاءِ ڪاڪ جو اوزار - وڻوهڙ.

● و ڻون: ڪان - وڻان تان - پاسي مان - پرسان - تو وڻان - ان ڪان - هن ڪان. نزديڪ - ويجهو.

● وڻوهڙ ع وڻوهڙ: ذ. ڪڻون يا پترن پورڻ لاءِ ڪاڪ جو اوزار. وڻار - وڏاڻ - هٿوڙو - ڪاڪ جو مترڪو.

● وڻوٽو ع وڻوٽا (ث): ذ. رڳيل ريشمي ڪپڙي جو ٻڌڻ جنهن ۾ سوپاريون ڦوڻا وغيره وجهي سالي پيٽوٽي ڪي ڏيڻي.

● وڻهڙ ع وڻهڙ: ذ. ڪاڪ جو ٿهيل وڏو ڳرو مترڪو - وڏاڻ - ڪنهن - وڻوهر. مال تورڻ لاءِ تورن بدران وڏل بار. آهن.

● وڻي ع وڻيون: ث. ٽامي يا ڪنجهي مان ٿهيل ننڍي ٽانڊو جو هڪ قسم - پيالي - تاسري - ڪٽوري - ننڍڙو وٽو. (سن. وڙٽي). اندي - ڪني - ڪنار - وٽ - ننڍڙو وٽ - وزن ڪرڻ جو ننڍڙو تورو.

= وڻي وجهڻ: ڪوڙو وٽ وجهي ٽڪي ڪرڻ. برخلاف ٽيڻ - خلاف وڃڻ. ويري ٽيڻ - دشمن ٽيڻ - دشمني ڪرڻ. ڪوڙو وٽ ڪر آڻڻ - ڪوڙي تور ڪرڻ. ڇيهو پهچائڻ - نقصان ڪرڻ - ضرر رسائڻ. رندڪ وجهڻ - اڻڪ وجهڻ - ڦڏو وجهڻ. (ڪ).

● وڻيو: ذ. (سن. وٽ = حصو وڻڻ) فائدو - نفعو.

● وڻيجي: اسم خاص. ضلعي ٺٽي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

● وڻ ع وڻون: ث. جهاڻ يا ڪنهن واري حالت - (سن. آڻ = ڏک هڻڻ) مصيبت - تڪليف - ضرب - ڏک - پيڙ - بددعا - آپدا - مار - آفت. گرفتاري - ضبطي. جهڙپ. قهر - ظلم - ڪوپ. پڪڙ پڇاڙ - جهل.

= وڻ ٻيگر: وڻ پڄان. وڻ پڄ - ٻر ٻلڻ - هٿ ٻر هڻڻ - آٻهراڻي - تڪڙ - تعجيل - اچائي هٿنگ تيرڪان. اچائي تڪڙ. آترويلا.

= وڻتو ع وڻتا: ذ. ورتو - خريد ڪيو - ڳڏو. پڪڙيو - جهليو - ڦاٽو - قابو ٿيو.

= وڻتي ع وڻتيون: ث. ورتي - خريد ڪئي - ڳڏي. جهلي - پڪڙي - قابو ڪئي.

= وڻ ٻاجا ڪترڻ: سختي ڪرڻ - ڏاڍ ڪرڻ - زور ڪرڻ - زبردستي ڪرڻ - تڪليف ڏيڻ - اهنج ڏيڻ - دب دٻاءُ رکڻ.

= وڻٻڄ ع وڻٻڄ: ث. اچائي تڪڙ - برهلڻ - هنگ ترڪان - سيکهه - جلدائي - تڙ تڪڙ.

= وڻ پڄان: ظرف. تمام جلد - تڪڙو - پڄ پڄان.

= وڻ پڄان ڪرڻ: تڙ تڪڙ ڪرڻ - جلدي ڪرڻ - هٿ وڻ ڪرڻ - سيکهه ڪرڻ - پڄ پڄان ڪرڻ.

= وڻ پويس: مصيبت پويس - آفت ڪا اچيس - بددعا ڪا لڳيس - ظلم ۾ پويس - چٽي پويس - نقصان پويس - ڇيهو رسيس.

= وڻ جو نه هٿئي: هٿ ۾ پرجڻ - تڪبر ۾ پوڻ - آڪڙ ۾ پوڻ - وڏائي ۾ پوڻ - قوند ۾ اچڻ - مگر ۾ پوڻ.

= وڻ ڪرڻ: پڪڙڻ - جهلڻ - دٻائڻ - هيسائڻ - تنگ ڪرڻ جُلهه ڪرڻ - حملو ڪرڻ - آڇل ڪرڻ.

= وڻ وڻ: تڪڙ ۾ - تمام جلد.

= وڻ وڻ ڪرڻ: يڪدم ڪر ۾ جُنبي وڃڻ - همٿ ڪرڻ - مدد ڪرڻ - پڄ پڄا ڪرڻ - جهٽ پٽ ڪرڻ - اٽورچ ٽي لڳڻ - پوئتي نه موڙڻ.

= وڻ وڻ لڳڻ: تڪڙ ڪرڻ - سيکهه ڪرڻ - جلد ڪرڻ - جهٽ پٽ ڪرڻ - پڄ پڄان ڪرڻ - هڻ وڻ ڪرڻ.

● وڻ ع وڻون وڻيون: ث. (سن. وشٽا) پڪيءَ جو ڪونهن. پڪين جي ڪرفتي - پڪيءَ جو ڪند - پڪيءَ جو ٿورو - پڪيءَ جو پائخانو - پڪيءَ جو ڇيڻو.

= وڻ ڪيڏ: سزا ڏيڻ - تڪليف ڏيڻ - سيکٽ ڏيڻ - اهنج ڏيڻ - ايذاءُ ڏيڻ - لوڙائڻ. هلاڪ ڪرڻ - محنت وڻڻ - سخت پورهيو ڪرائڻ - سجو ڏينهن ڪر ۾ پيڙهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وڻائڻ: مصدر. (سن. وِتّه لاپ > وِدْ = حاصل ڪرڻ) وٺارائڻ - جهلائڻ - پڪڑائڻ - قابو ڪرائڻ - نظر بند ڪرائڻ - ضابطي ۾ آڻائڻ. زور وڻائڻ - طاقت وڻائڻ. (وڻايو - وڻائيندو - وڻائيل).

● وڻائيتُ ۽ وڻائِتَ: ذ. واپاري - دلال.

● وڻتا: ذ. همراهي - مدد گاري - هٿ هٽي.

● وڻجڻ: مصدر. پڪڑجڻ - جهلجڻ - گرهجڻ.

● وڻڙَ (ث): اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● وڻڻ: مصدر. (سن. وِتّه = لاپ > وِدْ = حاصل ڪرڻ). جهلڻ - پڪڑڻ - قابو ڪرڻ - هٿ ڪرڻ - ٺيڻ. ڳنهڻ - خريدڻ. حاصل ڪرڻ. (دعوت) مڃڻ - قبول ڪرڻ (عرض) - ٻڌڻ. (داخل ڪرڻ) اسڪوڙهه. (مزو) ماڻڻ - حاصل ڪرڻ - پائڻ - وڻڻ - لهڻ. ڪٽڻ - جيتڻ - فتح ٿيڻ. جهلڻ. پڪڑڻ. جهٽڻ.

- وڻٽو ۽ وڻٽا: ذ. ڪابه وڻڻ جهڙي شيءِ ضروري - لاچاري شيءِ. قرض - اوڌر - طلب - لهڻو - لازم - واجب - حقي واجبي - دستوري - لاڪُو - محصول.

- وڻٽيي: اوڌر - قرض - طلب - لهڻو - لازم - واجب.

- وڻيٽيي ڪَرڻُ: تنگ ڪرڻ - عاجز ڪرڻ - پريشان ڪرڻ - تڪليف ڏيڻ - ايذاءُ ڏيڻ - اهنج ڏيڻ - ڏک ڏيڻ - ڏنجهه ڏيڻ.

● وِڻَڻُ (ڪ): مصدر. وٺ هٽڻ - وٺ لاهڻ. ڦسڻ - وجهڻ (ڪڪڙَ جو مادي ۽ ڪي). پکين جو ميلاپ ڪرڻ (لڳ ڪرڻ). (وِڻيو - وِڻيندو - وڻيل).

* وُڻو ۽ وُڻا: ذ. وسيو - آڏو (مينهن پيو).

- وُڻيَوُنْ: آڏيون - وسيون.

● وڻيَوُنْ: اسم خاص. تعلقي گهوڙا پاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وُڻُوق: ذ. (ع). مضبوطي - آستواري. اعتبار - اعتماد - پروسو - يقين - ويساهه. طاقت - زور - بَل.

● وپَ ۽ وپَ (ڪ): ذ. وجهه - موقعو - وقت - داءُ.

- وپاتو ۽ وپاتا: (ڪ): ذ. وجهائتو - پورو - سڌو - ٺيڪ - برابر - صحيح - درست - تُڙ.

- وپائِتو ۽ وپائِتا: ذ. وجهائتو - سجهائتو - پورو - ٺيڪ - تُڙ - برابر - صحيح - درست - سڌو - سنئون.

● وپارُ ۽ وپارَ: ذ. (سن. ويپار). واپار - ڏنڊو - ڪر - وڻج - سودو - ڪرت - پيشو - تجارت.

- وپاري ۽ وپاريُ: ث. واپاري - ڏنڊائي - سودي وارو - ڪرت وارو - پيشي وارو - ڪر وارو.

● وِپَتِ ۽ وِپَتُونْ: ث. (سن. وَپَتْ). آپدا - مصيبت - آفت - غضب - ڪمبختي - نياڪ - شامت - ماجرا - ڏک - ڪر نصيبي - آوسَر. سخت تڪليف.

- وِپتا ۽ وِپتائُونْ ث. آپدا - تڪليف - مصيبت - غضب - نياڪ - شامت - ڏک - ڪر نصيبي - اوسَر. دنيا جون خواهشون - مرضيون - اِڇائون - هَوَسون - حرص هَوسون.

- وِپتِيي ۽ وِپتِيُونْ: ث. آفت - مصيبت - آپدا - تڪليف - ڏک - اهنج - ايذاءُ.

● وِپَرُ ۽ وِپَرَ (لس): ذ. (سن. وِپَرَ = ساراهه ڪندڙ) ساراهه ڪندڙ - ثنا خوان - گن گائيندڙ - پَٽ - پان - پاند - ڀارت. شاعر - ڪتڪ - درويش - برهمڻ. مذهبي پهشوا - اڳواڻ. ڏاهوماڻهو - سالڪ. برهمڻ جو پاڪ پير - برهمڻ جو خون.

● وجاهَتَ: ث. (ع. وجه). عزت - مان - شان - مرتبو. خوبصورتي - سهڻائي - حَسين. روشنائي - چهرو روشن هجڻ.

● وجَبُ: ذ. (ع). آگوٺي جي چوٽيءَ کان وٺي هٿ جي چيچ جي چوٽيءَ تائين پکڙيل هٿ جي ماپ - گرانٽ - چاڙڪي - ٻالو - ٻاچو - گٻاٽ - گوڪون.

● وجُدُ ۽ وجُدَ: ذ. (ع. وجد = سرچايو) غمگين ٿيڻ. عاشق ٿيڻ - ذوق شوق واري حالت (اڪثر صوفين جي ڪلام ٻڌڻ ۾ ٿئي) حال. جذبو - حالت - بيخودي - سرمستي - جوش. ويراڳ - ترنگ - لَهر. موج. مذهبي جذبو - مذهبي جوش.

- وجُدُ ۾ اچڻُ: حال ۾ اچڻ - بيخودي ۾ اچڻ - مستيءَ ۾ اچڻ - جوش ۾ اچڻ - جذبي ۾ اچڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وجُدانُ: ڪنهن وجايل شيءِ جو ليڻ - جاڻ - ڄاڻ پوڻ - دريافت ڪرڻ.

● وجَرُ ۽ وجَرَ (ث)؛ ذ. ناس - تماڪ - لشيدار شيءِ.

● وجِيلُ؛ ذ. صفت. (ع). ڏڍندڙ - ڊيڄائو - هراسيل.

● وِجِلَ ۽ وِجِلُونُ (لس)؛ ث. و نجهل - سِڪ - حُب - يادگيري - تات - آڻ تڻ - ڳڻتي - فڪر - اُداس. تانگهه - تاڪ - تنوار.

● وجُوبَ: واجب الوجوب - الله پاڪ.

● وُجُودُ ۽ وُجُودَ: ذ. (ع). بدن - تن - ٻُت - جُثو - سريرُ - ديهه. ڀَهر - جُثو - شخص - پُرش - آدمي. راڄ - جماعت. هستي - زندگي - موجودگي. زور - ٻل - شڪتي - طاقت - سگهه - سمرٿي - وس - دسترسي. وِت - توفيق - وسعت - قوت. دِگو - اختياري - پرمان - موڪل - اجازت. وڏي دل.

- وُجُودُ جو وَرَقُ ڏُنڊُ: پنهنجي هستيءَ جو خيال ميساري ڇڏڻ - هستي وڃائي ڇڏڻ - دنيا جون خواهشون وساري ڇڏڻ - نفس ماري ڇڏڻ.

- وُجُودُ ونڊُ: ظاهر ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ - نڪري نروار ٿيڻ - منظر عام تي اچڻ.

- وُجُودُ وڃائِڻُ: پنهنجي هستي وڃائڻ - نيستي ۾ اچڻ - من مارڻ - نفساني خواهشون فنا ڪرڻ.

● وُجُوهاتُ ۽ وُجُوهاتِ؛ ذ. (ع. وَجهُ جو جمع). سبب. پيدائش. آپت. پيدا ڪرڻ - آپائڻ - سرجڻ - ڏيڻ - حاضر ڪرڻ. پيدائش - پراپت - واصلات ڪمائي - آمد.

● وجِيهُ ۽ وجِيهَ: ذ. (ع). مقرر ٿيل روزي. پگهار. عيوضو - بدلو - (فلاڻي جي) نوڪريءَ (م) پگهار - تنخواهه - مجرائي - مزوري - پورهيو - روز - پينشن - وظيفو.

سبب - ڪارڻ. شڪل - منهن - آڪار - ڍُول - صورت - روپ. روش - مهانڊو - چهرو - چهرو - آرڪڻ. ريت - ڍار - هلت - پَر - دستور - زيب. وتيرو - طرح - هار - ڍب - طرز - ٻت - ڍنگ - راهه - نمونو - ونگ - وٽنگ - رهت - آچارڻ - روش.

روڪڙ - ٻُسا - (جيڪي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلي سگهجن).

- وجهُ شبهُ يا وجهُ تشبيهي: ٻن لفظن جي ڄاڻ ۾ مشابهت يا هڪجهڙائي وقت، جا معنيٰ، مشابهت جو سبب ڏيکاري، جيئن ته "پهلوان مان پهلواني ۽ چمڪندڙ مان چمڪات."

● وجهو (ث)؛ رقم - روڪڙ - ٻُسا - ڌن - مال - ملڪيت - موڙي - سمرٿي - پدارٿ.

- وجهو هُڻڻُ (ث): پنهنجي موڙي وارو هڻڻ - ڌن وارو هڻڻ - مال وارو هڻڻ - رقم وارو - هوند وارو - سمرٿيءَ وارو - پدارٿ وارو.

● وِجِئِهِ: (سن. وِجِيَهِ). فتح - سوپ - ڪاميابي - فتحيابي.

● وجِيرُ ۽ وجِيرَ (ث): ذ. هندو راجپوتن وٽ خدمت لاءِ رکيل غلام.

● وجيءِ: (هـ - و - ذ) بلوچستان ۾ هڪ نندڙي جبل جو نالو، جو هاڙهي جبل جي شاخ آهي، هن "جيءِ" جبل جي وچ ۾ آگهور ندي وهي ٿي.

● وجِيهُ ۽ وجِيهَا: ذ. (ع). مرد روشناس. خوبصورت - سهڻو - حسين. صاحب جاهه - عزتوارو - مان وارو - شان وارو. دولتمند - ڌنوان - مال وارو - ملڪيت وارو - پئسن وارو. خوشنمائشي.

● وجُ ۽ وجَ: ذ. سوئر جا ڏند - مرونءَ جا باهر لڪندڙ ڏند. شاديءَ ۾ ورهائڻ لاءِ سوپارين جون تڙون، ڏاڪ، سوپاريون ۽ ڦوڻن جي سوڪڙي. پڇڙيءَ جي تند ۽ ان جي پڪيءَ جهڙي پوڻين حصي جي وچ ۾ ٽيڪ جي لاءِ ڦاڙل چم جو ٽڪرو، جو تند ڪي سري ڪان جدا ڪرڻ لاءِ ٻڌجي، جيئن تند جي آواز ۾ رندڪ نه پوي.

- وجَرُ ۽ وجَرَ: ذ. وڏن ڏندن وارو - نيش وارو - ڏندرو.

- وج ڪڍڻُ (ڪ): ڏو ڪرڻ - چڙهه ڪرڻ - پٽ پرڻ.

- وج وڃائِڻُ: ڏند ڪڍڪائڻ - ڏمڪيون ڏيڻ - حشمت ڏيکارڻ - ضابطي هيٺ آڻڻ - قبضي ۾ رکڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تکليف ڏيڻ - صدمو رسائڻ - چيهو ڀڃائڻ - نقصان رسائڻ. نالو ڪيڏائڻ - مشهوري ڪرائڻ. سوپ ڪرڻ- فتح ڪرڻ - ڪاميابي ڪرڻ.

● وِجُ ع وِجُونُ: ث. (اب. وِجّ. سن. ودن > وِدْيُت. پرا. ڀِجلڻا. ڪنوڙ - تجلو - آسماني چمڪات . ڀجلي - وِجلي - برق - ڀجر - دامني.

= وِجِڙِي ع وِجِڙِيُونُ: ث. وج جو اسم تصغير - ٿورڙي وج - ٿوري ڪنوڙ - ٿورو چمڪات - ٿورو تجلو.

= وِجُ ٹِڪُتِي: ث. برق - ڀجلي. ڪهربائي.

= وِجُلِي ع وِجُلِيُونُ: ث. ڀجلي - وِجُ - ڪِنوڙ - برق - تجلو.

= وِجُوانُ ع وِجُوانَ: ذ. برقي - ڀجليءَ جو.

= وِجُورُو ع وِجُورا (ڪ): ذ. وڄڻي ڪان ٿوري وڌيڪ وج - ڪِنوڙ - چمڪات - آسمان ۾ پري ڪان ٿوري ٿوري وج جو نظر اچڻ.

● وِجا ع وِجائُونُ: ث. (سن. وِدْيا = علم) علم - وديا - سمجهه - جاڻ - عقل - پروڙ - ڪَلَ - گيان - سُڌ - سمڪ - پُڌي - هوش - فهم - ذهن. هنر - ڪاريگري. دانائي - قابليت - علميت - چاڻپ. ڪاريگر - هنرمند - حرفتي - سياڻو - ڏاهو. پهچ - پهچت - هلندي - پُڄندي - طاقت. (ڪ). علاج - پُڪي.

= وِجاوانُ ع وِجاوانَ: ذ. پڙهيل - وِدوان - عالم - فاضل - عاقل - وگيانڪ - سياڻو - سمجهو - هوشيار - ماهر - عالماڻو. (ڪتاب) حڪمت جو.

= وِجائِيتُو ع وِجائِيتا: ذ. وديا وارو - ودوان - علمائتو - وگيانڪ. وِجاسان - تجويز سان.

● وَجائِڻُ: مصدر. (سن. وادْيَہ = واڇو) آواز ڪيڏائڻ. ڏڪ هڻڻ يا هوا ڏيڻ سان ڪو راڳ جو اوزار هلائڻ. دُهل يا ڪو به ساز وڄائڻ - آواز ڪرائڻ - هڻڻ - ٽڙڪائڻ. (ترار) گهمائڻ - ڦيرائڻ - هلائڻ. ڏڪ هڻڻ. ترار هلائڻ. گفتگو ۾ اثرائتو ڳالهائڻ. (وڄايو - وڄائيندو - وڄايل).

= وَجارائِڻُ: مصدر. ٻئي کان ساز وجارائڻ.

= وَجاڻِيُ: ث. وڄائڻ جو عيوض - مزوري - آجورو.

= وَجائِي ڇَڏَڻُ: ڀري وڄائڻ - زور سان آواز ڪرائڻ. خوب اثرائتي نموني ۾ ڳالهائڻ. سربراهي ڪرڻ - ناماچاريءَ جهڙو ڪم ڪرڻ - مشهوريءَ جهڙو ڪم ڪرڻ - ناموس جهڙو ڪم ڪرڻ. سيڪت ڏيڻ - سزا ڏيڻ - تڪليف ڏيڻ - اهنج ڏيڻ - ايذاءُ ڏيڻ - ڏک ڏيڻ - سُور ڏيڻ. فائدي ۾ لڪڻ - خلاف وڃڻ - مخالف وڃڻ.

= وَجائِيندَڙُ ع وَجائِينڈَڙَ: ذ. ساز وڄائڻ وارو - سازينده.

● وَجَتِ وَجَتُونُ: ث. آواز (ساز جو). وڄائڻ جو نمونو - ڍنگ - طرز - طرح.

= وَجَتا: سازن وڄائڻ وارو.

= وَجَتِ ڪَرَنُ: گهائڻ تي ساز وڄائڻ.

● وَجَرَ (ڪ): سويل - سوير.

● وِجِرَنُ: مصدر. ڇرڻ - ڏڳڻ - هڻڻ. ڪاٽڻ - پوسڻ - ساڙي ۾ سڙڻ - حسد ۾ هجڻ. منجهڻ - انڪڻ. سُوڙهجڻ. خفي ٿيڻ. بيزار ٿيڻ. (وِجِريو - وِجرلڌ - وِجريل).

● وِجُڪَ: اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● وِجُلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وَجَنُ: مصدر. (سن. وادْيَہ = واجو > وَدُ = ڳالهائڻ) آواز ڪرڻ. باجي جو آواز. لڳڻ - ٽيڻ. ٽڪاءُ ٽيڻ (گهڙيال جا). وقت ڏيکارڻ. شَبَدُ - تنوار - پرلاءُ - آڇار. بولڻ. مشهور ٽيڻ. (وجيو - وجندو - وجيل).

= وَجَتُو: ذ. صفت. وجندڙ - وڄڻ جهڙو. آهو ماڻهو، جو گهڻو ۽ اثرائتو ڳالهائي.

= وَجِڻِيُ: وڄڻ جو آواز. وڄڻ جو ڪم. وڄڻ جي حالت.

● وَجُو: ذ. (سن. وادْيَہ = واجو) وڳو - ڪجو.

● وِجُو ع وِجا: ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم، نديڙو ڪورٽ. گدڙ. (ڪ).

● وِجُوتُو: اسم خاص. تعلقي سڃيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وِجُونْ: اسمِ خاص. پکيءَ جو هڪ قسم.
● وجهڻ ۽ وجهه: ذ. موقعو - ٽيڻ - وقت - وار - ول - سنجهه - چڪي گهڙي. ساڃي - سئو - سانگو. ڏت - آڌاءُ - ٻيلو - تجويز - ڏنگ - انڪل - طرز - طرح - نَٽ - حيلو - سبب - ٻُل. رِٽ - تجويز. متو ڪتو - يُڪتي - انڪل سنڪل - فن فريب. قسم - جنس - ذات - نمونو - هلت - چلت - دستور - رواج - وجهه. رسو - لوڙ - واجهه. (ث).
= وجهائتو ۽ وجهائيتا: ذ. موقعي يا وجهه وارو. سولو - سهنجائتو - سهنجو - وقتائتو - مهلائتو - وارائتو - وڙائتو. (ظرف). وجهه يا موقعي تي.
= وجهه ٻيڙ: ذ. پوري سوري. وُروڪڙ - وت سٽ.
● وِجهڙو جاگيرُ: اسمِ خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ ڏيهه جو نالو.
● وِجهڪڻ (ث): نند ۾ وڌڻ.
● وِجهلڻ: مصدر. (پرا. وِجُهه. سن وِدْيتي. سن. وڪُشرڻ). وِڌڻ - ڏکي ٽيڻ - ڏک ۾ جهيڙڻ - گوڙها ڪاڙڻ - لڙڪ وهائڻ - هنجون هارڻ - رڙڻ - ننڊ. ڪرڪڻ - ڪنجهڻ - سُس ٻُس ڪرڻ. ڏک ڪرڻ. ڪٽيءَ ۾ پوڻ. رڙڻ. پريشان ٽيڻ. ارمان ڪرڻ. (وجهليو - وجهلينڊو - وِجهليل).
= وِجهل ۽ وِجهلُون: ث. جهجڻ - ڏک ۾ ڳرڻ واري حالت - رڙڻ. ڏک - وماس - ڪٽي - فڪر - روڄ راڙو - ڪارو. سڪ - حب - يادگيري - پياس - وِنڊ - وِڇيل - ٻڪ ٻڪ.
● وِجهڻ: مصدر. داخل ٽيڻ - اوتڻ - پائڻ - ليتائي وجهڻ - هارڻ. داخل ڪرڻ. ڪهيرڻ. وهائڻ. رکڻ. پيش ڪرڻ. لڳائڻ. پهرڻ. ڪيڻ جو ضد. اندر ڪرڻ. ۾ رکڻ - اندر قتو ڪرڻ - ڪوڻيءَ ۾ بند رکڻ يا پوڻ. سُئيءَ هڻڻ. اخبار ۾ وجهڻ - داخل ڪرڻ - قلمبند ڪرڻ - درج ڪرڻ. ٽيڪڻ - ميان ۾ ڪرڻ - ميان ۾ تلوار رکڻ. (وڏو - وجهندو - وِڏل).
= وِجهٽيُ ۽ وِجهٽيُون: ث. وجهڻ جو نمونو - وجهڻ جي حالت - پٽڻت - اوت. وِجيٽيُ. (ث).

● وِجائيڻُ: مصدر. گُم ڪرڻ. خراب ڪرڻ. هارائڻ - (پئسو) ضايع ڪرڻ - گنوائڻ - ڪوهڻ - آڌائڻ - برباد ڪرڻ - تباهه ڪرڻ - ناهود ڪرڻ. بگاڙڻ - مُنجهڻ - قسائڻ - خراب ڪرڻ - ڏاڍيون پاڙيون ڪرڻ - ڏاهڻ - پاڙ پٽڻ - ناس ڪرڻ - چٽ ڪرڻ - دفع ڪرڻ. رنجائڻ - ايذائڻ - جهورائڻ. (وِجايو - وجائيندو - وجايل).
= وِجائتو ۽ وَجائا: ذ. صفت. گم ڪندڙ - وجائيندڙ - پاڙ پٽيندڙ - ڪوهيندڙ - برباد ڪندڙ - چٽ ڪندڙ - ناس ڪندڙ - تباهه ڪندڙ. وجائتو - چٽتو - پائتو - آڌاءُ - هٽ ڦاڙ - لک لٽائتو - بالفضول - زيانڪار - نقصان ڪار.
= وِجائي وِجهَنْ: ڏاڍو مارڻ - سيڪت ڏيڻ - سزا ڏيڻ - هلاڪ ڪرڻ - پريشان ڪرڻ - تنگ ڪرڻ. دنيا پائيان ڪيڻ - حال حوالا وجائڻ - ناس ڪرڻ - چٽ ڪرڻ - تباهه ڪرڻ - ناهود ڪرڻ.
● وِجَنْ: مصدر. (سن. وَجْا وج = هلڻ) هلڻ - آسهَنْ - روانو ٽيڻ - پڌارجڻ - لڏڻ - ٽُرڻ. ڦهلڻ. گم ٽيڻ - غائب ٽيڻ - الوپ ٽيڻ. خراب ٽيڻ. لنگهڻ. گذرڻ. (ويو - ويندو - ويل).
= وِجَنْ ڪهي وِجَنْ: مري وڃڻ - گذرڻي وِڃڻ - اصل ڪي وِڃڻ - پٽيءَ نه اچڻ - مورنه موڻ - وري نه اچڻ.
= وِجَنِي ۽ وِجِيَمُونْ: ث. وِڃڻ جي حالت - وِڃڻ جو نمونو - هلڻي - پَنڌ - رفتار - ٽور - چال - چلڻي.
● وِجِڻُو ۽ وِجِڻا: ذ. (سن. وِيجَنَ). هوا ڪرڻ جو هٿڻ - پنکو - وجڻو - جهلِي.
= وِجِڻائونْ: ذ. صفت. وِجڻي جو.
= وِجِڻو ڪَرڻْ: پکيءَ جو واءُ جهلڻ.
= وِجِڻو هٿڻْ: هوا هڻڻ - پنکو هڻڻ - وِجڻو ڪرڻ. ڳالهه ڪي وڌائڻ - ڳالهه ڪي وائکو ڪرڻ - مخفي راز کولڻ - ڪجهو حال ظاهر ڪرڻ.
= وِجِيٽيُ ۽ وِجِيٽيُونْ: ث. نندو پنکو - هوا هڻڻ جو پکو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ وِچِڙيُ ۽ وِچِيِڙيُونُ: ث. ننڍو پنڪو ـ هوا هٽڻ جو پکو.

● وَچِٽُ: اسم خاص. تعلقي آباوڙي مر هڪ ديهه جو نالو. پکيءَ جو هڪ قسم. زرهٿ جي پرت جو هڪ قسم. انب جو هڪ قسم.

● وِچِٽِيانئُونُ: اسم خاص. پرت جو هڪ قسم، زريءَ جي پرت جو هڪ قسم.

● وَچُ ۽ وَچَ (ڪ): ذ. واهه ـ راهه ـ رستو ـ دڳ ـ وات ـ پيچرو. اوهي واهي ـ اجهو آسرو ـ پرجهلو ـ آڌار ـ آڏ. ڏينهن ـ حياتي. نصيب ـ قسمت ـ بخت ـ پاڳ ـ تقدير ـ مقدر.

ـ وَچَ ڪُٽنُ: ڪُٽي ڪٽڻ ـ مصيبت اچڻ ـ اهنج اچڻ ـ ڏک اچڻ ـ نصيب ڦٽڻ ـ بخت وڃڻ ـ قسمت اونڌي ٿيڻ ـ پاڳ خراب ٿيڻ. واهون بند ٿيڻ ـ راهون رد ٿيڻ.

ـ وچُ لَٽنُ (ڪ): واهون لَٽنُ ـ راهون بندڻ ـ رستا بندڻ ـ پيچرا رد ڪرڻ. ڏينهن پورا ٿيڻ ـ حياتي ڪُٽڻ ـ عمر وڃڻ.

● وچُ ۽ وِچَ: ذ. (سن. ويچ = الڳ ڪرڻ) مرڪز ـ دُمن ـ ڪَمَر ـ وِچُون ـ درمياني ـ درمياني نقطو ـ مرڪز. وچڑو ـ وچ وارو ـ وچون پاڳو. وِڇي ـ ڇيڻي ـ ويڇو ـ رندڪ ـ اٽڪ ـ ناغو. طاقت ـ سگهه ـ پَلُ ـ فرق ـ فراق. جدائي. زور ـ سمرٿي ـ وِت ـ توفيق ـ وسعت. قوت ـ طاقت. ڪُجهُ. سگهه ـ شڪتي ـ تيج ـ ست ـ سامرٿي. راز ـ پيد ـ ليڪ ـ پڙدو ـ هوش. فرق ـ تفاوت. دبر. فراق ـ جُدائي ـ ٽوڙائو. ڏِڇڙ ـ ڦڏو ـ جهيڙو. مُٺي ـ مدارُ ـ هڪ هٿ. اندر مر ـ منجهه. وچ مر (جي). (ظرف). مر ـ اندر.

ـ وِچاتوُ ۽ وِچاتا: وچ وارو ـ ويچوٽو ـ ڏياڪر ـ ثالث ـ امين. قاصد ـ مخبر ـ پانڌي. ڪجهي خبر آڻيندڙ.

ـ وِچاتيُ ۽ وِچاتِيُونُ: ث. وچ واري ـ اڇاڙي ـ ڪلاخور ـ منافق ـ ويچوٽي. قاصد ـ مخبر ـ پانڌي ـ پيغامي ـ نياهو پهچائيندڙ.

ـ وِچاڪِروُ ۽ وِچاڪِرا: ذ. وچ وارو ـ وِچون ـ درميانو. وچين پاڳي.

ـ وِچاهُونُ: ظرف. وِچائين.

ـ وِچائِينُ: ظرف. وچ منجهان ـ هڪ جو ٻيو.

ـ وِچِتِرِيُ: وِچِتَرو ـ وچ مر ـ آلتُپَ ـ موچارو ـ مڌيم ـ معتدل ـ پوروپُنو ـ واجبي. ڏو وارو. جهٽ ـ جهپائڻ.

ـ وِچِتَرَ ۽ وِچِتَرَ: ذ. وچولو ـ درميانو ـ پورو پُنو. موچارو ـ مڌيم ـ معتدل ـ واجبي.

ـ وِچِتَروُ ۽ وِچِتَرا: وچولو ـ درميانو ـ پوروپُنو ـ مؤزونُ ـ واجبي. مڌيم ـ موچارو.

ـ وِچِتَرِيُ: وچ واري ـ وچولي. سٽيبن ـ سڌي ـ صراط المستقيم.

ـ وِچِتَرِياوُ: ذ. وچولو ـ درميانو ـ پوروپُنو ـ وچ وارو ـ مؤزون ـ موچارو ـ مڌيم. سٽون ـ سڌو.

ـ وِچِتُ ۽ وِچِتَ: ذ. وچ وارو ـ درميانو ـ پورو پُنو ـ واجبي ـ مڌيم ـ موچارو.

ـ وچ ٽپيٽو: ذ. وچ وارو ـ درميانو ـ پوروپُنو. بن جي وچ مر ڪالهائيندڙ ـ وچ مر ٽپو ڏيندڙ ـ متافق ـ بچاڙو ـ ڪلاخور ـ لائي چائي ڪندڙ. بن جي ڪمن مر دست اندازي ڪندڙ.

ـ وچُ ڏِيُنُ: راز سان واقف ڪرڻ ـ مخفي ڪالهه ٻڌائڻ ـ پيد ٻڌائڻ ـ ڪجهه ظاهر ڪرڻ ـ راز ظاهر ڪرڻ.

ـ وِچ رَهُنُ: راز مر رهڻ ـ ڪجهه مر رهڻ ـ ڪالهه دل مر سانڍڻ ـ راز فاش نه ڪرڻ. هردبار ٿيڻ ـ ليڪو رهڻ. روءِ پوش رهڻ.

ـ وِچِسِيِڙُ: وهندڙ واهه جو پورو وچ ـ وهندڙ واهه جو وچ وارو وهڪرو.

ـ وِچُ ڪُٽو ۽ وچَ ڪُٽا: ذ. آمين ـ ثالث ـ وچون ـ ڏياڪر. دخل ڏيندڙ ـ بن جي وچ مر ڪالهائيندڙ. منافق ـ بچاڙو ـ ڪلاخور ـ دلال ـ پڙوو ـ ڪمينو. هٽ ڪرڻ ـ ملن ـ ستياناس ڪرائڻ.

ـ وِچ ڪُٽيو ۽ وِچ ڪُٽيا: ذ. دلال ـ پڙوو ـ ڏوتو ـ منافق ـ بچاڙو ـ پاڙيو ـ پيٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وچ ڪيڏن: راز پروڙڻ - دل جو ڳجهه ٽٽواڻ- امتحان وٺڻ - ڳجهه معلوم ڪرڻ - احوال معلوم ڪرڻ. سوجهن - پرکڻ - جاچڻ - چڪاسڻ - پرکڻ. منجهه لهڻ - گلا رو ڪرڻ - سماءُ وٺڻ. اتفاق ٽوڙڻ. نقصان پهچائڻ - چيهو رسائڻ - درهدر ڪرڻ - تباهه ڪرڻ - ناس ڪرڻ - چٽ ڪرڻ.

= وچ ڪٽرڻ: اڏ ڪرڻ - حصو ڪرڻ - واڻو ڪرڻ - پتي ڪرڻ - پاگو ڪرڻ.

= وچ ڪولڻ: راز ظاهر ڪرڻ - پت پڌار ڪرڻ - ڳجهه ڪوڻ - پاند پڌرا ڪرڻ - وکا ظاهر ڪرڻ - پڙ پڌرا ڪرڻ.

= وچ گهٽورو ٽي وهڻ: اڳواڻ - مُک - وڏيرو - پٽيل - چوڌري - پريو مڙس. بنا دعوت جي وڃڻ - ري ڪوٽ حاضر ٽيڻ - هروپرو مهمان چوائڻ.

= وچ لٽهڻ: آنت لهڻ - ڳجهه معلوم ڪرڻ - راز پروڙڻ - سماءُ وٺڻ - راز پرکڻ - ڳجهه جاچڻ.

= وچ مان گراهه ڪٽڻ: پاڻ کي ٻئي وٽ لاڻ - پاڻ کي اڳرو ڪرڻ. سرخرو ٽيڻ - چاپلوسي ڪرڻ - خوشامد ڪرڻ.

= وچ ۾ پوڻ: مدد ڪرڻ - واهر ڪرڻ - همٿ ڪرڻ. فيصلو ڪرڻ- ناهه ڪرڻ - اتفاق ڪرڻ- پڌي ڪرڻ - اتحاد ڪرڻ - ميلاپ ڪرڻ.

= وچ ۾ هُجڻ: ضامن هجڻ - ڳالهين جي خبرهجڻ.

= وچ وارو ۽ وچ وارا: ذ. وچ وارو حصو- وچون پاگو. ٻن جي ڳالهين ۾ خوامخواهه ٽپي پوندڙ - وچ ۾ پوندڙ- شفيع- پالڪ - پڪش - ويچو- ثالث - وچون - ٽياڪر - امين. دست اندازي ڪندڙ- ٻن جي وچ ۾ دست اندازي ڪندڙ.

= وچ واهو ۽ وچ واها: ذ. ٻني جي طرفداري- ڌريڪ. شفيع - پالڪ - پڪش - ويچو - ثالث - ٽياڪر - وچ وارو. پڙوو- دلو.

= وچ وٺڻ: ڪنهن جو پاسو نه وٺڻ - الڳ رهڻ - عليحده رهڻ - جدا رهڻ. فيصلو ناهڻ جي ڳالهه ڪرڻ - وچڙي ڳالهه جو امانتي فيصلو ڪرڻ. ناهه جي ڳالهه ڪرڻ - اتفاق جي ڳالهه ڪرڻ.

= وچ واڙي: وچڙا - ڪڏيل - چڳا ۽ سوچارا ڪڏيل درميان - وچولا.

= وچولو: ذ. صفت. وچولي نموني جو - وچين قد جو. موچارو.

= وچو وچ: وچ - پورو وچ - اندر - درميان - وچون حصو.

= وچ وچالي وهڻ: پياروپنجڻ - پاڻ وٺائڻ - سرخرو ٽيڻ - مقبول ٽيڻ - پسند ٽيڻ. اگرائي ڪرڻ.

= وچون: ظرف. وچ وارو - وچ جو.

= وچ وهيڙ: آپرو پائڻ - مان پائڻ - عزت حاصل ڪرڻ - مرتبو حاصل ڪرڻ.

= وچ وهو (ڪ): ذ. وچولو - درميانو - پور مارو.

= وچ هٽڻ: درميانو - وچون - وچ وارو. سؤدي ۾ (رنڪت).

= وچ هٽيڪو ۽ وچ هٽيڪا: ذ. ٻن هٿن جي وچ جو - امانتي.

= وچ هُٽڻ: طاقت هڻڻ - سمرٿي هڻڻ - قوت هڻڻ - زور هڻڻ - پل هڻڻ. پڌارٿ هڻڻ - ڏاڍو هڻڻ - مال هڻڻ - زر هڻڻ.

= وچين: ث. صفت. وچ واري. وچينءَ جو وقت - عصر.

= وچين آڳر: ث. وچ واري آڱر. بدمعاش - جهگڙالو. جهيڙا وجهائيندڙ.

● وچارن: مصدر. چيڙائڻ - ويچارڻ - ويچارا ڏيڻ.

● وچارڻ: مصدر. خيال ڪرڻ - ويچارڻ - سوچڻ - خيال ڊوڙائڻ - سمجهڻ - پروڙڻ - پرکڻ - پائڻ - ارادو ڪرڻ. (وچاريو - وچاريندو- وچاريل).

= وچار ۽ وچارَ: ذ. ويچار - شڪتي - ڏيان - خيال - سوچ - سمجهه - غور - خوض - ڳٽ. عيب - اوڻائي - ڪمي - کهٽائي.

= وچارو ۽ وچارا: ذ. ويچارو.

● وچان: ظرف. وچ مان.

= وچان پٽڻ: ملهه جو وارو - ملهه جو انگ - ڪُشتي وڙهڻ جو انگ. چڪي پٽڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وِچانُ پَرُدا ڪَڍڻُ: دوئي دور ٽيڻ - شڪ شبها هليا وڃڻ - ٻيائي نڪري وڃڻ - دوستي ٽڪي ٽيڻ - محبت جو يقين ٿي وڃڻ.

= وِچانُ ٻَوَڻُ: ٻن ڏرين جي وچ ۾ ٻوڻ. ملهه جو وارو ڪرڻ.

= وِچانُ ڏِيَڻُ: ملهه جو وارو - ڇڪي ڪڍڻ.

= وِچانُ ڪِيَڻُ: ڇڪي ڪڍڻ - پٽي ڪڍڻ - زمين تان ڪشي ڪڍڻ - زور ڏيڻ.

= وِچانُ وَرَڻُ: ملهه جو انگ، اڳيان اچڻ، گوڏن تي آڏ ڏيڻ.

= وِچانُ وِهَڻُ: وچ ۾ ويهڻ.

= وِچانْهُوڻُ: وچولو - وچائين - وچ مان - وچان لنگهي وڃڻ. رستو - راهه - واٽ - دڳ - پيچرو - مارڪ - سڳُرُ - سيرو - سيرُ - ڊَڳُ. دستور - رواج - رسم - وجه - وٽينگ - ونگ - طرح - طرز - طرف - پاسو. پنڌ - دوري - سفر - پار - ڪت - چال چلڻ - اطوار - روش.

= وِچانْڊَرُ ≅ وِچانْڊَرَ: ذ. وِيڇاندرُ. فرق - تفاوت.

= وِچا واهُو: آمين - ٽياڪر - ثالث - فيصلو ڪندڙ.

● وِچِتِرُ ≅ وِچِتِرَ: ذ. (سن. وِچِتِرَ) عجيب - حيرت انگيز - حيرت ۾ وجهندڙ. نرالو - نيارو.

● وِچِتْرالُ: ذ. گهوڙي جي پنڊ جو هڪ قسم (قدر ۾ راڻو ڪڌيل).

● وِچِرَڻُ: مصدر. (سن. وَچَلَن = ٽئين وات تان ڪسڪي وڃڻ) گهبرائڻ. بي صبر ٽيڻ. حيران ٽيڻ - پريشان ٽيڻ - خفي ٽيڻ - سُڃجهڻ - خفا ٽيڻ - ناراض ٽيڻ - ڪاوڙجڻ - ڏمرجڻ - رنج ٽيڻ. منهان لڳڻ - چڙ ڏيارڻ.

" چڌ چئين حق، جي وڙهين جي وچرين "
(شاهه).

(وچريو - وچرندو - وچريل).

= وِچِرائِيڻُ: مصدر. ڪاوڙائڻ - رنجهائڻ - ڏکوئڻ - ناراض ڪرڻ - ڏمرائڻ - ڏنجهائڻ.

● وِچُڙُ ≅ وِچُڙَ (ڪ): ذ. وچون رسو - وچين نوڙي. جيئن ٻڪري جي جندن تي وري جا ٻئي چيڙا رکي، وري کي وچ ۾ مضبوطيءَ سان ٻڌل رسو، جيئن واڇ يا مينهن ۾ ڪيري نه ٻوي، ڪوهستاني زالون طوفاني ارسات ۾ آن رسي جي خاص خبر رکن.

● وِچُڙُ ≅ وِچُڙَ: ذ. وَڪَڙُ - وَرُ - پيچ - مروڙ - وراکو.

● وَچُڙالُ ≅ وَچُڙالَ: ذ. آڻُ - ميو - چانگو - توڙو. رلو - رَهُ هلندڙ جانور.

● وَچُڙڻُ: مصدر. (سن. چَنْڊُ = چڙڻ). چڙڻُ - ڪاوڙ ڪرڻ. ويڙهي وڃڻ. چنبڙڻ - جهڙڻ - لڳڻ - جهلڻ - جهڙڻ - پڪڙڻ. ونڻ. ويڙهڻ - لپيٽڻ - وراکڻ. ليلائڻ - عاجزي ڪرڻ - منٿ ڪرڻ. پڪڙڻ - (مرض) ڦهلجڻ. (وچڙيو - وچڙندو - وچڙيل).

= وِچُڙُ ≅ وَچُڙُونُ: ذ. چنبڙ - چُهٽ - جهٽ - پڪڙ - لپيٽ - وراک - ڪيڪوات - منٿ. پڪڙ - ڦهل. لڳڻ واري حالت.

= وِچُڙَنْڊڙُ مَرَضُ: ذ. پڪڙلندڙ بيماري - وچڙندڙ بيماري.

= وِچِڙِيُ ٻَوَڻُ: وڙهي ٻوڻ - جهيڙو ڪرڻ - ڦڏو ڪرڻ - اٽڪي ٻوڻ - ڪنڌ جي ٻوڻ.

● وَچَنُ ≅ وَچَنَ: ذ. (سن. وَچَنَ > وَچُ = ڳالهائڻ) لفظ. ٻولي. گفتگو. ٻول - انجام - وعدو - سُخن - قَوْل - اقرار - پرتگيا - ٻرڻ - ڪلام - ڳالهه. سُنهڻُ - وِيساهه - قسم - ساک. ٻَتَ - ڏَتَ ٻَتُ.

= وَچَنُ ڏِيَڻُ: انجام ڏيڻ - ٻول ڏيڻ - قَوْل ڏيڻ - اقرار ڏيڻ - سُنهڻ ڏيڻ - ساک ڏيڻ - وِيساهه ڏيڻ.

= وچَنُ ڪَرڻُ: انجام ڪرڻ - وعدو ڪرڻ - ٻول ڪرڻ - سخن ڪرڻ - ڪلام ڪرڻ - زبان ڪرڻ - اقرار ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وچڻ وڻڻ: ٻول وڻڻ - وعدو وڻڻ - انجام وڻڻ - اقرار وڻڻ - زبان وڻڻ - قسم وڻڻ - سُنهن وڻڻ - ساک وڻڻ - ويساه. وڻڻ. ڪنهن ٻ ڏرمي ڪتاب مان ٻ لفظ پڙهڻ.

= وچڻيي: ذ. صفت. وچن جو - وچن وارو - ٻول ڏيندڙ - انجام ڏيندڙ - وعدو ڪندڙ - اقرار ڪندڙ - زبان ڪندڙ - سُنهن ڪندڙ.

● وِچو ۽ وِچا: ذ. ٽيڪ - آڌار - آڌ - آسرو - جهلل. ڪارو سڳو جو لانديون جي وچ ۾ پڌ جي. (ڪ).

● وِچُورَڻُ: مصدر. (سن. وَچ = ڳالهائڻ). وچور ڏيڻ - تفصيل ڏيڻ - سرهستو احوال ڏيڻ - ڪيفيت بيان ڪرڻ - تفصيلوار نروار ڪرڻ - نروار ڪري ڏيکارڻ - ظاهر ڪرڻ. تفصيلوار بيان ڪرڻ. (وچوريو - وچورپندو - وچوريل).

= وِچُورُ ۽ وِچُورَ: ذ. وِڌيت - وچوڙ - تفصيل - پرچون - سلسليوار - مفصل - سمجهاڻي. ڪن ٻ اسمن جي تفصيل کي چئجي.

= وِچُورُ وِجهڻُ: مصدر. ليکو ڪرڻ - حساب ڪرڻ - تفصيل وجهڻ - سلسلو ڏيڻ.

● وِچُوڙَڻُ: مصدر. تفصيل ڪيڻ - سلسلووجهڻ - حساب ڪيڻ - ليکو صاف ڪرڻ.

= وِچُوڙِيُ ۽ وِچُوڙِيُونُ: ث. ڪڪائيون گهر جي وچ ۾ جهاڻ ۽ ٿوڻن مان پڌل ڏاڪو - لانديءَ جي وچين ڪاڻيءَ ۾ پڌل ڏاڪو - ڏاس جو ٿهيل ڏاڪو - نوڙي.

● وِچولو ۽ وِچولا: ذ. وچون - درمياني - وچڙو. ذ. سڌ سُلڪ جو وچون حصو.

● وِچُولو: اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو ناالو.

● وِچُونُ ۽ وِچانُ: ذ. وچوارو - پورو پنو - درمياني - وچڙو.

= وِچُونُ ڪُڇو ٽِيڻُ: خوشامدي ٽيڻ - چاپلوس ٽيڻ. راز محرم ٽيڻ - ڳجهي حال ۾ شريڪ ٽيڻ - ڳجهو سماءُ لهڻ.

= وِچُونڙوهُ: وچوارو - پوروپنو - درمياني - وچڙو. وچولي ماپ جو - پوري پني ماپ جو - اڌرو جهڙو - واجبي. آلپ - موچارو - مڌيم - معتدل.

● وِچُونُ ڏَهَرُ (ٽ): ذ. تعلقي چاچري ۽ ڏهر يا پِٽَنُ جي وچواري آباد ميدان جو ناالو.

● وِچُوئو ۽ وِچُوئا: ذ. وچ ۾ هلندڙ - بن جي وچ ۾ ٿيندڙ. دلال - ٽياڪر. ثالث - امين - مشير.

● وِچُويو ۽ وِچُويا (ل): ذ. وچ ۾ ٿيندڙ - بن رٽلن کي پرچائيندڙ. دلال - ٽياڪر - منصف - ثالث - امين - مشير.

● وِچِينُ ۽ وِچِيُونُ: ث. بن پهرن ۽ سانجهيءَ جي وچواري وقت - ٻپهري - مسلمانن جي نماز جو هڪ وقت - نماز مغرب کان سج غروب ٿيڻ کان ڪجهه اڳ وارو وقت. ملهه ۾ ٽنگن جي وچان هنيل انگڙو - جانڌو. چيچ کان ٽيون نمبر آگر جو ناالو.

= وِچِينُ آگُرُ: ث. هٿ ۾ وچواري ڏکهي آگر. شود و - بدمعاش - اوباش - ڪالينگهو - ٻچاڙو - وچڪتيو - گلا خور - چيٽا پور. منافق - دلال - ڙووو - پهٽو - ڪمينو - لچو - لفنگو.

● وِچِينُ آگُرُ بَٹُجَنُ: مقبول ٽيڻ - معزز ٽيڻ - معتبر ٻڌجڻ - شريف ٽيڻ - قبول ٿيڻ. ڪهي ٽڪي رئيس ٽي ٿيڻ - وڏيرو ٽي ٿيڻ - ٻچاڙو ٽي ٿيڻ. بدمعاش ٽي ٿيڻ - ٻٽيل ٽي ٿيڻ - چوڌري ٽي ٿيڻ - پريو مڙس ٽي ٿيڻ - اوباش ٽي ٿيڻ - منافق ٽي ٿيڻ. دلال ٻڌجڻ - وچڪتيو ٻڌجڻ - چيٽا پور ٻڌجڻ.

= وِچِينءَ جو وقتُ: ٻپهريءَ جو وقت - نماز جو ٽيون وقت.

= وِچِينءَ ڪاتَ: ٽيڙهي ڪَتَرَ - آڏي وڍ - آريبي وڍ.

= وِچِينءَ هَٹَنُ: ڏڳي وڃڻ - ڪُٽ ڪرڻ - فريب ڪرڻ - دغا ڪرڻ - ڪهيبُ ڪرڻ - ڪوٽ ڪرڻ.

● وِچَ ۽ وِچُونُ: ث. (سن. وتس = ٻار) مهينهنُ جو مونث قر - نئين مهينهنُ. نئين ۽ سادي قر مهينهنُ جو - ٻاڙي - ٽيهاڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وَچارُ ۽ وَچارَ: ذ. وچڻ وارو ۽ انهن جو چاريندڙ. وَچون ڏاريندڙ- مينهن جا ساديَ لئر پاليندڙ- وچڻ وارو- ميهار.

"تار تر ندس، لڙ لنگهندس،
و يندس وت وچارَ ساهر سائر سيڙ ۾."
(سهڻي شاهه)

● وچاتُ ۽ وچاتَ: ذ. (سن. ويُوَسايہ = واپار) ڀهراڙيءَ جو واپاري. سوداگر- واپاري- وٽجارو. پلاوٽو- مُنيب. پلن جو ڌڻي خريدار. مزمان. ڀهراڙيءَ جو رهاڪو. ڳوٺاڻو- جتُ.

= وچاتِپڻو ۽ وچاتِپڻا: ذ. صفت. دلالي- ڇاپڙائي- منافقي- ڏوتپائي- ڏوت.

= وچاتِڪو ۽ وچاتِڪا: ذ. صفت. واپارڪو- وٽجارڪو- سوداگراڻو- تجارتي- واپار ٻابت- واپارڪو.

= وچاتيَ ۽ وچاتيُ: ذ. سودو واپار- تجارت- وٽج- وچائتي- سوداگري. ڏنڏو- پيشو- ڪِرتُ.

● وچتُ ۽ وچتَ (ل- ڪ): ذ. صفت. چار آڳر ماپ- چاڙ ڪي. وچائتو- ٽورو ۽ پري- پرپرو.

● وچاڙو ۽ وچاڙا (ڪ): ذ. سڌ ريل- زمين جو ٽڪر. سنوار يل زمين جو ٽڪر- ڪوَهڙ نڪتل زمين جو ٽڪر.

● وچاڙَ ورڻُ: تمام طاقت هڻڻ. جسم تي گوشت هڻڻ. ٽلهو. متارو- سڪمو- طاقتور.

● وچاڻُ ۽ وچاڻَ (ٿ): ذ. هنڌ- بسترو- ٽپڙ- گلم- غاليچو. ڪيس. پٿراڻي.

● وچاڻو ۽ وچاڻا: ذ. (سن. وِسْتَرَ = بسترو) بسترو- هنڌ.

● وچائيڻُ: مصدر. پڪيڙڻ- وچائڻ- ڦهلائڻ- پٿارڻ- وِڪيرڻ. پٽيرڻ- ڪولڻ. (وچايو- وچائيندو- وچايل).

● وَچائِتُ ۽ وَچائِتَ: ذ. دلال- واپاري- وٽجارو- سوداگر. خريداري. ڇاپڙو- منافق- ڏوتو.

= وَچائِتپائيُ: ڇاپڙائي- ڏوتپائي- لائي چائي- منافقي.

● وِچائِڻُ: مصدر. (سن. وِسْتَرَ = بسترو) ويڪرو ڪرڻ. پٽيرڻ- پکيڙڻ- ڦهلائڻ- وِڪيرڻ- ڪولڻ. (وچايو- وچائيندو- وچايل).

= وِچارائِڻُ: مصدر. پٽارائڻ- ڪولارائڻ- ڦٽلارائڻ- پکڙائڻ.

= وِچائِي چڏڻُ: پٽارڻ- ڪولڻ- وِڪيرڻ- ڦهلائڻ. ڏاڍو مارڻ- سيڪت ڏيڻ- سزا ڏيڻ- بيهوش ڪري چڏڻ- ليتائي رکڻ- وچائي وجهڻ- حال احوال کان ڪيي چڏڻ- ڪنهن کي جو نه رکڻ. ضايع ڪرڻ- ناس ڪرڻ- تباهه ڪرڻ.

= وِچايانُ وارَ: مٽي مائٽي ڪرڻ- سڳاپندي ڳنڍڻ- نئون ناتو جوڙڻ- نئون رستو ٺاهڻ- عزازت پيدا ڪرڻ.

● وِچِرَڻُ (ٿ): مصدر. ٽورو پاڻي وجهي لوڏڻ سان ٽاڻو ڏوڻ- آگهارڻ- چاچولڻ- جهنجهورڻ. (وچريو- وچريندو- وچريل).

= وِچِرَ: ڏوڻپ- وِچور.

● وَچُرُو ۽ وَچُرا (ت): ذ. وات جو ويڪرو- وات جو گندو- وات جو هلڪو- سفلو. ٽرڙو- ڪمينو. خراب- ڪينو- واهيات- بدفضيلتو.

● وِچِڙَڻُ: مصدر. (سن. وِچِيدَ > وِچِدر = جدا ڪرڻ) جدا ٽيڻ- الڳ ٽيڻ- علحدو ٽيڻ- ڌار ٽيڻ. پري ٽيڻ- هتي وڃڻ. وچڙي وڃڻ. (وچُڙيو- وچُڙندو- وچُڙيل).

● وَچُڙُو ۽ وَچُڙا: ذ. (سن. وَتسُ = وَچُو) پاڏو- وچ. ڪاهو- لنڊ و ڪاڻ جو ڦر. پاڏو. (ث. وچڙي ۽ وَچڙيُون).

● وِچُنڀَڙُو ۽ وِچُنڀَڙا: ذ. پيرن جي آڱرين ۾ پائڻ جي زيور جو هڪ قسم.

● وِچِٽِ ۽ وِچِٽِيُونُ (ڪ): ٿ. جاريءَ کي ڪائي، رَچوَ کي نقصان پهچائيندڙ مُنڪِرَيُونَ (رچ جي جاريءَ کي پاڻيءَ ۾ سڪڙجي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ لوهي چلا).

● وِچِيڙيُ (ٿ): ٿ. پيرن جو سنهون سُور.

● وَچُو ۽ وَچا: ذ. (سن. وَتسَ) مينهين جو پاڏو- ڪونهُون. سانهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ وڇيءُ ۽ وڇيءَونءُ: ث. سينهن جو مادي قر- وڇ - پاڏي - ڪولهين.

● وڇوڻيءُ ۽ وڇوڻيءُونءُ: ث. (سن. و = پري + ڇُٽ = ڇُٽڻ). مفاصلو. تفاوت - وڇوو. مُهلت. وڇوڻي - مدو - ڪڻ - عرصو - ڇيڻي - ناغو- فرجو - ڪٽو - ساهي. وٿي.

● وڇوڙڻ: مصدر. (سن. وِ + ڇِدْر = جدا ڪرڻ). وڇوڙووڇوڙ - جدائي وڇوڙ - الڳ ڪرڻ- جدا ڪرڻ - ڌار ڪرڻ - پري ڪرڻ - دور ڪرڻ. پين ڪرڻ - وکر ڪرڻ - آراڌ و ڪرڻ - خلاصو ڪرڻ - نيارو ڪرڻ. (وڇوڙيو - وڇوڙيندو - وڇوڙيل).

ـ وڇوڙ ۽ وِڇوڙ: ذ. وڇوڙو- جدائي - دوري- ڦوڙائو - فراق - هرهـ - آڇيات - آراڌي. وکرائي - ڇڙوڇڙ.

ـ وِڇوڙو ۽ وِڇوڙا: ذ. وڇوڙائي - جدائي - دوري - ڦوڙائو - فراق - هرهـ - آڇيات - آراڌي. وکرائي - ڇڙوڇڙ- الڳائي - الڳ.

ـ وِڇوڙيو ۽ وِڇوڙ يا: ذ. جدا ٿيو - الڳ ٿيو- ڌار ٿيو - نيارو ٿيو - علحدو ٿيو.

ـ وِڇوڙِيءُ ۽ وِڇوڙِيُونءُ: ث. سُٽهن جي وچ ۾ ڪارو ڏاڳو، جو اڪثر زالون سونهن خاطر پڏن.

● وِرُلو ۽ وِرُلا: ذ. (وِرَل = وِرُلو). ٽورو- ڪَمياب- آڻلپ- آسمالي- نرالو- عنقاب. قايل- دُرلپ. ڪوڪو- ٻاقي ڪو- اتفاقاً. ڪڏهن ڪڏهن. مشڪل- ڏکيو. ٽورو- چڊو- گهٽ. قسمتي.

- وِرلِي: ظرف. ڪڏهن ڪڏهن.

● وَرُمُ: ذ. ضروري ڪم.

● وَرَمُ ۽ وَرَمَ: ذ. لهر- موج- ترنگ- اوسار- چَل (سمنڊ جي). جسم جي سوج. دل جي تسڪين. سوڊو- واپار.

● وِرُمَڻُ: مصدر. (سن. وِرم = ختم ڪرڻ). ويرم ڪرڻ- دير ڪرڻ- ٻيهڻ- ٽيڪڻ- ترسڻ- ٺهرڻ- سهيڙڻ- دم ٻڌڻ. سيڙجڻ. (ورميو- ورمندو- ورميل).

● وَرِمَڻُ: (سن. وِرم). ترسڻ- روڪجڻ- جهلجڻ- دير ڪرڻ.

- وِرمَڻا: روڪيا- جهليا- ترسيا.

" ڪين ورميا ڪٿهين ڇُليا ڇڏِ هٿِي."
(آبري- شاهه)

- وِرِسِيُ: ظرف. آهستو.

● وَرُنَ ۽ وَرُنَ: ذ. (سن. وَرُڻ = رنگ). ذات. ليات- قوم- فرقو. (هندن ۾ ۴- ذاتون). ۱- برهمڻ، ۲- شودر، ۳- ويش ۽ ۴- ڪتري. حصو- پاڳو- ٻاڇي- ونڊ- ٻکرو- واڇو.

- وَرُنَ هِيڻُ: نيسات مان نڪتل- قوم مان خارج ٿيل- ڏالهي مان نڪتل. مسجد جو ٽُڪو.

● وَرَنُ ۽ وَرَنَ: ذ. (سن. وَرُڻ = رنگ) رنگ. قسم- نمونو. روپ- صورت- شڪل- شبيه. حالت. ذات. چمڪاٽ. عيش. مزو.

- وَرَنَ وَرَنَ: ذ. جدا جدا رنگن وارو- پانت پانت شڪلين وارو- رنگا رنگي- گونا گوڻ- چٽڪمرو- وِچتر- چِت چِٽ- قلقليو.

- وَرَن وَرَن ٽِيڻُ: منهن جو رنگ بدلائڻ يا ڪِکو ٿيڻ. شڪل بدلجي وڃڻ- صورت ڦري وڃڻ- نمونو ڏهي ٻوڻ.

- وَرَن وَرَن ڪَرڻُ: منهن جو رنگ بدلائڻ- رنگ بدلائڻ- ٻيو رنگ ڏيڻ- حالت ڦرڻ. شڪل بدلائڻ- صورت ڦيرڻ.

● وَرَنو ۽ وَرَنا: ذ. رنگ وارو- رنگ کي مائل- رنگ جهڙو- جيئن، رت ورتو- رت جي رنگ جهڙو- رنگا رنگي. سهڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَرْناٹيُ ۽ وَرْناٹيُونُ: ث. سونارِي جو مَنڊبن يا ڪنڳڻين ٺاهڻ جو اوزار.

● وَرْنائِنُ: مصدر. (سن. وَرْنُ = سارا هڻ). سمجهائڻ - ڪولي ٻڌائڻ - ظاهر ڪرڻ. قبول ڪرڻ - مڃڻ. ارٿ ڪرڻ - نروار ڪرڻ. ورنائڻ - چوڻ - بيان ڪرڻ. سلام موڪلڻ - ڪن ڏيڻ - ٻڌڻ - اونائڻ - آنائڻ. غور ڪرڻ - ڌيان ڏيڻ - توجهه ڇڪائڻ. انصاف ڪرڻ. مڃڻ. (ورنايو - ورنائيندو - ورنايل).

- وَرْنڊَ (ڪ): ث. ورڻ جي حالت - وري اڇڻ جي حالت - موت - واپسي.

● وِرِنْدُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وَرْنڊڙِيُ ۽ وَرْنڊڙِيُ: (ڪ): ث. منجهند ڪان پوءِ جو وقت - سج جو اولهه طرف ورڻ جو وقت - پاڇولي ڦرڻ واري حالت - چانو وڻ يا ڦرڻ جو وقت.

● وَرْنڊو ۽ وَرْنڊا: ذ. صفت. (سن. وَرْنُ = موٽڻ). آئيندو - ايندڙ - ڏسندو - پيو - مٿيون (مهينو).

- وَرْنڊِي وارُ: انهيءَ ڏينهن - ايندڙ ساڳئي ڏينهن تي - هفتي تي وري آيل ڏينهن - ٻئي هفتي تي. جيئن "سومر ڪان ٻئي سومر تي."

۽ وَرْنڊِيُ ۽ وَرْنڊِيُونُ: ث. (سن. ورت = ڦرڻ). جواب - وراڻي. سوال جو جواب.

● وَرْنڊِيُ (ث): ڇت جي مٿان پاسي وارو ڪنارو - جاءِ جي مٿين ڪناري - سِرَ جي چوڌاري ڪناري.

● وَرْنَڪُ: آسمان - آپ - فلڪ. جاءِ.

● وَرْنَنُ: (سن. ورڻ). بيان - وستار - آڪاڻي - ڪهاڻي. سارانهه.

- وِرْنَنُ ڪَرڻُ: چوڻ - بيان ڪرڻ - آڪاڻي ڪڍڻ - ٻڌائڻ - وستار ڪرڻ - نِروار ڪرڻ - طول طويل ڪرڻ - ڏيکهه ڪرڻ. سارانهه ڪرڻ.

● وَرْنو ۽ وَرْنا: ذ. سون يا چانديءَ مان ٺاهيل ڇَلو جو ڏسڻي آڏر ۾ ٻانڌجي. مڙيءَ جو هڪ قسم. دِلو - پيرڻي.

● وَرْنُ: ڏ. ته پوءِ - ٻي صورت ۾ - ٻي حالت ۾. ٻئي پاسي - ٻئي طرف.

● وَرْنتهَ: (سن. ورُ = مڙس + نتهه = نَهَ). رن زال - نڏڪي - ورهنا - ٻنا وارث - ٻنا مائٽ مٽَ. (سن. وَرُ = سٹي ۽ سڏو). بهادر - طاقتور - زورائتو - زوراور. سورويو - ويرُ - نايڪُ - سورهيو - سورمو - ڪُوهو - جُنگ - جوڌو - پهلوان - بهادر. ڪيرو جوان. چڱا ماڻهو - سڪر. ڪهوٽ.

● وَرْنُهَنُ: ٽوپي يا سهيبي جو هڪ قسم.

● وِرِنْهَ واري: اسم خاص. "پوکڻ." نئين جي پرسان ٽڪري.

● وَرْنِيُ ۽ وَرْنِيُونُ (ڪ): ث. (سن. ورُ = مڙس). مڙس واري. ڪنوار - ونهي - نئين شادي ٿيل عورت - سهاڳڻ - پاڳڻ. ور واري - وريتي - پتار واري - مڙس واري. (سن. ورڻ). رنگ يا ورن واري - رونق واري.

● وَرَنُ: اسم خاص. ٽر ۾ هندن راجپوتن جي ذات جو نالو.

● وَرَنُ مصدر. (سن. وت). ڦرڻ - موٽڻ - واپس اچڻ. گهمڻ - چڪر هڻڻ - آٽلڻ - پنتي هڻڻ - لڙڻ - پوئان پير ڪرڻ. مڙڻ (نوڙيءَ جو) وڌڻ - وکڙ ڪائڻ. ڏاڪو ٻيٽو ڪري وڻڻ. ڪڇي سُٽ ڪي وٽ ڏيڻ (سن. ورُ = مڙس چونڊڻ). مڙس چونڊڻ - پرڻجڻ - شادي ڪرڻ. پُڇڻ - خبر وٺڻ - سوال ڪرڻ - هنڊ ڪرڻ - پورڻ. ٻاهر اچڻ - ظاهر ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ. (فائدي ۾) ٿيڻ. (نديءَ جو) ڦيرو - ور - وکڙ. (وريو - ورندو - وريل).

- وَرَنُ واريُ ڪَرڻُ: واپس موٽڻ جي تياري ڪرڻ. جلد واپس اچڻ - موٽڻ واري ڪرڻ.

● وَرْنُ ۽ وَرْنُ: ذ. (سن. وَرْنَ). سپني ڪان آٿر. ايشور. پاڻيءَ جو ديوتا. اڏيرو لعل.

● وَرْنُ: (سن. وَرْنَ = ذات) ذات. رنگ - ورنُ.

- وَرْنُ آشِرمَ: هندن جي ذاتين جا درجا.

● وَرْنُ ۽ وَرْنُ: ذ. گهٽن ورن وکڙن واري چَلهيءَ جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَرڻ : (سن. ورڻ = سارا هڻ). ساراهه ڪرڻ - تعريف ڪرڻ - واکاڻ ڪرڻ. بيان ڪرڻ - بڌائڻ.

● وَرُ ٿو ۽ وَرُ ٽا : ذ. (سن. ورت = حاصل ڪرڻ). فائدي ۾ آيل شيءِ - حاصلات - فائدو. پيرن يا هٿن جي آڱرين ۾ پائڻ جي ڇلهه جو هڪ قسم - والو - آهو چلو جو شاديءَ ۾ ڪنوار گهوت ڪي ڏجي.

- وَرٽِيُ وارا گڏا : ٻار جي چوٽيءَ تائين ٻڌڻ لاءِ گڏن مان ٺاهيل ڦيري دار ڏاڪڻ.

● وَرو ۽ وَرا : ذ. (سن. وَرت = قرڻ). ڦيرو. پٽِيُ (ڪاٺ جي). پَٽِرُ. ڪاٺ جو ڏگهو لڪڙو - ٻُنڊُ - منگهو - ڪام. ڪچي ۽ ڪڪائين جهوپڙي جي وچ ۾ رکيل ڪاٺ جي ڏگهي ڪاڻي. ٽلهي ڪاڻي جا شهتير جي بدران جاءِ ۾ رکجي، جنهن جي مٿان پَٽِرُ رکيا آهن. هيءُ ڪاٺ جو لڪڙو پَڪي جي پوري وچ تي هوندو آهي، هڪ ڇيڙو هڪ جنڊي تي ۽ ٻيو ڇيڙو ٻي جنڊي تي قابو بدل هوندو آهي.

- وَرو ڏِيَڻُ (ڪ) : ٻيڙيءَ جو ٻاسن تي آئل ڪرڻ (اڪثر تڏهن جڏهن واءُ پوبان هجيس). عيوضِي.

- وَرو وَهَڻُ : هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ.

● وِرو ۽ وِرا : ذ. حصو - ٻئي - پاڳو - ونڊ - ورچ - واڙو - ٻانٽو - ٻڪرو. آهو آن، جو هاري زميندار ڪان قرض طور وٺي. ڪاڏو يا ٿمر، جو ٻئي ڪان ڪائڻ لاءِ ملي. ڪائي ۽ ماهي مال ڪي ٽيندڙ تپ - جانورن جي ٻيماريءَ جو هڪ قسم. ٻئي جو - پرايو - ڏاريون - غير - پرڏيهي - وِديشي - پرديسي.

- وِروٽِيجِيُ پَٽونُ : گٽڻ يا مينهن ڪي تپ اچڻ.

- وِروِيو : مال جي ٻيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ جانور جو ٻت سڪي ٿوي).

● وَرَ وارو : اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ ديهه جو نالو.

● وَرُ والو : اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَرو وَنِيُ (ث) : آها ماني جا چڄ وڄ ڪان ٻوءِ ڪنواريتا نيات وارن ڪي ڪاراڻين.

● وَرُوتَنُ (ڪ) : مصدر. وڪوڙڻ - ويڙهڻ - ٻڪڙڻ - جهلڻ. گهيرڻ. (وروٽيو - وروٽيندو - وروٽيل).

- وَرُوتَ ۽ وَرُوتَنُونُ (ڪ) : ث. ويڙهڻ جي حالت - ويڙهه - لپيٽ. جهل - پڪڙ.

- وَرُوتِيجَنُ (ل) : مصدر. مروٽجڻ - وڪوڙجڻ - ولارجڻ. قابو ٿيڻ. ڪرونڊ ڙو ٿيڻ.

● وَرُ تَنُ (ڪ) : مصدر. مروٽڻ - موڙڻ - وٽڻ. (وِرُوٽيو - وِرُوٽيندو - وِرُوٽيل).

- وِرُوتَ ۽ وِرُوتَنُونُ (ڪ) : ث. وَرُ - وتُ - ٻيچ - وَڪڙ.

- وِرُوتِيجَنُ : جانورن جي ٻيماريءَ جو هڪ قسم، جنهن ۾ ٻت سڪي ٿوي.

● وُرُودُ ۽ وُرُودَ : ث. (ع. ورد). ڪنهن جڳهه ۾ اندر اچڻ - داخل ٿيڻ - نازل ٿيڻ. اچي پهچڻ - واردٿيڻ. آمد - پهچ - تشريف آوري - اچي لهڻ - آترڻ.

- وُرُودُ ڪَرَنُ : وارد ٿيڻ - پهچڻ - داخل ٿيڻ - داخل ڪرڻ.

● وِروِدَ ۽ وِرُودَ : ذ. (سن). ڪلفت - ويرِ - عداوت - دشمني. خصومت. خلل - ڪروڌ - ڪُرڪو - گهپي - ڪِل ڪِل - ڏندوري - اٽٻٽ - ٻيڪيڙو - بگاڙو - ڦيٽاڙو.

● وِروِدجَنُ : مصدر. (سن. وروڌ = دشمني). جهڳڙي لاءِ آماده ٿيڻ - دشمني ڪرڻ - ويرِ رکڻ. (وِروِديو - وِروِدينو - وروِديل).

- وِرُودِيُ ۽ وِرُودِيُ : ذ. صفت. وروڌ يا دشمني رکندڙ - برخلاف - ويرياڻو - دشمناڻو. مخالف.

● وَرِ وَرِ : هرهر - وري وري.

● وَروڙڻُ : مصدر. وارڻ - آڏو اچڻ - موٽائڻ - ٻُڌي ڪرڻ. (وَروڙيو - وَروڙيندو - وَروڙيل).

- وَروڙ ۽ وَروڙونُ (ڪ) : ث. گولا - ڏونڊ - ڦولها. لپيٽ - وروٽ.

● وِرُوڙڻُ (ڪ) : مصدر. (ٻيٽ ۾) وڪڙ ٻوڻ - وٽ ٻوڻ. آڻي ٻوڻ - مروڙ ٻوڻ. (وِروڙيو - وِروڙيندو - وِروڙيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وِروڙ ۽ وِروڙون (ڪ): ث. وٽ - لڇ - وکڙ - مروڙ. ورڙ - پيچ - وِنگ - ڏنگ.
= وِروڙائِي ۽ وِروڙائِيَون: ث. وروڙ - وروڙپ.
= وِروڙپ ۽ وِروڙپُون: ث. ور - وکڙ - وٽ - مروڙ - آنٽي.
● وِروڙجَڻ: مصدر. ٽوپيل ڪن يا نڪ جو سوراخ بند ٿي وڃڻ. ورجڻ. آندي ۾ پيچ پوڻ - آنٽي پوڻ.
● وِرونجَڻ: مصدر. ورونهجڻ - ڦٽ ٿيڻ.
● وِرون: ڦٽ - زخم - گهاءُ - چير - چڪ.
= وِرون ڪرڻ: ڦٽ ڪرڻ - گهاءُ ڪرڻ - چير ڏيڻ - ايذاءُ ڏيڻ - ڏکوئڻ.
● وِرونهڻ: مصدر. (سن. وهرت). وندرڻ. فڪر ۽ ڪٽنيءَ ۾ گذارڻ. پنهنجي منهن گذارڻ. اورڻ - ياد ڪرڻ - وندر ڪرڻ - حال وندڻ - ڏک وندڻ - درد ٻڌائڻ.
= وِرونهه ۽ وِرونهون: ث. صحبت - رهاڻ. حال اورڻ. وندر. خوشي. آنس. وائي - ڇار - دل خوش - محبت - سڪ - چڪ - ڪشش - جذبو - ياد گيري. پرپاءُ - دل لڳي. مشغولي. قرب وندڻ. ڪجهه - راز. وچوڙو - جدائي - فرقت.
= وِرونهڻ ويرَ: وندر جي مهل - دل خوش ڪرڻ جو وقت - دل لڳيءَ جو وقت.
● وِرون: ث. اکيون انڌيون ٿيڻ.
● وِرونڻ: مصدر. (سن. وِروڪشڻ). سڪي وڃڻ. بند ٿيڻ - ٻڌ ٻڌ - ٻجهڻ. وروڙڻ.
● وَروهيڙيو ۽ وَروهيڙ يا (ل): ذ. نوريڙو.
● وِروهڻ: مصدر. (سن وهرت). وندر ڪرڻ - خوش ڪرڻ - ريجهه رهاڻ ڪرڻ - وندرائڻ. زوروهيو - وروهيندو - وروهيل).
● وَرَهه: رڄ جو هڪ قسم. ڪهائي جو مٽيون پاسو جنهن ۾ تنبو ٻڌل هجي. ٽلهو واجهه.
● وَرهو ۽ وَرها: ذ. رسيءَ جو قسم، هي رڄ سان گڏ ٻڌيو آهي، جنهن ۾ پلاءِ مچيون مرڻ. رسو - نوڙ - نئين ڪوهي مان پاڻي ڪيڻ لاءِ رسو.
● وَرهه ۽ وَرهَ: ذ. (سن. وَرش). سال - ورهيه - هارهن مهينا - ورش. هارهو.
= وَرهه پَتيري: ث. ورش ڦَل.
= وِرهه چنڇر: هندو ماڻهو جو هارهين مهيني ڏينهن ڪرڻ.
● وِرهه ۽ وِرهَ: ذ. (سن. ورهه). جدائي - فراق - وچوڙو - هجر - فرقت. دوستن يا عاشق معشوق جي وچ ۾ جدائيءَ جو غم - سور - درد - دڪ - تڪليف. برهه - نينهن - عشق - محبت. سڪ - يادگيري. حصو - پاڳو.
= وِرهه ۾ وَهيلُو ٿيڻ: هجر ۾ حيران ٿيڻ - برهه ۾ بيقرار ٿيڻ - وچوڙي ۾ واه ويلا ڪرڻ - جدائيءَ ۾ آهه زاري ڪرڻ - فراق ۾ فرياد ڪرڻ.
= وِرهه وٺان: اکيرو - اداس - يادگيري.
= وِرهه وٽڻ: محبت وندڻ - حال اورڻ - عشق وندڻ يا پرائڻ.
= وِرهه وٽهڻ: عشق وندڻ - محبت وندڻ يا پرائڻ.
= وِرهه وسائِڻ: وچوڙي جي برسات وسائڻ - زار زار روئڻ. محبت ۾ سور سهڻ - درد ڪاڻڻ. روئڻ - ماڻهو دوس ڪرڻ.
● وَرَهه ۽ وِرَهون: ورڇ - ونڊ - ڦانڊ - ورهاست.
● وِرهاست: ث. (سن. وِرهه). جدائي. ٽٻي. پاڳو.
= وِرهاسَ ۽ وِرهاسَتون: ث. ورهاست - ورڇ - ورهاڳو - ڦاندڙي - ڦور - چاندو - تڪ - وانڊ - ٻخرو - وندي - ٻَٽي - ڦاند - ٻڪو - وِرهه.
= وِرهاگو ۽ وِرهاگَ: ذ. ورهاست - ڦاند - ورڇ - ڦور - چاندو - وانڊ.
● وِرهانڊ ۽ وِرهانڊون (ل): ث. شام - سانجهي - وچينءَ جو وقت - ٽپهريءَ جو وقت - ڏينهن لڙڻي جي مهل.
● وِرهائِڻ: مصدر. حصا ڪرڻ. وندڻ.
● وِرهسپت: ث. ورسپت - مشتري گرهه - خميس جو ڏينهن - وسپت. گرهه جو نالو.
● وِرهو: وَرَ - مڙس - پيتار - ٻٽي - ڪانڊ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَرْهِيڙ ۽ وَرْهِيڙ: ذ. (سن. وَرْش) ورهه - سال - هارهن مهينا.
● وَرْهَا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
= وَرهِيارو: هر سال - سال سال - سالياڻو - سال وارو.
= وَرهِيوڪو: سال جو - سالڪو - سال وارو - سالياڻو.
= وَرهِيو وَرهه: سال سال هر - هر سال - سال سال.
● وِرَءُ ۽ وِرَءِ: ذ. ورو - ڪاڏي لاءِ مقرر ڪيل رقم - پٽو - رسي - راتب - هڪ ويلي جو آن - ڪائن لاءِ گذران - قوت - خوراڪ - ڪاڏو. روزي. روزينو - گذر - گذران.
= وِرَءُ جو آن: تمام ٿورو - مهانگو - ڏڪر جي نشاني.
● وَرِئل: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَرِئُو ۽ وَرِئا: ذ. ڏنب.
= وَرِئِيا: ذ. سٽ ۽ ڏاس جا ٿهيل، آٽ جي گچيءَ ۾ وجهجن.
● وَرِي: (سن. ورت = ڦرڻ) واپس - موٽي - پيو دفعو - ٻيهر. عيوض.
= وَرِي آڻڻ: واپس اڻڻ - موٽي اڻڻ - موٽڻ - ورڻ. وڃڻ ڪرڻ - مري وڃڻ (ٻار جو).
= وَرِي وَرِي: موٽي موٽي. هر هر - هردم - همیشه - هرهميشه - نيٺ - سدا - ساندهه - هڪجهڙو - اڪثر - گهڻو ڪري - ٻار ٻار - ٻيري ٻيري - وَر وَر ڪري.
● وِرِي ۽ وِرِيُون (ڪ): ث. وارن سان جُڙيءَ يا ليڪ چونڊائڻ. وٽي - خال. وِرّ. پيٽ - ٽونگڙو.
= وِرِي ڏِيڻ (ت): مٽي مان جُون ڪيڻ - ليڪ ڪيڻ.
= وِرِي ڏِيارڻ: مٽي جي وارن مان جُونءَ يا ليڪ گولائڻ.
● وَرْيامُ ۽ وَرْيامَ: ذ. (سن. ويروان) سُور ويرو - نايڪ - ويرو - سورهيه - پهلوان - غازي - سورمو - جوڌو - ڪوهيو - گوڏو - ٻانڪو. ڦري آنيم - آڏو آنيم - ورليم.
● وريامُ آباد: اسم خاص. تعلقي جيڪب‌آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَرِياڻِي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● وَرْياهَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● وَرِيٽِي ۽ وَرِيٽِيُون: ث. (سن. ور = مڙس چونڊڻ) ور واري - مڙس واري - خاوند واري - سهاڳڻ - پرٽيل.
● وَرِيُڙيرو: اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَرِيُڙو ۽ وَرِيُڙا: اسم خاص. ڪڪي جو هڪ قسم.
● وَرِيُڙو ۽ وَرِيُڙا (ڪ): ذ. ور ڏنل چلو - ڪهڙ جو هڪ قسم. ڪڪ جي سڪل تيلين مان ٺاهيل ڪنڪٽي جو هڪ قسم.
● وَرِيلِي: آگرين ۾ پائڻ جو ڪهڙ جو هڪ قسم.
● وَرِينگڙ ۽ وَرِينگڙ: ذ. پوٽي جوهڪ قسم - ٿورڙا ڪنبا ٿيندا اٽس، هرڻ هن جا ٻن ڪائيندا آهن.
● وِرِينگهڻ (ڪ): اسم خاص. وڻ جو هڪ قسم.
● وَرِيو ۽ وَرِيا (ل): ذ. وريو - ڪچي ڪوهه ڪي لئي جي ٽارن سان ٻڌڻ. لئي جا ٽارا گڏ ڪري نوڙيءَ سان ٻڌي هڪ ڪاٺ جو نوڙ ٺاهين، جنهن کي ويڙهي ڪوهه جي ترڪان رکن. گهوڙي جي سنجهه جو هڪ حصو يا ساز. (سن. ورت = ڦرڻ). موٽي - وري.
● وَرِيُون ڪَرڻ: وانگار وهڻ - ميل ملک ۾ گاهه ڪي هڪ ٻئي ڪي همراهي ڏيڻ يا لاباري ۾ واري وٽيءَ تي مدد ڪرڻ.
● وَرِيُڙو ۽ وَرِيُڙا: ذ. ڪن ٻارن کي مٽي جي وارن ۾ گهنج، جنهن لاءِ زالن ۾ سنسو هوندو آهي تہ اها پاڻ جي نشاني آهي.
= وَرِيُڙا: ذ. ڪنهن ڏاڪي ۾ مٽڪا ۽ ڪوڏ يون ٻڌي ڏڳي وغيره جي گچيءَ ۾ ٻڌجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَڙُ ۽ وَڙَ: ذ. (سن. وَرَ = مهرباني) لڇڻ - افعال - عادت. لَلُ - ڪِرُ. شائستگي - مرجاتا - سُنيتي - سياڻپ - جوڳائي - ناهوڪائي. ٺوروڪو - لائق - احسان - مهرباني - عنايت - نوازش - پلائي - ايڇپو. برابر - ٺيڪ. سلوڪ - هلت. رستو. درست - صحيح. مهرباني - چڱائي - احسان - قرب. ٺورو. ننگ - عزت - آبرو - لياقت. اصيلي - شرافت. نمونو - ورن - قسم - جنس. نشان - پارُ - پتو. (صفت). لائق - جوڳ - ٺهندڙ. وڻ جو هڪ قسم. گهوڙا پاري تعلقي ۾ هڪ ڳوٺ، جتي ڪمند جي هوڪ گهٽي ٿئي. جانور جي لڳ تي مرضي - جانور جو لڳڻ. (سن. وَڙْدَ = گهوڙي) گهوڙيءَ جي ميڙڻ جي خواهش - چاڙو.

- وَڙائيتو ۽ وَڙائِتا: ذ. صفت. وڙ وارو - ننگ ڪندڙ - احسان ڪندڙ - قرب ڪندڙ - مرجاتا ڪندڙ - مهرباني وارو - ننگي - احساني - قردار - ٺورائتو - شرافت پريو.

- وَڙُ ڪَرَڻُ: مهرباني ڪرڻ - احسان ڪرڻ - ٺورو ڪرڻ - لائق ڪرڻ - لطف ڪرڻ - پلائي ڪرڻ جو مٿيون اعليٰ درجو. ڪنهن کي بنا آجوري سنگ ڏيڻ. بنا لالچ جي نياڻيءَ جي مائٽي ڪرڻ.

- وَڙَڻ: وڻڻ.

- وَڙُ وَجهُ: ريت - نمونو - ڍنگ - طرح - طرز. خيال - پارُ پتو - نشان پاسو.

- وَڙُونُ ڪونڊُ: سڪ سان سڌ ڪرڻ - پيار سان پڪارڻ - مهر ۽ محبت منجهان گهرائڻ - دل گهري کي دعوت ڏيڻ.

- وَڙُونُ يا هَڙُونُ: پنهنجي گند يا پنهنجي اثر وسيلي. پنهنجي پاران يا ڪيسي سان ڏيڻ.

● وِڙُ ۽ وِڙَ: ذ. صفت. (سن. وِٺ. سن. اَوَ = خراب + وات = رستو) بي حيا - بي شرم - ڪمينو. بدبخت. لنڪهو - جڙ توراڙو.

● وَڙا: وڙيون، چٽن جو اڻو ڳوهي، تن ۾ مصالح وجهي، آن جي ياهي ٺاهڻ.

● وَڙاڪو: وٽ پوڻ - هيٺ ۾ گهمرا پوڻ.

● وَڙالُ ۽ وَڙالُونُ: ذ. (سن. وِ لودن) گولا - ڏولا - ڏس پتو - جتن - وڙول. سمجهه - فهم - پُڌ - ذهن - چترائي - سڌو پيرائي. وڙول.

● وِڙانگَ ۽ وِڙانگُونُ: ث. وڙواند - بي شرم - بي حيا - ڪميڻي - لُچِي. ننگ ناموس کان ويل - افعالن ۾ ڇڙي - عادت خراب - گندي - ڪِنِي.

● وِڙاهَ ۽ وِڙاهَ: ذ. (سن. وِ ناش) نقصان - ڇيهو - جوکو - خطرو - ڊپ.

● وَڙاءُ ۽ وَڙاءَ: ذ. (سن. وَرْڻ) ورن يا رنگ وارو - نموني وارو - ڍنگ وارو.

"پتنگن جئن ٻيدا ٿيو سامي سچ وَڙاءُ"
(مومل راڻو - شاهه).

لياقت - لائقي - جوڳائي - ناهوڪائي.

● وَڙِتيُ ۽ وَڙِتيُونُ (ث): ث. جواب - ورندي.

● وَڙُجَڻُ: مصدر. گرم ٿيڻ - تپڻ. چاڙو ٿيڻ (گهوڙيءَ گاڻهه) - وَهَڙڻ - چاٽو ڪرڻ - وَهَڙو ٿيڻ - شهوت ٿيڻ. (وڙجيو - وڙجيندو - وڙجيل).

● وَڙِڪَڻُ: مصدر. هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ - ٽُلڪڻ - گهمڻ - هلڻ - چلڻ - ٽهلڻ. سير ڪرڻ - اجايو رُلڻ. جبل جو نالو. (وڙڪيو - وڙڪندو - وڙڪيل).

- وَڙِڪَ ۽ وَڙِڪُونُ: ث. چارو. گهوم - ٽهلو - سير.

- وَڙُڪائِيُ: مال کي جهنگ مان ڪيرو ڏياري اچڻ - مال کي جهنگ مان گهور ڏيارڻ. نظر رکڻ.

- وَڙُڪا ۽ وَڙُڪا (ث): ذ. گاهه ۾ ڏور کي ٺورو وقت چرڻ لاءِ ڇڏڻ.

- وَڙُڪائِيُ: مال کي جهنگ مان چاري اچڻ.

- وَڙُڪيُ آڇَڻُ: چري اچڻ - گهمتاري کڻي اچڻ - ٺورو ٽهلي اچڻ.

● وَڙُڳَڻُ: گهمڻ - ڳنگون سهائڻ - آڇ لاهڻ.

● وِڙِنڈُ ۽ وِڙِنڈَ (ل): ذ. ننگ - سوراخ.

● وَڙَڻُ: مصدر. (سن. وِ شُ = داخل ٿيڻ) گهڙڻ - اندر وڃڻ - پيهڻ - هٽڻ - ٻيهر وڃڻ - لِڪڻ. (وڙيو - وڙيندو - وڙيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَڙو ع وَڙا: ذ. (سن. بٹک). مٹائيءَ جو هڪ قسم (جا مصريءَ جي چاش ٿاهي ان ۾ ڏاڻن جو مغز، خس خس ۽ سڪو ميوو وجهي ٿاهيندا آهن، ڪائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ ۽ دماغ کي طاقت ڏيندڙ آهي). دال جو ٿاهيل طعام. پڄن وغيره جي مٹائي.

● وڙُوانڊُ ع وڙُوانڊَ: ذ. واهيات لفظ ڳالهائيندڙ- گاريون ڏيندڙ- وات جو گندو- اجائي بڪ ڪندڙ- بي فائدي بڪ ڪندڙ. جهڳڙالو- جهيڑا ڪار- بدڪار. ڪمينو. ويڙهاڪو زال- اڻبسٽ ڪندڙ زال. اوڙي زال. ڪمينو- بي شرم- بي حيا- لُچو.

- وڙولَنُ: مصدر. ڇا ڪرڻ- ڏونڊڻ- تلاش ڪرڻ- جاچ ڪرڻ- نهارڻ. (وڙوليو- وڙولينڊو- وڙوليل).

● وَڙولَ ع وَڙولَنُ: ث. ذهن- وڙال- فهم- چترائي. ڇا ڳاڇا- ڳولا قولا- جاچ- پڙتال. (ڪ). مناڊي- ڏنڊورو- پڙهو.

- وَڙولِهائِي ع وَڙولِهائِيُونُ: ث. وڙول وجهڻ جو ڪم- ڳولا- قولا- جاچ جونچ- ڏونڊ- تلاش.

- وَڙولَ ڏيَنُ: ڇا ڳاڇا ڪرڻ- تلاش ڪرڻ.

- وَڙولَ رکَنُ: ڇا ڳاڇا جو هار رکڻ- ڪنهن ماڻهوءَ تي جاچ پڙتال جو ڪم وجهڻ.

● وَڙهَلَ ع وَڙهَلَ: ذ. آماهيل- ڪم آندل- وهايل.

● وڙهَنُ: مصدر. (سن. ولهَ = کهڻ يا زخمڻ). چينڻ- ڏوراپو ڏيڻ. جهيڙو ڪرڻ- لڙڻ- جُٹڻ- مقابلو ڪرڻ- لڙڻ- جهونبڙ ڻ- جهڳڙڻ- ڏڙڻ- دٻ ڪيڻ- چنڊ ڪيڻ- ڳالهائڻ- ڏمڪي ڏيڻ- لڙائي ڪرڻ. (وڙهيو- وڙهندو- وڙهيل).

- وڙهِيُ ڏانڊگو ٹيَنُ: سخت جهيڙو ڪرڻ- چڪري ڪاڻڻ- وڙهي فنا ٹيڻ- سخت مقابلو ڪرڻ- ڏاڍو جهيڙو ڪرڻ- فساد ڪرڻ- وڙ و تڪرار ڪرڻ. خراب خوار ٹيڻ- بدنام ٹيڻ- پنهنجو نقصان ڪرائڻ. ڪجهه به حاصل نه ٹيڻ.

- وڙهِيُ مَرَنُ: جنگ ڪري ساهه ڪيڻ- فساد ۾ مري وڃڻ- جنگ جوڻ- لڙائي ۾ تباهه ٿي وڃڻ.

● وُڙهَنُ: مصدر. وڃڻ- چُرڻ- هٽڻ- روانو ٿيڻ. (وڃهيو- وڃهندو- وڃهيل).

- وُڙهِيُونُ وِجَنُ: ڪنهن شيءِ جو بلڪل گم ٿي وڃڻ.

● وَڙهِيُ ع وَڙهِيُونُ: ث. نشان- پتو.

● وَڙَنُ: مصدر. ڪهڙڻ- لهڻ.

● وَڙِيَ ع وِڙِيُونُ: ث. ڪهوٽيل دال جو سڪل ننڍڙو ڳنڍيو (جو پاڇيءَ طور ڪم آچي). دال جو ٿاهيل طعام جو هڪ قسم. پاڇيءَ جا ٽڪرا- ڪچريون. مٹائيءَ جو هڪ قسم. ڪاهه مان وٺيل نوڙي.

آڏارو هَٹر. (سن. وش). حيلو- زور- ڪوشش.

- وَزارت ع وَزارتُونُ: ث. وزارت- وزيري- وزير اعظم يا هُرڏان منتريءَ جو عهدو يا آفيسر- وزير هٹڻ. وزير جو عهدو سنبالڻ- وزير جو ڪم- صدارت- رياست جي وزير جو دفتر.

● وِزرُ ع وِزرَ: ذ. (ع). بار- بوجو- گناهه.

● وَزمُ ع وَزمَ: ذ. حقي يا سُلفي وغيره جو دم- ڇڪڻ واري حالت- سُوٽو- تماڪ جو هڪ وقت لاءِ وزن- حقي جي ڦوڪ- حقي جو سُوٽو- تماڪ ڇڪڻ جو يڪساهي سوٽو.

- وَزمُ پَرَنُ: سوٽو هٽڻ- پيڙي ڇڪڻ- نشي واري شيءِ ڪم آڻڻ- چلم ڇڪڻ- پيڙي پيئڻ.

- وَزمُ ڪَرَنُ: حقو ڇڪڻ- پيڙي پيئڻ- دم لڳائڻ (نشيدار شيءِ جو).

- وَزمُ واڙِيُ ڪَرَنُ: حقو ڀاڪي پيئڻ- ساهه ٹڪ- ٹڪ پيڻ- دم ڪڍڻ.

- وِزمُ هَٹنُ: چلم ڇڪڻ- حقو ڇڪڻ- سلفي ڇڪڻ.

- وَزمِيُ: حقو ڇڪيندڙ- چلم ڇڪيندڙ- سلفي ڇڪيندڙ.

● وَزنُ ع وَزنَ: ذ. (ع). تور- تورو. بار- بوج. انداز. جاچ- پيمانو- مقدار. امتحان- آزمائش. عزت. قدر. لغت ۾ ڪنهن شيءِ جي تورڻ کي وزن چئجي. علم عروض جي اصطلاح ۾ هن يا وڌيڪ لفظن جي حرڪت هڪجهڙي هٹڻ جي حالت. جيئن "اج ۽ لڄ يا بار ۽ خار وغيره."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ وَزنائيتوُ ۽ وَزنائيتا: ذ. صفت. وزن وارو- تور وارو- بار وارو- بوجھ وارو. ٻيھڪ وارو- ڏاڻ وارو- وضع وارو- انداز وارو.

ـ وَزنْدارَ ۽ وَزنْدارَ: ذ. صفت. گھڻو بار- گھڻو ٻوجھ. پورو- برابر- ٺيڪ- درست- صحيح. ٻيھڪ وارو.

ـ وَزن واروُ ۽ وَزن وارا: ذ. صفت. وزنائتو- گرو- پاري- گران.

ـ وَزنيُ ۽ وَزنيُ: ث. وزنائتي- گري- پاري- گران. قوي- طاقتور- قوت وارو- اثرائتو.

● وَزيرُ ۽ وَزيرَ: ذ. (ع). بادشاھ جو صلاحڪار- منتري- ديوان- پرڌان- مدارالمھام- ڪارفرما. ندير- وڏو وزير.

ـ وَزيرُي: ث. وزير جو عھدو يا ڪم.

● وزيرآبادَ: اسم خاص. تعلقي سڪر ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● وَزيرائيُ: اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

● وَزيرَ رَنڊُ: اسم خاص. تعلقي شھداد پور ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

● وَسَ ۽ وَسُونُ: ث. (سن. وَرْشا = مينھن) بارش- برسات- مينھن. ساوڪ- سبزي- سبزو- ھريال- ھرياڻ- ھرياڻي- سرسبزي- آبادي- پوڪ. (سن. وَسْ = رھڻ) وسنھن. بستي- آبادي- ڳوٺ- وسنئون- وسيل ٻٽ يعني ٽئي پارڪر جو مينھن ڪان پوء آباد ۽ سرسبز ٿيڻ. خيال- ڪوششون. بارش ڪان پوء جڏھن گاھ ٻڌا ٿين اُن حالت کي چئجي وَسَ.

ـ وَسَ ٽيڻَ: مينھن جو وسڻ ٿيڻ- برسات پوڻ- گھٽي بارش پوڻ. ڪنھن جي وس ٿيڻ- ھَروَس ٿيڻ- ڪنھن جي حڪم جو تابع ٿيڻ.

ـ وَسَ جھڙُو: ذ. خاصو- عمدو- جس پريو- سٺو- لذيذ- سناڪرو- وسن جھڙو- سڱارو- وٽندڙ- سٺو ستاھو- فرحتي.

ـ وَسَ چَرَنُ: مال ڪاھي وسڪاري تي وڃي مال کي چارڻ.

ـ وَسَ واھيندو ٽيڻَ: مينھن وسڻ- بارش پوڻ- برسات پوڻ.

ـ وَسَ وَڃَنُ: مال ڪاھي، مينھن ۽ ميل سائي ملڪ تي وڃڻ.

● وَسِ: ظرف. صفت. (سن. وَشْ = طاقت) وس ۾- قبضي ۾- ھٿ ھيٺ- تابع- تليدو- تربيت- پذير- چٽي وان- حليم- سراوندو. قابو ۾- ھٿ ۾.

ـ وَس ڪَرَنُ: زيردست ڪرڻ- ھٿ ھيٺ ڪرڻ- تابع ڪرڻ. موھڻ- من لُڀائڻ- دل ھيرڻ- چت چريو ڪرڻ.

● وَسُ ۽ وَسَ: ذ. (سن. وش = طاقت) زور- طاقت- ٻل- پچندي- سگھ- قوت- سگھت- تيج- شڪتي- ست- توفيق- سامرٿي- دسترسي- مجال- پھچ- سمرٿي. مرضي- اختيار- پسندي- خوشي. سھيو- آدم- ڪوشش. حيلو- وسيلو. ميڙائڻ. ٿر ۾ ڳوٺ جو ھڪ نالو.

ـ وَسائيُ: پروس- ٻن جي وس.

ـ وَسائيتوُ ۽ وَسائيتا: ذ. صفت. زور وارو- وس وارو- پڄت وارو- زوردار- من مانو- مرضيءَ تي چڏيل- طاقتور. اختياريءَ وارو.

ـ وَسُ پُڄَنُ: ٿي سگھڻ يا ڪري سگھڻ- پچندي ھڻ- زور ھڻ. اثر ڪرڻ- اثر وجھڻ.

ـ وَسَ جھڙُو: ذ. صفت. چڱو- سھڻو- عمدو.

ـ وَسَ ڪَرَنُ: سمورو زور ھلائڻ- حيلا ڪرڻ. طاقت آھر ڪرڻ- پچنديءَ سارو ڪرڻ.

ـ وَسُ ڪانُ وَڃَنُ: ٻي اختيار ٿيڻ- ٻي وس ٿيڻ- وس ڪان ڪري وڃڻ- طاقت ڪان ٻاھر نڪري وڃڻ.

ـ وَسَنئونُ: ظرف. وس ڪان- پچنديءَ مان- وس مان.

ـ وَسَنئونُ نہ گھٹائيڻُ: ڏاڍي ڪوشش ڪرڻ. سڀ حيلا ھلائڻ.

ـ وَسَنئونُ نہ وڃائيڻُ: طاقت ڪان نہ گھٹائڻ- پچنديءَ ڪان نہ گھٹائڻ- پڄت ڪان نہ وڃڻ.

ـ وَسُ واروُ ۽ وَسُ وارا: ذ. مرضيءَ جو مالڪ- پسنديءَ جو مالڪ- مڪمل مختار.

ـ وَسَنئونُ نہ گھٹائيڻُ: تمام گھڻي ڪوشش ڪرڻ- زور آھر گھڻو ڪجھ ڪرڻ- طاقت آھر زور ھلائڻ- پچنديءَ سارو مدد ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وِسِ ۽ وِسُونُ: ث. (سن. وِسْمَيَ = اچرج). حيراني - عبرت - اچرج - تعجب - تپرس - عجب. ڪٿي - فڪر - اونو - خيال. ڪهراهٽ. زهر - وهم - وڪ. (ث).

= وِسَ ڏڏو: خراب ڏائقي وارو - زهردار - ڪوڙي ذائقي وارو - گندي سواد وارو.

● وِسِهَرُ ۽ وِسِهَرَ: ذ. زهري - وِکر. ڪوڙو.

● وِسُ: ذ. (سن. وِشِوَ). جهان - دنيا. جهان جا ماڻهو - خلق.

● وِسارَنُ: مصدر. (سن. وِسِرڻ. سن. وِ = پري + سمر = ياد ڪرڻ). پلجڻ - پلاڻ - دل تان لاهڻ. چُڪڻ. غلط جاءِ تي رکي ويهڻ. ڇڏي ويڃ. ياد نہ ڪرڻ - سارڻ جو ضد. (وساريو - وساريندو - وساريل).

● وِساڙو: اسم خاص. جيت جو هڪ قسم.

● وَساطَتُ: ث. (ع. وسط). وسيلو هڻڻ. درميان هڻڻ - وچ ۾ هڻڻ.

● وِسالُ ۽ وِسالَ: ذ. ساز جي سُر جو نالو.

● وِسامَنُ: مصدر. (سن. وِشْرامَ = ٽڪ). آجهامڻ - (ڏيئو) گل ٽيڻ. ماندو ٽيڻ - بيهوش ٽيڻ - غش ٽيڻ. ٽڪجڻ - ڍرو ٽيڻ. ڪمزور ٽيڻ - دم ٽيڻ. ساهي پٽڻ. (وِسامیو - وسامندو - وساميل).

= وِسامَ ۽ وِسامَنُ: ث. ٽڪُ. بيهوشي - ماندگائي - غشي - مورچاگتي. آرام - فرحت. مستي - هيٺائي - ڪمزوري - غم کان فرصت.

= وِسامِيُ وِجَنُ: بلڪل ٽڪجي ٽنجي پوڻ. هَجڻ. بيهوش ٽيڻ - غش ٽيڻ. وائڙو ٽيڻ. حيرت ۾ پڻجي وڃڻ.

= وِساموريُ ۽ وِساموريُونُ (ل): ث. ڪٿي - فڪر - اون - خيال.

= وِسامو ٽِيَنُ: وائڙو ٽيڻ - حيرت ۾ پوڻ - پريشان ٽيڻ - تعجب ۾ پوڻ - اچرج ۾ اچڻ.

● وساندِ: ظرف. وس - هٿ.

● وِسانُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي خيرپور ميرس ۽ تعلقي ميرپور خاص ۾ ڏيهن جا نالا. مڃيءَ جو هڪ قسم.

● وَسانُ جاگيرُ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ڏيهہ جو نالو.

= وَسائِڪِيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ڏيهہ جو نالو.

● وِسائِلَ ۽ وِسائِلِ: ذ. صفت. جهڪو - هلڪو - ٽڏو (رنگ).

● وِسائو: (سن. وِشْرام). سست - آرسي - ماندو - ٽڪل.

● وَسائِيُ: ث. (سن. وَسُ = ان" لڻ بعد گڏ ڪرڻ). وسڻ يا آن" ڪرڻ جي محنت. (صفت). ٻين جي وس - ڀروس.

● وَساوڙُ ۽ وَساوڙَ: ذ. جيت جو قسم، رنگ گاڙهو ٽئيس.

● وَسائِيڻُ: مصدر. (سن. وَسُ = رهڻ) رهڻ - وسائڻ - آباد ڪرڻ (ڪو ڳوٺ يا ملڪ وغيره). اچلڻ (ڪنهن جي مٿان گند وغيره). ڏيڻ (گاريون). ٻين تي گند ڪي آڇلائڻ. رهڻ - گذارڻ - آباد ڪرڻ. (سن. وَسْمَيَ). وائڙو ڪرڻ - منجهائي ڇڏڻ. اصطلاح. ڪيسر جمائڻ. (وَسايو - وَسائيندو - وَسايل).

● وِسائِيڻُ: مصدر. آجهائڻ - (بتي) گل ٽيڻ - (ڏيئو) وڏو ڪرڻ. بند ڪرڻ - ٽارڻ - ماري مجائڻ. فيصل ڪرڻ (جهيڙو وغيره). ڪيسا ٽڪڻ - وِسائڻ - نهوڙڻ. ماري بيهوش ڪرڻ. (وِسايو - وِسائيندو - وسايل).

= وِسائِجِيُ وِجَنُ (ت): ڍرو ٽي وڃڻ - ڍڄي وڃڻ - هراسجي وڃڻ.

= وِسائِڪو: ڪوسائيل - جنهن ۾ چارُ جي ڏَپ هجي.

= وِسائو ۽ وِسائا: ذ. صفت. سست - ڪاهل - آرسي - آلسي - ٽوٽي - سليو ساٽ - عاري - ڪاهل - ڊاڪُن ڍيلو - شومتي - ڪم ڪوس - سِٽل - نسن. ٽُٽو - ڪمر - ڍرڪو. ساهيءَ ۾ چڏيل زمين.

= وِسائِيُ: وِسايل - آجهائل.

= وِسائِيُ: ث. موڪائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَسائِي: اسم خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَسائِي پوڻا: اسم خاص. ڏر ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● وَسائِي پوڻو: اسم خاص. تعلقي ميڻيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِسايو: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۽ تعلقي ڳڙهي خيري ۾ ديهن جا نالا.

● وَسايو پُٽو: اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَسايو چاچڙ: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَسُ ٻَڌيرو (ث): اسم خاص. پڪيءَ جو هڪ قسم.

● وَسْتُ ۽ وَسْتَ: ذ. (سن. وست) وستو - چيز - شيءِ - ٽول - وٽ - شيءِ شڪل. امانت.

= وَسْتَ وانو (ث): شيءِ شڪل - ڏڙو ٽپڙ - چيز - ٽول.

= وَسْتُو ۽ وَسْتُوءِ: ذ. وست - چيز - شيءِ - ٽول - وٽ. وَسڻ - آباد ي - بستي.

● وِسْتارُ ۽ وِسْتار: ذ. (سن. وستار = طول) آپٽار - پسارو - ڦهلاءُ - پرڪاش - پکيڙ - وڌاءُ - ماندائو. ديکهه - ليسو - راساڙو - ڪهات - ڪاڍ - ڪهت. بيان - احوال - پڌرائي - ظاهر.

= وِسْتارُ ڪَرَڻُ: آپٽار ڪرڻ - پرڪاش ڪرڻ - وڌاءُ ڪرڻ - ديکهه ڪرڻ - ڪاڍ ڪرڻ. ڪهات ڪرڻ - بيان ڪرڻ - احوال ڪرڻ - تفصيل بيان ڪرڻ.

= وِسْتارُو ۽ وِسْتارا: ذ. بيان - ڪهات - ڪاڍ - احوال. وڌاءُ - آپٽار.

= وِسْتارِيُ: ث. وستار جو - ديکهه جو. بيان ڪندڙ - ڪهات ڪندڙ - ڪاڍ ڪندڙ.

● وِسْتَرُ ۽ وَسْتَرَ: ذ. (سن. وستر) ويس - وڳا - ڪپڙا - پوشاڪ - پهراءُ - پهرڻ. ڪتل.

● وَسْتِيُ: ث. (سن. وس = رهڻ) وسي - ڳوٺ - واهڻ.

● وَسْرائِيڻُ: مصدر. ورسائڻ. (وسرايو - وسرائيندو - وسرايل).

● وِسْڀَتِ: ث. هڪ ڏينهن جو نالو. خميس.

● وِسْرامُ: ذ. (سن. وِشْرام) آرام - وشرام - (پڙهڻ ۾) ساهي - ٻيهڪ.

● وِسْرامُ: ذ. (سن. وشرام > وِ = نه + شرم = تڪجڻ) آرام - فرحت - ساهي - آسايش. قرار - نند جو جهٽڪو. ٻيهڪ (پڙهڻ ۾).

= وِسْرامُ ڪَرَڻُ وَڏڻُ: ٽڪ پڄڻ - دم پٽڻ - ساهي کڻڻ - آرام ڪرڻ.

= وِسْرامِيُ ۽ وِسْرامِيُ: ذ. صفت. وسرامي - آرامي - نندائتو.

● وَسْرُڪُ: (سن. و = پري + سُرُڪ = آڇل) پري آڇل. اهو اکر جنهن ۾ "هـ" جو آچار سمايل آهي، انهن اکرن جي آچار ڪرڻ مهل وات مان هوا آڇلجي وڃي پري ٽي پوي.

● وِسْرَڻُ: مصدر. (سن. وِ = پري + سمر = پري ڪرڻ) پلجي وڃڻ - ياد نه اچڻ - دل تان لهڻ - پُلجڻ - وسري وڃڻ - چت تان لهي وڃڻ - (ڪا ڳالهه وغيره) ڌيان تان لهي وڃڻ. (وسريو - وسرندو - وسريل).

● وُسِيرُ ٽَرُ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِسِيرُڪُو ۽ وِسِيرُڪا (ث): ذ. پرم - وهم - گمان - سنسو.

● وَسُٹِيتَ: اسم خاص. (سن). نالو هڪڙي رشي جو (جو شري رام چندر جو گُرو هو). نالو هڪ تاري جو (جو قطب تاري پرسان هوندو آهي). نالو هڪ ويدانت جي ڪتاب جو.

● وَسَطُ: ذ. (ع). وچ واري شيءِ.

● وُسعَتَ ۽ وُسعَتُونُ: ث. (ع). ٻل - طاقت - وِتُ - توفيق - وسيعت - پهچ - قوت - پچندي - سگهه - سگهت - سمرٿي - فوقيت. هُوندد. جميعت. شاهي - وسيعت مندي - ٻيسٽلائي - شاهوڪاري. فراخي - ڪشادگي - ويڪرائي - ويڪراڻ - موتاڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ وُسْعَتْمَنْدُ: ذ. صفت. وسعت وارو.
ـ وُسْعَتَ وارو ع وَسِعَتَ وارا: ذ. وسعت وارو- بهندي ۽ وارو- وسيعت مند- شاهـ- شاهوكار.
● وَسْكارو ع وَسْكارا: ذ. (سن. وَرْشا= برسات). مينهن جو وسكو. ورکا- اوهيڙو- چُلڪي. برسات- مينهن جي وسڻ جي حالت. برسات جا ڏينهن. سالون. جوهو. پالوٽ. ڪاڪ جون ۾ سنهيون لئيون ايائي فوت ديگهه هڪ انچ گولائي واريون جي آڻن جي لاءِ تاجيءَ جي وچان نڪتل ٿين.
● وَسِيكَنُ: مصدر. وسڻ- وسکارڪرڻ.
● وَسِيكَنُ: ذ. حرص- لالچ- دل سرڪڻ- هرڪڻ.
ـ وَسِيكَنو ع وَسِيكَنا: ذ. سڀ شيءِ تي دل هرڪائيندڙ- هر شيءِ تي مرضي ڪندڙ- لالچ ڪندڙ.
● وَسِيكو ع وَسِيكا: ذ. مينهن جو وسکارو.
● وَسِيكو: بي سمجهه- مرمنڙيو- مورک- بيوقوف- ناسمجهه- نادان- اناڙي- ڇڄ.
● وَسِلَنُ: مصدر. ڪير جو ڦٽڻ يا هانس ڪري وڃڻ. وِڙڻ.
● وَسِلَنُ (ل): مصدر. خراب ٿيڻ- (ڪير جو) ٿيڻ. مخالف ٿيڻ- گارگند ڏيڻ- گهٽ وڌ ڳالهائڻ- تهذيب کان نڪرڻ- ڪنهن شيءِ جو بگڙي پوڻ- ڪير ۾ موري وجهڻ، (موري ڪير جي ويرپائي آهي جا ڪير ۾ پوي ته وسلي وڃي). مرڪب شيءِ جي جزن جو ڇنڇجي جاءِ ڪان آڪڙي پوڻ- علحده ٿيڻ. (وسلو- وسلندو- وسليل).
ـ وَسِلِيَلُ ع وَسِلِيَلَ: ذ. صفت. ٽڪرا ٽڪرا ٿيل- جدا ٿيل- علحده ٿيل- حصا ٿيل- پاڳا ٿيل.
ـ وَسِلِيُ وڃڻ: ڪاوڙجي وڃڻ- خراب ٿي وڃڻ.
● وَسْلو ع وَسْلا: ذ. (سن. وَسْتُ). شيءِ- چيز. مڌي ۽ مال- ڏور ۽ ڏيگو. مال متاع- سامان سڙو- ٽڙوٽڦڙ- مال اسباب- ڪريٽر- ملڪيت- مالڪيات- راس. آتت. جائداد- املاڪ. قدر- هير. ٿانءُ- برتن- گهر جا وکر واري. اوزار.
ـ وَسْلو واڙِيُ: ذ. سامان سڙو.
ـ وَسْلو وانو: ذ. سامان سڙو.
● وَسَمُ: ذ. واسامو- ليبو- جهاتي.
● وَسمو: ذ. ميندي لڳائڻ ۽ ان بعد ڪيس لاٿڻ يا رکڻ ڪيس لاٿڻ. رنگ لاٿڻ. (ن- ب).
● وَسْمي ع وَسْمِيَ: ث. (سن. وِسْمَيَ= حيران). حيراني- تعجب- آچنبو- عجب- اچرج- حيرت- وسڻ- عبرت.
● وَسَنَانُ: ذ. گيهه صاف ڪرڻ لاءِ سڪڻ ۾ آنَ جو ڏارو رجهڻ ۽ رڌڻ.
● وَسَنْتُ: ذ. (سن). بسنت- بهار.
● وَسَنْدُ جيهو: اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ ديهه جو نالو.
● وَسَنْدِيُ ع وَسَنْدِيُونُ: ث. (سن. وسَتِيُ > وَسُ= رهڻ). ڪوٽ- وسي- واهڻ- ڪونڙو- بستي- واهڻ- بهراڙي- جتي آباد ۽ ڏاڏو وغيره ڇڪو هجي. پَل- زرخيزي- سڦلتا- آبادي.
ـ وَسَنْدِيُ ڪرڻ: آباد ٿيڻ. رهڻ. گذارڻ.
● وَسْنو: آبادي- بستي- واهڻ. ديڳ هيٺان هاريل باهه.
ـ وَسْنو لڳڻُ (ت): باهه لڳڻ- سڙڻ- باهه جو ساڙڻ.
ـ وَسَنْهُنُ ع وَسَنْهَنُ: ذ. آباد ٿيل جاءِ- سرسبز يا زرخيز هنڌ.
ـ وَسْنِءِ: آبادي- وسندي. باهه.
ـ وَسْنِين ڏيڻ: سارين جي ٻيجي جي زمين تيار ڪري مٽان پاڻي ڏيئي پوءِ ان ڪي تيلي ڏيڻ. ڪنيار جو مٽي ڪي تيلي ڏيڻ. (ن- ب).
ـ وَسِنهَرَ: وسي- آبادي.
● وَسَنُ: مصدر. (سن. وَرْشا= مينهن). مينهن پوڻ- برسات پوڻ- پاڻي پوڻ- وسڻ- ورسڻ. آباد ٿيڻ- سائو ٿيڻ- وڏڻ ويجهڻ- سرسبز ٿيڻ- قَرڻ قَلڻ- سَرسَبز ٿيڻ. (جهنڊي) ڦرڪڻ- لهرائجڻ. (سن. وَسُ). ٻڌائي لاءِ ان هڪ جاءِ گڏ ڪرڻ. (اسم خاص). تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (وسيو- وسندو- وسيل).
ـ وسيُ وساڻيونُ: روئي روئي ساڻيون ٿي ٻيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَسوُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● وِسوُ: تڪليف - ڏکيائي - اهنج - اوڙائي.
- وِسوُ وارُ نہ هُنڌُ: وار ۽ ونگو نہ ٽيڻ - ڪوبہ اهنج ايذاءُ نہ رسڻ - ڏاڪڻ ڏاڪڻ ڪان محفوظ رهڻ.
● وَسوُ ۽ وَسوُ: هاڻي.
● وِسوُ ۽ وِسا: ذ. صفت. (سن. وِسْمِيتَہ) حيران - سوگهو - بي هوش - خطا - مورڇا - (ڊپ وغيره ۾) حيرت زدو. وائڙو - ٻيهوش. بي خبر - بي خيال - حيران - پريشان. خوف - هڪوپڪو. وسواس وارو - منجهيل.
- وِسوُ ٽيِ وَجيَنُ: حيران ٿي وڃڻ - عجب ۾ پنجي وڃڻ - عبرت ۾ پوڻ - وائڙو ٿيڻ - پريشان ٿيڻ.
● وِسُواسُ ۽ وِسُواسَ: ذ. (ع). ارمان - غم - فڪر - ڳڻتي - چنتا - انتظار - اوڪيا ٻوڪيا - آدڪو - انديشو - سانگو - اون - اوسيڙو - اونسو - ڏوجرو - چوڻرا ڪوڻرا. بي آرامي - لوڇ - پيڙهُ - ڊپ - گمان. پرم - سنسو - وهم - غيرت - سند يهہ. (سن. وشْواش) ويساهہ - اعتقاد - اعتبار - پروسو - پرتيت - اميد - آسرو - توڪل.
- وِسواسِيُ ۽ وِسواسِيُ: ذ. صفت. وسواسو - شڪي - سنسئِيُ - پرمي - وهمي - گماني - شڪائتو - بي ويساهو - اڻ وسهو.
- وِيسُاهہُ رَ ڪنڊڙُ: اعتقاد وارو - وشواش وارو - سادو سُودو.
- وِسواسِيو: ذ. وسواسي.
- وِسُورِيُ ۽ وِسُورِيُونُ: ث. سوگهي - پليل - وِيسري.
● وِسُوڙنُ: مصدر. (سن. وِ = گهٽ + سْمَرَ = ياد ڪرڻ) پُڄاڻ - ٻتالجڻ - پيلجڻ - ڪمراهہ ٽيڻ. برغلائڻ. (وسَوڙيو - وسُوڙيندو - وسُوڙيل).
- وِسُوڙائِيُ ۽ وِسُوڙائِيُونُ: ث. وِيسر - پُل - پيلپ - ڪمراهي. صاف دلي.
- وِسُوڙجَنُ: مصدر. پلجڻ - برغلائڻ - ٻتالجڻ - ڪمراهجڻ. اعتبار ڪرڻ.
- وِسُوڙلُ ۽ وِسُوڙلَ: ذ. صفت. وسوڙو - صاف دل - نهڪپٽ - سڌو سادو - ٻالو پولو - نرچل - شڌمتي - بي ڊوهو - پورڙو - ويسريو - ويسرڪاڌو - موگو - نادان - مورک - منجهيل - بي عقل. آڇاڻ - مت موڙهل.
- وِسُوڙُوُ ۽ وِسُوڙا: ذ. صفت. وِسُوڙل.
- وِسُوڙهائِيُ: ث. وسوڙائي.
● وِسُوڙهُوُ: ذ. صفت. وسُوڙو.
- وِسُوڙِيُ ۽ وِسُوڙِيُونُ: ث. ويسري - موگي - پليل.
- وِسُوڙِيو ۽ وِسُوڙِيا: ذ. اعتبار ڪندڙ - مت موڙهل.
● وِسُوِسُ: ث. شڪ - شُبهو - وهم - پيڙ. بي اعتباري.
- وِسوِسا ڪرنُ: وسوسا ڪرڻ - منسا ڪرڻ. ٻار کي هنگائڻ لاءِ مائرون وس وس جو آواز ڪن تہ جيئن ٻار کي قيقي اچي. ڳڻتيون ڪائڻ - وهم ڪائڻ - گمان پوڻ.
- وِسُوِسوُ ۽ وِسُوِسا: ذ. وسوس - شڪ - گمان - پرم - سنسو - وسواس - غيرت - سند يهہ - ڊپ - پيڙ - بدگماني - اپرتيت - بي اعتباري. ڳڻتي - فڪر - اونو - خيال - انديشو. ٻري آزمائش. زيور جو آواز. ٻُرائي - ٻڌي.
- وِسوِسِيوُ ۽ وِسوِسِيا: ذ. صفت. وسواسي - وسواسيون - شڪي - سنسئي - پرمي - گماني - بي ويساهو - شڪائون - شڪائتو. ڏڪڻو. ٽاڪڙو - ڊڄڻو - ٿهڻو. ڪنبندي ڏڪندي. اصول جي پابندي ڪندڙ. سوگهارو - ڏوراڇو - وِنڪ - وِڪوِڪيو - ڪچرو - تيز - مزاج - نازڪ مزاج - تنڪ مزاج.
● وِسُوڪنُ (ت): مصدر. وِهڪڻ. ڪير ڏينڊڙ ڏيڻي ڪير نہ ڏي وهڪي وڃي. (وِسُوڪيو - وِسُوڪيندو - وِسُوڪيل).
● وِسِهَرُ: ذ. صفت. (سن. وِشِدرد > وشد = زهر + ڏر = رکندڙ). زهريلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وِسَهَنُ: مصدر. (سن. وِشْوَسْ = اعتبار كرڻ). يقين كرڻ - اعتبار كرڻ - وِساهه ركڻ - (تي) منحصر هڻڻ - تكيو ركڻ - پاڙي وڃڻ - مڃڻ - ڀاڙهه تي لڳڻ - صِدق هڻڻ - پروسو هڻڻ - يقين هڻڻ.

= وِسَهُ: وِساهه كر - اعتبار كر - يقين كر.

= وِسَهِيانُ: اعتبار كريان - يقين كريان - وِساهه كريان.

= وِسَهِيس: اعتبار كيم - پروسو كيم - يقين كيم.

● وَسُنَنُ: (سن. وس = رهڻ). وسندي - آباد جاءِ. خلقت جي موجودگي. سارين جي ڀيڙي پوڻ كان اڳ زمين ۾ ساڙيل ڪڪ ڪانا.

● وَسَنُونُ: بستي - آبادي. وسايل هنڌ - ٻاهه - آڳ.

= وَسَنُونُ لڳڻ: گهر ۾ ٻاهه لڳڻ.

● وَسِيَ ۽ وَسِيُونُ: ث. (سن. وَسُ = رهڻ). ڪوٽ - وندي - ڪونڙو - بستي - واهڻ - ڀراڙي - نئون پڌل ڪوٽ - آبادي.

= وَسِينْهَ ۽ وَسِينْهُونُ: ث. آبادي - بستي - وسڻ - وستي.

= وِسِينْهَنُ (ث): پاڻ سان تيار ڪيل هاريون جن ۾ ٻوءِ ٻج ٻوڪجي.

= وَسِينْهِي: ث. آبادي - ڪوٽ - بستي - وستي.

● وِسِيمُرُ ۽ وِسِيمَرُ: ذ. وَسيهر - بَشيهر - آليهر - تليهر - ميهر - ڪارو نانگ - سيهه - سَپ.

● وَسِيُ ساجن جاگير: اسم خاص. تعلقي بديز ۾ هڪ ديهه جو نالو.

وَسِيُ عادل: اسم خاص. تعلقي بديسن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وَسِيعُ ۽ وَسايع: ذ. صفت. (ع). ويڪرو - ڪشادو - موڪرو - خلاصو - فراخ - چوڙو - فراغ. گنجائشي.

● وَسِيڪو ۽ وَسِيڪا: ذ. صفت. (سن. وش = وَس). هٿ هيٺ - تابع - تابيني - تماتي - مطيع - تحت ۾ - حڪم هيٺ - دسترس - هڪيوتكيو - هٿ ۾ - زيردست - ٻئي جو آڌار - محتاج - عاجز. مڃتا ۾.

● وِسِيكُ ۽ وِسِيكَ: ذ. (سن. وِشِيش). خاص - مكيه. چگو - نيڪ.

= وِسِيكِيُ ۽ وِسِيكِيُ: ث. خاص - مكيه.

● وَسُيَلُ: صفت. (سن. وَسُ = رهڻ). آباد. سائو. وسندڙ. رحم كندڙ - مهربان.

● وَسِيلُ ۽ وَسِيلَ: ذ. (ع. وسيله). آهاڻ - آڌار. وسيلو. وچ - اعتدال - اوسط - شفاعت - ثالثي - فائدو. دست اندازي - وچ ۾ پوڻ واري حالت - مدد - حمايت - سرپرستي - مربي گيري. آجهو - آڌار. ذريعو. حيلو.

= وِسِيلو ۽ وَسِيلا: ذ. ذريعو - واسطو. شفاعت - دستگيري - حمايت - پشت پناهه - آسرو. ترهو. قرآن شريف. آڌار - رستو.

= وَسِيلِيُ سان: (جي) وسيلي - رستي - حيلي - (جي) نموني - طرح. معرفت - ذريعي.

= وَسِيلِيُ سُنْهَنُ: قرآن جو قسم.

● وَسِيندو وارڪسائيُ: فراغت - واندڪائي - نويڪلائي - اڪيلائي. فرصت.

● وِسِيونِيُ (ث): اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

● وِسِيهُرُ ۽ وِسِيهَرَ: ذ. (سن. وِش = زهر). نانگ جو هڪ قسم - واسينگ - ڪاريهر - بشيهر - اليهر - تليهر. زهري - زهردار.

● وِسِيمَرُ ۽ وِسِيمَرَ: ذ. زهري نانگ جو هڪ قسم.

● وَسِيعَتُ ۽ وَسِيعَتَ: ث. (ع. وسعت). طاقت - سگهه - توفيق - قُوَت - بَل - زور.

* وَشُ: ذ. صفت. خوب - خوش - خالص - لظير. ترڪستان ۾ هڪ شهر جو نالو. دستار. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.

● وِشُ ۽ وِشَ: ذ. صفت. (سن). وهه - وڪ - زهر - ڪڙو.

● وِشْتا ۽ وِشْتاءِ: ذ. (سن. وِشتا). ماڻهوءَ جي ڪرفتي - تورو - گونهه - پائخانو.

= وِشذَرُ: نانگ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وِشڪونڻُ: مصدر. وِکرڻ - ڪِنبرڻ - ڪيڙڻ - ڦولهڻ - ڳولڻ - ٽوليڻ - سامان هيٺ مٿي ڪرڻ.

= وِشڪوتَ ۽ وِشڪونُون (ڪ): ث. ڪنبيڙ - ڪيڙ - ڦولهه - ڳول - ٽنول.

● وِشُنُ: اسم خاص. (سن. وِشْنُ > وِشيلري = وياپڪ ٿيڻ) آهو جو هر چيز، بيمار يا هلندڙ ۾ موجود آهي. ايشور. خدا تعاليٰ. هندن جي ٽمورتي مان هيو (جنهن جو ڪم آهي) دنيا جي سار سنڀال ڪرڻ، ۽ سڀني کي روزي رسائڻ - رزاق - وشڻ - وشنو - وشٽو. (هندو) ديوتا جو نالو.

● وِشُنُو: رکيا ڪندڙ - سنڀال ڪندڙ - حفاظت ڪندڙ.

= وِشُنوئِي: خود خيال - لاغرض - بي غرض - خود مطلبي.

● وِشُنُوهُو: وشنوءَ جو مچيندڙ يا پوئلڳ. مچي، گوشت وغيره کان پرهيز ڪندڙ. هندو برهمڻ جي ذات جو نالو.

● وِشُوَ: (سن). سارو جهان - عالمگير - سارو لوڪ - سَرو پُوميڪ - سرب مَءِ - سَروَ ديسي - سَروَ ساڏارڻ - سروَ گت. ڪائنات - عالم - وِس - ترلوڪ - سرشٽي - جڳت - برهماند. (سن. وِشْن = ٻن هڪ جيترن حصن ۾) وچ - اعتدال.

= وِشُوَهَدَ ۽ وِشُوَهَدَ: ذ. جن ڏينهن تي يا جنهن هڪ رات ڏينهن هڪ جيڏا ٿين - سَرءَ جي موسم ۾ ڏينهن رات هڪ جيڏا ٿيڻ جو وقت.

● وِشُواسُ ۽ وِشْواسَ: ذ. (سن). ويساهه - نِسچو - پروسو - ايمان - عقيدو - يقين - اعتماد - اعتبار - خاطري - پڪ - اطمينان.

= وِشُواسِيُ ۽ وِشْواسِيُ: ذ. معتقد - پروسو رکندڙ - ويساهي - سَرل سُڀاءَ وارو. سچو - وفادار - ايماندار - سرڏالو.

● وِشَٽِيُ: ث. (سن. وشيه = عيش) آهي ارٿ جن ٻڌيان انسان جون اِندريون پَڃندي يون آهن، آهي مرادون، جي حواس طلبيندا آهن. (روپ = شڪل، رَسُ = سواد، گنڌ = بُوءِ، سپرش = ڇُهڻ، شبد = آواز. پنج وڪار: ۱. ڪام ۲. ڪروڌ ۳ لوڀ ۴ موهه ۵. اهنڪار). ڪام - شهوت. گهالهه. بولهه. مضمون. گفتگو جو نڪتو. هوش - حوصلا - حواس - سمجهه - اوسان. شهوت پرستي - نفس پرستي - عياشي - اوباشي. نفسيانيت - هواهتوَس - رنگ رس. پاوارڻُ. ڪامي - شهوت پرست - اِندري پوڄ - عياش - نفس پرست. (صفت). آهو جيڪو وشيئن جي ڪيڏَ هجي - حريص. خدا جو طالب. نجات چاهيندڙ - موڪش جو ڪانڪي.

= وِشَٽُون: دنيوي لذتون - حرص - شوق.

= وَشَٽِيُ واسينا: ث. وشين جو چاهه. شهوت جو غلبو.

= وِشَٽِيُ ۾: جي ياد ۾ - جي عزت ۾ - جي لاءِ.

● وِشيَش: صفت. (سن). خاص - ساڏارڻ نه - عام نه - ڇڪو.

● وِشيَشُ نامُ: صفت. اسم صفت.

= وِشيَشتَ: ذ. خاصيت - ڪٽ.

● وِشيُو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وِصالُ ۽ وِصالَ: ذ. (ع. وصل) ڳڏجڻ - ميلڻ - مٽهن ڏسڻ - ميلاپ - ملاقات - وَصُل - پريتين جو ميلاپ. موت - مرڻ جي حالت. همبستري - عاشق معشوق جي صحبت.

= وِصالَ جُونُ واڱُونُ وَيَنُ: ڳڏجڻ جو آسرو پلڻ - ملاقات ڪان هميشه لاءِ محروم رهڻ - ديدار جي ڪا اميد باقي نه رهڻ.

= وِصالُ ڪَرَنُ: مرڻ - فوت ٿيڻ - وفات ٿيڻ - ڏٽيءَ سان ملڻ.

= وِصالُ ڪيوُ آتَسِ: مري ويو آهي - فوت ٿي ويو آهي. معشوق سان ملي ويو آهي.

= وِصالِيُ: وصال جو طالبو.

● وَصْفَ ۽ وَصْفُونُ: ث. (ع). تعريف - صفت - خوبي - عمدگي - پلائي. ڪَٽ - خاصيت - خُوءِ. خصلت - عادت - لڇ. هنر - ڪمال. سليقو. نشاني - اڃاڻ - پارپتو. موصوف - اوصاف - توصيف. بيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وَصَفَ ڏيڻ: نشاني ڏيڻ - سمجهاڻي ڏيڻ. صفت بيان ڪرڻ - خوبي بيان ڪرڻ.

= وَصفيه: (علم نحو جو اصطلاح) اهو جملو، جنهن ۾ مبتدا ياڻ جي صفت ڏيکاريل هجي.

● وَصْل ۽ وَصْل: ذ. (ع). لاڳاپو - ڳانڍاپو - ملڻ - ميلاپ - ملاقات - جوڙ - وِصال - سنجوڳ - صورت. مجامعت - همبستري - پسوڳ - جماع - مباشرت.

= وَصْلت: ث. وصال - ميلاپ.

= وَصْل ڇو واءُ وارڻ: ملڻ جو ارادو ڪرڻ - ميلاپ جو خيال ڏيکارڻ - ديدار ڪرائڻ لاءِ راضي ٿيڻ.

= وَصْليي: ڳنڍيندڙ - ملائيندڙ.

● وَصْلو ۽ وَصْلا: ذ. ملندڙ - ملاقاتي.

● وُصُول ۽ وُصُولَ: ث. (ع). اوڳڙ - واصلات - وصولي. پهچي وڃڻ يا ميڙڻ واري حالت. پهچ. آمد. سنجوڳ - ميل - ڳنڍ - ميلاپ.

= وُصُول ڪرڻ: حاصل ڪرڻ - هٿ ڪرڻ - وڃڻ - اڳاڙڻ - ميڙڻ - گڏ ڪرڻ.

= وُصُوليي ۽ وُصُوليُون: ث. چندو - ڦوري - واصلات. اوڳڙ - حاصلات. آمت. پراپتي.

● وَصِي ۽ وَصيُ: ذ. (ع). اهو ماڻهو جنهن لاءِ وصيت ڪيل هجي - وارث.

● وصيت ۽ وصيتُون: (ع). مرڻ وقت يا سفر ڪرڻ وقت ملڪيت جي نيڪال لاءِ هدايتون.

= وَصيُعَت ۽ وَصيُعتُون: ث. وصيت مان بدليل. مرڻ وقت يا سفر وقت ملڪيت جي نيڪال لاءِ هدايتون. مرڻ وقت مرندڙ جو ٻڌايل (مليڪت وغيره بابت) نصيحت يا آخري مرضي - واتي ويٺي - ڪل حڪم. (مرڻ وقت) اڇا - منشا.

= وَصيُت ڪرڻ: اڇا ظاهر ڪرڻ - خواهش ظاهر ڪرڻ - مرضي بيان ڪرڻ. ورثي ۾ ڇڏڻ. مرڻ وقت ملڪيت جي نيڪال لاءِ هدايت ڪرڻ.

= وَصيُت نامو: ذ. وصيت جو لکيل ڪاغذ. آخري اڇا - مرڻ وقت آخري آرزو ظاهر ڪرڻ.

= وَضَع ۽ وَضَعُون: ث. (ع). حالت - دستور - طور - طرز - شڪل - ڍول. تشريح - معني. ڪٽ - ڪاٽ - ڪات ڪوٽ. رکڻ - ترتيب ڏيڻ. بناوٽ - ناهڻ. بناوٽ. روش - طريقو - ڍنگ - چال - چلن. صورت. حالت - ڍڄ.

= وَضَع باقيي: ڪٽ ويڍ - ويڍڪٽ.

= وَضَع قَطَع: نمونو - هڏني ٻيڪ - پوشاڪ جو نمونو - شڪل شباهت - ناهه ٺوهه.

= وَضَع ڪَرڻ: ڪٽ ڪرڻ - ڪهٽ ڪرڻ. ڪٽڻ - ڪهٽائڻ - لاهڻ - لاهي ڏيڻ.

● وُضُو ۽ وُضُو: ذ. (ع). نماز کان اڳ پاڪ ٿيڻ جو هڪ طريقو - آب دست - پنج اشنائي - هٿ منهن ڌوئڻ.

= وُضُو سارڻ: وضو ڪرڻ.

= وُضُو ڪَرڻ: وضو سارڻ - پنج اشنائي ڪرڻ - هٿ منهن ڌوئڻ (نماز کان اڳ پاڪيزگي لاءِ). آب دست ڪرڻ.

● وَطَنَ ۽ وطنَ: ذ. (ع. وطن = هن گذاريو). ڏيهه - ديس - ملڪ - ديش - اصلي ڳوٺ - جمڻ جو هنڌ - جنم پومي.

= وَطَنَ دوسِت: ذ. ديش ميتر - ديش پڪت - وطن پائي - ملڪ واسي.

= وَطَنَ دوسِت هُئَنَ: حب الوطن هڻڻ.

= وَطَنِيي ۽ وَطَنِيي: ذ. ديسي - ملڪي - هم شهري - هڪ ڳوٺ جا - ڏيهي.

● وَظيفو ۽ وَظيفا: ذ. (ع. وظيفه). روزاني عبادت - يادگيري - پوڄا - تسبيح - بندگي - شيوا. محنتاڻو - پگهار - مواجب - علوفو - پنڊيسان - پينشن. روزينو. آجورو. ڪنهن ماڻهوءَ کي پڙهڻ لاءِ يا سندس عالم ٿيڻ جي ڪري مقرر ٿيل لوازمو - روزي.

= وَظيفو پڙهَنَ: روزانو ڪا دعا پڙهڻ - روزانو ورد ڪرڻ - روزانو نيم.

● وَعدو ۽ وَعدا: ذ. (ع. وعده). انجام - اقرار - پرڻ - ٻول - قول - پرتڪيا. آخرت جو وعدو. جنهن ۾ دوستن جو ديدار نصيب ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وَعْدهٔ شِكَنُ ۽ وَعْدهٔ شِكَنَ: ذ. انجام ٽوڙيندڙ - ٻول پڇندڙ - قول نہ پاڙيندڙ.

● وَعْظُ ۽ وَعْظَ: ذ. (ع). آديش - پرهوڏ - ڪٿا - نصيحت - پند - سِکشا. تلقين - تبليغ. پرچار.

= وَعْظُ ڪَرڻُ: نصيحت ڏيڻ. هدايت ڪرڻ. پرچار ڪرڻ - آديش ڪرڻ - ڪٿا ڪرڻ - پرهوڏ ڪرڻ - سِکشا ڪرڻ.

= وَعْظُ ڪَرَڻُ: نصيحت ڏيڻ. هدايت ڪرڻ. پرچار ڪرڻ - آديش ڪرڻ - ڪٿا ڪرڻ - پرهوڏ ڪرڻ - سِکشا ڪرڻ.

● وِغا: ث. (ع). جنگ - لڙائي.

● وَغَيْرَهْ: (ع). وڌيڪ - ٻيا - اِنيادي - ٻيو ڪجهه - سواءِ هُن جي.

● وَفا ۽ وَفاءُ: ث. (ع). انجام جي پورائي - وفائي - وفاداري - سچائي - نمڪ حلالي - صداقت. ايمانداري. ٻول و قرار پورو ڪرڻ - عهد و پيمان پورو ڪرڻ - ڀڃاوري - تعميل - تڪميل. نباهه - ساٿ. ديانتداري - خيرخواهي. دوستيءَ جي حق جي ادائگي.

= وَفادارُ ۽ وَفادارَ: ذ. صفت. سچو - ايمالدار - پروسي جهڙو - ايمان وارو - سرڏالو - وچن تي پورو - نمڪ حلال - راج پڪت - ديانتدار. هڪ دل - راست - ستّ - برحق - يڌارٿ. پڪو دوست - سچائي سان هلندڙ. وفا ڪرڻ وارو - ايمروت - ساٿي. نباهيندڙ - سچو - صادق. صاف - پروسي وارو.

= وَفاداريُ: ث. نمڪ حلالي - ايمانداري - سچائي. دوستيءَ جي حق جي ادائگي.

= وَفا ڪَرَڻُ: سچو ٿيڻ. يڌارٿ ٿيڻ - وفائي ڪرڻ - وفاداري ڪرڻ - نباڻ - ساٿ ڏيڻ - مروت ڪرڻ - خيرخواهي ڪرڻ.

= وفائيُ: ث. سچائي - پورائي. نمڪ حلالي.

● وَفات ۽ وَفاتُنُ: ث. (ع). قدرتي موت - مرڻو - رحلت - مرڻ - انتقال - مَرَڪ - اجل - قضيو.

= وَفاتِيُ جوُ لِباسُ يَڪتُنُ: وفات ڪرڻ - مري لاڏاڻو ڪرڻ - جامو مٽائڻ.

● وِفاقُ: (ع. وفق) واقفيت ڪرڻ - سازگاري ڪرڻ - محبت - اتفاق - ٻڌي - ايڪو.

● وَفْدُ ۽ وَفَدَ: ذ. (ع). بطور ايلچي يا قاعدي موجب ڪنهن وٽ وڃڻ.

● وَقْرَ (ث): اسم خاص. ول جو هڪ قسم.

● وِقْلَنُ: مصدر. نسبد ۾ ڳالهائڻ. بيهود و ڳالهائڻ - گندي نموني ڳالهائڻ - اجائي ٻڪ ڪرڻ. اي هوشيءَ ۾ ڳالهائڻ - ٽيڙيو ڳالهائڻ - ٻنهنجي ليکي ڳالهائڻ. د ٻيرڻ. (ت).

= وِقِلَ ۽ وِقِلُونُ: ث. اجايو سجايو ڳالهائڻ - نند ۾ ٻڪ ٻڪ ڪرڻ - گندو ڳالهائڻ - اوٽارو. دَبِرَ.

= وِقِلَجَنُ: مصدر. قِلجڻ - خراب ٿيڻ - ٻڪ ٻڪ ڪرڻ.

● وَقارُ ۽ وَقارَ: ذ. (ع. وقر) آرام - سڪون - قرار. حلم - بردباري - استقلال. ثابت قدمي - همت - جاه و جلال.

● وَقْتُ ۽ وَقْتَ: ذ. (ع). مدو - ميعاد - ڪٽ - عرصو - ٽاڻو - ويلو - ويرم - سمون ساعت - ايام - زمانو - ويرَ - وِيل - مُنڊ ڪلاڪ - موسم - وجهه - موقعو. وار - وال - اوسترُ - سَجهه - ساڃي - ٽيڙ - سَٽو - سانگو - ڏتُ. دُک - مصيبت - آپدا - آفت - وِپتَ - ڪم نصيبي - شامت.

= وَقْتُ آڏامَنْدُو وَجَنُ: وقت ختم ٿيندو وڃڻ - ڪم کان فرصت نہ ملڻ - وقت اندر ڪم پورو ڪري نہ سگهڻ جي حالت.

= وَقْتائيتو ۽ وَقْتائيتا: ذ. صفت. مهلائتو - وجهائتو - موقائتو - ٽيڪ ٽائيم تي - پوري وقت تي.

= وَقْتُ ٻي وَقْتُ: ڪڏهين ڪڏهين - ڪنهن وقت - منڊائتو يا اڻ منڊائتو.

= وَقْتَ تي: پوري ٽائيم تي - گهرج مهل - مهل سر - خاص موقعي تي - ضرورت تي - حسب ضرورت. موقعي مهل - وجهه تي.

= وَقْتَ تي ڪَمُ آچَنُ: ضرورت وقت ڪم اچڻ - مهل سر ڪم اچڻ - موقعي تي ڪم اچڻ - گهرج جي وقت ڪم اچڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— وَقْتُ ٽِپائِيُ: دفع الوقت ڪرڻ - گذارو ڪرڻ - گذر ڪي اڳتي ڏيڻ - ڏکيو سکيو وقت گذارڻ. مشڪلات مان نڪرڻ لاءِ ڪا تجويز ڪرڻ. گهٽ وڌ ڪري ڪم جي پورائي ڪرڻ.

— وَقْتُ ٽِپائُو: ذ. صفت. اهو، جيڪو وقت ٽپائي ڇاڏي. اهو، جيڪو مشڪلات کي منهن ڏيئي سگهي - ڪم ٽِپائُو.

— وَقْتُ ٽِپَڻُ: وقت گذارڻ - ڪم ٽيڻ - مشڪلات مان في الحال گذرڻ.

— وَقْتَ جو يارُ: زماني ساز - هان ۾ هان ملائيندڙ - مطلب جو يار. مطلبي. موقعي جو فائدو وٺندڙ.

— وَقْتُ ڪي سَلام ڪَرڻ: حالتن موافق ڪم ڪرڻ - حال ڏاند ر هلڻ - ڏکيو سگيو گذران ڪرڻ.

— وَقْتُ ڪي گيڙڻُ: آهت موجب خرچ ڪرڻ. ڏکئي وقت کي منهن ڏيڻ.

— وَقْتُ وارڻ: مري ويل لاءِ هڪ رسم.

— وَقْتِي: ظرف. شايد - مبادا - مواذي. وقتاً - وقت تي.

— وَقْتِيُ ڪم تَتحْلِيلِي: ڪچي ڪوراڻ - عارضي ڪوراڻ.

● وَقْعَتُ ۽ وَقْعَتُون: ث. سختي - آسيب - زور - هل - طاقت - لمبائي. بلندي - اوچائي. (مجازاً) قول جي مضبوطي - انجام جي پڪائي - وعدي جي پوٽواري. عزت - اعتبار - ساک.

● وَقْفُ ۽ وَقْفَ: ذ. (ع. وقف = هو ٻيٽو). ڪنهن جڳهه تي ٻيهڻ. خبردار هڻڻ - چاڻڻ. اها شيءِ جا ڪنهن جي ملڪيت نه هجي - خدا جي راهه ۾ ڏنل ملڪيت - دان - ڏ رمائو - بخشيل ملڪيت - اها ملڪيت جا ڪنهن ماڻهو خيراتي ڪمن ۾ لڳائڻ لاءِ مقرر ڪئي هجي.

— وَقْفُ ڪَرڻ: خدا جي نالي ڪرڻ. بخشش ڪرڻ - دان ڪرڻ - پُڄ ڪرڻ - خيرات ڪرڻ. عطا ڪرڻ.

— وَقْفو ۽ وَقْفا: ذ. ٿوري دير ٻيهڻ - ٿوري ساعت ترسڻ - ٿوري ويرم ترسڻ. ويساهين. ٿوري ويرم آرام.

● وَقوعُ: ذ. (ع. وقع). واقع هڻڻ. ڪرڻ. هر شيءِ جو ظاهر ڪرڻ.

● وَقُوفُ ۽ وُقُوفَ: ذ. (ع). واقفيت - تجويز - هنر. شناخت - عقل - پنج گهڙ. چيتو - سمجهه - قهم - پرجهه - پروڙ - ادراڪ. حوصلو - هوش - دماغ - ڪوپري.

● وَڪَ ۽ وَڪَ (ڪ): ذ. وَر - وِنگ - ڏِنگ - قِدّ. چِيڙ - ميلاپ - چيڙهه. ڪنهن ۾ پاڻي وجهبو ته ڪنهن وَڪ ڪنديون آهن. گهاٽو - ڪنهن شيءِ جو ليسدار ٿيڻ.

● وَڪا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وِڪاڏِيُ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِڪارُ ۽ وِڪارَ: (سن. وِ = خراب + كار > ڪر(ي) = ڪرڻ). روڳ - مرض - بيماري - ڏُرا = آڳهائي) ڏوج - ناچگائي - لڳائي. ڏجهندو - ڪمهرائي - آزار - بي مزائي - ناچاقائي - (قَتَ جو) رُجهڻ - پوسرڻ - پچڻ. نقص - عيب - ڪمي - گهٽتائي - سقم. پريشاني. ارمان. فڪر - ويچار.

— وِڪارِيُ ۽ وِڪارِيُ: ذ. وِڪار وارو - ڪرهيڻ - بد ڪم ڪندڙ - خراب ڪم ڪندڙ.

● وِڪارِ ۽ وَڪارِ (ل): ث. (سن. وِ = خراب + اڙ = جدا). ڇڏو.

● وِڪاس:

● وَڪالَتَ ۽ وَڪالَتُونُ: ث. (ع). وڪيل جو ڏندو. وڪيل جو ڪم. سفارت - ايلچگيري - وسيلو - ذريعو - محبت - سپردگي. پيغام گيري - گماشتگيري.

— وَڪالَتَ ڪَرڻُ: مختياريڪاري ڪرڻ - ايلچگيري ڪرڻ - ٻئي جي پاران ڳالهائڻ.

— وَڪالَتَ نامو: ذ. مختيارنامو - سفارت نامو. وڪيل مقرر ڪرڻ جو ڪاغذ - مختارنامو.

● وِڪامَتُ: مصدر. (سن. ڪْرِيَ = خريد ڪرڻ). وڪڻ - وڪرو ٿيڻ - فروخت ٿيڻ. (وِڪيو - وِڪامندو - وِڪيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وِکاءُ ۽ وِکاھ: ذ. ھنڊيءَ جو حق (ڍڪڻ). وکرو. ھنڊي پرڻ جي حالت ـ ناٽي جي چڻي واري ڏاي موجب.
ـ وِکاءُ پاڻڻُ: ھنڊيءَ جي ھٿ پرڻ ـ ناٽي جي چڻيءَ جي پٽ پرڻ. ھنڊيءَ جي اڳاڙڻ جو حق وکڻڻ.
● وَکائِڻُ (ث): مصدر. کيڏائڻ. کِٽڻ. ليکڻ ـ شمار کرڻ. (وِکايو ـ وکائيندو ـ وکايل).
● وِکائو: ذ. صفت. وکامڻ وارو ـ وکائو.
● وَکَٽا: (سن. وچ = ڳالھائڻ). واچيندڙ ـ ڳالھائيندڙ.
● وَکَٽَ ۽ وَکَٽَ (ل): ذ. اِنسي ڏکر راند ۾ پھرين ڏکر پرڻ کي چئجي. (مدراسي ٻوليءَ ۾ ھڪ جو انگ).
● وِکَڻُ: مصدر. ڪَڪ ٽيڻ ـ ٻيزار ٽيڻ ـ ٽکجي ٻوڻ ـ کِٽ ٽيڻ. وکرو ٽيڻ ـ وِکامڻ. (وکجيو ـ وکجندو ـ وکجيل).
ـ وِکَڻِي: ث. ٻيزار ٽي ـ ڪڪ ٽي ـ ٽکجي کِٽ ٽي.
ـ وِکَڻِي ٻوڻُ: ٻيزار ٽيڻ ـ ٽکجي ٻوڻ ـ ڪڪ ٽيڻ ـ خفا ٽيڻ.
● وِکيڄڻُ (ک): مصدر. وِکجڻ ـ وِکامڻ.
● وِکيڇَرَ: بدافعالو ـ بي ھُودو.
● وَکَرُ ۽ وَکَرَ: ذ. (سن. وَ (ک) وَتُ ـ وَرُ ـ وراکو ـ ڦيرو ـ موڙو.
ـ وَکَرَ پاڻِي: ڪوھن جو پاڻي.
ـ وَکَرِي: ڏنگو ـ ڏڙو ـ وَرُ وارو ـ وِنگو.
● وَکَرُ: اسم خاص. تعلقي گھوڙاباريءَ ۾ ڏيھ جو نالو.
● وِکَرُ ۽ وِکُرَ: ذ. (ع. وَکر) فکر ـ ڳڻتي ـ اونو ـ اوسيڙو ـ ويچار. پريشاني ـ ارمان.
ـ وِکَرُ ٽيڻُ: ويچار ٽيڻ ـ اونو ٽيڻ ـ ڳڻتي ٽيڻ ـ پريشاني ٽيڻ ـ اوسيڙو ٽيڻ.
ـ وِکَرُ ٻوڻُ: فکر ۾ ٻوڻ ـ ڳڻتيءَ ۾ ٻوڻ ـ پريشانيءَ ۾ ٻوڻ.

● وِکِرُ ۽ وِکِرَ: ذ. سمنڊ جي پاڻيءَ کي ٻچاءُ لاءِ ڏنل واريءَ جي ٻِٽ ـ بريڪ واٽر. لَسَ ـ آڇ.
● وِکُرُ: گھوڙا ھاري تعلقي جو اصل نالو. ھي ھندر سنہ ۱۸۶۶ع ۾ ٻڌايو ويو.
ـ وِکُرُ ٽِيُ وِيھَڻُ: ٻاتاري ھٿي ويھڻ ـ موکرو ٽي ويھڻ ـ ڪشادو ٽي ويھڻ.
● وِکُرَسُ ۽ وِکُرَسَ: ذ. ھيڄ ـ ھڪٻي سان محبت.
● وِکرم: ث. (سن. وِکُرَمَ > وِکَ) دليري ـ بھادري ـ ٻھلواني ـ شجاعت. (اسم خاص). ھندوستان جو مشھور آڳاٽو راجا وکرماجيت (جنھن جي گادي جو ھنڌ اُجين ۾ ھو).
● وِکرماجيٽ: اسم خاص. (سن. وِکُرَماديتيہ = بھادري جو سج) اُجين جو راجا جنھن جي نالي سان ھندن جو سنبت (سال) شروع ٿئي ٿو، جو عيسوي سن کان ۵۸ سال اڳي آھي.
● وِکِرمُ جِرَمُ: اسم خاص. تعلقي ڳڙھي ياسين ۾ ڏيھ جو نالو.
● وِکِرو ۽ وِکِرا: ذ. (سن. کُرِيہ = وکرو ٽيڻ) وکِري ـ ٻيچواري ـ فروخت ـ ڪاپو ـ آڪلاءُ ـ نيڪال.
ـ وِکِري: ث. فروخت ـ وکرو.
● وِکيڙڻُ: مصدر. (سن. وِکُڙ = ڏنگو) وڇڙڻ ـ منجھڻ ـ ڳنڍ جڻ ـ ويڙھجڻ. وکڙ وجھڻ ـ لپيٽجڻ ـ ورکائڻ ـ وکڙ ڪائڻ ـ وکڙ ڏيڻ. ور وجھڻ. وکوڙڻ. ورائڻ. (وکڙيو ـ وکڙندو ـ وکڙيل).
ـ وَکَڙُ ۽ وَکَڙَ: ذ. ورُ ـ ڦيرو ـ چکر ـ درياھ جو ڦيرو ـ ڏانگ جو ور يا ويڙھو. ڏنگ ـ موڙ ـ ڦير. ٻيچ ـ مروڙ ـ آنٽي ـ وٽ. ولو ـ ڦيرو ـ وَڙو. اٽڪل ـ زور ـ دٻاءُ ـ چالاڪي.
ـ وَکَڙَ وجھڻُ: دٻائڻ ـ زور سان ميڙائڻ. گھيرو کرڻ ـ محاصرو کرڻ. ڪنڊي ۾ ڦاسائڻ ـ وَٽَ ۾ آڻڻ ـ ٻيچ ۾ جھلڻ.
ـ وَکُڙو ۽ وَکُڙا: ذ. وکُڙي ـ وکوڙيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَکیڑو: ٹوري وقت لاءِ ٹهيل ڏنگو بند- وکیڑي. ٻڌو. آباد ٹيل زمين جو حصو.
● وِکیڑو: اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ، تعلقي ڈوکري، تعلقي ڦنبر ۾ ڏيهن جا نالا.
● وِکیڑو جا گیٹ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد، تعلقي شڪارپور ۾ ڏيهن جا نالا.
● وَکیڑي ۽ وَکیڑیون: ث. ٻنڊ جي ڇڻ ڪري ڦيري تي ڈنل ٻيو بند. ڪنهن گرهه جو چڪر پورو ڪري موٽڻ جي حالت.
= وَکیڑيءَ جي سير (ڪ): جبل جي چوٽيءَ ڪان هيٺ لهندڙ ڏورو يا ڪانڌو، جنهن ۾ ور وڪڙ گهٽا هجن.
● وَکَسَٹ ۽ وَکَسَٹَ (ک): ذ. سارڻ- ياد ڪرڻ- انتظار ڪرڻ. سڌ ڪرڻ- خواهش ڪرڻ. زهير ڪرڻ- بيزار ڪرڻ- پريشان ٿيڻ- ڪڪ ٿيڻ.
● وَکَنَ: ذ. اسم خاص. هڪ پسارڪو وڪر.
● وِکَنو ۽ وِکَنا: ذ. (سن. وِ = پري+ کَلَ = هاڻ) بيزار- عاجز- هيڏو- بي وس. اڻ سهڻ- جو نه سهي (ث. وِکَنِي) بيزار ڪَڪ- ٽڪل.
● وِکَنَ: مصدر. وڪرو ڪرڻ- وڪرو ٿيڻ. فروخت ڪرڻ يا ٿيڻ.
● وِکَنَڻ: مصدر. (سن. وِکْرِيہ = خريد ڪرڻ) فروخت ڪرڻ- وڪرو ڪرڻ- ڪاڏ شيءِ ٻئسن تي ڏيڻ- مُلهه تي شيءِ ڏيڻ. ٻئسا ولي حق واسطا ٻئي ڪي ڏيڻ.
= وِکَنَڻ جوگي: ناٿي جي ڇڻي، جا وڪري هيٺ اچي.
● وَکو ۽ وَکا (ک): ذ. صفت. ور وارو- ڈنگ وارو- ڈنگو- ونگو.
● وَکوڑَڻ: مصدر. (سن. وَکْرَ = ڈنگو) وڻڻ- ورائڻ- اپيڻ- ويڑهڻ- سيڑهڻ- وکڙ وڇڻ- مروڙڻ- موڙڻ. ڳهيرڻ- وکوڙڻ. ويڑهي وڇڻ- ڳهيرو ڪرڻ- منجهڻ. ڦاسائڻ- ڦري اچڻ. ورائي وڇڻ. (وکوڑيو- وکوڑيندو- وکوڑيل).
= وَکوڑَ: ث. ويڑهي وڇڻ جي حالت- وَکڙ.
● وِکوڑَڻ: مصدر. جهلڻ- قابو ڪرڻ- پڪڙڻ- مروڙ- مروڙ- وراکو- آکيڑو. گهيرو- محاصرو- ولو- گهمرو.
● وِکِ وِکِ ۽ وِکِ وِکُونُ: (آواز) ٻُڻ ٻُڻ- ٻُٽ ٻُٽ. جهڻ جهڻ- ريڑهه ريڑهه- ڪُر ڪُر. ٽُر ٽُر. جهڪڙو.
= وِکِ وِکِ ڪَرَڻ: ڪِر ڪِر ڪرڻ- ڪيٽ ڦيٽ ڪرڻ- منجهڻ- گهرائجڻ- اجايون رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ.
= وِکِوِکیو ۽ وِکِوِکیا: ذ. ٻُڻ ٻُڻ ڪندڙ- ڇُون ڇُون ڪندڙ. ڪُر ڪُر ڪندڙ- رنگڙو- ڪُرڪٹو- شاکي- سوگارو- ڈور اچو- وِڻَڪ- ڪِڇرو- وِسوسيو- تندمزاج. جهڪڙو ڪندڙ.
● وَکوٹَڻ: مصدر. عيب ڪيڻ- وِيڪ ڪيڻ.
● وَکیِ ۽ وَکیِ: ث. اجازت- منظوري- موڪل- رخصت- چوٽي.
= وَکیِ ڈِيَڻ: اجازت ڈيڻ- موڪل ڈيڻ- منظوري ڈيڻ- چوٽي ڈيڻ- رخصت ڈيڻ.
● وِکیا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وِکیو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● وِکیا سانگیِ: اسم خاص. تعلقي لاڑڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● وَکیِلَ ۽ وَکیِلَ: ذ. (ع). آهو، جنهن تي توڪل ڪجي. خدا جو نالو. ٻئي جي پاران ڳالهائيندڙ- نائب- ڪماشتو- ايلچي- سفير- سندهسي- عيوضي. مسلمانن جي شاديءَ ۾ نڪاح جو شاهد. قائم مقام- ڪارندو- مختار- قانولدان. خاص ڪري اهو ماڻهو، جو پنهنجي اصيل جي پاران ڪورٽ ۾ وڃي انصاف ملڻ لاءِ ڳالهائي.
= وَکیِلپٹو ۽ وَکیِلپٹا: ذ. وڪيلي- وڪالت- نائبي- ڪماشتگيري. وڪيل جو ڏنڈو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وَڪيِيلُ ڪَرڻُ: پنهنجو عيوضي ڪرڻ - پنهنجي پاران ڀالهائيندڙ - پنهنجو قرار ڏيڻ - قانوني طور تي پنهنجو نائب مقرر ڪرڻ.

● وَڪيِيلَڻُ سار نَ هُئڻُ: وچ وارن تي ڏوهه نه مڙهڻ.

= وَڪيِيلِيُ ع وَڪيِيلِيُونُ: ث. وڪالت - وڪيلپڻو.

● وِڪ ع وِڪُونُ: ث. (سن. ڪُرَ = هلڻ يا قدم). قدم - چال - گام - رفتار - (گهوڙي جو) پنڌ - ٽوڙ. درجو - بلانسگهه - پرانسگهه. هلڻ وقت ٻن پيرن جي وچ وارو ويڇو يا مفاصلو.

= وِڪ پيرَنُ: قدم ڪٽڻ - پلائي ڪرڻ - مهرباني ڪرڻ - احسان ڪرڻ. مدد ڪرڻ - حمايت ڪرڻ - پرجهلو ٿيڻ.

= وِڪ تي ڇُڇَنُ يا مِلَنُ: اوچتو پورو جوڙ ٿيڻ.

= وِڪِيرُ: ذ. صفت. وڌيون وڪون پريندڙ.

● وِيڪو ع وِيڪا: ذ. وڻ جو هڪ قسم- جبل جو ٻوٽو، ان پلاءُ جيري جهڙا گل ڪاڙهي بخار لاءِ ڪم اچي، پسارڪو وڪر. (ن- ب).
● وِيڳ ع وِيڳُونُ: ث. سير- ڊارا- ڏارَ- وهڪرو- وهڪ- وهه- پرواهه.
● وِيڳُ ع وِيڳَ: ذ. پيٽ جو سور- آهنج- ايذاءُ- درد- ڏُک- تڪليف.
● وِينگسُ: بهار جي مند.
● وِيڳُ ع وِيڳَ: ذ. مٺي جو سور- گهوماٽ- درد. خمار. زهر جي اثر جو نشو.
● وِيڳاڙُ ع وِيڳاڙَ: ذ. ڪار. خار.
● وِيڳاڻو ع وِيڳاڻا: ذ. ٻَر- وِيڳيو- اوڻو- غير- پرائو- ڊاريو- وِديشي- پرديسي- بديهي- مسافر. ٻيگانو- نڊڏڪو- ڏُهليل. نادار. نادر- عجيب. موڪو- ڏُکويل- اُداس. غافل- مونجهو- پريشان- دردمند- نماڻو- ڪوماڻو. بيهوش- بي حال.
● وِيڳَتِ (ت): ث. حال- حقيقت.
● وِيڳرُ ع وِيڳترَ: ذ. وَڪرُ- مرچ مصالح- مثالو- مشالو. غريب عورتن جو مٺي ۾ وجهڻ جو ميندي ۽ آنورا وغيره وارو وِيڳر. ليس.
= وِيڳترُ وَڪترُ: ذ. سامان- وڪر. وڪري- جنس- وٽج- واپار- سؤدو.
● وِيڳو ۽ نِڳو (پاڻ): ساڻيو نه ته وِيڳو ڏور. (ن- ب).
● وِيڳُوُ: ذ. بي شيءِ- بدليل شيءِ- ڏاري شيءِ- ٻاهران آيل. عيوض- بدليل. تڪڙو.
● وِيڳِيُ ع وِيڳِيُونُ: ث. ڏاري- ڏارين- پرائي- اوپري.
= وِيڳيوُ ع وِيڳِيا: ذ. صفت. وِديشي- ڊاريون- پرديسي- غير- ٻيگانو- وِيڳاڻو- غيرملڪي- بديهي- ڊاريو.
● وِيلَ ع وِيلُونُ: ث. (سن. وِيلا = وقت). مهل- وقت- ٽائيم- گهڙي- ٽاڻو. موقعو- وجهه. وات جو ٻاسو- واڇ (ڪ- ل). ٻاسو- ڪنڊ (ت). مڪٽهار ڪي گهور (ڪ- ت). وَل (ث). شاديءَ ۾ زالن جو آن وغيره ڪٽي وڃڻ (جنهن جي عيوض مٺائي ملي). خيرات. (ن- ب). لنگر- ناتاري- هلي.
= وِيلَ ڪرڻُ: مهل ڪرڻ- ڏکئي وقت ۾ مدد. ڪرڻ. ڊيرو ٽيڻ. (ت). گهور ڪرڻ. ٻاسو هڻڻ. (ت).
= وِيلَ نه وِڃائِڻُ: ضرورت وقت ڪم اچڻ- وجهه تي مدد ڪرڻ.
= وِيلَ نه لَهڻُ: وقت هٿ نه اچڻ. بي خبريءَ ۾ ڦاسي وڃڻ.
= وِيلَ وِڃائِڻُ: وجهه گسائڻ- وقت يامهل وڃائڻ.
= وِيلِيُ ع وِيلِيُ: ذ. صفت. واڇ ڦريل.
● وِيلُ ع وِيلَ (ڪ): ذ. وِيڪر- وِيڪرائي- ٻر. "هِيرڪ جو وِيلُ ڪيترو آهي؟". (جملو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وَيُلُ ع وَيْلَ: ذ. صفت. مصيبت - شامت - ماجران - مازران - ظلم - قهر - زوراوري - ڏاڍ - زَبَر - بيداد - ناحق. تكليف. كمبختي - نياڳ. ڏک - سُور - غم - ايذاءُ.

- وَيُلُ كَرَنُ: ظلم كرڻ - ڏک ڏيڻ - تكليف ڏيڻ.

- وَيُلُ وِهائِنُ: ظلم كرڻ - ڏک ڏيڻ - تكليف ڏيڻ.

● وِيَلُ ع وِيَلُ: ذ. صفت. (سن. وِكَت) هليو ويل - روانو ٿيل. گم ٿيل - وڃايل. چَتُ - ناس - برباد. ناكار - بي كار. كِريل - گهَت.

● وِيلَڙُ (ڀاڙ): ڀاڙ ويلڙ - ڀاڙ ناهڻ. هر مصيبت كي منهن ڏيڻ. سختي پوگهڻ.

● وِيلَڙُ ع وِيلَڙُ: ذ. (سن. وِيلَڙَ) مانيءَ وغيره كي گول كرڻ لاءِ كاٺ جو گول هٿيو.

● وِيلِيُ ع وِيلِيُون: ث. (سن. وِيلَن) كپهه مان ككڙا كيڏڻ جو اوزار. ارتي.

● وِيلُو ع وِيلا: ذ. (سن. وِيلا = وقت) وقت - وِيلَ - منهنجو - كال. گهڙي - ساعت. مانيءَ جو هڪ وقت - مانيءَ جو ٿائيم. (ظرف). جلد - جلدي - سويرو. (ك). جهٽ - تكڙو. (ك) - وهلو. (ث).

- وِيلا ٽارَنُ: وقت ٽپائڻ.

- وِيلا پَئِي وَڃَنُ (ك): كي ڏينهن كاڏو نه ملڻ.

- وِيلا كَڍَنُ (ك): ٻكون كيڏڻ - فاقا كاٽڻ.

- وِيلا كَرَنُ: وقت وجهڻ - وقت گذارڻ.

- وِيلائِي ع وِيلائِيُون: ث. تكڙ - جلدي. بي صبري - بي قراري.

- وِيلُو پَوَنُ: وقت پوڻ. هڪ وقت كاڏو نه ملڻ.

- وِيلُو كاتَنُ: هڪ وقت جي ٻكَ كيڏڻ.

- وِيلُو كَرَنُ: گذارو كرڻ (وقت وانگر) - گذر كرڻ - وقت پاس كرڻ.

- وِيلُو وِجهَنُ (ت): كهڙو وقت پري رهڻ - جدائي كرڻ. ٻكن ۾ مارڻ.

- وِيلُو وِچُ پَوَنُ (ث): ٿوري به دير نه كرڻ. جدا رهڻ.

- وِيلُو وِيلُ: ظرف. دفعي دفعي - وقت ٻوقت - وقتاً فوقتاً.

● وِيلُو ع وِيلا: ذ. ٻانڊ - ڏالڻ - هٿيار - هائو هائو. آنڊن جي هڪ قسم جو سُور - ٻيٽ جو سخت سُور. سُور - ايذاءُ - عذاب. (ل). سُور جو وَڻُ - مَروڙ. (ك). گهوڙي جي هڪ ايماري (جنهن ۾ ڏاڪ هوس) - شيمڪ. (ن - ب).

- وِيلُو پَوَنُ: سُور ٿيڻ.

- وِيلُو كَرَنُ: كاٽڻ - ڪُڙڪائڻ - هائو هائو كرڻ - هضم كرڻ.

● ويلهِ: ذ. وِيلو - ٻُک - فاقو. وِلهائي. وَلَ. (ث).

● وِيلهُو ع وِيلهَا: ذ. صفت. وِلهو - خالي - واندو - بيكار - نِكَمو - نِكمٽو - بي كارو - بي كمو. فارغ. فالتو. نِٹهو - پالهو. بي روزگار. ويٹل.

- وِيلهائِي ع وِيلهائِيُون: ث. واندكائي - فرصت - فُرجو - وارڪائي - ڏَتُ - وارَ - فراغت. نِسچِنتا - آلس - سُستي. سكائي - ٽلهائي.

● وِيُماسُ ع وِيُماسَ: ذ. وِماسُ.

- وِيُماسُ ۾ پَئِجِي وَجَنُ: ارمان كرڻ - غم كائڻ - ڪُٹني كرڻ.

● وِيُمو ع وِيُما: ذ. (سن. وِمَيَ = متاسٹا) متاسٹا - وڇ واهار.

"وِتُ وِيُمي جو جي لهين،
تہ ٻي كار نہ كرين كا"
(سريراگ - شاهه).

(ع. بِيمَہ) جان ۽ مال جي حفاظت جو ذمو - ذمہ داري - جوابداري - جوكم - ضمانت. (ف. بِيمہ = ڊپ) نقصان جو ڊپ (جنهن كري ضمانت جي ذمہ واري كنجي). مال جي ضايع ٿيڻ جو خوف - خوف.

- وِيُمو آتارَنُ: ويمو كرائڻ - ويمو ٿيڻ.

- وِيُمائِي ع وِيُمائِي: ذ. صفت. ويموكندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وِيْن: (سن. وِي = وِيامڻ). ويامن - ڦرجهڻين (سرسهڻي - گر).
كاريون ڪَڪيون ڪُنديون وارا كيو وين."
(سرسهڻي - شاهه).

● وِينْتَ ۽ وِينْتَنُ (ث)؛ ث. ٻنهنجي خرچ لاءِ ڪجهه ڇڏڻ - ڪفايت.

● وِينْتي ۽ وِينْتِيُونْ: ث. سوال - التجا - ليلڙائي - عرض - گذارش - نيزاري - عاجزي - منت.

● وِينْتِي آنائِيْ: عرض اگهائڻ - سوال سُٽڻ - التجا قبول ڪرڻ.

● وِينْڊَنْ (ث)؛ مصدر. ويڙهڻ.

= وِينْهي رَكڻ: گڏ ڪري رکڻ. "ڪت واريون رليون وِينْهي رک." (جملو).

= وِينْڊَنْ ۽ وِينْڊَنَ (ث)؛ ذ. ڪپڙن رکڻ جو ڇوٽرو - ڪپڙي وڇهڻ جي ڇوٽري - بڇڪي. رلين جو ويڙهو.

= وِينْڊو ۽ وِينْڊا (ث)؛ ذ. بدل ۽ ويڙهيل بستر. نٽ.

= وِينْڊِي ۽ وِينْڊِيُونْ (ث)؛ ث. مٺبدي.

● وِينْجهه ۽ وِينْجهُونْ (ث)؛ ث. ٽنگ - سوراخ - ڪُڙڪ.

● وِينْجهارَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وِينْجهارْ ۽ وِينْجهار: ذ. صفت. وينجهر - اڪريندڙ - حڪّاڪ - مُنديون - ٻيڙا وغيره ٺاهيندڙ - قلم ڪار - ڪنده ڪار - هيرا وغيره پالش ڪندڙ - جوهر تراش - هيرن ۽ ڪچ جو ڪم ڪندڙ. هوشيار - سمجهو - ڏاهو - سياڻو - چالاڪ.

● وِينْجهاڻُو ۽ وِينْجهاڻا؛ ذ. فال.

● وِينْجهرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● وِينْجهرْ ۽ وِينْجهَر: ذ. صفت. (سن. وِڊ + ڪار = موتي + پوئيندڙ). موتي ونڊيندڙ - وينجهار - حڪّاڪ - ڪُهن تي ٽڪون يا نڪينه چاڙهيندڙ. هوشيار - سمجهو - ڏاهو - چالاڪ - سياڻو - داناڪ. (اسم). ٻاڦ ۽ جي پڪين کي ڦاسائڻ لاءِ سُٽ جي ٺهيل جار.

● وِينْجهڪو: اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِينْجهَل (ث)؛ اسم خاص. ٿر ۾ گاهه جو هڪ قسم.

● وِينْجهڻ: مصدر. وڌڻ - آهڙڻ - آڏڻ - سائو ٽيڻ - سرسبز ٽيڻ - وڌڻ ويجهڻ - مچڻ - مورڻ - ڦَرڻ ڦُلڻ.

● وِينْجِهٽِي ۽ وِينْجِهٽُونْ: ث. آهو اوزار جنهن جي وسيلي ڪاڪ کي ٽڪي منجهس سَل ڪيو سگهجي - ٽُنگ ڪيڻ واري رنبي. (ث). هوا جو پنکو - وِنجڻي - وِڇڻي.

● وِينْجهول (ث): اسم خاص. ٿر ۾ گاهه جو هڪ قسم - ڇيهي گاهه جو هڪ قسم (جو جنهن ٻنيءَ ۾ آيري، آتي آنهيءَ ٽُڪر ۾ گاهه ٻي ٻيدائش نه ٽيندي آهي).

● وِينْڊو؛ (محاوره)؛ ذ. خرچ.

● وِينْڊولي ۽ وِينْڊوليُونْ (ث)؛ ث. گهوٽ لاءِ ٺهيل جُتي.

● وِينْڊو ۽ وِينْڊا (ث)؛ ذ. زالن جي نڪ ۾ پائڻ جو هڪ زيور - لٽ.

● وِينْڊو ۽ وِينْڊا؛ ذ. وينڊو - زيور جو هڪ قسم - لٽ - نڪ جو آهو پائڻ جو گهه جو سنهي گول ڪمان وانگر هوندو آهي، جنهن ۾ هڪ پاسي پارڙن سان نڊ وگول ڇڪو ٻيل هوندو آهي - لٽ جو هڪ قسم (جو سمات قوم ۾ هندو استعمال ڪندا آهن). آگر جي مُنڊيَ جو هڪ قسم. سگهيءَ جي چوٽيءَ ۾ پيل گهنگهريون. ڪُتي جو هڪ قسم - اهو ڪتو جو اڪثر پُڇ (ويندي وانگر) گول ڪري هلي - ڪتي جو اهو قسم جنهن جو پُڇ ڪُنڊيو هجي - لانبومي ڪتو - ردي نڪمو ڪُتو. جنڊ ڪُتي.

● وِينْڊو ۽ وِينْڊا؛ ذ. صفت. آهو ڪُتو، جنهن جو پڇ ڏڪو ۾ وريل هجي.

● وِينْڊارَنْ: مصدر. نهائڻ - سانڍڻ - پالڻ (ڪجي محاورو).

● وِينْڊو ۽ وِينْڊا؛ ذ. زالن جي ڪن ۾ پائڻ جي زيور جو هڪ قسم. لٽ. مُنڊي. ڇلو -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آگرين ۾ هائڊ جو چملو (ڪ). دنبي جي دُنب کان هيٺ لٽڪندڙ ڇپ جي چوٽي يا چيڙهو(ڪ). (صفت). گول - ڊنگو.

= وِينڊَ وَرَنُ: (شڪار جو محاورو). سوئر جي وڃن (ڏندن) جو ڦيري وڃڻ.

= وِينڊِيءَ ۽ وِينڊِيُونُ: آگر جي منڊيءَ جو هڪ قسم - چپچ ۾ ايل چلو. ايرينگ جو هڪ قسم.

● وِينَسُ: آسماني گرهَ يا سيار جو نالو- شُڪر.

● وِينڪَسُ ۽ وِينڪَسَ: ذ. صفت. عمدو- حَسين - سُندر - نڪو - ٺاهوڪو - موچارو- سهڻو- سوڀياوان - صورتوند - سُڊرشن - خوبصورت - ڊولائتو- اوگهو - زيبائتو- شڪيل- پريمان. جوان- بهادر. هُرلي جي ونگ. (وينڪَسَ: اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

= وِينڪَسِ ۽ وِينڪَسُونُ: ث. صفت. نازنين- خوبصورت - سهڻي - سُهڻي (مورت).

● وِينڪَنُ ۽ وِينڪَنَ (ڀ)؛ ذ. واڱڻ.

● وِينڪهو (ڪ-ڪ)؛ اسم خاص. وڻ جو هڪ قسم.

● وِيڻُ ۽ وِيڻَ: ذ. (پرا. وَيَن. سن. وَچَنَ = ويڻ). وچن - سخن - عتاب - حرف. طعنو - تنڪو - مهڻو - ڏوراپو - اوپالو - ٽوڪ. بدسخن - گار. خراب هلت. پاراتو - پيٽ - اورانهو. (ن - ز ٤١ - ص ١٠).

= وِيڻانِ: ضمير. هنن جا ويڻ - هنن جا ڏوراپا - هنن جا طعنا. (رپ - شاهه).

= وِيڻَنُونُ: ويڻن يا سخنن مان.

= وِيڻَ آڇَنُ: مهڻا ڏيڻ - ويڻ وجهڻ.

= وِيڻَ وِجهَنُ: مهڻا ڏيڻ - طعنا ڏيڻ - ٽوڪ هڻڻ. خراب هلت ڪرڻ. بدسخن ڳالهائڻ - گاريون ڏيڻ.

= وِيڻُ وَرائِيڻُ؛ ويڻن - پاراتو ڏيڻ. مهڻا ڏيڻ.

● وِيڻُ ۽ وِيڻَ: ذ. وِلورُ - ٽڙي ٽيمٽي - نڪار - بيڪار - نڪمو - نالائق. خراب ڪپهه. (ت).

● وِيڻَتَ ۽ وِيڻَتُونُ: ث. ويڻتي - عاجزي - عرض - انڪساري. (ل).

= وِيڻِتِيُ ۽ وِيڻِتِيُونُ (ڀ): ث. عرض - منٽ - عاجزي - انڪساري.

= وِيڻِتِيُونُ ڪَرَنُ: منٽون ڪرڻ - ڏڪ ڏيڻ.

= وِيڻُو ۽ وِيڻُا؛ ذ. ڀيڙيءَ جي هڪ حصي جو نالو - ڀيڙيءَ جو سڪان.

= وِيڻُا دُورَ؛ ويڻي جا سڪان ڪي جهلڻ جا ٻه رَسا.

● وِيڻِيُ ۽ وِيڻِيُونُ: ث. ٻالهن جي ڪرائي يا نَري.

● وِيوُ ۽ وِيا؛ ذ. (سن. وَيَ). روانو ٿيو- هليو - ويو هليو - گم ٿي ويو.

● وِيوَسَتا (ت)؛ ث. شريعت. (ل - وفا).

● وِيهَ ۽ وِيهُونُ: ث. صفت. (سن. وِنشَتَ). ڪاڻيڻي جو هڪ تعداد - ويهن جي مجموعي صورت (ڪپهه ۾ آساني پيدا ڪندڙ انگ. جيئن: ٻه ويهون، ٽي ويهون). ڪوڙي. (سنڌ جو اصطلاح). پڪين جون ويهه جوڙيون. "فلاڻي جي ويهه هيتري وڪاڻي."

= وِيهارو؛ ذ. صفت. اٽڪل روءِ ويهه - ويهه ڪن.

= وِيهَ آڳَرو؛ ويهن سالن جي عمر جو سوئر.

= وِيهَ ڪَرَنُ: انصاف ڪرڻ.

● وِيهَنُ: نَهن جو زور ڏيڻ: سپ وس هلائڻ- حيلا ڪرڻ - گهڻي ڪوشش وَڙڻ.

= وِيهُ ۽ وِيهَا؛ ذ. ويهن جو تعداد. ويهن ارن وارو چڪر. (ن - ب). چوويهي ڪان ٿورو ٽلهو ست. (ت).

= وِيهُ آنارَنُ: پنهنجو مطلب ڪرڻ.

● وِيهَتَ ۽ وِيهَتُونُ؛ ث. ساپ - ڪچ. رڙا - سيتا - تجويز - اندازو - اٽڪل - سجاوت - هناوت. ڪم جي شروعات.

= وِيهَتَ وِيهَتَنُ (ڪ): سيتا سيڻ - رڙا رڙڻ - سوچ سوچڻ.

● وِيهَڙَ؛ اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيهَڙَ ۽ وِيهَڙُونُ (ت)؛ ث. حد - نشان. ناموس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= وِيْهَڙَ وَجائِيڻُ: حد ڪرڻ - نشان قائم ڪرڻ. عالیشان ڪم ڪرڻ - ناموس ڏيڻ. ضد رکڻ.

● وِيْهَڪَ ۽ وِيْهَڪُوڻُ (ل): ث. وِهڪ - ٻينڪ. مقاعد - ڪُٽِيي - دٻير. ڪارڙي تستر جو رات لاءِ واهيرو.

= وِيْهَڪَ جيءُ جاءِ: ث. ڪُٽِيي - مقعد - دٻر - چُوت.

= وِيْهَڪَ ڪَرَڻُ (ت): سال جو وِيهارڻ. ٽورو ڪرڻ.

● وِيْهَڪَڻُ: مصدر. ڏسو وِهڪَڻُ.

= وِيْهَڪِيُ وَجَڻُ: وِهڪِيُ وَجَڻُ.

● وِيْهَلُو (ت): ذ. صبح سويسر - جهت پت - سوير. جلدي - ترت.

● وِيْهَڻُ: مصدر. ويهي رهڻ.

= وِيْهُوڻُ: ذ. صفت. درجي ۾ ويهون - عدد قطاري. تمام گهٽو - ويهن جي تعداد ۾.

= وِيْهُوڻُ جَڙَهَڻُ (ڪ): گهٽن ماٺهن جو حملو ڪرڻ - لشکر چڙهي وڃڻ - ماٺهن جا ڏنب وري وڃڻ.

= وِيْهُوڻُ ڪَرَڻُ: حد ڪرڻ - چيهه ڪرڻ.

= وِيْهُوڻُ وَجائِڻُ: ٻوريون ڪري ڇڏڻ. تمام سٽو ڪرڻ.

= وِيْهُوڻُ وَجائِي ڇڏَڻُ: ڪمال ڪري ڇڏڻ - منڊل مچائي ڇڏڻ - ڪنهن وڏي ڪم کي نهايت ڪاميابيءَ سان پورو ڪرڻ. (ن - ب).

= وِيْهُوڻُ وَرَڻُ (ڪ): ماٺهن جا ڏنب اچڻ - تمام گهٽن ماٺهن جو اچڻ. لشکر جو حملو ڪرڻ.

= وِيْهُوڻُ هُڻَڻُ: چيهه ڪرڻ - حد ڪرڻ.

● وِيْهُهُ ۽ وِيْهَهُ: ذ. وِهُ - زهر.

"سهسين سُڪ سرير جا، ويراڳين لڳن وِيهُ".

● وِيها (ل): ذ. ويساک جو مهينو.

● وِيهارُ: مصدر. سوئر کي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪنهن جهنگ (ٽُهر) ۾ ويهارڻ. (وِيهاريندو - وِيهارينڊو - وِيهاريل).

● وِيهَنَڻُ: مصدر. ماپڻ - ڪچڻ. ماپڻ يا ڪچڻ جي رٽا رٽڻ. (وِيهتيو - وِيهتيندو - وِيهتيل).

= وِيهِجِيُ وَجَڻُ: نامرد ٿيڻ. پوڙهو ٿيڻ.

= وِيهِيُ وَجَڻُ: (ڪوهه جو) گهٽجي وڃڻ - جهپائڻ. پراڻو ٿيڻ - ڪُهنو ٿيڻ - جهُورُ ٿيڻ. ڪم ڪرڻ ڪان رهت ٿيڻ.

● وِيهِيُ ۽ وِيهِيا (ث): ذ. لوهه ٽامي وغيره تي چٽن ڪيڻ جو هڪ اوزار - چِٽِيي. لوهه جي پٽِي ۾ ٽُنڪ ڪرڻ لاءِ لوهه جو اوزار. (ث).

● وِيءُ ۽ وِيءَ: ذ. مال چاري جو ميدان - چراگاهه - رکِ کيل زمين جو ٽُڪر - چراهو.

= وِيئائِيُ: ذ. وِيءُ جو مالڪ.

= وِيءُ پَٽَلُ هُڻَڻُ: ڪاڏي لاءِ سيڪي ملي سگهڻ.

= وِيءُ وِهائِڻُ: وڻج يا سودو ڪرڻ - واپار ڪرڻ - سوداگري ڪرڻ - ڇُڪاڻ - ٻولڻ.

● وُيءُ: اسم خاص. تعلقي ميري خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيُتَ ۽ وِيُتُوڻُ: ث. ماپ - پيمايش - وِٽ - ويتَ.

● وِيُتَرَ ۽ وِيُتَرُوڻُ: ث. ننڍي ڪوهي - ڪوهيرِ - ڪوهي.

● وِيُتَرُ ۽ وِيُتَرَ (ث): ذ. مڙهو.

● وِيُتَرُوڻُ: ڏهڻ جي اوڻلي صورت. (ن - ب).

● وِيُتِيُ: ث. اڻِي ڏَڪر راند ۾ ڇهون نمبر ڏاڪو (١- وڪٽ ٢- لِيُنُ ٣- مَوُنُ ٤- نارُ ٥- آر ٦- وِيُتِي ٧- يڪو يا يگ).

● وِيُتِيُ: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● وِيُتُ ۽ وِيُتَ: ذ. صفت. (سن. وِڪِتَ = وَڻَ). ويل - گم - وجايل - ڪوهيل - هارايل - ڪُٽ. غرق - پڏل - غلطان. ٻڌا - سواءِ.

"وِيتَ واهر ترن هينڙا جن هجي ويا."

(سر سهڻي - شاهه)

= وِيتَ واهَرَ: ٻڌا مدد - سواءِ واهر جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـ

هـ : ث. (سن. ع. ف) سنڌي الف ب جو پنجاهون اکر، عربيءَ جو ستاويهون ۽ فارسيءَ جو ايڪتيهون اکر. ابجد جي حساب موجب عدد پنج. علم جنتري موجب لاڳاپو ڏيکاري ٿو ڪنواري راس يا گرهه ڏانهن ۽ پڻ سياره وينس ڏانهن، جو چنڊ وانگر چمڪي.

● ها: ظرف. هاڪو - اڀين - برابر - ٺيڪ - صحيح - درست - بجا. (حرف ندا). آ ها - ها ها. (حرف جملو). خواه - يا ڪيه. (فعل). هڻا جو مخفف. موجود هجڻ جو جمع ۾ ڪم ايندڙ فعل. مثلاً: "فلاڻا ٻيٺا ها" وغيره. فارسيءَ ۾ اي جان شين جي جمع ٺاهڻ لاءِ مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ مثلاً؛ "سنگ ۾ سنگها".

= ها ڪَرَڻُ: هائوڪار ڪرڻ - هائو ڪرڻ. قبول ڪرڻ - منظور ڪرڻ - اقرار ڪرڻ. (آواز) راڳ جي شروعات ڪرڻ.

= ها ۾ ها مِلائِڻُ: شامل راءِ ٿيڻ - تائيد ڪرڻ. شريڪ راءِ ٿيڻ. خوشامد ڪرڻ.

● هابِ: صفت. جهڙو - مطابق - وانگر. لائق - واجب. مثلاً: "ڪتن هاب. مٺي هاب" وغيره. (ذ) نصيب - ياڳ - بخت. (ث).

● هاهوءُ ۽ هاها: ذ. هڻ - هنگامو - گوڙ - شور - ڏمچر - ٻڙڏڪو - هاهو.

● هابِيلُ: اسم خاص. (ع). حضرت آدم عليه‌السلام جي هڪ پٽ جو نالو (جنهن کي سندس ڀاءُ قابيل خون ڪيو هو).

● هابَڙُ ۽ هابَڙَ (ڪ): ذ. صفت. آهرو - جلد باز - تکڙو. اڏ پَڪَلُ - اڏرڏو - آپَڪُ.

● هاهوءُ ۽ هاها (ل - ٿ): ذ. ماڻهن جو گوڙ. هڻ - شور - غُل - گهمسان - هاهو.

"راڙيون رچن جون ٽيون هاها هڻ حَشر"
(حفيظ).

ڪتي جي پونڪ - هاهوڙ. (ل).

= هاهو"ڙو"ءُ ۽ هاهو"ڙا (لس): ذ. گوڙ - شور - هڻ - هاهو.

● هاهو"ڙ جَڻُ (ل): مصدر. ڪنهن ميوي وغيره جو پچڻ تي ورڻ - ڪورجڻ. مثلاً: گيدرا هاڻي هاهوڙجي ويا آهن" (جملو). (هاهوڙيو - هاهوڙيندو - هاهوڙيل).

● هاپَڙُ ۽ هاپَڙَ (ت): ذ. صفت. بدچال - بدڪردار - اوباش.

● هاتارَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● هاتارُ ۽ هاتارَ (ڪ): ذ. جانور جو هڪ قسم - چراخ - هاتَرُ. (لس). (ذ. صفت). ٽڪڙو ڪم ڪندڙ - جلد باز - چالاڪ - هوشيار. ڳالهائڻو - واتراڏو. (ل).

● هاتَرُ ۽ هاتَرَ (لس): ذ. چراخ - هاتار. (ڪ).

● هاتِفُ: ذ. صفت. (ع). غيبي آواز ڏيندڙ. (ذ). آسماني آواز - غيبي آواز - آڪاش واڻي - الهام. (اسم خاص). عالم‌الغيب ڪان آواز ڏيندڙ هڪ فرشتي جو نالو.

● هاتِڪُ ۽ هاتِڪَ: ذ. صفت. (ع. حاذق جو بگڙيل) حڪيم. داناءُ - ڏاهو - سُڪهڙ - سمجهو - فهيم - هوشيار - قابل.

"ٻڌ ندي ٻوڙن ڪي ڪي هاتِڪَ هٿ وجهن"
(سهڻي - شاهه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چالاک. حريف. پهلوان - جوڌو - سُورهيه. تعجب خيز - عجيب. چور - هاڙه چور.

● هاڻُ ۽ هاڻَ: ذ. هڪ عضوي جو نالو - هٿُ - دست - يدُ.

- هاڻڙُ پاڻڙُ: صفت. بنا هٿن جي. هٿن کان سواءِ. بنا ٽيڪ جي - آڙُ پاڙُ.

- هاڻُ ڪَرَڻُ: هٿ ڪرڻ.

● هاڻِنڪُ ۽ هاڻِنڪَ: ذ. صفت. هاڻيءَ جهڙو - ٿوٽانگ. (ل). پهلوان - سُورهيه.

● هاڻِنِيُ ڏَهَرُ: اسم خاص. تعلقي منيءَ ۾ هڪ ڏَهرُ جو نالو.

● هاڻِنِيُ لَڪُ: اسم خاص. تعلقي مٽيءَ ۾ حد بنديءَ لاءِ ڪوڙيل نشان.

● هاڻِيُ ۽ هاڻِيُ: ذ. (پرا. هاڻِيُوَ. سن. هاڻِيُڪَ. هَسْتِي. هَسْتَن = هاڻِي) جانور جو هڪ قسم - فِيل - پيل - هستي - گَجُ - گينُوَرُ - ڪُنجَلُ - ڪُنجَرُ - ڪُنچنُ. (ث. هاڻِنُ. هاڻِيِي ۽ هاڻِيِيُون). شطرنج راند ۾ هڪ ساريءَ جو نالو. شڪارپور شهر ۾ هڪ (قديم) دَر جو نالو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

- هاڻِياڻِيُ ۽ هاڻِياڻِيُونُ: ث. هاڻيءَ جي مادي - هاڻُ - هاڻِي.

- هاڻِيُ پَڇُ ۽ هاڻِيُ پَڇَ: ذ. هاڻيءَ کي ٽيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم - هاڻي پڇو - فليپائو.

- هاڻِيُ ڏَنڊُ ۽ هاڻِيُ ڏَنڊَ: ذ. هاڻيءَ جي وات وارو ظاهري ڏند (جنهن مان عاج جو سامان ٺهي).

- هاڻِيءَ کي هِندوستانُ ڏِيڪارَڻُ: ظالم کي ظلم ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ.

● هاڻِيُ پوڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● هاڻِيُ چَڪَ: ث. پاڇيءَ جو هڪ قسم.

● هاڻِهلوُ ۽ هاڻِهلا: ذ. صفت. هٿ وارو - هٿ جو - بازاري. بازاري (مال). هٽڪو (مال). هالُو چالُو. خراب عادتن وارو - بي لڇڻو. (ڪ).

● هاڻَ ۽ هاڻُونُ (ت): ث. هوڏَ - ضد - بحث - هٿُ.

- هاڻُ ٻَڌَڻُ: ضد ڪرڻ - بحث ڪرڻ - هوڏ ڪرڻ. دشمني ڪرڻ.

- هاڻُ ڪَرَڻُ: هاڻَ ٻَڌَڻُ.

- هاڻُ گاڻَ ڪَرَڻُ: برباد ڪرڻ - ضايع ڪرڻ. وڃائڻ. ناس ڪرڻ. فضول خرچي.

● هاڻِيُ ۽ هاڻِيُون: ث. (سن. اَسْتِ. پرا. آڻِي) بدني بناوٽ - قد ڪاٺ - ڏيل - جسم - بدني بيهڪ. همت - طاقت - سگهه. تندرستي - چڱيلائي. هندن جي مڙدي جي سڙيل لاش جا باقي بچيل هڏا ۽ خاڪ - رک.

- هاڻِيُ مِيڙَنُ: سڙيل لاش جي خاڪ گڏ ڪرڻ.

● هاڻُو ۽ هاڻُو: صفت. هڙپ - هضم.

- هاڻُو ڪَرَڻُ: هڙپ ڪرڻ - هضم ڪرڻ - ڪائي وڃڻ.

● هاجَ ۽ هاجُونُ: ث. ڪم - پورهيو - ڏندو - ڪِرت - ڪسب - پيشو - عمل.

- هاجَ خاشِيُ: ث. چڱو ڪم - نيڪ ڪم - پاڻ ڪم.

- هاجَ لاهِڻُ: ڪم لاهڻ - ضرورت پوري ڪرڻ. ڪاڪوس ڪرڻ. سزا ڏيڻ - سيڪت ڏيڻ.

- هاجَ لَهرائِڻُ: جُٽ ڪرائڻ. ڪم لهرائڻ. "اول ڪُٽائيي پاڻ پوءِ لاهرائي هاج همراه جي".

● هاجاڻا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● هاجِتَ ۽ هاجَتُونُ: ث. ڪم - ڪار - عمل - هاج. پڇت - پڇندي - پهچ.

- هاجَتَ لاهِڻُ: ڪم لاهڻ - پائخاني جو خيال لاهڻ.

- هاجَتَ هُجَڻُ: پُڇت هجڻ - پهچ هجڻ.

● هاجِرُ: ذ. صفت. (ع. هَجَرَ) هجرت ڪرڻ وارو - لڏيندڙ. مڪي شريف ۽ مدينه منوره ڏي حضور جن جي معيّت ۾ لڏي ويندڙ عرب - مهاجر. (ذ). گيت جو هڪ قسم. (ڏ).

● هاجِرانُ: اسم خاص. (ع. هاجره) عورتن جو هڪ نالو.

● هاجِيُ: ذ. صفت. (ع. هَجَوَ) هَجوَ ڪندڙ - گلا ڪندڙ. ٽوڪ زن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● هاجاروُ ع هاجارا (ت)؛ ذ. تمام گهٽو ڪم. خفو - ڪاهارو - ڪاسارو - مغز خوري.

● هاجَ ع هاجُونُ: ث. (سن. هانَ = نقصان) ٽوٽو - نقصان - ڇيهو - گهاٽو - هاجو - زيان - هرج - هرجو. مصيبت - آفت. آپدا - تڪليف. ظلم - ڏاڍ - ڏاڍائي - جبر - قهر - ناحق - وڌل.

"قضا آلدي ڪوٽ ۾ هٽي هاج حميرَ"
(نواب چان علي).

چُر - حرڪت. زخم - قتُ.

= هاجُوُ ع هاجُوُ: ذ. صفت. نقصان پهچائيندڙ. زخم رسائيندڙ - قتُ ڪندڙ - لڇو - حرڪتي.

● هاجُوُ ع هاجا؛ ظلم - ڏاڍ.

= هاجا ڪرَنُ؛ ظلم ڪرڻ - ڏاڍ ڪرڻ. وَڙِلُ و هائڻ.

= هاجِيُ ع هاجِيُونُ: ث. نقصان - ڇيهو. تڪليف - ايذاءُ - اهنج. هاج.

= هاجِي هَٿيا: ذ. صفت. ظلم هيٺ آيل - مظلوم.

● هادِيُ ع هادِيُ؛ ذ. صفت. هدايت ڪندڙ. رهبر. اڳواڻ - پيشوا - منهندار. مرشد. رستو ڏيکاريندڙ - سونهون. امام. (ذ). هارِ جي چوڌاري ليڪو. (ت).

● هاڏارِيُ: اسم خاص. ٽر ۾ هڪ پٽ جو نالو.

● هاڏرُ ع هاڏرَ (ت)؛ ذ. چوپائي مال جو جاري ڪائڻ لاءِ ٽڪر يا سِرن جو ٺهيل حوض - آڏورو. (ت) - ڪونڊرُ - ڪُونار - آهُرو.

● هاڏوُ ع هاڏا (ت)؛ ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم - ڪانءُ - ڪانگ - هڏو - ڪيانتو. (ث. هاڏِي ع هاڏِيُونُ).

● هاڏُوُ: اسم خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هاڏِيُروُ: اسم خاص. تعلقي دڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هاڏِيرِيُ آڪيراڙ (ت)؛ ذ. گاهه جو هڪ قسم.

● هاڏِيُئوُ ع هاڏِيُمَا (ت)؛ ذ. ڪانءُ - هاڏو. (ت). ڪانءُ جو ٻچو - آلُ.

● هارُ ع هارَ: ذ. (سن. ف) ڪَٺهه جو هڪ قسم - ڪڇيءَ ۾ ٻانڌڻ جو ڪٺهُ - ڪنڈو - مالا - مالها. ڪنديءَ - ڪنڈي. سون، چاندي يا موتين جاڻ ٺهيل هارُ.

= هارُ سِينڱارُ ع هارَ سِينڱارَ؛ ذ. بدن جي ٻاهر ٿوهه - جنسار - سينگار - ڦٽي ڦوڪارو. ڪهن ۽ ڪپڙن وغيره ٻانڌڻ جي حالت. ڪَٺهُ ڪڍو. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

● هاراڙوُ ع هاراڙا؛ ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم.

● هارِ تو ع هارِ تا (ت)؛ ذ. نقصان - ٽوٽو - هرجو - ڇيهو - هاجو.

● هارَپَ: ث. هاريءَ جو ڪم - هارپو. ڪيتي - هوڪ.

= هارِ پائِيُ ع هارِ پائِيُونُ؛ ث. هارپ - هارپو.

= هارِ پَٽُ: ذ. هارپ - هارپو.

= هارِ پوُ ع هارِ پا؛ ذ. هارپ - ڪڙمت. آهاڙي - ڪيتي. هاريءَ کي ملهه آجورو - هاريءَ جو حصو.

● هارَ پانُ ع هارَپان: ذ. ڪبوتر جنهن کي ڪڇيءَ ۾ چلو ٻيل هجي.

● هارِ جُ؛ ذ. صفت. (ع). هرجي وارو - نقصانڪار.

● هارَ دَيُ: ذ. لُبِ لُبابُ - روح - تتُ. مقصد - مطلب - ارٿ.

● هارَنُ: مصدر. (سن. هار) ٻڌڻ شيءِ، جهڙوڪ ٻاڦ ۽ تيل وغيره هيٺ ڪهرائڻ - وهائڻ. اوتڻ. وجهائڻ - زيان ڪرڻ. راند ۾ شڪست کائڻ - هارائڻ. (هاريو - هاريندو - هاريل).

= هارَ ع هارُونُ: ث. شهه - شڪست - پاڄ - مات. هارڻ جي حالت - وِيُتَ - اوتَ. زيان. نقصان - ڇيهو.

= هارائِنُ؛ مصدر. شهه کائڻ - شڪست کائڻ - مات ٽيڻ - جيتجڻ.

= هارِ جَنُ: مصدر. هارجي وڃڻ - اوتجڻ - پلتجڻ. آٽلڻ - گهٽجڻ - ٿورو ٽيڻ. شڪست کائڻ. (منهن جو پنو) لهي وڃڻ. شرمسارڻيڻ. هي همٽ ٽيڻ.

= هارَ جُوارِيُ: ذ. صفت. هارائيندڙ جواري - هارائيل جواري. نياڳو جواري.

= هارَ جِيٺَ: ث. هارَ ڪَٺَ - فتح شڪست.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= هارَجِيءُ وَجَنُ: بيساريءَ ۽ گهري وجهه. نِست ۽ نبل ٿيڻ - ڪمزور ٿيڻ. شرمسار ٿيڻ - ڦڪو ٿيڻ.

= هارَوِيٹَ: ث. اوت هوتَ - لاهه پاهه - هارويو.

= هارَوِيٹَ ڪَرڻُ: پاڻيءَ جي اچائي لاهه پاهه ڪرڻ - پاڻي هارڻ. هارويو ڪرڻ.

= هارَوِيٹَرُ: ث. هارويٹ.

= هارَڻُ هُورَڻُ: هارويٹ ڪرڻ. اچايو وڃائڻ.

= هارِئو ۽ هارَئا (ل): ذ. صفت. هارايل - هاريل.

= هارِيءُ ۽ هارِيُونُ: ث. هارڪاڏل - هارايل - هارت. بي عقل - پوري - موڪي.

"پرهه ڦٽي پريات، هاريون هٽئن هٽڙا."
(خانزئي - مسئي)

= هارِيو ۽ هارِيا: ذ. صفت. هارڪاڏل - جيتيل - مغلوب. بيوقوف - نادان - مورک.

= هارِيو ويُرِيو پَلهي پَوُنُ: ٽيل خرچ يا نقصان جو موڪي ملڻ.

● هارمونيم: ذ. (انگ). ساز جو هڪ قسم - باجو.

● هارَوارو: اسم خاص. هارڻ ڪٿي جي اوپر طرف هڪ لڪ جو نالو.

● هارُوتُ: اسم خاص. (ع). هڪ فرشتي جو نالو (جنهن لاءِ ڪٿا آهي تہ زهره جو عاشق آهي ۽ زهره کي اسم اعظم پڙائڻ ۽ بين گناهن جي عيوض چاهه بابل ۾ اونڌو لٽڪايو ويو آهي).

● هارُولا (ث): ذ. چيٽي جي گول ڦيڦڙين وارو هار (جو هوليءَ جي ڏينهن رسم طور هندو عورتون پنهنجي پائرن تان گهورينديون آهن).

● هارُونُ: اسم خاص. (ع). هڪ نبيءَ جو نالو (جو حضرت موسيٰ عليہ السلام جو وڏو پاءُ هو).

● هارُونُ الرَشيدُ: اسم خاص. (ع). بغداد جي هڪ نامور عباسي خليفي جو نالو.

● هارُوئيءُ: اسم خاص. بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو.

● هارِ هارو ۽ هارِ هارا (ت): ذ. صفت. ڏنگو - چبو. (ث. هَارِ هارِي ۽ هَارِ هَارِيُونُ).

● هارِيُ ۽ هارِيُ: ذ. صفت. (سن. هَل = هَرُ). هَر وارو - هر ڪا هيندڙ - ڪيڙيندڙ. پوک ڪندڙ. ڪاشتڪار - ڪُڙمي. رانڌ ۾ مڪيہ ۽ ڪاڻ ڪاڻ هڪ اڳواڻ مان هڪ اڳواڻ. (ذ). پلن جو جوڙو (هڪ بلو ڪيرو، ٻيو آنيارو). ڪُنڊي يا چلهه ڪي ميڙيءَ جو ڏنل ليپو. راڳو. اوڏ جو پت وجهڻ وقت ڳنيل هڪڙو دؤر. (حرف ندا). زالن جو هڪ ٻئي کي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ - اڙي! ٻڙي!

= هارِيُ ڏيڻ: اوڏ کي ڳنيل پت جي هڪڙي دؤر مٽان ٻيو دؤر ڏيڻ. (ن - ب).

= هارِ ڪو ۽ هَارِ ڪا: ذ. صفت. هاري جو - هاري وارو.

= هارِيُ ڪيڻ (ت): لانڊيءَ جي چت تي ڪٽڪ وجهڻ.

= هارِيُ وِجهڻُ (ت): هاري ڪيڻ.

● هاڙ: اسم خاص. تعلقي ڏنڊي ڪاڳ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هاڙُ ۽ هاڙَ: ذ. صفت. هوشيار - پر. وڏو (چور) - ڪاڪو - اٽاهه - آڙاهيُ. (ل). (ذ) گرميءَ جي موسم - آرهڙ - اونهارو.

= هاڙَبُ ۽ هاڙَبَ: ذ. گذريل سال واري چٽيل بج مان زمين ۾ جمليل تيلا. (ن - ب).

= هاڙِ ٻُو ۽ هاڙِ ٻا (ت): ذ. ٻاڻ مراد و چاول سلو - خود رو ٻوٽو. بدڪاريءَ مان پيدا ٿيل ٻار - ولد الزنا - حرامي.

= هاڙِ ٻُو ڏانگو (ت): خود رو ٻوٽو.

= هاڙِ ٻِي (ت): ث. مٽرن جو هڪ قسم. ڪچي جي اصطلاح ۾ خود رو چاول مٽر.

● هاڙو: اسم خاص. لس ٻيلي جي اولهه طرف جبلن جي هڪ قطار جو نالو.

"وهيُ مَ مُنڊ پنيور ۾ هاڙي هڏ مَ هَل."
(آهري - شاهه)

● هاڙَهَ ۽ هَاڙَهُونُ (ت): ث. سٽ - چپ - چپي - چڪ. پيڙو - آڪيڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ هاڙهه پيڇ ڪرڻ (ت): راند لاءِ تيار ٿيڻ. راندیگر چونڊڻ.

ـ هاڙهه جهلڻ (ت): ست جهلڻ ـ زور جهلڻ ـ دَب جهلڻ.

ـ هاڙهه ٿيڻ نه جهلڻ: ست ٿي نه جهلڻ. مقابلو ٿي نه ڪرڻ.

● هاڙهه ۽ هاڙهه: ذ. موسم جو نالو ـ گرميءَ جي موسم ـ اونهارو ـ آرڙهه. (ذ. صفت). وڏو چور ـ ڪانڪو ـ آڙاهه.

● هاڙهو: اسم خاص. لس ٻيلي جي اولهه طرف جبل جي هڪ قطار جو نالو ـ هاڙو. تعلقي لنگرپارکر ۾ هڪ ڏيهه جو نالو. (صفت). ڪِرو چور ـ ڪانڪو ـ هاڙهه.

ـ هاڙهه ٿيڻ (ت): هم صلاح ٿيڻ ـ هڪ صلاح ٿيڻ.

ـ هاڙهه ٿيڻ (ت): ظرف. يڪدم ـ اوچتو ـ ازغيبي ـ آمالڪ.

ـ هاڙهو ٿيڻ: وڏو چور ٿيڻ ـ آڙاهه چور ٿيڻ.

ـ هاڙهو حب: صفت. ويران ـ سڃو ـ غيرآباد. (ذ) رڻ ـ رڻ پٽ ـ بيابان.

ـ هاڙهي ۽ هاڙهي: ذ. صفت. راند ۾ مڪيه ماٺو ـ هاري ـ ڏوڙي ـ اڳواڻ.

ـ هاڙهي ڏيڇي: ذ. صفت. هڪڙي جي برابر ـ مٽ سٽ.

● هاڙهتيار ۽ هاڙهتيارين (ت): ث. ٽاهڙ مينهن يا ڪپڙن.

● هاڙهتيالو ۽ هاڙهتيالا (ت): ذ. ٻوڪن ۾ زوريءَ ٽهي ويندڙ جانور ـ ٻوڪ ڏيلينڊڙ جانور ـ رولو جانور. (ث. هاڙهتيالي ۽ هاڙهتيالين).

● هاڙي ۽ هاڙين (ڪ): ث. ڀاڄيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم ـ آڙي.

● هاسٽيل ۽ هاسٽيلون: ث. (انگ). اسڪول جي پرديسي شاگردن جي رهائش گاهه.

● هاسڙ (ث): ڪيل ـ ٺوڪ ـ ٺٺول ـ مسخري.

ـ هاسڙ ڪرڻ: ڪيل ڪرڻ ـ خنده ٺيڻ ـ گيلاڻيڻ.

● هاسيڪار: ظرف. بي سبب ـ ڄاڻي واڻي ـ هرو ڀرو ـ خواه مخواه. ارادي سان.

● هاسيڪاري: ظرف. صفت. ٻڌا سبب جي. ارادتاً.

● هاسو (ث): ذ. ڪيل ـ مسخري ـ چرچو ـ مذاق ـ ٺٺول. گوڙ ـ فساد. شور ـ ڏمچر.

"پر بانڪو ڪريو ٻاهڙي، آن هاسي ۾ هيکر" (حفيظ).

(ث. هاسي ۽ هاسيون).

● هاسهي سر: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

● هاسيڪار: ظرف. هاسيڪار. ڄاڻي واڻي. ڄاڻمرادو. خاص ڪري. ارادتاً.

● هاشا ٻاشا (ڪ): ث. دم دلاسو. آٽت ـ دلداري ـ اچي مچي. همت افزائي.

ـ هاشا ٻاشا ڪرڻ: دم دلاسو ڏيڻ. دلداري ڏيڻ. همٿ افزائيءَ لاءِ همٿائڻ.

● هاشماڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● هاش هاش (ت): ث. تمام ڪوشش. سعيو ـ جلدائي ـ تڪڙ ـ آڇهرائي.

ـ هاش هاش ڪرڻ: آڇهرائي ڪرڻ. تڪڙ ڪرڻ ـ جلدائي ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ.

● هاضمو ۽ هاضما: ذ. (ع. هاضمه > هَضْم). کاڌي جو پيٽ ۾ پوريءَ طرح گهري وڃڻ جي حالت ـ گهارو (کاڌي جو) ـ تحليل.

● هاڪ ۽ هاڪون (ت): ث. لاف ـ ٻڙاڪ ـ ڍاڙ. يخي ـ جهڪي.

● هاڪ: ظرف. سدائين ـ سدا ـ هميشه. زور سان ـ تکو ـ چوهو.

"هاڪ وهندو هاڪڙو... الخ"

(ماموئي).

● هاڪ ۽ هاڪون: ث. ناموس ـ ساراهه ـ تعريف ـ ثنا ـ نالو. ڏاکو ـ دٻدٻو. هُل ـ آواز.

"حُسن تنهنجي جون هاڪون... الخ"

(عرس).

ـ هاڪار ۽ هاڪارون: ث. هاڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= هاڪارو ۽ هاڪارا: ذ. صفت. هاڪ وارو- نالي وارو- نامياروـ ڏاڪي وارو.
= هاڪاريو ۽ هاڪاريا: ذ. صفت. هاڪارو.
= هاڪَ هٺَڻُ (هڻي هاڪو): جرأت رکڻ.
● هاڪارَڻُ: مصدر. ٻڙيءَ کي ڏکي هلائڻ- ٻڙي کاهڻ. ٻڳهه کولڻ- لنگر چوڙڻ. وڙهڻ لاءِ سڏڻ- هوڪارڻ- ڏوڪارڻ (ت). ٻکارڻ- للکارڻ- ڏوکڻ - ڏوکي وڃڻ. قبول کرڻ - هائوکار کرڻ. (هاڪاريو- هاڪاريندو- هاڪاريل).
● هاڪَٽُ: ث. ٻليءَ جي گهور- خوفائتي لڳاهه.
● هاڪَرَ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● هاڪيڙو: اسم خاص. قديم سنڌو درياءَ جي هڪ شاخ جو نالو.
● هاڪو ۽ هاڪا (ت): هڪلڻ جو آواز- هوڪريو- هوڪرو. شڪار جي اصطلاح ۾ جهنگ ۾ لڪل جانورن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ گهٽن ڇڻن جو ڪڍجي ڪيل آواز- شڪار تي آواز ڪرڻ لاءِ گهٽن ماڻهن جو هجوم.
= هاڪو ڪَرڻُ: شڪار لاءِ جهنگ مان تترن کي آڌارڻ لاءِ هوڪرو ڪرڻ.
● هاڪو ڏاڪو ۽ هاڪا ڏاڪا (ث): ذ. ڇمائي ويهڻ واري حالت- ڏرنو- ڏرٽو.
● هامگامُ: ذ. (ف. هنگامن جو بگڙيل). هَل- گوڙ- گهمسان- شورُ- هنگامو. فساد- جهڳڙو- جهيڙو. مجموعو- انبوهـ هجوم- ميڙ.
= هاگامو ۽ هاگاما: ذ. هاگامـ هنگامو.
= هاگامو ڪَرڻُ: هنگامو ڪرڻ.
● هاڳَمُ (ت): ذ. جهڙ- ميڙهـ آڪر.
● هاڳُ ۽ هاڳَ (ت): ذ. گوڙ- گهمسان- هنگامو. جهيڙو- جهڳڙو- فساد- بکيڙو.
● هاڳامو ۽ هاڳاما (ت): ذ. هنگامو.
= هاگامو ٿيڻ: هنگامو ٿيڻ.
● هالا: اسم خاص. ضلعي حيدرآباد ۾ هڪ تعلقي ڳوٺ ۽ شهر جو نالو. (هالا پراڻا ۽ هالا نوان). هڪ ذات جو نالو. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. ٻلوچستان ۾ هڪ جبل جو نالو.

● هالاتِيُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالا پُراڻاُ: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالارِ: اسم خاص. سنڌ جي الهندي طرف واري جبلن جي قطار جو نالو (جنهن ۾ مکيه ڏي جبل اچي وڃن ٿا، ڪرو جبل، ڪيرٿر جبل ۽ پب جبل).
● هالارو ۽ هالارا (ڪ): ذ. مينهن جو وسڪارو- ڊَهڪارو (ڪ). (اسم خاص). تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالاريُ: صفت. هالا جو- هالن وارو. هالا جو رڱيل (ڪپڙو) - سٽي رنگ وارو. تمام هڪي رنگ وارو (جو ڪپڙو ڦاٽي وڃي ٻيو رنگ نه ڏٽي، اڳئين وقت ۾ فقط هالا جو رڱيل ڪپڙو اهڙي هڪي رنگ وارو هوندو هو).
● هالا ڪَنڊيُ: اسم خاص. هالا شهر جو قديم نالو (قريبا ١١ صديءَ هجريءَ جو).
● هالانِ: اسم خاص. تعلقي ڏاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالاڻو ۽ هالا ڻا (ڪ): ذ. (سن. هَل= هلڻ). هلڻ جي حالت. چالاڻو- لاڏاڻو- مرڻو- مرتيو.
= هالا ٽُهي ۾ هُجَڻُ: سڪرات ۾ هجڻ. پوين پساهن ۾ هجڻ.
● هالاڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ سکر ۾). تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالا وَلهَرَ: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هَالِڪِيُ: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالِڪِيُ (نَسَڊِيُ، وَڏِيُ): اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● هالو ۽ هالا: ذ. (ع). چنڊ جي چوڌاري گول چڪر- پيڙ- مَنڊل- دائرو. ڏاند جو هڪ قسم- هڪ سڱ مٽي ۽ هڪ سڱ هيٺ وارو ڏاند-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳيان وريل سگڻ وارو ڏاند. (ت). داغ - چٽو - ڏ هو. (صفت). بد تر - خراب - بڇڙو. (ت). چندو - نيا ڳو - لد ورو. (ت). ابي چپو. (ت).

= هالو: بي همت، ڪنهن ڪم تي وڃڻ بعد نا اميد ٿي موٽي اچڻ وارو (شڪارپور ۾ مروج آهي).

= هالوُ سُٽُهڻُ ٽِيڻُ: داغدار منهن ٽيڻ. ڪارو منهن ٽيڻ. بڇڙو ٽيڻ. بد تر ٽيڻ.

● هالُو ۽ هالُو: ذ. صفت. هلندڙ - چالُو - رائج - مروّج.

= هالُو چالُو: صفت. جهڙو تهڙو - رواجي - معمولي. رواج ۾ آيل - هلندڙ. سستو - سادو.

● هالُورو ۽ هالُورا: ذ. صفت. لوڏي وارو - لُڏندڙ - جهالُورو. (ذ). جهلڪو - چمڪاٽ.

● هالِيُ ۽ هالِيُون (ڪ): ث. صفت. مينهن جو هڪ قسم - آها مينهن، جنهن جو هڪ سگ مٽي ۾ ٻيو هيٺ هجي - لڙيل سگڻ واري مينهن - ڏ ٻي.

● هالِپوتا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ تعلقي فيض گنج ۾ ڪن ديهن جا نالا.

● هالِپوتاڻيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هالِپوجيُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي ۾ تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هالِپوچوُ: اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هالِيسُوُ ۽ هالِيسا: ذ. وَنجهه - اولو.

● هالِيوُ: ذ. ڪاهه جو هڪ قسم. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم - اسفرج - مارچوبهه.

● هامَ ۽ هامُونُ: ث. (سن. آم = هائو) هائوڪار - اقرار - قبوليت. دَمُ - دعويٰ. ڀاڙ - ٻٽاڪ - لافَ.

" هٿين لاٿي هامَ...الخ"

(معذوري - شاهه).

= هامَ ڀَرَنُ: هائوڪار ڪرڻ - اقرار ڪرڻ. قبول ڪرڻ. ذمو کڻڻ. ٻٽاڪ هڻڻ.

= هامَ هڻڻُ: هام ڀرڻ.

● هامانُ: اسم خاص. (ع). فرعون جي هڪ وزير جو نالو.

● هامِدِيُ (ت): صفت. بنا سبب - هروپيرو - خواه مخواه - بي ڏوهي - بي گناهه.

● هانُ: ظرف. آهيان جو مخفف. (ت). هائو. برابر - ائين - ٺيڪ. سوال ڪرڻ جو لفظ - چا! - ڪُجا!. (ذ). هِنيُون - دل - جگر - مَنُ.

= هانُ ڪار: ث. هاڪار - هائوڪار - قبوليت.

= هانُ ۾ هانُ مِلائِڻُ: ڪُوڙي سچي ڳالهه جي تصديق ڪرڻ. ٻئي جي چوڻ موجب چوڻ. خوشامد ڪرڻ. سمجهي سوچي جواب نه ڏيڻ. متاڇرو چوڻ. ڪنهن ڳالهه تي اتفاق ڪرڻ.

= هانُ هُونُ ڪَرَنُ: هامِ نه ڪرڻ - اقرار، انڪار ڪرڻ - هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ - نٽائڻ - گوٽنات ڪرڻ.

● هانُبارو ۽ هانُبارا: ذ. تڪڙو تڪڙو ساهه کڻڻ جي حالت - سهڪ - سهڪي. سهڪڻ جو آواز. هانڀارو.

= هانُبارو هڻڻُ: تڪڙو تڪڙو ساهه کڻڻ - هانڀارو هڻڻ.

● هانُڀارو ۽ هانُڀارا: ذ. هانُبارو.

● هانُڀِيُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ تعلقي ڪُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● هانُڙِيُ (ڙ): ث. شادي يا ڪنهن مجلس ۾ غير حاضر دعوتيءَ جي گهر موڪليل کاڌو.

● هانُڇوُ ۽ هانُڇا: ذ. هاڇو.

● هانُڏاڙوُ ۽ هانُڏاڙا: ذ. صفت. بَدُ - ڪِنو - گندو - غليظ - خراب - بڇڙو. شريسر - بد معاش. لُچو - حرڪتي.

● هانُڊِيُ (ڊ): ث. ڏڪڻ ۾ اولهه جي ڪُنڊ واري هوا (جا برسات جي اچڻ جو پيش خيمو آهي). "واءُ لڳي هانڊي، تون پُتو ڪَيون گاڏي".

● هانُڏاهوُ ۽ هانُڏاها (ت): ذ. هائي - ڏيل.

● هانُڊوُ ۽ هانُڊا (ت): ذ. راڳ جي محل - راڳ رنگ - گاني بجاني جي محفل. سازسرود جي مجلس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● هانڊيو ۽ هانڊيا (ک): ذ. آٽ - ڪٿرهو - توڙو.

● هانڊيَ ۽ هانڊيُون (ڇ): ث. مادي آٽ - آنٽ.

- هانڊيا ۽ هانڊيائُون: ث. آنٽ - هانڊي.

● هانڊيُ (ک): ذ. صفت. ٻنهنجو ڏاڍ ڇڏي ويندڙ (ٻڪرو) - رولو ٻڪرو.

● هانڪَڻُ (ث): مصدر. آواز ڪرڻ - گوڙ ڪرڻ - شور ڪرڻ. ٽڪا ٽوڪي ڪرڻ. ڪَنَ ڪائڻ. (هانڪيو - هانڪيندو - هانڪيل).

- هانڪَ ۽ هانڪُون: ث. ڪن ڪائڻ وارو آواز - هَل - شور - گوڙ. ڏمچر - ڏماڪڙو - ٻاڦيتاڻ

● هانُ مَشڪا ۽ هانُ مَشڪائون: ث. ميلاپ - گڏجاڻي - ملاقات. آدرپاءُ - ڪينڪر بازي - خوش خيروعافيت. سهائتا - واهر - مدد - هٿ هٽ.

● هانُوُ ۽ هانُوَ: ذ. هنيو - دل - قلب - جگر - ڪليجو - من - هيانءُ.

● هانهُرَ ۽ هانهُرُون (ل): گهوڙي جي هڪار. "هانهُرَ ڪندو هل تہ گجايو گرن ڪي." (شاهہ)

● هانُءُ ۽ هانُءَ ذ. هنيون - دل - هانوُ. جگر - قلب - ڪليجو.

- هانُءُ تي تور ٽِيڻُ (ت): ذ. صفت. ساڙ اچڻ - حسد ٿيڻ. دل تي طوق ٿيڻ - دل تي هار ٿيڻ. نہ وڻڻ (ڪا ڳالهہ) - پسند نہ اچڻ.

- هانُءُ تي ڪُچا جَمَنُ (ت): ڪم عقل ٿيڻ. بلڪل خراب ٿيڻ.

- هانُءُ ٺارَڻُ: دل جي مراد حاصل ڪرڻ - دل جي باهہ مارڻ - بدلو وٺڻ - ويرَ پاڙڻ - هيانءُ ٺڏو ڪرڻ.

- هانُءُ جَپَنُ (ت): انندر نرڻ - خوش ٿيڻ. دل وٺڻ - دلجوئي ڪرڻ - همدردي ڪرڻ. راضي ٿيڻ - سرهو ٿيڻ.

- هانُ ساڙَڻُ: ساڙ ڏيارَڻ. خار ڏيارڻ (ڪنهن ٻالهہ تي). خراب هلت ڪرڻ.

- هانُ ڪَچو ٽِيڻُ: دل خراب ٿيڻ - آلتي اچڻ جو خيال ٿيڻ - قيءَ اچڻ. نہ وڻڻ. پسند نہ اچڻ.

- هانءَ ڪي قُرُبَ جو ڪَڙو هَٽڻُ: عشق ۾ پنهنجي جان مضبوط رکڻ. الٰهي محبت دل ۾ ڏارڻ.

- هانُ لاهِڻُ: دل لاهڻ - همت چڏڻ. ڏک ٿيڻ. ارمان ٿيڻ. ڪُٽتي ٿيڻ - فکر ٿيڻ.

- هانڀِيُ: ث. دل - هينئون - هانءَ - هنيون - قلب.

● هانِيُ: (سن. هان = نقصان) نقصان - چيهو - ٽوٽ - ٽوٽو - زيان - تاوان - هٿرجو - هَرج.

● هانِ ۽ هاڻُونُ: ث. زخم - ڦٽ - چيرُ - وَيڻُ. نقصان - چيهو - ٽوٽ. (ظرف). هاڻي - هن وقت.

● هاڻو ۽ هاڻا: صفت. وارو - جوڙ - سان پريل - لڳل. جيئن "مڇي هاڻو ڪَپ هاڻو ڪنڊ هاڻو." ڏاڙيوال - ڦورُو - لٽيرو.

● هاڻو: آلو - ٻُسيل. ڦر - لُٽ - ڏاڙو. چور - ڦورو - مال هٿ وارو.

● هاڻوڪو ۽ هاڻوڪا: ذ. صفت. هن وقت وارو - هن زماني جو - تازو - نئون. هن وقت جو - موجوده وقت وارو - موجوده - هينئر جو.

- هاڻي: ظرف. هن وقت - هينئر - جلدي - تازو.

- هاڻي جو: هن وقت جو - هاڻوڪو - تازو.

"ڏسي نيرا لشان ان جي ڳلن تي مون پچيو هڪدم
اِهي آهن ڪڏهن جا چئي ڏنائين يار هاڻي جا."
(دائم)

● هاڻو ماڻو ٽِيڻُ (ل): هرڻ مرڻ - رلي ملي وڃڻ - واقف ٿيڻ - ڪهائل مائل ٿيڻ - ڪَهرو ٿيڻ.

● هاڻُونُ ۽ هاڻانُ: ذ. صفت. (سن. هاتڪ). هاڃو مچائيندڙ - هتياچاري. ظالم - قهار - ظلمي - ستمگر. ڦورو - چور - ڏاڙيل - ڊاڪو - هاڙ.

- هاوَرِ جَڻُ: مصدر. شهوت دار - ڪامي ٿيڻ. (هاوَرِ يو - هاوَرِ بو - هاوَرِيل).

● هاوَڑِ ۽ هاوَڑَ: ث. ٻوءِ - بانس - ڇت - ڇپ - هَٻَ. اثر - گرمي - ٽوءِ - سيڪ - تاوڙي - تاٻش.

- هاوَڑِ اچَڻُ (ت): ٻوءِ اچڻ - هب اچڻ. اثر لڳڻ - سيڪ اچڻ - ٽوءِ اچڻ - ڪاوڙ لڳڻ - طيش اچڻ.

- هاوَڑِ مارَڻُ (ت): ٽوءِ مارڻ. ٻوءِ مارڻ. اثر مارڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ هاوڑ ۾ اچڻ (ت) : گرميءَ ۾ اچڻ ـ تؤ ۾ اچڻ ـ جوش ۾ پرجي وڃڻ. منهن ۾ اچي وڃڻ. ڪاوڙ وقت سامهون اچي وڃڻ.

● هاوَنُ : (ف). آڪري ـ ڪَرَلُ ـ ڪونبو ـ هَمام ـ آڪرو.

ـ هاوَنُ دَسْتَهُ : ذ. (ف). آڪري ڏنبو ـ آڪري مُهري ـ همام دَستو. آڪرو مُهيلڙو.

● هاوانوُ ۽ هاوانا : ذ. اسم. (سن. هُوانُ = هُلُ) هَوانو ـ هُلُ ـ بغاغو ـ آفواهه ـ شڪي خبر ـ هاواٽو ـ ڪوڙي خبر چار. انجام ـ وعدو ـ وچن ـ ڪَنُ ـ تِڪُ.

ـ هاواٽوُ ۽ هاواٽا : ذ. (سن. هَوان) هوانو ـ هاوانو. مقرر ڪيل وقت ـ وعدو ـ ڪَنُ ـ انجام ـ ڏس ـ تڪ. افواهه. ڊڄ ـ ڊپ. (ن ـ ب).

● هاوِيُ : اسم. (ع. هاوِيَهْ) دوزخ جو آخري ستون طبقو ـ پاتال ـ نرڪ ـ نَرِڪُ ـ تحت الثرا ـ جهنم. باهه ـ چيرو ـ آگ. ڪنيارن جو ٽانون پچائڻ جو ڪورو ـ آوي ـ نهائين.

ـ هاوِيُ ۾ هَجَڻُ : حسد جي باهه ۾ سڙڻ. مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ. ڇڪ ڇِڪان ۾ اچڻ ـ مشڪلن ۾ قاسڻ. بدنام ٿيڻ ـ خوار ٿيڻ. خراب ٿيڻ. ذليل ٿيڻ.

● هاها : ظرف. هائوهائو ـ برابر ـ ائين ائين ـ ٺيڪ ـ بجا ـ دُرست ـ صحيح ـ واجب. منظور ـ قبول. واهه واهه ـ آفرين ـ مرحبا ـ جَسُ. ڏاڍي يان ڪِلَ جو آواز ـ تَهِڪُ.

"هـ زار بـ ن هَتَ ڪنيو هئي هئي،
وڃن پيا هـ و لـ ه ڪن هـا هـا"

(ملاح).

ـ هاها پاجا ڪَرَڻُ (ت) : سمجهائڻ ـ هدايت ڪرڻ ـ نصيحت ڏيڻ. گوشمالي ڪرڻ ـ قدري سزا ڏيڻ ـ چيني ڏيڻ. تنبيهه ڪرڻ ـ جُٽ ڪرڻ ـ تعدي ڪرڻ ـ تعزير ڏيڻ.

ـ هاهاڪارَ : رودن ـ ماتم ـ پِٽڪو ـ روج ـ راڙو ـ آهه و زاري. ٻائيتال ـ راڙو ـ افسوس ـ ڏک ـ سُوءِ.

ـ هاها ڪَرَڻُ : هائو ڪرڻ ـ حامي پرڻ. ڏڪو ڏيڻ ـ سزا ڏيڻ ـ تنبيهه ڪرڻ.

ـ هاها هُوهَڙَ : جُٽ ڦِٽ ـ چيني ـ لعنت ملامت. دَهِمان ـ جمت. وٽ ٻَڪڙ ـ ٻَچَ ـ چيڙ.

ـ هاها هُوئَڙِ ڪَرَڻُ : وٽ پڪڙ ڪرڻ ـ ٻَچَ ڪرڻ ـ هٿ هٽ ڪرڻ. دَهِمان ٻَڌڻ. ڏيچارڻ ـ دهائڻ. ڏڙڪا ڏيڻ. سيڪت ڏيڻ.

ـ هاهڙِ هُوهَڙِ ڪَرَڻُ : دهاءُ رکڻ ـ جمت ڪرڻ ـ دَهِمان ٻَڌڻ ـ واڙهه ٻَڌڻ.

ـ هاهڙِ هُوئَڙِ ڪَرَڻُ : دهمان ٻڌڻ ـ ڏيچارڻ ـ ڏڙڪا ڏيڻ.

ـ هاهُو ڪَرَڻُ : پنهنجي موجودگي ظاهر ڪرڻ ـ پين کي ڊپ ڏيارڻ ـ دهڙو ڪرڻ ـ دهمان رکڻ ـ جَمت رکڻ.

● هاهُرَ ۽ هاهُرُونُ : ث. جتن جو آڻن کي هڪلڻ جو آواز. آڻن جي هونگار ـ هونگر.

"هاهُرَ ڪندو هَلُ تہ ڪجايون ڪرن ڪي"

(سر ڪنيات ـ شاهه).

● هاهُوتَ : صوفين جي هڪ منزل. لاهوت ڪان مٿي سلوڪ جي پنجين منزل.

● هاهُوٽاڙِ ۽ هاهُوٽاڙُونُ (ت) : ث. صفت. ڪُٽي جي پونڪ ـ پونڪاتُ ـ پونڪار.

● هاهِيارُو ۽ هاهِيارا (ت) : ذ. صفت. بداخلاق. بي لڇڻ ـ بدلڇڻ ـ بد افعالو ـ واهيات ـ بدعادت ـ ان پليو ـ ڏنگو ـ لُڇو ـ حرڪتي ـ شرير ـ بدمعاش ـ لفنگو ـ اٽنڊرو.

ـ هاهِيارو ٿِيڻُ (ت) : لُڇو ٿيڻ ـ بدعادت ٿيڻ ـ لفنگو ٿيڻ ـ ڏنگو ٿيڻ ـ اٽنڊرو ٿيڻ.

● هاهِ : حرف ندا. (سن. هاي هاني) افسوس ـ هاءِ هاءِ ـ گهوڙا گهوڙا ـ الاڙي ـ ڏک يا افسوس ظاهر ڪرڻ جو لفظ. (سن. هاني) هاڃو ـ نقصان ـ زيان ـ ٽوٽو ـ تاوان ـ هَرجو ـ چِيهو ـ هٿچا.

"هيي جا ڪَيَ هاءِ سا مهندا ايندي هُنهڙن هِ"

(سر مارئي ـ شاهه).

ـ هاءِ هِ وَجڻُ ڏَهُوءِ هِ وَجڻُ (ت) : سڀ ڪجهه وڃڻ ـ هڏَ موڙي ناس ٿي وڃڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ هاءِ گهوڙا مَچائِڻُ: دانهون ڪرڻ ـ رڙيون ڪرڻ ـ واڪا ڪرڻ ـ ٻاڪر ڪَٽڻ ٻارڻ. فرياد ڪرڻ.

ـ هاءِ نہ هُوءِ هُٽَڻُ (ت): سانت هٽڻ ـ صبر هٽڻ ـ خاموش هجڻ. هٽ وڌائي نہ هٽڻ.

ـ هاءِ هاءِ: حرف نـدا. افسوس ـ ارمان ـ ڏک هاءِ گهوڙا.

● هاءُ: ذ. صفت. ماڻو ـ لاڏ ـ ناز ـ نخرو ـ تال ـ چخن ـ چاڪ ـ انگل.

ـ هاءُ ياءُ: تال تسول ـ نـاز نخرو ـ لاڏ ڪوڏ ـ انگل آرو ـ ماڻو شاڻو ـ چاڪ چخن. منيون ڪاليون. دوستي.

● هائِسُ ۽ هائِسَ: ذ. حيرت ـ اچرج ـ عجب. افسوس ـ ارمان.

● هائِڪو: اسم خاص. تعلقي آباوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● هائُو: ظرف. ٺيڪ ـ برابر ـ ائين ـ چڱو ـ هاءُ ـ ٻاجاءِ ـ درست ـ حق ـ صحيح ـ سچ. قبول.

● هائُو: ذ. حرف ندا. ٻارن کي ڏيجارڻ جي لاءِ استعمال ڪيل هڪ فرضي لفظ ـ ٻائو.

ـ هائُو جَرڪو ۽ هائُو جَرڪا: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم. سپ ڪجهہ ڪائي ويندڙ هڪ فرضي آفت. (صفت). لالچي ـ لوڀي ـ ڳڙڪائو ـ حريص ـ غصب ڪندڙ ـ هضم ڪندڙ ـ غاصب.

ـ هائُوءِ جي وات ۾ هڻ: هرويلي ڏپ هيٺ رهڻ ـ سدائين آفت جي منهن ۾ هجڻ.

● هائُو ڪري وڻڻ (ت): ڪائي وڃڻ ـ ڳڙڪائي وڃڻ.

ـ هائُو هائو ڪري ڪائِڻُ: ڏاڙهڻ ـ چڪ وجهڻ ـ وڍهڻ ـ جهيڙڻ ـ ڳڙڪائي چڏڻ.

ـ هائُو هائُو ڪري وڃڻ (ت): جَمَت رکڻ ـ ڏاڍ رکڻ ـ تڙيون ڏيڻ.

● هائُوسُ ۽ هائُوسَ: ذ. (انگ). گهر ـ ڇاءِ ـ جڳهہ ـ مڪان.

ـ هائِي: حرف ندا. (ع). ڏک يا ڪاوڙ ڪاڻ ڪيل آواز ـ گهوڙا گهوڙا ـ هـاءِ هاءِ ـ افسوس ـ غضب ـ واويلا ـ ٻيداد ـ سڃ ـ انديـر ـ آنياءُ.

ـ هائِي هائِي ڪرڻ: دانهون ڪرڻ ـ رڙيون ڪرڻ ـ واويلا ڪرڻ ـ گهوڙا گهوڙا ڪرڻ. شور مچائڻ. محنت ڪرڻ.

● هائِيُ ۽ هائِيُون: ث. (ع. هاويہ). هاوي ـ دوزخ ـ جهنم ـ نرڪ ـ نَرڪ. ٻاهہ ـ آگ. مصيبت ـ تڪليف ـ آپدا ـ آفت. آونهاڙ ـ اوڙاهہ. ٻچائي ـ نڏان ـ خاتمو ـ چيڙو. هار سان ڪيڏڻ وقت ٻيار جو آواز.

ـ هائِيُ دُوسُ: ث. صفت. رَڙ ـ دانهن ـ گهوڙا گهوڙا ـ هُل هَنبس ـ مانڊاڻو ـ ٻائيتال ـ ڏَمچر ـ هنڌوس.

ـ هائِيُ دُوسُ مَچائِڻُ: هاءِ گهوڙا مچائڻ ـ آپ ڦاڙڻ ـ رڙيون ڪرڻ ـ گهر مٿي تي کڻڻ ـ ٻائيتال مچائي ڏيڻ ـ گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

= هائِيُ ۾ هَڇَڻُ: مري ڪپي وڃڻ ـ دوزخ ۾ ٻوڙ. مصيبت ۾ پيسجڻ ـ جنجل ۾ ٻوڙ ـ آفت ۾ آڙجڻ.

● هائِيُ ڏائِيُ: ظرف. فقط ـ رڳو ـ چڙهو ـ صرف. جيڪي ٻ ـ موڙي سوڙي ـ سپ ڪجهہ. رهي ڪهي ـ بچت سچت. هر حالت ۾ ـ ڪيئن ٻ ڪري ـ ڪهڙي ٻ طرح.

● هائِيُ رانڊِ: ث. راند جو هڪ قسم. ڇڙڏڪو ـ ڏماچرو.

ـ هائِيُ رانڊِ ٻاري ڏيَڻُ: راند جو ڇڙڏڪو ٻاري ڏيڻ ـ راند مچائڻ لاءِ گوڙ ڪرڻ ـ غوغاءُ مچائڻ. اجايا خرچ ڪرڻ.

● هَبَ ۽ هَبُونُ (ت): ث. ٻچڙي ٻوه ـ ڪڻي هوا ـ خراب هانس ـ هواڙ. هُڪاءُ ـ ڏپ ـ ڪيڻي چَٽ ـ هَبَ ـ ڏَپ. ڪيڻي هنواڙ.

● هَبيلو هَبيلا (ت): ذ. چريو ـ پاگل ـ جنوني ـ سودائي ـ مست. (اسم خاص). هڪ مرد جو نالو.

● هَبُوبُ ۽ هَبُوبَ: ذ. (ع). خراب ـ ڇڙو ـ بَد ـ ڪينو. آڪاڻي ـ خوف ڏياڙ يندڙ آڪاڻيون. ڪوڙو افواهہ ـ بَدبدو ـ طوفان. تهمت ـ الزام ـ بُهتان.

● هَبُوبُ: ذ. تهمت ـ الزام ـ ڏوهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● هَنهير ي ُ: اسم خاص. تعلقي موري م هڪ ديهه جو نالو.

● هَنهي تنهي (ت)؛ ذ. صفت. بي عزت - جهڪ - رسوائي - ذلالت - بي مانائي.

= هَنهي تنهي ڪَر َڻ ُ (ت)؛ اهڙو تهڙو ڪرڻ - بي عزت ڪرڻ - جهڪ ڏيڻ - گهٽ وڌ ڳالهائڻ - ذليل ڪرڻ - بي مانو ڪرڻ - هاها ڪرڻ - ڪاوڙ ڪرڻ. تڙائڻ - هاسي ڪرڻ - لوڏائڻ. پريشان ڪرڻ - منجهائڻ.

● هُپاڙَ ~ هُپاڙ َون ُ (ت)؛ هانس - ڏَپ - گند مان نڪتل گرم ڀاڦ - گرم هوا. گرمي - آڪِرس - آهَس َ - آهمائي. بوءِ - بدبوءِ - خراب گندي هوا - چِتَ َ - هُب. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

= هُپِڙ َس َ ~ هُپِڙ َسُون ُ (ت)؛ ث. آڪرس - گرمي - آهس - آهمائي.

● هَپَچ َ ~ هَپَچُون ُ؛ ث. صفت. (ف. هَوَس َ) لوپ - هَوَس َ. موهَ ُ - لالچ - ڏَن ُ ترشنا. (اسم خاص). تعلقي بدين م هڪ ديهه جو نالو.

= هَپَچي ُ؛ صفت. لوپي - لالچي - ڏَن ُ ترشنا رکندڙ.

● هَپِڙات ِ ~ هَپ ڙاڻون ُ (ڪ)؛ ذ. ڪتي جو ماٹهوءِ جي لنگهڻ وقت وات ڦاڙي اوچتو آواز ڪرڻ. پوڪ - پوڪار - پولڪات - ڏاڙهه.

● هُپِڙ ِتو ُ (ت)؛ گوڙ - ڪواس - فساد - شور - ڏَمچر - هَل ُ - هنگامو - ڀائيتال - هڙدَ ڪو.

● هُپِڙ ِدَمو ُ ~ هُپِڙ ِدَما (ت)؛ گوڙ - فساد - هڙتو.

● هَپَس ُ؛ ذ. (ع. حَبْس ُ = گهٽ ُ) جيل - قيد خانو - بند يخانو - تَرمر.

● هُپَس َ ~ هُپَسُون ُ؛ ذ. گهٽ َ - بُوساڻ - مُونجهه - گرمي - آهمائي - آڪرس. سوڙهه سنگوڙ - گاهَ ُ - ٻيهه.

● هُپِڪار ~ هُپِڪار ُون ُ؛ ث. سرهي هانس - خوشبوءِ - هڳاءُ. سُرهاڻ - سُڳنڌ. گهٹي خوشبوءِ - وڻندڙ هوا.

= هُپِڪارو ُ ~ هُپِڪارا؛ ذ. خوشبوءِ جو اوهارو - دل ڪي وڻندڙ جهوتو. سُرهاڻ - سُرهاڻ واري هوا.

= هُپِڪار ِي ُ ~ هُپِڪار ِيُون ُ؛ ذ. صفت. خوشبوءِ دار - سُڳنڌي - هڳاءِ واري. سُرهي - سُرهاڻ واري.

● هَپَڪَڻ ُ: مصدر. ڳالهائڻ م اٽڪڻ - مُنجهڻ - رنڌجڻ - ڳالهائڻ م هيڪ ٽيڻ - رنڌ ڪجڻ - هٿڪڻ - اٽڪاءُ ٽيڻ. ٿوري وقت لاءِ ٻيهڻ - لحظي لاءِ ترسڻ - ڊيرو ٽيڻ - آهستي ٽيڻ. ڳالهائڻ م ٻاڌائڻ - ٻت ٻت ڪرڻ.

= هَپَڪ ~ هَپَڪُون ُ؛ ث. ڳالهائڻ م اٽڪ - رنڌڪ - اٽڪاءُ - هٿڪ - ڳالهائڻ م گهُٽ - آڙ - مولجهه - گهبراهٽ - موڪائي.

● هَپَڪو ُ ~ هَپَڪا (ڪ)؛ ذ. تيڪائيءِ سان ڳالهائڻ جو نمونو - ڏاڙهه - پوڪ - تاڙي. ڏاڏيان ڳالهاءُ - هَل ُ - گوڙ - شور - ڪڙڪو.

= هَپِلاسو ُ ~ هَپِلاسا (ت)؛ ذ. صفت. هيڪي - لالچي - گهڻو ڪائيندڙ - ٻيٽ چٽيو - ٻيٽو - ٻيٽوڙي - چِيَ ُ - ٻيٽير - ٻيٽي.

= هَپِلاسي ُ ~ هَپِلاسِي ُ (ت)؛ هيڪ ڪندڙ - لالچي - حريص - هپلاسو.

● هَپِلاڪو ُ ~ هَپِلاڪا (ت)؛ ذ. صفت. حرص. گوڙ - فساد - شور - ڏمچر - ٻغاوت.

● هَپو ُ ~ هَپا؛ ذ. صفت. ڪَنين ڪُتير يل - پَترَ ڪائيل - ڪَنبي وَڌيل - ٻُٽو.

● هَپوچِي ُ ~ هَپوچِيُون ُ؛ ث. صفت. ناچ جو هڪ قسم - تاڙيون وڄائي هٿ چنڊ ڻ - نچڻ جو هڪ قسم - هنبوچي - انبوچي.

● هِت ِ؛ ظرف. (سن. إت) هتي - هِن هنڌ تي - هن جڳهه - هن هنڌ - هِتڙي - هِن جاءِ.

● هِتان ُ؛ ظرف. هتانهون - هُتنان ُ - هِتُون - هِتَون ُ - هِن هنڌ ڪان - هن هنڌان.

= هِتانهُون ُ؛ ظرف. هِتان - هِتنڻ - هِن هَنڌَ ڪان - هِن هنڌان - هِتَون - هِتُون.

= هِتانهِين ُ؛ ظرف. هتان - هن هنڌان - هتين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ هِتَنَئُن: ظرف. هتان ـ هتانهون ـ هِتون ـ هن هنڌان ـ هن هنڌ کان.
ـ هِتَنُون: ظرف. هتان ـ هن هنڌان.
ـ هِتُون: ظرف. هتان ـ هن هنڌان.
ـ هِتِ هَتَ: ظرف. اوسي پاسي ـ اوري پري ـ هن جهان ۾ آخرت ۾ ـ دنيا ۾ قيامت ـ دارفنا ۾ بقا ـ سفر ۾ حضر.
ـ هِتَئِين: ظرف. هِتانهين ـ هِن هنڌان ـ هن هنڌ کان.
ـ هِتي: ظرف. اِتي ـ انهيءَ هنڌ ـ هن هنڌ ـ هن جاءِ تي.
● هِتُ ۽ هِتَ: ذ. صفت. پيار ـ محبت ـ قرب. سڪ ـ مهرباني ـ پلائي ـ مدد ـ چڱائي ـ نيکي ـ فائدو ـ لاب.
ـ هِتُكاري: ذ. صفت. پلو ڪندڙ ـ مهربان. مُراڀي.
ـ هِتيچُو (ث): ذ. صفت. پلو چاهيندڙ ـ خيرخواهه ـ مهربان ـ وڙائتو.
● هَتِ هَتَ: ظرف. (سن. اِت). هتي ـ آت ـ انهيءَ ـ هنڌ ـ تنهن هنڌ ـ آتي ـ هن جاءِ تي ـ هَٿڙي.
ـ هَتان: ظرف. هن هنڌ کان ـ آتان ـ انهيءَ کان ـ هتانهون ـ هَتون ـ هَتُون ـ هَتئون.
ـ هَتانهون: ظرف. هَتان ـ هن هنڌان ـ آتان ـ هَتَون ـ هَتُون ـ هتئون.
ـ هَتِڙي: ظرف. هن جاءِ تي ـ آتي ـ هتي.
ـ هَتُون: ظرف. هتان ـ هتانهون ـ هتئون ـ آتان ـ انهيءَ هنڌان ـ اُن طرف کان.
ـ هَتَئُون: ظرف. هتان ـ هتانهون ـ هَتَون ـ هَتُون ـ آتان ـ انهيءَ هنڌ کان ـ اُن هنڌ وٽان.
ـ هَتِي: ظرف. هَتن هنڌ ـ هن جاءِ تي.
● هَتار: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● هَتر: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نوابشاهه ۽ حيدرآباد ۾).
● هَتَرُ ۽ هَتَرَ: ذ. صفت. ڊپ ـ ڊاءُ ـ خوف ـ ڀؤ ـ خطره ـ سنڪوچ. ڏَڪ ـ وَڊ ـ چير ـ زخم. فڪر ـ اڊڪو ـ الڪو ـ خيال. حياءُ ـ شرم ـ مرم ـ حجاب ـ پردو.
"سنهن جي سونچي کان لڳو هوتن کي هتر".
(نائو)
● هَتِرائِنْ (ت): مصدر. ڊيڄارڻ ـ خوف ڏيارڻ ـ ڀؤ ڏيارڻ. (هترايو ـ هترائيندو ـ هترايل).
ـ هَتر كَتَرُ: ڊپ ڪرڻ ـ پاسو ڪرڻ ـ ڀؤ ڪرڻ ـ خوف ڪرڻ.
● هِتَرَ ۽ هِتَرُون (ت): ث. ڏڪن جي ڪاهه.
● هِتِرانْكِي (ک): صفت. اوچتو ـ قضائي ـ اتفاق سان. ناڳهاني ـ اچانڪ.
● هَتَكَ: ث. (پرا). بي عزتي ـ توهين ـ رسوائي ـ اڻڪ ـ رندڪ ـ وِکهن ـ چيڙڪ ـ اڻڪاءُ. هلڪائي ـ ترڙائي ـ سفلائي.
ـ هَتَكَ كَتَرُ (ت): رسوائي ڪرڻ ـ بي عزتي ڪرڻ ـ رندڪ وجهڻ ـ آڏو اچڻ ـ اڻڪاءُ وجهڻ.
● هَتو تَتو (ت): ڪم تان موڪيل ـ ڏينهن تتي جو آيل. ٽڪل ٽٽل ـ ورچيل ـ خفي ٽيل.
● هَتيا ۽ هَتِيا: ث. صفت. هچا ـ مصيبت ـ آفت ـ آهدا ـ چٽي ـ غضب ـ قهر.
ـ هَتيارو ۽ هَتِيارا: ذ. صفت. هچارو.
● هَتيار: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● هَتيمُونْو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نوابشاهه ۾).
● هَتِيُ جَتِي: ث. صفت. ستي جتي ـ پاڪ ـ شريف ـ پوتر ـ معصوم ـ بي گناهه.
● هَتُ ۽ هَتَ: ذ. (سن. هَسْتَ > هَتْ). پرا. هَتو. هَتُ). بدن جو هڪ خاص عضوو ـ دست ـ چنبو ـ يدُ. (هاڻيءَ جي) سونبو. ڪپڙي وغيره ڪڇ جو هڪ ماپو ـ چئن چاڙڪين جي ڏيکهه. (صفت). واسطو ـ لاڳاپو ـ تعلق. (جيئن چوريءَ ۾ زميندار جو هٿ آهي). مدد ـ واهر ـ سهائتا ـ همراهي. قابو ـ اختياري ـ قبضو.
● هَتُ آتَلائِنْ: ڪم ۾ جلدائي ڪرڻ ـ سيگهه ڪرڻ ـ چڙ چوت ڪرڻ ـ جلدائي ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ هَتُ آڏڪائِڻُ: وڌڻ ـ هٿ چراند ڪرڻ ـ جهيڙو ڪرڻ ـ جهڳڙو ڪرڻ . واسطو رکڻ ـ لاڳاپو رکڻ ـ تعلق رکڻ .

ـ هَتُ آڇَڻُ: قبضي ۾ اچڻ ـ وس ۾ اچڻ ـ هٿ لڳڻ ـ ملڻ ـ لڀڻ ـ حاضر ٿيڻ ـ حاصل ٿيڻ ـ دستياب ٿيڻ ـ ميسر ٿيڻ . جاڻڻ ـ معلوم ڪرڻ .

ـ هَتَ آڌار: پنهنجن هٿن سان ڏنل قرض . هٿوهٿ ڏنل قرض ـ اعتبار تي ڏنل قرض ـ بنا گروي رکڻ جي ڏنل قرض . قرض حسنه .

ـ هَتَ آڌار ڏيڻ: پنهنجي هٿ سان قرض ڏيڻ ـ اعتبار تي قرض ڏيڻ . بنا گروي رکڻ جي قرض ڏيڻ ـ قرض حسنه ڏيڻ ـ هٿوهٿ قرض ڏيڻ .

ـ هَتاڙِيُ ۽ هَتاڙِيُون (ت): ث. هٿ جي تري.

ـ هَتَ آکَرُ: ذ. هٿ جا لکيل اکر ـ خود جا اکر ـ تحرير ـ لکت ـ لکڻي ـ دستخط ـ لکيت .

ـ هَتُ آگهَڻ (ت): تسلي ڪرڻ . ٺڏو ٺورو ڪرڻ ـ مهرباني ڪرڻ . بس ڪرڻ .

● هَتان پَوُ: پاڻ کان گناهه ٿيڻ ـ خود کان خطا ٿيڻ ـ ڏوهه ٿي پوڻ ـ قصور ٿيڻ .

"هتان تو پئي ٿيي ڪَڇو ڪيڇين کي ڪرين."
(شاهه)

ـ هَتاوڙو ۽ هَتاوڙا (ت): ذ. صفت. ننڍي هوندي کان پيار جو پالِيل ـ هٿ تي ڪير سان پالِيل جانور ـ نپايل ـ سانڍيل ـ نيهاڇ .

ـ هَتائُو ۽ هَتائُو: ذ. صفت. گهر جو پالِيل ـ هٿ جو نپايل ـ هٿ هيرو ـ دادلو ـ هٿ جو سانڍيل ـ هتاوڙو ـ هتايو .

ـ هَتايو ۽ هَتايا (ل): ذ. صفت. هتاوڙو ـ هتائو .

ـ هَتُ پِيڙ ڻُ: خرچ نه ڪرڻ ـ ڪنجوس هٿ ـ شومائي ڪرڻ ـ مرچونائي ڪرڻ .

ـ هَتَ تَرِيَل هُٿَنُ: تور جي اٽڪل پوري هٿ ـ هٿ ۾ ڪٽي تور جو اٽڪل روءِ صحيح اندازو لڳائڻ ـ اندازاً وزن جي خبر پوڻ .

ـ هَتُ تنگ هُٿَنُ: پئسي جي ڪمي هٿ ـ پئسي جي سوڙهه هٿ ـ جُو ڪائي هٿ ـ سوسائي هٿ ـ ڪوت هٿ ـ ڪنگال ٿي وڃڻ ـ مسڪيني گهر ڪري وڃڻ .

ـ هَتُ تَنگڻ: ٻڌڻ ـ سوال ڪرڻ ـ خيرات گهرڻ ـ ٻيڪ ٻڌڻ ـ منگڻ ـ ٻڪيا وڻڻ ـ محتاج ٿيڻ . اڌارو وڻڻ. عرض ڪرڻ ـ التجا ڪرڻ .

ـ هَتَ ٽارَڻُ: ڏيڻ ڪرڻ ـ رَڄ ڪرڻ ـ منشا مطابق ڪم ڪرڻ ـ اميد پوري ڪرڻ ـ دل جو خيال پورو ڪرڻ ـ من جي مراد پوري ڪرڻ ـ ڏوَ تي ڪم ڪرڻ ـ گهٽو ڪم ڪرڻ . دل جي ٻاهه ڪيڻ ـ خار ڪيڻ ـ ضد پورو ڪرڻ ـ مار ڏيڻ ـ غصو ڪيڻ ـ دل ٺارڻ ـ ٻاهه ڇنڊڻ .

ـ هَتَ ٽوڪَڻُ: هٿين خالي هڻڻ ـ سڃي جو سڃو هڻڻ ـ مسڪين هڻڻ ـ ڪنگال هڻڻ . تاڙيءَ ٽوڪ . مسخري ـ چرچو (ڪنهن جي ٻري حال تي مذاقيه طور) چرچا ڪرڻ .

ـ هَتُ پال: ذ. صفت. هٿن جو پاليل (ٻڪي وغيره) ـ پالتو ـ گهرو ـ نپايل ـ سانڍيل .

ـ هَتَ پانڊي ڪرائڻُ. همراهي ڪرڻ ـ مدد ڪرڻ ـ ڪم ڪار ۾ شريڪ ٿيڻ ـ واهر ڪرڻ ـ آڻي ويڙي ۾ ساهتا ڪرڻ .

ـ هَتَ پُڄَنڊِيُ ۽ هَتَ پُڄَنڊِيُون: ث. صفت. هٿ پُهچ ـ سگهه ـ طاقت ـ زور ـ پهچ ـ رسائي ـ توفيق ـ وسعت ـ وت آهر ـ پَهچ .

ـ هَتَ پُڄَڻُ يا پهچڻ: وس هلڻ ـ زور هلڻ ـ پُڄندي ٿيڻ ـ پهچ ٿيڻ ـ رسائي ٿيڻ .

ـ هَتَ پرشادِيُ ڏِيَڻُ (ت): ٺورو هٿ ۾ ڪائڻ لاءِ ڏيڻ ـ نالي ماتر گهڻ ڏيڻ . تِل قُل .

ـ هَتَ پَهُچ . طاقت ـ زور ـ ٻل . رسائي ـ هلندي ـ دسترس ـ پُهچ .

ـ هَتَ پَهُچَ ٽِيَڻُ: طاقت حاصل ٿيڻ ـ زور وارو ٿيڻ ـ پهچ وارو ٿيڻ ـ هلندي وارو ٿيڻ ـ رسائيءَ وارو ٿيڻ . سڪيو ٿيڻ ـ آسود و ٿيڻ ـ پئسي وارو ٿيڻ ـ شاهوڪار ٿيڻ .

ـ هَتُ پَهُچَڻُ: دسترس ٿيڻ ـ رسائي ٿيڻ ـ پهچ ٿيڻ ـ پڄندي ٿيڻ ـ هلندي ٿيڻ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ هٿ پيچ ۽ هٿ پيچ : ذ. بخيل ـ ڪنجوس ـ موذي ـ شوم ـ مرچوٽ ـ چمچوس.

ـ هٿ پير نہ ٽڪڻ: بيهوش ٿيڻ ـ غش ٿيڻ ـ خطا ٿيڻ. عجب ۾ پوڻ ـ حيرت زده ٿيڻ ـ وائڙو ٿيڻ. پارو لڳڻ ـ سردي لڳڻ. خوفزده ٿيڻ ـ ڊپ ۾ پرجي وڃڻ ـ پوڻي وڃڻ.

ـ هٿ پير ٽڪي وڃڻ: سخت پارو لڳڻ. بي هوش ٿيڻ ـ ٽپ نہ ٽڪڻ ـ ڪا گاله پڌي حيران ٿيڻ. هٿ پير نہ ٽڪڻ.

ـ هٿ پير چيو ڪرڻ: پورهئي يا ڪم ڪرڻ جي طاقت هڻڻ ـ ڪم ڪرڻ جي همت ٻڌڻ ـ ڏنڊي ڏاڙيء لاءِ دل جو چيو ڪرڻ ـ ڪم ڪرڻ تي ارواح وڙڻ.

ـ هٿ پير لڳڻ: وڃهه ماڻ. رسائي ٿيڻ ـ پهچ ٿيڻ.

ـ هٿ پير لٿڻ: (ت). زال جو ويٺم ڪرڻ ـ ويامڻ ـ هار چاڙهڻ.

ـ هٿ پير نہ گسندڙ: هرج يا چيهو نہ پوڻ ـ ڪنهن به قسم جو ٽوٽو نہ پوڻ ـ ڪاڏه تڪليف نہ اچڻ ـ ڪاڏه ڏڪيائي نہ ٿيڻ ـ ٻنا جاکوڙي جي قبضو ڪرڻ (ڪنهن شيءِ تي).

ـ هٿ پير هلائيڻ: پڄندي آهر ڪوشش ڪرڻ ـ وٽ آهر سعيو ڪرڻ ـ توفيق آهر همت ڪرڻ. پورهيو ڪري ڪائڻ ـ محنت ڪري ڪمائڻ.

ـ هٿ پير هڻڻ: هٿ پير هلائڻ ـ ڪجهه نہ ڪجهه ڪرڻ ـ محنت ڪرڻ ـ روزگار لاءِ حيلو ڪرڻ ـ مزوري ڪرڻ ـ جفاڪشي ڪرڻ ـ ڪوشش ڪرڻ ـ سعيو ڪرڻ ـ آدم ڪرڻ ـ ٻاڻ ٻٽوڙڻ ـ رزق ڪمائڻ. ٽڪڻ. ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ ـ پورهيو ڪرڻ ـ ڏنڊو ڏاڙي ڪرڻ.

ـ هٿ جس: فتحمندي ـ فتحيابي. فائدو ـ نفعو ـ لاڀ. جيت ـ ڪٽ ـ فتح ـ نصرت ـ ڪامياڀي ـ ڪامراني ـ هٿ شفا ـ هٿ جو فائدو.

ـ هٿ جس هڻڻ: هٿ ۾ شفا هڻڻ ـ هٿ ۾ فائدو هڻڻ. ڪيل ڪم لاءِ ناموس يا قدر هڻڻ. ڪامياڀي هڻڻ ـ فتحياڀي هڻڻ.

ـ هٿ جوڙو ڪرڻ: هٿ ڪي ڪنهن طعام سان چڪڻ.

ـ هٿ جوڙ ۽ هٿ جوڙون: ث. نيازمندي ـ انڪساري ـ التجا ـ عرض ـ وينتي ـ استدعا ـ التماس ـ منٽ ـ عاجزي. نرمائي ـ نهنائي ـ هيٺائين. توبهه ـ گيسي ـ الاهلا.

ـ هٿ جوڙ ڪرڻ: ميڙ منٽ ڪرڻ ـ عرض ڪرڻ ـ وينتي ڪرڻ ـ التجا ڪرڻ ـ عاجزي ڪرڻ ـ نيازمندي ڪرڻ. توبهه ڪرڻ ـ گيسي ڪرڻ ـ اِلائون ٻلائون ڪرڻ.

ـ هٿ جوڙ: آزي ڪرڻ ـ عرض ڪرڻ ـ مهرباني لاءِ عرض ڪرڻ. نيزاري ڪرڻ ـ ميڙ منٽ ڪرڻ ـ گيسي ڪرڻ ـ عاجزي ڏيکارڻ ـ توبهه ڪرڻ.

ـ هٿ جو سچو: هنرمند ـ ڪاريگر ـ جاڻو ـ هنري ـ قابل ـ هوشيار.

ـ هٿ جو مهيرو هڻجڻ: چور هجڻ ـ بي اعتبارو هجڻ.

ـ هٿ جي ٻڪي ڏيڻ: ٻئي ڪي نقصان پهچائڻ ـ ٻئي کي چيهو رسائڻ ـ هٿ جي کهائي کهٽڻ ـ ٻنهنجي هٿن سان ٻئي کي جوکو رسائڻ ـ چوري ڪرڻ ـ لمائي وڃڻ.

ـ هٿ جي پٽ: ناهري ـ انڪار ـ ناڪار ـ ڪورو جواب.

ـ هٿ جي پوڙي ڏيڻ: نقصان ۾ وجهڻ ـ چيهي ۾ وجهڻ ـ هٿ جي ٻڪي ڏيڻ.

ـ هٿ جي وڍي: ٻنهنجي هٿان ڪيل نقصان ـ ٻنهنجي نادانيء سبب ڪيل خرابي ـ پاڻهي پاڻ کي رسايل نقصان ـ ٻنهنجي بيوقوفيء سبب پاڻ کي رسايل ٽوٽو ـ ٻنهنجو ڏوهه.

ـ هٿ جي هڻڻ: ڪوڙ ڪالهائڻ. چالاکي ڪرڻ ـ ڪيڏ پکيڙڻ ـ انڪل بازي ڪرڻ.

ـ هٿ جهلڻ: ڏيڻ بند ڪرڻ (ڪاڏه شيء). بس ڪرڻ. اڳتي ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ ـ وڌيڪ ڪرڻ کان بس ڪرڻ. اطاعت قبول ڪرڻ ـ بيعت ڪرڻ ـ چيلو ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ هَتَ چَنَنُ: تمام سنو کاڏ و کائي هڏ چُوسڻ ـ کاڏي جو مزو وڃڻ. لطف وڃڻ ـ مزيدار کاڏ و کائڻ. کائڻ لاءِ گهٽي سڪ ڏيکارڻ ـ وڌيڪ کاڏي جي خواهش هجڻ.

ـ هَتَ چُرانڊَ ۽ هَتَ چُرانڊُون: ث. گستاخي ـ حرڪت ـ کيچل ـ مستي ـ اڻٽرائي ـ چُرچ ـ چيڙچاڙ. چورپ.

ـ هَتَ چُرانڊَ ڪَرڻُ: حرڪت ڪرڻ ـ چيڙچاڙ ڪرڻ ـ ڪاوڙسڪائي ڪرڻ. پرائي عورت جي آبرو ۾ خلل وجهڻ. چورپ ڪرڻ.

